سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو

سهيڙيندڙ:

ولي محمد طاهرزادو

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو

سهيڙيندڙ:

ولي محمد طاهرزادو

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو سنڌ

2007ع

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون　　سال 2007ع　　تعداد هڪ هزار

هيءُ ڪتاب سيد سڪندر علي شاهه ذڪي پريس ڪراچيءَ مان ڇپيو ۽
اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان ڪي پڌرو ڪيو.

انتساب

منهنجو هيءُ پورهيو انهن سيني سهڻن، سڄڻن، سرويچن ۽ سرفروشن جي نالي، جن جانبن جند جان جوکي ۾، جيءُ جنجل ۾ وجهي، سگوري سنڌ ۽ سپاجهڙن سنڌين جي سلامتيءَ ڪاڻ جاکوڙيو ۽ جفاڪشي ڪئي آهي، جو هن ساهه پساهه ڪان سرس پياري لطيف سائين جي سونهاري سنڌ کي وري سُهاڳ سَريو آهي.

سائين! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار،
دوسَ! مٺا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.

- ولي محمد طاهرزادو

ڇپائيندڙ پاران

ڪتاب "سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو" سنڌي ادبي بورڊ جي هڪ سگهڙ ۽ سياڻي ڪارڪن محترم ولي محمد طاهرزادي جو پورهئي جي سهيڙ آهي. هن ڪتاب جي شروعات، تاريخ ۽ ثقافت جي لاڳاپن ۽ هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿيڻ واري ڳالهه کان شروع ٿي سنڌي ٻوليءَ جي اڪٿ لفظي خزاني جي ذڪر تي وڃي پوري ٿئي ٿي.

محترم ولي محمد طاهرزادو ٽنڊوالهيار جو رهواسي هو، ۽ سنڌ جي اڳوڻي ڳوٺاڻي ٿهي جي "داستان گو" ۽ ڏاهپ واري سُهڻي گفتگو ڪرڻ واري ڏاهن ماڻهن مان هڪ هو. هن پنهنجو هيءُ پورهيو 1970ع ڌاري بورڊ جي حوالي ڪيو.

ولي محمدطاهرزادو بورڊ جي انهن چند ورڪرن مان هئو جنهن منهنجي نوڪريءَ سان گڏوگڏ لوڪ ادب ۽ ورثي کي محفوظ ڪري هڪ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. هن جا ٻارن جي وندر ورنهن تي لکيل ڪهاڻيون، رانديون ۽ سنڌ جي هڪ ڏاهي لوڪ ڪردار "وتايو فقير" وارا ڪتاب سندس حياتيءَ ۾ ئي بورڊ پاران ڇپجي پڌرا ٿيا.

هن ڪتاب جي مُنڍ، تاريخ واري ڀاڱي کان وٺي سنڌي ٻوليءَ جي لفظن واري خزاني "ٻڻ ٻٽياد" تائين سوڌ سنوار وارو ڪم بورڊ جي انچارج ايڊيٽنگ سيل عبدالحفيظ قريشي وڏي عرق ريزيءَ سان مڪمل ڪيو آهي.

سنڌ جي لوڪ ثقافتي ورثي جي رکوال ۽ هڪ لوڪ سڄاڻ ماڻهوءَ جو هيءُ پورهيو منهنجي ايام ڪاريءَ ۾ ڇپجي نروار ٿيڻ تي مون سان گڏ سڄي سنڌ کي ضرور سرهائي ٿيندي ۽ اميد آهي تہ سنڌ جي لوڪ ادب جي اِتهاس ۾ هيءُ ڪتاب هڪ عاليشان واڌارو ليکيو ويندو.

جام شورو، سنڌ
اربع ۹ صفر ۱۴۲۸هجري
بمطابق 28 فيبروري 2007ع

اعجاز احمد منگي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

دلي اظهار

گهڻن ڏهاڙن کان اهو خيال هانءَ ۾ هري رهيو هئم ته آخر سنڌي ساهت ۽ ٻوليءَ جو ڇا ٿيندو؟ هڪ پاسي پرڏيهي ٻولين جي والار ۽ ٻئي طرف مشيني دؤر اچي سهڙيو آهي. ڪيتي لاءِ مشنيون استعمال ٿي رهيون آهن ۽ ٿينديون رهنديون. اسان جو نار ۽ ڏاند پوک جو طريقو ۽ اوزار سڀ جا سڀ ڪنجي غائب ٿي ويندا. نه رڳو پوکون، پر اسان جي ڪرت: جن ۾ هزارين نج سنڌي ٻوليءَ جا اکر ڪتب پيا اچن سي پڻ بدلجي ويندا! ڪيڏانهن ويا گاڏير ۽ گاڏيون، گهاڻا ۽ چيچڙا، مانڌاڻيون ۽ ماٽيون، نِجا ڪير ته نِبار گيهه! ڏسان پيو ته انهن جي جاءِ تي مشينون ۽ موٽر ڪارون، اليڪٽرانڪ اوزار وغيره والارينداپيا اچن. تڏهن ڇا، سنڌي ٻوليءَ جو اُتوپتو گم ٿي ويندو؟ ڪيترائي لفظ متروڪ ٿي ويا آهن ۽ ٿيندا پيا وڃن. ڪن جي اصليت گم ٿيندي وڃي، ڪي ته گڏجي مسجي پنهنجو وقار ۽ اصليت وڃائي ويٺا آهن. ڪن جو پورو مطلب نڪي سمجهه ۾ تو اچي، نڪي ادا ڪري تو سگهجي. ٻوليءَ جي ڄاڻوئن هوندي، ٻولي هن طرح پائمال ٿيندي رهي، ته ڏاڍي ڏک جي ڳالهه آهي!

اسان جي ٻولي برجستي ۽ مڪمل آهي، منجهس ڪابه کوٽ يا گهٽتائي ڪانهي، پر نئين ٿهيءَ وارا اهو پسند نٿا ڪن، ته تُز اکر، جملن ۾ پنهنجي مطلب کي واضح ڪرڻ جي لاءِ سانڍي رکن ۽ انهن جي مالها ڦيرائيندا رهن. هاڻي ته مُرڳو خاص شين، خاص عضون جي جاين تي آگر رکي اشارا ڪيا ٿا وڃن. ڇڻ ته ٻولي گــهٽجي ۽ تنگ ٿي رهي آهي. اسان جا محاورا، پهاڪا، چوڻيون ۽ تجنيسون سڀ وئڙت وڃي ڇُڪيون آهن، جي سنڌي ٻوليءَ جي چند عالمن کان سواءِ ٻيا رڳو پڙهيل ڪڙهيل به ڪم ٿپائُو ٿي پيا آهن.

جنهن ٻوليءَ جا قومي ۽ عوامي شاعر موجود هجن ۽ پنهنجي ٻوليءَ کي ترقي وٺائڻ بجاءِ ٻين ٻولين جي انڌي تقليد ڪندا رهن ۽ پنهنجن اکرن، حرفن، لفظن، جملن کي ميساري وساري ڌاريون ترڪيبون، ۽ ترتيبون استعمال ڪرڻ کي فخر ڄاڻن ۽ دل ۾ اهو ڌيان ڌارين، ته اباڻي ٻوليءَ کي مالامال ڪري رهيا آهن، ته اهو ڪو چڱو مثال ناهي، جنهن به سماج ۾ اُن جي ٻوليءَ جو واهپو جيترو وڌندو ان جي ترقي ۽ بقا اوتري ئي ممڪن هوندي ۽ رهندي.

هن وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ نہ ڪو سائنس جا ايترا ڪتاب نقل ٿي آيا آهن، نڪي ڊاڪٽري يا سرجريءَ بابت ۽ نہ وري ڪي قانوني ڪتاب ترجمو ٿيل آهن. اجا ڪالهوڻي ڪالهہ جي ڳالهہ آهي، تہ سنڌي ٻولي ڪورٽن جي ٻولي هئي. قاعدن قانونن جا ڪتاب، آفيسن جا فارم، سيڪجهہ سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ انداز ملي سگهندا هئا. جنهن ڪتاب جي گهـُر ڪبي هئي، اهو سنڌيءَ ۾ ملندو هو. انگريزن جي زماني ۾ سنڌي ٽائيپ رائيٽر بہ تيار ڪرايا ويا هئا. سمجهيو هوسين تہ ٻولي پنهنجي منزل ڏانهن تڪڙا قدم کڻي رهي هئي، تہ پلو ٿئي ڪن جعفرن ۽ صادقن جو، جن اُسرندڙ عروج مند ٻوليءَ کي نپوڙي گهوگهاٽي مرڪز جي حوالي ڪيائون. ون يونٽ ڪونہ ٿيو، پر ٽڙيءَ تي ننهن آيو. ڪيڏانهن ويون اهي خوشحاليون تہ ڪيڏانهن ويون قيل مقالون! جو جت سو تت سڪي بيهي رهيو. پوءِ تہ نادرشاهہ جي ڪوس وانگر دهليءَ جو ٻار ٻچو، زال زنب، وهٽ وانو، ڪـُـنو ۽ ٻـَـڌو تي ويو. ڪي ساڙ سڙيل ٻهانو ۽ وجهہ ڇاڻي سڄي ملڪ ملير مٿان ڇانئجي ويا. ساڳي مدد خان واري قرمار، لٽ لُوهہ لڳي ويئي. ڪير ڪـُجهي تہ يڪدم ٽا الزام لڳن، وينا ڏسون عجب رنگ خدا جا، هتي اڄي جن پڳهر ٺاري وسرام وٺي ملڪيتون ٺاهيون ٻچا پاريا. عزت جي زندگي گذاري، سي خود قري قاڏا تي پيا. جن جون سوين مهمانيون ڪيون سين، ڪين ٽڏي ڇانوَ ۾ ويهاريو. جڏهن ملڪ ملير مرڪز جي حوالي ٿيو تہ اهي هوڙ دنگا تي بيٺا. ڪوڙن ڪليمن، ڪوڙن ڊوميسائلن ۽ سرٽيفڪيٽن جو ڪاروبار اوج تي وڃي پهتو. ڌرتي ڌڻين جي سموري ڪاروهنوار تي قلف لڳي ويو. فريادي بہ پاڻ تہ جوابدار بہ پاڻ، حاڪم بہ پاڻ تہ محڪوم بہ پاڻ. هاري بہ پاڻ تہ زميندار بہ پاڻ ٿي ويا.

”مڙيا مـَـڇَ هزار، ياڳا تيندي سهڻي“

جي مثال وانگر ملڪ ملير تي ويو، ڪنهنجي مجال جو ان بغداد بابت ٻڙڪ بہ ٻاهر ڪڍي سگهي، ڪو ڪـُـڇي تہ وات تي هٿ رکي پيا چونس تہ ميان مات ٿئي پلي.

”نڪي ڪـُـڇ نڪي پـُـڇُ اندر ۾ پيو لـُـڇ“

خدا جي ڪمهري تي آهي. پنهنجا ڏوهہ آڏو آيا آهن. اوپرن کي گهر جو سڀ سامان ڏيڪاريو اٿئون. هنن جي خدا ٻڏي، هنن پنهنجا گندا مندا، ڪامورا ڪرڙا الائجي ڇاڇا ڏياري موڪليا تہ: جهٽ ڪري ملير کي ڏهو ۽

ڪائنءَ. اهڙو سٽيوگراهہ وري هٿ نہ ايندو. اصل بيداد ننگري بنائي رکيائون. جيڪو مٺو سو ماريو، جيڪو ڇپيو سو ڦٻيو!

سچ آهي تہ الله سائين وٽ دير آهي، پر انڌير نـاهي. قـدرت نيـٺ پنهنجي جوش ۾ آئي بدقسمتيءَ جا ڏينهن پورا ٿيا. موسم آهر واهوندا وريا. ملڪ ملير بحال ٿيو، ”حق حقدارن بر سيد!“ اهو بہ شڪر ٿيو. ڪنهن جي نيڪ نيت ۾ گمان آڻڻ ڪفر آهي. جزاڪ الله. الله تعاليٰ دلين تي درجا ۽ پنڌ تي پاڙا مقرر ڪري ڇڏيا آهن.

خير، آءٌ پنهنجي مقصد ڪان هٽي البت ٻاهر پري نڪري ويس، تنهن ڪاڻ معافيءَ جو طلبگار آهيان.

سو ڳالهہ ٿي ڪيم ٻوليءَ جي، بيهار اوج تي آڻڻ جي، متروڪ ٿيل ورثو تہ وري انهن پيرن تي ڪين اچي سگهندو. البتہ جيڪو ذخيرو موجود آهي، ان کي ساهہ سان سانڍڻ جو پڪو پهہ ڪري. هن ڪتاب لکڻ کي لڳي ويس ورهين جي پورهئي تي، ٻارهن مهينن جي متا ڪُٽ ڪري ۽ ٿُڪرن ٺَاڪرن کي ناهي جوڙي اڄ هن کي مڪمل ڪري سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي ٿو ڪريان جنهن لاءِ لطيف گهوٽ فرمايو آهي تہ

”توتي لڄ لطيف آهي سنڌي عام!“.

منهنجا لايا سجايا ٿيندا، جي سنڌي ادبي بورڊ هن محنت جي قدرداني ڪري مون کي سرفرازي جو موقعو بخشيندو.

والسلام

ولي محمد طاهرزادو

اڱارو 10- مارچ 1970ع
بمطابق 2- محرم 1390هہ

فهرست

مهاڳ 19

واحد جي واکاڻ 31

منڍ: 33

مها ملڪ سنڌ

(سموترا)

سنڌ جي ثقافت تي اثر وجهندڙ واقعا .... 64 - 34

ڌارين جون ڪاهون ۽ جنگيون - ايراني - سڪندر اعظم - آريائي قومون - موريا گهراڻو - يوناني باختري گهراڻو - ستين گهراڻو - پارٿين گهراڻو - ڪُشن خاندان - ساساني گهراڻو - وهليڪا گهراڻو - راءِ گهراڻو - برهمڻ گهراڻو - عربن جون ڪاهون - محمد بن قاسم - هباري خاندان - محمود غزنوي جي ڪاهه - غوريءَ جي ڪاهه - سومرا گهراڻو - سمن جي اقتدار وڃڻ جي لوڪ روايت - سما گهراڻو - ارغون گهراڻو - همايون جي ڪاهه - ترخان گهراڻو - مغل - دائود پوٽا - ڪلهوڙا گهراڻو - نادر شاهه جي ڪاهه - ٽالپر خاندان - اعظم خان جي ڪاهه - شاهه شجاع جي ڪاهه - انگريز جي حڪمراني - سنڌ جي بمبئيءَ کان انتظامي جدائي - پاڪستان جو ٺهڻ - ون يونٽ - ڏڪار - بيماريون - سنڌونديءَ - سنڌونديءَ جون اُٿلون ۽ ٻوڏون - سنڌ جون سرحدون - آزاديءَ جا متوالا.

باب پهريون: .... 107 - 66

سنڌي ٻولي ۽ ساهت جي اُپٽار

- نئين ۽ پراڻي پوشاڪ - سنڌ جي سکر ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي - حويلي يا جاءِ جي بيهڪ - حڪمت خانو يا شفا خانو - گهرو انتظام - جمعي جي نماز ۽ ڪچهري - ڪکانوان گهر - جاين جو اسلح - پاڻي پرڻ جو طريقو - پاڻيءَ جي ڪم آڻڻ جا برتن - کائڻ پيئڻ جي ڪم ايندڙ باسڻ - رڌڻي جو اسباب - اناج رکڻ جو بندوبست - شادي/وهانءُ جو رڌ پچاءُ - گهرن ۾ پٽ تي وڇاڻو - گهر جي صفائي -

پٽين جو سينگار - ڪپڙا رڱڻ واسطي پرهو - زالن جي سينگار جو سامان - ٻارڙن لاءِ سامان - ڇڙچند ۽ پيهڻ جا ٿانءُ - ولوڙو ڪرڻ - سُٽ ڪتڻ - ڪپهه تاڻڻ - سهائندا سخن چوندڙ ماڻهو - ننگائتا ۽ وڙائتا ماڻهو - ڪچهريون.

باب ٻيو: .... 136 - 108

ريتون رسمون

پرڻي جون رسمون: سڱ جي ڳولا - زالاڻي ڳالهه ٻولهه - مرداڻي ڳالهه ٻولهه - نينگريءَ جو وارث - مائٽيءَ جي پڪ - مائٽيءَ کان جواب - پڌريءَ جي ريت - ٻائرن جا اڳواڻ - ٻائرن جو ميڙ - ٻائر پرچائڻ - مڱڻي جي رسم گهوٽيتن ۾ - مڱڻي جي ريت ڪنواريتن ۾ - ڏينهن چٽا ڪرڻ / ڏينهن ونڻ / ڏينهن ٻڌڻ - ٻُڪيءَ جي رسم - گهرُ چٽڻ - شاديءَ جي تياري - ونواهه جي ريت - گهوٽيتا پرپ - ميندي لائڻ - ڳانو ٻڌڻ - گهوٽ ونواهه ويهارڻ ۽ تيلاڙي جو ساٺ ڪرڻ - ڏڪ ويهارڻ - سرور هٽائڻ - پڙو يا ڪونو ڏيکارڻ - ڄڄ نڪرڻ - اوجاڳو ڪرائڻ - ڪنڌڙي / سائي تاري وڄائڻ - نڪاح پوڻ - گهوٽ وهنجارڻ ۽ ڪپڙا ڍڪائڻ - سرگس جي تياري ڪرڻ - ڏانوڻ ڏائڻ - راڻ جهانءِ ڪرڻ - ڍڪڻي پچڻ - ڪنواريتا پرپ - تيلاڙي جو ساٺ - تار گهمائڻ - گهڙي ڀرڻ - ڏاجو يا ڏيپ ڏيکارڻ - مينڊو ڪولڻ ۽ ڪنوار وهنجارڻ - ڪنوار کي سينگار ڪرائڻ ۽ ويس ڍڪائڻ - سيج تيار ڪرڻ - لائون لهڻ - کير پيارڻ جو ساٺ - مانڌاڻيءَ جو ساٺ - ڍامڻ نڙيون / وڄڻيءَ جو ساٺ - سونگي يا سونگيءَ جو ساٺ - مُٺ ڪولڻ يا ڏوري ڇوڙڻ جو ساٺ - تر مٺڻ جو ساٺ - قل چوندائڻ - ڪنوار جو منهن ڏسڻ - نيڪيتي - لاڳ ڏيڻ - ستاوڙو - ڪنوار کي ڪُنهبا ڍڪائڻ - **ڇٺي جي ريت:** ڇٺيءَ رات ملهائڻ - عقيقو ڪرڻ - جنڊ / جاد - وڏاڻو - **سُنت يا طهر جي ريت:** - ڏِک - سرگس - طُهر - گهر اندر ريت.

باب ٽيون: .... 158 - 137

لوڪ ناچ وارا گيت

(الف) ڏانڊيا /ڏوئنڪا ناچ (ب) ٻحراڻي تي ڇيڄ ناچ (ج) دهٽ تي جهمر ناچ - جمالو ناچ - ٽلو ناچ - مواڻي ناچ - مسيندو ناچ - واهه ڙي ڪُٺا واهه ڙي ڪُٺا - سانگ ناچ.

باب چوٿون: .... 204 - 159

ڳيچ

ڳيچ - سهرو - ساٽ ڳيو - ڪامڻ - هيرو ڦوڻاٽو - لوڪ گيت - ڳيچن جا قسم - پُٽ ڄمڻ - اُميد پوري ٿيڻ جو سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ ۽ مُجرو - ڇنيءَ جي مبارڪن جو سنڌي سرائڪي ڳيچ - پينگهي لوڏڻ جو سنڌي، سرائڪي گيت، ڳيچ ۽ سهرو - مڪتب ۾ ويهارڻ جو سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ - طهر ويهارڻ جو سنڌي ڳيچ - وڏاٽيءَ جو سنڌي ڳيچ - شاديءَ جي تياريءَ - دعا جو پيراڻو سنڌي ۽ سِرائڪي ڳيچ ۽ سهرو - مڱڻي جو سنڌي ڳيچ ۽ سهرو - ٻُڪيءَ جو سنڌي سِهرو - رنگ هٽڻ جو سرائڪي ۽ سنڌي سهرو ۽ ڳيچ - گهوٽ جي ساراهه ۽ ڇني جو سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ ۽ سهرو - ڪنوار ۽ گهوٽ جي ونواهه ۽ تيلاڙي جو سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ -شاديءَ جي زيورن، ڪپڙن ۽ ڏاج جو سنڌي ڳيچ ۽ سهرو - ڄاڃين جي آڌر ڀاءُ/ مرحبا جو سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ - ڳاني ٻڌڻ جو سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ - ڄڃ جو سنڌي، سرائڪي ۽ پيراڻو ڳيچ - گهوٽ ۽ ڪنوار کي ڏک وهارڻ جو سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ - ڄڃ جو سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ - ڪنواريتن ۾ پهچڻ جو سنڌي ڳيچ - شاديءَ جي خوشيءَ جو سنڌي ڳيچ ۽ سهرو - شاديءَ جي خوشيءَ جو پيراڻو سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ - گهوٽ جي جاڳي جو سنڌي ڳيچ ۽ سِهرو - گهوٽ جي جاڳي جو پِيراڻو ڳيچ - ڪوني جو سنڌي سهرو ۽ ڳيچ - تيلاڙي جو سنڌي ڳيچ ۽ سهرو - ٽار جو سنڌي سهرو - ٽاري ڪپڻ جو سنڌي ڳيچ، سِهرو ۽ پيراڻو ڳيچ - گهڙي پرڻ جو سنڌي ڳيچ، سهرو ۽ پيراڻو ڳيچ - گهوٽ جي وهنجارڻ جو سنڌي ڳيچ ۽ سهرو - مينڌي چوڙڻ جو ڳيچ ۽ سهرو - ڪنوار کي وهنجارڻ ۽ ڪپڙا پهرائڻ جا ڳيچ ۽ سهرا - گهوٽ کي ڪپڙا پهرائڻ جو سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ ۽ سِهرو - پڳ ٻڌڻ جو ڳيچ ۽ سهرو - موڙ ٻڌڻ جو سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ ۽ سِهرو - هار پائڻ جو ڳيچ - ڪنوار جي سينگار ڪرڻ جا ڳيچ - سرگس جا سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ ۽ سهرا - نفل پڙهڻ جا ڳيچ ۽ سهرا - ساهرين پهچڻ جا ڳيچ ۽ سهرا - سيج جا سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ ۽ سهرا - قل چوندڻ، ڪير پيارڻ جا ڳيچ ۽ سهرا - لائڻ جا سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ - مبارڪن جا سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ - گهور جا سنڌي، سرائڪي ڳيچ ۽ سِهرا - ڪنواريتن ۾ رات ٽِڪڻ جو ڳيچ ۽ سهرو - نيڪتيءَ جو سنڌي ڳيچ - گهر ڏانهن موٽڻ جو سنڌي ڳيچ ۽ سِهرو - گهر پهچڻ

جا سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ ۽ سهرا - ڪنوار جي ساراهه جو سنڌي ڳيچ -مرادون پچڻ جو سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ ۽ سهرو - ڪنوار جي پيڪن جو سنڌي ۽ سرائڪي ڳيچ ۽ سهرو - ساٿ ڳيا: ٻڪي جو ساٿ ڳيو - مهري ۽ مانڊاڻي جو ساٿ ڳيو - چني جو ساٿ ڳيو - سانجهڙيءَ جو ساٿ ڳيو -تيلاڙي جو ساٿ ڳيو - ڏانون ڏانئڻ جو ساٿ ڳيو - راڻءِ جهانءِ جو ساٿ ڳيو - لائڻن جو ساٿ ڳيو - تر مٺڻ جا ساٿ ڳيا - وجڻي جو ساٿ ڳيو - اٽين جا ساٿ ڳيا - کير پيارڻ جا ساٿ ڳيا.

ڦل چوندڻ جو، ڳنڍ يا ڏوري جو، کير پيارڻ جو، ڪالڪ مُٺ ڇڏائڻ. (ج) ڪامڻ (ڍاٽيڪو) (د) هيرو يا ڦوٽاڻو (سنڌيڪو ۽ ڍاٽيڪو) (هه) لوڪ گيت: جمالو - ڇلڙو - مورو - لولي - ٻيلڻ - ڍولو - گامڻ - موڏي - ڪانگلڙو - ڪارڙو - سرور جاڳو.

باب پنجون: - **218 - 205**

زيور يا ڳهڻا

- مٿي جا زيور - فئشني - ڪنن جا زيور - فئشني ايرينگ - نڪ جا زيور - فئشني - ڳچيءَ جا زيور - فئشني: - ٻانهن يا ڏوري جا زيور - هٿ جي ڪرائي جا زيور - فئشني: - هٿ جي آڱرين جا زيور - پير جي پنيءَ جا زيور - پير جي آڱرين جا زيور - متفرقه: ڳهن ۽ زيورن تي نظم.

باب ڇهون: - **280 - 219**

ٻرمن جو رواج (الف) وهمن جا وسيلا: (219 - 236) ڏيءَ يا پُٽ ڄڻ بابت سَنوڻ - ٻار صفا نه ڄمي اُن جا سَنوڻ - خاص پُٽ ڄڻڻ جا سَنوڻ - ويم ڪرڻ ۾ دير پوڻ جا سَنوڻ - ويم جي سوڪائي ڪاڻ - ڄم بابت چوٽيون - ٻار جو نالو رکڻ - باس باسيل ٻارن جا نالا - اُميدن پريا نالا - اُگرا نالا - ٻار جي حفاظت جا سنوڻ - ٻار کي هنڌ تان کڻڻ ڪان پوءِ - ٻار جي روح راڙي جا سنوڻ - کُهائي - کُهائيءَ جا جتنَ - ٻار نه ٻچي، تنهن جا سنوڻ - ٻار جي ٻچڻ جا سنوڻ - ٻار ٻچڻ ڪاڻ ٻار وڪڻڻ - ٻار بابت وسوسا: - ڳهڻا ٻار نه ڄمن ان لاءِ سنوڻ - جلد جلد ٻار نه ٿيڻ جا سنوڻ - تج وڌائڻ جا سنوڻ - ٽڪڙ ٻار جا سنوڻ - ٻار جون بيون حالتون - هنڌ ۾ ڪاڪوس ڪرڻ جا سنوڻ - ڏانوڻ پيل ٻار جا سنوڻ - ڏندن ڄمڻ بابت وسوسا - مرڻ بابت وهمَ - تيرهن تيزين / تيجن جا سنوڻ - تيرهن تيزين ۾ مئل جا سنوڻ - پنجڪين ۾ مئل جا سنوڻ - موت واري جون نياريون حالتون - حيلي اچڻ وارا حرف.

(ب) پرمن جون بيماريون: (237 - 280) علاجن جا نمونا - ٻارڙن جي بيمارين جا سنوڻ - ٻارن جو ڏيڄڙو - مار - ماتا ۽ ان جا سنوڻ - گهوبي يا ڪرٽيي جا سوڻ - گهوبي جو ڪرمت - اُم الصبيان / ٻاراٽو - ڪليون، ڪوئليون يا ڳلڦڙا پرجڻ - نڙيءَ جو ڦٽ يا ڪنڊڙي جا سنوڻ - ڪاڪڙي ڪرڻ جا سنوڻ - واڻل يا اک جي لاڻ لڳڻ جا سنوڻ - اک جي آنڙيءَ جا سنوڻ - اکين جي چوٽ جا سنوڻ - اکين اُٿڻ جا سنوڻ - بيمار ٿيڻ جا سنوڻ - مُتڻ جي بيماريءَ جا سنوڻ - ڪِڪ يا سنهڙين ڦرڙين وارو مرض - ڇڪي پوڻ جا سنوڻ - ڏنَ ڇڪي - وائي سور جا سنوڻ - متي ۾ پٽ نڪرڻ جا سنوڻ - ڇُڪ پوڻ جا سنوڻ - هَئو يا ڦڻ جي ڪوئي جا سنوڻ - ڪنڌ ۾ ورَ جا سنوڻ - ڏندن اچڻ جا سنوڻ - ڏندن ڪرڻ جا سنوڻ - هڏڪي ٿيڻ جا سنوڻ - منهن تي ڇٽي يا اڇا داغ ٿيڻ جا سنوڻ - مرگهي ٿيڻ جا سنوڻ - ڪرائي ۾ سور يا ڳاني پوڻ جا سنوڻ - ويلڻ چڙهڻ جا سنوڻ - ٻرهال يا هيانچي جا سنوڻ - پيٽ جي سور جا سنوڻ - ننڍڙن ٻارن جي پيٽ جي سور جا سنوڻ - پنواٺي يا مغز جي ڦيريءَ جا سنوڻ - سائي يا يرقان جا سنوڻ - ويلڙي جا سنوڻ - اَڌ متي جي سور يا سج آوتي سور جا سنوڻ - متي وڏي پوڻ جا سنوڻ - چاپاڪي يا شُفقي جا سنوڻ - سرُٽي ٿيڻ جا سنوڻ - ڏاٽ جي سور جا سنوڻ - ڪونگهرن يا گوگهرن هٽڻ جا سنوڻ - سيئي يا مليريا جي تپ جا سنوڻ - شام جو روزانو تپ اچڻ جا سنوڻ - رات جو ايندڙ تپ جا سنوڻ - منجهند کان ٻئي ڏينهن تائين هلندڙ تپ جا سنوڻ - ٻيٽڙ يا واري جي تپ جا سنوڻ - ٽيٽڙ تپ جا سنوڻ - اولڙي جا سنوڻ - سٽ پوڻ جا سنوڻ - ڏندڻ پوڻ جا سنوڻ - لُوءِ يا جهولي لڳڻ جا سنوڻ - ڪچوراڙيءَ نڪرڻ جا سنوڻ - بُت. ڊوهہ يا ڪامڻ ڪيائڻ - مُلن کان فال وجهائڻ - لڳت يا جنن جي بيماري جا سنوڻ - فقيرن جو ڊونگ - جنن ڪڍڻ جو ڪريب - چتي ڪتي جي چڪ جا سنوڻ - رواجي ڪُتي جي چڪ جا سنوڻ - جهاڙون: - بلا يا نانگ جي چڪ جا سنوڻ - وڇونءَ يا پَتونءَ جي ڏنگ جا سنوڻ - جهاڙ جا نمونا - ٻئي ڪنهن زهري جيت جي ڏنگ جا سنوڻ - خاص بيمارين جا خاص سوڻ - بدنظر لڳڻ جا سنوڻ - بد نظر - سنساري سنسا: - چنڊ گرهڻ يا سج گرهڻ جا سنوڻ - گرهڻ جا نقصان - ايڙها پيڙها لهڻ جا سنوڻ - توَنَ يا رزق جي تنگي ٿيڻ جا سنوڻ - هوائن جي لڳڻ ڪاڻ چوٽيون: - واڇوڙي بابت - مينهن نہ وسڻ بابت - وسندڙ مينهن کي بند ڪرڻ جا سنوڻ - مينهن وسائڻ جا سنوڻ - مينهن وسائڻ جا ڪرمت - مينهن بابت وهمي ڳالهيون - ڪنوَڻ ڪِرڻ جا سنوڻ - چوپائي مال بابت سوڻ: - سَمهڙي جا سنوڻ - ڪيڙا پوڻ جا سوڻ - مکڻ سيٽڻ جا سوڻ - سيٽڻ کان بچاءُ جو طريقو - عمر وڏي

ٿيڻ جا سنوڻ - چمار نندي ٿيڻ جا سنوڻ - اڏاوتن جا سنوڻ - ڪوهه جي چَڪ جا سنوڻ - دانگي يا ٿئي جا سنوڻ - ڪپڙن ڌوئڻ جا سنوڻ - آچار يا سانداٽي جا سنوڻ - ويسر جا سنوڻ - نقصان يا نياڳ واريون حالتون: - ڪم ٿين جا سنوڻ - ڪم نه ٿيڻ جا سنوڻ - سياڳ جا سنوڻ - مهمان اچن جون حالتون - ڏڪار پوڻ جون حالتون - گلا جا سنوڻ - مسافري ڪرڻ بابت - اڳلي جي بڪيو هئڻ ڪري نقصان جا سنوڻ - عجيب غريب ڳالهيون - ڳالهه جي سچائيءَ جا سنوڻ بيا مثال - هسا نڪرڻ جا سنوڻ - جهيڙو يا نه ٿيڻ جا سنوڻ - مرڻ ۽ مئل ماڻهوءَ جا سنوڻ - فال وجهڻ جا ڏنگ - وهمن کي پڪو ڪندڙ ڳالهيون: - تاريخي ڳالهيون - پارس ۽ سون جو پرمي ڳالهيون - سونُ ناهڻ جو مهوسين وارو نسخو.

باب ستون: .... 302 - 281

مرڻي جون رسمون

- بيماري ۽ سڪرات - خيرات ڪرڻ - ميت جي سرانجامي - سگهري مرد جو ميت: - جوڙي پوتي يا ڪفن آڻڻ - جوڙي پوتي ناهڻ - تڙ يا غسل جي تياري - تڙ يا غسل ڏيارڻ - ڪفن ڍڪائڻ - منهن ڏسڻ يا لاش ڪان موڪلائڻ - جنازو مقام ڏانهن کڻي هلڻ - جنازي نماز - قرآن بخشائڻ - بخشان بخشي ڪرائڻ - قدم ڏيارڻ - پرانهين هنڌان لاش آڻڻ - قبر کوٽڻ ۽ ناهڻ - لاش قبر ۾ دفن ڪرڻ - ميت ڪاڻ دعائون گهرڻ - مقام تان موٽڻ - لاش امانت طور دفنائڻ (الف) مڙساڻو پٽڙ وجهڻ (ب) زالاڻو پٽڙ وجهڻ - سياڪي ڪاڻ اچڻ - ڏينهن يا وار ڪرڻ - عدت ويهڻ - متا ذوئڻ - ڪڙيون ڪنيون ڪرڻ - فقير ڪارائڻ / ختمو ڏيارڻ - ڪند (اُڪندَ) ڪجڻ - عدت مان اُٿڻ - - چڙي / ڪنواري جو ميت: - لاش سينگارڻ - زال زائفان جي ميت: - لاش سينگارڻ - بار .و ميت: - ميت سينگارڻ - ترڪو ۽ ورثو - مقام سان لاڳاپا: قبر تي وڃڻ - مٽي سان ناتا نياٽڻ - اوسارا ۽ پار - پرٽيل مرد تي پار - پيءُ ماءُ تي پار - پائرن تي پار - پٽ تي پار - ڌيءُ تي پار - اميرن، پيرن، سيدن ۽ مرشدن تي پار- عام پار - ٻيتن ۾ پار.

باب اٺون: .... 311 - 303

ڏهاڙا ملهائڻ

- سنوين واري عيد (عيد الفطر) - حشر جو ڏينهن: - مرثيه - لولي - نوحو - رباعی - سلام - فرياد - فاتحہ - مرثيو.

باب نائون: .... 312 - 319

پراڻا هنر ۽ ڪاريگريون

- ڪاشي - مناپون - هاج - ٽڪون يا ڪچ - ريشم يا پٽ جو ڪم ۽ اُن جي تاريخ - رڳاوٽ - جنڊي - وارن مان جڙيل سامان - چمڙي جو سامان - رليون - تاڻ - ڪکن ۽ ڪاڇرن مان نهيل شيون - ڪتون واڻ - ٽوپيون ناهڻ.

باب ڏهون: .... 320 - 371

عام وندرون

1. ڪوڏاڪا: (الف) پُتاڻا ڪوڏاڪا (ب) ڏيئاڻا ڪوڏاڪا - 2. آڪاٽيءَ جي ڪٽڻي ۽ کهاوت - باراڻا بول - پکي ڏارڻ جون وندرون: - چتونءَ جون جونگارون - بيا پکي: - ڪڪڙ - ڪڪڙ ويڙهه لاءِ تيار ڪرڻ - تتر - بانشو، باز ۽ شڪرو - ڪتا ۽ ٻلا: - لوڏون - نسلي نالا - ٻلو ۽ ٻلي - چترون، چڙون، سنون، جنيون، چرچا، پوڳ ۽ مذاقون: - چترون - چڙون - ٺٺوليون شڪار ۾: - جنگ جي ميدان ۾ - شاديءَ وهانءَ ۾ - سنون - مسخريون: (1 کان 8) - پوڳ: (1 کان 7) - پهاڪن ۾ ٺوڪون

باب يارهون: .... 372 - 376

راند روند

1. راند روند: - راند جي شروعات - آڳ ڏينڊڙ - ٽولي يا ميڙاکي واريون رانديون: - چتو تہ ڪاتو - کهڙو پچي؟ - سرائي وارو سگڻ - ننڍيون باراڻيون رانديون: - ٻليءَ پيرڙو - گل گلولي - سرڻ ۽ باز - لال قيري گل قيري - چرک پرائڻ ۽ مختلف قسمن جون رانديون.

باب ٻارهون: .... 377 - 419

پاڻي ۽ پوکون

1. پاتالي پاڻي 2. مينهن جو پاڻي 3. (الف) دريائن جو پاڻي: (ب) نئن واهہ ۽ قاٽ - - پوکون: (الف) پاڻي ڏيڻ (ب) مندون ۽ مهينا: (ب) 2: مهينا - - نکٽ يا نچتر - زمين يا ڌرتي: - زمين جي ماپ - بيون ماپون: - کوهن جي ماپ -

پٽين جي ماپ - ڪاٿي ۽ ڪامن جي ماپ - ڪيتيءَ جا اوزار - ڪڙم ڇاهي؟: - نظم - هاري - زميندار يا مُجيري - هارين تي نظم. ڪافي 1 ۽ ڪافي 2 - ونڊيون - پوکڻ جا طريقا: - چرخي - موڪي - ڇاهي - باراني - سيلابي - اڳومت ڪرڻ: - پڙ واڏو ڪٽڻ - تڙ ڇا آهي؟ - نار جي بناوت: (الف) ڇٽ جي بناوت (ب) ڇڪر جي بناوت (ج) پانڊي جي بناوت - ويساهون يا لهڪڻ - مالهه - نار يا هرلو چاڙهڻ (ج) ڇٽ چاڙهڻ - پڙ ۽ مَنهُ - هُرلي ۽ نار تي نظم: - بيون حقيقتون - زمين ڪمائڻ: - ونگاريون - هرَ جي بناوت: - هرَ جي پاڳن جو وچور - ڏانڊريءَ جي بناوت - هرَ ۾ ڏاند جوٽڻ - هرَ ڏيڻ: سُڪي ۽ سائيءَ جا - بولاٽا - پاٽيءَ واهي اچڻ: - وهٽ واهڻ - هرلي ۾ جوٽڻ - بينارا وهٽ ۽ جوڳون - ريج ڪرڻ.

باب تيرهون: .... 420 - 447

فصل

پوکون: - باجهريءَ جو ٻج ڇٽڻ - سانهَرَ سانٺر گهمائڻ - باجهر جون جنسون - جهار هڪلڻ نظم - ڪانياٽي: - هڪلون - وائي - سٽي - تِرَ - ووئنڻ: - ووئٽن جا مرض - جوئر - تماڪ - ڪمند - ساريون ۽ نظم: - سارين جا مرض - موڪي (نيون پوکون): - چيٽ - نظم - ڪٽڪ جا مرض - لابارو: - نظم - ڪرو - لاهيارا - نظم - اَن ڳاهڻ: - هَلَر هڪلڻ - پهلوٽا - ان وائرڻ / اوڏڻ: - ڪنڊي - اناج - اَن جي تور ۽ بنٺي: - ڳٽپ ۽ مٺڻ - ٻهيون باندڻ: 1. سون تورڻ جي جدول 2. وکر تورڻ جي جدول 3. اناج مٺڻ جي جدول 4. ناٽي جي ڳٽپ جي جدول - آباديءَ جي ڪاروهنوار تي نظم - هارين جا اصطلاح

باب چوڏهون: .... 448 - 462

سگهڙ جوين جو پور هيو ڪار هيو

چرخو چورڻ: - آٽڻ ۽ چرخو - چرخي جي بناوت - ڪتڻ - پيسائي: - اَن ڏرڻ - جنڊي - چڙ - چنڊ - اُڪري يا ننگهه - جنڊ: - پيهڻ - سُئي جو پورهيو: - ڪپڙو سبڻ - پرت پرڻ - پور - رليون سبڻ - سرمو ستارو پرڻ - موتين جي پوچ - اڳٺ اُٽڻ: - پٽهڙ - اڳٺ - ڄارياوان - اڳٺ - ڪچ يا ڪانچ تِڪون: - ڪچ پچڻ - ڪچ ڪورڻ - اوبڻ: - اوبرو - مَنجڻ - سيون جوڙڻ - بيڙيون بڌڻ - بيا عام پورهيا .

باب پندرهون: **538-463**

پالتو جانور

اُٺ: - ننڍيپڻ - نالا اُنن جا - نسبتي نالا - اُنن جا رنگ - پنڌ - گاشو مهريءَ جو - سينگار مهريءَ جو - لاڏونءِ جو پلاڻ - ڪجائو - لاڏوءِ جي ٽنڊ - اُٺ جوٽڻ: - گهاٽي جي بناوت - چيچڙو - گاڏي - اُٺ جو بيان - اُٺ جون بيماريون - **گهوڙو:** - نالا - رنگ - نظم - نشانيون - گهوڙن جا ڪم - پيدائش - پنڌ سيکارڻ ۽ سنجڻ: - هنو - بار واري گهوڙي جا سنج - پنڌ: - وڪون - سوار - گهوڙن جا ٻيا ڪم - جنگي گهوڙا - ذوالجناح - سرڪس جا گهوڙا - گهوڙي جو بيان: - ڪاڌو - مشهور گهوڙا - گهوڙن جون بيماريون - علاج - **خچر ۽ گڏھ:** - گڏھ جا رنگ - گڏهن جا نسبتي نالا - گڏهن جا ڪم - ڪاڌو - گڏھ پلاڻڻ - پنڌ - گاڏيءَ ۾ جوٽڻ - گڏھ جو بيان - ڳئون - **ڳائو مال:** - چمار بابت - ڳئن رنگن موجب نالا - سڱن موجب نالا - ڪم - بيل گاڏيءَ جي بناوت - قسم ڍڳن جا - سينگار جو سامان - مال پهرائڻ - ڏهائي ڪرڻ - کير مان نهندڙ شيون - کير مان ڏڌ، مکڻ ۽ گيھ ناهڻ - مانڌاٽيءَ جي بناوت - **مينهون - ماهو مال:** - رنگن موجب نالا - سڱن موجب نالا - اکين موجب نالا ۽ پيار جا نالا - چمار بابت - ڪرت يا ڪم - بيان - مال جو وٿاڻ - مال چرڻ ڪاڻ نيڻ - ڏهائي يا ڏوپ - ڍورن جون بيماريون - سمهڙو - ڪيڙا پوڻ - ڪني واءُ - ڪارو واءُ - گهٽي يا گوگهي - ٽڏي - ويائل ڍور - ڦر جو پيٽ ۾ مرڻ - چن - اوگهر يا انگارو - ڦر جو امهاڙو اچڻ - اهنڊ ٽيڻ - وروهي - ايرو ڍور ٽيڻ - **رڍ:** - رڍ جا قسم - بيماريون - بيان - **ٻڪري:** - ڦرجڻ - نالا - چمار - ٻڪرين جا قسم - سنڌي - ڪاموري - لاکي - ٻري - جبلي - ٽري مڱياٽيون، ٻگي ٿوري - ڪنن موجب نالا - سڱن موجب نالا - ٻيون حالتون - ٻڪريءَ جو ويم - ڪاڌو - ٻڪريءَ جو بيان - ٻاڪري کير جا فائدا - ٻڪرين جون بيماريون - وڌيڪ فائدن واريون حقيقتون

باب سورهون: .... **562 - 539**

انساني سڃاڻپ جا اڪر: عورتن بابت (الف) مٿ مائٽ - انساني عضون جا نالا: 1. ڳاٽ جا عضوا 2. ڳچيءَ جا انگڙا 3. منهن جا انگڙا 4. وات جا انگڙا 5. نڪ جا انگڙا 6. اکين جا انگڙا 7. ڪن جا انگڙا 8. مٿي جا انگڙا. (ب) ڌڙ جا عضوا: 1. ڇاتيءَ جا انگڙا 2. پيٽ جا انگڙا 3. پٺيءَ جا انگڙا 4. چيلھ جا

انگڙا 5. ٻانهن جا انگڙا (ج) وارن جو بيان - عيب يا وڏن وارا لفظ: (الف) اک جا عيب (ب) مٿي جا عيب (ج) نڪ جا عيب (د) ڪَن جا عيب (هـ) وات جا عيب (و) ڏڙ جا عيب (ز) ٻانهن ٽنگن جا عيب (ع) ڪنڌ جا نمونا (ط) انسانن وارا آواز (ي) جاندارن جا آواز (ڪ) بيجان شين جا آواز 12. گلائي يا گھٽتائيءَ وارا لفظ: - ننڍڙن ٻارن واسطي لفظ - **ڪي سمجھاڻيون:** (556) (الف) چوٽيون - پهاڪا (ب) وڏيڪ معرب لفظ (ج) غلط جملن جو استعمال، اکرن جي کوٽ (هـ) گھٽي معنيٰ رکندڙ لفظ. صحيح صورتخطي وارا لفظ (و) گھٽي معنيٰ رکندڙ لفظ.

باب سترهون: .... 604 - 563

بڻ بنياد

الف: عربيءَ جا مدغم ٿيل لفظ.
ب: فارسيءَ جا سنڌيءَ ۾ سمائجي ويل لفظ.
ج: انگريزيءَ جا سنڌيءَ ۾ سمائجي ويل لفظ.
هـ: مقلوب سنڌي لفظ.
- جمع جا لفظ.
- ذاتن جو بنياد سنڌيءَ ۾.

*

مهاڳ

دنيا جي سمورن قومي سماجن جي ڪلاسيڪل ادب جو بنياد سندن لوڪ ادب ۾ آهي، انهيءَ لوڪ ادب جو سرجڻهار عوام آهي. اِهو لوڪ ادب پيار ۽ محبت جي داستانن وانگر سينو بہ سينو سفر ڪندي هـَرِ پراڻي پيڙهيءَ کان نئين پيڙهيءَ تائين پهچي ٿو. سنڌ جو لوڪ ادب ۽ لوڪ ثقافت جو تاجي پيٽو سنڌ جي قديم تاريخ ۾ نظر ايندو. قاضي قاضن جو ڪلام هجي يا شاهہ عنايت جو ڪلام يا شاهہ عبداللطيفؒ جو رسالو. هنن ۾ سمورا چـُرندڙ پرُندڙ ڪردار سنڌ جي لوڪ ادب مان ئي ڪنيل آهن. رڳو انهن ڪردارن ۾ انڊلٺي رنگ پرڻ وارو پورهيو لطيفي فڪر جو ڪارنامو آهي.

دنيا جا سمورا انساني سماج پنهنجي عوامي اتهاس جي تاريخ مان ڦٽندا ، وڌندا، ويجهندا ۽ فنا ٿيندا آهن. جيئن وڻ پنهنجي پاڙن مان ريج وٺي اُسري نسري وڏو ڇانورو بڻجي ٿو ۽ زماني جي گردش، مناسب آبياري نہ هئڻ ۽ ٻين ڪيترن مادي سببن ڪري پنهنجي ئي پاڙن ۾ ختم ٿيندا آهن.

سنڌ جي لوڪ ادب ۽ لوڪ ثقافت جو سرجڻهار سنڌ جو پورهيت عوام رهيو آهي. سنڌ جي انهيءَ لوڪ ادب ۽ لوڪ ثقافت جو سفر سنڌي ٻوليءَ ذريعي ئي ممڪن ٿيو آهي. ٻولي جا عوامي امنگن، خواهشن، اميدن کي ظاهر ڪري ٿي، جنهن قومي سماج ۾ ٻولي جيتري سگهاري هوندي، اتي جو لوڪ ادب ۽ لوڪ ثقافت بہ اوتري طاقتور ۽ اثرائتا هوندا آهن. لوڪ ادب ۽ لوڪ ثقافت جو تعلق ڌرتي ۽ ڌرتي واسين سان هوندو آهي. ڪوبہ لوڪ ادب ۽ ثقافت هوا ۾ ڪَونہ ڦٽندو آهي. هن جون جڙون پاتار ۾ هونديون آهن. پاتار سان هتي مقصد انهيءَ ڌرتيءَ جي معلوم ۽ نامعلوم تاريخ سان آهي، جنهن جو تعلق لوڪ ادب ۽ ثقافت سان هوندو آهي.

دنيا جو هر هڪ قومي سماج هڪ زنده ايڪو (Organic Unit) هوندو آهي، جنهن جو جياپو پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي ٻوليءَ کان سواءِ ممڪن نہ هوندو آهي. ان ئي ڪري ڪنهن قومي سماج لاءِ اُن جي ڌرتي (وطن) کان

پوءِ اُن جي ٻولي ئي سنڌس خاص اڪيلي قومي سڃاڻپ، هن جو حقيقي روح ۽ گڏيل قومي سوچ هوندي آهي.

اِها ٻولي ئي آهي جا ڪنهن سماج منجهه ايڪو ۽ ٻڌي پيدا ڪرڻ وارو واحد، مستقل ثقافتي جـُز، مک عنصر، اوزار ۽ وسيلو هوندي آهي. جيڪا سماج جي هر سطح تي وسندڙ سمورن ماڻهن جو پاڻ ۾ رابطي، ڳانڍاپي، گڏيل جياپي جو هيڪلو حيلو ۽ وسيلو پڻ هوندي آهي.

دنيا جي هر هڪ قومي سماج کي يڪ جان ۽ هڪ مُٺ بڻائيندڙ انهيءَ ٻوليءَ وسيلي، اهو سماج نہ رڳو پنهنجي ثقافت جو ڀرپور اظهار ڪندو آهي، پر اِها ٻولي ئي آهي، جنهن جي ذريعي ڪنهن قومي سماج جي، سموري ثقافتي تاريخ، سرويچي، سورهيائيءَ ۽ اڏول پٽي وارا جنگي داستان، روايتون، ريتون، رسمون، رواج، رهڻي ڪهڻي هـُنر، سنگيت، ڪلا ۽ جياپي جو ٻيو سمورو ثمر اچي گڏ ٿيندو آهي. اِهو (سمورو ثمر) ئي هوندو آهي، جيڪو گهگهه اوندهه رات ۾ سُهائي ۽ سوجهرو پيدا ڪري پنهنجي وجود جي سڃاڻپ ۽ ساڃاهه ڏيڻ سان گڏ پاڻ وسارڻ، لساني ۽ ثقافتي طرح سان پاڻ وڃائڻ ۽ گم ٿيڻ کان بچائيندي، ترقي ۽ بقا کي هٿي ڏيندو آهي.

ٻولي ۽ ثقافت واري انهيءَ گڏيل قومي ثمر ۽ اباڻي موڙيءَ کي قوم جي هر لائق پيڙهي وڃائڻ بدران سانڍيندي، سنڀاليندي ۽ ان جي ڇنڊڇاڻ ڪري، ان کي وڌائيندي، ويجهائيندي سموري سونهن ۽ سوڀيا ساڻ پنهنجي ايندڙ پيڙهيءَ تائين رسائيندي آهي. اِها پيڙهي وري ساڳيءَ ريت اُن کي وڌيڪ اُجاري ۽ سنواري ٻي ايندڙ پيڙهيءَ تائين پهچائيندي آهي، دنيا جا تمام زنده سماج ۽ زنده قومون ان ئي ريت جيئنديون ۽ پنهنجي وجود کي امرتا ڏينديون رهنديون آهن. ڌرتيءَ جي سمورن انساني سماجن جي اوسر ۽ ترقيءَ جو اهو سلسلو ان ريت تاريخ جي شعور واري اک پٽجڻ کان بہ اڳ جاري هو، جاري آهي ۽ جاري رهندو.

دنيا جي سڀني قومي سماجن لاءِ، وطن، ٻولي،ثقافتي، اقتصادي ۽ حق حاڪميت وارا مفاد، هڪ ٻئي جا مستقل، لازمي ۽ اڻٽٽ انگ هوندا آهن. انهن منجهان ٻوليءَ جي ترقي وطن، قوم، ثقافت، اقتصاديات ۽ ملڪ جي

ترقي هوندي آهي، ان ريت انهيءَ خاص سماج جي هر سطح تان ٻوليءَ جو تڙجڻ، اصل ۾ ڌرتي واسين جو ڏتڙجڻ هوندو آهي.

سنڌي ثقافت جو هڪ وڏو تاريخي اتهاس موجود آهي، انهيءَ ثقافتي اتهاس جو تاجي پيٽو سنڌ جي موجود حدن کان گهڻو ٻاهر تائين بہ موجود رهيو آهي. سنڌ جي لساني ۽ ثقافتي اثر پذيري هڪ عالمگير حقيقت رهي آهي. ٿورن لفظن ۾ سنڌو سڀيتا پنهنجي مرڪز مان نڪري، سڄي ننڍي کنڊ سان گڏ ايشيا، آفريڪا، وچ اوڀر، ويندي يورپ تائين ڪيترن ئي انساني سماجن تي پنهنجو اثر وڌو. انهيءَ جو ثبوت سنڌي ٻوليءَ جا لفظ آهن، جيڪي دنيا جي ٻين ٻولين ۾ نئين شڪلين ۾ اڄ بہ زنده آهن ۽ پڻ ٻين سماجن سان انهن واپاري ۽ ثقافتي لاڳاپن جو اثر، سنڌي سڀيتا تي پوڻ، ٻين ٻولين ۽ آرڪيالاجي جي اڀياس مان ثابت ٿئي ٿو.

هزارين ورهين اڳ (1800 ق.م) تائين، سنڌو سڀيتا جي سمورن ماڳن، ڪالي ٻنگن [اوڀر پنجاب- هريانا] هڙاپا [پنجاب]، موهن جو دڙو [لاڙڪاڻو]، چانهوءَ جو دڙو [نواب شاهہ]، ڍول ويرا [ڪڇ]، لوٿل [گجرات] مان لڌل نکر جي ٿانوَن تي ٿيل چٽساليءَ وارو فن، ڪلا ۽ ڪلاونت ۾ جا هڪجهڙائپ رکي ٿو، سا انهيءَ قديم سنڌو سڀيتائي مرڪز جي مضبوطي کي ظاهر ڪرڻ سان گڏ اهو بہ ثابت ڪري ٿي تہ قديم سنڌوسڀيتا، پنهنجي فن ۽ ڪلا جي وڏي محافظ ۽ رکوال هئي، انهيءَ مثال مان اِها پڪ ٿئي ٿي تہ جنهن سڀيتا پنهنجي نکر جي ٿانوَن جي ڪلا جي ايڏي حفاظت ڪئي، تنهن پنهنجي ٻولي، ريتن ۽ رسمن جي بہ سارسنڀال بہ ڪئي هوندي. اڄ سنڌي ٻوليءَ جا لساني رابطا ۽ لاڳاپا دنيا جي تمام قديم ٻولين، قديم ايراني ٻولي، آڳاٽي دراوڙي ٻوليءَ سان ثابت آهن. ڪتاب "سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو" نہ رڳو سنڌ جي تاريخ جو مختصر اڀياس آهي، پر هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ قديم لهجي کي پڻ محفوظ ڪيو آهي، جا سنڌ جي سامونڊي ڪناري ۽ ڏاکڻي علائقي ۾ رهندڙ ڪڙمين ۽ ڪاسبين جي عوامي ٻولي آهي. اها ٻولي جا سنڌ جي ڪلاسيڪل ۽ بنيادي شاعريءَ جي پيڙهہ آهي، جتان پير صدرالدين شاهہ جا

ڳنان، قاضي قاضن جو ڪلام، ميون شاهه عنايت جو ڪلام، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه ڪلام سرجيو. اهاڀ ٻولي انهن ساموندي ڪنارن ڪان نڪري دنيا جي انيڪ سماجن تائين پهتي ۽ سڄي دنيا سان نئون تعلق قائم ڪندي اڄ بہ امر آهي. سنڌ جي انهيءَ لوڪ ادب جو تاجي پيٺو "رگ ويد" جي سوترن منجهہ بہ آهي. ڪنهن سنڌي (رشي) سنڌوءَ ڪي لفظن ۾ جيڪي ڀيٽا ڏني آهي ، تنهن جو تفصيل ڪاڪي ڀيرومل آڏواڻيءَ "ڪتاب قديم سنڌ" ۾ ڏنو آهي.

"اي سنڌو:
جڏهن تون ميدانن مان وهين ٿي،
تڏهن بيشمار ڪاڏو پاڻ سان آڻين ٿي،
تنهنجو پاٽي اُتم آهي.
اي سنڌو!
جيڪڏهن تنهنجي خوبصورتيءَ جي ڀيٽ ڪجي تہ
تون نووڙني ڪنوار وانگر آهين،
تون سدائين جوان ۽ سدائين سهڻي آهين،
سنڌوءَ جا گڙگات ڌرتيءَ تان اُٿن ٿا،
۽ اُها آسمان پريو پڄين،
سنڌو نهايت زور سان وَهي ٿي ۽ مُنهن مٽيادار اٿس،
سندس پاڻيءَ جو آواز اهڙو ٿو ٿئي جو ائين پيو ڀانئجي ڄڻ تہ،
مينهن جون اوڙڪون گجگوڙ ڪري پئيون وسن،
اِجها، سنڌو ڍڳيءَ وانگر رنيندي پيئي اچي.
اي سنڌو!
جيئن سوئا ڳئون کير سان پريل اُوهن سان،
پنهنجن ڦرن ڏي ڊوڙن ٿيون،
تيئن ٻيون نديون جدا جدا هنڌان پاڻي کڻي،
تو ڏي رنينديون اچن ٿيون"

"رگ ويد" ۾ جنهن سنڌي رشيءَ هي لفظ چيا آهن، تنهن، جنهن مهل سنڌوءَ جي پرتي ڪنڌڙ ندين ڪي، سنڌوءَ طرف وهندو ڏنو آهي. تنهن مهل تشبيهه ئي اور ڪم اندي اٿس. هو چوي ٿو:

"اي سنڌو! جيئن ڪو راجا يُڌ ڪرڻ لاءِ
نڪرندو آهي ۽ پنيان لشڪر هوندو اٿس،
تيئن تون به ندين جي اڳيان،
مهندار ٿي هلين ٿي،
۽ بيون نديون به پلٽيون ڪري،
تنهنجي پنيان اٿين هلن ٿيون، جو چڙ ته
ساڳئي رت ۾ سوار آهيو."

* * *

ڪاڪو ڀيرومل اجابه اڳتي، رِگ ويد مان وڌيڪ حوالو ڏيندي لکي ٿو ته:

"سنڌو، جا اجيت آهي سا، سڌي وَهي ٿي
سندس ورڻ يا رنگ اڇو ۽ روشن آهي،
۽ هوءَ وڏي ندي آهي. سندس پاڻيءَ ۾،
تک گهڻي آهي، ۽ چئن ئي طرف
ٻوڙ ٻوڙان ڪري ٿي،
جيڪي به چُرندڙ شيون آهن سي اهڙيون تيز رفتار نه آهن،
جهڙي هيءَ سنڌو ندي
سياڳيءَ سنڌو، جا،
ماڪي ڏيندڙ گلن سان سينگاريل آهي."

* * *

ڪتاب "سنڌ صدين ڪاڻ" ۾ علي اي.جعفري هڪ وڌيڪ حوالو ڏنو آهي، جنهن ۾ ڪنهن سنڌي (رشي / ڪوي) سنڌو ۽ سنڌ جي واڪاڻ هنن لفظن ۾ ڪئي آهي.

"اي اَجَهل، اٿموت سنڌو،

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

ٻل واري، سگهاري ’سنڌو‘ ڏيهن ۾ ميدانن مان،
اَپار پاڻيءَ جا ڦهلاءَ ڪٽي،
جرڪندي، ڪڙڪاٽ ڪندي وهندي رهي ٿي،
جهڙي ابلق گهوڙي، سونهاري ۽ سوپياوان.
’سنڌو‘ ٻلن گهوڙن ۾ شاهوڪار آهي،
۽ اُهي شاهوڪار رٿن ۽ ويسن وڳن ۾،
سهڻي گهڙيل سون ۾ شاهوڪار، اَڻ مَـئي مايا جي مالڪ.
هتانُ جا گاهه نيڻ ٺار
۽ لذت وارو اُنَ، اهڙي جو وينو ڏس،
شربت جو ميناج نه پيچ.

* * *

هيءُ سمورو ويدن جو ڪلاسڪ سنڌ جي لوڪ ادب جي پيڙهه مان ٿي سرجيو هوندو. اِهو لوڪ ادب سنڌي عوام کان سرجيو ۽ پوءِ اهو نندي کنڊ جي مذهبي اتهاس جو حصو بڻجي ويو، هنن لفظن کي غور سان پڙهجي ته صاف لفظن ۾ درياءَ ۽ ڌرتيءَ جي حب جي پلر واري پالوٽ نظر ايندي، ساڳيو لطيفي فڪر، تمنا ۽ دُعا نظر ايندي.

سائين! سدائين ڪرين، متي سنڌ سُڪار،
دُوسَ! منا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.

سنڌو سڀيتا، پنهنجي اوج ۾ هڪ ٻلوان ۽ ڪرشماتي سماج جي حيثيت ۾ زنده رهي آهي. هن جو اهُو ڳڻ گهڻ رخو رهيو آهي، هڪ پاسي سنڌ جي ڀٽي لوڪن جو واپاري وهنوار، وچ اوڀر، آفريڪا ۽ يورپ سان رهيو. ٻئي پاسي انهيءَ سماج جي اُن وقت جي مهندارن جو رابطو ۽ ڳانڍاپو سنڌ جي زرعي سماج ۽ پرپاسي جي ڏوتي ۽ شڪاري سماجن سان به تهائين پختو ۽ مضبوط رهيو. اهي سمورا تعلقات پنهنجي بنياد ۾ واپاري هئڻ سان گڏ ثقافتي به هئا. ڏيتي ليتي واري انهيءَ وهنواري ۽ ڪاروباري لاڳاپن سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي گهڻ رنگو بڻائي ڇڏيو. اڄ جي سنڌي ٻوليءَ جا لاڳاپا دنيا جي مڙني ٻولين سان

ثابت آهن. ان ريت سنڌ جو ثقافتي تعلق آريائي ۽ دراوڙي سماجن کان متاثر ۽ ڪين بہ متاثر ڪندڙ رهيو آهي.

محترم ولي محمد طاهرزادي پنهنجي ڪتاب "سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو" جي منڍ ۽ آخر ۾ اهڙي ڪتا بيان ڪئي آهي. هن جو هيءُ ڪُتاب سنڌي لوڪ ادب ۽ ثقافت جي هڪ وڏي سهيڙ آهي.

سنڌي سماج پنهنجي بنياد ۾ زرعي ۽ پٽي سماج هئڻ وارا گڏيل گڻ رکي ٿو. اڳاٽي سنڌي سماج ۾ گهوٽ کي تيار ٿيڻ مهل "هر" تي ويهاري وهنجاريندا هئا، اهو ساٿ ان ڪري ڪندا هئا، جيئن هو ٻني وارو ۽ پنهنجي جوڳ وارو ٿئي.

شادي جي رسمن ۾ تر مٿڻ مهل ڳائل ڳيچ آهي تہ:

جيترا تر مٿيندي، اوترا پٽ ڇٽيندي

* * *

ڪنوار جي گهر ۾ اچڻ مهل ڳائل ڳيچ آهي تہ:

ڪونج ڪاڏئون آتي ڙي!

ڪونج ولر واري!

پيٽڻ ياٿرن واري.

* * *

ٿري لوڪ گيت:

مانر لال وڻجارا جي، ماني لئي هالو گجرات،

تانتڻ هوئي تو توڙ لون، پريت توڙي ڪِم جاءِ

ڪتڪ وارتا پريم ري، مڪ سون ڪهي ڪِم جاءِ.

* * *

لطيف سائين جي هيءَ وائي بہ وڻجارن جو گيت آهي.

آيل ڪريان ڪيئن، منهنجو نينهن اَپليو رهي،

ويو وڻجارو نڪري، مون کي چاڙهي چيئن،

ساموندين جي سڱّ کي، رُئان راتو ڏينهن.

* * *

اهي وڻجارا جيڪي سري لنڪا، جاوا، سماترا، مسقط، بحرين ۽ عراق تائين ويندا هئا.

هڪ ساحلي سنڌي ڳيچ آهي ته:

چيٽا هنب چڙيسان

مسقط مان بيڙي آئي،جنهن ۾ آيا انب،

آءُ ڪايان ڪلي ڪلي، توکي ڏيان ڏنب

چيٽا هنب چڙيسان

ڪراچيءَ جي ساحلي علائقي جي ميربحرن جو گيت آهي ته:

لئـــي لئـــي خـــُـــشان خشـــان،

بـــڌ لئـــي خشـــان خشـــان.

شـــادي ٿئـــي ميلـــي ۾

يـــت رڏان چيلـــــي ۾

لئـــي لئـــي خشـــان خشـــان،

بُـــڌ لئـي.................

زيبـــل ڪـــي ڪڪـــو ڪپـــي،

مومـــل ڪـــي چڪـــو ڪپـــي.

لئـــي لئـــي خشـــان خشـــان،

بـُـڌ لئـي.................

ميرايـــــوا ميرايـــــوا!

گهـوٽ گهمـي گهـر آيـو...

لئـــي لئـــي خشـــان خشـــان،

بـُـڌ لئـي.................

سمورن سنڌي لوڪ گيتن ۾ عوامي امنگ آهن پوءِ اهي سنڌ جي ساحل جا هجن يا ٿر جا هجن. سنڌ جي لوڪ ثقافت جا انيڪ رنگ آهي. جنهن جو حدون تمام وسيع آهن. هن ۾ سنڌيءَ جا سمورا لهجا، ٻوليءَ جا رنگ ۽ ڍنگ شامل آهن.

* هڪ سنڌي پهاڪو آهي تہ:

”کھڙا ڦاڙھا ماريا اٿس.“

هيءَ شڪاري دؤر جي نمائندگي ڪندڙ پهاڪو آهي.

* هڪ ٻيو سنڌي پهاڪو آهي تہ:

”ياڳ ڏي پيڙو تہ دال مان سيرو.“

اهو لفظ ”ياڳ“ اصل ۾ ياڳَ/ياڱو [حصو] آهي، هيءُ لفظ شڪاري دؤر سان تعلق رکي ٿو. انهيءَ زماني ۾ انساني قبيلن جو گذران جو مک ذريعو رڳو شڪار هو. شڪاري قبيلن جي ”نيات“ جي اصولن مطابق سڀ شڪاري پنهنجو پنهنجو ڪيل شڪار، پنهنجي چڱي مڙس وٽ جمع ڪرائيندا هئا. اِهو ”مُکي“ سموري گڏ ڪيل شڪار جا ياڱا ڪري، سڄي برادري ۾ ورهائيندو هو. جيئن ڪو بکيو نہ رهجي وڃي. شڪاري دؤر جي انهيءَ چڱي مڙس کي ”ياڱوان“ ڪري ڪوٺيندا هئا. شڪاري دؤر جو اِهو برادريءَ جو پريو مڙس زرعي دؤر ۾ ”ڀڳوان“ [خدا] سڏجڻ ۾ آيو.

ان ريت اهو لفظ ياڱَ، ”ياڳ“، ”ياگ“ ۾ بدلجي اڄ سڄي نندي ڪنڊ ۾ نصيب جي مفهوم ۾ استعمال ٿئي ٿو.

* انهيءَ نموني ڌنارڪي دؤر ۾ جڏهن ماڻهن جهنگلي جانور: اُٺ، ڳئون، مينهن، رڍ ۽ ٻڪري ڌارڻ شروع ڪيا تہ وڌيڪ نوان پهاڪا ٻوليءَ منجهہ آيا. جهڙوڪ:

”ڌڻ تہ ڌٽي نہ تہ وڪڻ ڪٽي.“

ڌن دولت، اهو لفظ ”ڌن“ اصل ۾ ڌڻ ئي آهي، انهيءَ زماني ۾ ۽ اڄ بہ جتي جتي سانگي لوڪ رهن ٿا. اُتي ملڪيت جو ڪاتو ”ڌڻ“ جي ڳاڻيٽي تي لڳايو وڃي ٿو.

لطيف سائينءَ جي هڪ بيت جي سٽ آهي:

”توري قوت قراريا، رهن سبر سٽ.“

اهو لفظ قوت يا ”پيٽ قوت“ ڏوٽي دؤر جي نمائندگي ڪري ٿو، جنهن جي معنيٰ پيٽ گذران ڪرڻ آهي. ان ريت سنڌي سماج پنهنجي جوڙجڪ ۾ گذران جي لحاظ سان گهٽين سطحن تي ورجيل رهيو آهي، هتي ڏوٽي ۽

آهيڙي، زرعي ۽ جديد سماج جا نہ رڳو لفظ پر ڪيترن جاين تي اهي سماج اڄ بہ پنهنجي ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ موجود ۽ ڇُرپُر ۾ بہ آهن.

* سنڌيءَ جون ڪيتريون چوڻيون مڇي مارڻ واري انهيءَ شڪاري سماج جي نمائندگي ڪن ٿيون. جهڙوڪ:

"ٻيڙيءَ تريا"

يا ڪنهن کي پٽ ۽ پاراتو ڏيڻ تہ:

"ٻيڙي ٻڏئي!"

سنڌي سماج جون ڪيتريون رسمون ۽ ريتون پنهنجي قدامت ۾ تمام جهونيون آهن:

ننڍن ٻارن کي ننڍ ۾ ڇرڪ ڀوڻ تي سنڌن ويهاڻي هينان ٻگهڙ جي کل رکڻ، مڇي مارڻ واري ڄاري، سيرانديءَ کان رکي "منهن رکيءَ" جي مٿان وجهڻ وغيره. انهيءَ قديم شڪاري دؤر جو سُونسائي ڳالهيون آهن، جيڪي اڄ بہ سنڌي سماج ۾ موجود آهن ۽ موجود رهنديون.

سنڌي سماج پنهنجي اصل جوهر ۾ پنهنجي سڄي قدامت کي سانديندڙ ۽ سنڀاريندڙ رهيو آهي. هن جي قدامت ۽ ڪلاسڪ ۾ گهرو رابطو ۽ رشتو رهيو آهي.

لطيف چيو آهي تہ:

گهوڙن هنيون گهٽيون، انن هنئي آنءُ،
جا نينهن ڳنهندي نانءُ، سا مون جيئن پوندي مامري.

مطلب: [گهوڙن (وارن) تہ گهٽن (سڄي قوم) سان هاجا ڪيا آهن پر مون سان اُنن (وارن) ظلم ڪيو آهي.]

هن بيت ۾ سڄي سنڌ جي ويجهڙ واري تاريخ اچي وڃي ٿي، تہ گهوڙن تي چڙهي سنڌ تي ڪيتريون ڪاهون ڪيون ويون.

لطيف چيو آهي تہ:

سي ڪوهيارا ڪُنَ نيا، ماريا جن تي مَڇ،
گهوڙا! تن گهوٽن جا، پيا رُلن رَڇَ،
پاٽهي مرو مڇ! ويو مانُ مرڻ جو.

* * *

جاڳي جان ڏنائين تہ، گهوڙا! گهر نہ سپرين.

* * *

اِهو لفظ ”گهوڙاڙي گهوڙا!“ اڄ سنڌ ۾ ظلم ۽ هاجي ٿيڻ تي استعمال ٿئي ٿو.

سنڌ ۾ شاديءَ جي رسم ۾ ڪنوار جي گهر جي چائنٺ تي ڍڪڻي ٽوڙڻ جي رسم ٿيندي آهي. لطيف سائين انهيءَ رسم تي ڇنيسر جي ڦڏن پيرن بابت چيو آهي تہ:

پوچـــا ڏنـــم پيـــر، ڍڪـــڻ مٿـــي ڍول جـــا،
پروڙيـم تنهيـن ويـر، تــہ ڪوجهــي ڪنــدو پريتــڙي.

مطلب: [گهوٽ (ڇنيسر) جا پير ڍولاڻا نہ هئا، ڪنوار (ليلا) ڍڪڻي ٽوڙڻ مهل اهي پير ڏسي سمجهي ورتو تہ هن جي محبت بہ اهڙي ئي (عيب واري) هوندي.]

ان ريت هن ڪتاب ۾ لکيل ريتون رسمون زماني جي بدلجڻ سان پلي بدلجي وڃن، پر هيءَ ڪتاب ”سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو“ هڪ اهم ثقافتي اپياس جي ڪتاب طور صدين تائين ياد رکيو ويندو.

هن ڪتاب ۾ ولي محمد طاهر زادي پنهنجي وت ۽ پورهئي آهر اهي سمورا رنگ اُوتڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر اهو ممڪن ئي ڪونهي تہ ڪنهن هڪ ڪتاب ۾ هيڏي وسيع سنڌ جا سڀ رنگ اوتجي سگهجن، ڇاڪاڻ ڇاڇي محمد خان مجيدي جي چوڻ مطابق:

جوئـي آهيـان، سـوئي سـنڌ،
توکـي ڳايـان، رنـگ رچايـان،
منهنجـو رنـگ اهـو ئـي سـنڌ،

هيءَ ڪتاب سنڌ ۽ سنڌي سپيتا سان سندس پيار جي املهہ پورهئي جو ثبوت آهي.

هن ڪتاب جي ٻولي اِهائي آهي جا قاضي قاضن ڪان شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ ڪتب آيل آهي. هيءَ ڪتاب سنڌ جي اُتر شعر واري ٻوليءَ

جو لهجو رکڻ جي ڪري بہ خاص اهميت ۽ جوڳو ڌيان لهڻي ٿو. هن ڪتاب کي لکڻ ۽ سهيڙڻ ۾ محترم ولي محمد طاهرزادي جيڪو پورهيو ڪيو، جو پنهنجي مشاهدي ۽ مطالعي ۾ آيل تمام ضروري ڳالهين، جهڙوڪ: سنڌ جي تاريخ، خاص تاريخي واقعن جا سنڌي ٻولي ۽ ثقافت تي پوندڙ اثر، قدرتي حادثا، جهڙوڪ: ٻوڏون، زلزلا ۽ ان جا سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ ثقافت تي ٿيل اثر، سمورين ثقافتي وٿن، شين جو تاڃي پيٽو ويهي جوڙيو آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي تاريخ، رهڻي ڪهڻي، هُنر، ڪلا، سنگت، زيور، ريتون، رسمون، ڪرتون، ونڊرون ۽ لاڙ جي شاهڪار ٻوليءَ کي استعمال ۾ آندو ويو آهي.

هن ڪتاب جي سوڌ سنوار ۾ مون کي پنهنجي استاد ڊاڪٽر غلام محمد لاکي سان گڏ محترم اعجاز احمد منگي، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ کان بہ گاهي ماهي رهنمائي حاصل رهي آهي، ان ريت نئين ترتيب سان هيءَ ڪتاب درست ڪري راس ڪيو ويو آهي.

جوڳيئڙا جهان ۾، نوري ۽ ناري،
ٻري جن ٻاري، آءُ نہ جيئندي اُن ري.

عبدالحفيظ قريشي

چام شورو، سنڌ
سومر ١٦- ذوالحج ١٤٢٧هجري
سومر 8- جنوري 2007ع

واحد جي واکاڻ:

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهي قديم،
والي، واحد، وحده، رازق، رب، رحيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جون.

مها ملڪ سنڌ

(سموترا)

سورهين صدي ق.م. سنڌ جو ملڪ تمام وسيع هو. يعني موجوده چڊن ڪان ٽيڻو - چوڻو: ويڪرائي ۾، ايران جي هميل نديءَ (جا خراسان جي لڳ آهي) ڪان راجپوتانا جي قنوج رياست تائين (جنهن ۾ ڪڇ، گجرات، جيسلمير، راجستان، پنجاب، افغانستان ۽ بلوچستان اچي ٿي ويا) ۽ ڊگهائيءَ ۾، ڪشمير ڪان گجرات تائين (جنهن ۾ جوڌپور، جيسلمير، بيڪانير، مارواڙ، جوناڳڙهه، ڪڇ ۽ ڪانياواڙ شامل هئا.) اهو سارو پرڳڻو سنڌ سڏبو هو.

انهيءَ زماني ۾، سنڌ ملڪ ۾ ڳوٺ، واهڻ، وستيون گهٽيون هيون، پر وڏا شهر ڇڊا پاڊا ۽ بلڪل ٿورڙا هئا. مثلاً: ڪوٽ ڏيجي[1]، هڙپا[2]، واهه[3]، مَهن[4]، آمري[5]، ٽئڪسيلا[6] وغيره.

انهيءَ جُڳ جي رهاڪن کي، دراوڙ يا ڊرويڊ يا دسيوَ يا پئشاچ چوندا هئا. انهن اصلي رهاڪن جو تاريخن ۾ هڪ بيان هن ريت آيل آهي تہ اها

---

[1] **ڪوٽ ڏيجي**، هيءُ شهر ناري درياءَ (جو سنڌونديءَ جي هڪ ڇاڙهه (ڪونڌ) هو نارو پاڻ هڪ الڳ درياءَ هو، جنهن کي واهندو ساگر يا هاڪڙو چيو ويندو آهي.) تي راءِ ڏيواجي بڌايو هو، جو هن يا هوئن گهراڻي جو پهريون راجا ٿي گذريو هو. اهو شهر ان جي نالي بڌايل ۽ آباد ٿيل هو. شهر کي چوڌاري عالم پناهه ديوار ٺهيل هئي. ان ڪري شهر کي "ڪوٽ ڏيواجي" ڪوٺيندا هئا. پوءِ نالو بدلجي ڪوٽ ڏيجي ٿي ويو آهي. (ليکڪ)

[2] هڙاپا جو اصلي نالو هرديہ رُوپيا هو. (ليکڪ)

[3] واهہ. لفظ جي معنيٰ وڏو شهر آهي، مثلاً ويرا واهہ يعني ويري جو شهر. ٻانيڻ واهہ يعني ٻانيٽاهہ واهڻ. ننڍي ڳوٺ کي چئبو هو. جو واهہ جو تصغيرو آهي. (ليکڪ)

[4] مَهن يا مهڻ جي معنيٰ رتائتو ٿيڻ آهي. هيءُ اهو شهر آهي جنهن کي مَين (مهاڻن) موهن يا مَهن يا موئن جو دڙو ڪوٺيو ٿو وڃي. هن شهر تي رات ٻيٺ ۾ زلزلو آيو ۽ سنڌو درياءَ اٿل ڪائي شهر ٻوڙي ڇڏيو ۽ درياءُ بہ اتان رخ بدلائي ٻئي پاسي وهڻ لڳو. ماڻهو رات وچ ۾ انڌا ڌنڌ ڀڄڻ لڳا. ڪي پاڻيءَ ٻوڙيا ڪي پٿين هيٺان دٻجي مري ويا ۽ ڪن ڀڄي جان بچائي. انهن باقي بچيلن ڏکڻ طرف ڀڄي اچي هڪڙو نئون شهر ٻڌو جنهن کي نالو ڏنائون سہ واهڻ ٻد واهڻ معنيٰ چوٽڪاري جو هنڌ. جنهن کي اڄڪلهہ سيوهڻ چيو ٿو وڃي. غرق ٿيل شهر کي انهن ماڻهن خود نالو ڏنو هو واهہ مهڻ يعني رت رئاريندڙ شهر. (ليکڪ)

[5] آمري، هيءُ شهر، سميرين يا سامرين پنهنجي ڏاهي ۽ هوشيار حاڪم "حمورابي ڇهين" جي نالي تي (جو وڏو قانوندان ۽ هردلعزيز هو) ٻڌي آباد ڪيو هو. هن جو نالو ڪثرت استعمال ڪان حمورابيءَ مان بدلجي فقط آمري وڃي رهيو آهي. (ليکڪ)

[6] ٽئڪسيلا، هن جو نالو ٽاڪرشالا هو. (ليکڪ)

سميري يا سامري[1] قوم هئي، جن 257 ق.م، بابل ۽ نينوا تي هزارين ورهيہ حڪومت ڪئي هئي. هنن لکپڙهہ ڪرڻ لاءِ اکر ناهيا هئا، چمڙي رڱڻ، ڪپڙي اُڻڻ، سونا ۽ روپا ڳهڻا (زيور) ناهڻ، پوک ۽ کيتي ٻاڙي ڪرڻ ۾ ماهر هئا، هو واهہ کوٽائي، کوهہ کٽائي آباديون ڪندا هئا. حڪومت هلائڻ لاءِ ڪيترائي قاعدا ۽ قانون ناهيا هئائون.

جڏهن سامين ۽ عڪادين بابل ۽ نينوا تي فتح حاصل ڪئي، تہ هيءَ قوم مغلوب ٿي عُراق جي ڏکڻ ۾ دجلہ ۽ فرات ندين جي ڪنارن تي پکڙجڻ لڳي، انهن مان ڪي هينيرو وڏي اچي سنڌو نديءَ جي ڪنارن تي ۽ ميدانن تي شهر ٻڌي رهڻ لڳا.

هيءُ ماڻهو سج، چنڊ، تارن، دريائن، مينهن، وڻن ٽڻن جي پوڄا ڪندا هئا. وڏا ويڙهاڪ، نجومي ۽ سائنسدان هئا. سندن سڀيتا، ”سميري سڀيتا“ سڏي ويندي هئي.

هنن وٽ درباريون، مارڪا (معرڪا) ڪچهريون، رس رهاڻيون، ڳڻتون، پُوڄائون ۽ رنگ روپ هئا، وٽن گائڪ، نائڪ، سگهڙ، ڪلاونت، سُچيت ۽ سڄاڻ پڻ هئا. وٽن ونڊر لاءِ رانديون رونديون پڻ هيون. جيئن تہ ڪندروءَ (پاٽيءَ اندر ٽپي هٽي جهلڻ) يا ڏاهي، ڏاک چميءَ (ڊوڙي وڻن تي چڙهي ڪانچائڻ) ونجهہ وٽي، ٽاپونءَ، سيڙهہ ڪينهوڙي وغيره جهڙيون ڊوڙڻ ڊڪڻ جون رانديون هيون ۽ ويٺي جون چنر، چوپڙ، نوٽڻي ۽ شطرنج جهڙيون رانديون سندن ئي ايجاد ڪيل هيون.

سنڌ جي ثقافت تي اثر وجهندڙ واقعا :

سر جي تان سُور، ساماٽي، تان سُک ويا،
اهي ٻيئي پور، نماٽيءَ نصيب ٿيا.

(لطيف رحہ)

---

[1] ڪي چون ٿا تہ: سميري يا سامري سڀيتا، سامي تهذيب کان گهڻو پراڻي آهي. سامي، حضرت نوح عليہ السلام جي پٽ سام جو اولاد آهن ۽ سميري يا سامري، حضرت موسيٰ عليہ السلام جي نون (9) قبيلن مان هڪ قبيلو آهي. سامري لفظ جي معنيٰ آهي اڳرائي يا اڳواٽي ڪندڙ. حضرت موسيٰ عليہ السلام جي قوم مان هن قبيلي کي الله تعاليٰ برقي طاقت تي دسترس ڏني. هنن کوجنا (ريسرچ) ڪري برقي وهڪرو ۽ (ڪرنٽ) پنهنجي قبضي ۾ آندو. پوءِ هنن هڪ مشين (جنريٽر) ٺاهي جا ڇئن ٽنگن تي بيٺل هئي ۽ ان کي ڳابو ٽي ڪوٺيائون. ان جي ٻن تارن (وائرن) کي جڏهن پاڻ ۾ ٽي ڳنڍيائون تہ ان مشين مان هارن جهڙو آواز (هوبهو اڄڪلهہ جي ريلوي ڊيزل انجن جي آواز جهڙو) ٽي نڪتو. ان کي ڳابي جي رنڀ ڪوٺيائون. سامري قوم جي سائنسدان هئڻ جو ذڪر قرآن مجيد ۾ بہ ملي ٿو. (ليکڪ)

سنڌ جي سيپتا تي انهن واقعن جو اثر هلندو پئي آيو آهي: (1) زلزلا، (2) ڌارين جون ڪاهون، ۽ جنگيون، (3) ڏڪار ۽ بيماريون، (4) علم و ادب ساهتيہ، (5) آزاديءَ جا علمبردار، (6) درياءَ سنڌ جون ڦيريون گهيريون، (7) درياءَ جون اٿلون ۽ ٻوڏون، (8) ملڪ جو طبعي ڏيک ۽ (9) متفرقات.

زلزلا:

سورن سانديـاس، پورن پالي آهيان.
سڪن جي سيد چئي، پکي نہ پياس،
جيڪس آءُ هياس، گري گوندر ول جئي.

(لطيف رحہ)

جڏهن جڏهن ڌرتيءَ جا ڌوڏا، ڀونڪئنپ ۽ زلزلا پي ٿيا آهن، تڏهن کان سنڌ ديس جي طبعي بيهڪ بدلجندي پي رهي آهي. انهن زلزلن جي ڪري درياءَ توڙي سمنڊ پنهنجيون جايون ڦيرائيندا ۽ اڳيون حدون ڇڏيندا پي رهيا آهن. مثال طور: چوٿين صدي عيسويءَ ۾، ڪڇ ملڪ ۾ ڌوڏو آيو تہ سمنڊ ڏکڻ - ايرندي طرف چار سؤ ميل هٽي ويو. ڪڇ وارو علائقو ان دور ۾ سنڌ ديس سان شامل هو.

سن 1200ع ۾ ٻيو زلزلو آيو، تہ سمنڊ ٽي سؤ ميل ٻيا بہ، رڻتي ۽ رائو ڇڏي اڳيرو هليو ويو ۽ ڪل ست سؤ ميل ڀهرينءَ جاءِ کان پري هٽي بيٺو. انهيءَ ڇڏيل رڻ پٽ کي اڄ اسان، ڪڇ جي رڻ واري نالي سان ياد ڪريون ٿا.

سن 787ع ۾، گهارو درياءَ، زلزلي سبب سڪي ويو جنهن جي پر تي ٻنيور جو شهر اڏيل هو، جنهن کي باربرائيڪ يا ٻن ٻهار چوندا هئا ۽ سندس اوج جي ساراهہ ٻڌي، سڪندر اعظم جهڙو ماڻهو بہ منجهس اچي سهڙيو هو. بہ صديون ق.م. دنيا جي عظيم شهرن سان بر ميچي رهيو هو، سو برباد ٿي ويو. تباهہ بہ اهڙو ٿيو جو سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ ٻنيور ٻينگ ڪيئين، يعني ٻنيور واري ٻينگ يا سچ ٿي ويئي.

سن 846ع ۾، الور يا اروڙ[1] جو شهر بہ برٻانگ ٿي ويو. هيءُ شهر دلوراءُ سومري جي گاديءَ جو هنڌ هو. پوءِ واري مخالف تاريخ دانن دلوراءُ کي هڪ عياش، ظالم ۽ نفس پرست حاڪم ڪري لکيو هو، تہ هو هڪڙي سوداگر

---

[1] الور کي، اروڙ، اُلر، اليدر، لوهڙ، روهڙ نالن سان بہ سڏيو ويو آهي. (ليکڪ)

نالي سيف الملوڪ جي زال بديع الجمال جي سونهن جي ساراهه ٻڌي موهت ٿي پيو ۽ ان کي زوري پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ سوداگر کي مجبور ڪرڻ لڳو. هن کان سوداگر ٽن ڏينهن جي مهلت گهري. دلوراءِ مٿس زبردست پهرو بيهاريو. سوداگر، ٽي راتيون ۽ ٽي ڏينهن الله تعاليٰ کي ٻاڏايو. ٻي ڏينهن طوفان لڳڻ شروع ٿيو ۽ رات جو ڌرتيءَ ڌوڏو کاڌو، درياءَ پنهنجو رخ مٿائي الور کي الوداع ڪري ٻي پاسي وهڻ لڳو، سوداگر جا ٻيڙا وهڪري ۾ اتان نڪري ويا ۽ الور کنڊرَ بڻجي ويو.[1]

سن 950ع ۾، ٻانيڻاهه / برهمڻ آباد[2] جو شهر، ڌرتي ڌٻڻ شرط دٻجي ويو. هيءُ شهر همير سومري جي گاديءَ جو هنڌ هو. هن بابت مختلف تاريخ لکندڙ لکيو ته هيءُ هڪ وڏو زاني ۽ ظالم حاڪم هو. هن جي ئي ڏينهن ۾ مومل ۽ مينڌرو وارو عشقيه داستان مشهور ٿيو هو.

سن 712ع مطابق سن 93هه کان پوءِ، ديبل بندر،[3] جنهن ۾ صبح شام راجا ڏاهر جي حڪومت جي نوبت پئي وڄندي هئي ۽ سنڌ جو جهونو بندرگاهه هو. (سرنديپ /سري لنڪا جي راجا جون موڪليل سوغاتون /سوکڙيون، جي راجا، دوستي ڳنڍڻ لاءِ خليفي وليد بن عبدالمالڪ ڏانهن غورابن ۾ روانيون ڪيون هيون، سي درياهي چورن /قزاقن ڦري لٽي آٽي هٿ لڪايون هيون، تنهن ٻه عربن جي حملي جي سٽ نه سهي ۽ هميشه لاءِ پنهنجي شڪل مٽائي ڇڏي.

سن 1025ع مطابق سن 283هه ۾ منصوره جو شهر، جيڪو محمد بن قاسم جي پٽ، برهمڻ آباد جي سامهون جيڪو درياءَ جي ٻيءَ پر تي نئون شهر ٺهرايو هو، سو ٻه زلزلن جي سٽ سهي نه سگهيو ۽ زمين دوز ٿي ويو.

سن 1552ع ۾ ٺٽي جو، لاهري بندر ٻه ڌوڏن جي نذر ٿي ويو.

سن 1725ع ۾، ڌرتيءَ تي وڏو ڌماڪو ٿيو، ان ۾ ڪيترا واهڻ ۽ ڳوٺ ميسارجي ويا، ان کان سواءِ شاهه بندر، اورنگابندر، وستي بندرن جا وسلائي ويڙهجي ويا.

---

[1] ڪتاب سنڌ جو مهراڻ (از: راورٽي) ۾ لکيل آهي سيف الملوڪ نالي سوداگر درياءَ تي بند ٻڌائي ان جو رخ تبديل ڪرايو. (نظرثاني ڪندڙ)

[2] ٻانيڻا = ٻانيڻ + واهه /ٻانيڻ جو شهر برهمڻ آباد جو اصلي نالو ايراني بادشاهه بهمن آباد رکيو.

[3] ديبل يا ديول، هن بندر کي سڀ کان اول، راجا ڏاهر جي نوبت وڄڻ ڪري ڏاهر - پيڙ سڏيندا هئا، پوءِ لفظ بدلجي ڏيبر ٿيو. عربن کي اهو تلفظ نه آيو، تن هن کي دبيل ۽ ديول لکيو. (ليکڪ).

سن 1729ع ۾ ڪڙڪ بندر، جو ڪراچي بندر جي وجود ۾ نہ اچڻ سبب، حب نديءَ جي ڇوڙ تي واپار لاءِ مکيہ بندر هو ۽ هتي مشهور سيٺ نائونمل جا وڏا رهندا هئا، سو بہ جوتي جوت سمايو.[1]

سن 1751ع ۾ اهڙو زبردست ڏوڏو آيو جو لوهاڻو درياءُ جنهن جي ڪنڌيءَ تي نصرپور[2] جو مشهور شهر هو، درياءُ، سورهن ميل اپرندو طرف ڇڏي، حيدرآباد کان چار ميل الهندي طرف وهڻ لڳو.

سن 1819ع ۾، رڻ ڪڇ ۾ جيڪي ڏبٽيون هيون ن، سي بہ زلزلي جي سٽ نہ ساري، سکي ويون.

سن 1844ع ۾، وکر ۽ گذاري بندر بہ غرق ٿي ويا.

ڏارين جون ڪاهون ۽ جنگيون:

اڳـي ايئن هـياس، جـو پنهـونءَ ڏوتـم ڪپڙا،
هاڻي ايئن تياس، جيئن جتَ نـہ نيـم پاڻ سين!

لطيف رحہ)

چوٽي آهي تہ جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي قنڌارئون جوکو قنڌار لفظ کي گهڻا ماڻهو قلات وارو قنڌار سمجهن ٿا، ڇاڪاڻ تہ ان کي بولان لڪ يا بولان دڙو ويجهو هو ۽ ڪاهہ ڪنڌڙ، هندستان تي خيبر لڪ کان ۽ سنڌ تي بولان لڪ کان ايندا هئا. پر ائين ناهي، قنڌار معنيٰ ٿلهي متاري ڪنڌ وارو ماڻهو يعني پهلوان. تنهنڪري ڇئبو تہ سنڌ ديس تي هميشہ مغز ڦريل ماڻهن ڄُلهون پئي ڪيون آهن.

هَـلندي هوتَ پنهونءَ ڏي، کهجَـن ڪي کوتيـوُن،
پُـهَـڻُ تنين پـَـٽُ ٽئي، جي لَـ ءِ لالَـنَ لُـونيـُون،
سَـپ سَـهيليـُون سِـڪَ کي، ڇنجهـَون ۽ ڇـُـونيئُون،
ٻـانيڻ تـي ٻوتيـون، تـہ ڪتـا ڪينـس ڪيـڇ جـا.
لطيف رحہ)

---

[1] هن جي تباهہ ٿيڻ کان پوءِ ترت ئي ڪراچيءَ کي بندر بنايو ويو. (ليکڪ)

[2] نصرپور جو شهر، سن 989ع ۾، نصير مهاڻي، لهاڻي درياءَ جي ڪنني تي (اڄ بہ اُتي ئي آهي) ٻڌايو هو، منجهس ست هزار ڪپڙي اُڻڻ جا آڏاڻا ۽ ايڪويهہ هزار رڱو ڪوري رهندا هئا، ٻين ڪاسبي ماڻهن جو تہ ليکو ئي ناهي. هتي جا کيس، سوسيون، اڄڪ، ململ، بافتو، ڪاڏي، تسر، قناويز تمام مشهور اُٽت هئي ۽ ڪاشيءَ جو ڪم بہ ديسان ديس مشهور هو. سن 1653ع ۾، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ هن شهر مان لکين رپين جو رڱو بافتو خريد ڪيو هو. هي شهر مرزا شاهہ حسن جي حڪومت جي زماني ۾ سنڌ جو ڄڻ تہ گاديءَ جو هنڌ هو. جو تہ شاهہ حسن پنهنجو گهڻو وقت اتي گذاريندو هو. (نظرثاني ڪندڙ)

ايراني:

سنڌ ديس تي جن ڌارين سپ کان پهرين ڪاهون ڪيون، تن ۾ ايراني اڳيرا هئا. ايران جي بادشاهه دارا 518 ق.م پنهنجي اميرالبحر سيلوڪس جي چوڻ تي حملو ڪيو. سيلوڪس ڪابل ندي وسيلي سنڌوءَ جي گس کان واقف ٿيو هو. تي ڪاهه ڪئي، ان کان پوءِ ڪوروش ڪبير 550 سال ق.م سنڌ ملڪ فتح ڪري ان کي ايران سان ملائي ڇڏيو، پر ان جي بادشاهه يزدگرد جي پٽ جي شادي تي، تہ سنڌ جو ملڪ ان کي ڏيج ۾ ڏنو ويو[1].

سن 18-519 کان 450 ق.م ۾ ايران جي هخامنشي خاندان جي حڪومت سنڌ تي بہ قائم رهي.

سڪندر اعظم:

سڪندر 325 ق.م ۾ سنڌ تي حملو يو. انهن ڏينهن ۾، پنجاب ملڪ ۾ راجا پورس، الور ۾ راجا موسڪيناس، سيوهڻ ۾، راجا سامبس ۽ پٽيالا ۾ راجا موريس راڄ ڪندا هئا.

سڪندر جڏهن سيوهڻ ۾ اچي پنج - ڇهہ مهينا رهيو، تہ انهيءَ وچ ۾ هلي وڃي پنيور جو شهر ڏٺائين. سيوهڻ ۾ يادگار طور هڪ قلعي جا بنياد پرايائين پوءِ جلد ئي ملڪ وڃڻ جو ارادو ڪيائين ۽ سمنڊ رستي پنهنجي ملڪ ڏانهن روانو ٿي ويو، پر پنهنجي سپهہ سالار نَيارڪس کي حڪم ڪيائين، تہ انتظام رکڻ کان پوءِ هو باقي لشڪر سميت، بيڙين رستي درياءُ اُڪري سمنڊ وٽ پهچي. پوءِ هو وطن ڏانهن روانو ٿيو، پر بابل ۾ مري ويو.

آريائي قومون:

آرين جا ٽي قبيلا ان زماني ۾ پکڙيل هئا. هڪڙا ايراني، ٻيا باختري يا بختي ۽ ٽيان هندي.

چوڏهن سوءِ وريهہ ق.م ۾، آريائي نسل سنڌونديءَ ۽ گنگا نديءَ جي ڪنارن ۽ دوآبي وارن ميدانن ۾ پکڙجڻ لڳا. جيڪي پويان ٽي آيا، تن اڳين کي جنگيون ڪري ڏکي اڳيرو ٿي ڪديو. تنهڪري هي ماڻهو هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي ويا ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ ديس ۾ بہ پهتا.

---

[1] ايرانين پنهنجن بادشاهن جي يادگيري قائم رکڻ جي لاءِ منڇر ڍنڍ جو نالو 'منوچهري' ۽ ميرپورخاص لڳ ٻڌايل شهر جو نالو ڪيڪائوس رکيو هو. جنهن کي هاڻي 'ڪائو جو دڙو' سڏيو وڃي ٿو ۽ رني ڪوٽ جو نالو 'ايراني ڪوٽ' رکيائون. (ليکڪ)

موريا گهراڻو:

سڪندر يونانيءَ جي موت جو پڄاڻي، 301 ق.م. بهار جي موريہ گهراڻي وارن سنڌ تي چڙهائي ڪئي، سيني ڪان پهرين ڪڇ ڪي فتح ڪيو بعد ۾ سڄي سنڌ مان هڪ هڪ ڪري يونانين ڪي تڙي ڪڍيو. انهن جي ڏينهن ۾ سنڌ ديس ۾ ٻڌ ڌرم پکڙجڻ لڳو ۽ پالي ٻوليءَ جو اثر وڌڻ لڳو. هنن جو حاڪم سمراٽ چندرگپت موريا هو.

يوناني باختري گهراڻو:

سن 184 ق.م ۾ مورين تي باختري آرين هلان ڪئي ۽ ڪانئن سنڌ وني پنهنجي هٿ ڪيائون. هنن جو راجا جئدرٿ هو. جنهن جي راڻيءَ جو نالو دهسلا هو. جا راجا ڌرت راشٽر جي ڌيءَ ڪوروَن منجهان هئي. هن جي شاديءَ تي، ٽيهہ هزار برهمڻ سنڌ کي ڏاج ۾ مليا. جڏهن تي صديون ق.م. هستناپور جي تخت لاءِ، ڪرڪيتر ۾ پانڊون ۽ ڪوروَن جي پاڻ ۾ لڙائي لڳي، (جي ٻئي هڪٻئي جا سوٽ هئا)، تڏهن سنڌ جي راجا هڪ لک لشڪر، ڪوروَن جي مدد ۾ موڪليو ۽ گجرات جي راجا ڪرشنا ڏيڍ لک لشڪر، پانڊون جي همراهيءَ لاءِ روانو ڪيو. ان لڙائي ۾ پانڊون کٽيو ۽ ڪورون هارايو.

سٿين گهراڻو:

سن 70 ورهيہ ق.م. سٿين / ساڪ لوڪن سنڌ تي حملو ڪيو ۽ سنڌ کي فتح ڪري، پنهنجو ديرو ڄمايو. هنن پهرين صدي عيسويءَ ۾ سنڌ ديس جو نالو ڦيرائي "اندوستا" سڏيو. هنن جو اولاد، جاٽ، جت، گُجر ۽ راجپوت آهن، "جيڪي ڏکڻ سنڌ جي مالوند/ڌنار لوڪن جو گڏيل نسل آهي."[1] جي اڄ تائين سنڌ ۾ موجود آهن ۽ انهن پاڻ کي پرمار راجپوت سڏايو. پاڻ ٻڌ ڌرم جا پوڄاري هئا.

پارٿين گهراڻو:

سن 46ع ۾ سٿين کان پوءِ پارٿين لوڪ سنڌ تي ڪاهي آيا، جن سٿين تي گهٽيون ڪاهون ڪيون، پر ڪڏهن سٿين جي هار تہ پارٿين جي جيت، ڪڏهن وري پارٿين جي سوڀ تہ سٿين پوئتائي تي پئي. هنن جي وچ ۾ اٽڪل اڌ صدي ويڙهہ هلندي رهي.

---

[1] نظر ثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

ڪشن خاندان:

ڪشن خاندان جي حاڪمن سن 65ع ۾ سنڌ ڪي فتح ڪيو. ٽالميءَ جي لکڻيءَ مان پتو پوي ٿو ته سن 65ع کان 175ع تائين سنڌ تي ڪشن خاندان حڪمران رهيو.

انهيءَ دوران سنڌ تي هُن لوڪن حملو ڪيو. ٻُڌمت وارن تي هُن گهراڻي وارن جُلهه ڪري، انهن جو زور ڀڃي ڇڏيو ۽ پاڻ تخت جا ڌڻي ٿي وينا.[1]

ساساني گهراڻو:

ايران جي ساساني خاندان سن 176ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو. پر ٿوري عرصي ۾ سنڌ جي گهڻن ڀاڱن تي هتي جي اصلوڪن ماڻهن جون حڪومتون قائم ٿي ويون. جڏهن ته ساساني حڪمرانن جو اهو نالي ماتر سياسي غلبو سن 365ع، تائين هليو. انهيءَ سڄي دور ۾ سنڌ جي مڪاني حڪومت ساسانين جي ڏن ڀرو رهي.

وهليڪا گهراڻو:

سنڌ، سن 367ع ڌاري پوريءَ ريت خودمختياري حاصل ڪري ورتي. ان دور ۾ چندر گپت ٻئي، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۾ ساڪ لوڪن جي حڪومتن کي ختم ڪيو پر سنڌ کي ڪڏهن به فتح نه ڪري سگهيو. وهيلڪا خاندان جو راڄ اٽڪل 470ع تائين رهيو. اٽڪل 500ع ۾ سنڌ جي راءِ گهراڻي ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات کي سنڌو سلطنت ۾ شامل ڪري ورتو.[2]

راءِ گهراڻو:

هون لوڪن کان ترت پوءِ سنڌ جي اصلوڪن رهاڪن راءِ گهراڻي سن 499ع ۾ حڪومت جو واڳون ورتيون. جن پاڻ کي راءِ گهراڻي جي لقب سان سڏايو.[3] سندن راجائن جو تفصيل هن ريت آهي:

1. راءِ ڏيواجي، 2. راءِ سهاراس پهريون، 3. راءِ سهاسي پهريون، 4. راءِ سهاراس ٻيو، ۽ 5. راءِ سهاسي ٻيو ٿي گذريا آهن.

---

[1] نظر ثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

[2] ايضاً.

[3] راءِ گهراڻي وارا اصلوڪا سما آهن، ڪڇ جا جاڙيجا سما حاڪم راءِ سڏائيندا هئا ۽ آهن (نظرثاني ڪندڙ)

راءِ گهراڻي جي سنڌ تي حڪومت جي دؤر ۾، ايرانين هن ديس ۾ قرلٽ ڪئي، پر ڪين سنڌ جي راجا پڄائي ڪڍيو. انهن جي ڏينهن ۾ سنڌ جي گادي نيرون ڪوٽ يعني حيدرآباد لڳ هئي.

برهمڻ گهراڻو:

راءِ گهراڻي کان پوءِ سن 642ع ۾ وري برهمڻ گهراڻي، سنڌ تي ڏاڪو ڄمايو. هنن جا مشهور راجا: ڇچ، چندرا، ڏهر ۽ ڏهرسين تي گذريا آهن. هنن جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ سنسڪرت ٻوليءَ زور ورتو ۽ سرڪاري لکپڙهه پراڪرت ٻولين ۾ ٿيڻ لڳي. هنن جي گاديءَ جو هنڌ الور هو.

عربن جون ڪاهون:

عربن سنڌ تي ڪل ڇوڏهن حملا ڪيا. سن 712ع واري عربن جي ڪاهه جو بظاهر سبب اهو هو ته سرانديپ / سري لنڪا جي راجا، خليفي وليد سان دوستي قائم رکڻ خاطر ڪي غوراب [ٻيڙا] پرائي دمشق موڪليا، جن ۾ ڪي حاجي، حج ڪرڻ لاءِ سوار هئا ۽ انهن ٻيڙن ۾ ٻانهيون، موتي ۽ جواهر، ٻيون به سوکڙيون پاکڙيون جام هيون. اهي غوراب، جڏهن سنڌ جي حدن واري سمنڊ ۾ داخل ٿيا، ته ڪي قزاق (درياهي چور) انهن کي ڦري آيا. سمورا غوراب لٽي ديبل بندر تي پهتا. انهيءَ ويل مال جي حاصل ڪرڻ جي لاءِ خليفي، ان وقت جي راجا ڏاهر کي لکيو ته چورن کي جهلي سزا ڏيئي، سامان ۽ ماڻهو اسان ڏانهن موڪل، پر ڏاهر هن جي خط جي ڪاڻ نه ڪڍي. نتيجي طور سنڌ تي عربن کي ڪاهڻ جو موقعو مليو.

محمد بن قاسم:

سن 711ع ۾ بزيل جي مارجي وڃڻ کان پوءِ، ٻئي سال محمد بن قاسم ثقفي، جيڪو بغداد جي گورنر حجاج بن يوسف جو ڀائٽيو ۽ ناٺي هو. سو ڪاهي آيو ۽ فتحياب ٿيو ۽ سنڌ تي قبضو ڪيائين ۽ ڏاهر مارجي ويو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ ديس دمشق جي ماتحت رهيو.

عربن جي حڪمرانيءَ وارن ڏينهن ۾، سنڌ ملڪ تي عربي ٻوليءَ، مذهب اسلام، اسلامي روايت، رهڻي ڪرڻي ۽ لباس جو گهڻو اثر ٿيو. عربن جي حڪومت جي زماني ۾ هڪ ڀيرو پرمار راجپوتن حملو ڪيو، پر شڪست کاڌائون.

هباري خاندان:

عربن، سوا سؤ ورهيه سنڌ تي حڪومت ڪئي. پڇاڙيءَ ۾ عربيءَ النسل سنڌي هباري خاندان سن 854ع ۾ سنڌ جو خودمختيار حاڪم بڻجي ويو. جن

ڪان سن 1010ع سومرا راجپوتن مڪمل نموني سنڌ وني پنهنجي قبضي ۾ ڪئي، ۽ عرب جو ٻاجگذار تي رهڻ پسند ڪيو. جڏهن 60 ورهيه اڳ سن 950ع ۾، پهريون سومرو حاڪم نالي سومار ملتان ڪي گادي بنائي تخت تي وينو.

محمود غزنوي جي ڪاهه:

سن 1028ع ۾، محمود غزنويءَ سنڌ تي ڪاهه ڪئي. هن جي ڪاهڻ جو ڪارڻ هيءُ هه تہ: فردوسي شاعر، جنهن سان محمود انجام ڪيو هو تہ هو مون ڪي شعرن ۾ سڄو شاهنامو، ايران جي بادشاهن جي تاريخ جهڙو لکي ڏيندو تہ ڪيس هرهڪ مصرع لاءِ هڪ سوني مهر ڏيندس. ان ۾ ڪل سٺ هزار مصرعون ٿيون. ايتري رقم، وزير جي صلاح موجب، محمود، فردوسيءَ ڪي ڏيڻ قبول نہ ڪئي. تنهنڪري فردوسي شاهنامي جي پڇاڙيءَ ۾ هن تيءَ هجوَ (گلا جا بيت) لکي پاڻ وجي دمشق ۾ خليفي قادربالله وٽ پناهه ورتائين.

محمود، خليفي ڪان فردوسيءَ جي ٻانهن جي گهرُ ڪئي، جنهن ڏيڻ ڪان انڪار ڪيو. جيئن تہ ان زماني ۾ سنڌ جون واڳون اجا خليفي جي هٿ وس هيون، [illegible] رڻ واسطي، هن سنڌ تي چڙهائي ڪئي. پوءِ سنڌ تي حملو ڪري وڏي ڦرلٽ ڪيائين، پر سنڌ ڪڏهن بہ غزنوي سلطنت ۾ شامل نہ رهي.

غوري جي ڪاهه:

محمود ڪان پوءِ سن 1032ع مطابق 571هـ ۾، شهاب الدين غوريءَ پهريون دفعو سنڌ تي حملو ڪيو، پر ڪامياب نہ ٿيو. وري سن 1040ع مطابق 558هـ ۾، ٻيو ڀيرو زبردست حملو ڪري سنڌ فتح ڪئي، ۽ سنڌ ڪي افغانستان جي ڏن ڀرو ڪيائين.

سومرا گهراڻو:

سن 1030ع ڪان پوءِ سومرا راجپوت محمود غزنوي جي حملن جي ڪري سڄي سنڌ جا ملتان تائين حڪمران بڻجي ويا. ان ريت سومرا سنڌ تي حڪومت هلائڻ لڳا. گاديءَ جو هنڌ وگهه ڪوٽ ڪيائون.

سن 1125ع ۾، سومرن راجپوتن ڪان سوڍن راجپوتن ڏکڻ سنڌ جي حڪومت ڪسي ۽ پاڻ مسلمان ٿي سنڌ تي حڪومت ڪرڻ لڳا. هنن پنهنجي گاديءَ جو هنڌ

سن 1226ع مطابق 427هه ۾، ترم شيرين عرف علاؤالدين نالي دهليءَ ۾ رهندڙ ايراني سالار، سنڌ تي ڪاهيو. جنهن سان سومرن سخت مقابلو ڪيو ۽ ترم شرين پوئتي موٽ ڪاڏي.

سن 1236ع ۾، هندستان جي التمش بادشاه، پنهنجي وزير نظام الملڪ کي سنڌ تي چاڙهي موڪليو. ان وقت رڳو بکر خطي جو حاڪم ناصرالدين قباچه هو. باقي سنڌ جا والي سومرا هئا. نظام الملڪ ناڪام ٿي پوئتي موٽيو. سومرن اٽڪل ٽي سؤ ورهيه سنڌ تي حڪومت ڪئي. جيئن ته سوڍا راجپوت مسلمان ٿيا هئا. تنهنڪري هنن جي ڏينهن ۾ اسلام زور ورتو.

سمن جي اقتدار وٺڻ جي هڪ لوڪ روايت:

سن 1333ع ۾، سومرن جي پوئين حاڪم معين الدين عرف ارمائيل عرف همير کان سمن حڪومت هٿ ڪئي. سومرن سمن کي غيرت ڏياري، نه ته سما سدائين سندن صلاحڪار رهندا تي آيا. اهو ذڪر هن طرح آهي ته: هڪڙي جشن لاءِ سومرن جي شهزادن کي پاڏي جي گوشت جي ضرورت ٿي. سو بنا پڇاڻي سمن جي گهر مان هٿ ڪري وڃي ڪنائون. اها ڏاڏائي ڏسي، سمن جي زالن، مردن کي هشڪاريو ته اڄ بنان موڪل جي پاڏو چوڙي ويا آهن، سڀاڻي توهان جون زالون به وٺي ويندا. انهيءَ طعني سمن کي مجبور ڪيو، ته سومرن کان حڪومت کسي پنهنجي قبضي ۾ رکن.

سما گهراڻو:

سن 1335ع سمن جو پهريون حاڪم ڄام انڙ پٽ بانڀيڻو[1]، جيڪو لشڪر جو سردار هو، تنهن کي تخت تي ويهاريائون.

سمن جا حاڪم، جن ۾ ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو ۽ ڄام جوڻو بهترين حڪمران ٿي گذريا آهن. ڄام جوڻي سنڌ جي اُترئين حصي بکر تي ڪاهه ڪري، اهو حصو ترڪن کان ڇڏائي، سنڌ جو حصو بنائي ڇڏيو. اهو حصو گهڻو زمانو سنڌ کان ڌار ليکيو ويندو هو.

ڄام فيروز جي ڏينهن ۾ ڄام صلاح الدين کي حڪمران بڻائڻ لاءِ گجرات جي راجا سنڌ تي ڪاهه ڪئي، جنهن کي وزير اعظم ۽ سپه سالار

---

[1] بابينو، نه پر "بانڀيڻو" لقب آهي. اهو اسم عربن ۽ فارسيدانن کي اُچار ڪيڻ ۾ ڏکيو پئي لڳو، تن بابينو لکيو آهي، ساڳيءَ طرح جونوخان يا جوڻاخان به غلط لکيو اٿن. ان جو صحيح نالو ڄام جوڻو آهي جيڪو سما حاڪمن جو شاهي لقب آهي. (نظرثاني ڪندڙ)

دولهہ درياهہ خان سخت شڪست ڏيئي، پنتي پڇائي ڪديو. سمن جي گاديءَ جو هنڌ ساموئيءَ جو شهر ٺٽي جي ويجهو ڪوهستاني علائقي ۾ هو.

سن 1351ع ۾، محمد شاهہ تغلق سنڌ تي ڪاهہ ڪئي. بکر وٽ پهتو تہ پلو تيار ڪرائي خوب کاڌائين، جنهن جي ڪري پيٽ ۾ ولوڙ پيس ۽ مري ويو ان ريت اهو لشڪر وجي.

سن 1362ع ۾، محمد تغلق جي جاءِ نشين فيروز شاهہ تعلق، سنڌ تي چڙهائي ڪئي ۽ سنڌ کي فتح ڪري، دهليءَ جي تابع ڪري ڇڏيو. سنت ئي ڄامن لشڪر گڏ ڪري ڄام جوڻي ۽ ڄام خيرالدين، تغلق جي لشڪر سان وڙهي سنڌ آزاد ڪرائي.

(سمن جي راڄ ۾ ڄام صدر الدين عرف ڄام بانيڻيو II جي دور ۾)

سن 764هہ / 1362ع ۾ دهليءَ جي سلطان فيروز تعلق ڪاهہ ڪري پوکون ساڙائي ڇڏيون، تنهنڪري ملڪ ۾ ڏڪار پئجي ويو هو.

ارغون گهراڻو:

سن 1520ع ۾، سمن جي پوئين حاڪم ڄام فيروزالدين کان ميرزا شاهہ بيگ ارغون جنگ کٽي. هن جنگ ۾ سمن جو بهادر سپهہ سالار دولهہ درياهہ خان شهيد ٿي ويو. سمن هارايو ۽ ارغونن جي سنڌ تي حڪومت شروع ٿي، هنن پهريائين گاديءَ جو هنڌ ٺٽو ۽ پوءِ نصرپور ڪيو.

همايون جي ڪاهہ:

سن 1540ع ۾، هندستان جي بادشاهہ همايون کي، بنگال جي حاڪم شير شاهہ سوريءَ شڪست ڏيئي پڇائي ڪديو، جو ٻہ لک فوج ساڻ وٺي راجپوتانا مان رلندو سنڌ ۾ اچي سهڙيو. پورا ٽي سال سنڌ ۾ پئي ڦري و.

سن 1542ع ۾ همايون کي سنڌ ديس اندر عمرڪوٽ کي ويجهو اڪبر نالي پٽ ڄائو، جو پوءِ هندستان جو شهنشاهہ ٿيو.

همايون، سيوهڻ تي حملو ڪيو، پر ميرزا شاهہ حسن کي تابع ڪري نہ سگهيو. پوءِ سنڌ مان نڪرڻ جو خيال ڪيائين، پر وڃڻ لاءِ سواريون بہ هٿ ڪري نہ سگهيو. آخر مخدوم سرور نوح رحہ، هن کي ٻيڙين جو بندوبست ڪرائي ڏنو ۽ سنڌ مان ڪوچ ڪري ايران هليو ويو.

ترخان گهراڻو:

سن 1552ع ۾، ارغونن جي ميرزا شاهه حسن حاڪم کان ترخانن جي اڳواڻ ميرزا عيسيٰ پهرئين حڪومت هٿ ڪئي. جڏهن ارغونن ۽ ترخانن جي وچ ۾ ويڙهه هلندڙ هئي، تہ ميرزا عيسيٰ ترخان اول بڪر جي حاڪم محمود ڪوڪلتاش خلاف پورچوگيزن کي مدد لاءِ لکيو هو.

سن 1555ع ۾، پورچوگيزن جو جنگي ٻيڙو پيدرو بئريٽو جي سرڪردگي هيٺ ٺٽي ۾ اچي وارد ٿيو. پر ميرزا عيسيٰ ترخان پورچو گيزين جي پهچڻ کان اڳيئي بکر جي حاڪم سان نهي ويو هو، انهيءَ ڪري هُــن پورچوگيزيـن جي ڪابہ پرگهور نہ لڌي، تنهنڪري هنن ڪاوڙجي ٺٽي شهر ۾ ماراماري ۽ ڦرلٽ ڪيائون ۽ پڇاڙيءَ ۾ شهر کي باهه ڏيئي ساڙي هليا ويا.

مغل:

سن 1593ع ۾، اڪبر بادشاهه عبدالرحيم خان خانان جي اڳواڻيءَ ۾ فوجون موڪلي، ترخانن جي پوئين حاڪم جاني بيگ کي شڪست ڏيئي، سنڌ کانئس ڇڏائي، دهليءَ جي تابع رکي ۽ سنڌ ملڪ کي ملتان جو هڪ ضلعو ڪري ليکيو. هڪڙي درويش ان وقت پيشنگوئي ڪئي ۽ چيو.

جيسين نديءَ نير، تيسين طبل تنهنجو،
ڪلهوڙو قلات مان آندوسين اُڪير،
ڪلهوڙي جا ڪيرَ، پورياسين پاتار ۾.

مغلن جي قبضي ۾ اچڻ کان پوءِ، سنڌ تي پار هڪ سؤ ورهيہ کان مٿي (1621ع - 1737ع) تائين مغلن حڪومت ڪئي.

سن 1600ع ۾، ترخانن جو زور گهٽجي ويو. ڏاکڻي سنڌ جي حصي تي مغلن پاران مقرر ڪيل اهلڪار خسرو خان چرڪس خودمختيار ٿي حڪومت ڪرڻ لڳو. ترخانن جي گاديءَ جو هنڌ پڻ ٺٽو ٿيو[1].

---

[1] ٺٽي لفظ، لاءِ ذڪر آيل آهي، تہ هڪ ڀيري راجا چچ ديبل بندر کان لڙيءَ رات جو نڪتو ۽ الور ڏي ويو. انهيءَ جاءِ تي ڪيس سج اُڀريو ۽ سج جي پوڄا ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جو لوٽو گهرائي، پاڻي سج جي سامهون لار ڪري هارڻ لڳو. اهڙي پوڄا ڪندڙ کي سنسڪرت ۾ "ٺٽيہ" يعني دراءُ پنٽي ۽ سورج پنٽي ڪري ڪوٺين ٿا. هن جاءِ کي انهيءَ سببان ٺٽو سڏيو ويو. ڪي چون ٿا، تہ هن جو اصلي نالو سامي ڳڙهہ هو. ڪن جو چوڻ آهي تہ چار سؤ ورهيہ اڳ هن شهر جو بنياد ڄام ڪنڌي سمي وڌو هو. پراڻي شهر کي ننگر ڪوٺيندا آهن. نئي شهر جو بنياد ڄام نندي نظام الدين رکيو هو ۽ هن کي گاديءَ جو هنڌ بنايو. ٺٽي جو اوج تمام گهڻو وقت هليو. هتي ڪئين هنري مڪتب، مدرسا هئا، جن مان وڏا عالم ۽ ڪاريگر پيدا ٿيا. سن 1635ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني نہ فقط نصرپور مان، پر ٺٽي ۽ سيوهڻ مان بہ ڪپڙو خريد ڪيو هو. مطلب تہ اهي سنڌ جا برک شهر هئا، جتي سڄي سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جو وڏو اوج رهيو. (ليکڪ)

دائودپوٽا:

سن 1617ع ۾، اتر سنڌ تي دائودپوٽن قبضو ڪيو ۽ شڪارپور ڪي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪيائون. اهي ڪلهوڙن جا سڳا سوٽ هئا.

ڪلهوڙا گهراڻو:

سن 1657ع ۾، ڪلهوڙا، قلات کان سنڌ ۾ موٽي آيا. هيءَ قبيلو اصل سنڌ جو رهواسي آهي، هنن جي ڏاڏي جو نالو اوڍاڻو هو. سنڌ ۾ ڪل هڪ گاهه جو نالو + واڙ معنيٰ 'لوڙهو'. اها زمين جنهن تي ڪل جو گاهه گهڻو نڪرندو هو اتي رهيا. تنهنڪري کين "ڪلهوڙا" ڪوٺيائون.[1] هيءَ هڪ ويڙهاڪ قبيلو هو. هنن کي سن 1570ع ۾ مغلن باغي چئي، کين ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏي. هنن قلات ۾ وڃي پناهه ورتي هئي.

سن 1558ع کان سنڌ ۾ هن قبيلي جا ڪي درويش فقير: ميان آدم شاهه ميان شاهه محمد ۽ ميان الياس پيري مريديءَ وسيلي پنهنجو سماجي، مذهبي ۽ سياسي زور، وڌائيندا رهيا، پر مغل حڪومت جو هنن طرف اڳ ۾ ڪوڏيان نہ هو.

سن 1658ع ۾ ڪلهوڙن لشڪر ناهي، مغلن سان چوٽون کاڌيون، مغلن مجبور ٿي، دهليءَ تخت پاران ميان يارمحمد ڪلهوڙي کي سنڌ ڏيئي، پنهنجو نائب ڪري سنڌ جو والي بنايو.

سن 1700ع ۾، ميان يارمحمد پاڻ کي سنڌ جو خودمختيار حاڪم سڏايو ۽ پنهنجي گاديءَ جو هنڌ خداآباد کي بنايو. سن 1718ع ۾ سندس پٽ نورمحمد ۽ محمد خان بہ قلات کان لڏي سنڌ ۾ آيا. سن 1719ع ۾، ميان نورمحمد ڪلهوڙي اتر سنڌ مان دائودپوٽن جو زور ڀڃي، سنڌ جي سياسي وحدت کي مستحڪم ڪيو.

نادر شاهه جي ڪاهه:

سن 1739ع ۾، ايران جي بادشاهه نادر شاهه هندستان تي ڪاهه ڪئي ۽ محمد شاهه مغل جي ڌيءُ پنهنجي پٽ کي پرڻائي ۽ سنڌ، هن کي ڏاج ۾ ڏني، نادرشاهه سنڌ کي ورهائي ڇڏيو. اتر سنڌ وارو حصو دائودپوٽن کي مليو. اتر - اولهہ وارو ڀاڱو قلات سان ڳنڍيو ويو. سنڌ وري ٽڪر ٽڪر ٿي ويئي.

---

[1] هيءُ قبيلو "ڪلور" ٽڪريءَ تي رهڻ سبب "ڪلورو" پوءِ ڪلهوڙو بڻيو. (نظرثاني ڪندڙ)

سن 1747ع ۾، نادرشاهه جي موت کان پوءِ، احمد شاهه ابدالي سنڌ تي چڙهائي ڪري آيو، ڏاڍو نقصان ڪيائين. نورمحمد ڪلهوڙو وجي عمرڪوٽ جي قلعي ۾ بند ٿيو. پوءِ ڏن ڀرڻ جي ضمانت ڏئي، پنهنجي تخت تي ويٺو.

ٽالپر خاندان:

سن 1781ع مطابق 1198هه ۾، ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي مدد لاءِ افغانستان جي حاڪم تيمور شاهه، هڪ وڏو ڪٽڪ، مدد خان پٺاڻ جي ڪمان هيٺ سنڌ ڏي ڏياري موڪليو. جنهن کي عبدالنبيءَ کان وعدي ڪيل ڏن جي رقم نہ ملي. هنن سڄي سنڌ ۾ بائيتال باري ڏنو: ڦرلٽ ڪئي، شهر ساڙيا، ماڻهن کي ماريو اصل ماناڻ وڃهي ڇڏيو. مدد خان جي ڦهري ڪارنامن ڪري سنڌ ۾ هيءَ چوڻيون عام ٿيون:

گهل ڙي گهل، گهوڙا! ڙي گهوڙا!
چو ڪو مدد خان پويان پيو اٿئي ڇا؟

هن دور ۾ نصرپور، اگهم ڪوٽ، عمرڪوٽ، ڇاڇرو، ڪانٽيو، فتح باغ، جوڻ ۽ بدين جا شهر ڦريا لُٽيا ۽ ساڙيا ويا. عبدالنبي ڪلهوڙي جي ظلم کان تنگ ٿي هڪ درويش بيت ڏنو[1].

نڪو نديءَ نير، نڪو طبل تنهنجو،
ڪلهوڙو ڦلات جو، تڙي ڪيوسون تغير،
ڪلهوڙي جا ڪيرَ، پٽياسون پاتار مان.

نيٺ مدد خان کي، فتح علي خان ٽالپر بروچن جو لشڪر وٺي، ان سان وڙهي سنڌ مان ڊوڙائي ڪڍيو.

ٽالپر خاندان کي، ڊيره غازي خان کان ميان محمد خان پٽ يارمحمد خان ڪلهوڙي لڏائي، آڻي سنڌ جي لشڪر ۾ ڀرتي ڪرايو هو.

ٽالپر: سن 1782ع ۾، هالاڻيءَ جي جنگ ۾ مير فتح علي خان، ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي لشڪر کي زبردست شڪست ڏئي، سنڌ پنهنجي قبضي ۾ آندي.

سن 1783ع ۾، مير فتح علي خان، ٽالپرن پارن سنڌ جو پهريون حڪمران ٿي گاديءَ تي ويٺو. گاديءَ جو هنڌ حيدرآباد کي ڪيائين.

---

[1] ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾، مخدوم عبدالرحمان ڪهڙن وارو، شاهه عنايت جهوڪ وارو ۽ خود ميان سرفراز محمد شهيد ڪرايا ويا هئا.

ٽالپرن پنهنجي حڪومت، ٻن چوٿارن بنائڻ سان ڏاڍي قرب ۽ محبت سان هلائي، سنڌ ديس کي ٽن حصن ۾ ورهايائون ۽ هر هڪ پاڙو جدا جدا ملڪ سنڀالڻ لڳو.

اعظم خان جي ڪاهه:

سن 1810ع ۾، قنڌار جو هڪ وزير، اعظم خان وڏي فوج وٺي سنڌ تي ڪاهي آيو. لاڙڪاڻي واري حصي تي حملو ڪيائين. ميرن نوَ لک رپيا خراج ڏنس جيڪا وٺي، هو خوش ٿي روانو ٿي ويو.

شاهه شجاع جي ڪاهه:

سن 1828ع مطابق 1248هه ۾ شاهه شجاع، هندستان جي لڌياني شهر مان منزلون هڻندو، سنڌ ۾ افغانن جو خراج اڳاڙڻ لاءِ پهتو. جنهن جي ڪري ڪرڙيءَ واري جنگ لڳي، جنهن ۾ سوين سنڌي شهيد ٿيا.. پر پوءِ سگهو ئي صلح ٿيو. اهو به خراج وٺي افغانستان هليو ويو. جو انگريزن ڪيس وري تخت تي ويهارڻ جو سانباهو ڪيو هو. ميرن جون شڪستن تي شڪستون سٽي صوفي صادق فقير سومري بيت چيو:

نڪي ٿو چاڙهيان لانگ، نڪي ٿو چاڙهيان بانگ،
پورا اچي پيل، ساري سنڌ صادق چوي!

(يعني لانگ وارا هندو ۽ بانگ وارا مسلمان حڪومت ڪرڻ ڪان ڇتا، مرڳو نئين قوم پُورن (انگريزن) جي ٿي اچي.)

انگريز جي حڪمراني:

سن 1838ع ۾ انگريزن سنڌ ۾ پختا پير ڄمايا. ٽالپرن کان اجازت وٺڻ لڳا ته: اسان کي شاهه شجاع جي مدد ڪرڻ واسطي، افغانستان ڏانهن لشڪر موڪلڻ لاءِ، سنڌو نديءَ مان لنگهڻ جي اجازت ڏيو. گهڻي ڪوشش کان پوءِ اها اجازت حاصل ڪيائون. سنڌ ۾ ته اڳئي ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ واپار سانگي ڪوٺيون وڌيون هئائون. جڏهن ميرن کي شڪست ڏئي سنڌ جي حڪومت هٿ ڪيائون، ته ماڻهو چوڻ لڳا ته "آئي ٽانڊي ڪاڻ، تي ويئي بورچاڻي" ڇو جو واپار جو بهانو بنائي، سنڌ ملڪ جي ڪنڌ ڪرڇ جاچي دغا سان ميرن کي منجهائي ۽ پاڻ ۾ ويڙهائي جاڪر بنجي ويا. پر ميرن لاءِ به اها ڳالهه مشهور ٿي ويئي ته: "ميرن کي ڪتان لڳي؟ چي: گهر

مان.“ هنن انگريزن جي چالاڪي نہ سمجهي هئي، هو ويا معاهدن تي معاهدا ڪندا تہ ٽالپر بہ ويا صحيحون وجهندا!

سن 1843ع ۾، مياڻي ۽ ڏٻي ڄُوٺن وٽ پوئين ميرن نصيرمحمد ۽ شيرمحمد خان انگريزن سان جنگيون ڪيون، پر پڄي نہ سگهيا.

انگريزن قبضو حاصل ڪري سنڌ جو پهريون گورنر سرچارلس نيپئر کي مقرر ڪيو ۽ سنڌ جي گادي ڪراچيءَ ۾ ڪئي.

سن 1847ع ۾، سنڌ مان گورنري راڄ ختم ڪري، انگريزن سنڌ صوبي کي ممبئي پرڳڻي سان ملائي ڇڏيو. سنڌ جو پهريون ڪمشنر پرنگل کي مقرر ڪيائون.

سنهان پاڻ ۾ سپ، ويا واسنگن جا،
جنين جي جهڙپ، هاٿي هنڌان ئي نہ چري.

سن 1914ع ۾، يورپ ۾، انگريزن سان جرمنن جي لڙائي لڳي، جنهن ۾ سڄو ننڍو کنڊ انگريزن جا مددگار رهيو. اها جنگ جرمنن کان انگريزن کٽي ورتي.

اچي عزرائيل ستي جاڳائي سسئي،
ٿي ٻوڙائي دليل، تہ پنهونءَ ماٺهو موڪليو.

سنڌ جي بمبئي کان انتظامي جدائي:

سن 1937ع ۾، قائداعظم محمد علي جناح، سر سلطان محمد شاھ آغا، سيٺ حاجي عبدالله هارون، سر غلام حسين هدايت الله، محمد ايوب کهڙي، جي. ايم سيد ۽ ميران محمد شاھ جن گڏجي سنڌ کي ممبئي پرڳڻي کان ڌار ڪرايو. سنڌ هڪ صوبو سڏجڻ ۾ آيو، جنهن جو پهريون گورنر سرلانسلاٽ گرهام مقرر ٿيو.

سن 1939ع ۾ وري جرمنن سان انگريزن جي ٻيو ڀيرو لڙائي لڳي. ان ۾ بہ انگريزن کٽيو. هن دفعي هند ۽ سنڌ انهيءَ شرط سان انگريزن جي مدد ڪئي، تہ جي انگريزن کٽيو تہ هند ۽ سنڌ کي مڪمل آزادي ڏيندا.

انگريزن پورا هڪ سؤ ورهيہ سنڌ ملڪ تي حڪومت ڪئي.

پاڪستان جو ٺهڻ: سن 1947ع ۾ انگريزن جي پوئين وائسراءِ لارڊ مائونٽ بيٽن جي ڏينهن ۾ هند ۽ سنڌ آزاد ٿيا ۽ انهن جو ورهاڱو ٿيو. هڪ نئون ملڪ ”پاڪستان“ وجود ۾ آيو. هن ۾ پنجاب، بلوچستان، سرحد ۽ سنڌ صوبا

الهندي پاڪستان جي نالي سان نهيا ۽ ايرندو بنگال نالي، ايرندي پاسي اوير پاڪستان جو حصوُ قائم ٿيو. جن کي گڏي پاڪستان نالو ڏنو ويو.

انهي نئين نهيل ملڪ پاڪستان جو گورنر جنرل، قائداعظم محمد علي جناح ٿيو. ڪراچي کي گاديءَ جو هنڌ بنايو ويو.

منڪر ۽ نڪير کي، جڏهن ڏنائين،
اڳيان اتي ان کي، پنهون پڇيائين،
ادا! اُٿائين، ڪو ويو ساٿ سڄڻ جو؟

ون يونٽ: سن 56 - 1955ع ۾، پاڪستان جي گورنر جنرل غلام محمد، سنڌ کان صوبائي اختيارات کسي، سنڌ کي اولهه پاڪستان جو هڪ انتظامي حصو قرار ڏئي "ون يونٽ" ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ لاهور کي گاديءَ جو هنڌ بنايو.

هيڪليتائي هيل، پورينڌس پنهونءَ ڏي،
آڏا ڏونگر لڪيون، سوريون سُجهن سيل،
تہ ڪر پيلي آهن پيل، جي سُور پريان جا ساڻ مون.

ان وقت سنڌ جو وزير محمد ايوب کهڙو هو. جنهن سنڌ کي ون يونٽ ۾ شامل ڪرايو. ان ريت ٻٽيهہ ڪروڙ رپيا سنڌ جو فنڊ بہ اولهہ پاڪستان جي خزاني ۾ جمع ٿي ويو.

ٻلر لڳو ٻاڻَ، پسو! جوءِ جـَرا ٿئي،
سا مُنڌ مري نہ جيئي، ٻيئي پچاڙي پاڻ،
سئي سورن ساڻ، سنيوڙي سيد چئي.

مٿين ڪاهن، جنگين ۽ ڦيرين گهيرين، سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن تي وڏو اثر وڌو آهي: ماراماري، پيچ پچان ۾ ماڻهن پنهنجا ڏنڊا، گهرگهاٽ، هنر حرفتون وقت بوقت پئي تبديل ڪيون، تنهن کان سواءِ ڪاهيندڙن جي ظُلمي ڪارروايُن ڪري امن ۾ سدائين خلل پوندو آيو. خونريزيون، ڏڪار، بيماريون بہ نڪري نروار ٿيون. ڌارين پنهنجا قاعدا قانون بہ زوريءَ سنڌ جي رعيت مٿي مڙهيا.

انهن ڪاهن ڪندڙن ۾ هڪڙا تہ اهي هئا، جي سنڌ کي وطن بنائي وينا ۽ ٻيا وري اهڙا هئا، جي ماري هاري ٻگريون ٻري هليا ويا. تنهنڪري ماڻهو مطمئن ۽ مستقل مزاج نٿي رهي سگهيا. ڪنهن چيو آهي تہ:

سنڌ سونهاري سڦري، ڪي ماڻهو منجهس خام،
جيڪو هٽي موچڙو، تنهن جو پرين سلام!

لطيف سائين چيو آهي تہ:

آدميــــن اخـــلاص، متـــائي مـــانو ڪيـــو،
هـــاڻِ ڪـــائي سـيڪو، ســندو مـــاڻهوءَ مـــاسُ،
دلبـــر هـــن دنيـــا ۾، وجـــي رهنـــدو واس،
پيـو سـڀُ لـوڪ لبـاس، ڪـو هڪـڙو هونـدو هيڪـڙو.

(لطيف)

ڏڪار:

سن 1806ع ۾ ڪڇ ملڪ ۾ ڏڪار پيو. ڏڪاز ڪري ماڻهو سنڌ ڏانهن اٿلي پيا.

سن 1811ع ۾، هندستان جي گهڻن ڀاڱن ۾ ڏڪار منهن ڪڍيو. سن 1856ع ۾ هڪ ٻيو ڏڪار جنهن کي "ڇپني" جو ڏڪار تا ڪوٺين. هن ڏڪار جي ڪري ڪانياواڙ، گجرات، مارواڙ ۽ ڪڇ جي ماڻهن سنڌ ڏانهن رخ رکيو. معصوم ٻار خاص طرح نياڻيون وڪڻي ويلا وارڻ لڳا.

سن 1869ع ۾ برساتن نہ پوڻ ڪري، هڪ وڏي ڏڪار سنڌ جي نارا ويليءَ کي وڪڙ ۾ ورتو. ان جو گهڻو اثر ٿر واري حصي تي ٿيو هو. ان وقت جي سرڪار ڏڪار جي مارين کي اُهج ڏيڻ ڪاڻ نوان واهہ کوٽايا ۽ نوان رستا ٺهرايا.

سن 1892ع ۾ وري ٿر ۾ ڏڪار پيو. سرڪار جمڙائو واهہ جي رٿ رٿي. هي واهہ ٻن ڀاڱن ۾ کوٽائڻ شروع ڪرايائون. هڪڙو ميرپورخاص جي ايرندي پاسي وهندڙ يعني وڏو جمڙائو ۽ ٻيو ميرپورخاص جي الهندي طرف ڪان وهندڙ يعني ننڍو جمڙائو. انهيءَ واهہ جي کوٽائڻ ڪري ڏڪاريلن کي پيٽ ۾ ساهہ پيو ۽ خوش ٿي چوڻ لڳا.

جيئي جمڙائو، جنهـن جي ڪچـي پٽـي ڪـاتي،
ٿينـدو اَنُ سهـانگـــو، پٽـــسي لڳنــدي پــاتي،

سن 1899ع ۾ جمڙائو واهہ جو سرڪار مهورت ڪيو، تہ ساڳئي سال وري ڏڪار ڏند ڏيکاريا!

بيماريون:

سن 60 - 1659ع ۾ ۽ سن 99 - 1698ع ۾ مهـامري يعنـي وڏي پليـگ جي بيماريءَ سنڌ کي نهوڙي نيو.

سن 1764ع، سن 1847ع، سن 1886ع، سن 1900ع ۽ 1921ع سن 1934ع ۾ ڪالرا قهر ڪيا. شهرن جا شهر ڊُف تي ويا. لڪين ماڻهو ٻن - ٽن ڪلاڪن ۾ اُلٽين ۽ دستن وگهي لُڇي لُڇي ڦٿڪي ڦٿڪي تي مئا.

روئان ڪئين ڪري، مادر ملاحن ڪي.

سنڌو ندي (سپت سنڌو)

گهڙو ڀڳو، منڌ مئي، وسيلا ويا،
تنهان پوءِ سُئا، سهڻيءَ سڏ ميهار جا.
(لطيف)

سنڌو نديءَ جا نالا:

سنڌ ۽ سنڌو نديءَ جي انهيءَ نالي پوڻ بابت ڪيترين روايتون ۽ قصا آهن، جهڙوڪ: حضرت نوح نبيءَ جنهن ڪي آدم ثاني سڏيو ويو آهي. ان جي هڪ پوٽي جو نالو "سنڌو"[1] هو. اهو پاڻ ۽ سندس اولاد، شام کان هلندو هلندو اچي هن درياءَ جي ڪناري تي آباد ٿيو ۽ اتي ئي پکڙيو. هنن ڪيتي ٻاڙي ڪرڻ، ٻيڙيون هلائڻ ۽ مڇي مارڻ جي هنرن ۾ ڪمال حاصل ڪيو. انهن ڏنڌن ڪري، "گنڌرا" نالي سان سڃاڻجڻ لڳا. گنڌرا معنيٰ پاڻيءَ جي پر تي جاليندڙ ماڻهو.

هنن جي رهڻ جو وڏو مرڪز پشاور جي ويجهو هو. تنهنڪري انهيءَ مرڪز ڪي گنڌار[2] ڪوٺيندا هئا. هنن پنهنجي وڏي ڏاڏي ڪي عزت ۽ مانُ ڏيڻ خاطر هن درياءَ جو نالو سنڌو رکيو. هن نديءَ جيڪو ملڪ آباد ۽ سرسبز تي ڪيو، ان ساري پرڳڻي ڪي سنڌ تي سڏيائون.

2. ٻيو وجي ٿو ته: جڏهن سامين ۽ عڪادن، سميرين ڪي بابل ۽ نينوا جون حڪومتون ڦري ڪين ڀڄائي ڪڍيو، تڏهن هو عراق ملڪ جي ڏکڻ ڏي هلندا وڏندا هندستان ڏي آيا. جڏهن هن نديءَ جي ڪناري تي پهتا، ته پرينءَ پر

---

[1] چون ٿا ته: حضرت نوح عليہ السلام ڪي چار پٽ هئا: پهريون حام، جنهن جو اولاد آفريقي نسل وارا آهن، ٻيو سام، جنهن جو اولاد يورپي نسل وارا آهن. ٽيون ڪنعان، جنهن جو اولاد آريہ يعني وچ ايشيا وارا، عرب ۽ اسرائيل وغيره آهن ۽ چوٿون يافث، جنهن جو اولاد، منگول، چيني، جپاني ۽ هندستاني نسل وارا آهن. هنن ۾ تضاد آهي. ڪي تي پٽ چون ٿا ۽ ڪنعان پوٽو ٿا ڄاڻائين. ٻيا وري هيئن ٿا چون ته: ڪنعان ۽ "سنڌو" پوٽا هئا. هنن جو اولاد، آريا، يعني ايراني، افغان ۽ هندي آهن! جي سچ پچ حضرت نوح عليہ السلام جي پوٽي جو نالو سنڌو هو ۽ هو لڏي اچي هن نديءَ جي ڪپ تي وڏيو ۽ ويجهيو، ته پوءِ اسان جي ديس جي تهذيب توڙي سڀيتا خالص سنڌي سڏي ويندي ۽ نه سامي يا سميري. (ليکڪ)

[2] گنڌار، بروزن فعال، جمع جو جمع آهي. سامي ٻولين جو جمع جو جمع انهيءَ فعل سان نهي ٿو. (ليکڪ)

اُڪرڻ اڙانگو ٿي پين ۽ اتي ئي رهي پيا ۽ ان ريت وڌڻ ۽ ويجهڻ لڳا ۽ جن هنڌن تي وڌيا، انهن کي "سامراڌ" يعني سامرين جو اڏو سڏيائون. تنهنڪري نديءَ جو اهو نالو سامراڌ هو. جو پوءِ بدلجي سنڌو ٿيو آهي.

3. ائين بہ چيو وڃي ٿو تہ: چوڏهن سؤ ورهيہ ق.م، آريا لوڪ وچ ايشيا کان لڏي، ڀارت ڏي آيا. منهن ۾ اچڻ شرط هيءَ درياءُ ڏسي ڀانيائون تہ ڪو سمنڊ آهي ۽ هن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ سينڌو يعني سمنڊ سڏيائون.

4. آرين کي سفر ڪندي هيءَ ندي سامهون آئي. هنن ايڏي وڏي ندي اڳي ڪابہ ڪانہ ڏٺي هئي، تنهنڪري هن کي "سندر، يعني سامهون روڪ ڪندڙ ڪوٺيائون. جنهن تان ڦري، هن جا نالا سنڌو ۽ سندو پيا.

5. جڏهن اندوستين، سنڌ تي ڪاهہ ڪئي، تڏهن هنن سنڌ کي اُندوستا" سڏيو ۽ هن نديءَ کي "اندس" نالو ڏنو.

6. ڪن هن نديءَ کي مهراڻ بہ ڪوٺيو آهي. مها + ارڻو، جنهن ۾ مها معنيٰ وڏو ۽ ارڻو معنيٰ پاڻي. اهو نالو انين صديءَ کان بہ اڳ اُچاريو ويندو هو.

جيئن تہ هن نديءَ جي اُٿلن، ٻوڏن ۽ ڦيرين گهيرين ملڪ جي ثقافت تي ڳوڙهو ۽ گهرو اثر ڇڏيو آهي، تنهنڪري هن جو بيان ڪرڻ پڻ لازمي آهي.

سهسين سائر ٻوڙيون، منڍ ٻوڙيو مهراڻ،
وَهــ وڃايو پاڻ، هٿي ڪنڌ ڪپن سين.

(لطيف)

سنڌو نديءَ کي ست ٻيون نديون، جن مان بہ الهندي طرف کان ۽ پنج اڀرندي طرف کان پرتي ڪندڙ هيون ۽ انهن کان سواءِ ٻيا ڪيترا واهڙ بہ سنڌوءَ جون پرتي ڪندڙ شاخون آهن.

اها ندي، هماليہ جبل جي مانسرور ڍنڍ جي ڪيلاش پربت وٽان نڪري، ڪيترين ئي شاخن، نهرن، ڇاڙهن ۽ ڦاٽن ۾ ورججي، پوءِ وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي.

هن نديءَ گهٽ ۾ گهٽ تہ بہ پنج لڳا پنهنجو پيٽ پٽي ڦيرايو آهي. انهيءَ ڪري هن کي "پورالي" ندي بہ ڪري ڪوٺيندا آهن، جا سراسري ٻن - اڍائن صدين کان پوءِ پيٽ بدلايو وڃي. هن جي وهڪري جو رخ دائمي طرح سن 1829ع ۾ ڦري گهري دنگ ٿيو. ان کان پوءِ ساڳين ڪنارن ۽ پڌن تي وهندي

اچي. انگريزن تہ هن کي بند مٿان بند ٻڌائي، انهن کي اندرين پاسن کان پٿرن جي پچنگ ڪرائي ڇڏي آهي. جيئن ڪنهن پاسي ڇري نہ سگهي.

هيءَ ندي جڏهن سنڌ ديس جي ڏکڻ ۾ گهٽين ڇاڙهن ۾ ورهائجي وهندي هئي، تڏهن سندس صورتحال هن طرح هئي: سمنڊ ۾ ڪل ست ڇوڙ ڪندي هئي، انهن مان ٻہ ڇوڙ، ڪڇ رياست جي ڏکڻ - اپرندي واريءَ ڪنڊ وٽ، ٽي ڇوڙ، هاٽوڪي ساماري تعلقي جي سنڌو ڏکڻ ۾، ڏيپلي ۽ بدين تعلقن کان سڌائي ۾ هينيرو ڪاچيل تي ۽ باقي ٻہ ڇوڙ، ميرپورساڪري تعلقي جي اولهائين طرف سمجهجن ٿا.

نديءَ ملتان جي حدن مان نڪرڻ کان پوءِ ٻہ ڇاڙهون اپرندي طرف ٿي واهيون ٿي، انهن مان هڪڙي جو نالو هاڪڙو درياءُ[1] هو. اهو درياءُ جيسلمير کي آباد ڪري ننگرپارڪر تعلقي مان وهي پاري ننگر بندر وٽان (رڻ ڪڇ کان ڪوري نار ۾ وڃي ڪرندو هو) سمنڊ ۾ ٿي پيو. هن مان جيسلمير ۾ هڪ ندي ڪوري نالي جدا ٿئي ٿي، جنهن ڪڇ ملڪ کي آباد ٿي ڪيو ۽ ننگرپارڪر تعلقي ۾ منجهانئس هڪ ڦاٽ ملهار[2] نالي ٿي نڪتو، جنهن ننگرپارڪر جو اتريون پاڱو آباد ٿي ڪيو.

ٻيو هو نارو درياءَ، جنهن جي ڪپ تي ڏيجيءَ جو مشهور وڏو شهر آباد هو. سنڌ پرڳڻي جو اپرندو حصو آباد ڪري، لکپت وٽان نڪري، ڏوتڙ بندر وٽ (رڻ ڪڇ) سمنڊ [ڪوري نار] ۾ ٿي ڪريو.

هيءَ ندي، الوُر وٽان پوريون ٽي شاخون ٿي وهندي هئي. هڪ جو نالو مُهراڻو درياءُ هو. هن تي ڪيڪائوس[3] جو شهر (هاڻي ڪائو جو دڙو) عمرڪوٽ ۽ وِگهہ

---

[1] هاڪڙو درياءُ دلوراءُ سومري جي حڪومت ۾ آيل زلزلي سبب لٽجي ويو. جڏهن سمن جي سنڌ تي حڪومت شروع ٿي، تہ هنن پنهنجن پاڻرن سمن لاءِ جي ڪڇ ملڪ ۾ رهندڙ هئا، هن درياءَ کي وري الور وٽان کوٽائڻ شروع ڪيو، جيئن ڪڇ ملڪ کي پاڻي پهچي. چوندا هئا تہ

هاڪ وهندو هاڪڙو، پڄندي ٻنڌ اروڙ،

ٻهہ، مڇي، لوڙهہ، ويندا سمي سوڪڙي. (ليکڪ)

مَطلب: [هيءُ درياءُ ڪڇ ملڪ ۾ ٻيهہ، پٻڻ ۽ لوڙهہ پيدا ڪندو، جي سنڌ جا سما، پنهنجي ڪڇ جي پاڻرن سمن کي سوغات ڪري موڪلي رهيا آهن.]

[2] هي ڦاٽ جنهن زمين جي خطي کي آباد ڪندو هو، ان کي ملهار يا ملير ڪوٺيندا هئا. پر اسان غلطيءَ کان مارويءَ جي ڳوٺ کي ملير ٿا ڪوٺيون. جڏهن تہ مارويءَ جو ڳوٺ جو نالو ڀالوَ آهي. هو نئين ملير معنيٰ سائو ۽ سر سبز آهي. (ليکڪ)

[3] هي شهر ايرانين پنهنجي بادشاهہ جي يادگيري ۾ ٻڌايو. هتي پوءِ ٻڌ ڌرم وارن قبضو ڪيو. (ليکڪ)

ڪوٽ مشهور معروف شهر هئا. ساماري تعلقي جي سڏو ڏڪڻ ۾ سنڌڙي بندر وٽان ڦيرو ڪائي، لوهاڻي درياءَ سان وڃي ٿي مليو. ٻي ڇاڙهه هئي لوهاڻو درياءُ، جنهن جي ڪنڌيءَ تي ٻانيٽياهه، منصوره، نصرپور ۽ اگهم ڪوٽ جا وڏا وڏا شهر هئا. هي ٻئي درياءَ اگهم ڪوٽ ڪان هيٺيرو پاڻ ۾ گڏجي ويندا هئا، جنهن کي درياءُ پراڻ[1] سان سڏبو هو. اهو پراڻ درياءُ رحمڪي بازار وٽان اُڪري، سمنڊ ۾ ٿي داخل ٿيو. ٽين شاخ خود پاڻ سنڌو ندي هئي، جا وڏو وڪڙ ڪائي موجوده ڏوڪري تعلقي جي ڦٽل شهر موهن جي دڙي (واهه مهن) ۽ سيوهڻ (واهه سهن) ڪان ٿيندي، منڇر (منوچهر) جي ڍنڍ جو پيٽ ڏاهي وري اڀرندي طرف ڦيرو ڪائي هالڪنديءَ[2] (پراڻا هالا) ڇڏي هيٺيرو ٿي ٿيو تہ منجهانئس ساگرو درياءُ ٿي نڪتو. هيءُ درياءُ بہ ساري سماواتري[3] پرڳڻي کي آباد ڪندو هو. هن کي منڍ ۾ ساگرو ۽ هيٺ لاڙو ٿيڻ تي ريڻ[4] (ريڻي ندي) سڏبندا هئا. مٿس تنڌي الهيار تعلقي ۾ اَبَل جو مشهور شهر هو. جنهن کي هينئر ابل جو دڙو چيو وڃي ٿو. هن درياءَ تي جوڻ، فتح باغ جا پڻ شهر هئا، بديڻ (بدين) جي اولهائين طرف ڪان سمنڊ ۾ ٿي پيو.

نديءَ جڏهن گنجوگام ٿي ڇڏيو، تہ جبل جي دامن وٽان هن مان پيو هڪ ڀاڱو، پٽيهل درياءُ جنهن جي منڍ وٽ پٽيالا[5] پٽاسلا جو شهر هو، ٿي نڪتو. هن درياءَ تي پير پٺو جو شهر هو، هيءُ درياءَ تعلقي شاهبندر ۾ ساڪري[6] کي آباد ڪري شاهہ بندر وٽ سمنڊ ۾ ٿي داخل ٿيو. باقي هلندڙ ڇاڙهه، گهاري درياءَ جي نالي سان سڏبي هئي. هن تي ساموئي، ٻنيور ۽ ديبل جا شهر هئا. پوڇڙيءَ ۾ ڪيترن ڦاٽن ڍيلٽائن (ٽڪنبي

---

[1] پراڻ جي معنيٰ، پُرڻ + ارٽو، پاڻيءَ جو هلي اچي گڏجڻ آهي.

[2] ساگري درياءُ جو اصلي نالو سڪندرو درياءُ هو. جڏهن سڪندراعظم، سيوهڻ کان ئي پنهنجي ملڪ موٽيو، تہ سندس سپهہ سالار نيارڪس لشڪر وٺي هن درياءَ مان اُڪري سمنڊ ڏانهن ويو. ان لشڪر جي لنگهڻ ڪري سڪندرو ۽ پوءِ بدلجي ساگرو ٿيو آهي. (ليکڪ)

[3] هيءُ نصرپور کان ساماري تائين وچ وارو علائقو هو. هتي سماٽ ذاتيون گهٽيون رهنديون هيون.

[4] ريڻ، ٽوڻ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٿوري ٿوري پاڻيءَ مان گهٽو ٿي وهڻ. (ليکڪ)

[5] پٽيهل جي معنيٰ آهيٰ ٻہ وهڪرا، يا دريائن جو سنگم، پٽيهل درياءُ تان پٽيالا شهر تي اهو نالو پيو. جنهن جو مطلب آخري ياتري وارو شهر آهي. (ليکڪ)

[6] ساڪرو، عربي ٻوليءَ جي سڪره معنيٰ بند تان اهو نالو پيو. جڏهن بہ سمنڊ ۾ وير چڙهندي هئي، تہ اهو علائقو سڄو ٻڏي ويندو هو ۽ درياءَ توڙي ڦاٽن جو پاڻي پڻ ڪارو ٿي ويندو هو ۽ زمين تي آبادي نہ ٿي سگهندي هئي. تنهنڪري حڪومتن، بندن جي اڳيان بند ٻڌائي سمنڊ جي پاڻيءَ کي (ڪلفٽن جي بريڪ واٽر وانگر) روڪايو. تنهنڪري هن زمين کي ساڪره سڏيائون. اتي ٽالپرن هڪ شهر ٻڌايو انکي ميرپورساڪرو سڏيائون. (ليکڪ)

شڪل) جي صورت ۾ لاهري بندر، ڌاراج بندر، وڪر بندر، اورنگا بندر، وستي بندر ناهي، ڪراچي تعلقي مان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪيائين.

جن هنڌن تي اهي ڇاڙهون لنگهي ويون آهن، انهن کي ڦٽو يا ڍورو ڪري ڪوٺين ٿا، ٿر ۾ ته اتانهيون واريءَ جون ڀٽون ۽ ڍنڍون انهن شاخن جي گم ٿيڻ جا پورا نشان پتا ڏيئي رهيون آهن.[1]

جيڪي ڏنو مـــان، سو جي ڏنو جيڏيين،
گهر وَرَن سان، هوند گهٽيـن گهوري ڇڏيا.

(لطيف)

سنڌو نديءَ جون اٿلون ۽ ٻوڏون:

سن 1740ع ۾، 1874ع ۾، 1944ع ۽ 1956ع ۾ هن نديءَ ٻوڙان ٻوڙ ڪئي، پر پيٽ نه ڦيرائي سگهي. ڳوٺن جي ٻڌڻ ڪري لوڪ لڏا ڪٽي رلندو ٿي وتيو. هن جي اُٿل آسپاس جا ڳوٺ، چوپايو مال ۽ اسباب، ته ڪئي ماڻهو پئي ٻوڙيا آهن. مٿين سالن ۾ وڏيون وڏيون اٿلون ٿيون.

موجوده وقت جو وهڪرو:

هاڻ به هيءَ ندي هماليه جبل جي مانسرور ڍنڍ جي ڪيلاش پربت وٽان نڪري، ڪشمير، پنجاب ۽ سنڌ علائقن مان 1800 سوَ ميل وهي تعلقي گهوڙاباريءَ جي ڪيٽي بندر وٽ (ٽڪنڊو) ناهي، سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. هن کي الهندي طرف گلگت ۽ ڪابل نديون ۽ اڀرندي طرف جهلم، چناب، راوي، ستلج ۽ بياس نديون پرتي ڪن ٿيون.[2] مٿس اٽڪ، ڪالا باغ، ديرو اسماعيل خان، ديرو غازي خان، منڻ ڪوٽ، ڪشمور، روهڙي، سکر، ڪوٽڙي ۽ گڊو بندر مکيه شهر آهن. هن تي اٽڪ، سکر ۽ روهڙي، ڄامشوري، ڪوٽڙي ۽ گڊوبندر وٽ پليون ٻڌل آهن [3]. هن مان اڀرندي طرف ڦليلي، پڃاري اوچتو، ڄجامڙو ڦاٽ[4]

---

[1] سنڌ جو سن 1500ع وارو نقشو شامل آهي، ان ۾ وهڪرا ڏسو. (ليکڪ)

[2] پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، ڀارت وارن راوي، ستلج ۽ بياس ندين جو سن 1970ع کان پاڻي ڏيڻ بند ڪرڻ جو معاهدو ڪيو آهي. ڇو ته انهن ندين جا منڍ هندستان ۾ آهن. تنهنڪري پاڪستان سرڪار، منگلا ۽ تربيلا ڊئم ٺهرائي، انهن ندين جو وهڪرو جاري رکايو آهي. (ليکڪ)

[3] لليا پتڻ وٽ وڏيڪ ٻيڙين جي هڪ پل تيار ڪرائي ويئي آهي، جيڪا دادو ۽ نوابشاهه ضلعن کي ڳنڍي ٿي، ۽ ٺٽي ۽ سجاول کي ڳنڍيندڙ پل پڻ جوڙي وئي آهي. ستين بيراج جي صلاح مصلحت هلندڙ آهي، جي اهو ٺهيو ته هڪ پل وڌيڪ ٺهندي. خيرپور وٽ به هڪ وڌيڪ پل ٺهڻ جو امڪان آهي.

(4) هنن ڦاٽن ۾ ڦيرگهير ڪري، ڪين سڌاري واهن جي صورت ۾ آندو ويو آهي. (ليکڪ)

نڪري وهن ٿا، الهندي طرف بگهاڙ، ڪلري، مير ڇاڇيو ۽ ڦراڙي ڦاٽ نڪري وهن ٿا. هن نديءَ کي ڪنهن زماني ۾ "سوسامان" بہ سڏيو ويندو هو.

سنڌ جون سرحدون:

هن ملڪ جي طبعي ڏيک جو بہ سنڌ جي سڀيتا تي وڏو اثر رهيو آهي، تنهنڪري سرحدن کان واقف ٿيڻ بہ بيحد ضروري آهي.

سپريان جي تُرهي، ٻڏي! هٿ مَ لاءِ،
صباح تو چونداءِ: اسان تو اُڪاريو.

(لطيف)

سنڌ نالو:

هن ديس تي سنڌونديءَ تان "سنڌ"[1] نالو پيو. جڏهن ستين يا ساڪ لوڪن هن ملڪ تي قبضو ڪيو، تہ انهن نالو ڦيرائي "اندوستا" رکيو، پر انهيءَ نالي گهڻو جٽاءُ نہ ڪيو. پراچين سنڌ جي سرحدن درجي بدرجي گهٽجڻ شروع ڪيو. پنجاب پاڻ کي پنجن ندين وارو الڳ صوبو سڏايو ۽ پيون پرواريون رياستون ۽ ملڪ ناتا ٽوڙائي ٽٽي ڌار ٿيا. سن 1592ع ۾ اڪبر بادشاهہ سنڌ کي فتح ڪري، هن ملڪ جون سرحدون گهٽائي باقي ايتريون ڇڏيون جي موجوده نقشي ۾ ڏسون ٿا. اجا بہ سنڌ ملڪ سان سسيءَ واري ڪار آهي: مڙيا مچ هزار، پاڳا ٿيندي سهٽي. (لطيف)

طبعي بيهڪ:

قدرتي طرح هيءُ پرڳڻو پنجن پاڱن ۾ ورهايل آهي. سرو، وچولو، لاڙ، ڪوهستان ۽ ريگستان يعني ٿر.

وچولي کان سواءِ ٻين پاڱن جي آبهوا سياري ۾ سرد تہ اونهاري ۾ تمام گرم رهي ٿي. البت لاڙ جي آبهوا گهميل آهي، ڇو تہ سمنڊ ويجهو اٿس. وچولي کان سواءِ ٻين پاڱن جي آدمشماري بہ گهٽ آهي. اتي جي ماڻهن جو گذران گهڻو ڪري چوپائي مال ڌارڻ تي ٿئي ٿو. چوپائي مال جو جياپو برسات

[1] عالمن کوجنا ڪري ثابت ڪيو آهي، تہ سنڌ ديس کي آدجڳاد کان پنهنجي ئي سڀيتا هئي. هن ملڪ جو نالو سنڌ. سامري يا سميري تهذيب جي بانين دراوڙن رکيو هو. اهي ماڻهو انهيءَ جُڳ ۾ بہ ڪپڙي، چمڙي جي صنعت ۽ پوک ڪرڻ ۾ ماهر هئا. اڄ تائين ڪپهہ کان وٺي پڇڻ، سڀڻ اوڍڻ تائين گهڻو ڪري دراوڙي حرف استعمال ٿيندڙ آهن. هنن جو واپار چين، مصر، بابل، عربستان، يونان جي ملڪن سان هلندو هو، جنهن ۾ ڪپڙو، چمڙو ۽ اناج مکيہ شيون هيون. انهن ملڪن ۾ سنڌ ديس جي ڪپڙي کي سُندس سَندَهہ، سندو، سندوني، سندونا، سندن ۽ سنڌٽا نالن سان سڏيو ويندو هو. (ليکڪ)

آهي. خاص طرح ٿر ۽ جبل جا ماڻهو جن جي حدن ۾ ڪو واهه يا درياءُ ڪونهي، آسمان تي اک رکن ٿا. جيڪڏهن هڪ سال به مينهن نه وسندو آهي، ته ماڻهو ڏتڙجي ويندا آهن ۽ ڏڪار ڏائڻ وانگي ڏند ڪڍي ڏيکارڻ شروع ڪندو آهي. ماڻهو ۽ مال پريشان حال ٿي ويندا آهن. جيڏانهن به ڪا گاهه جي جوءِ يا وسڪاري جي واس سُجهندي اٿن، ته اباڻا ڇاڇا ڇڏي، ڏڙڪيون ڏوهي اوڏانهن اُسهندا آهن. جي سنڌن ملڪ تي مينهن مانداڻ ڪيا ۽ بارش برهاڙا ڪيا، ته رانجهن لڳي ويندا آهن. ملڪ ڪشمير جون سڪون پلائيندو آهي. "وٺو ته ٿر، نه ته آهي بر." مشهور پهاڪو آهي. جي نٿو وسي ته برجنسي رت جي بوءِ اچڻ لڳندي آهي. تڏهن ته شاهه صاحب ڪين هميشه جي لاءِ دعائون ٿي ڪيون.

سائين سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوس! منا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.

(لطيف)

حدون: هن ديس جي اتر - الهندي طرف ڪان هالار جبلن جي قطار آهي. جنهن ۾ ڪرُو، ڪيرٿر ۽ پبُ جبل اچي وڃن ٿا. اهي جبل اهڙا ڪي اتانهان ڪين آهن، جي گرم سرد هوائن ۽ ڌارين جي ڪاهن کان سنڌ ملڪ کي بچائين ٿا. هنن تان ته ماڻهو پوني ڏيگن ۽ گڏهن تي لڏون لڏي، اچ وڃ پيا ڪن. هنن جبلن مان حب نالي هڪ ندي سؤ سورهن ميل ڊگهي وهي، سنڌ جي حد کي قلات جي حد کان ڌار ڪري، راس ڪماري وٽ اچي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

اتر ڏي پنجاب جو وڏو ويڪرو ۽ وسيع علائقو آهي. ايرندي ڏي جيسلمير، بيڪانير ۽ جوڌپور رياستون ۽ انهن سان لاڳيتو ٿر جون پٽون به ڳرو ڏيو بيٺيون آهن. (اهي پٽون پنهنجن ماٺرن کي اوچا ڳاٽ ڪنيو پيون ڳولهين، جن جي پيٽن مان پيدا ٿيون آهن!). ڏکڻ ڏي ڪڇ جو رڻ ۽ عربي سمنڊ آهي، جنهن جون ڇوليون، بانهون مٿي ڪڻيو سيني ڌارين قومن کي دعوت ڏئي سڏ پيون ڪن ته "هيڏانهن هليا اچو. هتي نڪو آهي ڪو اوچو جبل، نڪي بيلا، نڪي گهاٽ. ماڻهو سکيا ستابا، مهمان نواز، لاپرواهه توڪلي "پلي بڪ پرم جي شال مَ وڃي شان". اچو اچي هتي وسي پئو. هيءُ دنيا جي چال ۽ ڍنگ کان واقف نه آهن. نون هنرن ۽ حرفتن جي پروڙ ڪانهين، سادو ڪائين سادو هنڌائين، ڳالهائين، تلهو سمجهن، پر محبت ۾ گهر تڙ لٽائڻ لاءِ تيار آهن. هنن کي اچي چئو ته "اسان توهان وٽ آيا آهيون، اسان کي ڇا ڏيو ۽

توهين اسان وٽ ايندا ته اسان لاءِ ڇا ڪٺي ايندا؟" ائين ڇئي ڪين جيئڻ جا جتن ڪرڻ تي مجبور ڪيو.

پائــي ڪــان ڪـمــان ۾ ميــان مــار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توڪي لڳي.

جي اسان جي سنڌ جون قدرتي طور حدون ڪمزور نه هجن ها، ڏکڻ هندستان وانگيان هڪ پاسي الهندا گهاٽ، ته ٻئي پاسي اڀرندا گهاٽ، متان ونديا ساتپورا جبل، ڏکڻ هندي وڏو سمنڊ هجي ها، ته هزار ورهين تائين به اسان جي تهذيب ۾ تر جيترو به ڦيرو نه اچي سگهي ها. هن طرح ڪيترين قومون ڪڪڙن جي قتلَ، حدن جي حفاظت جا بهانا بنائي، ٽانڊي لاءِ اچي بورچي بنجي نه ويهي سگهن ها! خير قدرت، سنڌ ديس کي چونڊيو ئي هو دين فطرت جي آبياري لاءِ. سو نيٺ ته سنڌ ديس "باب السلام" بنيو. سندس گود مان ڪئين گوهر نڪري نروار ٿيا. جي هنڌين ماڳين مشهور ٿيا. وري به سنڌ سونهاريءَ کي انهن تي فخر آهي.

اوڙاهه ويا نه وريا، آءُ تن ماري ويڻ!
ڪري سامونڊي سيڻ، جُسي جارُ پرايو!
(لطيف)

وچور:

متو آهين مچ، ٿلهو تو تونا هٽين،
جا تو ڏني اڇ، تنهن پاٽيءَ پُنا ڏينهڙا.
(لطيف)

● چار صديون ق.م کان ڇهه صديون ق.م تائين سنڌ ايرانين جي قبضي ۾ هو، اهي پورا ٻه سؤ ورهيه ايراني نشست - برخاست، ادب اخلاق جو اثر متس رهيو.

● چوٿين صدي ق.م کان ٽيءَ صدي ق.م تائين پورا هڪ سؤ ورهيه هي ديس يونانين جي قبضي ۾ رهيو، ايراني تهذيب تي يوناني تهذيب جو اثر غالب پئجي ويو.

● سنڌ تي پنجاهه ورهيه تائين موريا گهراڻي حڪومت ڪئي، هيءَ خالص پر واري ملڪ جي سيپتا هئي، تنهنڪري سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جلد ۽ گهٽو پکڙيو ۽ ڪيترائي پوئلڳ پيدا ڪيائين.

● ٻڌمت واري سنڌ تي آرين اڳرائي ڪئي، راجا جئدرٿ ۽ ان جي پوين سنڌ ۾ هندو ڌرم آندو، هنن پورا هڪ سؤ ورهيه راڄ ڪيو.

● عيسوي پهرين صديءَ کان سنڌ تي جدا جدا قومن حڪومتون ڪيون. جهڙوڪ: ستين، پارٿين وغيره اهي چوٿين صديءَ تائين هئا، پر سنڌ جي سڀيتا تي ڪو خاص اثر ڪونہ پيو.

● پنجين صديءَ کان ڇهين صديءَ راءِ گهراڻي ڪي سنڌ جي حڪومت هٿ لڳي، هنن بہ هڪ سؤ ورهيہ حڪومت ڪئي. ڪو خاص ڦيرو ڪونہ آيو. ڇهين صدي عيسويءَ کان ستين صدي عيسوي تائين وري آرين جي برهمڻ گهراڻي ڪي سنڌ قبضي ۾ آئي، هنن ملڪ کي وڌايو، هندو ڌرم کي زور ونايو، تڏهن بہ سنڌ مان ٻڌ ڌرم کي ختم نہ ڪري سگهيا.

● اٺين صديءَ کان ڏهين صديءَ عيسويءَ تائين، اٽڪل اڍائي سؤ ورهيہ سنڌ ملڪ عربن جي زيردستيءَ ۾ رهيو. هنن جي حڪومت ۾ مذهب، علم ۽ ادب، نشست برخاست، لباس، ڍنگ سيڪجهہ بدلجي ويو ۽ ٻوليءَ ۾ بہ وڏو ڦيرو اچي ويو.

● ڏهين صدي عيسوي کان اٺويهين صدي عيسوي تائين رڳو مسلمانن حاڪمن جو سنڌ تي راڄ رهيو. اٽڪل اَٺ سؤ ورهين تائين اسلامي تهذيب سنڌ ۾ پنهنجا پرَ پکيڙيا. تنهنڪري پراچين سنڌ وارو مذهب ٻڌ ڌرم مان بدلجي اسلام ٿيو. ان جو اثر ٻوليءَ ۽ سنڌ جي تهذيب تي بہ ٿيو.

پئي ڪٽي پساهہ، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي! (لطيف)

● اٺويهين صديءَ کان ويهين صديءَ تائين سنڌ تي انگريزن پورا هڪ سؤ ورهيہ راڄ ڪيو. هنن جي ڏينهن ۾ نوان قاعدا قانون هلڻ لڳا. سائنسي ۽ پولٽيڪل علمن زور ورتو. روحانيت جو نالو نڪري ويو. يورپ جي انڌي تقليد ماڻهن پنهنجو شيوو ڪري ورتو. "لباس المؤمنين ۽ قلوب الڪافرين" ماڻهن جو متو ٿيو. هيءَ تهذيب سڀني تهذيبن کان گوءِ ڪٽي ويئي. هڪ سؤ ورهين ۾ هتي جي ماڻهن تي مغربي طور طريقن ۽ تهذيب وارو اثر وڌي ويو.

اڄ گهرجيــن يــار، بدامــاڻي پــنرا،
ڪاڄي ٻئي پار، اچي ويرين ويڙهيا.

(لطيف)

آزاديءَ جا متوالا:

جي ليلائــي نــہ لهين، تہ پــڻ ليلائج،
آسر مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو!

(لطيف)

سنڌي سپيتا ۾، جي حُريت جي پروانن جو ذڪر خير نہ ڪيو ويو، تہ محنت ئي رائيگان ٿي ويندي. اُهي حق جا علمبردار جيڪڏهن نڪري نروار نہ ٿين ها، تہ سنڌ ديس جو وجود ئي هن دنيا جي تختي تي اڄ ڏسڻ ۾ نہ اچي ها. انهن سرويچن پنهنجي جان تي کيڏي، سدائين ڪاميابيءَ جا سهرا سر تي پئي سونهايا آهن. ۽ پوئين لاءِ آزاديءَ جهڙو مقدس ميوو ميراث ڪري ڇڏي ويا آهن، تہ پل ايمان جي پرک پوي ۽ اهي بہ مڃي مڙس ٿين.

سن 1518 - 450 ق.م تائين سنڌ جا وارث هخامنشي سلطنت جي قبضي کي ختم ڪرڻ ۾ رڌل رهيا.

سن 325 ق.م ۾ سڪندر جي وڃڻ کان پوءِ سڄي سنڌ ۾ بغاوتون شروع ٿي ويون.

سن 324 ق. م، بهار جي مورين گهراڻي وارن، يونانين کي سنڌ مان هڪالي ڪڍيو. سنڌ ۾ گهر ڪري ويٺا.

سن 184 ق.م ۾ يوناني باختري گهراڻي جي هڪ شهزادي لاڙ تي هلان ڪري قبضو ڪيو.

70 - 46 ورهيہ ق.م، ستين سنڌ فتح ڪئي، پر موريا گهراڻي وارن، انهن کي دٻائي سنڌ پنهنجي حڪم هيٺ رکي.

سن 46ع - 78ع تائين پارٿين جو سنڌ تي قبضو رهيو.

سن 750ع ۾، سومرا راجپوتن، عربن کي هٽائي، سنڌ پنهنجي حوالي ڪئي ۽ وڳهہ ڪوٽ کي گادي جو هنڌ بنايو.

سن 1125ع ۾، سومرا راجپوتن کان سوڍا راجپوتن واڳون ورتيون. پاڻ مسلمان حاڪم ٿي، حڪومت هلايائون ۽ گادي جو هنڌ عمرڪوٽ کي مقرر ڪيائون.

سن 1368ع ۾، جڏهن فيروز شاهہ تغلق، سنڌ تي ڪاهہ ڪئي تہ: خيردين ۽ جوڻا خان سمي[1] ۽ فيروز شاهہ تغلق وچ ۾ مخدوم جهانيان صلح ڪرايو.

سن 1520ع ۾ جڏهن شاهہ بيگ ارغون جي سپاهين ٺٽي ۾ برجنسي قيام پيدا ڪري ڏني هئي، تڏهن قاضي قادن سيوهاڻيءَ هڪڙو درد ڀريو خط، دل جهلي ميرزا شاهہ بيگ ارغون کي لکيو. جنهن جي پڙهڻ سان، ميرزا کي رحم اچي ويو ۽ هلندڙ خونريزي بند ڪرايائين.

[1] جوڻا يا جونا خان، غلط آهي. پارسيدانن ۽ عربن کي خاص طرح سمن ۽ سومرن حاڪمن جا سنڌي نالا صحيح اُچار ڪري لکڻ نہ ايندا هئا. انهن ڄام جوڻي کي جونا ۽ ڄام ٻانڀڻي کي بابينو لکيو آهي. (ليکڪ)

سن 1540ع ۾، جڏهن همايون بادشاهه تخت ڇڏي، رلندو اچي سنڌ ۾ پهتو ۽ سيوهڻ تي قبضو ڪرڻ لاءِ ان کي گهيرو ڪيائين. سندس ماڻهن سنڌ ۾ ظلم جي بازار گرم ڪري ڇڏي ۽ ميرزا شاهه حسن پاڻ کي سيوهڻ جي قلعي اندر محفوظ رکيو. تڏهن مخدوم سرور نوح رحه. همايون سان اچي ڳالهايو ۽ کيس سنڌ ڇڏي وڃڻ تي مجبور ڪيو ۽ کيس سيڪاٽ مان بيڙين جو بندوبست ڪري ڏنو ۽ هو ايران ڏانهن هليو ويو.

سن 1592ع ۾، اڪبر بادشاهه، مغلن جو وڏو ڪٽڪ سنڌ تي چاڙهي موڪليو، جن سنڌ کي فتح ڪري، دهليءَ جي تابع ڪري ڇڏيو. سنڌ، پورا به سؤ سال مغلن جي ماتحت رهي. ان کان پوءِ سن 1658ع ۾، ميان يارمحمد ڪلهوڙو مغلن جي لشڪر سان ڏاڍو وڙهيو، نيٺ مغلن، کيس پنهنجو نائب ڪري سنڌ جو والي بنايو. پوءِ سن 1701ع ۾ هن پاڻ کي خودمختار حاڪم ڪوٺايو.

سن 1719ع ۾، نورمحمد ڪلهوڙي: دائودپوٽن جو زور ڀڃي، شڪارپور وارو ڀاڱو، سنڌ سان ملائي ڇڏيو. انهيءَ مهم ۾ سندس سپهه سالار شالمين شيديءَ پاڻ موکيو.

سن 82 - 1781ع ۾ مدد خان پٺاڻ، سنڌ تي ڪاهه ڪري، ملڪ کي برباد بالا ڪري ڇڏيو، جنهن کي مير فتح علي خان ٽالپر، سنڌ مان هڪالي ڪڍيو.

سن 1843ع ۾، جڏهن ٽالپرن ۽ انگريزن جي وچ ۾ مياڻيءَ واري جنگ لڳي، ته سپهه سالار هوش محمد شيديءَ نعرو هنيو ته: "مرويسون، پر سنڌ نه ڏيسون." ميرن جي مدد لاءِ سيد فتح علي شاهه لڪياري دربيلي وارو پنهنجا مريد خادم وٺي، انگريزن سان لڙڻ لاءِ آيو. هن جنگ ۾ پهرين لغاري ۽ پوءِ نوڙها ۽ ڀچاڙيءَ ۾ پرڳڙي به ڀڄي ويا، پر شاهه صاحب ڏانهن ماڻهن سوڏو اتي شهيد ٿي ويو.

سن 1830ع ۾، پير صبغت الله شاهه اول، پهرين حرن جي فوج، سکن جي خلاف، سيد احمد شاهه بريلويءَ ۽ اسماعيل شاهه شهيد جي مدد لاءِ تيار ڪري موڪلي ڇو ته سکن جو ارادو سنڌ ملڪ وٺڻ جو هو.

سن 1847ع کان 1890ع تائين، سنڌ ديس جي بچاءَ ۽ نندي ڪندڙ جي انگريزن کان آزاديءَ لاءِ حُرن جا لشڪر تيار ٿيڻ لڳا.

سن 1857ع ۾، هندستان ۾ جنگ آزادي جي تحريڪ شروع ٿي. انهيءَ کان متاثر ٿي ڪري. جيڪب آباد ويجهو هڪ سيد شاهه عنايت نالي ۽ ٻن

سنڌس خاص دوستن انگريزن جي خلاف ماڻهن کي ترغيب ڏيئي، لشڪر تيار ڪيو. جاسوسن، جيڪب صاحب کي ٻڌايو. جنهن فوج ڪشي ڪري، تنهي کي گرفتار ڪيو ۽ سنڌن لشڪر کي پسپا ڪيو. شاهہ عنايت جي ٻنهي دوستن کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو. ۽ شاهہ صاحب کي توب جي منهن ۾ ڏنو ويو. قدرت خدا جي! ٽي دفعا توب هلائڻ سان بہ نہ ڇٽي ۽ منجهانئس پاڻي وهڻ لڳو. جنرل جان جيڪب، شاهہ جي اها ڪرامت ڇاڻي، ڪيس هميشہ لاءِ سنڌس ڳوٺ ۾ نظربند ڪري رکيو. جيستائين سنڌس طبعي عمر پوري ٿي.

سن 1896ع ۾ پير صبغت الله شاهہ ثانيءَ انگريزن جي خلاف ٻي حرتحريڪ تيار ڪئي. جاسوسن انگريزن کي خبردار ڪيو.

انگريز، حر مجاهدن کي گرفتار ڪري، لوڙهن ۾ بند رکيو. جڏهن سن 1914ع واري لڙائي انگريزن ۽ جرمنن جي وچ ۾ لڳي، تہ ان وقت جي گاديءَ تي ويٺل پير شاهہ مردان عرف ڪوٽ ڌڻيءَ انگريزي فوج کي مدد ڏني، تنهنڪري انگريزن حرن کي لوڙهن مان ڪڍي آزاد ڪري ڇڏيو.

سن 1930ع ۾، پير صبغت الله شاهہ ثالث، انگريزن جي خلاف، ٽين حرتحريڪ تيار ڪئي. سن 1939ع ۾ وري ٻي جنگ انگريزن ۽ جرمنن جي وچ ۾ لڳي. انهيءَ وقت جي گادي نشين، انگريزن کي ڪابہ مدد نہ ڪئي، تنهنڪري ڪيترن بي گناهہ حرن کي غدار سڏي ڦاسيون ڏنيون ويون ۽ گولين سان اُڏايو ويو ۽ سنڌن ٻارن ٻچن، پوڙهن پڪن کي لوڙهن ۾ قيد رکيو ويو. خود پير سائين صبغت الله شاهہ کي انهيءَ آزاديءَ جي تحريڪ هلائڻ جي پاداش ۾ 20- مارچ 1943ع ڦاسي ڏيئي شهيد ڪيو ويو.

آيل اُن نہ وِسَهان، هنجون جي هارين،
آڻيو آب اکين ۾ ڏيهہ کي ڏيکارين،
سڄڻ جي سارين، سي نڪي روئن نہ چوَن ڪي.
(لطيف)

سن 1915ع کان 1944ع تائين انگريزن جي خلاف، مولانا عبيدالله سنڌي ننڍي کنڊ جي، آزاديءَ جي تبليغ ڪرڻ لڳو. هن روس، ترڪي، عربستان ۽ افغانستان جا دؤرا ڪيا. ساڻس گڏ مولانا عبدالله لغاري بہ شريڪ حال هو. انهن کان سواءِ مولانا تاج محمد امروٽي، غلام محمد خان ڀرڳڙي بئريسٽر،

جان محمد جوڻيجو ۽ پير تراب علي شاهه راشدي هئا. جن ريشمي رومال تحريڪ هلائي، جلسا جلوس ڪڍيا ۽ پاڻ ڪي افغانستان جي رعيت ڪوٺايو ۽ ڪلي طرح انگريز سان قطع تعلقات ڪئي.

سن 1936ع کان سنڌ کي، ممبئي پريزيڊنسي جي انتظام هيٺ هئڻ کان جدا ڪرائڻ لاءِ قائداعظم محمد علي جناح، آغا سلطان محمد شاهه، سر غلام حسين هدايت الله، سيٺ حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد، جي - ايم سيد ۽ ميران محمد شاهه جهڙن رهبر سياستدانن، همتون ۽ مڙسيون ڪري، سنڌ کي انتظامي طرح آزاد ڪرايو.

ور سين وڃهي ڪاڻ، ڪرَ سين ڪلون پائيين،
پوري منڌ اَچاڻ، ڪڻ چڏيو تهه ميڙيين.

(لطيف)

سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي اپٽار

الا! ڏاهـــي مَ ٿيـــان! ڏاهيـــون ڏک ڏســـن،
مـون سـان مـون پريـن، پورائـيءَ ۾ پـال ڪيـا. (لطيـف رح)

سنڌ ملڪ جي ساهتيہ ڪي سوچ ۽ ويچار سان جاچبو تہ: پهريائين دراوڙي (سنڌي) ٻولي ساريءَ سنڌ ۾ سر ڪٽي هلندڙ هئي. انهيءَ ٻوليءَ جا گهڻا تڻا ڪيترا سارا لفظ اڄ بہ رواج ۽ وهنوار ۾ ڪتب ايندڙ آهن، اُهي ائين ئي ڳالهايا تا وڃن، جيئن اڳ ۾ ڳالهايا ويندا هئا.

مثال: گهوٽڪ معنيٰ گهوڙو ۽ گهوٽ معنيٰ سوار. گهوٽ لفظ قائم آهي، ٺالهو معنيٰ گونچڪرو. هن اسان ڪان ٺالهي ٻڌا رپيا ورتا آهن.

نِجاپِجا: پڊ، ڪوٽ، ڳڙهہ، پنجڙ، ڏوڪڙ، واهہ، ٽنڊو، واهڻ، ڪوڏي، ڪونڊر، ڍينگو، ڍينگر، ڍانڊو وغيره. ٻيا اُهي بہ لفظ آهن، جن ڪي حرف تابع، يا حرف جملو ۽ يا پرائپ جا لفظ ٿو ڪونجي. ماڻهو چيٽو، جيوُ جنتر، ڪيٽ ڪُـنڊر، نٺون نڪور، پٽسو پنجڙ، گاهہ پنو، نيرن، چاندو، انهن ڪان سواءِ سماٽ قوم جون ذاتيون: اوٺا، سومرا، سما، شورا، پنيرا، گهڙا، داسڙا، ڏاهري، ڇچڙا وغيره ۽ انهن جا خاص ٺالا: پاڪڙيو، توريبو، ماڪريبو، پاريبو، نيندو ۽ اوپايو وغيره.

متي مائٽيءَ وارا لقب بہ گهڻو ڪري دراوڙي هلندا اچن ٿا. مثال: ماءُ - پيءُ، پاءُ پيڻ؛ جوءِ ڪانڌ، ور وني، هنن مان گهاٽي مائٽي وارن ڪي جڏهن عام صورت ۾ ڳالهايو ويندو آهي، تہ سندن هوبهو شڪل ۽ آواز ساڳيو بيهندو آهي، جو اصلي رنگ ۾ هوندو آهي: ماڻهين = ما + اٺهہ + هوءِ[1]، پڻهين = پِ + اٺهہ + هوءِ، پاڻهين = پا + اٺهہ + هوءِ، پيڻهين = پي + اٺهہ + هوءِ، جوڻهين[2] = جو + اٺهہ + هوءِ، سسڻهين = سس + اٺهہ + هوءِ ۽ ڏيڻهين هنن ڪي دعائيہ يا آسيسا وارا لفظ چون. هنن ڪان پوءِ ٻيا مائٽي وارا لفظ چاچهين = چاچ + هين، مامهين = مام + هين، ڏاڏهين =، نانهين + نان + هين. اهڙيءَ طرح باقي ٻيا عزيزن قريبن جا لقب گهڻ دعائيہ ٿوري آسيسا وارا

---

[1] انهن لفظن جي معنيٰ "ماڻهين اٺهي هجي شال" اهڙي طرح ٻيا. (ليکڪ)

[2] جوڻهين، سسڻيهن ۽ ڏيڻهين ٺئي ماُمتا جي ڪري آسيسائي لفظ ۾ آيل آهن. (ليکڪ)

آهن. ڪورين جا ڪيترا لفظ[1]. زراعت جا بہ ڪئين لفظ اوزارن سميت، وڪر ۽ پسار جا گهڻا لفظ، وڻن ٽڻن جا نالا گهڻو ڪري ساڳيائي آهن.

سميرين جي ڇهين حاڪم حمورابيءَ حڪومت جا قاعدا قانون ديسي ٻوليءَ ۾ تختن تي اُڪرائي، ملڪ جي چوسولن تي ڪوڙائي ڇڏيا هئا.

ڀهريون پنڊت پاڻني هو، جنهن ڇي صديون ق.م. آريائي ٻولين لاءِ صرف و نحو لکيو. ان وقت سنڌي ٻوليءَ کي بہ آريائي ٻولي سمجهيو ويندو هو.

پنڊت وروچي ٻيو ماڻهو هو، جنهن ڀهرين صدي عيسويءَ ۾ ”پراڪرت پرڪاش“ نالي گرامر لکيو. هن جي زماني ۾ سڄي ڀارت ۾ چار مکيہ ٻوليون شمار ٿيل هيون: مرهٽي، مگڌي ۽ پئشاچي ۽ سورشيني ساڳي سنڌي ٻولي پراڻي هئي.

جڏهن ايرانين سنڌ ديس تي قبضو ڪيو، تہ ڪروشتي (گڏهن جي ڇپن جهڙا) اکر لکيا ويندا هئا. اهي ٻي صدي عيسوي ۾ راجا لسديو جي دؤر تائين موجود هئا.

● پنجين عيسوي صديءَ ۾، جڏهن راءِ گهراڻي جي سنڌ ملڪ تي راڄڌاني هئي، تڏهن دفتر جي لکپڙهہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيڻ لڳي.

● ستين - انين عيسوي صديءَ ۾، هن ملڪ ۾ گپتي رسم الخط رائج رهيو.

● انين صديءَ کان پوءِ سرڪاري دفتر عربي ٻوليءَ ۾ لکيو ويندو هو.

● يارهين - ٻارهين عيسوي صديءَ ۾، ڏنپال آچاريہ ”پايلچي“ ۽ هيمچندر آچاريہ ”ديس نام مالا“ ٻئي ڪتاب ٻوليءَ جي سڏاري ۽ واڌاري تي لکيا.

● چوڏهين صديءَ ۾، دودي چنيسر جو قصو مشهور ٿيو. سيوهڻ، ٺٽي ۽ ٻکر ۾ مدرسا کُليا.

● پندرهين صديءَ ۾ ادب انشاءُ پارسي ٻوليءَ ۾ لکجڻ لڳو. شيخ پرئي، اسحاق آهنگر، راڄي درويش ۽ شيخ حماد جو ڪلام عام ماڻهن جي زبانن تي رائج هو.

● سورهينءَ صديءَ ۾، عمر - مارئيءَ جو قصو لکيو ۽ پڙهيو ويندو هو. اگهم ڪوٽ[2] ۽ ولهار ۾ ديني مدرسا کليا. قاضي قادن ۽ ماموئيءَ (معمائي) جا بيت، سنڌ جا ماڻهو ذوق سان چوندا هئا.

---

[1] عبرانيءَ ۾ ڪورين جو هڪ لفظ ”عَدلڪ“ آهي، يعني وزن کي برابر رکندڙ. سنڌي ڪوري ان کي ”اڌ لک“ چون، هن ۾ اُچار جي ٿيرگهير ٿيل آهي. (ليکڪ)

[2] اگهم ڪوٽ، هتي مشهور درويش مخدوم محمد اسماعيل مدرسو برپا ڪيو. هو اصل گجرات جو هو سيلاني هئڻ ڪري، هن وڏا وڏا سفر ڪيا: چين ۽ دهلي مان ٿيندو سنڌ ۾ آيو. چين مان ريشم جي هنر جو واقف ٿيو. وٽس پري پري جا شاگرد علم ۽ هنر سکڻ ايندا هئا. جاڙيجا قوم جي ٻن شاگردن، ماڻڪ ۽ ذويڏي جي اصلي ڪڇ جا هئا، هن کان علم ۽ ريشم جو هنر سکي سڄيءَ سنڌ ۾ پکيڙيو. اڄ بہ سندن اولاد اهو ڪم سنڀاليندو اچي - مؤلف.

● سترهين صديءَ ۾، مٽڪنديءَ، پراڪرت ٻولين تي صرف و نحو لکيو ويو. ان ۾ سنڌي ٻولي بہ شامل ڪيائين. ان زماني ۾ شاھ عبدالڪريم بلڙي واري جو ڪلام ۽ مخدوم سرور نوح رحہ جا بيت بہ عوام ۾ مقبول هئا. جمن چارڻ جي مداح ان ٽاڻي برک ليکي ويندي هئي. ان ڪان سواءِ صدر دين، فتح فقير ۽ حافظ پنيو بہ مشهور شاعر ليکيا ويا.

● ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دؤر حڪومت ۾ يعني سترهين - ارڙهين صديءَ ۾ ديني مدرسن ۾ ميان ابوالحسن جي سنڌي پڑهائي ويندي هئي. جنهن جي سنڌي لپي يا پٽي عربي ٻوليءَ جي اناويهن اکرن تان اتارو ڪري ناهيل هئي.

● ارڙهين صديءَ ۾، شاھ عنات رضويءَ جو ڪلام، شاھ عبداللطيف ڀٽائي رح جو ڪلام، ميان سرفراز جي مدح، اهي نظم عوام جي سينن جي سونهن ٿيا.

● اڻويهين صديءَ ۾، سچل سرمست جو ڪلام ۽ ساميءَ جا سلوڪ پڻ ظاهر ٿيا.

● هندو ماڻهو، انين صديءَ ڪان ديوناگري اکر لکندا آيا، پر ارڙهين صديءَ ۾، هنن وڻج واپار لاءِ هندو - سنڌي يا ٻٽا اکر استعمال ڪرڻ شروع ڪيا.

● سن 1856ع ۾، جڏهن سربارٽل فريئر سنڌ ملڪ جو ڪمشنر ٿي آيو، تہ هن موجوده سنڌي الفا بيٽ يعني سنڌي لپيءَ کي ترتيب ڏياري، ملڪ ۾ مروج ڪرائي.

● سن 1853ع ۾ ڪئپٽن ايسٽوڪ سنڌي گرامر لکيو.

● سن 1854ع ۾ منشي اُڌارام سنڌي وياڪرڻ لکيو.

● سن 1860ع ۾، ميان محمد حيدرآبادي سنڌي ٻوليءَ تي صرف - نحو لکيو.

● سن 1866ع ۾، والٽن صاحب سنڌي ٻوليءَ تي گرامر لکيو.

● سن 1872ع ۾، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ سنڌيءَ تي گرامر لکيو ۽ شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو رسالو ڇپائي پڌرو ڪيو.

● سن 1892ع ۾، جهمٽمل وسناڻيءَ نئون سنڌي وياڪرڻ ۽ ٻوليءَ جا بنيادي ڌاتو يا اشتقاق "وئتپتي ڪوش" نالي ڪتاب ۾ گڏ ڪري ڇپايا.

● سن 1919ع ۾ گئريسن صاحب "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" نالي ڪتاب ڇپايو، جنهن جي انين جلد جي پهرئين باب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اپٽار ڪئي اٿس.

- سن 1920ع ۾، مرزا قليچ بيگ سنڌي گرامر لکيو، جنهن ۾ صرف – نحو بہ اچي ٿي ويو.
- سن 1935ع ۾ ڀيرومل مهرچند "سنڌي وڏو وياڪرڻ" ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ لکي.
- سن 1960ع کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ تي غلام علي الانا، سراج ميمڻ ۽ علينواز جتوئي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڌار ڌار تاريخون لکيون آهن.

نئين تحقيقات ڪندڙن ۾، مسٽر علينواز جتوئي ۽ مسٽر غلام علي الانا ٻوليءَ متعلق نوان نوان ذخيرا هٿ ڪري، ڪتابي صورت ۾ عوام جي اڳيان رکيا آهن. ٻوليءَ ۽ ادب تي اجا ريسرچ هلندڙ آهي. ڇند ڪي بند ڪانهي!

اجا ڪي آهين، سزا وار سگين جا،
وينا وڃائين، جي تون سنياسي سڻئين.
(لطيفؒ)

نئين پراڻي پوشاڪ:

ڏور اچي لڙ پيئي، يا هٿان پئي، جو هيٺي ڪي نہ هٽي!

اڳئين سمي، ماڻهو تسين تي بہ تسيا ٿي، منجهن نت نت نهاليون، وڏوڏو لهاريون هيون. ڏڪار جو نانءُ نشان بہ ڪونہ هو. سدائين وسڪن ۾ ويروتار ٿي وهسيا. ڪنهن اڙيات جو اُرت ڪرڻ مَرڪ تي چاتائون.

اڄڪلهہ ناڻي جي ڪوٺ بہ ڪانهي. چوڀار توپ ٿهريل آهن. وَتون پڻ اپر اڳريون آهن. پوءِ ڏيهہ ۾ ڏهڙو پئجي ويو آهي، ماڻهو گوندريا گهمن. ٻيتو آهي تہ لٽو ڪونهي ۽ لٽو آهي تہ اجهو ڪونهي. ڪنهن ڪي بہ ويلن وارڪائي ڪانهي؟ ان جو ڪوتہ ڪارڻ آهي!

ويچائجي تو تہ اڳين، جي اونڌن، ويس ۽ وڳا ڪانڌ ڪندا هئا، تن ۾ مڙئي ڪو پرتوو پيو پروڙيو هو. هو سدائين ڪپڙو ڍڪيندا هئا: مٿي تي ڦيڙهو، جو ڪوڙي ڪن هٿ ڏگهو هوندو هو، موڪرو وڏو پهراڻ، گوڏوار جهولدار سٿڻ يا هلڪي ڦلڪي ڪانچ، صدري ۽ چادر تہ اوس وڳي سان واڳيل هيون. اهو ڦينٽو يا پٽڪو ۽ پيا لٽا اهڙا اُجا جهڙا کير هئا! هٿ جي ڪتيل سُٽ جا هوندا هئا، جو سُٽ پنهنجي هٿن سان ڪتيندا ۽ وڻيندا هئا. جي ڪنهن رس رهاڻ ۾ چڻ پڻ پيا ڪندا هئا، تہ هٿ مڙوئي حاج ۾ هوندو هئن.

اها وَرَ وَڙَ ويڙهيل ياڳ، مانُ مهت جو سيڙهو سنڌو ليکبي هئي. جنهنڪري ساڳاهي هلڻ سندن شيوو هو. گهٽن سَرن واري سلوار، لمبو چولو اوڍڻ جي مکيہ پر هئي، جيئن انگڙا مڙئي ڍڪيل هئڻ گهرجن.

ساڳيءَ ريت، جوئن جو اولو سولو اوڇڻ پڻ اٽسهائيندو لڳندو هئن. انهن کاڻ، گهيراوان گهگها، پڙا، پيشگير، پيرچندَ، بوچٽيون بکل (بوکر) هٽڻ لاءِ پرم پيون پائيندين هيون. اهي لڱڙ جي بت تان چوڙجي لٿا تہ آرڙهہ سياري واسطي، هنڌ بسترا هيڪاندا ڪري رکندا هئا، پوءِ آيو ويو، اوي سوي، اوپرو سوپرو، پر - پنهنجو اهي هنڌ وڇائي سمهي وهسي پيو اُٿندو هو. خاص طرح انهن جون: ڪٿاهہ تي ڪتريل ۽ ڪوڙ واريون ٽڪرين تي ٽوپيل رليون اُٺ جي اگهہ ناڻي تي وڪامنديون هيون. جن جي دستڪاري ۽ سيبي جي سنائي صفائي انهن کي گل ڪريو ڪٽيو بيني هوندي هئي.

انهن ڏينهن ۾ گهرَ جي سونهن سوپيا، گهرَ جون اٽورچ سگهڙ ۽ پورهيت گهرڏجاڻيون ليکيون ويندون هيون. پارهوئي هيج سان حاجون پيون ڪنديون هيون. چڳيون چوڪيون هاتڪ ويجاڻيون پاڻ هيون، ستي ڦڪي بار ٻچي جي پاڻان پيون پرگهور لهنديون هيون. اهي ڏسَ ٽوٽڪا، پتون پت، ستن پيڙهين کان پيڙهيءَ بہ پيڙهيءَ وڏڙين کان کين ورثي ۾ نيبهہ ٿيندا پئي آيا.

ٽوپي ٽنگڻ، لاٽي لاباري، چنڊ چڙ، چنڊ چڪيءَ، آتڻ چرخي سان چوچ چاهہ هوندو هئن. پنهنجي ڪڙهہ اندران ڪا تڪ يا مال جي پچي بہ اوس هوندي هين، جنهن جي آکر ڪٽي تي سيئي گذر ڪندڙ هوندا هئا. اُهي جويون ڪڏهن بہ اَساريون يا وانديون ٿي نہ وينيون.

مرد پڻ بني باري، پري مزوريءَ کي چهٽيا پيا هوندا هئا: ڪيتي ڪٽي تہ ڪاٽي ڪرڙي، لاڏو لڏڻ، وڻج واپار بلڪ هر قسم جي پورهيي ڪارهيي ۾ رڌل رهندا هئا. ڪم ڪرڻ عيب نہ هو، نر ناريءَ ۾ ڪم بنسبت ڪو پيد پاءُ نہ هو. هر ڪو بوتي سارو پنهنجيءَ ۾ پورو هو، نہ هئا اڄ جهڙا اوراڀا ۽ ٽڪسات، نہ هو اولاڪو. پانٽين پانٽين وسترَن، سترَن ۽ سترَين سان.

ڪو ساڳيون واڳيون، سينڌو سنگتي تڏي هلي آين تہ ٻلهار پيا ٿيندا هئا. گوندر جي تہ گم ئي ڪاڻ هوندي هيئن. حقيو تکيو جيڪي حاضر هوندو هو سو آڏي اڳيان آچيندا هئس. چا جا چورما ۽ چشڪا! جائيءَ جواريءَ تي خوش.

اهڙا ٻاجهارا ۽ سنگت جا سچا سرويچ، جو رُڪَ رئيءَ ۾ ٻه ساهه تان آهو ڪٽي اچي اوڪيءَ ۾ ساٿي ٿيندا هئا. پر هاءِ! سچ ٻه پاڇا. اڄ اهو جوڙ جوڳيڙن جو ناهي. رڳو ڏسڻ جا سهڻا ٿوهه وجي ٻچيا آهن. سو ڳالهه ٿي ڪيم ڪپڙن جي:

اسان جون قراقليون، فيض ڪئپون، انورڪئپون، هٿٽ فيلٽ، جناح ڪئپون، ترڪي ۽ بنگلور ڪئپون [ٽوپيون] ملهه مهانگي هوندي ٻه ٿورئي وقت ۾ تيل ۾ ڇڪڙ ٿي اڇلائڻ لائق بنجيو وڃن، جن جي قيمت پنجن روپين کان وٺي ٽي سؤ روپين تائين ٿئي ٿي.

اهڙي ريت زريدار ڪلاهه، يزدي، مشهدي، پشاوري، ٺٺوي تـوڙي نصرپوري لونگيون جي پڻ اَتاهه ُ ملهائتيون آهن، پر رلِيءَ جي پچن ڌاران ٻي ڪنهن ڪم ڪونه ٿيون اچن. وٺو ڪوٽن جو ڪپڙو: الپاڪو، اطلش، صوف، تاسا، سرج، ڪشميرو، شڪاري ڪلاٽ، ٽيوڊ، گئبرڊين، هناوا، ڪرنڊي، ڊَڪ، زرين، ڪمخاب، بلئزر، شارڪ پين، سلڪ ۽ ٻيا سوين نمونا. ڪوٽن جي ڦاٽڻ کان پوءِ اُهي ڪپڙا ٻارن جي جهاڙي اُگهڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪم ڪونه ٿا ڏين. انهن جي هڪ وال جي ٻها ۽ نهراٽي، سباٽي ۽ سلائي بازار ۾ وڃي ڪنهن بزازي يا درزيءَ کان پڇي ڏسو تہ بيٺي بيٺي بيهوشي يا ڏندين آڱريون مڙي ويندوَ يا تہ مرڳو ڇپا ڇمي ويندوَ! وري اچو قميض جي ڪپڙيَ تي. پٽئي يا هرڪ يا بافتي جي ڪپڙي کان سواءِ ٻيو ڪهڙو به ڪپڙو، ڪهڙي به رنگ جو بدن تان ڦاٽي لٿي کان پوءِ هرگز ڪارگر نٿو ٿئي. پوءِ پل تہ بوسڪي، سئڪس، چيڪ، ڇڪنو، سمر، ڪيرولين، پاپلين، ٽرڪولين، ٽٽرون ۽ نئلون هجي. البت اها چوتي چڙهيل ٻچانگي سفيد سٿڻ (پتلون تہ بنهه بس) وري ٻه ڪنهن رلِيءَ ڏڙڪيءَ جي پـُڙ ڳنڍڻ ۾ ۽ ٻيا رنگ ليههَ ۾ ڪم اچي سگهن ٿا.

جُتُ يا ڦڪڙي تہ اها آهي جو اسان ڪي پنهنجن گهرن ۾ پنهنجن هٿن سان ڪپڙن ڌئڻ ڌئارڻ جي هير ڪانهي! "ڌوٻي ڌوئي، ڌٽي روئي" پهاڪي مشهور هوندي ٻه خيال ڪونهي. ڌوٻي، وڳا تيزاب، ڪاسٽڪ، ائش يعني سوڊا سان ڪنپ چاڙهيو، ساڙيو خاڪ ڪريو ڏي. اُچي ۾ اُچو وڳو ٻه ٽي ڌوپ لاچار ٿو هلي. اهي نقصان ڏسي ٻه اسان سنجمي سوس ڪونہ ٿا رکون! پوءِ ڪپڙي جي مهانگائي، اُنَ جو اٽسهائيندو اوڏڻ ۽ ڌئارڻ اسان ڪي پنڻ پريڪو نہ ڪندو تہ ٻيو ڇا ڪندو؟

ساڳيءَ پر، زالاڻي ڪپڙي جون، پانڊٽيون، پٽون، چنبيون، بوڇڻيون، پڙا پيشڪير، گهگها، گج، لاوٽيون، لاڪير، گلبندن، مونڙا، گربيون، گيگر، ڏماچ، تسر سوسيون، اڄڪلهه جي ڪريف، قناوين، اسپان، سٽين، ڇيٽ، پاپلين، ڪرمڪ، بخمل، نف، پئنٽ، ليڊي هئملٽن، بروڪيڊ، چڪوري، ليلم ۽ نائلان، بجلي، فجوتي، شئفون، زربفتن ۽ پٽن ڪان سوٰ رتيون ڪثر هيون. اُهي تہ سوين سوڙين پٽراٽين ۽ رلين ۾ پيون رهائينديون هيون.

گهر ۾ ڪپڙي جي ڪفايت نہ ڪرڻ ڪري گهڻا ڏسڻا وائسٽا مرد خرچ جي بوجي کان اتاولا، ڪند فهم، ڳٽتين ۾ ڳوڙهيل، بزدل، بيڪار، دولابي، دوکيباز، گشائي، ڏٺائي، موالي، منڪٽو، چندولي، شرابي، شرارتي، بيغيرت، مڇو، بيمار، بي ساڃاهہ، بي ادب تي پيا آهن. ڪي وري ننڍ وڏائي کان نڪتل، ڪوڙا ڪپتيا، هٺ وڏائيءَ ورتل، پدم سلطان بود جي ڦنڊي ۾ ڦاتل، اجاين اڍنگن خرچن جا عادي، پر خير خيرات، دان پيچ ۽ قومي ڪمن ۾ قاصر، اسلام کان عاري، اندر ڪاڏل ۽ رڏل اٿن. اهي ماڻهو، ڌوبيءَ جي ڪتي وانگيان نہ گهر جا تہ نہ گهاٽ جا ٿا شمار ٿين.

هنن جون زالون بہ فئشن ۽ سنيمائن جي پنيان انڌيون اونڌيون، ٽيڊي پتليون، بيشرمائي جو مادل، اولاد نپائڻ ۾ عاجز، ڪوڙن قصن ڪٿڻ ۾ هوشيار، مرد نما ساهيڙين تي نثار، گهر جون ڦيٽاڙو، سس صهري تي شوڪيل، هئرآئل، لپ سٽڪ، لوندر پائوڊر، مسڇن، لڪس لڳائڻ تي عاشق، پرٽي سبٽي کان بري، هنن مان بہ جيڪي وڏ گهراٽيون ٽيون ڪونائين، سي تہ برهما جي مک مان پيدا ٿيل آهن. ڪکُ پڇي پيٽو ڪونہ ڪن، نڪي پير پٽ تي رکن: نوڪرياڻين، داين ۽ دَداين تي ڇڙو دٻاءُ وينيون ڪن. هوُ بہ ڪين خوش ڪرڻ لاءِ: جيءُ سرڪار! حاضر حضور! اجِها آيس مائي! چئي پيون پاڻ وٽائينديون. بس ڇري ڦٽ ۾ خوش! انهن تي سائڻ سڳوري فاطمہ ۽ عزت ماب عائشہ سڳورين جو اُٽيءَ جيترو بہ اولڙو ڪونهي.

وڏو تعجب تہ اهو آهي، جو اهي مرد، جن وٽ بيدوليون متاريون جهڙيون مينهون يا اُڏوهيءَ لڳل لچڪٽيون لڪڙيون، جي لٽ للهانگڙي تي پيون تڳن، تن ڪي حق جو ڪلمو نٽا ساٽائين تہ: پاڻ ڪي دين اسلام ڇا تو سيکاري؟ اسلام سيکاري ٿو: پرهيزگاري، پيار، همدردي، هدايت، صرفو سنجم. سچ: رنون رمز رُلايون، ڏاڙهين کهڙا ڏوهہ!

عورت بازار ۾ خود خريدار، پر بل بالم تي! جو آهي اٽڪنيءَ جو موت سمان! يا تہ آهي ٺڙ ٺپ نينگن ڏيڻ جو نام نڪاٽو وڪڙن ڪاڻ!
شاهہ ڪريم رحہ فرمايو آهي تہ:

پاٽيهاري سيڪا، جا سرگهڙو ڌري،
ڪا لئي سنڌي سڄڻن، ڪا پورهيي ڪاڻ پري!

سنڌ جي سکر ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي:

سنڌ جي سکر ماڻهن جي رهڻي ۽ عام پورهيت لوڪ جي رهڻي ۾ ٿورو تفاوت رهيو آهي. پر هڪ ڳالهہ انهن ۾ ساڳي رهي آهي سا آهي سادگي. پلي پڪي حويلي هجي يا جهوپڙي ٻنهي ۾ اڏاوت جي نموني مُر سادگيءَ واري سونهن صاف نظر ايندي.

اڍائي - ٽي صديون اڳ جي ڳالهہ آهي تہ: ساگري واهہ جي ڪپ تي هالا ذات جا ڪي ماڻهو هالا حويليءَ ڳوٺ ۾ رهندڙ هئا. ان ڳوٺ ڪان پنجويهن - ٽيهن جريبن پنڌ تي هڪڙو وڏو ڪشادو ميدان هو. اُتي جي هڪ پرئي مڙس جي حويلي مشهور هئي.

حويليءَ يا جاءِ جي بيهڪ:[1]

چوڏاري گنب پتين سان اٽڪل ٽيهہ هزار پرهہ ڊيگهہ ۽ ويڪر ۾ هڪ ڪشادو مڪان سرزمين تي موجود هو. ان ميدان ڪي لتاڙي اندر حويليءَ وٽ پهچبو هو تہ ڏکڻ طرف هڪ ڪاٺ جو ويهہ - پنجويهہ فوٽ ڊيگهہ - ويڪر وارو ٿلهو دروازو، هڪڙي طاق ۾ چار چار فوٽ دريءَ سان ڏسڻ ۾ تي آيو، جنهن جي اڳيان ڏيڍيءَ جي پت اوٽ ڏنل هئي. دروازي اندر اوسار دالان هو، جنهن تي اڏيل ڇت هئي. اوسار يا دلان جي چيڙي سان سڌي لام ۾ چاليهہ - پنجاهہ فوٽ رڌڻو هو، جتي بني پچندي هئي. ان سان لاڳو توشا خانو (اناج وغيره جي رکڻ جو گدام پڻ اڏيل پنجاهہ - فوٽ ماپ جو هو. ان جي پر ۾ پر پنئين پاسي پـئي) ويڙهو (ڪاڪوس) نهيل هو جو بنا اڏاوت جي هو. ڪائين رکڻ لاءِ پڻ هڪ ڪنڊ خالي رهندي هئي.

ڏکڻ سامهون انگاسي يا ڇڇهرين جي مدنين سان تي صفا اَڏيل دُئارن [بنا طاقن چڙهيل در] سان جي ڏهہ - ويهہ فٽ ماپ جا ٿيندا، جن جي مٿان

---

[1] اهڙو هڪ مضمون. شاهہ حبيب جي حويليءَ جي نالي سان ليکڪ جو ڇپيل آهي. (نظرثاني ڪندڙ)

مينهن جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ نڪر جا نيارا ٻہ - ٻہ هڪٻئي مٿان جڻ ٽيل پوري وچ تي لِٽل هئا، جن مان پاڻي آڳنڌ تي تي ڪريو..انهن ٽنهي صفن جي وچ ۾ ٻہ گهٽيون ڇڏيل هيون، جن مان لنگهي، اتر طرف هڪ خاص اڱڻ ۾ جو مهاڙي واري اڱڻ جو پنجو - ڇهون حصو اٽڪل ٿيندو، اتي ڪن جاين ڏانهن ضروري ڪمن سانگي وڃڻو پوندو هو، نہ تہ گهٽي اچ وڃ ان طرف ڪانہ ٿيندي هئي. صفن جي الهندي ۽ ايرندي پاسن ڏي ونگن وارن ڏرن سان ٻہ - ٻہ ڪوٺيون هيون. ڪوٺين ۽ صفن جون ڇتون، ڪامن داسن، ڪاين، نڪن، ٽوئن ۽ ڪررانيءَ جهڪ سان بند ٿيل هيون، ڪن تي وري مٿان ڪَهَچَر ۽ پاڻ وجهي گاري سان لتو ويو هو. داسن ۽ ڪامن جا ڇيڙا ٻنهين بند ڪرڻ جي بجاءِ هوادار جارين ۽ ڳڙڪين وارا ڇڏيل هئا يعني ڇت ۽ بنيادي پتين ڪي اڏاوت وٽ ڪليو ڇڏيو ويو هو. آڳنڌ وڏو ويڪرو تلهو هو، جنهن کي "اوٽو" چيو تي ويو. اوتي چوڏاري ڪٽهڙو ڏنل هو ٻاهرئين پاسي حويليءَ سان لاڳيتو اوتارو (مسافر خانو) هو. اهو بہ چڱو خاصو موڪرو هو. اڳيان آڳنڌ ڪليل هئس، بغل ۾ سامان سڙي جي رکڻ لاءِ هڪ ڪوٺي هيس، جنهن ۾ مسافرن لاءِ نکون، تڏا، تونريون، رليون، تاڻءَ جن ۾ طباق، پاٽيون، سٽڪون، ڳنرون، ٽپيون، لوٽا، دکيون، دلا، مٽ، ناديون وغيره ۽ ٻيو بہ ڪيترو فالتو سامان رکيل هوندو هو. اوتاري اڳيان ميدان تي جهنبو بہ ڪتل هو.

حڪمت يا شفاخانو:

مسافرخاني جي پت سان شامل تورو ڏکڻ ڏي پر اولهائين لاءِ ۾ شفاخاني جي جاءِ اوسريءَ سان هئي. جنهن جي پتين ۾ جارا ۽ کڏا [ڪبٽ] هئا، جن ۾ [جڙي ٻوٽين مان سٽيل ڪٽيل] ستيون ڦکيون، ڪڪَ، ڪشتا، معجونون، ڊپ دارون، ٻکيون ٻوٽيون ٽين، لوٽن، طسن، پاٽين، داٻلن داٻلين، سونگن سونگين ۽ ڀهڳن ۾ بند ۽ کليل پيون نظر ايندڙيون هيون. شيشن ۾ عرق گلقند ۽ ماکيون هيون.

شفاخاني ۾ بہ اوتاري وانگيان نکون پٿريل هيون ۽ اُلهدائين پت سان لاڳيتو هڪ ٽپڙيءَ مٿان ناهوڪي رلي وڇايل هوندي هئي، جنهن تي سائين پريو مڙس پاڻ ويهندو هو. ان ڪري ان جاءِ کي سائين جي گادي سڏيندا هئا. شفاخاني جي ڪندن ۾ هاوَن دستا، ڏنبا ڪوندا، اُکرلا مهلڙا، عرق چڪائڻ لاءِ

ٽامي جا ڪرنڦل ۽ حقني جو سامان ۽ ٻيون بہ ڪيتريون ئي شيون پيون ڏسبيون هيون. ڪنهن ڪنڊ ۾ سڪل ٽوڙي آلين جڙي ٻوٽين جا انبار لڳا پيا هوندا هئا. جن جي ڏسڻ سان ماڻهو وِسِهي ويندا هئا تہ وڏين وڏين بيمارين ۽ مرضن جي مجرب نسخن جي پوري پوري ڄاڻ سائينءَ کي آهي. حويليءَ جي حدن کان ٻاهر ڪيترائي مريد، معتقد، هاري ناري، ڪمي ڪاسبي مڙسان تار لوڙها ڏيو گهر اڏيو وينا هوندا هئا. ان ڪري حويلي ٻري کان هڪ ڳوٺڙو نظر پئي ايندي هئي. سڄي حويليءَ ۾ نڪر جي ڏيئن سان روشنيءَ جو انتظام ڪيل هو.

پريو مڙس، نہ فقط شاعر ۽ حڪيم هو، پر دوا سان گڏ سندس دعا بہ هڪ ٽڪ هئي. انهيءَ ڪري حبيب شاهہ جي فيض جي هاڪ ٻري ٻري تائين پکڙيل هئي. گهڻو ڪري هيءُ گهر نماز جو متقي هو، روزي جو صائم هو ۽ غريب ساداتن جو گهر هو. ماڻهن جا انبوهہ زالين مڙسين ڏاڍي ڀيڙي، دوا درمل، دعا شفا، زيارت ڪچهري لاءِ اچي ڪٺا ٿيندا هئا. پاڻ بہ پريت سان مريضن کي دوائون ۽ دعائون، قرضين کي دلداريون، سيڪڙيا تن کي تسليون، اسيرن يعني قيدين جي ڇوٽڪاري لاءِ هٿ (ٻڪ) کڻي دعا پنڻ ۽ گمراهن کي هدايت ڪرڻ جو بار سرانجام ٿيندو رهندو هو.

گهرو انتظام:

مسافرن ۽ ايندڙن ويندڙ لاءِ سدائين لنگر جاري هو. اهو رڌ پچاءُ يعني بنيءَ جو ڪم اندر حويليءَ ۾ ٿيندو هو.

گوليون، ٻانهيون، مريدياڻيون ۽ بيبيون حويليءَ جا سڀ ڪم ڪار پاڻ ڪنديون آهن. مريد ۽ خادمن جي آکهہ جون ڪي زالون، حويليءَ جو اندريون ڪم: رڌ پچاءُ، ٻهاري سوهاري، هنڌ بسترو، ڇنڊ ڦوڪ، چڙڻ چنڊڻ، ڏرڻ پيهڻ جي ڪمن تي مقرر هونديون آهن. ٻاهريان ڪم: ڪيتي ٻاڙي، پاڻي پرپُ، مسافرن جي ٽهل ٽڪور، ستيون ڦڪيون ڪٽڻ، گڏڻ جا ڪم مريدن پاڻ ۾ ورهائي ڪٽندا آهن. ڪي خاص ماڻهو. ڏراڙ: ڏنار ڀهنوار، ميهار ڳنوار، وڇار ڳاٻار، وهٽ وانن جي سارسنڀال ڪندڙ. گهوڙن جا سئس ۽ اُٺن جا اونار وغيره ٻڌ وٽن هئا. ڏهائي جو ڪم پاڻ هٿن سان بہ ڪندا هئا تہ ڪڏهن ويهي نظر مان بہ ڪيندا هئا. پاڻ مارُو ماڻهو هئا. مال ڌارڻ وڌائڻ تي گهڻو شوق هئن.

سندن انتظام اهڙي طرح هلندو رهندو هو. جو ڪيڏيءَ مهل به آيل مسافر کي ٽڪر ٽانبو، جهڻ لسي، کير کنڊ، ڏڌ مکڻ حيثيت سارو پيو ملندو هو. ڪيترا معتقد ماڻهو پاروٽا ٽڪر، تبرڪ طور ڳنڍ ۾ ٻڌي ڳوٺ کڻي ويندا هئا ۽ لنگر جي کٽي جهڻ، ٻاجهر جي مانيءَ جا سڪل ڳيا وڏي صدق سان کائي خوش ٿيندا هئا.

عبادت:

ڪجهه ميداني مفاصلي ڇڏڻ کان پوءِ اولهائين - ڏاکڻي ڪنڊ ڏاري هڪ مسجد سڳوري گنب پٽين سان ٺهيل جنهن ۾ به - اڍائي سؤ ماڻهو صفون ٺاهي بيهن موجود هئي. متس ڪاشيءَ جون نيلون چڙهيل ۽ مهاڙي ۾ ڪانسن سان لڳ ڪاشيءَ جا مصلا جڙيل هئا. اندران سڄي چن سان ٺهيل ڳچ سان لتل هئي.

پريو مڙس، رات جي پوئين حصي ۾ ننڊ نه ڪندو هو. فجر ٻانگ ٻڌڻ سان مسجد ۾ اچي باجماعت نماز ادا ڪندو هو. نماز به گهڻو ڪري پاڻ امام ٿي پڙهائيندو هو. نماز کان پوءِ قرآن شريف تلاوت يا ڪو ورد وظيفو ختم ڪري، پوءِ ڪن حڪمت جي ڪتابن مان نسخا ڪڍي واچيندو هو. وٽس شعر، طب ۽ حڪمت بابت قلمي توڙي ليٿو ڇاپ وارا ڪتاب موجود هئا. مطالع کان واندو ٿي بيمارن لاءِ شفاخاني ۾ اچي نسخا منتخب ڪندو هو ۽ ڪن ماڻهن کي ڪاڳرن جون چُٽڪيون لکي ڏيئي اُن سامان آڻڻ لاءِ تاڪيد پيو ڪندو هو.

اٽڪل پهر کن سج مٿي چڙهيي کان پوءِ سڌو اوتاري [مسافرخاني] ۾ اچي نون آيل ماڻهن سان حالي حوالي ٿيندو هو. پوءِ پنهنجي شفاخاني ۾ اچي گاديءَ تي ويهي، آيل بيمارن جي نبض شناسي، علاج ڪرڻ، دوا ڏيڻ، ڪري يا پرهيز ٻڌائڻ، ڦيٽو وجهڻ، پاٽي پڙهي ڏيڻ، نئين دوائن جي تيار ڪرڻ يعني سٽڻ ڪٽڻ، ڇاڻڻ، ڪاڙهڻ، ملائڻ ۽ ٺانءَ ۽ شيشا ڀري رکڻ جا حڪم ڏئي ڪم پيو وٺندو هو.

ٻنپهرن جو ماڻهن کي ماني ڪارائي ۽ پاڻ ماني ڪائي، پوءِ اندر حويليءَ ۾ وڃي آرامي ٿيندو هو. يا اهل عيال سان ضروري ڳالهين ۾ مشغول رهندو هو. اڳينءَ ٻانگ ٻڌڻ کان اڳ اڪ جو زهر ڪڍي وڃي نماز پاڙهي، پوءِ اچي ڪچهري شروع ڪندا هئا. جا سانجهيءَ نماز تائين هلندي رهندي هئي، وچ ۾ ڳگو وچينءَ جي نماز کاڻ اُٿندا هئا.

جمعي جي نماز:

جمعي جي ڏينهن خطبي کان اڳ وعظ نصيحت ماڻهن کي ڪئي ويندي هئي، جمعي نماز تي آسپاس جي نواحي ڳوٺن جا ماڻهو بہ ايندا هئا. اتي ڪي آيل عالم ماڻهن کي تفسير، حديث، حڪايتون ۽ ٻيا عمدا مقولا پڻ ٻڌائيندا هئا. اتي ويهي ٻڌڻ وارن توڙي ٻڌائيندڙن جو انداز فرحت ڏيندڙ دلڪش نظارو پيش ڪندو هو. ماڻهو حيرت جي ڪُن ۾ منهن مونن ۾ پايو پيا ٻڌندا هئا. دنيا جي بيوفائي ۽ زندگيءَ جي بي اثباتيءَ تي ٿڌا شوڪارا پيا پريندا هئا. جمعي نماز بعد آرام ڪري ڪچهري ڪونہ ڪندا هئا. پر ٻني ٻاري ۽ چوپائي مال وغيره جي نظرداري ڪندا هئا.

سانجهي ٻانگ مهل هڪدم اچي مسجد ۾ حاضر ٿيندا هئا. نماز کان پوءِ ڪجهہ ورد وظيفو پڙهي اتيئي ويٺا هوندا هئا. تان جو سهماٽيءَ جي ٻانگ ايندي هئي. سهماٽي جي نماز پڙهائي پڙهي، ڪلاڪ اڌ جماعت سان ذڪر ڪري، ماڻهن کي ماني کارائي هنڌ اوڇڻ ڏيئي وڃي ننڊ ڪندا هئا. سندن اهو روزمره جو دستور هوندو هو. پر ڪڏهن بيمار نہ ٿيا!

ڪچهري:

ڪچهريءَ ۾ ديني مسئلا بہ ڇڙندا هئا. بيت بازي بہ ٿيندي هئي. شاعرن کي داد بہ دل کولي ڏنو ويندو هو. ڳائڻا ۽ راڳي بہ پنهنجي پنهنجي فن کان اچي واقف ڪري انعام وٺندا هئا. عالمن سان علمي گفتگو ٿيندي هئي. ماڻهن جي سڱن بندن، ڏيتي ليتي، جهيڙن جهٽن، وٿج وهنوار جا بہ فيصلا ڪچهري ۾ ٿيندا هئا.

ڪکائان گهر:

گهر مڙئي گهر، پر ڪکن سان ڪونہ لڳي!

پڪن گهرن ۽ جاين کي ڪٿي محل، محلات، ماڙي، بہ - ماڙ، ٽي-ماڙ، بنگلو وغيره ڪونين، پر ڪچن گهرن کي ڇنو، ڇپرو، ڇانولو، لانڍي، جهُنرو، جهوپڙي، جهوپڙو، پونگي، پونگو، جوڙنڪي بيڙبني، جوڙنڪي بيڙيءَ پني، جوڙنڪي ميچيءَ ڪندي، جوڙنڪي ڊاروين (سلاميءَ تي) سڏين. هن لاءِ پنهنجي سنڌ پٽن ۾ جيڪي گاهہ ٻوٽا وغيره ٿين، سي ڪتب آندا ويندا آهن. هنن ڪاڻ ٽوٽيون، مُنيون، منگها، مل، ڇڙون ڪوڙي ڪپائي، مٿان يا پاسن کان ڪانا،

ڪٽڻ، پلال، ناڙي، سڻ، ڪانهه، سرَ، ڏڀ ووڙانيون، ليون، ڪرڙن جو جهڪ، اڪارو، ڏير، بانٺ، ڇار، پن، ڪجيءَ ڦرها، ڪپ، جهلَ، ٻاٽي [ڪمند جا پاندر ۽ڪيوڙي جاپن] ۽ ٻيا ڪک ڪاڇر ٻه استعمال ڪيا ويندا آهن. چوڻي آهي:

رهڻ ڪاڻ هجي پل جهوپڙي ڪکن جي،
ڏيڪارجي دشمن کي، هلي ٌلوڏ لکن جي.

انهن ۾ جيڪي جدا پاڊا ڪکاوان گهر اَڏيل هوندا آهن. تن کي، پونگو، پونگي، جهوپو، جهوپڙي، اَجهو، منهه، مڏ، ڇپر، چانولو، پکو ۽ پيهو چون.

مال ٻڌڻ ڪاڻ: ٿاڻ، وٿاڻ، وڪهه جهل، مَنَهه، گبرو، اولو، ڪُڙهه، ڪوئين.

گهر وڃ نڪر نلهي، ٻاهر شير بهادر بلي!

ڪکائون گهر جوڙڻ بابت هڪ نظم هن ريت آهي:

ڪکائون گهر

بسم الله ڪري بانڪا بيهندا ڪري هاديءَ کي هـَڪل
نريـون هٽـي نـوڙيءَ کـي اڇـي مـاپيندا بـه مـلَ
ڪاڇو ڪـري ڪـوڏر ڪٽـي هٽـندا چريـون چـَـلَ
ڏرا ڏاڍي ڏاهـپ سـان هونـدا خـانن جـا ڪوٺيـل
ٻه جنڊايون ٿوٽيون تـن کي جهمڻ ڪان ڏبـي جهل
وڏو ورو ورَي تـن تـي رکـو اهڙي سـان اٽڪـل
جيئن ڪـَپا تنهن جا کُپ ٿين ڏيئي تورليءَ تي تـل
هينيـون منهـن منـڙي جـو ٿينـدو اَڏيءَ ۾ اٽڪيـل
اها لاٽ بيهندي هڪ ٿوٽيءَ، ٻي ٻنديءَ سندي ٻل
چـار ٿوٽيـون چوئـڪ برابـر تلهـي ڪبيـون تـل
چـار ورَا تنهـن چوئـڪ متـان رکـي ڪبـا رَل
ڏهـ اڏورا آڏا رکبـا ڏيئـي ورَن متـان وَل
انهن تي اَٽ پٽيون آڏيون رکي هٽبا قابو ڪـلِ
ڪايـا تـن تـي قـُرب مـان مڙهبـا منـدي مـل
هـاڻ ڇـڏيو رڳـو ڇنـو تـن سـو ٻڌبـو ٻـيءَ مهـل.
پتيـن جـي بنـائڻ لئـه، ٿـا سـوهڻ ڪـدين سـل
نوڙيـون ان جـون نـاز مـان، آهـن ور ڏيئـي وَٽيـل

ڏيپ ڏيــن جــو نــاهڪو، آهــن پــاٽيءَ ۾ پســيل
هــاٽي پــاڪر پــري بــانٺ، جــا آٽيــن ڏيئــي اُڇــل
چريءَ مٿــي ڇاهـ مــان، تــا رکــن ڪــري رلمـــل
تن کي ڪوڙين تــا، خوشــيءَ مــان ڏيئــي مُــنين مـل
جن ۾ چار لئي ڇميو وجي، پـر بــاهڻ ڏي ٿــو بـُـل
لڙهيــن سنڌي لئون ٻڌي تــا همراهـ ڪــن هڪــل
ادا، آٽــج ڪــي ٻيــو، تــون واري تــي "وريــل"
انهــن اهجــاٽن ســان ٻـڌن، ڪنـڌيءَ ڪــي ڪــامل
جنڌا تنهــن جــا جهونجهــارن، آهــن ٻنايــا بلڪــل
هاڻ وري چڙهي ويا، چوٺ مٿي، ڪاين تي ڪامل
ڇاڇي سنڌي ڇيچ جي، آهي رانجهـن رمز رتيــل
پڪــا پهريــن تــا پڪيڙيــن، ڪايــن مٿــا ڪـُـل
رکـــن ڏيـــر ڏاهـــپ ســـان تـــا پڪيڙيـــو پلپـــل
ڇاڇو ڇمڪيو چوهـ مان، جڏ لڏئون ڪانهـ جي ڪل
چوئنڪڙيون ڇٽساليءَ جون، ڏس نوڙين سان نِـرمل
نيوا تنهن جا ناز منجهان، تــا وڍيــو ڪــرن ڪـُـل
اهڙي سان اٽڪل، هنن ڇاڇو ٻڌي ڇيهـ ڪيــو.

جاين جو اِسلح:

وٺ سوريندي وَلها ويو تيل ٻري!

روشنائيءَ جو انتظام:

ڏيئو:

نڪر جو ڏيئو، هن ۾ ڪوڙو تيل يعني پيڙيل ڄانيي جو تيل، ڪپاهـ جي ڦوڦيندي وَٽ وٽي، ڏيئي جي تيل ۾ ٻوڙي، پوءِ ڪنهن جاري، طاقي، مدنيءَ يا ڏيئي جي لاءِ پٽ ۾ خاص جوڙيل ڪڏيءَ ۾ رکندا هئا. پر مسجدن، مقبرن ۽ مندرن ۾ ڏيال ٻاريو ويندو هو، جنهن ۾ گهڻو تيل پوندو هو ۽ ڏيئي کان وڏو ويڪرو هو. هن جي هيٺان نڪر جي پاٺ يا ڪونڊي رکبي هئي ان ڪونڊيءَ جي وچ تي مٿيءَ جو پنوڙو اُبسرو ناهي، تنهن جي مٿان رکبو هو تـ جي تيل هارجي ويرجي پوي تـ ڪونڊيءَ ۾ ڪري.

ڏياٽي:

لوھ جي نھيل ڏياٽي، ھڪ لوھي ڏيئو ھو جنھن جي تري جي وچ وٽان ھڪ ڊگھي لوھي سيخ ڳنڍيل رھندي ھئي جا ٽن پيرن تي بيھندي ھئي. مسجدن دڪانن ۽ ھٽن ۾ ٻاري ويندي ھئي.

ٽلاٽي:

ٽلاٽي، ساڳي ڏياٽيءَ وانگر جڙيل ھئي. مگر ھن ۾ ھڪ وٽ بجاءِ ٽي خانا وٽ جا نھيل ھئا. ٽنھنڪري منجھس ٽي وَٽون پيون ٻرنديون ھيون. ھٽ- واٽيا رات جو ھن جي سوجھري تي ٻنديون اُٽلاٽي ليکو چوکو نيڪ ناڪ ڪندا ھئا. شمر يا متو. ٽين جي پتري مان نھيل دھلڙيءَ جي شڪل وانگي ھو. مٿان انچ ڪن ڄُنڊي انچ قطر واري ويڪري نلڪيءَ ٽُڪر جھڙي تنھن ۾ وٽيل سُٽ جا سڳا وَٽ ڪري وجھندا ھئا. ڍڪر ۾ گاسليٽ وجھي ٻاربو ھو. ھيٺيان ٽينَ جو پورو نلڪي جھڙو اڌ فوٽ منيو. ڪنھن ڇنبدار ڪاني ۾ ڪپائي، ڪانيءَ کي زمين ۾ کوڙي ڇڏبو ھو. ھيءُ ميلن ۾ پرچالن ۽ آسٽن اڳيان گھڻي سوجھري لاءِ ٻاريندا ھئا. ڪي ڪي شادين مرادين ۾ چنن ۾ متا ٻاري رکندا ھئا. ان سان گڏ ڏياٽ يا مشعل بہ ٻاري سنواري سوجھرو ڪندا ھئا.

چمني:

چمني، ٽينَ جي پتري مان نھيل، گول ڍڪر بہ - اڍائي انچ قطردار. مٿان پوري چنڊي جنھن ۾ اُٽيل سٽ جي گول وٽ پتل پاسي کان جھلڻ لاءِ چلو يا ڪنڊو. ھن ۾ گاسليٽ وجھي پوءِ ٻاري رکندا ھئا. ھن کي گاسليٽي ڏيئو بہ چيو ويندو ھو. پوءِ جلد ئي اھڙيون چمنيون نڪتيون جن کي پيٽ ۾ تنگي بيھارڻ لاءِ ڍڪر جي پنيان، ٽين جي پٽي تنگ سان ريھيل ھئي ۽ مٿان لئمپ يا لاپ شيشي جو رکي سگھبو ھو ۽ پٽيءَ جو سوراخ پيٽ ۾ نوڪيل ڪوڪي يا ڪليءَ ۾ وجھي اٽڪائي بيھاريو ويندو ھو.

فانوس:

فانوس، سچو ٽينَ جي پترن مان نھيل شڪل مستطيل ڪعب اُبي پٽيءَ وانگر مٿان دونھين جي نيڪال لاءِ گول برج لڳل پاسن کان ڪاٺي يا شيشي جون تاڪيون، ٽينَ جي ڪندن وارين چيپاٽن ۾ پچايل - وچ تي گاسليٽ سان پريل ڍڪر واري بتي يا چمني جنھن جي مٿان منڍو پتل جو. ان جي ڏنڊن ۾

لئمپ يا لاپ ڪائي جو ڪپايل - منڊي ۾ چپٽري اُٽيل وٽ پيل جنهن ڪي پارڻ سان چٽو ۽ شفاف سوجهرو پکڙجي ويندو هو. فانوس جاين، گهرن، دڪانن، هٽن، بلڪ جهوپڙين کان سواءِ جتي ڪٿي ٻاريا ويندا هئا ۽ ٻاريا وڃن ٿا.

شمعدان:

شمعدان هيءُ ٻه ٽينَ مان جوڙيل هوندا هئا، پر شيشي جي چئن تاڪين بجاءِ اَٺ تاڪيون هونديون اٿن. هينيون تاڪيون مستطيل يا چورس ته مٿيون تاڪيون وري ”ٽراپيزم“ نموني تي هونديون اٿن. هن ۾ به گاسليٽ جي چمني لئمپ سان وچ تي رکبي آهي. ڪيترا شمعدان ڳونن جي گهٽين، مقامن، مقبرن، مسجدن جي ايوانن ۾ ڪنهن ٿوڻيءَ يا پول ۾ سندن هيٺين گرڻ سان قابو ٿيل ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

قنديل:

قنديل، هيءُ پڻ شمعدان وانگر اٺ پاسو چار هيٺ چار مٿي پاسن سان ٺهيل ۽ شيشن پيل تاڪين وارو ٿپندو آهي. وڏن وڏن گهرن ۾ ٻاريو ويندو آهي. روشنيءَ کي اجا به تيز ڪرڻ لاءِ فانوسن شمعدانن ٿوڙي قنديلن کي پت واري پاسي لڳ، گول آرسي نما چند پڻ لڳايو ويندو هو.

لالٽين:

لالٽين يا لئمپ بتي، هن بتي جو اصلي نالو ”هريڪين“ انگريزيءَ ۾ هو پوءِ بدلجي مٿيون نالو پيو آهي.

هيءَ بتي اهڙي نموني جي ٺهيل آهي، جو هٿ ۾ کڻي هلڻ ۾ سولي. جهڙي ڦڙي ۾ نه وسامندڙ آهي. هن جي چمني لئمپ سڀ گولائي واري نموني تي آهن. هن جي منڊي ۾ چپٽري سٽ جي وٽ ٻرندي آهي. هر جڳهه هر جاءِ تي، هر ميدان ۾ هر رات، هر هنڌ ٻاريو ويندو آهي (هن جي جاءِ هاڻ ٽارچ) لائيٽ وٺي رهي آهي) بجلي بتي، هن جا به پاڱا هئا: هڪڙو مٿيون پاڱو جنهن جو نمونو اُبتي هيٺ وانگر هو هينان پيالي وانگر لوهه جي تار سان مڙهيل شيشو ٺهڪيل هوس ۽ ”نوزل“ ناليءَ رستي منجهس گاسليٽ اچي منٿر يا وَٽ کي ٻاريندو هوُ. اهو پاڱو مٿي ڪنهن ڇت ۾ ڪنڍي يا ٿوڻيءَ کي مدني هٽي تنهن ۾ لڙڪائي ڇڏبو هو. ۽ ٻيو هو گاسليٽ جو سلينڊر يا ڪولو جنهن ۾ ميٽر گئج (ماپ) پڻ لڳل هئي ۽ پاسي ۾ پمپ، هوا پيرڻ ڪاڻ هوس - ڪولوءَ ۾ هوا پيرڻ سان گاسليٽ ٽاميءَ جي نڪليءَ مان مٿي چڙهي ٻرندڙ پاڱي جي

مينٽر وٽ پهچندو هو ۽ پوءِ تيلي ڏيڻ سان هن کي باربو هو. تمام تيز سفيد روشني چوڌاري پکڙجي ويندي هئي. شادين، وهانئن، وڏاڻن، دڪانن، هوٽلن، ميڙن ملاکڙن ۾ باري ويندي هئي. هن ۾ هڪڙو نقص هو، جو ڪٽي هلڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي بلڪ هڪ هنڌ رکي ٻارڻ ۾ سولائي هئي.

گولو:

گولو، جڏهن بجلي بتي ڪٽي هلڻ ۾ بيڪار ٿي ته گولو ڪڍيائون. هن جي تيل جي ٽانڪي ٻرندڙ ياڳي مٿان رکيل هوندي هئي، جنهن ۾ هوا ڀرڻ جو پمپ ۽ ميٽر گيج پڻ هئا. گولي جي ٽانڪي گولائيءَ ۾ ۽ مٿان مٿي لڙڪائڻ لاءِ ڪنڊو، هيٺان ٻرڻ لاءِ مينٽر. مينٽر کي ڍڪڻ ۽ حفاظت لاءِ لوهه جي تار سان مڙهيل شيشو ڪنگريءَ جي تري وانگر هو. اتيئي هوا ڀرڻ سان گاسليٽ مينٽر وٽ پهچندو هو. تيل گرم ڪرڻ ۽ نوزل ۾ هلڻ لاءِ اسپرٽ به ٻارڻو پوندو هو. هن مان هي خوف هميشه رهندو هو ته اوچتو ڀڙڪو ڪري ٻاهه ٽانڪي تي پهتي ته ٻاريندڙ کي جلائي رکندي هئي. سهولت اها هئي جو ٿن لاٽڪن واري ٿهيل يڪي ۾ مٿان ڦاسائي مٿي تي ڪٽي هلي سگهبو هو، تنهنڪري شادين، غمين، هوٽلن، رستن وغيره تي آسانيءَ سان ٻرندو رهندو هو.

پيٽرومڪس:

پيٽرومڪس يا هٽ بتي، هن جي تيل جي ٽانڪي لالٽين وانگر تري ۾ هوندي آهي ۽ ميٽر گيج ۽ لڳل هوندو آهي. هوا ڀرڻ سان گاسليٽ هڪدم مينٽر تي پهچندو آهي. مينٽر گرم ڪرڻ لاءِ منجهس اسپرٽ ٻاريو ويندو آهي. هن جو سُهائو (شعاع) هر طرح گولي ۽ بجليءَ جو مقابلو ڪندو آهي. شادين غمين ۾ ۽ ٻهراڙين جي هوٽلن منجهه مارڪن ۾ هي گهڻو استعمال ٿئي ٿو. (هاڻ ته چوڌاري اليڪٽرڪ سٽي جو بندوبست ٿيندو وڃي. ٻهراڙين ۽ ٻنين تي به ٽيوب ويلن لاءِ اليڪٽرڪ ڪتب اچي ٿي. جلد ئي سارو ملڪ منور ٿي ويندو).

پاڻيءَ سان ڀري رکيل ٿانءَ:

مٽ، ماٽوڙا، دلا، گهڙا، دليون، گهڙيون، گگهيون، گهاگهرون ۽ ناديون، اهي سڀ ٺڪر جون ٺهيل آهن. هنن ۾ پاڻي ڏاڍو ٺرندو آهي. پر ٿر ملڪ ۽ ڪوهستان واري ياڳي ۾ ماڻهو پاڻيءَ جون کليون ڀري پاڻ سان گڏ کڻي گهمندا وتن.

ٽامي يا ڌاتن جا برتن پاڻي لاءِ:

ٽامي جا گهڙا، موريا، ۽ چروُن، انهن سيني کي ڍڪڻين، ڍڪڻ ۽ بونبن سان ڍڪي رکبو آهي. (خالي گهاگهرون راڳ روپ جي ڪچهرين ۾ ڪاريگر وڄائيندا بہ آهن).

پاڻيءَ پرڻ جو طريقو:

کوهہ، واهہ، تلاءُ يا درياءَ تان، شهرن ۾ نلن تان پاڻي پريو ويندو هو. کو ماڻهو دلو يا مٽ ڪلهي تي رکي پري ايندو هو. کو ڪنواڻي ڪڍي ان ۾ بہ گهڙا ٻڌي پريندو هو. ڪنواڻي، هڪ ڪاٺ جو پڃر آهي جنهن جا ٻيئي پاسا مُڇيل آهن، جن جي ٻچاڙيءَ ۾ هر هڪ پاسي هڪ رسي ٽڪر بہ - اڍائي فوٽ ڊگهو ٻڌبو ۽ ان ٽوڙهي جي هيٺين پاسي سرڪڻ جوڙبي آهي جا گهڙي جي ڳچيءَ ۾ سوگهي ڪبي آهي. ڪنواڻيءَ ۾ بہ گهڙا آساني سان ڪڇي سگهندا آهن. ٽين جا دٻا، ڏول ۽ بارديون [بالٽيون] جيّ بہ ڪنواڻيءَ ۾ وجهي پربا آهن، پر انهن ڪنواڻين جي پڃرن ۾ ٽوڙهن بدران لوهہ جون سيخوَن هونديون آهن، جن جو آنڪڙو ڏول جي مُنيي جي ڪنڌي ۾ وجهبو آهي.

(الف). پاڻي پرڻ ڪن ماڻهن جو پورهيو آهي. اهي کوهہ تي چم جو بوڪو واري چرخو ڦيرين تہ ورت چرخي تي ويڙهجي ويندي ۽ بوڪو ٻاهر نڪري ايندو. پوءِ اهو پاڻي هڪڙي چمڙي جي پکال جڻهن جي منهن ۾ ٽينَ مان نهيل ڪيف يا ڪمُ پيو هوندو، تنهن ۾ ناٿيندا ويندا تان جو ڀن - تن بوڪن جي پاڻيءَ سان پکال پرجي ويندي - پوءِ ٽيتين کي گهر گهر ڏيندا وتندا (ان ڪم يا ڪيف جا ننڍڙا نمونا بہ ٽين جن سان دڪاندار وري شيشن ۾ تيل اوتيندا آهن. ۽ وڏن ڪمن سان، سوڙهن ٿانئن ۾ اتو بہ لاهي ڏيندا آهن.

(ب). پاڻي پرڻ جا ٻيا هوندا آهن، چمڙي جا ساندارا، جيڪي پورهيت ماڻهو درياءُ يا تلاءَ تان پري وهٽن تي رکي ڳوٺن ۾ انهن مان پکالون پري رسائين. ٿر ياڳي ۾ ماڻهو ڪاٺ جي نهيل جندن تي دلا رکي پري اچن. ٿر جا کوهہ ڳوٺن کان پري ٿين ۽ ٿين بہ تمام اونهان. ڪي سٺ هٿ اونهان تہ ڪي اڃا بہ وڌيڪ اونهان ٿين. پاڻي بہ ٻاڙو يا ڪارو (جرڪو) ٿئي. پاڻي ڪوئسن سان ڪڍڻ انهن ۾ سان بہ جوئين تہ اُٺ بہ هلائن.[1]

[1] ٿر ۾ کوهہ تي پاڻي ڇڪڻ واري اهڙي اُٺ هلائيندڙ ماڻهوءَ کي ڪيليو چون. (نظرثاني ڪندڙ)

پاڻيءَ جي ڪم آڻڻ جا برتن:

ڪوٽرو، هن سان هٿ منهن ڌئاريا وڃن. گروڙيون ڪرايون وڃن ۽ ڪاڪوسن يا پوين ۾ طهارت لاءِ پڻ رکيو ويندو آهي. چلمچي، هن ۾ هٿ منهن ڌوئڻ ۽ گرڙين جو پاڻي ڪٺو ڪري ٻاهر هاريو ويندو آهي. ڳنوڙ يا ڪاڍو، هن سان ديڳن ۾ پاڻي ڀري ڀري وجهبو آهي. ڪونجي يا ڪري هن ۾ پيئڻ جو پاڻي مسافريءَ ۾ کڻبو آهي. ڪنگر يا لوٽو، هن ۾ پيئڻ لاءِ پاڻي ڀري رکن ۽ نار ۽ هرلن ۾ پاڻي ڪڍڻ لاءِ مالهه ۾ ٻڌن، ٽيو ٽيي - پاڻي ڀري پيڻ لاءِ ڪم آڻين. هيءَ ٿانءُ نڪر توڙي ٻين ڌاتن مان بہ نهيل موجود آهن. جهڙوڪ: ٽامو، آليومينم [جست] پتل وغيره مان. تينَ مان نهيل پيئڻ لاءِ ڪم ايندڙ ٿانءَ ڪي چل ۽ ٻين ڌاتن مان نهيل ڪي گلاس چون ۽ بدنو بہ ڪم اچي. (هن وقت سڀ ڪنهن قسم جا ٿانءَ پلاسٽڪ جا نڪري پيا آهن ۽ جڳَ بہ پاڻيءَ جي استعمال لاءِ ڪم پيا اچن جي هر ڌاتوءَ مان توڙي پلاسٽڪ ۽ شيشي مان جوڙيا ويا آهن.

کائڻ پيئڻ جي ڪم ايندڙ ٻاسڻ:

لوٽو، ڪرسيو، گڏون، ڪرمنڊل، چروڙي، چوٽري، هنن ۾ کير، گيهہ ۽ پاڻي ڪم آٽي سگهجي ٿو. هي ٻاسڻ ڌاتن جا نهيل هوندا آهن.

رڌڻ لاءِ:

ديڳڙي، ديڳڙو، ديگ، هنڊي، هنڊو، تاپيلي، تاپيلو، ڪٽلي، ڪٽلو. ديڳڙن ۾ پاتيڪ، ترپڪ، ڪاسڪ وغيره ٿين، پر رڌڻ لاءِ نڪر جو ڪنو ۽ ڪنڙي بہ ٿين. ڪٽليءَ ۾ چانهه ڪاڙهي ويندي آهي، جنهن جو هاڻ رواج پيو آهي ۽ وڏن ماڻهن وٽ ٽـِي سيٽ آهن جي چينيءَ ۽ ڌاتن وغيره مان نهيل عمدا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ديڳڙن ۾ ڀت، پلاءُ، کيرڻيون، ڪارڪون، سيپون، پيهون، چنگاليون، چاشنيون ۽ ٻوڙ وغيره رڌين يا کير ڪاڙهين. ٽامي جا سيني قسمن جا برتن قلعي ڪرائي پوءِ ڪم آڻبا آهن.

ونڊ ورڇ جي لاءِ:

وٽا، وٽيون، ڪٽورا، ڪٽوريون، تاسريون، جنگا، مخبا، ٻهڳڻ، ٻهڳڻيون، ٿالهہ، ٿالهيون، ٻنگاريون، ڊاڪون، ڊاڪمان آهن جيڪي ٽامي، ڪنجهي، جست، پسي، پتل ۽ ٻين ڌاتن مان جوڙيا ويندا آهن. پر نڪر جا آهن: ٻاٽ، ٻاٽوڙو، تسڙو، تس [هنن ۾ اٽو رکندا آهن] ڪنڙو، جمني، جمن،

پيالو، پيالي، سٽڪ، طباخ، پارڙو [هن ۾ دڪاندار وکر وجهي رکندا هئا] انهن نکر جي ٿانئن مان ڪي ڪاشيءَ چڙهيل بہ هوندا آهن. [رڪابيون، پليٽون، ساسرون ۽ ڊيش، ٽامر چيني، لوهہ چيني ۽ شيشي جا برتن هاڻ نڪتا آهن ۽ هنن جو هاڻ گهر گهر رواج پئجي ويو آهي].

رڌڻي جو اسباب:

رڌڻي ۾ مٽيءَ جي چُلهہ، گول چلها، آڳيٺي ۽ بخارو هوندا هئا. سياري ۾ آڳيٺي ناهي ان ۾ مٽيءَ جا مارنگ رکي رڌ پچاءَ ڪبي هئي. بخارو، جاءِ جي پٽ سان شامل نهيل هوندو هو. جنهن جو دونهن مٿان منگهوٽيءَ مان نڪرندو هو. جلد ئي لوهہ جي ٽہ ٽنگي چلهہ، ڪل، سگري وغيره نڪتا جي هاڻ ڪم اچي رهيا آهن.

نکر جا ٿانءَ جن ۾ پاٽ ۾ اٽو ڳُنو (ڳوهيو) ويندو آهي، پر هاڻ ٿالهہ ٿا ڪم اچن. تسڙن ۽ ڪنگرن ۾ اٽو ۽ چانور رکيا ويندا هئا، پر هاڻ دٻن ۽ ٽينن ۾ رکيا ٿا وڃن. نکر جي پٽالي جنهن ۾ تماڪ ۽ لوڻ وجهي رکبو هو. سو پڻ دٻن ۾ رکيو وڃي ٿو. گيهہ، نکر جي دڪين ۾ وجهي رکبو هو ۽ ڪپڙو پري پوءِ ڪم آڻبو هو. سو هاڻ جوڙين ۽ دٻن ۾ ٿا رکن. ٿر ملڪ ۾ گيهہ جي رکڻ لاءِ چمڙي جون دٻيون ٻاءَ ڪان وني اڍائن مڻن تائين جدا جدا ماپن جون جوڙيون ويندي‌ون هيون. انهن ۾ ٿر جو ڪستوريءَ جهڙو گيهہ وجهي اُنن تي لڏي پري پري ڏيساورن تي موڪليو ويندو هو. رڌڻي ۾ نکر جي دانگي يا پٿر جي ٿوٻي هوندي هئي، جنهن تي جوئر، ٻاجهر، مڪائي ۽ چانورن جي ماني پچائي ويندي آهي، پر هاڻ لوهہ جو تئو ڪم ٿو اچي جنهن تي ٻين مانين کان سواءِ ڪٺڪ جا ڍڳڙ، ڦلڪا، اڦراٽا، ٻُسريون يا ڳڙهاريون، ستپڙيون پڻ پچايون ٿيون وڃن.

ڪيري، رڪ، ڦلهيار يا چار ڪٽڻ لاءِ لوهہ جو ڪفگير، مانيءَ اٿلائڻ لاءِ لوهہ جي نڦٽي، وراٽي يا ڪُربي ڪم ٿي اچي. ٽانڊي يا جاڳتي ڪٽڻ ڪاڻ لوهہ جو چمٽو استعمال ٿئي ٿو. اڳي ڪير ڪپڙي مان ڇاڻبو هو. پر هاڻ لوهہ جي چاريءَ واريون ڪير ڇاڻيون ڪم اچن ٿيون ۽ جست ۽ ٻين ڌاتن مان بہ ڇاڻيون ناهيون ويون آهن. اٽي ڇاڻڻ ڪاڻ، پرٽي يا پرڻ لوهہ جي چاريءَ جو هو. هاڻ جست مان جڙيل پرڻ ڪم اچڻ لڳا آهن. لوهہ جون ٽيئون، ڪٽيچيون، لڳلام انهن ۾ شيون تريون وينديون آهن. لوهہ جي منجڻ تي پلو پچايو وڃي ٿو. ۽ ڪٽاهي ۾ ڪير ڪاڙهبو ۽ مائو ۽ سيرو وغيره ناهيو ويندو آهي.

وڏڻ ڪاڻ، رُڪ جون ڇريون، ڪاتيون، ۽ چاڪو هوندا آهن. جن سان بصر، سائي ٿوم، ساوا مرچ، ڪوٿمير، ڏاٿا ۽ پاڇيون وغيره ڪاتر ڪن، گوشت وڏي ڪپي سڌيون ڪن ۽ تکي ڪرڻ لاءِ روهي بہ رکن ۽ ڪاٺ سان گوشت کي ڪاٺ جي ڏيڍ فوٽ قطر واري گول اُيي اڏيءَ تي رکي ڇِتي چِلهي قيمو بنائين. انهيءَ قيمي کي بصرن جي رڌل بريان سان ملائي ڪباب ۽ ڪوفتا جوڙين [هاڻي قيمي ڪرڻ ۽ سيپُن بنائڻ جون مشنيون ٿيون ڪم آڇجن]. ڪاٺ جي بہ اداڻي فوٽ ڏوئي سان پت ۽ پوڙ رڌيو ويندو آهي. پر هاڻ چمچا ۽ قاسقا نڪتا آهن، جي ڌاتن مان نهيل آهن. انهن سان ڏوئرو، گيهہ، ساڏاڻو بہ ڪڍبو آهي. ننڍا چمچا وري ڪائڻ واسطي استعمال ڪيا ويندا آهن. ڪرپي هلائڻ سان ڪڙهيل کير مان مائو نهندو آهي. کير جي پائڪ ماپ کي مُبري بہ چون ۽ تيل، گيهہ ڪڍڻ واري ماپي کي ٽپري يا ڪرنڊي ڪونين. جا لوهہ جي نهيل ٿئي ٿي. ويڳر مسالي ڪٽڻ لاءِ ڪاٺ جو اُکرلو ۽ مهلڙو بہ هوندو آهي، ڪي وري اکرلي جي عيوض پٿر جي ننگهہ ۾ بہ ويڳر ڪٽيندا آهن. تئي تي ماني پچائڻ لاءِ ڪي زالون هٿ تي ماني ٺڦين تہ ڪي ويلڻ چڪري کي ڪم آڻين، ويلڻ ڪاٺ جو، چڪرو نڪر جو بہ ٿيندو آهيُ.

رڌ پچاءَ واسطي رڌڻي ۾ ڪاٺين ٻارڻ جو انبار، ڇيڻن جي ڳوڻ يا پريل ڇڄ يا ڪوئلن يا اڱرن جو ڍير بہ هوندو آهي. باهہ ٻارڻ ڪاڻ ماچيس (اڳي چقمق پهڻ)، ۽ وچٽو دکائڻ خاطر رکيل هوندا آهن. گاسليٽ جو دٻو، گاسليٽ جي ٻاٽلي يا شيشو ڪن سرند گهرن ۾ اوس هوندو آهي. (هاڻ تہ صاف گئس ۽ سُئي گئس استعمال ٿيڻ لڳيون آهن.

گهر جا ٿانءَ ٿپا:

هيءُ گهٽو ڪري ڪپڙن ۽ لَين جي لامن ۽ ٿامن مان. نهيل ڪارا ۽ ڪاريرن تن ۾ رکيا ويندا آهن [هاڻ لوهہ جي پٽن وارا بہ ڪارا نڪتا آهن]، ڪاريون جيڪي وڏيون هونديون آهن، سي ڪانهہ جي تيلين مان ٺهن ٿيون جن جي تيلين مان سُپ ۽ ڇڄ شاهہ جا شڪاري جوڙين تا. انهن ڪارين ۾ پورهيت زالون لاٻارو ڪري لائيءَ جا سنگ وڏي وجهي گهر ڪٽي ايندیون آهن ۽ ڪنهن وهاڻءَ وڏاٽي تي ٻهراڙيءَ جون زالون اهي ڪاريون ڪٽي شهرن ۾ وڃي انهن ۾ ونواهہ جو سامان پيچائي وني، پري ڪٽي ڳوٺ ڏانهن ورنديون آهن. مانيءَ رکڻ خاطر

پيش، ڪکن ۽ ڪٽڪ جي ناڙيءَ جي تيلين مان ٺهيل دٻڪيون، پنڊيون، ڇٻريون ۽ ڇابون هونديون آهن. انهن مان ٺهيل ڇٻين ۽ ڇبن ۾ ڳنڍڻ جهڙوڪ: مِڇي، پلو، گوشت، ڀاڄي، ترڪاري وغيره آندي ويندي آهي ۽ ڪي ماڻهو ميوات بہ ڇٻي ۾ وجهي کڻي ويندا آهن.

اناج رکڻ جو بندوبست:

گهرن ۾ مٽيءَ جون ٺهيل گُنديون، گُندلا، پَليون رکيل هونديون هيون، جن جي تري لڳ هڪ ڪپڙي جو لڳل ليڙو لاهي اَن ڪڍبو هو. اَن ڇلين سان ڀري گُندي ۾ وجهبو هو. اناج جي ماپ ڪاٺ جي چوٿاين، پاٿين، ٿوين ۽ ڪاسن سان ٿيندي هئي، جي گهروارا موجود رکندا هئا. ڪن گهرن ۾ ساهميون يا ترازيون بہ هونديون هيون جن جي ترارن يا وٽن سان اناج توريو ويندو هو. اهي دڪانن تي بہ موجود رکيل هيون ۽ اڄ بہ آهن پر اڳي ڪاٺ جي ڪاني واريون ۽ هاڻ لوھ جا ڪانٽا ڪم اچن ٿا.

شادي يا وهانءَ جو رڌ پچاءَ:

گهر کان ٻاهر چنو اڏبو هو، ۽ چُلها کوٽبا هئا. چني جي لڳ هڪ چري کوٽي ويندي هئي. اتي ڳوٺين مان جانور ڪڍي نُکن تي ڏِڳ ڪري پوءِ ماپ ڪري نڪر جي کوندين ۾ وجهي ڌوئيندا هئا. پر ۾ پريل چرُون يا ناديون تن مان ڪاڍن سان پاڻي ڪڍي ديڳن ۾ پلاءُ رڌڻ لاءِ وجهندا هئا. بہ ڪاٺ مان ٺهيل هر هڪ ٽي - ساڍا ٽي فوٽ ڊگهي اٿلاٽي ڪاني ڏوئيلو ۽ ٻيءَ ڪي انبيو سڏين ڪم آڻيندا هئا. ديڳيون رڌجي چڪيون تہ انهن جي ڪنن ۾ رسو وجهي لاهي ۽ ڪپڙي جو هڪ ٽڪر جنهن کي صافي سڏين، مٿان وجهي ڍڪ ڏيئي ديڳون دميندا هئا. جن ۾ پلاءُ يا تانهري، چاشني وغيره هوندي هئي، پوءِ اها ماني انبي سان اُتيڙي، پٽ لوھ جي چاٽيءَ سان، ٿيلهين، نولهين، طباخن، پاٿين ۽ سٽڪن ۾ وجهي آيل ڄاڃين ماڃين ۽ نيڍُن کي چني ۾ کارائيندا هئا. ماني جي کوٽ يا ڪاپي ٿي تہ چوندا هئا تہ وڃي چر تان وٺي آ.

گهرن ۾ پٽ تي وڇاڻو:

تڏو، تڏي، پٽيچ يا پڙچ، نُک، توئري، ڇتري، اهي پيش يا ڪکن مان ٺهيل هوندا آهن. ڪي ماڻهو مُنئي جي عذر خواهي لاءِ جنسي ڪک وڇائي پکيڙي ڇڏيندا هئا انهن کي پٽر سڏيندا هئا. پيو ڏاس يا ملس جون ڪرڙيون، سٽ جا جاجم، گلم، غاليچا، قالين (ايراني غاليچا) فراش، ٽپڙ، ٽپڙيون،

گودڙيون، ڏڙڪيون، رليون ۽ طول وغيره وڇايا ويندا آهن. پر متي ويهڻ ۽ سمهڻ ڪاڻ ڪتون، ڪتولا، منجيون، منجولا، ڇپر ڪٽ (ڇاپرڪٽ) پلنگ، صندل، پنيايون منجيون، صندليون ۽ پيڙها هوندا آهن.[1]

ويڻل ماڻهوءَ جي واءُ ۽ آرام لاءِ:

ڪن گهرن ۾ ڪپڙي جون نهيل جهليون، وڃڻو، پکو، مورڇل (جيڪو مور پليءَ جي پڇ جي ڪنين مان جڙيل هوندو آهي)، جهلي ٻه -چار فوٽ ڊگهي تختي جي لار ۾ هيٺان پيٺو ڪپڙو ڪري وچ ڪوڪن سان بند ڪري، رسين يا سيخن سان متي ڇت ۾ داسي، ڪام يا دامن، ڪايي ۾ اهي اتڪائي ڇڏيندا هئا ۽ وچ مان رسي ٻڌي ڇڪيندا هئس. ستل ماڻهوءَ جي واءُ لاءِ هندورا ۽ پينگها گهرن ۾ عام جام هئا ۽ ٻارن لاءِ جهولڻا يا لوڏون هونديون هيون.

گهر جي صفائي:

گهرن ۽ جاين کي هئي - تئي مهيني چيڪي متي ڪتي ڇيڻو يا لڌ ملائي ليپو يا پوچو ڏنو ويندو هو. جنهنڪري پٽيون اڇيون لڳنديون هيون. پٽ ٻهارڻ لاءِ پيش جا ٻهارا ڪم ايندا هئا ۽ ڪتي وڏا ميدان هوندا ته وڻن جا تارا پڃي انهن سان صفائي ڪبي آهي. گند ڪچرو ڪڻڻ لاءِ ڇڄ يا ٽيڙ يا ڪو ٺانگر يعني پڳل نڪر جو ٿانءُ ڪم آڻبو آهي. اهو ڪچرو ٻاهر هڪ ڍڳ، جنهن کي اروڙي چون وڃي ان تي ڦٽو ڪن. جنهن کي سڙڻ کان پوءِ ياڻ، ڇم چون ۽ ڪڻائي ٻنين ۾ وجهن. ڪي وري ڪاٺ جي ڳنيءَ ۾ اڳڙيون ٻڌي ڇنڊڻي جوڙين. ان سان پٽيون، هنڌ، ڪتون، ڪرسيون، ميزون ڇنڊي ڇڏيندا آهن (هاڻ ته برشن سان صفائي ڪرڻ جو رواج نڪتو آهي). گهرن ۾ صفائي خاطر نڪر جا ٽُڪا به رکيا ويندا هئا، جو پوءِ رڳو مسجدن ۾ وڃي رهيا.

نڪر جي لوٽي ۾ پتر وجهي بيمار ماڻهو اڳيان رکندا هئا، انکي ٽُڪو چئبو هو. جلد ئي پوءِ لوهه چينيءَ جا ٽُڪا نڪتا جن ۾ پترن عيوض پاٽي اڏورو پري رکبو آهي. گهرن مان جهرڪين کي ڀڄائڻ لاءِ جيئن ويهي وئيون نه ڪن، هڪ اڳڙين جو نهيل ڏڙهو نوڙيءَ سان گهرجي وچ تي ڇت ۾ ٻڌل ڏسبو جنهن سان جهرڪين کي ڀڄايو ويندو آهي.

---

[1] ميزون، ڪرسيون، موڙا، آرا، ڪرسيون، تپايون، بنچ، اسٽول هاڻ تا ڪم اچن.

پٽين جو سينگار:

اسان جي ملڪ ۾ ڪي جايون گَنب مٽيءَ جون، ڪي ڪچين سرن جون ۽ ڪي پڪين سرن جون ته ڪي پٽر جون به جڙيل آهن. لاڙ جتي ڪلر گهٽو آهي ۽ ٿر جتي واري گهٽي آهي اتي ماڻهو ڪکايون جهوپڙيون ۽ چوئرا جوڙي انهن کي اندران راڳائي ڇڏين. ڪي سرند ماڻهو اتي لاڙ ۾ ڪاٺ تختن تي (تيڪيي تي)، گهرَ ڪاٺ مان جوڙائين يعني ڪانين جي جڙَ جڙي مٿان ليپو ڏيارين. سونهن خاطر پٽين ۾ جارا، ڪُنڏڙا ناهين ۽ مٿان وري ڪوڪن ۽ ڪلين سان تختا، طاق، گلاس دانيون، ڪپڙن ٽنگڻ لاءِ ٽنگڻيون يا ڪاٺ يا گهوڙا وغيره هٽي ڇڏين. ڪن گهرن جي پٽين تي ڪليءَ ۾ پيش جو مصلو پيٽو ٽنگيل هوندو آهي، جنهن تي نيڪبخت زالون نماز پڙهنديون آهن ۽ ان جي ٻينج ۾ ڪي ڪپڙا، ڏنڊڻ، تسبيح، سوئڙو، اڳٺ وجهٽي رکنديون آهن. ڪن گهرن ۾ پڇنديون (دوڇتيون) به هونديون آهن، انهن تي ڪاٺ جون پيٽيون، صندوقون ۽ لوهه جون ٽرينڪون رکنديون آهن. تختن ۽ طاقن تي قلعي ٿيل ديڳڙا جن جي تري تي مٽي جو ليهُ چڙهيل هوندو آهي قطارون ڪري رکن.[1] ڪنڌن ۽ جارن ۾ به گهٽيون ڏڪٽيون شيون حفاظت سان رکيون وينديون هيون. گلاس دانن تي گدانيون، مخبا، فنجان به رکيا هئا.[2] زيور ۽ ڳهه ڳنا ٿينَ جي ڊبلن ڊبلين، ڀهڻن، ڪاٺ جي ڪمانگري سونگن ۽ سونگين ۾ وجهي پوءِ ڪنڌن ۾ اندر رکندا هئا يا پٽين ۾ لنبائي رکيا هئا. ڪاڌي جي شين کي ڪيولين ۽ ماڪوڙين کان بچائڻ لاءِ پيش ۽ واڻ مان نهيل ڇڪا يا ڇٽن ڪانين جي تري وارا واٽيل ڇڪا ناهي انهن کي گهرجي ڇت ۾ ٽنگي انهن مٿان اهي شيون ڍڪي رکبيون آهن، جو رواج اجا هلندڙ آهي. ڪن هنري گهرن ۾ ڪارچوب تاجي ڪيڻ جا قالب به ٽنگيل هوندا آهن. ڪتي ڪنهن گهر جي ڪنڌ ۾ پٺسن گڏ ڪرڻ لاءِ پنداري به نهيل هوندي آهي. ٻارن جي پٺسن گڏ ڪرڻ لاءِ نڪر جو ٻوگهو يا ٻُگرو يا ڪُپڙو پڻ ڪم اچي ٿو.

ڪپڙا ڌوئڻ ۽ رڱڻ واسطي پرهو:

ڪاٺ جو مستطيل ڪعب به اڍائي فوٽ ويڪرو تلهو دابڙو يا ننڊي دابڙي ۽ جي اهو پٽر جو هجي ته ان کي چون ڦرهو. [لاش ڪي جنهن تختي تي

[1] هاڻ ته چيني ۽ شيشي ۽ ڪاشيءَ جا باسڻ قطارن ۾ رکيا ٿا وڃن. (ليکڪ)
[2] ڪيڻ هاڻ نڪتا آهن ۽ چمڙي جون ٻڱون به هاڻ ڪم اچن ٿيون. (ليکڪ)

غسل ڏيندا آهن تنهن ڪي بہ ڦرهو چئبو آهي] پوءِ ڏيڊ - بہ فوٽ ڪاٺ جي منيي سان گهڙيل ڏونگري جنهن کي ڏُڪي يا سوئٽي بہ سڏين. ڪپڙا ڪار سوڍا ڦليءَ يا صابڻ جي پاٽيءَ اوگهار ۾ مَلي پوءِ داٻڙي تي رکي ويهي سٽين. پر ۾ پاٽيءَ جي ڪونڊي يا ڪونر پري رکن، جي نڪر جا ٽيندا آهن. انهن ڪونڊين ۾ اڳي گارو ڪٽي لنبائي بہ ڪندا هئا.[1] ڪپڙا ڌوئي ڌمالي پوءِ اڱڻ ۾ ٻڌل رسيءَ تي يا گهرن جي ٻاهرئين لوڙهي تي سڪڻ لاءِ وجهندا هئا. اڳين زماني ۾ گهڻو ڪري تلها ڪپڙا جا ڪپڙا پاڻ سٽ ڪتي جوڙائيندا هئا. ڪپڙا سگها سگها ميرا نہ ٿين تنهن لاءِ خاص طرح موگي ساوا، هلواڻ يا ماهوت جا ڳاڙها، ساوا نيرا رنگ نيروتيءَ ڪان رڱائي انهن ۾ چلڪ پيدا ڪرڻ خاطر مڱريءَ سان ڪوڙائي پوءِ پهريندا هئا.[2]

ڪپڙن رکڻ لاءِ:

ڪي زالون مصلي جي پينج ۾ يا هڙ ۾ ڳوٿري ۾، چمڙي جي بدَ يا بدوڪي ۾ ڪپڙي جي بجڪي يا بخچي ۾، صندوق پيتيءَ ۽ ٽرينڪ ۾ پيش جي نهيل چلي يا ڇبي ۾ ڪورا يا ڌوتل ڪپڙا رکنديون هيون.

ڪڪائين ٽيڻي جا ڍَڪ سان هوندي هئي [پٽاري يا ننڍي چليءَ]، رلين ڪاڻ ڌوتل ٽڪريون، پٽ سٽ جا سڳا، ريل، پٽو ۽ ڍيري، سئين جي پڙي، ڏوڏي [انگشتا]، قئنچي يا ڪترُ، پرت پرڻ جو سامان سگهڙ زالون وجهي رکنديون هيون.

رليون، رلڪا، گاديلا، سوڙون، پتراٽيون، وهاڻا، تڪيا سڀ اُٿ ڪري ڪنهن صندل تي يا منجيءَ تي يا گهر جي ڪنڌ ۾ ٻڌل لَٽ تي جا ڪنواني جي ابتڙ هڪ ڪاني جنهن جا رَسا متي ڇت ۾ ٻڌل ۽ ڪاني هيٺ لڙڪيل هوندي هئي، ان تي يا لوڏ تي جيڪو رسو بيٺو تي ڇت جي جدا جدا ڪاين ۾ ٻڌل هوندو آهي، تنهن تي سٿا ڪري رکنديون هيون.

سمهڻ لاءِ اوڇڻ:

هنڌ بسترو تنهن ۾ هيءُ ٽيڙ موسم يا مند سارو پيل هوندا هئا. رليون جيڪي سنو پريون زالون پاڻ سبنديون هيون، رڱ رتيون سوڙون، سيءَ رڪون، پتراٽيون،

---

[1] لوهہ جون تغاريون پوءِ نڪتيون آهن. (ليکڪ)

[2] استريون هاڻ نڪتيون آهن. (ليکڪ)

چوون، وياٽا، لويون، ڪمرون، ڪتيون، ڪتا، اجرڪون، چادرون، چانديون، تـوال، فراسيون، ڪرڙيون، ٽبڙيون، غاليچا وغيره جي هنن ۾ ويڙهي رکيا هئا.

زالن جي سينگار جو سامان:

آرسي يا آهري، سرائي، سرميداڻي يا آنڙو، ڦڻي زالاڻي [مرداڻي الڳ] ڏندڻ ڪبڙ جي پاڙ، جهل، ٻاڻي، نم يا ٻبر جو مٺ جيڏا ٽڪر ڪري ڪم آڻيندا هئا.[1] تيل ڪوڙو ۽ منو يا سرهو تيل جو پيالين ۽ شيشن ۾ پريل هوندو هو. عطر جو ٻڙو ڪن ۾، ڪجل جي چانديءَ جي ڪاني يا تيلو باڪس ۾ رکيل، مينڌي، مساڳ، اُبٽڻ يا پني دٻلين ۾ پيل [هاڻ پائوڊر ڪم تو اچي] هن ڪي منهن صفائي ٻـ سڏيندا هئا. مجڻ[2] جا پيرن جي ڪڙيـن ڪـي هٽـي ڪڙيـون ڳاڙهيون ڪنديون هيون يا هنگلو ڪم ايندو هو. هن سان سياري ۾ پيرن تي چلر چڙهندا هئا يا پير ڦُـتي ڦاٽي پوندا هئا ته ٺڪر جي جنڊي [پيـر - ڪرچٽـي] تي پير گسائي لسا ڪنديون هيون.

ٻارڙن لاءِ سامان:

هن اسان جي سنڌ ۾ وڏي ڪوشش ڪئي ويندي هئي، خاص ڪري ٻارَ جي مٿي ويهارڻ تي زالون ٻار کي ٽج، دوا يا ستي، ڪنهن سپيءَ يا ستيئڙي ۾ وجهي پوءِ صحت جان چئي پياريندون هيون. ٻار ڪَي دُڪو يا مکڻ چٽائي، تيـل سان آڏي مکي پـوءِ وهنجاري تنجٽـن سان تنجي [سـندس ٻانهون ٽنگـون خاص نموني سان ڪپڙي ۾ ٻڌي] پوءِ منجيءَ يا پينگهي ۾ سمهاريندون آهـن. ان جي سيرانديءَ کان دڪي يا مُنهن رکي رکنديون آهن [جنهن ڪي مـول متـارو يا مٽيارو يعني مٽيءَ جو پاسيرو ڪمان وانگر نهيـل مـارنگ پڻ چونـدا آهـن]. جنهن جي مٿان ٻـ فوٽ ڪن ڏگهيـون ڪـانيون اُڀيون ڪتـل هونديـون، هيـون سـو مٿي ۽ نراڙ سان لڳائي رکنديـون آهـن. ٻـار ڪـي مٿـي رلڪـن جـي اُٽ تـي سمهاريندون، جيئن سندس ڳچي ۽ مٿو هيٺ لڙڪيل هجي ۽ ڪيڏانهن چـُـري پري نـ سگهي، پوءِ ان تي سنهڙو رئو يا پوتي مٿان وجهي ڇڏين تـ ٻار ڪي هوا لڳي ۽ مکيون نـ پٽين. اهو مـول متـارو يـا مٽيـارو پينگهي تـوڙي منجيءَ تـي

---

[1] هاڻ ڏندڻ جي جاءِ تي ٽٿ پيسٽ استعمال ٿئي ٿي. (ليکڪ)

[2] مجڻ: اهو لفظ لطيف سائين ڪتب آندو آهي.

"روئان رَت مجڻَ، هاڻ تن پرين ڪي." (نظرثاني ڪندڙ)

رکيو ويندو آهي. [منهن رکيون يا موريون يا دُمدار هاڻ ٿا ڪم اچن] ٻار ڪجهه وڏيرو ٿيو تہ انکي نڪر جي گهوڙيءَ ۾ ٽيڪون ڏئي ويهارينديون آهن. ۽ ٻانبڙن پائڻ جيڏو ٿيو يا ڪٺ ڪي جهلي هلڻ جهڙو ٿيو تہ ڪاٺ جي نهيل تقيتي گهلٽي گاڏي ڏيندس تہ پنڌ ڪرڻ سکي. ڪن ٻارن کي ورَي ڪاٺ جي جوڙيل چوڦيتي گاڏي ۾ ويهاري انکي اڳيان رسو ٻڌي ٻيا وڏيرڙا ٻار گاڏو ڇڪي گهمائيندا آهن. ٻارن جي سُتيءَ ڦڪي ڪٽڻ گهوٽڻ واسطي گهرن ۾ لوهہ يا پتل جو هاون دستو [همام دستو] بہ هوندو آهي. ڪي زالون ڪاٺ جي ڏنڊي سان نڪر جي ڪونڊي ۾ ڦوٽا وغيره لڙهي، ٻارن کي وجهن، ڪي ماڻهو انهيءَ ڏنڊي ڪونڊي سان ٿاڌل ۽ پنگ وغيره گهوٽين.

ڇڙ ڇنڊ ۽ پيهڻ جا ٿانءَ:

ڪانهہ جي تيلين مان نهيل سُپ يا ڇڄ هوندو آهي، جنهن ۾ اناج وجهي ڇنڊبو ۽ وائربو آهي. پوءِ نڪر جي اُکريءَ ۾ ڪاٺ جي وچ ڪپيل مُنيي واري بہ منهين مهري سان اَن ڇڙين، ڪي پٿر جي ننگهہ ۾ اَن ڇڙين. اها ننگهہ پيالي وانگر هوندي آهي. ڪي وري ان ۾ مسالو ويگر وغيره ڪٽين ۽ چٽڻي ڪٽي ڪائين.

اَن پيهڻ لاءِ گهر جي ڪنڊ ۾ پٿر جو جنڊ ٻن پڙن سان، نڪر يا مٽيءَ جي جوڙيل تار سان رکيل هوندو آهي. ڪن گهرن ۾ سارين ڏرڻ ڪاڻ نڪر جون جنڊيون بہ هونديون هيون (هاڻ تہ ڇڙڻ، ڏرڻ، ڇنڊڻ ۽ پيهڻ لاءِ مشينون موجود آهن.

ولوڙو ڪرڻ:

ڪنهن سمي غريب غربي وٽ ٻچن جي پالڻ لاءِ هڪ ٽڪَ ضرور هوندي هئي. چوٴ پايو مال هوند ۽ سرند هئڻ ۽ سياڳ جو سڳڻ سمجهيو ويندو هو. هر هڪ ياڳيري گهر ۾ ولوڙو ڪندي هئي. ان لاءِ گهر ۾ ٽوٽي، منگهو يا نهيرو ڪتل هوندو هو. ماٺاٽي، منڌي سان يا جهرٽي يا منڌيٺي سان نڪر جي چاڏي يا ماٽي ۾ چاول ڪير وجهي ولوڙي مکڻ ڪڍي وٺنديون هيون. جو وري هڪڙي نڪر جي دڪيءَ ۾ گڏ ڪنديون هيون.

سٽ ڪتڻ ڪپاهہ تاڻڻ:

گهرن ۾ ڪاٺ جا چرخا، ايٽ يا ارٽ موجود هئا. زالون ڪپهہ جا لوليها ناهي انهن مان پوٽيون يا پانديون هٿ ۾ جهلي چرخي جي ٽڪ جي منهن ۾ ڏيئي ڌاڳو ڪيئديون وينديون ۽ نڙا پري اهو ڌاڳو ڪپڙي جوڙڻ لاءِ ڪم آٽيئديون هيون. مرد ماڻهو بہ گليون هڪبئي متان آرپار رکي ان کي چرخي بنائي اُن تي ڏاس،

ملس، سڻ ڪتي رسا جوڙيندا هئا. ڪن گهرن ۾ ارٽيون بہ هيون، جن تي ڪپهہ ڪاٽي ويندي هئي يعني ڪپهہ ڌار تہ ڪڪڙا ڌار ڪيا ويندا هئا.

گڏ وچڙ سامان:

1. گهڻن گهرن جي زينت چلم هئي. جنهن ۾ نڙ، گوءِ، توبي يا قل ۽ ڊول موجود هوندا هئا. زالن جي ڪچهري چلم جي ڦوڪ تي مچندي هئي. مرد ماڻهو حقو تيڪي ويهندا هئا.[1]

2. آچار يا سانڌاڻي سنڍڻ لاءِ ماٽيون يا ڪولا بہ گهرن ۾ رکيل هئا.

3. سياري جي موسم ۾ گهرن جي مهاڙين دُڪارن ڪي ٽپڙ، پکو، چڪ، پراٽين رلين ۽ پتر سان اوٽ ڪندا هئا. شادين ۾ جي آڳنڌ تي اُس تيندي هئي تہ چانوَ ڪرڻ واسطي پال مٿان پکيڙي ٽنگي ڇڏبو آهي.

4. جي ڪنهن گهر ۾ ڪتو ڌاريل هجي تہ انکي نڪر جي ڇٽ ۾ پاڻي وغيره ڏيندا آهن. اها ڇٽ، نڪر جي ڪُني يا چلم جي گهانگهي لهڻ ڪان پوءِ هينيون حصو هوندي آهي.

5. ڪن جاين ۽ دڪانن ۽ هٽن تي ڪاٺ جي يا لوهہ جي پڃري واري ڪئامار بہ رکيل هئي. ڪي زالون طوطو يا منو يا چتون ڌاريندون هيون تہ ان جو چاريدار لوهي پڃرو پڻ گهر جي زينت هو. پر جي مرد تتر ڌاريندا هئا تہ انهن ڪاڻ بانس جي چانيين مان پڃرو چڙو يا پٽو نهيل هوندو هو جيڪو پنهنجي ٻاهر نڪرڻ تي پاڻ سان گڏ کڻي نڪرندا هئا.

6. گهرن ۾ ڪوٺين، پيتين، صندوقن ۽ هٽن جي وڏن دروازن ڪي ماڻهو ڪُلف (قفل) هڻندا هئا. اهي ڪلف بہ ڪنهن جاري يا مدنيءَ تي گوشائتا رکيا هوندا آهن. جن گهرن ڪي لوڙها آهن تہ رات جو يا ٻاهر نڪري وڃڻ تي انهن جي لنگهہ مٿان ڪنهن ڪنڊن واري وڻ جا ڏار وڍي ڪڙهہ ڪري ڏيئي ڇڏين.

سُهائيندا سُخن چوندڙ ماڻهو:

اُهي، جيڪي نند مان اُٿڻ شرط ڪلمو پڙهندا هئا ۽ چوندا هئا: تہ "رب منهنجا! تنهنجا لک لک شڪرانا، جو وري ماڻهو ڪري اُٿاريو اٿئي. صبح جا سائين! ڏک درد، قرض مرض ڪان پناهہ ڏجانءِ، صبح جا سائين! ٻيڙا ٻنين لائين،

---

[1] ٻيڙيون، سگريٽ ۽ هاڻ تہ گٽڪن ۽ ميم پوريءَ جو رواج گهڻو زور تي ويو آهي، جنهن سان انيڪ بيماريون پڻ ٿين ٿيون. (نظرثاني ڪندڙ)

ٻئي جهان موچارا ڪريين! پورهيو پلئي پائين، ڪنهن جو ڪين وڃائين. روزيءَ ۾ برڪت وجهج. سچ ڪي ايرندو ڏسي چوندا هئا، ”اُپريو آهي لکن جو ڏاتار! ۽ ڪم تي چڙهڻ مهل يا اُستاد پير لقمان حڪيم حڪمت جا سائين.

ڳٽڻ شروع ڪندا هئا: ”بسم الله جي برڪت“ يا ”او هيءَ بابرڪت“. وچ ۾ ترسڻ تي ”ڪل جو پلو“ پڻ چوندا هئا[1].

ڪو ڪم رهجي ويو تہ ”اول خير، سياڻي باقي رهيل ڪم اچي پورو ڪنداسون“. هر ڳالهہ ۾: انشاءالله، ماشاءَ الله پيا چوندا هئا. سنڌن تڪيو ڪلام هو: ”الله توکي نيڪي ڏئي؟“ ڪنهن حادثي جو ٻڌائون يا ڪنهن ڏڪ ڪاڏو يا ڪو وڏو ڇيهو پاتو تہ يڪدم وات مان نڪري ويندو هون الله اڪبر! ماني ڪائي اوگرائي ڏيندا هئا تہ: شڪرانا رب ڪريم جا! اڳتي بہ ننگيءَ تي ننگ آهي“ يا متس ننگ آهي، شل حق حلال جي روزي ڪارائي!

ڪنهن سان وهنوار يا واپار ڪيائون تہ: ”حقئون بہ رکي تہ ناحقئون بہ رکي وني“. چوندا هئا، اڳلو وري چوندو تہ ”دين ايمان توتي“ متان ورندي ملنديس: عاقبت خير ڪندو يا ادا، خير جي گذرندي.

سمهڻ مهل ڪلما پڙهي سمهندا هئا: ڇو تہ ننڊ موت جي ڀيڻ آهي. سائين! سڪرات سولي ڪجانءِ، مهند موچارو ڪجانءِ، پتين جي پيڙ، محشر جي عذاب ۽ قبر جي سختيءَ کان پناهہ ۾ رکجانءِ!

جي ڪو ماڻهو غلط سلط ڪم لاءِ چوندو هون تہ نهہ پهہ چئي ڏيندا هئا: ”هن ڪوڙي دنيا ڪاڻ آءُ پنهنجي آخرت ڪين ٻوڙيندس. الله الائجي ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي آهي!

جي پٽ ڏوهاري هوندو هو تہ پيءُ هٿن سان وني وڃي حاڪمن جي حوالي ڪندو هوس ۽ چوندو هو تہ ”هن ساماٽي، اسان جي ستن ئي پيڙهين کي تڪو آيو آهي. پٽ هوندو تہ ڇا ڪندو، مونکي بہ مري رب سائينءَ سان جواب ڪرڻو آهي!.

جي ڪنهن حرام ڪائڻ جي ترغيب ڏنن، تہ اتي ئي چئي ڏيندا هئا: ”مري، هڪنپيءَ (قبر) ۾ پوندس، ڪائيندس گهٽن سان گڏ، پر جواب ڏيندس هيڪلو! آئيءَ پائي ڳالهہ تي، هن دنيا جي مڪر تي لڳي پنهنجو ايمان ڪونہ وڪڻندس“! نيچ يا ڇڪ آئي، تہ وڏي سر ”شڪر الحمدالله“ چوندا هئا.

---

[1] محترم ليکڪ جو ساڳئي متن وارو مضمون، ”انهن کي تو ڳوليان“ واري عنوان سان رسالي ”نئين گي“ ماهہ اپريل 1968ع ۾ شايع ٿيل آهي. (ادارو)

مهمان آيو تہ ”بسم الله“ چئي، وٺي ويهاريندا هئس. ڪيس هٿ ڌئاري ماني اڳيان رکي چوندا هئا تہ: ”ادا، ڪر بسم الله“.

جي مرڻ جيئڻ جو ڪٿي ذڪر ڇڙيو تہ: ”ڪي گذريو آهي، ڪي گذري ويندو يا دنيا گذر جو مڪان آهي. آمن ايمان سان اُڪاري پار ڪندو. پاڻ ئي مدايون معاف ڪندو!“.

خوشخبري ملندي هين يا ڪو سڪارج ٿيندو هئن تہ: لک لک ٿورا ڌڻي پاڪ جا، انهيءَ جي هڪڙي ٿوري بہ نہ پڄئون!“ چوندا هئا:

ڪنهن سندن واڪاڻ ڪئي تہ ”آءٌ تڪو بہ نہ لهان“ يا ”هڪ ڪوڙي ڪوڏيءَ جي ملهہ برابر بہ ناهيان، اهي احسان آهن الله تبارڪ و تعاليٰ جا مون ڪني ڪوجهي کي نوازيو اٿس! آءٌ تہ پاءُ بصرن جو بہ ڪين لهان!“

بيمار جي شفايابيءَ واسطي چوندا هئا: جيڏو الله، تيڏو منجهس رکو آسرو، سچي سائين کي ستايو، راحمين پنهنجو رحم ڪري شال! اِنسان ويچاري جو حال ڪونهي!“.

اوباسيءَ اچڻ تي بہ ”جل جلالہ و جل شانہ“ چوندا هئا. ڪنهن ڪا ساکي پتي شاهدي نہ ڏني وَٽ سَٽ تي ڳالهايو، تڏهن بہ چوندا هئا: ”جهڙي نيت تهڙي مراد“. جيڪو ڪندو سو اوس پوڳيندو! الله کان اولاد گهرندا هئا تہ: ”هڪڙوئي ڏج پر صالح ڏج!“. جي چيائون تہ ”مون کي حرام آهي“. تہ وري ان کي نہ کاڌائون ۽ نہ وري هٿ لاتائون.

ڪنهن پڇين تہ ”هي نينگر توهان جوَ آهي؟“ تہ ورندي ڏيندا: ”اللہ جو آهي، جنهن مون بيوڙي تي ڪٽي پنهنجو وڙ ڪيو آهي!“

مائرون، ٻارن کي ست ست پيرا ”بسم الله چئي، رئندڙ ٻار کي هنج ۾ ڪٽنديون هيون ۽ بسم الله چئي ٻُبُو وأت ۾ وجهنديون هيون.

مرد ڪنهن طرف اُسهيو تہ چوندو هو ”خير جا والي! خير ڪجانءِ، شل خير سان موٽي ماڳن تي اچان“ يا ”ڪکن ييڙو ٿيان“.

ڪنهن ڪم جي پوري ڪرڻ جي پڪ ڏيارڻ ڪاڻ ”الله تي رک، اُهو سيوئي سوليَ ڪندو“ چوندا هئا.

پٽ کي اوڳرائي آئي تہ ماءُ چوندي هئي: ”ڍاوا پٽ!“

ڪنهن بادي چندي تہ چوندو هو تہ ”هاڻ ئي نري پيو.“ پرڪو وڏو ماڻهو بادي ڪيندو هو تہ اهل مجلس چوندا هئا تہ ”صحت جان، صحت جان!“

ماءُ ٻارن کي ستي پياريندي هئي تہ زبانان چوندي ويندي هئي تہ ”ٻچڙن کي صحت جون ستيون ٻچن کي!“

غلطي، ائين چئي معاف ڪندا هئا تہ ”اِنسان خطا جو گهر آهي، اهو وڻ ناهي جو واءَ نہ لوڏيو آهي. اهو ئي بخشيندو پاڻ مرهيندو!“.

ڏنڊي ڪندي چوندا تہ ”توريي ڪٽيي گهٽي برڪت“ الله گنج ڪري ڏيندو“.

پر ڏيهہ ۾ ڏنڊو ڪندڙ هوندا تہ سگهوئي وطن واري پيا ڪندا. هينءَ چئي تہ ”پئسو وڌ يا گهٽ، پر هل پرين وٽ- روزي رزاق تي آهي. ڪيئليءَ کي ڪڻ، هاٿي کي مڻ اهو پيو موڪلي.

وَهَٽ جي هلڻ ۽ هڪلڻ مهل تي چوندا هئا، ”هاڻ آسرو الله جو. شابس بابا!“ ڪنهن کي اجائي وڏائي ڪندو يا ٻٽاڪون هڻندو ٻڌائون تہ چئي ڏيندا هئس، ”ڪٽ ۽ ڪنب، الله جي سرڪار ڏاڍي آهي، شل سولي من پويس جو اِنسان جا عيب نہ اُگهاڙي! پوتيءَ پاڪ ڪير بہ ڪونهي. هرڪو گناهن ۾ گڏيو پيو آهي! چنيسر ساڻ چاڳ، متان ڪا منڊ ڪري!“

جي ڪنهن کي دلذير ڏيٺي هوندي هين تہ، ”متان دل موڙي ڪئي اٿئي. هڪڙي پوري تہ سؤ پٺي، ڏيهن جو ڏاتار آهي. اتي شاهہ جا بيت بہ پڙهي ٻڌائيندس: تون ڏاتار، ٻيا مڙئي منگتا يا ماندي تي نہ مارئي الله پيي آهي!“.

پنڙيات کان هٿ جوڙي معافي گهرندا. ائين چوندا تہ، ”جي ڏجي نہ، تہ ڏڪوئجي بہ نہ!“.

توڪل جو اهو حال هوندو هئن جو چوندا هئا تہ، ”ڪيليءَ کي ڪڻ، هاٿيءَ کي مڻ. ڏٺي ڏيڻ وارو آهي، روزي رزاق تي آهي. گهٽو ڏسي سرهو نہ ٿجي ۽ ٿورو ڏسي ارهو نہ ٿجي. الله تعاليٰ ٿوريءَ تي پرچي ۽ گهٽي تي رُسي، سيڪا وڏائي سائينءَ کي جڳائي. توڪل جا ٻيڙا پار آهن!“.

مينهن وسڻ کان هن نموني دعا گهرندا هئا: ”الله سائين! مهر دا مينهن وسائين!“.

ناٺي گڏ ڪرڻ جي خلاف هئا: ”ناڻو هٿ جي مرُ آهي. خرچ ڪاءُ، ڏيندو شاهہ! اسان سائينءَ کان دين ايمان گهريو آهي. نيٺ مربو، هٿ رهي آخرت جا تڏا ڪين ويڙهينداسون“ چوندا هئا ”الا مان من آفات الزمان“.

سي اُهي ماڻهو هئا، جي ڀائرن کي ٻانهن جو ٻر سمجهندا هئا. نياڻين جي ساڄاهه هوندي هين، سهائيندو لباس اوڍيندا هئا. منهه مارڪي، ادين کي اوڍڻيون ڀائرن کي ڀاڪرون ڀهرائيندا هئا. وڏي گرڏي ۽ گجيءَ وارا مرد هئا. ڪنهن جي ڪچي ڦڪي ٻڌائون تہ ڪنن ۾ آڱريون ڏئي ڇڏيندا هئا. ڪنهن اشراف جو وياءُ ڪرندو سڻائون تہ ڏندين آڱريون اچي ونديون هين. ڪڏهن بہ ڪوڙ، مُڪان نہ ٻوليائون. ڪنهن سونهاري سٽ ۾ وينا تہ سچ چئي اُٿيا. ڪو چار چئي ويندو هئن تہ ڪلي ڪٽي مات ڪندا هئا. ڪنهن جو وياءُ ۽ ڊپ ڊاءُ ڪرڻ نہ ايندو هئن. ڪو هلي اچي سام پيو تہ خون بہ بخشي ڇڏيندا هئا. ڪڏهن لائي ڪانڊي تي ڳُهَنُ نہ ڪيائون. چڱائي مٺائي مڙين جي منهن تي چئي ڏيندا هئا.

اُهي الائجي ڪيڏانهن ويا؟ ڌرتي ڳهي وين يا آسمان اُنائي وين؟ اُهي صداقت تي ساهہ سهسائيندڙ پيو ڳوليان!

ڪا ڊپ جهڙي خبر سڻندا هئا تہ ”الله خير ڪندو“ چئي سوچيندا هئا. موڪلائڻ وقت ”الله توهار“ ڪن ساعت ڌار تيڻ ڪان پوءِ سلام واري ٻک وَجهي هڪٻئي سان خوش خوش ڪندا هئا.

ڪو، ڪنهن ڪم جي ڀارت ڪري ويندو هئن تہ، ”الله کي ڀارت آهي، جو ساري سنسار کي ٿو سنڀاري، سوئي چڱي ۽ موچاري ڪندو!“

ماني ڪائيندي، ايندڙ ويندڙ کي صلاح ڪندا هئا، ڀائو! ماني حاضر آهي، اچي ڪائو. حجاب نہ ڪجو!“ مانيءَ جي گرانهہ تي بہ بسم الله بسم الله پيا ڪندا، ٽڪر ڪريو تہ چمي نور تي رکندا هئا.

مهمان تي تہ ساهہ پساهہ قربان ڪندڙ هئا. مهمان ماني ڪائي هٿ ڪڍي ورتو تہ اُمالڪ چئي ڏيندا هئس ”ماني مولا جي آهي، لڄ نہ ڪر، ڪائي ڍؤ ڪر، رڳو نالو نہ ڪر، تو ڪاڻ تہ آندي اٿئون!“

ٻارن ڪان نالا پڇندا هئا تہ متي تان هٿڙو ڦيرائي پوءِ ٻاٻيس سان چوندس تہ ”ابا، تون ڪنهن جو پٽڙو آهين؟“.

ڪنهن کي پٽ پاراتو ڪندو سڻائون تہ ڪنن جي پاپڙين کي جهلي، و ي آڱر سان جانو پري توبهون پريندا هئا ۽ چوندا هئا تہ ”هندو مسلمان جو خير، جيڪو پٽي ٿو پرَ کي، تہ لڳيس ٿي گهر کي!“

سانجهيءَ جو ڏيئو ٻاريندي ڪلمو پڙهندي ڏسبو هئـن. پڇبو هئـن تـه وَٽ چڙهي ڪلما چوتا پريو. تـه چوندا هئا. ”قبر ۾ جڏهن ملائڪ پڇاڻي لاءِ ايندا تـه سنڌن اکيون مشعل وانگر ٻرندڙ هونديون. هير هوندي تـه انهن ڪـي ڏسـي ڪلمـو ياد پوي شل! اتي اسان ڪنن ڪچن جي ماڻ مصطفيٰ مدني ٿيندو ٻيو ليکي لـل ڪونهي. اتي الائجي ڪهڙي پر ٿيندي پهنوارن ساڻ! جتـي ارڙهـن ڪـروڙ عـالم اچي مڙندا . هاءِ هاءِ ڪي ڪين ڪمايوسون!“

مائرون بـه پنهنجن ٻچن ڪاڻ ايئن چونديون هيون تـه ”الله سائين! ٻيـن جـي ٻچن سنئون، منهنجن ٻچن کي بـه ساجاهـ ڏي ۽ نگهبان تـ! ٻار کي ڪو ڪمـڙو چونديون هيون تـه ”ابا! جواني ماٽيين ڪمـ ڪري آٽي ڏينمر“.

جـي صرافـن لـڏيو، تـون پـڻ لـڏج سـُـونَ!
قدر لهندءِ ڪون، نيئي گڏيندءِ گڏونءَ سـين.
(ڀٽائي)

ننگائتا وڙائتا ماڻهو:

آدميـــن اخـــلاص متـــائيَ مــــانو ڪيـــو،
دلبـــر هـــن دنيـــا ۾، وجـــي رهنـــدو واس،
ٻيو سڀ لوڪ لباس، دلبر دل هوندو ڪو هڪڙو!
(ڀٽائي رحـ)

ڪهڙو نـه اهو سهج سياءَ ۽ سک سڪار جو سمو هو، جڏهن هـن ديـس ۾ نيڪيءَ جون نهرون، قرب جون ڪورون، گفتـن جـون گنـون وهـڪرا ڪـري ڀيـون وهنديون هيون. انهن ايامن ۾ مرد گٽائتـا ۽ لڄـائتـا ليکيـا وينـدا هـئـا. ڪنهـن ڪچهريءَ ۾ ويـنـا تـه راتيـون گذري وينديـون هئـن. ڪـل ڀـوڳ ۽ رس رهـاڻ ۾ ڪچهري گل ڪيائون، پر تنوار ڏيئي تپي ۽ ويڻ ڏيئي وڙهي نه اُٿيا!

ڪنهن ڏانهن پاءُ پاٽي يا ڪو پلئو پلاڏ رهيل هوندو هئن تـه هڪبئي تـي ڏک ڏوراپا ڪـري، بخشي اُٿندا هئا يا تـه پرائي وٺندا هئا.

ننگائتا بـه اهڙا هئا جو ڪڏهن ڪنهن جو لوڙهو نـه لتاڙيئون، ڪنهـن سـامر چڏي تـه سر ڏنائون، پر سامر نـه ڏنائون. ڪنهن پاڙي پتيءَ ۾ ٻيڇڙائي ڪئي تـه ان جو هميشـه لاءِ حقو پاڻي بند، جيستائين ڏر ڏٽي نـه بخشينس.

پلجي بـه ڪڏهن ڪوڙ نـه ڪمايائون. پوءِ پل تـه ڪنڌ تي ڦهري ڪرڻ وهـي وڃين. سچ صداقت جا سدائين ساٿي ۽ ساٿي هئا.

ڪنهن ڪوٽ يا ڪم سان ڪنهن جي ٻچن ۾ وڃي رات رهڻي يا ٽڪڻو ٿي پين تہ سنگ سرنھ، ريبڙ متيرو، ونگو ميهو، گوار پيندي، مرچ بصر، گجر، گوبي، ڇانهون گدرو جيڪو موسم سار ميوو ڦل پتو، پاڄي پتو هوندو هو، سو پاڻ سان پنارڪ ٻڌي، انهن ٻچن جي ڪينٹڻ (ڪائڻ) ڪاڻ ڪٽي ويندا هئا. ڇو تہ ڪل ٿي ڪڙمي ڪٽنب جا ياتي، ٻنيءَ ٻاري ۽ ٻوڪيءَ لڏيءَ وارا هوندا هئا.

اهڙا مرجاوا وارا مرد ٻچن جي وچ ۾ ويهاريندي بہ پيا سونهندا هئا، جن جي وات وائي ٿي هوندي هئي: جي امان! جي ادي!

نياڻي سياڻيءَ جي ساڃاهہ بہ اهڙي هوندي هين، جي ڪو چار نياڻيون يا چار ڏاڙهيون وٺي، منتائو ٿي، درئون اندر متي آيو تہ ان جا مڙئي خون خطائون ۽ ڏوهہ گناهہ بخش ڪري ڇڏيندا هئا!

ڏنڌي ڏاڙي، وڻج واپار، حصي ڀائيواري ڪم ڪن ڪنهن ساٿن نڳي نوڳي دغا ڪپت ڪئي تہ: ”ڪني آگر وڍي پلي“ چئي، اُن سان ناتا تـوڙي ڇڏيندا هئا وري پـُلجي بہ ان جي ڇانئٽ نہ چڙهندا هئا.

سنگت جا سچار، قرب جا ڪوڏائتا بہ وري اهڙا جو ڳالهہ ٿي نہ پڇو، ڪنهن سنگتيءَ ساٿيءَ سڏ ڪيو تہ سڀ ڪم سميٽي اِجهو اچي سهڙيا! ادا، چئو؟ هيءُ زر، هيءُ گهر ۽ هي سر سيئي تنهنجي مِلڪ آهن. هاڻ حڪم تنهنجو. مال صدقو سرن جو، سر صدقو لڄن تان!

سندن وندرون بہ عجيب هيون، خاص طرح ميڙن ملاڪڙن جا شوقين هئا. ڪو سنيريو ۽ سينڌ هنيائين تہ سرمو اکين ۾ پائي، تيل منهن کي مکي، سونهاريءَ کي ڦڻي ڏيئي ڪنديري، ميڇن کي تاءُ ڏيئي وٺي، منهن مٽيادار بنائي ڪلهي تي ڪهاڙي يا ڪچ ۾ ڪڙين واري لٺ ۽ هٿ ۾ تترن جو پڃرو کڻي نڪري ٻاهر ٿيندا هئا.

غيرت تہ ڪو انهن ڪان سکي. ڪنهن لـُچ لاٻڙ کي پنهنجي گهر اڳيان تہ نهيو پر پاڙي ۾ بيٺو ڪين سهندا هئا. جي پٽ ڪان پل چڪ پئي يا نڪ نرجائي ڪيائين، لوفر ٿيو تہ هرگز ڪين ڇڏيندا هئس، پوءِ جيڪا مرضي راڄن جي، سندن بہ سا، پر جي ڪنهن جي ٻيڇڙي ٻڌائون يا ڪنهن غريب جا ڪڪ تڪيا يا جاڙَ جٺ لوڙهي لتاڙ ڪئي اتي ٿي ڇني ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيندا هئس. ماريندڙ مرڪندو ڪهاڙي يا لوڙهہ سوڌو سرڪار ۾ اچي سجود ڪندو هو ۽

چوندو تہ "منڪر ڪي ماري آيو آهيان، اڄ هينئون نريو اٿم. هاڻ جيڪو حاڪمن جو حڪم، سو برسر چشم! نڪا للي نڪا چپي!"

جي ڪنهن سان وير وروڌ پين تہ پُرين تائين پيو هلندو هو، جيستان ڪِ پاروٺي نہ ڪن يا ڪو سندن اڳيان جهڪي گوڏا نہ ڪوڙي. ڪنهن ڪي بخشيائون تہ پنج بہ ڇڏيائون تہ ڏهہ بہ ڇڏيائون، وري ٻڙڪ ٻاهر نہ نڪتي، پر جي اڳلي جي مٿي ۾ واءُ پريل هوندو تہ جتي بہ، جنهن مهل بہ ٻل ۾ آين تہ اتي هٽي سڙهي رکندا هئس، پويان جو ڪو خيال ڪونہ ٿيندو هئن تہ پنيان ڇا ٿيندو ڇا واپرندو، پر جي پاڻ پاڙو جهاڙو ونئي نہ سگهيا يا پڄي نہ سگهيا يا ڏينهن پورا ٿي آين تہ پونيرن کي ورناٿيندا ويندا تہ مڙس تجو پلئو ڪجو، ننگ ناموس نہ ٻوڙجو.

لوڙهي اندر پونگي هجي، پل تہ ڪکن جي،
دشمن کي ڏيکارجي تڏهن بہ لوڏ لکن جي!

قربائتا بہ اهڙا: وٽن ڪو اوپرو اجنبي، واتهڙو يا مسافر اچي نڪتو تہ خوش ٿي ڪيڪاري حال احوال وٺي، پوءِ منڪي جهڙيون دُدُپستيون مانيون تن تي چاٽو مکڻ جو رکي، دُر وٽو ڏوئري جو يا جنگو جهڻ جو منهان تار ڪري آڻي اڳيان رکندس. چوندس تہ کائي خوش ٿيءُ. ماني مولا جي آهي. پوءِ پل تہ ڳيتون ڏيو پيو جند ڇڏائي ۽ مردن جي مانيءَ جي مقال ملڪن ۾ ڳڻ ڳوڻن ۾ ڳائيندو وتي، پر ڪو سينڌو سرتو، واقفڪار، سنوپرو سونهو ماڻهو يا ڪو نالو پچائي پهتو تہ مٿانئس ٻلهار پيا ويندا. ڪلي ڪيڪاري، تڪر ٿانبو ڪارائي ڏاڍو آڌر ڀاءَ ڪندس ۽ پوءِ ويهي ڪينئون خبرون وٺندس. جي ساڻس ڪو هٿ وانو هوندو تہ ان جي بہ پرگهور لهندا. گاهہ داڻو هوند سارو آڻي حاضر ڪندا. پوءِ وطن ورڻ ڏيندس. اجا بہ جي ڪو پير مرشد عالم يا الله لوڪ وٽن تڏي لنگهي آيو تہ گهورجيوَ پيا گهوربا. سندس اچڻ تي پاڻ کي ڀاڳ وارو ڀائيندا. منجهانئن جيڪي مريد خادم هوندا سي تہ هٽ جوڙيو پير کوڙيو حقيا ٽڪيا حاضر بيٺا هوندا. پاڻ ۾ گڏجي مصلحت ڪري، سيڪڙ سنت، فرائض، چاليهو، ڏنَ پٽ جيڪو سرين سو سموهي، ادب سان آڻي مهنڊان پيش ڪندن، وڏي ڳالهہ تہ سندن رهڻ ۽ تڪڻ تي بهار بهار پيا ٿيندا.

سڏيءَ سڏ ڏيڻ جي عادت بہ منجهن سڦري هئي. ڪنهن ماڻهوءَ جي مرڻ جو ڪن تي پڙلاءُ پين تہ ڪم ڪاريون ڪوتاهہ ڪري، اُن جي پٽر تي پير پري ايندا، اچڻ سان ڪم ڪي جنبي ويندا. هر ڪو هٿو باري پيو ڪرائيندو، تان جـو مٽي جو سانگ سرهو ڪري وڃندا .

ڪنهن بي پهچ يا ايري پاءُ ڪان بني نہ ڪڙي، لاهہ نہ نڪتا ۽ ڪاتي نہ ڪنئي تي، تہ همراهہ پنن ڏاري ماني ٻڌي اچي ونگار وهندا. اصل هڪبئي سان ڇيڙ ڇبير، آبت ونگار، وٺ بيگر ۾ ٻانهن بيلي ٿي بيهندا هئا، چوندا هئا تہ اهو مڙس ڪهڙو جنهن ڪان مهل گسي وڃي!

ساڳيءَ طرح شادين مرادين، وهانئن وڏائڻ ۾ پنهنجو توڙي سياءَ پاءُ جو سڪارج ڪوڏان ڪوڏ ڪندا هئا.

ڪا پاڙي ساڙي جي نياڻي نينگري، ڪڙهہ اُڪري آئي تہ امان، جيجان يا ادي چئي مٿي تي هٿ رکي، پرم ٿئي شل! دعا ڪري پليڪار ڏيندس. پر جي ڪا پرانهين پنڌ تان يا ڏسائتي مائي آئي هوندي تہ پوءِ ڏاڍيون مهمانيون جهلي، اوڍڻيون اوڍائي پوءِ روانو ڪندس. ڪنهن ڪان لاچاري حالت ۾ ڪو قرض اوڌر ڪنيائون ۽ ڏيڻ ۾ چرڪائي ٿي ۽ اُن منهن پائي گهرين تہ هوڏ هرگز ڪين ڪندا هئا. هٿ جوڙي معافي گهري چوندا هئا تہ برابر ڏينهن جا ڪوڙا آهيون پر قول جا ڪوڙا ڪين ٿينداسين. جيءُ جيءُ ڪري امانت ڏينداسين، اسان جيءَ ڳچيءَ توهان جي هٿ ۾. پر جي حياتيءَ تي پروسو ڪونهي انسان مٺو وينو آهي آدم، دم نہ دم ڪنئي جهڙو تہ منهنجا پٽ وينا آهن. پيءُ مڙهي تان ڪڏهن بہ خلق نہ ڪلائيندا. حلالي ٻچا آهن ڪوڏي بہ ڪانہ رکندا، رقم رئي جهڙي پري ڏيندا. تون ڪنهن قسم جي هوراڪورا ۽ چنتا بہ نہ ڪر!

جي ڪنهن سان ناهہ يا راضينامو ڪيائون تہ دليئون جانيئون ڪيائون ان بابت وري حرف بہ زبان تي نہ آنداٺون. گئي، گذري! مٿان چوندا تہ: ”ماريئي ڪان وري بہ پڏايو چڱو!“

پاڙي جي پريت جا تہ پروانا هئا. پاڙيسريءَ تي تہ پڳهہ ڏيندا هئا. ڪنهن جي چوري چڪاري ٿي تہ اڳيون اڳتي ۽ پويون پوئتي رهيون. پيراڏن سان پير ڪٽندا وراڙا وني، ووڙون ڏيندا وڃي اها وٿ هٿ ڪندا هئا، جي نہ ملي تہ ڪائڻ پيئڻ حرام تي لڳندو هئا. ڪل ڪم ڪريم جي حوالي ڪري چورن ڪد ڪاهي پوندا هئا. پير پڳ ڪڙيندا ڪر، نونهيون نشان ڪندا وڃي ڪنهن واندي يا

پاتاريءَ تي پوندا هئا. سنڌن چوڻ هوندو هو تہ جي اڄ هن سان همراهي نہ ڪئيسون ۽ سياڻي جي اسان سان بہ اهڙي ٿي پوي تہ ڪير پڇندو بہ ڪونہ.

ڳوٺ پاڙي ۾ اڱهي سگهي نہ رڳو هڪبئي ڪي وجي پڇندا هئا، پر زالين مڙسين ولر ڪري ويهندا هئا. راتين جون راتيون اوجاڳا ڪري بيمار جي پرگهور پيا لهندا هئا. ڪي تہ سڪالي سان گڏ گوڏو گوڏي سان بيڪڙي ويٺا ونڊ وروندهہ ڪندا. هن ڪي وقت بوقت آٿت ۽ دلبريون پيا ڏيندا: خيال نہ ڪر، اڱهائي آهي ڇڏي ويندي، هينئون نہ هار، ڳڻتي نہ ڪر، ڪم ڪار سڀ سولو پيو هلي. الله سائين سگهو ئي اتاريندءِ پيرين سيرين ٿيندين، پنهنجيون اڏيون مڏيون ڪندين، هلڻ هلائيندين. اڱهي جي بہ دل وڌندي تہ ننڍڙڪو ناهيان. جي چوڻو اوڻو ناهي، تہ اُتي ڪڙو ٿيندس. تان جو نوءُ بنو ٿيندو ويندو. پاڙي وارن جيڪي ساٿس پال پلايا تن جي هڪڙي ٿوري بہ نہ پيو پڇندو. اٿين زبانان پيو چوندو تہ بيشڪ پرين اُهي، جني پڪا پڪن اوڏڙا! پاڙو ابو اما آهي!

هنن جو ڏکاري سان ڏکيائي ٽيڻ سڦلو شيوو هو.

تن ڏينهين، منهہ مارڪي نڌ وڏائي جو پڻ خيال رکيو ويندو هو. ڪا ڇيڙي نبيري پئي هلندي هئي تہ مجال آهي ڪنهن ڪلهڙ ڪپوٽ يا ٽاهڙ ٽوٽ جي، جو وچ ۾ ٽپي پوي! سيڪو ڳل ڪي هٿ ڏيو پيو سڻندو. جيستائين نيت نياءُ نبري دنگ ٿئي، پر ڪنهن ڪي ڪا سهڻي صلاح سَجهي آئي تہ سرتيو تي سليندو هو.

اڳلا بہ عقل ۽ گفتي جي ملوڪت ڪي پرڪي سهي ڪري وٺندا هئا. سچ تہ ننڍڙو بار بہ منهن تي ئي ڦهڪائي ڏيندو هو. جي ڪنهن ڪي سچ نہ آئڙي تہ پنج پچائي ڪائي. سچ تہ بينو نچ!

جي ڪنهن پاڻئون وڏي يا پريي مڙس لڳائي چڳائي تان چار اکر ڪنهن ڪي چئي وڌا تہ سيڪو صبر سان سهي ويندو هو.

بني ۽ وني لٽائڻ عيب هئي: تڏهن بہ ڪو بنيءَ تي گاهہ پني لاءِ حُج ڪري هلي آيو ۽ مالڪ ڪان موڪلائي وجي پنهنجو ارٿ ڪيائين تہ مالڪ ڪين ڪيبائيندو هو. ٿي سگهيس تہ هٿوباري بہ ڪرائيندس.

وهنوار جا بہ سدا ملوڪ هئا. ڪس ڪٿر ڪي ڪين ڏسندا هئا. واڻين ڪي بہ چئي ڏيندا هئا تہ: پائي! ساک پت، دين ايمان توتي! پوءِ پل تہ مهندائن

پيڏيون هٽيون پيو پچي، تڏهن به ائين چوندس ته ڪي ڪين ورندءِ ”هڙ هالا، منهن ڪالا“ بي ايمان جو خدا منهن پاڻهي ڪارو ڪندو. ويٺو ڏس ته جيڪو ڪندو سو پريندو.

ويساهه وسوڙل به اهڙا، جو ڪنهن ڪار وهنوار ۾ نياڻيءَ، پٽ، پير مرشد، ڪير پٽاري، اَن رزق جو سونهن قسم ڪنيو ته دنگ ٿي ويو. مڙيئي مدايون معاف!

قياسي اهڙا، جو وسئون ڪيڙي به ڪين لتاڙيئون. چوندا هئا ته جو پاڻئون ساهه، سو ٻين سنئون. چغلي چائيءَ کان ڪنارو ڪندڙ هئا. سر تي ٻري آين ته مِٺي ڪري پوڳيندا هئا، ٻه چاپڙائي مان ڪين چاٽندا هئا. منافق جو منهن ڏسڻ به پسند ڪونه ڪندا هئا!

ڪنهن جو نيمڪ (نمڪ) ڪاڌائون ته ان ڪاڻ مري مَٽ ٿيندا هئا. زالون به صحابت پريون، ستروند، سيلوان هيون. ڪي ڪي ته پنهين ڏاڙهين جو مٽ هيون. جو ڪم مڙسن کان پورو نه ٿيندو هو، سو زالون پاڻ ڪري ڏيکاريندڀون هيون. بيشڪ اُهي مائٽن ڪير پي ڄايون هيون.

ان ناٽي حياءُ هو، حقيقت هئي، لڄ هئي، شرم هو. بلڪ ڄا ڄا نه هو! گهرن ۾ سگهڙ جوين جي ڪِچرائي ۽ ڇيڳرائي سان ته پوندي ڪين هئي گهر لنبي، ٻهاري سوهاري اهڙا ڪٽي اڇا ڪنديون هيون، جو پٽ تي ماني رکي کٽي کاءُ ته به سونهي!

ٻار ٽاڻ تنجڻ، پالڻ ساڻڊڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيون. ڄا جا ويڄ ته ڄاڃا طبيب، پاڻئون واڻئون ٻچار پيوُن ڪنديون هيون، ٻُـڪي سُـتي، ڦڪي ڦيٺو پيون ڪنديون هيون. ڪڏهن ڪنهن ڊاڪٽر جي ڪاڻ نه ڪيائون!

سچيون، وفادار، هڏ ڏوڪي، مڙسن سان هر حال ۾ ٻانهن ٻيلي، بک ڏک ۽ تڪليف جون ڏاڍيون، هٿ جون سچيون هيون. جيڪي بدچال ۽ ٻاهر پيريون هيون، تن لاءِ چونديون هيو ته ”آهر آٽي او ٻٽي ته رن وڄائي رنبو!“ اهڙين ڪي اک ٽيٽ ۾ رکنديون هيون. طاقت نه هين جو هنن لوڙهي اندر لڄ رکندڙين ڪي ٽال مڪر ڪري برمائي وڃن. بک ڏک تي اهڙيون شاڪر جو چونديون هيون ته هتي جا ڏولاوا ۽ ڏاڪڙا قادر ڪٿي مهندَ جا سوجهرا ڪري ڏيندو!

سي ئي سکر ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾!

ڪچهريون:

روئي ۽ رڙي، ڪڙي پير پنهونءَ جا!

ڪچهري لفظ جي معنيٰ آهي ڪي + چهرا يعني چار صورتون ڪٺي اچي ڪنيون ٿين.

سنڌ ديس ۾ ڪچهرين جو تمام گهڻو رواج هو ۽ اجا بہ آهي. جهرجهنگ ۾ ڏنارن ۽ پهنوارن جون ڪچهريون، هارين نارين جون ڪچهريون. جيڪي نارن ۽ هرلن تي ڪندا هئا. ڳائٽن ۽ ڪافيرن جون ڪچهريون، آيل مهمانن سان ڪچهريون، ڳوناٺن جون پاڙ ۾ ڪچهريون. ان ڪان سواءِ هن ديس جي جدا جدا حصن ۾ ڏار ڏار ڪچهريون ٿينديون هيون. مثلاً ٿر پارڪر جي ڪچهرين جو نمونو هڪڙو هو تہ ڪوهستان جي ڪچهرين جو ڍنگ ٻيو، سري يا اتر جي ڪچهرين جو رنگ اور هو تہ لاڙاين جي ڪچهرين جو ڊول ئي نرالو هو. مطلب تہ ڪو واهڻ وسي ڇدي هوندي، جتي ڪا ڪچهري نہ ٿيندي هوندي.

وڏيون وڏيون ڪچهريون تہ ڇڏيو، پر جي ٻہ - ڳوناٺي، يا ٻہ - ٻائر گهڙي پل ڪاڻ هڪٻئي ڪان ڇجي ڏار ٿيا تي ۽ وري اچي تي گڏيا تہ هڪٻئي کي ڪيڪاري جدائي واري وقت جي لاءِ ويهي پاڻ ۾ ڪچهري ڪري حال احوال اوريندا هئا. حاڪمن جون ڪچهريون انهن ڪان الڳ هيون.

اهو زمانو سهانڪائيءَ جو هو پنيان جي اون پلي پئي هوندي هئي. نڪي هيون ايتريون. چوريون چڪاريون، نڪي مڪر فريب ۽ نڪا هٽ ڪس، ههڙو دغابازيءَ جو دور ڪونہ هو، جنهن ۾ حرام توڙي حلال جانورن جي "ملڪ پائوڊرن" مان ڪير بنائڻ، نباتات مان بناستي گيهہ ناهڻ، هر شيءِ ۾ ڪانہ ڪا ملاوت ڪرڻ جي هنن کي تہ ٻوجهہ ئي ڪانہ هئي. اصل "سچ سير ڪاري ٻڪري اچو کير هو"!

آءُ توهان کي اڄ هڪ ڳوناٺي ڪچهري بابت يادگيري ڏياريان ٿو. ڳوناٺي ڪچهري، وڏيري جي اوطاق يا اوتاري ۾ لڳندي هئي. اوتاري کي ٻهاري سهاري ڇٽڪار ڪري نوان تڏا ۽ توئريون پکيڙيا ويندا هئا. جي سيارو هوندو هو تہ ٻاهہ جي مچ جي چوڌاري جنهن ۾ وڏا دوڳ [بند] پيا دکندا هئا. ڪچهري لڳندي هئي. هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ مٽ ناديون يا دلا ۽ ڪوئرا هوندا، متن تي چليون يا ٽيپيون پاٽيءَ ڪڍڻ لاءِ رکيل هونديون هيون، پر جي اوطاق تي

ڪچهري لڳلي هوندي هئي، تہ اتي پڻ اهو سامان موجود رهندو هو البت وڏيري يا رئيس لاءِ رليءَ جي گادي يا عزت وارن ماڻهن ڪاڻ پيڙها، منجيون مرڙا ۽ ڦنڊليون رڪيل هونديون هيون. ڪو سيد پير آيل هوندو هو تہ ڪچهريءَ ۾ ان ڪاڻ کٽ بہ رکائي ويندي هئي.

ڪچهريءَ ۾ ڪي ڳائڻا ضرور هوندا هئا جن ۾ گهڻو ڪري الوميان! وارا يڪتاري تي ڳائيندڙ اچي حاضر ٿيندا هئا. يڪتاري سان ڍولڪ يا دهل ۽ گهڙي جي وڄت ۽ سنگت اوس ٿيندي هئي. ڪلام ڏوهيڙي ساڻ ۽ ڏوهيڙو ڪلام سان شامل هوندو هو. سيڪو ماٺ ميٺ ۾ پيو سڻندو هو. جتي تال پورو ٿيندو هو يا ڪلام ختم ٿيندو هو تہ واه واه ٿي ويندي هئي ۽ وري جوڙي سجوڙي جي فرمائش مٿان پئي نازل ٿيندي هئي. اهڙيءَ طرح ڳچ رات ڪلام ٻڌڻ ۽ اُنهن جي ماڻ ڪرڻ تي، ملڪ جو واءُ سئاءُ، هڪبئي جي حال احوال، ڏينهن ۾ ٿيل ڪمن ڪارن جو جائزو وغيره سيئي ڪم پيا ٿيندا هئا. صوفين جو سُنگ هوندو هو تہ پاڻ گهنگهر يا نُورا ٻڌي نچندا بہ هئا، تہ ڳائيندا بہ هئا. ڪتي ڪڏهن ناچو بہ اچي نڪرندا هئا. گهڻو ڪري ڪافير ۽ ڳائڻا آسپاس جا هوندا هئا، پر ڪو ٻاهرتو مشهور ڪافير اچي نڪتو تہ پلان پلي تي ويندي هئي. هوند سارو انعامن جي مٿن ورڪا ٿيندي هئي. ڪي ڳائڻا ڍول مارو ۽ دودي چنيسر جي ڳالهہ ڳائڻ سان ڪٿندا هئا.

ڪتي ڪتي سگهڙن جون ڪچهريون لڳنديون هيون، جن ۾ ڳجهارت، ٻجهارت، ڏٺ، پرولي، دوراهو، ڏور، هنر، سينگار، ڪچهريءَ جو سينگار بڻبا هئا.

ڪڏهن ڪنهن آيل مهمان سان ريجهہ رهاڻ، رس رنگ لڳندو هو. آيل ڪي ٻڪ يا پاڪر وجهي ملي، پوءِ هڪ منان تي ويهي ڪيڪار ڪندا هئا:

1. خوش چاق، چڱو ڀلو، نيو نمرو، نوئبنو، مَيو متارو،
   جوڙ جوپ پاڻ پرو – سدا خوش هجين!
2. ننديا وڏا، ٻار ٻچا ڪير پٽ، مال رزق – سيئي خوش!
3. اوڙو پاڙو، سنگت سات، ڳوٺ راڄ – مڙئي خوش!
4. هاري ناري، ڍور ڍڳا، وهٽ وانا – هڙئي خوش!
5. سيدين پيرين مرشدين، مريدن، خادم خليفا – سڀ خوش [هي خاص خليفي سان ڪيڪار آهي].

6. نوڪر چاڪر، ٻيلي ٻانهان، ٻنيون ٻارا – سڀئي خوش [هي وڏيري يا رئيس سان ڪيڪار آهي].

آيل ماڻهو ورنديءَ ۾ ڪل خير، ڀلائي هجنوَ. سڀ خير، الله جون ڀلايون، ٻاجهون، رب جو ڪرم، دعا آهي، آمين، رحم، مهرباني، شڪرانا وغيره چوندو رهندو.

ان نموني هر هڪ ڪچهريءَ وارو هن آيل سان خوش خيروعافيت ڪندو چشي ڏيندو ويندو ۽ آيل به ورندي ڏيندو ۽ شڪريو ٻجا آڻيندو رهندو. تان جو سڀ ڪيڪاري بس ڪندا. هاڻ هلنديون خبرون چارون. يار! ڏي خبر ته ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟ ڪيئن هن پٽ پير ۾ پڌاريا اٿوَ؟ ڪيئن هيڏانهن پير ڊگها ڪيا اٿوَ يا ڪٻئن پنڌ پيا آهيو؟ يا اسان تي ٻاجهه ڪئي اٿ وَ؟ اڄ اسان ڪي ياد ڪيو اٿوَ؟ آيل چوندو ته خبرون مڙئي خير. ميزبان چوندو: ڪپي به خير! جيءُ!

آيل نالي، ذات ۽ ڳوٺ جا واقف آهيو [جي واقف نه هوندا چئي ٻڌائيندو] ڀائر آهيون. اڙيءَ اوڏيءَ هڪٻئي وٽ پيا اچون وڃون. ڳالهه هيءَ آهي ته الله جي ڀلائيءَ سان اٺ جوڙا ڪن پنهنجا اٿئون. زميندار جي اٿوٽت ۽ ڪٽ پٽ سان گڏ سندس ڪاروهنوار به اسان سان سُنو ڪونه ٿو هلي، اسان سان پائي ڪنئي اٿس، گهٽو ئي ستايو سونس، چوڻ چائڻ ڪراياسونس، سونهن ساڪون ڏنيون سون، پر پنهنجي نواڙيو بينو آهي. چئي ٿو ته ”سهي جُون ٽنگون ٽي، چوٿين ٽئي ڪانه!“ آهي ڪمدارن ۽ ڪارندن جي چورت ۽ چائت تي. سو پاٽئون نڪو تو ڪري پڇا نڪي ڳاڇا. نڪي تو سٽي نڪي تو سمجهي. اهو ڳن اهو ڪهاڙو، نڪي تو پرجهي نڪي پروڙي. سندس ڪامين جي مرضي آهي ته هنن ڪي لڏائي ڪي بيا راڄ آڻيون. پس پيش پوءِ جو ڪڏي چڏين، تنهن ڪان چيوسين ته ايريءَ ڪي سمجهندي پلاڻجي، ڪو اُتي بلو سِلو ڪجي سو هلي آياسين خبر هئي سون ته فلاڻي زميندار وٽ اسان جا مائٽ يا ذات ڀائي [ڀائر يا سنگت وارا يا پير مرشد ڀائي] رهن تا. الله عزت وارو ڪيو اٿن. پنهنجي سنهنجيءَ وارا آهن. اسين به غريب ٻچڙيوال پورهيت آهيون. سنهان ٻچا وٺي ڪيڏانهن تِلڪون. سو اچي توهان جي پناري پئون تا. ۽ توهان جي ڪکن پيڙا ٿيون تا. من پنهنجي زميندار ڪي چوائي ڪتي ڪو ٻنيءَ ٽڪر ونرائي ڏيو ته واٽ وهندي ٿي پوندي، پيو ڪڪ پن گاهه جي سٽي ڪانسواءِ هاري ۽ مال وندوءَ

ماڻهو اُبهرا ٿي ٻاهر ڪٿي نڪري ٻـ نـ سگهئون جيسـتائين ڪو انسـنو ٿئي. سو هڪلي آيا آهيون. هاڻ سڀ الله جي وس، توهان ڀائرن جي وس آهي. غريب اَيرن ڀائرن تـي هٿ رکندؤ تـہ سدا سکي هونـدؤ. الله ڪندو تـہ ڏکيـو ڏينهـن نـہ ڏسندؤ اهي آهن حال احوال ٻيو مڙئي خير!

هڪ چوندڙ چوندو، بس بس ڳالهہ ٻـہ ايتري! ڀاءُ آهين. ڀلي آئين- جيءُ نچ آئين! سدا آئين! اسـان جون اکيـون توهـان جا پير. ڏک سـک ونـدي ورچـي پيـا ڪائينداسون، توهان جا ٻچا سي اسان جا ٻچا. ڪڙم ڪميٽا ڪيـن آهيـون. زوراور بادشاهہ! الله الائجي ڪهڙيـن ڳالهين ۾ راضـي آهـي! پـائرن وار وتـي ڪـانهي. اسين ڏاڍا خـوش ٿيـا آهيـون. الله چڱي ڪندو. زميـندار سـنو مـاڻهو آهي. اسان جي ڪڙم کي پنهنجا ٻچا ڪري پائيندو آهي. اسان بـہ ست پيڙهائتا سندس هاري آهيون. ڪڏهن بـہ اسان جي ٻچن ۾ ٻجڙي اک يا اسان جي ڪمائي ۾ ڪـوڏيءَ جـي لالچ ٻــ ڪانـہ رکـي اٿـس، نڪـي ڪـو ليکـي وهنـوار ۾ ڏاڍ زبردسـتي ڪندو آهي، الله ڏينهن ڏئيس! اسان کي گهٽو ماڻُ ڏيندو آهي، چونـدو آهي تہ ابا، اسان پاڻ توهان جي پورهيي تي پيا پلجون، جي مڙس ٿيو حق حلال جي روزي پيا ڪمائيندؤ تہ ڪنهن کي مجال ناهي جو توهان کـي هـِـڙِ بـہ چئـي سگهي. اسان بہ حلالي پٽ آهيون ابي سمان ٿـا سمجهونـس. هـو پـڪ اسـان جـو چوڻ ڪندو. تون وري بہ ڏينهن - بہ رکي اچي حال ونجانءِ. اسان سيئي گڏجي چونداسونس اميد تہ اسان سان ناڪار نہ ڪندو. اسان جي ڳالهہ رکندو. زمين تہ يار! گهٽئي پئي اٿس پر ڪو مڙس ٿي ڪمائڻ وارو ڪونهي. پـڪ چاڻ تـہ اهـو ڪم ڪري وجهنداسون.

اهڙيءَ طرح ڪي وري آيل کي ماني ٽڪي ڪارائي پوءِ خبرون پڇندا هئا ۽ جي همراهہ تڪڙو هوندو هو تہ پهرين ڪم جو بلو ڪندا هئا. پر جي ڏينهن پهـر ترسڻ جهڙو هوندو هو تہ ترسائي خوب روح رهاڻيون ۽ خدمت چاڪري ڪري پوءِ جي ڪانئن هن جـو مطلـب پـورو ٿيـو تـہ واه نـہ تـہ ڪـو پتـو پـار، هـانءَ مشـڪان، دلڏير ڏيئي همراهہ کي روانو ڪندا هئا. روانـي ٽيـڻ تـائين بـہ ڏڍ، تسـليون پيـا ڏيندا تہ خيال نہ ڪجو، اهو ڪم اسان جو پنهنجو آهي، الله گهريو آهـي تـہ سڀ ڪم ڪاريون ڇڏي اول توهان جو ڪم ڪنداسين، ڳڻتي بنهہ نہ ڪجو. ماڻهن جا ماڻهن ۾ ئي ڪم ٿا پون، ست بہ سڙائي توهان جو ڪم ڪبو رکو الله تي!

هو همراه (اڙيات) بہ پارتن تي پارتون ڪندو پيو ويندو. جي وهڻ تي هوندو تہ ساٿس تورو اڳيرو يا پيادل هلي اُماٽيندا. جي پيادل هوندو ۽ سلام واري هلڻ جي ڪندو تہ چوندو ويندو تہ چڱو پلا هاڻ يارو ياري. خدا حافظ. موڪلاڻي ڪانهي! سدائين گڏ آهيون. هو بہ سلام جو جواب ڏيئي پوئتي ورندا.

جهڙي آيس جئن، تهڙي مــلان تــن ڪــي،
قــران، قـرَچاريان، هــنئن چـَئـم هــئــن،
وَجان ڪـئـن وطن ڏي، ڪاڻ لهنديم ڪيئن.
مــُنذائتي مينهــن، ســُــونهان سـرتين وِچ ۾!

———

باب ٻيو

ريتون رسمون

مون ماروءَ سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لاٿيون!

پرڻي جون رسمون

سڱ جي ڳولا:

ڇوڪر وڏو ٿيو، ساماڻو ۽ ڪٺيءَ ڪمائي جهڙو ٿيو ته مائٽن کي لڳندي هوراڪورا ته پنهنجي جيڏري ئي آسون اميدون ڏسن، "الهه جُڙئي" کي پرڻائي ارڻائي وجون. حياتيءَ کي بقا ڪونهي، الائجي ڪير مرن ته ڪير جيئن! پوءِ، جي ڇوروڇنو ٿيو پيو ڌڪا ڌوما کائيندو. تنهن کان ڪيس اڏي ڳڏي وجن مائٽن جو ئي جس آهي![1]

ماءُ کي ته ماڳهين جهوري لڳي ويندي. "پنهنجائپ ۾ ڪا ڏاڏي پوٽي ملي وڃي ته ڇڱو" ڪيئن انسنا پئي جوڙيندي ۽ ڦڻائيندي. نيٺ اٿندي وروڙون وجهڻ، باسون باسڻ ۽ مجتائون مڃڻ. راڄ - ڀاڳ سڀ ڏوٽيندي. جي پنهنجائيءَ ۾ ڪا نينگر آماٽيل ساماٽيل بوراڪ ۽ وينل نظر چڙهيس ته سڪ ڦٽي پوندس. هن سان ڪينرو پئي ڪندي، ڇي: جواڻ جماڻ ڌيءَ گهر ۾ ويهاري انصاف تا ڪن! چڻ مٽي جي جوُن مٽي پيئي اٿن! مائي، اهڙا به ڪي مائٽ ڇئجن! وڏا ڇوندا هئا ته جنهن گهر ۾ ڌيءَ سامائجي، اُن گهر جو تيسين پاڻي پيئڻ به حرام آهي، جيسين فرض نہ لاٿو اٿن! مائي! اڄ تيل ڪونہ ٿو ٻري، پر رت ٿو ٻري. گهر گهر ڪي پيو ڪائي آڏو ڏائي سيڪنهن کي وني ويئي آهي! اسين جي غريب آهيون ته به الله ڪيا آهيون ته جهڙن ئي اشراف! ڪو سندن ذات پات. مٽي مائٽي ۾ نہ به آهيون ڇا! جي منهنجي الهه جوڙيي کي سڱ ڪٺي ڏيندا ته ڪو نڪ ڪونہ لهي پوندن! ابو ابي جهڙو ڏاڏو ڏاڏي جهڙو. ڳالهه تيهان ئي تيتري، گهوڙي ڪن ٻئي برابر!

جي بدي [بدلي يا ڦيري] تي سڱ ڪرڻا هوندن تہ چوندي، اسين بہ پاڻ وٽ ڪپرُ ويهاريو وينا آهيون. آءٌ ڀهريائين پاڻ ڪي ٿي گار ڏيان. پوءِ تي

---

[1] ليکڪ جو ساڳئي متن وارو مضمون رسالي مهراڻ 3 - 1967ع ۾ شايع ٿيل آهي. (ادارو)

ڪنهن ٻئي شريڪ پاڙ جو نالو وٺان. ڏيئون تہ شل دشمن پيٺان بہ نہ ڇمن! منهنجي ڇوڪري کي ڇا ٿيو آهي، ڪهڙي منجهس وڏ آهي: ڪو منڊو آهي، ٽنڊو آهي! ڪارو آهي يا ڪاٺو آهي، جو اسان ڪان پنهنجا پري ٿا پڇن! الله ائين، ڪيس ساجهہ بخشي آهي. پنهجي ڏنڊي ۾ پورهيي پوئٽان رات ڏينهن رُڌو پيو آهي. ٽڪو ڪمائي ٽڪو ڪائي، ڏهن جو پيٽ پاري! اشراف بہ وري اهڙو جو نياڻين جي وچ ڪٺي ويهارجيس! سيڪنهن سان امان! ادي! ڪان سواءِ ڳالهائي ڪونہ. الله ڏينهن ڏئيس باقي جهڙي رڍ ڏنو!

زالاڻي ڳالهہ ٻولهہ:

ميان الهہ جُڙئي جي ماءُ هر هنڌ اهڙا قصا ۾ ڪوئنسلا ڪندي وتندي. تان جو ڪي همدرد ۾ هڏ ڏوکي زالون پيدا ڪري وجهندي. پلا زالون زالن جو ڪاڇ، سو ڪٿي نہ ڪٿي، ڪنهن منهہ مارڪي (معرڪي) ۾ اهو قصو بہ ڇڙندو نبرندو. ڇوڙ واريون ڇٽي ڏينديون. جي ٻي ڌر ”آنهہ“ ڪئي تہ اُهي مايون چونديون تہ: اسين راضياڻيون آهيون، پر اسان جو وس ڪونهي. مڙسن جي ڪن ڳالهہ وجهي ڏسو تہ ڇا ٿا چون. اسين بہ ساڻن ذڪر ڇورينديونسين، هشڪارينديونسون ڪٿن پوءِ مائيءَ جا ڀاڳ!

ڳالهہ، نئون سئون، نيٺ تہ هڪڙي ڏينهن، نينگريءَ جي وارثن کي بہ ڪٺنڪ ڪن پوندي تہ فلاڻا اسان کي ڇڪين ٿا ۾ سڱابندي ڪرڻ جي لاءِ آتا آهن.

مرداڻي ڳالهہ ٻولهہ:

هاڻ ملندو مردن کي وارو. بہ - ٽي ڄڻا پاڻ ۾ پيهي، رات جو سهي سنيري اچي ڄتايل پاءَ جي در جو ڪڙو ڪڙڪائيندا. ضرور ڪا پهر باهر نڪري ايندي. آيلن کي ڪيڪاري، وٺي آڻي اوطاق يا اوتاري ۾، ڪٿي گهر يا پڌر تي ويهاريندا. چلم تيار ٿي ويندي. مانيءَ ٽڪيءَ جي صلاح هٽندن، پوءِ وري وڏي پريي.جي اچڻ تي نئين طرح ڪيڪار ڪرڙي ٿيندي: ادا، ڀلي ڪري آئيو، خوش چاق، چڱا ڀلا جوڙ متارا، مردانا، ڪير پٽ، ٻار ٻچا، ننڍا وڏا...... سڀ خوش؟ آيل ورنديءَ ۾ ڀلائي هجيوَ! دعا آهي! شڪر آهي! رب جون مهربانيون آهن وغيره وغيره! ڇٽي جواب ڏيندا. وري مهمان بہ ساڳيءَ ريت گهروارن کي ڀليڪار ڪندا. ڪيڪار پوريءَ ٿي تہ پوءِ هلنديون ڳالهيون.

نينگريءَ جو وارث: ڏيو خبرون چارون خير جون تہ ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟ آيل خبرون مڙئي خير! ذات ڳوٺ نالي جا واقف آهيو. پائر آهيون. پائرن ور ويچو ڪونهي. فلاڻي کي سچاڻو ٿا. ڏٺيءَ جي ٻاجهہ سان سندس چوڪر ڪرائيءَ قوت وارو ٿيو آهي. رب سائين شل بخشي بچائي ڏيس! هڪڙي تند اٿس. مائٽ جي دل. سو، چيائين تہ ساهہ تي بقا ڪونهي، انسان مئو وينو آهي. دم ڪنيو نہ ڪنئي جهڙو! توهين پائر آهيو. چيائين ٻيلي! هلو تہ هلي فلاڻي پاءَ کي ڏسون. پاءَ جي منٿ ڳري ٿي. ڪم ڪاريون ڪٽي ڇڏيونسين، هاسيڪار (حاصل ڪار) هڪلي آياسون. چيوسون تہ اول آهن پنهنجا. سيواٽي چريو تہ پي پتر اچلي گهر ڏي! پڪين ٻيرين ۾ هرڪو ٿو پتر هٽي! ٻيو سارو خير! [انهي وچ ۾ ڪو بلغاري چلم جو ڏڪو پيو ڪندو تہ ڪو پيانگڙيءَ ۾ ٻيڙي ٽڪيو وينو هوندو تہ ڪو ڪک پيو پٽيندو. سيئي انهيءَ ويچار ۾ ماٺ ۾ هوندا تہ هاڻ ڏسون تہ کهڙو ٿو ماڻ مليس!]

مائٽيءَ جي پڪ:

سگ جي ڏيٺو هوندو تہ ان جو وارث چوندو تہ: آءٌ پائرن کان پري ڪونہ آهيان. اڪ ڪاڏي ڏيءَ ڪاڻ پائرن کي ٻي مانو ڪونہ ڪندس. نياڻيءَ جو جيئن لکيو هوندو تيئن ٿي ٿيندو. ڏک سک الله جي وس آهن، جي قسمت سولي هونديس تہ اولي ڪڌهن ڪانہ ٿيندي. ماءُ ڇٽيندي پٽڙا، پاڳ نہ ڏيندي ونڊ! مون نياڻي توهان پائرن جي جهوليءَ ۾ وڌي. ڪير جو وٺو توهين پريو تہ ڪنڊ جو ٻڪ آءٌ ٿو وجهان! هو مٿان چوندا تہ ويچارو سچ ٿو چوي. نياڻي جا لکيا اٿل آهن. مائٽ سيڪو پائيندو تہ سُرهي پري سرتان لاهيان. نياڻين شينهن ڪلهي چڙهي تہ سک ٿيو. مٽي جي جون مُئي چڱي، ادا. نياڻيءَ جي ماني بادشاهہ جي گهر ۾ بہ ڪانهي. تو اسان کي سونو نڪ وجهي ڇڏيو. ٻڌائتو آهين. اهي ئي ڪم اشرافن جا آهن.

نينگري، ننڍي اٽساماپل هوندي تہ وارث چوندو تہ "اجا نينگر ماشوم [معصوم] آهي، پٽي روئي ڪائي، الائجي مري ڪ جيئي! جڏهوڪا چڪ تڏهوڪا پاٽي! جڏهن وڏي ٿيندي، پوءِ جيئن لکيو هوندو تيئن ٿيندو. اسان کي ڪائي ڪونہ ڪتايو اٿس. اسان کي اجا ڪو اونو ڪونهي." هو ورائي چوندا تہ ميان ڏيئون ڏيوڙيون آهن. نياڻي ڪا ننڍي ڇٽبي! نياڻي ڄائي تہ ڄڻ نائي در

تي آيو. اها وڏندي ڪيتري ويرم تي ڪري! چوندا آهن ته ايري لڏ ڪي سجهندي پلاٽڻ گهرجي يا ته چوندا پيلي، پاءُ پاڻ ڪي مانُ ڏنو. هاڻ هن جي به مرضي ڪٽي رکجي! ائين چئي اُٿندا.

پر جي بدي [بدلي] جو سڳ نه هوندو ته چوندا ته "هڪڙي ڏاڏي جو اولاد آهيون، جي پاءُ پاءُ تي وڙ ڪندو. ايري پاءُ سان وارَ وڃائيندو ته الله ۽ ان جو رسول به متس سدائين راضي رهندو. اسان به سڀ چمار تنهنجا ڳڻ پيا ڳائينداسون. تنهنجي هڪڙي ٿوري به نه پڇون. ڇگن ڪان ٿي ڇگايون ٿينديون آهن...!

جي سڳ تڪن تي وٺو هوندو ته چوندا "انسان جو ملهه ڪونهي، پر پنهنجي غريبي حال سارو جيڪا قلن جي مٿ مناسب هوندي سا هٿ جوڙي جهوليءَ ۾ پائي اڳيان آڻينداسون. تنهن هوندي به اوهان جو اُٿ جيڏو احسان اسان تي ٿيندو...!"

جي ڪنهن ڏنيل، ڏهاڳڻ زال جي گهرُ ڪرڻي هوندي ته چوندا "اوهان وٽ قلاوتني [قلاونتي] بانهن يا بار وينل آهي. اڄڪلهه بار ويهارڻ جو زمانو ڪونهي، نبين جي نياڻين به حق ڪيا آهن! اسان توهان جا غلام آهيون، جي اسان سان پير پريندءُ ته وڏو ٿورو ٿيندو...!" ڏنيل جو وارث ورائيندو ته مون ڪي ڪجهه مهلت ڏيو ته تن من پڇان، پوءِ جيئن هوندو تيئن ٿيندو". گهر ۾ اچي اهو وارث پنهنجي ڏهاڳيل [پيڻ يا ڌيءَ] ڪان رايو پڇندو. چوندو امان! جي مٿي جي چانوَ ڪرين ته اسان جي جهل پل ڪانه اٿئي. فلاڻا فلاڻا پائر گهرُ ڪري رهيا آهن. اسان تي بار پري ڪانه آهين. جيڪي پيٽن ۾ ٿيون مائين، سي ٽڪريور ۾ ڪين اڙنديون! ائين نه سمجهه ته مائٽ مون مان ڪڪ [بيزار] ٿيا آهن. اهو خدا ساڪي آهي. تون پنهنجيءَ مرضي واري آهين. چوڻ اسان تي فرض آهي. پنهنجي نيڪي بديءَ جي تون پاڻ مختار آهين. سوچي سمجهي، پنهنجو دل من پڇي، پوءِ جيڪا راءِ بيهارين سا اسان جي ڪن وجهه...! جي هن ڪي مڙس ڪرڻ جي خواهش هوندي ته چوندي "آءٌ اوهان وارثن جي چوڻ ڪان ٻاهر ڪانه آهيان، جيئن توهان ڪي مناسب اچي تيئن ڪريو، آءٌ حاضر آهيان...! پر جي شاديءَ ڪرڻ جو بنهه ارادو نه هوندس ته چوندي: "ڪجهه گذريو آهي، ڪجهه گذري ويندو. آءٌ توهان جن ٻچن جي چاڪري ڪريو ٽڪر کايو ويٺي هونديس يا ته پورهيو ڪريو پئي پيٽ پالينديس. توهان تي پري تي

ڪين ڪرنديس. الله ڪندو تہ منهنجي بديءَ بجڙائي جي ٻڙڪ نہ ٻڌندؤ! اشراف آهيان، اشرافن جو اولاد آهيان. ويهي وقت گذاري مري وينديس....!

مائٽيءَ کان جواب: جواب [نهڪر] جي حالت ۾ جيڪي پائر هام هٽي هلي ملهي، جنهن پاءَ جي تڏي تي اچي نڪتا هوندا. تن سان ڪارو ڪٽو ڳالهائي، انهن کي اهو پاءُ اُٿيڙي نہ ڪڍندو. نڪي سرڪشي ڏيکاريندو. مڙيئي ڪنهن نيت پات سان پرچائي سرچائي روانو ڪندو. چوندو تہ ”آئيو تہ پلي ڪري آيئو! پائر آهيون، ڇهڙن جون ونديون ڇپهڙا ڪٽندا. اوهان جا پير منهنجون اکيون. شرع ۾ شرم ڪونهي. موت ناهي مهٽو. پرٽو ناهي گار! دل ۾ نہ ڪجو. اسان جا پنهنجائي مسئلا موڙها پيا آهن [يا اسان ٻئي هنڌ اکيون اٽڪايو وينا آهيون]. مجبور آهيون. [اسان کي ايڏانهن پير کڻڻ جو ارادو ڪونهي] اهڙا وٺ تي جواب ڏيندو. پر ٺپ ناڪار نہ ڪندو ۽ سائٽن ملي ڪلي کيڪاري کين روانو ڪندو.

پڌريءَ جي ريت:

ڇڪايلن ”آنهڪار“ ڪئي تہ پڌريءَ جو سانباهو ٿيندو. ڪجھ ڏينهن ترسي، گهوٽ ۽ هڪڙو - ٻہ مرد ۽ ٻہ - ٽي زالون گڏجي، ڪنواريتن ۾ ايندي. گهوٽ آڻڻ جو مقصد اهو هوندو آهي تہ پلي ڪنواريتا بہ گهوٽ کي ڏسن وائسن [جي اڳ ڏٺل نہ هوندو اٿن] ۽ پاڻ ۾ گهائل مائل ٿين. اهي هڪ رات اتي رهندا.. جي ڪو ڦيڏو نہ هوندو تہ ڪنواريتا کين تسلي ڏيندا. وهانءَ بابت جيڪي شرط شروط هوندا سي سائٽن ظاهر ڪندا. اُهي، جي آيلن قبول ڪيا تہ کين پهرين مبارڪ جو شربت پياريندا. موڪلائڻ وقت، گهوٽيتيون، ڪنوار کي خرچي هٿ ۾ ڏيئي موڪلائينديون.

پائرن جا اڳواڻ:

راڄ ڪاڄ جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ اصلي چار ماٿهو[1] مقرر ٿيل هوندا هڪڙو پريو مڙس، پٽيل يا جمعدار، جنهن جو فيصلو هر صورت ۾ پائرن کي قبول ڪرڻو پوندو آهي، ٻيو وزير يا صلاحڪار، جيڪو پريي مڙس سان صلاح مصلحت ۾ شامل رهندو آهي ۽ پريي مڙس جي غير حاضريءَ ۾ پاڻ فيصلا ڪندو آهي، ٽيون ڇڙيدار، شادي توڙي غميءَ جي پرين جي ڪارروائي هن جي

---

[1] هيءُ چئن ماٿهن مقرر هجڻ ڪن خاص قبيلن سان لاڳو آهي. اڪثر ڪري هڪڙو ئي پريو مڙس ٽئي جو شاديءَ جا ڪم موقعي سارو ٻين باهمت ماٿهن جي مدد سان نباهيندو آهي. (ليکڪ)

چوڻ تي هلندي آهي ۽ چوڻون ڪونار، جيڪو پائرن کي حاضر ڪندو آهي ۽ نيندبون ۽ ڪانڊيون ڏيندو آهي.

پائرن جو ميڙ:

پڌريءَ تي پڪ ملڻ کان پوءِ، ڪاڄيتو، پائرن جو ميڙ ڪونائيندو، جنهن مان خبر پوندي ته کهڙا پائر ساڻس وک پرين تا، يعني ڪاڄ ڪائين تا ۽ کهڙا نتا ڪائين ۽ چو نتا ڪائين. ان لاءِ پريي مڙس کي ڄاڻ ڪندو. پريو مڙس ڪيس هڪ تاريخ مقرر ڪري ڏيندو ۽ چوندو ته منائي ڪٺي ان ڏينهن اوطاق، اوتاري، پريي مڙس جي جاءِ يا پڌر تي حاضر تج! ۽ ڪونار کي حڪم ڪندو ته ان رات سيئي راڄ جا پائر گڏ ڪري. پائر اچي گڏ ٿيندا. چلم کي نُسش ڪري ڪچهريءَ جي وچ ۾ ڪري رکندا. سيڪو واري وٺيءَ تي چلم جو ڊڙڪو پيو ڪندو. پريو مڙس پڇا ڪندو ته سڀ پائر اچي ويا يا اجا ڪو رهيل آهي؟ ڪونار جواب ڏيندو ته "فلاڻا فلاڻا، هن ڪي هن سبب ڪري ڪونه آيا ۽ پنهنجي فتوا فلاڻي پاءَ تي رکي اٿن، ڪين ڪاڄ نه ڪائڻ جو عذر ڪونهي". پوءِ چڙيدار اُٿي چوندو ته "پائرو! فلاڻو پنهنجو پاءَ ڪاڄ ٿو ڪري، فلاڻي جي گهران، ان جي منائي ورهاڻي آهي. ڪنهن به پاءَ کي هن تي ڪو ڏک سور هجي يا پاءِ پاڻيءَ جو پاءَ ڏانهن رهيل هجي ته پڌرو ڪري، جيئن سيئي پائر سڻن!"

پائر پر چائڻ:

پائر وري هن ريت عذر پيش ڪندا: ڪو چوندو ته منهنجا وٽس پئسا رهيل آهن. گهٽي گهرڻ هوندي به نٿو ڏي. وٺي ڏيو، ته ڪاڄ اڪين سان ڪائيندس. ڪو چوندو ته اسانجو سڱابندي جو وهنوار رهيل آهي. ڪو چوندو ته اسان سان مئي /غميءَ جو پير ڪونه ڪنيو اٿس نه پٽر تي آيو نه "الله ميان ڏاڍي" ڪئي اٿس. ڪو چوندو ته اسان وڙهيل آهيون. جي هڪبئي سان بيڇڙي ڪئي هونداٿون ته اها به ٻولي ڏيندا، جي هتين پيا هوندا ته اهو ذڪر به ڇڙندو ۽ نبرندو.

پائرن ۾ ڪي قُصور واري جو پاسو ڪٽندا ان کي ٿيڪو وٺائيندا ته ڪي قصوريل ڪي. آخر گهٽن جي رايي سان پريو مڙس فيصلو ڏيندو. ڪنهن به اهو نبيرو قبول نه ڪيو ته پت پهت، حقي پاڻيءَ مان ڪڍي ڇڏيندس، جي پرچي سرچي ويا ته برادريءَ جي هيڪ - ميڪ ٿيڻ جي منائي ڳڙ، ڪارڪون يا پتاشا ورهائيندا، جيڪو غير حاضر هوندو ان جي ورچ فتوا رکيل ماڻهوءَ کي ڏيندا ۽ ڪاڄيتي کي هيءُ پيرو به مبارڪون ملنديون ۽ پاڻ ۾ کير کنڊ تي پاڪر پائي اُٿندا.

مڱڻي جي رسم گهوٽيتن ۾:

جڏهن گهوٽيتا ست سارينداٰ تڏهن اول اول مڱڻو ڪندا. مڱڻي جي معنيٰ آهي گهرڻ. پر اها گهرُ پڌريءَ تي ئي پوري ٿي ويندي آهي. تنهن هوندي بہ وري اوري پري وارن ڏانهن ڪانيون ڪيندا. ڪوشش ڪري مڱڻو ڏام ڏوم سان ڪندا. چڱي موچاري ڇڄ وٺي ڪنواريتن ۾ وجي لهندا. مڱڻو ڪري اچڻ ڪان پوءِ مُند - شاخ [جنهن کي ساک بہ چون] جيڪا بہ منڌائتي جنس پئي لهندي، سا ڪنواريتن کي پيا موڪليندا ۽ وچ ۾ ڪو عيد جهڙو ڏڻ وار ٿيو تہ هڪ اونڌر يا وڳو بہ ڪنوار کي موڪليندا. جيستائين ڪِ وهانءُ نبري. روزانو مڱٿهار شام ۽ صبح جو در تي دس وڄايو پيا ويندا.

مڱڻي جي ريت ڪنواريتن ۾:

گهوٽيتا، جيئن ڇڄ ڪري ڪنواريتن ۾ رسندا تہ ڪنواريتا، ڪين اوطاق [چنو] ۾ نڪ، تڏو، توئري، ديگ، ٿانءُ ٿپو موجود ڪري ڏيندا. ڪنواريتا، پنهنجيءَ برادريءَ يعني ماجُـين ۾ سڏ اتاريندا انهيءَ رات جو سيئي پائر ۽ سياءَ اچي ڪٺا ٿيندا. اجازت سان ڇڙيدار، گهوٽ جي ڪلهن ۾ لونگي يا ملير وجهندو، جنهن جي جهول ۾ موڙو بہ هوندو. موڙي ۾ ڏونگهيون، مصري، ڦوٽا، باداميون، جوهر جون ٽڪيون ۽ رومال بہ هوندو. ان ڪان پوءِ ڪنواريتا، مٺي ڪڙهيل کير جا وٽا [گلاس] پري ڄاجين توڙي ماجين کي پيارينداٰ. رواج سارو سيئي ڇاجي گهور ڏيندا، جا ڪنواريتا ڪٺندا. باهر اها ريت پوري ٿيندي، تنهن ڪان پوءِ زالون ڳائي، ڪنوار کي ڪيرول منڊي ۽ ويڙهہ آڱرين ۾ وجهنديون ۽ متان پوتي ڍڪائينديون. ڪنواريتا، ان کي "پوتي پوڻ" جي رسم ڪوٺيندا آهن. ڪي وري پوتي پوڻ تي ڪنوار جو نڪ بہ ٽوپي ڇڏين، جيئن شاديءَ ٽيڻ تائين سندس نڪ بہ ڇٽي وڃي ۽ نٿ پائڻ جهڙي ٿي پئي. نڪ هن نموني ٽوپين، سئيءَ ۾ ڪارو پٽ جو ڌاڳو وجهي نڪ جي چوٽيءَ مان اُڪاري ٽونگ ڪن، سئي ڪڍي وٺن ۽ سڳو نڪ ۾ وٽي ڇڏين. مڱڻي تي زالون زالن تي ۽ مرد مردن تي گلابي يا ڳاڙهو رڱ اوتين. زالون سڄي رات ڳائي وڄائي، نچي ٽپي صبح ڪن. صبح جو ڇڄ واپس گهر يا ڳوٺ ڏانهن رواني ٿي هلندي آهي.

ڏينهن چـِـٽا ڪرڻ/ڏينهن وٺڻ / ڏينهن ٻڌڻ:

گهوٽيتـن وٽ جي چار ڏوڪڙ گڏ ٿيا تـہ هڪدم ڏينهن وٺڻ جو سـعيو ڪندا. هڪڙي - ٻہ زال، هڪڙو - ٻـہ گهوٽ جو مـائٽ، ڪنواريتـن ڏانهـن هلي ويندا. ڪنواريتا راضي هوندا تہ ڏينهـن چٽـو ڪـري ڏيـندا. گهوٽيتـا ان وقت ٻـہ ڪنـوار ڪيءُ پوتـي ڍڪـائي، سـانباهي جـي رقـم پوتـيءَ ۾ ٻڌنـدا[1] ۽ ڪنواريتـا گهڻو ڪري اهڙو ڏينهن شادي ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪـري ڏيندا آهـي، جنهـن ۾ ڪنوار چوت ڇات کان آجي هوندي.

ٻـُـڪيءَ جي رسم:

ٻڪيءَ وجهڻ ڪري ڀائرن کي معلوم ٿيـندو تـہ شـاديءَ جو گهماگهم پـت ٿيندو، جنهن کي "ڄڄ" بہ چون. اهو پت ڪائي ڄاڄي رڄ ڪندا. ٻڪـي[2] تـڏهن پوندي جڏهن شادي واسطي ڇانور اڇي ميسر ٿيندا. زالـون پـنج - سـت گڏجي برادريءَ توڙي سيالن کي ٻڪيءَ جو سڏ ڏينديون تـہ "سـياڻي فلاڻـي جي ٻـُـڪي آهـي سـهاڳڻيون اڇجـو!" پـوءِ ان ڏينهـن تـي سـهاڳڻيون زالـون ننهـي ننڪـي اڇـي ٻڪيءَ جو پرپ ملهائينديون، يعني گهر آيل ڇانورن مان پنجن چوتاين يا پنجن پاٽين جي واڌائي [ماڻ] اکريءَ[ننگهہ] ۾ وجهي ۽ انهيءَ ۾ ست جوڙا ڪـارڪن جـا وجهـي. اکريـن مهريـن کـي داءَ [دانـگ] جـا لينگها ڪـدي، سـت سـهاڳڻيون مهريون ڪٽي، ڇانور ڇڙڻ ويهنديون، ست ئي مهريون واري سان پيـون ڦرنديـون. انهـن ۾ جيڪـا هوشـيار ڇـڙڻ واري هونـدي، سـا ڪـارڪون ڪـڍندي ڪـائيندي وينـدي، پيـون ڇپ پيـون ڇڻينديون ڪـي اتـي ٻڪـيءَ جـو "سـاٺ ڳيـو" ٻيڻيـون ڳائينديون. تان جو سڀ ڇانور ڇڙي اُٿنديون.

گهر چـِـٽڻ:

ٻـُـڪيءَ واري رات گهوٽيتيون گهـر چـٽـڻ شروع ڪنديـون. ڪنيـر ڪـان داءُ گهرائي، سڄي گهر جون ڪندون ڪڙچون، جارا، پتيون، لينگها ڪـدي ڳاڙهيون ڪري ڇڏينديون. انهن ليڪن ڪـڍڻ مهل بـہ ڳيچ پيون ڳائينديون.

---

[1] سانباهي جي رقم سڀ ڪنهن قسم جي سڳ ۾ مروج آهي بـدي وارو، تـوڙي بنا بـدي، وارو تـوڙي ٽڪن واري سڳ هجي. (ليکڪ)

[2] سهاڳڻيون ڇانورن جو ڳارو جنڊ ۾ وجهي ان کي ست اُبتا سُبتا ڦيرا ڏين يا "ٻـُـڪ" ڀري سـارين جـو جنڊيءَ ۾ وجهي ڏرين، يا ڇڙين.

شاديءَ جي تياري:

گهوٽيتا، پهريائين پنهنجائيءَ جون ڪنواريون نياڻيون ٽـڪڻ ڪاڻ وٺي اچي پاڻ وٽ رهائيندا، جي ڪم ڪار ۾ هٿوباري بـ پيون ڪرائينديون ۽ اڪ ٽيٽ سان سڀ ڪاڄ جو انتظام رکڻ بـ پيون سگهنديون. مرد ماڻهو منهـ يا ڇنو ناهڻ شروع ڪندا، جيئن ڇاڇي سولا اچي رهن. ان ڪان پوءِ وهانءَ جو سامان جهڙوڪ: نڪر جون پاٽون ۽ طباق، ڪوٺرا ۽ چلمچيون، ڦيلهيون ۽ ڳنرون، ڪهڻ جي لاءِ ڦندرون، ٻارڻ واسطي ڪانيون، درزيءَ ڪان گهوٽ جا ڪپڙا، مينگهواڙ ڪان گهوٽ جي جتي ۽ ٻيو ڪل سامان گهوٽيتيون ڳائي آڻي پيون گڏ ڪنديون، جيڪي ڇاڇين جون ساگهرون پيون اينديون تن ڪي بـ گهوٽيتيون گهر ڪان ٻاهر پيرو نڪري، پري ڪان ڳائي وٺي اچي گهر ۾ ويهارينديون.

ونواهہ جي ريت:

ڪنوار ڪي وناهہ ۾ شاديءَ رات ڪان گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن، وڌ ۾ وڌ پنجن، ستن، يارهن، بلڪ ايڪيهن ڏينهن تائين بہ ويهاريو ويندو آهي[1] .

پنج - ست زالون شهر مان وناهہ جو سامان، ڪوڙو منو تيل، جل ڦل، ڪيسر، ميدو، ڏونگهيون،اڪيو [2]، مصري، حلوو، باداميون، ڊاڪون، ڦوٽا، ميندي، مساڳ، سوئڙو [سرمہ] ڪجل ۽ پيني [اڳٽ] جو سامان ڳيچ ڳائي، وڃي وٺي اينديون آهن،ان ڪي؟ وناهہ پچائڻ" چون. پيني، هن ۾ ميدو اٽو، ڪيسوڦل تيل سان گڏي اُبٽڻ [مرڪب] ناهين، اِهو اُبٽن يا ٻٽڻو ونواهہ ۾ وينل ڪنوار ڪي روز روز ڳوٺ جي حجامڻ پئي مکيندي، جيئن ڪنوار چٽي گوري ٿئي، سندس منهن ۽ ٻانهن، هٿن، پيٽ، ٽنگن ۽ پيرن تي زور سان مهٽي ويندي آهي، [پچاڙيءَ ۾ اُها ڪنهن واهہ يا تلاءَ ۾ اڇلي ڇڏين] اهو اُبٽڻ ۽ پنهنجي گهران گيهہ، مکڻ ۽ ماکي ٿانون ۾ وجهي سڀ اسباب هڪ وڏي ڪاري ۾ رکي، مٿان ڳاڙهو ڪپڙو ٻڌي، هڪڙي زال جي مٿي تي رکنديون، پوءِ گڏجي ڳيچ ڳائينديون اچي ڪنواريتن ۾ پهچنديون آهن.

---

[1] ٻنو، وَنو يا وَنهہ چون. گهوٽ کي، اصلي ونهہ وهانءَ لفظ هو جيڪو گهٽي استعمال ڪان ونواهہ يا وناهہ چيو وڃي ٿو. [پر اڄڪلهہ وڌ ۾ وڌ پنج ست ڏينهن ويهاريو ويندو آهي.]

[2] اکيو، تسر يا ريشمي ململ جي ڳاڙهي يا ساٿيءَ مستطيل اڳڙيءَ کي اکين جي برابر ڏنگ ڪڍي ۽ ڪنڊن ڪان ڏورا ٻڌي وچ ۾ چمڪ، گوٽو، ستارا ۽ ٽڪون مڙهي اڌ هٿ لنبو ٽڪر ناهين.

رات جو ڳائي وڄائي اهو اکيو. ڪنوار جي منهن تي ٻڌنديون. ڪنوار کي ڪونيءَ ۾ [گهر جي هڪڙيءَ ڪنڊ] ۾ شاديءَ تائين ويهڻو پوندو آهي، ڪنهن ٻہ مڙس ماڻهوءَ جي منهن نہ لڳندي، نڪي اکيو متي ڪري ڏسندي. ڪاتي وڍيو ڪاڏو يعني ماهہ مڇي پلو وغيره ڪين کائيندي. روز حجامڻ ڪيس پيني پئي مليندي. اکيي ٻڌجڻ کان پوءِ ست سهاڳڻيون ڪنوار واريءَ ڪونيءَ جي سردري (متين چانئٺ) ۾ هٿ وجهي، روز شام جو سانجهڙيءَ جو ساٿ ڳيو، ۽ پنج پيراڻا ڳيچ ڳائينديون رهنديون آهن.

ونواهہ ٻڌجڻ کان پوءِ سڄو ڪاڄ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويندو. هتي گهوٽيتن جا پرهپ ڏار ٿيندا تہ ڪنواريتن جا ڏار هوندا. گهوٽيتن ۾ هر رات جو زالن جو ڳائڻ ٿيندو ۽ مڙسن جو وري ڏار مارڪو پيو مچندو جنهن ۾ ناچ، سانگ ۽ ڏونڪا يا ڏانڊيا راند بہ شامل هوندي آهي.

گهوٽيتا پرپ:

گهوٽيتا پرپ[1] هيءَ آهن: گهوٽ کي مينڌي لائڻ، ڳانو ٻڌڻ، وناهہ ويهارڻ، تيلاڙي جو ساٿ ڪرڻ، ڏڪ ويهارڻ، پڙو يا ڪونو ڏيکارڻ، سرور هٽڻ، ڄڃ نڪرڻ ۽ ڪنواريتن ۾ پهچڻ کان پوءِ، اوجاڳو ڪرائڻ، ڪنڍيءَ جو وڻ وڍائڻ، نڪاح وجهائڻ، گهوٽ وهنجارڻ، ڪپڙا ڍڪائڻ، سرگس چڙهڻ، نفل پڙهڻ، ڏانوڻ ڏائڻ، راڻ جهانءِ ڪرڻ، ڍڪڻي پچڻ، ۽ لائئون لهڻ. انهن سيني پرپن رسائڻ ۾ سنوڻن جو پورو تفصيل سان بيان هن طرح ڪريون ٿا:

مينڌي لائڻ:

شاديءَ کان بہ - ٽي ڏينهن اڳي، گهوٽ کي پينرون ۽ سهاڳڻيون پهرين هٿن کي ۽ پوءِ پيرن کي، ڳائي ڳائي مينڌي لائينديون [جي ڪرڙوڍ هوندو تہ پاٺهي ڏاڙهيءَ کي اڳواٽ مينڌي ڪري ڇڏيندو]. اها مينڌي سڪڻ کان پوءِ، ذرو پرزو ميڙي سيڙي، ڪنهن کوهہ، تلاءَ، ڍنڍ يا دُبي ۾ اڇلي ڇڏيندا آهن.

ڳانو ٻڌڻ: مينڌي لائڻ کان پوءِ، سهاڳڻيون ڳيچ ڳائي، گهوٽ کي جيئڻي هٿ جي ڪرائيءَ ۾ ڳانو ٻڌن. ڳ.ني ۾ سجاتي جو سڱو، لوهہ جا ٽي ڇلڙا ۽ سُرهي موڙهي هوندي آهي.

[1] پرپ لفظ جي معنيٰ آهي پريہ + شپ يعني چڱو موقعو.

گهوٽ کي ونواهه ويهارڻ ۽ تيلاڙي جو ساٺ ڪرڻ:

رات جو گهوٽ کي تيل جو ساٺ ڪن. سهاڳڻيون زالون، سرهي تيل ۽ ماکيءَ مان آڱريون ٻوڙي گهوٽ جي مٿي تي مکينديون ۽ ساڻ ڳيو/ ڳيچ، گهوٽ مٿي قلڙا، مرچڪيو لڳي، پيون ڳائينديون. تيلاڙي جو سوڻ پورو ڪري، گهوٽ کي ڏنڊڻ، ڪاتي ۽ تسبيح ساڄي هٿ ۾ ڪٽڻ جي لاءِ ڏيندا. ڪاتيءَ وڍيو ڪاڏو ڪاٺڻ نہ ڏيندس، اڪيلو بہ نہ ڇڏيندس، جهنڊ هٽي ويهندو.

ڏِک ويهارڻ:

ڏينهن جو سپ پائر گڏ ٿيندا گهوٽ کي ٻٽ[1] ڪرائي مٿان موڙ[2] ٻڌندس، پوءِ اڳاڙيندا گهور ۽ ناناٽي پُريءَ مان هڪڙو اهنيار [اهنر[3]] مقرر ڪندا، جنهن سان گهوٽ جي لائن لهڻ تائين تعديون پيا ڪندا آهن، ڪپڙا ڦاڙڻ، چونگون ڏيڻ، چرچا يوڳ ڪرڻ وغيره. اهنر گهوٽ جي ٽهل ٽڪور، اٿيءَ ويٺيءَ ۾ مدد جي لاءِ رکيو ويندو آهي.

سَروَر هٽائڻ:

گهر مان ڇڄ نڪرڻ واري رات جو ڪي گهوٽيتا سروَر[4] جي ڍولڪ وڄارائي گهور وني پوءِ ڇڄ ٻاهر ڪيندا. ٻروچ سروَر جو دهل وڄرائيندي پيا سونهندا آهن، پر ٻين سنڌ جي ذاتين ۾ سروَر جو دهل وڄرائڻ ۽ ڪاڄ ڪرڻ جو رواج ڪونهي، پر جيئن تہ سروَر جي گهور مڱٺهار ۽ ڳائٽين ڪي نہ، پر ڪاڄيتن کي ملندي آهي، تنهنڪري سروَر رات، سروَر جي ڪرامتن جو خاص ڳيچ ڳايو ويندو آهي.

---

[1] ٻہ گنديون يا پوتيون، انهن مان هڪڙي کهنبي يا گلابي رنگ جي هوندي آهي، جنهن کي ڪيسريو بہ ڪوٺين، ۽ ٻي پرت پريل بوڇٽي. انهن ۾ هيٺان ڪيسريو ۽ مٿان بوڇٽي ملائي گهوٽ جي مٿي تان وڄهن. ان کي ٻٽ يعني ٻہ پوتيون چون مٿان موڙ ٻڌن. (ليکڪ)

[2] هڪڙي دفتري يا پائي جو ٽڪر جو نراڙ تي پورو ٿي اچي، ان تي رنگا رنگي پنيون هٽي چمڪائي هيٺان گل ڪاغذ جا نرين ۽ موتين جون لڙهيون ٺاهي، پاس کان مٿي جي چوڌاري ٻڌڻ لاءِ ڏورا وجهندا اٿس انهن کي ڪاڳري موڙ چون. پيا ڪپڙي تي ٽڪون ستارا مڙهي، پرت پري هيٺان ڪچ ڪوڏن جون لڙهيون ٺاهي اتڪائين ۽ پٽ جا ڦنڊڻ بہ ٽاڪين انهن کي "پڪاموڙ" چون. (ليکڪ)

[3] اصل لفظ آنهر وار هو آنهريا آهر معنيٰ مرد وار معنيٰ حفاظت ڪرڻ يا وارڻ. اُن مان اهنيار ٿيو. آنهر آٿي اوپٽي، رن وڄائي رنبو، مشهور چوڻي آهي. (ليکڪ)

[4] سروَر ديري غازي خان ۾ ٻروچ قبيلن جو مرشد ۽ اولياءَ آهي. ان جو مخدوم سرور نوح رح سان واسطو ڪونهي. (ليکڪ)

پڙو يا ڪونو ڏيڪارڻ:

ڄڃ نڪرڻ واريءَ رات جو گهوٽ ڪي ڏنل [ڏيپ] ڏيــڄ جيڪــو مــائٽن، عزيزن ۽ دوستن ڏنو هوندو، سو گڏ ڪري پيتيون پري، زالون ساجهرئي ڪنهن واقفڪار يا مٽ مائٽ جي گهر پريرو ڪٽي وڃي رکي ايندي آهن. سرور پوري ٽيڻ ڪان پوءِ، اهو ڪوناري[1] ڪان اهو ڪونو[2] يا پڙو[3] ڪٽائي ايندي‌يون. ڪٽڻ وينديون بـ دهلارين ۽ ڳيچــن جي للڪــارن ســان ۽ وري موٽنديون تـ بـ اوهيئي شغل سان. گهر پهچڻ تي هڪ وڏي پري زال يا راڄ جي چڱي، پڙي جون سڀ شيون: وڳا، زيور، ٿانءَ، روڪڙ ۽ ٻيا تحفا هر هڪ ڏيندڙ جو نالو وٺنـدي ڏيڪاريندي ويندي، آخر ۾ گهـر وارن جا وسلا. جن ۾ بسترو بـ هونـدو آهـي، ڏيڪاريندي ۽ پوءِ بند ڪري ڪنواريتن ڏانهن نينديون.

ڄڃ نڪرڻ:

ڄڃ نڪرڻ ڪان اڳ، پنـي مڱـي سوارين جو بندوبست ڪيـو وينـدو آهـي. جن ۾ بيل گاڏيون جن جي ڏاندن کي ساز پيـل هوندا، ٻيا مهري اُٺ، جن کي بـ سينگار جا ساز پيل هوندا ۽ ٽيان هوندا گهوڙا، جن تي پنج سنجي پيـل هونـدي يا تـ ڪونـ ڪو سينگار هوندو، آٽي ڪنا ڪندا. ڄڃ جو ڪٽـڪ ڏسڻ سان دل ٽپا پئي ڏيندي، هر ڪنهن جي پل پلان لڳي پئي هوندي. جوڙين جو ميدان ڪٽڻ جو ٽڪر، گهوٽ بـ هڪ پلي مهري اُٺ تي يا گهوڙي تي سوار هوندو، رات جي نوائي، ڄڃ جي روانگي، ڪونسي سر مـان گهوٽيـن جي ڳاچن جون للڪـارون، ڊڊن جون ڊيڪـارون ۽ گهوڙين جون زيلون ۽ گهوڙن جون هٽڪـارون، ڇيرن جون ڇمڪارون، شرناين، قرناين، مـُـتن بينـن جـون ڪوڪـارون پيـون پوڻديون. بـس زمين، آسمان تي ڪٽي ڏيندا. اڳيان ناچو پيا نچندا هلندا. جڏهن اڏ پنڌ ۾ ايندا تـ وٺي پيچ پچان شروع ٿيندي. ڄڃ جتان پيئي لنگهندي تـ گاڏين ۾ ڇيڇاٽ ۽ زالن جا آلاپ، اگهور ننڍ ۾ نهوڙيلن کي بـ اتاري ڪڙو ڪندا. جنهـن جي شادي ڪيل هوندي، ان جو منُ بـ اٽي پوندو تـ ٻي ڪا شادي ڪريان، پر جنهن جي نـ ٿيل هوندي سو تـ ڦتڪڻ لڳندو تـ ڪتان بـ ڦٽ پٽي اهڙي ڪا لئي ڪرايان!

---

[1] ڪوناري: ڪوني جو سامان ڪٽندڙ. (ليکڪ)

[2] ڪونو: ڪونيءَ جو مذڪر لفظ آهي. ڪوهستاني ماڻهو. مليل ڏيپ، ٽوئرين ٽوٽن جي ڇوڪندي جاءِ ناهي ان ۾ ڪٽ وجهي ان تي رکي ڇڏين، جو سڀ ڇاجي اتي ٻيهي ڏسن، ان اڏاوت کي ڪوني ۽ منجهس رکيل سامان کي ڪونو چون. (ليکڪ)

[3] اصل لفظ پيڙهاٽتو هو پوءِ پڙهو آخر پڙو ٿيو معنيٰ پيڙهه جو يا بنيادي سامان. (ليکڪ)

ڪنواريتن ۾ پهچڻ:

اهي ڇاجي اهڙي دستور، اهڙي رمز ۽ رنگ ڍنگ سان اچي ڪنواريتن ۾ پهچندا. ڪٿي ڪٿي تہ ڇاجين سان "پڙڇج" ڪندا آهن. يعني پنج سير ڪارڪن ونڻ خاطر گهوٽين ۾، ڪنواريتي ڌر جا ماڻهو لنين جا اچي ڌاڇا وجهندا آهن. پوءِ ڪي ڇاجي ڦٽبا آهن تہ ڪي پڄي ويندا آهن. جڏهن هنن ڪي ڪارڪون يا پئسا ڪارڪن جا ملندا آهن تنهن ڪان پوءِ اها ماراماري بند ٿيندي آهي.

ڪنواريتي هنڌ تي پهچن ڪان پوءِ گهوٽ جا باقي پرپ هيءَ آهن:

اوڇاڳو ڪرائڻ:

گهوٽ جا مائٽ، خود گهوٽ ڪي ننڊ ڪرڻ نہ ڏيندا. ان ڪري سڄي رات ڇني ۾ ڳائڻ، وڄائڻ، ڪل - ڀوڳ پيو ٿيندو. شاديءَ رات گهوٽ جو سمهڻ بند ٿي ويندو گهوٽ جي سمهڻ کي بهسوڻ ليکيو ويندو آهي.

ڪنڍڙي يا سائي تاري وڍائڻ:

شاديءَ جي رات جو ڀهراڙين ۾ گهوٽ کي ڳائي وٺي وڃي ڪنڍيءَ جو ونڻ يا ڪنهن وڻ جي تاري، ڪاتيءَ سان ڪپارائيندين آهن. چار سهاڳڻيون گهوٽ مٿان اچي چادر جهلي هلنديون، ڳوٺ ڪان ٻاهر. ڪاتيءَ جي هڪڙ ئي ڌڪ سان ڪا لام وڍڻ لاءِ چوندس، اها تاري ڪٽي اچي ڪنوار جي در اڳيان ڪوڙائينديون. جنهن جو مطلب تہ ساهرن جو گهر هريو ڀريو هجي شال!

نڪاح پوڻ:

گهڻو ڪري شادي رات پوئين پهر ۾ نڪاح پڙهايو ويندو آهي. نڪاح مولوي يا آخوند[1] پڙهندو ٻہ شاهد ۽ هڪ وڪيل (جي انهن ڪنواريتن جا عزيز قريب يا پاڙيوارا منهن لڳ هوندا) تن کي ايجاب ۽ قبوليت جي لاءِ ڪنوار ڏانهن موڪليو ويندو. جي وڃي ڪنوار جو رايو وٺندا. اتي وڪيل ڪنوار ڪان ٽي دفعا پڇندو تہ "توکي فلاڻو پٽ فلاڻي جو، هيتري مهر يا ڪابين سان شريعت محمدي موجب حق نڪاح ۾ قبول آهي؟" ڪنوار ٽئي دفعا هائوڪار جو جواب ڏيندي. ڪي چونديون تہ منهنجو فلاڻو وارث[2] آهي، ان ڪان اجابت

---

[1] هاڻ نڪاح يونين ڪائونسل جو مقرر ڪيل مولوي رجسٽري ڪري پوءِ پڙهندو آهي. (ليکڪ)

[2] وارث جي حالت ۾ ڪنوار جي بجاءِ سندس وارث ڪان ٽي دفعا پڇيو ويندو. "فلاڻي ڌي فلاڻي جي هيتري ڪابين سان فلاڻي پٽ فلاڻي جي کي شريعت محمدي موجب حق نڪاح ۾ ڏين ٿو؟" (ليکڪ)

ڪرايو. ڪن جي پاران سنڌن ويجهي مائٽياڻي هائوڪار ڪندي آهي. وڪيل ۽ شاهد جواب وٺي، چئني ۾ ايندا ۽ خنڪيءَ سان اسلام عليڪم ڪندا. ويٺل سيئي و عليڪم سلام جواب وارڻيندا. ان ڪان پوءِ مولوي/آخوند پير ۾ ويهاري ڪانئن خبر وٺندو. صحيح جواب وٺي وري گهوٽ ڪان پاڻ پڇندو تہ مهر گهڻو ڏو ڏين؟ هو جيڪو مهر چوندو سو ٻڌي وري ڪانئس پڇندو تہ "فلاڻي ڌيءَ فلاڻي جي تو واري مقرر حق مهر [معجل يا عندالطلب] سان شريعت محمديءَ موجب توکي حق نڪاح ۾ قبول آهي؟" اهو سوال ٽي ڀيرا پڇندو. هو هائوڪار ڪندو تہ نڪاح جي ديني رسم - شروع ٿيندي ۽ سڄو نڪاح پڙهي پورو ڪندو. نڪاح ختم ٿيڻ تي چوڌاري مبارڪن مبارڪن جو هُل مچي ويندو. آخوند ڪي نڪاح جو اُجورو سوا روپيو ۽ ڪارڪون منيون پري ڏيندا ۽ سيني آيلن ڪي بہ مٺ مٺ ڪارڪن جي ڏيندا ويندا.

گهوٽ وهنجارڻ ۽ ڪپڙا ڍڪائڻ:

نڪاح پوڻ ڪان پوءِ زالون ڳيچ ڳائي اچي گهوٽ جا ڪپڙا ۽ تيل ميٽ ڏينديون. ڪوناري، گهوٽ ڪي منجيءَ [ڪاريءَ يا صندليءَ] تي ويهاري وهنجاريندو. تيستائين زالون بينيون ڳائينديون. وهنجڻ ڪان پوءِ وار سڪائي ڪپڙا ڍڪائيندس، ڪپڙن ۾ سلوار، پهراڻ، جتي، رومال ۽ پاڳ [پٽڪو] جنهن ۾ هڪڙي سرهي موڙهي ڳاڙهي ڳوٿريءَ واري پڻ هوندي. ڪلهن ۾ ڪرڻ لاءِ اجرڪ / لونگي بہ هوندي آهي، وهانءَ جو وڳو ڪنواريتا، گهوٽ ڪي ڏيندا آهن. ڪن ڪن هنڌن تي گهوٽ پنهنجيءَ مرضيءَ تي وٺندو آهي. ڪوناري، پائرن ڪان ڪپڙن پهرائڻ جي موڪل وٺي، پوءِ پٽيل جي حڪم موجب ڪپڙا: پهرين پهراڻ، پوءِ سلوار، پوءِ جتي، پوءِ پاڳ، جنهن جو پهريون ورُ پٽيل پاڻ پنهنجي هٿ سان ڦيريندو پوءِ باقي پٽڪو گهوٽ ٻڌي ڇڏيندو. ڪپڙن مٿان بٺ وجهندس ان تي موڙ ٻڌندا. موڙن ڪي سهرو بہ چون. اهو سمورو وقت زالون ڪپڙن جا جدا جدا ڳيچ بينيون ڳائينديون. ڪپڙا ڍڪجي ويا تہ ڪنواريتا بُسريون يعني ڳڙهاريون موڪليندا، جي گهوٽيتا ڪائي گهور ڏيندا.

سرگس جي تياري ڪرڻ:

گهوٽ جي تيار ٿيڻ شرط هلندي چني ۾ ماني، يعني گوشت جو پٽ. ڦيلهيون پري ڄاڄين اڳيان رکندا جي ڪائي ڪندا جُڄ. پوءِ اڳڙندو پوئو /

پهت(1) ، ۽ ڳانن موڙن جي گهور. اها ڪاغذ تي لکبي جيئن ان پاءُ ڪي سندس وهاڻيءَ ۾ موٽائي ڏجي. ان ڪان پوءِ گهوٽ کي سرگس چاڙهيندا. اڳيان دهلاري، شرنائن وارا، ناچو ۽ ڳائڻا هلندا، وچ ۾ پيلي گهوڙي/ اُٺ تي گهوٽ چڙهيل هوندو.[2] گهوٽ جي گهوڙي تي چڙهڻ مهل ماءُ يا ڀيڻ اڪا اُجليندي يعني چانور ۽ ڪارڪون گڏي مٿان گهوريندي. گهوٽ جي پٺيان سندس اهنيار ڪي ٻه ٻيلهه ويهاريندا آهن. جتي دهلن وڄائڻ جو رواج نه هوندو آهي. اتي مولودي مولود پڙهندا اڳيان پيا هلندا آهن. رستي ۾ ڪا مسيت (مسجد) آئي ته گهوٽ گهوڙي تان لهي اندر وڃي ٻه شڪراني جا نفل پڙهندو ۽ دعا گهرندو وري اچي گهوڙي تي چڙهندو. پوءِ گهورون گهوريندا، ڳائيندا، ڪافيون ڪچندا نچندا ٽپندا اچي ڪنواريتي در تي پهچندا. جي سرگس رات جو هونديَ آهي ته ٻجليون ۽ گولا ٻري ويندا آهن، رات مان ڏينهن ٿي ويندو ۽ زالون ٻه پٺيان.لاڏا ڳائينديون پيون هلنديون آهن.

گهوٽ ڪنوار جي در تي پهچندو ته ڪيس در جي ٻاهران منجي وجهي ڏيندا ته ان تي ويهي، جيستائين راڄ جون زالون سيئي اچي ڪنيون ٿين ۽ لائئون ڏينس. پوءِ مٿانئس ٻٽ پيل لاهي وڃي ڪنوار کي ڍڪائينديون ۽ گهوٽ مٿان اجرڪ وجهندا آهن. ڇاجي ۽ دهلاري پوءِ سپ ٽڙي پکڙي ويندا آهن. ۽ چني ۾ وڃي ويهندا.

ڏانوڻ ڏائڻ:

زالون اچي گڏ ٿينديون، سات ڳيا ڳائڻ سان ساليون ڏاوڻ ڏائينديون يعني سجائتي جي ويڙهي اوبري تي چاڙهي، گهوٽ کي چونديون ته "ساڄي هٿ جي چيچ اُپي ڪري جهل!" پوءِ اُپي چيچ ۾ تي پيرا ڌاڳو اچلي وجهنديون جئن اُٺ کي مهار اچلي ڪنڌ نوائي ناڪيلي يا لانيءَ ۾ ٻڌندا آهن. هوشيار گهوٽ سڳو ٽوڙي ڇڏيندو، پر چيچ ٻڌڻ نه ڏيندو. ڏاوڻ ڏائڻ مهل هڪڙي سالي ڪوشش ڪندي آهي ته جهٽ لڳي ته ڪنوار وارو اڪيو گهوٽ جي منهن تان گهمائي، ڪا وري نڪ پٽڻ جي ڪوشش ڪندي. گهوٽيتيون وري گهوٽ کي وقت بوقت

---

(1) پهت جي معنيٰ جيڪي سهسائي سگهجي، ۽ پوئو جي مُعنيٰ عقلي ورتل آهي. ڇاڪاڻ ته اڳ ليکي چوکي جي ڪاڳرن کي سڳي ۾ پوئي رکيو ويندو هو. انهن پوتل ڪاغذن کي پوئو چوندا هئا. اهڙي طرح ٻائرن کان اُڳاڙيءَ واري رقم کي پوئو ڪونبو هو، جو پوءِ پوئي رکندا هئا. (ليکڪ)

(2) اڄڪلهه موٽرڪار جو واهپو آهي. (ليکڪ)

هوشيار پيون ڪنديون تہ گونگهٽ ڏاڍو ڪري جهل! ڪا وري منهن ۾ اکن يعني چانورن هٽڻ جي تڪ ۾ هوندي ۽ گهوٽ سان ڪي تعديون بہ تيو گذرن، پر ڪو ڪو اٽڪلي بچي ويندو. ڏاوڻ ڏائڻ بعد گهوٽ کي سهارو ڏيئي پيڻ پلؤ ڏيئي سيج ڏانهن وٺي هلندي تہ ڪنواريتيون ڪنوار کي وهنجاري آگهاريل ڏوپ جو پاٽي پيرن ۾ هارينديون.

رانءِ جهانءِ ڪرڻ:

گهوٽ جي در اندران مٿڻ تي سندس پيڻ پنهنجي وات ۾ ڪارڪ وجهي چباڙي ستَ ڏڪ پاٽيءَ جا پريندي ۽ زالون رانءِ جهانءِ جو ساٺ گيو(1) چونديون.

ڏڪٽي پڃڻ:

گهوٽ جيئن ئي سيج کي ويجهو ٿيندو تہ ٽانڊن تي هرمرو وجهي مٿان ڏڪڻ اونڌو رکي اُهو پڃائين، ڪي خالي ڏڪٽي پڃائين. اها ڏڪٽي گهوٽ کابي لت جي ڪڙيءَ سان پڃندو. پوءِ ايندو سيج تي لائئون لهڻ.

ڪنواريتا پرپ:

تيلاڙي جو ساٺ، تار گهمائڻ، گهڙي پرڻ، ڏيپ يا ڏاجو ڏيکارڻ، مينديو ڪولڻ، وهنجارڻ، سينگار ڪرائڻ ۽ ويس ڏڪائڻ، سيج تيار ڪرڻ ۽ لائئون لهڻ.

تيلاڙي جو ساٺ:

هي ساٺ ڪنوار کي بہ انهيءَ نموني ڪندا آهن، جيئن مٿي گهوٽ واسطي چيو ويو آهي.

تار گهمائڻ:

هڪڙي ٿالهہ ۾ ڪٽڪ جو اٽو ڳوهي ٿڦي ان جي چوڌاري ڪانا کوڙي وچ ۾ ڪٽڪ جي اٽي جا ست ڏيئا جوڙي، انهن ۾ ڳائو گيهہ ۽ ماڪي وجهي روشن ڪن، ڪانن مٿان ڳاڙهو ڪپڙو وجهن. زالون ڳائي سچو ڳوٺ ڦري اچن ۽ پوءِ اهو سنجٽ ڪنهن واهہ يا تلاءُ ۾ اچلين. اهو ٿالهہ بہ ڪوناري ڪٽڻي هلندو. جنهن کي هيرن جا ڳيچ ڳائي جنيون ڪنديون هلنديون آهن. مثلاً: ڪوناري ڪوناري ڏول بڌلو، ڪوناريءَ چيلهہ ۾ ڪوڙيو ڪلو. اهو تار گهمائڻ جو رواج گهٽو ڪري ٻهراڙين ۾ آهي.

---

(1) ساٺ گيو = ساٺ جا گيت.

گهڙي پرڻ:

ڪوري ٺڪر جي دلي، جنهن کي گهڙي به چيو وڃي ٿو. زالون دهلارين سان گڏجي ڳائي انهيءَ ۾ ستن کوهن جو پاڻي پري اچن، پوءِ ان پاڻيءَ سان پيو گهر جو پاڻي ملائي ڪنوار کي وهنجارين.

ڏاجو يا ڏيپ ڏيکارڻ:

گهڙي پري اچڻ کان پوءِ هڪڙي راڄئي [پٽيل] جي ڙال، آيل زالن کي ڏاجو ڏيکاريندي، هر هڪ مٽ مائٽ چيڪي گهوٽ توڙي ڪنوار کي ڏنو هوندو. يعني مائٽن ۾ ساهرين طرف جو مليل اسباب، نالو وني وني، راڄ وارن کي ڏيکاريندي ۽ ٻڌائيندي ويندي. انهن ۾ جورا، اونٽر، وڳا، زيور، بسترو، پيتيون، ٿانءَ، سينگار جو سامان، بلڪ سڀئي سڀ تائين سامان هوندو آهي. ڪي وڏا ماڻهو ڏيپ ۾ زمين جا نمبر ۽ ٻيلي ٻانهان به ڏيندا آهن ۽ سيد، پير وري مريد ۽ خادم به ڏيج ۾ ڏين. ڏسڻ واريون شيون ڏسنديون ۽ واه واه ڪنديون.

مينڊو کولڻ ۽ ڪنوار وهنجارڻ:

مينڊو چون ٻالجتي وارا چڻا، جي سينڌ کان نراڙ مٿان اڳيون جتون ڳتي وڃي ڪياڙيءَ تائين چوٽيءَ ۾ اٽڪائيبيون آهن. زالون ڳيچ ڳائي اهي ننيڙي هوندي جي نشاني، وار کوليندين. پوءِ ڪنوار کي ڪنهن ڪوندي، [پاٽ يا تالهه] ۾ ويهاري، تيل ميٽ سان وهنجاريندين ۽ آچريل پاڻي گوشائتو رکي ڇڏينديون، جو گهوٽ جي اچڻ مهل ان جي پيرن ۾ هاريندين آهن.

ڪنوار کي سينگارڻ ۽ ويس ڍڪائڻ:

ڪنوار کي وهنجاري، ان جو بدن اگهي صفا ڪري سهاڳ جو وڳو: پهرين سوسي، گلبندن [گيگم] ۽ مونڙي جي گوڊ واڙ [ججهي ۽ ڳري]، چڙي يا چوڙن سان ستڻ پارائيندس يا پڙو،[1] چولو زريءَ يا سرمي ستاري تي ڳلو پريل هوندو، ڪي لاوٽي يا گج ڍڪائين، پيرن ۾ توئرن سان جتي. اکين ۾ سرمو يا ڪجل، مٿي ۾ سرهو تيل وجهي چوٽي ڪري سينڌ ڪيندس، پوءِ چوٽيءَ ۾ چانديءَ جا چوٽيقل ۽ پوڙين ۾ چانديءَ جي ڳرين سان سڄيون، نڪ ۾ ويندو يا نٿ يا بئنسر ان سان گڏ ٻولو، ڏاڻ واري نٿ جنهن ۾ ڏاڻ ڳاڙهي ريشم يا سون

---

[1] ڪنوار کي وهانءَ رات پڙو پارائڻ جو رواج سماٽ ذاتين ۾ هو. هاڻ گهٽجي ويو آهي. (نظرثاني ڪندڙ)

جي هوندي آهي، اُن ۾ چانديءَ جو ڪنڊو جو ڪياڙيءَ ۾ وارن سان وچي اٽڪندو آهي ڪي نراڙ تي آليءَ ۽ ٽڪڙو به اٽڪائين. ڪنن ۾ جهومڪ. نسبيون ڦل وغيره ۽ ڳچي ۾ هسي [هس]، ڌهري، تائيت، ٻانهن ۾ چوڙيون، چوڙ يا چوڙا، ٻانهين ڏورن ۾ ٻانهوٽا، ٻارڪيون. ڪرائن ۾ منگليون ۽ ڪتريا واڍولا. آڱرين ۾ منڊيون ۽ آڱوٺا، پيرن ۾ ڪڙيون، پازيب، نورا ۽ آڱرين ۾ پيرن جون منڊيون ۽ وڇوٽڙا پارائيندس. هي ڳيچ ڳائين جنهن تي پنهنجيون توڙي سياليون [سيٺون] ڏاڍو رئنديون آهن.

ڳيچ جا ٻول:

اسان جي ويندڙي وارڙي جهمي، ڙي جهمي اسان جي لال ڪنوار،
سون جو ٻيڙو، ڙي لاڏي تنهنجو وات، ڦلڙن چانيو. ڙي جيڏل تنهنجو ڳاٽ،
توکي لکيو ڄام جراڙ - ڏيءَ ٻائي ڪنديم هار سينگار!

سيج تيار ڪرڻ:

سيج، چون گهوٽ ۽ ڪنوار جي هنڌ کي، جو جتي به رکي ان مٿان ٻنهي کي لانئون ڏين. اهو هنڌ پٽ تي نک يا تڏي مٿان ۽ کٽ تي به وڇايو ويندو آهي. جنهن جاءِ تي سيج تيار ڪن ته اتي ڪيترائي ڪرمٽ يا ڪريب ڪن. سيج جي هيٺان زمين ۾ لڪيل ڪُڪڙ جا آنا پورين، به ٻوٽا ڪٽڪ جي اٽي مان ٺاهي، هڪڙي تي گهوٽ جو نالو ۽ ٻئي تي ڪنوار جو نالو رکن. گهوٽ واري ٻوٽي جي وات ۾ سڳو لغام ڪري وجهن ۽ اهو ڪنوار جي ٻوٽي جي هٿ ۾ ڦاسائين، هيٺ زمين ۾ پوري. ڪنوار جا لاٿل چڪڙ تيل ڪپڙا، بستري ۽ تڏي جي وچ تي گهوٽ جي ويهڻ واري پاسي پڪيڙي وڇائين. لانئن جي جاءِ مٿان، سڌو ڪُڏ تي هنو رکي تنهن ۾ لغام اٽڪائي لانئن ڏيڻ مهل هڪڙي ڪنوار جي مائٽياڻي مٿي چڙهي هني تي ويهي لغام ويني ٽڪيندي، جيستائين لانئون پوريون ٿين. هڪڙي ڪنواريتي ڪنهن ڪنڊ ڪونيءَ ۾ ٿامي جو ٽڪو هاون دستي سان ويني ڪٽيندي. انهن ٽوٽن ڪرڻ مهل ڪامڻ جو ساٿ ڳيو پيو ڳائيبو: ڪامڻ زوران زور لڳي، گهوٽيتون انهن ڪامڻ جي اثر کان بچڻ خاطر گهوٽ کي ڏس ڏينديون ته هو اهو سمورو وقت ڪاڳر ويٺو ڪتري. يا سوناري کان سون جي تند ڪڍائي ڏيندس ته ڏاڙهه ۽ ڏانت جي وچ ۾ زور ڏيئي جهلي ويهي، جيئن انهن ڪريبن جو مٿس اثر نه ٿئي.

لانئُون لهڻ:

پهريائين گهوٽ اچي سيج تي ويهندو. پوءِ ڪنوار کي ويڙهي سيڙهي مونڙي ڪري آڻي گهوٽ کان پريرو سيج تي ويهاريندا آهن. گهوٽ کي چونديون ته ”رڙهي ويجهو ٿيءُ“ گهوٽ، جي رڙهيو ته ڪل پئجي ويندي ۽ چونديون ته پهريون شيءِ سولو ٿيو! هيءُ پهرين گيسي ڪنوار مهندان [اڳيان] ڪئي اٿس! ڪٿي ڪٿي وري پهرين ڪنوار کي سيج تي ويهاريندا آهن، پوءِ لانئُون ڏين. شادي/وهانءُ ۾ هينيان سات ڪيا ويندا آهن.

لانءَ:

مٿو ٽڪرائي ٽنين چنڻ ٽنين(1) جو ڳيو ۽ لانئن جو سات ڳيو هن طرح چون: هيءَ پهرين لانءَ چنڊ ٻاٽڙيءَ، ٽنب چنڻ: هي پهريون ٽنب آڏڙيو منُ هريو، دولت پريو اسان جو لاڏو سيجڙيءَ چڙهيو. اهو پورو ڪري وري مٿو ڪنوار جو گهوٽ سان، وريئتي يا سهاڳڻ زال ٽڪرائيندي. ڪٿي ڪٿي اهڙو مٿو ٽڪرائڻ يا لانءَ گهوٽ جو پيءُ، مرشد ۽ راڄ جو پٽيل ٻه ڏيندا آهن. (ان کان روپيو اڪلهه مرضيءَ موجب ڏنو ۽ ورتو وڃي ٿو.) اُجورو لانءَ جو وٺن. ڪل ست لانئُون انهيءَ طرح ڏين.

(1) ڪير پيارڻ جو سات، (2) منڌي يا مانڌاٽيءَ جو سات (3) دامڻ لنڙيون (ڇمڪون) يا وڄٽيءَ جو سات، (4) سونڳي يا سونگيءَ جو سات، (5) مٺ کولڻ يا ڏوري ڇوڙن جو سات، (6) ترمٽڻ (تر ميڙڻ) جو سات، (7) ڦل (گل) چونڊائڻ جو سات.

1. ڪير پيارڻ جو سات:

منو ڪير وٽيءَ ۾ وجهي گهوٽ ۽ ڪنوار جي وچ تي رکن. پهرين گهوٽ جون ڏهئي آڱريون ڪير مان ٻوڙائي ڪنوار جي اُرهه کي چنڊا هٽائين. ائين تي گهمرا ڪن ۽ پوءِ وري ڪنوار جون ڏهئي آڱريون ٻوڙائي گهوٽ کي ٽي پيرا چنڊا هٽائين. گهوٽ کي چون ته ڪنوار جا رومال سان هٿ صاف ڪري ۽ پنهنجا ٻه. ڪي ڪير جو ڍُڪ ڍُڪ ٻنهي کي پيارائين، باقي ڪير آسائتن کي ڏيئي ڇڏين. چون ته پيئو ته توهان جي شادي ٻه جلد ٿئي. وچ ۾ سات ڳيو پيو ڳائبو آهي.

---

[1] ٽنين جو جيڪو سات ڳيو چون ٿيون. سو صحيح هن طرح آهي. هي پهريون ٽنب ٽريو منُ هريو دولت پريو. يعني ٽنب معنيٰ ٺار پر هو ٽنب، غلط ٿيون چون. (ليکڪ)

2. منڊي يا مانڊاٽي جو ساٽ:

جنڊيءَ جي ڳن واري منڊي ڪٽي، گهوٽ جي اجرڪ جي ڪنڊ ڪي ڳنڍ ڏيئي، منڊيءَ جو قل ان ۾ ٽڪائي، پهريائين ڪنوار جي ساڄي گوڏي، ڪلهي، مٿي جي سينڌ ڪي ڇهي، کابي ڪلهي ۽ کابي گوڏي تائين پهچنديون. اهڙي نموني تي لڳا ساٽ ڪنديون. پوءِ وري ڪنوار جي بوڇڻيءَ کي ڳنڍ ڏيئي، قل قاسائي ساڳيءَ طرح گهوٽ ڪي ٽي دفعا اهو سنوڻ ڪنديون ۽ ساٽ ڳيو چونديون.

3. ڊامڻ لنڙيون يا وچٽيءَ جو ساٽ:

ڊامڻ هڪڙو گاهه جو قسم آهي جيڪو ڪوهستان ۾ پيدا ٿئي ٿو. ان جون ٽاريون يا لامون پٽي ان جي موڙي ناهي ساٽ ڪن. جتي ڊامڻ ناهي اتي وچٽيءَ جي ڳن سان، مانڊاٽي جي ساٽ وانگر گهوٽ ۽ ڪناور کي ٽي - ٽي دفعا اهو ساٽ ڪيو ويندو آهي، پر ساٽ ڳيو ڊامڻ لنڙين (ڇمڪن) وارو ڳائين. مثال: ڊامڻ لنڙين ڇايا، سڄڻ مون گهر آيا.

4. سونگي يا سونگيءَ جو ساٽ:

هي ساٽ بہ منڊيءَ وانگر سونگو ڪنوار ۽ گهوٽ جي اجرڪ ۽ گنديءَ جي ڪنڊ ۾ ٻڌي، بدن ڇهڻ سان ٽي گهمرا ڪن ۽ ساٽ ڳيو ڳائين.

5. مٺ ڪولڻ ۽ ڏوري ڇوڙڻ جو ساٽ:

ڪنوار کي هٿ ۾ ڪارڪ يا منڊي ڏيئي چونديون تہ مٺ پيڙ. گهوٽ کي چونديون تہ ڏائي هٿ سان هٿ جو ٻڪ مٺ مٿان رکي، زور ڏيئي، مٺ ڪول! پيو ڪوبہ زور ڏيڻ جو ڍنگ قبول ناهي. جي مٺ نہ ڪوليائين تہ چوندس ڪنوار جو تورو مڄ. جي ڪولي ويو تہ گهوٽيٽيون واه واه ڪنديون، پر گهڻو ڪري مٺ ڪانئس ڪانہ ڪلندي. وري ڪنوار جي پوتيءَ جو پلاند گهوٽ جي لونگيءَ يا اجرڪ جي پلاند سان ڳنڍيون بہ ڏيئي ٻڌنديون ۽ گهوٽ کي چونديون تہ کبي هٿ جي چيچ ۽ آڱوٺو ملائي پوءِ ڳنڍ ڪول! ڪوليائين تہ واه، نہ تہ چوندس تہ ڪنوار جو تورو مڄ. انهيءَ وچ ۾ ڏوري ڪولڻ جو ساٽ ڳيو پيو ڳائبو.

6. تر مٺڻ جو ساٽ:

جي تر موجود هوندا آهن، تہ اُهي، نہ تہ چانور ۽ ڪارڪون ٿالهہ ۾ وجهي، گهوٽ ۽ ڪنوار جي وچ تي رکن. پهرين ڪنوار ٻڪ ڀري ٽي ڀيرا گهوٽ جا

ٻڪ پريندي، وري ٽي دفعا گهوٽ پڻ ٻڪ پري ڪنوار جا ٻڪ پريندو. سانٽ ڳيو پيو ڳائبو. جو هن طرح ڳائبو آهي.

جيترا تر مٽيندي، اوترا پـُٽَ ڄڻندي.[1]

7. ڦل چونڊائڻ:

جي سچا گل نـ مليا تـ ڪپهـ جي پوٽـيءَ مان پهـا يـا ڦـڙا نـاهي، سـت سهاڳڻيون اهي ڦل ڪنوار تي اڇليندليون ۽ گهوٽ کي چونديون تـ تڪڙو تڪڙو چونڊ. سانٽ ڳيو ڳائجي پورو ٿيندو. اهي ٻڙا گهوٽ جي پـاڳ ۾ وجهنديون تـ ٻاهر وڃي ڪنهن کوهـ يا تلاءَ ۾ اُڇل.

رسمون:

سانٽ پورا ٿيڻ کان پوءِ هيٺيون رسمون ادا ڪيون وينديون آهن:

ڪنوار جو منهن ڏسڻ:

گهوٽ کي ڪنوار جو منهن ڏسڻ کـان اڳ ڪنواريتيـون چونديـون تـ چـوَ "ڪـانو ڪـانو، آءُ ٻـائيءَ جـو ٻـانهو!" وري سـتت ئـي گهوٽيتيـون چونـدسُ تـ چـوَ "ڪـانو ڪـانو، آءُ الله جو ٻانهو!" انهيءَ تي وڏي ڪشمڪشان هلندي، نيٺ گهٽي ريڙه پيڙه کان پوءِ ڪنوار جي جوٽن تي آهري يا آرسي رکي گهوٽ کي چونديون تـ هن آرسيءَ ۾ منهن ڏس. ڪٿي ڪٿي منهن تان پاند کڻي منهن ڏيکارين ۽ ڪـانو ڪانو بـ ڪونـ چوائين. ڪي وري منهن ڏني کان پوءِ گهوٽ کي ڪونـيءَ ۾ ونـي وڃي ڪنوار جا پير ڏٺارائين. پوءِ ٻنهي کي اڪيلو ڇڏين. تـ محنت جو ڦل ماڻين ۽ مائٽن جا پورهيا صاب پون ۽ اميدون پڄن!

انهـيءَ ڏينهـن شـام جـو يـا بروقـت مـارڪو (معرڪـو) مچنـدو. سـڀ ڪاڄيتيون گهورون گهمائينديون ڳائينديون نچنديون. ڪين چونديون تـ هر ڪا آس پني جي ڦيري ڏي ۽ سياءُ - پيٽون پڻ گهورون ۽ مبارڪون ڏينديون.

نيڪيتي:

جي ڪاڄ ساڳئي ڳوٺ ۾ ڪيـل هونـدو تـ ورنـديءَ رات جـو ڪنـوار کـي مائٽن مان ئي نڪيڙي ڪيندا، پر جي ٻاهرتو ڄڃ هوندي تـ ڪنـوار کـي پنهنجـي ساهراٽي ڳوٺ آٽي، ڪنهـن پنهنجـاڻپ جـي گهـر ۾ ترسائيندا. پوءِ اتـان پنـج سانٽ، جن ۾ 1. کير پيارڻ جو سانٽ، 2. منڌيءَ جو سانٽ، 3. وچٽيءَ جو سانٽ،

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

4. سونگي جو ساٿ، 5. تر مٽڻ جو ساٿ ڪري، گھر وڃي ايندس. نڪيتيءَ جي رات بہ، تر مٽڻ جي ساٿ وقت جيڪي مائٽياڻيون ڪنوار سان تر پريئنديون اهي ڪجھ نہ ڪجھ ڏڪڻا ۾ ڪنوار کي ڏينديون، پوءِ ان ۾ زيور ۽ روڪڙ بہ اچي وڃي ٿي.[1]

تمام پري جي ڄڃ هوندي تہ ڪنواريتا هڪڙي رات گھوٽيتن کي پاڻ وٽ ٽڪائي ڇڏيندا ۽ اها رات، سڄي ڄڃ جي پاڻ مهماني جهلينداَ. ڪنوار کي نڪيڙي اچڻ مهل سندس پوتيءَ جو پلوُ گھوٽ جي لونگي يا اجرڪ سان ٻڌي نڪيتيءَ جو ڳيچ ڳائي پوءِ گھر ايندي‌ون. هنن سان دهلاري نہ هوندا آهن. جيڏي مهل ڪنوار گھر کان ٻاهر مائٽن کان موڪلائي نڪرندي آهي، اوڏي مهل روڄ راڙو پئجي ويندو آهي ڇٽڪ جيئرو جنازو گھر مان ٻاهر ٿو وڃي. ڪنوار سان پيڻ، ماسي [ٻي ويجهي عزيزياڻي] گڏجي گھوٽيتن ڏانهن هلندي ۽ وري جڏهن ڪنوار ستاوڙي تي پيڪن ڏانهن موٽندي، تہ ساڻس گڏجي ايندي. اهو ان لاءِ ڪندا آهن تہ ڌاريا ماڻهو ڌاريو ماحوُل جيئن ڪنوار گھبرائي نہ، سندس مائٽياڻي کيس دلڏير ڏيڻ خاطر ساڻس گڏ هجي!

لاڳ ڏيڻ:

ڪنوار جي گھر پهچڻ تي راڄ وارا مبارڪي ڏيڻ ايندا. جن ڪاڄ جي رهبري ڪئي هوندي انهن کي اجرڪون، پٽيل کي لُنگي ڏيندا [روڪڙي رقم] ڏني ويندي. مگڻهار جدا لاڳ جي گھور وٺندا. ڪٿي ڪٿي ڪدڙا فقير بہ اچي نڪرندا آهن ۽ ڳائي وڄائي گھور وٺندا. ان کان سواءِ مينگھواڙ جنهن چاندي جي جتي جوڙي هوندي، ڪنيار جنهن نَڪر جا ٿانوَ موجود ڪري ڏنا هوندا. سي بہ اُجوري بجاءِ لاڳ وٺن، ان کان پوءِ جيڪو ماڻهو گھوٽ جي لاءِ ڏوهٽو [سوکڙي] آڻيندو ۽ اچي مبارڪ ڏيندو تہ ان کي بہ ڪجھ ضرور ڏبو آهي. جيڪي نياڻيون ڪاڄ ۾ آئي ٽڪايون ويون هونديون. انهن کي بہ جورا ۽ اونڌر ۽ روڪڙي خرچي ڏيئي ڳوٺ اماڻي ايندا [جي مائٽ گڏ هوندا تہ پنهنجن آيل مائٽن سان روانيون ٿينديون.] جيڪو ليڪو چوڪو هوندو سو بہ پهت پوئي مان لهڻيندارن کي ڏيندا. اُڌارو آندل سامان ڏڻين کي واپس ڪيو ويندو ۽ ڪٽل سامان جي قيمت پري ڏني ويندي آهي.

---

[1] ڏڪڻا = اهڙي خرچي جا ڏيکاري ڏجي (نظرثاني ڪندڙ)

ستاوڙو:

ڪٿي ٽي ڏينهن، ڪٿي پنج ڏينهن ۽ وڌ ۾ وڌ ست ڏينهن. ڪنوار ساهراڻي گهر ۾ ڪوبہ ڪم ڪار ڪانہ ڪندي. گهوٽ ڪيس راضي رکڻ جي لاءِ روز رات جو ميوا، مڻايون ۽ قل قول پيو ڪارائيندو. وڏي شان عزت ۽ نت سان رهندي، سندس آيل مائٽياڻي سندس اُٺيءَ وينيءَ جي حاضري ڀئي ڀريندي ۽ پيون بہ ٻلهار پيون ويندئون. راڄ ۽ ڳوٺ جون زالون پينديون ڪري ڪنوار جو منهن ڏسڻ پيون اينديون. پوءِ لوڪ منهن موڪ آهي، ڪا چوندي تہ "هڙ هلاڪ پئسا پاٽي ۾" ڪي چونديون تہ هنن جا وڏا ڀاڳ جو ههڙي سدا ملوڪ سلڇڻي نُنهن مليي اٿن. ڪنوار بہ گهر جو سمورو چالامانو ۽ ڪم تي ڀئي اکتيٺ ڪندي. رواج سارو مدي گذرڻ کان پوءِ ٿيندي پيڪن ڏانهن رواني ۽ گهوٽ بہ ساڻس گڏ هوندو. بہ - ٽي ڏينهن مائٽن ۾ رهي واپس ساهرين ايندي، پوءِ جي مائٽ دوري تي هوندا تہ شادي مرادي، ڏک غميءَ تي وڃي ٿيو پئي ايندي. جڏهن مائٽن ۾ پهچندي تہ گهوٽ ڪنوار جي لاءِ ويچارا پيڪا، وسعت سارو ڏاڍيون خوشامدون ڪندا. انگل آرا پورا ڪندا. ساهرين موٽي اچڻ کان پوءِ جي پهريون سهانجو [ويم]، پيڪن ۾ ڪندي، ان لاءِ مَهينو ڏيڊ اڳوات مائٽن ۾ وڃي رهندي، جي نہ تہ اتي ساهرن ۾ ئي نهي ملي هيڪ ميڪ تي ويندي. چوندا آهن تہ نئين ڪنوار نوَ ڏينهن، ڇڪيتاڻي تيرهن ڏينهن، ماري ڪٽي مهينو. جي ساهرن ۾ هري مري ويئي تہ پوئتان جي ڇڪ توڙي سڪ سگهي لهي وينديس!

ڪنوار کي کهُنبا ڍڪائڻ:

نئين نول ڪنوار، جڏهن پهريون گهمرو ڳرڪري [ڳريٽي / پيٽ سان، اميد واري] هوندي آهي تہ ان کي ستين يا نائين مهيني پيٽ هٺڻ تي کهُنبو وڳو مائٽ ڍڪائيندا آهن!

هڪڙي ڄڻي، راڄ کي وڃي ڪوٺ ڪندي، چوندي تہ: اڄ شام جو فلاڻيءَ جي نَنهَن کي کهُنبا ڍڪائبا. جڏهن اهو وقت ٿيندو تہ سيڻ سڄڻ ۽ سيالڙيون زالون بہ اچي ڪنيون ٿينديون. پهريائين مارڪو لڳندو، جنهن ۾ پٽ ڇَمڪَڙَ جا سهرا ڳائيندئون. مارڪي هلندي. ڪنوار کي کهُنبو وڳو، جنهن جو رنگ گلابي يا ليارِي يا نارنگي رنگ جو هوندو، پوتي، چولو ۽ سٿڻ راڄ کي ڏيکاري، راڄ وڏيري پنهنجي هٿن سان ڍڪائيندي ۽ ڳهہ ڳنا ۽ زيور بہ پارائيندس، کيس لال ڪنوار ڪري ڪوٺينديون.

ڪنوار گونگهٽ ڪري پوتي منهن مٿان ڍاري، اچي مارڪ ويهندي، مٿانس ڪُهنبي جي پٽ يا ڪيسريو يعني لياري گنڍي پوندي تہ مبارڪون ۽ واڌايون وري وينديون. مٿي تي هٿ رکي پڪيون پوڙهيون ۽ مائٽياڻيون هن طرح دعائون ڪرڻ لڳنديون: ورَ سهاڳڻ، سياڳي سدوري، پٽن ماءُ، شال چوٽي تڏي هوَنئي! ست پٽيتي، راڄ راڻي، گهر ڌڻاڻي. پنهنجا ڇٽي پاڻ نپائيندينءَ! الله ڪندو تہ سدا سهاڳڻ هوندينءَ! ائين چونديون مٺائي سندس اڳيان رکنديون جنهن ۾ مصري، پتاشا، حلوو، ڳڙ، مستي، ڏونگهيون وغيره هوندو آهي، سا سندس اڳيان پنهنجيءَ پهچ سارو سير اڌ سير رکنديون ويندويون. ڪي ڪنوار تي مارڪي ۾ رڳو لياري پوتي يا ڪيسريو وجهن باقي ڪپڙا، گهروارا پوءِ اوڍائي ڇڏينس. ڪپڙن ۾ گڏوچڙ رنگن جا ڪپڙا، گلابي، ڳاڙها ۽ لياري بہ هوندا آهن ۽ مٿان گهورون گهوري ڳائڻين کي ڏينديون وينديون آهن.

ڪنوار کي مليل مٺائي تنهن سان گڏ ڦوٽا، ڏونگهيون، باداميون، مصري وغيره گڏي پوءِ سڄي راڄ ۾ ورهائين.

کهُنبن ڍڪڻ کان پوءِ، ڪنهن بہ اڪي انگ واري تاريخ جي رات جو، مائٽاڻي دائي [ڳوٺ/راڄ جي دائي] چار - پنج سير ڪير وٺي ڪنوار جي گهر ايندي پاڙيواريون ۽ پنهنجون اچي گڏ ٿينديون. فلاڻي ڪنوار کي ڪير جو سوڻ ٿيون ڪريون. پوءِ اها ڪير جي چونئري [ٿانوَ] پهرين ڪنوار جي هنج ۾ هيٺن جٽي رکنديون تہ الله پنهنجا ڪير پٽ ڏيس، وڏي ڀاڳ واري وڏي وڳر واري ٿئي شال! پوءِ ڪير سان ڪنڊ ملائي، وٽڙي ڀري ڪيس پيارينديون، ان کان پوءِ سندس گهوٽ، سس ۽ ٻيون زالون ڪير جون وٽيون پيئنديون ڪنوار پهريون سهانجو [ويمر] اباڻن ۾ ڪندي آهي. هن جي ماءُ ۽ ڀينرون ڪير پي گهورَ ڏينديون، ۽ پوءِ سڄي راڄ ۾، سينڌ سٽاٽ ۾، اهو ڪير ورهائبو ۽ گهورَ چار آنا، اٺ آنا يا روپيو بلڪ ان کان بہ مٿي ملندي[1]. اها سموري گهور، ويمر ڪرائيندڙ دائي ڪٽندي ۽ سندس ٿيندي، ڪير بہ پڻ پنهنجن پئسن سان آڻيندي.

ڪير جهوليءَ ۾ رکڻ وقت بہ آس پَنيءَ جو ڳيچ ڳائينديون آهن.

[1] هاڻ گهور ۾ وڏيڪ رپيا ڏيڻ جو رواج آهي. (ليکڪ)

ڇٺي ڪرڻ جي ريت[1]:

نندي هوندي جو نينهن ڇنا تہ ڇوري ٿيان!

ڇٺي جي نہ ڪبي، تہ ”بيبي ڇٺي“ ڪاوڙجي پوندي. جنهن گهر ۾ ٻار ڄمندو آهي تہ ڇهين ڏينهن اتي اچي حاضر ٿيندي آهي. اڄڻ سان ٻار جو جيئڻ ڪان وني مرڻ تائين سمورو احوال نصيب ۾ لکي ويندي آهي. تنهنڪري ڇٺيءَ جي رسم پٽ لاءِ ڄمڻ کان ستينءَ رات ۽ ڌيءَ جي ڇهين رات ڪبي آهي.

1. ڇٺيءَ رات ملهائڻ:

ويائل زال کي سوا ربيو پير هيٺان رکي وهنجاري، ڪُهنبو وگو ڍڪائين، ڪير جو سوڻ ٻار جي ڳلن، نراڙ ۽ ڪاڌيءَ تي ڪن. ڇٺيءَ رات منني ماني گهڙي، اُن جا چار چوٿا ڪن، هر هڪ چوٿو ٻار تان تي لڳا گهوري، ڇٺي ڏسن تي اڇلي ڇڏين.

هڪڙي کٽ تي ويائل زال ۽ ٻار کي سُمهاربو آهي ان کٽ جي چوڌاري پاڳن سان لڳ، هڪ هڪ ٻاجهر يا جوئر جو ڪانو ڪڙو ڪري ٻڌي ڇڏبو آهي. ان ڪانن جي پر ۾ هڪ هڪ ڇوڪر هٿ وجهي جهلي ويهندو آهي. پوءِ کٽ جي چوڌاري ڇٺي ڪانن کي سُت جا سڳا زالون ويڙهينديون. جيستائين ست تندا پورا ٿين. سوڻ پورو ٿيو تہ ڇوڪر ڪانن مان هٿ ڪيندا. صبح جو اهي ۽ ست ويہ ڪرائيندڙ دائي پنهنجي گهر کڻي ويندي. هن جو مقصد هوندو آهي، ڇوڪر ۽ سندس ماءُ کي بيبي ڇٺي حفاظت ۾ رکي.

کٽي ڪانن ۾ ست ويڙهڻ بجاءِ ”آيت الڪرسي“ جو ڪوٽ چاڙهيو ويندو آهي. اها پڙهي ٻار مٿان دم ڪرائي ويندي آهي. اُهي اکر هي آهن.

آيت ڪرسي، ڪيُ ڪمان، لوهہ جي ڪنجي رُڪ جو ڪوٽ.

يا علي! يا علي! تنهنجي اوٽ، تنهنجو ڪوٽ.

ڇٺيءَ رات، ٻہ ڪوريون ٽيبون نڪر جون تن ۾ ڪير ۽ ٿامي جو پئسو وجهي، ٻار جي سيرانديءَ کان کٽ يا منجيءَ هيٺان رکي ڇڏين. ڇٺيءَ رات، ٻار جي رلڪي کي ست سيون هٽي کٽي جي لوڏ ٻڌي ان ۾ رلڪو وجائي، ٻار سمهارين. ٻار جو مائٽ، گز ڪمان کٽي لوڏ مٿان ڇٽين. پوءِ موڪايا ويل ڏين.

ڇٺيءَ رات، قرآن، مس ۽ ڪاغذ ٻار جي سيرانديءَ کان رکن. ٻار کي ڳڇيءَ ۾ سون، هٿ ۾ سوني منڊي پائين. ڇٺيءَ رات منو پت رڌين. ڀاٽ پري بيبي

---

[1] ساڳئي متن وارو مضمون پر ۾ چاهي عنوان سان رسالي مهراڻ 3 – 1967ع ۾ شايع ٿيل آهي. (ادارو)

ڇنيءَ ڪاڻ ٻار جي سيرانديءَ کان رکن، صبوح جو ان پٽ تي ٻيبي ڇنيءَ کي ختمو ڏيارين. ڇنيءَ رات، ويم ڪرائيندڙ دائي، ويائل زال جون ڏهـ ٽي آڱريون کير مان ٻوڙائي، ٻهرين الهندي طرف، ٻوءِ اُتر، تنهن کان پوءِ ايرندي آخر ڏکڻ، ان کان پوءِ آسمان ڏانهن ۽ زمين تي کير جا ڇنڊا هڻائي. اهي ڇنڊا تي ڀيرا هڻايا ويندا آهن. ڇنيءَ گذرڻ کان اڳ، ڪنهن ماڻهوءَ کي گهر مان جاڳتو يعني ٻريل ٽانڊو ڪڍڻ ڪونہ ڏين. نڪي اولاڻيون [اُماڙيون] پاٿيءَ سان اُجهائين. چون تہ ائين ڪبو تہ ٻار کي ڦوڦيندا ٿي پوندا. ڇنيءَ رات ڪاري سٽ جا ڌاڳا ٻاروٽا ٻار جي ٻانهن ۽ ٽنگن ۾ ٻڌن. ٻار کي ان ۾ توري اهو اَن خيرات ڪن. ڇنيءَ رات ڪنهن پڙهيل يا بزرگ شخص جي ڦيٽي ٻار جي تارونءَ کي مڪائين. ڇنيءَ رات، ٻار کي هنج ۾ ڪٺي سڄي رات گهوڙيءَ جو لغام ڇڻڪائين.

ڇنيءَ جو سڏ دائي سيالن [سيڻ] توڙي برادر کي ڏيندي آهي. سيئي گڏ ٿي ڇنيءَ جا ڳيچ ڳائين ۽ مٺيان سنوڻ سات ڪن. منو پٽ رڏي آيلن کي بہ ڪارائين ۽ ٽانءُ گهر گهر بہ ڏياري موڪلينِ. اتان جيڪا گهور ملندي سان دائي ڪٺندي آهي.

2. **عقيقو ڪرڻ:**

عقيقي جو سڏ پنهنجن توڙي پاڙيوارن کي موڪليو ويندو آهي. ڪوبہ حلال جانور ذبح ڪري گوشت ۾ پٽ رڏي اتي ئي ويهي ڪائين، چون تہ عقيقي جي پٽ مان جانور بہ ڪو پڪي يا جانور نہ ڇڳي، تنهنڪري باقي بچيل هڏا جانور، ذبح ڪيل جانور جي کل، رت بہ وڏي کڏ کوٽي پوري ڇڏين. عقيقو، جنهن ڏينهن ٻار ڄمي ان کان هڪ ڏينهن اڳ يا پوئتي انهيءَ هفتي ۾ ڪندا آهن.

3. **جهنڊ يا جاد:**

عام عقيدو آهي تہ، جهنڊ نہ لهرائبي تہ ٻار کي بيماري ٿيندي. جهنڊ ضرور ڪنهن اولياءَ تي لهرائجي، جنهن وليءَ تي جهنڊ باسيل هجي تہ اتي ڏجي. ماڻهن جهنڊ سان گڏ جاد يا چوٽي بہ باسندا آهن. يعني سڄو مٿو ڪوڙائي يا ڪترائي توري چڳ وارن جي ڇڏيندا آهن. اها جاد وڏو ڪاڄ ڪري پير تي باسيل باس پري خير خيراتون ڪري لهرائي ويندي آهي. ان تي شادمان ڪيا ويندا آهن. جهنڊ، الهندي ڏي منهن ڪري لهرائين. ڪي ماڻهو ٻار جي ڄمڻ شرط جهنڊ لهرائين ۽ پوءِ ٿڃ ڏيارين، چون جهنڊ جا وار پليت ۽ ٿڃ پاڪ آهي. ڪي ٻارهين مهيني جهنڊ ڪترائين، ڪي وري ڏندن اچڻ کان پوءِ.

جهنڊ، مٽي جي پهرين وارن کي ٿو چئجي. جي وارَ ٻار جي منبر مان نڪرڻ سان مٽي تي اُسريل هوندا آهن. انهن کي پليت شمار ڪندا آهن.

بلوچ قبيلا، اگاري ڏينهن جهنڊ لهرائين ۽ سماٽ قبيلا، اربع ڏينهن جهنڊ لهرائين.

جهنڊ لاءِ پڻ شاديءَ وانگر پري پري جي عزيزن قريبن کي ڪوٺ موڪلبي آهي. جنهن اولياءَ تي، جهنڊ باسيل هوندي آهي اتي ڄڄ وني وجي ڏاڍا گوشت ۾ پت رڌي، جهنڊ لهرائين. ڄڄ سڄي واٽ ڪڪي جي آسن اميدن جا ڳيچ ڳائيندي هلندي آهي. درگاهه جي پڙَ ۾ پهچي، مجاور کان جهنڊ لهرائي، ڳاڙهي هلواڻ جي ڪپڙي ۾ اُهي وارَ ۽ انهن سان چاندي يا پنج پئسا گڏي، ڳوٿري سبي اتي بينل ڪنهن وڻ جي ٽاريءَ ۾ ٻڌي ڇڏين. جهنڊ لهڻ کان پوءِ ڳائڻ ۽ ناچ ڪري پوءِ پت کائين ۽ گهورون ڏين.

جهنڊ لهرائڻ جي ڏينهن ماءُ، پيءُ ۽ حجام يا مجاور کي روزو رکائين. جهنڊ لهڻ تائين ڪوبہ اتي حقو بيڙي بہ ڪونہ ڇڪيندو. جهنڊولي جو چولو حجام کي ڏيندا . ڪي جهنڊ لهڻ وقت ڦلا ورهائين، ٻار تان ڪوڏيون گهوري اڇلين، ڪي ڪُٽي ورهائين. ڪُٽي، ڪٽڪ ڏري ان ۾ مناڻ وجهي، گيهہ ۾ پُجن جا لپَٽي تي پوي، اها کائين، ورهائين. ماءُ - پيءُ ان مان ڪون کائين، چون تہ جي ماءُ پيءُ ان مان کاڌو، تہ ٻار گونگو ٿي پوندو.

جهنڊ واري ٻار کي اڪيلو ڪونہ ڇڏين. جهنڊ لهرائڻ ۾ ڏينهن هوندا تہ جهنڊولي جي وارن ۾ ميڻ يا ڪئنچي اٽڪائي ڇڏين. وارن مان جُوئن بہ ڪونہ ڪڍن، جي ڪڍن تہ مارين ڪونہ اُڇلي ڇڏين.

وڌاٽو:

جن گهرن ۾ جهٽ جهٽ ڪو خوشيءَ جو موقعو پيدا نہ ٿيندو آهي، تہ اهي ٻار جو وڌاٽي [سرورَ] جي خوشي ڪرائيندا آهن، جنهن ۾ پلاءُ [برياني] رڌي ماٺهو سڏي انهن کي کارائي گهور گهاٻار ونندا آهن.

واڌٽو آهي ٻار وڏي ٿيڻ جي خوشي، جڏهن ٻار ٻانبڙا پائڻ ڇڏيندو آهي، تڏهن گهروارا ان کي چوندا آهن تہ ”اُٿي وڏو ٿيءُ“ ٻار پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، اتي بيهندو پر توازن قائم رکي نہ سگهندو ۽ ڪري پوندو. آخر ايئن ڪندي ڪندي اٿي بيهندو، پوءِ پير ڪٽندو تان جو هلڻ لڳندو. جنهن ڏينهن ٻار قد قد ڪري هليو تہ مائٽ خوش ٿيندا، ڪوڏاٽا ڏيندا، چوندا:

پيِن پنڌڙو ڪري؛ وڏو پريو ٿئي، ماڻس ربڙي رڏي. ماءُ کي ڪمائي ڪاراءِ وغيره.

پنڌ واري ڏينهن تي مڱڻهار گهرائي بار جي واڌ ڪاٺڻ ۽ هلڻ جو وڌاڻو وڄارائين، مٿن مائٽن کي سڏين. گهٽو ڪري ڪٽڪ يا ٻاجهر جا ڳڙ ۾ منا ڪوهر رڏي ورهائين. هاڻ ته چٺا به رڏي ورهائين ٿا. پوءِ جيڪا گهور ملندي سا مڱڻهار کي ڏيئي ڇڏيندا آهن.

طهر / سنت / ختني جي ريت

طهر معنيٰ پاڪائي، هن ۾ پيشاب جي نليءَ جو غير ضروري چمڙو ڪپيو ويندو آهي. طهر جو رواج حضرت ابراهيم عليه السلام جي ڏينهن ۾ پيو. چا هو ته جنگ ۾ سسي لهڻ کان پوءِ ڪافرن ۽ مسلمانن جا ڌڙ سڃاڻي ڪين سگهبا هئا. تنهنڪري طهر ويهارڻ جو مسلمانن کي حڪم ٿيو ته جيئن اهي پنهنجن مجاهدن جا ڌڙَ هٿ ڪري پوري سگهندا هئا. اسان جي نبيءَ سڳوري محمد ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن پڻ انهيءَ رواج کي قائم رکايو. تنهنڪري طهر کي سنت ابراهيمي يا خالي سنت پڻ سڏين. ختني جي معنيٰ چمڙو ڪپڻ آهي.

طهر ڇوڪر جي ڄمڻ جي ڇنيءَ گذرڻ کان پوءِ، ويندي بالغ ٿيڻ تائين ڪرائي سگهبو آهي. جيستائين ڇوڪرو طهر نه ويهندو تيستائين شادي نه ڪرائيندا آهن. طهر جا ڏينهن ٻڌبا آهن.

طهر جي ڪانڌ [ڪوٺ] سيني مٿن مائٽن توڙي سيالن ۽ اوري پري وارن کي ڏني ويندي آهي. چاچي اچي گڏ ٿيندا. ٻُڪي پوندي آهي. ڪٿي ٻن ڏينهن تائين در تي دس پيو وڄندو آهي، ڪٿي ست راتيون ڳيچ پيا ڳائبا آهن. مقرر رات جو گهوٽ کي هٿن پيرن کي ميندي لائينديون ڳانو ساڄي هٿ ۾ ٻڌنديون ۽ سڄي رات آس پنيءَ ۽ طهر جا ڳيچ زالون ڳائينديون آهن. صبح جو ڏِڪ ٿيندي.

ڏڪ:

گهوٽ کي ڇني ۾ ويهاريندا. زالون ڳيچ ڳائي ڪپڙا ڪٽي اينديون. پوءِ طهر ويهاريندڙ حجام گهوٽ کي وهنجاري نئين سٿڻ، پهراڻ، پٽڪو يا ٽوپي وجهي اُن جي مٿان ٻتَ يعني کهنبي پوتي ۽ پرت پريل بوڇٽي گڏي، مٿي تان وجهندو. تنهن جي مٿان موڙ ٻڌندو. پوءِ گهور اڳاڙيندو. ڳانو، موڙن جي گهور ٿالهيءَ ۾ وجهندا، جنهن ۾ چانور ۽ ڪپڙا ڪجي آيا هوندا. چانور ۽ گهور ڪٽندو پاڻ ۽ گهوٽ جا لٽل پراڻا ڪپڙا به ڪٽندو. پوءِ نڪرندي سرگس. چاچي ۽ دهلاري ڳائيندا ڪافيون چوندا، ناچ نچندا سڄي ڳوٺ کي ڦري ايندا گهر. گهوٽ گهوڙي

يا اڻ سنجيل تي چڙهيل هوندو. ساڻس اهنيار بہ هوندو. جنهن سان تعديون پيا ڪندا. گهر پهتو تہ سنڻ لاهي اچي يا ڳاڙهي هلڪي ڪپڙي جي گوڏ ٻڌائيندس ۽ نڪر جي ڪوندي پاٽ يا ٽامي جي ٿالهہ تي ويهاري پوءِ طهرائيندس.

طهر:

حجام ڇوڪر کي پاٽ تي ويهاري، تکي پاڪي چمٽو ۽ ڳني ڪاٺ جي، اندرين ماس کي آڏي ڏيئي چمٽي، غير ضروري چمڙي جي پڇاڙي ۾ وجهي، چمڙيءَ کي اڳيرو ڇڪي، پاڪيءَ سان ڇهڪ ڏيندو. بروقت رت تي ڳائي ڇيٽي جي قلهيار (ڇار) وجهي ڇڏيندو. مبارڪن جو هل پئجي ويندو ۽ اُن وقت گهور وري طهر ٿيڻ جي پوندي. طهر ويهارڻ مهل جيڏي مهل ڪونديءَ تي ڇوڪرو ويهندو تہ مائٽ سوا روپيو پير هيٺان رکندس. پيءُ يا ٻيو عزيز ڪيس جهوليءَ ۾ جهلي ويهندو. ڪي ڪي ڇوڪر، حجام کي چمات بہ هڻندا آهن، جنهن تي حجام ڪاوڙجي اُٿي ويندو، پوءِ پاڙهي پرچي ويندو. جنهن جي عيوض مينهن يا ڍڳي حجام کي ملندي. اهو وڏن ماڻهن جو رواج آهي. ڇهڪ ڏيڻ کان اڳ ڇوڪر کي شربت پياريو ويندو آهي ۽ مصريءَ جو ڳنڍيو وات ۾ وجهندس. حجام چوندو تہ "مٽي سوني جهرڪي تہ ڏس" هو نهاريندو تہ طهر ٿي ويندو، پوءِ طهريل کي گوڏن وٽان اوڪڙو ڪٽي گهر ايندا آهن.

گهر اندر ريت:

طهر ٿيڻ جي مهل تي نينگر جي ماءُ [ويجهي مائٽياڻي] جنڊ يا قرآن مٽي تي رکي ڪونديءَ ۾ پاڻي وجهي، ان پاڻي ۾ پير وجهي ويهندي آهي، الله تعاليٰ کان خير جون دعائون گهرندي آهي. طهر جي ٻاهران مبارڪ ٻڌڻ تي جنڊ يا قرآن لاهي رکي هڪبئي تي پاڻيءَ جا گهڙا اوتيندون آهن ۽ مبارڪن جو هل پئجي ويندو ۽ ويجهي سڱ واريون مائٽياڻيون ۽ مگڻهاريون ڳائڻ ناچ کي لڳي ويندون آهن. ڇوڪر کي سني هنڌ تي ٻنهي پاسن کان طول وهاڻا ڏئي سئين ڪرنگهي سمهارين [يعني سڌو ڪري سمهارين] سندس ڪاڏو خاص هوندو آهي. ٽن ڏينهن کان پوءِ اٿي هلندو آهي. انهيءَ وچ ۾ حجام، روزانہ سندس خبر پيو وٺندو، ٻورو ۽ دوائون ڏيندو ويندو. اٽڻ تي جنڊيءَ جو چمٽو بہ ڦاڪي ڏڪر وانگر ڳني هوندي سا هٿ ۾ ڪٽندو ۽ اها راڻَ تي هٽي وڃائيندو وتندو. تان جو ڦٽ ڇٽڻ کان پوءِ مٽي تي صحتياب ٿيڻ [ڇگي ٿيڻ] جو پاڻي وجهندو ۽ پوءِ وڃي ڪم ڪار کي لڳندو.

باب ٽيون

لوڪ ناچ وارا گيت

”قدرت جو خلقيل هر ساهه وارو ”جيو“ جڏهن خوش ٿئي ٿو ته موج ۾ اچي ”ڪوڏ“ ڪري ٿو. پکي ڪنپ ڪنديري ناچ ڪن ٿا جيئن مور ڪوئل وغيره آهن. منيون ٻوليون ٻولين ٿا. هرڻ ڪوڏ ۾ اچي نچن ۽ ٽپن ٿا. هر ساهه واري وانگر دنيا جي هر ڪنڊ ۾ وسندڙ ۽ تمام ٻوليون ڳائيندڙ انسان، قومون ۽ ذاتيون پنهنجا الڳ الڳ قومي ۽ عوامي ڳيچ ۽ رقص رکن ٿيون. جيڪي سندن وڏن خوشيءَ واري لمحن ۾ جوڙيا، جن کي سندن هر لائق پيڙهي، اباڻي ميراث طور سانديو، سنياريو ۽ سنواريو، اڳتي نئين پيڙهيءَ تائين پهچايو. ان ريت سنڌ ۾ به هزارين عوامي ڳيچ ۽ سوين عوامي رقص ۽ سانگ آهن، جيڪي اسان سنڌ واسين جي اباڻي موڙي ۽ عوامي ميراث آهن.“[1]

ننڍي کنڊ جو هڪ مشهور پهاڪو آهي ته: ”سارو هندستان، گهر گهر ڍولڪ، گهر گهر تان.“ هر ڪنهن ٻڌو ۽ سئو هوندو، پر جڏهن کان پاڪستان ان کان ڇڄي ڌار ٿيو ته اها ميراث ونس به موجود رهي آهي.

قدرت طرفان ڪن قومن جي رت ۾ رقص شامل هوندو آهي. هنن کي خون جو دؤرو اهڙو ميسر ٿيل آهي، جنهن جي ڦڙي ڦڙي ۾ لرزش، لچڪ ۽ پنبي فطرتي هوندي آهي. ڪن چند عورتن کان سواءِ زال ذات ناچ کي بيحد پسند ڪندي آهي، خود پاڻ به نچندي آهي ته ٻين کي پڻ نچڻ جي ترغيب ڏيندي آهي. سنڌ اهڙو ڪو خوشيءَ جو موقعو ورلي هوندو، جتي ڳائڻا ۽ ناچو نه اچي حاضر ٿيندا هجن.

نچندڙ ماڻهن جي رت جي جزن جو جڏهن ڊاڪٽرن تجزيه ڪيو ته ڪين ڏسي عجب لڳو ته: هنن جي خون جا سفيد ۽ ڳاڙها ذرڙا، ٻين عام ماڻهن جي رت کان بلڪل گهٽا، مضبوط ۽ طاقتور، تکڙا تکڙا چرندڙ ڦرندڙ هئا، هنن تي بيماريءَ جي جيوڙن جو گهٽ اثر ٿيندڙ هو، هنن کي ڪا مونجهه فڪر يا ڳڻتي وڪوڙي نٿي سگهي، ڇو ته هنن جي حياتي ناچ سان ۽ خوشيءَ سان

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

وابستہ هئي ۽ خود ئي ناچ جو مجسمو هئا. مطلب تہ سنڌن رڳ رڳ ۾ ناچ سمايل هو. ڪلڻ، ڳائڻ ۽ نچڻ هڪ خوش گذارڻ واري زندگيءَ جو سهڻو طريقو آهي. ڳائڻو يا ڳائڻي، پنهنجي سريلي آواز سان گڏ جڏهن نچڻ بہ شروع ڪندي آهي تہ اصل سون تي سهاڳي جو ڪم ٿي ويندو آهي: سڀڪنهن جي نظرن جو مرڪز بنجي ويندي آهي. ماڻهو واه ږاه ڪرڻ، مرحبا، ۽، شاباس وغيره جي ڌم مچائي ڏيندا آهن ۽ هن جي ڪسب ڪمال جي دل کولي داد ڏيندا آهن ۽ فرحت محسوس ڪري نرت وجهندڙ تي انعامن جي پڻ ورڪا ڪندا آهن.

سنڌو ماتريءَ مان جي عين وچ مان سنڌو درياءَ ڪنهن البيلي نار جان ږولاٽتي لوڏ لڏندو، وروڪڙ کائيندو هلندو ۽ وهندو رهي ٿو. سنڌ درياءَ جي آب ڪوثر تي ئي هن وادي مهراڻ جي شادابي ۽ زندگيءَ جو انحصار آهي. سنڌونديءَ جون لهرون سندس مضبوط ۽ نرم ڪنارن سان ٽڪر کائي ترنم ۽ سازن جو آواز پيدا ڪن ٿيون، اهي زنده دل انسانن جي نس نس ۽ لونءَ لونءَ ۾ اُڌما ۽ امنگ اوياريں ٿيون. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن نديءَ جي آب زمزم جهڙي پاڻيءَ جا پياڪ ڳائين وجائين يا نچن، ٽپن ۽ ڪُڏن ٿا. بس اهائي سنڌن زندگيءَ جي زنده دليءَ جي زيب زينت آهي.

سدا سهاڳڻ سنڌ! جيئي وسي سنڌ! جا راڳن، ناچن، سازن سرودن ۽ پريمي داستانن جو گهوارو رهي آهي. هتي سوز ساز وارا افسانا، درد جي درمان وارا دفتر، خوشي ۽ رنج جي امتزاج جا عُشاق، حسن ۽ حيرت جا رنگين ۽ رومانوي قصا ۽ ڪهاڻيون سنڌ ملڪ جا خصوصي داستان آهن. جڏهن هن جي سرسبز ميدانن ۾ چوڏهين رات ٻتاب سان ماهتاب اُڀري، نور جي ضيا پاشيءَ سان هن ديس جي ريشم نما ارض مقدس تي ڪري ٿو اُهي ڪرڻا، پاري جي قطرن وانگي بيقرار ٿي زمين جي چپي چپي جي بوسہ و ڪناري ڪن ٿا، پري پري تائين پکڙجي چانديءَ جي چادر ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين وچائين ٿا، پوءِ هن قدرتي سازن جي منڙن مزيدار سرن وارن آوازن گيتن کان مخمور ۽ مست ٿي، سچين ۽ سادين دلين ۾، هرين پرين هينئن ۾ اوچتا اُڌما ۽ اثر اُڀجن ٿا، هر جاندار جنس جا جسم لرزش ۽ حرڪت ۾ اچي ناچ جو پيشواز پهري اچيو اڳيان الهن.

عوامي ناچن مان مراد اهي ناچ آهن، جيڪي وقت بوقت خوشيءَ جي پرين ۽ موقعن تي يعني وهانئن، وڏاڻن، منهن مُارڪن ۾ عام جام ڪيا ۽ ڏنا وڃن ٿا. هر ناچ جو ڍنگ ۽ ڍار، ڌار ڌار آهي، اُن جو ٻول ۽ سر، لئي ۽ تار پڻ الڳ الڳ آهي. اهڙا ڪيترائي ناچ آهن، مگر انهن مان مشهور هت ڏجن ٿا:

(الف) ڏانڊيا ڏؤنڪا ناچ:

شادين تـوڙي طهرن جـي موقعـن تـي وندرڪـاڻ مـاڻهو ڏؤنڪـا نـاچ بـ ڪرائيندا هئا. هن ناچ جي پڻ ماڻهن کي ڪوٺ ڏني ويندي هئي، جيڪي ڄاڻو هوندا هئا، سي ۽ ڏسڻ وارا اچي رات جو گڏ ٿيندا هئا. رات جو هڪڙي ڪليل ميدان تي نڪون ۽ ٽڏا پکيڙي ۽ دلو پاڻيءَ جو ۽ چلَ رکندا. ماني ٽڪي ڪائي ڪارائي سيئي ماڻهو اتي ايندا، پوءِ مگڻهار يا منجهائن هڪڙو همراهـ دهل ڪٽي وچ تي ويهي ڍريڙي ڍريڙي "ڏانديا وڄت" ڪندو. جنهن جون هي پنج ماترائون آهن.

ڍينجـان - ڍينجـان - ڏينچـڪ - تينچـڪ - ڍيـن .... وڄـت پئـي ٿيندي، ناچ جا شوقين هٿن ۾ فوٽ - ڏيڍ جون ڍگهيـون ڪـانيون جنڊي چڙهيـل پاليسيون وڙئنڻ وغيره جون، جن کي ڏانديا يا ڏؤنڪا ڪوٺين، ڪٽي دهلاريءَ جي چوڌاري گهيري ۾ صف ٻڌي پير پير سان ملائي نرت وجهندا ۽ ڏانڊيون ڏانڊيي تي تار سان گڏ ٺوڪيندا ڦرندا ايندا.

پهرين صفت سبحان جي شروع ڪندا، جي هيءَ آهي:

اول نانءُ الله جو سو تہ ٻانهان ٻيءَ نہ لڳ، وو..........
لڳ تہ پلي جي آسري، جنهـن پر سارو جڳ، وو.......
گهوريـو گهوريـو وڃـان تنهنجـي نـالي تـان،
صدقـي صدقـي سـڄڻ! تنهنجـي نـانوَ تـان.

اها صفت ڏاڍي جهيل گهيل ۽ دردي آواز سان ڪندا آهن. تنهـن کان پوءِ وڄت تڪي لئي ۾ ٿيندي يعني:

ڏنتڪ - تنتڪ - ڏن تنا - تان - تان ....

انهيءَ تي تڪيرا تڪيرا ڏؤنڪا وڄائيندا ۽ ڪافيون ڪچندا، ڪلي ڪليءَ جي حصي حصي کي وري وري چوندا، تلهـ کي بـ گهٽيون اٿلائيون ڏيندا ۽ لوڙائو سر ۾ هينيون ڪافيون چوندا هئا:

(1) پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو، او، صورت جو سبحان، لا......
(2) واٽ وندر جي وڻ پيا ڏسيندا، چو ٽيون پڇو پنڌ پيرا پيرا......
(3) وهه واهه سڄڻ سائين عيد ڪرايئي، او، نينان خوب نظاري جي، الا.....
(4) ساڏي ويڙهي آيا ڪرين، وو، يار صبوح شام، لا........

تُڪ چئي ماٺ ڪندا وري ڪچندا. ڏانديو وڄندو ايندو، پير پير سان ڪڄندو ايندو، تار ونڻ تي سيئي قري اچي پول پٽ تي رکندا. ٻئي تال تي ڏيدي ڦيري ڏيندا، ٽيون تال اچي ڦهه پٽ تي ڪرندا ۽ اُٿلاٽيءَ تي اُٿي ڪڙا ٽيندا. اها ڏوئڪن راند يا ناچ تيستائين ٽيندو، جيستائين ڪڪڙ دَسَ (دف) هڻندا، پوءِ ٽيندو سيڪو گهر راهي.

(ب) ٻحراٽي تي ڇيڄ ناچ:

درياءَ جي پوڄا هندو، سانوڻيءَ جي موسم ۾ نوان آيل پاڻي جڏهن اوج تي رسندا هئا تہ درياءَ شاهه تي "ناريل جي پيٽا" چاڙهيندا هئا. ان لاءِ ٻحراٽو ڪڍندا هئا. هڪ جنڊيءَ جي منجي نوار سان مڙهيل ان ۾ وڏو ٿامي جو ٿالهہ رکي ان ۾ اتي مان ناهيل ڏيئا گيهہ سان ٻاري رکندا هئا ۽ ناريل، مصري، پتاشا ۽ ٻيون شيون ۽ خوشبويون رکندا هئا، منجهس اگربتيون بہ ٻاري رکندا هئا، ان سڄي ٽڪساٽ کي ٻحراٽو ڪوٺيندا هئا. پوءِ دهلاري ٻحراٽو وڄت جيڪا تکي لئي ۾ ڪلواڙي جهڙي هوندي هئي. سا وڄائيندا ۽ سيئي پنتي گهنگهرين سان جنڊيءَ چڙهيل ڏوئڪا هٿن ۾ ڪٽي، پڙ ڪري ڇيڄ هڻڻ شروع ڪندا هئا ۽ کي جهانج ٻينا وڄائيندا هئا. ناچو ڏانديا ڏاندين تي هٽي ناچ وجهندا هئا. ڏهن - پندرهن منٽن ڪان پوءِ دهلاريءَ جي ٽِڪي ونڻ تي ناچ بند ڪري چوندا هئا: "چئو ۽: لال جا جاتي، جهولي لال" ٻيا ٻيڻل چوندا تہ "جهولي لال" اهڙيءَ طرح ناچ وجهندا. درياءَ شاهه تي يا ڳوٺ ڪان ويجهي وهندڙ واهه تي رات جو اهي مُجراٽي وارو سامان درياءَ داخل ڪري نچندا ٽپندا موٽي اچي پنهنجي ماڳ تي پهچندا هئا.

(ج) دُهَل تي جهمر ناچ يا هنبوچي هڻڻ:

هي ناچ گهوٽ کي لانئن ڏيڻ بعد ٽيندو آهي. دهلاري دُهَل وڄائيندو پوءِ سيئي نديون وڏيون، پوڙهيون پڪيون اتي ئي جهمر ۾ ڪپي ويندئون. هڪڙيون

تـاڙيون وڄائيندين ۽ پيون "شابي شـابي" پيـون چونديون. ڪجهہ وقت مـاٺ ميٺ ۾ ناچ ڪرڻ کان پوءِ هيءَ ناچ جا ٻول ٻوليندين:

تلهہ: راڻا! تو مان راڄ ٽيندا راڻا! راڻل ڙي الهہ آٽيندءِ راڻا!

گهوٽ! تو مان ڳوٺ ٽيندا راڻا! ....

ڪلي: ڌهري گهڙايم سون جي ڙي راڻا! ....

ٻانهين گهڙايم سون جي ڙي راڻا!

نٿ گهڙايم سون جي ڙي راڻا!

(۽ ٻين ڳهن ڳنن.جا نالا)

*

ست مامن جي ڪُلهي ســت چاچن جي ڪُلهي، راڻا راڻا مور ٻلي تو ٽلي گجر جو، سو تہ چاچن جــي ٻلي ســو تہ مامن جي ٻـلي، ڌهري گهڙايم سون جي الهہ لڳ راڻا

راڻا تو مان راڄ ٽيندا راڻا تو مان لک ٽيندا.

اُترڙو تو لڳي، ٻڙي! واسرو تــو لڳي،

اسين ماڻهو لاڙ جا.درياءَ جي پڇاڙجا.

*

تلهہ: هليا ڪاهي اُنن جون قطارون، جن کي ڳاڙهيون ڳلن سان مهارون،

رات رهي ويا سڄ نہ اُياريئون، پرهہ ڦٽيءَ جو منهنجو پنهل نيائون.

*

ڪلي: ڌهري تنهنجي سوا تولو، ملان مارن کي لهي اولو،

تون منهنجي پيڻ، مان تنهنجو ياءُ، پيءُ ٻنهي جو هڪڙو ماٽيجي ماءُ

هليا ڪاهي اُنن جو قطارون ....

(۽ ٻين ڳهڻن جا نالا)

جمالو ناچ:

(د) 1. هي ناچ ڍهل تي يا رڳـو تـاڙين وڄـائڻ سان بہ ڳـايو ويندو آهي. جمـالو، جتن جو هڪ جوان، ڪاوڙجي لاڙ هليو ويو هو. جـَـتَ، زط، جاٽ يا ڄٽ هـڪ قبيلي جو نالو آهي، جا اُٺ لڏي ڏورانهن ڏيهن ۾ واپار سانگي سنڌ مان سامان سڙو ڪٽي وڃي پهچائيندي هئي. جمالو جڏهن ڪاوڙجي نڪتو تہ ان زمـاني ۾

اعلان ڪرڻ ۽ ان کي ڳولي هٿ ڪرڻ لاءِ ماڻهن جمالي جون وصفون ۽ اهڃاڻ ڳايا. جي هيءَ آهن:

ٿلهه: جمالو جتن جو — هو جمالو!
ڪلي: لڙي ويو لاڙ ڏي — هو جمالو!
جنهن کي سوني منڊي چيچ ۾ — هو جمالو!
جنهن کي سائو لڪڻ هٿ ۾ — هو جمالو!
جنهن جون اکيون رب رکيون — هو جمالو!
جنهن جا ڏند دلبند الا — هو جمالو!
جنهن جا پير پنج سير الا — هو جمالو!
مون کي راڻل تہ ريجهائي ڏيو — هو جمالو!
مونکي پنهل تہ پرچائي ڏيو — هو جمالو!

اهو جمالو جڏهن موٽي آيو، تہ هي ٽُڪون بہ شامل ڪيائون:

ڪٿي آيو خير سان — هو جمالو!
لڙي آيو لاڙ کان — هو جمالو![1]

هي ناچ ننڍا وڏا، پوڙها پڪا سڀ ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي ڪن. هي سنڌ ملڪ جو خاص ناچ آهي. هن ۾ جهُڪي جهُڪي هو جمالو، وراڻي ڏبي آهي. نچندڙ بغل نوڪيندو، تاڙيون وڄائيندو، ڦيريون پيو پائيندو آهي، بعضي گهيري ۾ گڏجي ناچ ڪن تہ بعضي الڳ. پر هِڪڙو ماڻهو ڪلي ڪڍندو، بيا سڀ ورندي ۽ اُٿلاڻي ڏيندا ۽ نچندا آهن.

2. ٽَلو ناچ:

هن ۾ بہ جهمر لڳندي آهي. ناچ جا ٻول هيءَ آهن:

ٿلهه: ڊومني آچار ٽِلو! ڊومي آچار،
اُست بدوڪو ڙي ٽلو اُست بدوڪو
ڪلي: لئي لئي لاڙو ڙي ٽلو! لئي لئي لاڙو
اُست بدوڪو ڙي ٽلو! اُست بدوڪو.

---

[1] اصل لفظ "هيج مان هلو" معنيٰ "جذبي سان هلو" آهي. عرب دور ۾ جت ويڙهاڪن ۾ جوڌن لاءِ جوڙيل هيءُ گيت، اصل ۾ هڪ جنگي گيت آهي. جيڪو سوڀ (فتح) کان پوءِ ڳايو ويندو آهي. (نظرثاني ڪندڙ)

(ھ) موائي ناچ:

مغرمان جي وڄت شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ موائي ناچ ٿيندو آهي. هي حبشي/شيدي قبيلي جو مخصوص ناچ آهي. انهن کان سواءِ ٻي ڪنهن کي ڪونہ اچي. ڇا ڪندا جو ٻہ ٽولا هر هڪ ۾ پنجن کان ونٺي ٻارهن تائين ماڻهو تين. هر هڪ جي ڳچيءَ ۾ دهل پيل هوندو. بعضي ڪي بنا دهل ٻہ هوندا. سڌيءَ صف ۾ هڪڙا اتر کان ڏکڻ ڏي منهن ڪري بيهندا ۽ ٻيا انهن کان پنجاھہ قدمن جي مفاصلي تي ڏکڻ طرف کان اتر ڏي منهن ڪري بيهندا. دهلن جي وڄت تي نيپو (ساراھہ) چوندا. هڪڙا نيپو چوندا، تہ ٻيا نيپي جي وراڻي ڏيندا. ٻئي ڌريون نچنديون نچنديون هڪٻئي سان اچي ٽڪري سلامي (مجرو) ڏينديون ۽ وري نچندا نچندا اصلي جاين تي وڃي بيهندا، جيستائين مغرمان سڪي تيار ٿئي، تيستائين موائي ناچ پيو هلندو. ان جي وڄت هيءَ هوندي.

تُمبڪ - تُمبڪ - تمبان - تان تان ....

۽ نيپو هن نموني ڏيندا:

نريرا نچيزا (نور رَءَ نجزا)

نک بوٴ ڪا نايو گوپا (نَڪُبوا أناء الغوغا)

رفو ڪو يا مڙونگو (روٴ فڪم ويا مرحمڪم)

قيامت موتو موتو (قيامت مُوتُوا مُوتوا)

نيپي جي وراڻي ۾ ٻي ڌر چوندي:

يا ويلو، يالا، يالا، پير مجي الدين (يا ولي الله يا ولي الله سيد عبدالقادر جيلاني - پير محي الدين)

(و) مسيندبو ناچ:

مغرمان، دف وانگر هڪ طرفي ڪل چڙهيل تي - ساڍا ٽي فوٽ ڊگهو گُندلي جهڙو هڪڙو ڪاٺ جو ٺهيل ساز آهي. هن کي ڳاڙهي ڪپڙي جي چولي پيل هوندي آهي. سندس مٿي واري وڄائڻ جي ڪل اُٺ يا ڍڳي جي چمڙي مان ڪيندا آهن. هي حبشين جو مخصوص ساز آهي. هن کي سيڪي تاتي، واس ڏوپ ڏيئي، پوءِ ميدان تي آڻي رکندا. وڄت واري جي چوڌاري دهلن وارا حلقو ٻڌي پهلوداري ڪندا. انهن جي پنيان چوگرد گهيري ۾ نچڻ وارا نچندا آهن، مغرمان جي ناچ يا رانڌ ۾ هٿن ۾ مصراعون ٽين جون ٺهيل ڇٽڪيون ۽

ڇچاريون، ڪانين ۽ ڪانهـ جون نهيل تيليون جن ۾اندر پٽريون پيل هونديون ۽ سيئي طرف بند هوندا اٿن. اهي ساز بہ نچڻ ۾ شامل ڪٽندا آهن. ان ڪان سواءِ ڪوڏ [سنڪ] ۽ نفيل [ڦاڙهي جو سڱ] بہ وڄائيندا آهن. وڄت ڏيڍ تال ۽ يڪ تال هوندي آهي. ناچو پنهنجي چوڦير ۽ مغرمان جي چوگرد [ڏرتيءَ جي ڦيري وانگي جا سج ۽ پنهنجي چوگرد ڦري پئي] ڦرندا آهن. هيءَ ٻول هڪڙو ماڻهو چوندو ۽ ٻيا ان جي اتلاٽي يا دهرائڻ سان جواب ڏيندا آهن.

وڄت: تنمبڪ تنمبڪ، تنمبڪ تنمبڪ.

ٻول:

مڪي سي آيا، مڪي سي آيا، ڪرامت گودلي آيا.

مائي مصران باغ بنايا، آج لي لي.

باغن وارو ٻولي ٿو - آدم دم جيئي!

يا مولا يا مولا - آڪينگر!

ماماگو سالب والي! - الا، ماماگو سالب والي!

مسالي يا لا مسالي سليما ماسليپر، الا، هو مسالي،

اي ڪاريگر ماما، توکي الله ڪري آندو!

اي ڇڪ انگا باگي تندي الا لا الـه الا يارسول الله، يا رسول الله! ڪاري مولي!

* * *

ڪندو لڳو نماٽيءَ جي پير

اسين ماڻهو لاڙ جا گو پينو آ ڪير؟

3. واهہ ڙي ڪـُٺا! واهہ ڙي ڪـُٺا! (لوڪ ڳيچ) جا ٻول:

تلهہ: واه ڙي ڪٺا واه، تنهنجو ڏاڍو تماشو!

ڪلي: ڪٺي جا ڏند موچارا، ڪٺي جا ڏند موچارا،

ڏندن مان ڪوڏيون ڪنداسين، راند جا سڪيا ٿينداسين. واه ڙي ڪٺا واه

ڪٺي جون اکيون موچاريون، ڪٺي جون اکيون موچاريون،

اکين مان ڏيا ڪنداسون، ڏسڻ جا سڪيا ٿينداسين. واه ڙي ڪٺا واه

ڪٺي جا ڪنَ موچارا، ڪٺي جا ڪن موچارا،

ڪنن مان وجڻا ڪنداسين، واءَ جا سڪيا ٿينداسين. واه ڙي ڪٺا واه

ڪٺي جا هٿ موچارا، ڪٺي جا هٿ موچارا،

هٿن مان ڏيون ڪنداسين، وڏڻ جا سکيا ٿينداسين. واه ڙي ڪٺا واه
ڪٺي جون ڇنگهون موچاريون، ڪٺي جون ڇنگهون موچاريون.
ڇنگهن مان چونيون ڪنداسين، ڪيڙڻ جا سکيا ٿينداسين. واه ڙي ڪٺا واه
ڪٺي جو پيچ موچارو، ڪٺي جو پيچ موچارو،
پيچ مان لڪڻ ڪنداسين، گهمڻ جا سکيا ٿينداسين. واه ڙي ڪٺا واه
ڪٺي جا بج موچارا، ڪٺي جا بج موچارا،
بجن مان گلر ڪنداسين، سمهڻ جا سکيا ٿينداسين. واه ڙي ڪٺا واه

هڪ نرتڪي/ناٽڪي، مٿين ٻولن تي هٿن جي اشارن سان ۽ چهري جي تاثرن سان لڏندي لمندي ڪُٺي جي تمثيل پيش ڪندو.

* * *

تلهه: آ ها! ڍڳو پير پيران، آ ها! ڍڳو پير پيران!
ڪلي: ڍڳا ڪتي هلي پوڪ، مٿان سانوڻ جي مند،
ڍڳو هَرَ نہ هلي! ڍڳو پير پيران!
آيا ڪُتي جي ڏينهن، مٿان سانوڻ جا مينهن
ڍڳو هر نہ هلي! ڍڳو پير پيران!
اهڙو مـُڪي ٻئمان، ڍڳو ڪاهي ڏنئين ڪوڙو،
ڳِـدئين اُجورو، جنهن جو ملهه ٻہ هزار - ڍڳو پير پيران!

* * *

لوڪ ناچن جا ٻول:

هڪ ڳيچن جا ٻول، جن تي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ناچ پڻ ڪيو ويندو آهي. ڪن ٻولن تي هڪ / ٻہ ماڻهو ناچ ڪندا آهن، ڪن ٻولن تي ماڻهن جو ميڙاڪو رقص ۾ ٻهرو وٺندو آهي. سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن، جهڙوڪ: ٿر ۽ ڪوهستان ۾ اهڙا انيڪ لوڪ ناچ ۽ لوڪ ڳيچ موجود آهن. جهڙو ٿر ۾ لمڪاڻ لو ۽ همرچو آهي[1] .

تلهه: گـَندڻ گـُنديءَ مان رات ڪتو ڪٽي ويو گـَندڻ گـُنديءَ مان . . .
ڪلي: سس ڙي سس، تون تہ ديگڙي جي ڪس،

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

تون تہ تيکي پرين طس - گنڌڻ گنديءَ مان ...
ڏير ڙي ڏير، توتي ڪانين جا ڍير،
توتي مکين جا ميڙ - گنڌڻ گنديءَ مان ...
ڏيراڻي ڙي ڏيراڻي، تون تہ پت رڌين تي پاڻي،
تون تہ توڙ جي ويرياڻي - گنڌڻ گنديءَ مان ...

* * *

ٿلهہ: وٺي پيو تنهنجو چولو وٺي پٺي تنهنجي سڳي، دل منهنجي توسان لڳي.
منهن تو ڇا ڪان مٺيو، تو ہر آهي کهڙي نڳي.
ڪلي: چوڙين چمڪار ڪيو، زلفن تير هنيو، ويتر لالي لبن ڪي لڳي.
منهن تو ڇا ڪان مٺيو تو ہر آهي کهڙي نڳي؟
مٺا ماري ڇڏي، صفا ڳاري ڇڏيئي
ويتر هلندا بيهاري ڇڏيئي - ويني آهين کهڙي مڳي.
منهن تو ڇا ڪان مٺيو، تو ہر آهي کهڙي نڳي.

* * *

ٿلهہ: او رلّيءَ وارا آدمي! رلي ماڻهن جي ويئي:
ڪلي: او جمعدار منهنجي رلي، صوبيدار منهنجي رلي، حوالدار منهنجي رلي،
ڪاري ڏاڳي واري منهنجي رلي، هيڊيءَ پٽيءَ واري منهنجي رلي، اڇي
گڏيءَ واري منهنجي رلي .
رلي وئي درياءَ جي پار، جنهن چاري چوڪيدار، جنهن جا چاري خبردار!
هاءِ مُلن جي پاڙي توکي وجايم رلي!
هاءِ ڪورين جي پاڙي - توکي وجايم رلي!

* * *

ٿلهہ: پلاڙي پَتَ تون!
ڪلي: جيڪو پتُ ڪري تو ٻڙ ٻڙ - سو پي پَت نا.
جيڪو پت ڪري تو ققُ ققُ - سوپي پَت نا.
جيڪو پَت ڪري تو "شُون" - پلاڙي پَت تون! پلاڙي پَت تون!

* * *

تلهہ: ڪٿ وڃائئي رومال راٺا؟ - هو ڪريل اوطاق ۾.

ڪلي: ڌهري تہ تنهنجي ڪين مان پايان، هو هار تي تڪرار - هو ڪريل اوطاق ۾.

* * *

تلهہ: پاٽي نانا! پريندي، پاٽي ماما! پريندي.

ڪلي: انهيءَ هرلي جا چٽ گل سهڻا،

اما ڙي اما! انهيءَ هرلي جو منڙو پاٽي - پاٽي نانا! پريندي....

* * *

تلهہ: آئون جهلي جهلي بينيس خان ڪي - خان متان پوڪين سالم چيٽو!

چيٽو واءُ جو هيٺو، چينو پاٽيءَ جو هيٺو.

ڪلي: چيٽو وڪٽي مون تہ جهالر بہ گهڙائي - چيٽو واءُ جو هيٺو....

(ٻ ٻين زيورن جا نالا)

* * *

تلهہ: نينگر منهنجو ننڍڙو ڙي آءُ پاڻ لوڏيان،

لوڏي لوڏي لس (لسبيلي) وڃان ڙي آءُ پاڻ لوڏيان.

ڪلي: آءُ پيرل لولي ڙي، آءُ حاڪم گولي ڙي،

سون سندو بنرو ڙي آءُ پاڻ لوڏيان.

* * *

تلهہ: هل منهنجا ڳوٺ وڏيرا! مون ڪي عمر بيگ ماري

ڏيانس ڏنب ٻاري.

ڪلي: منهنجي اکين ڏي نهاري، منهنجي نازن ڏي نهاري

ڏيانس ڏنب ٻاري.

* * *

تلهہ: يج بلال ڙي! يج بلال ڙي!

ڪلي: ماٺهو هتي ڪين ڇڏيندءِ،

ايندين ويندين ڪين ڇڏيندءِ،

گهمندي ڦرندي ڪين ڇڏيندءِ - يج بلال ڙي.

* * *

تلهہ: عمر آندي جڏهن مني مارئي - اڄا خطڙو ڪونہ آيو.

ڪلي: "دهري" تنهنجي سر سدا سهڻي،

مون پانيو منهنجو ادل اچڻو - اڄا خطڙو ڪونہ آيو.

(ﺀ بين ڳهن جا نالا)

تلهہ: ڇڏ ڪل! ڇڏ چرچو! ڇڏ نشي جي نيشاني!

هار جيڏيون مونکي هنڌ تي وسريو!

ڪلي: هار خاطر مون "پائر" بہ گهرايا - هار مون ڪي هنڌ تي وسريو!

(ﺀ بين واسطيدارن جا نالا)

* * *

تلهہ: لوٹو مون ڪي واري ڏي، لوٹو مون ڪي واري ڏي - پاڻيﺀ پرڻ جو لوٹو!

ڪلي: دارونﺀ دنگ پياري ڏي، دارونﺀ دنگ پياري ڏي - اهو پاڻي پرڻ جو لوٹو!

* * *

تلهہ: آسا پاسا، پيچ پاسا!

ڪلي: اوجهري ڪري گڙ گڙ، آندا ڪن تا بڙ بڙ،

پر دلُ گهري پتاشا - پيچ پاسا.........

* * *

تلهہ: لاٹون نينگر جو، لاٹون ڇوڪر جو،

منهنجو ڳاڙهي ڏور وارو - لاٹون نينگر جو.

* * *

تلهہ: پلو موري راما! - سجنا ڪيلو،

ڪلي: اِن ڪراچي جائون، تارا گهرالي آئون - آ سجنا ڪيلو!

* * *

اڙي پلا موري راما! تو هيل پنڻ ڇڏيو.

* * *

اڄ ڪالهہ بلي بلي! - اڄ ڪالهہ بلي بلي!

* * *

تڪو وني قيري ڏي، او ، بلال ڙي!

* * *

ٻارن کي ننڊ ٿي اچي - اَهين ڀلائي ڪري گهر هلو!

* * *

ٿلهه: هاءِ هوءِ وڇون ڪاڏي
ڇو تہ ڇوري گهمڻ وئينءَ
الو ڀلو وڇونءَ ڪاڏي
ڇو تہ ڇوري هنڌ تي ستينءَ؟

* * *

هوڪلڙي! هوڪلڙي!
آڏي ڏڪر پاڏي، ڏڪر پاڏي - هو ڪلڙي!

* * *

ڇوريءَ کي آنو ڏي - ڇوري کي ننڊ نہ ٿي اچي.
مون سمر ڪنيو ساڻ - هل ٻچيءَ جا ٻار ڏسو!

* * *

هنيل هنيل ڙي، ڪوهيل ڪوهيل ڙي

* * *

الهہ لک ٿورا هوتن جا، الہ لک ٿورا ڀائرن جا!

* * *

آءُ تون ڀنگ پيوڻ - نشا ٿيندءِ!

* * *

او، ڀلاڙي ڪامڻ ڪُتي، ڪنَ ڇندبيندي اچي!

* * *

ڪڪر ڪائي ويئي، ٻوٽ سجائي ويئي،
واليڏني جي ووٺن مان، ڪکر ڪائي ويئي.

* * *

آيل اما! مئن نہ ڇاٽا نينهن ڪهڙا!

* * *

عليل مست ڪڪڙ! ڪنهن تہ گنوائي؟
وڃي پڇو ڀاڙي مان - ڪا اتي ڪڪڙ آئي

بيو تہ ڪم ڪونہ هوس، لياڪو پائڻ آئي
عليل مست ڪڪڙ!

* * *

ماسي ڙي حليمان! جيءُ مريو وڃان جيءُ
ڳاڙهو هندورو جي، - هندورو ڇيھہ ڇيهان.

* * *

تلھہ: هل ڪڇوري، نين نينا!
ڪلي: پڪوڙو مٺياري وارو، ڪڇوري مهناز واري - نين نينا!
پڪوڙو مسالي وارو، ڪڇوري ڇٽيءَ واري - نين نينا!

* * *

هِندُوڙي گـِدِ بال، يلا مائي هندوڙي.

* * *

اُنان نو آڪرو لڳو، ماٿهو سپ سنڌ کي پڳا.
ڍور وڪٽي، ڍڳا وڪٽي، وڪٽي ڪاٺ ڪلا - اُنان نو ....

* * *

منهنجي نئين رلي ڙي، رلي آپ مسلمان!

* * *

وہ واہ سوڏا، لوڻ سَلوٽا، ڪائي ڏسو لوڻ تَـلوٽا!

* * *

ڪونڙيءَ جا هليلا، ڏاڍِ منا هليلا.
وٺي ڪاءُ هليلا، آني پاءُ هليلا - ڪونڙيءَ جا هليلا.

* * *

آيل ڙي پتونڙي ڪاڏي، مريو وڃي ماندي.
سس وڃئي واءُ ويني واري - مريو وڃي ماندي.

* * *

پتو گڏهہ جوڳين جو، الا ساميڙا، الا جوڳيڙا.

* * *

بيهہ تہ ماما گڏيا هلون، تيشن سوڏا گڏيا هلون.

* * *

تلھ: الا، ڇيڙو ڇڏي ڏي! پڪي ڇيڙو ڇڏي ڏي!
ڪلي: لونگي لاڏل جي لڪ جي ڇيڙي تان قربان - الا ڇيڙو ڇڏي ڏي.

* * *

تلھ: ٻولو ڙي ٻولو ننگر شهر جو.
ڪلي: جنهن جون قيمتي لعلون مور ڙي - ٻولو ڙي ٻولو .....

* * *

مون کي اباڻن موڪلي چنڙي، سا ڪئين پايان هن راڄ ۾،
مون کي اباڻن موڪليو ڪنجرو، سو پائي گهمان هن ديس ۾.

* * *

تلھ: حقو هالاري جو هار، حقو هالاري جو هار.
ڪلي: نڙ گهرايم نصرپور مان، جنهن جي ٽوپيءَ تي جنسار - حقو .....

* * *

ڪمانگر ڇيٽو ڪيئن ڇڙٻو؟
جنهن جي الھ ٻوري ڪندو - ڇيٽو پاڻهي ڇڙٻو.

* * *

دنبو ڇا تو گهري؟ - دنبو لوسڻ تو گهري.

* * *

ھھڙو حرامزادو ٻي وڙو، چغل ڀاڙي مان ڪيو.
نيئي ٻبر سان ٻڌ - ھھڙو حرامزادو ٻي وڙو.

* * *

تلھ: نہ مار منهنجيءَ ڪڪڙ کي حرامزادي تون!
ڪلي: ڪڪڙ منهنجي نيڪ نمازڻ، بي نمازڻ تون.

* * *

ڏيڏري تي ڏار ڪائي، لڪيو ڇپيو ڏار ڪائي! - ٻلو وينو ٻور ڪائي!

* * *

تلھ: جل فقيرو محموداڻي، جل فقيرو.
ڪلي: سانولو فقيرو وڃي سوڙ ۾ سُتو،
اوهان ڳائيندي ڏنو - محموداڻي،...

* * *

الڪان ڪانءُ، بـَدي جو ڪانءُ - الا پلاڙي، بدي جو ڪانءُ!
چيٽا ڪيوين چڙيندي؟ -
چيٽا ايوين چڙيسان يار، چيٽا.
ٽلهہ: ڏوئنرو ڪاءُ مائي! ڏونرو.
ڪلي: هيءَ بہ چوي ڏوئنرو ڪاءُ، هوءَ بہ چوي ڏوئنرو ڪاءُ
ڪانہ چوي ٽي مکڻ ڪاءُ - خان چوي تو بانهين پاءِ!

* * *

ناري جي ميچي - جهينگو!
درياءَ جو پلو - جهينگو!
لوڙ، لوڙ، ليان، ناري جي ميچي - جهينگو!

* * *

هـُش پٽاري گونري، لـُڏي ڪـُڏي گونري.

* * *

نور نور ساندو، ڙي گدڙ مونکي کائي.
اها دهري سونهي گوڙ جي پيو ڳهٽ گهيڙ تي - واهہ ڙي ماما مار گدڙ کي - اهو
نور نور ساندو، ڙي گدڙ مون کي کائي.

* * *

ٽلهہ: جيجان، جمعدار جي جـُتي، ڙي ٻول ميان!
جيجان، جمعدار جو لوڏو، ڙي ٻول ميان!
جيجان، جمعدار جو پاڪر، ڙي ٻول ميان!

* * *

ماڪي مـِـني - پيچ ڪـَڙولو، ماڪي مـِـني - پيچ ڪـَڙولو!

* * *

ماڪي مني ڏاڍي يارو! ماڪي ڪيئن ڇٽندي؟

* * *

ٻار ٻچا پاسي ڪريو - مائي مريڙو پٽي.
ڍور ڍڳا پاسي ڪريو - مائي مريڙو پٽي.
هاري ناري پاسي ڪريو - مائي مريرو پٽي.

* * *

گهـِن گهـِن گهـنا - بوڙيندا.
اديون منهنجو آيو سکر کان، ادي ميڏا آيا سکر کون
گهن گهـِنّ گهنا - بوڙيندو.

* * *

ماما مولينا! ڪڏ ڪُتي پاڙي مان. صوبيدار ڪي تي ڏاڙهي، جمعدار ڪي تي ڦاڙي.
اها ايندن ڪي ڏاڙهي، اها ويندن ڪي ڏاڙهي
ڪتي ڪاهي ڪتي ڪڏ ڪوٺ مان!

* * *

ڪـِل مان ٻڌي پئي آ، ڪـِل مان،
هَل ڪـِل مان، ٻڌي پئي آ ڪـِل مان.

* * *

ٿلهہ: پت بہ پٽرو چاق بہ ناهينا، ڪير وجهيو ويٺي ڪائيان - چاق بہ ناهيان!
ڪلي: نيرانيءَ مونکي پيهون بہ رڌي ڏيو،
ڪنڍ وجهيو ويٺي ڪائيان - چاق بہ ناهيان!

* * *

جهنگراڙ ٻلو، چِـپي ويو، بازار ٻلو - چپي ويو!

* * *

ڪينهوڙو، منهنجي راند جو، ڪينهوڙو، منهنجي ڪيڏڻ جو.
ڪينهوڙو ڏيئي مون 'ويندو' گهڙايو، لڳس ڏيڍ هزار - ڪينهوڙو.....

* * *

ڪينهوڙي وارو ٻچي، ڪينهوڙو ڏي تہ ڪيڏڻ وڃان!

* * *

او، لالڻ وڃونءَ ڪاڏي - چو تہ ڇوري گهمڻ ويئي؟ پت جي پاڙ ۾ هو، الا

* * *

ٿلهہ: ٻاڙهي سائي جهنبي ڏيڪاري
ٽيشن جا بابو! پري وڃاءِ، اها سيٺي پري وڃاءِ.
ڪلي: ٽنڊي مان گاڏي ڇٽي، ميرپور ڏاري،
ميرپور جا بابو! سيٺي وڃاءِ! ٻاڙهي سائي جهنبي ڏيڪارءِ

* * *

ماما جي ڪُتي - ڇوڏو!
ڏاڙهياڙي ڪُتي - ڇوڏو!

* * *

هير مَ پاٽيءَ وجان، ماما ڙي مولينا!
گهڙو گهڙي تي پيجان، ماما ڙي مولينا!

* * *

(ز) سانگ ناچ:

"سانگ ناچ ۾ ٻولن جي حساب سان ننڍيون وکون کڻندي، مُنهن سان تاثر، هٿن سان اشارا، پيرن سان ڊولاٽيون وکون کڻندي نرت/رقص ڪرڻ سان گڏ سانگ (بهروپ) ڌاريو ويندو آهي ۽ تمثيل پيش ڪئي ويندي آهي. اها شيءِ چڻ هڪ نموني جو، عوامي ٻولن تي ناچ وارو ناٽڪ هوندو آهي."[1]

مثال طور: هڪڙو ناچو مُهري مٽي تي رکي ان جي مٿان پاٽيءَ جو پريل گهڙو رکي، گهنگهرن وارو ڏونڪو هٿ ۾ کڻي پيرن ۾ ڇير ٻڌي نچڻ شروع ڪندو ۽ هيءَ ٻول چوندو.

1. سانگ:

پاٽيئڙي تي تي وجان، ڙي منڙا! پاٽيئڙي تي ......
هن کوهر جو کارو پاڻي، منڙي تي تي وجان،
سنجُ ناهي مِني تي - گهڙو گهڙي تي پيجان - ڙي منڙا پاٽيئڙي تي......

* * *

نارو ڪيئن ترندي، ڙي منڙا! ڊورو ڪيئن ترندين؟
هن ڍوري جو تار پاڻي، تار منجهان ترندي، ڙي منڙا! نارو ڪيئن.....
ترندي ترندي نچندي ڙي منڙا! نارو ڪيئن......

* * *

2. سانگ:

هڪڙو ڇوڪر اُٿي چوندو: ماما يا چاچا مونکي پرڻاءِ. جواب ۾ ٻيو چوندو ته زال پوڙهي آهي، وري ڏند ڪينهس - اها بہ ڪار.
ٻول: ماما مڱيو آهيان ڙي چاچا تڱيو آهيان.
سرمي سينگار ڪان ڇٽو آهيان

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

اَبا زال پوڙهي آهي ....
ڏندڻ مساڳ کان ڇتو آهيان - ڙي ماما مگيو آهيان.

* * *

3. سانگ:

پيٽ ۾ ڪپڙا متان ڦُسي وڏو پيَٽُ ناهي اهو ماڻهو اڪيون پوري ليٽي پوندو:

بول: هاءِ ماما ڪي چا ٽي ويو؟ ماما ڪي.....
هڪڙو پچندو چاچا ڪاڏو اٽس؟

جواب:

ديڳ جي دال ڪاڏئين، هيترو سيرو ڪاڏائين،
ڪڪڙ جو ٻوڙ ڪاڏئين، ڪارو مانين جو ڪاڏائين،
هاءِ ماما ڪي چا ٽي ويو؟ ماما ڪي.........

* * *

4. سانگ:

هڪڙي زال گونگي ٿي پيٽ تي ڪپڙن جي ڳنڍ ٻڌي، ڳورهاري ٿيڻ جو سانگ ڪندي، سور ڪائيندي، (ويم جي سورن جي اَهل ڪندي) ۽ پيٽ ڏي اشارا ڪندي، نچندي، ٻيون مايون پهرين مهيني کان وٺي نائين مهيني تائين هن جي ڪلين ۾ نالا ڦيرائيندديون آهن.

ٻول:

الا! گونگـــي ڪيئـــن ڪنـــدي؟
الا! گونگـــي ڪيئـــن ڪنـــدي؟
گونگـــيءَ ڪـــي پهريـــون مهينـــو پيـــٽ،
امـــان! آٽـــي ڏي تـــون ميـــٽ،
الا! گونگي ڪيئن ڪندي!
گونگـــيءَ ڪـــي ٻيـــو مهينـــو پيـــٽ،
ڪـــائي ڪتـــاڻ پئـــي لم ليـــٽ،
الا! گونگي ڪيئن ڪندي!

گونگــيءَ کــي ٽيــون مهينــو پيــٽ،
گهـــري ســـاڳ، آيـــو چيـــٽ،
الا! گونگي ڪيئن ڪندي!
گونگــيءَ کــي چوٿــون مهينــو پيــٽ،
ڏي ٻئـــي آتـــون، جهلـــي پيـــٽ،
الا! گونگي ڪيئن ڪندي!
گونگــيءَ کــي پنجــون مهينــو پيــٽ،
گهـــوٽ نهـــاري تـــو اک ٽيـــٽ،
الا! گونگي ڪيئن ڪندي!
گونگــيءَ کــي ڇهــون مهينــو پيــٽ،
گهـــري ســـون جـــو تـــي ســـيٽ،
الا! گونگي ڪيئن ڪندي!
گونگــيءَ کــي ســتون مهينــو پيــٽ،
پـــري درگاهـــه ڏي ٻئـــي پيـــٽ،
الا! گونگي ڪيئن ڪندي!
گونگــيءَ کــي اٺــون مهينــو پيــٽ،
آيـــو اســـو، آيـــو چيـــٽ،
الا! گونگي ڪيئن ڪندي!
گونگــيءَ کــي نــائون مهينــو پيــٽ،
ســـبي رلڪـــا وينـــي هيـــٺ،
الا! گونگي ڪيئن ڪندي!

(خاص زالاڻو سانگ آهي)

5. سانگ:

ڪا شئي يا سرون ڪٺي ڪري چلهه ناهي ان جي مٿان ٿانءُ رکي، جيئن ڪو ڪاڏو تربو آهي. ان وانگي هتن کي هلائيندين ڪنديون ۽ نچنديون آهن.

ٻول:

تلهه: پلو ڇا ۾ ترينڊي؟ - پلو ٿئيءَ ۾ ترينڊي.

ڪلي: دال، دل جو حال متوءَ پڪانان، پلو ڇا ۾ تريندي - پلو.......
گوشت، دل جو دوست متوءَ پڪانا. پلو ڇا ۾ تريندي - پلو....

* * *

6. سانگ:

هڪڙو ماڻهو ڪپڙي جي ڪُنب ڪي ڳنڍ ڏيئي، ان ۾ مٽ بند ڪري رکي، اهو هٿ ڪڪو ٻڻائيندو ۽ ڪڪي جي تنجڻ، مڪڻ، دُڪي ڪارائڻ جا نمونا نچي نچي ڏيکاريندو.

ٻول:

اوئان، اوئان ڙي، رات ڇائو مورڙو.
تيل جي تـَري تارونءَ تي مکجانس،
سرمي جي سرائي اکين ۾ وجهجانس،
ڳائي مکڻ جو دُکو ڏجانس - اوئان اوئان ڙي رات ڇائو مورڙو.

* * *

7. سانگ:

هڪڙوماڻهو اوکڙو ويهي پٽ ۾ ڪا شئي ڳولڻ لڳندو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ٽپڪيون ڏيندو.

ٻول: سئي وڃايم - اتي نهار ڇوري! اتي نهار!
ڪلي: مائٽ مَنهنجا زوراور، سئي وڃايم - اتي نهار ڇوري! اتي نهار!
پرت پرڻ جي سئي وڃايم، - اتي نهار ڇوري! اتي نهار!
مائٽ مونکي ماريندا، سئي وڃايم - اتي نهار ڇوري! اتي نهار!

* * *

8. سانگ:

هڪڙي زال هٿ ڪي پٽي ٻڌي نچندي ٻہ سور کان دانهون پئي ڪندي.

ٻول:

تلهہ: آيل ڙي منهنجي آڱر ڏکي، حيلو ڪريو تہ منهنجي آڱر ڇٽي.
ڪلي: ڪراچيءَ ويس، حيدرآباد ويس، ڪوٽڙي ويس
دارون ڪونہ لڳي - حيلو ڪريو تہ منهنجي آڱر ڇٽي.

* * *

.9 سانگ:

هڪڙو ماڻهو تيندو گدڙ. ٻن ماڻهن کي ٻڪچيءَ ۾ ٻڪراھ وجهي ڪتو ڪري جهلي ويهندا. پوءِ ڪتن جي ٻچ گدڙ تي ڪندا. ڪتا ڏاڙهيندا ۽ گير ڪندا گدڙ ڏند ڏيڪاريندو ۽ ڪيڪراٽيون ڪندو. پڇاڙيءَ ۾ ڪتا مٿان چڙهي ويندس.

ٻول:

تلھہ: واھ ڙي ماما! مار گدڙ کي، وٺ ڙي ماما! مار گدڙ کي.
گدڙ مئو پيو گس گهيڙ تي - واھ ڙي ماما مار گدڙ کي.

ڪلي: اها دهري سونهي گدڙ جي زال کي - گدڙ مئو پيو گهڻ گهيڙ تي - گدڙ مئو پيو
واھ ڙي ماما! مار گدڙ کي.

* * *

.10 سانگ:

ڪا شئي آڏي رکي ان جي پنيان پوتاڙو يا پٽڪو وٽي رکي بلا ناهنيدا. پوءِ هڪڙو لٺ کڻي ان کي مارڻ جي ڪوشش ڪندو. پڇاڙيءَ جو نڪاءُ ڪرائيندس لٺ.

ٻول:

ڪينگر ۾ ڪوراڙ. ٻڙي ڪينگر ۾ ڪوراڙ!
سا تہ منهنجي ياءَ ماري - ڪينگر ۾ ڪوراڙ!

* * *

.11 سانگ[ڪٻگي هٽڻ]:

هڪڙو ماڻهو ڪچون نوڪيندو. ٻانهون لوڏيندو ۽ نچندو نڙي گنگهي ڪري هي ٻول چوندو پڇاڙي ۾ ڪاڏيءَ کي ابتو هٿ هٽي ٽڙاخ ٽڙاخ. جهڙو آواز ڪڍندو.

هين جهين گوگو ڪنگهڪار ڪري، ايگ بہ ايگو!
اي پلو ماني! اي مائي ملوڪان! اي نارو ڍورو!
ايگ بہ ايگو!

باب چوٿون

ڳيچ

”ڳيچ اصل ۾ اندر جا اُڌما آهن، جيڪي ٻولن جو روپ ڌاري، ماڻهو (عورت/مرد) جي من جي جذبن جي ترجماني ڪن ٿا. انهن ۾ ميڙائي جا ڳيچ، ويحوڙي جا ڳيچ، خوشيءَ جا ڳيچ سڀ اچي وڃن ٿا. سنڌي ڳيچ سنڌ جي عوام جو لوڪ ورثو آهي. جنهن جو سرچشمو، سنڌ جو عوام آهي، جيڪا سنڌ جي هر ساجهه ونڊ سيني ۾ سانديي آهي.

هنن ۾ عوامي خواهشون، امنگ شامل آهن. ”ياٽرن ڀڳهار منجهان پائلي مُڪي آهي“ وغيره. ”سنڌ جا سمورا لوڪ ڳيچ سنڌ جي پورهيت طبقي جي تخليق آهن. جن ڪمهاج ڪندي اهي ٻول چيا. جيڪي امر بڻجي ڳيچ ٿهي ويا ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڳاتا ٿا وڃن.[1] “

زالون گهر جو ڪم ڪار ڪندي، آهستي آهستي ڪجهه جهونگاريندي يون آهن. انهيءَ جهونگارڻ ڪري سندن ڪمن ۾ ڳهٽو اُڪلاءُ ٿيندو آهي. انهيءَ جهونگارڻ کي ”ڳاءُ“ به چون، ڳاءُ مان ڳيو، ڳيت ۽ ڳيچ لفظ جڙيو آهي، ڳيچ جو جمع ڳاچ آهي. انهن ڳيچن کي سنڌ ۾ لاڏا ڳائڻ به ڪونين. هنن جا خاص قسم هي آهن: ڳيچ، سهرو، ساٺ ڳيو، ڪامڻ، هيرو يا ڦوٽاٽو ۽ لوڪ ڳيت.

ڳيچن جي قدامت تمام جهوني آهي. منهنجي خيال ۾ جڏهن حضرت آدم عليه‌السلام ۽ بيبي حوا ۾ ويحوڙو پيو ۽ هو پهريون پيرو وڇڙڻ کان پوءِ پاڻ ۾ مليا هوندا ته ورلاپ ڪري رُنا هوندا. جڏهن روئي رڄ ڪيو هوندائون ته پوءِ هڪبئي کي ساري، سڀ حال احوال ڏنا هوندائون، حال احوال ختم ٿيڻ کان پوءِ منجهن خوشي پيدا ٿي هوندي. انهيءَ خوشيءَ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ، خوشي جا ٻول ٻوليا هوندائون، جي پڪ پڪاٽي ڳيچ ٿي هوندا ۽ نه ڪو بيو نظر.

ان کان پوءِ جڏهن آدم جو اولاد پيدا ٿيو هوندو، وڏيو ۽ ويجهيو هوندو، انهن جون شاديون مراديون ٿيون هونديون، تڏهن به بيبي حوا خوشيءَ جا ٻول يعني ڳيت ڳايا هوندا. ان ڏينهن کان وٺي عورت جي فطرت ٿي ويئي هوندي،

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

تہ هوءَ ٻانڻ ڪي ڳائڻ ۾ رڌل يا مشغول رکي ۽ مختصر شعر، جنهن کي ڳاءُ ٿو چئجي، سو ڳائيندي رهي. ڳيچن ۾ هڪڙا پيراتا. مجرو، لولي، ٻيا سماٽڪا (سنڌي) ۽ ٽيان بروچڪا ڳيچ سراڪي نہ ٿيندا آهن بروچڪا يعني سرائڪي ٻوليءَ ۾ ڳايا ويندا آهن ۽ سنڌ جي هرهڪ ڀاڱي ۾ مٽيان سيئي قسم قيرقار سان زالون دهل تي يا بنا دهل جي ڳائيندون رهنديون آهن.

ڳيچ: ڳيچ جي سٽاءَ تمام سادي ۽ سلوڻي آهي. هن جو مطلب ۽ مضمون رڳو تلهہ (مطلع) ۾ ئي نروار ڪيل هوندو آهي. باقي مصرعن ۾ دل خوش ڪرڻ جون شيون ۽ ڳالهيون رٽيل هونديون آهن. هن ۾ خاص طرح ٻنري يا گهوٽ جي عضون جهڙوڪ: اکيون، ڏند ۽ هٿ بعضي پير ۽ ٻيا سرُ وغيره پڻ ڳائڻ ۾ استعمال ڪن ٿيون. اکين کي انهيءَ ڪري ڀهرين ڳيچن جي مصرعن ۾ آندو اٿن جو نور ڪان سواءِ سڀ ڪوڙ آهي، ڏند، گفتگو ڪرڻ ۾ ۽ چمار جي اندازي لڳائڻ ۾ پرکجن ٿا. ڏاهن جو چوڻ آهي تہ جنهن جا ڏند سفيد موتيءَ جي داڻي جهڙا هوندا سو ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائيندو، جيڪو ڪوڙ نہ ڳالهائيندو اهو بهترين اخلاق جو مالڪ ڪوٺيو ويندو. ان ڪان پوءِ هٿن جو ذڪر ايندو آهي، ڇئني ٻازن جو مدار هٿن تي آهي. چوندا آهن تہ فلاڻو هٿ جو سچو آهي يعني هنرمند پورهيت آهي يا هٿ جو ميرو آهي، يعني چور، ٽوٽي ۽ بيڪار ماڻهو آهي. اهي ئي عضوا جنهن ماڻهوءَ جا سلامت نہ آهن، . اهو اپاهج ۽ بيڪار انسان آهي. ان جي سڀ چمار ڏک ۽ درد جو ڀنڊار آهي. ڳيتن ۾ انهن عضون جي نہ رڳو ساراهہ ڪيل آهي، پر دلي دعا پڻ ڪيل آهي تہ اهي شال سلامت هجن!

ٻئي نمبر ڳيچ جي ڪلين ۾ گهٽو ڪري ڳهٽن ۽ زيورن جا نالا ڪتب آندا ٿا اوجن، جن ۾ ڀهرين نٿ، جنهن کي ويندو. ٻٺسر وغيره نالن سان سڏيو ويندو آهي، ٻي نمبر ۾ ڌهري، جنهن ۾ گهٽو سون ڪتب ايندو آهي ۽ رڳو سون مان ئي نهندي آهي، ٽين نمبر ۾ ٻيا ڪل زيور جن ۾ هس، ڪنمال، ٽائٽ، ٻارڪيون، ڪنگڻ، چوڙا وغيره ايندا آهن.

نٿ، سهاڳ يعني ياڳ جي نشاني آهي. اها ڪنوارئي ڪهڙي جنهن کي نڪ ۾ ويندو نہ واڳيل هجي! ڪهڙو بہ غريب ڪان غريب گهوٽ هوندو، سو بہ نٿ اوس نهرائي آڻيندو. اڻپڙهيلن وٽ نڪاح ڪان وڌيڪ مانُ نٿ جو آهي! جنهن نٿ گهرائي، زال کي وڌي، زال اُن جي ٿي، نہ نڪاح واري جي! عام

چوٽي آهي. ڪي قومون نٿ ڪونہ پائين، جهڙوڪ: سومرا، حجام ۽ سنڌ ۾ اوڏ قوم چانديءَ جي نٿ گهڙائي پاين. بيون قومون سڀ سون جي بڻنسر جوڙائي پارائين. نٿ جي تور وڌ ۾ وڌ سوا تولو ٿئي ٿي، وڏيڪ وزن واري نڪ چني رکندي، ان ڪان پوءِ دهري يا دُريءَ جو بيان اچي ٿو. دهري هڪ ٻن سرين ڪان وني ستن سُرين تائين ٿيندي آهي. هرهڪ سُريءَ ۾ سونا موتي هوندا آهن جي پٽ يا ريشم جي سڳي ۾ پوتل هوندا آهن. سرين جي پڇاڙيءَ ۾ سونو پتلو جڙت جڙيل هوندو آهي، موتين جي وچ ۾ مهرون يا گينيون يا سونيون ڪارڪون هونديون آهن ۽ ڏاڳن جي جوڙ وٽ سونيون ٻہ ڏگنيون هونديون آهن، جن مان سڳو نڪري وڃي ڳچيءَ جي چوڌاري ڦيرائي ٻڌبو آهي. هن ڪي دهري هن ڪري ڪوننيندا هئا، جو پهريائين فقط هڪ سري يعني ايڪلاٽي هئي پوءِ ٻہ سريون منجهس ٿيون ۽ پوءِ وڌي ست سريون ٿيون. جن گهرن جو زالون دهريون ٻڌي راڄن ڪاڄن ۾ وينديون آهن تہ انهن کي سرند ۽ مڃي مانيءَ وارا يا هوند وارا سمجهي ڪاڄيتيون وڏيڪ مان ڏينديون آهن ۽ انهن گهرن سان مائٽي ڳنڍڻ لاءِ زالون آتايون ٿينديون آهن. ٻيا زيور ٻہ قيمتي ۽ سهڻا هٿن پيرن ۽ ڳچيءَ ۾ پائڻ جا هوندا آهن، پر هنن ٻن زيورن ڪان متي ۽ گهٽو ڪين ڪونہ ساراهين ۽ انهن کي غير ضروري سمجهن. زيور، جيڪي ڳچي ۽ ٻانهن ۾ پائين، انهن کي زالون ٻيلهڙ چون ۽ جيڪي پيرن تائين پائين انهن کي تيلهڙ وچون ۽ جي سيئي سون جا گهڙايل هجن تہ پوءِ انهن کي سوني سائي سڏين. (تيلهڙ، چئبو آهي ڪنوار جي زيورن کي) تيلهڙ، معنيٰ تازي تيل ٿيل.

سَهرو: سهرو پڻ سناءَ ۾ سادو سودو نهيل آهي. پر هن جي مصرعن ۾ ڳيچ وارا زيور ۽ عضوا ڪونہ اچن. هن ۾ مائٽ مٽ، پيءُ چاچا ۽ ڀائر چڙهيءَ لاءِ سواريءَ جا قسم: هرٽو مهاري، اُٺ، محافو، ڪجائو وغيره، ڪپڙا، وڻ، پکي ۽ ٻيا نالا ريتائتا چئي ڳايا وڃن ٿا.

سهرو، ڳائڻ جو ۽ سهرو گهوٽ جي منهن تي ٻڌڻ جو، جنهن کي موڙ ٻہ ڪٽي چئجي. ٻئي هڪڙي معنيٰ ٿا رکن. (اصل سَ + معنيٰ چڱو + هرو هريہ. معنيٰ سائو يا تازو). تازو توانو، آباد، سدا باغ بهار. اهي معنائون سهري جون آهن. چو تہ جڏهن گلن جو منگهٽ يا موڙ گهوٽ کي ٻڌن، تڏهن ان کي سهرو چون ۽ جڏهن موتين ۽ ڪچ ڪوڏين جو نهيل ڪپڙو پاپنيءَ جو نهيل منگهٽ

ٻڌن تہ اُن کي موڙ ڇون. جنهن مهل اهو سهرو ٻڌبو آهي ان وقت خوشيءَ جا جيڪي ٻول ڇيا ويندا آهن، تن کي بہ سهرو سڏيندا آهن. زالن کي اهڙي موقعي لاءِ جيڪي خاص ڳيت ڳايا جن ۾ آيلن ڇاڇين، گهوٽ جي مائٽن وغيره جي مرحبا، شان ۽ وڏائي بيان ڪئي آهي. ان کي سهرو ڏين.

ساٿ ڳيو: هيءَ هر پرپ ۽ موقعي تي ڳايو ويندو آهي، جيڏي مهل گهوٽ کي زالون ساٿ ڪنديون آهن ساٿ ڳيو ايستائين پيون ڇونديون، جيستائين اهو سنوڻ ساٿ هلي ختم ٿئي. ساٿ ڳيئي جي ساخت ڏڪيري ۽ اصلي لفظن ۾ آهي. جي لفظ هاڻ متروڪ ٿيندا ٿا وڃن. ساٿ ڳيئي ۾ بہ دعائون، اميدون ۽ خوشيءَ جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو.

ڪامڻ: ڪامڻ لفظ جي معنيٰ دل ڦرڻ آهي. هن لفظ جي ڪري سهڻين زالن کي بہ ڪامڻي ڪوٺيندا هئا. جنهن جي ڏسڻ سان دل مٽس مست ٿي پوندي هئي. هاڻ زالون جيتوڻيڪ گهڻو ئي هار سينگار ڪن ٿيون، پر تُرت ڪنهن جي دل تي ڏاڙو نتيون هڻي سگهن، سبب اهو آهي تہ اڳي اپاڪي يا ڪنهن منهـ ماريءَ تي زالون سينگار ڪري، مکي ڇڪي نڪرنديون هيون ۽ گهڻو ڪري گهرَ جي ۽ ٻني ٻاري جي ۽ ڏرار پهنوار جي رڌ پچاءَ ۾ وقت گذرندو هون، فرصت ئي ڪانہ هوندي هين، جو ڪو ليئو پائن ۽ پاڻ وڻائن. پر جو اوچتو نهي نڪي ڏڪجي نڪرنديون هيون تہ گهڻا واڍوڙيل ڪيرائي رکنديون هيون. هاڻ نڪي آهي زالن کي ڪم نڪي ڪار، سدائين پاڻ تنجيو پيون هلن ۽ عاشق بہ ڏسي ڏسي دل مضبوط ڪري ويا آهن، تنهنڪري ڪنهن جي لوري ڪانہ ٿي لڳين.

ڪامڻ، ڪنواريتيون ڪنوار کي سينگار ڪرائڻ مهل ڳائينديون آهن. هن ۾ اها گهر ڪيل هوندي آهي، تہ مڙس جي دل ڇڪجي زال سان ڳنڍجي، اهو اثر جهٽ پٽ ٿئي، پر دير نہ ٿئي!

هيرو ڦوٽاٽو: هيءَ هڪ خوشطبعي، مذاق يا چرچي جي لاءِ خاص قسم ساٿ ڳيو آهي. گهوٽ جي ڪاڻ بہ ماڻهو مقرر هوندا آهن. هڪ اهنيار يا آنهر ۽ ٻيو ڪوناري. ڪوناري، ڪونو جوڙيندو آهي، ڪٽي وري پڙو يا ڪونو مٽي تي ڪٽي هلندو آهي. ڪن هنڌن تي پائرن کي ڪوٺ يا سڏ ڏيندو آهي، زالون گهوٽ جا ڪپڙا ڳائي ڪٽي ايندبون آهن تہ ڪوناري انهن ڪان وني چني ۾ آٽي

ڏيندو آهي. ان ڪوناري سان پڇاڙيءَ جو زالون عقوبت ڪنديون آهن. ڪانئس ٻه - ٽي روپيا يا ڪارڪن جا پنج سير چڏائينديون آهن. اهو ڪوناري گهوٽ جو ويجهو عزيز يا مائٽ هوندو آهي. جيئن گهوٽ جي حفاظت ۽ نظرداري لاءِ جيڪو ماڻهو رکيل هوندو آهي، ان کي انهيار تو چئجي، تئن گهوٽ جي وري سامان سڙي جي نظرداري ڪوناري ٿي ڪندو آهي. هيرو، ان ڪوناري لاءِ چيو وڃي ٿو. ڦوٽاٽو به هيري جو هڪ قسم آهي جيڪو گهوٽ جي عزيزن ۽ چاچين سان جٽ ڪرڻ ڪاڻ چيو ويندو آهي. ڳاهن جي ڳائڻ جو رواج گهٽو ٿر واري پاڳي ۾ آهي. هيرا ۽ ڦوٽاٽا ٻڌي چاچي ماچي خوش ٿيندا آهن ۽ ڪنهن کي ٻه چڙ يا ڪاوڙ ڪانه لڳندي آهي، پوءِ پل مرد هجي توڙي زال.

لوڪ گيت: لوڪ گيتن ۾ ماحول جو ڏکهو وستار ڪيل هوندو آهي. لوڪ گيتن جا گهڻيئي قسم آهن، جن ۾ هيءُ لوڪ گيت تمام مشهور آهن: سرور، مورو، جمالو، پيلهڻ، گهڙولي، لولي، چلڙو، ڪانگلڙو، ڪارڙو ۽ ٿر پاڳي جا خاص موقعن جا لوڪ گيت جيڪي مختلف وقتن تي ڳايا ويندا آهن..

ڳيچن جا قسم:

پٽ چمڻ جي اميد جو سنڌي ڳيچ[1]

وراڻي: هن اڱڻ تي مولي لڏائيندم پٽن جا پينگها!
پٽن جا پينگها، پائرن جا جوڙا!

ڪلي: اکيون ادل جون برن مشعالا - ڪجل جوڙ بنايو. پٽن جا پينگها...
ڏند ابل جا ماڻڪ موتي - سرخيءَ جوڙ بنايو. پٽن جا پينگها...
هٿ پڙهيل جا ميندي رتڙا - ڳاني جوڙ بنايو. پٽن جا پينگها...

اميد پوري ٿيڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: منهنجي پائرن کي الله ڏيندو پُٽَ، پٽُ پينگهن ۾، جهولي جهولن ۾
او مرشد سائينءَ جا لک تورا!

ڪلي: پير اسان جو حضرت ميران، روضي جوڙ بنايو. پُٽ پينگهن ۾...
روضي مرشد جا منارا مهٽا، نيلن جوڙ بنايو. پٽ پينگهن ۾...
رتول، قبي مرشد سونهندو، ڪنگرن جوڙ بنايو. پٽ پينگهن ۾...

[1] وڌيڪ ڳيچن لاءِ ڏسو سنڌي ادبي بورڊ جو ڇپايل "ڳيچ" (جلد پهريون ۽ ٻيو) ڪتاب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سال 1963ع.

اميد پڇڻ لاءِ مجرو (سلام) پڙهڻ وارو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: قلندر! سنڙو اُتي جاڳ، توکي مومل مجرو مجي!
الله ڪارڻ او ميان راڻا! مجرو مجي!

ڪلي: دادلا! درگاهه جا پڙائيم اتي پاڳ، مجرو مجي....

اميد پڇڻ لاءِ مجرو (سلام) پڙهڻ وارو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: دولهه لال! مئن تيڏي در آئي هان، ميڏي من دي مرادان پڄاوين!

ڪلي: اکيان ابل ديان ٻرن مشعالي - ڪل دي آس پڄاوين. مئن تيڏي در..
مئن رانجهن دي رانجهن ميڏا - ڪيڙا گهول گهماوين. مئن تيڏي در..
پنجان تنان دي پاڪر تئينو - علي ڇٽُ جهلاوين. مئن تيڏي در..

اميد جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: مئن لال دي زيارت تي ويندي هان، تيل قليل قلان دي سهري

ڪلي: اکيان ادل ديان ٻرن مشعالي - ڪجل جوڙ بٹيندي هان. تيل قليل....
ڏند ابل دي ماٹڪ موتي - سُرخي جوڙ بٹيندي هان. تيل قليل...
هٿ لاڏل دي منديءَ رتڙي - ڳاني جوڙ بٹيندي هان. تيل قليل...

پٽ پيدا ٿيڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: آيو گل خواب ۾، سانديو هئم ساهه سان، عطر گلاب ۾، چندن چوغان ۾

ڪلي: بئنسر لاڏل جي لاڙئون آٿائي - سانڊي هيم ساهه سان.......
(۽ بين زيورن ۽ ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

پٽ پيدا ٿيڻ واري خوشيءَ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: الله آهن پٽ ڏنا، صدقو رسول تان!
جوان تيندا جواني ماڻيندا.

ڪلي: اکيون ادل جون ٻرن-مشعالا - ڪجل جوڙ بنايو.
ڏاڍو رنگ لايو. صدقو رسول تان.
(۽ بين عضون جا نالا)

پٽ پيدا ٿيڻ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: اسان ڪون لال ڏوايا، لاڏلا آيا، الله اسان ڏي اڄ وي، خاوند رکي لڄَ وي

ڪلي: باغين دا سائين؛ پٽ دادلا آيا، رب ساڏي ......
نوڪر چاڪران دا سائين، بنرا آيا، الله ساڏي...

پٽ چمڻ جي مبارڪن جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: دادلو، جهندبولو، جهوليءَ پائين، ڏنڙئي پاڻ خدا، سهاڳڻ پٽ ڄائو اٿئي!

بئنسر گهڙائيج نهري - سهاڳڻ! پٽ ڄائو اٿئي

(۽ بين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

پٽ چمڻ جي مبارڪن جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: پٽ جيونئي، پوتا ڄاڻئي، نوهر هيرا موتي پرونئي ڙي!

نوَ لک مبارڪان هوونئي ڙي!

ڪلي: در مائي دي متي اوچڙي ماڙي، سيڪڙيات جهاتيان پاونئي ڙي. نوَ لک..

—

الله ڪرسي اولادي، اسان سوالي تيڏي در دي!

پٽان دي هووي شادي، اسان سوالي تيڏي در دي!

ڇٽيءَ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: راڄ گهرايان ڇٽيءَ تي، سون ورهايان ڇٽيءَ تي

ڪلي: ڇگو ڪيو آهي ياڳ ننڍڙي جو مولي!

پٽ جي پينگهي لوڏڻ جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي: پٽ الله ڏنا، پٽ مالڪ ڏنا، پٽن جا لوڏيان پينگها تڏڙي ڄانوَ ۾!

ڪلي: سر لاڏل دي سونا سهرا - پٽين دا لوڏيان پينگها....

ڇڙهي لاڏل دي هرڻا مهري - پٽين دا لوڏيان پينگها...

لوليءَ جو سنڌي گيت:

وراڻي: ٻارڙو، نينگرڙو، اوئان اوئان ڪري، لولي اَلا يلا!

لولي ٻارڙي کي ڏيان!

ڪلي: ڇڄ پري جوئر جو مان جانڊهه تي ٿي وڃان،

جانڊهه لڏي ڪانه ڪا مان ڪٽو ڪٽي تي هٽان.

لولي ٻارڙي کي ڏيان!

سينهو رکي متي تي، مان گهڙو پرڻ تي وڃان،

لولي ٻارڙي کي ڏيان!

ڪوهر ليبي ڪونه ڪو مان گهڙو گهڙي تي پڃان. لولي ٻالڙي کي ڏيان.

لوليءَ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: لڪ ٿيندن لڪ ڇمندن، لڪ لڪ ڏيان لوليون، الله پريون جهوليون!
ڪلي: بئنسر بني جي پارئون آڻائيان - لڪ لڪ ڏيان لوليون.....
(ٻ ٻيا ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

مڪتب يا ڪتاب ۾ ويهڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: منهنجو جيئي راڻو، ابل ايمي پڙهندو، ٽيئي پارا پڙهندو.
ڪلي: ڪلي ڪتاب ويهندو ڦرهي ڪڇ ۾ ڪڻندو. منهنجو جيئي راڻو.
استاد جو ادب رکندو پڙهي پورو ڪندو. منهنجو جيئي راڻو.

مڪتب ۾ ويهڻ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: آوي، هڻ ٻولي، ماءُ اولي گهولي
ماءُ نري تيڏي، وهہ ٻـهُـہ شان نال بنرا!
ڪلي: اکيان لاڏل ديان ٻرن مشعالي - جل جوڙ بناواں. ٻـهُـہ شان نال بنرا!
(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

طهر جي رسم تي سنڌي ڳيچ:

وراڻي: پنڙو ٿيو سوپائن وارو، بابي ملهي طهرايو، جيڏيون! ارڏو لاڏو آيو.
ڪلي: اکيون سهڻل جون ٻرن مشعالا - ڪجل سدا رنگ لايو. ارڏو لاڏو آيو.
هٿ سوڊل جا تجلا تجلا - ڳانيءَ رنگ لايو، ارڏو لاڏو آيو.
پير پورل جا سجلا سجلا - ميندي رنگ لايو، ارڏو لاڏو آيو.
وار سيڻل جا ڪجلا ڪجلا - سُرمي رنگ لايو - ارڏو لاڏو آيو.

وڏاڻي (سامائجڻ) جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: مون باس باسي هئي، اڄ منهنجا الله وڏا ڪيا!
ڪلي: بئنسر جوڙائج نهري - منهنجا مطلب مولئ پورا ڪيا!
(ٻ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

شاديءَ جي تياريءَ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: سردار سچو غم لاهيندو، تنهنجي شادي ۾ الهہ راضي ٿيندو.
ڪلي: تنهنجي بئنسر جو ملهہ باري هو. الهہ راضي ٿيندو.
(ٻ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

شاديءَ جي تياريءَ جو پيراٽو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: باسيمر باسون ڏينديس سڪائون، اي گهوٽ! باسون باسيمر پير تي.

ڪلي: منهن سهڻل تنهنجي موڙ جي سهڻا، موتين جوڙ بنايو. اي گهوٽ!...

(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

شاديءَ جي تياريءَ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: رسيلڙا! واه واه! مرادان ماڻين بنا! سيج ماڻين!

ڪلي: هٿ بني دي مينديءَ رتڙي، ڳاني سدا رنگ لايا - سيج ماڻين!....

(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهوٽ کي دعا ڪرڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: منهنجا جڙيا جاني! شال ماڻين جواني! توتي راز رحماني!

ڪلي: اکيون لاڏل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنايو. توتي راز رحماني!

(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهوٽ کي دعا ڪرڻ جو پيراٽو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: لاڏل توسان حامي حضرت پير، ساڻي ٿيو ميران مير!

ڪلي: ٻئنسر جوڙائج نهري - توسان حامي حضرت پير!

(ٻ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

گهوٽ کي دعا ڪرڻ جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي: بنا! تيڏا الله نگهبان - بنين بنا ميڏا. جڳ جڳ جيوين بنا!

ڪلي: بنا! تيڏا الله لايا ياڳ - بنين بنا ميڏا.

بنا! تيڏي سهري لائي بهار - بنين بنا ميڏا.

بني دي بابي ڪون ڏيوان مبارڪ - بنين بنا ميڏا.

گهوٽ کي دعا ڪرڻ جو پيراٽو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: هووئي عمر دراز شل ماڻين ڳليان - هووئي پير پناهه!

ڪلي: تيڏي مولهي لاوان مئن رابيل ڪليان - هووئي پير پناهه!

تيڏي جا جامي لاوان مئن گلابي ڪليان - هووئي پير پناهه!

گهوٽ کي دعا ڪرڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: منهنجي پٽَ جهڙي لاڏي کي شل ڪوسو واءُ نه لڳي!

آءُ راڻا! وسين سوڍا!

ڪلي: ويھ ويڙي وچ ۾ منجھڻ موچاري - لڳئي گل گلاب جا چوڦير چوڌاري
چاچي ادل جا مان سهجئون گهرايان - جن جي اچڻ سان لڳي ته
بهاري آءِ راڻا
ويس لاڏل جو مان سهجئون گهرايان - جنهن جي اچڻ سان ٿئي
جنساري آءِ راڻا
سهرو ابل جو مان سهجئون گهرايان - جنهن جي ٻڌڻ سان ٿئي
گلزاري آءِ راڻا

مڱڻي جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ڀانڊڻ ٻڌائيندو، سر تان ٿلاڻيندو، ڀانڊارو گهر آيو.
اسين توهان جا مزمان، هرڙي ڏاڪ چڙهايو، ماهيڙو ڪير پياريو.

ڪلي: ٻئنسر گهڙائيندو - ڀانڊارو گهر آيو.
(ءِ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

مڱڻي جو سنڌي سهرو:

وراڻي: لاڏي جي مليرڙي لاٿي بهار - لاڏو ڀاڻ لڀهنگ.
ڪيسر پنڙس پاند، انهي ويل ڪوڏيو.

ڪلي: سجڻ سونهن سٿ ۾ - لاڏو ڀاڻ لڀهنگ.....
اسان آسون پنيون- لاڏو ڀاڻ لڀهنگ.....
واهر ٿيندس واٽ تي - لاڏو ڀاڻ لڀهنگ.....

ٻڪيءَ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: راڄ سڏايان ٻڪيءَ تي، ادل جي ڪاڄ تي،
ادل باغ بهار مدد مولا جي مون تي.

ڪلي: ٻئنسر لاڏل جي لاڙئون گهڙايان - ادل باغ بهار.....
(ءِ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

ٻڪيءَ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: چانور ٿو اٽائي اي الله! تنهنجي آسري، ڪر واهر جو ويلو!

ڪلي: ڀائر ٿو گهرائي - اي الله!......
چاچي ٿو گهرائي - اي الله!....
ڪاڄ ٿو ڪرائي - اي الله!......

رنگ هٽڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: اربيلا بنا! رنگ لايان بنا! تنهنجيءَ شاديءَ ۾ سيج وڇايان.

ڪلي: توڪي سنهڙي ڪنوار ملايان - تنهنجي شاديءَ ۾.

تنهنجا پائر گهرايان - تنهنجي شاديءَ ۾.

رنگ هٽڻ جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي: چٽي ڳوري دا بنا! صاحبزاديءَ بنا!

تيڪون سدا ملهاري رنگ لڳا.

ڪلي: تيڏي پاڳ ڪون لاوان مٺن بدلي - سدا ملهاري رنگ لڳا.

تيڏي سهري ڪون لاوان مٺن بدلي - سدا ملهاري رنگ لڳا.

چني يا مَنهه جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: تنهنجي چني ۾ چمڪار لاڏا! پنيون اتئي مرادون.

(ٻ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

چني يا مَنهه جو سنڌي سهرو:

وراڻي: لاڏو چئي تو پيءَ کي منهنجي چاچين دير نہ لايو.

ڪلي: جنهن جو منهه موتين ڇانيو. لاڏو مَرڪي منهه ۾ آيو.

(ٻ ٻين مٽن مائٽن جا نالا ورتا ويندا.)

چني يا مَنهه جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: اوهين ننگڙو سڄاڻو. عربي وسيلو. مدني وسيلو!

شافع امت جا توهين حق سين هلايو - پلي پير آيو.

ڪلي: دهل ادل جا چنڙي ۾ آيا. مايون نياڻيون ننگڙو سڄاڻو.

چاچي ابل جا چنڙي ۾ آيا. مايون نياڻيون ننگڙو سڄاڻو.

پائر لاڏل جا چنڙي ۾ آيا. مايون نياڻيون ننگڙو سڄاڻو.

چني يا مَنهه جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: منهه مٺن جو جهليسان. خطڙا لکيسان.

لهہ وج سهڻا! منهه مٺن جهليسان.

ڪلي: بئنسر مٺن جو گهڙائي - چٽ چو نہ چڙهيسان - لهہ وج سهڻا!

(ٻ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

گهوٽ جي سار اهه جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ابل منهنجو سدا سهڻو سونَ جا سوُدا ڪري، هيري موتيءَ جا بيڙا پري

ڪلي: اکيون ادل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنايو - سون جا سوُدا ڪري..

(ءِ بين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهوٽ جي سار اهه جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي: ڳُٺان ڳاوَن آتي پيسن، ڳاوَن تيڏيان اديان،

مئن صدقي پئي ويندياں، مئن قربان تيوان، لاڏي دي امان!

ڪلي: اُٺ ڪجاوي هرڪوئي آوي - آوي لاڏي امان - ڳاون تيڏيان اديان.

ڄاجي آون نڪون وڃاون - واڳن لاڏي ديان اديان - ڳاون لاڏي ديا ماوان

سرتيان آون سهري ڳاوَن - ڳاوَن لاڏي ديان بووان - واڳن لاڏي ديان مٽيان

گهوٽ جي سار اهه جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: هزاري لاڏا! گلزاري لاڏا! گل ڏي ميڪون.

ڪلي: بئنسر لاڏل دي - هزاري لاڏا!

(ءِ بين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

ونواهه جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: رانيڙو جوين هيلون ڏي، مائي سوداگر ڊوليو آئيو.

ڪلي: سونهي لاڏيءَ جي منهن تي بئنسر - رانيڙو........

(ءِ بين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

ونواهه جو سنڌي سهرو:

وراڻي: جهجهڙو لڪيس پنهنجي ور جو سهاڳ، منهنجي جيڏل ڪي ججهڙو لڪيو.

ڪلي: جهڙو تون لاڏو تهڙي سيج سنداءِ - ججهڙو لڪيو.

لاڏيءَ ٻانهون ڳوريون، لاڏيءَ ڀنيا وار - ججهڙو لڪيو.

لاڏي مائٽن دادلي، لاڏي لال ڪنوار - ججهڙو لڪيو.

تيلاڙيءَ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: ڳاڙها ونا، سُرها چنا، آءُ گهوري وڃان!

آءُ تہ چندن لوئين موچارا ونا!

ڪلي: توکي سيڪي سريو، سيڻن منجهان، نري لاڏل تنهنجي امان - موچارا اونا

لاڏيءَ ڏنڌڻ چٽيو، ٻائي پلاونا! لاڏو پيءَ پيارو جيئم الا! آءُ تہ چندن..

تولئي سس سنپايو، ٻائي ڀلاونا! لاڏو پيءَ پيارو جيئم الا! آءَ تہ چندن. .
لاڏو وناهيم ساهرين، ٻائي ڀلاونا! لاڏو پيءَ پيارو جيئم الا! آءَ تہ چندن.
لاڏي کي جا لڪڙي، ٻائي ڀلاونا! لاڏو پيءَ پيارو جيئم الا! آءَ تہ چندن .

شاديءَ جي زيورن يا ڳهڻن جي ساراهہ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: واهہ ڙي واهہ سونارا! هيءَ تو جا گهڙي آهہ.
ڪلي: ٻئنسر منهنجي نڪ جي مون ڏي وَرَ مُڪي آهہ.
هيري سان جڙي آهہ، جوهر سان ڪڙي آهہ - واهہ ڙي واهہ سونارا!
(۽ ٻين ڳهڻن ۽ عضون جا نالا ورتا ويندا.)

شاديءَ جي ڪپڙن جي ساراهہ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: قُلڪاري حسن واري لاڏا! اڄ گهن ڏيوين ميڪون!
ڪلي: چڳي ٻئنسر جوڙائي آءُ مورلاڏا - اڄ گهن ڏيوين ميڪون!
(۽ ٻيا زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

گهوٽ جي سواريءَ جي ساراهہ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: سهڻي دا مهري جنهن ڪون پٽَ ديان هن واڳان.
ريٽي ابل دي ڪون زري دا رومال هي، ميندي ابل دي ڪون ڪل پيران دي پناهہ هي.
ڪلي: ٻئسر جوڙائج نهري - ڪل پيران دي پناهہ هي.
(۽ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

ڄاڃين جي مرحبا جو سنڌي سهرو:

وراڻي: هت تا اچن خانَ، منهنجا مور لاڏا!
ڪلي: سرهي سيج ٻني جي مان ٻاهر وڇايان - هت تا اچن......
ڳاڙهي ڪٽ ادل جي مان ٻاهر وڇايان - هت تا اچن......
سهڻو پلنگ پنهل جو مان ٻاهر وڇايان - هت تا اچن......

ڄاڃين جي آدرڀاءَ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: مهر پريا مهمان اديون! الله آندا، رب آهن ملايا.
ڪلي: ڪير ڪنڌ ڪارايان تن کي، جيڪي آڏيءَ هلي آيا.
ٻئنسر ادل جي لاڙئون گهرايان - رب آهن ملاياس.......
(۽ ٻين زيون جا نالا ورتا ويندا.)

آڏرياءَ جو پيراٽو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ڇاڇي سلامي سروَر پير جا، اوهين پلي ڪري آيا.
پلي ڪري آيا، سُرهي سيج وڇايان.

ڪلي: ٻئنسر گهڙائج نهري - اوهين پلي ڪري آيا........
(۽ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

مينديءَ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: سوني ٿالهي آڻايو، تنهن ۾ مينڌي پسايو، ڏاڏي پوٽيون سڏايو پاڙيواريون آڻايو.
اول هلي گهوٽل کي لايو، پوءِ وڃي ونل کي لايو.

ڪلي: ٻئنسر ادل جي لاڙئون آڻايو، بولو لاڏيءَ جو روهڙي مان گهرايو - اول هلي
(۽ ٻين ٻن - ٻن زيورن ۽ شهرن جا نالا ورتا ويندا.)

مينديءَ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: مينڌڙي ملڪ ملير دي جنهن وچ جڄهڙو سها ڳ،
آءُ ونهيان لاڏلا! مينڌڙي لاوڻ ڏي.

ڪلي: ٻئنسر گهڙائج نهري - جنهن وچ جڄهڙو سها ڳ...
(۽ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

مينديءَ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: آءُ، لائي مينڌي گهوٽ پيارا! وقت اَسر جو آيو آهه.
وقت فجر جو آيو آهه، وقت لائڻ جو آيو آهه.

ڪلي: پڳ پٽڙي سر سهٽي جا نهندي - طُري جوڙ بنايو - وقت لائڻ جو آيو آهه.
لونگي لاڏل کي سهٽي لڳندي - وَر وَرَ جوڙ بنايو - وقت فجر جو آيو آهه.
پهراڻ پنهل کي سهٽو بيهندو - بيڙن جوڙ بنايو - وقت اَسر جو آيو آهه.

مينڌي ڪٽڻ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: سهٽا! ٿالهه مينڌي دا مئن ڇائي ڪڙي هان،
ڇائي ڪڙي هان، ويس مٿائي ڪڙي هان.

ڪلي: اکيانِ ادل ديان ٻرن مشعالي - ڪجل جوڙ بنائي ڪڙي هان.
(۽ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

مينديءَ جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي: مئن ڪڙي هان ابا! تيڏي ويس توئن نري هان.

ڪلي: مينڌي ذي ويلي - مئن ڪڙي هان.

ٻانهين موڙ ٻڌاونئي، مٺن ڪڙي هان.
پينر ميندي ڳاوَنئي، مٺن ڪڙي هان.

مينديءَ جو پيراٽو سرائيڪي ڳيچ:

ورراٽي: ادل بنڙي ڪون، پڇي بنڙي ڪون، حضرت پير دي داون لئيندي هان
حضرت دي مٺن لال ميندي پئي لئيندي هان.

ڪلي: اکيان ادل ديان ٻرن مشعالي - ڪجل جوڙ ٻٽيندي هان.
(۽ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

مينديءَ جو سنڌي سهرو:

ورراٽي: ميندي لاڏل جي، هلي ليلان ڪي لايو.
اوهين عطر گلابي، هلي ليلان ڪي لايو.

ڪلي: رب وارو ورايو، مرشد پاڻ سويارو - ميندي جوڙيل جي هلي
ليلان ڪي لايو.
چڱا پائر گهرائي لئي! راٺل جو آيو- ميندي جوڙيل جي هلي
ليلان ڪي لايو.
چڱا چاچي گهرائي لئي! سهڻل جو آيو - ميندي جوڙيل جي هلي
ليلان ڪي لايو.
- ميندي جوڙيل جي هلي ليلان ڪي لايو.

ڳاني ٻڌڻ جو سرائيڪي سهرو:

وراٺي: ٻڌ ڳانا، هزار ڳانا، الله راضي هووئي سهڻل! ٻڌ ڳانا.

ڪلي: تيڏي ڳاني دا رنگ لڳا ماهي - ٻڌ ڳانا.
تيڏي ميندي دا رنگ لڳا سهڻا - ٻڌ ڳانا.
تيڏي بوچڻ دا رنگ لڳا سوڍل - ٻڌ ڳانا.

ڳاني جو سنڌي سهرو:

وراٺي: ڳانو ٻڌي وڃ بنا! لاٿئون لهي وڃ بنا! آءُ ڙي بنا!

ڪلي: ڏڏڙيون ڇانئون انبن جون ڙي بنا! لاٿئون لهي وڃ.
خاصيون ڇانئون ليمن جون ڙي بنا! لاٿئون لهي وڃ.
(۽ ٻين ڇانءَ دار روڻن جا نالا ورتا ويندا.)

ڳاني جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ڳانو ٻڌي نہ ڪر دير اسين وڃڻ وارا،
اسين وڃڻ وارا، تنهنجي قرب وارا.

ڪلي: اڪيون ادل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنايو - تنهنجي قرب وارا.
(ء ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

ڳاني جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: مولا راضي هووئي ٻڌانء ڳانو،
ٻڌانء ڳانو الا! هزار ڳانو.

ڪلي: تيڏي ٻئنسر ڪون رنگ لاوان ماهي! هزار ڳانو
(ء ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

ڇيج جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ماڻڙيء ڳانا ٻڌايئي، پيٽن ميندڙي لايئي، منهنجا حاڪم زادا!
ڇيج لاهج اوري، ڇيج لاهج اوري، سيج وڇايم جوڙي.

ڪلي: اڪيون لاڏل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بناء - منهنجا حاڪمزادا!
(ء ٻن عضون جا نالا ورتا ويندا.)

ڇيج جو سنڌي سهرو:

وراڻي: اتي ڪر سعيو ساهرين هلڻ جو
ڇڳي جتي وارو منهنجو پاءَ - ساهرين گهر آيو - اتي ڪر سعيو...
الله جو تيس راز منهنجو پاءَ - ساهرين گهر آيو - اُتي ڪر سعيو.

ڇيج جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي: ڇيج ڪوٹ برابر آئي هي ڙي! تيڏي ميندي پيڻ پجائي هي.

ڪلي: تيڏي ڳڳهي جهرمر لائي هي - ڇيج ڪوٹ برابر آئي هي.
تيڏي وڳي ڏچ مچ لائي هي - ڇيج ڪوٹ برابر آئي هي.

ڇيج جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: آ لتي هي، آ لتي هي، لاڏي دي ڇيج آ لتي هي.

ڪلي: اکيان لاڏل ديان ٻرن مشعالي - ڪجل جوڙ بنايا - لاڏي دي ڇيج...
(ء ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

ڇڄ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ڇڄ ته لاڏي گهوٽ جي، جنهن ۾ ڇيرن جو ڇمڪار.
الا! هڪل ڪيم پنهنجي پير ڪي، سائين هڪل سان حاضر.

ڪلي: ڌهري گهڙايم سون جي - جنهن ۾ ڇيرن جو ڇمڪار.
(۽ بين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

ڪنواريتن ۾ پهچڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ادل! ساهراڻو گهر سامهڻين تون ته ناز ڪندو آءُ.
ناز ڪندو آءُ، راڻل ويس ڪندو آءُ.

ڪلي: سوني ڌهري گهڙائي - تون ته ناز ڪندو آءُ.
(۽ بين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

ڪنواريتن ۾ پهچڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: مَـهريءَ وارا لاڏا! مَـهري ٻڌج انب سان.

ڪلي: ادل خاطر مان سيج وڇايان، لاڏل لاءِ مان هنڌ وڇايان - مهري ٻڌج..
اندر ڪونج ڪنوار لئي ڪاريءَ ڇڙهي آيو، لاڻون لهڻ آيو - مهري ٻڌج..
سونهي سڄڻن سٿ ۾ ياڳ سوايو، فجر ويلي آيو - مهري ٻڌج..

ڪنواريتن ۾ پهچڻ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: اڳڻ تي اَوکي، پير ڪندو سولي، پاتڙو اُنن تي آيو، ادل اڳڻ تي آيو.

ڪلي: لال سوناري، سا ويندي واري، تنهنجو ويندو اٿئي لک جو،
پاٿرل هيرائو ڪٽ جو، ڳانو اٿس پٽ جو - ادل اڳڻ تي آيو.

(بين زيورن ۽ ڳاني سان جامو ۽ سهرو، ويندو آهي لک جو بجاءِ، سورهيه آهـي سٽ جو)

ڪنواريتن ۾ پهچڻ جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي: بنرا اٿئون هولڙي هولڙي آيا، الهه ملايا، ميڈا وڈي جند والا.
ميڈا اَصل دُخالي بنرا جيوين!

ڪلي: بنرا! تيڈي اما نون ڈيندي هان مبارڪ، پلا ميڪون شربت - وڈي جند والا.
بنرا! جُـڳ جُـڳ جيوين، ڪنڊ ڪير وچ گهول پيوين - وڈي جند والا.
بنرا! پريا ٻـُدا شال تيوين خوش خوش ڈيکئي امان - وڈي جند والا.

شاديءَ جي خوشيءَ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: پنهنجي منوءَ کي آءٌ تي پرڻايا، شاديءَ شغل ڳايان.

ڪلي: اکيون لاڏل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنايان - شادي شغل ڳايان.

(ءِ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا آهن.)

شاديءَ جي خوشيءَ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: سيٺن جي ڪوٺ جو هلي ڪڙو لاهيو، هلي ڪڙو لاهيو، حقدار لاڏو آيو.

ڪلي: تو لئي سس سنيايو سونگو سون پيري - حقدار لاڏو آيو.

لاڏي کي جا اکڙي سنهڙي سينڌ ڪنوار - حقدار لاڏو آيو.

لاڏو هليم ساهرين ڪٽي ڪونو ڪوڏ منجهان - حقدار لاڏو آيو.

شاديءَ جي خوشيءَ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: شاديون ڪندو خدا، الهه راضي بنا!

تنهنجي شاديءَ ۾ رب راضي بنا!

ڪلي: چڱا پائڙ گهرائي آ - رب راضي بنا!

چڱا چاچي گهرائي آ - رب راضي بنا!

پنهنجو مرشد گهرائي آ - رب راضي بنا!

شاديءَ جي خوشيءَ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: لاڏل ماءُ، شال نري هي، الهه وڌائي هي مولا وڌائي هي.

ڪلي: سر لاڏل دي سوني سهري، موتين جوڙ بنايا هي - مولا وڌائي هي.

ڏند لاڏل دي ماڻڪ موتي، سرخي جوڙ بنايا هي - الهه وڌائي هي.

(ءِ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهوٽ جي جاڳي جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ننڍ جي ڪانهلي کي ڇٽَ جي ڇانوَ ڪريو،

منهنجي ٻنري کي جيءَ ۾ جاءِ ڏيو.

ڪلي: اکيون ادل جون ٻرن مشعالا، ڪجل جوڙ بنايو - ڇٽَ جي ڇانوَ ڪريو.

(ءِ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهوٽ جي جاڳي جو سنڌي سهرو:

وراڻي: اُٿ جاڳ بنا! سائينءَ ڏنا، تو جاڳندڙي جس!

جاڳ الهه جوڙيا لاڏلا!

ڪلي: منهنجا مائٽن جا دادلا - تو جاڳنڊڙي جس!

نيڻن ننڊ اکوڙ لاڏلا - تو جاڳنڊڙي جس!

گهوٽ جي جاڳي جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: جاڳ تہ لڳئي ياڳ بنرا! الهہ جوڙيا لاڏلا جاڳ وي

منهنجا مور لاڏا توتي الله نبيءَ جو راز وي.

ڪلي: اکيون لاڏل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنائي - جاڳ وي.

(ءِ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

پڙي يا ڪوٺي جو سنڌي سهرو:

وراڻي: دهلن ساڻ پڙو، ابا! تو لئي ماءُ سنياهيو،

سرهيءَ واٽ متان اسان جي لاڏل پير گهمايو.

ڪلي: چاچين ساڻ پڙو - ابا! تو لئي ماءُ سنياهيو.

نياڻين ساڻ پڙو - ابا! تو لئي ماءُ سنياهيو.

پڙي يا ڪوٺي جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: نياڻين ساڻ پڙو، ادل گهوٽ جو راهہ ۾ تو رَجي.

سو تہ سونهي سُندس، سهج مؤن ساهرين گهر تو اچي.

ڪلي: بئنسر گهڙايم نهري - سهج مؤن.....

(ءِ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

چڪيي يا تيلاڙي جو سنڌي ساٺ ڳيو / ڳيچ:

وراڻي: جاءِ جاءِ قلڙا، سرهو تيلاٺو، سو تہ سرهو.......

ڪلي: سوني ڏاوڻ ڏايو - جاءِ جاءِ قلڙا.....

سوني تورڻ توريو - جاءِ جاءِ قلڙا...

ڳاڙهي ڳانن وارو - جاءِ جاءِ قلڙا ...

چڪيي يا تيلاڙي جو سنڌي سهرو:

وراڻي: جيجان تنهنجو سونهڙو، آيل تنهنجو سونهڙو، گجر سان، جي گڏيو.

ڪلي: سوني ڏاوڻ، روپي ڏاوڻ دُرس تيلاڙو.

مڙني نياڻين، گڏجي پيٺن، ساتيو تيلاڙو.

تيل قليل عطر عنبرين، سرهو تيلاڙو.

ٿار جو سنڌي سهرو:

وراڻي: موتي پايو ٿار ۾، جنهن ڪي اُڪنڊڙيو. اولاڏا!

ڪلي: ساڻ سنگهاريون ڪن - موتي پايو ٿار ۾.

سنگهارين گهر سومرو - موتي پايو ٿار ۾.

آيا پالر پير پري - موتي پايو ٿار ۾.

ٿاري ڪپڙ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ٿلي آءُ ٿاريءَ تي، هلي آءُ مومل وٽ،

سيڻن ڏنئي چپر ڪٽ.

ڪلي: وڍ دشمن جو نڪ - ٿلي آءُ ٿاريءَ تي.

الهه ڏينداءِ همٿ - ٿلي آءُ ٿاري تي.

رسول رکئي پت - ٿلي آءُ ٿاري تي.

ٿاري ڪپڙ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: وڍڻ آيو ڪنڌڙي، وني مليس ننڍڙي،

سهڻل سوني ترار سان وڍڻ آيو ڪنڌڙي.

ڪلي: هٿ ادل جا مينديءَ رتڙا. سرخيءَ جوڙ بنايو - وڍڻ آيو ڪنڌڙي.

(ءِ بين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

ٿاري ڪپڙ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: هن وڻ منجهان ڙي لاڏا! تنهنجو ڇڳڙو رُتو.

هن وڻ منجهان ڙي لاڏا! تنهنجو مَنڙو موهيو.

ڪلي: لاڏي ڪي جا لِڪڙي، سنهيءَ سينڌ ڪنوار - مَنڙو موهيو.

لاڏو لاڏي ننڍڙا ڪليو پين ڪير - مَنڙو موهيو.

گهڙيءَ پرڻ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: منهنجي پڇائي آهي پير، گهڙي پرڻ ڪا هلندي؟

ڪلي: منهن لاڏل جي موڙ بہ سهندا - موتين لاتس شمعان.

اکيون لاڏل جون برن مشعالا - ڪجل لاتس شمعان.

(ءِ بين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهڙيءَ پرڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: گهڙيون پرڻ هلو، جرَتي هلو، سمو ڄام جهلو.
لئي! لويان لُڏڻ گهوٽ کي!
ڪلي: ساهرين گهر هلو - سمو ڄام جَهلو.
جيڪا ماڻس من ۾ - سمو ڄام جَهلو.
(ڄ ڀين مائٽن جا نالا ورتا ويند ا.)

گهڙيءَ پرڻ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: اها پردي هي، ماءُ نردي هي
واه واه گهڙولي پردي هي
ڪلي: اکيان لاڏل ديان ٻرن مشعالي - ڪجل جوڙ بنايا - ماءُ نردي هي.
(ڄ ڀين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهوٽ کي وهنجارڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ڪنوٽون تيون تجلا ڪن، پيءُ جو پيارو، جهڙ ۾ جهلايو.
آءُ گهوري وڃان، وهنجڻ ويلي آيو.
ڪلي: ڌري گهڙائج سهٽي، گهوٽ لاڏو: جهڙ ۾ جهلايو.
(ڄ ڀين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

وهنجڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: ناري واري کوهي، جرَ جو پاڻي،
جتي منهنجو ادل وهنجي وار سڪاءِ.
ڪلي: عطر آڻائي لڱن کي لائي، چندن آڻائي ونل کي لائي.
وهنجي وار سڪاءِ
ادل مشڪ تو لڱن کي ملائي، تيل ڦليل رلائي -
وهنجي وار سڪاءِ
بوچڻ سان بدن نچوڙائي، ڦڻيءَ سان وار تو ناهي -
وهنجي وار سڪاءِ

مينڌي چوڙڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: اڙي مينڌي واري، لال سوناري، مينڌيون چوڙڻ ڏي.
ادل حاڪم پٽَ جو، صاحب آهي سنڌ جو، شل ماڻيندو موملا!
ڪلي: هٿ ادل جا مينڌيءَ رتڙا، ڳاني جوڙ بنايو. شل ماڻيندو موملا!
(ڄ ڀين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

ميندي ڦل چوڙڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: لاڏي! ميندي ڦل چوڙڻ ڏي.
تنهنجو سرتين ويڙهيو ڪوڏ منجهان.

ڪلي: جيجل ويڙهيئي سڪ منجهان – سو ميندي ڦل چوڙڻ ڏي.
ڳتل ڳوڙهو ڪوڏ منجهان – سو ميندي ڦل چوڙڻ ڏي.
وار گهنڊيدار سنداءِ – سو ميندي ڦل چوڙڻ ڏي.
مٿان سڳوريءَ ڇانو – سوميندي ڦل چوڙڻ ڏي.

ڪنوار کي وهنجارڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: هري هري هلو، ويرم لايو، آءُ هلنڊڙيءَ آس.
ويهه وينگس سڄري پاڻيءَ!

ڪلي: ڪول ٻه مينڊيڙ، ماءُ جي ڳتڙءِ، آءُ هلنڊڙيءَ آس.
مر لاهي لڱن مٿان، آءُ هلنڊڙيءَ آس.

گهوٽ کي ڪپڙن پهرائڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: عطر چندن هلي لاڏل کي لايو، بسم الله ڪري آيو.

ڪلي: آيو ونڙيءَ جو مالڪ – بسم الله ڪري آيو.
آيو هندوري جو مالڪ – بسم الله ڪري آيو.
آيو ديري جو مالڪ – بسم الله ڪري آيو.

گهوٽ کي ڪپڙن پهرائڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: لاڏي جو جوڙو، ڊڪي ڏي رومال سان،
رومال سان، پر ريشمي رومال سان.

ڪلي: بئنسر لاڏل جي ساري اٽم سون جي – لاڏي جو جوڙو
(ءِ بين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

گهوٽ کي ڪپڙن پهرائڻ جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي: ميڏي در تي درزي ڪو منگا ڏيوين،
مئن صدقا ٿيسان تيڏي ويس توئن.

ڪلي: ميڪون چولا سوا ڏيوين بوسڪي دا.
مئن صدقي ويسان تيڏي ويس توئن
ميڪون گج سوا ڏيوين پٽ دا.
مئن پسند ڪريسان آپڻي مرضي سوئن.

پڳ ٻڌائڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ڇٽُ جهلي آيو لاڏي ٻني تي،
ڇٽ جهلي آيو منهنجي جوڙيل تي.

ڪلي: اڪيون اڌل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ ٻنايو - منهنجي ٻني تي
(ءِ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

پڳ جو پيراڻو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: ڇتي پڳ پيردي پلين زري لايو ڙي
هي پکي پرديسي، ٻولي سمجهه الاوڻ ڏي.

ڪلي: ٻولي سمجهه الاوڻ ڏي، رنڙا وير مناوڻ ڏي. پکي ملڪ ملير دا.
ڇٽا چولا مرشد دا پلوي زري دي ٻڌاوڻ ڏي. پکي ملڪ ملير دا.

پڳ ٻڌڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: لاڏي کي جا لڪڙي، لاڏل! ٻڌ کهنبڙي پڳ
ڪر ولائتي ويس توکي ساري سنڌ انعام. سهڻل نظر نوازئين!

ڪلي: توکي ڀائر ڪن سلام - ٻڌ کهنبڙي پڳ.
لاڏو هليم ساهرين - ٻڌ کهنبڙي پڳ.
گهوڙي لانگ وراءِ - ٻڌ کهنبڙي پڳ.
ڏري پير رڪيب ۾ - ٻڌ کهنبڙي پڳ.

پڳ ٻڌڻ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: لاڏو انهيءَ ويل ڪوڏيو!

ڪلي: ٿريس ناهيو ٻڌي پڳ، جڙيس جوڙيو ٻڌي پڳ، لاڏو!
تيس پنجتنان جي پاڪ، تيس علي نبيءَ جي آڌر. لاڏو!
تيس حامي حضرت پير، تيس واهر وهلو پير. لاڏو!

موڙن ٻڌڻ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: سهڻل سات ڪجاڻءِ ڙي! شاهه پلي آيو.
ٻڌو موڙ محبوب کي - شاهه پلي آيو.

ڪلي: ڇني ڇنيهه لوڻيون - شاهه پلي آيو.
گهورون گهوريو گهوٽ تان - نور پلي آيو.

موڙ ٻڌڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: موڙ تہ ٻڌندم وچ ۾، سونهندم ست ۾، جيڏل ٻائيءَ ياءَ،
هيءُ اميد پنڙيم، هيءَ ويل گهـرڙيم، سچي صاحب ڪنان.

ڪلي: ٻئنسر گهڙايم نهري - جيڏل ٻائيءَ ياءَ.
(۽ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

موڙن ٻڌڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: جاءِ جا گلڙا ڻڙن، لاڏي ڪي موڙ ٻڌن، لاڏو سونهيم الا!
ياڻرن ست ۾، هڪ سرتن ڄڄ ۾!

ڪلي: لاڏو هليم ساهرين وٺي ياڻرن ڄڄ - لاڏي ڪي موڙ ٻڌن.
تو لئي مس سنياهيو سونگو سون پري - لاڏي ڪي موڙ ٻڌن.
اسان آسون پنيون ماڻس پنڙا ڪاڄ - لاڏي ڪي موڙ ٻڌن.

موڙن ٻڌڻ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: تيڏي سهري لاٽي بهار ميڏا هريالا بنا!
شل جيوين ميڏا شهزادا بنا!

ڪلي: سر لاڏل دي سوني سهري - موتين لاٽي بهار - ميڏا هريالا بنا!
اکيان لاڏل ديان ٻرن مشعالي - ڪجل لاٽي بهار - ميڏا هريالا بنا!
(۽ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

هار پائڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: سهڻل! توکي هار مان پايان گلن جو،
هار گلن جو سينگار گلن جو.

ڪلي: ٻئنسر سهڻل جي مان لاڙئون آڻائيان - هار گلن جو.
(۽ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

هار پائڻ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: حضرت پاتو گلن جو هار.
گل گلابي، رنگ رسولي، سهرو سندن سينگار.

ڪلي: اکيون لاڏل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنايو - گلن جو هار.
(۽ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

ڪنوار جي سينگار جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: اُٿي بيبي ڪر سينگار، سردار تنهنجيءَ جهوليءَ جهُلندو،
پرڻي رات رسول جي حورن پاتا هار.

ڪلي: اڪيون ابل جون ٻرن مشعالا، ڪجل جوڙ جنسار - ڪر سينگار.
(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

ڪنوار جي سينگار جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: سونَ جو ٻيڙو ڙي لاڏي! تنهنجو وات،
قُلڙن ڇانيو ڙي جيڏل! تنهنجو ڳاٽ.
توکي لکيو ڇام جرار - ڏيءَ ٻائي ڪنديم هار سينگار!

ڪلي: اسان جي وينڊي وارڙي جهمي، ڙي جهمي اسان جي لال ڪنوار.
سون جو ٻيڙو ڙي لاڏي! تنهنجو وات.....
(ٻ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

ڪنوار جي سينگار جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: ڪنوار ساڏي ٻيڙي زري دي چولي والي،
تيڏي موتيان لاٿي هي بهار.

ڪلي: نڪ ڪنوار دي ٻئنسر سونهندي - ڏاڍي ناز والي - لاٿي هي بهار.
ڪن ڪنواردي سنبڙيان سونهنديان - ڏاڍي مان والي - لاٿي هي بهار.
هٿين ڪنوار دي مُندڙيان سونهنديان - ڏاڍي شان والي - لاٿي هي بهار
پيرين ڪنوار دي جتڙي سونهندي - ڏاڍي ناز والي - لاٿي هي بهار.

سرگس جو سنڌي سهرو:

وراڻي: هنجهه مور گهوڙي پلاڻ - سرخيءَ پاءِ اُلياڻ.

ڪلي: منهنجي دلدار لاڏي لاءِ - گهوڙي پلاڻ.
منهنجي ديندار لاڏي لاءِ - گهوڙي پلاڻ.
منهنجي زميندار لاڏي لاءِ - گهوڙي پلاڻ.

سرگس جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: چڙهه گهوٽ گهوڙي، ٻڌ موڙ جوڙي
آهي رب جيڪو جوڙون ٿو جوڙي.

ڪلي: خاصي بئنسر جوڙائي - ڪنهن جي خوشي تي ڳايان
اهي خوشيون خالق تو جوڙي. چڙهہ گهوٽ گهوڙي.
(۽ بين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

سرگس جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي: چڙهيا گهوٽ گهوڙي نعرا ماريندا،
شڪر خدا دا پيا هي ڳويندا.

ڪلي: الله هـس شادي ڪيتي نبي دا چٽ هي جهليندا.
الله تيڪون گهوٽ ڪيتا، مبارڪ هووئي چل ڪليندا.
سيد ساڻي تيا هئي، هووي خير ڪـُلين دا.

سرگس جو پيراڻو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: پير سلامت هووي، مرشد! سلامت هووي.

ڪلي: لاڏل چڙهندا گهوڙي - مرشد سلامت هووي.
لاڏل چڙهندا مهري - پير سلامت هووي.
لاڏل چڙهسين محافي - پير سلامت هووي.

نفل پڙهڻ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: مسيت منهنجي پير جي سچي آهي سونَ جي،
مٿس گل گلاب جا، حورن رانيو گهوٽ ڪي!

ڪلي: سيد آيو سيج تي، قل چوندبندو جوٽ تي - مٿس گل گلاب جا.
احمد آيو اُٺ تي لاٿئون ڏيو گهوٽ ڪي - مٿس گل گلاب جا.

نفل پڙهڻ جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي: ميڏا ابل مسيتين وندا پئي،
جڏهن پڙهندا قرآن سڻندان پئي.

ڪلي: ميڏي پير دا در هي علي حيدر شاهہ.
جنهن دا فيض جڳ ڪون وندبيندان پئي.
ميڏي الهہ دا شان وَڏيندان پئي،
اُهندي نازين نال موهيندان پئي.

نفل پڙهڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: منهنجا پڙهيا! پڙهيل ويهہ مسيت ۾،
منهنجا جڙيا! جڙيل ويهہ مسيت ۾.

ڪلي: لائئون لهندو - آءُ قربان وڃان - منهنجا پڙهيا!
چگي دهري گهڙائي - آءُ قربان وڃان - منهنجا پڙهيا!
(۽ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

ساهرن ۾ پهچڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: اگڻ ادل جي شمعون جلايان، ساري سنياري پينرون گهرايان.
ڪلي: اکيون ادل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنايان - اگڻ ادل جي.
(۽ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

ساهرن پهچڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: منهنجي ادل مٿان مهر وسندي اچي،
مهر وسندي اچي، ماءُ نرندي اچي.
ڪلي: هينئون ادل جي هرٽا مهري - ڪوڏ منجهئون ڪڏندو اچي.
چڙهيءَ ابل جي ابلق گهوڙو - ناز منجهئون نچندو اچي.

ساهرين پهچڻ جو پيراٽو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: پير جا مريد توکي الله ڪٺي آندو.
ڪلي: هتي لام ليلان، هتي مير مجنون - توکي الله ڪٺي آندو.
گهوٽ گهوڙي چڙهه تون - هري هري هل تون - توکي الله ڪٺي آندو.
لاڏا! وني وٺ تون، پنهنجي گهر ور تون - توکي الله ڪٺي آندو.

سيج جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: سعيو ٿيو تنهنجيءَ سيج جو،
ماءُ نريئي، بخت وريئي، سيج ماڻ. لاڏلا!
ڪلي: ٻئنسر جوڙائج نهري، ادل تو، لئي ماءُ سنياهيو - لاڏلا.
(۽ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

سيج جو سرائيڪي گيچ:

وراڻي: اندر نہ وڃ ڏکڻ هير پکا مئن جهليسان،
پکا مئن جهليسان، سرهي سيج وڇيسان.
ڪلي: ڏند ادل ڏي ماڻڪ موتي - سرخي جوڙ بٹيسان - پکا مئن جهليسان.
(۽ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

سيج جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي: مئن ڦلاندي سيج وڇائي هي، ميڏا دلبر وي،
تون نازين نالا آوين، ميڏا رانجها وي.
ڪلي: ڦلاندي واڙي وچ بلبل پئي ٻوليندي هي،
تاڙي مار اُڏارين - ميڏا رانجها وي.
ڦلاندي بازار وچ، ٻوچڻ ميڏا اٽڪيا،
نازان نال ڇڙاوين - ميڏا رانجها وي.
ڦلاندي باغ وچ، چولا ميڏا اڙڳيا،
نخري نال ڪڍاوين - ميڏا رانجها وي.

ڦل چونڊڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ڦل چونڊيندي ٻچڙي! گل پائي ٻچڙي
ڪلي: ٻئنسر پائي سهاڳ جي، ميندي لائي سهاڳ جي - ڦول چونڊيندي.
(ٻين زيورن ۽ مساڳ، ڪجل ۽ هار جا نالا ورتا ويندا.)

ڏورڙي چوڙڻ جو سنڌي سهرو:

ورڻي: ڏورڙو وينجهارين جو وٽيل، ڏورڙو ڪيئن ڇٽي؟
ڪلي: تنهنجيون ماسيون ٽيون ڇينيين لاڏا! ڏورڙو ڪيئن ڇٽي؟
(۽ ٻيا پيٽيون، ڦقيون ۽ چاچيون نالا ورتا ويندا.)

ڪير پيارڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ابل! ڪير پيئڻ وارا، جڙي تنهنجي جواني!
جڙي تنهنجي جواني، شال وني ماڻين!
ڪلي: ٻئنسر ادل جي مان لاڙئون گهرايان، شال وني ماڻين!
(۽ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

لائڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: انبن توتن جون ٽڏيون ڇانوان، سهڻل لهندم لائوان
ڪلي: ٻئنسر سهڻل جي لاڙئون گهڙيان، تنهن تي مينا رکايان - لهندم لائوان
(۽ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

لائڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: تنهنجي بنگلي اڳيان ٻيني ڳايان، سهڻا لال!
لائئون لهندو سيج تي اچ، موڙ ٻڌندو سيج تي اچ!

ڪلي: تنهنجي پرڻي جي ويلي، ماءُ نري منهنجا لال! لائون لهندو سيج تي اچ
(ٻ ڀين مائٽياڻين جا نالا ورتا ويندا.)

لائن جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: لاڏل لائوان لڌيان، مئن ڏاڍي خوش ٿي هان،
جڙيل لائوان لڌيان.

ڪلي: سر لاڏل دي سوني سهري، موتين جوڙ بنايا – مئن ڏاڍي خوش ٿي هان.
اکيان لاڏل ديان ٻرن مشعالي، ڪجل جوڙ بنايا – مئن ڏاڍي خوش ٿي هان.
(ٻ ڀين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

ڪنوار جي منهن ڏسڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: منهنجي گلابيءَ جي گل ڪي ايڏي دير مَ لايو، مومل ساڻ ملايو،
منهنجي صرافيءَ جي شمع ڪي ايڏي دير مَ لايو.

ڪلي: اکيون ادل جون ٻرن مشعالا، ڪجل جوڙ بنايو – دير مَ لايو.
(ٻ ڀين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

ڪنوار جي منهن ڏسڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: چتونڙو درياءَ پار جو، چاجين آڻايو،

ڪلي: ٻولي ٿو ونل سان، لاڏل ويهاريو.
ڪٽي اکڙيون نيڙي نهاري – چاجين آڻايو.
سونن سنجن نيري گهمائي – چاجين آڻايو.

مارڪي (معرڪي) جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: گڏ گوڏي ويهي، ادل مون پرڻايو،
اتان پرڻايو، جتي سنڌس رايو.

ڪلي: ٻئنسر ادل جي مون سوني نهرائي – أدل مون پرڻايو.
ڌهري راڻل جي مون سوني نهرائي – ادل مون پرڻايو.
جهومر مومل جي مون سوني نهرائي – ادل مون پرڻايو.
ٻانهين سهڻل جي مون سوني نهرائي – ادل مون پرڻايو.
جهانجهر پورل جي مون سوني نهرائي – ادل مون پرڻايو.

مبارڪن جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: آيل توکي نوَ لک مبارڪون، تنهنجو رب وارو ورايو.
سوڌل ماءُ کي مبارڪون، تنهنجو واليءَ بخت پڙايو.

ڪلي: چڱي ٻئسنر جوڙائي، لاڏل لاڙئون جو آيو - بخت پڙايو.
(ٻ بين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

مبارڪن جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي: سهيليان اربيليان ڙي! ميڪون ڏيوو مبارڪان،
مئن جڙيل پرڻائي، گهر آئي هان.

ڪلي: چڻ چڻ چنبيلي ديان ڪليان، جوڙيل ماڻ سهري دي ڳليان. ڏيوو مبارڪ
چڻ چڻ گلاب ديان ڪليان، لاڏل ماڻ سنهري دي ڳليان ڏيوو مبارڪ
چڻ چڻ رابيل ديان ڪليان، سهڻل ماڻ سهري دي ڳليان ڏيوو مبارڪ

مبارڪن جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: ڏيوو ڏيوو نوَ لک مبارڪان، ڏيوو سؤ سٺ مبارڪان.
ڪلي: اکيان لاڏل ديان ٻرن مشعالي - ڪجل جوڙ بنايا. ڏيوو ڏيوو.....
(ٻ بين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

مبارڪن جو سنڌي سهرو:

وراڻي: نوَ لک مبارڪون ڏيو ڙي! بابس کي ڏيو ڙي،
ماڻس کي ڏيو ڙي! پلي پلي ڏيو.

ڪلي: سونهن ۾ لاڏل منهنجو سرس سوايو، ماڻئن کي لاڏل آهي ڏاڍو پيارو.
نوَ لک مبارڪون ڏيو ڙي!
الله وڏايو پيرن جوڙيو، مون تي الله جو آهي تورو
نوَ لک مبارڪون ڏيو ڙي!

مبارڪن جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: دران مرشد جي ملي تئي مبارڪ، دران دلبر جي ملي تئي مبارڪ،
توسان حامي حضرت پير، توسان مدد محي الدين.

ڪلي: لاڏل ماءُ الله وڏائي، سيڻن سدا رنگ لايو - توسان حامي.....
اکيون لاڏل جون ٻرن مشعالا، ڪجل جوڙ بنايو - توسان حامي....
(ٻ بين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهور جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: سونَ، پڙهيل توتان صدقي،
گهوري گهمائي ماءُ.

ڪلي: اکيون ادل جون ٻرن مشعالا، ڪجل جوڙ بنائي - گهوري گهمائي ماءُ.
(۽ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهور جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: سونُ ادل توئن صدقا ڏيسان،
مولا ڪرايم شاديان.

ڪلي: اکيان ادل ديان ٻرن مشعالي، ڪجل جوڙ بناوان. مولا ڪرايم شاديان
(۽ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهور جو سنڌي سهرو:

وراڻي: گهوري ڏي گهوٽ جا ابا! گهوٽ مٿان ٿي سونُ،
ڏي ڏاند، ڳئون، مينهن، گهٽ وننداسون ڪونہ.

ڪلي: گهوري ڏي گهوٽ جي ماءُ گهوٽ مٿان ٿي سونُ.
ڏي وڳو ڪپڙن جو، گهٽ وننداسون ڪونہ.
گهوري ڏي گهوٽ جا ڀائو، گهوٽ مٿان ٿي سونُ،
روپيا هجن روڪڙا، گهٽ وننداسون ڪونہ.

ڪنواريتن ۾ رات ٽڪڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: هير توسين هلندي، ڪلي سيج ويهندي،
منهنجا الله جوڙيا لاڏا: لاڏي توسين هلندي.

ڪلي: اُٺ ٻيلهہ چڙهندي، ڪلي ڪٽ ويهندي - منهنجا الله جوڙيا لاڏا!
ياڳ سهاڳ ماڻيندي، ڪلي جوٽ ويهندي - منهنجا الله جوڙيا لاڏا!

ڪنواريتن ۾ رات ٽڪڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ريل جا راڻا! توکي محل ۾ مومل ملندي،
توکي ساهرين رات پوندي.

ڪلي: اکيون ادل جون ٻرن مشعالا، ڪجل هي رنگ لايو - محل ۾ مومل...
(۽ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

نيڪيتيءَ يا موڪلاڻيءَ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: جيڏل! ڏاج سنياءِ پنهنجيءَ ڌيءَ جو، اسان راڻل آهي آندو،
هاڻ لاهي ڪڙو هن ڪوٽ جو. اسين ساعت نہ سهنداسين،
اسين ساعت نہ سهنداسين، اسين مومل نينداسين.

ڪلي: دهري گهڙائج نهري - اسين مومل نينداسين.
(ٻ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

نيڪيتي يا موڪلاڻيءَ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: اُٺ سنيھ ڏيءَ ٻائي! آيا تئي اُٺ ڪجاوا.
ڪلي: ڪا گهڙي ترسو ڏيءَ ملي پنهنجي ماءُ کي - آيا تئي اُٺ ڪجاوا.
(ٻ ٻين عزيزاڻين جا نالا ورتا ويندا.)

گهر ڏانهن موٽڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: اڄ ڏينهن سدورو ٿيندو، سهڻل گهوٽ گهر ايندو.
ڪلي: ٻئنسر بار پريو، جوڙيل وني چاڙهي وريو - گهوٽ گهر ايندو.
(ٻ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

گهر ڏانهن موٽڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: سڄڻ سونهارا! تنهنجي ڏسڻ لئي واتون نهاريان.
ڪلي: اکيون پرينءَ جون ڪاريون ڪجليون، سرمي اکين کي ڏاڍو عجب بنايئي
سرَ تان سڄڻ جو سون ۾ سهڻو، لونگيءَ جي جوڙ ڏاڍو عجب بنايئي
هٿ سڄڻ جا مينديءَ ڳاڙها، چلڙن جي جوڙ ڏاڍو عجب بنايئي.

گهر پهچڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: آءُ ڙي بنا! مور بنا! بنا! تنهنجو وارو الهه ورايو،
تنهنجو لايو ٿيم سجايو.
ڪلي: دهري گهرائج نهري - لايو ٿيم سجايو.
(ٻ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

گهر پهچڻ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: ميڏا رانجهن يلي آيا، ميڏا ڍولڻ يلي آيا.
ڪلي: اکيان لاڏل ديان ٻرن مشعالي، ڪجل جوڙ بنايا، ڍولڻ يلي آيا.
(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهر اچڻ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: پير محي الدين اڳڻ اسان جي آيو،
ناز وارو نينگر اسان جو آيو.
ڪلي: چمڪدار ويندو جو جوڙايم - ناز وارو نينگر اسان جو آيو.
(ٻ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

گهر اچڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: اڄ مون وٽ آيو، جند جان ڪريان قربان،
پنهنجي روح جو رايو.
ڪلي: ڏاڙهن لام لڙي - پنهنجي روح جو رايو.
(۽ بين وڻن: ليمن، انبن، لونگن، ڦوٽن جا نالا ورتا ويندا.)

ڪنوار جي ساراهه جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: رب جو مٺڙو راز پلي پانهن لوڏي.
ڳاڙهي مليس ڪنوار پلي پانهن لوڏي.
ڪلي: چڱي ٻڌنسر جوڙائي، ادل پانهن لوڏي.
(۽ بين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

ڪنواريتن جي ساراهه جو سرائيڪي گيچ:

وراڻي: شمع شهزادا ميڏا ٻٽيا وي،
الله جا ڪيتا تيڏا چڱيا وي.
ڪلي: اکيان لاڏل ديان ٻرن مشعالي، ڪجل لاتس شمعان وي.
(۽ بين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

مرادن پڄي اچڻ جو سنڌي پيراٽو ڳيچ:

وراڻي: شاديون مُراديون اسان جون پير پڄايون،
عيوض انهيءَ جو ڏينديس سُڪائون.
ڪلي: نالي ڏٽيءَ جي حوش تي ڪارايون - ڏينديس سُڪائون.
پائر پينر گڏجي گذاريون - ڏينديس سُڪائون
مون ڪي مولا مرادون ڏيکاريون - ڏينديس سُڪائون.

مرادن پڄي اچڻ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: صدقي صدقي وڃان، گهوري گهوري وڃان،
من مرادان هن ميڏيان پنيان.
ڪلي: نڪ لاڏيءَ دي نٿڙي سونهندي، نٿ لاٿي هي شمعان.
(۽ بين عضون ۽ زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

مرادن پڄي اچڻ جو پيراٽو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: من ديان مرادان ميڏيان. الهه پڄائيان،
دل ديان مرادان ميڏيان.

ڪلي: الله دي در تي مٺن منڙيان سُڪاوان - الله پُڄائيان.
محمد دي در تي مٺن منڙيان سُڪاوان - الله پُڄائيان.
مرشد دي در تي مٺن منڙيان سُڪاوان - الله پڄائيان.

ڪنوار جو پيڪن لاءِ سڪ جو سماتڪو سهرو:

وراڻي: منهنجي اورڻ ماءُ! منهنجو لکيو آهي ڏور.
ڪلي: پار درياءَ جي تتر تنواري - منهنجي اورڻ ماءُ.
هينئڙو حيران پونم پُور - منهنجي اورڻ ماءُ.

ڪنوار جو پيڪن ڪاڻ سڪ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: قابو آهيان ڪوتن ۾، جيئن منهنجي قسمت!
قدرت ڪيو ڏکن ۾، ايئن منهنجي قسمت!
ڪلي: بئنسر ادل جي مان لاڙئون آڻائيان - ائين منهنجي قسمت!
(۽ بين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

ڪنوار جو پيڪن لاءِ سڪ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: ميڏي سر دا سالور ينان ينان، مٺن گهڙي نہ ڏيسان مانگوان.
ڪلي: لونگي لاڏل دي، بوچڻ ميڏا، مٺن ملهہ هزاري گهِنان گهِنان
وني ابل دي سهاڳ ماڻي بنا، مٺن ملهہ هزاري گهِنان گهِنان

ساٹ ڳيا: هيءُ ساٹ ڳيا وري وري پيا چئبا آهن، جيستائين پرپ جا سَنوڻ ساٹ ختم تي ويندا آهن.

ٻڪيءَ جو ساٹ ڳيو:

چانور چڙيو، هوءِ هوءِ جهمڙي، چوڪا چڙيو، هوءِ هوءِ جهمڙي.
لاڏو قلڙن هوءِ هوءِ جهمڙي.

مهري ۽ مانداڻيءَ جو ساٹ ڳيو/ ڳيچ:

ڳاڙهي قرهي، مهري چومي،
ڳاڙهي قرهي، مانداڻي چومي.

جنڊ جو ساٹ ڳيو:

جنڊ ٻڪي، جنڊ ٻـُـڪي، سا پائي جنڊ جتا. ڪـَيئن يـَتا!
گهوٽ ڪنوار سهسين سکيا!

ڇني اڏڻ جا ساٿ ڳيا:

ڇني ڇتيھ ٽوٽيون، ٻٽيھ ڏيا ٻرن،
گلڻ گھوٽ! ساليون هنڌ وهاڻا گھرن.

*   *   *

ٻڪڙو پيرن اڏڙيو، ٻڪڙي ٻيلي الله، ٻڪڙي مينهن وسي،
نئين سيج لاڏل، گلڻ گھوٽ چڙهي گھوڙي.

ونواھ ٻڌڻ جو ساٿ ڳيو / ڳيچ:

اِندر ڪٿورن ۾ ٻار ونا! وتيءَ ۾ سرڪنڊ، موچارا ونا!

*   *   *

اڪيو اڪيو نہ ڪريو، اڪيي ۾ لال ڪنوار،
سوءِ ڏيئي روڪڙو، اچي ڏسو ڳاڙهي ڪنوار.

*   *   *

نيرڙي، ٻڌ ٻابلي، چنڊ جھلندو پيو اچي،
عقلدار لاڏلو، سين ملوڪ سانولو.
مون نہ لڏڻ ۾ سجاتو، مون سجڻ سيج تي، سجاتو.

سانجھڙيءَ جو ساٿ ڳيو / ڳيچ:

"سانجھڙ سانجھڙي" ساجھر ڏجي، ڏيءَ وناهين وينئي جتي.
جنهن گھر سانجھڙي ڏجي، سوگھر وسي، آءُ سليڇي تون ٻھ تتي.
سونَ دبلڙو جوٽ ڏرجي، ماءُ ٻيءَ سندڙو ڇيو مچجي.
سس صهري جي شيوا ڪجي، ڀيڻ ياٽيجيءَ جورو ڏجي.
ٻهاري سوهاري ڪنڊ ڏرجي، اُڪلڙو مُهلڙو نا اورانگھجي.
ورت وهنڊڙي نا اُڪرجي تتڙو گيھڙونا تورجي.
پير سين پينگھڙو نالو ڏجي، ستڙو ڪتڙو نا جاڳائجي.
سانگ صرفي سان هلجي.

سونهي جو ساٿ ڳيو / ڳيچ:

پرينئڙو جوين هيلون ڏي.
سونهي ڪُهنبن ساڻ ڪنوار، سونهي ٻانڌڻن سان ڪنوار.
سونهي تارن ۾ جيئن چنڊ، سونهي تارن پرڙي رات.
سونهن ڇج ويندڙ ڇاجي، سونهي ڪنوار ڪلهي ٻانهين.

سونهي واهڻ ڪنڌيءَ ڪانهه، سونهي پار وهندڙ پاڻي.
سونهي مينهن ۾ جيئن سانهه، سونهي ڳوٺن ۾ جيئن ڳوڙو.
سونهي هاري هرَ سين جتڙو.

گهوٽ کي مينديءَ لائڻ جا سانَ ڳيا / ڳيچ:

ميندڙي مامن آندي، سهرو ڪاڪن آندو،
رکي ادل گهوٽ کي، ٻاروچو ٻانڌڻو ڏي.

* * *

مينديءَ رتڙا گل، ميندي لائڻ ڏي،
پٽ ڳنڍڪو ابا! ميندي لائڻ ڏي.

ڪنوار جي مينديءَ جو سانَ ڳيو / ڳيچ:

ميندي ڏيوڻ آيان، ست ئي سهاڳڻيان. ميندي ساوي ڊوليي دي،
خوب ڪهنبڙا لڳا، لاڳ ميندي دا لڳا، هٿين پيرين رنگ جهليا.

* * *

سڄڻي گهرايو سانَ تي، لال ميندي جو رنگ جهلي،
لال ميندي پيرڙا رڱي، هٿڙا چِٽي.

گهوٽ کي ڏِڪَ ويهارڻ جو سانَ ڳيو / ڳيچ:

ڏِڪ چڙهه ونا! تنهنجو سينگار موتين هار،
اديون منهنجو لاڏو، ڏِڪَ چڙهي گهر آيو.

گهوٽ جي تيلاڙي جو سانَ ڳيو / ڳيچ:

چوٽ متي ڦلڙا، مر چڪيو لڳي،
اسان سندي ونڙي، مر چڪيو لڳي.

ڪنوار جي تيلاڙي جا سانَ ڳيو / ڳيچ:

چوٽو ڦلن ڇانيو، مر چڪيو لڳي،
اسان سنديءَ ونڙيءَ، مر چڪيو لڳي.

* * *

سوني تورڻ توريو تيلاڙو.
اما! پوري ننديڙو، جيجان پوري ڇتڙو،
جاءِ جا ڦل، سرهو تيلاڙو! جاءِ جا گل.

ڏانوڻ ڏانئڻ جا ساٽ / ڳيچ:

ڏانوڻ ڏانيو، اُيو سائين، ونيءَ تائين.

* * *

سون جو ڏانوڻ ڏانيو، سُرهي سيج وڇايو، پائر پلي ڪري آيو.

* * *

ڏانوڻ ڏانئي، سيج وڇائي، تنهن تي ريڏو راڄ،
ادل! سهنج مڙئي سونَ جو.

رانءِ جهانءِ جو ساٽ / ڳيچ:

رانءِ جهانءِ هنجهڙا، تو پڻ سَتَ سمنڊ لنگهڙا،
مون پڻ پنڙي آ س!

ٿنبِ چٽڻ ٿنب ٺرڻ / جا ساٽ / ڳيچ:

هي پهريون ٿنڀ جو اَڏڙيو، منُ هريو، دولت پريو، ونڙي ڏاڏاٽن،
آءُ منا! ونڙيءَ وڻ هريو، سرهيءَ سيج ڙي الا! اسان جو لاڏو چڙهيو.

* * *

پهريون ٿنڀ جو اَڏڙيس، اَڏڙيس موڙهي، ساري سو تہ ونڙي باباڻن،
وَرَ ونيءَ جي سهاڳ ڪي، سي تان سهاڳڙو.

لانئن جا ساٽ / ڳيچ:

هيءَ پهرين لانءِ چنڊ ٻاٽولي، ٻابل ڏيءَ ڪنوار گهمندي نوري،
گهمندي نوري، اچڙي چوڙي، هيءَ ننڍڙي پرٽجي.

ماٽڪ پيڙا ماڻ ماٽس پيڙس مانَ :

جيءَ توڇائو! ونو پرٽي رات موڙن سين ڳتو،
سرهي سيج ڙي الا! اسان جو لاڏو چڙهيو.

* * *

هيءَ پهرين لانءِ چنڊ ٻاٽولي، ٻابل ڏيءَ ڪنوار گهمندي نوري،
گهمندي نوري اچڙي چوڙي،
اسان هير ڏنو سڄڻ سيج چڙهيو - اسان هي بہ ڏنا سڄڻ سيج چڙهيا.
سيجڙي ماڻ ڳاڙهي ونی، ونيءَ پرٽي رات هيءَ ويل چڱي.
ڪوڏ جهڙي ڪنوار، سَڏ جهڙو ونو، الا هاڻ ماٽس آسون پنيون.

* * *

سيجڙي پنهنجي پاڻ ماڻيندو. هيءَ هڪڙي لانءَ سنگ بسوڙو،
بابل ڏيءَ ڪنوار لمندو جهوڙو، اسان لاڏو ڏنو سيج چڙهندو.
سيجڙي سپ چڱي ڳاڙهي وني.

*　*　*

ليلڙي لانوان سنگ بسوڙو، بابل ڏيءَ ڪنوار ٿڙهه ڪپهه وار،
هيءُ وڻ ڪيئن رُتو. رُتس بيلهڙي، پرڻي رات موڙن سين جتو.

*　*　*

سانگ مسوڙي، بابل ڏيءَ ڪنوار لمندي جهوڙي،
اسان هاٹي ڏنو بيبيءَ سين بنو سيج چڙهندو،
واڙ ڪا هي واڙ هي ڪنهن رُتو، ماڻ پهرين ساڻ،
جي تون پانئين، بابل پرڻيم رات موڙ سجدو.

*　*　*

هڪڙي لانءَ ڪنڌ ٻجهوڙي، ڏيءَ ڪنوار گهمندي نوري،
نوري نوري ڳاڙهي جوڙي، سڄڻ ماروءَ سيج وهائي آهي.

*　*　*

هيءَ پهرين لانءَ چنڊ باهولي، بابل ڏيءَ ڪنوار گهمندي نوري،
اسان چنڊ ڏنو نوڙندو، اسان ونو ڏنو سيج چڙهندو.
سيجڙي نور رڱي، چوڪائي چڱي، گهوٽ پرڻي رات سپ سوڪي.

*　*　*

هيءَ پهريڙي لام سنگ بجوڙي، پلڙي بابي ڏيءَ گهمندي نوري،
ٻہ ڪپڙا ڏجانس ڀهڳڻ سندا، اسان هير ڏنا، منا ٻئي سيج چڙهندا.
سيجڙي ماڻ ڪلي، ڳاڙهي وني شپ سرڪن رات ههڙي بني.

ترمڻ جا ساٹ / ڳيچ:

جيترا تر مئيندي اوترا پٽ ڇٽيندي، سهرو چوندو ڪانہ ڪچندي،
سس ڪي نمي پيرين پوندي، لوٹا شپ سلوٹا، لوٹا هٹ سلوٹا.

*　*　*

لوٹا سپ سلوٹا، جيڪي ونڙ وڏي سا پڻ ونڙي جهلي،
رتا بنڌٹا باڻ، هيءَ ننڍڙي ڪنوار - ڪوني ۾ ويهندي، ست پٽ ڇٽيندي.

*　*　*

جيترا تر مئيندي، اوترا سک پسندي. سس سهري سان نوڙت ڪندي،
وڏي ڏير جا پير مليندي، ننڍي ڏير جو ڇيو مڃيندي.

*   *   *

جيترا تر مئيندي، تيترا پٽ ڇٽيندي، سين سان ڪير ڪلندي،
سس چوندس ڪين ڪڇندي، ڇيو ڇايو ڪين ليکيندي.
لوٽا سرب سلوٽا. جيڪي ونڙو ڏي. سو پڻ ونڙي جهلي،
رتا ٻڌڙا ماڻ، آهين ننڍڙي ڪنوار. ڪوٺي ۾ ويهندي سهاڳ ڀاڳ ماٽيندي.

ڏامڻ لنڙين، وجٽي ۽ اٽين جا ساٺ / ڳيچ:

ڏامڻ لنڙين ڇايا. سڄڻ مون گهر آيا.
هرڙي ڏاک ڇٻايا. سڄڻ ڏيري ڏيري آيا.

*   *   *

ڏامڻ لنڙين رانيا. مون گهر سڄڻ آيا. جهيٽي جهيٽي گهر آيا.
ڏامڻ لهه لنڙيون، جنهن منڊ مرڪن. ڏوليي ڏنيون ٻه سون جون لِـڪڙون،
سونهن جيڏل هار ۾. لئي! سُرها ونا!

*   *   *

ڏامڻ لنڙيون، جي منڊ ڏنڙيون، جيتڻ لو!

*   *   *

ڏامڻ لنڙيون ڏامڻ لنڙيون، ڏوليي ڪُتي ڙي. ڏوليي ڪتي ڙي.
ڪين ڪڇي سا ونا! ونڙي.

*   *   *

ڏامڻ لنڙين ڏاما. ڪين ڪڇي ڙي ڄامان، پاڻ سر ڏڪي ٿي ڄامان.

وجٽيءَ جا ساٺ / ڳيچ:

وجٽيءَ واءُ ڪجي، ٻوري ٻائي! وجٽيءَ واءُ ڪجي.
هٿين جهلي وجٽي، وجٽيءَ واءُ ڪيو. ونڙي واءُ ڪيو.
ونڙيءَ واءُ ڪيو اُرهه لڳو. سو تہ سيباٽو.
هرڙ هارڙو، ڏڄڻ ڏارڙو. سڄڻ جيءُ جيءُ آيو.

*   *   *

وجٽيءَ واءُ لڳو. سو تنَ سيباٽو. هٿ جهلي وجٽي،
ونيءَ واءُ ڪيو. ونيءَ کي سيباٽو. وجٽيءَ واءُ لڳو.

اٽين جو ساٽ ڳيو:

اٽيون اٽيون سيئي پنيون، پيڙيون ٻہ پُڇن.
ڪُهنبو ڪُهنبو پيٽن ساريو، ڏيج ڏيج گاجرو،
ٿوهالو هريو هريو، سڄڻ سيجڙيءَ چڙهيو، لُڏڻ موتين مڙهيو.

مانڌاٽيءَ جو ساٽ / ڳيچ:

منڌيءَ ولوڙيو هوءِ هوءِ جهمڙي، مکڻ ميڙيو هوءِ هوءِ جهمڙي،
لاڏو ڦلڙن ويڙهيو.

سونگي جا ساٽ / ڳيچ:

سونگڙي ساٽ ڪجن، پوري ٻائي سهجان سيڻ ڪجن.

* * *

ڪوڏ ڪمانگر چٽيو، سرها ونا!
سونگڙي ساٽ ڪجن، سهجا سيڻ ڪجن.

* * *

هرڙ هرڙيو، ٻوڙي گهرڙيو، سون ڪمانگر چٽڙيو،
سونگي ساٽ ڪجن، ونی ٻائي!

* * *

جس ڪمانگر کي، جنهن سونگڙو چٽيو، انگڙو ونگڙو واڍي گهڙيو.

* * *

سونگي سمانا سونا سڏائي، سونا سڏائي، ميا ڪونائي،
ٻنل اڳڻ واهہ ڪٽائي، اچڙي ڪند ڦڪائي، ڪچڙي ڌاک چٻائي.

ڦل چوندڻ جا ساٽ / ڳيچ:

گل چوندبيندي، ڦل چوندبيندي، وني‌ءَ وني نيڻ ڻريا.

* * *

سؤ جو لاڏو آئيو، لاڏي جا چاچي سندان ڙي!
آءُ اُن مهل چوندبينديس ڦلڙا.

* * *

تو لئي ويهي وهائيم راتڙي، آءُ پرهہ چوندبينديس ڦلڙا.

* * *

ڦل چوندبيندي وني دي نال وي، ميڏا اصل دخالي لاڏلا.

* * *

ڦل چوندبي سا وني ونسي، ڪين ڪچي سا وني وني.

ڳنڊ يا ڏوري کولڻ جا ساٽ / ڳيچ:

ڳنڊ کولائي، ڏي موڪائي، ڇوڙ تہ ڇوڙڻ ڏيانءِ

* * *

ڏورڙو وينجهارين وٽيل، لاڏا! ڏورڙو ڪين ڇڙي،

ڏورڙو ڏاهين جو وٽيل.

* * *

ڏورڙي ڏھ ڳنڍيون، لاڏا! ڏورڙو ڪئين ڇُڙي.

ڪير پيارڻ جا ساٽ / ڳيچ:

ڏھ ٿيءِ آڱريون ڪير ۾ ڏھيءِ پتنگڙيون، ونيءَ اُرھي لڱڙيون سي پڻ سيباٽيون.

ھرڙ ھارڙيو، ڏُڄڻ ڏارڙيو، سڄڻ سيج چڙھيو.

* * *

ڪيرول ڪير پيتو، وَرنيءَ وَرَ پريو،

چوٽيريءَ چاڳ ڪيو، چنڙيءَ سھاڳ ڪيو.

* * *

ابل! ڪير پيئڻ وارا، جُڙي تنھنجي جواني، شال ونى ماٽين!

* * *

وَريڙيءَ وَرُ ڪيو، ڪيروندي ڪير پيتو،

چوڙيليءَ چاڳ ڪيو، ڪُندن ڙيءَ ڪوڏ ڪيو.

* * *

رات ٻڌڙا ماڻ، ڏيءَ ننيڙي ڪنوار،

ڪونڙي ويھندا، ڪير پت ڪينئندا.

* * *

سا ڪيران سا ڪيران، تو جو ننيڙو گھوٽ،

توکي رتڙو ٻڌو، توکي ڇڳڙو لکيو.

ڪارڪ يا مٽ ڇڏائڻ جا ساٽ / ڳيچ:

ڪارڪ ڇڏاٽي، ڏي موڪاٽي، ڇوڙ تہ ڇڏڻ ڏيان.

* * *

مٽ کولاٽي، ڏي موڪاٽي، ڇوڙ تہ کولڻ ڏيان.

ڪامڻ: سنڌ ڪي ڪي برادريون، ڪامڻ جو ڳيچ، ڪنوار ڪي سينگار ڪرائڻ مهل ڪنواريتيون زالون ڳڏجي چون. جيستائين سينگار پورو ٿئي.
ڪامڻ زوران زور لڳي، ڪامڻ ٻولان ٻول لڳي،
تيل قليل وانگر لڳي، چوئي چندن وانگر لڳي،
رتي مينديءَ وانگر لڳي، ڪامڻ زوران زور لڳي.

ڍاٽڪي ڪامڻ ڳيو / ڳيچ:

ڪامڻيئارا رَسيا گسيا، انگ لاڏلڙي را لسيا.
ساسو سهي ٿانري ڪامڻ جاڻي، سا سوسهي ٿانري ڪامڻ جاڻي،
هيڪي چونڪي جان جيماڙي، پانتيا ڪري اُنياڙي.
ساڙات ٿانري ڪامڻ جاڻي، ساڙات ٿانري ڪامڻ جاڻي،
هتاڙي ۾ سرس رووباڙي، ياجي ڪري چمڪاڙي.
ساڙي سهـِي ٿانري ڪامڻ جاڻي، ساڙي سهـِي ٿانري ڪامڻ جاڻي،
هتاڙي ۾ نانگ نچاڙي، ڪوتڪ ڪري ڏيکاڙي.

هيرو يا ڦوٽاٽو: هن ڳيي ۾ هلڪي قسم جون گاريون، ٽنوليون، زالون پاڻ ۾ يا گهوٽيتن سان ڪنديون آهن:
چـُڙ ڪوناري[1] ڊول بدولو، ڪوناريءَ ڪـُڙهه ۾ ڪوڙيو ڪـلو،
اُلڙ ڙي ڪلامَ ڪـرماٽو، هڪڙي جا جوڙس ٻيو جو ناٽو.
ڏارڙي ڏارڙي، رنگ ڪري ٿي ٻار ڏتار ڙي،
ڪوناري ڏيندو زال اُڏاري، فلاڻي نالي وار ڙي.

ڍاٽڪي / ڦوٽاٽو ڳيو / ڳيچ:

پاڏي پڳي جائي پاڏي پڳي جائي، چورو جاڻي ڏاڏي پڳي جائي،
نا ڙي چورا! ڏاڏي ڪونهي، پاڏي پڳي جائي!
گابو پڳو جائي، گابو پڳو جائي، چورو جاڻي بابو پڳو جائي،
نا ڙي چورا! بابو ڪونهي، گابو پڳو جائي!
ڪوئو پڳو جائي، ڪوئو پڳو جائي، چورو جاڻي ڦوئو (پڦڙ) پڳو جائي.
نا ڙي چورا ٿو ٺو ڪونهي، ڪوئو پڳو جائي.
(۽ اهڙي طرح ٻيا مائٽن جا نالا ورتا ويندا.)

---

[1] اهو ماٺهو جيڪو پڙو يا ڪوٺو مٿي تي کڻي هلي يا زالن کان گهوٽ جا ڪپڙا وٺي چني ۾ آڻي.

لوڪ گيت

لوڪ گيت: گهڻو ڪري تُڪبندي تي اتلاٽي وارا ۽ ڏگهي سنگهر جي بيتن وانگر هوندا آهن. هن ۾ جمالو، چلو، مورو، لولي، ٻيلڻ، ڊولو، گامڻ، موڏي، ڪانگلڙو، سرورَ ۽ رمضان شريف جا جاڳا ان کان سواءِ ڪيترا ڊاتڪي ٻوليءَ ۾ ٽري لوڪ گيت اچي وڃن ٿا. سنڌي لوڪ گيت نموني طور هيٺ ڏجن ٿا:

جمالو: هو جمالو، هو جمالو. منهنجو لڙي ايندو لاڙ ڪان، هو جمالو!

چلڙو: يلا يلا جانان! چلي ڏاڍي لائي هي.

ڪلي:

چلا چوڪر آهين، ميڏا ساھ سڪائين، ڪيون منهن لڪاوين. يلا يلا جانان!
چلا ڪر پيا پٽ تي، جاني ٻينا ڪٽ تي، چُمي ڏيوان چپ تي - يلا يلا جانان!
چلا ڳاڙها گدرا، ساڏا يار نندا، چڪ ٻڏونس سندرا - يلا يلا جانان!
چلا سائي اڳڙي، رن ٻيني بگڙي، جيوين چِتي گِدڙي يلا يلا جانان!
چلا هڙا تهڙا، تئن لاٿا جهيڙا، قادر ڪرسين ميلا - يلا يلا جانان!

مورو:

مورو ناهي ٿورو، حاڪم! مورو ويني ڳايان.
ڏانتي ڏندا ٿيھ، منهنجي لاباري جا ڏينهن - حاڪم! مورو ويني ڳايان.
ٽڪر متي ٽاندو، سهڻو ٻڌم ڳانو - حاڪم! مورو ويني ڳايان.

لولي:

اوهو مارو لولي، وي لوڪ نينگر لولي!
گهُوڪ نہ ڳيرا! ٻينا هانءُ ڏليندا.
وسريان جو ڳالهيان ٻينا ياد ڏويندا - مارو لولي!
گهُوڪ نہ ڳيرا! چپ اَلهہ ڊي نانءَ تي،
وسريان جو ڳالهيئين لکيان ڪڙيان هانءَ تي - مارو لولي!

ٻيلڻ:

ٻيلڻ وي هـُڻ تيڏي ٻيلڻ ٻيني ڳاوي.
رمزان دي ماري، ڪهڙي بارڙي چاوي - ٻيلڻ وي.

ڏولو:

جيوين ڏولا!
بزار وڪانديان ريڙهيان، ميڏا ڏول وَهيندا بيڙيان،
پتڻ ملهيسان - جيوين ڏولا!

گامڻ:

گلڙا پي آيا، ميڏا سانول نہ آيا،
ڪنهن ڪنون پچان، سارا سات پرايا - گامڻ وو ......

موڏي:

موڏي ميڏي سجڻ دي، موڏي وچ واڻ وي.
مين تہ تيڏا نوڪر، تون چاڻين نہ چاڻ وي.

ڪانگلڙو:

آيم رات وريم ڪالھہ، وير ڪان وريو ڪانگلڙو!
لئو سيان لئو سيان.

ڪلي:

پُويو پُويو پائيان هن ڪانگل کي ڪوڏيون،
ڏيکاريندم ڏيھہ ڏٽي، هن لالڻ جون لوڏون،
منهنجو لوڏن وهيٺو - ڪانگلڙو!
هينيٖنءَ ڍنڍ ميجي مري، مٿانس مياٽي،
اُج مرندي نہ پيان، هن پرينءَ ري پاٽي،
منهنجو اُج وهيٺو - ڪانگلڙو!
مون ۾ جيڏل وچ ۾ سونو ٻهارو،
سوري سوري چڏيان، پر هينئڙو ويچارو،
منهنجو ڪوڏ وهيٺو - ڪانگلڙو!

-

تلھہ: آئون ويئي وَس گهران، پنهنجي وِگر شال وران،
ڙي ٻڙا ڪانگلڙا اُڏامي وڃ.

ڪلي: ڪوني مٿي ڪانگلڙو لنيو لاتيون لوءِ
پيچو ٻاڙي واريون، مامر ڪچاڙي چوءِ - ڙي ٻڙا ڪانگلڙا....

اڇي ميڙي اوجلي، جنهن ۾ لڳيَ ٽڏو واءُ،
ڪتيان ويني چوٽن ۾، آيم موييِ ياءُ - ڙي ٻڙا ڪانگلڙا....
ماڪيءَ مني مصري، منو ماءُ وياءُ،
مني پرڏيهہ سوڪڙي، منو موييِ ياءُ - ڙي ٻڙا ڪانگلڙا....
ماءُ تہ مون کي موڪليو وِتي ۾ آمون،
آمون ڪاڏم پيت ۾ وٺو نشانون - ڙي ٻڙا ڪاگلڙا...
اڇو اُبيچڻ ڇانپ سين، مڪو منهنجي ماءُ،
مرڪي ڪنديس مٽي تي، اُوچتئين ڪوڏ منجهان - ڙي ٻڙا ڪانگلڙا...

ڪارڙو:

اهو ڪارڙو! اڪين ڳاڙهڙو،
ننڊ نہ ڏي تو نماڻيءَ کي.

ڪلي: پيلوڙي پيلو، مون داءُ ڏتاري ويو،
ڏسي ڇٽ ڪنيار جو، منهنجي روح ڏنو ريلو،
محبتي ميلو، تيندو يار ميهار سان - اهو ڪارڙو اڪين ڳاڙهڙو.
اڇي ڇُني ڇِت گهٽا ڇِتيل هُيم بانهين،
هٿ هٿم هاج ۾ اڪڙيون اوڏانهين،
سهٽل تون سائين، موتي اچ مينڌرا - اهو ڪارڙو اڪين ڳاڙهڙو.
ڪاڙهي تتي جهڙ پنيان لڳيم هينئين لُڪ،
چاڙهيو جان جنڊيءَ تي ڏريان ويني ڏُک،
ماٺهو چون ٻُک، مونکي سک سڄڻ جي - اهو ڪارڙو اڪين ڳاڙهڙو.

سرور:

الا، اول سوران مٺن بڙائي هي خدا،
تنهن توئن سوران مٺن نبي هيِ رسول،
ڪلمان جنهن دا پيا هيم قبول.
تنهن توئن سوران مٺن سروَر پير،
سُکيان نديان وهندا هي کير.
تنهن توئن سوران مٺن پير جيلاني،
ٻـُکيان نون اَنُ تـهايان نون پاڻي.

تنهن توئن سوران مئن ميان راٺا،
در الهہ دي وچ جو اگھاٺا.
سروَر دي گھر وڄدا هي ڍُهل،
جيوي مائي بيبي دا جوڙ.
سروَر دي هٿ وچ هي ڪنا،
جيوي مائي ببيي دا ونا.
سروَر دي گھر وڄدي هي شاهي،
سروَر جملي دي آس پُجائي.
ڪيڙين پيڙين ڪيتا هي ڏوهہ
ڪڪري چير نڪتي هي روهہ.
سروَر دي هٿ ڏُنڊي لڪڙ،
ڪوڙ مريندا آپٽي آ پڙ.
سروَر دي منهن وسدا هي نور،
اسي وڻ وني پهلا هي پور.
اسي ڪوهہ ڪريندي نُوراني،
ڪهہ ڪر پيران دي پاڙ چني.
جو حج ونديان حج تي ٻيبيان،
آون آپٽي جهوليان پريان.
حج وندان دا حج هي قبول،
پرو ڪلمان پوسي قبول.
جاڳا: چنڊ ڏنو رمضان جو، ڏيو ٻريو اسلام جو،
مسلمانا مومنا سعيو ڪريو رمضان جو.

* * *

جاڳڻ ويل تي آهي رحمت ويل تي
اوهين اُٿي الله ياد ڪريو - جاڳو اوهين جاڳو مومنا.
مسلمانو اٿي جاڳو - هنئين جي هيج سان جاڳو!
اٿي جاڳو الله يارو، وڃي ٿو ماهہ رمضان جو!
شهادت ۾ پڙهيل سارو، وڃي ٿو ماهہ رمضان جو!

باب پنجون

زيور يا ڳهڻا

"سنڌ جا زيور پنهنجي خوبصورتيءَ ۾ مُلڪان ملڪ مشهور آهن. موهن جي دڙي مان نڪتل زيورن بابت سرجان مارشل چيو ته: "اهي اهڙا سهڻا جُڙيل آهن ڄڻ لنڊن جي سونارڪي بازار "بانڊ اسٽريٽ" مان اڃهو هاڻ نهي آيا آهن." سنڌ ۾ وسيل انيڪ ذاتين ۽ قبيلن وٽ پنهنجا پنهنجا الڳ الڳ زيور آهن. جي پنهنجي جڳهه تي الڳ الڳ سُونهن ۽ سوڀيا آهي."[1]

سنڌ ديس جي گوري لاءِ ڳهڻا بلڪل ضروري آهن. پر دنيا ۾ اهڙا به ملڪ آهن، جتي زيورن جو ڙالون استعمال ڪونه ڪن ۽ چون ته اهائي سونهن سڌر آهي، جيڪا ڏنيءَ سڳوري آدم ڪان اَربي آهي. پاڪ - يارت ۾ طرحين طرحين جا زيور ڙالون نهرائي پائي، پنهنجي سونهن ۽ سينگار ۾ اضافو ڪن ٿيون. اڻ پاتل زيورن ڪي اهنڊ چون.

زيور لفظ جي معنيٰ هڪ عالم ڪئي آهي ته زيور اصل ۾، زيب + آور يعني زينت بخشيندڙ شيءِ جو ناو آهي. ڪن عالمن هن ريت چيو ته زيور جي معنيٰ زر + وَر يعني سون وارا ٽپڙ آهي. جن ڪي صفا سنڌيءَ ۾ اسين ڳهڻا ٿا ڪوٺيون، يعني جيڪي ڳهي يا گروي ۾ رکي ڪو ڪارج نباهجي. سچ پچ ته غريب ماڻهو زيور گروي رکي اوکيءَ ويل تي پاندي پوري ڪندا آهن. پر ڳهڻن جي لفظ جو اهو اشتقاق غلط ٿيندو ته ڳڻ + هاڻا يا ڳڻن وارا.

جيڪي زيور ڪنهن عضوي ۾ به گڏ پيل هجن. مثال طور: ڳچيءَ ۾ ڏهري ۽ ڪنمال ته انهن کي "ٻيلهڙ" چون پر جي ٽي - ٽي گڏ هجن جيئن ڏهري، ڪنمال ۽ چندن هار وغيره ته انهن کي "ٽيلهڙ" چون. سيئي زيور پيرن ڪان چوٽيءَ تائين سونا پيل هجن، ته انهن کي "سوني ساهي" يعني سون جي "سايي" ۾ ڪوٺين، يا سون ۾ جهنجهيل چون. زيور، گهڻو ڪري سون ۽ چانديءَ مان ناهيا ويندا آهن. ڳهڻا ٻن قسمن ۾ ورهايون ٿا: هڪڙا اڳوٽي زماني جا (الف) نشان ساَن ٻيا فئشني (ب) سان ڏنل آهن.[2]

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

[2] ڪن ڪن زيورن تي مينا چڙهيل هوندي آهي، جن کي ميناڪاري ڪوٺين. ۽ غريب ماڻهو چانديءَ جي زيورن تي ڳاڙهو رج چاڙهائي پائيندا آهن. (ليکڪ)

الف - مٿي جا زيور: جھومر، ٽڪو، بنديا، چوٽيڦل، اَلي، ڏائي، ڏاڻ جو ڪنڊو، ڀٽيون ڏاٽيون، سڳين جا گر، ٽڪلو، مانگ ڏاٽيون، بينائون، مانگيٺو يا مانگوو، چوٽيون، پاسا، ٻڪل.

ب - فئشني: ٻڪل، پنون ۽ تاج، جهمرپٽو.

الف - ڪنن جا زيور: والا، واليون، جهالر، جهومڪ، پنڙا، لڪون، منڊر يا منگر (مگدر)، نسبيون، جهمڻيون، الو لڪ، مرڪيون، ڪيوٽيون، دُر، ٻندڙا، ڪنڊل، ڪرڪون، گوڪون، الولڪ، جندڙو، ڪنَ ڏاوٽيون يا ڪن دهريون، والڙيون، چلڙيون ۽ چيلهڪون.

ب - فئشني: ايرنگ، ٽوڪن، ڦل، ڪوڪا ۽ نيلم.

الف - نڪ جا زيور: شورخي (سرخي) نٿ، موري نٿ، سورڪي نٿ، جمالڪي نٿ، جتڪي نٿ، ٻئنسري نٿ، چلائين نٿ، چڪائين نٿ، حيدرآبادڪي نٿ، ويندو، چپرائون بولو، ٻئنسري بولو، موتيائون بولو، ڦلي، ڦلڪو، لونگڙو ۽ ڏاڻ.

ب - فئشني: فئشني نٿ، جهاڻ تي نٿ، چپٽيءَ واري انگريزي نٿ، واڄي ۽ هيرو.

الف - ڳچيءَ جا زيور: دهري، ڪنمال، چندن هار، راڻي هار، نيڪلس، لاڪيٽ، هسُ، هسلي، بيجوڙا، دلپاڪ، ڪارڪ، تائيت، نموري واڙلو، سرڪنڊي، ڏنڊڙيون، جهرمر، چوبڪلي، ڏندريون، ڏندڪن ڪوٽڻيون، ڳچيءَ جا بيڙا (سرٽ)، سنگهر/سئنڪلي، دگنيون، پٽلا، ڊولٽا، مهرون ۽ طوق، مانڊريا، ويلا، سرَيون، ڏرگل، پوناڙيون، پنبڙيون، پوپٽ، مومن، ڪيوٽيون، دربچا، بندا.

ب - فئشني: ڏورو، لڪڙي، لاڪيٽ، هار، گلوبند/ڳلپٽو.

الف - ٻانهن جي ڏوري جا زيور: ڏورڙا، ٻانهونٽا، ٻارڪيون، ڪارڪون، ٽيٽا، بازوبند، ٽليون، جهابا، اُلهي ڪلهي ٻانهين.

الف - هٿ جي ڪرائي جا زيور: ڪڙولا، واڍولا، ڪاتريا، ڪنگڻ، منگليون، دستيون، چوڙا بيڙا، چوڙ، ڪنگڻيون، پوڻچي، هٿ گجريون، چنگل، وانڻيون.

ب - فئشني: پٽي ۽ واچ.

الف - هٿ جي آڱرين جا زيور: ڇلڙو، هٿ ونگيا، ڪيرول، ويڙهه، چڪائين منڊيون، ٽڪ واريون منڊيون، عقيقي منڊيون، بيلڙا، ڇلا ۽ آڱوٺڙا، پڏوڪان.

الف - پير جي پنيءَ جا زيور: پير ڪڙيون (ڪرف ڪنجيءَ تي ڪڙيون)، پوريون ڪڙيون، نهريون ڪڙيون، ڇمڪي واريون ڪڙيون، پازيب، گهنگهريا، نورا، ڇير، سانٺا، سانٽيون، رول جهول، پٽيون، توڙها، جهانجهر، وڇوٽا، پير ڇلا، پولڙيون، ڪاڙليا.

الف - پير جي آڱرين جا زيور: پولڙيون، پير منڊيون، اٽوٽ، آڱوٺا، ڇلا، ڇمڪيون، ڇلڙيون، وڇونٽڙا، ويڍ، ورٽا، ڏيڏيون.

متفرق: اڳئ جون نريون ۽ وچٽيءَ جوڳن جي چاندي يا سون جا هجن تہ اهي بہ زيورن ۾ شمار ڪن.

زيورن جو نظم:

(1)

سترهين رات سنيري آندا عمر ڪي سينگار
نت، بولو نياز سان، ڏانڻ سندا ڏار
ڪڙيون، ڪنمالون ڪيتريون جوڙا چندن هار
مينڌي قل، مرڪيون ايرنگ آيا اپار
وچون، پونچون، پيرن جون ڇيرون ڪن چمڪار
ڌهريون ڏسريون، دلپاڪ جا درشن تيا ديدار
هس، پانهيون هيج مان، ڪنگڻ قربدار
ڪرولا، ڪتريا ڪيئي، تائيت ڪيائين تيار
اليون، ساليون اتم آنديون، والڙيون وٽڪار
ويڍ، ورٽا ڪيترا، دُرَ ڏيڏيون ڏار
مڪ، جهمنيون موچاريون، ڪرَ مزيدار
نسبيون، گل پٽيون ڳهن ۾ جوهر منجهہ جنسار
قلڪا، قلڙيون ڪيتريون جن چٽ آهن چوڏار
ڇلا، منڊيون، آهرا، ڪيرول ميناڪار
والا، ڇلڙيون سون جا دلئو ڪجي درُ پچنجو ديدار
"علي محمد" ڪيئن نہ ڪريان سرتين سنڌي سنيار
پائي گلي هار، مارئي ويهہ نہ محلات ۾.[1]

---

[1] نظم نمبر 1 سگهڙ علي محمد جو چيل آهي. (ادارو)

ڳهڻ جو نظم:

(2)

سوني ساهه، تيلهر[1] تنهن کي ننهن سر موتي مڙهياس
بئنسر، بولا، نٿ، نموريون، سينڌ ٽڪي سر جنهور جڙاياس
جهڳمڳ جهومڪ، جهالريون ڳجر ڪاڻ گهڙاياس
دُر، ڪُسر، دُهرا دُربچا، روپ ڳهين رنگ لاياس
ڏيڏيون، ڪوڪيون، پاڪن، پنڙا ڪنين تي ڪان جهلاياس
مرڪيان، مهريان، اَوَر منڙا سر سوني ڏاوڻ ڏاياس
ڏر، توڏر، چاڳ پتڪيون، مينڊي ماٽڪ، موتي مڪ ڳتياس
نورا، پوئرا، نانگلا، پيا هار، هسين ڳز پاياس
ڪنڊيان، بنڌيان، بارتنا سهجان ساهه سيباياس
پئنچان، سنگيان، واه وَنگڙا، پوچ پٽهڙيون تي چمڪلين سر چاياس
ايڪ داڻي، ديڪو دوسري، توءِ سي طلسمي طوق بڇاياس
ڪنمالون قيمت ڳؤريون، تن تي لعلون سر لٽڪاياس
بانهين، بانهونٽا سونهن بانهون بازو بند بناياس
ڪنگڻ، ڪرولا، ڪتريا تنهن وڏ واڍولا آياس
جهرمر، جهانجهر، پيرن ڪڙيون، پازيبا، گهنگهريا، ڳجريون وچ تن وچڙياس
ننهڙا، وڇوئان، بهوت منديان ڳجر لئي گهات گهڙاياس
بورينڊا "ابراهيم" چئي جوڙ چڱيءَ جهٽڪاياس
مانگهه، قليان، چالي چلا، چوڙا چلڪي چٽڪاياس
بيحد بڇاياس، گلم، غلاف ۽ گاديون.[2]

ڳهڻ جو نظم:

(3)

وٺا مينهن ملڪ تي جيئن گوندر ويا جار ميان
موريا ڪڪ ملير ۾، آهن سرها تيا سنگهار ميان

---

[1] تيلهر معني نئين ڪنوار
[2] نظم نمبر 2 سگهڙ ابراهيم جو چيل آهي. (ادارو)

ٻڪريون چاريون، ولر واريون، ٻي رڍن جي رڙڪار ميان
جيءُ ساري ٿو جن کي منهنجو، آءُ اُڪنڊيس تن اپار ميان
پونم ياد. ڪريان فرياد ٿو اندر ڏئي اوچنگار ميان
ڪر سٽايون سومرا، هيءُ بند مان ڪي بندڪار ميان
ڪيئندس اڃون، پيئندس پچون، سرتين سين سردار ميان
تو جي رضا، مجيان نه قضا، ٻت نه باسي بار ميان
ڪين پهريان پٽ پاٽ ڪي، آهم لوئيءَ جي للڪار ميان
ورڻ، ڪيرون، ونڊيون ويهي، نه وجهندي ماٽڪ ڪان منوار ميان
ڪنگڻ، ڪڙولا، ٻانهن ٻانهوٽا تنهنجا مان نه وجهان موچار ميان
سڳيون تنهنجون سونيون گهوريان، نه ڪريان ڳجرين مان گنڌار ميان
ٻارڪيون، ٻانهن ۾ ڪريان، تنهنجي ٻوٽڇن ڪين پچار ميان
دستيون، تنهنجيون دل ۾ نه پيئيون ننهڙا وجهان نه نار ميان
ڪڙيون، وچونڻا، پيرن پيڙا، نه ڪريان نورن سان نروار ميان
پازيب، ڪڙين ريب، ڪر گهنگهر پنهنجا غار ميان
جهرمڙيا جهوڙي، وجهه تون پوڙي، تن تي من نه ڪري منٺار ميان
آءُ ڏر نه وجهان دولت تنهنجي، هسُ نه هڪيءَ تي هار ميان
چمڪيليون چوڙي، جهانجهر جون، نه وجهان عطرداني اظهار ميان
ڪنمالون، نه وجهان لعلون، نه تنهنجي تائيتن تار ميان
منڙا آٽيو ڪنڊيون پوئن، سرتين ڏاران سسيءَ نه سونهن
جي ڪرين حرف هزار ميان
طوق، دوسري، چمر، چيپتي سي نه ڪريان سينگار ميان
نت گهڙائي، ڏاوڻ ڏائي، نه وجهان تنهنجو ڪنڌڙو منجهه ڪاپار ميان
مينڌين ڦل، پٽيون گل، تنهنجي بينائن ڪان بيزار ميان
ايڪ داٽي، وڄهان نه ڏاٽي، ڏوڏر نه تنهنجا ڏار ميان
بازوبند، وهان نه بند، جن منجهه لعلائي لغار ميان
ڪرڪون، پتنگ پايان نه ڪنين ڏيدا نه وجهان تنهنجا ڍار ميان
پيڪن پنڙا ڪوڪيون ڪتائي ڪريان دُربيچ تنهنجا ڏار ميان
واليون تنهنجون وير نه وجهندس نه ڪريان چتن سين چانگار ميان

ماڙيون تنهنجون مون نہ قبوليون، ترَ ري ناچي نار ميان
وطن منجهہ "ولي محمدؔ" چئي، ڪن سرتيون منهنجي سار ميان
ڇڏ تون زورو، ٽيندو ٽورو، ڪندا سامَ ٿي هٿ سنگهار ميان
ساري وننداسومرا حق سيئي حقدار ميان
اهي پُرس پروڙج پار ميان، تہ ڪونهي هيءَ جڳ جيئڻ جو.[1]

(4)

سسئيءَ جي شاديءَ جو هو ڪٽين منجهہ خمار
لکيي ويل لائڻ جي سسئيءَ ڪيو سينگار
ڪني پائي ڪيوٽيون، دلپاڪ وجهي اَپار
نت، بولو، نسبي، ڏانوڻ جي ڏهڪار
ڏونرا سونهن ڏانوڻ ۾ اَليءَ جي آڌار
زري، پوپٽ زلف وسين ڪارا منجهہ ڪپار
ماٽڪ موهيڙا منهن ۾ موتين جي مقدار
ڪنمال دهري ڪنڌ ۾ دلپاڪ وجهي دلدار
نورن اتي ناتَ ڪيا جهرمر ڪري جهالار
وجهي وچون ويندين ڪي، هلي تي هوشيار
پنڙا ڪڙيون پريءَ سان هيرا مُڪئون هزار
بانهين هيس بانهن ۾ سرلين جي سنوار
موريون، دُر، منگواليون منڊي هٿي موچار
جهابا سونهن جهوڙن سين، بازوبند بهار
ڪتريا، ڪڙولا قيمتي، سو هس ڪٽي هيڪار
پانچ وڏا پيرن ۾ ڪنگڻن جي ڪٽڪار
تسبيح پڙهي تائيت تي، طوطن جي تنوار
چنگل پاتا چتونءَ سين، چوڙا چندن هار
مينڊي قل موچارا، جڙيا سان جنوهار

[1] نظم نمبر 3 سگهڙ ولي محمد جو چيل آهي. (ادارو)

وريلي پنهنجي واڍولي سين، ڪيرول جي خمار
ڪڙو، نيائو قرب مان حُور پاتو هار
ڪنجي، مينڻ، ڪوُنجَ وَتَ، ڦلڙيءَ ڪي ڦلڪار
ڪرڪون، ڪرَ، قلب ۾ ڪَلمُين جي قطار
نرمل وڏو نونهڙو، چيرن ڪئي چمڪار
چوٽيءَ ۾ چٽونءَ جي، سونهن سڳيون صدبار
عطر مکيو اکين تي خوشبو ڪري ڪينڪار
سٿيءَ سينڌ سنواري، آرسيءَ منهن اُجار
مينڌري رکي مومل تي، ڪيچيءَ سندي ڪنوار
پانهيون تنهن سان پيلهه هيون چوءَ طرف چوڌار
ساراهيان تنهن سبحان کي، جو ڏيهه ڏٺي ڏاتار
جانيءَ ڪاڻ "جوکيو" چوي، تون غافل تي نه گذار
تنهن لکيي جي لغار، پرٽ ملي هٿي پنهل کي.

(5)

ساراهيان سچو ڌڻي جو صاحب رب ستار چوان
ايرنگ آگوٺي، آلي اوجر، بئنسر بولو ڏار چوان
بازوبند، بولو بئنسري طوق تسر تعويذ طوئي ڏار چوان
سوني سنگهر سانچو سري، سڳي، سرباهه، سينڌر يار چوان
چوڙا، چوڙي، هسي، هار هلائي، زر زيور ڏار چوان
زنجير ظاهر، ڪنگڻ، ڪنٺا، ڪنڊو ڪار چوان
ڪنمال ڪرڪون، ڪڙي، لڙهي، لڙڪا ڏار چوان
لٺون، لکون، لعل لالي، مين منڊي مهندار چوان
مور، منگلي، موڙ، موراڪي، مالها مٽڪو ڏار چوان
مٽيو، موتي، مهرَ، مرڪي، مانگهه وڏي موچار چوان
رچ، ريهه، نورا، نسبي، نٿ نموريون، ويڙهه، والي ڏار چوان
والا، واڳي، در ديداري، پيڙو پانهين، بنڈا پانهوٽا ڏار چوان
پٽي، پٽلو، پنڙو، پوٺچي، پيچ، پوتل پارڙا پار چوان

ٻانهن رکي ٻورو، ڪسوٽي، ڪناري، ڪوڪو، ڪيوٽي ڏار چوان
ڏولڻ، ڏارو، ڏاوٽي، ڏوري، گهاڙ، گهات، گهنڊي ڏار چوان
ڇٽ، ڇڳي، ڇمڪا، ڇڪو، ڇلو، ڇپر، قلي، جهالر جهومڪ ڏار چوان
لطف ڪجاڻ تون "لعلڻ" چئي، صاحب رب ستار چوان. [1]

(6)

منٺ مڃ تون مارئي ڏيئين پٽ پٽولا چار
ڪنگڻ، ڪنمال، ڪڙيون، منڊيون ميگهه ملار
پٽي پازيب، پنڙا، واڳيون ڏيئين و ستار
جهالر، جهومڪ، جهمٽيون، ڏس جهانجهر جا جنسار
دلپاڪ، دولي، دستيون، واه دهريءَ جو ديدار
ڪتريا، ڪنڊا، هٿ گجريون، چرخيون چندن هار
ٽوڙها، ورَ، وچوها، مالها پائي مينُ موچار
والا، واڊولا، ورڙا، اٺوٽ، ڪئين انبار
مانگ، منگليون، مورنٿ ۽ هسي حسندار
ٻانهين، ٻانهوٽا، ٻارکيون، چوڙا ڏس چوڏار
پٽيي، پٽلي، پارڙا، سڳيون سونهن وار
ويندو، ويڙهه، واليون، مرڪي دُر، دينار
نورا، آلي، نسبيون، سوئڙيون سوَ هزار
تند، پارڙا ٻيرڻو، سوني لئون ستار
لعل، ڪٽڻ قل، ڪارڪون، چوٽيقل چمڪار
تڪلي، قلڙي، سنگهيون، تي چير ڪري چمڪار
ڏاوٽي ڏيئين ڏاج ۾، سا دلئون پائي دلدار
ڳانا سونهن ڳچيءَ ۾، تعويذ تهدل تيار
ٻئنسر، ٻولو ٻي ٻها، ٻازوبند ٻهار
چلا، پوپٽ، ڏورٽا، سونا سرٽ سچار
ايرنگ "اميد علي" چئي ڪيوتيون ڪارونيار

[1] نظم نمبر 5 لعلڻ فقير جو چيل آهي. (ادارو)

روپا سونا طوق جن ۾، ٽڪن جبو جنسار
سي پائي ڪر پسار، مارئي محل منهنجي ۾.[1]

(7)

ساراهيان سچو ڌڻي جو صاحب رب ستار
منڊ مِڙن جو مصطفيٰ جو تڪ لنهگائيندو تار
هردم وسن هينئين ۾، پرين اهڙا پار
منهن ۾ مٽيا محبوب ڪي، پيا وچوڙا ويچار
گل ٻڌانس گهنگهريا. ٻيو جهرمريو جڙادار
پيرن ۾ پدمٽيءَ ڪي، هيون ڪڙيون ڪرفدار
چٽنس نورا چمّاٽ ڪيو، ٻيون جهانجهرون جنسار
ٻڌائونس ٻانهين، ٻانهن رکيون ٻانهن ۾ ٻيو درس جوڙائي ڏار
ڪنگڻ، ڪڙولا، ڪيوٽيون، نهيو ڪنس ٽيون نار
ويڙهه، واڍولا، ڪتريا، ٻي پاولڙن پچار
مهرون، منگلبون مادريا، ٻيا دستين ڪيا ديدار
ڪنڊي، ڏاٽي، ايڪداٽي، عجيب ڪي، مٿان لڪَ لغار
سڳا تيا سڳين ۾، پيا ڪيئين چوتيقلَ چوڏار
مڙهيا هٿا ڪي مينڊين ۾، ڪي مينڊيقل مٿهيار
چلي، ورٽي چمڪو لاتو، پڏس ڪيرولن ڪينڪار
ميناڪاري منڊيون هٿس هٿن ۾ هزار
ڏيڊيون، جهمٽيون ڏڪ ڪري، لائي لٺون لغار
پاڪ رکائون پاٻوڙا، ٻيا دربچا ديدار
نٿ، ويندبو نڪ ۾ هٿس قلڙيون قيردار
ڪرڪون، ڪنٺا، نسبيون نسبت جون، هٿس ڪنيو منجهه ڪپار
ڏاٽيون، ڏانڊٽيون ڪيتريون، ٻي هٿي ٻولن جي يَلڪار
ڪُرُ ٻندا تنهن ڪامڻ ڪي، ڪيا والڙن واپار
سيبي ساجن ڪي اُتي، غوڪوئن غم گذار

---

[1] نظم نمبر 6 اميد علي سگهڙ جو چيل آهي. (ادارو)

ڪٽڻ تا خوشيءَ سان بيڪ ايڏائي بار
بدڪن واري، پوئنچن واري لعلون لڪ هزار
مالها، ڪنديڙو، منهن سچ طوق، تهڪ، ٻي لڙڪن سنڌي لار
هٿ گجريون، تنهن حاڪم ڪي، هئي ڊولڻ جي ڊلڪار
نو سَري، مانگ، ٻيڙو ڇانپ، ٺوٺيون ٽڪڙا، ٻيا چاڳ چنڊن ڪي چار
آلُو لڪ، ويلهو جهَل ڪري پاتائين قرب مان، ڪيا سانوليءَ سينگار
اَٽوَٽ، آگرنا، زيور، زيوريون، ٻيا جوڙن جا جنسار
ٺوڙها، ٺيلهڙ، ڏورڻا، ٻيئي بازوبند بهار
رتي، رانهي، رِٽڪرا، ٻي هٿس گلن جي گلزار
سونهان، سينڪلي، سورخيون، ٻيون هٿس چرڪڙيون چوڏار
امل ماڻڪ، موتي مرجان، ٻيا هٿس ايرنگن اپار
ياقوت، زمرد، هيرو، جواهر، جنهن جي هٿس لڻءَ لڻءَ منجهه لغار
ڪلي، ڪوڙ، ڪچ، ڪپت، اوهين سيهي لهجو سار
پيش، پارس، پارڙا پريت مان هئي ڪلي ڪئي ڪينڪار
دنيا، دولت، دمڙي، پرپائي نه هلندي پٺار
قسمت، ڪروڙ، ڪسوٽي، توهين ماسا ڪجو مدار
سوين سينگار سورٺ ڪي، ڏنا هٿا ڏيهه ڏٺي ڏاتار
هن ٻه سيئي ساڙيا سلڪٽيءَ، ڏسي ڏڙ سسيءَ ڪوڻ ڏار
ڪئين خان ڪپي ويا، جن ڪي هنيون ڪلنگيون منجهه ڪپار
هميشه "حاميد" چئي، هوندو خالق خلقٿهار
پوءِ ڪلمو جن قرار، هونداسين ايمان سين.[1]

(8)

سهٽي لهي سر ڪيا خماري خوابن تي
چندِ چوڏهينءَ چمڪيو جهُليو جهولن تي
پانچ پيرا، گهنگهريا، ويندا وجوڙن تي
نورا، ڪڙيون، جهانجهر، چم چم چيرن تي

[1] نظم نمبر 7 سگهڙ حاميد علي جو چيل آهي. (ادارو)

وَر، ڪيروليــــون، ورڻــــا ون ون واڍولـــــن تــــي
ڪنگـــڻ، گينيــــون، ڪــــڙولا، بـــمـازوبندن تــــي
چــــوڙا، بيـــڙا، بـــانهيون اچيـــون عـــاجن تــــي
منـــدبيون مڙهيـــون، مينـــا جڙيـــون چــلا چــاپن تــي
ڪنـــڍي، دهـــري، ڪنمـــال، هـــس هـــار چنـــدن تـــي
تـــائيت گهڙيـــا، جوهـــر جڙيـــا چـــٽ چـــاندين تـــي
ســــونا دُر ســـــهڻا، پئنچـــــون پنـــــڙن تـــــي
ڏيـــڍا، وريـــا، والڙيـــون جهـــالر جهمڪـــن تـــي
منگليــون، مرڪيـــون پٺڪـــڙا، پــڏون پـــائڪن تــي
ڪـــر، پوپٽيـــون پتريـــون مڦـــو منڊيئـــڙن تـــي
ڪوڪيـون، نسبيون، ڪتريـا، جهومـڪ جهـُــڙن تـي
نمـــاڻي نـــت پـــائي هئـــي بينـــا بولـــن تـــي
ڏاڻ، ڏاڻــــي ڦلـــڙي، جنهـــن پيـــر پوئـــرن تـــي
ڏنگـــو ڏاڻ، زريءَ ســـاڻ، ڪنجـــي ڪـــڙن تـــي
ســوني ربـــي ســـينڌ پٽـــي، چـــر چـــر چيـــرن تـــي
ٽڪلـــو راڻـــيءَ جـــو جڙيـــو جلســـو جلســـن تـــي
املهـــ مـــاڻڪ، اشـــرفيون قيمـــت ڪـُــندن تـــي
پـــايو پـــائي پدمڻـــي ڦيـــر وڏي ڦلڪـــن تـــي
دهـــرا، دربچـــا، ســـريا ســـهڻا ســـهيلين تـــي
چوڙيـــون، چپڪليـــون، اَليٽـــپُ اکيـــن تـــي
ســـينڌ ڦـــل، ســـگي ســـهٽي، واه ويڙهيـــل وارن تـــي
موتـــي مٽيـــا، زيـــور ڳتيـــا، ليڪـــا لعلـــن تـــي
تنهن نماڻيءَ ڪي "نالي چگـو" چئـي، رهيـو رُوحـن تـي
ڪلمـــو قـــائم تيـــو راس رســـولن تـــي
ســا وينـــي لائـــن تـــي، گهـــوٽ گهمـــي گهـــر آئيـــو.[1]

---

[1] نظم نمبر 8 فقير نالي چگي جو چيل آهي. (ادارو)

(9)

ساراهيان سچو ڏڻي جو صاحب رب ستار
بادشاهه هو بلوچ، جو ٻاروچاڻو ٻار
سسئي هئي پنهور ۾ صورت جي سردار
موديءَ سندس مورت ڏني تازڪ ۽ نروار
واڻيو وري آبو جنهن ڏنا پنهونءَ کي پار
کيائين نيڪي نار جي آهي ڌوٻياڻي ڏاکيدار
سڻي ٻات بلوچ 'ها تيو غازي ترت تيار
وجي پڳين لڳو پيءَ کي ٻيا پرجهل هئس يارَ
گهرياڻين موڪل ماءُ کان ڪري آزيون انتظار
سيڻ منهنجي سودو ورتو آهي واڻيي سو واپار
ٻڻ ويندس ٻابيهي سان هاڻ هلي آءُ هڪوار
راضي تي رخصت ڏنائونس کيائون ڪوشش قرار
عطر مشڪ عمدا ڪنيائين ڪتوري خوشبودار
لالڻ ليڙا پلاڻيا، ترت تيو اُت تيار
ورتائين وات وندر جي لاتئين پنيور ۾ ٻار
پڇائي در ڌوٻيءَ جو ٻينو نوڪرن سان تروار
پڳهار پڇيائين ڪينڪي تنَ کي لڳي هيس تار
سسئيءَ ساجن ڏنو جنهن کي ٻري آگ اندار
جيڏيون منهنجو جوڙ آهي من ڏياري ڏاتار
پاڻ ڏٺيءَ پريت جي وت ورهه اندر وار
ڪيائين سگَ سسيءَ جو تيو نالي سو نروار
پيئي خبر "خميسو" چئي، ماڻهن ۾ موچار
مبارڪون ملپون هرد کي واڌايون تيون گهر گهر وار
ڪيائين سعيو شاديءَ جو اهو وري ويچار
گهرايائين سونارا شهر جا جي ڏاها هئا وينجهار
آڻي ڏيو ساهي سسئي لئہ مون کي عمدي عجبدار
زر زريون ياقوت ٻيا آڻي ڪيائون حاضر هيرا جنوهار

سسئي اُتي سونهن خاطر پاتا ساز وڏا سينگار
پائي وينئي پيرن ۾ ورَ، وچون منديون ميناڪار
نازَ ڪريو تي نورا پائي جهانجهر جهمڪي دار
پازيب پيرن ۾، ڪڙيون وڏيون ڪرفدار
مينا ڪاري ملمعو متن هو چٽيو چٽڻهار
گاذر ٻڌا گهنگهر يا هيج منجهان هيڪار
امل مندي آ هيرو، آهن آگر ۾ اسرار
ڪيرون، ورٽو خوشيءَ مان آهي سهراٽو سماچار
ونيءَ پايون وچونئڙيون پيون باداميون بيشمار
چوريءَ پاتا چلڙا، منديءَ سان جال ۽ جڙاوار
مرڪي پائي تي منگليون چوڙا چمڪيدار
ڪنگڻيون پاتائين قرب جون، ڪنج وڏيءَ خمار
ڏڪَ ٻڌائين ڏوئنرڙا، جن تي رکيو هو سوناري سينگار
ٽيپتو هو ٽڪن سان چمڪيو تي چوڏار
ٻڌائين ٻارڪيون ٻانهن ۾، جن ۾ گهنگهرو گلزار
ٽوئنر ٽليا تي تن جا جي جهاپن سين جنسار
لڪائي پاتئين چاتيءَ تي ڪو هينئين متي هار
دلپاڪ هئس دل تي هسُ ڳچيءَ هيڪار
ڪامڻ ٻڌي ڪنڌ ۾ دهري وڏي ديدار
عجب هئي ايڪداٽي، جنهن گينيون لک هزار
دانهه ٻڌي دهري جنهن ۾ جڳليون جوهردار
تَڪا ڏناين تداٽيءَ تي ٻي ڪنمال قيمتدار
طلب هئي تائيت جي جنهن جي چانديءَ جو چمڪار
سسيءَ سريون پاتيون پيا جوري متي جنسار
ڪيڏا ڪم ها ڪنڌليءَ تي جنهن ۾ هئي لونگن جي للڪار
پري پاتيون پالڙيون پيا بندا ٻهڪدار
ڪنُر پاتائين ڪنن ۾ پيا اِرنگ عجبدار
ڏاهيءَ ڏيديون پاتيون ۽ پنڙا پوشدار

جيڏين جوڙ جهرمر لائي ڪڙيا ڪنٺهار
ٻيل ڏيديا پاتا ڪري سونهن وڏا سينگار
نازڪ پاتو نڪ ۾ بولو بئنسر دار
لُڏن لعلون تنهن ۾ جي لهن لک هزار
لکياٽيءَ لونگڙو پاتو ڦلڪو ڦيريدار
نت نهاٽيءَ پاتي ويندو وڏي ويچار
ڪنجيون هيس ڪلبف سان جي ٻريون بيشمار
ڦيردار ڦلڙي جنهن تي جڙاءُ ۽ جنسار
مٽيا موتي تنهن جا جنهن ۾ هيري جي هُبڪار
پوتا هئا پوئڻ واري ساري ڪنهن سنگهار
ڏانگ ڪڍياڻين ڏاڻ ڪنڊو منجهه ڪپار
سينڌ پٽي سر متي جنهن ۾ ڏاٽيءَ ڪيو ڏيکار
عجب تنهن جي آلي هئي جنهن ۾ لارن جي للڪار
دبڪ دانَهه ويڙهيو جو وڏو وقفدار
مينديقل ملوڪ ڪي چوتيقل چڳي آچار
چوٽو سندس چوسرو جنهن ۾ سڳيون جو سينگار
جهوڙا جهاٻا تنهن ۾ جئن گل ٽڙن گلزار
ڪئين هيون ڪچ ڪوڏيون گونديون گينوردار
"خميسو" چوي خانوندا، تنهنجي آهه اختيار
مُرهين مون ڏٺي تون صاحب رب ستار
عيب اگهاڙن تون ڍڪين، ڍڪ ڍڪٺهار
مرڻ ويل منهنجي تون سوکي ڪج سڪرات:
ڪلمو جن جي وات، سي مرڪن ميڙي محمد جي.[1]

---

[1] نظم نمبر 9 سگهڙ خميسي جو چيل آهي. (ادارو)

پيِرمن جو رواج

پيرمن وهم ۽ سنسو ڇا آهي؟ ڳالهه هجيئي ڪانه. ماڻهو وسهي ته ڪجهه ضرور اهي. تنهن ڪي. پرمر تو چئجي! ڪي ماڻهو هن ڪي شرڪ ۽ وسوسو به سڏيندا اهن. پر اهي عربي ٻولي، جا لفظ آهن. عربي ۾ سندن معنيٰ ٻي طرح آهي. تنهنڪري اهو بيان ڇڏي ڏجي ٿو. هتي انهن لفظن جي معني ۾ مطلب به پرمر ۾ ئي شمار ڪيو ٿو وڃي.

پرمن جي تاريخ تمام جهوني اهي. چون ٿا ته جڏهن حضرت آدم عليه السلام کي بهشت جي ميون مان هڪ وڻ کي ويجهي وڃڻ جي منع ڪئي ويئي، تڏهن ابليس بيبي حوا کي انهيءَ وڻ جي ميوي کائڻ لاءِ پرمايو ته حوا جي دل ۾ هورا کورا يا سنسو پيدا ٿيو. ان ڏينهن کان وٺي انسان جي سرشت ۾ پرمر توڙي وهم به واسو ڪيو.

جيتوڻيڪ گهڻو وقت گذرڻ ڪري، پرمن ۽ سونسن جا به ڪئين ۽ ڪيترائي نمونا پيدا ٿي چڪا آهن ۽ ٿيندا پيا رهن. تن جو ڳاڻيٽو ڪرڻ محال آهي، ان هوندي به پرمن جي متن پڙهڻ سان اهو راز کلي پوي ٿو. شروع ۾ ڪيترن ڪاهل ماڻهن جو گذران انهن پرمن جي طريقن تي هو. انهن پنهنجي زندي کي چلڪائڻ لاءِ ابوجهن کي پنيلائڻ ۽ ڦاسائڻ لاءِ رٿون رٿيون، اٽڪلون ويڙهايون ۽ ٽيڪڙ ڪيا. مثلاً ڪنهن ماڻهوءَ ۾ مرشد ٿيڻ جي پد تي پهچندي به، "ڪاني ڪرامت جي روحاني طاقت ڪانه هئي، پر مريدن جو دائرو، ڪشادو ڪرڻ، پنهنجو گذر سفر سهنجو بنائڻ ۽ عيش عشرت جون سُکيون گهڙيون گهارڻ واسطي، ڪن ماڻهن کي حال محرمائيءَ ۽ ڪن کي رس ۾ شامل ڪري رکيو. پوءِ اهي چالاڪ ماڻهو، فاسفورس[1] کڻي مرشد کي نه مجيندڙ ۽ گلا ڪندڙ جي لوڙهي ۾ اچلي، هتراڏو باهه ڏئي جهٽ ڪان اڳ غريب جو جهڳو جهڻ ڪري اچي ڪچهريءَ ۾ لاف هڻندا هئا ته "جنهن هن سائينءَ کي نه مڃيو ۽ منجهانئس عيب ثواب ڪڍيا، تنهن جو حال ڏسو ته گهر کي باهه

---

[1] فاسفورس هڪ اهڙو ڌاتو آهي جيڪو کليءَ هوا تي يڪدم ٻري پوندو آهي. (ليکڪ)

وڪوڙي ويئي اٿس!“ انهيءَ نموني ماڻهن جو زوريءَ ’پاڻ ۾ اعتقاد رکائي، انهن ڏيهاڙن لاءِ ڪي سوڻ سڳڻ مقرر ڪري ڇڏيا، جي انهن جي ستن پيڙهين تائين هلندا آيا ۽ هلندا اچن:

سائي سومار ڏينهن سهاڳڻ زال تيل ميٽ ڪري نہ وهنجي، ٽي شيون ڪنهن کي بہ نہ ڏجن،

ڏيءَ ڏند ڪرئي تہ نياڳ، پٽ ڪرئي تہ سياڳ!

وري ڪن ڪارخانيدارن يا زميندارن ماڻهن جي اٽاٽ ۽ ڪم جي سرسائي ڏسي، چالاڪ ماڻهن کي هٿ وس رکي، انهن جي معرفت جاهل ۽ وسوڙلن مزدورن، ڪمين، ڪاسبين ۽ هارين نارين ۾ مشهور ڪرايو تہ: هڪڙا ڏينهن سعد يعني سياڳا ۽ ٻيا ڏينهن نحس يعني نياڳا اٿو. تنهنڪري جمعي جي ڏينهن ڏکڻ طرف نہ وڃجي ۽ منهن ڪاڻ يا فاتح خواني نہ ڪجي، اربع ڏينهن اتر طرف نہ وڃجي نہ تہ وڏو نقصان رسندو.

ساڳيءَ طرح ڪن حرفتي زالن بہ پنهنجن ٽوڻن، ٽائيٽن (تعويز) ۽ ڳنڍين ڌاڳن رسن تي اعتبار رکائڻ خاطر عوام ۾ هيئن پکيڙيو تہ: ٻار کي نظر ٿي لڳي، ديون پرين جو چانولو ٿو پويس، پوءِ ٻاراٽو يا ڏيڄڙو ٿو ٿئيس وغيره.

وهمن جو زور شور ڏسي چالاڪ ماڻهن جو بہ حرص وڌڻ لڳو. ڪن منڊبين جي ٻڙن لاءِ پڌرو ڪيو تہ هنن ٻڙن سان ماڻهن جون قسمتون ڳنڍيل آهن، ڪن وري خوابن ۽ بيمارين جا چڱا ۽ ٻڇڙا ويچاٽا يعني تعبير ڪيا. ڪن بيمارين دفع ڪرائڻ لاءِ ڪڪڙن ۽ ڇيلن جا ڪاڌاٽا ڪڍايا، تہ - واتن تي تيل هارايا ۽ پڙهيا يعني ڪامڻ ڪڍائڻ جون صلاحون ڏنيون!

ملن وري بيمارين جي علاج ڪرائڻ عيوض تپُ ٻڌائڻ، فال وجهائڻ، ٽائيٽ لکائڻ جا طريقا ڏسيا.

نيٺ تہ پوءِ ڪي رمال ۽ نجومي بہ نڪري ظاهر ٿيا، جن وري گرهڻ ۽ سيارن جي اڳيان پويان هئڻ جا ڏپ چاڙهي، ماڻهن جون متيون منجهايون.

هن دنيا ۾ ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ جيڪي سست پنهنجي زندگي سهنجي گهارڻ جا خواهشمند هئا، تن هميشہ اناڙين ۽ ابوجهن کي پٺي برغلايو آهي. اهڙين حرفتن ۽ حرڪتن ڪرڻ سان ڀرم ۽ وهم ماڻهن جي مٿن ۾ ڪپ ڪوڙي ويهي رهيا. هاڻ انهن جو علاج ڪرڻ نہ رڳو مشڪل، بلڪ محال بہ ٿي پيو

آهي. اهو تہ ڪيئن دفعا ٻڌو سڻو هوندوَ تہ فلاڻي جاءِ، فلاڻو وڻ ۽ فلاڻو مقام ڏاڍو ڳرو اُگرو آهي! هاڻي ڏسڻو آهي تہ ڏاڍو چون ڇا کي ٿا؟ ورندي آهي تہ: انهيءَ ۾ جن آهن. ڇڱو، جي جن آهن تہ اهو وڻ وڍي ڇڏيو ۽ جاءِ ڍهرائي ڇڏيو تہ ڪنڪو ۽ اُلڪو لهي وڃي! حجت ڪندا: ڏاڍي جاءِ ۽ ڏاڍي وڻ کي ڪيئن ٿو وڍائي ۽ ڍهرائي سگهجي، جتي جنات گهر ڪيو ويٺي آهي؟ جن هٽي ماري رکن! جڏهن انسان کي الله تعاليٰ سڀ شيءِ مٿان قادر ڪيو آهي ۽ اشرف المخلوقات جو لقب ڏنو آهي، تہ پوءِ جنن کي خود انسانن جو خوف ڪرڻ گهرجي، پر نہ آدم کي جنن کان ڊپ هجي! مرڻ جو ڏينهن هڪڙو مقرر ٿيل آهي. ان ڏينهن ئي مربو. باقي ٻئي ڪنهن کي مارڻ جي طاقت ڪانهي. ڇا اهو ڪونہ ٻڌو اٿوَ تہ "موچڙن کان تہ جن ئي ڀڄيو وڃن!" تڏهن بہ توهان کي ايڏي بزدلي الائجي ڇو![1]

وهمي ماڻهوءَ کان دنيا جو ڪوبہ ڪم ڪار ڪونہ پڄي سگهندو. ٿوري گهڻي ڏينهن سندس وهم وڌي وڃي سوداءَ جي درجي تي پهچندو. اهو ماڻهو گهر ۾ ويٺي ويٺي پاڻهي پاڻ کي پيو ڊيڄاريندو ۽ پاڻ کي بيمار ۽ بيڪار بنائي رکندو. پور پچائي پچائي مٿي نگاهہ ڪري ڏانهن ڪندو ۽ اهو اُٺ مٿي ۾ پيدا ٿيندس، تہ جي اها ڇت منهنجي مٿان ڪري پوي تہ پوءِ آءٌ ڪهڙيءَ واهہ ويندس. هٿ ۾ ڪليل چاڪو يا ڇري ڪٽي چوندو تہ جي هيءَ منهنجي پيٽ ۾ لڳي وڃي تہ آءٌ تہ اُڪت مري پوندس. وري پيت ڏانهن ڏسي ڏسي چوندو تہ جي اها پيت ڦاٽي پوي تہ منجهانئس ضرور بہ اکيون ڏسڻ ۾ ايندين. اهي لاشڪ تہ ڪنهن ديوَ جون هونديون وغيره! ڏسو تہ اهڙي قسم جو ماڻهو ڪيڏا نہ

---

[1] هن باري ۾ هڪ ڳالهہ ٻڌايان، جا پڙهندڙن جي دلچسپيءَ جو باعث ٿيندي: هڪڙي ماڻهوءَ کي رات جو مقام وٽان لنگهندي، هڪڙيءَ قبر مان باهہ جي لاٽ وانگي روشني نڪرندي نظر آئي. اها ڳالهہ هن ڳوٺ وارن سان وڃي ڪئي. وهمي ماڻهو انکي "ڏاڍو اُگرو مقام" چوڻ لڳا. بر وقت، ان لاٽ ڏسڻ لاءِ هڪڙي ڊاڪٽر کي ڇيائون- جنهن جو اهڙين ڳالهين ۾ صفا عقيدو ڪونہ هو- هن هڪدم چيو تہ مونکي اها قبر ڏيکاريو ۽ انهيءَ ۾ ضرور انساني فاسفورس شعاع ڪري رهيو آهي. جڏهن اتي پهچي قبر کوٽائي ڏٺائون تہ ڊاڪٽر وارو قياس صحيح نڪتو. قبر جي هڪ وٿي مان هوا جي داخل ٿيڻ تي اهو فاسفورس ٻري رهيو هو ۽ اها حقيقت ڊاڪٽر سيني کي سمجهائي، مگر تنهن هوندي بہ جيڪي پورڙا پرمي ماڻهو هئا. سي ڦيرو ڪائي چوڻ لڳا تہ "اهو گنهگار بندو هوندو، مٿس قادر جو قَهَر ٿيل آهي. هن کي ملائڪن دوزخ مان هڪ دري ڪري ڏني آهي ۽ قيامت تائين پيو انهيءَ عذاب ۾ سڙندو ۽ ٻچرندو". مطلب تہ ڪيترين حالتن ۾ وهمي ماڻهو يا وسوسو ڪندڙ ماڻهو عقل جي ڳالهہ مڃڻ جي اهليت وڃائي ٿا ويهن! (ليکڪ)

خطرناڪ اُڏڪا دل ۾ سانديندو وتي! انهن وسوسن جي ڪري پاڻ تہ گيدي، ڪانئر، بزدل ۽ ضعيف نحيف ٿيو پيو گذاري، پر سچو گهر ٿي سورن ۾ وجهي ٿو ڇڏي! ڪوبہ ماڻهو، هن سان ڳالهائي ساءُ نہ لهندو. ڇو تہ وهمي ماڻهو، هرڪار ۾، هر ڳالهہ ۾، هر وهنوار ۾ وهم ٿي وهم پيو ڇاڻندو. تنهنڪري ان جي دل توڙي دماغ جو علاج ذري گهٽ ناممڪن ٿي پوي ٿو. جي توهان سندس ٻڪي ڦڪي ڪنهن ويج يا ويد کان ڪرائي ڏسندا، تہ يڪدم اوهان کي چٽي ڏيندؤ تہ اهو دوا ۾ زهر ملائي ڏي تہ پوءِ؟ اهو حڪيم منهنجو دشمن هوندو. توهان مون کان بيزار ۽ ڪٿا ٿيا آهيو....؟ ان نموني اٿلندو علاج ڪرائيندڙن جي بہ دل سست ڪري وجهندو. "دنيا جي سمورين قومن، قبيلن ۾ سنوڻ ۽ ساٺ ڪيا ويندا آهن. انهن سمورن سَنوڻن جو بنياد انسان ذات جي ازلي وهمي فطرت آهي."

ماءُ منهنجو جنڊڙو، ڪنيو خيالن
ڪوڙن، ڪذابن، ڏاگهن ڏڌي آهيان[1]
(پناڻي)[2]

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

[2] وهم ۾ ورتل ماڻهن جو مسئلو هميشہ کان منجهائيندڙ پئي رهيو آهي. هاڻ جي انهن کي ڪنهن ٽوٽائي ڦيٽائيءَ، لوبي نوڳيءَ، نجومي رَمال، پوپي ٽوٽڪائي ۽ مُلن ميانوال جي حوالي ٿو ڪجي، تہ هو يڪدم پنهنجي چالاڪي ۽ تجربي جي آڌار تي سيني جي مٿي ڪوڙڻ ۾ ويرم ٿي نٿا ڪن! تنهنڪري تمام ضروري آهي، تہ ماڻهن کي ماڻهپو سيکارجي، موحد بنائجي ۽ خوداعتمادي پيدا ڪري باهمت، بيخوف ۽ حوصلہ مند زندگي گذارڻ جو موقعو ميسر ڪري ڏجي. سندن دلين مان هر قسم جو پرم ۽ سونسو جو اٽڪاٽائي ۽ جهالت جو نتيجو آهي، اُکوڙي ڪيجي. ڇو تہ علم ۽ ڄاڻپ جي روشنائي، جهالت جي اونداهيءَ جا سڀ نشان هڪدم غائب ٿيو وڃن. جيڪڏهن منهنجي هن ادنيٰ ڪوشش وسيلي، جنهن ۾ مون سنڌي سماج جي ڪن عام پرمن ۽ وسوسن جي پڌرائي ڪئي آهي ۽ جيڪي اڄ بہ عوام ۾ مروج آهن ۽ ڏينهن ڏورا ۽ رات چوڻا ٿيندا وڃن. انهيءَ جهالت جي ٻاٽ ۾ حقيقت جو ڪوبہ ڪرڻو داخل ٿيو، تہ آءٌ پنهنجو پورهيو صاب سمجهندس. (لکڪ)

الف - وهمن جا وسيلا

عام وهمن جو وستار:

ڪنهن بہ اميد پوري ٿيڻ واسطي جنهن ۾ شادي ٿيڻ، پٽ ڄمڻ، بيماري ڇڏڻ لاءِ پيرن فقيرن ۽ قبرن مقبرن، وڻن ٽڻن ۽ دريائن تي مڃتائون مڃين، پيتائون پيئين ۽ سکائون سُکين ۽ باسون باسين!

ڪي وري امام ضامن جو سوا روپيو، پنج آنا ۽ يا پنج پئسا ڳاڙهي اڳڙيءَ ۾ سبي تائيت ڪري، ٻانهن جي ڏوري ۾ ٻڌن. جڏهن مطلب پورو ٿئين تڏهن ان رقم جي مٺائي وٺي ورهائي ڇڏين.

ڪن ڪن سڪائن ۾ ڦندر، پڙ، جهنڊ (جاد)، ديگ پٽ جي، مٺائي، روٽ ۽ ڏيندا آهن.

ڪي وري مڃتا مڃڻ ۾ مشڪلڪشا (علي رضہ) جو سوا پهري روزو رکن. اهو روزو رات جو رکي صبح جو سج اڀرڻ جو ڪاري ڌاڳ ۽ پڳڙن تي کولي ڇڏين.

ڌيءَ يا پٽ ٿيڻ بابت سَنوڻ:

پيٽ ساڻ زال، ٻار جا رلڪا اڳواٽ سندي آهي. جي رلڪو ڇوٽو ۽ چورس ٿيو تہ ڌيءَ ڄمندي ۽ جي ڊگهو ۽ مستطيل ٿيو تہ پٽ ڄمندو، رلڪن پٽرينديءَ جي ڪو اوچتو ڇوڪر گهر اندر لنگهي آيو تہ پٽ ڄمندو 7 سالن جي ڪا نينگري اندر آئي تہ ڌيءُ ڄمندي.

آهيڻي زال جي اُتي هلڻ مهل پهريائين جيٺو (ساڄو) پير کنيو تہ پٽ پيدا ٿيندو ۽ جي ميٺو (کاٻو) پير کنيائين تہ ڇوڪري پيدا ٿيندي. هلڻ مهل اُچت پير ڪنيئاين تہ ڇوڪرو ٿيندو ۽ جي گهلجي گسرائي وک وڌائين تہ ڇوڪري ٿيندي.

ڳيوراڙي زال، سونهن ڪدي، تہ نياٽي ايندي، پر جي ڪوجهي ٿي ۽ بدن ۾ ڳرندي ويئي تہ پٽ ايندو.

ڪي وري زالون هن نموني آزمودا لهنديون آهن: ڳرڪُريءَ زال [پيٽ واري عورت] جي مٿي تي ڪک يا ڪپهہ جو ٻڙو اهڙيءَ طرح رکنديون آهن، جيئن

ڪيس سماءُ نہ پوي. پوءِ جي سينڌ مٿان هٿ ڦيرايائين تہ نينگري، ۽ جي نڪ چپ تان هٿ گهمايائين تہ نينگرو. هڪڙي ٿانءَ هينان ڪئنچي ۽ ٻئي ٿانءَ هينان ڪپ يا چاڪو ڍڪي رکنديون ۽ ڍڪي زال کي چونديون تہ هنن ٻنهي مان هڪڙي ٿانءُ کڻي سنئون ڪر. جي قئنچي وارو ٿانءُ اُٿلايائين تہ ڌي ۽ جي ڪپ وارو تہ پوءِ پٽ.

ڳرڀڻي زال جي اوائلي ٽچ مان بہ ڪيپهہ جا ڦها ڦري، پاڻيءَ ڀريل ٿانءَ ۾ وجهن جي ڦها ٻڏي ويا، تہ پٽ ملندس، جي ترندا رهيا تہ ڌيءَ. ڳورهاڙي جي ٽچ جوگوهو پيت تي هٽائين ۽ ان جي مٿان پاڻيءَ جي لار نائين، جي ٽچ پيت تان ميسارجي ويئي تہ ڇوڪري ۽ جي بيٺي رهي تہ پٽڙو. ساڳي طرح بہ - جيئي زال جي ٽچ، ترىءَ تي ڇڻو ڪري، ان ۾ ماڪوڙي ڇڏين، جي ماڪوڙي تري نڪري ويئي تہ پڪ نينگري اٿس ۽ جي ڦتڪي ڦتڪي اتي مري ويئي، تہ پيٽ ۾ نر ٻار اٿس.

اهي آزمودا يا پرکون ان ڪاڻ ونڌيون آهن، جو چون تہ پٽ - ماءُ جي ٽچ ڳوريءُ ۽ گهاٽي ٿيندي آهي ۽ ڌي - ماءُ جي ٽچ ڇڊڙي ۽ هلڪي ٿيندي آهي.

ڳورهاڙي زال جي ٽچ ڏهي وٽي ۾ وجهي تہ - واٽي تي رکن، جي پهريائين ڪو مرد يا ڇوڪر اچي لنگهيو تہ نر اولاد ڄمندس، پر جي ڪا عورت يا ڇوڪري اچي لنگهي تہ مادي اولاد ملندس.

چون تہ جيڪو مرد رات جو ڪٽ جي تانگهہ [واڏڻ] ڇڪيندو، ان کي ڌيون ملنديون.

ٻار صفا نہ ڄمي ان جا سَنوڻ:

ڪنهن وياٿل زال جي گرم اورَ (ڄر) تي سڪڙيات زال چڙهي ويندي تہ سنڪا ٿينديس.

پٽ ڄڻڻ جا خاص سَوڻ:

پيٽ سان زال، نئون ڪپڙو ٽئين، پنجين، ستين ۽ نائين يعني اِڪي انگن وارن مهينن ۾ اوڍيندي تہ پٽ کي جنم ڏيندي، سچ لهڻ کان پوءِ بہ جيئي زال نہ ڪنهن گهاٽ يا تڙ تي وڃي، نڪي پاڻي ڀرپ ڀري. قبرستان يا مئي ماڻهوءَ جي جنازي تي بہ نہ وڃي، نڪي رات جو ڪنهن قبرستان وٽان لنگهي. پر جي اهڙي ڳورهاري زال اوچتو ميت تي وڃي تہ جوڙيءَ يعني ڪفن جو ڌاڳو ڪڍي ڇيچ سان ٻڌي ڇڏي.

ڪُي ٻار جو ڀڳل ڏند کپھہ ۾ ويڙھي ڪڏ تي اُڇلي چون تہ ڏسون اول ڏند ٿو ڄمي يا ڀٽ ٿو ڄمي:

حامل جي سوانجهڙي [سھنجڙي] جون شيون اڪي مھيني ۾ ونبيون تہ ڀٽ ٿيندو.

ويم ڪرڻ ۾ دير پوڻ جا سَنوَڻ:

گل مريم، جو عرب ملڪ مان حاجي سڳورا تبرڪ ڪري آڻيندا آهن، سو سوريتيءَ جي سيرانديءَ کان پاڻيءَ جي ڀريل ٿانءَ ۾ وجهي رکن، گل ڦندبندو تہ ويم يڪدم ٿي ويندو. سوانجهڙي واري زال جو مڙس، ڇٽيندڙ زال جي وڇاڻي وٽان اداڻي ٻرانگهون سامهون هلي، وري اداڻي ٻرانگهون پوئتي هٽي اچي سهنجي يا ڇٽڻ لاءِ دعا گهرندو تہ جهٽ ڇوٽڪارو ٿي پوندو. ويم جي تڪليف کي آسان بنائڻ لاءِ حلال جانور ذبح ڪرائي، ان جي رت جا ڇنڊا سوريتيءَ جي نراڙ ۽ ٻاهرئين دروازي تي هڻائيندا آهن. جنهن جاءِ ۾ ويم ٿيڻو هوندو آهي، ان جي ڇٽني ڪندن تي ڀينل ڪارا مرچ ڇٽي ڇڏين. هڪڙيئي هٿ ۾، سٽن گهرن مان ان جا داڻا ڀني، اهو اَن هڪ ئي هٿ سان جنڊ ۾ وجهي پيهي، ماني پچائي ڪارائينس تہ جلد پاسا آجا ڪري. سٽن قسمن جا اَن گڏي، جهوليءَ ۾ وجهي ڪنهن مادي گڏھ جي اڳيان جهولي جهلي بيهن، گڏھ ڪائي جڏهن ڦونگهارو هٽي تہ باقي بچيل اَن جا داڻا ڳڻين. جيترا داڻا، جنهن جنس جا گهٽ بچندا، اوترا ڏينهن ويم ۾ دير پوندي. پسيءَ جو وٽو منجيءَ هيٺان رکي، ان منجيءَ تي سوريتيءَ کي ويهاري، سٽن کوهن جو پاڻي آڻي ملائي وهنجارين تہ جهٽ شفاياب ٿيندي. ويم ۾ چرڪائي ٿئي تہ چون تہ ڳرڪُريءَ ڪنهن گهوڙيءَ جي پڇاڙيءَ واري رسي اورانگهي آهي.

ويم جي سوڪائي لاءِ:

ويم وقت، گهرجي اڳڻ ۾ زالون گول چڪر ناهي ويهنديون آهن، تہ جلد هٿ پير لهي، خاص طرح سٽين، سترهين ۽ ستاويهين تاريخ تي ويم سٽائو ٿيندو آهي.

چون تہ حامل زال مينديءَ ۾ هٿ وجهندي تہ ٻار گونگو پيدا ٿيندو!

ڄم بابت چوڻيون:

ڏيءَ، سئين پيرين ڄمندي آهي، پر پٽ اونڌو. ڏيءَ جو ڄمڻ نياڳ ۽ پٽ جو ڄمڻ سياڳ ليکيو ويندو آهي. پوڻيني [ٻهرياتي] جي پٽ ڄمڻ تي هلائين

تہ ڏيءَ ڄائي آهي. [متان دماغ تي خوشيءَ کان اثر ٿئيس]. ڪا سيڪڙيات [سڪايل] جا پٽ جي مٽيءَ جي پنوڙي ملڻ کانپوءِ آتي هوندي، تہ ان کي جي ڏيءَ ڄائي تہ بہ چوندس تہ پٽ ڄائو اٿيئي جيئن دل هول نہ ٿئيس.

ٻار ڄمڻ کان پوءِ جا سَنوَڻ: ڪي قبيلا نئين ڄاول ٻار کي، پاڻيءَ ۾ گڏهہ جي لڏ وجهي پوءِ وهنجارين. ڪي سون يا چاندي پاڻيءَ ۾ ڏوئي اهو پاڻي ٻار متان هارين ۽ ٻبا بہ انهيءَ پاڻيءَ سان ڌوئارائي پوءِ ٿڃ پيئڻ ڏين. ٻار جو سوني منڊي يا ڇلي سان وات ڪڇين تہ ننڍو ٿئي.

پٽ ڄمڻ تي ٻاهرين دروازي جي سردري ۾ نم جي ٽاري ۽ ٻصر جي ڳنڍ، ڪڄ کان ٻڌي ڇڏين. در جي چانئٺ وٽ ننڍڙي ڪڏ کوٽي پاڻيءَ سان ڀري ڇڏين. ان ۾ ڪارا مرچ بہ ڳڏين. جٺن لاڻ نہ لڳي ۽ ٻاهران ڪو اوٺو يا مٽي ميرو ماڻهو اندر اچي، تہ پير پسائي پوءِ اندر گهڙي. ڏيءَ جي اورَ چلهہ ۾ يا دلي هيٺان ۽ پٽ جي اورَ گهڙامنجيءَ هيٺان يا تہ - واٽي تي ڪڏ کوٽي پوري ڇڏين. ويم واري گهر ۾، مٽڪن وارو يا مالها وارو ماڻهو اچڻ ڪونہ ڏين. پر حيض واري زال بہ گوشو ڪندي آهي. نڪي گهوڙيءَ جا سنج اندر رکڻ ڏين جيستائين ڪ ڇلو (چاليهو) پورو ٿئي. ڪي ماڻهو وياڻل زال ۽ ان جي نئين ڄاول ٻار کي گڏهہ جو ليڏوٽو پاڻي ۾ نپوڙي وجهي ۽ ان ۾ تلوار جي ڌار گهي پيارين. ان لاءِ چون تہ ماءُ کي اهو پاڻي پيارڻ ڪري ان جو اثر ٿڃ رستي ٻار ۾ پهچندو ۽ اهو ٻار وڏي هوندي تلوار جي ڌڪن جي پرواهہ نہ ڪندو ۽ گڏهہ جهڙو نڙ ٿيندو.

ٻار جو نالو رکڻ:

ڪي بروقت رکن، ڪي ٽئين ڏينهن ۽ ڪي ڇٺيءَ تي (پٽ جي حالت ۾ ڇٺيءَ تي نالو رکندا آهن).

آچر ڏينهن ڄاول ٻار جو نالو:

آچار يا آچر، سومر ڏينهن، سوامر يا سومر، اگاري ڏينهن، اڱڻ يا اگاريو، اربع ڏينهن، اربو يا ارباب، خميس ڏينهن، خميسو، جمعي ڏينهن، جمعو يا جمڙو رکيو ويندو آهي.

هندو ماڻهو ڏينهن جي نالن تي:

منگل مل، ٻڌر مل ۽ جمڙو مل نالا رکندا آهن.

محرم واري مهيني ۾ ڄاول ٻار جو نالو:

محرم، صفر واري مهيني ۾، صفر، ربيع الاول واري مهيني ۾، عرس (هن مهني کي عرس، يعني نبي ڪريم ﷺ جن جي ڄمڻ يا خوشيءَ وارو مهينو چون)، ربيع الاخر واري مهيني ۾، يارو، يار محمد، يارل، (1) رجب واري مهيني ۾، رجب، رجو ۽ رجب علي يا لکانو، لکيءَ ڏنو ۽ لکو. (2) شعبان واري مهيني ۾، شعبان، شعبان بخت، برادي(3) ، شبراتي، رمضان واري مهيني ۾، رمضان، رمو، شوال واري مهيني ۾، شوالو، ذوالحج واري مهيني ۾، حاجي، حاجن، حاجو ۽ ڏين جا نالا حاجاڻي ۽ حاجو ۽ حاجل رکن، عيد رات ڄاول ٻار پٽ جو نالو عيدو، عيدن ۽ ڏيءَ جو عيدَ، ڪي وري موسمن وارا نالا رکن ساوڻ، سارنگ، بادل، ملهار ۽ مينهن ۾ ڄاول جو نالو مينهل يا مينهون پڻ رکن.

باس باسيل ٻارن جا نالا:

پيراڻو، پيرو، پيران ڏنو، (پيران ڏتي) پير ڏنو، شهڏنو (شاهڏني)، شاهو، شاهن، فقيرو، فقير بخش، قلندر بخش، شهبازي، لال ڏنو (لال ڏني)، سڪيلڏو، مڱيلڏو (سڪيلڏي، مڱيلڏي) پنيلڏو، پينيل، سڪو، سڪڻو، مڱڻ، مڱيو، پنيو، هندن ۾ دولهه ڏنو، موٺيو دريانو وغيره.

اميدن ڀريا نالا:

تورپيو، اوپايو، الهه بچايو، (بچائي) نيپندو، جيئندو (جيئندي) سڳهو، حيات (حياتان) وسايو (وسائي) جيئو (جيئان) جڙيو، الهه جوڙيو، الهه رکيو (الهه رکي)، الهه ورايو (ورائي)، بنرو، بنو، سکيو (سکي) ستابو (ستابي) پوڙهو (پوڙهي)، پريو، ڇٽو (ڇٽي) متارو (متاري)، مچندو (مچندي)، ساهو، سياڳو (سياڳي) ۽ ماڪرپيو وغيره نالا رکن.

ڀڙا نالا:

ڪي ماڻهو پنهنجن وڏن جا نالا ڪونہ رکن، ڇون تہ ٻارن کي انهن نالن وٺي ڇوڻ سان، جٺ ڦٽ ڪرڻ سان وڏن جي نالن جي بيحرمتي ٿيندي. ڪي ڇون تہ

---

(1) هنَ مهيني کي ٻارهينءَ وارو مهينو معنيٰ سيد عبدالقادر جيلانيءَ جي ڄمڻ وارو مهينو ڪوٺين. (ليکڪ)

(2) رجب واري مهيني کي لکاني وارو مهينو بہ چون. (ليکڪ)

(3) شعبان مهيني کي براد يا برات وارو مهينو چون نبي ڪريم ﷺ جن جي پهرين شادي هن مهيني ۾ ٿي هئي. (ليکڪ)

انهن جا نالا ڳوڙرا آهن. ٻار بيمار ٿي پوندا ۽ اهو نالو رکيو وڃي، ته پيو به لاڏڪوڏ جو نالو ضرور رکڻ گهرجي. ڪنهن بيمار جو نالو ڪونه رکن، وسوسو ٿئين ته متان اسان جو ٻار به بيمار نه گذاري. ڪنهن بخيل، ڏوسي، ڪنجوس ۽ بدنام جو نالو ڪونه رکن. متان اُن جي نالي جو اثر ٻار تي پوي. ڪنهن نپٽي نانگي جو [جنهن کي اولاد نه ٿئي] نالو ڪونه رکن. ڏڻ ڏيڻ جو هجي، ان جو نالو رکڻ به عيب سمجهن. جنهن جو نالو مشهور آهي ۽ ڳوٺ جو چڱو مڙس، سردار، پٽيل، نواب، مير، پير، مرشد ۽ مالڪ هوندو ته ان جو نالو هن جي ڪاوڙ جي پوڻ جي ڊپ کان ڪونه رکن. يا چون ته جيئرن جا نالا جيئرن تي ڪيئن رکبا! جيڪو جواني ۾ گذر ڪري وڃي ان جي نالي رکڻ کان به پاسي ڪن.

ٻار جي حفاظت جا سَنوڻ:

ٻار جو هنڌ اگهاڙو ڪونه ڇڏين. ٻار کي جي اگهاڙي هنڌ تي سمهارين ته پهرين هنڌ کي ٿي ڌَڪ يا ٿي ٽڪون هڻي، پوءِ ٻار سمهارين. سٽل ٻار جي سيرانديءَ ڪپ يا ڪاتي يا ڏوئي رکي ڇڏين. جي اهي هٿ نه اچن ته لوهه جي سيخ يا ڪو لوهه جو ٽڪرو رکن. جي نه ته غئبات جو اثر ٿيندو.

ٻار کي سمهارڻ واري هنڌ جا سَنوڻ:

وچ هنڌ ۾ وهاٽو رکي ڇڏين. متان اوچڻ وجهي هنڌ ڍڪين. ڪاٺ جي پٽي يا ٺڪريءَ (فرحي) تي "ياسين" قرآن جي سورت لکائي، پينگهي جي سيرانديءَ سرائي ۾ لڙڪائي ڇڏين. ڪي وري سڪل ڪل ڄاهي جانور جي کنڊن واري، پينگهي جي سرائي ۾ ٽنگين يا بگهڙ جي کل جو ٽڪرو يا تائيٺ لڪائي، ٻار جي ڳچيءَ ۾ ٻڌن. ٻار کي چانڊوڪيءَ ۾ يا هونءَ به اڪيلو ڪين ڇڏين. متان مٿس پرين جو پاڇو پوي!

ٻار جي روڄ راڙي بند ڪرڻ جا سَنوڻ:

رات روئٽي، هڪڙو جيت آهي، سو جيئرو جهلي، سڪائي، اگڙيءَ ۾ ويڙهي، ٻار جي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏين. ست آگر پاٽيءَ جي لوٽي ۾ وجهي، ٽڪار مهل يعني سانجهيءَ جو ٻار متان گهوري، اهو پاٽي ته - واٽي تي گول دائري ۾ هاري، وچ تان مٽي کڻي، ان ۾ ست ڳڙيون ڦٽڪي يا ست ڪٽا لوڻ ۽ ٽي ڳاڙها مرچ ملائي، وري به ٻار متان ست اُبتا ست سبتا ڦيرا ڏيئي، گهوري، اهو ڪمار باهه ۾ ساڙين.. صبح جو اهو ساڙ ۽ ڦٽڪي ڪڍي، ته - واٽي تي وجي

ڦٽي ڪن. مهاڻن جو مڇيءَ ڦاسائڻ وارو ڄار، سٽل ٻار جي مٿان پکيڙين. ٻارَ جي سيرانديءَ هيٺان ڏينهن جو ڏيئو ٻاري رکن ۽ رات جو اهو ڏيئو ڪاڪوس ۾ وڃي اُجهائين. ۽ چون "ٻار نہ روئي، ڏيئو ٻري" تڪار ثاني يعني سج لٿي مهل اشهد آگر دانگي يا ٽٿي جي پٺ تان ڪاري ڪري، ٻار جي منهن تي لينگهو ڪڍن. ٻار جا رلڪا اُس ۾ سُڪندي، جڏهن سجُ اورانگهي وڃي، يعني سج اُڪري وڃي ۽ اِتيئي پيا هجن، تہ اهي ڪٺي، شام جو ورندڙ چوپايي مال خاص طرح ٻڪرين جي پيرن ۾ اچلي وجهن، جي مٿانئن وکون واري وڃن، اهڙن رلڪن تي سمهڻ ڪري ٻار جي راڙ بند رهندي!

ڪُهائي:

ڪُ معني خراب + وِيائي معنيٰ ويم. جيڪو ٻارُ پورا مهينا ماءُ جي پيٽ ۾ روڪجي نہ سگهي ۽ اڳ ۾ ئي ضايع ٿي پوي، ان کي ڪُهائي يا اسقاط حمل چون. اهڙي ٻار ڪيرائيندڙ ماءُ لاءِ چون تہ ڦسڪٺو روح اٿس يعني خسيس شئي تي سڌ ڪري ٻار ڪيرائيندڙ آهي.

ڪهائيءَ جي روڪ جا سَنوڻ:

خچر جي ڳچيءَ ۾ پيچ جا وار ڪتري، سڱو وٽي چيلهہ ۾ ٻڌجي، ٽامي جا سڪا نوَ (9) يا يارهن (11) تنگ ڪري پوئي يا ڳوٺريءَ ۾ سبي چيلهہ سان ٻڌجن. گهوڙيءَ اڳيان ٻہ ٽويا ڪوبہ اناج رکجي، ڪائي جڏهن اڌ تائين پهچي تہ اهو اَن ڪٺي ونجي، وري ٻاٽيءَ جي ٻالٽي يا ڏول پريل اڳيان رکجيس. ٻاٽي پي جيڪو بچائي، تنهن اوباري ٻاٽيءَ ۾ اهو اناج ڌوئي سُڪائي، اها ڪهائي ڪندڙ زال خود پنهنجي هٿ سان اناج پيهي اٽو ڪري. پوءِ ان پينل اٽي جي چپٽي، روز ڪاچرو اٽي سان ملائي، ٻار سرجڻ يا سجرڻ واري ڏينهن ڪان وني، ويندي ويامڻ تائين اهو ڪائيندي رهي. اها زال صابڻ سان بدن مهٽي نہ وهنجي، نہ ڪپڙا ڌوئي. مکڻ نہ ڪائي نہ اُن کي هٿ لائي. ڪنهن جانور يا عورت جي ويم کي نہ ڏسي. گهٽو نہ گهمي. ريشمي ڪپڙا نہ پائي. لوهہ جي ڪڙي نهرائي ڏائي پير ۾ وجهي ڇڏي.

ٻار نہ بچي تنهن جا سَنوڻ:

جڏهن ڪو ڪاچ ٿئي تہ سڪڙيات ماءُ مردن جي ڇني ۾ اچي گونگي تي هٿ ٽنگي بيهي، پوءِ جيڪي مليس يا عيد ڏينهن عيد گاهہ تي وڃي در اڳيان

گنگي تي پني اتان بہ جيڪي مليس، انهن پئسن سان پيا پنهنجا پئسا گڏي سونو جيئندڙو [ڪنَ جوڳهہ] نهرائي ڪنَ ۾ وجهي ڇڏي. جيڪا زال پاڻ ڇنو يا عيدگاهہ پني چڪي هجي، سا پاڻ بيءَ اهڙيءَ سڪڙيات کي ڪجهہ بہ نہ ڏي! سڪڙيات مٿل ماڻهوءَ جي گهر تيستائين نہ وڃي، جيستائين جنازو کڄي وڃي ۽ ڪڙي ڪني يعني مٿل ماڻهوءَ جي ڪانڌيي جو پت، ٽيجهو، ختمون، ٻاراهو وغيره نہ ڪائي. ڪنهن سهاڳڻ يا ٽڏي پيٽ واري زال (جنهن جو ننڍڙو اولاد ڪڏهن نہ مئو هجي) تنهن کان سندس اوڍڻ واري ڪپڙن مان ڪو ٽُڪر وٺي، ان جو پوتاڙو يا رلڪو ناهي اڳواٽ رکي. ٻار ڄمڻ مهل ان ڪپڙي ۾ ويڙهي وٺجي يا ڪيس صفا ڪري، پوءِ ان ۾ ويڙهجي، ڦاٽڻ تائين اهو ڪپڙو ڪم آڻجي، ٻڏل ٻيڙي جي لوهہ جي ڪڙي نهرائي ٻار جي پير ۾ وجهجي. ٻار جو ننڍي هوندي ئي مڱڻو ڪري ڇڏجي.

ٻار جي بچڻ جا سَنوڻ:

ڪچو ڪُنو مٽيءَ جو وٺي، اُن ۾ اورَ وجهي، ڳاڙهي ڪپڙي سان منهن ٻڌي، ٻن قبرن جي وچ تي يا ٽن ائنن جي مفاصلي تي وڃي پوري ڇڏجي. ٻُڏيءَ ٻيڙيءَ جي لوهہ مان سڪڙيات لوهہ جي ڪڙي نهرائي، ڏائي پير ۾ وجهي. وڏي ڪاغذ جي چوڏاري سورت "ياسين" لکائي، ان پني جو وچ گولائي ۾ ڪتري، جئن ٻار ماءُ جي پٽيان نڪري تہ ان ڪاغذ جي پور مان اُڪري اچي ٻاهر پوي. ڪنيار کان ڪچي مٽيءَ جي گرڻ نهرائي، ڄمندڙ ٻار ان جي خال مان لنگهائي وٺجي، ڪي وري ڪوڙا ۽ خراب نالا ٻار جي بچڻ لاءِ مٿس رکندا آهن: ٿوهہ، ليڏو، ڪبڙ، اڪ، نمر، ڪرڙ، ڪندو، گهمڻ، ڪوڙو، مرچو، ڪانديرو، ٻبر، لئو، ماڪوڙو، ٻصر.

ٻار بچڻ خاطر ان ٻار جي اورَ ٻاهہ ۾ ساڙي ڇڏين. اورَ مان سئي ٻوڙي، ان ٻار جو ٻولو يا نتڙي ڏائي پاسي ٽوپين، پٽ هجي تہ نٿو، ٻولو، ناٿو، نٿر ۽ ڌيءَ هجي ناٿي يا ٻولي نالو رکن. ٻيا وري بچڻ لاءِ ٻار جا ڌُر پاسين ۾ ڪن ٽوپين. ان جو نالو ڌُرو، ڌُورو ۽ ڇوڪري ڌُري ۽ دورخاتون ٿئي.

ٻار بچڻ ڪاڻ ٻار کي وڪڻڻ وارو سنوڻ:

ٻار ڄمڻ واري جاءِ کي جي دري هوندي تہ ٺهيو نہ تہ هتراڏو دري پٽ مان ڪڍي، نئين چاول ٻار کي ناڙو موڙي پوءِ دائي يا ڪا سهاڳڻ زال دريءَ مان

ڪڏي اچي گهر جي دروازي تي بيهي چوندي تہ "آءٌ هيءَ ٻار وڪڻان ٿي، آهي ڪو وٺڻ وارو؟" پوءِ ٻار جو مامو، چاچو، يا ڪو ٻيو مائٽ، چوندو تہ هن جو ملهہ ڇا آهي؟ مائي چوندي تہ پاءُ بصرن جو يا لپ لوڻ جي يا چپٽي مرچن جي، پوءِ مائي کي انهن مان هڪ شئي پلاند ۾ ڏيئي ٻار اندر گهر ۾ ڪٺي ايندا. جي پٽ هوندو تہ نالو: بصر، مرچو، لاٽو، وڪيو ۽ ڌيءَ هوندي تہ بصران وڪائي يا ڪوڙي سڏيندس. اهو ٻار جنهن شئي تي وڪاڻو هوندو، اها ڪڏهن بہ ڪنهن کي سوال ڪرڻ تي يا گهرج پوڻ تي گهر ٻاتي نہ ڏيندا.

پهرئين ٻار، ڌيءَ مٿان پٽ ڄمڻ جا سَنوڻ:

پهرئين ٻار ڌيءَ کي مٿي جي پوئين حصي يعني ڪياڙي مٿان گاٽ جو گول چندو هوندو تہ سَوَڻ ڳڻيندا تہ هن ٻار مٿان پٽ ڄمندو ان چندي کي "پڳ ور" چون. جنهن کي پهريون ٻار ڌيءَ هوندي تہ اهي سَـوَڻ خاطر ڌيءُ جون والڙيون ڪونہ ٽوپائيندا آهن، چوندا تہ جڏهن پاءُ ڄمندس تڏهن اهو پاڻهي واليون نهرائي ڪنن ۾ وجهنديس. ڪي ماڳهين نياڻيءَ جا ڪن ئي ڪونہ ٽوپائين. جيستائين ڪ ِ پٽ ڄمي، جي ٻيو نمبر ٻار نہ ٻچندو آهي تہ. ٻئي ٻار جي ڄمڻ شرط انهيءَ جي پنن تي مٺاڻ يا کنڊ مکي پهرئين ٻار کي چٽارائيندا آهن ۽ نئين چاول ٻار جو منهن پرڻ سان پهرئين کي ڏيکارين تہ جيئن پاڻ ۾ ريس، حسد ۽ آڙو نہ ٿئين. ڪي وري نئين چاول ٻار جي پٺيءَ مٿان ڏونگهي جهلي پوري پهرين ٻار کي ڪارائين.

ٻار جي چـُرپـُر بابت وسوسائي ڳالهيون:

جي ڪو ٻار ستي گهڻو مٿي پيو نهاريندو، چوندا تہ سندس ڪپڙا يا رلڪا ڌوئي مٿي سڪٽا وڌا اٿوَ تنهن ڪري مٿي ٿو نهاري. ٻار آرس پيو موڙيندو يا ڪرَ پيو ڀڃندو تہ چوندا تہ ڪپڙا زور سان نپوڙيا اٿوَ تڏهن پيو وٽ پيچ کائي! ٻار، ستي ننڊ ۾ نڙيءَ مان ڪو چيچاٽ ڪيو يا ساهہ ڪٽندي ڪا سنهڙي سيند ٻڌڻ ۾ آئي تہ چوندا تہ: ماٽس پيٽ تي (پيٽ ۾ هئڻ واري مدي ۾) ڪو پکي رڌل کاڌو آهي، جنهن جو آواز پيو نڪري! ٻار جي پيٽ ۾ هوندي جي ٻارَ جي ماءُ کي پٽونءَ يا وڇونءَ ڏنگيون تہ چوندا آهن تہ انهي ٻار جي ڄمڻ تي، مٿس پٽونءَ جي ڏنگ جو اثر نہ ٿيندو.

گهٽا ٻار نہ ڄمن، ان لاءِ سَنوڻ:

ٻارن جي ماءُ آخرين ٻار جي اورَ مٽي تي رکي چوندي تہ ”هاڻ مونکي ٻار نہ گهرجن“.

جلد جلد ٻار نہ ٿيڻ جا سَنوڻ:

ساهڙي ويائل زال جا پانئي تہ ڪيس جهٽ جهٽ ٻار نہ ٿئي. اها جنهن کٽ تي سٽل هجي، ان جي ننڊ ۾ هوندي، انهيءَ جي کٽ کي ٽي پيرا ريڙهبو: اڏ وک کن اڳيرو ڏکي، وري پڇڏي ڏبي، وري ٻيو پيرو ريڙهي، پڇڏبي ۽ ٽيون گهمرو ڏکبي تہ پوءِ ان کي سگهو سگهو ٻار نہ ٿيندو.

ٿج وڌائڻ جا سَنوڻ:

ٻار جي ماءُ ٻڪريءَ جي اوجهري رڌي ڊڪڻ ۾ وجهي ڪائي ۽ گهر کي ٻهاري بہ پٺي ڏيئي. سهائي آچر ڏينهن ڦلا پُجي، جهوليءَ ۾ وجهي ڦڪيندي بہ وڃي ۽ ٻهاري بہ پائيندي وڃي.

ٽڪڙ ٻار جا سَنوڻ:

ٽہ + ڪڙ يا ڪڙهہ. ڪڙهہ معنيٰ ڪک بہ آهي يعني ڪک مان ٽيون ٻار نڪتل. عام طرح پيٽ مان چاول ٻار کي زالون ڪک مان نڪتل بہ چونديون آهن. ڪي وري ان کي ٽيوڪڙ ٻار بہ ڪوٺين. ٽن ڌيئن کان پوءِ پٽ ڄمي تہ انکي ٽکڙ پٽ چون، جو چون تہ ناناڻن جي سُڃ ڪري ڇڏيندو. ٽن پٽن جي متان ٽي ڌيءَ ڄمي تہ ان کي ٽکڙ ڌيءَ سڏين، اها بہ نياڳي ليکين. اهڙي ٽکڙ ٻار جي نياڳائي دور ڪرڻ جي لاءِ ان جو مٿو ڪونہ ڪوڙائين. نار جي پانديءَ متان چاڙهي ٻئي پاسي اُڪارين. ان جي ڄمڻ تي گهرَ جي نيساري مان تلي وهائين. ان کي ٻوڪي ۾ وجهي کوهہ ۾ وارين، ڄمڻ وقت سڳي پڻي، جي اها نہ هجي تہ پيڻ يا ماسي يا چاچي سٽل ٻار جي پاسي ۾ ناريل پڃي وينلن کي ورهائي ڏي. ڇوڪري کي ٽن سالن تائين پٽڪو ٻڌڻ ڪونہ ڏين. ڪي نک ٽوپين ۽ ادائين مهينن تائين ساڳيءَ جاءِ کان ٻاهر ڪونہ ڪڍن. ٽکڙ ٻار کي مُنڍڻ ڪاڻ نانو يا مامو. ٻنان ڪاڏي پيتي جي لوهار کان لوهہ جا ڪنگڻ هٿن ۾ ۽ ڪڙيون ٻار جي پيرن ۾ وجهڻ لاءِ نهرائي اچي پائي. مامو يا نانو، ٽامي جو ٽڪو ڪٽارائي، ان مان ننڍڙي وٽڙي نهرائي، تنهن ۾ ڪٽي مهٽي، ان ٻار کي ڪاڻڻ ڪاڻ ڏي. ٽکڙ ٻار جي ڄمڻ وقت روهي يا ڪو پٽر پڃي ڇڏين.

ٻارن جي اگهائي جا سَنوڻ:

عام ماڻهن جو خيال آهي تہ جي ٻاسيل سُڪان نہ ڏبي تہ ٻار بيمار گذاريندو. ٻار جي ماءُ ماڪي ڪائيندي تہ ٻار گونگو ٿيندو. ٻار جي ماءُ ڏونگهي ڪائيندي تہ ٻار جوجهير (پيٽير) ٿيندو. ٻار جي پيٽ ۾ هئڻ تي جي سندس ماءُ تي جنازي جو پاڇو پيو تہ ٻار کي ڪنگي يعني ٻاراٽي سلهہ ٿيندي. ٻار رڳو پيو روئي يا اوننڊو سمهندڙ هجي تہ ان کي نياڳو ٻار ليکين!

ٻار سگهو نہ ڳالهاءِ تہ ڪانگن جو وتاريل اَن ڪارائجيس. ٻار کي گهٽي گگ ٿئي تہ مانيءَ ٽڪر گگ مان ٻوڙي، ڪتن ڪانگن کي ڏجي. ڪپورَ تاندن تي پچارائي ڪارائينس. مُتندڙ ٻار کي جنڊ جو پڙ چٽائين يا جنڊ جو نائو (اڳڙي) پاٽي ۾ چندبي اهو پاٽي پيارين يا ڳوهيل اتي وارا هٿ ڏٺاري پيارين. اُماڙي يا اُلانبي ۾ پيشاب ڪرائين. رات جو ننڊ ۾ ستي ڏنيينس. ٻار ڪنڌ نہ جهلي سگهي تہ ٻڪريءَ جي ڪنڌي جو گوشت ماڻس کي کارائجي. ٻر چيلهہ نہ جهلي سگهي تہ اُن کي سهائي سومار ڏينهن مامي هٿان ست مهرهن جا ڏڪ آهستي آهستي چيلهہ تي هٺائجن يا ڪوسي ڪوسي ماني ڪنجهي جي وٽي مٿان رکي ڇڏجي ۽ وٽي ۾ جيڪو مانيءَ جو پگهر ٿئي سو ٻار جي چيلهہ تي مکجي، تسبيح تي لک صلواتون پڙهائي ان تسبيح جو سڳو ڪڍي ٻار جي چيلهہ سان ٻڌجي.

رات جو هنڌ ۾ هنگندڙ ٻار جا سَنوڻ:

اهڙي ٻار کي گابي يا ٻڪريءَ جي پنيءَ تي ابتو ڪري ويهارين، يعني ٻار جو مهن جانور جي پولهہ ڏانهن ٿئي. اهو سَنوڻ شام جو ڪن ۽ نالو وٺي چون تہ "هي جانور هنگي رات جو ۽ ٻالڪ هنگي ڏينهن جو."

ڏانوڻ پيل ٻار جا سَنوڻ:

جيڪو ٻار چئن - پنجن سالن جي عمر جو ٿي بہ پنڌ نہ ڪري تہ ان لاءِ چون تہ ڏاوَڻ پيا اٿس، سي ڪپائي ڇڏيوس. ڏاوڻن ڪپڻ جو ڪرمت هيءُ آهي: ست جو رسو ٻار جي ٽنگن ۾ ونگي، مامي کي ڏاتو هٿ ۾ ڏين تہ اهو ست جو پيل ڏاوَڻ ڪپيس. گهر ۾ پريو ٻُسري (ڳڙهاڙي) پاٽ سان ڍڪي رکن، مامو ڏاوَڻ ڪپي ٻُسري ڪٽي وٺي پڇندو. پاتي ٻالڪ کي چوندا تہ: ڊوڙي جهلينس. جي ٻار انهيءَ مهل پوئتان نهاريو تہ ڊچٽو ٿيندو. جي مامس جي پوئتان پڇندي

تاپو ڪاڏائين تہ سدائين ڏڪا ڏوما پيو ڪائيندو پر جي تڪڙو هليو ويو، تہ پڇڻ جو چوهو ٿيندو. ڪي وري هن ڪرمٽ ۾ ڏين جي ٿوڙي ڏانوڻ ڪري ٻار جي پيرن کي ونگين ۽ مامي کان ڪپارائين. ٻار پنڌ ڪري تہ ڪوهر ورهائين.

ڏندن ڇمڻ بابت وسوسا ئي ڳالهيون:

چون تہ ڪنهن بہ ٻار کي اول مٿيان ڏند ڇاوا تہ ناناڻن جي لاءِ چڱا ٿيندا يعني منجهن ڪو ماڻهو مرندو يا پونگو پينگ ٿيندن.

مرڻ بابت وسوسا ئي ڳالهيون:

مهري اُپي ڪري رکبي تہ ڪو ماڻهو مرندو. خواب ۾ ڏند ڪرندو ڏسبو تہ بہ ماڻهو مرندو. خواب ۾ ڪنهن مئل ماڻهوءَ ڪاڏو گهريو تہ صبح جو لولي پڪل تي بصر جي ڳنڍ ۽ مرچ رکي ڪنهن فقير کي ڏين يا جهنگ ۾ ڪنهن سائي وڻ هيٺ ڇڏي اچن. مئي ماڻهوءَ جي وهنجارڻ لاءِ جيڪو ميٽ پچن، سو بجاءِ ڪنهن ٻئي هٿوڙي جي، مهري سان پچن. چون تهائين نہ ڪبو تہ مئو وري ٻئي کي پاڻ ڏانهن ڇڪ ڪندو. انهيءَ ميٽ جا (جنهن سان ميٽ کي تڙ ڏبو) پورا پهرين پاٽ ۾ وجهن پوءِ مٿان ٻاٽي نائي ميٽ پچائين.

تيرهن تيزين (تيجين) جا سَنوڻ:

گهٽو ڪري تيزيون يعني تکيون تاريخون، انهن کي تيجون بہ چون. صفر مهيني جون پهرينءَ کان وٺي تيرهين تاريخ تائين اهي تيز يا نحس تاريخون آهن. انهن ڏينهن ۾ ڪن خاص ڪمن کان گوشو ڪن. انهي تاريخن ۾ جيڪڏهن جي ڪي ماڻهو پاڻ ۾ وڙهيا تہ سدائين ڪين نهندا. ڪنهن وٽ ڪاڏي جي توڻ ڪني تہ ٻارهن مهينا پيو ڳاپاتا ڪائيندو. انهن ڏينهن ۾ قرض ڪٽڻ، اوڌر ڏيڻ، سفر ۽ شادي ڪرڻ ڪان بہ لنوائيندا آهن.

تيرهن تيزين ۾ مئل جا سَنوڻ:

انهن تاريخن ۾ جيڪو ماڻهو مري تہ ان جي قبر جي سيراندي توڙي پيرانديءَ لوهہ جون ڪليون ڪوڙي انهن ڪلين ۾ چوڏاري اڇا سڳا ويڙهي تاجي ڪڍي ڇڏيندا آهن، ڪي ٻنيءَ جي چوڌاري ننڍو ٻنڙو مٽيءَ جو ٺاهي پاڻيءَ سان پري ڇڏين. جنهن جاءِ يا پٽ تي لاش رکن تہ اتي بہ ڪليون ڪوڙي ڇڏين. ميت کي جتي وهنجارين ان جاءِ کي "حد" چئبو آهي، اتي ڇريءَ وانگي ڪڏ ڪنيل هوندي آهي، ان ۾ آڪَ جي ٺاري وجهي پوءِ لٽي ڇڏين. جيڪي زالون اُن جي پٽر

تي سياڪو ڪرڻ يا پير ڌيڻ اچن ۽ جڏهن گهرن ڏانهن واپس وڃن تہ سيئي پنهنجون جتيون ڇنڊي، پوءِ پيرن ۾ وجهي گهر ڏانهن راهي ٿين، اتي پهچي پهرين پٽيءَ يا موريزم وجي، پوءِ گهر ۾ اندر گهڙنديون آهن. ۽ مرد ماڻهو مقام تان موٽڻ بعد مرداڻي پٽر تان تي مسجد مان تي پوءِ گهر ويندا آهن. اهڙي مئل لاءِ چون تہ "قبر ۾ ڪفن ٿو کائي، جي سَنوڻ نہ ڪبا تہ سيني گهر جي ڀاتين کي ڇـِڪ ڪندو يعني سيئي لاڳيتا هڪ ٻئي جي پوٺتان مري ويندا.

پنجڪين مئل جا سَنوڻ:

هر هڪ مهيني جي پنجين، پندرهين ۽ پنجويهين تاريخن کي "پنجڪيون" ڪوٺين. انهن تاريخن تي جيڪو مرندو تنهن سان بہ تيرهن تيزين ۾ گذريل واري ماڻهوءَ واريون ڀريون يا سڳڻ ڪندا آهن. جي اهڙي مئل ماڻهوءَ جي ڪٿي ڳالهہ نڪتي تہ زالون يڪدم چونديون تہ "شل قبر ڏي ڪن هجنس."

صفر مهيني پوري ٿيڻ تي، هڪڙي گهڙي ۾ پئسو وجهي، اهو ٻاهر ڀجي ڇڏين. صفر مهيني ۾ بہ ماڻهو نہ ڪنهن کي اُڌارو ڏين، نہ اُڌارو وٺن. صفر مهيني ۾ تمام گهٽو لوڻ وٺي رکن. جيڪو ٻارنهن مهينا هلي، ڇو تہ انهيءَ لوڻ هلائڻ ڪري توڻ ۾ گهٽتائي ڪين ٿيندي.

سڪرات جا سونسا:

ڌن واري يا دولتمند ماڻهوءَ جي سڪرات ڏکي ٿي پوندي آهي، تہ ان جي ڇاتيءَ تي سون يا روپين يا نوٽن جون سٿيون يا ڳوٿريون جهلي رکي ڇڏڪائين تہ ساهہ سولو وڃيس. هندو ماڻهو پوتي ۾ پيل يعني سڪرات واري کي چون تہ "پرائي پرڪر" يعني ڪلمو پڙهہ تہ ساهہ سولو نڪرئي. ڪو ڪنوارو مرد گذرندو آهي تہ ان جي هٿن پيرن کي مينڌي لائي، لاش کي موڙ ٻڌي جنازو ڪڍن، چون تہ هن جو لائون قبر سان آهن.

حرف ڦيرائي چوڻ وارا سونسا:

خاص طرح زالون، ڪي حرف ۽ جملا ۽ لفظ سونسي پوڻ سبب ڦيرائي ڳالهائينديون آهن: رات جو ميٽ کي چون "اچڙو" لـوڻ کي چون "مٺو. ٿانڊي کي چون "جاڳتو"، سئي کي سڏين سبٽي، بيمار کي چون "سڪالو"، سدا خوش، بي مزي، مار کي ڪوٺين ڊينب، ياسين سورت جو نالو ڪونہ وٺن [ڇو تہ سڪرات واري ماڻهوءَ تي پڙهي ويندي آهي] چون تہ "قرآن جي اها سورت

جنهنجو نالو نہ ونجي". ٻار ٻيٽان ڪري پوي تہ چون ڪهائي، ڏيئي وسائڻ کي ڪوئين تہ گلڪر. گهر ۾ ڪير نہ هجي تہ چون "خير ڪو آهي". گهر مان نڪري وڃي تہ چون "اُسهيو آهي". تپ کي چون "ڪوسو"، "ڪٽس لڳ سڄر" يا لڳ تيا اٿس يا توئنس ٿي اٿس، ڪير هارڻ کي چون ڪير وڏاءِ ڇڏ. پٽ کي پٽين تہ چون "دشمن جو ڪنڌ ڀڃئي." ڇڳيءَ ڇال واري کي "ڇنيهہ لڪٿو" يا ماءُ ڪير پي ڇائو. مثل ٻار ڄمي تہ چون ٽڏو ٻار يا وري آيو يا ڪير ڇتو، يا "سرڪتو". ويامڻ کي چون پاسا آجاڪرڻ، يا هٿ پير لهڻ يا ڇٽڻ. ڍڪي يا پيٽ سان زال کي چون ڳرڪري، ڳوُرهاري، ٻہ - جيئي (ٻن ساهن سان) اميد واري، پيٽ واري.

ڪنهن مسجد، مقام، وڻ ۽ جاءِ جنهن ۾ جنن ڀوتن جو واسو سمجهن تہ انکي ڏاڍو يا اگرو ڪوئين، جنهن زال جو مڙس جيئرو هجي، ٿوري وقت ۾ اولاد نہ ٿئيس تہ سڏينس "وَر سهاڳڻ" هميشہ لاءِ اولاد نہ ٿئيس تہ سنڍ، ور سهاڳڻ کي ڪو ڪپڙو يا زيور لاهي رکڻو هجي، تہ چونس تہ وڏاءِ رک! هلندي ٻار ڪريو يا ڌڪو ڪاڏائين تہ چون اُٽ ماڪوڙي ماري وڌءِ! ڪو ماڻهو سڙيو تہ چوندا "نريو" آهي، انڌي کي چون "اکين وڏو"، ٻوڙي کي چون "ڪنن ڳرو" يا "ڍٻر" ڇوري ڪندڙ ٻار کي چون "پردي ۾ چاول"، ڪفن کي چون "جوڙي"، گهر سڄي ٽيڻ کي چون گهر مسيت، تلهي ٽيندڙ ٻار کي چون "سڳا وڏا اٿس." ايري ٽيندڙ ٻار لاءِ چون تہ "سنڌي ماس جي نٿو چاڙهي، مري ويل نيڪ لاءِ چون چولو متايائين، اک ٻوريائين، جهان ڇڏيائين، پيالو پيتائين، برقعو متايائين، بهشت گهڙيو. ٽج ڇڏائڻ کي چون ٽج منئي ڪرائڻ، گهٽو وقت سڪرات هلڻ واري جي نالي چون "الله سان ڳلهيون اٿس، مثل لاءِ پير ڏيندڙ زالون چون تہ وڃون ٽيون "فلاڻي جي سک تي." ماڻهو ڪو جيل ۾ پيو تہ چون تہ "فلاڻو ڍڪجي پيو آهي". پوڙهي يا پيرسن ماڻهن ڪاڻ چون تہ ٻہ قبر ۾ پير لڙڪايو وينو آهي، يا مانا ڪائي متي آيو آهي، يا پڳيءَ پر تي آهي، ڊپ ڏيارڻ واسطي چون تہ ميان! مري ٻہ - نپيءَ (قبر) ۾ پونديَن. زالن کي دعا ڪرڻ لاءِ چون سداءِ جوٽي ٽڏي هونڍءِ، [مطلب تہ مڙس جيئرو هونڍءِ، سدائين ڀئي وهنجنديءَ] ٻار ۾ ڪو عيب يا وڏ تي تہ چون ڇنڊ گرهڻ ٿي اٿس يا پرين جو ڀاڇو پيو اٿس! ٻار کي دوا پيارڻ مهل چون پيءُ محبت جون ستيون ڪُٺن کي چون گهر ڏٽي، نڙيا يا ڊڊڙيا اونڌر (نہ تہ وڏي ويندا). بيماريءَ مان اُٿيل ماڻهوءَ جي پهرين وهنجڻ لاءِ چون صحت جو پاٽي نايو اٿس، سنئين لڳين ٽيو آهي يا پاڻ پرو ٽيو آهي.

(ب) ڀرمن جون بيماريون:

علاج جا نمونا:

لڳت جي حساب واري بيماري لاءِ ميانوال فقيرن يا جنائي فقيرن کان جن ڪڍائين. ٻي بيماري لاءِ ڪامڻ پڙهيا ۽ ڊوهه ڪڍائين. نانگ بلا جي چڪ جي لاءِ ماندو ويهارين. وڇوءَ جي ڏنگ واسطي جهاڙ وجهائين. اک، ڪنَ ۽ ڏاڌ جي سور لاءِ ڪيئان ڪڍائين. بيمارن کي اوليائين جي قبرن تي جاڳو ڪرائين. متين جو پاڻي پيارين. عام بيمارين واسطي فالون وجهائين، تائيٽ (تعويز) لڪائين، ڏاڳو ڦيڻو ڪرائين. ڪنهن مسجد يا قبر تان هٿ ڦيرائي بت کي مکين يا قبر جي مٽي "خاڪ" ڪري ڪائين ۽ ڳاري پيئن، چتي ڪتي جي چڪ واسطي شيخ ريحاڻ تان پاڻي پڙهائي آڻي پيارين ۽ سڄي بت کي مکين، جڏهن گهٽيءَ ۾ وڃي پوي تہ نير ٻڌل ڪپڙو مٿانس وجهن تہ مريو وڃي. سنڌن جي سُور، پيٽ جي سُور ۽ ڪن جي بيمارين لاءِ ڏنپ ڏيارين ۽ نجومن کي هٿ ڏيکارين.

ٻارڙن جي بيمارين بابت ڀيا سنوڻ:

ڪنگي يا ٻارن جي سلهہ بابت چون تہ "ٻار کي ٻلي تي اورانگهي تڏهن اها بيماري ٿي ٿئي". ٻار کي نڙ اولاريو تہ ٻار سنهڙو ٿيندو، تنهنڪري اُلاريل نڙ کي چڪ هڻي پوءِ پٽ تي رکجي. مثل ماڻهوءَ جي جنازي جو ٻار تي پاڇو پوندو تہ بہ ڪنگي ٿيندي. ڪنگي واريَ ٻار کي آچر جي ڏينهن ڪوريءَ جي آڏاڻي جي تر هينان تي پيرا اُڪارجي. ڪنگي واري ٻار کي آچر جي ڏينهن ٻين پاڙي وارن گهرن مان ڪٽ جا تانوَ آڻي انهن ۾ تورجي، ائين ٽي آچر جا ڏينهن لاڳيتا ڪجن. ڪنگي واري ٻار کي چٽن ۾ تورجي، اهي چٽا واهہ يا کوهہ ۾ ڦٽا ڪجن، پوءِ جيئن چٽو پاڻيءَ ۾ پيو ڦنڊندو، تيئن ٻالڪ ويندو ٿلهو ٿيندو. ٻلي جهلي، ڪنگي واري ٻار کي ان جي مٿان ويهاري وهنجارجي. ڪنگي واري ٻار کيٰ جمعي جي ڏينهن مسجد ۾ آيل جماعتين جي جُتين ۾ توريندا آهن ۽ ٽي پيرا ائين ڪن. سهائي سومر ڏينهن تي ڪنهنجي ڪٽڪ چورائي، اُها پُسائي، ڏاڳن ۾ پوئي انهن جون سرون ٻار جي ڳڇيءَ ۾ هٿن جي ڪرائن ۽ پيرن جي مرن مٿان ٻڌن. ڪي ٻار کي چانديءَ ۾ تورين، تہ ڪي نمازين جي موچڙن ۾ تورين. سهائي سومر جي ڏينهن تي ڪتي جي سسيءَ مٿان ٻار کي جهلي وهنجارين. پُسيءَ جي وٽن ۾ تورين. عاج جا ٻہ چوڙا ٻنهي ٻانهن ۾

وجهي ڇڏين. سهائي آچر ڏينهن موچيءَ کان چمڙي جون وڏيون چيرائي، ٻار جي ٻانهن ۽ ٽنگن ۾ ٻڌن. ان ٻار کي ٻوڪي ۾ سمهاري يا ويهاري ڪوهه ۾ ڏارين، ڪي چون ته ننڍو ٻار هنڌ تي ستل هوندي مٿان ڪنجهي جو وٽو گهمائبو يا ٻئي ڪنهن ڪي ٿانءُ ڏيٺو هوندو ۽ ٻار مٿان ٻانهن ورائي ڏبو يا ڪنهن جي ٿانءَ ۾ ٻار کي ڪارائبو يا ٻار واري منجيءَ هيٺان ڪنجهي جو ٿانءُ پيل هوندو، ته ٻار کي ڪنگي ٿي پوندي. ۾ ڪنهن ٻار جي اڳيان ڪنگيءَ جو نالي ونڻ سان به ڪنگي ٿي پوندي آهي. ڪنگيءَ ۾ ٻار کي ٻهريائين سنهون بخار پيدا ٿيندو ۽ پوءِ بدن ۾ ويندو ڳرندو، ان جو مٿو ۽ پيٽ ويندا وڌندا ۽ وڏا ٿيندا ۽ ڳري وڃي هڏن جو پڃرو بچندو. سهائي آچر تي مينهن جو آلو ڇيٺو آڻي، ٻار کي ان سان توري، پينگهي جي سامهون اهو ڇيٺو پٽ تي ٿڦي، ابتي ماٺوءَ جي شڪل وانگي ناهي ڇڏجي، ڪي وري ٻار کي سج سامهون جهلين، پوءِ جيترو پاڇو ٻار جو پٽ تي پوي اوتري قد جيترو ڇيٺو ٻار جي بوتي وانگر بنائي ٿڦين. چون ته جيئن ڇيٺو سڪندو ويندو تيئن ٻار مڇندو ويندو. ڳوٺ جي ڪڏ يا تلاءُ جيڪو ٻار ڏٺو نه هجي، سهائي آچر رات جو جهرڪين جاڳڻ کان اڳ اسر جو بنا ڳالهائڻ جي چپ چاپ ان تلاءَ تان ڇيڪي مٽي يا ٻتر ڪٽي اچجن ان سان ٻار کي توري، اوتري مٽي ڪٽي ڳوهي پينگهي سامهون ٻار جي ابتي شڪل، ٽنگون مٽي ٻانهون هيٺ ڪري مٽي ٿڦي ناهجي. جيئن ٻار جي ان تي نظر پئي پوندي ۽ مٽي پئي سڪندي تيئن ٻار ويندو ڇڳو ڀلو ٿيندو. ٻلو پڪڙي ان کي ٻار جو چولو پارائي مٿان ٻار جهلي وهنجارجي، پوءِ اهو چولو لاهي ڪڏ ڪٽي پوري ڇڏجي. مٿل ڪتي جي ڪوبريءَ مٿان ٻار کي وهنجاربو رهجي، جيستائين سڌري، سهائي آچر جو به اَڪ جون ٽڙيون (ڪانيون) آڻي ٻار کي ماپي، ٻار جيڏا ٽڪرا ڪري ڇانوَ ۾ سڪڻ رکجن، جيئن ڪانيون سڪنديون، تيئن ٻار ڇڳو ڀلو ٿيندو ويندو. قبر وانگي زمين ۾ ڪڏ ڪوٽي ان ۾ 5 - 10 منٽ ٻار کي سمهاري پوءِ ڪڍجي. ٻار جي مامي جي جاءِ جي ڇت کي ڳڙڪ ڪري، ست پيرا ٻار اُن مان آڻجي ۽ نجي.

ٻارن جو ڏيڇڙو:

هن کي ٻاراڻو به ڪوٺين. هن ۾ ٻار جو ساهه منجهندو به آهي. ڪن حالتن ۾ مائٽ خود ٻار جي ڏيڇاڙڻ جو ڪارڻ بڻبا آهن. روئندڙ ٻار ماٺ نه

ڪندو تہ ڊپ ڏيندس تہ فلاڻي بلا تي اچيئي ماٺ ڪر. نہ تہ جيجائو هائو ۽ رات جي ماءُ ڪٽي ويندئي. ٻاگهڙ پئي اچي، اهي ڳالهيون ٻڌي اوچتو ٻار چپ ٿي ويندو آهي. اها ماٺ بہ هن بيماريءَ جو سبب آهي. ڪي ٻارن اڳيان جنن ڀوتن ۽ اگرين جاين ۽ مقامن جون ڳالهيون ڪندا آهن. اتفاق سان ٻار اتان لنگهندي ڊڄندو آهي ۽ مٿس بيماريءَ جو حملو ٿيندو آهي. انڪي گهڙيالو يا گهڙولي جو ڪرمٽ ڪن: ڪنهن ڪونڊي يا پاٽ جي وچ تي جهنگ جو چيٽو ٽانڊا يا موئڙو ٻاري رکندا. ان جي مٿان چونري يا دڪي يا دلي اونڌي ڪري رکندا، پوءِ انٰ جي مٿان زناني جتيءَ جو پادر اونڌو رکي، ان جي مٿان ٿڦٽي رکي ٻار جو ساڄو هٿ مٿانئس رکائي پاٽيءَ جو لوٽو پري ٻار جي هٿ تان هاريندا، تہ پاٽي پاٽ ۾ اچي پوندو. ڪي وري تہ - واٽي جي مٿي ڪٽي سٽ ڳڙيون لوڻ، ست آگار ۽ ست مرچ ٻار تان گهوري پاٽي ۾ وجهي، اهو پاٽي دلي مٿان رکيل موچڙي ۽ چمٽي تان نائين. پاٽي پاٽ ۾ پوڻ سان گهٽڪا ڏيندو يعني ”گهٽ گهٽ“ جو آواز ايندو، جي اهو آواز نہ آيو تہ ڊيڇڙو نہ آهي. ٻاراٽي لاءِ ٻار کي نرڙ تي ڏنڀ ڏيارين، ٻار جو چولو ابتو ڪري، سنڌس سيرانديءَ ڪان ڪليءَ ۾ ٽنگين يا منهن رکٽي يا ڏُنبدار تي ابتو ڪري وجهن. ٻار کي ماڻس جي ابتي چولي ۾ سمهارين، ڳاڙهو بصر گهوٽي پيارين، بصر جو پاٽي ڪڏي ڪچن ۽ ڇڏن کي زور سان مکين، هگ بہ سونگهائين. ڪٽڪ جي اٽي جا ست گلولا ناهي، ٻار تان گهوري رات جو ٻاهر ۾ وجهن، صبح جو اهي سڙيل گلولا ڪڏي ٻار کي ڏيڪاري ڪُڏ تي اڇلي ڇڏين. اڏوڙيا مار وارو پاٽي ٻار جي پيرن کي مکين يا اُن پاٽيءَ سان وهنجارين.

اڏوڙ / مارِ جا سونسا:

مينگهواڙ، چمڙي جي رڱڻ جي لاءِ وهٽن جي چوڙي ۾ ٻٻر جي ڇوڏي هريڙون ۽ چن ٻيا مسالا پاٽيءَ ۾ وجهي، ان سان چوڙو (ڪَل) پرين، انڪي اڏوڙ چئي اُس ۾ ست ڏينهن ٽنگي ڇڏيندا آهن. جڏهن اهو پاٽي مچي ڏپ ڪندو آهي تڏهن ان پاٽيءَ کي مار جو پاٽي ڪوٺيندا آهن.

ڪي ٻار جو ديڇڙو، ڪنهن ديد، ڇهڙي يا ينگي ڪان پڙهائين. ديڇڙي واري ٻار کي تہ - واٽي تي سمهاري، پيٽ مٿان پادر گهمائين. اُن جي پيٽ هينان لنگهائين. ڪنهن ڊڳي جي ڪن کي ٽڪو ڏيئي، تازو رت ڪڏي ٻار جي پيٽ کي ملين.

ڪن ٻارن جي عادت هوندي آهي ته ننڊ مان ڇرڪ ڀري يا روئي اُٿندا آهن. ان لاءِ ٽوٽائي ڪان ڏاڍو وٺائي ٻڌن. ڪي وري اهڙو ڏاڍو ڇمڙي جي ڪل ۾ سبي تائيت (تعويز) ڪري ڳچيءَ ۾ ٻڌن يا ست سڇيون ڪوڏيون پڙهائي هار ناهي ڳچيءَ ۾ پائين. ٻار جي سمهڻ وقت پادر اونڌو ڪري سيرانديءَ ڪان رکي ڇڏين. گهگهه پکي (ڇبرو يا ڇپ) جو ڪنپ تعويذ ڪري ڳچيءَ ۾ ٻڌن، لوهه جو ڇلو نهرائي ٻار ڪي ڇيچ ۾ وجهي ڇڏين.

ماتا ۽ ان جا سَنوڻ:

هن بيماريءَ کي ترمائي، سيتلا، ماٻا، کهنبڙي مائي وغيره نالن سان ڪوٺيو ويندو آهي. هيءَ وچڙندڙ ۽ نگري بيماري آهي. ان لاءِ به سَنوڻ ڪن، علاج ڪونه ڪرائين. ماتا واري ٻار جي اڳيان ٻانهون ٻڌي ويهن، جيڪي گهري سو آڻيو حاضر ڪن. ماتا جي بيماريءَ کي هندو ماڻهو ديوي سمجهي، واس ڌوپ ڪن ۽ ڇوت ڇات ڪان پري رکن. ڪا هندو زال واجاڻي يا سوٽاري گهرائي، هن ڪان لولي ڏيارين. ماتا واري وٽ، پيٽ واري زال کي اچڻ ڪونه ڏين. ماتا واري کي اکين ۾ سرمو يا سوئڙو پائين ۽ ٻت تي ڇڙڪائين. هن بيماريءَ کي هڏ ڦوڙ بيماري ڪوٺين، ڇون ته هيءَ بيماري جي ڪنهن کي اڳ تيل نه هوندي ته قبر ۾ به ٽيندي، ۽ نه ڇڏيندي. ماتا واري گهر ۾ گهر جا ڀاتي نئون ڪپڙو ڪونه ڍڪين. گهر ۾ پٽَ يا ٻوڙ کي داغ ڪونه ڏين. ڪي ٻارهين ڏينهن "تلڏو" ڪن، يعني بيماري جي ڇڏڻ تي ڇندبو هٽن، ڇنڊيءَ هٽڻ ڪان پوءِ منا لولا رات جو پچائي، صبح جو ورهائين. ڪي پندرهين ڏينهن ماتا جي ڪڙين لهڻ ڪان پوءِ، مريض جي مٿي تان پاڻي نائين، وهنجارين. وهنجارڻ ڪان پوءِ ڇلو، ڪرو يا ڪج ختم ٿئي. ان ڏينهن ڦڪا يا الوٽا ڇٽا رڌي ورهائين. چلهه ۾ پاڻي وجهي، اُجهايل ڪائيون، اگر، ڪيري، رک يا قلهير ڪٽي وجي ڪڏ يا وهندڙ واهه ۾ اڇلائين، ۽ ڇون ته "نريءَ پنهنجو نار ڪيو". اُن چلهه تي وري رڌ پچاءُ ڪونه ڪن. زالون، جيڪي واهه کوهه يا درياءَ تي رک ڪيري ڇڏڻ وڃن، سي پاڻيءَ ۾ ٽبي ڏئي ٽڏيون ٽي پوءِ گهر اچن. جڏهن گيدوڙي ۽ نم جي وڻن جي پنن تي ويهي ماتا وانگر گهپ گهپ تيل ڏسن، تڏهن ڇون ته "هاڻ ماڻهن مان نڪري، ماتا وڻن تي وڃي ڇڙهي آهي." ماتا لاءِ لولي يا اوراڻو هن طرح ڇون:

پيو تہ اتئي امانُ، ننڍڙو ٻار،
تنهن جي مٿان رڪجان هلڪڙو ٻار!
ماتا، ڍهل دماما وڄي ڇير، سيتلا، آيم سولي پير،
ماتا، پهرين ڏهاڙي پرگهٽي، ماتا ڏوجهي ڏينهن ڏاتار،
ماتا، ٽيجهي ڏهاڙي مائي منائي، چوٿين ڏهاڙي چاڙهہ،
ماتا، پنجين ڏهاڙي وسي جا بينم، پاٽيءَ تي تي مٿيار،
ماتا، ڇهين ڏهاڙي ڇلڙو ڇڏايم، ٿي لاٿن ڪان هوشيار.

ارڙي / همبسڙا ٽيڻ جا سَنوڻ:

”هن بيماريءَ ۾ ساڳيا ماتاوارا سَنوڻ ڪيا ويندا آهن. گهڻو ڪري اها بيماري ننڍن ٻارن کي ٿئي. بيمار جي ويجهو ڪنهن کي وڃڻ ڪونہ ڏين. بيمار جي ڪمري جي ٻاهران نم جا ساوا پن ڇُڳن ۾ ٻڌيو ڇڏين. گهر جي صفن ۽ اڱڻ جي ڇٽڪار ڪن. جيئن بيماري ٽڏي ٿئي.“[1]

گهوٻي يا ڪرٽيءَ جا سنوڻ:

هن کي گهٻرو بہ چون. هن ۾ سڪي يڪ واري ڪنگهہ ٿيندي آهي. نڙي ويهي رهندي آهي. آواز گگهو ٿي ويندو آهي. بعضي ڪنگهندي ڪنگهندي هوڪ ڍگهو ساهہ ڪوڪ سان ڪڇندو آهي. هي پڻ وچڙندڙ بيماري آهي. ٻارن کي يارهن - ٻارهن سالن عمر تائين ٿيڻ جو امڪان آهي. چون ڪرٽيو جنهن اُڪاريو، سو نئون ڄائو. ڪنگهندي ڪنگهندي اتائين، ٿيندي آهي، يعني دم چڙهي ويندو آهي، ٻن - ٽن منٽن ڪان پوءِ دم وري هيٺ لهندو آهي. ٻار ڳرندو ويندو، ڪنگهہ سان گڏ اُلٽيون بہ ٿينديون آهن. هن جو مدو وڌ ۾ وڌ اڍائي مهينا ٿيندو آهي. بعضي چانڊوڪين جو ڪرٽيو وري چانڊوڪين ۾ ڇڏيندو آهي ۽ اونداهين جو اونداهين تائين هلندو آهي.

سؤ سالن جي ڪنڍي جي وڻ جي پاڙ هيٺان سهائي آچر تي ٻار کي لنگهائجي، پاڙ ڪا ٻاهر نڪتل نہ هجي، تہ ڪوٽي ظاهر ڪري ان هيٺان گسرائجي. ان وڻ جو ڇوڏو ڏاڳي ۾ ٻڌي ڳچيءَ ۾ پائجي. آچر جي ڏينهن اروڙيءَ تان ٻار جي ماءُ پراڻي اڳڙي ڳولهي آڻي پنهنجي گندي يا چنيءَ تي سبي ٿڦي رکي، ان اڳڙيءَ جي ڇتي ٻار جي چولي تي پڻ هٽي ڇڏي. نوريئڙو رڌي ان جو شوروو پيارين،

---

[1] نظرثاني ڪندڙ ٻاران اضافو آهي. (ادارو)

ڪارِي گڏهه جو کير پڻ پيارين. ڪٺڪ جو اٽو، ڳُڙ پاڻيءَ ۾ ڳوهي، لولا نـاهي ڪڙو تيل ساڙي، ان ۾ تري ٻار کي کارائين. ٻـار کـي گيهـه، ڏڌ، ڪنڊ کائڻ نـه ڏبي آهي ۽ ٿڌ ۾ نـه سمهاربو آهي.

گهوٻي جي لاءِ ڪرمت:

گهوٻي کي ختم ڪرڻ لاءِ سنوڻ طور سرَ جا ٻوڙا ڪپي اِن جو رسو وٽي يـا مٽ ۾ جهلي ڪرٽيي واري جي ڳچيءَ جي چوڌاري ڦيرائي، پوءِ ڏانتي سان اهو ٻوڙو ڪپيندا ٻـه ويندا ۽ چوندا "گهٻو ڪپيان؟" ٻيو ٻينل چوندو تـه "ڪـپ، پلـي ڪپ." اهو ڪرمت صبح شام ٻپهرن جو ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا ڪندا آهن.

نندي ٻار جو مامو ڊِين جي نوڙي، ٻار جي ڳچيءَ ۾ وجهـي، ان نـوڙيءَ ۾ ابتو ڏانتو ۽ سبتي ڪاتي وجهي چوندو تـه "ڀاڻيجي جو گهوٻـو وڍيـان؟" هـو يـا ڪو ٻيو چوندو تـه "وڍ، وڍ!" ائيـن ٽي دفعـا ڪـندو. وري ابـتي ڪـاتي ۽ سبتو ڏانتـو نـوڙيءَ ۾ وجهـي، چونـدو تـه "مـامو گهوٻـو وڍي" وري ٻـه ڇوڪـر پـاڻ يـا سندس ڀاران ٻيو ڪو چوندو تـه "وڍِ پلي وڍِ!" ائين ٻـه ٽي ڀيرا ڪندو. اهو ڪرمـت پورو ڪري، گهوٻي واري جي ڳچيءَ تي ناناڻي گهر جي دانگيءَ جي ڪـارنهن يا چُلهه جي ڪاراٺ ڪٽي مکيندو. ٽـه - واٽي تي، ٽي مٽيءَ جون ڍڳڙيون ناهي، انهن جي مٿان گهبي واري کي ٽپائين. ڪرٽيي جو علاج ڪونـه ڪرائين. زميندار ڪـان سـڳو وٽـائي ٻڌن. لال ڪبر (مينا) جهلي پـاڻيءَ ۾ ٽهڪـائي اهـو پـاڻي پيارين. مامي هتان ٽلي يا مٽر گهرائي ڳچيءَ ۾ پائين. نينڻ ٻوٽي جا ڏينا چني ڳچيءَ ۾ ٻڌن. چون تـه "ڪنهن ساهواري يا جانور کي لوهه اُلاربو تـه ان کي ڪنگهه ٿيندي.

ٻار اٽو / اُمر الصبيان جا سنوڻ:

هيءَ هڪ ٻارن جي نمونيا جو قسـم آهي. سـٽـپ ڪـائي مٿـان پـاڻي پيـئڻ، ٻاهر ولهه تي ٻار جو سمهڻ، گرم بدن واري کـي ٿـڌو پـاڻي پيـارڻ، سـيءُ لڳڻ، ماءَ جنڊ پيهـي يا مـانيون پچـائي ٻـار کـي يڪـدم ٿـج پيـاريندي تـه ان جي اثـر ڪري، تـه هيءَ بيماري ٿيندي آهي. هـن حـالت ۾ ٻـار سـهڪندو آهي، ڇاتيءَ ۽ سيني ۾ سور هوندو اٿس، پاسـن ۾ ڪڏون پئجي وينديـون اٿـس، سـاهه ڏچڪـي سان پيو ڪڍندو آهي. بدن تي بخار، اکين ۾ ڳـهر هوندي اٿس، ٻبو نـه وٺندو.

ان لاءِ ڪيوڙي جا ساوا پن لسيءَ ۾ اوباري، اهي گرم گرم ڇاتيءَ ۽ پاسن تي ٻڌجن. سيڙڪي چار[1] جا پن پٽي ڪٽي ٻاجهريءَ جي اٽي سان ملائي، ان جي ماني گهڙي هڪڙو پاسو پچائي ۽ ڪچي پاسي تي تيل مکي مٿان سنهڙي هيڊ ٻرڪي ٻار جي پاسن ۽ سيني تي ٻڌجي، صبح جو کولي ڇڏجي. گيدوڙي جا پن لسي يا جهڻ ۾ ٻڙڪائي سهسائيندا ڪري ٻڌجن. هن لاءِ ڪي ڦيٿو وجهائين، صبح جو باڪ ڦٽيءَ مهل ۽ شام جو ٽڪار مهل ڦيٽي وجهڻ وارو، ٽانڊي تي گگر وجهي ڏوپ ڪندو ۽ ان جي دونهن جي پرسان ٻار کي جهلي، ڪپڙي جي پلاند سان هن کي ڇنڊيندو ۽ پلاند مٿانس ڦيرائيندو رهندو.

ست سچليون ڪوڏيون وٺي، جهاڙ واري کي ڏين، جو ڏوپ ڪري انهن کي پڙهي واپس ڪندو. اهي ڪوڏيون ڏاڳي ۾ پوئي هرهڪ ڪوڏيءَ جي وچ ۾ ٿوم جي ڳڙي ۾ وجهي، پوءِ ٻار جي ڳچيءَ ۾ ٻڌندا آهن. ٻار جي چولي تي جهڙ وجهائي اهو ڪيس پارائيندا آهن. لوڪڙ جي ٻڪي تازي يا سڪل ٻار جي ڳچيءَ ۾ ٻڌن. تلور پکيءَ جي گُجي تازي يا سڪل توري پاٽيءَ ۾ وجهي، ان ۾ تورو ڳڙ وجهي ڪاڙهي، چمچي سوا جيترو پاٽي، ٻار کي سُتي ڪري پيارين. ماڪيءَ برانديءَ ۾ وجهي ُچٽائين. مڇيءَ جو تازو يا سڪل ڳج (گيهہ) سيڙڪي چار جا پن، سوئا، جاڻ، ڇڄ جي ڪشي جي ڳنڍ، ارڙسو ۽ ڳڙ گڏي ڪاڙهي، پوءِ ناري، صبح ۽ شام ٻار کي پيارين. هن کي ست ڏيي سُتي چون. صبح پهر اڪ جي پيلي پن تي جيڪي ماڪ جا ڦڙا ملن، سي گڏي ٻار کي چٽائين. چون تہ ”جي چگو پلو ٻار اهي ماڪ جا ڦڙا چٽيندو. تہ يا ڇمار ڪيس ٻاراٿو نہ ٿيندو. ابتڪندڙي[2] ڪاڙهي، ان جي ستي پيارين. سهي جو رت بہ تورو پيارين. سهائي آچر جي ڏينهن ڪنجهي جي وٽي ۾ ڪڙو تيل وجهي، ان ۾ ٽامي جو پئسو رکي، پوءِ اهو وٽو ٻار جي دن مٿان رکي، ڪپ يا ڪاتي جنهن تي عاج جو ڳن چڙهيل هجي، ان ڳن سان پئسي کي وٽي ۾ ڦيرائجي ۽ جهاڙ پڙهجي. ڪرمٽ پوري ٿيڻ کان پوءِ پئسو جهاڙ واري زال کٽي ويندي ۽ تيل اٿٽ کي مکي ڇڏين. هن کي ٻاراٽي يا لاڳاٽي جو هٽ هٽڻ چوندا آهن.

---

[1] جنهن جا پيلي رنگ جا پيرون ٿيندا آهن ۽ جنهن جا ڳاڙهي رنگ جا پيرون ٿيندا آهن، تنهن کي راتڪي چار چون. (ليکڪ)

[2] داماهو/دماسي کي اُبتڪندڙي بہ چوندا آهن. هن جو عرق ڪشيد ڪدي پيئڻ سان پراٽي ڪان پراٽي خارش بہ ختم ٿي ويندي. (نظرثاني ڪندڙ)

سهائي آچر جي شام جو ڪنجهي جي وٽي ۾ ٿورو ڪڙو تيل وجهي، ٻار جي پينگهي يا منجيءَ هيٺان رکي ڇڏين، صبح جو اهو تيل ڪٽي وجي ڪنهن سائي اڪ جي ٿاريءَ مٿان هاري ڇڏين. اڪ سڪڻ تي ٻار چڱو ڀلو ۽ تندرست ٿيندو.

نڙيءَ جي سور، ڪليونڻ ۽ ڳلاڦن ڀرجڻ جا ديسي ٽوٽڪا ۽ سَنوڻ:

هن ۾ ڳلاڦا خراب رت جي گڏ ٿيڻ سان ڀرجي پوندا آهن ۽ نڙي سور ڪندي آهي. جون تہ جي پيشاب مٿان پيشاب ڪبو تہ نڙيءَ جون ڳوڙهيون ڀرجي پونديون ۽ ڪنهن جي گونهہ مٿان هنگبو تہ بہ ائين ٿيندو. ان لاءِ تہ - واٽي تي ويهي ناناٽي گهر جي چلهہ جي ڇار نڙيءَ تي مکين، لوڻ، ڇيٽي جي ڇار سان ملائي ڪنهن عورت ڪان ڪليون ڇجائين. هٿ جي آڱوٺي ۽ ڏسٽي آڱر واري وچ واري ڪرنڊ يعني وچوني واري چمڙيءَ جي ڳوڙهين کي مهٽين.

ڪلين لاءِ ديسي ٽوٽڪا:

ڪليون ڇجندڙ زال اشهد آڱر لوڻ ۽ ڇار سان ڀري اندر وات ۾ وجهي، نڙيءَ جي ٻنهي پاسن تي زور ڏيئي ڳوڙهيون ڇجندي ۽ چوندي "ڪوئليون/ڪليون ڇجان؟" ۽ ٻيو کو چوندو تہ "ڀلي ڇج". تہ رت پوڻ نڪري ايندي ۽ آهستي آهستي سور بہ لهي ويندو. ڪاٺ جي ڏوئيءَ جو ڳن ڪر ۾ وجهي ڪوهو ڪري، ڪنهن ڪپڙي ۾ ويڙهي نڙي کي ٽاڪور ڪن. اُٺ جي گسي ۾ ٿورو لوڻ وجهي ڪوسو ڪري لپڙي ناهي ڳچي کي ٻڌن. ٻصر ڪارائين، ٻاجهر جو ڏريو يا دال اونگهي رڌي ان جا ڪوسا ڪوسا ڍڪ پيارائين، السي کير ۾ رڌي ٻڌن. ايريال جي پن تي هيڊ ٻرڪي ٻاهہ ۾ پوئي اهو بہ ٻڌن.

نڙيءَ جو پٽ يا ڪنبڙي جا سَنوڻ:

هن جي ڪري ٻار ٿج نہ وٺندو آهي. الٽيون پيو ڪندو آهي، ان لاءِ ڪنبڙي جو هٿ هٽبو. هن کي پٽ بہ چون. نڙگهٽ وٽ هڪ چلر وانگر وکو ايري بيهندو آهي. نڙي سور ڪندي آهي، پوءِ ڄاڻو زال پيٺل لوڻ مان آڱر ڀري ان پٽ کي ڦيهي ڇڏيندي آهي. ڪي وري ڦوٽا، ڦودنو اُٺ جي ليڏوٽي جي سڙيل ڇار سان گڏ ڪٽي، ملائي، سفوف ناهي، ان سان سَنوڻ ڪنديون آهن. اهو سَنوڻ صبح ۽ شام ڪيو ويندو آهي، ننڍي ٻار کي "تپاشير، ڦوٽا: ڦودنو گهوٽي يا لڙهي ستي ڪري پيارين. لڪيڇ ۾ ناناٽي گهرَ جي دانگيءَ جي ڪاراٺ آٽي ڳچيءَ کي مکين.

ڪاڪڙي ڪرڻ جا سنوڻ:

ڪاڪڙو گرميءَ جي اثر ڪري يا گهڻي بار ڪڻڻ ڪري لهي پوندو آهي، جنهن ڪان هلڪي هلڪي ٺونڪار ٻيڻي هوندي آهي، ماڻهو موڳو ٿي پوندو آهي. ڪاڪڙي ڪڻڻ لاءِ صبح جو نيراني آڱوٺو ڪاڪڙيءَ هيٺان رکي، انڪي مٿي ٿي -چار زور ڏجن، ائين ٻه -ٽي ڀيرا ڪرڻ گهرجي، پاڻي ۾ لوڻ وجهي ان جا غرورا ڪرڻ گهرجن. ڪاپار جا وار ڪوڙائي چٽي ڪڍائي ان تي مکڻ رکي، مٿان ڪپهه جو پهو پڪيڙي رکجي. ان کي مکڻ جي ٻني رڪائڻ چون. لوڻ جي ڪڻ ٿوري ٿوري چوسڻ گهرجي. ٻوڻ وڪر جي ٻني چاڙهين، جنهن ۾ ٻوڻ وڪر، سينهڙو، ڪوئر، اُٺ جي ليڏوٽي جي چار، ميٿ، ڪنڊيءَ جا پن، نر ڦوٽو، ننڍا فوٽا، سيئي ڪٽي سنهون ڪري، ڪپڙي ڇاڻ ڪجن، پوءِ پاڻيءَ ۾ ملائي لئيءَ وانگر ضماد ٺاهي، چتيءَ مٿان رکجي ان جي وچ تي آگر ٿنبي خال رکجي. اها چپڙي پاڻهي چنبڙي ڪاڪڙو مٿي ڪڻي وڃندي.

وائل يا اک جي لاڻ لڳڻ جا سنوڻ:

اوچتو واءُ لڳڻ ڪري اک ۾ ڪتر، ڪک، مٽي يا ڪو سنهڙو جيت پئجي ويندو آهي ڪتڪندو ۽ ڏاڍي تڪليف ڏيندو آهي. ان کي هرٽ/ سرٽ يا وائل چون. انهيءَ ڪان سواءِ اوچر، گهوتر، ماهيڙ، پتاشو، انب، ۽ موريسر اکين جي لاڻ لڳڻ واريون بيماريون آهن. ان جو سنوڻ هن نموني ڪن. عورت جي ڪن جو والو پنڙ يا گول منڊي ان کي نڪر جي پاٺ ۾ پاڻي وجهي پسائي، پوءِ اک جو ڇپر مٿي ڪڻي ٻُن انهيءَ جاءِ تي ڪجهه زور سان ڦيرائيندي‍يون، چونديون ته "هرٽ / سرٽ يڃان / وائل يڃان؟" جواب ۾ اڳلو چوندو ته "يڃ، يڃ." ائين ٽي دفعا ڪن. اک تي ڪپڙو رکي ڦوڪ ڏيئي، چون ته "ڪک هجي ته تري وڃي پتر هجي ته ٻري وڃي. ڪي جهرڪي ڪي پوندبو ڏيارين، ڪي ڇانور اک جي پونجهه تاتري ۾ ڇپَرَ پٽي رکي سمهي پون. ڪوسي ڪر اڳڙيءَ ۾ وجهي ٽاڪور ڪن.

اک جي آنڙيءَ جا سنوڻ:

چون ته ڪنهن جو ٺورو ٺڪبو يعني ڇٻو ته "هڻ، هيڏو يا هيترو!"، ٻيو هڪبئي جي پرسان ويهي ڪاڪوس ڪبو ۽ جي ان گونهه ۾ ڪاني نه ڪوڙبي ته هڪ رتائتي ڳوڙهي اک جي هيٺينءَ يا مٿينءَ وٽ ۾ نڪري پوندي، جنهن کي

آنڙي چون. ان جي ڇڏڻ لاءِ ڪرفتيءَ ۾ ڪاني ڪوڙي چون ”آنڙي گونهه ڪانڙي، اڄ مون ڪي سياٽي توڪي“ ست پير جا پن اڪ تان گهمائي پير جي ڪندي سان پٽ ۾ ڳنڍي ٽنبي ڇڏين. پٽ مان پراٹو اگر ڪوٽي ڪڍي گهي آنڙيءَ تي مکين. جيڪو مرد به زالون پرٹيل هجي، ان جي گهر مان اگر آٹي گهي مکين. ڪوريئڙي جي اڃي چار آنڙيءَ تي چنبڙائين. ڪاري مس به مکين. جهونيون سوپاريون ساڙي، گهوٽي ضماد يا ليپ ڪري، آنڙيءَ تي ٹڦين. ٻوهه جي ڪانيءَ جو ڏنڊڻ ڪري اهو ڪاڪوس ڪرڻ ڪان پوءِ ڪرفتيءَ ۾ ٽنبين. ٻه - جوئي مرد جي گهر جي پٽ يا لوڙهي ڪي رات جو ڏيندن سان ڪٽين. پير جا ست پن، هڪ هڪ پن اڪ تان گهمائي پير جي ٻيو پيٽ واري زال ست سرايون پٽيءَ جڻون ۽ ست سرايون سوئڙي جون آنڙيءَ واري ڪي ابتي يعني ڏائي هٿ سان وجهندي آهي. يا ست پن پير جا آنڙيءَ تان گهمائي جيڪو در سج جي سامهون هوندو. ان ۾ پير جي ڪندي سان ٽنبي ڇڏين ته جيئن پن جلد سڪن ۽ آنڙي ختم ٿئي. ڪندي ۾ پوئي لوڻ جي ٿانءَ ۾ وجهي ڇڏين. انهن جي سڪڻ تي آنڙي ڇڏي وڃي.

اڪين جي ڇوت جا سَنوڻ:

چون جنهن ٻار جي اکين ۾ اوَر جو پاڻي پوندو تنهن جون اکيون هميشه ڳاڙهيون رهنديون. ان لاءِ مُج جي نوڙي آٹي ان جي هڪڙي پاسي ڪپهه ويڙهي، انکي تيل ۾ ٻوڙي، پوءِ وٽو پاڻيءَ جو پيري. ڇوت واري ڪي گهند گهندالو ڪرائي، پوءِ نوڙي جي ڪپهه واري پاسي ڪي ٻاري، ان پاڻي جي وٽي مٿان جهلي بيهن ۽ بيمار ڪي چون ته پاڻي ۾ ڇتائي ڏس. ڪپهه مان تيل جا ٽيپا پيا پاڻيءَ ۾ ڪرندا، پاڻي جي سطح پٺي چمڪندي تيل ڪرڻ بند ٿيو ته سَنوڻ به بند ڪندا آهن.

اکين اُٿڻ جا سَنوڻ:

پيرن جا اگونا ٻڌي ڇڏين. ان ڪي آرسي ڏسڻ ڪونه ڏين ۽ مکڻ ڪائڻ ڪان منع ڪن. ٿڌي دلي واري پاڻيءَ سان هرَ هرَ اکيون ڌوئين.

بيمار ٿيڻ جا سَنوڻ:

ڪنهن گهر تي چبرو يا چٻ ويهندي ته گهر وارا بيمار ٿيندا. ڳئون جو مٿاڳو ڪٽي ڪنهن جي در اڳيان اڇلبو جيڪو پهريون ماڻهو ان ڪي اورانگهيندو سو بيمار ٿيندو. جنهن گهر جي چلهه ۾ ڪارا مرچ سڙندا سي بيمار پوندا.

پيشاب جي بيماريءَ جا سَنوڻ:

جيڪو ٻار اُماڙي يا اُلانبي هٿ ۾ ڪٽي ڦيرائيندو، سو رات جو هنڌ ۾ پيشاب ڪري اُٿندو. جي چوانتي ڪٽي هلندو تہ بہ پيشاب ڪندو.

”هنڌ ۾ پيشاب ڪرڻ واري ٻار کي ”هنڌ ۾ مٽڻ“ کان روڪڻ لاءِ ديسي ڪڪڙ جي بيدي جي ڪُل کي تئي تي سيڪي، جڏهن پوري ڪاراڻ مائل ٿئي تہ، تئي تان لاهي پيهي ڪري ڊبلي پري رکبي آهي. ان مان ذرو رات جو ٻار کي کارائبو تہ هنڌ ۾ مٽڻ بند ڪري ڇڏيندو.[1]“

ڪک يا سنهڙين ڦرڙين وارو مرض جا سَنوڻ:

هن بيماريءَ ۾ ڇيلهہ ۽ پيٽ جي چوڌاري هزارين ننڍڙيون ڦيسڙ ڦرڙيون پيدا ٿينديون آهن. ان لاءِ چون تہ ٻهاري جو ڪک بدن کي لڳي ٿو تہ ٿئي ٿي. تنهنڪري ٻهاري مان ڪک چني ان کي ٽڪ هٽي اڇلي ڇڏين. خوني ماٺهوءَ يا اُن جي ڪنهن مائٽ کان پاڻيءَ تي ڦيٽا وجهارائي ان جا ڇنڊا هڻن. خوني ڪوهہ، موري يا واهہ (جتي ڪو ماڻهو ٻڏي مئو هجي) ان هنڌ جي مٽي ڪٽي، ڦرڙين مٿان ٿڦين، ميٽ پڙهائي پسائي گهاٽوڪري ٿڦين.

ڇڪي پوڻ جا سَنوڻ:

ڇڪيءَ جا ٻہ قسم آهن: هڪڙي اُبتي ڇڪي ۽ ٻي ڏُن ڇڪي.

(الف) اُبتي ڇڪي بادي شين کائڻ ڪري پوندي آهي. ان لاءِ ڇڪي واري کي اونڌو سمهاري پنيون، سٿرون، ڇيلهہ ۽ پنا لتاڙائجن. گول ننڍڙا پتر ڪٽي ڪپڙي ۾ ويڙهي پنين جي وچ تي ڇڪي ٻڌجن. پيرن کان ڏڏ تائين ٽنگن کي ڪپڙو ڇڪي ويڙهجي. ڇيلهہ کي ڇڪي سندرو ٻڌجي. ٻاٺوري وڻ جا پن گهوٽي رس ڪڍي، ان ۾ گيهہ وجهي پيارجي. هٿن ۽ پيرن جي ترين کي تيل جي مالش ڪجي.

(ب) ڏُن ڇڪي جا سنوڻ:

گهٽو ٻار ڪٽبو، نالي/ڪسي تپبي يا ٽابو آيو. ٽپ ڏنوتہ هيءَ ڇڪي پئجي ويندي. ڏُن هيٺان شهہ شريان ٽٽي وڃي پاسو وٺندي، هٿ سان ڇهبو تہ ڳنيو لڳندو. تنهنڪري ٽنگون پيون وسامنديون. ڪاڏو ڪين جيورندو. (لڳندو) بت ضعيف ۽ پيو نجهرندو ۽ بي آرامي وڌندي ويندي. هن لاءِ ٻُڪيون يا پنيون

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

چڪي ٻڌائين. ٻيو چڪي آڏائين، جنهن کي"هٿ هٽڻ" چون. پٽ تي رلي پٿاري نيراٽي بيمار کي سنئون سمهاري تيل يا پاڻيءَ سان پيٽ مکي، پوءِ ابتا سبتا هٿ جا زور ڏيئي تڙيل ڳنڍو ڌُن هيٺان آڻيندا. ڪا چڪي ڪک ۾ وِيهي رهندي آهي، تہ ان کي اُبتو هٿ هٽي ان جو ناڀُون چڪي ويجهيون ڪندا آهن. جيڪي زالون توڙي مرد مکيندا آهن. چڪي آڏڻ ۾ ٽنگون ٻانهون زورائتيون مکين. هٿن ۽ پيرن جون آڱريون چڪين، چيلهہ تي پير رکي ڪاٻي ٽنگ ساڄي ٻانهن پٺن پويان چڪين ۽ وري ڪاٻي ٻانهن ساڄو پير چڪين. چڪي واري جا آڱوٺا وارن يا اڄن يا ڪارن سڳن سان ٻڌن. پٽر گرم ڪري ڌُن تي ٽاڪورين، دن مٿان پاڻيءَ پريل گهڙي يا گهڙو رکن. سٿرن ۽ پنين تي لتون ڏيارين. ڪي چڪيءَ جا عادتي، ٽامي يا چانديءَ جا ڇلا نهرائي آڱوٺن ۾ وجهن. ڦوڳ وڻ جا پن جهاروٽي يعني گرم ڪري ڌُن تي ٻڌن. مريض کي چڪي ٻڌڻ کان پوءِ گيهہ ۾ اڌ تولو ڪارا مرچ ڪٽيل وجهي پيارين. وڏف ۽ جوهر جون ٽڪيون ڪارائين. ڪي وري مُري کان چار آڱر مٿي ماپ ڪري ٻاهرين پاسي پوپي سان ڏنڀ ڏين.

وائي سُور جا سَنوڻ:

سچليون ڪوڏيون ست داڻا ڪاري ڌاڳي ۾ پوئائي، ڪبي پير ۾ ٻڌن.

مٽي ۾ ڦٽ يا ڦرڙيون نڪرڻ جا سَنوڻ:

مٽي ۾ ڦٽ تي پون تہ ان کي پت چون، چون تہ جي مٽو ڪوڙائي يڪدم نہ ڌوئبو ۽ ڪنهن ڪتي جي نظر ان ماٺهوءَ جي روڏ تي پئجي ويئي تہ پِتَ نڪرندا.

چُڪ پوڻ جا سَنوڻ:

چون تہ بار کڻڻ ڪري، ٿابي ڪائڻ يا پير ترڪي وڃڻ ڪري يا مهري اورانگهڻ ڪري لچڪ يا چُڪ پئجي ويندي آهي. هن کي چيلهہ جي ست پوڻ بہ چون. مهري چيلهہ هيٺان رکائين. جاڙي چاول ماٺهوءَ يا پيرڙئي چاول ماٺهوءَ کان ٽامي جو ٽڪو ڌڏ تي رکائي لتَ ڏيارين. ٽن مڙسن واري زال (ٽہ مڙسي) يا ٽن زالن واري مڙس (ٽہ - جويي) کان بہ چيلهہ تي لت ڏيارين. ڪي اپين پيرين چاول ماٺهوءَ هٿان ست نڪريون. ست پن ڪيڙ جا گهرائي شام جو بيمار کي پٽ تي اونڌو سمهاري، سندس چيلهہ جي پوري وچ تي ڊاڪن مٿان، ڪيڙ جا پن، تن مٿان نڪري رکي، هڪڙي هٿ ۾ مهري جو مٿيون منهن جهلي ۽ هيٺيون چيڙو زمين تي ڪوڙي، بيمار جو ڪاٻو پير مٿي اُپو ڪرائي، ان جي آڱوني کي هٿ ۾

پڪڙي، نڪريءَ تي پنهنجي پير جي ڪُڙي رکي، مهريءَ جي ٽيڪ سان زور ڏئي اُٿلي ٻئي پاسي ٿيندو ۽ چوندو "لچڪ پچان؟" مريض چوندو "پلي پچ". پوءِ اهي پن ۽ نڪري اچلائي ٻيا پن ۽ نڪري رکندو ۽ مٿئين وانگر ست ڀيرا زور ڏئي ٻئي پاسي ڏي اُٿلندو. جي شام جو فائدو نہ ٿيو تہ وري صبح جو ائين ڪندو.

هڪ ٻيءَ جون ڏيئرون جي پن سڳن پائرن جو زالون هجن. سي چُڪ واري جي آمهون سامهون ويهي چيلهہ تي ڪپڙ جا پن انهن تي نڪري رکي ڪڙيءَ جو زور ڏئي، هڪڙي هڪڙي طرف ٽپي ويندي تہ ٻي ٻئي طرف ٽپي ايندي ۽ چونديون پيون تہ "لچڪ پيچان؟" مريض چوندو تہ "پيچو". اهو ٽوٽڪو بہ ستٽ دفعا ڪن.

ڪا زال ست نيڙا پتر ڪٽي، چُڪ واري ڪان لڪي ويهي چوندي تہ "پلو پت پاڳل جا، ڪو آهين؟" مريض چوندو تہ هائو اها زال پڇندي تون ڪير آهين؟ چُڪ پيچائيندڙ چوندو تہ "آءٌ چُڪ آهيان". پوءِ اها زال هڪڙو پتر ڏانهنس اچلي چوندي تہ "پچ ڙي چُڪ، پڳياتمانئين چُڪ!" ائين ست دفعا پڇندي ۽ پتر اچليندي ويندي.

هئو يا ڦڻ جي ڪوئلي جا سَنوڻ:

پنيءَ ۾ ڦڻ جي وچ ۾ نس چڙهي پوندي آهي. اها گهٽو ڪري آڏ پاسيرو يا جهول ڪنولي تي سمهڻ ڪري تڪليف ٿيندي آهي. زالن ڪي جُنڊ پيهڻ، دلا ڪٽڻ سان پڻ پٿجي ويندي آهي. هن ڪي ڦر پوڻ يا ڦڻ جو سور چون. ڦڻ جي نبض ڪي ست دفعا چپٽي ۾ جهلي زور ڏين. آڏي آڏي زناني جتيءَ جا ست ڏڪ هڻن. ڪي ست مڪون هڻن. نڪر جي لوٽي ۾ ڪوسي ڪر وجهي ٽاڪوڙين. اڪ جي پيلي پن تي ڳڙ رکي گرم ڪري ڦڻ تي چنبڙائين. مخالف هٿن جي آڱرين جا ڪرنڊ زور سان مهٽين.

"هئو پچڻ لاءِ ٽوال رسيءَ وانگر وٽي، انهيءَ ڪنيراٽي مٿان هنيو ويندو آهي ۽ بيٺل مايون چونديون تہ هئو پچان! هئو ورتل همراهہ چوندو پچ! پوءِ اهو ٽوال ڪلهي تي زور سان هڻنديون.[1]

ڪنڌ ۾ وَر پوڻ جا سَنوڻ:

هي بار ڪٽڻ ۽ ڏکيي سمهڻ سببان هڪ پاسي ڪنڌ جي نس وٽ ڪائي وجڻ ڪري سور پيدا ٿيندو آهي. سپ يا چچ تي مٿو رکي بيمار ڪي سڌو سمهاريو.

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

پوءِ اَن تارڻ وانگي ڇڄ هلائي جهٽڪو ڏبو. يا اُن جي ڪاڏي، ڪبي گوڏي ڪي اُبو جهلائي ان تي رکبي آهي. مريض جي ڪنڌ جي رڳن کي مناڙي مناڙي اوچتو ڪنڌ کي مخالف پاسي وني ست ڏبي آهي، ۽ پوءِ ان جي ٻئي پاسي ڪنڌ لوڏي لوڏي وني ست ڏبي، ڪنڌ مان ٺڪاءُ نڪرڻ سان 5 - 10 منٽن کان پوءِ سور گهٽجڻ شروع ٿيندو آهي ۽ ڪوسي ڪر جي ٽاڪور بہ ڪبي آهي.

ڏنديون اچڻ جا سَنوڻ:

ڏندين اچڻ سان ٻارن کي اڇا بدبو وارا دست ٿي پوندا آهن، يا اڪيون اوبر جي پونديون آهن. تنهنڪري ڏندين اچڻ کان اڳواٽ ٻار جي پڦي سهائي آچر تي، ساڄي هٿ جي ڏسٽي آگر ٻار جي وات ۾ ڦيري ڇڏيندي تہ ڏند آسانيءَ سان ڄمندس. مٽينءَ ڄاڙي ۾ جي پهريائين ڏند ڇاوا تہ ناناڻن لاءِ چڱا ڪين آهن. تنهنڪري مامو ڪنجهي يا ٽامي جي وٽي نهرائي، ان ۾ ڪٽي مهٽي پري پري پنڌ تي وڃي پوري اچي، يا مامو اها وٽي ترن سان پري مٿان ٽامي جو ٽڪو رکي سهائي آچر تي ٻار کي ڏيئي وڃي.

ڏندن ڪرڻ جا سَنوڻ:

پٽ ڏند ڪرئي تہ سياڳ، ڇي، دشمن جو سر ٽو ڪرئي. پر جي ڌيءَ ڏند ڪرئي تہ نياڳ ليکين. ڏند ڪرئيندڙ ٻارن کان ستي کي پڇن تہ ڇا ڪائيندين؟ ۽ سُجاڳ ٿي ڪنهن شيءِ جو نالو ورتائين تہ اها ڪيس يڪدم ڏني ويندي تہ چڱو. پر جي بابا يا اما چيائين تہ جنهن جو نالو ونندو سو پهريائين مرندو. هن لاءِ ستل ٻار جي وات ۾ واري يا لوڻ يا چانور وجهن. ڪي ستل جاءِ جي چوڪٺ جي مٿي ڪٽي، ڏندن کي مڪينس، ڪي اهو ڪوهہ جو ٻار جو ڏنل نہ هجي، ان جي سارڻ جو پتر (يعني پڳ جو) بنان ڳالهائڻ جي ڪٽي اچي ست دفعا ڏندن کي لڳائين.

هِڏڪي ٿيڻ جا سَنوڻ:

ڪي چون تہ آندو وڌي ٿو. ڪي چون تہ ڪو ياد ٿو ڪري تہ هڏڪي ٿي ٿئي. ان لاءِ واقفن جا نالا وٺڻ شروع ڪن، ڇيڇ ۾ سڳو ٻڌن. ست ڍڪ پاڻي پيئن. اوچتو ڊپ ڏيارين، ڍڳي جو رت نڙيءَ کي مکين، خيال مٽ ڪرائين. اڪ مٿان ڪک رکن. ٻارن کي هڏڪي ٿئي، تہ اُن کي "وڌٽي" ڪوٺين ۽ چون تہ "وڌٽي وڌي کير پت لاءِ، فلاڻو ٻار وڌي ماءُ پيءُ لاءِ".

منهن تي ڇـِتي يا اڇاڻ جا داغ تن جا سَنوڻ:

ڪنهن ڳنڍي يا ڳنڍياٽي ڪي اوچتو ڳنيان وجي پاڪر پائبو تـ ڇتي ڇڏي ويندي. نيراني مٽس ڦيٽي مڪبي تـ ختم ٿي ويندي.

مرگهي ٿيڻ جا سَنوڻ:

ڇڇ يا سپ مٿان نچ يا ڇڪ ڏبي تـ مرگهي ٿيندي. مرگهيءَ واري کي پراڻو سڪل پادر سنگهائين.

ڪرائيءَ ۾ سور يا ٻانهن ۾ ڳانو پوڻ:

ڪو مرد يا زال، اڌورو ڪم ڪري ڇڏي ويندو. مثلا: جنڊ اُڌاڻن کان اڳي ڪنهن ڪم سان پيهندڙ زال وجي هلي، باقي اَن ٻي زال اچي پيهي پورو ڪري تـ ان کي ڳانو پوندو. دانگي، تئو يا توبي چلهـ تي چاڙهي، ڪا زال ماني پچائڻ ويهي، وچ ۾ ڪنهن ڪم سببان اُٿي وڃي، ٻي زال اچي مانيون گهڙي پچائي تـ ان کي ڪارائي ۾ سور پوندو.

ڳاني جي سور ڇڏائڻ جي لاءِ سَنوڻ:

اها ڇوڪري يا ڇوڪرو جنهن جو ماءُ - پيءُ ۽ سس - سهرو جيئرو هوندو ان کان سرمائي سڳي کڻي يڪساهي ست ڳنڍيون ڏيارائيٰ ڪرائيءَ ۾ ٻڌن. ڳوٺ جي جنڊن جي ڳاريءَ مان ٿي - ٿي داڻا، جدا جدا اناجن جا ڪٺي سرمائي اڳڙيءَ جي ڳوٿري ناهي ان ۾ اهو اَن وجهي ڳوٿري سبي ڪرائي ۾ ٻڌن. تـ - واڻي تي ويهي سيڪنهن واٽ ويندڙ (واٽهڙيءَ) کان ڦيٽي مڪائين. ڪِپ، ٻوهہ، ڪرڙ جا گل پتي ٻانهن ۾ ٻڌن. ٻهاري جو ڪک ڇني آلو ڪري ٻانهن ۾ ٻڌن.

ويلڻ چڙهڻ جا سَنوڻ:

ڪنهن ٻـ ٽنگ جي ڦٽ ڦرڙي جي آڪيڙ کان ڇڏن وٽ ڳوڙهي ٿيندي آهي، جا سُور ڪندي آهي. ان لاءِ ڀهريائين ڦٽ جو علاج ڪبو تـ ڇٽي ويندي. ان جا هينيان سُڳڻ ڪن:

پيرڙئي ڇاول ٻار کان ويلڻ جي ڳوڙهيءَ تي ٽڪو رکائي، مٿان ڪڙيءَ جو زور ڏيارين، ايئن ٽي ڀيرا ڪن. اسر جو مريض جي ننڊ ۾ هئڻ مهل زنانو زيور (هسيءَ) ست دفعا ويلڻ تان ڦيرائجي، جيئن بيمار کي سجاڳي نـ ٿئي. مانين پچائڻ جو ويلڻ ستي يا سجاڳ ٿئي، ٽي ڀيرا ويلڻ مٿان گهمائجي.

ٻر هال يا هيانچي جا سَنوڻ:

تلي وڌي ويندي آهي، ته سُور ڪندي آهي. ان لاءِ مٽي جي ماني پچائي، هيانچي مٿان رکي، پوءِ ان کي ڪاتيءَ سان وڍين، چون ته ”هيانچو وڍيان؟“ مريض چوندو ته ”وڍ، وڍ“. ڪي ڪڇي ايريال جي ڳر ڪارائين.

پيٽ جي سور جا سَنوڻ:

هن سور لاءِ چون ته ڪا شيءِ ڪائيندي ڪنهن جي بدنظر لڳي هوندي. ماني ڳنڍجي ڪائڻ ۾ سيني کان اڳ اُتڻ واري ۽ سيني کان پوءِ اُتڻ واري کي پيٽ ۾ سور پوندو. تنهنڪري ڪُتي کي مانيءَ جو ٽڪر پڃي ڏبو ته خير ٿيندو. چيچ ۽ شاهد آڱر جنهن جي هٿ جي پٺ کان مڙي اچي ڳنڍجي، اها ٻڌائي آڱر پيٽ تان ابتي سبتي ست ڦيرا گهمائجي ست لولا پچائي مٿان ڪڇي ست جا ڏاڳا ويڙهي جي پيٽ مٿان ست ابتا سبتا ڦيرا ڏئي، ٻاهر ۾ وجهن. جي ڏاڳا سڙي ويا ته چئبو بد نظر ڪانهي، جي نه سڙيا ته پوءِ پڪ نظر آهي.

نن‍ڍڙن ٻارن جي پيٽ جي سور جا سَنوڻ:

ٻار جو پيٽ لوڻ سان چٽين. ڪنهن ته واٽي تي تيل رکي ڇڏين. جڏهن انهي ته واٽي تان تنهي پاس کان واٽهڙو لنگهي وڃن، تڏهن اهو تيل ڪٽي وجي ٻار جو پيٽ آڊائين.

موهيڙن جا سنوڻ:

نيرانو پيشاب ڪري ان ۾ ٽڪ وجهجي ته ڇڏي ويندا. ماني ڪائي هٿ ڌوئڻ کان سواءِ، منهن تي هٿ ڦيريو ته موهيڙا ڇڏي ويندا.

پنواٽي يا مغز جي ڦيري جا سَنوڻ:

هيءَ بيماري مغز جي ڪمزوريءَ ڪري ٿيندي آهي. چون ته: مٿل ٻار جي مٿان جيڪو پيو جيٿرو ٻار ڄمندو، تنهن کي ضرور ٿيندي. ان لاءِ تيل گهوري سائي ٻوٽي تي هارين. ڪڪڙ گهوري جيٿرو ٺي ڪڏ ڪوٺي ٻوري ڇڏين. ماني گهڙي، ڪڇي ٺي ڪڇي بيمار هٿان نه واٽي تي رکائين ۽ چون ته ”بيماري واٽ وٺي ويندي رهندي“.

سائي يا يرقان جا سَنوڻ:

هي بيماري گهٽي بخار يا هيٺائي سببان ٿيندي آهي بيمار ڳرندو ويندو. اکيون پيپ تي ويندس ۽ پيشاب جو رنگ به ڪڇيءَ هيڊ جهڙو ٿيندوآهي. اڪ جون ڦلڙيون يا چوٽيون ڏاڳي ۾ پوئي هار ڪري ڳچيءَ ۾ پائين. ڪن مٿان

ٽڪو ڏياري رٽ ڪڍائين. واهي جون پاڙون ڳريون ڳريون ڪري، پڙهائي ڪنڍلي بنائي ڳچيءَ ۾ وجهن. جوئر جي اٽي جو سير و يا ماني پڄارائي صبح ۽ شام کارائين. ڪي وري جوئر جي اٽي جو روٽلو ڪر ۾ وجهي، هيٺان مٿان ٽانڊا رکي پچارائي ڇنڊي ڦوڪي کائين. صبح ۽ شام جهاڙ وجهارائين. پڳڙا پڙهائي کارائين. زنانا اوڍڻ وارا ڪپڙا پڙهائي مريض کي پارائين. هن جو پيشاب نڪر جي لوٽي ۾ وجهي، ٻڪرين جي ڦولهڙين جي دونهيءَ تي گرم ڪرڻ لاءِ رکي ڇڏين. جيستائين بيماري ڇڏي، تيستائين دونهيءَ ۾ ڦولهڙيون وجهندا رهن. سائي واري ماڻهوءَ کي ته - واٽي تي اوڪڙو گهندالو ڪري ويهاري، اُين گوڏن تي تيل جو ٽانءُ رکي، ڪنپ يا سائي نم جا تارا تيل مان گهمائين. ٽي آچر ائين ڪن.

ويلڙو پوٽ جا سَنوڻ:

هن کي سد ڪاڪ، سد پاڪ يا سڏڪار چون. سٽيي ٽانءَ ۾ پاٽي پيئڻ، سٽيي شيءِ کائي مٿان پاٽي پئبو ته ٽيندو، يا گوشت مٿان ڪير کائبو، ڪير مٿان پاٽي پئبو، اُس مان ڊوڙي ڊوڙي اچي پاٽي پئبو، ته ٻه تي پوندو. هن کان پيٽ ۾ سور، پيچش، وٽ ۽ اوت ٿي پوندي، خالي پيٽ مان آت ۽ اوڪارا ۽ اُبڙڪا پيا ايندا آهن.

ويلڙي جا سَنوڻ:

هن جو سَنوڻ هن نموني ڪن: ڪي بيمار کي ويهاري قلهير مان ٻنهي هٿن جا آڱوٺا ڏسٽيون ۽ وچيون آڱريون پري، پهرين تراڙ جي ٻنهي پاسي لوٽن وٺ زور ڏين، پوءِ نڪ جي ٻنهي پاسن، ۽ ٻنهي ڳلن، ڪن جي پاپڙين، ڪلهن، گوڏن تي هٿ رکي زور ڏيئي چون سڏڪار پيجان! اڳلو چوندو ته "پيچ." ائين پنج پيرا ڪري، مريض کي اٿاري پنيرو ٻيهاري پاٽيءَ جو چنبو هٽن يا قلهيار تي سبتو هٿ رکي مريض جي پيٽ تي گهمائين ۽ ڏن وٽ چپٽيءَ سان مهٽ ڏين. ڪي زالون زناني پادر جي پٽ تي آگر سان گول چڪرو يا منڊيٽڙو يا آرپار ليڪا ڪڍي، اهو نشان وارو پاسو نرڙ، ڪلهن، ٻانهن، پيٽ، پنيءَ، ٽنگن جي پنين، پيرن ۽ هٿن جي ترين تي زور ڏيئي گهٽي چون ته "ايلڙو ويلڙو پيجان؟" اڳلو چوندو ته "يلي پيچ." ائين ٽي پيرا پادر عضون تي گهنديون آهن. پڇاڙيءَ جو منهن تي پاٽيءَ جو چنبو هٽي، ڪملو پڙهائي چوندس هاڻ ٻاهر نڪري وڃي ڪنهن ڪُتي جو منهن ڏس.

باهہ ۾ نقشي يا چمٽو ڪوسو ڪري، پاڻيءَ جي ٿانءَ ۾ اهو وجهي ناري ان کي "پاڻي ڏنيي پيارڻ" چون پيارين. ڪي ٻريل ڪاني اماڙي پاڻي ۾ ناري، اهو پاڻي پيارين. ٽئي يا داڻگيءَ تان آڱريون پري سيني سنڌن تي زور ڏين، ڪي وري لوڻ ۽ چار سان اهو زور سنڌن کي ڏين.

متي جي سُور يا سج آوتي جي سُور جا سَنوڻ:

هن کي "سج اوپارو" سور پڻ چَون. هي گهڻو ڪري سڄي متي ۾ سور هوندو آهي. هن جي لاءِ ڪنجهي جي ٻنگاري يا ٿالهي ۾ پاڻي وجهي، اُن ۾ جوئر جا داڻا وجهي، سُور واري کي ان پاڻيءَ ۾ سج ڏيکارين ۽ هيءَ ڪوَت ڪن:

سج سورج تون، متي جو سور لاهہ تون،

ٻنيون گهرن ٻج، هاري ڪيڙين هر، مون سين رضا توسين قضا!

بيمار کي سج جي سامهون بيهاري، منهن کي پرڻ آڏو ڏيئي چندا هٽندا آهن ۽ چوندا:

سج اوپارا! هڻ سُور کي ٻهارا.

سج اُبرڻ کان اڳ ان جا داڻا ڪٽي ڪوهہ ۾ نهاري، مريض پنهنجي اولڙي کي اهي داڻا چتائي هٽي ۽ چوي: "سورَ اچئي ٿو."

اڌ رات کان پوءِ ڪنهن کان سجاتي جو سڄو وٺائي ٻڌن، پاڻي جو ٿالهہ پري ان ۾ سج جو عڪس يا اولڙو ڏسي، ان کي چهارا ڏين. سج ابرڻ کان اڳ ايرندي مهڙ ڪري ماٺ ڪري بيهجي، جيستائين سج اُبري.

متي وڏي پوڻ جا سَنوڻ:

جڏهن متي ۾ سور گهڻو وقت هلندو آهي، تہ چون متو وڏي پيو آهي. پوءِ پير اُبو جهلي ان جي چوڏاري سڄو ڦيرائي، ان سڄي سان بيمار جو متو ماپين. ڪي ڪاري ڏاس جي رَسيءَ سان پير ڪيجي، اوتري رَسي ٻيڻو ڪري پوءِ ان سان متو ڪچين. جي ڏاڳو يا رسو متي جي چوڏاري پورو ٿي آيو تہ خير ۽ جي ڪٽو تہ چون متو وڏي پيو آهي. ان جو سَنوڻ ڪرايو. پوءِ اهو هن طرح ڪن. بيمار کي تہ - واٺي تي ويهاري، ڏاس جو ڪارو رسو متي کي چوڏاري ٻرٽر ڦيرائي، پوءِ ان کي ڏوئيءَ سان آڪيڙو چاڙهي چون: "سور پڇان؟ يا متو ڪُتائي پورو ڪريان؟" اڳلو چوندو تہ "پڄ يا پورو ڪر". هن کي ڪي ماٺولوطي سُور بہ چون، ڪبيءَ اک کان ڪياڙيءَ تائين اڌ متي ۾ اهو سُور هوندو آهي.

چاپا ڪي يا شفقي جا سَنوڻ:

هن بيماريءَ ڪري سڄو بت ڊبڙ ڊبڙ يعني شام جي آسماني شفق وانگي ٿي پوندو آهي. جنهن ۾ خارش هوندي آهي. ان لاءِ چاپاڪو پڪي ماري، ان جو رت بدن کي مکين[1] يا جنهن اهو پکي ماريو هوندو، ان جا هٿ ڏئارائي مريض جي بدن کي اهو پاڻي مکين يا پيارين. يا اُن جا هٿ تيل ۾ مهٽرائي، اهو تيل بدن تي مالش ڪن، ۽ ڪتي ۾ ويڙهي ويهارين. ڪي وري چاپاڪي پکيءَ جو رت پاڻيءَ سان ملائي، ان سان بيمار کي وهنجارين.

سرٽي تيڻ جا سنوڻ:

هي بيماري رت جي خرابي ڪري ٿيندي آهي. اوچتو منهن يا چپ سُڄي ٿوٿرجي پوندا آهن. هن جي لاءِ سرهي سر يا ڪندي ڳچي ۾ پائين. تيل ۽ لوڻ گڏي بدن کي مالش ڪن. نارنگين جي کلن جو پاڻي جسم تي گهي مکين. ڪاٻ سرهاڻ گهوٽي، سفوف تيار ڪري، منهن تي ليپ ڪن. ڪپور (ڪافور) ڪچرين جو هار ڳچيءَ ۾ ٻڌن. نازبوءِ جا پن مهٽي منهن تي ملين. عطر يا ٻي خوشبوءِ پڻ مکين.

ڏاٿ جي سُور جا سنوڻ:

ڏاٿ مان ڪينئان ڪڍائين. مُلن کان تائيت (تعويز) لکائي ان کي ٿنڀ ۾ ڪوڪي سان ٺوڪي چون "سور پيچان؟" اڳلو چوي "پيچ". اهڙيءَ طرح ست ڏک يا مترڪا هٽي ڪوڪو ٿنڀ ۾ قابو ڪن.

ڪونگهرن يا گوگهرن هٽڻ جا سنوڻ:

انهي ماڻهوءَ جي جتيءَ جو هڪڙو پادر، سندس نند ۾ هڻڻ تي ڪٽي، وهاڻي هيٺان اونڌو ڪري رکن. نہ واٽي جي مٽي ڪٽي ستي ئي سندس مٽي ۾ وجهن.

سيئوتپ يا مليريا جي بخار جا سنوڻ:

هن لاءِ ڪنڌ ٿانڊن ۾ وجهي، ان جو واس ڏين. هاٿي جي لڏ. ٿانڊن تي رکي ان جو واس ڏين، اهو واس اهڙيءَ طرح ڏين، جيئن تپ واري کي خبر نہ پوي. مليريا وارو جي هنڌ ڇڏي پيشاب يا ڪاڪوس لاءِ ٻاهر نڪري تہ ان جي هنڌ تي ڏاس جي ڪرڙي وجهي، مٿان ٻهارو رکي ڇڏين. ڪڙي تيل کي ٿانڊن تي

[1] چاپاڪو هڪڙو ميرانجهڙي رنگ جو مٽيءَ رنگ تي ننڍڙو پکي آهي، جيڪو گهٽو ڪري رات جو اڏامندو آهي. (ليکڪ)

هاري، ان جو واس ڏين. تپ واري جي سيرانديءَ سندس جتيءَ جو پادر اونڌو ڪري رکن ۽ پيرانديءَ کان ٻهارو.

روز شام جو ايندڙ تپ جا سنوڻ:

تپ واري جو پاڇولو ڏٺين، ڇا ڪن جو موئڙو ناهي، ان کي ڌُڪائي تپيل کي سج ڏي منهن ڪري بيهارين ۽ ان جي ٽنگن وچان سڄي پاڇولي تي اهو برندڙ موئڙو گهمائين.

رات جي ايندڙ تپ جا سنوڻ:

هن کي چور تپ چون. ان جي لاءِ چور کان ڌاڳو وٽائي ٻڌن. گگهه پکي رات جو آواز ڪري ته ڌاڳو ڪٽي انکي ڳنڍيون ڏيڻ شروع ڪن. جيستائين ٻولي ٻولي ماٺ ڪري تيستائين ڳنڍيون ڏين. جڏهن ست ڳنڍيون ٿين، ته اهو سڄو سندس ڳچي ۾ پائين.

منجهند کان وٺي ٻي ڏينهن تائين هلندڙ تپ جا سنوڻ:

هي تپ روزانو شام جو ٻاٽمرادو گهٽجي ويندو آهي، پوءِ سانجهيءَ کان صبح تائين ڏاڍو زور رکندو آهي. مٽيءَ جو اُٺ ناهي، ان تي ٻن ماڻهن جا مٽيءَ جا ٻه پتلا ويهاري، ڳوٺ کان ٻاهر سڌ پنڌ تي ڇڏي اچن. موٽڻ مهل چون ته "فلاڻي جي تپ کي جهلجانءِ".

ڪنهن واهه تي ٻنپهرن جو وچي گهٽ ۾ گهٽ پنج پيرا، وڌ ۾ وڌ نوَ پيرا، تپ ڏيئي ٽبيون ڏيارين. تپ واري کي ٻوڙون پارائين. ٻارن کي چون ته هن جي پاڇي کي لڪڻ سان سٽيو. تپ واري کي اوچتو ڇرڪ ڏيارين. تائيٿ (تعويز) لکرائي نرڙ تي چمبڙائي ڇڏين.

ٻيئڙ تپ جا سَنوڻ:

جيڪو تپ هڪ ڏينهن ڇڏي، ٻي ڏينهن تي اچي، تنهن کي ٻيئڙ تپ، ٻه - ڏڙو يا واري جو تپ چون. انهيءَ جي لاءِ مڇ جي نوڙي پاڻيءَ ۾ پُسائي، ڪنهن سائي وڻ سان ٻڌي چون ته فلاڻي جي بخار کي جهلجانءِ. مڇ جي نوڙي ڪرڙ جي ڪانيءَ تي پڙهي پڙهي تَپ کي ٻڌي ڇڏين. ٻن نڪاحن واري زال يا مرد کان سڄو وٽائي ٻڌن. تپ وارو پنهنجي پاڇي کي پونڌا ڏي. جيڪو وڻ پيل هجي يعني ڪپ ٽيل هجيس، ان جو چوڏو لاهي ڳچيءَ ۾ ٻڌن. جتي ٻه جدا جدا قسم جا وڻ، مثال ڪبڙ ڪندو يا ڪرڙ ۽ ڪبڙ هڪٻئي سان وَڪڙ هڻي جڪڙجي

پيدا ٿيا هجن. انهن ٻنهي جا ڇوڏا سڳي سان ٻڌي ڳچيءَ ۾ پائين. مسجد جي پٽ جي ڦوڙ يعني درز، ڳاري سان لنبارائين. پپر جي وڻ کي پاڪر پارائين، ۽ چون ته هن جي مهمان کي جهلجانءِ. ڏانگي يا تئي تان ٻجو پري تپ واري کي ننڍ ۾ منهن تي مکين، ننڍ مان اُٿڻ تي آهري يا آرسي سامهون جهلي ڏيکارينس. ٻڪريءَ جا ٻه ڄاڙا ڦرَ هٿ ڪري انهن جا ٽورا وار ڪتري، انهن جو سڳو ٺنائي ڳچيءَ ۾ وجهن. تپ وارو ننڍ مان اٿي ته پوندو ڏينس. بخار واري جو مائٽ، پُنيءَ پويان ڍڪڻ جهلي پاڙي ۾ گهر گهر چوندو ڦرندو ته "آءٌ ڪونه ٿو، پنان پر فلاڻي جو بخار ٿو پني، ڪجهه ڏيوس." پوءِ ڪي انهيءَ ڍڪڻ ۾ ٽانڊا، اُماڙيون يا اگر وجهندس. جنهن کٽ تي بيمار سٽل هجي، ان جي واڏڻ يا ٽانگهه ۾ ڪلف بند ڪري هٽي ڇڏين. تپ واري جي بستري ۾ مُهري ليٽائي چون ته اسين وڃون ٿا ٻاهر شاديءَ تي، تون مهمان کي جهلجئين. ڪي وري ٻن گڏيل وڻن جون ڪانيون ٻڪ جي ڍيگهه جيتريون پڃي، ڪجهي سٽ سان ٻرائي ڪنڌ ۾ پائين. رات جو ٻه پتر آٽي هيرانديءَڪان رکي سمهي پون. اَسر ... ات ميٺ ۾ ٻاهر نڪري پريرو وڃي ٻه ڍڳيون مٽي جون ناهي، انهن جي وچ م... لنگهي ۽ پتر ٻئي جهنگ ۾ اڇلي، وري انهن ڍڳڙين جي وچ مان لنگهي اچي سمهي پون. بخار وارو پاڻ، چپ چاپ سج لٿي مهل ڪجهه اَن جا داڻا ۽ پاڻيءَ جي دلي کڻي، جتي ڪپ جو ٻوڙو بيٺل هجي، ان جي پرسان داڻا رکي، مٿان پاڻي نائي، ان ڪپ جون ٽي لامون يا ٽڳيون هٿ ۾ جهلي، جيئن زالون ... تي ڳُتينديون آهن، تيئن ڳُنڍي، موٽي اچي. شام جو مٽيءَ جي ماني ... ائي، ان ۾ ٻير جا ست ڪنڊا ٽنبي، لوٽو پاڻيءَ جو ڀري، ماٺ ميٺ ۾ ڪنهن ڪ جي پاڙ ۾ رکي، پاڻي مٿان وجهي هليو اچي. ڪي ٻه ماڻهو اُٺ تي ٻيلهه ... ڍهل هجن، ته انهن کان بخار واري جي لاءِ ڪاٺڻ جو ڏس پڇجي. انهن مان ... ڙو جيڪي چوي اها شيءِ ڪارائجي.

ڪي ٽوٽڪائي ٻئيڙ تپ جي رات جو ڪهاڻي ڪندا آهن. تپ وارو رات ... انڌاريءَ ۾ هڪ خالي سانداري ۽ ٻي مُهري کڻي اُن پوپي وٽ پهچندو. پوءِ اهو ڪهاوت وارو هڪ هٿ ۾ سانداري ۽ ٻئي هٿ سان اُن جي مٿ پريندو. پر ۾ مهري رکندو. تپ واري کي پريرو ڀنيرو ڪري ويهاري آڪاڻي شروع ڪندو. بيمار ويٺو ٻڌندو. آڪاڻي پوري ٿيڻ تي، اهي داڻا سانداري ۾ وجهي، پوپو

سانداريءَ جو منهن سڳي سان ٻڌي ڇڏيندو. تيپل گهر هليو ايندو. پنيان نہ نهاريندو. سامان ٿيو پوپي جو. ٻہ - جويي مرد جي پٽڪي جي ريڙ ڦاڙائي، بيمار کي ڳچي ۾ وجهن. وڻ جنهن جي ٿاريءَ تي گگهہ (چهرو) وينل هجي، ان جي ٻنهي پيرن جي وچ واروڪانيءَ جو ٽڪر ڪپي، ڌاڳي ۾ ٻڌي، ڪنڌ ۾ پارائين.

ٽيئرُ تپ جا سَنوڻ:

اهو تپ، جو ٻہ ڏينهن ڇڏي، ٽئين ڏينهن اچي. تنهن کي ٽہ - ڏڙو تپ بہ چون. هن لاءِ ٽي ٻڪري جا ڦرَ ٽيڙوان ڇاول هٿ ڪري انهن جا وار ڪتري انهن جو سڳو وٽائي ڳچيءَ ۾ وجهن، ٽہ - نڪاحي مرد يا عورت کان سڳو وٽائي ٻڌن. صبح جو ٽہ - واٽي تي ٽي مانيون پچائي وجي رکن. تپ وارو پاڻ پنهنجي پاڇي کي ٽي لڪڻ هڻي. تپ واري کي ڏانگيءَ جي ڪاراٺ جا ٽي ليڪا ساڄي ڳل تي ۽ ٽي کابي ڳل تي ڪڍن ۽ آرسي ڏيکارين. ٽي ڍڳڙيون مٽيءَ جون ناهي، انهن کي ٽي - ٽي پادر هڻن. ڪي بہ ٽي ماڻهو ڪنهن وهٽ تي تيل چڙهيل ڏسن، تہ انهن کان بخار واري لاءِ ڪاڏي ڪاٺڻ جو ڏس پڇن. پوءِ جيڪو اهو ڏسي سو تيار ڪرائي کارائين، جي ڪو اڻ سهندو ڏس هجي، تہ اُتي مان اها شيءِ ناهي استعمال ڪرائين. تپ واري کي هدايت ڪن تہ ڪٿي بہ ٻہ ڇٽا ماني کائيندا ڏسين، تہ ٻنان صلاح جي انهن سان جنبي وڃج ۽ انهن جي کائي اُٿڻ کان اڳ هٿ ڪڍي هليو وڃج. ڪي بہ ٽي وڻ وڪوڙيل گڏ بيٺل هجن، تہ جنهن ڏينهن تپ جو وارو هجي، ان رات جو اُسر مهل چپ چاپ ڪچي سٽ جو ڌاڳو ڪٽي وجي انهن ٽنهي وڻن جون سنهڙيون ڦانگون پيچي ڌاڳي ۾ ويڙهي ڳچي ۾ وجهي، موٽي اچي سمهي پوي. ٽن گهرن ۾ ساڳئي وقت تي ڏانگيون چڙهيل هجن تہ ماڻ ميٽ ۾ اٽو ڳوهي ماني گهڙي، هڪڙو پاسو هڪڙي گهر ۾ پچائي، اٿلائي ٻيو پاسو ٻئي گهر ۾ پچائي، باقي ماني ٽي گهر ۾ پچائي، پوءِ پنهنجي گهر ۾ اچي جام گيهہ وجهي چوري مهٽي کائي. سهي جي ٽن سالن جي ستن پراٺين ڦولهڙين کي نڪر ۾ ساڙي انهيءَ جي چار جا ست وزن ڪري ڏينهن ۾ ٽي پيرا ڦڪي. ڳئون جو ٽن سالن جو پراٺو ڇيٺو پڻ ڪنهن ٿانءَ ۾ رکي ساڙي، ان جي رک سان ڳڙ ملائي گوريون ناهي صبح، ٻپهر ۽ شام جو وزن وٺي.

اولڙي جا سنوڻ:

هن لاءِ چون ته جي آرسي سچ کي ڏيکاربي ۽ اهو آرسيءَ وارو سچ جو دَئو ڪنهن ننڍڙي ٻار تي پيو يا پاٽيءَ جي پاٺ يا تالهه واري پاٽي جو اولڙو ڪنهن ٻار تي پيو ته ان کير پياڪ ٻار کي التيون، بخار ۽ دست تي پوندا. پوءِ ان کي اولڙي جو هٿ هٽائين. ڇاڪن جو هڪ مائي جنهن کي ڏاهي يا ڦوڪاري واري به ڪوٺين. اها ست اگر ڪٽي، اَن پرڻ جي چوٿائي جي پٽ يا زناني جتي جي پادر جي پٽ تي هڪ اگر سان منڊيٺڙي جو نشان ڪري، اهو نشان ٻار جي ڳل ۽ نراڙ تي زور ڏيئي ڇٽيندي ۽ چوندي ته "اولڙو ويلڙو پڇان؟" ٻار جو مائٽ پيو چوندو ته "پڇ". وري ٻيو اگار ڪٽي نشان ڪري. ٻانهن، نونٽن، ڪراين ۽ اگرين تي هٽندي، تي اگار جو نشان ڪنڌ جا ٻئي پاسا، ڇيلهه ۽ پنن تي ڇهندي. چوٿين اگر سان، سينو، هنيو ۽ پيٽ ٺقيندي. پنجين سان ساڄي سٿر، پني ۽ پير جي ترِي، ڇهين اگار جي نشان ۾ کاٻي سٿر پني ۽ پير جي تري سڄيندي ۽ ستون سَنوڻ ڪُکن ۽ بغلن سان ڪندي. هيءُ سَنوڻ صبح، منجهند ۽ شام تائين ٻه - ٻه پيرا ڪيو ويندو آهي. سَنوڻ ختم ٿيڻ تي چوندس ته ڪُتي جو منهن وجي ڏس ته اولڙو ويلڙو وجي ڪُتي تي ڪرندو.

سَتَ پوٺ جا سَنوڻ:

هيءُ بيماري ننڍڙن ٻارن کي يڪدم ٿي پوندي آهي. ٻار ڪٽ يا منجي تان اُٿلي ڪري پيو يا ڪٽندڙ ڪان ٻالڪ ڇڏائي وجي هيٺ ڪرنگهي يا تارونءَ پر ڪريو، ته پنيءَ جو ڪنڊو جهڪ هٽي ويندس. هن کي سڪ سٽ چون. ان درد ڪان ٻار نجهرندو ۽ ضعيف ٿيندو ويندو. پاٽيءَ وارا دست تمام گهٽا ۽ بدبودار ٿي پوندس ۽ ساٺو ٿيو پيو هوندو. هن جي لاءِ ٻار کي تيل سان آڍين. اونڌو سمهاري ريڙهه جي هڏيءَ کي آگوٺي جي تل سان مٿي ڪٽن ۽ پنيءَ جو ڪندوآڌي مٿي ڪٽن. ٻانهن جي ٻـُڪن ۽ ٽنگن جي پنين کي هلڪڙو زور ڏيئي ٻڌي ڇڏين. وڏيرڙي ٻار کي اُٺ جو ليڏوٽو ٻڌن. جي ٻار جي ڏڪ ۾ ڪاڪڙو لهي پوي ته ڦودنو. ڦوٽا لڙهي ان جو ڦوڪارو ڏين ۽ نڪ ۽ ڪنن ۾ وات ۾ اهو ڦوڪ سان ڪٽائين. ڪي آگر وات ۾ وجهي ڪاڪڙي کي مٿي ڪٽي ونن.

ڏندڻ پوڻ جا سنوڻ:

گهڻي ڏک يا درد کان ماڻهوءَ جون ڇاڙيون هڪبئي سان چنبڙي وينديون آهن. انهن کي "ڏندڻ پوڻ" چون. ان لاءِ سرميداڻيءَ واري سرائي ڏندن جي وچ ۾ وجهي، بئي ڇاڙيون هڪبئي کان جدا ڪن. نيري اڱڙي دکائي مريض جي نراڙ تي ڏنب ڏين، ڪي ڪياڙيءَ وٽ ڏنب ڏين. هٿن پيرن جي ترين کي سڪي هٿن سان يا تيل سان مالش ڪن.

بخار لوءَ يا جهولو لڳڻ جا سنوڻ:

اونهاري ۾ ڪاڙهي تتي پنڌ ڪرڻ ڪري يا گرمي مان اچي يڪدم ٿڌو پاڻي پيئڻ ڪري، ننڊ مان اُٿي ٿڌو پاڻي پيئڻ ڪري جهولي جي جهڙپ لڳي ويندي آهي. جنهن ۾ بخار، متي جو سور ۽ تاس تي پوندي، پيٽ ۾ جاءِ نه هوندي به پاڻي پي پي ماڻهوءَ جو پيٽ پيو ڦاٽندو آهي. ته اُڃ نه لهندي آهي يا آلو ڪپڙو مٿان وجهي اُس ۾ ملبو آهي ته "اوسو" تي پوندو آهي يعني بدن ڏاڍو گرم ٿي ويندو آهي، خشڪي وڌندي ويندي آهي. ان لاءِ ميٽ ۾ بصر ملائي وهنجارين يا بصر وارو ميٽ بدن کي مکي ڪلاڪ اڌ ترسڻ کان پوءِ بدن ڌوئي ڇڏين. ڪي بصر سان انبڙيون به ذرا ذرا ڪري ملائين.

ڪڇوراڙي نڪرڻ بابت سنوڻ:

چون ته جيڪو ڏيڏري ماريندو، تنهن کي ڪڇوراڙي يعني ڪڇ/بغل ۾ ڳوڙهي تي پوندي ۽ سخت سور پئي ڪندي. ان لاءِ ڪنڙو ۽ سنڌي تماڪ گهوٽي لپڙي ڪري ٻڌن. ڪڇ کي ٽُڪ مکي ڪورنٽڙي جو چارو تقي ڇڏين. ڏيڏري جهلي ڳوڙهي تي ٻڌن. جڏهن اها اتي مٺي ته پوءِ ڇوڙي ڇڏين. ڪاريهر نانگ جي کل، ٽُڪ مکي چنبڙائين. گُگر گهوٽي صابڻ جي گجيءَ سان ملائي ڪپهه جو ٻڙو پري ڪڇ تي ٻڌن.

بتَ، ڍوهَ يا جادو ڪدائڻ جا سنوڻ:

ڪيَ نوڳي ماڻهو چالاڪي ڪري، ڪنهن سودائيءَ کان رقم ڦرڻ جي لاءِ، اڳواٽ ماڻهه جي اٽي جو بوتو بنائي، ان کي سيون هڻي، ڳاڙهي اڳڙيءَ ۾ ويڙهي ڪنهن قبرستان ۾ پوري ڇڏيندا آهن. پورڻ کان اڳ ان ماڻهوءَ جو نالو ڳاڙهي ڪپڙي تي لکي، جنازي نماز پڙهي، پوءِ بوتو پوريندا. پوءِ اهي جادوگر يا پوپا، انهيءَ ماڻهو کي ڏاڍي حرفت سان خبر ڏيندا ته "اسان کي آشارن مان معلوم ٿيو آهي ته فلاڻي ماڻهوءَ تنهنجو بتُ وجهارايو آهي، ان جو ڪو بلو ڪراءِ نه ته مفت ڳري مري ويندين!"

ڳالهہ ونئون سئون - پر ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ سودائي يا سچيل ماڻهوءَ جو سڪ ڦٽي پوندو. پاڻئون واڻئون پيو ٻاڦيندو تہ "مونکي بدن ۾ سيون پيون چڀن ۽ هڻن پيرن ۾ باهہ پئي ٻري!" نيٺ انهن پوڙهن کي پئسا ڏيئي ڏُوهہ ڪيرائيندو، پوءِ اهي ٺوڳي جتي ٻوٽو پوڙيو هونداڻون اتي وڃي ويندس. اُن جي روبرو ساوا ليمان اڇلي ٻہ - ٽي جايون ڪوٽي نيٺ نشامبر جاءِ کوٽائي ٻوٽو ڪڍندا، اُن مان سيون ڪڍي ڪير ۾ وجهندا، پوءِ اهو سڀ ڪچرو ڪنهن تلاءَ يا وهندڙ پاڻي ۾ اڇلي ڇڏيندا. اهو ڏسي اڳلي جي هورا ڪورا يا وهم لهي ويندو. چون تہ مچي جا چلر اورانگهبا تہ ٻہ ڪامڻ پوندا.

فال وجهڻ:

ڪوبہ بيمار يا سودائي طبيعت وارو وهمي ماڻهو، جو پاڻ کي سدائين بيمار پيو چوائيندو. تنهن کي ملن وٽ وٺي ويندا. اهو فال وجهي چوندو تہ "هن جي سر تي ڳري هئي، پر الله متس مهرباني ڪئي جو سويل ئي مون وٽ پهچي ويئو. تائيٺ (تعويز) لکي ٿو ڏيان، سو چانديءَ ۾ مڙهائي ڳچيءَ ۾ ٻڌوس، چيلو يا ڪکڙ متانئس گهوري ڏکڻ طرف جهنگ ۾ (جتي اڳ ئي ڪو ماڻهو لکو ويٺو هوندو) سائي وڻ هيٺان ڇڏجو، پنيان نہ نهارجو. اصل ڇڏي منيون پيڙي وٺي پڇجو! وڏيڪ چوندن تہ ٽي پاٽيون يڪ رنگو اناج ڪنهن غريب کي ڏجو.

لڳت ۽ حساب جي بيماريءَ جا سنوڻ:

ڪن بيمارين لاءِ چون تہ "هن کي جن يا جنڙي ٽي پئي آهي. انهيءَ جي لاءِ ميانوال فقير، جن کي ڊيرائي فقير يا سرندائي فقير بہ چون، تن کي گهرايو. جو تہ انهن کي جنن ڪڍڻ جو هنر، هدو يا اُذن مليل آهي."

فقيرن جو ڍونگ:

اهڙو لڳت جو حساب گهٽو ڪري زالن کي ٿيندو آهي. اتفاقي ڪو مرد هوندو آهي، جنهن کي وري جنڙي جو جهپٽيل چوندا آهن. فقير اچڻ سان پاڻ جهولڻ شروع ڪندو معلوم ڪندو تہ هن کي ڪهڙو جن جو قسم آهي؟ پوءِ حڪم ڪندو تہ هن کي جن جو واسو آهي، شادمانو ڪريو. شاهہ گودڙئي تي، غازي شاهہ تي، لطيف تي، قلندر شهباز تي، لڪيءَ جي شاهہ صدر تي وٺي وڃوس، اتان ڇوٽڪارو ٿيندو. جن چوي ٿو ڪاڙهي تتي جو اسان جي آستان تي اچي، اسانجو سڪ ڦٽايو هٿائين، يا اسان جن ٻچن کي لتاڙيو اٿس وغيره". پوءِ

ماڻهو منتائو ٿيندا تہ فقير توهان کي خدا هٿ جس ڏنوآهي توهان ٿي هن غريب جي انهيءَ بلا مان جند ڇڏايو.

جنن ڪيڻ جو ڪريب:

عورت کي ويڙهي ويهاريندا. سرندن تي لهرو پيو وڄندو. فقير ان جي چوڌاري گول ليڪوڪيندو ۽ پڙهڻ شروع ڪندو. عورت تي ڪتي جو پلاند پيو ڇنڊيندو. اوڇتو اوڇتو رڪي رڪي چوندو "هيءَ بادشاهہ پير جو ليڪو آهي. ان جي مهابي هن کي ڇڏي ڏي." وري پڙهي پڙهي چوندو "جن هجين پوت هجين يا ڪو بيو مرض هجين، الله جو سونهن اٿئي، پنجتنن جي ڏوهي اٿئي، ڇٺن جو اسم اٿئي، هن کي ڇڏي وڃ." (لهرو تکي لئي سان زور سان وڄڻ لڳندو) تون رحم جو گهر آهين. هن اسان جي چيليءَ يا ٻالڪيءَ تي رحم ڪرَ هن کي ڇڏي ڏي" جي چيائين تہ نہ ڇڏيندس، تہ مياوال فقير ان عورت کي چوٽيءَ کان جهليندو [جيڪا لهري جي آواز تي پنيا پکيڙي پئي جهولندي] ۽ ليڪي ڪيڻ واري لٺ سان پٺن، ڇاتي، ڏڏن، ٻنڊٽن تي ڪشي ڏڪ واهيندس، پوءِ هن جو جن روئڻ ۽ زاريون ڪرڻ لڳندو. ڏاڍي مار ڏيڻ کان پوءِ وري مياوال پڇندس: ٻڌاءِ ڪٿان جو فقير (جن) آهين؟ جواب: قلندر جي ڏونهيءَ جو. هن کي ڇو ورتو اٿئي؟ جواب هن منهنجا ٻچا لتاڙيا هئا. يا هن جو مڙس هن کي ماريندو هو. هوءَ مون کي نندي هوندي کان وڻندي هئي، تڏهن مون منجهس واسو ڪيو. هاڻ هن کي ڇڏين ٿو يا نہ؟ "بس هاڻ هليو ويندس، فقط چوڏهينءَ چنڊ تي پيرو ڪريو ويندس." مياوال: نہ نہ. توکي هميشہ لاءِ ڇڏي وڃڻو پوندو. ڇا خيال آهي؟ نہ تہ آءٌ وري ٿو لٺ کڻان؟ جن: دستگير وچان ضامن آهي يا شاهہ پنجو وچان ضامن ڏيان ٿو. قلندر جو قسم کڻان ٿو وڃان ٿو. هاڻ مون کي مار نہ ڏي. چڱو ڏي بادشاهہ پير جو هٿ. هائو اڇهو وٺ! پر مونکي پيالو پياريو تہ هليو وڃان. مياوال: کهڙو پيالو پيئندين؟ ڪڙو پيالو پيئندين يا کاڪي پيالو؟ آءٌ ڪڙو پيالو پيئندس (کاڪي پيالي ۾ چار وجهي پاٽي جو پيري ڏين). ڪڙي پيالي ۾ مرچ ڳاڙها گهوٽي، وٺو پيري ڏيندس جو ڏوگهي ويندو. مياوال چوندس چڱو هاڻ پيالو پيتئہ اُسر! هوَ ساعت کان پوءِ "ڪڪڙوتو ڪڪڙوتو". ڪڪڙ جي بانگ جهڙو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو. جن ٿيندو راهي.

ڇتي ڪُتي جي چڪ ڪاڏل جا سنوڻ:

ڇتي ڪتي جي ڪاڏل کي، پير گاديءَ واري، پير راضي خاناٽي ۽ شيخ ريحاڻ تي وني وجن ۽ پاٽي شيخن کان پڙهائي پيارين. يا نيرَهہ ڳوٺ (تعلقي ميهڙ) ۾ وني وجي کيس ڪاٺ ۾ وجهائين.

ڪتي جي ڇتي ٿيڻ لاءِ چون ته ”جي جهنگ ۾ ڪو تتر تمام، گهڻي اُڏوهي کائي مري پوندو ۽ اُن جو گوشت جيڪو گدڙ کائيندو ته اهو گدڙ ڇتو ٿي پوندو. جي ان کي ڪنهن ڪتي چڪ وڌو ته اهو ڪتو به ڇتو ٿي پوندو آهي. اهڙو ڪتو ڪنهن به جانور يا ماڻهوءَ کي چڪ هڻندو ته اهو به ڇتو ٿي پوندو. ڇتو ماڻهو، جڏهن چاق نه ٿيندو ته متانئس نير ڀڏل ڪپڙو وجهبو ته يڪدم مري ويندو!

رواجي ڪتي جي چڪ جو اثر گهٽائڻ جا سنوڻ:

چڪ جي جاءِ تي ست پادر هڻن، تماڪ جي ڪاٺ جا حقي يا چلم جي ٿل (ٽوپي) جي خاني ۾ سڙيل هوندي آهي، اها ٿڦ متان رکي ٿڦ ٻڌجي يا ڳاڙهو مرچ رکي ان جي متان تامي جو ٽڪو يا پئسو رکي پڪي ٻڌي ڇڏين.

بلا يا نانگ جو چڪ جو اثر هٽائڻ وارا سنوڻ:

حقي يا چلم جي ڪٺ چڪ واري جاءِ تي ٻڌن. آريتا ڪتي ڦڪائين، نمر جا پن زهر معلوم ڪرڻ لاءِ کارائين.، جهاڙ وارو يا ماندو مريض متان ويهارين. مريض جي جاءِ ۾ گهڻو دونهون ڪن. وڏيڪ چون ”ڏينهن واري يعني پيٽ سان ڍڪي زال جي نگاهه جي نانگ يا بلا تي پوندي ته يڪدم انڌا ٿي پوندا“ مريض متان نمر جو ٽار گهمائين. ڪي ڪاريهر نانگ کي جن فقير چاڻن.

وڇونءَ يا ڀنُونءَ جي ڏنگ جو سور مٽائڻ جا سنوڻ:

وڇون ساڙي ان جي رک ڏنگ واري جاءِ تي ٻڌن. ڪيترائي وڇون جهلي، ڪڙي تيل سان گڏ شيشي ۾ وجهي ڇڏيندا آهن، جي پيا اُت سنڌبا آهن. اهو تيل ڏنگ واري جاءِ تي لڳائين. مور پکيءَ جو کنڀ، چلم يا حقي ۾ وجهي، تماڪ وانگي متان ٽانڊو رکي ڦوڪ پرائين. گدامڙيءَ جو ڇيڇو گهي ڏنگ متان رکن ۽ جهاڙ وجهائين.

جهاڙ پڙهڻ وارا سنوڻ:

جهاڙ پڙهي ڏنگ واري جاءِ تي هٿڙا گهمائين. ڪپڙي تي جهاڙ پڙهي ان کي هر هر نپوڙين. پاڻيءَ تي جهاڙ پڙهي ان ماڻهوءَ کي پيارين، جهاڙ پڙهي بيٺل ماڻهوءَ کي ٽڪاءِ ڪرائين ڇماٽ، ته سور ڇڏيو وڃي.

ڏنگڻي جيت جي چڪ جو اثر ميسارڻ جا سنوڻ:

ٻيءَ ذات جي ماڻهوءَ کان ڏنگ تي پڪ مڪائين، ڏنگ واري جاءِ تي اڳڻ گهمائين. اها جاءِ گرم ڪن ٽاڪوڙ سان.

بيمار لاءِ سَنوڻ:

بيمار جي اڳيان ڪنهن مري ويل جو نالو ڪونه وٺن. بيمار جي در تي رلّي ڪونه ٽنگين، ۽ چون بيمار کي پڇڻ وڃجي ته "نه متو اگهاڙو ڪجي ۽ نه پٽ تي ويهجي.

بد نظر:

جيڪو بار ننڍي هوندي ڪرفتي ڪائيندو، تنهن جي بد نظر لڳندي آهي ۽ جنهن جي ڪاري زبان هوندي ان جي پَڪَ سان نظر لڳندي آهي.

نظر بد لاهڻ جا سنوڻ:

ڪنهن چڱي ڀلي ماڻهوءَ کي هلندي هلندي ڏڪ لڳو، طاقت جو ڪم ڏيڪاريندي ڏڪ لڳي. سنا يا نوان ڪپڙا پائڻ سان داغدار ٿي پيا يا ڦاٽي سڙي پيا، پلو اُٽ يا ڏاند هلندي يا وهندي ڪري پيو يا ٽڪائي ڇڏي ڏنائين. ڀلي مينهن يا ڳئون کير ڏهندي لت هڻي بيهي رهي يا کير سڪائي يا گهٽائي ويئي. يا مکڻ ڏيڻ ڇڏي ڏنائين. ڪلنڌڙ بار اوچتو روئڻ لڳو. سنو ڳائڻو ڳائيندي ڳائيندي گُهٽجي پيو يا اڌن پچي پيو. ڪنهن سنيءَ شيءِ ڪائيندي پيٽ ۾ سور ٿي پيو، ته اهڙين حالتن ۾ چون ته مٿس هوس[1] (حسد) يا بد نظر جو اثر آهي. ان جا سَنوڻ هن نموني جا ڪن. ٻارن کي سينگارڻ يا ٽنجڻ مهل ڪارنهن جو ليڪو يا ٽلوڪڙيون ڳل ۽ نراڙ تي ڪڍن. ٻارن کي ڪارا ڌاڳا يا ڪارا چوڙا ٻانهن ۾ پائين. وهٽ کي بد نظر کان بچائڻ خاطر ڪارو ڌاڳو يا ڏورو يا پراڻو پادر سوراخ ڪري ڳچيءَ ۾ ٻڌن. ان لاءِ ڪنهن ناظروءَ کان ڌاڳو وٺائين يا ڦيٽي مڪائين. ڌاڳي کي ست ڳنڍيون ڏيارين. ناظروءَ جو اکيون ڌٿاري ان پاڻيءَ جو ڏُڪ جهڙ پيل کي پيارين يا ڇنڊا هڻن. چؤواٽي تان مٽي آڻي ست اگار، ست لوڻ جون ڪٽيون وجهي مريض مٿان گهوري چلهه ۾ وجهن. وڻن کي نظر کان بچائڻ لاءِ جيئن ميوي ڏيڻ ۾ گهٽتائي نه ڪن، انهن جي پر سان دانگي ابتي ڪري رکي ڇڏين يا ڪاني ڪوڙي ان ۾ پراڻو ڪنو اونڌو ڪري ٽنگي ڇڏين. جنهن ماڻهوءَ کي نظر لڳي هوندي، ان جي مٿان کير جو ڀريل ٿانءُ رکي، سڳا پڙهي کير جي ٿانءَ جي چوڌاري ويڙهيندا، پوءِ اهو ٿانءُ ٽانڊن تي رکندا. جي ڌاڳا نه سڙيا ته بد نظرآهي، جي سڙي ويا ته نظر ڪانهي.

---

[1] هُس جي پڙٽمي هُس آهي. (ادارو)

بدنظر جو سڳو وتيندي يا بد نظر ڪٽندي جي نظر ڪٽندڙ يا جهڙپيل اوباسيون ڏنيون تہ پڪ نظر لڳل آهي. نظر واري تان ڳاڙها مرچ گهوري باهہ ۾ وجهن، جي مرچن سڙندي ڌپ نہ ڪئي، تہ پڪ نظر لڳل آهي ۽ ڌپ ڪيائون تہ نظر ڪانهي. ناظروءَ جي پير جي مٽي يا رڳو ڦتڪي جهڙپيل تان گهوري باهہ ۾ وجهن، جي ڦتڪي ڦلجي ماڻهوءَ جي بوتي وانگر ٿي تہ پڪ ٿي پڪ نظر اتس! ڪچي سٽ جو ڌاڳو ٻار يا جهڙپيل جي قد جيڏو ڪيجي، اتو ڳوهي ان ماڻ ماڻهو جو بوتو ناهي، ان تي اهو ڌاڳو ويڙهي چلهہ جي ڪِر ۾ پوري ڇڏين. جي ڌاڳو نہ سڙيو تہ نظر جو اثر آهي، جي سڙي ويو تہ مڙئي خير آهي. چون تہ جيڪو ماڻهو ڪنهن شيءِ يا وهٽ ڪي چتائي ڏسي، سو پڪ ناظرو آهي. ناظروءَ ڪي پنيان پوندو ڏجي، ناظروءَ جي پيرن جي مٽي چلهہ ۾ وجهجي، ناظرو ستل هجي تہ مٿانس جنازي نماز پڙهجي، ناظرو جي پيرن ۾ اوچتو ٽانڊا اڇلجن.

سنساري سونسا

چنڊ گرهڻ يا سج گرهڻ جا سنوڻ:

ڪن ماڻهن ۾ وڏ يا عيب ڄائي ڄم کان ٿيندا آهن. مثلاً: لسڻ، عضون جو وڏڻ، جهڙوڪ، ڇهہ آڱريون ٿيڻ، عضوا ڦڏا سڏا ٿيڻ، چپ جو چيرجي بيهڻ، هٿ رونٽڙا ٿيڻ، پير ٽنڊا، ٽنگون لولهيون، بدن پنگلو، ڪن ڪولهو يا ڪرو، اک لتل، پنن ۾ ڪپ ياڳڪ ٿيڻ. اهي سڀ نشانيون جڏهن ٻار ماءُ جي پيٽ ۾ سر جي رهيو هوندو آهي يعني ڪچن مهينن جو هوندو آهي، تڏهن ٿينديون آهن. تنهنڪري اهڙي ڳيوراڙي زال کي هار سينگار ڪرائي گرهڻ واري مهل گذرڻ تائين، سنئون سڌو ڪري کٽ تي سمهاري ڇڏين ۽ سندس سٿڻ جي ور ۾ ڪنجهي يا کٽ جي ڪاني يا سرائي پڻ وجهي ڇڏين، جيستائين اهو ٽاٽو ٽري وڃي ۽ ٻار جي پيءُ کي بہ انهي عرصي ۾ ڪو ڪم ڪار ڪرڻ ڪونہ ڏين. جي هو ڪا شيءِ وڍيندو يا چيريندو تہ اهڙو نشان ٻار کي بدن تي ظاهر ٿي بيهندو[1].

[1] وهمن کي پڪو ڪندڙ ڳالهيون:
چون ٿا تہ جڏهن شهنشاهہ جلال الدين اڪبر سندس ماءُ حميده بيگم زال همايون جي پيٽ ۾ هو ۽ ڪچن مهينن جو هو تہ سندس ماءُ سج گرهڻ جي خبر ٻڌي، پنهنجي پنيءَ تي سئيءَ سان منڊيٽڙي جو نشان ڪڍيو. اهو نشان ڪڍندي ڪيس همايون بادشاهہ ڏسي ورتو ۽ نشان ڪرڻ جوسبب پڇيہ حميده بيگم ڪيس گرهڻ ٿيڻ ۽ ٻالڪن جي نشانن بابت ڪيس ٻڌايو بادشاهہ کلي ڪٽي ماٺ مگر جڏهن اڪبر ڄائو تہ ڪيس اهو نشان ساڄيءَ ٽنگ جي ساڄي پنيءَ تي هو.

گرهڻ جا نقصان:

گرهڻ جي وقت اندر، جي ٻار جي ماءُ اڪيون ٻوٽيون تہ ٻار انڌو ڄمندو، ڪپڙي کي ٽوپو ڏيندي تہ ٻار گونگو ٿيندو، اک ٻٽيندي تہ ٻار ٽيڏو يا ٻاڏو ٿيندو. جي پٽ کي ليپو ڏيندي يا ڳُنديءَ جو آڻ يا ليڙو لنبدي تہ ٻالڪ جي وهڪ جي جاءِ لتل بيهندي.

ايڙها پيڙها لهڻ جا سَنوڻ:

چون چنڊ جهلجي (گرهڻ مان)، ڇٽندڙ هجي، تہ وهنجي، تيل وٺي ۽ وجهي، ان ۾ پنهنجو منهن ڏسجي، پوءِ ڪنهن ينگيءَ کي اهو تيل ڏيئي ڇڏجي تہ ايڙها پيڙها (ريب ڪريب ۽ ايندڙ ڏک ڏوجهرا) لٿي. جي تيل اپاڪي هارجي پيو تہ ٻہ. ڇنڇر جي ڏينهن شام جو تيل ڪٽي وجي تہ واٽي تي گولائي ۾ هاربو.

ڪاڏي يا رزق جي تنگي ٿيڻ:

سج سوا پهر مٿي چڙهي اچي ۽ پوءِ ٻہ ڪو ستو رهي تہ اها ڪاڏي جي تنگي جي نشاني آهي.

هوائن جي لڳڻ لاءِ سونسائي چوٽيون:

ايڪيهہ (21) ”پور“ جن جي نالي پويان اچي، اهي شهر، يڪساهي ست دفعا ڳڻجن مثلاً خيرپور، نصرپور، ميرپور، دولتپور، سعيدپور وغيره تہ هوا ڇٽڪي پوندي.

چون: ”حاجي گاگڙا! ڪول واءَ جا ڏاڳڙا.“

چون: ”آءُ ڏکڻ ڏيهي، پيچ ميحرن جي پيهي!“

چون: ”گهوڙو ٻڌم ٻير سان، ڏکڻ آيو ڇير سان.“

واچوڙي جا سنوڻ:

چون ٿا تہ جڏهن جنن جي شادي ٿيندي آهي، تڏهن واچوڙو اُٿندوآهي ۽ ان ۾ جنن جا ڪٽڪ پيا ويندا آهن. جي واچوڙي جي غبار ۾ پادر اڇلبو تہ ڪارڪن سان پرجي اچي هيٺ ڪرندو تہ، سمجهبو تہ جن شاديءَ تي پيا وڃن، پر جي گند سان پرجي هيٺ ڪرندو تہ سمجهبو تہ ڪنهن موت تان موٽيا آهن. جي پادر سبتو مٿي هليو ويو تہ سونَ سان پرجي ايندو ۽ ابتو ويو تہ گند سان پرجي ايندو. واچوڙ جي لاءِ چون:

واڇــــوڙو واڻيــــون، پٽينـــس نيـــاڻيون،
اڳيـان ڪڍ، پنيـان ڪوهـ، اسـين شـاهـ جـا مريـد.

اهو انهي لاءِ چون تہ متان واڇوڙو ڪٽي نہ وڃي!

مينهن نہ وسي جا سنوڻ:

ڪنيار جي آوي يا نهائين دڪندڙ هوندي تہ انهيءَ ڏس ۾ مينهن نہ پونـدو. انڌلٺ نڪتي يا ڏکڻ واءُ لڳو تہ مينهن نہ پوندو. پر جي اتفاقاً ڏکڻ جي لڳندي مينهن وٺو تہ ٻوڙ ٻوڙان ڪري ڇڏيندو. مشهور آهي تہ:

ڏاکٽــو نــہ وســٽو، وســي تــہ ٻـــوڙي،
ڪـانٺري نـہ وسهٽو، هٽـي تـہ جهـوري.

وسندڙ مينهن کي بند ڪرڻ جا سَنوڻ:

ست ننڍڙيون ڏيڏريون ٿيي ۾ وجهي، ان ۾ مينهن جو پاڻي وجهي، متان ڳٽي ست اڳر ان ۾ وجهي. پوري ڇڏبا تہ مينهن پوڻ بند ٿي ويندو. مُـهريءَ ڪـي ست ڏڪ هٽي پوري ڇڏين. پيٽ اُگهيو يا پيٺ چٽو ٻار (اهو ٻار جنهن جي ڄمڻ ڪان پوءِ وري ان جي ماءُ کي ڪو ٻار نہ ڄمي) جي ڏوئي پٽ تي ٽنگيندو تہ بہ بند ٿي ويندو. ٻهارو پٽ جي پر ۾ اُبو ڪري رکبو تہ بہ نہ پوندو. پيٺ چٽو ٻار چوتائي ۾ پاڻي وجهي آسمان پٽ جي پر ۾ اُبو ڪري رکبو تہ بہ نہ پوندو. پيٺ چٽو ٻار چوتائي ۾ پاڻي وجهي آسمان ڏانهن ست پيرا اڇليندو تہ بہ نہ وسندو. ست ڪاٽا ٻڌبا يعني ڌاڳو ڪٽي ڳوٺ جي هڪ - هڪ ڪاٽي ماڻهوءَ جو نـالو وٺبو ۽ ڌاڳي کي ڳنڍ ڏبي وجبي، تہ بارش نہ وسندي. مينهن وساڙا (هندوٽا) جيت جهلي جيئرا ڪنهن نڪر جي ڪپي ۾ وجهي پوربا تہ بہ برسات ڪانہ وسندي. مينهن جو پاڻي ٻهارن سان ڏڪي ڪڍبو تہ بہ نہ پوندو. ڪُنو نڪر جو اونڌو ڪري رکبو يا ڪنو چاڙهي ان ۾ ڪپڙا ٺهڪائي وجي ڏوپ ڪبو. تڏهن بہ مينهن بند ٿي ويندو. ڪُڪَڙ جي اکيـن ۾ سرمي يا سوئڙي جون ڪانيون پري وجهبيون، تڏهن بہ مينهن وسڻ بند ٿي ويندو.

مينهن وسائڻ لاءِ سَنوڻ:

جنهـن بـہ ڇوڪر جي پيڻ نـہ هوندي، ان کي ونـي مسـجد وٽ بيهـاري، سندس منهن تي ڪاراڻ مکي سڄو ڳوٺ هينءَ چوندا پنائيندا وتندا.

ڪڪر ڪارڙو، ڪمارڙو، الله جو پيارڙو،

آن پاڻي ڏيوَ تہ مينهن وسي!

ٻار مينهن لاءِ چون ته:

جنڊ ۾ مڪڙو، مينهن آيو تڪڙو.
پٽ تي نوڙي، مينهن آيو ڊوڙي.
پٽ تي جهرڪي، مينهن آيو ترڪي.
پٽ تي واڍو، مينهن آيو ڏاڍو
ڪرڙ جو گهوٻاٽو، مينهن آيو گهاٽو.

پوءِ پِنَ مان جيڪو اَن ملندن اُن جا ڪوهر ان وقت سيني جي اڳيان رڌي، پوءِ ڇوڪر کي تيستائين منهن ڌوئڻ ڪونه ڏيندا، جيستائين ڪ مينهن وسي. تني ڏينهن ننڍٽيون جهلي مسجد جي اڱڻ ۾ پورين ته مينهن وسي.

مينهن وسڻ جا ڪرمت:

اڳڙين جو گڏو ناهي، ان کي سائي وڻ ۾ ٽنگي متانئس پترن جو وسڪارو ڪن، جيستائين اچي پٽ تي ڪري. اهو سانگ پنج لڳا (پيرا) ڪن. ڪنهن انڌي، ڪاٽي، لولهي، يا لنگڙي کي ستن ذاتين جا ست سڳا هٿ ۾ ڏين ته عيبدارن جا نالا وٺندو ۽ ڌاڳن کي ڳنڍيون ڏيندو وڃ. پوءِ انهن سڳن کي اُس ۾ پوري ڇڏين ۽ چون ته "انڌا، منڊا، لولها، لنگڙا سيئي پيا اُس ۾ سڙن، جيستائين مينهن وسي."[1]

ڪنوڻ ڪرڻ جا سونسا:

چون ته مينهن پوندي متو اڳهاڙو ڪري هلبو ته متان وڄ ڪرندي. ڪنجهو يا ڪنجهي جو ڪوبه ٿانءُ مينهن وسندي ۾ رکبو ته ان تي وڄ ڪرندي ۽ ڪنو جي مينهن وسندي ۾ اونڌو ڪري رکبو ته به ڪنوڻ اچي متان ڪڙڪندي.

چوپائي مال جا سَنوڻ:

ڍڳي يا ڍڳيءَ جي خريد ڪرڻ مهل بوسو (ڇيٽو) لاٿو ته ڇڱو، جي پيشاب ڪيائين ته خراب. نئين خريد ڪيل مال کي سون ڌوئي ان جا ڇنڊا هڻن ۽ چون:

"سونَ جي رتي ڪان مال جي رتي ڪٺر".

---

[1] مينهن وسائڻ جي هڪ وهمي ڳالهه: بڪيرا شريف، تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ڳوٺ آهي، جتي نور محمد ميمڻ جو گهر آهي ۽ اُن کي ڪي ماڻهو ماستر ابراهيم ميمڻ جو گهر چون ٿا. ان گهر جي سيني ٻاتين کي اهڙو اذن مليل آهي ته "جي انهن مان ڪوبه گهر ٻاتي ڪنيار ڪان ڪورو گهڙو وٺي، قائم الدين قلندر جي درگاهه جي ڪوهه نان ڀري، درگاهه جي ٻاهرين دَر جي چائنٺ تي هٽي ڀڃندو، ته مينهن وسندو!" (ليکڪ)

چوپائي مال کي سمهاڙي (بيمار يءَ) ٿيڻ جا سَنوڻ:

مال جي لنگهه مٿان قرآن شريف ٻڌي ڇڏين. منڊ يا چنگ پڙهائي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏين. ڪنهن اولياءَ جي مقبري جي چوڌاري مال کي ڦيرائين. ٻارن کي چون تہ چينگهہ ناهي ان تي چڙهي ڦرو تہ ان جي چيچاٽ تي بيماري ڀڄي ويندي.

چوپائي مال کي ڪيڙن پوڻ جا سَنوڻ:

چٽن وياج خورن جا نالا لکي ڏورن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌن. انهن نالن جي هيٺان هيٺ لکن: جي توهان هن ڍور کي نہ ڇڏيندا تہ ڏينهن قيامت جي وياج خورن مان تي اُٿندا. چون تہ ڪنهن ساهہ ڀري شيءِ. جانور يا پکي جيڪو بہ ڌاريل هجي ۽ ان جو اگهہ چڙهي اچي تہ وڪڻي ڇڏجي، نہ تہ مري ويندو. چون تہ ڌرتي شموري "ڏٻي ڏاند جي سڱَ تي بيٺل آهي." ٻڪري، ڪنهن ڪنجهي جي ٿانءَ ۾ ڏهبي تہ ٿڻن ۾ فترو (ڦنڙو) ٿيندس.

مڪڻ سيٽڻ يعني غائبانہ چور ائڻ جا سَنوڻ:

جي ڪنهن جي ڀلي ڳئون يا مينهن مکڻ گهٽو ڏيندي هوندي، تہ زالون مکڻ سيٽينديون آهن. يعني رات جو لوڪ ستي ان ڍور جو ڇيٺو ڪٽي اچي ان سان پنهنجي ماٽيءَ جي رکڻ واري جاءِ وارو پٽ راڳين. منڊي يا مانڊاٽي ڪٽي وجي انهيءَ مال ۾ ڦيرائين. جتي ڪو مڪٽائتو ڍور بيٺل هوندو. اڳيڇٽي ابتي مٽي تي رکي ويهي ڪير ولوڙين، ڪي وَري هڪڙيءَ ٻوڇٽي يا چنيءَ ۾ ويڙهجي يا ماڳهين الف اگهاڙيون ٿي اهڙي وٿاڻ مان مال جو ڇيٺو آڻين. جتي پڪ ٿئين تہ ڀلو ڍور ٻڌل آهي ۽ پوءِ اُن سان پٽ راڳين. ڪي ابتي سٽڻ، ابتو چولو بہ طرفو (هڪ تہ ڍڪڻ وارو پاسو بدلائين ٻيو رخ جو پاسو يعني اڳ ڪپڙي جو پٽ ڏانهن، ۽ کهرو پاسو بدن ڏانهن) ڍڪي، پوءِ ڇيٺو ڪٽي اچن. ماٽيءَ ۾ مانڊاٽي وجهڻ کان اڳ ٽي ڦيرا اُبتا ۽ ٽي ڦيرا سبتا ڏئي، پوءِ ولوڙو ڪن. ۽ چون "هن جو بہ هن ۾، هن جو بہ هن ۾، مطلب تہ ڪُل ڀاڙي جو مکڻ منهنجي ماٽي ۾ اچي وڃي. وهمي ماڻهو، ڪير جي ولوڙو ڪندڙ کي سانجهيءَ جو "سنياڻ" يعني ڪير سانبڻ لاءِ انبيڙڻ لاءِ ڏڌ جو ڦڙو يا ليڙي جهڻ ڪانہ ڏين.

سيٽڻ کان بچاءَ جو سنوڻ:

موچڙو اونڌو ڪري ماٽيءَ جي ٻيہ ۾ رکي ولوڙو ڪن. ڇيٺي جو پونبو ناهي نهيري جي پنيان هٽي ڇڏين.

چمار وڏي ٿيڻ جا سَنوڻ:

ڪوھ جي چڪ جي وچ مان يڪساهي ست پيرا اچجي وڃجي پر هٿ ڪنن ۾ پيل هجن. ستل اُٿ جي ٻچيءَ هيٺان گسري لنگهجي. ڪنهن ياد ڪيو يا ڳالهه ڪئي، اهو ماڻهو مٿان اچي نڪتو. جيئري ڪي مئل هلايو ويو. جيئري ڪي خواب ۾ مئل ڏٺو ويو ۽ جنهن ڪانگ جي اوبر ڪاڌي. انهن سڀني حالتن ۾ عمر وڏي ٿيندي.

چمار ننڍي ٿيڻ جون سونسائي ڳالهيون:

ستل ماڻهوءَ کي اورانگهبو يا ستل ماڻهوءَ مٿان ڪاڌي پيتي جون شيون ٽپائبيون ۽ اُهي شيون جيڪي بہ ماڻهو ڪائيندا انهن جي عمر ننڍي ٿيندي.

اڏاوتن جا سَنوڻ:

اربع جي ڏينهن اڏاوت جو ڪم شروع ڪجي، چپ چپ سان نہ لڳي، ان ڏينهن تي اڏاوت لاءِ ڪاٺ وڍائجي ۽ چيرائي ڪم آڻجي. جيڪو ڪاٺ اگاري، ڇنڇر ۽ آچر جي ڏينهن تي وڍائبو ان کي اڏوهي نہ لڳندي، نڪي سرو ڪائيندو. جاءِ نهرائڻ جي بنيادن کي ڪڏهن بہ پوئتي هٽائي نہ ڪٽائجي. نہ تہ گهر جا ماڻهو ڪِنڻ لڳندا.

ڪوھ جي چڪ جا سَنوڻ:

چڪ کي ڪوھ جي تري ۾ لاهڻ ڪان اڳ جُڄَ پت ڪن. چڪ کي ڳانا موڙ ٻڌي ماڻهن کي پت ڪارائي رڄ ڪن. اها خوشي پوري ڪري پوءِ چڪ کي ڪپڙي جي چولي چاڙهي (ڪفن) ويڙهي، پوءِ ڪوھ ۾ هيٺ لاهين. ان لاءِ چون تہ اها واري ٻاهر ڪانہ نڪرندي هميشہ لاءِ مري ويئي.

دانگيءَ يا تئي جا سَنوڻ:

انهن کي خالي چلهہ تان لاهي هيٺ رکبو تہ پٽيندا. تنهنڪري پچاڙيءَ واري ماني جي پچڻ تي اُن سميت لاهي هيٺ رکن. پوءِ ماني ڪڍي وٺن.

ڪپڙن ڌوئڻ جا سَنوڻ:

ڪني ۾ ٺهڪندڙ ڪپڙن کي لوھ جي سيخ يا چمٽي سان اُٿلائبو تہ ڪپڙا ڌوپي اڇا ڪين ٿيندا. ٺهڪندڙ ڪپڙن ۾ ٽڪ وجهبي تہ اڇا ٿيندا.

آچار يا سانڌاٽي جا سنوڻ:

رات جو ٻتي جي سوجهري تي سانڌاٽو ٿانءَ مان ڪڍبو نہ تہ روشني پوڻ سان ڪِنو ٿي ويندو. ميري مٽي واري ماڻهوءَ جي سانڌاٽي واري ٿانءَ تي نگاهہ پوندي تہ بہ خراب ٿي ويندو.

ويسارو ڏيڻ جون سونسائي ڳالهيون:

جي وهنجندي پيشاب ڪبو تہ ويسر ٿيندي. اُنن جي قطار جي مهارن هيٺان لنگهي وڃبو تہ بہ. تربتن تي رکيل سرون (مصلي يا ڪتبا) پڙهبا تہ بہ؟

نقصان يا نياڳ واريون سونسائي ڳالهيون:

گوڏا يا جوٺون اونڌيون ڪري ويهڻ. ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي سمهڻ. جتي پير ۾ پائي سمهڻ. جوان مڙس جو ڪانپ ڪڍي ويهڻ. رات جو سائو وڻ وڍڻ. هيڪلي وڻ هيٺان ويهي کائڻ. سُهائي سومار ڏينهن سهاڳڻ زال جو تيل ميٽ پائي وهنجڻ. ٽي مانيون يا ڪي بہ ٽي شيون گڏي ڪنهن کي ڏيڻ. پير سان پينگهو لوڏڻ. جتي سان ڪٽ تي چڙهڻ يا تڏي تي ويهڻ. آگرين مان ويهي نڪاءِ ڪڍڻ. پوڪر ڪرڻ. پير پير تي. پير گوڏي تي رکي ويهڻ. ڏند چڊا نڪرڻ. (ننڍڙي ٻار جي مٿي کي ڦٽي ڏبي تہ ڏند چڊا نڪرندس) مٿي جي سينڌ ۾ اُبتي پوئري (وارن جو چڪر) هجڻ. چانئٺ تي چڙهي ويهڻ (ان لاءِ چون تہ قرض ٿو لهٽي ڇا) رات جو پڳڙا ڪائڻ. ڪتي جو رات جو اوناڙون ڪرڻ. چون تہ رات جو آسمان مان آفتون لهنديون ڏسي اوناڙو ٿو ڪري. رات جو ڪپڙا ڌوئي سڪڻا وجهڻ. پنڌ ويندڙ ماڻهوءَ جي پيرن جي نپي تي پير رکي هلڻ. ڪتي جو گيسيون ڏيڻ (ان جاءِ تي پاڻي هاري ڇڏين) مانيءَ جو گهٽريندي ٽٽي پوڻ. ان لاءِ چون تہ بچڙي خبر ملندي. جنهن کي وهاڻ نہ ملي يا ڏنڊو نہ لڳي، ان کي بہ نياڳو سمجهن. ابتي هٿ جي ننهن سان مٿو کنهڻ. ماديءَ ڪڪڙ جو بانگ ڏيڻ، ان کي کهي ڇڏين. اربع ڏينهن اتر طرف وڃڻ. خميس ڏينهن ڏکڻ پاسي لاڙ يا ڪاچيل ڏي وڃڻ. رات جو ڪٽ اُيي ڪرڻ. جمعي ڏينهن واڍڪو، رازڪو ۽ موچي کو ڪم ڪرڻ. رات جو ٽوبو ڏيڻ. جَهل پوندي بہ اهو ڪم ڪرڻ. منهن تي باني (چٽ) وارو وهٽ ونڻ. اٺيهين تاريخ نحس تارو زمين ڏي ٿو لڙي، ان ڏينهن جو نيڪ ڪم جو سعيو ڪرڻ. رات جو ڪانگن جو لنوڻ. جتي لاهڻ سان پادر جو اونڌو ٿي پوڻ. خالي ٿانءَ يا دلي جو سامهون گڏجڻ. دڪاندار جو ٻنان مُهٽيءَ جي صبح پهر اوڌر ڏيڻ.

جيڪا زال ٽين تاريخ رات جو اُپ ۾ تارا ڏسندي، ان تان اُهو سڄو مهينو بدنامي، خواري، گلا ڪانہ لهندي. نياڳي ماڻهوءَ جي لاءِ چون تہ اُن جي ڪڙي ڏنيي ڇڏجي.

ڪم نہ ٿيڻ جون سونسائي ڳالهيون:

ملهاري يعني ملهاري پکيءَ جو آواز صبح جو جيئن کي ساڄي طرف کان ٻڌڻ ۾ آيو تہ ڪم ڪونہ ٿيندو. تتر، ساڄي پاسي تنواريو تہ. نيراٽي، ڪاٺي ماٺهوءَ تي نظر پئي تہ، صبح سان شيرو ماٺهو سامهون مليو تہ. (اهڙي حالت ۾ انهن کي پٺيان ٻجو ڏين) ويندڙ ماٺهوءَ کي ڪنهن پٺيان سڏ ڪيو تہ ان لاءِ چون تہ ڪيس ٿورو ترسي پوءِ وڃڻ گهرجي. گڏھ اوچتو هينگ ڪئي تہ. چڪ يا نڇ آئي تہ، اڳيان ڪاري ٻلي، سهو يا گدڙ لنگهيو تہ، گدڙ جي نالي وننڌي، ڪو گدڙ اچي مٿيو تہ بہ ڪم ڪونہ ٿيندو.

جي ڪنهن جو ڪم نہ ٿيندو ٻڌندا آهن تہ چون تہ ”گرھ آڏا آيا اٿس“.

ڪم ٿيڻ جو سونسائي ڳالهيون:

ڏائي ٻولايو تہ يعني ميٺي (ڪابي) پاسي کان ملهاري ٿي تہ ۽ ڪبي پاسي کان تتر تنواريو تہ.

ڪم ٿيڻ لاءِ چون:

ڇنڇر ڏينهن ڇيھ نہ ڪجي، آيرندي آچار،

بہ پهر جمعي جا تون ويهي گهر گذار،

تہ قادر تنهنجي ڪار، حاصل ڪندو حاج پئي.

بہ چڪون يا نچون گڏ آيون تہ، گهوڙي ڦونگهارو هنيو تہ، ڳالھ وسريل ياد آئي تہ، اهي ڪم جلد ٿيندا.

سياڳ جا سَنوڻ:

ڏينهن ڏني جو گدڙ اونائي يا ڪيڪراٽي ڪئي، سبتي پوئر مٿ جي سينڌ ۾ هوندي تہ. گنج ڪتل بہ، جمعي جي ڏينهن يا رات جو پڳڙا خاص طرح ڪائڻ ڪري بہ. آچر، جمعي، سومر ۽ اگاري تي نوان ڪپڙا پائڻ بہ. دروازي اڳيان گپ جو ٿيڻ. ٻار کي اربع يا خميس ڏينهن پڙهڻ ويهارڻ. پوليس کي جاچ ۾ نڪرندي اڳيان جنازي جو ملڻ، سياڳ جون نشانيون آهن.

مهمان اچڻ جون سونسائي ڳالهيون:

ٻلي پيرَ چٽي پنهنجي منهن تي گهمائيندي تہ مهمان ايندو. ڪتو گهر اڳيان ليٽڙيون پائيندو تہ بہ. ڪيانتو يا ڪانگ لوَندو تہ بہ. گراھ مانيءَ جو هٿ مان ڪري وڃي مانيءَ مٿان پوندو تہ پڻ. مانيءَ گهڙيندي مانيءَ جو ڪو پاسو

وڏي ڇپو ٿيو تہ پڻ. گراهہ ڪائيندي اپاڪي (اوچتو) آگر ۾ چڪ ڪپي ويو. ڪڪڙ ڪنپ ٿيڙي وجي اُس ۾ ٻرجي ليٽي پئي تہ بہ مهمان گهر ۾ ايندو.

چون تہ ڪي بہ ٽي ڄڻا گڏجي ڪٿي مهمان ٿي نہ وڃن، نہ تہ ان گهر تي مصيبت نازل ٿيندي. چوٿون ماڻهو پاڻ سان ٻوٽ جو ونبي پوءِ ڪنهن جي گهر ۾ وڃجي.

مهانگ ٿيڻ جون سونسائي ڳالهيون:

گهوٽ سيج تي ڪلندو. تئو يا دانگي ڪلندي يعني ان کي هيٺ لاهڻ ڪان پوءِ بہ هيٺيون پاسو چٽگون ڇڏيندو. ڪپڙي جي تند ساڙبي تہ ڪپڙو مهانگو ٿيندو.

گلا جا سَنوڻ:

مَڪ منهن متو ويني پٽيندي يا ڪٽيندي تہ گلا ٿيندي. زبان ۾ اوچتو چڪ لڳي ويو تہ بہ، پير جي پپ ۾ ڪئي (خارش) ٿي تہ پڻ. باهہ پڙڪو ڪري ٻرندي تان پڻ گلا پئي ٿيندي.

مسافري ڪرڻ جا سَنوڻ:

جتي لاهيندي پادر پادر تي چڙهي پيو تہ مسافري ڪرڻي پوندي. پير جي ترِيءَ ۾ خارش ٿي تہ بہ. پير جي ترِيءَ ۾ تر هوندو تہ اهو ماڻهو سدائين مسافري ۾ هوندو.

ڳالهہ جي سچائي جي ثابتيءَ جا سنوڻ:

ڳالهہ ڪندي ڇڪ آئي تہ ڳالهہ برابر سچي آهي، ۽ جي مٿان ٻانگ آئي تہ بہ ڳالهہ سچي آهي.

بڪايل هئڻ جون سونسائي ڳالهيون:

سونارو، سون توريندي ذرو ذرو وڌائيندو رهندو ۽ مٿان ڇٽي ڏيندو تہ اڙي نيرانو آيو آهين ڇا؟ ماني، دانگي يا تئي تي آيماڻ لڳندي تہ آيل مهمان گهٽي بڪ هئڻ ڪري پائنبو آهي.

عجيب غريب سونسائي ڳالهيون:

هٿ جي ترِيءَ ۾ خارش ٿيندي تہ ڪٿان پئسا ملندا يا ڪنهن کي ڪينڪاربو. جي اوچتو ڪنهن ڪنهن جي نالي تي ڪنهن کي سڏ ڪندو ٻڌو ۽ ٻاهر نڪرڻ تي ڪا پهر ڏسڻ ۾ نہ آئي، تہ چون ڪنَ ٿا وڄنس، قبر پئي ڪونيس. گهٽن ڏينهن ڪان پوءِ ڪو دل گهريو ماڻهو اچي تہ چون تہ دلو يا مٿ

پڄو. صبح مرداني ڪنهن جي ٻہ ڪنهن ڪوڙي نهيل زيور تي نگاهہ پئي تہ ڇڻ سوا سير ڪرفتيءَ جو ڪاڏائين. سڄي چمار ۾ جي ڪنهن سوا مڻ سوئڙي جو اکين ۾ وڌو تہ ڏينهن قيام جي پُڇاڙو ٿيندس. ڇِپ، ڇبري يعني گگهر پڪي جو جتي بہ پاڇولو پيو تہ اُت سڄ ٿيندي ۽ جتي وينو تہ ست پاڙا ڦتائيندو. همان پکيءَ جو جنهن تي پاڇولو پوندو، سو بادشاهہ ٿيندو. گدڙ ڏينهن جو اونائي ۽ ڪانءُ رات جو ڪانگيرو ڪري تہ ڏڪار پوندو يا ملڪ جو بادشاهہ بدلبو.

سنجهي يعني اوائلي رات ۾ ڪڪڙ جي ٻانگ ٻڌڻ ۾ اچي، تہ پڪ ڪتي ڪو قضيو (ماڻهو مئو) ٿيو آهي يا ڪا چوري ٿي آهي. ڪو ڪوڙو افواهہ اُتي چون "ڪنهن جي گهوڙي ويا ئي آهي يا ڪنهن جي ڪنڪُري آهي (نيروٽي ماڻهو اڳي ڪن مان ڪپڙا ٻوڙي نيرا يا ماوا ڪندا هئا).

چونِ انسان جي بدن ۾ هڪ سوئَر وار ٿيندو آهي. ان لاءِ جي ستاويهن تاريخ ماهہ رمضان، قدر جي يا نائين تاريخ ماه ذوالحج جي اَسر جو يا صبح جو سوير اُٿي وهنجبو تہ اهو وار پسندو ۽ پنهنجي نحوست ڇڏي ڏيندو. ٻي صورت ۾ هر ڇڳي ڪم جي لاءِ اڳ ڦرندو رهندو. جي مٿين تاريخن تي وهنجي وڃي ٻير جي وڻ ڪي ڏوڙبو تہ جيترا پن ڪرندا اوترا گناهہ ميسارجي ويندا. تر جي ٻاسي جدا وهمي ڳالهيون آهن[1] .

---

[1] تر پاڳي جي پِرمن جون ڳالهيون:

هڪڙي زال ڏاڍي وهمي هوندي هئي. ان جي پٽ کي ٿي سال ٿيپ آئي. مائي ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائي، پلا وهمي جو ٿي! آخر ڳوٺ وارن پاڻ ۾ صلاح ڪري سندس چوٽري جي پِر ۾ ويهي رهاڻ ڪري انت ورتو. هڪڙي چيو تہ هن مائي جي پٽ کي بہ ڏهہ سال سزا لڳي هئي. مائي يڪدم چيو تہ ايندي سندس دشمنن کي. وري ٻي چيو تہ ڏهہ نہ باقي ست سال پڪ آئي اٿس تڏهن بہ مٿيون جواب ڪيائين. آخر جڏهن ٽن سالن تي اچي بيٺا تہ چيائين تہ مڙس جو پٽ آهي، ڪمائي ايندو. بدسنوڻ سمجهي انگ ٽي ٻڌايائين. هڪڙو چاچو ۽ ڀائٽيو چوريءَ تي رات جو وڃٽا هئا. پر سنُوڻ سڦلو ٿيڻ تي وڃڻو هون. سو ڇا ڪيائون جو دلي جو گانگهو ڪبڙي ۾ ٻڌي ويهي چاچو ڏسڻ لڳو تہ جي ميٺو پکي ان مان وڃان لنگهي ويو تہ وار بہ ونگو ڪونہ ٿيندو. اتفاق سان چاچو ضرورت لاهڻ لاءِ اُٿي ويو ۽ ڀائٽي کي سنڀال ڪرڻ لاءِ چيائين جڏهن موٽي آيو تہ هن ٻڌايس تہ ميٺو برابر اُڪري ويو آهي.

پوءِ ٻئي چوريءَ تي ويا. هڪڙي شاهوڪار جي چوٽري ۾ گهڙي سامان ڪنيائون. اوچتو گهر جي ڌڻين ڪي سجاڳ ٿي "چور چور" ڪيائون. چور سامان ڇڏي پِر ۾ ڇاپرو پيو هو ان جي هيٺان لڪي ويٺا. ماڻهو رات جو ٻتيون ڪٽي هنن کي ڳولڻ لڳا. چاچي ڀائٽي کان پڇيو تہ سچ ٻڌائي تہ ميٺو لنگهيو هو يا نہ؟ جي تو کي شڪ هجي تہ پڄي جان ٻچايون. پر ڇوڪرو چوي تہ ويهہ ويسا لنگهيو آهي. چاچو چوي تہ جي لنگهيو آهي تہ پوءِ پاڻ کي نڪو لَهرَ نڪو لوڏو. تان جو يڪدم هڪڙو ڪڪر وسڻ شروع ٿيو. ٻتيون وسامي ويون ماڻهو پسي ويهي رهيا چور هليا ويا. (3) ٻڪيرن وارن غوثيہ پيرن جا مريد تر واري ٻاڳي ۾ آهن. انهن کان ڏن پَٽَ، چاليهو فرائضہ وٺڻ لاءِ سيڪڙڪن ۽ سدائين مسافريءَ ۾ هجن. انهن مان هڪ وڏي پير ڳالهہ ڪئي تہ: (هلنڊ)

ٻيون عجيب سونسائي ڳالهيون:

پاروٿو طعام ڪائبو تہ هنيانءَ انڌو ٿيندو. پوئنر گهر ۾ اُڏامندو ڏسي اُن ڪي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي ڀڄائين، ڇون تہ مئل مائٽن جو ڀٽڪيل روح آهي. نئين خريد ڪيل ڪڪڙ ڪي گهر جي چلهہ مٿان ست ڀيرا ابتا سبتا گهوري پوءِ ڇڏين، ڇون تہ هاڻ انهيءَ گهر ڪان سواءِ ٻئي پاسي جي سونهين ڪا نہ ٿيندي. ڪنهن پير جي مريد ٿيڻ واسطي وارن جي پيشانيءَ وٽان ڇڳ ڪترائين، ان ڪي "ڇڳ وڍيو" مريد ڇون. پنهنجي پاڇولي ڪي هر هر ڏسبو تہ ماٺهو ڇريو ٿيندو.

آءُ نوڪرن خادمن سان هڪڙي ڳوٺ ۾ وڃي لٿس. رات جو ڪچهري ٿي. اتي برسات وسڻ جون ڳالهيون نڪتيون. هڪڙي ٽريي ڳالهہ ڪئي تہ ڳوٺ ڪان ٻاهر هڪڙو پٽر پيل آهي. اهو جڏهن گهمبو آهي، تڏهن مينهن جا نارا نئي پوندا آهن. اسان جي ماڻهن مان هڪڙو ڄڻو ٽريي ڪي ڪوڙوڪرڻ ۽ ان جي وهم وڃائڻ لاءِ رات جو اُٿي وڃي ان پٽر مٿان پيشاب ڪري اچي سمهي رهيو ۽ اها ڳالهہ رڳو مون ڪي ٻڌايائين. صبح جو اسان ٻيءَ منزل تي وڃڻ واسطي سنبرياسين تہ اهو ٽريو ڊوڙندو آيو ڇيائين تہ ميان صاحب! پڇڻو هجيوَ تہ پڇو پٽر گهميو بيٺو آهي، مينهن اڄهو آيوڪ آيو! اسان هن کي ڇيو ادا، تون نيڪ ٿوڇوين، اسين پيا مينهن ۾ بہ ويندا سين. دل ۾ هن جي پورائيءَ تي کلي رَهيا هئاسين. هو ڇوي ٻڇين! گهيرَ نہ ڪريو. وهٽن ڪي ٽڙيو هن سيم مان نڪري وڃو. پوءِ اسان وهٽن تي چڙهي سڌ پنڌ مس ڪيو تہ اوڙاڪون اوهيرا ڪري نيئي پيون. پڇي پٽ تي پياسون چار ڪوهہ پورا اهو مينهن اسان جون مٽيون منجهائيندو رهيو. مرڳو حرڪت مان برڪت ٿي پئي. (4) مرحوم مولوي قادربخش شيخ اسان جي استاد ڳالهہ ڪئي تہ: آءُ گبڙي ۾ ماستر هوس. بدلي ڪرائڻ لاءِ صبح جو اُٺ تي چڙهي گبڙي جي اسٽيشن تي گاڏي پڪڙٽي هيم جو ڪراچي وڃي اي - آءِ صاحب کي روبرو عرض ڪري حيدرآباد ضلعي ۾ پاڻ ٽرانسفرڊ ڪرائڻو هئم. جيئن اُٺ تي لانگ ورايم تہ ڪابي پاسي ڪان گڏهہ هينگيو. اها هينگ ٻڌي ٽريي جت ڇيو تہ سَنوڻ سٺو آهي. سائين، تون وڏي نصيب وارو آهين جنهن ڪم لاءِ نڪتو آهين تنهن ۾ تنهنجا ٻئون ٻارهن آهن. موڙ پڇيس سو ڪيئن؟ ڇيائين سوار ٿيندي، جي ڏائي طرف ڪان گڏهو ٻولي تہ ڦاسيءَ تان بہ ماڻهو لهي اچي.

پوءِ ٿيو ائين جو آءُ درخواست ڪٽي آفيس ۾ ويس تہ نهہ پهہ منهنجي بدليءَ جو آرڊر ڪري ڏنائون. هينگ تي تہ منهنجو اعتبار ڪونہ هو، ڇو تہ سڀ ڪم پاڻ مُسَببُ سبب الاسباب ٿو ڪري پر ٽريي جت ڪي بہ جس هجي جنهن حال في الحال دلڏير ڏيئي ڇڏي!

پرم نہ رڳو ايتري ۾ ختم ٿي ويا پر روزانہ نت نوان وهم، سنسا، شرڪ، وسوسا اڀرندا ٿا رهن. ڇو تہ اڄوڪي انسان جو ٽوڻن، ڦيڻن، مندن، منترن جنترن، جهاڙن جهپن ۾ ڀروسو ٻجهندو ٿو رهي. هٿن جون ريکائون ڏيکارڻ، خوابن جي ويچائڻ (تعبيرن) تي اعتبار ڪرڻ، مندين جي ٻڙن سان قسمت نهڪائڻ [انهن پٿرن ۾ عقيق، مرجان، نيلم، پکراج، زمرد، لعل، ياقوت، هيرو، فيروزو وغيره اچي ٿا وڃن] آسمان جا ستارا يا گرهہ پڇڻ، پوٿيون پٽائي ڏسا سول پرکڻ. فالون وجهائي نحس، سعد ساعتون ڪڍائڻ. وارن جي پوئرين مان تياڳ سياڳ سمجهڻ. ترن ۽ هنس مان نيڪ بختي ۽ سياهہ بختي معلوم ڪرڻ. طلسمي يا مقناطيسي منڊيون، ڪڙا ۽ پٽا پائي بيماريون روڪڻ ۽ انهن ڪمن جي پوٺتان بي انداز رقمون ريلڻ اهي سڀئي سنسن ۾ شامل آهن. اجا بہ الائجي ڪهڙيون ڪهڙيون پرکون ۽ حيلا وسيلا هلندا. خدائي بهتر ٿو ڄاڻي! مردن ڪان وڌيڪ زالن جو حصو گهڻو ٽٽو ويساهہ وسوڙيل آهي. سدائين پير فقير، ملا موسڙا پيٽنيديون وتن. هن سائنس جي زماني ۾ بہ وسوسائي ماڻهن جي وڏي مت ڇوٽ چڙهيل پئي ڏسجي. الله هڪڙي کي ڇڏي، ماڻهو مڪرن، ٽيڪڙن، ٽڻ ٽڪاڻن، ٽوڳي ٽولن. ٽوڻن ٽوٽڪن جي پوٺتان ڦيريون پائيندا وتن! الله سائين شل ايمان بخشي! آمين! (ليکڪ)

تارو اُڀَ ۾ ڪڙي تہ چون، "شيطان ڪي اُماڙي پيا لڳن". سنجهو تاري پوءِ ڪيڏانهن پنڌ نڪرجي، نہ تہ پنڌ وڏي پوندو. چون زال ذات ۾ عقل ڏائيءَ ڪڙيءَ ۾ آهي، سچ لئي ڪان پوءِ اهو بہ ڇٽ تي ويندو اٿس.

جمعي جي ڏينهن پڳڙا نہ ڪائبا تہ ماڻهو قرضي ٿيندو. چانڊوڪي رات ۾ کير اگهاڙو ڪري ڪين رکن، جي اتفاقي مٿس چنڊ جو سهائو پيو تہ کير مان آگريون ہوڙي چنڊ ڏانهن ڦڙا اُڇلين، چون تہ کير تي ضرور پرين جو پاڇولو پيو هوندو. سامهون کو کير کڻي ويندڙ گڏبن تہ ان کان تري تي سرڪي ونئي چسڪين. پاڳيا ماڻهو پلجي کير يا پس ڪونہ کائين. چلهہ ۾ پاڻي هارڻ سان ماڻهو قرضي ٿيندو. چوڻي:

ٻئيهہ منڊ منڊي ۾، اسيءَ ۾ ڪاٺو،
شيرو شرارتي ٿئي، ٻاڏو، ٽيڏو ٽاڏاٽو،
گنجو گرو ساماٺو، تہ مڙني کٽي ماٺ ڪئي.

هٿ جي تريءَ ۾ تر هوندو يا خارش ٿيندي تہ پئسا جام پيا ملندا. جنهن کي پير ۾ پدم (پير جي اها ريکا يا ليڪ جا آڱوٺي ۽ شامل آڱر جي وچ کان نڪري سڄو پٻ اُڪري پير جي پيٽ وٽ اچي ختم ٿيندي آهي) هوندو، اهو سگهو ئي شاهوڪار ٿيندو. جنهن ماڻهوءَ مان بيزار ٿجي، ان جي ٻاهر نڪرڻ تي، ڏوڙ جي چپٽي کڻي پنيان اڇلجيس. گوشت رڌيندي نہ ڳري تہ ان گوشت جو هڏو ڪڍي چلهہ ۾ ساڙجي، ڪتو پونڪي تہ پوندو ڏجيس تہ ماٺ ڪندو وري نہ ڀهندو يا چئجي:

لام تر، چار ڪرف، پنجون پيچ، ڪتا! تون ڪيچ.

خالي مٽ يا دلو رات جو گهر ۾ نہ اٿجي. ڪوري دلي يا مٽ جو پاڻي ڀهريائين ڇيڙاڪ طبع جي ماڻهوءَ کي پياربو تہ پاڻي پيو ٺرندو. ڪٽ تي نماز پڙهبي تہ ماڻهو پولڙو ٿيندو. ڪاري ۾ ويهندڙ پولڙو ٿيندو. سياريءَ جي رات جو ڪپهہ جو ٻُڙو مٿي ڪڏ تي رکي ڇڏين، صبح جو اُتي ڏسن جي گهميل هوندو تہ سال سنو ۽ سڪار وارو ٿيندو. جي سڪل هوندو تہ ڏڪار وارو ۽ ڏکيو سال گذرندو. ڪکڙ مک بدن تي ويهنديَ تہ بہ سال سنو ٿيندو. ٻار جي اک جي ٽيڏاڻ ڪيڻ لاءِ ہرندڙ ڏيئي ۾ ڪوڏي وجهي ڇڏين. يا نٽڙي ٽوپي ڇڏين. ڳوهيري جي چڪ جي زهر نڪرڻ واسطي چون تہ ست ڦيلهيون ڪرفتيءَ

جون ڪاٺيون پونديون. چمڙو جي چڪ هٽندو تہ تيستائين وات ڪونہ ڪيندو جيستائين ڪو ڪارو گڏهہ هينگ ڏيندو. بصر وڍيندي ان جو پاڻي اکين کي تکو لڳي تہ چون "مالهيءَ قُوس ڏئي پوءِ بصر پوکيو آهي."

ليمي جي نالي ونڻ تان داوا قوم چڙيو پوي؟ ماڪيءَ تان حجام؟ ڪنڌ تان ڪنيار؟ واڳڻ تان واڍا؟ مُڱن تان مگڻهار؟ گهر مان ڪو ياتي ٻاهر پري اُسهيو تہ تيستائين گهر مان ٻهارو ڪونہ ڪين، جيستائين وري خير سان موٽي اچي؟ چون تہ هٿ يا پير جو ننهن ڪنهن جي گهر ۾ ڪري پيو تہ ان جو جهڳو ٿي ڏوٻي ويندو؟ ٻلو يا ٻلي ماربي تہ ست ورهيي پوندي يعني ست سال گهر جي ڏسڻ ڪان اهو ماڻهو وانجهو رهندو؟ اُٺ جي ٽٽ تان ڪلبو تہ هسا نڪرندا. جنهن ماڻهوءَ جي اکين جون ماڻڪيون پيليون هونديون، سو ڪڏهن بہ ڪنهن سان وفادار نہ رهندو. ٻندري کي شيطان ۽ ڊگهي کي بيوقوف شمار ڪن. چون تہ ٽٽيهر پکي رات جو ماڻهن جا ٻچا تو پٽي يا پاراتا تو ڪدي.ان جي ٻولي ٻڌي چون تہ :

ٽٽيهر آنا پٽ ۾ پر ٻچائڻ وارو تون!

جهيڙو ٽيڻ يا نہ ٽيڻ جا سَنوڻ:

ڪانولي، ڪنهن گهر مٿان ويهي ٻوليندي تہ اُن گهر ۾ جهيڙو ٽيندو. ننهن ڪنهن جاءِ ۾ ڇڏبا تہ اُتي جهيڙو ٽيندو. جهرڪيون ۽ ڪبرون جي پاڻ ۾ وڙهن تہ ضرور ڪٽي جهيڙو ٽيندو. ڪرهہ ڪڪڙي جنهن کي ڪڙهہ ٽندڻي بہ چون، اها ڪٽي اچلبي تہ بہ. ڪُتي ويهي چيڙو يوربو تہ بہ. هڪڙي جي ڦٽي ٻيو بنا موڪل جي مٽي کي ڏيندو تڏهن بہ. ڪنجون ڪڙڪائيبيون، چمٽو وڄائبو تہ بہ . سيڙهہ جانور جو ڪنڊو ڪنهن گهر ۾ اچلابو تہ بہ انهن ۾جهيڙو لڳندو. ڪنهن گهر ۾ مڱَ اچلبا تہ ماٺ ٽيندي.

مرڻ ۽ مئل ماڻهو جا سَنوڻ:

ڏائڻ ماڻهن جا هنيانءَ ڪڍي ڪائيندي آهي. ڏائڻ وڌ گهراڻي زال يا ڪا سوناري ٽيندي آهي. جنهن گهر ۾ ڏائڻ پيدا ٿي تہ اتي هاتار يا چراخ پاڻهي اچي نڪرندو. ڏائڻ جي اکين ۾ ماڻهو جي شڪل ابتي ڏسڻ ۾ ايندي يعني ٽنگون مٿي تہ ڳچي هيٺ هوندي. ڏائڻ هاتار تي چڙهي رات جو قبرستان ۾وڃي مئلن جا هانءَ ڪڍي تي ڪائي.

ڪلهي تي هٿ رکي بيهڻ سان ان جو ياءُ جلد مرندو. ڪنجهي جو وڻو يا ٽالهي وڄندي ٻڌي مٺا سيءِ اُتي ويهندا، سمجهندا ته قيامت اچي ويئي، ڪير پياڪ ٻار مرندو ته قيامت ۾ ماءُ جو اُرهه سونگهي اُن کي بهشت ۾ پاڻ سان گڏ وٺي ويندو. مٺي ماڻهوءَ کي ڪنهن وهٽ تي ڪاڻي ٻڌي ڪٽن ته ان وهٽ کي گهنگهر ويا ڇيرون گوڏن تي ٻڌن ۽ ڪنن ۾ ڪپاهه نوسي وجهن ۽ چون ته "لاشو هلندي تڪليف ڪان اهڙيون تو ريهون ڪري جو ماڻهو ڪونه ٿا ٻڌن وهٽن جا ڪن ڦاٽيو پون ۽ ونيون ٿهن. لاڙو ڪنهن موٽڻ، لاري يا مشنريءَ مٿان رکي ڪٽي هلبو ته ان جون ڪلون خراب ٿي ونديون. ڏڪ لڳڻ سان ڪو ساهوارو يا جانور ساٽو ٿي پوي ته منيون ڦوڪين، ڇو جو ساهه ورندس. هڏڪي ٿئي ته چون ته " ڪهن ياد ڪيو آهي".

فال وجهڻ جا ڍنگ:

شيءِ گم ٿئي ته فال وجهائين. بيمار جي چڱي ڀلي ٿيڻ جي لاءِ به ماڻهوءَ ۽ چوريءَ جي حقيقت لهڻ لاءِ به فال وجهائين.

1. فال جي لاءِ ڪتاب پٽائين. ڪتاب ۾ خانا نهيل هوندا جن ۾ احوال لکيل هوندو آهي. فال وارو، آيل کي اکيون پورائي دائري وارن نمبرن تي هٿ رکائيندو، پوءِ نمبر وارو احوال پڙهي ٻڌائيندو.
2. ڌرتي تي ليڪا ڪڍي، اهي ليڪا اِڪي - ٻڌي ڳڻي، پوءِ اٽڪل تي انهيءَ جو مطلب ٻڌائين.
3. فال وجهندڙ زال، پنهنجي ٿي ٻانهن جي نريءَ تي، نونٽ ڪان وچين آڱر جي چوٽيءَ تائين هينءَ چئي ٻاڙيون مئندي "سچي بيبي فاطمه، سچو علي شير" پوءِ ڏڪي تي مطلب سٽائيندي.
4. ننڍڙي ٻي سمجهه ٻار ڪان سوال پڇندا، ويل ماڻهوءَ بابت ته "فلاڻو اڪيئين ڪي ڪنين؟" يعني ويجهو آهي پري؟
5. پٽ لنبي ان تي گول ليڪو ڪڍي، پوءِ ان جي مٿان آڱر جي ٽيڪ سان ڏوئي جهلي بيهن، پوءِ ڏوئي جنهن پاسي لاڙو ڪندي ته ناهيل مطلب، ماڻهوءَ جي حالتن پٽاندڙ ڪٽي ٻڌائي خوش ڪندس.
6. اکيون پوري ٻنهي هٿن جي وچين آڱرين کي پاڻ ۾ ملائين. جي مليون ته چڱي خبر، جي نه مليون ته بد خبر.

7. تسبيح، تريءَ مٿان اُبي جهلين جنهن پاسي لوڏو ڪائي تہ اهڙو بيان ڪري ٻڌائين.

8. نڪر جو ڪورو ڪوئنرو پاڻيءَ سان ڀري منئي ۾ ٻندي کي ڏيڻ سان بندي ڪري. پوءِ منئي واري سوراخ ۾ مشڪوڪ ماڻهن جا نالا پني تي لکي وجهي، منئي واري ڳرڻ اشهد آڱريون ڏوڙيون ڪري انهن تي ڪوئنرو مٿي ڪٽندا ۽ چور جو نالو ايندو تہ ڪوئنرو وني تڪڙو ڦرڻ لڳندو.

عضون جي ڦڙڪڻ يا ڦرڻ جا سنوڻ:

چون تہ مرد جي ڪبي ۽ زال جي سڄي اک ڦڙڪندي تہ چڱو سَنوڻ آهي. ڪلهو ڦڙڪندو تہ ڪنهن نئين آيل ماڻهوءَ کي ڀاڪر وجهبو. چپ ڦڙڪيو تہ جهيڙو لڳندو. سٿر ڦڙڪي تہ ملاقات ٿيندي.

اک جي ڦڙڪي بند ڪرڻ جي لاءِ مسجد جي نُک جو ڪک ڇِني اک تي رکن. ڪنهن ڪاٺي ماڻهوءَ ڪان اک تي هٿ گهمارائين.

پارس ۽ سونَ جون ڀرمي ڳالهيون:

ڳِجهہَ ۽ سرڻَ جي ٻچن جون اکيون سون ڏسڻ ڪان پوءِ کلنديون آهن. اهي ڪٽان نہ ڪٽان سونُ آڻي آکيرن ۾ رکنديون آهن. چانهہ ۽ ڦوسي پکيءَ جا آنا تڏهن ڦٽندا آهن، جڏهن اُهي پارس پٿر آڻي آنن سان ڇهنديون آهن.

عربستان ۾ ٻڪرار پنهنجين ٻڪرين جي کُرن ۾ لوهہ جا نعل هٽي ڇڏيندا آهن. ڪنهن ڏينهن اُهي نعل سونا ڏسڻ ۾ ايندا آهن سبب تہ عربستان جي ريتيءَ ۾ ڪٿي ڪٿي پارس جا ڪٽان پکڙيل آهن.

حيدرآباد ضلعي جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ ڏوئڙن هنگورن جون ماڙيون مشهور هيون جي هاڻ ڍهي پٽ ٿي ويون آهن. انهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هنگورن جو ڪو زميندار سرڪاري ڍل ڀري نہ سگهيو ۽ کيس گرفتار ڪري حاڪمن جي روبرو سپاهي وٺيو ٿي آيا. رستي ۾ گنجي ٽڪر جي پاڙ ۾ ان سپاهين کي روڪي پيشاب ڪرڻ جي اجازت گهري ۽ هڪڙي ٽونگڙي ۾ پيشاب ڪرڻ لڳو. اوچتو ان ٽونگڙي مان هڪ ڀٽون نڪري آيو، جنهن کي لت هٽي مارڀائين تہ ان جي پيٽ مان چمڪندڙ ڪڻ نڪتي جا ڪٽي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيائين. سندس ڪيسي ۾ کي ٽامي جا سڪا پيل هئا. شهر ۾ پهچڻ تي بيڙين وٺڻ لاءِ جهڙا پئسا ڪيسي مان ڪڍيائين تہ سڀ سونا ڏسڻ ۾ آيس. سونارن کي ڏيکاريائين جن صفا سونُ چئي کيس ان جي رقم ڏني، جا خزاني ۾ ڀياري اچي ڳوٺان نڪتو. ڳوٺ ۾ ماڙيون محل نهرايائين ۽ چڱو وقت گذارڻ لڳو. نيٺ جڏهن

پاڻ کي موت جي قريب ڏٺائين تہ اهو پارس پٿر ساڻ کڻي بيڙيءَ ۾ چڙهي ڳوٺ جي ٻاهران ڍنڍ ۾ اڇلي ڇڏيائين ۽ اها ڳالهہ سربستي پنهنجن پونيرن کي ٻڌائي مري ويو. سندس مرڻ کان پوءِ سندس وارثن ڍنڍ جو پاڻي سڪارائي مٽي ولارائي، پرڻ مان ڇاڻائي مگر پارس پٿر وري هٿ نہ آيو!

سون ٺاهڻ جو مهوسين وارو نسخو:

دنيا ۾ سون جون کاڻيون آهن، سون انهن مان مٽيءَ گاڏڙ حالت ۾ ملي ٿو ۽ پوءِ ان کي ڪوٺارين ۾ وجهي، آڻي صفا سون ٿو بنائجي. جتي سون ليپي ٿو اتي هڙتال، شنگرف، پارو، هيراڪس، اولاسار يا نوشادر، ٽامو، چاندي، مارشيشا پڻ لين تا. انهن کي جڏهن گرميءَ جو مقرر درجو رسي ٿو، تڏهن منجهائن ڪي ڳريو وهڪرو ڪريو وجيو ٻين سان گڏجن ٿيون ۽ سون ٿيو پون. تنهنڪري مهوسي (سون ٺاهيندڙ) مٿين شين کي ڪوٺاري ۾ وجهي چرخ يعني ٻاهيون ڏيندا آهن. جيئن اهي رجي سون ٿين. ٽامي جو اڪسير ايريال يا ڪنوار ٻوٽيءَ جي رس ۾ يا سورج مکيءَ جي رس ۾ ”گِل حڪمت“ ڪن، پوءِ اهو اڪسير چاندي يا پاري سان ملائي ڪوٺارين ۾ وجهي چرخ چاڙهين، ۽ ائين چون تہ ”رڳو هڪڙي چرخ جي ضرورت اٿس، جوڙو تيار آهي. عمر گذري ويئي اٿن. ملڪيت پينگ تي ويئي اٿن، پر اهو ڳاڙهو جوڙو اڃا تيار ٿي نہ سگهيو آهي![1]

---

[1] سون: سون هڪ عنصر آهي، جنهن جو هڪ منفرد ايٽمي نمبر هوندو آهي، جڏهن تہ هن جا منفرد نيوٽران ۽ پروٽران نمبر آهن. انڪري هو سون آهي. ان ريت، ٻين ڌاتن جا بہ جدا جدا ايٽمي نمبر آهن. هن ڌرتي تي جيڪي بہ عناصر (Elements) آهن، تن کي نہ وڌائي سگهجي ٿو، نہ ئي گهٽائي سگهجي ٿو. ٿورن لفظن ۾ عنصر يا عناصر کي پيدا نٿو ڪري سگهجي. اهي ڪمپاونڊ ڪونهن. جيڪي ٻن يا ٽِن شين سان ملائڻ سان جڙندا آهن. عنصر جي اها خوبي آهي تہ ان کي جيترو بہ ونڊبو ۽ ورهائبو هو پنهنجي خاصيت ۾ اهوئي رهندو جيڪو هوندو. سون جو ذرو بہ سون هوندو آهي ۽ ان جي رتي، ماسو ۽ تولو وينڊي ڪلو تائين سون ئي رهندو. ونڊجڻ يا ورهائجڻ سان اها شيءِ مٽجي ٻي ڪا شيءِ ٺڄي سگهجي، انڪري سون کي پيدا ڪرڻ واري خواهشن ۽ شوق بي وقوفي کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪونهي. (نظرثاني ڪندڙ)

باب ستون

مرڻي جون رسمون

جياري جياري ماريندو، پر ماريندو بہ آلاجي ڪيئن؟

بيماري ۽ سڪرات:

ماڻهو اگهو يا بيمار، هل هلان ۾ ٿينو تہ ڪيس مٽ مائٽ، عزيز قريب، اوڙو پاڙو ۽ واقفڪار پڇڻ (عيادت) لاءِ پيا ايندا ويندا. خاص طرح زالن جا تہ روزانہ ڪٽڪ پڇڻ ڪاڻ پيا ايندا، جن ۾ سينڌ سٽات، سيڻ سڄڻ ۽ راڄ ياڳ واريون سيئي عورتون هونديون. ڪي خود مرٽينگ ڪان تہ ڪي سندس ٿهل ٽڪور ڪندڙن ڪان پڇڻ لڳنديون تہ: فلاڻي جو ڪهڙو حال آهي، اهي ڪي سڪر يا آهي چاڙهو؟ اهي ڏک ۽ ارمان مان ورندي ڏيندا تہ: اڄهو اهو حال اٿس، جيڪو توهين توڙي اسين اکيئين پيا ڏسون، الله سان ڳالهيون اٿس! اُهڪيءَ ۾ آهي يا سير ۾ آهي، الله سائين اُڪاري پار ڪندس! اسان تہ پنهنجي وس ۾ ڪونہ گهٽايو آهي. ڪئين حڪيم، طبيب، ويڄ وڙا ووڙيا اٿئون، پر ڪٿان بہ اجا ٻاجهہ جي ٻُڪي نہ ملي آهي. سائين ڪي وڏي سگهہ آهي، وري تہ ويرم ڪانهي! جڏا جياري، مرڪندا ماري: رب ساڻي ٿيندو!

پڇندڙ عورتون دلڏيز ڏيڻ ۽ آٿت ڪاڻ چونديون تہ:

> ماندي ٿيءُ نہ مارئي، تنهنجو الله ٻي آهي:
> سئو ورهيہ جا ڏڪڙا، هڪ لحظي ۾ لاهي،
> اهڙوئي الله آهي، جو ماڳ رسائندءِ مارئي!

مائي، مني محبوب ڪي وڏي وڏائي آهي، پاڻهي ڪٽي معافي ڪندو. بندي جا شل عيب نہ اگهاڙي. انهيءَ مهل ڪي سڪرات چوندا آهن. سڪرات ۾ بيمار ماڻهو، ڪائڻ، پيئڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڇڏي ڏيندو آهي. گوگهري پئي لڳندي اٿس ۽ اکيون ڇت ۾ اٽڪيل هونديون اٿس. هر هر دؤرجي پيو ويندو آهي. مائٽ مٽ آسرو لاهي ويهندا آهن. اهڙي مهل تي ڏس ڏيندڙ چوندا آهن تہ: خيرات ڪريو، صدقو ڪيو. من رب پنهنجو رحم ڪري!

خيرات ڪرڻ:

سڪرات واري ماڻهوءَ مٿان ڍڳا، ڇيلو، ٻڪرو ڪُڪڙ، خيرات وجهندا. ان جانورَ تي مرڻينگ جو هٿ ڇهائي، پوءِ ان کي تڪبير وجهي ذبح ڪري، گوشت غريب غربي کي ورهائي ڏين. ڪي جانور کي بيمار جي ڇوڏاري قيرائي ڪهي گوشت ورهائي ۽ جانور جو ڪجهه رت دروازي تي هٿي ڇڏين. ان جو مطلب اهو سمجهيو ويندو آهي ته اها قرباني يا خيرات خود مرڻينگ ڪئي آهي. خدا قبول وجهندو. ڪي مٺو پت رڌي ٻارن معصومن کي کوڻي ڪارائي، پسئو پئسو هٿ ۾ ڏين. اهو پئسو مرڻينگ جي هٿان ڏيارين. سڪرات ۾ اڳهي ماڻهوءَ جي سيراندي ڪان قرآن شريف مان سورت "ياسين" يا الجاثيه پڙهائيندا آهن. اهي سورتون گهڻ ۾ گهڻ ٽي ڀيرا ۽ وڌ ۾ وڌ انتقال تائين ڀيا پڙهائيندا آهن. ڪي برڪت قرآن شريف جا ٽيهه ئي پاره پڙهائين، ڪي مرڻينگ جي پير ۾ ويهي وڏي آواز سان ڪلمو طيب لا الہ الاالله محمد رسول الله پڙهن. جيئن ڪلمي جو آواز ڪنن ۾ ٻُريس، ۽ پاڻ به ڪلمو اُچاري يا سندس سيرانديءَ ڪان ويهي تلقين ڪن. جنهن ۾ ڪيس نالو وٺي چون ته پڙ ڪلمو مني محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم تي.

پُڇندڙ زالون، اتي ئي بيمار جي حالت ڏسي چونديون ته "هاڻ ڳالهيون الله سان اٿس! تار ۾ آهي، هاڻ بچڻ جي اميد گهٽ اٿس، نڪ نڪري آيو اٿس، هٿ ذر ذر شهپر تي پيو هٽي [جي زال ذات هوندي ته چونديون سينڌ پئي ناهي] اکيون ڪوڙيون تي ويون اٿس، هينيون ڌڙ صفا ساهه ڇڏي ويو اٿس، هٿن پيرن جا ننهن ڪاراٽجي ويا اٿس. پيو مرڻ کي سگَ ڪونہ ٿيندا آهن. توهين به ننڍڙيون ڪونہ آهيو. أئي فلاڻي! تنهنجي هٿن مان به سات ويا آهن، ڇا ٿي سمجهين؟" پيون چونديون ته "برابر سچ ٿيون چئو، اتئين چڙهيو ته ڪر نئون جائو. حال ڪونہ ٿو ڏسجي، الله سائين راڻن کي راڻپا ۽ ڪاڻن کي ڪاٺا شل بخشي بچائي ڏي، جوانن کي جواني بخشي، مُشڪل آسان ڪري. سانگ سرهو ڪريس، انسان ويچارو نيٺ جيءُ جيءُ نيٺ مرندو، نڪر جو نهيو آهي سو پچڻ ڪاڻ، الله جي در سدائين توبهه آهي، ويچارو دم پهر جو مهمان آهي. گهڻي تڪليف ۽ لوچ پوچ ڏسي ائين به چونديون ته "انهن عذابن ڪان رب پاڪ ڪٽي پنهنجو ڪريس ته چڱو!" پيون وري ڏڍ ڏيڻ ڪاڻ چونديون ته "مائي! الله

جا عجب رنگ آهن. من ڪٿي ڪيس جيءَ ڏاڻ ڏي! پريان ڏور ڏاڍي هونديس ته جوڙو. اوڻو ٿيندو ئي ڪين، جنهن جي اڪ ۾ گهاڻو گهميو. تنهن به موت نه قبوليو! هوڏانهن مرٿينگ جي ڦوڪ ٿئي ته، هيڏانهن يڪدم روج راڙو شروع ٿي ويندو: اي منهنجا جيجڙا ابا! آ منهنجا جيجڙا ادا! آ مون ويهيءَ جا ور! آ لنگهه گهوٽم پٽم! (جي زال هوندي ته، جيجڙي اما! جيجڙي ادي! وغيره) ڪي پيون زالون ٻاڪاريندڙيون ۽ هوشيار زالون مردي جي سيرانديءَ کان وهاڻو ڪڍي اڪين جي مٿان هٿ رکنديون. جيئن اکيون کليل نه رهنس. اگڙيون ڪني ڇاڙهي ٻڌنديس ۽ ٻنهي پيرن جا آڱوٺا ڇڪي ٻڌندس ۽ ٻانهون سڌيون ڪري. ڪٿ جي سيراندي کان واڻ ۾ ڏگهي لٺ ڪوڙي ان جي مٿان رلي وجهي ڇڏينديون.

ميت جي سرانجامي:

گهر جا مڙس ماڻهو ۽ ڪي پاڙي جا همراه اوضاق. اوتاري يا پڊر تي تڏو وڇائي پٽر وجهي ويهندا ته راڄ وارا ۽ مائٽ همدردي ۽ ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ اتي اچي ڪٺا ٿين. ڪي جوڙي پوتي (ڪفن) وٺڻ ويندا. هڪڙو ڄڻو مردي تان ڪانو ڪڍي قابروءَ ڏانهن ويندو. جي قبر کوٽڻ وارو مقرر ڪيل نه هوندو ته منجهائن ئي ٻه - ٽي همراهه قبر کوٽڻ ويندا. هڪڙو غسل يعني تڙ ڏياريندڙ مُلن ڏانهن ويندو. منجهانئن ڪو غسل ڏيڻ جو تختو يا ڦرهو ڪٺي ايندو. ڪو غسل جي پاڻي ڪوسي ڪرڻ لاءِ، ڪٿان ديگ آڻيندو. هڪڙو قاصد ٿي راڄ ڪي قضيي جي خبر ڏيندو ته، فلاڻو گذريو آهي، فلاڻي وقت ڪٽندس اچي پٽر پائي تجو. پرانهين پنڊ تي پڻ ڇتاءَ لاءِ قاصد موڪليو ويندو، جو خاص طرح مئل جي پٽ، پاءُ، ڌي، پيءُ، ماءُ وغيره جهڙن ويجهڙن مائٽن کي وجي خبر ڏيندو ته جهٽ پهچي هلي منهن ڏسن. اهڙي قاصد کي زباني لکت ۾ اهڙو احوال ٻڌائيندا ۽ چوندس ته اُڏام، جن ته ويو ئي ڪونه آهين. مطلب ته سات سرهو ڪرڻ جي لاءِ سڀ مت مائٽ مئي جي ڪم ۾ جنبي ويندا آهن.

سگهڙي مرد جو ميت

جوڙي پوتي / ڪفن آڻڻ:

جيڪو ماڻهو جوڙي پوتي/ڪفن وٺڻ ويندو، سو پاڻ سان هيءُ سامان آڻيندو: اٽڪل ٻارهن وال پٽيو يا هرڪ، هڪ وال بافتو، اچي ڪپهه، عطر جون شيشون، ڪافور، ڌوپ، گلاب جو عرق، ميٽ، سُئي ڌيري، سرهو صابڻ،

ڇاپيل عهدنامو، ٻه اجرڪون (هڪ لڱ نچوڙڻ لاءِ ۽ ٻي ڇاڙ وجهڻ لاءِ)، نئون تڏو، ٻه نوان نڪر جا ڪوئرا اهو سامان آٽي اوطاق (پٽر) تي رکندو. جوڙيءَ تي گهٽ ۾ گهٽ ويهه - پنجويهه روپيا خرچ اچي ويندو آهي. پر هن دور ۾ اهو خرچ گهڻو وڌيل آهي.

جوڙي پوتي ناهڻ:

مُلو (غسال) بروقت ان هرڪ کي ڦاڙي ٻه ڇادرون اٽڪل ساڍن پنجن فوٽن ماپ جون ڪندو، ۽ هڪ چولي (الفي) اٽڪل ڇئن فوٽن جي جدا ڪري رکندو، ڪپڙي جي برَ کي ٽوپو ڏيئي ٻيئي ڇادرون ڳنڍيندو. باقي مان ٻه هٿيا اٽڪل چار آڱر ماپ جيترا ٽڪر ڦاڙي ڌار رکندو، انهيءَ ڪم ۾ پٽر تي وينل ماڻهو پڻ همراهي ڪرائيندس. پوءِ اهو سامان تڏي ۾ ويڙهي رکندو.

تڙ / غسل جي تياري:

جنهن جاءِ تي مڙدي کي تڙ ڏيڻو هوندو، اُتي اول ته چري (کڏ) کوٽيندا ته پاڻي منجهس گڏ ٿئي. اُن کي "حد" به چون. حد جي پاسن کان پڪيون سرون رکي پوءِ انهن جي مٿان ڦرهو (تختو) نهڪائي رکندا آهن. پاسي ۾ سرن جي چلهه ناهي ان تي ديگ رکي پاڻيءَ سان ڀريندا آهن، پاڻي ۾ ٻير جي وڻ جا پن يا تورو لوڻ وجهي، انهيءَ کي ٻارڻ ڏيندا، جيئن پاڻي نَهَنَ سهسڙو تي سجر ٿئي.

تڙ / غسل ڏيارڻ:

لاش جي ڪٽ کي هڪ ماڻهو سيرانديءَ کان ۽ ٻيو پيرانديءَ کان جهلي ڪٽ کي ڪٽي آٽي "حد" وٽ رکندا. پوءِ لاش لاهي ڦرهي مٿان الهندي پير ۽ اڀرندي مٿو ڪري سنئون سمهاريندا. ملو پاڻ سان سڀ سامان ڪوئرن سميت ڪني اتي اچي ويهندو، ٻه همراهه ڪيس ڪوئرا ڌوئي ڌمالي پاڻيءَ سان ڀري واري تي ڏيندا ويندا. ملو اول مڙدي جون پٽيون ۽ اڳڙيون ڪوليندو، ڪو زيور پيل هوندس ته اهو به لاهيندو، پوءِ بت جا ڪپڙا لاهي، سترن تي باقي جو ٽڪر سترپوش ڪري مٿان رکندس. ڪنهن نڪر جي پاٽ يا طباق، يا وٽي ۾ بنا نيل جي ميٽ پسائي ملي جي پر ۾ رکندا. ملو پهريائين هٿ جي مٿان ڪپڙي جو تبلهو يا هٿيو چاڙهي، هٿ ۾ ڪڙو يا پٽر ڪٽي مڙدي جي استنجا ڪرائيندو، پوء وضو ... ئيندس. پوءِ لڱن کي ميٽ ملي لڳ ڌوئاريندس. ميٽ ڪڍڻ کان پو. سڄي بدن کي سرهو صابڻ هڻندس، اهو ڌئاري، پوءِ شهادت جي ڪلمي

سان ٿي ڪوئرا پاڪائي جا نائيندس. غسل مهل مڙدي جي ڪنن، ناسن ۽ وات ۾ ڪپهه وجهي ڇڏيندو جيئن تڙ جو پاڻي اندر جسم ۾ داخل ٿي نہ سگهي. وهنجارڻ کان پوءِ ڪنهن ڪپڙي يا اجرڪ سان لڳ نچوئيندس.

ڪفن ڊڪائڻ:

ڪٽ تي نئون آندل تڏو وڇائي، انجي مٿان ڀيئي چادرون ڊگهيون پکيڙي انهن جي مٿان الفي يا ڪفنيءَ جي هٿ سان ڳچي ڦاڙي، پوءِ انهي الفي يا چوليءَ تي "خاڪ شفا" يعني عربستان مان آيل مٽيءَ جي ٽڪي (جيڪا حاجي سڳورا عربستان مان آڻيندا آهن) گلاب جي عرق مان يا صاف پاڻيءَ مان ٻوڙي آلي ڪري يا عربستان مان آيل زمزم جي پاڻيءَ جي دَٻي يا دُنگي ڪولي ان مان ٻوڙي چوليءَ تي اشهد جو ڪلمو يا ڪلمو طيب لکي ۽ صلوات سڳوري لکي، چوليءَ جو هڪڙو هينيون پاسو چادر مٿان وڇائي، ٻيو پاسو ڳچي وارو اُبو ڪري اُٿلائي مٿي جهلي ويهندو. ٻہ ماڻهو لاش کي ڦرهي تان کڻي کٽ تي الهندي طرف پير ۽ اڀرندي طرف مٿو رکي ڪفن تي لاش سمهاريندا، پوءِ ملو ڦاٽل ڳچي مٿي مان اُڪاري، ڪفنيءَ جو مٿيون پاسو پيٽ تان اُٿلائي برابر ڪري هيٺين پاسي ٻيهاريندو، چادرن جون ٻئي انديون ڦاڙي، هڪڙيءَ جا پورا ٻہ ٽڪرا ڪري سيرانديءَ ۽ پيرانديءَ جي منين جي ٻڌڻ لاءِ ۽ وڏي لنبي آندي ڇاتي يا سيني جي ٻڌڻ لاءِ رکندو. لاش جي ڇاتي، ڪنن، ناسن ۽ اکين جي ڇپرن مٿان[1] ڪافور پوري ڀرڪيندو، ان کان اڳ عطر منهن ۽ بدن کي مکي ڇڏيندس ۽ مٿان ڇٽيندس، پوءِ ريڙن يا اندين سان ٻيئي منيا سيرانديءَ ۽ پيرانديءَ جو ۽ سينو ٻڌي، ميت جي سيرانديءَ جي ساڄي پاسي کان قرآن شريف ۽ زمزم جون دُنگيون ۽ ڇپيل عهدنامو رکي، ملو نڪري ٽيندو ٻاهر.

منهن ڏسڻ يا لاش کان موڪلائڻ:

جڏهن اوري پري جا سيئي تعلقدار اچي گڏ ٿيندا، تہ پهريائين منهن ڏسندا، هڪ مائٽ، منهن ڏيکارڻ لاءِ لاش جي سيرانديءَ کان ٻيهي منيو کولي سيني کي سڌ ڪندو تہ ويجها ٿي منهن ڏسو. جنهن تي مڙئي ماڻهو زالون توڙي مرد جيڪي محرم هوندا اوجنگارون ڏيندا، اشهد جا ڪلما پڙهندا، سبحان الله سبحان الله ۽ استغفار پڙهندا ڪٽ جي چوڌاري ڦري اچي ويهندا. ان مهل "عدت واري زال" پنهنجي

---

[1] اکين جي ڇپرن مٿان حج تان آندل محمد ﷺ جي نالي جي ڇپيل مٽيءَ جون مهرون بہ رکندا آهن. (ليکڪ)

مڙس کي حق مهر بہ شاهديءَ ملائڪن جي بخشيندي آهي، ڪجھ وقت منهن ڍڪڻ کان پوءِ منيو بند ڪيو ويندو. پوءِ ميت تي چاڙون يا سامون وجهندا، جن مائٽن ڪپڙو نہ آندو هوندو، سي وارثن کي روڪڙي رقم "ننگ" ڪري ڏيندا. چاڙن ۾ اجرڪون ۽ لونگيون هونديون آهن ۽ زال جي لاءِ پوتيون.

جنازو مقام قبرستان ڏانهن کڻي هلڻ:

منهن ڏسي، رڙي، روئي واندا ٿيندا تہ ڪانڌين کي جنازي کڻڻ جو سڏ ٿيندو، جي پٽر تي اوسيڙي ۾ وينا هوندا. پهريائين ٻاهر هڪڙي کٽ يا ڏولي وجهندا، پوءِ بہ - ٽي مائٽ لاش کي تڏي سميت سيرانديءَ پيرانديءَ ۽ چيلھ وٽان هٿ ڏيئي ٻاهر کڻي آڻي کٽ تي رکندا. ان سان گڏ پرڻ ۾ ڪو اناج جو زالون پٽڻ اُڪرڻ لاءِ ڏينديون، قرآن شريف ۽ آب زمزم جون دونگيون عهدنامو وغيره لاش جي ساڄي پاسي کان رکندا. يا ڪو ماڻهو جنازي سان گڏ کڻي هلندو. ڪانڌي ڪلمهءِ شهادت پڙهي اڄي ڪلها ڏيندا. ان مهل تي جنازي مٿان ڪارو غلاف وجهن، جنهن تي سوره فاتحہ، چار قل ۽ آيت الڪرسي زري يا ريشمي ڌاڳي سان پريل هوندي آهي. وڏن ماڻهن ۾ انهيءَ مهل دهل تي ڏڌ يا ڍنڍ وڄائين، اوسارا چون ۽ ڪارا ڪپڙا ڍڪي ماتم ڪن. امير ماڻهو لاش کڻڻ وقت ان جي مٿان سونا قل ۽ روپيا گهوري اڇليندا آهن. پهريائين چار ماڻهو ڪلهو ڏيندس، پوءِ جيڪو نئون ماڻهو ڪلهو ڏيڻ لاءِ ايندو، سو اول سيرانديءَ ساڄي پاسي واري همراھ جي اڳيان وڃي پاڳي کي اڄي جهليندو، اهو همراھ پوئتي هٽي، ساڳي پاسي واري پيرانديءَ واري ڪانڌيءَ جي اڳيان ٿي هن کي آجو ڪندو، اهو ساڳيو همراھ وڃي اڄي کاٻي پاسي سيرانديءَ کي ڪلهو ڏيندو ۽ پهريون ڪانڌي هٽي، پيراندي ڏي ويندو. اهڙيءَ ريت هرهڪ ماڻهو چار ڪلها چئني پاسن کان ڏيندو رهندو. جنازي کي پير پير ۾ آهستي آهستي کڻي پيا هلندا ۽ اشهد جا ڪلما هري هري يا وڏي سڏ پڙهندا هلندا. چوندا هلندا تہ "آهستي آهستي هلو، جيئن ميت کي لوڏو يا تڪليف نہ اچي". تنهن هوندي بہ جي تڪڙو هلندا آهن تہ چوندا آهن تہ "ميت کي قبر جي ڇڪَ ٿي ٿئي".

جي مولودي ميسر هوندا تہ اهي جنازي اڳيان مولود چوندا هلندا. چوندڙ، ميت جي وارثن ۽ پٽن کي چوندا تہ "بابا! مڙس تي ڪلها ڏيوس، اڄ مهل اٿوَ، جيترا ڪلها ڏيئا هجنوَ سي ڏيوس، آخري خدمت اها اوهان جي سنيرندو. الله

ڪيو جو پنهنجن جي هٿن ۾ سرهو ٿيو. پنهنجائي هلي تا لوڙهہ لٿينس. اهڙيءَ طرح جنازو آٽي مقام جي پير ۾ ڪنهن اچي پڌر يا جنازي نماز واري مسجد ۾ اولهائين طرف رکندا.

جنازي نماز:

ڪانڌي جنازو رکي وجي وضو سارينڊا. جڏهن رهيا کهيا نمازي سڀ اچي گڏ ٿيندا تہ اِڪي درجي ۾ صفون ٻڌي بيهندا يعني هڪ يا ٽي يا پنج يا ست صفون ٻڌندا. پوءِ ملان جنازي جي اپرندي طرف لاش جي سيني برابر بيهي، ميت جي ويجهن عزيزن مان، پيءُ، پٽ يا ڀائرن مان هڪ ڪان جنازي نماز پڙهڻ جي اجازت گهرندو. اجازت ملڻ ڪان پوءِ هيئن نيت ڪندو. "نيت ڪيم جنازي نماز جي، سانڍ چئن تڪبيرن فرض ڪفايہ منهن طرف ڪعبتہ الله جي ثواب ڪارڻ هن ميت!" [جماعتي چوندا پنيءَ هن امام جي] پوءِ الله اڪبر چئي هٿ ٻڌي دعائون پڙهندو، وچ ۾ چار تڪبيرون هڻندو. جماعتي بہ پوئتان هٿ ٻڌي بيهندا ۽ تڪبيرون چوندا. پڇاڙيءَ ۾ بيني ئي سلام ورائيندو. سلام ڪان پوءِ سيئي ماٺهو قُل پڙهندا ۽ قُلن جو ثواب ميت کي بخشيندا.

قرآن بخشائڻ:

ملان جنازي جي سيرانديءَ ڪان ويهي قرآن شريف ڪٽي وارثن مان هڪڙي کي اُپ ڪوڙي يعني اوڪڙو ويهاري ٻنهي هٿن ۾ قران جهلڻ لاءِ ڏيندو ۽ پاڻ چوندو تہ "هن جيڪي ننڍا توڙي وڏا (صغيرا و ڪبيرا) ڏوهہ گناهہ ڪيا آهن. جيڪي فرض سنتون ڄاڻي ٻجهي يا ويسر ۾ ڇڏيون آهن يا ڱُسائيون آهن، جيڪي اسلام جا ارڪان جي مٿس فرض هئا ۽ پورا نہ ڪيا آهن (جن ۾ صدقا، نذر ۽ نياز سڀ اچي ٿا وڃن)، رهجي ويا آهن، تن سيني واسطي هيءُ قرآن شريف بخشايان ٿو." هو بہ سندس ڇيل اڪرن کي ورجائيندو. پوءِ ملان قرآن بخشڻ جي دعا گهرندو ۽ ان جو ثواب بخشيندو. عزيز ان جو اُجورو حيثيت سارو اتي ئي ڏيندس. يا پوءِ گهر وجي پهچائيندس.

بخشان بخشي ڪرائڻ:

ڪي وري پاءُ يا اڌسير ڪاڌي جو روزانو جي حساب سان سڄي عمر سارو ٻڌي اهو بخش ڪرائين. مثال ميت جي ڄمار اٽڪل پنجاهہ ورهيہ مقرر ڪيائون ۽ سندس ڏيلَ ۽ قدبت سارو روزانہ اڌ سير اناج ڪاڌي واسطي ٻڌندا. انهيءَ حساب سان مهيني جا ٿيندا پندرهن سير ۽ هڪ سال جا ٿيندا هڪ سوُ اسي

سير يعني ساڍا چار مڻ، پنجاهہ ورهيہ عمر واسطي اناج ڏيندو بہ سوُ پنجويهہ مڻ. چوندا تہ اي الله سائين هن بندي تنهنجي ڏنل رزق مان اٽڪل متئين انداز جيترو اناج ڪاڌو ۽ تنهنجا فرمان پڳا اٿس. هن جو ڪو هاڻي توڪان سواءِ بغير بلو پيٽي ڪونهي. هن قرآن شريف جي محابي تون هن کي بخش ڪر.

قدم ڏيارڻ:

جنازي کي، جنازي نماز جي جاءِ تان کڻڻ مهل، چار ماڻهو پاڳن جي جوڙ وٽ کٽ جي ايس ۾ هڪ هٿ وجهي اشهد جو ڪلمو پڙهي، کٽ کي زمين کان اڌ فوٽ کن متي کڻي بہ - ٽي وکون هلي وري هيٺ رکندا، اڳيون ماڻهو ساڄُي پاسي جي پوئين طرف ۽ پويون ساڄُي پاسي جي اڳئين طرف وڏي ايندو ۽ وري کٽ يا ڏوليءَ کي کڻي ڪلما پري بہ - ٽي قدم وري هلندا ۽ جنازي جو رخ بہ پيا ڦيريندا ۽ ٿيون پيرو بہ ساڳيا ماڻهو ساڳين طرفن تي اڳئين وانگر بيهڪ وٺي، ٽي قدم ڏيئي جنازو ڪلهن تي رکندا ۽ قبر ڏانهن هلندا. انهيءَ مهل وارثن مان هڪڙو ماڻهو ڪانڌين کي چوندو تہ "ادا، ڪم ڪار واري کي موڪل آهي." جي قبر تيار هوندي تہ لاش قبر ۾ لاهيندا، جي دير هوندي تہ ترسندا. تيستائين مولودي مولود پيا پڙهندا.

ڳوٺ مان پرانهين مقام ڏانهن يا پرديس مان پنهنجي مقام ۾ لاش آڻڻ جو دستور:

ڪو ماڻهو وفات هڪ هنڌ ڪندو آهي، پر ان جو لاش سينگاري پڪاري ڏورانهين هنڌ تي نيٺو پوندو آهي. اهڙي لاش جي کڻڻ لاءِ ڪائي[1] استعمال ڪندا آهن.

اُٺ کي پاڪڙو يا پلاڻ وجهي ان جي مٿان اُن جي مدوءَ واري پاسي ڪائيءَ ڳي سوگهو ٻڌي پنيان پونجهہ واري پاسي کان هڪ ماڻهو ان کي جهلي ويهندو آهي. اُنهيءَ اُٺ کي ڳچيءَ ۾ وڏو ٽلو يا چنگ ٻڌندا. جو تہ انهن جي چوڻ موجب مئو ماڻهو سڄي واٽ رڙيون ۽ دانهون ڪندو هلندو آهي، جو آواز رڳو جانور ٻڌندا آهن. تنهنڪري ان چنگ جي آواز ٻـرڻ ڪري اُٺ جي ڪنن تي رڙين جو اثر نہ ٿيندو. اهو ماڻهو اُٺ هڪلي جڏهن ڏر پهچندو آهي ۽ مُڙدي جو گهر گهاٽ بہ اتي ئي آهي، تہ ڪيس سڌو قبرستان نہ نيندا. بلڪ گهر ۾ پهر

[1] ڪائي يعني ڪاين واري. ڪايو چليل ڪائيءَ کي چون. اها ڪائي ٻن لڙهن جي وچ ۾ ڏک ٻڌي ڏاڪڻ وانگر ناهيندا آهن. جا ميت جي قد جيتري هوندي آهي. (ليکڪ)

پلڪ ترسائي مٽن مائٽن کي منهن ڏيکاري گهر جو آسائش يا وسرام ونائي، پوءِ وڃي دفن ڪندا آهن. اهو تڏهن ڪندا آهن جڏهن ماڻهو ٿورا ۽ منزل گهٽي هوندي آهي، پر جي ٿوري پنڌ تي وڃڻو هوندو آهي، تہ فقط بہ ماڻهو، هڪڙو ڪٽ جي سيرانديءَ وٽ تي ٻيو پيرانديءَ وٽ تي مٿو ڏيئي ميت ڪٽي اُتي هلندا آهن. ڪجهہ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ انهن کي واري ونائو اچي مدد ڪرائيندا آهن.

قبر کوٽڻ ۽ ٺاهڻ:

ڪوشش ڪري اتي قبر کوٽائيندا آهن جتي ميت جا ٻيا مائٽ بہ پوريل هجن، ڇو تہ چوندا آهن تہ "جيئن مائٽن جا هڏا هڏن پيڙا ٿين". جي ڪو مقرر قابرو نہ هوندو تہ بہ همراهہ ميت تان ڪچيل ڪانو ۽ اوزار ڪوڏر، رنبو ۽ تيشي کڻي اچي مقام ۾ ڊرندا ۽ ميت جي پاڙي ۾ اُتر کان ڏکڻ طرف قبر جو پڙواڏو کوٽيندا، جو ماڻهوءَ جي سيني برابر هيٺ کوٽي، پوءِ ان جي اولهائين طرف هڪڙي چيهہ، جنهن کي ڳجهٽ، چر ۽ سامي بہ چون، تيشي ۽ رنبي سان ماڻهوءَ جي ڪن تائين ڊگهي ۽ اڌ فوٽ کان ڏيڍ يا ٻن فوٽن تائين ميت جي ڏيل موافق ويڪري کوٽيندا. اها کوٽجي تيار ٿيندي تہ لاش هيٺ لاهيندا.

لاش قبر ۾ دفن ڪرڻ:

لاش هيٺ لاهڻ کان اڳ ڪي ماڻهو ڪچيون سرون ۽ وڏا ڪڙا يا گاهہ ۽ ڪٻڙ جا ساوا پن آڻي اتي گڏ ڪري رکندا. ڪي وري پٿسا پري، اهي موجود ڪرائي رکندا آهن. جيئن زمين جي حالت سارو اهي ڪم آڻي سگهجن.

ميت واري کٽ يا ڏولي قبر جي الهندي طرف بلڪل ساميءَ جي مٿان آڻي رکندا. ٽي همٿ پريا ماڻهو جي ميت جا ويجها عزيز هوندا، سي ور ڪنجي پڙاڏي [لحد] ۾ هيٺ لهي پوندا، ٻيا ماڻهو ميت جي ڇاتيءَ هيٺان ۽ پٺن کان هڪڙو پوتاڙو ڏيڊو ڪري اُڪاري، جنهنجو الهندو پوڇڙ ڊگهو ۽ اڀرندو پوڇڙ مٽ ۾ جهلڻ جيترو ڇڏيندا. ميت تان گهٽيون ڇاڙون يا سامون لاهي، باقي ايڪڙ ٻيڪڙ ڇڏيندا. هڪڙو ماڻهو سيرانديءَ ۾ ٻيو پيرانديءَ ۽ ٽيون چيلهہ واري پوتاڙي کي قابو جهلي لاش کي قبر ۾ لاهيندا ۽ وچون ماڻهو کٽ مٿان چڙهي لاش لاهڻ ۾ همراهي پيو ڪندو، نيٺ قبر جي پڙواڏي ۾ بيٺل ماڻهن مان هڪڙو سيرانديءَ کان ۽ ٻيو وچ تي چيلهہ کان ۽ ٽيون پيرانديءَ کان هٿ سنوان جهلي انهن هٿن تي لاش وٺي، امالڪ جهُڪي ڳجهٽ ۾ نيندا. اندر

رکڻ کان پوءِ ٻڌل ريڙون ڇوڙي ٻاهر ڪنهن وڻ تي ٽنگيندا. ميت جو منهن قبر ۾موڙي الهندي ڪعبي ڏانهن ڪندا ۽ ان طرف ڇپيل ۽ عهدنامو سامهون رکندس. مٿس گلاب جو عرق يا آب زمزم جون ڏنگيون ڪولي هاريندا. پوءِ ڪڙن يا ڪچين سرن سان ان چر کي بند ڪندا. ڪي ساميءَ ۾ رکڻ مهل بہ ميت جو منهن ماٿهن کي وري ڏيکاريندا آهن. ساميءَ جي بند ڪرڻ مهل ڪچيون سرون هرهڪ سر پاسيري اُيي منڊي ير ڳتيندا سٽيندا ويندا. هيٺان تري ۾ ڇاڙپ لاٿل سرَ جي لام نهڪائيندا ايندا. تان جو وچي پيرانديءَ وٽ ٻن - ٽن سرن جي وڇوٽي ڇڏيندا. پوءِ اُن لوگهي ۾ هٿ وجهي باقي رهيل سامون يا ڇاڙون ڇڪي ڪڍي وٺندا ۽ اهو لوگهو بند ڪري. سرن جي چوٽين تي ڪڙا رکي. پوءِ قبر واري مٽيءَ مٽيءَ مان گارو ناهي. ان سان ڳجهہ جون وٿيون ليپو ڏيئي لنبي ڇڏيندا. انهن مان هڪڙو ماٿهو انهيءَ وچ ۾ ڪڙن جي جهول پري جيڪي ڪانڊي ۽ پتر ياٿي تيا هوندا. تن کان قل، درود يا صلوات سگوري ڪڙن تي پڙهائي. جهولي ٿي آٿي سيرانديءَ قبر کان لاهيندو. ان کان پوءِ مٺ مائٺ اشهد جا ڪلما پڙهي هٿن سان مٽي ريڙهي قبر جو پڙواڏو پريندا ويندا. جيستائين ساميءَ واريون ڪچيون سرون ڍڪجي وڃن. پوءِ ڪوڏر سان مٽي گهلي پڙواڏو پريندا. جيستائين سڄو پڙواڏو نہ پرجي. تيستائين ساميءَ جي مٿان زور نہ ڏيندا. ڪٿي ڪٿي واري يا نرم مٽي يا ڏٻڻ جهڙي زمين هوندي آهي ۽ سامي نہ ٺهي سگهندي آهي. اُتي پڙواڏي جي وچ تي يڪنپي ڇيهہ ڪٽي ان ۾ لاش رکي. پوءِ ٻنهي پاسن کان اُيبون پاسيريون سرون ڏيئي ڇڏيندا ۽ پاسن کان پنجو پري ڇڏيندا آهن. زمين ڪرڪ وارياسي هوندي آهي تہ ڏڪ وَڍي اهي ڪوڙي مٿان تڏو، گاهہ يا ڪانا ۽ ڪٻڙ جا پن وجهي، قبر بند ڪندا آهن. جبل طرف وري پٿرن سان سامي بند ڪن. پر ڪنهن بہ حالت ۾ باهہ جي سڙيل سر يا پٿر استعمال نہ ڪندا آهن. ڪوهستاني وري سامي وچ تي جوڙين. پر جتي زمين پٿريلي ۽ سخت ناهي، اتي دستور موجب الهائين طرف ڳجهہَ ڪٽندا آهن. پڙواڏو سندرجي ويو تہ قبر جي ڇٽي ڪندن تي نشان ڪري يا ڪاٺيون ڪوڙي، پوءِ ٻُني يا تُربت تي مٽي چاڙهي فوٽ - ڏيڍ لوڙهہ مٿي ڪري بيهاريندا. قبر جي مٽي ذرڙو بہ پري نہ ڇڏيندا. ريڙهي ويجهي ڪندا. بلڪ اوزار ڌوئي اِنهن جي دَز بہ ٻُني تي وجهندا. ان کان پوءِ باقي بچيل ڪچيون سرون تربت مٿان

چوڏاري لامن پر رکي پکيڙيندا ۽ زمزم جون خالي ٿيل دنگيون بہ سيرانديءَ وٽ رکي مٿان پاڻي ڇنڪاري تربت سوگهي ڪري بيهاريندا آهن[1] اَنَ جيڪو پٽڻ اُکارڻ جو آندو هونداڻون، سو بہ قبر جي پر ۾ هاري ڇڏيندا تہ پکي پکڻ چڳي وڃن.

ميت ڪاڻ دعائون گهرڻ:

قبر جي ٺيڪ ٺيڻ تي، سيئي ماڻهو اچي قبر جي ويجهو بيهندا، پوءِ مُلان قبر جي سيرانديءَ کبي پاسي سيني برابر بيهي سوره "حشر" جو آخري رڪوع يا ڪابي سورت مني آواز سان پڙهندو. ان ڪان پوءِ مُلون دعا گهرندو. ان وقت ملو توڙي آيل ماڻهو سڀ جُتين ۽ بُوٽن مان پير ڪڍي پادر مٿان اگهاڙو پير رکي بيهندا ۽ ڪُل پڙهي ثواب بخشيندا. هڪڙو ماڻهو يا مُلان قبر جي سيرانديءَ کان کابي پاسي بيهي بانگ ڏيندو ۽ دعا گهري ختمو بخشي، ڪانڌي مقام کان باهر نڪري، ڪنهن پڌر يا جنازي نماز واريءَ جاءِ اڳيان اچي ڪنا تي ويهندا. هوڏانهن قبر وٽ ميت جو ڪو مائٽ ٽيهتائين وينو ڪلما طيب وڏي آواز سان پڙهندو، جيستائين مڙيئي ماڻهو مقام مان روانا تي ويندا. پندرهن - ويهن منٽن ترسڻ کان پوءِ پاڻ بہ باهر اچي جتي بيا ماڻهو گڏ ٿيا وينا هوندا، اتي اچي انهن جي وچ ۾ يا پاسو وٺي ويهندو. ان وقت مُلان هٿ کڻي سورت "فاتح" پڙهندو. بيا بہ بُک کڻي دعا گهرندا. دعا پوري ڪري ڏانهنس هٿ سنوان ڪندا يعني عذرخواهي ڪندا. چوندا "بس يار، خدا ڏاڍو بيپرواهہ بادشاهہ آهي! ويچاري تنهنجي مائٽ جي قسمت! ڪي چوندا خواهش هجئي! هاڻ مڙس تي دنيا کي منهن ڏجانءِ، مائٽ ڪنهن کي نيبهہ نہ ٿيا آهن!" اتي هڪڙو ماڻهو اڳواٽ ماڻهن ۾ نَڪُل، ريوڙيون، ڇوهارا يا بسڪوٽ ورهائي ڇڏيندو، جنهن کي "سوٿي" چون. ان جو مقصد اهو هوندو تہ ڪانڌيي جي ماني تيار آهي، اها پٽر تي هلي کائي پوءِ وڃجو.

مقام تان موٽ:

هٿ فاتح کان پوءِ، سيئي گهرن ڏانهن ورندا. ڪي سڌا ميت جي پٽر تي اچي انتقالو يا ڪانڌپو يعني دال ۾ رڌل چانور کائيندا. ڪي رڳو گوڏي بيڪڙ

---

[1] ڪٿي ڪٿي تربت مٿان نکر جون ڪريون يا ڪونجيون ۽ ڪوئرا بہ رکي ڇڏين. سرند ماڻهو ٽن ڏينهن کان پوءِ گاري ۽ پکين سرن سان قبر نهرائي ڇڏين نہ تہ بہ ايندڙ محرم مهيني تي تربت بڌائي ڇڏين. (ليکڪ)

ڪري اُٿندا. ڪانڌين جي مقام تان موٽڻ ڪان اڳ هڪڙو ماڻهو تڏو، ڪٽ، چاڙون ۽ قرآن شريف کڻي اچي ميت جي گهر پهچندو. چاڙون ۽ قرآن شريف اندر گهر ۾ ڏيندو، ۽ ڪٽ ٻاهر دروازي لڳ ٻيٽ سان پاسيري ڪري اُبتي ليٽائي رکندو. جنهن مان آئي - وئي کي خبر پئي پوندي ته هت تازو قضيو ٿيل آهي. ڪي ته تڏو بروقت جنازي نماز واري جاءِ ۾ ڇڏين. جي اهڙي جاءِ موجود نه هوندي آهي ته تڏو مُلن کي ڏين. ڪي واريا سي زمين جي نڪرڻ تي لاش دفن ڪرڻ مهل تڏو به ڏکن مٿان وجهي پوري ڇڏين. ڦرهو ۽ ڏولي جتان آندي هونداڻون، سي اُتي پهچائي ڇڏيندا ۽ پاٽيءَ جي ديگ جي پرائي آندي هونداڻون ته ڏٽين کي رسائيندا. ”حد“ جنهن ۾ مڙدي جي وهنجڻ جو پاڻي پيل هوندو. ان ۾ مڙدي واريون اگڙيون، غليظ ٿيل ڪپهه ۽ پاٽ يا طباق، جنهن ۾ ميٽ مليو هونداڻون، ان کي به پيجي سيئي ان ۾ چريءَ ۾ وجهي حد لٽي ڇڏيندا.

لاش امانت ڪري دفن ڪرڻ:

جيڪو لاش امانت طور زمين ۾ دفن ڪرڻو هوندو آهي، ان جو وارث، لاش لاهڻ کان اڳ چوندو ته ”خدا واحد شاهد آهي ته هيءُ لاش آءُ هن زمين ۾ امانتي دفن ڪريان ٿو. جڏهن آساني ٿيندي، تڏهن اچي ڪيندس.“ اهڙو لاش ڪنهن ڪاٺ جي پيتي (تابوت) ۾ يا تڏن ۾ ويڙهي سيڙهي دفن ڪندا آهن. اهو لاش باقاعدي بين ميتن وانگر ئي سينگاريل هوندو آهي. اهو قبر جي پڙواڏي جي وچ ۾ پوربو آهي. اُن جي دفن ڪرڻ کان پوءِ قبر جي مٿان بانگ ڪانه چون. لاش کي جنازي نماز پڙهي دفن ڪن. جي اهو ڪڍائي ڪنهن مقرر جاءِ تي دفن ڪيائون ته وري مٿس جنازي نماز پڙهي ويندي ۽ قبر تي بانگ ڏني ويندي آهي. اها مرقد آخرين آرامگاهه هوندي اٿس. ڪي ماڻهو امانت لاش رکڻ جو معياد به مقرر ڪندا آهن. چوندا ته ”هيتري ڪي هيتري عرصي اندر اچي ڪڍائي ويس ته واه، نه ته هن خاڪ جي اندر سپرد ڪيم.“ امانتي لاش واري قبر جي چوڌاري ڪوڏر سان قط ڪيندا آهن، جي لاش نه ڪڍيائون ته اهو قط ڪرڙي ڊاهي سنئون پٽ ڪري ڇڏيندا آهن يا آگر سان ليڪو ڪيندا آهن، جو پوءِ پاڻهي ڊهي ويندو آهي. وڌ ۾ وڌ ٽن سالن تائين لاش امانت رکي سگهبو آهي.

پٿڙ:

پٿر ٻن قسمن جا پوندا آهن. هڪ زالاٺو، ميت جي گهر ۾ پيل هوندو آهي، ٻيو مڙساٺو، جيڪو ٻاهر اوطاق، اوتاري يا پڊر تي پيل هوندو آهي.

(الف) مڙساڻو پٽر وجهڻ:

هڪڙو عزيز ٽن ڏينهن تائين پٽر تي ويٺو رهندو، جنهن وٽ ماڻهو جيڪي ميت دفنائڻ ۾ شريڪ نہ ٿيا هوندا، عذر خواهي ۽ هٿن سنون ڪرڻ واسطي پيا ايندا. جيڪي پٽر پائي نہ ٿيا هوندا ۽ مئي جي مائٽن سان جيءَ پلائي يا ڪو تعلق رهيو هوندن يا جيڪي پرانهان مائٽ، ياري دوستاري مئي جو سڻي آيا هوندا، سي سڀ پٽر تي ويٺل سان ”الله ڏاڍو ميان“ ڪندا.

آيل، السلام عليڪم! چئي ويهندو ۽ بڪ ڪڍي سورت فاتحہ پڙهندو بيا ويٺل بہ هٿ کڻندا. سورت پوري ڪري چوندو تہ ”الله بي نياز بادشاهہ آهي! توبهہ ڪبي ويچاري جي قسمت! ويو وارو وڃائي! پوءِ اڳلو چوندو بس، جيڪا رضا الله جي! ڏاڍي سان پڄڻ پيٽي ڪانهي، رضا تي راضي رهڻوآهي! ائين چئي آيل ڪي هٿ ڏيئي پليڪار ڪندو. جي ويجها قريب هوندا تہ روئي بہ ڏيندا. پوءِ ويهي خبرون چارون ڪندا، جن ۾ مرهياتي جي اڳهائي ڪان وٺي مرڻ تائين ۽ سندس ڪمن ڪارين جو ذڪر پيو هلندو. ان ڪان پوءِ ننگ پرڻ لاءِ روڪڙا روپيا پنهنجي پنهنجي دستور موجب وارث جي ڪبي پير وٽ رکندو. جو پوءِ اٿڻ مهل کڻي کيسي ۾ وجهندو ۽ گهر ۾ وڃي آيل جي ماني ٽڪي جي بندوبست ڪرڻ لاءِ ڇاڻ ڪندو. ٽي ڏينهن ڪڙيون ڪنيون هلنديون. پورا ٽي ڏينهن اهو پٽر تي ويٺل شخص يا ڪو پيو عزيز صبح ۽ شام مقام تي وڃي مرحوم ڪي قل پڙهي ختمو بخشي پيو ايندو. ان پٽر تي بيا مائٽ ۽ لاڳاپيدار بہ پنهنجا هنڌ بسترا کڻي ٽي راتيون اتي ئي اچي سمهندا ۽ ڪم ڪار ۾ هٿو هٿ پيا ڪرائيندا. جيستائين ”ٽيجهي“ جو ختمو ڏيارجي. ٽيجهي يعني ٽي ڏينهن تي ختمي اچڻ ڪان پوءِ اهي مٽ مائٽ پنهنجا بسترا کڻي گهر هليا ويندا ۽ اهي ٽي ڏينهن ڏکويل سان همدردي ۽ ڏک هلڪي ڪرڻ ۾ سندن بہ وقت گذري ويندو.

ٽيجهي جي ختمي جي دعوت سيني ڳوٺ وارن جن سان مرڻ جيئڻ جو رستو هوندو، اهي اوري هجن يا پري، تن کي دعوتون موڪليندا تہ ”مرحوم جي خيرات جي ماني فلاڻي تاريخ تي ٿيندي. اچي ثواب بخشيندا.“ پوءِ جيڪي ٻن ڏينهن ۾ نہ آيل هوندا سي ٽيجهي تي اوس ايندا، اچي ننگ ڳڻائيندا. ان ڏينهن پلاءُ يا گوشت ۾ پيت رڌي ماڻهن کي پٽر واري جاءِ تي کارائيندا ۽ کن کي گهرن ۾ ٿانءُ ٿانءُ بہ موڪلين.

ڪي ماڻهو اها ماني پهت يا پاهت(1) جي ڪري هلائين، يعني پٽ ڪاڻ ڪان پوءِ هرڪو ماڻهو روپيو يا ٻه وارثن کي ڏيندو. جئن ميت تي ڪيل خرچ ۾ اوچ اچين. يا انهيءَ ماڻهوءَ جي ڪا ٻه آس اميد، شادي مڱڻي وغيره جي مائٽن ڪانه ڏني هوندي، تہ ان ڪوٺ ڪي پري پوري ڪرڻ لاءِ، دل ڪي اهڙو آٿت اچين. تن ڏينهن ڪان پوءِ ٻاهر اُپي تيل ڪٽ ٻه ڪٽي اندر گهر ۾ وڃهندا.

(ب) زالاٽو پٽر:

جيئن ڪانڌي ميت دفن ڪري مقام تان موٽندا، ۽ زالن کي خبر پوندي تہ باقاعدي "سياڪو" يعني روڄ راڙو شروع ٿيندو. ان مهل، زالون منهن ڍڪي روئڻ لڳنديون، هڪ راڄ راڄئي يا وڏي پري زال اشارو ڪندي تہ منهن ڍڪيو، جنهن تي سيئي زالون پنهنجي پنهنجي منهن تي پوتيءَ جو پلؤ وجهي روئنديون ۽ پنهنجن پنهنجن نون پراڻن مئل مائٽن کي ياد ڪري اوچنگارون ڏينديون. ڪي نالا وٺي وٺي پيون ٻاڪارينديون. گهر وارن جو تہ حال اور هوندو جن جو تازو قضيو ٿيو هوندو. ان ڪاڻ ئي چوندا آهن تہ:

"پٽر پرائو سور سيڪا پنهنجا روئي".

ٿورو ترسي هرهڪ زال ميت جي مائٽياڻين سان ڳلي لڳندي. اهي سڀ پٽ جي پر وٺي قطار ڪريو ويٺيون هونديون. اتي ڏاڍا دردناڪ للهنگ پار ڪدي روئنديون ۽ هانءُ ڦاڙ راڙو ڪنديون. جڏهن سيئي زالون يا راڄ منهن ڏيئي پورو ڪندو تہ اها جمعدارڻ روڄ بند ڪرائيندي چوندي: اما، توبهہ ڪريو. توبهہ توبهہ! ڏٺيءَ جي شيءِ هئي، ڪنهن جو وس ٿوروئي ٿو هلي! الله ڏاڍو آهي! توهان جن هٿن ۾ سرهو ٿيو ڏٺي شل مرهيس! گهڻن سورن ڪان ڇٽي پيو! الله جي سرڪار ڏاڍي آهي! ويو سو نہ وريو! گهڻو روئي هن جي روح کي تڪليف نہ ڏيو! پاڻ ڪڙهون پنهنجي حال کي، باقي وڃڻ وارو پنهنجو وارو وڃائي ويو!، ويچاري توهان ڪان ڪي ڪين نيو آهي، سيڪجهہ اتي پيو آهي. سيڪو مري ماڳ مٽيندو! هاءِ هاءِ، اڳتي ڪاڻ ڪي ڪين ڪيوسين. ويهي وقت وڃايوسين!

سياڪو پورو ٿيو تہ آيلون هٿ مٿي سنئون ڪٽي، انهن عزيزياڻين کي پرچاڻي ڏينديون. پوءِ دنيا جا لهوارا اوپارا قصا ڪٽي ۽ نويسرا ڪري پنهنجي گهرن ڏانهن روانيون ٿينديون.

---

(1) پهت جو مطلب پڄت آهي. پهت، پـڄڻ مان نڪتل آهي يعني پاڻهي پاڻ سان مشورو ڪري پاءُ ماڻهوءَ سان پير ڪٽڻ يا برادريءَ ۾ مدد ڪرڻ. (ليکڪ)

سياڪي ڪاڻ اچڻ:

ٽي ڏينهن صبح ۽ شام زالون پيون پٽر تي اينديون، ۽ عزيزياڻيون بسترا ڪٽي اچي اتي سمهنديون. ٽيجهي جي ختمي ڪان پوءِ ڪنڌ (اُڪنڌ) ڪڇڻ تائين رڳو شام جو پيون ايندون ۽ روئي سياڪو ڪنديون. عدت ڪڇڻ تائين سومر ۽ خميس وارن (ڏينهن) تي ايندون رهنديون. باقي پوءِ ڪڏهن ڪڏهن پيون ايندون، جيستائين پڙچ ڪڇي. انهيءَ وارن تي وڃڻ ڪاڻ چـون تـہ هنن جو وات رت سان پريل آهي هلو تہ ڪن پهر پلڪ ويهي، هنن سان هانءَ مشڪان ڪري اچون.

ڏينهن يا وارَ ڪرڻ:

زالن وٽ هڪڙا سعد ۽ ٻيا نحس ڏينهن ٿين. مئي جي واسطي وارَ ڪرڻ جا ڏينهن، اڱارو، خميس، ڇنڇر ۽ سومر سنيالين، جي نياڳا آهن، پر جمع، آچر ۽ اربعا سياڳا ڏينهن چاڻن. سعد ڏينهن ۾ ڪنهن سان منهن ڪاڻ پرچاڻي، عذر خواهي، هٿ فاتح يا سياڪي ڪاڻ ڪنهن جي گهر ڪونہ وڃن. فقط جمعي جي ڏينهن بہ جمعو بعد ڪري پوءِ وڃن. چڙي ماڻهوءَ جو چاليهي تي يعني چاليهن ڏينهن ڪانپوءِ پٽچ ڪٽي چڏين ۽ سگهري جو عدت گذرڻ ڪانپوءِ. انهيءَ وچ ۾ جيڪو ڏينهن تهوار ٿيندو، تنهن تي ۽ اُڪنڌ ڪڇڻ تائين (جا نائين، يارهين ڏينهن تي بہ ڪنئي ويندي) ۽ پڪي طرح ايڪهين ڏينهن ڪڇندي، تيستائين زالون پيون مئي جي پٽر تي ايندون آهن.

عدت ويهڻ:

عدت جو معياد چار مهينا ڏهہ ڏينهن آهي. مئل جون هڪ يا هڪ ڪان وڌيڪ جيڪي بہ گهرواريون هونديون، سي عدت ويهنديون. عدت، شريعت انهيءَ ڪري منظور ڪيو آهي، تہ متان ڪا سنگها رهيل يا حمل هجي. اُهي موت مهل، ٻانهيون ڀيڙا ڀڃي لاهين ۽ سڀ زيور لاهي رکن ۽ اهي زالون ڏهاڳ جو وڳو ڍڪين، مئل جي زالن سان گڏ سندس مائٽياڻيون بہ لسا ڪپڙا يعني بنا رنگ بنا پرت اڇا ڪپڙا ڍڪين. انهن کي سوءَ (سوڳ) چون. ڪي ٽن ڏينهن ڪان پوءِ اهي ڪپڙا پائين ۽ ڪي ڪارا ڪرائي پائين. زالون پٽر تي سمهن عدت واري زال سيرانديءَ ڪان پڪي سر رکي، ان تي متو رکندي ۽ گهر جي هڪڙي ڪنڊ وسائي ويهندي، وڏي سُر نہ ڳالهائيندي، سندس منهين ڪوبہ رهائيندو مائٽ نہ لڳندو، باقي پٽ، پاءُ ۽ پيءُ پيا ايندا ويندا. پاڻ انهيءَ جاءِ تي تسبيح، نماز، قرآن ۽ صلوات ويٺي پڙهندي، جيستائين عدت جو مدو ختم

ٿيندو. ٽي راتيون پهريون مئل جي خدا ڪارڻ جي ڪٽڪ جي ماني پچائي ان تي ڪنڊ ۽ گيهه وجهي وچڻي مٿان رکي، نڪر جو ڪوٽرو پري، ڏيئي ۾ تيل وجهڻ لاءِ ڪٽائي مسجد ۾ موڪليندا. مسجد جي ڏيئي کي ٻاري، پوءِ ماڻهو موٽندو هن لاءِ چون ته مهند جو سوجهرو ٿيندس.

مٽا ڏوئڻ:

زالون به پيرا مٽا ڏئنديون آهن. هڪڙو دفعو ٽيجهي يعني چوٿهن پهرن پورن ٿيڻ تي ۽ ٻيو گهمرو ڪنڊ (اُڪنڊ) ڪڇڻ واري ڏينهن تي. مٽن ڌئارڻ لاءِ تيل ميٺ موجود ڪري ڏيڻ ۽ پاڻي پرائي رکڻ جو ڪم به اهو ماڻهو ڪندو، جنهن پهرين ڪُني ڏني هوندي. گهر وارين سان گڏ راڄ واريون به فقط مٿو نوڙائي ڌئارينديون، پر گهر واريون سارو بدن وهنجي ڌوئينديون. ٻيون زالون پڻ هن ڪم ۾ مدد ڪرائينديون.

ڪڙيون ڪُنيون ڪرڻ:

پهرين پهرين ڪني ناني ڏيندو. پر زال مئل هوندي ته سندس پياءُ ڏيندو، پوءِ پاٽر، عزيز مٽ مائٽ ڏيندا. ڪُنيون ٽي راتيون ۽ ٽي ڏينهن هلنديون آهن، جيستائين چوويهين پهر ٽيجهي جو ختمو اچي. انهن ۾ ڪانڊپو اچي ويندو آهي. ڪنيءَ ۾، چانور چٽن جي دال ۽ گيهه وجهي رڌي ديگ لاهين. اهو پٽ پوڙ، آچار يا ڏئونري سان کائين. پر مناڻ ۽ کير سان ڪونه ڪائبو آهي. ڪي ماڻهو ڪنين بدران روڪڙا روپيا (ننگ) ڏين. ڪنيءَ جو پٽ اوڙي پاڙي موڪلين. گهٽا ته اهو پٽ پٽڙ تي ڪائين، ڪي ته ماڳهين حيلو آٽين، نڪو پٽ اچڻ ڏين نڪو کائين. ٽيجهي جي ختمي ۾ ته وڏا ماڻهو هڪٻئي کي ماني موڪلين ته ان سان ميوات سڪي توڙي تازي ٻه ڏياري موڪلين. ان ميوات کي "چويا" سڏين. ڪنين ۾، دال پٽ، گوشت پٽ، پلاءُ پساءَ وغيره رڌي کائين.

فقير ڪارائڻ يا ختمو ڏيارڻ:

ميت کي چويهه پهر گذرندا ته فقير ڪارائيندا. ست رڱي رڌبي جنهن ۾: پلاءُ، ڊگڙ، گوشت جو پوڙ، سيرو، کيرٽي، رڌل ڀاڄي، مڇي يا پلو، پيهون وغيره هوندا. هڪ ملو، هڪ سيد، ڪي معصوم ٻار يا ڪو پڙهيل شخص ۽ ڪي عزيز گڏجي ويهي کائيندا، ۽ ختمو بخشيندا. ڪاڌي کائڻ کان پوءِ سڪو ۽ تازو ميوو سندن کائڻ يا ڪٽي وڃڻ جي لاءِ رکندا. سرهو تيل جنهن ۾ نازبوءِ

جا پن بہ پيل هوندا. سوپاريون، ڦوٽا، جوهر جون ٽڪيون بہ هونديون. تيل ماز هٽ پري سونهاريءَ ۽ مٽي کي مکيندا.

وچڻ مهل ملي (غسال) کي نئون وڳو جنهن ۾ ڳاڙهو رومال، اڇي ٽوپي، اجرڪ، اڇو پهراڻ، اڇي سٿڻ اڳڻ سميت سو خدا ڪارڻ ڏيندا. امير ماڻهو وري هنڌ بسترو، ٿانءَ، سونا زيور جن ۾ سنگلي، ٻيڙا، منڊي وغيره هوندي آهي ڏين. ڪي وري ميت وارو وٿو بت نچوئڻ واري اجرڪ بہ ڏيئي ڇڏين. زالن لاءِ بہ مُلياڻي کي ٿهہ ٿهڪندو اونڌر ڏين. ٽيجهي کان پوءِ ايڪيهي تي ۽ هر جمعي جي رات منو پت، پينهون، سنيون رڌي ختمو ڏياريندا رهندا. پر ان کان پوءِ جمعاڻي چانڊاڻي بہ ختما ڏياريندا رهندا آهن.

ڪنڊ / اُڪنڊ ڪڄڻ:

مئي جي ڪنڊ ستين، نائين ۽ بعضي يارهين يا ايڪيهين ڏينهن بہ ڪٽي ڇڏين. اها سعد ۽ نحس ڏينهن جو حساب لڳائي پوءِ ڪٽنديون آهن. ان ڏينهن وهنجي "وار" ڪنديون يعني روئنديونَ رات جو يا شام جو مقام تي وڃي قُل بخشي يا پڳڙا ورهائي اچن. ڪي وري مڃي ماني تياري ڪري وڃي مقام تي ڪائين ۽ ڪائي پي موٽي گهر اچن.

عدت مان اُٿڻ:

چار مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن پورا ٿيڻ کان بہ - ٽي ڏينهن اڳواٽ ڍڳڙيون پچائي ۽ سيرو رڌي، ڍڳڙي سان گڏ سيرو رکي برادري ۽ سيالن کي ڄاڻائيءَ جو موڪلين. ان مان خبر پوندي تہ فلاڻي زال عدت مان اٿڻ واري آهي، پوءِ انهيءَ ڏينهن تي راڄ واريون زالون اچي ڪنيون ٿينديون.

ان رات جو اسر مهل بہ - ٽي مرد ۽ بہ - ٽي زالون عدت واريءَ سان گڏجي مقام تي ويندا. عدت واري مڙس جي بني ڏسي قل بخشي گهر ايندا. ڏينهن جو "وار" ٿيندو. سيئي زالون پنهنجا پنهنجا قريب ياد ڪري ڏاڍو ڪاڙهو ڪنديون، پوءِ راڄ جمعدارڻ اٽي سيني کي سوءَ لاراهيندي. پهرين سرمي جي ڪاني پري سيني کي اکين ۾ وجهڻ لاءِ ڏيندي، تيل مکارائيندي، لسا ڪپڙا لاهرائي سبوٽ پهرائينديون. سيئي مائٽياڻيون هڪ ٻن کي اونڌر ڏينديون، جن وٽ ڪپڙا نہ هوندا، سي روڪڙ ڏينديون. پچاڙيءَ ۾ پڳڙا ورهائي گهرواريون ۽ عدت واري کي پرچاڻي ڏيئي، ڪٽ تي ويهاري ٿينديون روانيون. ان کي چوڻ "پٽيچ ڪنيو" عدت واري زال کي پوءِ مائٽ پاڻ وٽ گهرائي پاڻي پياريندا يعني تڪائين.

چڙهي يا ڪنواري جو ميت

لاش سينگارڻ:

ڪنواري مرد کي تڙ ڏيڻ کان پوءِ ميندي ءَ جو سَنوڻ ڪن. سندس جنازي کي موڙ ٻڌي پوءِ کڻن. چون ته هاڻ هن جون لاشون قبر سان آهن. هن جو پٽر چاليهي پوري ٿيڻ تي، ختمو ڏياري کڻي ڇڏين.

زال زاعفان جي ميت

لاش سينگارڻ:

زال کي زالون ئي تڙ ڏين، جي مُلي مقرر هوندي ته اها تڙ ڏيندي. زال ماڻهوءَ جي ميت کي ڪفن وڌيڪ ڏيڪائين. ان جي ڇاتيءَ تي سينا بند ٻڌڻ جو اڌوال ڪپڙو هوندو ۽ پٽيءَ وانگي سڄي ڇاتيءَ کي ڦري ايندو ۽ مٿي تي رومالي [نقابو] مٿان نراڙ کان سڄي مٿي تي ڪسابي وانگي ورائي ڪاڏيءَ هيٺان ٿانڪو هٽي بند ڪن. مٿانئس سامون يا ڇاڙون گنديون، پوتيون، چنيون ۽ اوڍڻيون وجهن، هن جو پٽيچ به چاليهي جو ختمو ڏياري کڻي ڇڏين. يا ايڪيهين ڏينهن کڻن. مٿس جنازي نماز پڙهي پوءِ دفن ڪن.

ٻار جو ميت

ميت سينگار:

ٻارڙي کي، پنهنجا مائٽ ئي تڙ ڏيندا آهن. ان جي ڪفن ۾ چولي ڪانه ٿئي. جوڙيءَ ۾ ئي بند ڪري ننڍڙيءَ منجيءَ تي رکي يا ٻانهن تي کڻي مقام ڏي هلن. مٿس جنازي نماز پڙهي دفن ڪن. ٽن ڏينهن کان پوءِ ان جو پٽر کڻي ڇڏين. اهي ٽي ڏينهن ننڍڙن معصومن کي پيهون کير ۾ وجهي ۽ ڪنڌ پرکي ڪارائين. جي ٻار جي ماءُ جيئري هوندي ته ٽئين ڏينهن تي هٿ منهن ڌئارائي سندس جهوليءَ ۾ ميوات وجهن. سندس ڏک لاهڻ لاءِ هدايت ڪن، هاڻ ٻين جو خير گهرُ. گهڻو روڄ راڙو چڱو ناهي. الله سائين تنهنجي خالي جهولي سگهوئي سائي ڪندو يا ڀريندو. هن جي خزاني ۾ ڪائي ڪمي ڪانهي! ڏک کي پنن پويان ڪر. رب جي رضا تي راضي رهه!

ترڪو ۽ ورثو

ترڪو:

ميت جي ملڪيت، جنهن ۾ پئسا، مال، ڍور ڍڳا، وهٽ، زمين، جايون، ڪارخانا، زيور (ڳهڻا) ٿانءُ ٿپا، هٿيار پنوهار ۽ موٽر گاڏيون وغيره جيڪي به هونديون انهن سڀني کي ترڪو چئبو يعني انهن شين کان تارڪ ٿي ويو.

ورثو:

مئل جا ويجها مائٽ، جيڪي به جيئرا هوندا، تن ۾ ترڪي واري ملڪيت، شريعت موجب ورهائي ويندي آهي. انهن ماڻهن کي مئي جا وارث چون. پوءِ جيڪو شريعت موجب سندن حصو ٿيندو سو هرهڪ کي ملندو (انهيءَ حصي جو فيصلو علماءَ ڪندا). مليل حصي کي ورثو چئبو.

مقام سان لاڳاپا

قبر تي وڃڻ:

مئي جي بُنيءَ تي پهريان ٽي ڏينهن مڙدي جو ڪو مائٽ روز صبح ۽ شام پيو ختمي لاءِ ويندو. اُڪنڊ ڪڇڻ تي زالون وڃي قل بخشي اينديون آهن. عدت مان اُٿڻ تي مڙدي جي زال، مرد جو لوڙهه ڏسي دعا بخشي ايندي آهي. ڪي ماڻهو چاليهي ۽ ٻاراهي تي به مزار تي وڃن. هر محرم مهيني جي ڏهين تاريخ ماڻهو مائٽن جي قبرن تي مٽي وجهن يا لنبائين. رمضان جي عيد تي پڻ ماڻهو مائٽن کي ختمو بخشڻ جي لاءِ ويندا آهن.

ڪو بزرگ، درويش، عالم، مجذوب، ولي، غوث، قطب يا ملڪ جو مشهور ماڻهو هوندو ته ان جي قبر، چوڪنڊي، مقبري ۽ قبي تي ماڻهو وڃن ۽ ٻاراهو عرس ڪرائين. ڪي ماڻهو ٻاسون ٻاسين جن ۾ جهنڊ، جاد ڏين، قنبر وجهن، پڙ ڏڪائين. ڪيترن اوليائن تي سدائين مجاور ۽ متولي ويٺا آهن ۽ ماڻهو پيا زيارتون ڪن.

مئي سان ناتا نڀائڻ:

ڪي ماڻهو رمضان شريف جي مهيني ۾ قرآن شريف سڄو پڙهي يا پڙهائي ختمو بخشارائين. مائٽن جي نالي ڪپڙا خيرات ڏين. ڪي ماٽن جي روحن لاءِ هڪ ويلو يا به ويلا خيرات جي ماني خدا ڪارڻ ڪري ڏين. ڪي سرند ماڻهو مائٽن جي نالي تي ڪن غريبن کي وٺي وڃي حج ڪرائي اچن.

اوسارا ۽ پار

اوسارا: اصل لفظ "انوسريا" جيڪو گهٽي استعمال ڪان اوسارا ٿيو آهي، امامن جا اوسارا ڌهل جي وڄت جنهن ڪي ڏڄ يا ڏنڊ چون تنهن تي چون. ڪي وري وڏن ماڻهن اميرن، نوابن ۽ پيرن جي موت تي چون. پر هاڻ وڏن ماڻهن تي ڪونہ اوسارين، فقط امامن ڪي اوساريو ويندو آهي، جنهن ڪي "پڙ" بہ ڪونين.

پار: اصلي لفظ "پاروٽا" جيڪي وعدا، ٻول، انجام، سخن ۽ وچن ڪجن، گهٽي استعمال ڪان فقط پار لفظ رهيو آهي. اهي پاروٽا روز الست جا آهن. جو روحن کان رب سائين پڇيو هو تہ الست بربڪم چيائون بلا. آءٌ توهان جو پالڻهار ناهيان؟ چيائون هائو. پار ان وعدي پوري ڪرڻ جي يادگيري ٿا ڏيارين. زالون سيڪنهن ماڻهوءَ جي موت تي پار ضرور ڪين. اُهي اهڙيءَ تہ جهيل، آلاپ ۽ جذبي ۽ جولان سان چون، جو پٿوئي پگهرجيو وڃي! سخت دل ماڻهو بہ هيڪر ڪونئرو ٿيو پوي.

پار، ڪنهن علم عروض جي يا موسيقيءَ جي قدرن مان ناهي. پار اندر جو اُڌمو آهي، ڏک درد وارين زالن جي هانءَ جي باھ آهي، جا پڙڪو ڪريو تي اُيري ۽ ان جي گهنجڻ تي ڏک هلڪو ٿيو وڃي! هن جا مختصر جملا پر بيان حقيقت ڪي نروار ڪن ٿا:

پرٽيل مرد تي پار:

رَنون هوند نہ چگيون، توڙي بادشاهزاديون هون!

* * *

رَنون رَنون نہ چئو، رنون روھ جيئن!

* * *

يتيمن پرويهي گهٽا گذارين ڏينهڙا!

* * *

ڪاهي قاتم ڪنجرو، مٿو اگهاڙو!

پيءُ ماءُ تي پار:

مائٽ ڪن جا نہ مرن، مرن ڏکيون ڏيئرون!

مائٽن ري ڏيئرون، ڪوني ڪنهن نہ پڇيون!

* * *

ساڳين سان سگَ، منهنجو ويڳين سهڻ وراڪي!

* * *

مر مران آءٌ، منهنجن ڪيچن کي ڪير تئي!

پائرن تي پار:

پائر وڏي وڪري، مر حياتي هون!

جيئري ٻر ٻانهن جو، مئي ڪلها ڏين!

* * *

پائر مگيا نہ ڏجن، ڏجن هاري ڏاند!

* * *

پائرن پيرو نہ ڪيو، منهنجي ادل لائي اوير!

پٽ تي پار:

پٽ ڪن جا نہ مرن، مرن ڏکيون مائرون!

آءٌ تہ لوڏيئين لال، پينگهہ وتائي پٽ جي!

* * *

ڪنگوءَ رتئي ڪپڙا، مينديءَ رتئي پير!

* * *

مرن سپ طبيب، جن ٻڪي ڏني نہ ٻاجهہ جي.

* * *

پٽن مايڙون، روئيو راڄ پچن!

* * *

راند ڪندي ريل ۾، تو ڪيئن جهتايو پاڻ!

ڌيءَ تي پار:

مري ڪام جواڻ، جواڻين جوکو مرَ تئي!

* * *

مائون تہ ڏيئرون، توڙي هئن پينرون!

* * *

هجنئي سڳي ماءُ تہ ٻڌنئي سورن سندرو!

* * *

لالر آءٌ لڙي، تو گهٽا لايا ڏينهڙا!

ميرن، پيرن ۽ مرشدن تي پار:

ڪونڌر ڪنڌ سندن، پاڳون سندن ڏُنباريون!

* * *

پيرل (ميرل) پاءِ پير رڪيب ۾، گهوڙي سونا سنج!

* * *

پيرل (ميرل) ڪتي گهوڙو باهڙيو، ڪتي چڙيئين سوار؟

* * *

پٽراٽيءَ پير ڏرين، تنهنجو رُنو وهاڻو!

عام پار:

ڪونجن ڪوهه ٿيو، منهنجون وري وطن نه آئيون!

ڪونجن ڏنا ڪڪَ، منهنجون ڍِبَ ڏسيو ڍرڪيون،

ڍرڪيون ڍول مٿان، منهنجون اڃي بوڇڻ واريون!

بيتن ۾ پار:

ڪانگل! ڪچاڙو ٿيئي، پيئين پٽ ڪري؟

ڪڏهن اُس تڙڪو نه سنئي، اڄ سارو ڏينهن لنگهيئي؟

هيڙا جال ڏسي، تولئي ڪانگن ڪانگيرا ڪيا!

* * *

تن سَڪن ڪهڙي سار ڪ ونا مينهن ملير تي!

* * *

مٺا منجهه مقام، سِڪن تا سلام ڪي!

* * *

ـ، مارئي نه چائي، ته هوند مارو پيا نه مامري!

* * *

ڪِج ڪمايم ڪوڙ، پڳم عهد الله جا!

پڄرو جو پاپن جو، چوٽيءَ تائين چُور!

* * *

هو تا پلاٽين منهنجو هينئڙو تو هيٺو ٿئي!

تنگ مهارون توبرا، بيٺا جت جڙين!

باروچي بولي ڪري پنهون پاڻ سان تا نين!

باب انون

مذهبي ڏهاڙا ملهائڻ

سَيُن يا 15 شعبان جي رسم:

15 شعبان جي رات مسلمانن جا ٻار مشعال، متا يا ڏياتيون [جيڪي ڏگهن ڪانن ۽ ڪانين جي ڇيڙين تي اڳڙيون ويڙهي، تيل مان ٻوڙي ٻارين] ٻڻ ساڻ ڪٺي ڳوٺ ۾ ڦرن ۽ چون:

عيد مشعالو، دشمن جو منهن ڪارو،

اسان جي نبيءَ جو منهن موچارو.

شعبان جي مهيني جي آخر ۾، مسجدن ۾ قرآن شريف جا ختما ٿيندا آهن، انهن ۾ حاضرين کي ڪارڪون ورهائي ڏيندا آهن. اهي ڪارڪون ۽ ٻيون بازار مان خريد ڪيل گنڌي، اٺيهين يا ٽيهينءَ رات جو انهن کي ڏوئي ڳڙڪيون ڪڍي، صفا ڪري، ڇيري ٻه اڌ ڪري پاٽي ۾ پسائي رکن، جي ڳري نرم ٿين، پوءِ ججهي کير ۾ کنڊ وجهي انهن کي رڌين ۽ صبح تائين ٺرڻيون رکن.

15 شعبان جو ڪارڪون ۽ ڳڙڪيون جيڪي ڪارڪن مان نڪرن سي مرد ماڻهو ڪٺي مقام تي وڃن ۽ پنهنجن مئل عزيزن کي ختمو بخشي اهي ختمي واريون ٻجيل کوتون. قبرن تي نشانيءَ طور رکي گهر موٽن. چون ته انهن جو وڏو ثواب مئلن کي ٿو ملي. گهر اچي ٻهريائين فطرو ڏين.

گهر اچڻ سان رڌل سئيون ۽ ڪارڪون جن کي کيرڪارڪون [کيڪون] چون، سي ڪائي رات وارو روزو کولي، وهنجي ڪپڙا نوان يا اڇا اُجرا پهري، تين مسجد ڏانهن راهي. رستي ۾ هڪٻئي کي ڀاڪر پائيندا، دين ايمان جون مبارڪون ڏيندا، تڪبيرون ۽ نعرا هڻندا ۽ مولودن جا شغل پڙهندا مسجد ۾ پهچن. نماز پڙهي پوري ڪري اچي اوطاقن، اوتارن ۾ رس رهاٽيون ڪن. جتي ڳائڻا يا مولودي چڱي رونق لڳايو رکن. اهڙيءَ طرح زالون سچو ڏينهن ٻارن کي ڊوڙائين ته فلاڻي فلاڻي گهر ۾ چنگي ڏيٺي اچو ۽ ٻار خرچيون وٺندا کلندا کڏندا ڏينهن پورو ڪريو ڇڏين. ٽن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ چون ته:

”عيد وئي آڪن ۾، ماڻهو پيا ڏکن ۾.“

حشر جو ڏينهن

ڪتابن ۾ آيو آهي تہ: ڏهين تاريخ محرم مهيني جي، الله تعاليٰ آدم عليہ السلام کي بيبي حوا سان ملايو، حضرت سليمان عليہ السلام کي تخت واپس ڏياريو، حضرت يونس عليہ السلام کي مڇيءَ جي پيٽ مان نجات ڏياري، حضرت يوسف عليہ السلام سڳورو پنهنجي پيءُ حضرت يعقوب عليہ السلام سان مليو، حضرت ابراهيم عليہ السلام لاءِ نمرودي آڙاهہ سرد تي گلزار بنجي ويو. حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي دشمن جي ڦاهيءَ کان الله تعاليٰ پاڻ وٽ گهرايو، پر حضرت امام حُسين رضي الله عنها حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو ڏهٽو، ڪربلا جي ميدان ۾ يزيدي لشڪر هٿان اُڃ ۽ بک ۾ معصومن سميت شهيد ٿي ويو. اهو جمعي جو ڏينهن ۽ محرم جي ڏهين تاريخ هئي. اسان اهو ڏينهن سوڳ (ڏک) جو ڏينهن ڪري ملهايون ٿا. هن ملڪ ۾ چند ماڻهن کان سواءِ ان ڏينهن تي ماڻهو گهرن ۾ دانگي ڪونہ چاڙهين، چون تہ دانگي يزيد جي ماءُ چاڙهائي هئي ۽ مٺيون مانيون پچارائي ورهايون هيون، تہ حسين شهيد ٿيو. هاڻ يزيد جي حڪومت گهٽو جنئاءُ ڪندي، وغيره.

سيئي ماڻهو چڻا، مڱَ، چوڙا، مٺرن جا ڪوهر اُباريندا، ڪي انهن ۾ ڪڻڪ بہ ملائين، اهي ڪوهر ۽ ڇڻن جي نياز سڄو ڏينهن پاڻ بہ کائين ۽ مسجدن ۾ اوتارن، پڙن ۾ بہ موڪلين، پر ڪي پٽ بہ رڌي کائين.

ننڍڙا ٻار صبح جو اُٿي گهر گهر ۾ "حشر جون پايون" پنڻ وڃن. جن کي زالون ويهاري، منهن ڌوئاري، اکين ۾ سرمو ۽ مٿي تي تيل جي ترِي مکين ۽ پائي پائي هٿ ۾ ڏين: انهن پئسن مان ٻار پاڻيءَ جون سبيلون لڳائن ۽ حشر ڏينهن (10 محرم) تي نياز ڪن.

مرد ماڻهو، صبح سان اتي مقام تي وڃن، مائٽن جي قبرن تي مٽي وجهي يا وجهائي تربتون سڌارين ۽ سنوارين، مٿان پاڻيءَ ڇٽڪار ڪرائين، ڪي قبرن کي لنبائين، قبرن تي گل وجهن، ناز بوءِ جا پن وجهن ڪٿي ڪٿي ڪبڙن جا ساوا پن رکن ۽ مٿن مصليٰ (ڪتبا) رکن قل پڙهي بخشي واپس گهر اچن. ڪي وري مسجدن ۾ وڃي خدا ڪارڻ نفل پڙهن ۽ قرآن شريف جو ختمو ڪدي، امامن جي روحن کي بخشين ۽ مٺائي ورهائين.

شيعا مسلڪ جا ماڻهو، ڪن جاين اڳيان جهنڊا ڪوڙي رکندا آهن. انهن ڪي امام جو اوتارو يا امام واڙو سڏين ۽ ڪي انهن کي پڙ به ڪوٺين. انهن پڙن تي يا اوتارن ۾ سڄو ڏينهن نقارا (نغارا) پيا وڄندا آهن، جن کي امام جي نوبت ڪري ڪوٺين. وڄت کي ياحسين جو ڏوٺڪو، هسواري، تاهو، ڏڌ يا ڏنڊ چون. نغارن سان گڏ دهلاري ۽ شرنائي وارو به هوندو آهي. شرنائي ۾ پڙ، نوحه ۽ زاريون ڳائين ۽ ڏاندين ڪان پتارائين. شيعا مسلڪ جا ماڻهو حشر جي ڏينهن ڪارا ڪپڙا ڍڪين، ڪٿون اونڌيون ڪن ۽ مٿي ۾ خاڪو (ڇار) وجهن. پنهنجن پڙن تان تعزيه يا ظهورا ڪڍن. ظهورن ۾ هي شيون هونديون آهن.

1. تابوت: ڪربلا ۾ امام حسين عليه السلام جي روضي مبارڪ جو نمونو هوندو آهي.

2. سيجون: سينگاريل ڪٿون جن تي بستري مٿان اعليٰ قسم جو وڇاڻو هوندو آهي امام قاسم لاءِ ڪڍي ويندي آهي.

3. پينگهو: سڄو جنديءَ جو رانديڪن سان خاص امام علي اصغر جي ياد ۾ ڪڍي ويندي آهي.)

4. ڍير: ڪاٺ جي تختن جي پنينَ ۽ گلن سان سينگاريل قبر جو نمونو يا ڪنهن منجيءَ مٿان ڪمان وانگي ڪانيون ٻڌي، انهن ۾ ڪپڙن جا ليهه وجهي بنيءَ جو نمونو.

گهوڙا سينگاري ڪڍڻ:

امام حسين عليه السلام جي گهوڙي جو نالو ذوالجناح ۽ حضرت عليءَ جي گهوڙي جو نالو دُلدُل آهي سي شيون سينگاري ڪڍن. ذوالجناح جو جلوس سي ڪڍن. ذوالجناح جو سينگار بهترين هوندو آهي، پنيءَ تي هيلخوري مٿان بهترين زريدار جهل، ان جي مٿان مقيس ۽ چانديءَ جي تارڪشي يا زردوزيءَ تي تل ۽ ٽڙا هوندا. انهن جي مٿان هنو چانديءَ جي تار تي مڙهيل مرد چل سان هوندو ۽ هني سان چانديءَ وارا دوال ۽ پيتلي رڪيب، مٿان ريشمي گاشو جنهن جو ٻڌڻ جو تنگ پڻ چڪمدوزي سان هوندو آهي، پاسن ڪان به سپرون يا ڍالون

اهي جهنڊا هر محرم مهيني جي پهرين تاريخ، مرمت ڪري نين بيرقن ۽ چولين سان سينگاري وري چاڙهين. (ليکڪ)

جن مٿان جڙاءُ دار مُنين سان تلوارون مياڻ يا ڪپن ۾ پيل پاسيريون جڪڙيل هونديون. هڪ چاندي جي هٿ واري ڪلس [چوٽيءَ] وارو جهنڊو جنهن جي ڪنڊري رڪيب ۾ اٽڪيل مٿان سائي بيرق پئي ڦڙڪندي، هني جي پرٽي ۾ پاڳ يا ڇٽ ڪپايل هوندو. گهوڙي جي دونار تي سونيون دهريون ۽ سرون هڪبئي مٿان ٻڌل سچي ٻوٽ ڪي وڪوڙي ٻيهنديون، ڳچيءَ ۾ جنوئي جهاٻن سان ڳلخور سرواڳ لغام، مُچي پٽلي سان، ڳانيون گهنگهرن موتين پرت سان ۽ چانديءَ جون هونديون آهن. پنيءَ تي چانديءَ جي دُمچي ڪپڙي جي دُمچيءَ مٿان پستنگ سان پئي جهرڪا ڏيندي آهي. گهوڙي جي سُنبن ڪي ڳاڙهو يا گلابي ڪري نورا پازيب وجهن. اهو گهوڙو دڙهن سان پٽ وليندو هلندو ۽ ماڻهو چوندا آهن ته ماتم ڪندو تو هلي. هلندي هلندي ڪنهن مسجد يا حويليءَ جي چانئٺ تي پڻ مٿو ٽيڪيندو هلندو آهي. انهن پڙن تي مرثيه خوانيءَ جون مجلسون به ٿينديون آهن ۽ ماڻهو نوبت تي پٽيندا (ماتم) به آهن.

جلوس ۾ ماڻهو مرثيا، لولي، نوحو، سلام، فاتحه ۽ فرياد ڏک واري سَر ۾ پڙهن:

مرثيو:

ڪربلا جي قتل جي ڪر ڪا خبر، اي آسمان!
ڪيئن ڏنئي نيزن چڙهيا شاهن جا سر، اي آسمان!

* * *

اي خدا جا لاڏلا سردار سروَر يا حسين!
مرتضيٰ موليٰ عليءَ جا ماهه منور يا حسين!

نائين رات جو امام قاسم جا مرثيه پڙهندا آهن، ڏهينءَ صبح جو امام علي اصغر جا مرثيه ۽ لوليون چون[1].

لولي:

اصغر ويو هاڻ ڏيان ڪنهن کي لولي، هاءِ!
اصغر ويو خالي ڪري منهنجي جهولي، هاءِ!

* * *

[1] ڏهين جي رات تائين امام اصغر جي نيت ڪري ماڻهو ننڍڙن ٻارن کي مني ڪير جون وٽيون پيري پيارين.

سرائيڪي ۾:

شادي تيڏي دا بند عجب هي پالا
چاچي تيڏي دا بنرا ويس هي ڪالا

*　　*　　*

آءُ منهنجا اصغر!
لوڏي سمهاريئين، آءُ منهنجا اصغر!، ڪير پيارئين آءُ منهنجا صغر!
رانديڪا تنهنجي راند جا بابا! آءُ ته ڏيکارئين، آءُ منهنجا اصغر!

مرثيو:

ڪير پيڻ وارو بچو، جنهن جو مري ڪير ري
اُن جي امان اُن جي غم سر پٽي روئي مري!

*　　*　　*

جڏهن لڳو حلق ۾ اصغر ڪي تير
زخم ڪان اُن جي لڳو ٽڙپڻ صغير!

اصغر جي مرثين کان پوءِ وري اڪبر جو مرثيو پڙهن:

جڏهن اڪبر مظلوم ڪي گهايل ڏنو گهوڙي،
رڻ ڪي ڇڏي خيمي طرف منهن هليو موڙي!

امام قاسم جا مرثيه جي نائين رات چون:

قاسم جي چاچي ڪئي دعا ميندي مبارڪ قاسما!
سڀ چاچي ماجي رڻ رهيا مينديءَ مبارڪ قاسما!

*　　*　　*

قاسم وني ڪي وهاڻ جي ميندي ٿي لائجي،
رت جون نديون گلاب ٿو گهر گهر وسائجي!

*　　*　　*

وهاڻ وڳي سان جڏهن رڻ ڪنو قاسم ونو،
بانهين ڀڃي منهن پٽيو، اُن جي وني ءَ رت رُنو!

*　　*　　*

شام جو تعزين ڪي گهوم لاءِ پڙن تان ڪٽي نڪرندا ۽ خلقون خدا جون پويان پيون هلنديون، رستي تي نوحه چوندا جن تي پٽ (ماتم) پئي پوندي.

نوحو:

آئي عرش مٿان اوچنگار، هڪ نينگر ننڍڙي بار!
اڄ ساڻي سات سنڀايو وڃن، منهنجا مائٹ ماڳ مٿايو وڃن!

شام جو پنجين ٻجي وري هيءُ مرثيو پڙهن:

ڪربلا جو واءِ ڏاڍو واقعو،
هائي ڪڏهن ٿيو ڪونہ اهڙو حادثو!

رباعي:

جي ڪربلا ۾ آب گهريو ٿي شهہ زمن،
تان تنهن کي اُت هيئن ٿي چيو ظالمن،
حاڪم جو حڪم آهي تہ پاڻي، بشر پين،
مور پين پکي پين ۽ شتر پين،
ڪافر بہ جي پين تہ نا ڪنهن کي منع ڪجي
مگر آل مصطفيٰ ﷺ کي نہ پاڻيءُ ڦڙو ڏجو!

سلام:

شاهہ شهيدان حسين، توتي صلاوت و سلام!
دين ۽ ايمان حسين، توتي صلوات و سلام!

فرياد:

ٿيا ڪربلا ۾ محشر، فرياد يا رسول!
لهہ سار تن جي سرور فرياد يا رسول!
حسين ڪاڻ مديني ۾ مصطفيٰ ٿو روئي،
امام آءُ وري هرهڪ جدا ٿو روئي.

فاتحہ:

مومنا چئو متفق ٿي مصطفيٰ تي فاتحہ!

نهر وقت فاتحہ پڙهن ۽ چهلم (چاليهي) تي هيءُ مرثيہ پڙهن:

مرثيو:

چنڊ چڙهيو ماتم جو موٽي ٿي قيامت ٿي قيام،
اڄ وري جهوليا جهنڊا نڪتا نشان آيا امام!

ڪي ماتهو محرم جي ڏهن ڏينهن ۾ سبيلون قائم ڪن. ماڻهن کي ٿڌو ۽ مٺو شربت پيارين. حشرَ ڏينهن ڪي زالون گهر ۾ويهي قرآن شريف، نفل ۽ تسبيح پڙهي ثواب امامن کي بخشين، پر ڪيٰ پنهنجن گهرن ۾ امام جون مجلسون ڪن، جن ۾ کوهر ڪارائين، شربت پيارين ۽ پڙ يا اوسارا ڇون. ڪي سيدن ۽ پيرن جي حويلين تي وڃي پٽين ۽ اوسارين. زالون هن قسم جا پڙ ڇون.

جهندبن ويلي روئي مصطفيٰ، جنهن جا ڪُنا آهن ڪَلها!
هئي هئي حسين، ماتمي حسين!

* * *

”تابوتن“ ويلي گهوٽ ٿي ڪئو،
هاءِ قاسم لاءِ ڪڪر نير ٿي ونو!

* * *

سڪيلڏا اصغر! آءُ تہ پينگهو لوڏيانءِ،
آءُ تہ پينگهو لوڏيان، تنهنجي جيجل روءِ زارو زار - سڪيلڏا اصغر ....

* * *

”گهوڙن“ والي پاڻي آڻ، هئي هئي روئي سڪينا!
پاڻيءَ پياسي سڪينا، هاءِ علمدار الله آڻيندءِ!

* * *

سيجن والي لڳئي نہ کوسو واءُ،
هاءِ اصغر مڪي ۾ موٽي آءُ!

* * *

تنهنجي ”آيل“ روئي زار زار، سر تان چادر لاهي پچار!
شهادت جي رات، هاءِ حسين غم هو، غم ۾ ماتم هو!

* * *

تنهنجي ”جيجل“ ٿي روئي رت زار و زار،
سو تہ سيجن ويلي موٽي آءُ امام
هاءِ پينگهو خالي ڏسيو سر پٽي تنهنجي ”ماءُ“!

* * *

"نيزن" والي شير هو او قاسم ڪارو ويس،
قاسم ويو پرديس!

* * *

ڪربلا سارو ساٿ، روئي زار و زار
مؤمنا ڪريو ماتام!
قاسم جا طنبو لُٽيائون - ڪربلا سارو ساٿ...
(ٻ بيا ظهورن جا نالا)

* * *

هئي، واءِ، هوءِ! امام ويرين ويڙهيو.
"تابوت" آيو منهنجي شاهه جو، شاهه پاڻ نه آيو.
منيس ڪهڙي رڻ رهيو - هئي، واءِ، هوءِ امام ويرين ويڙهيو!

* * *

هاءِ مسلم جا دلدار، ڪوفي، شير شهيد ٿيا.
گهوڙن والي شير هو، مسلم جا دلدار - ڪوفي، شير شهيد ٿيا.

* * *

رئي چڙهي آسمان، ملڪن ڪيو ماتام،
"گهوڙو" گهوٽ پلاڻيو - رئي چڙهي آسمان، ملڪن ڪيو ماتام.

* * *

هاءِ اڪبر گهوڙي چڙهي آءُ،
هئي ناحق ماريا، جوڌ جواني ويئي، سر جي تاج ويئي.
"گهوڙن" والي، هاءِ اڪبر گهوڙي چڙهي آءُ

* * *

هاءِ "موڙن" ٻڌڙا، ويندا ڏورانهان،
هاءِ هاءِ نيراڻا وجي رانيا، سيد پري وجي رانيان،
هاءِ هاءِ امر الله جي وجي رانيا!

* * *

هاءِ هاءِ مجيئون رب جي رضا!
ناحق ماريا ڪوني ڪُنڙا
چڙهي تن ڪمانُ، منهنجا وارث ڪريو ڪا ورڻ جي.

*　*　*

هاءِ هاءِ متي پوءِ لٽجو!
سيج نہ ماڻي، منهن ڏسڻ ڏي - هاءِ هاءِ .....
ڪوني ڪنڙا، منهن ڏسڻ ڏي - هاءِ هاءِ.....

*　*　*

هاءِ هاءِ بيبي! قاسم ڪئي آهي سج نسب،
ناحق ماريا لال، اڄ تا لال لڏين - هاءِ هاءِ .....

*　*　*

هاءِ مدينو سج ويران! ڪربلا ۾ ڪوني ڪُهايئون
جهنڊن والي مدينو ويران - ڪربلا ....

*　*　*

هاءِ هاءِ شاھ مڪي ۾ موٽي آءُ،
هاءِ "جيجل" ساريا بئي ڪبوتر ويا، روئي آيل ماءُ!
يا حسين شاھ مڪي ۾ موٽي آءُ!

*　*　*

گهوم ۾ سيني پڙن تان ڦيرو ڪندا ۽ جهنڊن کي ڦيرا پڻ ڏيندا هلندا. جيئن سج لڙو ٿيندو ويندو، تيئن رباعيون، سلام، فرياد ۽ فاتح پڙهي وجي مقرر جاءِ تي نهر ڪندا.

باب نائون

سنڌ جا پراڻا هنر ۽ ڪاريگريون

هڪ روايت آهي ته: نصرپور جو شهر سن 989ع ۾ نصير مهاڻي، لوهاڻي درياءَ جي ڪپ تي ٻڌايو هو، جيڪو اڄ تائين آباد آهي. مرزا شاهه حسن ارغون جي ڏينهن ۾ اهو شهر جهڙوڪ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو. منجهس ست هزار ڪپڙي اُڻڻ جا آڏاڻا هئا، جن ۾ زنانين سٽڻ جي ڪپڙي جا نمونا: سوسيون، گربيون، مونڙا، گلبدن، پٽ گربيون، نهنديون هيون، انهن ڪان سواءِ کيس، جي چپر ڪتن مٿان پکيڙين ۽ اوڍين، انن ۽ گهوڙن جي گاشن مٿان رکي ٻڌا ويندا آهن، چانڊنيون، پٽاهڙ اڳٺ، لونگيون، تسر، ململ، قناوين، ڪيتون [قيطون]، چادرون، ڪاڏي ۽ بافتو اُڻيو ويندو هو.

سن 1635ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني هن شهر مان فوجن لاءِ هڪ لک روپين جو رڱو بافتو خريد ڪيو هو. هتي انهيءَ زماني ۾ ايڪيهه هزار ڪوري رهندا هئا. ٻيو هنر ڪاشيءَ جو هو، جو هتي ته جام هو پر هالا، بلڙي، نئي، سيوهڻ ۽ خيرپور ۾ به ان هنر جا ماهر ڪاريگر رهندا هئا.

ڪاشي:

ڪاشيءَ جو ڪم هوبهو ڪنيار جي ڪم جهڙو آهي. ڪاشيگر پهريائين ڳولي سُني چيڪي مٽي هٿ ڪندو آهي، پوءِ ان کي ڪُٽي پجي پوري ميدي جهڙي ڪري پسائي ڳوهي، چاڻا يا پنوڙا جوڙيندو آهي. اهي پنوڙا چڪ تي چاڙهي جهڙي قسم جو ٿانءُ يا برتن گهربل هوندو اٿس، چڪ ڦيرائي تيار ڪري وٺندو آهي. فقط سرون، مُصليٰ (ڪتبا)، ڪارب (قالب) [ڊانچي/سانچي] ۾ وجهي ٺاهيندو آهي. انهن کي سُڪڻ کان پوءِ رنگ چاڙهيندو ۽ چٽ گل ڪڍندو ۽ مٿان هڪ لاک جهڙي مسالي جو پوتو يا هٿ ڏيئي، اهي ٿانءَ ڪوريءَ ۾ پچڻ لاءِ وجهندو. ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪوري کولي تمام سهڻا سهڻا ڪاشيءَ جا پيالا، ڪوپ ساسرون، گگهيون، گلدان، طباق، پاٽيون، سرون، مصليٰ، نيلون، رانديڪا، چڪلا، صنڊليون، ڪونڊا، جمنيون، دلا، دڪيون ۽ ٻيو به سامان ڪڍي ٻاهر ڪندو آهي، جيڪو ڏُور ولايتن تائين وڃي وڪامندو آهي. ڪاشي، سيوهڻ ۽ بلڙي شهرن ۾ پڻ جوڙي وڃي ٿي.

مناڻيون:

نصرپور ۾ بهترين کيرپڙا کيسر ملائي مان ٺاهيا ويندا آهن. ٻئي نمبر ۾ مٽيارين جو مائو ۽ کيرپڙا بہ مشهور آهن. هي هنر جنهن ۾ مناڻيون بہ اچي ٿيون وڃن، تر جي گهٽڻ وڌڻ شهرن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڇو تہ ڇوٽپايو مال اتي گهٽو آهي. مناڻي تہ هر ڪنهن هنڌ ٿوري گهڻي ضرور ٺاهي ويندي آهي.

عاج:

ٽنڊي الهيار جو شهر، جيڪو ميرالهيار خان پٽ فتح خان، ڳاهوري واهہ جي ڪپ تي سن 1864ع ۾ ٻڌرايو هو، هن اصل ڳوٺ جو نالو ڪنڊي مهاڻي جي وسي سڏبو هو. اتي عاج جي ڪاريگرن جا اٽڪل ٿيهارو ڪن دڪان يا ڪارخانا هئا، شهر جي هڪ بازار جو نالو اڄ تائين "چوڙيگر بازار" رکيل آهي.

ڪچو عاج، برما ۽ آفريقا کان واپاري گهرائي، پوءِ ان کي جنڊين تي چاڙهي چيري، وڏي ٽڪي منجهانئس. چوڙا، ٻانهيون، چڪا، ڊارا، رانديڪا، اڳٽ وجهڻيون، دٻليون، ٻٽڻ (ٻيڙا)، عطردان، گلابدا ۽ ٻيو عاج جو پرت ڪاٺ تي ڪندا هئا. عاج جڏهن مهانگو ٿيو، تہ هاڻ وري پلاسٽڪ (ڪافور) مان اهو ڪم ورتو ٿو وڃي. عاج جو ٿورو گهڻو ڪم حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ بہ ٿئي ٿو.

ٽڪون يا ڪچ:

هي ڪم بہ ٽنڊي الهيار ۾ خاص طرح ٿئي ٿو. سنڌ کان ٻاهر پاڪپٽ پنجاب ۾ هن جا وڏا وڏا ڪارخانا آهن. ڇا ڪن جو سنهڙو پتلو شيشو ان کي پٽ ڪان شيهي جو هلڪڙو پردو چاڙهي بنيءَ ۾ پچڻ رکن پترن نهڻ تي ٻاهر ڪڍن تہ آرسيءَ وانگر پيو ٻکي ۽ منجهس منهن پيو ڏسڻ ۾ اچي، ان کي ڪچ يا ڪاچ ڪوٺين. ان جا بہ قسم ٿين. جيڪو ڪڙ ٻڙاڻ تي هجي تہ ان کي "گلو ڪچ" ۽ جيڪو شفاف هجي، ان کي چٽو ڪچ ڪوٺين، پوءِ ان ڪچ جا ڇبا يا دَٻا پري ڳوٺن ۾ پورهيت زالن کي موڪلين، جي مختصر اُجوري تي ڪرنڊَ (پٽر) ڪٽي، انهن ڪاچ جي پترن کي ڪُرند جا نيشان وجهي مستطيل پٽين جي شڪل ۾ پچن، جن کي وري همچورس هڪ پاڳي چار انچ جي صورت ۾ ٻيهارين، هڪڙيون عورتون اهو ڪم ڪن ۽ٻيون وري ڪترون يا قئنچيون ڪٽي انهن چورس ٽڪرين جو ڪندو لاهي ڪوري انهن کي گول بنائين. انهيءَ گول جنس کي "ٽڪون" ڪرڻيو ويندو آهي.

اهي ٽڪون گجن، چولن جي ڳلن، بوڇڻين، ٽوپين تي پرت سان پري قابو ڪيون ويندڙيون آهن ۽ رات جو اهي ڏاڍا چمڪاٽ پيون ڪنديون آهن. اهي ٽڪون هن شهر مان ٿر ۽ ڪوهستان ۽ ڪن ملڪ جي ٻين ڀاڱن ڏي پڻ موڪليون وينديون هيون. اوچتو ٽڪن جو رواج گهٽجڻ لڳو ته ڪارخانا به بند ٿي ويا. هاڻ به اُڙيو ٿڙيو ڪو هٽ دڪان باقي وڃي بچيو آهي.

ريشم يا پٽ:

سنڌ ديس ۾ ريشم جي ابتدا ٺٽي الهيار ڪان ٿي. جيتوڻيڪ پٽ جو ڪم حيدرآباد، ماتلي، ٽنڊي محمد خان ۽ ٽنڊي باگي ۾ به ٿيندو هو. پٽ جي واپارين کي پاٽولي يا ريشم فروش ڪوٺيو ويندو آهي. هي واپاري "ڪچو ريشم" ممبئيءَ کان گهرائيندا هئا ۽ اتي وري اهو چين ملڪ ۽ بخارا کان ايندو هو. چين ملڪ واري ڪچي ريشم کي "ڳاڙهو گل" ۽ بخارا واري کي "اڇو گل" ڪري سڏيندا هئا. هلڪي قسم کي "بانٺ" ۽ اُڇي قسم کي "گل" ۽ ڪوٽ کي "ڏڪري" چون.

ڪچو پٽ، اوبرن تي اوبي ان جون اول ڇڳون ناهين. پوءِ ان کي سوڍا ۾ مَني ديڳين ۾ ڪاڙهي، ڦرهن تي ڏوئي، پوءِ رنگ چاڙهين. ريشم تي گهڻائي رنگ چاڙهيا ويندا آهن[1] جن جو ڪاتو ڪونهي. رنگ چڙهڻ ڪان پوءِ وري به ڇڳن کي اوبرن تي چاڙهي، ڪاريگر گوڏن تي ويڙهيندا آهن، جن کي "چڙيون" چون. انهن چڙين کي ڪاٺ جي منگرين ۾ وجهي موڙيندا يا نپوڙيندا آهن. ته متي ۽ دز نڪري ويندي آهي ۽ پٽ چمڪڻ لڳندو آهي. ڏڪريءَ مان جُتين، گجن ۽ بيرقن جا ڦندڻ يا ٽوڙا ٺاهيندا هئا. بين ذاتين مان اڳٺ چار يا نوان، ڳانا، ڏورا، سڳيون، زيورن پوئڻ ڪاڻ بند ڏاف ڪلابات هٽي ننگ تيار ڪن. گهڻو ٺٺو پرت پرڻ ۾ ريشم ڪم اچي، جنهن ۾ سنوپريون زالون ڪپڙن تي هُرمچو پرين، جنهن ۾ سبوٽ، چوڪي، پڳڙو، پيٽ ڦاٽو، مشڪرو، اڏڪوٽ، سچو ڪوٽ، پرٽو، نانگڻ، توت، ول، بوندي، هار وغيره پورهٽي پرت ڪن ۽ انهن کان سواءِ ڪِيلَ، ڪندڙو، اُرمو ۽ وٽ به پرين.

---

[1] رڱاوت جو طريقو: سفيد رنگ ڪاڻ ڪچو ريشم صابڻ ۽ سوڍا ۾ ڌوئبو هو ۽ ڪاري رنگ ڪرڻ لاءِ ان کي انجڻين سان گڏ ڪاڙهي ڪارو ڪندا هئا ۽ لتاڙي لتاڙي رنگ پڪو ڪندا هئا. پٽ کي ڳورو يا وزندار رکڻ لاءِ ڪلمي شورو يا ڳڙ به وجهي ڪاڙهيندا هئا. (ليکڪ)

پٽ جي ڪم جي تاريخ:

پٽ جي ڪم ابتدا ٽنڊي الهيار ڪان ڪيئن ٿي؟ تنهن بابت هيئن چيو وڃي ٿو: مخدوم محمد اسماعيل اڳهمي جيڪو اصل گجرات جو رهاڪو هو. سو سير سفر ڪندو جاوا، چين، بخارا، ڪلڪتي، دهلي، ملتان مان گهمندو اگهم ڪوٽ رسيو، هو پٽ جو وڏو ڪاريگر هو.[1] جنهن کي هاڻ اگهاماڻو سڏيو ٿو وڃي. اهو مهراڻي درياءَ جي ڪپ تي سمن سردارن جي گاديءَ جو هنڌ هو.[2] اتي اچي هڪڙو ديني مدرسو کوليائين. ان ۾ بين سان گڏ ڪڇ جي جاڙيجا، سما، راجپوتن جا ٻه راجڪمار هن جي پناهه ۾ اچي رهيا. هڪ جو نالو ماڻڪ جي ۽ ٻئي جو نالو ويڌا جي هو. پاڻ انهن کي مسلمان بنائي پاڙهي. اهو هنر پٽ ناهڻ جو، جيڪو هُن ڪيترن ئي ملڪن مان سير سفر دوران سکيو ۽ ان ۾ مهارت حاصل ڪيائين، سو هنن نو مسلم راجپوت نوجوانن کي سيکاريائين. جڏهن ڇوڪرا وڏا ٿيا ۽ شاديون ڪيائون ته پنهنجي اولاد کي اهو هنر بہ سيکاريائون. سندن گهڻو اولاد ٽنڊي الهيار ۾ اچي رهيو ۽ ٿورا بين مٽين شهرن ۾ وڃي رهيا. هنن پاتولين کي جيڪي ماڻڪ جيءَ جو اولاد آهن، تن کي ماڻڪاڻي پاتولي جيڪي ويڌاجيءَ جو اولاد آهن تن کي ويڌاڻي پاتولي سڏيو وڃي ٿو. هينئر گهڻو ڪري سيني پٽ تيار ڪرڻ جو ڌنڌو ڇڏي ڏنو آهي ۽ زمينون وٺي وڏا زميندار ۽ ڪارخانيدار ٿي ويا آهن.

رڱاوت:

هيءُ ڪم ٽنڊي الهيار، مٽياري، سعيدپور ٽڪر واري، ماتلي، ٻنوري ۽ ميرپور ساڪري ۾ بہ ٿيندو آهي. هتي هندو ڪتري قوم هي ڪم تمام سٺي نموني سان ڪندي آهي. هن ۾ اجرڪون، سوڙون، پٽراٽيون، مليس، ريٽا، سوسيون رڳ رتيون، ڇيٽون، چادرون، پڙا، بگ، پيٽيون، چُنيون، ٻانڌڻيون، بونديون، دمچيون، لاوٽيون، رڳي تيار ڪندا آهن. انهن ۾ ٻانڌا پڙا، سرمائي بگ، ڪاريون ٻانڌڻيون ۽ دمچيون پيندبيون ٻڌي پوءِ رڱيندا آهن. رڱڻ جو ڪم هن ريت ٿيندو آهي.

---

[1] انهيءَ زماني ۾ تمام الله وارا گذرسفر لاءِ ڪونہ ڪو هنر سکندا هئا. (ادارو)

[2] هاڻي ڊهي پڙپانگ ٿي ويو آهي، ضلع بدين ۾ موجوده شهر گلاب لغاري تعلقي ماتليءَ لڳ آهي، اتي وڃڻ ويجهو ۽ سواريءَ ملڻ وارو رستو ٽنڊي الهيار کان آهي. (ليکڪ)

هرهڪ ڏڙڪ تي ڏهه - ٻارهن ماڻهو واري ڦيري ڪندا آهن. پهرين ڪورو ڪپڙو ڌوئي نرم ڪندا، پوءِ اليجر [هليجر/هنجر] مسالي ۾ ٻوڙيندا. تنهن جي مٿان نيرُ ڏئي ان جو پلانڊ تيار ڪندا ۽ مٿان ساڪڻ ٻرڪيندا. وري ان کي ڌوئي پوءِ ڇُريندا ۽ پوءِ ڪڙڪنڊس يعني مٿان پاڻ وجهي ڇڏينس. سڪڻ تي وري هليجر ڏئي رنگ چاڙهيندس. سڪڻ تي وري ڌوئندس. اهو هليجر مسالو رنگ پڪي ڪرڻ جي لاءِ بار بار پيا ڏيندا آهن. توروئي رنگ هلڪو ٿيو ته هليجر ڏيندس. شاهه صاحب پڻ چيو آهي ته:

"انهيءَ پڪي رڱاوت بابت لطيف سائينءَ چيو آهي ته:

رچي جي ريتو ٿيا، ڪين اُپاٽجن اوءِ،
ڪنپ نه ڪاري اُن کي، جي هالاري هوءِ،
توڙي ڌوبي ڌوءِ، ته لالي لهي نه اُن جي."[1]

اسان جي ملڪ ۾ اڳي ماڻهو ڪاريون/ماويون سٿڻون يا صدريون نيروٽين کان يا ڪي ڪپڙا نيرا به ڪرائي ڪوڙائي پائيندا هئا. جي ڦاٽڻ کي ڦاٽي ويندا هئا. پر رنگ ۾ رولو ڪونه پوندو هون. اهي به هالاري رڱيل چيا ويندا هئا. مٿين هنرن کي "سمواتري هنر" پڻ چيو ويندو هو. جو ته لوهاڻي ۽ مهراڻي دريائن جي چاڙهن واري پاڳي کي يعني نصرپور کان اگهاماڻي تائين جيڪو دوابو هو. تنهن ۾ سماٽ ذاتيون رهنديون هيون ۽ هيءُ انهن جا هنر چاتا ويندا هئا.

جنڊي[2]:

هيءُ ڪم هالا، خانوٽ ۽ ڪشمور ۾ جام ٿئي ٿو. جيڪي ڏيهي ماڻهو ڪم ڪن تن کي وگهامل چون. هن ڪم جا چاڻو بروهي ماڻهو به آهن، جي هڪ هنڌ ويهي ڪم ڪونه ڪن. ڪڏهن ڪٿ ته ڪڏهن ڪٿ. جنڊي تي ٻٻر، گيدوڙي، ٻيا ڪاٺ به ڪم اچن، پر هن ڪم جي ڏانءُ جو ڪاٺ ٻاهڻ [ٻهڻ] وڻ مان نڪري ٿو. ٻـهڻ جا ٿي وڻ سنڌو درياءَ جي ڪناري وارن ٻيلن ۾ جام آهن. [ٻـهڻ ٻاهڻ ٻهن] کي چون ٿي پـهڻ، هيءُ نرم به آهي ۽ جهالائو پڻ آهي.

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

[2] جنڊي جا اوزار آهن. پر ڪاٺ چلي گهڙي گول ڪري ان تي رنگ چاڙهين ان کي جنڊي چون. حقيقت ڪري اهو جنڊيءَ جو ڪم چئجي ته صحيح آهي. (ليکڪ)

جنديءَ مان هي گهرو سامان ٺهندو آهي: ڪٽون، پينگهـا، هنـدورا، پلنگ، ڪرسيون، ٽيبلون، منجيون، ٻنب [دلن جا ڍڪ]، سـونگا، سـونگيون، دٻلا، ڊبليون، فريم، اڳٺ وجهڻيون، مخبا، ويلڻ، چڪلا، اڪرلا، مهرلا، مهريون، چوڪيون، پاٽيون، وڇڻين جا ڳن، ڏويون، مانڌاڻيون، رانديڪن ۾ ٻارن جا گاڏا، اٽيون ڏڪر، طهر وارن جا ڇمڻا، جهنجهڻا، چوپٽيون، گلدانيون، ڪپڙن ٽنگڻ جا گهوڙا، گلاس دانيون، لڪڻ ۽ ڏنڊا، گنج، پاٽوڙا، ڳنيون، ڏونڪا ۽ ٻيا ٻيي اڪيچار نمونا ٺهن ٿا.

وارن مان جڙيل سامان:

هن ديس جي اُبرندين ڀاڱي کي "ٿر" ڪونين. اتي چوپايو مال ڍڳيون ڍڳا، ٻڪريون، رڍون ۽ اُٺ، گڏهه جام ٿين. هيءُ ڀاڱو برسات تي مدار رکندو آهي. جي وٺو تہ مال ميو متارو جي نہ اُنو تہ مال جي وجي پوڇڙي ٻيهندي آهي ۽ ملڪ ڏڪار هيٺ اچي ويندو آهي. ججهي مال ڪري رڍن جي اُنَ مان: ڪمرون، ڏها، ڪٿا، ڪٿيون ۽ تلَ ٺهن. ٻڪرين جي ڏاس مان: رسا، خرزينون، ڪرڙيون، فراسيون ۽ ڪرڙا جڙن، ۽ اوجا، جوال، ڪريٽا، ٽنگڻ، مرئيول، تاڪيون بہ ٺهن. اٺن جي مِلس مان: پٽ فراسيون، ٻوجها، ٽپڙ ٺاهين.

چمڙي جو سامان:

مال جي چمڙي مان: گيهہ جون دٻيون، ڇيپون، تيل جا دٻا، ڪونجيون، پاڪڙا، هنا، حقا، نطعون، پخالون، سانداريون، رونديا، نيٽا، سيٽ، وڊيون، جتيون، موزا، ڪٿا، جالنگ، ٽرا، ٽڙيون، بيدڪون، گلاس تلوارن جون مياڻون، ڪتابن جا جلد وغيره ٺاهين. تازي چمڙي مان زيلن، ٻمن [نقارن] دهلن ۽ پيرن دفن، ڪنجرين تي ڪل چاڙهي مڙهي وڃائين. ننگر پارڪر ڏي هنرمند زالون موتين جي تمام نفيس پوچ ڪن، جن ۾ دعا سلامت جا ڦوٽا، لونگ ۽ سوپاريون بہ موتين جي پوچ ۾ مڙهي موڪلين.

رليون:

سنڌ جي ٿر ۽ وچين ڀاڱي ۾ تمام سهڻيون بهترين رليون بہ سگهڙ زالون سبن، جن ۾ ڪاڪا رلي اُٺ جيترو ناٽو لهي. رلين جا گهڻائي قسم آهن. ڪتر تي رلي، ڪتاهہ تي رلي، ٽڪرين تي رلي، پيرت تي رلي. رلي جا بہ پڙ ٿين، هڪ هيٺيون جنهن کي لسو پڙ چون. ٻيو مٿيون، جنهن تي هنر ۽ ڪاريگري

ٽيل هوندي آهي. ٻنهي پڙن جي وچ ۾ سنهڙي ۽ ٽوري ڪپاهہ يا پچ يعني اگڙيون ٽڳڙيون جن کي ليهہ چون. وجهي رليءَ کي ٽوپي جي پير ۾ ٽوپو ڏيئي ڏاڍي ڪن. پلاندن تي اُپيون پٽيون انهن جي مٿان گُڏيون رکي رلي تيار ڪن. جا ماڻهوءَ جي ڏيکهہ جيتري ٿئي. رلين جا نالا: ڪانگ پيري، ڪجيءَ تي، لهر تي، لسي، فرش گل، وچونءَ ڏنگ، مڇيءَ پتو، مڇيءَ ڦوٽو، بازر، چوپڻ، چنڊ تارو، نٽ ٻولو، اُٺ ڪجائو، پٽ ٽپ، لوڙهو ٽپ، گدري ڦار وغيره.

ٿانءَ:

اسان جي ملڪ ۾ ڪنيار ڪاريگر جتي ڪٿي رهن ٿا. جي چڪ تي مٽي جا پنوڙا رکي نڪر جا ٿانءَ جوڙي انهن کي داڳ ڏيئي چٽ گل ڪڍي پچائي وڪڻن ٿا. اهي ٿانءَ ڳاڙها ٿيندا آهن ۽ ماڻهو نوڪي وڃائي پوءِ وٺندا آهن. تہ متان گوگهيتو يا سير يا ٽنگ نہ هجين. پر دادو ضلعي ۾ جوهي تعلقي جي مٽي، ميٽوڙي رنگ تي اڇي ٿيندي آهي. اتي جا ڪنيار انهيءَ مٽي مان جيڪي ٿانءَ دلا، مَٽَ، گهگيون، ڪونڊا، جمنيون ڪوزا وغيره ٺاهين ٿا. سي پڪي ڪان پوءِ، سفيد رنگ جا هوندا آهن ۽ منجهن پاڻي ڏاڍو ٺرندو آهي. ان ڪان سواءِ ڪونڊيون، طس، ڪنا، پاٽيون، سٽڪون، لوٽا، ٿيا، ٽيپون، دڪيون وغيره بہ ٺاهين.

ڪکن ڪاڇرن مان جوڙيل شيون:

لاڙڪاڻي طرف ڍين جي تيلن مان. اڏاوت ڪرڻ ڪاڻ پکا، ۽ وڃٽيون، ڇڄ، ڪونڊا، سپ، ٻهارا، تلهين ڪانين مان چڪون وغيره ٺهن.

نوابشاهہ ۽ ٻوبڪ واري پاسي ڪٽڪ جي تيلين مان ڏبڪيون، پنڊيون، ڍاڪمان ٺاهين.

ڪوهستان ڏي پيش يا ڦيش جي ڦرهن مان نڪون، تڏا، چتريون، واڻ، ڇبيون، ڇابون، پاٽ، وڃٽيون، ڏبڪيون [پنڊيون]، ڪيٽ ڇبا، ڇڪا وغيره جوڙين.

اترسنڌ ۾ مڇ گهٽي ٿئي ٿي، ان کي سٽي ڪٽي واڻ ٺاهين جنهن سان کٽون، پينگها ۽ موڙا واڻين.

لاڙ ڏي، پاڻي تي گهٽي پن ۽ سرڪين، انهن مان تڏا، ٽوئنريون، گهرن جي اڏاوت لاءِ پکا جوڙين، ڪبڙن ۽ لين جي ڪانين مان ڪارا، ڪاريون، ۽ ڍين مان نوڙيون وٽي ٺاهين. سچي سَرَ مان ڪٽن جو سنهو واڻ ٺاهين.

ڪنون واڻ:

جتي جتي جنديءَ جو ڪم ٿيندو آهي، اُتي زالون ڪنون، ڪرسيون، موڙها، منجيون سنهي واڻ سان گلڪاري وارن گلن، چنڊن ۽ چوڪن سان واڻينديون آهن[1] .

ٽوپيون ناهڻ:

سنڌ جي انيڪ ڳوٺن ۾ سنڌي ٽوپيون ناهيون وينديون. هالا، سعيدآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻو ان هنر ۾ ڪامياب ۽ هاڪارا آهن[2]

اجرڪ:

اجرڪ جو ڪم هالا، مٽياري، نصرپور ۾ بهترين ٿيندو آهي. ان ڪان علاوه ڪپڙي ناهڻ جا اڏاٽا جن تي ڪاڏي ناهي وجي ٿي، سي پڻ هنن شهرن ۾ گهڻا آهن[3] .

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)
[2] ايضاً.
[3] ايضاً.

باب ڏهون

عام وندرون

اسان جي ديس ۾ ڪيترن ئي قسمن جون وندرون هيون ۽ آهن. هتي ڄمڻ کان پيريءَ تائين وندرن جون حقيقتون ملن ٿيون. ٻار ڄائو ته ٻهرين ان کي ڪوڏاٽا ڏين. ٿورو وڏيرو ٿيو ته رات جو ان کي ڪهاڻيون ٻڌائي پرچائين، ان کان پوءِ خود ٻار پنهنجي واتان"ٻاراٽا ٻول" ٻوليندو وتي. ڇڙيون ڇانڊ زالون، ڇتون يا طوطو ڏاري ان کي پاڙهين ۽ ڇتونءَ جون ڇانگارون ٻڌڻ تي خوش ٿين ۽ وندرن. مرد ڪڪڙن ۽ تترن کي ڏارين، تيارڪن ۽ ويڙهائين. منهن معرڪي آبت ونگار جنگ توڙي شادين ۾ هڪٻئي سان ڇرچا گهٻا ڪري پاڻ وندرائين. موالي نشي ونڻ مهل صدائون هڻن ۽ ان کان سواءِ ٻاراٽي وهيءَ کان وني ٻڍاپي تائين ڪئين نمونن جون راندين روندين ڪري ماڻهو، پاڻ کي پائين.

1- ڪوڏاٽا:

ٻارڙي جي ڄمڻ شرط مائٽن جو من اڇلون کائڻ لڳندو آهي. ٻار کي ماءُ، پيءُ، پڦي، ڏاڏي ڪوڏاٽو ڏيئي پنهنجي محبت جو اظهار ڪنديون آهن. سڪي پني ڇاول يعني سڪيلڏي ٻار کي تمام گهڻا ۽ اٿرائتا ڪوڏاٽا ڏين. جيئن ماءُ جي مونجهه ۽ درد تڪليف خوشيءَ ۾ بدلجي وڃي ۽ دلشاد رهيس. ڪوڏاٽا ٻڌي، پٽ ماءَ ته ڪپڙن ۾ نه پئي ماپنيدي آهي. وڏن ماڻهن خاص طرح پيرن، ميرن ۽ اميرن جي گهرن ۾ نرينو اولاد ديرائتو ۽ ٿورو ڄمندو يا نه بچندو آهي.انهن کي مائٽياڻين سان گڏ گوليون ٻانهيون، نوڪرياڻيون، چاڪرياڻيون، دايون ٻايون ۽ سائٽيون سيئي واري وٺيءَ تي هٿن ۾ کڻي ڪُڏائي ڪوڏاٽا ڏينديون آهن.

ڪوڏ + هاٽا، معنيٰ پيار جا جملا. هنن ۾ سچ پچ پيار محبت، آس اُميد ۽ زندگيءَ جي خوشيءَ جو سامان نقش ٿيل هوندو آهي. سرندَ ماڻهن جي ٻارن جي ڪوڏاٽن ۾ عشق ٻازي، شيل شڪار، بيپرواهي ۽ البيلائي جا راز رمزون ڄاڻايل هونديون آهن.

ڪوڏاٽا نه رڳو پٽن کي ملن، پر ڌيئن کي ماٽرون ڏينديون آهن، ته سدا سڪيون ستابيون، سوليون سهنجيون حياتي گذارين ۽ پنهنجيءَ هلندي چلنديءَ واريون ٿين.

ٻارڙو هونگڙيون ڏيندو تہ ماءُ ٻلهار ٻلهار پئي ويندي. ان کي چمندي چٽيندي، اکيون پايو پئي ڏسندي، خوش ٿيندي، مُرڪندي مُشڪندي: منهنجو الهہ جوڙيو، منهنجو الهہ ڏنو، مون تي رب جو تورو، ههڙا ٻچا مِنا، الله اتم ڏنا، منهنجو گلاب جو گل، منهنجو اکين جو نار! ائين چوندي چٽائيندي چنبڙندي وڃي ڪوڏاٽن تي پوندي.

اسان جي شاعرن نظم جي ٻين جنسن سان گڏ ڳيچ ۽ سهرا بہ چيا آهن، پر اڄ تائين ڪوڏاٽا چئي نہ سگهيا آهن. تنهن جو سبب اهو آهي، تہ ڪوڏاٽن ۾ مامتا گهرجي جا شاعرن ۾ هرگز پيدا ٿي نہ سگهندي.

الف: پُٽاٽا ڪوڏاٽا:

ٻڌو پريو ٿيندو، ماءُ کي ڪٽي ڪمائي ڪارائيندو.

ڳاڙهي هندوري وجهان پٽ جي ڏور،
جنهن ۾ ابل لڏندم شهزور.

* * *

ابل منهنجو ننڍڙو، پوئانس ڪنڊڙو.

* * *

ابل منهنجو ٻار، پوئانس هار.

* * *

ابل ايندم هل ڪري، جورو ڏوئي ڏيانس گل ڪري.

* * *

ابل ايندو ڏوڙي، جنهن جي مينهن ويائي نوڙهي،
جنهن کي رسو نڪو نوڙي.

* * *

ابل جي جاد [چوٽيءَ] ۾ جون، سا تہ چوندي ڪڍي مون.

* * *

پٽ پٽ ڪنديسانس، تڪو روڪ ڏينديسانس،
ساٿم گڏ شهر گهمائينديسانس.
ڪپيس تہ توت وني ڪائي، ڪپيس تہ صوف وني ڪائي.

* * *

ابل ميان، توکي ختاب (خطاب) نيان، فرحي (ڦرهي) لکائي ڏيان،
تون پڙهه تہ آءُ جيئان، ميانجيءَ کي لال لونگي ڏيان، ختابن ۾ منائي ورهائي ڪنيان.

*　*　*

نري نري آئون، ڏيانس لائون،
ٻڌانس موڙ، ڇنانس ڳور.

*　*　*

ابل پلي گهوڙي پاڻ چڙهندو، گڏهه متي دائي،
انبن هيٺ پاڻ ويهندو، توتن هيٺ سپاهي.

*　*　*

ابل منهنجو آري، تيندو باغ جو بڪاري،
پٽي ايندو تاري، لونگن ڦوتن واري،
زال پرڻبو سوناري، ننگر نٿي واري.

*　*　*

دوڙ دوڙ دنگي، ماما دي ڌيءَ منگي،
مامانهين ڏيندا، چاچا سڏ ڪر پيا ڏيندا،
ماما دي ڌيءُ گوڏي دا بند، چاچا دي ڌيءُ دل دا بند
جي چاچي دي ڌيءُ اُڪاٽي، پٽ پرڻسين روهہ پناٽي.

*　*　*

پٽ پٽيتيءَ جو، چاتو ڇيٺيءَ جو.

*　*　*

پٽ پٽيتيءَ جو، ڪنگڻ پائيندو هزاري،
نائي زميندار جو، نائي شاهوڪار جو،
زميندار نہ ڏيندو تہ شاهوڪار سڏ ڪري ڏيندو.

*　*　*

ابل جي نرڙ تي تڪو، وجي لالر لاءِ لڪو،
لالر تون نہ ڏينس ڌڪو، تنهنجي ليهي لاءِ لڪو منجهہ سس

*　*　*

دوڙي پڳو: آڌي آيس ڪنبي،
ڪنبيءَ ڦاڙي ڏنس گندي،
ڇڏ ڙي ڪنبي، مون تي جيجل ڏمر ڪندي.

پٽ تہ اٺم شينهن، مٿان پوي ٿو مينهن،
تہ گهتون هٽي ٿو گهر ۾.

* * *

ابل ونيون ست: هڪ ماڙيءَ ٻي ڪٽ، ٽي ۾ هي ويني پٽ،
چوٿين سوڍي سنگهار، پين ٻہ اسٽين تي آر، ڏاڏي پوٽي سيني جي سردار.

* * *

لالڻ لوڏيو آٽي شئي، ماءُ ڪي ڪي ڪ نَ ۾ چئي،
سس ڪي نميو پيرين پئي، زال ڪي جيءُ جيءُ ٻيو چئي،
ڀيڻ ڪي جورو ونيو ڏي.

* * *

ٺري ٺري لوءِ. اٽس ٻانهياري جوءِ، جيڪا مر سين مٿو ڌوءِ.

* * *

ابل ماري روجهڙي، دوڳ درياءَ تي ڏنئين،
پورو ڀيڻ ڪي ڏنئين، وهُ ونيءَ ڪي ڏنئين،
ماءُ ڪي ڪي ڪنَ ۾ چيئين.

* * *

ب - ڏيٺاٽا ڪوڏاٽا:

امي امي چوٽيءَ لمي، منهہ نيندا مڱي
هيءَ ڏيءَ اٺم سٽن پٽن ڪان چڱي.

* * *

ڌيءَ اٺم طوطي، منهن ۾ اَهنس موتي،
سائي ڍڪايانس پوتي.

* * *

اما منهنجي تون. تنهنجيءَ جادڙيءَ ۾ جُون، سا ڳولي ڪڍي مون.

* * *

ڌيءَ ڌنا، ڪائي ڳنا، ير هي پٽولا، درياءَ تي پاند وجهي گهري پائيڙا.

* * *

اما! اما! حور، تنهنجي ڪنن ۾ ڪَپُور، توڏانهن سج نہ ڪري گُهور،
تنهنجا ڪن اکيون نہ ڪن سور.
اما! اما! تولئي ساهي سنيائيندا سما.

* * *

2- آکاڻيءَ جي ڪٿڻي ۽ ڪهاوت:

دنيا ۾ لوڪ ڪهاڻين ڪٿڻ ۽ چوڻ جو پنهنجو پنهنجو رواج آهي. پر اسان جي ملڪ ۾ آکاڻين جي ڪٿڻ وقت ڪهاوت [ڪَهوت] ۾ جيڪو وڏاءُ ڪيو ٿو وڃي، سو هرو ڀرو هر هنڌ ناهي.

آکاڻيون ۽ آڃاڻيون سياري جي مند ۾ جڏهن راتيون وڏيون ٿينديون آهن تڏهن پوڙهيون، ٻڍڙيون مايون يا گهر جا ڀاتي ننڍڙن ٻارن کي ٻڌائيندا آهن، جي يا تہ لوليءَ سان گڏ ذهني اوسر جو بہ ڪم ڪنديون آهن، يعني ٻارن کي ننڊ ڏيارين يا انهن جي ذهن ذڪاءَ کي هوشيار ڪري، وڌائينديون ويجهائينديون آهن. انهن آکاڻين جي ٻڌڻ سان ڪن معصوم ٻالڪن جي دل "سچ پچاڻي هئڻ" جهڙي حقيقت ۽ اثر ٿيندو آهي.

انهن ڳالهين ڪٿڻ ڪري رات جو گهڻو حصو پڻ ڪلندي ڪڏندي نبري ويندو آهي. سَپڙ ڪَنا ٻار، اهي ڳالهيون جهٽي ياد ڪري وٺندا آهن، پوءِ پنهنجن هڪجيڏن ۾ مڪتب ڀاين کي ڪري بہ سڻائيندا آهن. انهن مان ڪي تہ پاڻ کي ان آکاڻي جي قالب يا پيٽي ۾ خيالي طرح اُٽي تصور ۾ ئي ان جو مانجهي يا جوڙو جوان ڄاڻي، دل ئي دل ۾ پيا چوندا تہ: اهو شهزادو، وزير، سوداگر، جادوگر، فقير يا درويش آءُ هجان: تہ چڱو. يا تہ ماڳهين ڪي مقام، ڏائڻ، چراخ، آفت، ديوَ ۽ راڪاس جي ڳالهين ۽ چورن ۽ خونن جي ڳالهين ٻڌڻ سان سوڙها ٿي سمهي پوندا آهن يا تہ مرڳو سڏ ڪري چوندا تہ بابا، او اما، آءُ توسان ٿو سمهان؟ هتي گروهہ ڪهاڻين جو ناهيندڙ ۽ ٻيو ٽولو آکاڻين جو ڪٿندڙ شمار ڪيو وڃي ٿو. اسان هت ڳالهہ جي ڪٿڻ "الف" ۽ ڳالهہ جي پڇاڙي "ب"، يعني نمونا پيش ڪريون ٿا.

الف - ڳالهہ جي شروعات:

ٻلاٻائي، ناٺ ٻاٺ سان نخري ناٺ سان، ڪيسر تلاءُ سان، تنهن مٿي ماري، تنهن ۾ گل بيگ راڻي، تنهن جون ٻانهيون ٻہ، هڪڙي مهران تہ ٻي محبت!

هوشيار تي ڳالهه سڻجو: ڳالهه تي تڪا لڳا اهن! اک نه پورجو. ڳالهه جو متو نه ڪوڙجو!

ها، ته هڪڙو هو بادشاهه. بادشاهن جو بادشاهه پاڻ خدا آهي، پر هه هن ڪوڙيءَ دنيا جو بادشاهه هو. سندس نالو خدا ترس بادشاهه هو. الله جو ڏنو وتس سڀ ڪجهه هو: راڄ ڀاڳ، مال رزق، لشڪر خزانا. ٻيڙا ٻانها بلڪ ڪنهن به شيءِ جي هن وٽ ڪوٽ ڪانه هئي، سندس عدل به اهڙو هو جو شينهن ٻڪري گڏ چرندا هئا ۽ هڪڙي ئي تلاءَ تان پاڻي پيئندا هئا. تنهن هوندي به بادشاهه اولاد جو سيڪڙيات هو. پاڻ مٽيءَ جي پنوڙي ڪاڻ واجهائيندو وتيو.

گهڻيئي ڏيهه ڏوريائين، خير خيراتون ڪيائين، مجتائون مڃيائين، سڳائون سڪيائين، باسون باسيائين، پير فقير پيٽيائين، پر ڪٿان به مراد جو موتي حاصل نه ٿيس.

هڪڙي ڏينهن، هڪڙي چؤواٽي تي منجي اونڌي ڪري ان جي مٿان چڙهي سمهي رهيو. اتان هڪڙي سامين فقيرن جي قطار اچي لنگهي، ٻي لنگهي، ٽئين لنگهي، اهڙيءَ طرح جڏهين ڇهه قطارون لنگهي ويون ۽ ستين قطار آئي ته اُن ۾ هڪڙو جهور پوڙهو سامي هو، جنهن جي اکين جا پرون/ پنجر به اچا ٿي ويا هئا ۽ ڇپر اکين تي لڙڪيل هئس، ان فقير جو پير منجيءَ کي لڳو ۽ چرڪ ڀري پوئتي هٽيو ۽ ٻيهي پڇڻ لڳو ته "جن آهين، ڪي ڀوت آهين، پري آهين، ڪي ديوَ آهين، ڪير به آهين؟ اٿي پري ٿيءُ ته آءٌ لنگهي وڃان." بادشاهه چيو ته "نه جن آهيان، نه ڀوت آهيان، هڪڙو انسان آهيان. جيئن ٻيون قطارون لنگهي ويون آهن، تيئن تون به لنگهي وڃ." فقير چيو ته: "اي آدم جا ٻچڙا! مون پنهنجيءَ حياتي ۾ ڪڏهن ڪا ڪيل به نه اورانگهي آهي، سو تو هيڏي ساري ماڻهوءَ کي ڪيئن اورانگهيندس! اٿي جاءِ ڏي ته هليو وڃان." بادشاهه چيو ته انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃ، مَٿين يا نه مَٿين سا تنهنجي دل جي خوشي! باقي جيستائين منهنجي من جو مطلب پورو نه ٿيندو، تيستائين هتان هرگز نه اُٿندس." تنهن تي جوڳيءَ چيو ته "اي آدمزادا! تون پنهنجي من جو مونجهارو ٻڌاءِ، آءٌ الله کان پنهنجي اول تنهنجي من جي مُراد پوري ڪندس، پوءِ اڳتي وڌندس." انهيءَ تي بادشاهه اٿي فقير آڏو گوڏا کوڙي هٿ جوڙي چوڻ لڳو، فقير سائين! آءٌ پٽ جو گهوريسو آهيان، سو موليٰ جي گنج مان وني مون کي ڏيار." فقير بادشاهه جي ڪنڌ تي هٿ رکيو ۽ پنهنجي تپري دعا ڪري چوڻ لڳو ته

"الله سائين سڀ جڳت جو والي آهي، گهبراءِ نه. تنهنجون به جوڙيون سجوڙيون ڪندو، دل وڏي ڪر، هيئون نه هار. آءُ توکي ڏس ڏيان تو سوکن لائي پڌ. اُئين ڪندين ته اُميد پائيندين، جهولي پريندين!".

بادشاهه چيو ته "امر تئي؟".

فقير چيو ته "سڀاڻي صبوح جو سويلي گز ڪمان کڻي پنهنجي باغ ۾ وڃي انب جي وڻ ۾ ڏڪ هڻج، جي انب ڪريو ته پٽ اٿئي، پر جي پن ڇڻيو ته ڌيءَ اٿئي. اهي پنهنجي راڻيءَ کي کارائج، ڪندو منهنجو خدا. باقي پڪ پڪاڻي اولادي تي پوندين ۽ اها آس الله توکي پاڻهي پسائيندو." بادشاهه خوش ٿي فقير کي ڳس ڏنو، رمتو فقير رمندو رهيو ۽ پاڻ سڌو محل جو رخ رکيائين. سڄي رات سڀاجهي سائين کي ستائيندي، ليلهائيندي، زاريون ڪندي صُبوح ڪيائين. صبوح جو فقير جي فرمودي موجب هٿ منهن ڌوئي، تير ڪمان کڻي باغ ۾ آيو. پنهنجي پروردگار کي سنڀالي، بسم الله ڪري، گز کي گوشي ۾ چليءَ تي چاڙهي، ڪمان کي ڪشي وني جو تير کي تڪ ڏنائين ته ڪرم ڪريم جا رحمتون منهنجي رب العالمين جون ٿيون، ڏڪ سان گڏ، هڪڙو ڳاڙهو گدري جهڙو پڪل انب ڇڄي اچي پٽ تي پيو. بادشاهه خوش ٿي اُن کي کنيو، چندبي ڦوڪي، ڌوئي ڌمالي، ڇمي پوءِ کڻي اچي پنهنجيءَ راڻيءَ کي پنهنجن هٿن سان کارايو.

- هاڻ ڳالهه ڪٿندڙ ٻارن کان پڇندو:

سوال: ڪيئن ڳالهه پيا سڻو يا ننڊ پيا اُٿو؟ ورندي ڏيو؟

جواب: ٻڌون پيا، ننڊ ناهي. هائو، جيءُ.

ڪٿندڙ:

- جيءُ، ته ڪير پيءُ، وڏو تيءَ، ابو تيءَ ٻيو تيءُ ڏاڏوَ تيءَ!
- وهي ڏاند، پيڙجي ڪماند، مري نه چاڪي ته ڇٽي نه ڏاند.
- ڏاڳ ڏڳڙيون، ڏنڊ شوروو ماٺهو سهي جي ڪل.
- نڪ نڪ جون ريوڙيون، ڪاٺ جو ڳپيت، ناني سڏي، جوهر جلي، ماءُ پٽ کي نه پلي! سيني سهيلين سان سور سلي، هٿ هٽيو تي هار ڇني.
- نڻي جو تماڪ، صاف پاڪ، ڦوڪ ڀري، دم وني پوءِ ڳالهه سڻجو، ڇو ته ڳالهه تي نڪا لڳا آهن.
- سو ڳالهيون سگهيون گذرن پر ڏينهن پنهنجي مدار تي نبرن.

- خدا جي حڪم سان راڻي پيٽ سان ٿي ته سنڌس چوگرد دايون دَدايون، گوليون ٻانهيون هٿ ٻڌيو، چيلهه چست ڪريو، چوگرد چاڪريءَ ۾ بيٺيون هونديون هيون. ويچاريون حڪمَ جون ٻڌيون، خبر ناهي ته ڪيڏيءَ مهل چوٽڪارو ٿئي! الله الله ڪندي نيٺ ته ڏينهن به اچي پريا. نائين مهيني ڏهين ڏينهن راڻيءَ پاڻ سنڀاليو. هڪڙو سج کي شرمائڻ وارو، چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙو شهزادو ڄائو. چوڌاري واڌايون وري ويون، مبارڪن جو هل هلاچو هلي ويو، شرنايون قرنايون، دهل دماما، نيل نفيلون (نفيرون) وڄي ويون، نغار خاني ۾ شادماني جي شاهي نوبت وڄڻ لڳي.

بادشاهه شهزادي جي بخت معلوم ڪرڻ لاءِ ڪئين نجومي، رَمال، مُلا مُوسڙا گهرايا. ڪن ڏارو هنيو، ڪن فال وڌي، ڪن نقش پريو. پر سمورن صلاح ڪري چيو ته، "شهزادي جو بخت بالا آهي، پر ارڙهن ورهين جي عمر ۾ خلل خيال آهي.

بادشاهه انهن کي انعام اڪرام ڏيئي روانو ڪيو. قادر جي قدرت تي قائم رهي. شهزادي جي ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ بادشاهه هڪ مهيني پوري جو جشن ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

"سيڪو شاهي توشاخاني مان توڻ ڪٽي، بورچين وٽ وڃي جُڄ ڪري. گهر جي اٽي کي هٿ نه لائي، نڪي پنهنجو پاڻ پٽائي، دل کولي جشن ملهائي.
شِيرٽيون قِيرٽيون، ڪوفتا ڪباب، نان پڪوان، اکروٽ بادام موجود ٿي ويا.

- چوڌاري ڪچريون پيون ڪسن، ٻڪريون پيون نچن، گلمن ۽ قالينن تي طول وِهاڻن سان مالڪ ۽ مهمان لڳا ويٺا آهن.

- ڳالهه جو ڳانو ته گهر گهرَ کهنبو ويس ڍڪجي ويو. غريب غربو ڏنجي ويو. بين متو وڄڻ لڳو. هرڪو خوش ٿي کلڻ لڳو. طرحين طرحين جا طعام تيار ٿي ويا. ڪائڻ وارا به کپ کوڙي جنبي ويا. موالي سوالي ڪائي خوش ٿي مچ تي هٿ هٽي ڏاڪار ڏيندو پڳو ويو. شهزادي جي حق ۾ دعا خير هٿ کٽي پنندو رهيو.

- جن اسان جهڙن وٽ سگهو ڪپڙو ڪونه هو، تن به ڏهه اڳڙيون ڏيڏيون پاسيريون سٽڻ ۾ سبي، گليءَ جو گرتو چاڙهي، پٽڪي کي پيلي پڪ ڏيئي، ليڙون لڪائي، ڏاب تي پٽڪو ٻڌي، قميص کي ڪلف ڏئي، جتيءَ کي جُندا وجهائي، ڪوڙو تيل مکي، مچ مروٽي، محلات ڏانهن منهن ڪيو. هڪڀئي کي

هلو هلو جو هوڪو ٿي ڏنو. جيڪو رهيو تنهن ڏانهن ڪنرو ڪونہ ڏنو. ڪاڏن جا ڪيئي قسم: قورما، چورما، ترنياڪ چوزو، چلغوزو، سوڊا لمليٹ، سيل سگريٹ.

- ڪُپ گوڏا ڪوڙ، پيٹ قوڙ، اوگرائي ڪوڙي، اميدپوري. اسرار غم وسار، وات قاڙ، جيڪي اچي سو ڏو پيٹ ۾! پيٹ بہ قوڪجي قوڪجي سيٹاهہ ٿيو، هر ڪنهن پيٹ تان هٿ ڪنيو. پر جي ڪنهن چشڪي ڪاڻ چوريءَ جو گرهہ ٿي ڪنيو، تہ پيٹ قاٿو ٿي، پر لُڪيءَ هينان نٿي نيو.

- شهزادو اڄ ننڍو سياڻي وڏو نيٹ اچي جوڏو جوان قوتڪرائي وارو ٿيو. اميرن وزيرن جي پٽن جا وڳر ۽ ڇانگ چوڪرن جي وٺيو روز شيل شڪار تي ويندو هو، سارو ڏينهن گهوڙا ڊوڙائي ڊوڙائي رات جو اچي آرامي ٿيندو هو. اهو شهزادي جو ڏهاڙي جو نيم ٿي ويو هو. هڪڙي رات جو دير-دير سان شڪار تان موٽيو اها چوڏهين جي رات هئي. جڏهن شهزادو شهر جي ٻاهران تلاءَ تي پهتو تہ عجب اسرار ڏنائين: پرين جي شهزادي سؤ سهيلين سوڌو تلاءَ ۾ تاريون پئي ڏنائون ۽ ڏاهيءَ راند رچايون ٻيٺيون هيون. شهزادو بہ اتي بيهي تماشو ڏسڻ لڳو. جڏهن پريون، وهنجي سهنجي ٻاهر اچي ڪڙيون ٿيون تہ شهزادي ۽ شمشاد پريءَ جون اکيون اکين سان لڙيون، عشق جي پيچ چڙهيون، دليون دلين سان اڙيون. هيڏانهن هيءُ هڪو ٻڪو اور گهور ٿيڻ لڳو تہ هوڏانهن پري بہ عشق ۾ چري ٿي پئي. نڏان هڪٻئي سان ملاقات ڪري. پريءَ پنهنجيءَ ولايت جو شهزادي کي نشان پتو ٻڌائي، سينڌ جو وار چني ڏنو ۽ وعدو وٺي ويندي رهي.

ان ڏينهن کان وٺي شهزادي جو ڪائڻ پيئڻ حرام ٿي ويو، نہ سٽي سک نہ ويني آرام، پريءَ جي سوداءِ ۾ تڏا شوڪارا پرڻ لڳو. بادشاهہ کي اها خبر پئجي ويئي، جنهن جو دين دنيا ۾ اهو هڪڙو پٽ هو تنهن شهزادي جي چترائڻ ڪاڻ ڪئين حيلا حوالا هلايا، هزارين ويڄ حڪيم گهرايا. سوين شهزادين جا سڱ سڄايا. پر ڪنهن بہ ڦڪي فرق نہ ڪيو. هڪڙي ڏينهن پيءُ کان موڪلائي اچي ٻاڙهي جون خُرزينو پرائي اڻ ڏٺي ڏس ڏي روانو ٿيو.

پلاپائي، جتي ڪلهہ خوشيءَ جا جشن جلسا هئا، اتي شهزادي جي پٺ ورائڻ تي گهر گهر ماتام مچي ويو، سيڪو ناڪام ٿي ويو.

- ساڻي جن سائين لهر نہ لوڏو تن کي، چگو جن جي من ۾، مدو سي نہ پسن، توڙي رڄ رهن، تان بہ ڪندون ڪائين ڪير سان.

- ڳالهه ڪٿندڙ پوءِ انهيءَ شهزادي کي جنن، ڏائڻين، ديون، راڪاسن، ارڙ نانگن، آفتن ۽ جادوگرن سان جنگيون ڪرائيندو، جملي ڇٽن کي جيتيندو، نيٺ اچي منزل مقصود تي پهچندو يعني اُن پريءَ دل ڇريءَ سان شادي ڪرائي، اڌ راڄ اڌ ياڳ وٺي پنهنجي وطن ورائيندو. پڇاڙيءَ ۾ هن طرح ڇٽي ڳالهه ختم ڪندو.
ب - جيئن منهنجي مني محبوب هن شهزادي جي من جي مُراد پوري ڪئي. تيئن جڳ جهان جون مرادون پوريون ڪري. ڪارڪون ورهائيون ڇهه: ٻه مون کي مليون، ٻه ڳالهه ڪرڻ واري کي ڏنائون، ٻه آڪاٽي ٻڌائڻ واريءَ ڪٽي ورتيون. جهڙو ميڙو تن جو، تهڙو جڳ جهان جو!
سوال: ڪيئن ابا، جاڳو پيا يا جَسوَ ڍيري گڏهه رکوال؟

* * *

پاراٽا پول:

شاعري سڪي ڪانه ويندي آهي، پر شاعري اها جنهن کي ڪٽي ڏاتر ڏياري. ڪن حالتن ۾ شعر جو بنياد "پاراٽا پول" آهن. جيڪي ننڍي هوندي ٻالجتيءَ ۾ ڇوڪريون توڙي ڇوڪرا پيا ورجائيندا آهن. انهيءَ ٻولن ڪري سنڌي ٻولي پڪي پختي ٿيندي آهي. اهي اهڙي طريقي سان ناهيل آهن، جو ٻارن کي ياد ڪرڻ ۾ دير ئي ڪانه ٿي لڳي. ڇو ته منجهن دهرائڻ ۽ ورجائڻ جو ڍول رکيل آهي. ٻارڙا اهي آکاڻين وانگر ياد ڪري راڳ سان چوندا ۽ ٻين کي ڇٽي ٻڌائن ٿا. مثال طور:

پئسو لڌم ٻٽ مان، پئسي جو ورتم گاهه.
گاهه ڏنم گانءِ کي، گانءِ ڏنو کير.
کير ڏنم امڙ کي، امڙ ڏنو لولو.
لولو ڏنم ڪانءَ کي، ڪانءَ ڏنو کنب.
کنب ڏنم راجا کي، راجا ڏنو گهوڙو.
چڙهي گهمان چڙهي گهمان،
چندن قتاڪو،
جيئي منهنجو ڪاڪو،
ڪاڪو وينو ماڙيءَ تي،
ويچونءُ ڏنگيس ڏاڙهيءَ تي.
ڪاڪي ويني ڪوني تي، ويچون ڇهتس چوٽيءَ تي.

* * *

تندڻي ڙي تندڻي! اسين تنهنجا ماڻهو،
ڇبينداسون ڏاڙهون،
هيءَ ڪرڪر ڪهڙي، ستن پائن جهڙي،
ستئي پرٽايا، اڄو ڳيو (ٻانهين) پايان.
اڄي ڳيي ليهه، پائر منهنجا تيهه،
ٿهين آنديون ڪٽوريون، نيون نڪوريون،
الله ڏيندو ابي کي، پلا گهوڙا پٽن کي،
ڌن ڏيندو ڌيئن کي، هيرا موتي ننهن کي،
لنڊي گڏهه دائيءَ کي.

* * *

ديڳڙو دم تي، پائر منهنجا ڪم تي،
ديڳڙو هيٺ، پائر منهنجا سيٺ،
ديڳڙو پٽ تي، پائر منهنجا ڪٽ تي.

* * *

ايندي ويندي، گوڏا گسائيندي،
چلهه پنيان لڪندي، ناريل پچندي،
مونکي نہ ڪارائيندي، پيٽ سورَ مرندي.

* * *

اوجو بوجو، تاندو روپو،
ڌَن بائي ڌن ڏي، پير جو پن ڏي،
پينگهي ۾ پُٽَ ڏي، پُٽن ڳاڙهي ڪٽَ ڏي،
در در منڙا، ڳانا جيما پچڪون پون!

* * *

ايندس ويندس، پاءُ کي لوڏيندس،
پاءُ منهنجو هاري، پٽي ايندو تاري،
لونگن ڦوٽن واري، پاجائي موچاري،
نٿ بولي واري، نٿ بولو نڪ ۾،
ڦيرائي هٿونس پٽ ۾.

* * *

ان ڏي ڌن ڏي، پير جو پن ڏي،
پير پراٿو، ٻانيڻ ڪاٿو،

سيتا ڏُکي، ڇايس ڪِڪِي،
ڪوسيون مانيون ٿڏاڙا سيرا،
ججمان ڪائين، پري پاسيرا.

* * *

ارچڪ - مرچڪ - ڏاٽا ڏرچڪ -
آگ پنيهر - تويو ٿيهر -
لوهو لائئون - چنڻ
گهاتئون
نانگڻ جوگڻ ڪارا ڪُتي، ٻُتي ڇُتي.

* * *

هن ٻڙيءَ تي نور ڇائو، تنهن جو نالو ٻلو،
ٻلي جو ٻوٽ ڪٽيان، سهي جو سِسو.
اوري وڃان موري وڃان،
ڪلڪ تارو، سونو والو،
روٻو ڏندو، ٻڇي ينڊو.

* * *

آ ڏي ڏکڻ پاڏي،
ڏکڻ ۾ ساندارو،
پي چڙهيو تارو،
تاري هنيو منڊ،
پي چڙهيو چنڊ،
چنڊ ڪئي چانڊاڻ،
پي چڙهي ماڇاڻ،
ماڇاڻ لاٿا آنا،
پي چڙهيا ڪانا،
ڪانن ڪئي هير،
پي چڙهي وير،
وير ڏني ڀٽ،

پي چڙهيو اُٺ،
اُٺ سان ٽي جٺ.

* * *

ماڪوڙا ڙي ماڪوڙا ماٿهين پڪي ماني،
مانيءَ ۾ ڪنبا، هڻ ماٿهين پٿهين کي ڏنبا.

* * *

ماٽڪ منبڙا! آيو آهين؟
هائو بيبي آيو آهيان،
تنهنجي ڪتي ڏاڙهيو آهيان،
لٺ ڪٺي پڳو آهيان.

* * *

انوڪي تلي زير زبر اُو پيش پنگا،
ڏرتي ڏبي تنوين تندا،
جزم ڪنڊلي مَدَ لنبا.

* * *

جو ڊمبو جو ڊيمبو وانڙيءَ ڦتو،
جا واٺ جا واٺ، ڇبر سان ڇانئي،
جا ڇبر جا ڇبر، گهوڙا ڪائين،
جي گهوڙا جي گهوڙا لڏڙي لاهين،
جا لـڏ جا لـِڏڙي، ڪنيار آڻين،
جي ڪنيار جي ڪنيار، ٽانئڙا جوڙين،
جي ٽانوڙ جي ٽانوڙا، ماڙهوڙا ونين،
جي ماڙهو جي ماڙهو، ربڙي رڌين،
جا ربڙي جا ربڙي، ٻارڙا ورتين،
جي ٻارڙا جي ٻارڙا، لئي لئي تيڪين.
هم چڪ، ڏم چڪ، ڪالا بادام چڪ،
گهوڙي دا لغام چڪ.

* * *

الف بي، اما ماني نتي ڏي، ڏاڏو ڏوئيءَ سان ڏنيي،
بابو ٻچ تو ڪري
چاچو چماتون هٽي،
مامون مار تو ڪدي، الف بي.

مچو ماما ڪيڏانهن وئين؟ ——— ننگرَ ٽاٽي.
اُتان ڇا آندءِ؟ ——— پلوگهوڙو.
ڪٿي ٻڌين؟ ——— جاءِ ٻجاءِ.
هنگي ڇا؟ ——— ٻہ پولڙيون.
متي ڇا؟ ——— تيل ڦڙي.
دهل ڪي توتاڙي؟ ——— ڍيچڪ ڍيچان.

* * *

رات ڏيئو ڇا ٻاريو هووَ؟ ——— ماما آيو هو.
ماما ڇا آندو؟ ——— صندوق.
صندوق ۾ ڇا هو؟ ——— بندوق.
بندوق تي ڇا هو؟ ——— ڪارو ڪتو.
ڪتي ۾ ڇا هو؟ ——— تالهي، وتو.
تالهي، وتي ۾ ڇا هو؟ ——— تيل ميٺ.
تيل ميٺ ۾ ڇا هو؟ ——— ڦٽي ڦٽوتو.
ڦٽي ڦٽوتي ۾ ڇا هو؟ ——— جون.
جون ۾ ڇا هئي؟ ——— ليک.
ليک ماري تيک، مون کي ڪوسا ڪوسا ڪوسامڙا چکاءِ.

* * *

نانگي گُڪي ڇاپئي ڳولين؟ ——— سئي.
سئيءَ کي ڇا ڪندينءَ؟ ——— ڳوتري سبيندس.
ڳوتريءَ کي ڇا ڪندينءَ؟ ——— پئسا وجهندس.
پئسن کي ڇا ڪندينءَ؟ ——— مينهن وٺندس.
مينهن کي ڇا ڪندينءَ؟ ——— کير ڏهنديس.
مون کي چکائيندينءَ ——— ابا هائو.

يلا تورو ڇڪائيندينءَ؟ ——— نانيءَ جو کير ڪارو ڪارو.
منا! ڇڪي پوءِ تا ڪارو پيءَ پوءِ تا ڪار ڇنو.

* * *

ناني گڪي ڪيڏانهن تي وڃين؟ ——— ڪانيون ڪرڻ.
اسين بہ هلون؟ ——— پير سڙندوَ.
جتي پائيٰ تا هلون؟ ——— بڪ لڳندوَ.
ماني ڪٽي تا هلون؟ ——— اُڃ لڳندوف.
دلو ڪٽي تا هلون؟ ——— ابا هلو.
ناني گڪي پير سڙي ويا. ——— مٺا ڇو تي آئيوَ.

* * *

مندا ڙي مندا! ڪيڏانهن تو وڃي؟ ——— چاءِ ونڻ.
جاءِ اڇها. ——— بس، ايتري؟
هيءَ ڇا هي؟ ——— صفو. ——— واه واه!
هيءَ ڇا هي؟ ——— رنڌوٽو. ——— واه واه!
هي ڇا هي؟ ——— آڳنڌ. ——— واه واه!
هي ڇا هي؟ ——— وراندو ——— واه واه!
هي ڇا هي؟ ——— ڪاڪوس ——— واه واه!
ڪرف ڪوليو؟ ——— ڪنجي ڪانهي.
ڇگو آءُ جاءِ جو، جاءِ منهنجي.

* * *

- راند ڪرڻ ڪاڻ گڏ ٿيڻ ۽ آڳ ٻولائڻ جون جدولون:
اَڪ جي ڪاني، نم جو پايو، راند جو سعيو،
جيڪو نہ ايندو تنهن جي ناني گونگي، چلهہ ۾ ٻارڻ جي بندي.
- هيڏي هيڏي پڳ، ڪنهن جي پيءُ تي ——— منهنجي پيءَ تي.

* * *

ارڇڪ مرڇڪ ڏاٽا ڏرڇڪ.
آڳ، پٽولڻ، نانگڻ، جوڳڻ،
ڪارا، ڪتا، ٻٽا، ڇتا.

* * *

چڪو، نوڙي، ڊيڙڪ، ڊؤن.

* * *

اوڙيان ڏوڙيان، چوڪڻ قوڙيان،
ڪاجڻ[1] جهڙو ڪاٺ ڪيان ——— نند ڪپي ڪي وڏ؟

* * *

لڪ لڪوتي، ڪينگر ڪي لوتي، پاٽيءَ پري قوتي.
قوتا چبيندي، لونگ لتيندي، عطر ڇٽيندي.
هينيون پڇي ڪي متيون؟ ——— پڇ ڙي متيان.

* * *

يڪٹ، لئن مون، نار، آر، ويئي، يڪو.

* * *

اُرم، ترم، تيتال، ميڪال، مڪا، چڪا.
فال، فرينگ، لاتونگي، تيتونگي، چل.

* * *

اسين وياسين ڪانين تي، متان پيو مينهن.
لڏي سين سوپاري، ڏنيسين سوناري.
تنهنجي نندڪي وڏ؟ يا تنهنجو گدڙ ڪي شينهن؟

* * *

من منياريو جهار، بيرون پڪار پار،
منهنجا پيچي تون نظر ڪري نهار.

* * *

چيڪلي پايان، پيرڙو گسايان،
پير ۾ ڪڙي، لال سوناري گهڙي.
پير ۾ ڪنڊو، هڻ سوناري کي ڏنڊو،
ڏنڊو ويو گسي، ماٹس ويئي رُسي.

* * *

---

[1] ڪاجڻ = شهتير = ڇت جي مک وڏي ڪاٺي، متان ڇت پوندي آهي. (نظرثاني ڪندڙ)

نينگرا! تون ڇريو آهين ڇا!
واڍي گهڙيو آهين ڇا!
واڍو چور آهي ڇا!
تون مون آهين ڇا!

* * *

راند ڇڏي ڀڄي وڃڻ تي چون:
آگ نہ ڏيندو آگي جو،
پٽ سو ليمي ينگيءَ جو.

* * *

ڪڪل ڪڪل (گوڪل گوڪل) ڪير ڪير وٺي! ڏؤنرو ڪي دڪي؟

* * *

ڪان ڙي ڪان، سسيءَ سمر ٻڌان
ڳائو ڪير پيان، ڪير اڏ ڪڙهيو،
راڻي جي رال ۾ گدرو ڪچو ڪو پڪو؟

پکي ڌارڻ واريون وندرون

سنڌ ۾ ڇـَتون ڌارڻ واري وندر گهڻو ڪري زالون ڪنديون هيون، جڏهن تہ مرد ماڻهو ڪڪڙ، تتر، بريلون، تاريليون، باز، باشا ۽ شڪرا ڌاري وروندهہ ڪندا هئا.

ڇتونءَ جون چانگارون:

سنڌ ۾ طوطا ڌارڻ ۽ ڪِين پاڙهڻ جو گهڻو رواج آهي. خاص طرح سان سنڌ ۾ ڇڙب ڇنديون، سَـندي، بي اولاد زالون ۽ وڏيون ڪنواريون نينگريون طوطو يا منو ڌاري، ان کي پاڙهي پاڻ وندرائينديون آهن.

طوطي جا کنڀ ساوا، چهنب ڳاڙهي، زبان ماڻهوءَ جهڙي، ڳلي ۾ ڪنني هوندي آهي. طوطو گهڻو ڪري وڻن جي پورن ۾ آکيرو ناهي ويهندو آهي، ۽ شيون خاص طرح پير سان جهلي کائيندو آهي.

ڌاريندڙ زالون، ڇتونءَ کي لوهہ جي تارن يا لوهہ جي پٽن واري پڃري ۾ جنهن ۾ اُن لاءِ پاٽي ۽ اَني کتـي جـون ڪٽوريـون، ويهـڻ واسـطي وچ ۾ سـيخ ۽ لـڏڻ لاءِ لڏڪڻو پڻ نهيل هوندو آهي. هن جي بازن وارا کنڀ تورڙو ڪتري ڇڏين.

طوطو شيخ تي، يا پڃري جي تارن يا پٽن تي بيهر مضبوط قبائي گردوليون يا بازوليون پيو پائيندو ۽ لڏندو آهي. هن کي کاڌي کائڻ لاءِ باجهر جو اٽو ڪـٽي ڏڌ يا جهڻ سان ملائي کارائين. ڦل ڦول، جن ۾ انب، گدرو، بادام، انجير، صوف، سائو مرچ، ڪريلو پڪل وغيره بہ کائڻ لاءِ ڏين. پوئين رات جو يا فجر مهل زالون چتونءَ جو پڃرو کڻي يا هن کي پڃري مان ڪڍي پڙهائڻ شروع ڪنديون آهن. ڪي وري ٻنپهرن يا منجهند جو جنهن مهل سانءَ ستي [ماٺ ميٺ] لڳي پيئي هوندي آهي، منهن منوءَ جي ڪنن تي رکي منو هٽ ۾ پڪڙي اهي جملا سندن ڪنن ۾ پرائينديون آهن، جي گهڻو وقت ٻڌي نيٺ منو پاڻ ورجائيندو آهي، يا پنهنجي سر وينو دهرائيندو آهي. انهن کي چتونءَ جو پڙهڻ يا چتونءَ جون چانگارون چون. اهي زالون منجهند جو منوءَ کي ڏيهاڙي آرڙهہ ۾ وهنجارين ۽ سندس پڃرو پڻ ڌوئي صفا رکنديون آهن.

طوطي کي ڪـُلان ذات [بي وفا] ڪري ڪوٺيندا آهن. سو هن ڪري جو هو ڪڏهن بہ ماڻهوءَ سان هري مري نہ ويندو آهي، جڏهن بہ چوٽڪارو يا آزادي مليس، تہ امالڪ پڙڪو کائي اُڏامي ويندو آهي. ڌارينڊڙ جي سڏن واڪن جي پرواهہ نہ ڪيندو آهي، انهيءَ ڪري زالون هن جا پرَ يا کنڀ ڪتري ڇڏينديون آهن. تہ اُڏامي نہ سگهي. چتون ٻليءَ کان ڏاڍو ڊڄندو آهي، جڏهن ان کي ڏسندو آهي تہ سڀ باتيون ۽ لاتيون وسري وينديون اٿس، پنهنجي اصلي خانداني ٻولي "ٽيون ٽيون" ڪري سر کپائيندو آهي. هيءُ پکي ڪڏهن ڪڏهن منيون منيون لاتيون بہ لونَدو آهي ۽ کائڻ ۽ ڪبرن جي آوازن جا هوبهو نقل ۽ اهلون بہ ڪندو آهي. منوءَ بابت ڏند ڪٿائن ۽ لوڪ ڪهاڻين ۾ عجيب غريب ڳالهيون آيل آهن، پر انهن سيني ۾ سني ۾ سني ڳالهہ پارسي ٻوليءَ ۾ "دراين چہ شڪ" مشهور آهي.

سنڌي ٻول:

ڍانگارون هيءُ آهن:

* منو پٽ! اما کي پيپي ڏي.
* پڙهي پٽ طوطو، پٽ گلين قلين پهتو.
* منو پٽ پڙهي، ڪاڄ سري، وائيءَ وري.
* منو پٽ پڙهي، الله نبي ياد ڪري.
* منن منائي، پٽ کائي کير کنڊ ملائي.
* بيبي پٽيتي، پٽ پڙهي ٿو.

* در تي حلوائي، پٽ ڪائي کير ملائيْ
* سُهڻي طوطي جي طوطي، پٽ جي ڇهنب تي موتي.
* ڇور ڇور، پُٽ جو اُتو ڪُتو ڪائي ويو ڇور.
* پير پير، خواجہ خضر پير، داتا دستگير.
* منوءَ پٽ جو وڳو، جنهن کي سوا سؤ جو صابڻ لڳو.
* ڇرر ڇور، ڏُئي، انب وڻ تان لٿي،
* ڪائي ويئي منوءَ پُٽ جي ڪُتي.

سرائيڪي ٻول:

* طوطي ڪون طوطي، پٽ متي سائي پوتي،
سا لال ڪتيءَ ڏوتي.

*   *   *

* جُڳ جُڳ جيءُ، پير نبي، حق الله، پاڪذات الله.
* حقا حقا، پٽ پيتي مڪا، دين ڪون سلام، ڪفر ڪون ڌِڪا.
* جُڳ جُڳ جيءُ، تساڏا نانءُ تساڏا جيءُ،
* چل چل بزار، پٽ دا هٿ هي خدمتگار.

*   *   *

* علي وَ ولي، ڪل بلا ٽلي، مسيت ۾ محمد، چوغان ۾ علي،
* علي علي جو ڪهي، مشڪل تنهن کي نہ پئي،
* بيبي پٽيتي سوني رُپي رانديون رهي.
* ڇٽ پٽ پونڇي ڇتر سجان، پڙهي پٽ طوطو صحيح قرآن.
* پڙهي قرآن، ٿئي مسلمان.

هندون ڙالون چونديون هيون:

ڇٽ پٽ پونڇي ڇتر سجان،
ڇئو پٽ طوطا، الله ٿي الله.

ڪُڪڙ:

ڪڪڙ ڏارڻ جي وندر عورتون توڙي مرد ٻئي ڪن. انهن مان بيدا ءِ گوشت گهر ۾ ٻوڙ لاءِ ڪتب اچن. جڏهن تہ مرد ڪڪڙ ويڙهہ لاءِ ڏارين[1].

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

ايڪيھہ ڏينهن آري تي ويهڻ کان پوءِ ڪڪڙ جا آنا ڦٽندا آهن، جن کي چوزا چون، انهن کي جڏهن ڪنيڙيون ڇمنديون آهن، تہ بچا يا پنا ڪونجن، ان کان پوءِ ڊڏر، تان جو وجي جوان ٿيندو تہ بانگون ڏيندو. ان حالت ۾ بچن پيدا ڪرڻ لاءِ نر بانگو يا بانگر ڪونبو ويندو، پوءِ نرين تي ڏُڏا يا تُسڪا وڌڻ لڳندس ۽ اهي تڪا وڏي وجي ڪڙهون ٿينديون، پوءِ هن کي زير ڏُڏيو يا پڪ نريو ۽ ڪڙپيل چون. اهو ڪڪڙ ويڙهہ ڪرڻ جي لائق سمجهبو.

ڪڪڙن ۾ هڪڙا اصيل جي قدبت ۾ ڳوئرا ٿين ۽ بيا ترڙا، جي هلڪڙا هوندا آهن ۽ وڙهي ڪونہ سگهندا آهن. هنن جا ڪئين رنگ ٿين ۽ انهن رنگن جي نالن سان ڪونجن. جهڙوڪ: کهنبو، ڦليو، ڪارو، ڳاڙهو، پيلو، جائو، هيرو، خاڪي، لالپر، ڪبوتر، تيتريو، پيلو ڦليو، ڪارو ڦليو، ڪارو جائو، بصريو جائو، کهنبو هيرو، خاڪي هيرو، مسيو وغيره.

نسلي ڦيريون ڳهيريون بہ منجهن ٿينديون آهن. جيئن تہ ڪرڪنات، هن جون اکيون، ڇهنب، نريون بلڪ بدن جي کل بہ ڪاري هوندي آهي. موزپر، هن جي نرين تي، پير جي ڇيچ تائين ڪنيڙيون ٿينديون آهن. ڳيجهو، هن جي ڳچي ڪٽل، ڪنين کان سواءِ هوندي آهي. پشوري، هن جو مغز وڏو، پير ننڍڙا، آگريون سنهڙيون، اک ننڍڙي، جوئر جي داٽي جيتري، قد لانيرو، سينو ويڪرو، مٿي تي موڙ، هن جي پير جي تري پٽ تي نہ ڪپندي آهي.

موڙن موجب ڪڪڙن جا قسم:

ڇندول، تڪمو، تڪيءَ موڙ يا منو، سنياسي يعني موڙ لڙڪيل، ست موڙ يعني گهٽن موڙن وارو.

ڪڪڙ ويڙهہ واسطي ٺاهڻ:

ڪوڪڙي، ڪڙپيل ڪڪڙ کي ڏور تنهن ۾ پوئر ڪلي ٺامي جي، تنهن ۾پنجوڙي وجهي، ڪڪڙ جي نريءَ ۾ اتڪائي ڪليءَ ۾ ٻڌي ڇڏين. انهيءَ جاءِ تي واري وجائي ڇڏين ۽ جي آرڙهہ هجي تہ ڏهاڙي واريءَ تي ڇنڊڪار ڪن. هن جي اڳيان هڪ طس يا لوٽي جي منهن تي اڳڙي ڇڪي ٻڌي اُن تي اَنُ رکي ڪارائين. جيئن سندس ڇهنب ڪنهن ڪا سخت شيءِ نہ لڳي، متان ڇهنب ڀُري پوي، ٻيو پاٽيءَ پيئڻ ڪاڻ هڪڙي نولهي يا جمن ۾ پڻ پري رکندا آهن. ڪوڪڙي، ڪڪڙ کي ڏيهاڙي ڳتڪارون پيا ڪندا آهن ۽ چيٽي وجائي بانگن

ڏيارڻ تي هيرائيندا اٿس. جيئن ڇپڻي پيئي وڃندي تہ ڪڪڙ. ڪڪڙوڪو ڪڪڙوڪو“ آواز ڪري بانگ ڏيندو آهي. گهڻن ڪڪڙن جي آواز ڪي جي اَسور (سحور) جوڪندا آهن. ڪڪڙن جا ڏس (ڏڦ) ڇون جنهن ۾ ڪنيڙاتيون ڪٽيري ۽ بدن سان هٽي هٽي بانگ ڏيندا آهن. ڪڪڙ ڇپڻيءَ تي نہ رڳو بانگون ڏيندو آهي، پر پرَ ٽيڙي ڪاندڙبو بہ آهي. ان تي ڪوڪڙي ڪيس شاباس پيو ڇوندو آهي ۽ آپاريندو پيو اٿس.

ويڙهہ جي ميدان ڪي ڪڪڙ جو آکيڙو چون، جتي ويڙهو ڪڪڙ ۽ ڪوڪڙي، خفتي ۽ تماشبين سوَن جي تعداد ۾ اچي گڏ ٿيندا آهن. اڳين اهي ڏايون جمعي ڏينهن تي ۽ هاڻ هر آرتوار تي ٻڌيون وڃن ٿيون.

ويڙهہ ڪان اڳ بازي، روڪڙن پئسن ۾ لڳائين ان ڪي ”تر“ چون، ويڙهہ شروع ٿيڻ ڪان پوءِ جيڪا بازي لڳي، تنهن کي مٽُ يا متاڳي ڪونين. اها بازي بعضي بعضي وڏي وڃي هزارن سان لڳندي آهي ۽ هارائيندڙن جو گهر ڏول ڪري ڇڏيندي آهي. آکيڙي ۾ ويڙهائڻ ڪان اڳ ڪڪڙ ويڙهائڻ ڪي ڪڪڙ ڦڙڪائڻ سڏين. جڏهن ڪڪڙ آکيڙي ۾ وڙهڻ لاءِ ايندو تہ هن ڪي خفتي ڦوهاري تي ڦوهارو ڏيئي تازو توانو پيا ڪندا. ڪڪڙ هڪٻئين ڪي ڇهنبن، نرين ۽ ڪڙهن سان ڏک هٽي رتورت ڪري ڇڏيندا آهن. انهن ۾ گلوءَ واري، ڇوٽَ، قنداق، اڏڳچي، پنا، نري، ڪڙهہ ۽ خالي ڏکن جا نالا ڳڻيا ويندا آهن ۽ جي ڪي ڏک ڏکڻ هنڌن تي لڳن تن ڪي ”اَٿر“ ڪونين. خاص ڏک ڪي ”ڪاري“ سڏين. هن ڏک لڳڻ سان ڪڪڙ ڦيريون پيو کائيندو آهي ۽ توائي ٿي ويندو آهي. هن ڏک لڳڻ تي تماشبين ڪان دانهن نڪري ويندي آهي ۽ ڇوڏاري هلاچو ۽ ڪوڪريو پيو ٻرندو آهي.

ڪوڪڙي، ڪڪڙن ڪي سارو ڏينهن ويڙهائيندي نہ ٿڪبا آهن، جيستائين ڪو ڪڪڙ، اُتي جو اُتي مري پوي، يا ڏک هڻڻ ڇڏي ڏي يا انڌو ٿي پوي يا آکيڙي مان پڇي ڪنهن پاسي منهن ڪري ڀڄ وڃي.

بيماريون:

ڪڪڙن ۾ ڪيترن ئي قسمن جون بيماريون ٿينديون آهن، جن ۾ ڪڪئي يا لڙهو تمام نُگرو مرض آهي. هن ۾ ڪڪڙن کي اڇا دست ٿي پوندا آهن ۽ ٽن ڏينهن ۾ ڪڪڙ ڇُڙي ڇُڙي مري ويندو آهي. ان جو علاج گهٽو

ڪري ڪڪڙ جي پيچ متان لڙهي جي ڇنبي ڪنهن اُماڙيءَ سان ساڙي ڇڏيندا آهن ۽ "ڳڙ ۽ ثوم" جام کارائيندا آهن.

تتر:

ڪڪڙن وانگر تترن کي بہ ماڻهو چوج چاهہ سان پالين. هنن جا بہ قسم ٿيندا آهن. هڪڙا ڪارا تتر ۽ ٻيا اڇا تتر. پر گهڻو ڪري شوقين اڇن تترن جي ڏارڻ جو انسنو ڪن، ڇو تہ اهي هن ملڪ ۾ گهڻا ۽ عام جام آهن. ڇا ڪن جو بانس جي بانگهن، ڦانگن، ڇينين ۽ ڇيهن مان نهيل خاص تترن جو پڃرو ونئي ان ۾ انَ پاڻيءَ لاءِ ڏابليون رکن ۽ هڪ يا بہ تتر ڏار ڏار منجهس رهائين. تتر کي سينڌ هٿڻ تي ٻولائين يا تنوار ڪرائين. جيئن خفتي سينڌ هٿندو تہ تتر "ڪيڙا ڪڪ ڪيڙا ڪڪ، ڪيڙو ڪيڙو" تنواريندو، ڏاريندڙ خوش ٿي شاباس ڏيندس جيڪو سينڌ هٿي نہ ڇاڻندو سو وري چوندو "ٺهہ ٺهہ" تہ ان تي ٻولي ڪندو رهندو. تترن جا ننڍا ٻچا پاليا ويندا آهن، انهن جي پالنا تي وڏي محنت ڪئي ويندي آهي. انهن کي جهنگ ۾ سڪل ڇيٽا پوري، پڃري مان ڪڍي اُڏوهي کارائيندا آهن، جنهن تي گهڻو زور وٺندو آهي. ڪي خفتي تترن کي بہ ويڙهائيندا آهن، پر هنن جي ويڙهہ ڪڪڙن جهڙي شاندار نہ ٿيندي آهي. توهان ڏسندا هوندا تہ تترن جا شوقين ميڙن ملاکڙن ۾ ڳاڙهيءَ ڳني ۽ ڳاڙهي پوش سان تترن جا ٻٽا يا هڪا کڻا پڃرا کڻي پيا هلندا آهن. اها هنن جي وڏي وندر آهي.

بلبل ۽ تاريلي:

بربل / بلبل کي پوري بہ ڪري ڪوٺيندا آهن. اهو هن ڪري هوءَ جلد هري مري ويندي آهي ۽ مرندي مري ويندي آهي، پر پنهنجي ڏاريندڙ جي ڪڏ ڪين ڇڏيندي آهي. هيءُ پکي جهرڪيءَ کان جان تان وڏو هوندو آهي. هن جا بہ قسم آهن. هڪ بلبل جنهن جي ماديءَ جي پيچ هيٺان زرديون ڪنيڙيون هونديون آهن، جڏهن تہ ٻي قسم جنهن کي تاريلي چئون هنن ۾ وري هڪڙا نر جن کي "ڪالرو" ڪوٺين انهن جي مٿي تي مور يعني ڳاڙهو تلهو وار بيٺو هوندو آهي ۽ ٻيا سينڌرو يعني ماديون آهن، هنن تاريلي بلبلن جي پونجهڙيءَ ۾ پيچ هيٺان ڳاڙهي رنگ جون ڪنيڙيون ٿين ۽ سفيد ڳل ڪارن گول گهيرن ۾ ۽ ڪنين جو ناسي سليٽي رنگ ٿيندو آهي.

سياري جي مند ۾ جڏهن ڪبڙن ۾ مَڪ ٿيندي آهي ۽ پيرون پچندا آهن. تہ بربلين/بلبلن جا ولرن جا ولر اچي نڪرندا ٿيندا آهن. پوءِ ڪي حريف هنن کي ڪوڙڪن ۾ ڦاسائي وڪڻندا آهن ۽ شوقين وٺي هنن کي پيٽ جي چوڌاري وٽيل سڳو پيٽي ٻڌي، ان ۾ ڦنڊڻن ۽ موتين وارو ڏورو وجهي، هٿ تي ڪٽي پيا هلندا آهن ۽ هن کي ڪتل، گجر، خوراڪ، ۽ ٻيا سنا سنا ڪاڏا ڪارائيندا آهن، سندس اڳيان هڪڙو هٿ مٿيرو جهلي چوندا تہ "هل پوري چپي تي" يا سيند هٽي ٽپا ڏياريندا اٿس. گهر جي پٽ جي ڪنڊ ۾ هڪ ڪماڻ وانگر ڪاٺي ڪوڙي ان تي ويهاريندا آهن ۽ چون تہ بربل اڏي تي ويٺي آهي. ٿاريلي، هي پکي بربل کان ٻيٺو آهي. هن کي بربل وانگي ڦاسائي وڪڻندا آهن، پر هن جي قيمت ٿري هوندي آهي. چاڪاڻ تہ هيءُ پکي بربلن وانگر ولرن جا ولر نہ هوندا آهن. هن کي بہ پيٽي ۽ ڏورو وجهي هٿ تي ڪڻندا آهن. هن پکيءَ جي پونجهہ ۾ پيچ هيٺان وري کهنبي رنگ جون ڪنيڙيون ٿينديون آهن. ٿاريلي ڇڊي پاڊي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. سندس ڪاڏو ساڳيو بربل جهڙو هوندو آهي.

باشو، باز ۽ شڪرو:

هي شڪاري پکي آهن. هنن ۾ باز جي جنس مادي آهي. هنن کي هيرائڻ جي لاءِ پهريائين اکين تي چمڙي جا ڪوپا جن ۾ بہ سنهڙا ٽونگ هوندا آهن چاڙهين، پيرن ۾ وڍيون جن کي دوال چون ۽ هڪڙو گهنگهريو بہ وجهن. هنن پکين جا چنبا تکا آهن. تنهنڪري چمڙي جا دستانا هٿ تي چاڙهي، پوءِ هن جي ڏور هٿ ۾ قابو رکن. هنن پکين کي تلور پکي ۽ هرڻ جي شڪار ڪرڻ جي سکيا ڏني ويندي آهي. هنن جي تاتيندڙ کي "بازدار" چون بازدار جي ٻچ جنهن کي هڪل چون اُن تي باز ان پکي يا هرڻ پويان اُڏامندو، پکي هوندو تہ وجي اوراتيندس ۽ هرڻ هوندو تہ سندس سڱن تي ويهي اکين ۾ ٺونگا هڻي انڌو ڪندس. هن جي گهنگهري جي ڇمڪي تي بازدار گهوڙو دوڙائي، اتي پهچي، شاباش ڏئي ڪانئس اهو ڇڏائي حلال ڪندو. جي مري ويو تہ باز کي طعام ڪرائيندو. باز جي وٺ کي "پخال"۽ سندس آواز کي "زيل" چون. اونهاري ۾ جڏهن گرميءَ کان ڪنپ ڇٽي ويندا اٿس ۽ جيستائين ٻيا ڪنپ نڪرن، تيستائين چون تہ باز "ڪُريز" ۾ آهي. هي پکي مزاج ۾ نازڪ بہ آهن ۽ پهلوان بہ آهن. اصل ٿڌن ملڪن جا رهاڪو آهن.

ڪتا:

هن ملڪ ۾ رکوالي، وندرن ۽ شڪار لاءِ ڪتا ڏارڻ پڻ شمار ڪيا ويندا هئا[1]. جتي ماڻهو رهن ٿا اتي ڪتو به اوس ملي سگهندو. ڪن صدين کان وٺي ڪتي جو ماڻهن سان گهاٽو سٻنڌ آهي. ڪتي ڇهين مهيني ويامندي آهي ۽ ڪيترائي ڳـلر ڄڻيندي آهي. ڪتو نر بالغ تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن پوئين ٽنگ مٿي کڻي پيشاب ڪندو آهي. ڪتي کي پڳهر اصل ڪونه ٿئي! ڪيترو به ڊوڙندوآهي ۽ ڊوڙي ڊوڙي ٿڪي پوندو آهي يا گهڻي گرميءَ سببان ڪنهن ڇانوَ ۾ ويهي آرام ڪندو آهي ته ڇپ لڙڪي پوندي اٿس، جنهن مان ڳگ ريلا ڪيو پئي وهندي اٿس. ڪتي جي هيءَ به خصلت آهي ته ڪڏهن به پيٽ ڀري نه کائيندو آهي، جي روزانو پيٽ ڀرڻ جيترو کاڌو ڏِبس پيو ته وچ ۾ ضرور ويلا وارو يندو يا لنگهڻ ڪيندو، ڇو ته هي تمام سمجهو جانور آهي، هن کي هيءَ ڳالهه ڪُکي ٿي ته متان ڪڏهن سک مان نڪري وڃي ڏک ۾ پوان، ته پوءِ ڪتان پوري ڪندس.

ڪُتن ۾ جيڪو ڪتو رڳو پيو ڀؤنڪندو آهي، سو ڪڏهن به چڪ نه پائيندو ۽ کهڙو به ڪتو اُلر ڪري اچي ۽ جي گهروڙي پوندو يا ٻجو ڏبس ته هشمت هلي ويندس ۽ ڀؤنڪڻ ڪٽي بند ڪندو. ڪتو، جي ڇتو ٿي پوندو آهي تڏهن به پنهنجي ڌڻي يا مالڪ جي ساڃاهه هوندي اٿس.

ڪتو هڪڙو سياڻو ۽ وفادار جانور آهي،[2] تنهنڪري ٻهراڙيءَ ۾ جتي ڇڏو پاڏو گهرڙو، يا ڪا وانڊ يا اوطاق جتي مال موجود رهندو آهي، ته ڪتو به

---

[1] ڪتا، بگهڙ جو هڪ نسل آهن، جنهن کي سڄي دنيا ۾ سڀ کان پهرين ايشيائي لوڪن ڏارڻ شروع ڪيو. سنڌ جي شڪاري قبيلن وٽ ڪتن جا ولر ٿين ٿا، ان مان وسهڻ ۾ اچي ٿو، ڪتا ڏارڻ جو ڪم سنڌ ۽ ڏکڻ هندستان جي شڪاري قبيلن شروع ڪيو هوندو. (نظرثاني ڪندڙ)

[2] ولايت جي ڪتن بابت گهڻيون ڏاهپ جون ڳالهيون ٻڌايون وڃن ٿيون، اتي کير جا ياڳيا، شيشي جي نهيل ٽانڪين ۾ جن کي ڍڪيتا لڳل هوندا آهن ۽ پاسي ۾ ماپ جي پٽي پڻ جڪڙيل هوندي آهي، اها ٽانڪي ڪتا ڪاهي وڃي ٿيتين کي روزانو کير ڏيئي ايندا آهن. ڪتا گاڏي ڪاهي گراهڪ جي در تي پهچي ڀونڪ ڪندا، ۽ ٿيتي، ٽانءُ ڪٽي ان ٽانڪيءَ جي نل جي ٻنجي کولي کير واهيندو. ڪتو بيٺو ڏسندو، جڏهن سندس نشان ٿيل سنڌي تي کير پهچندو، ته ڪتو وري ڀؤنڪ ڪندو. گراهڪ ٻنجي بند ڪري کير کڻي گهر ويندو ۽ ڪتا وري ٽانڪيءَ کي اڳتي ڇڪيندا تان جو هفتي پوري ٿيڻ تي ٿيتيءَ جي گهر جي در تي ڀونڪي بل ڏيندا ۽ پئسا وٺي مالڪ کي اچي پهچائيندا.

ڪتن ۾ قوت مشام يا نوس نوس جي عادت زوردار ٿيندي آهي. ولايت ۾ ڪتن کي، ڏهاڙي ماڻهن جي هٿن پيرن جي بوءِ سنگهايو ڇڏين، پوءِ ڪتا نوس نوس ڪندا وڃي منزل مقصود تي پهچندا آهن. ڇو ته ولايت ۾ پٿريلي زمين تي ڏوهارين جا پيرن يا هٿن جا نشان ظاهر بظاهر ڏسڻ ۾ نه ايندا آهن. هتي اسان جي ملڪ ۾ به پوليس کاتي ڪتا ڏاري، سيکاري، ڏوهارين کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ناڪام ٿي. سرڪسن ۾ به ڪتا عجيب ۽ غريب ڪرتب ڏيکاريندا آهن. (ليکڪ)

ضرور رکڻو پوندو اٿن. خانہ بدوش، رولو ۽ گھومو قبيلا پاڻ سان ڪتن جو چڱو تعداد وٺي هلندا وتندا آهن. ڏنارن، ڌراڙن ۽ پهنوارن جي لاءِ تہ ڪتو سر جون سٿون ڏيندو آهي. مالدار پنهنجو چوپايو مال الله داني، پر ڪتي جي آسري تي ڇڏي وتندا آهن، الوليون ڪندا. ڪتي جي وفاداري بابت گھڻيئي ڳالهيون سنڌ ملڪ ۾ مشهور آهن، جن مان ڏاڙهيارو جبل جيڪو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ آهي. اتي وفادار ڪتي جي قبر جي نالي سان هڪ ماڳ مشهور آهي.

ڪتي کي "ڪُور ڪُور" ڪبي تہ ڊوڙي اچي اڳيان بيهي پڇ کي لوڏي، پنهنجي وفاداري ۽ فرمانبرداريءَ جو مظاهرو ڪندو آهي. جي ڪنهن تي ڇڇ ڪرائڻي هجي، تہ رڳو هو رڇ هورڇ چوڻ سان ان جي مٿان چڙهي ويندو ۽ رک رکان ڪندو ئي ڪين!

سنڌي ٻوليءَ ۾ پهاڪو آهي تہ "ڪتن بنا شڪار کهڙو؟" ڪتن کي شڪار ۽ مرُن (سوئرن) جي ويڙهہ واسطي پڻ ماڻهو شوق پيئي ڌاريندا آهن. سهي ۽ ٻليءَ جي ونڻ لاءِ سينڌ هٽي ٻڇ ڪندا آهن. پر مرون (جنهن جي نر کي سوئر يا سور ۽ ماديءَ کي ڀُوندڻ چون) جي مارڻ ۽ رڇن سان ويڙهہ ڪرائڻ جي لاءِ هوشيار ڪتن کي سکيا ڏيندا آهن. تعلقي ٽنڊي الهيار جي شهر بکيرا شريف ۾ مخدوم صديق محمد شاهہ قريشيءَ جي لوڏ. ٽنڊي سومري تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ رئيس الهہ بخش نظاماڻيءَ جي لوڏ ۽ مٽياري تعلقي هالا ۾ ڄاموٽن واريون لوڏون ۽ پير مهدي شاهہ روهڙيءَ واري جون لوڏون مشهور هيون. اهي مرونءَ تي وٺي وڃي ٻچون ڪرائيندا هئا. هڪڙا ٽونڪي ڪتا، ٻَهي ٻَهي مرونءَ کي ٿم مان ڪڍندا هئا. تہ ٻي لوڏ لڳندي هيس پنيانس، پوءِ جيڪو هوشيار، چاٽو ۽ ڏيکاريل ڪتو هوندو سو ساڻس ٻٽ ڊوڙندو ويندو ۽ جتي بہ ڪو وجهہ لڳس تہ يڪدم مرونءَ کي ڪنَ ۾ بند (چڪ) هٽي ٻل ڏيئي ٻئي پاسي تي اُٿلي پوندو ۽ اٿلڻ سان مرونءَ جو ڪنڌ (جيڪو پاسيرو چوري پوري نہ سگهندو آهي) ونجي ۽ مرونجي پوندو ۽ پوءِ وني هڏڪارون ڪري زمين آسمان مٿي تي کڻي ڏيندو. تان جو ڏڪي وارو پهچي، ڏڪو هٽي آندا ڳجيون ڪڍي ڪندس ٻاهر. اهڙيءَ طرح ڪتن ۽ سوئر جي ويڙهہ ڪرائي شوقين ماڻهو تماشو يا رونشو ڏسندا آهن.

سنڌيءَ ۾ هڪ پهاڪو بہ مشهور آهي: "مروان موت، ملوڪان شڪار[1]"

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

ڪتو ڪڏهن بہ پنهنجي ڏٽيءَ جو نقصان ٿيڻ برداشت نہ ڪندو آهي[1] . پر ڪتي ۽ فقير جو پاڻ ۾ ڪو الستي وير آهي. فقير ڏنائين تہ ڪتو مڇريو. چون ٿا تہ: ڪتو ڏاڙهي، فقير ڪي اها ڏانائي تو ڏي تہ "اي بيوقوف، ڏس تہ بڪ، ڏڪ ۽ سڪ ۾ آءُ پنهنجي ڏاريندڙ جي در تي ڪريو پيو آهيان ۽ تون انسان ٿي ڪري، پنهنجي حقيقي مالڪ جي ڇانئڻ ڇڏي ۽ ان ڪان منهن موڙي وتين تو بندن جي درن تي جتيون گسائيندو ۽ ليلڙاتيون ڪندو. ڪو شرم ڏار!" ڪتو، ڪتي جو دشمن بہ هوندو آهي. سندس حد مان هروڀرو ڪو اوپرو ڪتو لنگهڻ جي همت نہ ڪري سگهندو آهي. جي بيمار هئڻ سبب پيو ڪجهہ ڪري نہ سگهندو آهي، تہ گرندو ضرور، تنهنڪري چوڻي آهي تہ: "وڙهڻ ڪم ڪتن جو."

ڪتو ڪتيءَ سان لڳ ڪرڻ ڪان اڳ ان جو سوڪ چٽي پوءِ ڀُسڪي هٽندو آهي. هن جي ذات نڪرڻ ڪان پوءِ سندس بولاندو اندر سڄي وتجي ڳنڍ تي پوندو آهي ۽ ڳيپڪو ڪرڻ ۾ اٽڪل 15 – 20 منٽ ڪتيءَ سان اٽڪي بيهي رهندو آهي.

ڪتي ڪي ڪتيءَ بسن سنجوڳ ڪرڻ لاءِ راتين جون راتيون پنيان هلي چڪ چنبا سهي آماده ڪرڻو پوندو آهي. جيڪو ڏاڍو ڪتو هوندو آهي، تہ ان لاءِ ٻيا ڪتا ميدان ڇڏي پري ٿي بيهندا آهن، جيستائين هو پنهنجي هوس پلي وٺي.

سال ۾ بہ ڀيرا ڪتن ۾ ڪت ٿيندي آهي. ڪت جي وقت پاڻ ۾ وڙهي وڙهي ڦتجي پوندا آهن. ڪتن جا رنگ ۽ نسل ڪري جدا جدا نالا رکيل آهن.

رنگن موجب نالا:

ڪارو يا ڪالو، هن جو رنگ چند ڪارو هوندو آهي. ڀڙو يا ڀوڙو، ڪي بہ ٻہ رنگ گڏوچڙ هوندا اٿس.

راڳو:

ڪنهن بہ رنگ مٿان وري ڪارا پٽا پٽا هوندا اٿس.

ڪمانگر:

ٽن چئن رنگن وارو يا ڪوراڙ بلا جهڙو هوندو آهي.

---

[1] ڳالهہ ٿا ڪن تہ: هڪڙو بيمار ڪتو، هو هوا ۾ پيو هو، ٻن ڏينهن ڪان وٺي مالڪن هن جي اڳيان مانين ۽ پت جا ڍير ڪٺي گڏ ڪيا هئا، پر ڪتي اک ڪنئي نٿي ڏٺو تہ ڇا آهي، ڇا نہ آهي؟ انهيءَ اناج جي ڏپ تي هڪڙي ڪتي اتي اچي اهي ڪاڏا ڪائڻ لڳي، تہ اهو ڪتو ڪتيءَ جي بانس تي ٿورڙو ڪنڌ مٿي ڪٺي هن ڪي ڏسي وري ڪري پيو. اتي ڪو پڳوان جو ڀڳت بہ بيٺو هو. تنهن ڪتي جي ههڙي حالت ڏسي يڪدم چئي ڏنو تہ "اي ڪام ديوتا، توکي بہ نمشڪار هجي."

چيتو:

ٻُڙ ٻُڙ ياداڻ داڻ بدن تي هوندي اٿس.

هيرو:

صفا سفيد رنگ اڇو هوندو آهي.

ڪَڪڙ:

خاڪي رنگ تي مائل هوندو آهي.

بادامي:

ناسي رنگ تي يا ٻت تي ڳاڙها ۽ ناسي ڇُٽا ڇُٽ هوندا اٿس. ٻيا آهن ڪارا ڳاڙها پيلا رنگن وارا.

نسلي نالا:

1. تازي: ٻُوٿڙي ڇهنبدار، هلڪو پوشيدو، قدبت ۾ ڊگهيرو، سنهڙي وَرَ تي پيچڙي وڏا ۽ شوقين ماڻهو ڏيک ويک واسطي ڌاريندا آهن 2.ڪارائي: لاڙ پاڱي جو ڪتو، تلهو، وڏو ۽ بدن موڪرو 3. بوجو يا بوچرو: گهڻن گهاڻن ۽ وڏن وارن وارو، جنڊ ڪتي يا ڪتو، شهري ٽوئنڪنڊڙ ڪتو 4. پستو: ننيڙو، بندرر ۽ ڊمڪو ڪتو. 5. دونر: دونهير يا دنير، تلهو، ڊگهو ويڪرو ڪتو هوندو آهي. منهن ۽ وات وڏو هوندو اٿس. ٻلڊاگ: ولائتي نسل جو وڏي ويڪري وات ۽ موڪري مغز، ڊگهي قد وارو ڪتو، بلتري، وڏين واڇن، وڏي مغز، اونهين اکين ۽ ڇوٽي قد وارو ڪتو. وولف ڊاگ، ڪتي ۽ بگهاڙيءَ جي ميلاپ مان پيدا ٿيل ڪتو. ڪي ماڻهو پنهنجي پسنديءَ موجب بہ ڪتن تي نالا رکندا آهن. جهڙوڪ: موتي، هيرو، بگهڙ، سياڳو، ميچڏ، شينهن مار، ڏينيو، ٽيپو، پلڪي وغيره[1].

ڪتو رکي رکي جيڪا ڊگهي رڙ ڪندو آهي، ان کي اوناڙ چون. گهڻا ڪتا، جهول ضلعي سانگهڙ ۾ هوندا هئا. جن تان مشهور چوڻي آهي تہ ائين اچي ڳڏ ٿيا، جهڙا جهول ۾ ڪتا.

[1] انگريز، ڪتن تي نالو ٽيپو رکندا هئا. ٽيپو سلطان، دکن هندستان ۾ بادشاهہ ٿي گذريو آهي. هو وڏو محب الوطن ۽ بهادر بادشاهہ هو انگريزن کي ميسور جي لڙائيءَ ۾ ٽوٽا چٻارايائين. انگريزن هن جي بيعزتي خاطر ڪتن تي اهو نالو رکيو. اسان کي کپي تہ پلجي بہ ڪتن تي اهو نالو نہ رکون ۽ نکي سڏيون. (ليکڪ)

ٻلي:

”ٻليءَ جو نسل دنيا جي خوبصورت ۽ سگهارن جانورن ۾ ڳڻي ٿو، شينهن، چيتا، تيندوا، جهنگليون ٻليون انهيءَ نوع (Species) واري نسل سان لاڳاپو رکندڙ آهن. سنڌ ۾ گهرو ٻلين کان علاوه جهنگلي ٻليون به ٿين.“[1]

ٻلي يا ٻليءَ جي ٻلونگڙي کي ماڻهو شوق لاءِ ڌاريندا آهن. ڪٿي ڪٿي رڳو ڪئن مارڻ لاءِ يا ڪو رنگ وٽي ويندو اٿن يا ٻج گهاٽا لسا ۽ نرم هوندا آهن ته چاهه پئي پاليندا آهن ۽ هن کي ڪير پياري وڏو ڪندا آهن، ۽ ماديءَ تي ڪيري ۽ پسي نالا رکندا آهن. چوڻي آهي ته: ”ست ورهين جي ٻلي اجا پئي ڪونجي ڪيري، “ ٻليءَ جي عادت هوندي آهي ته ماڻهو پلي لڏي وڃن، پر ٻلي اها جاءِ نه ڇڏيندي آهي، جتي نپجي وڏي ٿيندي آهي. ٻلي ڇهين مهيني ويامندي آهي ۽ ٻه - چار ٻلونگڙا ڏيندي آهي. هن جا ٻچا هفتو ڪن نپٽ انڌا هوندا آهن ۽ پوءِ مس مس اکيون کوليندا ۽ مياڻو مياڻو ڪري ميڪندا آهن. ٻلي ٻلا توڙي پٽون (وچونءَ) کي ماري ڇڏيندي آهي. ٻلين جا ڪيترائي رنگ ٿيندا آهن، جن ۾ ڪي لسا ته ڪي ڊٻڪن وارا هوندا آهن. وسئون ٻلي کي ڪو ڪونه ماريندو آهي. ڇاڪاڻ ته ماڻهن ۾ سنسو وينل آهي ته جيڪو ٻلو ماريندو، تنهن تي ”ست ورهي پوندي“/ ”ساڍي ست ورهي پوندي“ يعني پورا ست سال گهر جو منهن ڏسڻ نصيب نه ٿيندس. يا ست سال تڪليف ڏسندو. ٻلي رات جو اونداهي ۾ تمام چٽو ڏسندي آهي، تنهنڪري ڪانئس ڪئا پڇي نه سگهندا آهن.

چڙون چٽرون، سئون جئيون، چرچا ٽوڪ ۽ ٽوڪرون ۽ مذاقون:

”کل، يوڳ، انسان جي فطرت جو هڪ حصو آهي. ظرافت جا ڪيترائي قسم آهن. لفظن وسيلي، جسم جي حرڪت وسيلي، شاعري وسيلي ان جو اظهار ڪيو ويندو آهي.[2]

هي معاملو اهڙو آهي، جهڙو ڪنهن ماڻهوءَ جي سرشت ۾ قدرتي طرح لاچوٽ ۾ چرچو هٽڻ، رت ۾ جنبش يعني نچڻي شاعريءَ جو شعور ذات طور پريل هوندو آهي، تهڙي طرح متيون مڙئي خصلتون يا رمزون ڪن ٿورن ماڻهن

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)
[2] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

۾ هونديون آهن. اُهي ئي ماڻهو انهن کي چڱيءَ ريت نڀائي سگهندا آهن. جيئن چٽر، ٽوڪ يا مذاق ڪندي اڳلي تي خار، غصو، ڪاوڙ، منيان ۽ چڙ چڙهي وڃي يا نه چڙهي ۽ ڏند ڪڍي کلندو رهي.

هتي جي حاڪمن جي درٻارن ۽ ڪچهرين ۾، شادين مرادين ۾، ڇيڙن ونگارن ۽ آبتن ۾، جنگين ۽ لڙاين ۾، شڪار جي موقعن تي پڻ چرچا گهٻا، مسخريون ڀوڳ، جنيون تعديون، ڪلاساٽيون ۽ خوشطبعيون ٿينديون هيون. سنڌ جي ملوڪن انهيءَ ڪردار کي به مهمان نوازيءَ جي نيهي وانگر خاصو نڀايو هو. ڪيترن ئي قسمن جي ڇهچٽن، سانگن، چُٽڪن ۽ لطيفن ۾ پاڻ ملهايو ۽ موڪيو هو ۽ داد حاصل ڪيو هو. انهن مان ڪي مختصر واقعاتي ورونهون پڙهندڙن آڏو پيش ڪندس ته اندازو لڳائي سگهن، ته هتي جا پُرس، رڪ مُهان نه، پر ڪِل مُک ۽ خوشمسخرا هئا.

چٽرون:

ٻار خطاب [مڪتب] ۾ پڙهڻ واسطي مائٽ ڇڏيندو هو، ته جيڪو ٻار هڪڙ، ٻتڙ يا ٻاتو هوندو هو ۽ اهو جيڪي غلط سلط الفاظ يا جملا ڳالهائيندو هو، ته ان تي نالو ئي انهن لفظن وارو رکندا هئا. مثال: هڪ ڇوڪر نالي عرس کي مڪتب ۾ ويهاريائون. هو ناتائو هو. جڏهن خُطابي ڪنيڻ ايندا هئس، ته ماءُ کي چوندو هو ته .امان آءُ بوٻاٽي يعني سپاٽي ويندس. ان تان هن تي نالو عرس بوٻاٽي پئجي ويو. وڏي هوندي به ڪنهن سٽ منجهه، شادي ۽ وهانءَ ۾ پڇا ٿيندي هئي، ته عرس بوٻاٽي الائجي آيو يا ڪه نه؟ انهيءَ طرح ٻارن تي استاد سنڌن ڊيل ڊول، ڪار حرڪت، ڪُند ذهين ۽ ڳالهاءُ موجب نالا رکندا هئا يا شاگرد ۽ عوام اهڙا نالا چوندي رکندو هو، جي هن جي خصلتن سان نهڪي ٺهڪي اچن. ڪن تي وري سندن تڪيه ڪلام وارو نالو ذريو ويندو هو، گهڻن ماڻهن جا تڪيه ڪلام وارا لفظ هن قسم جا آهن: ٻڌءِ نه، جيڪو سو، جنهنڪري، چڱو خاشو، خيرن سان، الله توکي نيڪي ڏي، ابي کي چوان، اگر مگر، جيڪو سو مگر يعني، يعني، ۽ انهن ڪان به گهڻا وڌيڪ لفظ آهن، جي ماڻهو استعمال ڪن ٿا ۽ انهن لفظن سان سڏيا وڃن ٿا.

نصرپور ۽ بڪيرا شريف تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ ڪوبه ماڻهو مٿل تورڙي جيٺرو اتفاقي رهيل هوندو، جنهن تي پيو نالو جنهن کي سنڌيءَ ۾ "ال" چون،

پڇ وانگر اٽڪايل نہ هوندو، جنهن ۾ سنڌس عيب ثواب ڏيکاريل هوندا آهن. نصرپور ۾ تہ هڪ قبيلي کي ٻُڌا ۽ ٻئي قبيلي وارن کي...... سڏين. هو ان تي چڙن ٿي ڪونہ ۽ خوش ٿي جواب ڏين.

ڪي ماڻهو "پوڙهي" چوڻ تي، ڪي ماما يا ڪاڪا ڪوٺڻ تي ڪاوڙجي پون. اهي پاڻ کي پنهنجي خيال موجب چمار ۾ ننڍڙو هئڻ سمجهندا آهن.

هڪ ماڻهو "ڪوڏيءَ" تان چڙندو هو، تہ ماڻهو انهيءَ ڪي ڪوڏي ڪوڏي چئي ڪپڙا لهرائيندا هئا يعني پاڻيءَ مان ڪڍندا هئا. هڪڙو پرديسي اتفاقي هن جي پر مان اچي لنگهيو ۽ ڪنگهيو. هن جو ڪنگهڻ ۽ چڙيل جو اتي ئي گارين جي رک ڪدي بيهڻ. نڏان هن پرديسيءَ هن کان پڇيو تہ ادا، مان تہ ٻاهرتُو ماڻهو آهيان، مون تہ ڪڏهن تنهنجو نالو ورتو ئي ڪونهي، پوءِ مون تي هيءَ گارين جو برهڙيو چولاتو اتئي؟ هن چيو تہ "تو مون کي ڪوڏي ٿي ڪوٺيو، پرَ ڏجي ڪنگهڻ لڳو آهين. اهو توکي ڳوٺ وارن ضرور ٻڌايو آهي، تہ هيءَ ڪوڏيءَ تي ٿو چڙي."

خطابين مان ڪن جا نالا پيريءَ تائين هلندا أيندا آهن ۽ ڪڏهن بہ بدلجي نہ ويندا آهن، مثال طور، ڪپ، گوڙو، پگت، ٻگهلو، ڏنڀ، مچر، منگهڻ، دَتر، لغڙ، ٽانگڙ، جل ڦتاڪو، ڪبوتر، ڳجهہ، ڪڪڙ وغيره.

چڙون:

ڏوٺ ڏمر، چڙ خار، ڪاوڙ منيان، غصو نفرت، ڪست، ڪرٿيون ڪائڻ، وڏوڙڻ ڏند ڪرٽڻ، ڳاڙهو تيڻ ٺامٽي هٽڻ واسطي ڪنهن تي غلط الزام / بهتان/ڏوٻاسو/تهمت ٺڦڻ، اوپالو ڏيڻ، اُهو اِهو ڪرڻ، چڻ ٻاهہ تي تيل هارڻ جو ڪم ڪرڻ آهي. هتي چيڙائڻ يا پاڻيءَ مان ڪيڻ جي لاءِ هيءَ لفظ ڪتب آڻين: چُخي! تيلي! ڪنپ! ٽين! ڪُڙا هُش ٻلي، ٻچا ٿي تڪين!، اَخ توُ!، ٻوڏ!، ڦوٽ!، هل جلوان!، هل الڪَان!، هل مڇو!، هل يَڪُو!، ليڙ پيا!، ڦاڙي ڦاچڪو!، ماءَ جا وڏيڪ!، ائين تہ نہ ٿيو!، چل ڦوسي اڪيري!، تُڪ ٽئي ڏاڙهيءَ ۾!، ٽارو ٽئي جو ٽريو آهين!، چا ٻلي چا جلاب!، اجا دلي دورُ آهي! ڪتو ڪتو! چريو چريو! يلا منڪر! يلاڙي موذي! يلا مروانَ! ڪرُ ڪودي! تووي (يُوڪر)!، ڪلُ ڪتل!، ڊينج ڪتل نٺوناريل! يلا لعنتي! ڊري ڪر! چڪ اڳتي! جوءِ جا مريد! جوءِ جا مهري!، يلا ڪنٺور پيچ ٿو هٽين! يلاڙي مڪُ مٿو تي پٽين!، ڪوڙو دُرڙو!، تُڪ پٽ تي چڏي وري چٽ! تنهنجي ٻچيءَ تي نماز رهاءِ!

ڪي ٻار هڪبئن جي نالن ونڻ سان ٻہ چٽر ڪن:
چون عرس، نڪي زال نڪي مڙس!.
علي، تومر دي قلي!،
لالو، ڪالو!،
ڪاٺو اک ٻداٺو!،
قتن، قڏئي!،
صديق، ماري تيڪ، ملا چوڙ ڳيا مسيت!
هاجران گاجران ڪائي ڪچا ٻير، اُٺ جيڏي اوجهري گابي جيڏا پير،
مهربان، عاليشان، پڳل ڪتولو چنل واڻ، جنهن تي وينو فلاڻو خان.
ڪي وري ننڍڙن ٻارن کي هن طرح چيڙائين: چوُ چيڪو ميٺ، هو چوندو ميٺ. متان وراڻي ملنديس: ڦاٽئي پيٽ!، چئو ڪارو ڪتو. پڇئي متو!، چئو ڪاريون مريون. پڇئي تريون!، چئو ڪنڊ. پڇئي ڪنڊا!، چئو ڪانو، گڏڙ تنهنجو نانو!، چئو ڀاڏو. گڏڙ تنهنجو ڏاڏو!

شڪارين جون چٽرون ۽ ٺٺوليون:

اڳي سنڌ ديس ۾ مرونءَ [سوئر] جو شڪار عام طرح ڪيو ويندو هو. ان جي مارڻ واسطي ڪتن جون لوڏون، ڏقيرا، هاهوڙيا، دهلاري، توبچي يعني بندوقچي ۽ تماشبين وچي گڏ ٿيندا هئا. اتي جي اوچتو مرون تمرَ مان نڪتو ۽ ماڻهن جي پاسي رخ رکيائين تہ ٻانهين جون ٻانهيون پڇي وڃي پار نڪرندو هو. اهڙي موقعي تي يارن جي حالتن جو نقشو ٺٺولين رستي ڪڍي ڪل جون ماڪون وجهندا هئا. چوندا تہ، سوئر، تَمرَ مان نڪرندي ئي فلاڻي توبچيءَ کي اک ڏيکاري چيو تہ "اڙي ڇڏ بندوق اتي، يڪدم چڙهہ وڻ تي!، بس يار پوءِ تہ توبچيءَ کي ڪنڊي ڪرڙي جي ڪابہ ساڃاهہ ڪانہ تي پيئي، اک ڇنڀ ۾ ٻير جي چوٽيءَ تي ويو! وري مرونءَ منهن دهلارين ڏي ڪيو، پوءِ تہ پٽڪا، جتيون ۽ شرنايون ڇڏيندئي اتي مڙسن تار لوڙهي تان ونئي جو ٻــڌ ڏنائون تہ تيليءَ ڪڙڪو ڪونہ تيو! فلاڻي اجان مرونءَ جي هڏڪار ٻڌي تہ اَتي سڪي ٻنڊ تي ٻيهي رهيو. ابا ڏسون تہ فلاڻو ٻہ پير ۾ بينو پنگ چاٽي! پر واه ڙي واه فلاڻا توبچي، ڪارتوس لَنڌُس ئي ڪين، تنهن هوندي بہ دونالي بندوق ۾ بہ مرچائي پڪوڙا وجهي نڪاءُ جو بندوق ڪرائي، تہ سوئر جا اتي پير، تہ اتي ڪنڌ!

انهيءَ ريت چرچا يوڳ ڪندا هئا ۽ ڪلن جا ٻوڪريا وجهي ڇڏيندا هئا. سائين، پوليس جي وراڙي مهل، يارن جون جتيون ۽ پٽڪا مڙيندي هئا حال! پنج پُرهي پت تان اهڙا ته بل ڏنائون، جو پت ٻاڙي يا گرانٽ پئي ڏسڻ ۾ آين ۽ فلاڻو واه، جيڪو مولهاتو متي تي ٻڌي اُڪرندا هئا، سو گهر اچي سنيال ڪيائون ته الائجي ڪيئن اُڪري آياسين! ڪي ته اتي ئي ڍهندا ستيون ٿيندا دَن تي پيا!

موالين جون چٽرون:

هڪڙو موالي جنهن ٻئي مواليءَ جو حقو نهيل ڏٺو ۽ هو تورو پريرو پاسي تي ويل هو. حقي جو هٿ ۾ نڙ ڪٽي چيو:

پـــنُ نـــ اتـــم پـــاند ۾، پهريـــن وينـــو پيئـــان،
جـو دم شـال جيئـان، تـہ هـٿ نـہ ڪـيان حقـي مـان.

هن ايترو چيو، تيستائين حقي جو ڏٽي اچي ويو، ۽ اهو ٻولٽو ٻڌي جري ويو، يڪدم هڪڙو هٿ هن جي ٻُکڙ ۾ وجهي چوڻ لڳو:

پـن نـہ ٻڌيـن پـاند ۾، پهريـن وينـو پييـن!
وجهي هٿ ڏاڙهيءَ ۾، جوتو لاهيـو تـو بيهيـن،
پوءِ جو دم پيو جيئين، تہ هٿ لاييـن حقـي ڪـي!

هڪڙي چوڻي آهي تہ:

موالي ويهن مچ تي، تہ سَو سَو بڪواسون ڪن،
صبوح جو، جڙ اٿن، تہ هڪ نہ هجي هانُ تي.[1]

جنگ جي ميدان ۾:

يار، تلوارن کي تيورن ڪان تيار ڪرائي جا مَڪين کي جرڪائي، گهوڙن کي ميدان ڪٽائي، جڏهن پِڙَ تي پهتاسين تہ فلاڻي کي گهوڙي تان لهڻ شرط اچي پيٽ ۾ وڪڙ پيا، دست بيهنس ئي نہ! همراه کي تريون پيا هٽون، دلداريون پيا ڏيون، تہ متان هيٺي ٻولي اٿئي، اجهو تا پگڙن وانگر پيجو رکون، پر يار جو ڪاڪڙو خشڪ، مٿ پاٽيءَ جو پي ويو. چوَي تہ امان الائجي ڪٿي آهي! فلاڻا تہ اهڙا ٻاهڙيا جو ڏس جي خبر نہ پوين، اصل دشمنن جي مورچن مهندا وجي

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

بينا، هاڻ نہ اڳتي تين تہ نہ پوئتي! وايون ولهليون [ولڙيون] تي وين، موت اکين اڳيان ڏسي هوش حواس گم تي وين!

ڏاڙيلن جي اچڻ جو ٻڌي، وڏيرن گهوڙن جون نکي چوڙيون اڳياڙيون تہ نکي کولياڻون پڇاڙيون، اگهاڙين پنين تي تپ ڏيئي لانگ ورائي ويهي رهيا ۽ وني جو گهوڙن کي تڙيائون تہ گهوڙا ڪلا پٽائي وني پڳا. پوءِ پڇاڙيءَ وارو ڪلو پڇندو پڇندي نڪاءُ ٿيو وڃين ٽپڻ تي يا ڪياڙيءَ ۾ تہ پويان ڏسن ٿي ڪين، چون "گتو آهين ياڙي گتو!" گهر پهچڻ تي بہ زال کان پيا پڇن تہ: "مائي! کهنبڙيءَ جو ڏس ڏي هتان باقي ڪيترو پنڌ پري آهي؟"[1]

شاديءَ وهانءَ وڏائي تي، سانگ يوڳ حجتون ۽ چٽرون:

فلاڻي جي شاديءَ ۾ فلاڻي ماڻهو پندرهن پاٽيون سيري جون ڪاڏيون، سيرو اندر ۾ ٻجهي پيس، نہ ساهہ ڪٽي سگهي نہ ڳالهائي سگهي. پوءِ ڪٽي وجي پاٽيءَ ۾ "اچلايائونس چئن ڪلاڪن ڪانپوءِ همراه مس مس ڳالهايو، پوءِ جلاب ڏنائونس شاديءَ جو سيرو اهڙو لڳس، جو ڇهہ مهينا کٽ تي پيو هو، چُڙي چُڙي اٿيو آهي. فلاڻي کي ڇيوسين تہ گهن مَشن وانگي وڃين ٿو پيٽ رڙڪيندو. وچ ۾ پاٽي پيءُ تہ چڱو اٿئي. چيائين تہ پاٽي پيئندس تہ هاضمو خراب ٿي ويندو. فلاڻو شادي ۾ ويهي ٿي نہ، نڪي ٻار ٻچائي ڇڏي. هوڏانهن جوٽس جي ويڳي ياءَ جي شادي هجي، ديڳون لٽيون پيون هجن. جيڪو ونڻ وجيس تہ ٽي تريون هٽيون هڪليو ڇڏيس. چوي تہ مون کي توهين ڪَلي تي ڪِچٽي تا ڪارايو. ڌرتي اُٿلي بہ پڙ ٿي پوندي، هرگز نہ ويهندس. نياٽيون اوراَچا ڪري ميڙ وني ويس. پير فقير وٽس دروڻ اندر متي ويا، پر چئي تہ: "ڪَهي سا رهي ٻولي ٻاروچن سان." آخر سندس نندي هوندي جو سنگتي وني وياسون. بس ان کي ڏسي ڏند تيڙي ڪلڻ لڳو. ککو وکو ٿي پيو چئي، يار تون نہ اچين ها تہ آءُ قسم ڪٽيو وينو هوس. هن بہ - ٽي تڪون هنيس، بہ - ٽي پوندا هٽي، آٽي ياٽرن پيڙو ڪيائينس. جڏهن پوئي يا پاهت اڳاڙڻ جي مهل ٿي تہ فلاڻي چيو تہ مون کي سڌ ڪانہ هئي، پسئو پاڻ سان ڪونہ اٿم. لکي ڇڏيو. ڪَتي ڪٽي ڊِگو وڪٽي، پوءِ پاهت ڏيندس. فلاڻي چيو پوئو ڏيان ٿو. پر اهي روپيا جهڙا ڪر ڪوهہَ ۾ اُڇليم. پڇيائونس تہ ڇو؟ چيائين بس "ياڙيو گهوٽ تہ منگتا ٻاجي!"

---

[1] مٿيون قصو بلڪل سچو آهي، پر هيئن: مياڻي واري جنگ مان ڪي سرائي ڀڳا هئا. (ليکڪ)

سٺون:

ڪو وقت هو تہ سِٺن واري نظم جو سنڌ ۾ وڏو مان هو. اهو ئي شعر پسند ڪيو ويندو هو، جي مسخرا ڪا مسخري يا ٺٺولي ڪندا هئا، تہ سٺون سڻائيندا هئا. ان وقت جون ڪجهہ سٺون هت ڏجن ٿيون:

ڪر ڪودڙيو، ڪرَ ڪودڙا، تن جا پٽيءَ چوٽ بيهاڻ،
تن جي رهاڻ، گلو ئي گارڪيو.

* * *

هوند ري، حريف ڪي، چريو سيڪو چوءِ،
ملهي اڇي مارڪي تہ ويهاربو پوءِ!

* * *

بي ٻُٽو، ٻيڇڙو، ڪميڻو پيٽ پريو ڪائي،
ملهي اڇي مارڪي تہ سائين پيو سڏائي،
جي ڳميو پيو ڳالهائي، تہ بہ بختاوَر آهي بودلو!

* * *

ڪميڻو ڪيڙا ڪري تو ڏسي پنهنجو ڏيل،
ڏسيو پنهنجي ڏيل کي تو دوڙائي دليل،
تہ مون جيها ملڪ ۾ هوندا ڪي قليل،
جڏهن گڏيس اصيل، تہ وڃائون ويس وسري.

* * *

ڪوڙا قاضي پاڻ مان، ويا فرق ڇڏي،
ڇڳا مڙس لڳا ٿيا، ڳالهہ وڏئون گڏي،
هاڻي ڪپي اشراف کي، ويهي توڙي لڏي.

* * *

رڍ چا ڄاڻي راڳ مان جنهن جي ٻولي ٻي،
سرمنڊل جي ساز مان سانڊو ڇا سمجهي،
جيڪر هندي ڄاڻي ڪينڪي، تنهن کي سنڌي ڇا سلجي!

* * *

رڍن اڳيان رباب، وڄائيندي ورهيہ ٿيا،
نڪي لائين دوستي، نڪي ڏين جواب.

* * *

ڳوهه. اڳيان ڳالهاءِ، جي ڪٽي مرليون محبت جون هٽين،
تہ بہ ڦـڪيون ڏيندي ڦوڪون، جن ۾ لاءُ نہ ساءُ،
هن موڳيءَ ڪي مجلس جو، ناهي سُڌ سماءُ،
نور، ڪپر ڪي نہ پئي، پـرتين ڳالهہ پساءُ.

*   *   *

قلو، هڪ ڳوناٺو هو مزي جهڙو واٺيو هو،
ڏينهن جو فقير هو، رات جو امير هو.
چاٺندو اکر بہ ڪين هو، پڙهندو هو وڏا پستڪ.
پارسي هئائين پنهنجي ناهي، انگريزي هئائين نئين بنائي،
ڳالهيون اُن جون سٺي ها ڪو. ڪـلِ ۾ اونڌو ٿئي ها سو.

*   *   *

ڪريما جا ٻچڪا ڪٽي ويا ڇهہ چور،
ٻہ انڌا ٻہ منڊا، ٻہ لوٺيا لغور.

*   *   *

جتي هنج هئا اتي ڪانگن ڪانگيرا ڪيا،
ويچارا "وليداد" ڇئي ولر ڪري ويا،
وجي اَلَ پيا، انهن اوطاقن ۾.

*   *   *

اڄ پيو الله جا ڪي عجب رنگ تو ڏسان!
جتي پير ماٺهوءَ جو ڪونہ هو، اتي لچن جا لنگهہ تو ڏسان!
جي صاحب سخا جا هئا، تن جا پويان پنندي ملنگ تو ڏسان!
جن وٽ عدل انصاف هو، اتي ليلائيندي للهنگ تو ڏسان!
جيڪي قاضي قضا جا هئا، تن جا پويان پيئندي ڀنگ تو ڏسان!
جتي هوبهو هنجهن جو هو، اتي ڪارا ڪنگ تو ڏسان!
جتي محبتي ماڳ هئا، اتي سدائين جهيڙو جنگ تو ڏسان!
چئي محمد فقير تہ اڄا بہ ڪيئي، الله جا رنگ تو ڏسان!

*   *   *

ڪُڪُڙ تنهنجا قائم هونداڪونہ ڪٽندن ٻلو،
پري ڏي فقير کي تنهنجو پاوَن ڪندو پلوَ!

* * *

آتڻ پوٽي آتڻ پوٽي، پاند تيڏي ڪَڪي،
پار ڀهندي ماڙيءَ هيٺون، تند هزاري ڪَتي،
ڙي ٽانڊي دا ٻهاناڪيتي، يار ڳوليندي وتي!

* * *

ٻہ ٻچاپڙا، ٻہ گهرَ ويڙهائو، ٻيئي ٻَـن ڏجن،
ٻيهيَ وچ بازار ۾، پئسي پنج وڪڻجن،
جي خريدار ڪُرڪن، تہ ڏهہ ٻہ ڏيئي ڇڏجن.

* * *

ويا مور مري هنجهہ نہ رهيو هيڪڙو،
انهن آڪيرن تي وينا چپ چڙهي
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانيرن جو.

* * *

ڪڏ ڪوٺيندي پبڻ گَتي لاهيارو ٿو وسي،
لِـنب تہ ڪيون ٻـُچين جو، ڪنهن دڙيءَ مٿي دسي.

* * *

ٻنيهہ منڊ منڊي ۾ اسيءَ ۾ ڪاٺو،
شيرو شرارتي ٿيو، شمرو آياٺو،
گنجو ساماٺو، تہ مِـڙن ڪٽي مات ڪئي.

* * *

بيوقوف بازار ۾، سنگتي نہ ڪٽجي ساڻ،
اول ڪٽائي پاڻ، پوءِ سار لهي ساٿين جي.

* * *

نہ پير عيسيٰ، نہ پير موسيٰ، ٻڙا پير پئسا،
خانڻ خوشامد ان جي ڪري، جنهن جا پُـر هجن ڪيسا.

* * *

آخر مليو نہ جي رب پيو سڀ مليو، تہ ڇا ٿيو؟
دنيا ۾ دل جو مطلب پورو ٿيو، تہ ڇا ٿيو!
هر علم ۾ ٿي ڪامل، پڻ ڪر عمل کي شامل،
عالم ٿيو نہ عامل، دفتر لکيو تہ ڇا ٿيو!
آهي ”قليچ“ ارمان، ڪيو شرڪ تو کي شيطان،
من جي نہ ٿيو مسلمان، ڪلمو پڙهيو تہ ڇا ٿيو!

* * *

ٻاڏيءَ ليکي ٻہ، ٽيڏيءَ ليکي ٽي، پر وڃان ٿي واحد هيڪڙو.

* * *

مرد ماڻ سان، رَنَ ران سان،
گانڊو نان سان، ناٿو جان سان
گهر ”ڏنا“ ڏيان سان.

* * *

اُتاولي عاشق ۽ چالاڪ محبوبہ جي سٽ:
اُتاولو عاشق:
قرب ۾ تنهنجي قريب! ڪُسي ٿيس ڪباب،
يا تہ لايو دوستي يا تہ ڏيو جواب؟
چالاڪ محبوبہ:
سڪ ۾ تنهنجي سپرين آءٌ بہ پلي جيان پچان،
روپيو ڏي روڪڙو، پوءِ جت چئين اُت اچان؟
اتاولو عاشق:
لکن جهڙي لاڏلي، شاهي تنهنجو شان،
واسطي رٻئي هڪڙي پنهنجو وڃائين ٿي ماڻ.
چالاڪ محبوبہ:
ماڻ تہ منهنجو مصطفيٰ رکيو سيد سچي،
جي تون نٿو ڏين تہ ٻـن وارو ٿو اچي؟

اوتالو عاشق:

ٻن وارو ايندو ڪينڪي جاسين تو جيان،
رپيو آهي هيڪڙو، سو راڄ ڀنيو تو ڏيان.

* * *

هڪڙي عاشق تي هَجوَ يا سِٺ:

ســــاراهيان ســــچو ڌڻـــــي صـــــاحب رب ســـــتار[1]
لڙي ويــــس لڙهـــــ[2] ڏي تـــــ ونـــان وڃـــي خبـــر چـــار،
ڏنم گـهَـنَدي[3] گهرن جي تـ وينا ڪن منهنجي پُـست پچار،
ڏورئـــون مونڪـــي ڏســـي ورتئـــون، نڪتـــا چڙهـــا چـــار.
دســـي مـــون ڪـــي دنبـــيءَ[4] وٽ ڏنئـــون مڪـــن سـنـدي مـــار.
سمـــاهون جيڪـــي سيلهه هئـــا، ســـي چيڪـــي ويـــا چـــوڏار.
ڏاڙهـونءَ جهلـي ڏاڙهـيءَ مـان ڏنـي هـاتيءَ جيئـن هـُـشڪار،
جيئـــڻ جهلـــي مونڪـــي جهـــاٻ ڏنـــي ڪوڙيـــم ڪنـــڌ ڪپـــار،
ڪـُـوڪ نـ پهتـي ڪڙيـي تـائين، اُت هئـا هـارين جا ٻـ هـزار
ڪتـل اتـي ڪاسـڪيلي (خـاصخيلي) هئـا، ٻيـا ٻروچڪـار ٻـار،
ملـــڪ ســـچو هـــو مـــاڇين جـــو، ٻيـــا چانهـــان چـــوڏار،
مـــاريو هئـــائون مـــُـــٺ ذري تـــي پـــر اجـــا هئـــي چمـــار.
ڪيـــم خـــط خيـــري[5] تـــي، ڪـــو نيســـاپو نـــروار
تـ چـاڙهي اڇـو چنبـڙن[6] مـان هـن سڄيني[7] تـي سـوار [8]،
ســـو وري چـــاڙهي آيـــو چنبـــڙن مـــان تـــاڻي تپيـــدار،

---

[1] هيءَ سٺ شادي خان لغاري وينل ڳوٺ راوت خان لغاري تعلقي ٽنڊي الهيار جي ڪان ملي، جا سگهڙ گوهر جي چيل آهي. (ليکڪ)

[2] لڙهہ = هڪ ڳوٺ جو نالو تعلقي ٽنڊي الهيار ۾.

[3] گهندي = ڪنرو يا ڪن ڏيڻ.

[4] دنبي: ٻيري هڪ وڻ.

[5] خيرو: سندس مائٽ.

[6] چنبڙ: ڳوٺ ۾ ٽاٽو.

[7] سڄينو: جنهن ٻچ ڪئي هئي.

[8] سوار: پوليس جو ماڻهو.

هن چيو مان تہ اهو ڪم نہ ڪريان، تو ڪريان نمبر شمار.
چيم ڪٿي ۾ ڪٿڻ خواري ٿيندي، آڇجو محافي[1] جو مقدار.
روئڻ لڳا راهب[2] جن، تہ هئي هئي روليئين بار،
پڙهجو جاسين[3] جوان تي جا اڳتي جو آذار،
ٽُڪر ٽُڪر مون وٽ ڪونهي نڪو ڳهہ ڳچيءَ جو هار،
هيڪي ڏڏي در مهندان سابہ ڍڪي منجهان ڍار [4]،
بارهن اسم[5] "بروچ" چئي، مون چاڙهيا هئا چوڌار،
پوءِ الهہ جي آڌار، لاٿائين لاڳاپا لڙهہ جا.
واٽيين تي ناهيل سٽي[6]
ساراهيان سچو ڏٽي جو خاوند پاڻ خدا،
ڍڳا منهنجا ڍول، تون باندا[7] ڳالهہ ٻڌا؟
ڳس ويندن سين "گوهر" چوي، چاندوُ ڪري چرچا،
هن ڪي مغروري مايا جي يا ڪي تو زيان ڪيا؟
لُندا، تو ڪلڻ مَتيا، تڏهن ٿو ڳلاڏيارين ڳام ۾!
ڳلاڏياريانءِ ڳام ۾، تو سُڻ "گوهر" مون ڳُفتار:
تہ منهنجي هو مارڻ لئي ترت ٿيا تيار،
پيين پهہ پنجوڙن جو ڪَنو ڪيئون ڪاپاڙ،
تہ ڪاهي اچونس ڪل سين سَبندي منجهہ بازار،
بولو منجهن بانڪو هو تنهن اچي پيچ جهلي پاڙ،
واري آڳوٽي ورندُ وينو بندي ڪنڌ ڪپار،
۽ رسيو اُتي سامن وڏي تڪبيري تڪرار،

---

[1] محافو: سواريءَ جو قسم.
[2] راهب: سندس وڏو ياءُ.
[3] جاسين: ياسين قرآن شريف جي سورت.
[4] ڍار: رلي رلي ڍُڪي ٿيل.
[5] اسم: نار يا هرلا.
[6] گوهر خان، شادي خان جو نانو هو ۽ راوت لغاري تعلقي ٽنڊي الهيار جو رهاڪو هو. واٽين ڪي چيڙائڻ ڪاڻ هي سٽ سٽي هٿائين. (ليکڪ)
[7] باندو: لنڊو، پيچ ويڊيل.

نـڙيءَ ڪـان نهـال جهليـو، متـان لـُـوئي[1] ڪـري لار،
لاٿئـون جلـد جلـد ٿـي مـاڻ شـتابي شـهڪار،
وڏي تـُـڪي واڻيـن مونڪـي تهتـان ڪيـو تيـار،
آنـڊا اوجهريـون انـدر موڪليـا: آهـي پهـت جنـي جـو پـار،
۽ ڍڪـي رڪيئـون ڍونـگري ٻـارن لئـي ٻيهـار،
ڦـري پـُـٺو ڦقـڙن لئـي چانـدومل چـوڏار،
تـہ پچـائي ڏيـان پـروءَ ڪـي، جـو آهـي ننـيڙو ٻـار.
پـوءِ دمـي وڌائـون ديـڳن ۾، ديـڳن ڪيـا ڏڏڪـار،
مينگهـو، مولـو پـاڻ ۾ خوشـيون ڪـن خيـال،
هٽيـو هـت هتـن تـي ڪـن تماشـا ۽ تـال،
آءُ رجهـي اڇـي راس تيـس پـَـٽڻ ۾ پائمـال،
سـُـڌي ڪٽيـو، سـُـرڪ پريـو چـون چڱـو چشـڪي وال،
ڪٽـي اڇـو ڪـُـبمچا، تـالهيون وٺـا تالهـہ،
ويهـي رهيـا واڻيـا اُت ڪـري سـپ قطـار،
پـري رڪيـن تـن اڳيـون ڪونـڊيون ۽ ڪـُـونار،
ڪـائي سـيئي خـوش تيـا، ڏاڍا ڏيـن ڏَڪـار،
پـر سـاعت گـذري سـت آيـن، آنـدن ڪيـا ڳـُـڙگار،
ڊوڙي نـہ پهتـا ڊاڳـي[2] تـائين، ٻـي ويجهـي هئـي نـہ وٽڪـار،
گهـرَ گهتيـون ڪـُـندون پاسـا، تيڪـي ڪيـوُن تيـار،
اها ٿئي ”گوهـر“ مـون گفتـار، هـاٿي آڳـو عـرض اڳهـائي مـون.

مينگهواڙن تي سٽ:

متـي ايـن مـاڙي[3] رَي خـاڪ ٻينـا ڪائـُـون،
هيـڪ ٻـڌان ڳنـڍان نـا، ٻيجـي لڳـان نـا لاٿـون،
هيٽا شبڌ تا ڳـايون، سـُـٽراڻ سـيتجي ٻيئـي رهـو.

---

[1] لوٺي: شريان يا شهہ نس، جنهن مان رت وهي ويندو آهي.
[2] ڊاڳو، واريءَ واري ڪڏ.
[3] ماڙي، پٿوري پير جي، تعلقو سامارو ضلعو ٿر پارڪر ۾ آهي.

مسخرن جون مسخريون:

مسخرن جون ڪوتون ڳالهيون، سخن ۽ گفتا سوين ماڻهن جا ڏک درد گهڙيءَ پل ۾ لاهيو ڇڏين. ڪو دم تہ دنيا جي غمن المن کان آجا تاجا ٿي ويندا آهن. هنن وٽ ڪل پوڳ بہ آهي، تہ نصيحت هدايت بہ آهي.[1]

1. مسخري:

سنڌ جو هڪ قديمي مسخرو هو ۽ هڪڙي نواب صاحب وٽ رهندو هو [2]. سندس حاضر جوابي وارا ٻول ۽ گفتا عجيب هوندا هئا. هڪ ڏينهن نواب صاحب کي ڏاڍي چڙ چڙهيل هئي، مسخري کي چيائين تہ "ڪچهريءَ مان اٿڻ کان اڳ جي مونکي نتو کلائين تہ سوريءَ تي چاڙهيندو سانءِ." مسخري ويچاري ڪيئي نقل نظير پيش ڪيا. نواب اهڙو ڪلي جهڙي پت! نيٺ ڪچهريءَ جو وقت پورو ٿيو ۽ نواب صاحب اٿي هلڻ لڳو. هاڻ اگهڻ ڏنو تہ جي ديري ۾ ويو، تہ پوءِ موت اجهو آيو! سو ڊوڙي وڃي نواب صاحب جي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وڌائين ۽ چيائين تہ کلين ٿو يانہ؟" نواب صاحب چيس تہ "بيوقوف، بي ادبي نہ ڪر" مسخري چيو تہ "سر کان مٿي ڪابہ ڳالهہ ڪانهي!" نواب صاحب کلي ڏنو. هڪ ڀيري اگهڻ ڪچهريءَ ۾ ڪل جهڙي ڳالهہ ڪئي، جنهن تي سڀ ڪچهريءَ وارا، پيٽ وني کلڻ لڳا. هي نواب صاحب ڏانهن انعام ملڻ جي نظرن سان گهورڻ لڳو. نواب صاحب پنهنجي سونهاريءَ تان هٿ ڦيرايو، ۽ هٿ کي خالي ڏسي چيئين "تنهنجا ڀاڳ! مون دل ۾ چيو تہ هٿ گهمائڻ سان جيترا وار ڏاڙهيءَ جا ڇڻندا اوتريون مهرون اگهڻ کي انعام ڏيندس، پر هڪ وار بہ نہ ڇڻيو آهي!" مسخري نهہ پهہ جواب ڏنو تہ "حضور اعليٰ - اهو هٿ توهان جو هو، پر جي منهنجو هٿ ۽ توهان جي ڏاڙهي هجي، تہ پوءِ ڪيئن سال وينا ليکو جوڙ ڪرايو ها!

2. مسخري:

هڪ ڀيري تنڌي آدم جي ٽاٽي جي صوبيدار هڪ مسخري کي پاڻ وٽ گهرايو[3] تہ مهمان آيا آهن ۽ اچي مسخري بڌاءِ، انهن کي خوش ڪر تہ انعام

---

[1] هن پٽ ۾ اگهڻ مسخرو اول، پوءِ پليڏنو بيراٽيءَ وارو. سومر شڪاري مٽيارين وارو، دائود مسخرو دادوءَ وارو، ۽ موجوده وقت ۾ محمد خان (خانصاحب سرٽو) مسخرو دادوءَ وارو ۽ قادو شيدي ماتليءَ وارو مشهور مسخرا هيا. (ليکڪ)

[2] اها ڳالهہ اگهڻ مسخري جي آهي. (ليکڪ)

[3] اَها ڳالهہ پليڏنی مسخري بيراٽی واري جی آهی. (ليکڪ)

ڏينداسون. هڪ پوليس وارو هن کي ٻيراٽيءَ مان آڻڻ واسطي موڪليائين، پر پليڏني ٺڙڻپ جواب ڏنس تہ ”ڪين هلندس، صوبيدار جي ڪڙيي تي ڪونہ ويٺو آهيان.“ سپاهي ساڳيو جواب اچي صوبيدار کي ٻڌايو. خير ڳالهہ آئي وئي، هڪڙي ڏينهن ڪنهن ضروري ڪم سانگي پليڏنو ٺنڊي آدم آيو. هن کي ڪنهن سنتريءَ ڏسي ورتو، سو ڊوڙي اچي صوبيدار صاحب کي سڻايائين. صوبيدار هڪ مسلح سپاهي موڪليو، تہ وڃي ڪنيي اچينس. سپاهي هن کي ٿاٽي تي وٺي آيو. صوبيدار پڇيس تہ ”پليڏنو تون آهين؟“ هن چيو تہ ”ايئن چون ٿا.“ پوءِ سوار ڏي نهاري چيائين لاهينس پٽڪو. پليڏني هڪدم سوار جو پٽڪو تڦڙ هٽي ڪيرائي وڏو ۽ صوبيدار کي هٿ جوڙي چوڻ لڳو، تہ سائين ٻيو ڪو حڪم؟ صوبيدار ڪان ٿهڪ ڇڏائي ويو ۽ چيائين توکي ڪنهن چيو پٽڪي لاهڻ جو؟ هن چيو سائين پوليس عملدار جو حڪم هو. مون سمجهيو تہ هي سپاهي ڪوڙ بدوڙ هٽندو هوندو ۽ شايد وڏو چغلخور آهي. صاحب جي چوڻ ۾ ناهي، تڏهن حڪم ڪيو اتس لاهينس پٽڪو! هي ڪم تمام تڪڙو ڪرڻو پيم!

3. مسخري:

هندن جي وهانءَ ۾ هڪڙي وڏي ڇڄ، ٻيراٽيءَ جي سراءِ ۾ اچي لٿي هئي. پليڏني کي خبر هئي، تہ مسخري اوس وجهرائيندا. سو ڪٿان ڳوهہ ڦاسائي هڪڙي طس کي سوراخ ڪري ان ۾ وجهي مٿان بند ڪري رکي ڇڏيائين. رات جو سڏ ٿيس تہ طس مٿي تي رکي اچي واڻين کي چيائين تہ ”يائي! آءٌ مسخري پوءِ وجهندس، اول وجان ٿو ٺنڊي آدم، طس ۾ منهنجي زال جا زيور ۽ ڳهہ ڳهٺا پيل آهن. سپاٽي يائيچاريءَ جي ڪاڄ تي وڃڻو اٿئون، سو گروي رکي ٿو اچان، مٿان دڪان بند ڪري سيٺيون وڃي سمهي نہ رهن. هڪڙي واڻيي چيس تہ گهٽو گهرجئي، هن چيو تہ پورا سئو روپيا. واڻيي چيو تہ انعام ڪان پوءِ باقي پئسا وجهي، توکي سؤ پورا ڪري ڏيندس، پوءِ شروع ڪيائين:[1]

اول ۾ الله يلو، سائين وڏو ساهہ يلو،
اتر وارو پير يلو، داتا دستگير يلو!
ونڻ جي تان سنڌي يلي، مينهن تان ڪنڌي يلي!
سياري ڪان اونهارو يلو، پرڻي ڪان ڪنوارو يلو!

---

[1] اها ڳالهہ پليڏني مسخري جي آهي. (ليکڪ)

سڪيءَ ڪان پوڙ ڀلي، ڪتيءَ ڪان، گوڏ ڀلي.
پلي ۾ پلاءُ پلو، سيوهڻ ۾ شهباز پلو!
تانگهڙ ڳـڙ ڳـڙ تان.

هن گهٽيون اهلـون، ڇٻـارا ۽ مسـخريون، چرچـا ڀـوڳ ۽ سـانگ ڪـري پئنچات کي ڪلايو، پڇاڙيءَ ۾ انعـام رڳـو پنج روپيـا مليس. ان تـي ڪـاوڙجي چيائين تہ واه سائين واه! مونکي تنبدي آدم بہ ڪونہ وجڻ ڏنـو ۽ پاڻ بہ پـورو انعام ڪونہ ڏنو! هـاڻي تنبدي آدم جا سينيون سمهي پيا هوندا. جي تپڙ تـو واپس ڪٽيو وجـان تـہ زال موچڙا هڻندي، تنهنڪري توهـان وٽ امـانت رکيـو ٿـو وڃان، صبح جو اچي ڪڻندس. ائين چئي ٻاهران در ڏيئي وري اچي چيائين تـورو ترسو ۽ تڪاءُ ڪرايائين لٺ، طس ڪي. پاڻ ٽپ ڏيئي ڪٽ تي چڙهي بيٺو. ڳوهہ ڪاهي پئي واٽين ۾. ڪي ستا پيا هئا، ڪي ليٽيا پيا هئا، ڪـي بيخبر وينا هئا. بس ڳوهہ جي ٻچ ٻچان ۽ ڦوڪن واٽين ۾ ڏمچر مچائي وڌو. هنن ۾ هلر هـول ڏسـي هيءُ چـون لڳـو واه ڙي دهـري تنهنجـو سون! واه ڙي ڪنمـال تنهنجـو جرڪو! واٽين جو ساهہ مٺ ۾ اچي ويو. چون تہ پلينا پڳوان جي نـالي جهلينس نـہ تـہ شـيوءَ (صبح) جـو اُڙد (ڍير) ڏوتيـن جـو ڏوڻـو پونـدءِ! اڙي بيـڙيءَ ٻـڏا پڪڙينس نٿو! هڙئي راڄ مهاچڻ رولي ۾ پئجي ويئي آهي!

4. مسخري:

هيءُ هڪ نظم سندس ناهيل، ڳاڏين ۾ ترنم سان چئي مـاڻهن کي خوش ڪندو هو:[1]

ٽرين وني هليو مسٽر دائود خان
ٽـيٽي بہ مان آهيان، ٽڪيٽ ڪليڪٽر بہ مان آهيان،
گارڊ جو مون ۾ گمان - ٽرين وني هليو مسٽر دائود خان.

سندس پيءُ وفات ڪئي. ان جي ڪاتي تي ڪجهہ زمين جو ٽڪـر هو. هـن پنهنجي ڪاتي ڪرائڻ لاءِ تعقلي جي مختيارڪار صاحب کي درخواست ڏني، جنهن ڪيس گهرائي چيو تہ ڇهہ مهينا تـرس، پوءِ ڪاتو ڪيو ويندو. نهہ پهہ صاحب کي چيائين "تڏهن آءٌ ائين سمجهان تہ ڇهہ مهينا بابو مئوئي ڪونهـي؟" مختيارڪار ڪلي پيو ۽ ڪاتو ڪرڻ جو حڪم ڏنائين.

[1] هيءَ نظم ۽ ڳالهہ دائود مسخري دادوءَ واري جي آهي. (ليکڪ)

5. مسخري:

هڪ مسخري چيو تہ ”مون ۽ بابي مسخري وجهي وجهي پورا هڪ سئو روپيا گڏ ڪيا. پوءِ اچي ڳڻتيءَ ڳِتر ڪان ورتو تہ متان چور پئسا چورائي نہ وڃن. تنهنڪري هنن کي سَجائتو ڪجي. نيٺ صلاح بيهاريسون تہ ”مون چيو تہ بہ گڏهيون ڪٺي ونون ڀيئي پيءُ پٺ پنهنجي سر خوش رهون، بابو چوي تہ آءٌ گهوڙي ڳنهندس، مون کي گهوڙيءَ تي چڙهي گهمڻ جو ننڍپڻ کان وني شوق آهي. آخر بابي وارو مشورو قبولي، گهوڙيءَ ڪاڻ پڇائون ڳاڇائون ڪيوسين. هڪڙي ويچوال جو نصيب ڦٽو، تنهن اسان کي سئو روپين ۾ گهوڙي ڏيڻ منظور ڪئي، اسين ٻئي پيءُ پٺ تاڙيون هڻندا ٺهڪ ڏيندا گهوڙي ڏسڻ وياسين. ڏسون تہ گهوڙي آئني ۾ بيٺي چري، پر وَلَرَ ڪانگن جو مٿانس والارا پيو ڏي. هڪل ڏنيسونس تہ هڪڙي ڪن ڪان سٽي ٻي مان ڪڍي چڏيائين. تنهنِ تي مون وني زنبوٽا بڇيا مانس تہ دنب مٿي ڪٺي پستيون هٽي بيهي رهي! پوءِ تہ مالڪ تنگ ۾ توڙهو، ڳچيءَ ۾ ڳراهو وجهي ٻاهر گهلي آيس. ڇا ڏسون تہ پنن تي ڦٽ، چيلهہ تي چٺا، منهن ۾ بانو، اک ۾ داٽو، اُبت ڏاٽي ڇَڙُن ڪاٽي، چٺ نياڳي، چڙهہ تہ تعدي، پر ڏٽي چئي تہ سؤ روپين مان تڪو بہ گهٽ ڪونہ ڪندس. بابي کي شوق ڪنيو بيٺو هجي، تہ ڪيئن بہ ڪري چڙهي آنتو ڏياريانس. هن جو بل ڏيئي چڙهڻ تہ اها ذرتي اهي پير، وري جو اچي چٽن تپايس تہ نرا ڪٺي پوين پيرن تي بابي کي ڪواز ڪرائڻ لڳي. مون سنيال ڪئي تہ هائو بيلي، گهوڙيءَ جا پير اُتڙي چڪا آهن ۽ بابي جون بہ مٽيون منجهائي رکيون اتس. هاڻ ٻيئي ڪرڻ کي بنهہ ويجها آهن، هاٽي ڇاڪريان؟ جي بابي کي ٿو ٻَڪ وجهان تہ سؤ روپين واريءَ گهوڙيءَ جو سر ٿو وڃي ۽ جي گهوڙي کي ٿو تري ڏيان تہ بابي جو تي بند رُلائي! پوءِ صاحب تيم ساٽي، مون وڃي گهوڙيءَ کي ڳچيءَ ۾ ياڪر وڌا ۽ مدوءَ ۾ مڪون هٽي، ڪيومانس پيرين سيرين. گهوڙيءَ جو وني چلانگ ڪاڏو تہ بابو سائين او هُت وڃي ڪريو.

گهوڙيءَ کي ڪاهي همراه وٺ پهتس تہ پوين پساهن ۾ هو. پر سندس پر ۾ ڏسان تہ ڪانئس بہ وڏي واردات پر ۾ پئي آهي، چيم تہ ماڻهو ڪلندا چوندا تہ اسماعيل مسخري جي پيءَ اها واردات ڪئي آهي جو گهوڙيءَ تان ڪرندي تي وئي. وٺ ڦڪڙي! اسماعيل ماٺ ڪري پهرين واردات جو بلو پيٽي ڪر پوءِ

پيو پٺهين سان سرچجانءِ. سائين، اول واردات ڪٿي دفنائڻ جو خيال ڪيم. بازار مان وچي چار چوٻڪا، هٿا ڪتا، بڪيءَ نوڪ ٻچي ڪرايي تي ڪري ايس ۽ پاڻ سان ورتون ۽ واجهہ بہ ڪٺائي آيس. اچڻ سان واردات کي اٿلائي پٿلائي ڏاڍا قابو رسا ٻڌائي، ڪٿي ٻچيس کي متا ڏياريم ۽ ڪنهن پراڻي قبرستان جو پچائي واردات ڪٺائي ٿيس روانو. مقام ڪو پرپرو هجي ۽ هلندي هلندي اچيو ٿي خدا جي رحمت وسي، اهڙو تہ مينهن جو ڇڇڪو آيو جو واردات ڳرڻ لڳي، هيٺ لاهڻ جو حڪم آءُ بہ نہ ڏيان. ويچارا سڄي واٽ واردات جون ليڳاڙيون ڇٽيندا ڇٽيندا نيٺ اچي مقام تائين پهتا.

6. مسخري:

(الف) هڪڙي ڀيري بدين يارهينءَ جي ميلي تي مٽيهارڪو سامان وڪڻڻ ويو[1]. بدين جي بازار ۾ پنهنجي وکر جو هوڪو ڏنائين "اڳٺ ڦٽي، زال ويئي مڙس کي وٺي". هڪڙو مختيارڪار جو نائڪ اتان بار ٻچا ونيو ٿي ويو. سو هن جو هوڪو ٻڌي، ڪاوڙيو ۽ بار ڇڏي اچي مختيارڪار کي ٻڌايائين تہ هڪ اوپٽوءَ ماڻهوءَ مون سان ٺٺولي ڪئي آهي. مختيارڪار جو اتي جو مئجسٽريٽ بہ هو، تنهن هن کي گهرايو. عثمان اتي پهتو. مختيارڪار دٻايس تہ ماڻهن سان مسخريون ٿو ڪرين! مان ٽيپ ڏيئي ڇڏيندوسانءِ. هن آلو پولو ٿي چيو تہ سائين مون کي خبر ڪانهي تہ هت اڳٺ ڦٽي رکندڙ زال، ماڻهن کي ڪانہ وٺندي آهي؟ مختيارڪار چيس نالائق نڪر ٻاهر تہ هٿئين نہ لت! انهيءَ تي عثمان چيو مالڪ، ٽيپ ڏئي ڇڏين ها، تہ ارمان ڪونہ ٿئيم ها پر اهو ڳڌهہ واري لت جو دڙڪو تو جهڙي ماجسٽريٽ جي منهن تي نٿو پوي.

7. مسخري:

بدين ۾ يارهين واري ميلي تي شيدين مغرمان تي ناچ پي ڪيو ۽ هي پي چيائون:

اي! لا الا الالله محمد رسول الله، پير بدين وارو.

اهو ٻڌي عثمان بہ انهن جي وچ ۾ وڃي نچڻ بينو ۽ چوڻ لڳو:

اي! لا الا الالله محمد رسول الله، عثمان ستابيءَ وارو!

ستابي، سندس ماءُ جو نالو هو. اهو ٻڌي هن کي شيدي پير اڳيان وني ويا ۽ اهو ڪلام ٻڌايائونس، پير هن کان پڇيو تہ تو اسان جي نالي تي ڇو مسخري ٻڌي

[1] هي ڳالهہ نالي عثمان ميمڻ طنبوري واري جي آهي، جيڪو ٽنڊوالهہ يار جو رهواسي هو. (ليکڪ)

آهي؟ هن چيو ته سائين لا الا الاالله محمد رسول الله ته ٻڌو اٿم. پر اڳتي واري ڳالهه اڄ ٻڌي آهيم. تنهنڪري دل چيو ته آءٌ به پاڻ تي هڪڙي اڌ ڳالهه جوڙي ڇڏيان. پير ڦڪو تيو وري شيدين کي ائين چوڻ کان هميشه جي لاءِ منع ڪري ڇڏيائين.

(ت): ٻي هڪڙي مسخري. مسخري وجهي پوري ڪئي ۽ ڪپڙو وڇائي چوڻ لڳو ته "هي پلاند پيران پير. داتا دستگير جو اٿو. مسخري سموري سئي اٿوَ. هاڻي ٻينل سيئي سنگتي پئسا اڇلي هي جهولي پريو. آءٌ انهن مسخرن مان ڪونه آهيان. جيڪي چوندا آهن ته: جنهن وٽ ناهي تنهن تي ميار ناهي يعني هوندي تي هونگار. اديوز شاهه لطيف چئي. پيلي سچي پچو ته منهنجو پاڙو ڪئو پيو آهي. سو جي ڪنهن وٽ پئسو ڏوڪڙ ناهي ته مهرباني ڪري پاسي واري همراه کان ڪجهه رقم ڇڏائي به منهنجي پورت ڪري. نه ته ڏينهن قيام تائين ڪين بخشيندو سانوَ!

8. مسخري:

هڪڙو مسخرو عربن سڳورن وارا ڪپڙا ڍڪي يعني ڏگهو چوغو. مٿي تي منديل (رومال) ان جي مٿان عمامه (نوڙو) ويڙهي. رمضان شريف جي مهيني ۾ ڪنهن ڀهراڙيءَ ڳوٺ جي وڏيري وٽ اچي ٽڪيو. هنن هن کي عرب ڄاڻي نماز پڙهائڻ لاءِ منٿ ڪئي. هن چيو ته آءٌ بيمار آهيان ۽ گهڻي مسافري ڪئي اٿم هت توهان وٽ آرام ونڻ جي لاءِ آيو آهيان: البت جي حياتي آهي. ته توهان کي عيد نماز پاڙهيندس. پوءِ هو سڄو رمضان مال مليدا کائيندو رهيو. جڏهن عيد جو ڏينهن آيو. ته هن کي جام فطرو ۽ پاڪرون مليون. ڪيس گهوڙي تي چاڙهي سرگس ڪڍي عيد گاهه ڏي نيائون ۽ ڪيس نماز پڙهڻ جي لاءِ امام بنايائون. مسخري ڏاڍي مخرج سان قرآن شريف جي قرأت ڪئي. جنهن ۾ الحمد ۽ الحمزه جون سورتون پڙهيائين پوءِ رڪوع ڪيائين. انهيءَ ۾ پندرهن ويهه منٽ لڳي ويس جو جهلي جهلي وڏي آلاپ سان ۽ شد مد سان ه ے هڪ اڪر تي ڇڪي ڪڍيائين. جڏهن ڀهرئين سجدي ۾ ويو ته پورو اڌ ڪلاڪ لڳس انهيءَ وچ ۾ جماعتي يعني نمازي مقتدي، تڪي تڪي مٿي ڪنڌ ڪڍي ڏسڻ لڳس ته جيئرو آهي ڪ مري ويو. پر ڏسن ته ڇري پري پيو اڃا سجدي ۾ آهي. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ڪنڌ مٿي ڪڍي الله اڪبر ڪيائين ۽ وري الله اڪبر چئي ٻئي سجدي ۾ ويو. ماڻهن کي پڪ تي ته اهو به ڀهرئين وانگر ڏگهو سجدو ڪندو. تن ڪنڌ مٿي ڪونه ڪنيو ۽ هي آهستي آهستي ڪري يڪدم اٿي وڃي گهوڙي تي چڙهيو ۽ گهوڙو هڪلي هليو ويو. جڏهن جماعتي گهڻو وقت سجدي ۾ پئجي پئجي ٿڪجي پيا ته

هڪڙي ڪنڌ متي ڪٽي ڏنو، ته امام آهي ئي ڪونه. سو ٻين کي رڙيون ڪري چيائين ته اُتو اتو امام اتو ئي ڪونه. سيئي اٿي ڏسن امام نه دارد! سو چوڻ لڳا ته اهڙو ته خدا جي عشق ۾ هي عرب سڄورو فنا ٿيل هو جو سجدي ۾ ئي وڃي ٻئي ولايت ڪان نڪتو. واه واه! جڏهن مسجد ڪان ٻاهر آيا ته وڏيري چيو ته ابا منهنجو گهوڙو به گم آهي، هاڻي ٻڪ وڃي ولايت ڪنئي هونداڻين.

پوڳاين جا پوڳ:

سنڌ ۾ انيڪ پوڳائي مشهور آهن، جن جا ڪيل پوڳ راڄن ۾ مشهور آهن.

1. پوڳ:

هڪڙو پوڳائي شڪاري مٺيارين جي سيدن وٽ رهندو هو ۽ ڏاڍو پوڳائي هو. موقعي ملڻ تي مالڪن سان چرچو ڪندي ڪين گسندو هو. سيد به ساڻس گهٽيون جنيون ۽ تعديون ڪندا ۽ ڪرائيندا هئا[1].

هڪ ڀيري سيدن چا ڪيو، جو جتيءَ جي ڪڙين ۾ ٻول ڀرائي پٽ سان اُيو رکائي ڇڏيائون. سومر مال چاري شام جو ڪچهريءَ ۾ آيو ۽ جتي واري ٻول کي تيل سمجهي انهيءَ وقت ۾ جتيءَ کي نرم ڪرڻ لاءِ تيل وجهي رکندا هئا) هٿ ڀري ڏاڙهي ۽ متي کي مکڻ لڳو. هو هريل هو ۽ هميشه ائين تيل هٿ ڪندو هو. ان ڏينهن، تيل ته هوئي ڪونه، هن جو هٿ ڀري مکڻ شروع ڪيو ته ڪچهريءَ ۾ ٺهڪن جا ڪوڪريا پئجي ويا، پوءِ هيءُ به سمجهي ويو ته تيل ڪونهي، مٿ جي چٽ پئي اچي، سو ونی ڀڄو، وڃي هٿ منهن ڌوتائين. ڪي ڏينهن مٿس کلون پي ٿيون.

هڪڙي ڏينهن هن چا ڪيو جو سڪل سانڍاڻ ڪٽي چاڻي انهيءَ جي ڏابلي ڀري ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيائين. سيدن جي ڪچهريءَ ۾ چلم جو نڙ ۽ ناس جي ڏابلي پئي ڦرندي هئي. ڪي ڀيا ڦوڪ ڀري تماڪ جي تعريف ڪندا هئا ته گلا ۽ ڪي ناس جو چپٽ چاڙهي هڪبئي کي ناس جي تکائيءَ ۽ منائيءَ جون سڏون ڏيندا هئا. سو سومر به پنهنجي ناس جي ڏابلي ڪڍي ته - تي چپٽا چاڙهي وري ڪيسي ۾ وجهي ڇڏي، ڪچهريءَ وارن چيس ته چو؟ ناس تروجي ورتو آهي چا جو اسان کي اچ صلاح به نٿو ڪرين. سومر "اڙي" چئي هوءَ ٻي ڪريب واري ڏابلي ڪڍي، سيني جي اڏو رکي. هر هڪ چپٽو ڀرينـدو ۽

---

[1] هي پوڳ سومر شڪاري جا آهن. (ليکڪ)

سنگهيندو ناس ڪيندو ويو ۽ چياٺونس تہ هيءَ ڪهڙو نسورو گند ڪٽي آيو آهين هيءَ ناس ڪٿان ورتي اٿئي؟ تون تہ پشوري ناس ڏيندوهوئين؟ سومر چيو تہ برابر سچ ٿا چئو وڏا پارکو آهيو. هيءَ ناس ڪانهي پر تنهن ڏينهن جيڪو مون تيل مڪيو هو ۽ اوهين ڪليا هٺا هيءَ ان تيل جو ڪٽ آهي. اميد تہ ادلي جو بدلي تي چڪو هوندو.

2. پوڳ:

سيدن، چرچي طور سومر جي زال کي چوائي موڪليو تہ مڙسهين سومر، سائين وڏي سان پرار بيلي ۾ مروڻ جي شڪار تي گڏجي ويل هو. هينئر خبر آئي آهي تہ سومر کي مروڻ ڦاڙي وڌو. چوائي موڪليو اٿن تہ سندس گهر خبر نہ ڪجو اسان ڪيس هتي دفنائي ٿا ڇڏيون. مائيءَ کي چونداسين تہ ڪم سان موڪليو اٿئونس. پندرهين - ويهين ڏينهن اچي ويندو- اها خبرداري ڪجو. پر اسان کي خيال ٿيو تہ مرڻ وارو تہ مرڻ کي مري ويو هاڻي مئلن جون خبرون ڪانگ بہ ڪندا، سو اسان توکي اها خبر لڪ ڇپ تا ٻڌايون. جيئن سائين وڏي کي ان جو پرو نہ پوي.

خبر ملڻ سان مائي ڪٽي پنڻ وڌو، خوب رني، پٽي پٽي هٽي ڇاتي ڇني رکيائين، منجهان منجهہ سياڪو ڪرڻ لڳي. ٻن ٽئن ڏينهن کان پوءِ سومر سائين وڏي سان گڏ شڪار تان جيئرو جاڳندو موٽي آيو. گهر ۾ گهڙڻ سان طاق لڳي ويس. زال کان پڇيائين هيءَ ڪهڙو ظلم ڪريو ويٺي آهين؟ هن چيو تہ سيدن مون کي رئاڙي رئاڙي اڌ مئو ڪٽي ڪيو آهي، چيائون تہ توکي مروڻ ماري وڌو آهي. پوءِ منهنجا بہ هٿا هٿ ۽ ٽيون منهن.وري مونکي ڪا دلڏير بہ ڪانہ ڏنائون. سومر چيو نهيو، آءٌ جيئرو آهيان تون اٿي سانجهہ ڪر. سيدن پٺي سا مون پٺي. ڳالهہ ونئون سئون. هڪڙي ڏينهن سومر ڪارا ڪپڙا ڍڪي درياءَ پار سن جي ڳوٺ ۾ ويو، جتي سيدن جي وڏي پيڻ رهندي هئي. هن منهن مٿو پٽي اوچنگارون ڏيئي چيو تہ "اڄ سائين وڏو بهشت گهڙيو مون کي قاصد ڪري موڪليو اٿن تہ قاصيداٺو پهچائي اچ. اڄ شام جو سائين کي ڪٽندا منهن ڏسڻو هجيوَ تہ سيگهڙائي سان اچي رسو. بس سن ۾ ماتم مچي ويو ڊيون وڃي ويون. سيد سانباهو ڪري نڪتا. هي وري تهتان متيارين ۾ آيو، ۽ سيدن کي چيائين تہ سائين سن کان پيو اچان اڄ جيجان وڏي جهان ڇڏيو. مون کي چيائون جي وڃين ٿو، تہ اها خبر وڃي ڪج شام جو ڏٽيءَ جي شيءِ ڏٽيءَ جي حوالي ڪنداسون. سيدن ۾ انهي خبر ٻڌڻ سان واويلا پئجي ويئي. يڪدم اُٿن تي پوش

وڃهائي درياءَ تي آيا تہ پتڻ اُڪرڻ. اجا پتڻ تي پهتا تہ ڏسن تہ سن وارا سيئي منهن مٿا پٽيندا اچي لٿا. هيڏانهن هنن بہ ڪٽي پٽ وڌي. اصل محشر برپا ڪري ڇڏيائون. پوءِ هڪ ٻئي کان پڇيائون اوهين ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ سن وارن چيو تہ مٽيارين ۾ جو سائين وڏو گذريو آهي ۽ مٽيارين وارن چيو تہ سن ۾ جو جيجان وڏي گذري آهي. آخر معلوم ٿين تہ اهي ٻئي جيئرا آهن، پوءِ هي مسخري ڪنهن مچارائي آهي؟ پتو پيو تہ سومر شڪاري اهو يوڳ ڪري سيدن کي هلاڪ ڪيو آهي، پوءِ وڃي گهلي گهران ڪڍي آيس. سومر چيو تہ منهنجي زال بہ نڌڪي تہ ڪين هئي، جنهن کي توهان منهنجي موت جو نياپو ڏئي ڪٽي ٻچڙو ڪيو هو.

3. يوڳ:

هڪڙي پيري چاندين جي بنگلي ۾ گهڙيس تہ هڪڙو پوٽار وينو هجي[1]. ويجهو وڃي سلام واريو مانس تہ جواب ڏنائين، وري هٿ ٻڌي پڇيومانس تہ پوٽار اوهان پاڻ شريعت جا ڪير آهيو؟ چيائين تہ "مان خانصاحب ڪوئنريجو[2] آهيان" پوءِ مون کان پڇيائين تہ "ابا، تون ڪير آهين؟" مان چيو تہ "سائين، مان خانصاحب ٽيپي جو آهيان." چيائين تہ مان اڄ تائين اِهو قبيلو ڪونہ ٻڌو آهي! مون چيو "سائين، سؤ پيرا سئو هوندو. ڪوئنرو ۽ ٽيو ٻئي هڪڙي آويءَ مانِ پچي نڪتا آهن. توهان ڪوئنريجا آهيو ۽ مان ٽيپيجو آهيان. ان ڳالهہ تي پوتار ڏاڍو ڪليو.

4. يوڳ:

هڪڙو ڪاڻو هاري پنهنجي زال کي جنهن تنهن ڳالهہ تان هيسي چوندو هو تہ "اجا منهنجي اک ڪانہ ڏني اٿئي". هڪڙي پيري (ڪاڏو) ڪٽي پيس زال چيو تہ وڃي زميندار کان وٺي اچ. زميندار، جو ٿوري گهٽي طبابت بہ ڪندو هو. تنهن کي ورهيي لاءِ منت ڪيائين. هن چيو تہ هينئر اسان پاڻ ڏولائن ۾ آهيون في الحال وڃي پٽي سٽي پوري ڪر، پوءِ جون ڳالهيون پوءِ سان. هي موٽي گهر آيو ۽ ڪياڙي ڪنهڻ وينو. زال پڇس تہ زميندار ڇا چيو؟ هن چيو تہ اَن ڏيڻ کان انڪار ڪيائين. زال چيو تہ پوءِ اک نٽي ڏيکارئيس؟ هن چيو هائو. اک ڏيکاري مانس، چيائين تہ اها ڪانہ ٿيندي گهٽن ڏينهن جي جهريل آهي.

---

[1] هيءَ يوڳ خان صاحب سروٽو عرف محمد خان مسخري جو آهي. (ليکڪ)
[2] ڪوريجا: اصل راجپوت ڪونئر جي اولاد آهن. (ليکڪ)

5. يوڳ:

هڪ ڏينهن ڊاڪٽر کان تپ جي دوا ونڻ ويس. مون کان پڇيائين ڪڏهن کان تپ آيو اٿئي ۽ ڪيڏي مهل ايندو اٿئي؟[1] مون چيو تہ سائين اٺ ڏينهن ٿيندا تہ پيهر تپ ٿو اچيم. چيائين تہ سمجهيم توکي "واري جو بخار" تي پيو آهي. مون چيو تہ نہ سائين واري جو ڪونهي هڪ نہ ٻئي ڏينهن تپ ٿو اچيم. ڪاوڙجي چيائين تہ يوڪ انهيءَ کي تہ واري جو بخار چئبو آهي. مون چيو "سائين، واري جو بخار اهو، جيڪو اڄ مون کي اچي تہ سڀاڻي وري توکي اچي، ڪلي پيو.

6. يوڳ:

قادو ۽ محمد مسخرو پٽ شاهہ تي پاڻ ۾ گڏجي مسخري وجهڻ لڳا. قادوءَ کان محمد پڇيو تہ اڙي ذات جو ڪير آهين؟ قادوءَ سنجيدگيءَ سان جواب ڏنس تہ ادل، مان بروچ[2] آهيان. محمد چيس تہ شيدي، شيديءَ جو پٽ، تون وري بروچ ڪيئن ٿئين؟ قادو چيو تہ مان پراڻو بلوچ ناهيان، مان نون مهينن کان تازو بروچ ٿيو آهيان ۽ بروچ ٿيڻ ۾ ڏاڍيون تڪليفون ڏٺيون ۽ مصيبتون جهليون اٿم. شل ڪنهنجو ڪتو بہ بروچ نہ ٿئي! تنهن تي محمد چيس تہ بروچ ٻڌندءِ تہ هٽي ڪچونبر ڪڍي رکندءِ. هن چيو تہ هينئر بروچن جي صاحبي ڪانهي. پاڪستان سڄو مارشل لا جوّ ملڪ آهي. آئون بہ اڳي شيدي بادشاهہ هئس جو افريقا ۾ منهنجن پائرن جون پنجاهي ڪن بادشاهيون آهن. وڃي پڙهيلن کان پڇي ڏس، جيڪي روز اخبارون ٿا پڙهن. تنهن ڪري سنيالي ڳالهاءِ. جهڙو تهڙو تہ مان بہ ناهيان، پر شوق ڪٽي بروچ ڪرايو اٿم. محمد پڇيس تہ ڪيئن بروچ ٿيو آهين؟ قادوءَ چيو تہ يار ڳالهہ ئي نہ پڇ جي اهي اهنج سامهون ٿا اچنم تہ اندر ئي سڙيو وڃيم. نہ نہ، هاڻ چئي ٻڌاءِ. چڱو پلا سڻ، "پهريان ٽي مهينا، هٿ منهن ڌوئڻ ڇڏي ڏنم، ٻيا ٽي مهينا وارَ ونائڻ بہ ڇڏي ڏنم، پر ٽيان ٽي مهينا ڪپڙا ڌوئارڻ تہ نهيو، پر طهارت ڪرڻ بہ ڇڏي ڏنم، تڏهن وڃي مس مس چند بروچن ۾ شمار ٿيو آهيان!

---

[1] هيءَ ڳالهہ قادو شيدي جي آهي. (ليکڪ)

[2] بلوچ: بلوچستان جي رهاڪن کي چئبو آهي. اتي جا شيدي جن کي اسان مڪراني ٿا ڪوٺيون سي، بہ پاڻ کي بلوچ سڏائين ٿا. بلڪ هندو بہ پاڻ کي بلوچ هندو ڪوٺائين. (ليکڪ)

7. يوڳ:

قادوءَ چيو تہ هڪ رئيس وٽ مسخري وڄهي ڪجهہ گهريم. چيائين تہ موڊ ۾ ناهيان. وري هڪڙي ڀيري هنڌ وينو هو نشا ٻشا پئي ڪيائين. انعام گهريو مانس تہ چيائين توتہ موڊ ئي ڦٽائي ڇڏيو. تنهن تي چيومانس تہ سائين موڊ منهون ڪونہ آهين باقي سونڌ منهون ضرور آهين!

ٺوڪون:

ٺوڪون هونئن تہ گهڻن ئي قسمن جون آهن. اسان ٻين ڪي ڇڏي هت رڳو تهذيب واريون ۽ پهاڪن. اصطلاحن ۽ چوڻين واريون ٺوڪون ڏيون ٿا :

پهاڪن ۾ ٺوڪون:

* اڙي منهن لٽل اٿئي صبح جوٺهين ڪان مار ڪائي آيو آهين ڇا؟
* منهن تي ٻلي ڪيسي ڪري ويئي اٿئي!
* صبح سان جهرڪي پوندو ڏيئي ويئي اٿس!
* انهيءَ ڪم ڪرڻ لاءِ ڪو ڪولهي ٻولهي ڳولهہ!
* پيٽ ۾ پوليس پئي ڊوڙي ۽ آنڊا قل پيا پڙهن!
* پڇاڙيءَ جو پيرو آهي: مئي تي ياسين!
* منهن تہ ڇڻ ڇٽ جو مُنهن! حلوي کائڻ لاءِ مهاندو گهرجي!
* ڇڄ ۾ پڇا نہ ليي، ڇي، آءُ گهوٽ جي پڦي!
* ڪنيئون گهران ئي ڪونہ. ڦريا رستي تي!
* ڏيڏريءَ کي ٻہ زڪام ٿيو آهي!
* منهن نہ مهاندو. ڳڌھ جو ٻولاٽڊو!
* نڪ نہ ناسان. ڪٽ چڙھ پَـهہ ڪاسان!
* ڪودي ٻہ خوش ٿي آهي، تہ مون کي ڏٺين سڄاتو آهي!
* گهر وچ نڪر نلهي، ٻاهر شير بهادر ٻلي!
* آئي رات، وڄهي وات!
* آئي ٽاندو ڪٽڻ، ٿي ويني ٻورچياٽي!
* تلهو تہ اهڙو آهين، جو منجهئي راڄ ڊاپن!
* ڪائڻ مهل ڪرو. ڪم مهل ٻرو!
* رلي هڪڙي، ڄڻا چار، جيڪو پهرين اچي سو پائي سجهي، باقي پيا ڳلن ڪي هٽ ڏيئي رات نبيرين!

* هيءَ تہ پيٽ تي بہ مهانگو اٿو!
* ياڙين ٻڌو اٿو تہ دلي اڍائي ڪوهہ!
* اڪ ٿهي ٿي ڪانہ ڪبڙ خان چنبڙ ڏٺو!
* ماءُ جنڊ ڪيڏي، پٽ ڦڙڪا پائي!
* ليي لٿ بہ ڪانہ، چي، بابي جي گهر بندوقون!
* ڪوڏي وات ۾ وجهي ڪٿينس! حرام ڪو ڪچي!
* اهڙو مريوٽ جو ڪاٺي ماني تان ڪل نہ لاهي.
* چورن جو ٻڌي، رلي منهن تان ڪير لاهي!
* وڏو وهاڻ ٻن دمڙين جو!
* رت ڏني ڪان پوءِ ڪنهن جو يار ناهي!
* رُسي آهي گهوٽ سان، ڳالهائي نٽي ڳوٺ سان!
* ماني آهيس ڍؤ تي، موچڙوآهيس گهٽ!
* پوئي ڍائي سان شل نہ ڪنهن جي پوي!
* مسيت سڳوري ياڙن سان ڪيون اٿئي!
* شايد هاضمو خراب ٿي پيو اٿئي!
* هرويرو پنهنجي بيعزتي خراب نہ ڪراءِ!
* ڪٺي منهن سنبوسي جهڙو اڇي اڳيان بيٺو آهين!
* ياڙين ڪي ياڙيون پائي ڏيو پاٽ ۾ تہ ڪاءُ چاچا ڪاءُ!
* ياڙي ڏئي مڻ ناهيو ماڳ مانيءَ جو.
* ياڙين مٿان يت، ڪانگن ڪيرائي.
* حرامڙو هٽي بہ ياڳا ڪٽي
* چُتوءَ جو چرچو ماءُ ۽ پيڻ سان.
* چونچن گهر چلا پڪا چونچا ننڍيا وڏا نچڻ لڳا.
* جيڪي لڳي سو ڪاٺيءَ اڪ ۾.
* متو آهين مچ تلها تو ٿونا هٽين
* تلهو ماٺهو خواه مخواه معتبر
* نظر ڪري نهار بوٽ ٻچيءَ جو بچڙو.

باب يارهون

راند روند

راندين ماڻهوءَ کي صحتمند، چست ۽ چوئبند رکن ٿيون. هن اسان جي ڏيهه يعني سنڌ جي ساٿيهه ۾ تمام گهڻن نمونن جون راندين کيڏيون وينديون آهن. انهن مان کي راتوڻيون يعني چاندوڪين ۾ ۽ بيون ڏهاڙڪيون آهن، کي سڪيءَ يعني ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ته کي پاڻيءَ ۾ پلٽي کيون ٿيون وڃن، کي آسمان جي پولار ۾ رانديڪن جي اُڏائڻ سان ته، کي کڏون کوٽي کيڏيون وينديون آهن. رانديون، هڪڙيون نينگرن جون ته بيون نينگرين جي لاءِ، کي مڙساڻيون ته کي زالاڻيون ڌار ڌار ڍنگن جون ٿين.

مرداڻيون راندين ۾ هڪڙيون پل، پوڏ ۽ سگهه واريون، جن ۾ حرفت ۽ حرڪت به اچي وڃي ٿي. تنهن کان سواءِ سير شڪار، نچڻ ڪڏڻ، شرطون پچائڻ به راندين ۾ شامل کيل هوندو آهي. ورزشون، ڪَسرتون، جانبازيون به راندين جائي قسم ڪري ڳڻيا ويا آهن. وري انهن ۾ کي ليکن جي ڦانڊن يا ڪوڏر قطعن يا ڪپن ڪنيل رانديون ٿين. کي گڏ يا بد، گل ۽ گلٽيءَ واريون پڻ هونديون آهن. ان کان سواءِ ڏڙهي يا ڪينهوڙي واريون ۽ ڊڪ ڊوڙ واريون گهڻي ۾ گهڻيون رانديون هلندڙ آهن.

رانديون کي ٽولين يا ٽولن ۽ ميڙن سان ٿيون کيڏن، ته کي اڳواڻن يعني هارين جي هدايت ۽ حڪم هيٺ هونديون آهن، پر کي پنهنجي سر چڙيون چـُڙ ٻانڊ رانديون به ٿين. ڦرڻ، ڦيرائڻ، ڦيراٽين ۽ ڦرموٽين واريون رانديون ۽ رانديڪا الڳ هوندا آهن. مينهن جي مانڊاڻن، برسات جي ٻوهرن، بارش جي بد بدن، پلرُ جي پالوٽن، اوهيرن جي اوڪن ۾ چاچر جي ڇيرن جون، موج مستي واريون رانديون ٿينديون آهن. بيو آهن واقعاتي ۽ اسڪولي رانديون، جي ٻارن کي پڙهڻ سان گڏ سيکاريون ۽ کيڏايون وينديون آهن.

1- راند ڪرڻ جي شروعات: ٻارڙا سريلي ۽ جهيلدار آواز ۾ چوندا:

اک جي ڪاني، نم جو پايو، راند جو سعيو،

جيڪو نه ايندو تنهن جي ناني گڪي،

چلهه جي پوئتان ڇڪي.

ايئن چوندا سڄي پاڙيَ يا ڳوٺ، واهڻ ۽ وسيءَ جو چڪر هڻندا وتندا، جن ٻه ٻارن کي خبر پئي ٻوندي سي ڊوڙندا ڊوڙندا اچي ماڳ تي مڙندا. پهرين کندا نبيرو ته کهڙي راند کجي ۽ آڳ ڪير ٿو ڏي.

آڳ ڏيندڙ: کيڏڻ وارن مان هڪڙو چوندو:

هيڏي هيڏي پاڳ، ڪنهن جي پيءُ تي؟ [هٿ کولي اشارو ڪندو] جي ڪنهن پاٺهي ڇاٺهي ڇيو ته: منهنجي پيءُ تي! ته اهو آڳ ڏيڻ لاءِ تيار تي بيهندو. پر جي ڪو پيءُ جي پاڳ رکائڻ لاءِ راضي نه رهيو، ته پوءِ پکيڙيندا جدولون ۽ ڪنڌيون (جنهن تي فال پوي) ٻار سڀ قطار يا صف ۾ تي ويهندا هڪ هڪ تي هڪڙو لفظ هڪ ٻار سڃيندو ويندو. جنهن تي پويون لفظ پهتو اهو ڇٽو. وري ان جي ٻر پر واري ڪان جدول جاري تيندي. تان جو باقي هڪ وڃي بچندو، جيڪو اتي آڳ ڏيندو.

1. موڪ: ارچڪ، مرچڪ، ڏاما، ڏرچڪ، آڳ پتولڻ، نانگڻ، جوڳڻ، ڪارا، ڪٿا، ٻٽا، ڇٽا. ڇٽا وارو نڪري ٻاهر ٿيندو.

2. موڪ: اُرم، ترم، ٿال، متال، مڪا، ڇڪا، فال، فرنگ، لاٽونگي، ٽيٽونگي، جل. چل وارو نڪري ٻاهر ٿيندو.

3. موڪ[1] وَڪٽ (يڪٽ)، لٺين، مون، نار، آر، وئي، يڪو. يڪوءَ وارو نڪري ويندو.

سنڌ ۾ انيڪ ٻاراڻيُن ۽ وڏن جون رانديون آهن.

ٻاراڻين راندين ۾ هيٺيون رانديون شامل آهن.

1. ٻليءَ پيرڙو
2. گل گلولي
3. سرڻ ۽ باز
4. لال قيري گل قيري
5. چرڪ پرائڻ
6. انب قسائڻ
7. آڳرين جو اُٺ هلائڻ
8. ڳاڙهو ٽيڻ

[1] هي ڪنڌي خاص طور اتي ڏڪر راند ۾ گهٽو ڪتب ايندي آهي.

9. پلر گهوڙا راند
10. جهوجهو ماٺي راند
11. آڳ گاڏي راند
12. چيچ مڪڙو راند
13. ڦرڦرسوئٽو راند
14. پبي ٻڌڻ
15. ڏيڏر ڪڍڻ
16. سوني ماڪوڙي ڪڍڻ

ڇوڪرين جون رانديون هن ريت آهن:

1. ٺپا ڏيڻ ۽ ڪُڏڻ
2. نوڙيءَ تي ٽپڻ
3. چيڪلي راند
4. ماٺهو ڪاپائڻ راند
5. گڏين جي شادي ڪرڻ
6. اُس ڇانوءَ ڪُڏڻ
7. ٺلهه پٽ راند
8. ناني گڪي راند وغيره

۽ اِن ريت ٻيون ميڙاڪي واريون طاقت آزمائڻ واريون، شرط لڳائڻ واريون رانديون هن ريت آهن:

1. ٽيف ٽيف راند
2. ليٽ ڪبوتر راند
3. آپٽا گلولا راند
4. ڪوڏي ڪوڏي راند
5. ڇهي ڇهي مروٽو راند
6. مالهيءَ جا مڱ پيلڻ راند
7. گدرو ڪچو يا پڪو راند
8. ڏاڪ چمي راند
9. ڪوڏي لڪائڻ راند

10. اٺي ڏڪر راند
11. بلور چِـٽڻ راند
12. گلٽي راند
13. ڪڪڙي چِـٽڻ راند
14. ڏوري واري نڙاندي راند
15. گل واري نڙاندي راند
16. گليل راند
17. اکر پوري راند
18. اکي ٻڌي راند
19. ڏونگهي پيچڻ راند
20. تاس کيڏڻ
21. چڪي واري راند
22. سٽ ڪُٽ راند
23. چنهر کيڏڻ راند
24. ڇهالي راند
25. ٻگهڙ ٻڪريون راند
26. نوٽڻي راند
27. تزي تاپوڻ راند
28. لوڻ ڪاڻ راند
29. وانجهي راند
30. چيڪلو راند
31. لاٽون راند
32. وانگي لاٽون راند
33. ڦرموٽي راند
34. چرخي ڦيرائڻ راند
35. ڪاڳر جي ڦرٽي راند
36. ڦيروٽي راند
37. دورڳو راند

38. لوڏ راند
39. ڪندروءَ راند
40. ميجي ڦاسائڻ راند
41. برهڙا ڪرائڻ راند
42. نڪ نڪالي راند
43. ڪچا ڪوڏ ويڙهائڻ
44. لغڙ اُڏائڻ راند
45. گُڏي اُڏائڻ راند
46. ڊوڙ پُڄائڻ
47. جليبي جهٽڻ راند
48. چنبو ڇڏائڻ راند
49. بيلهاڙو راند
50. ملهه راند

ان کان سواءِ سنڌ ۾ ٻارن ۽ وڏن جون انيڪ رانديون آهن[1]

---

[1] "سنڌ ديس جون رانديون" (از: ولي محمد طاهرزادو) نالي ڪتاب I ۽ II سنڌي ادبي بورڊ پاران ٻن ڀاڱن ۾ ٻاراڻو ادب سيريز ۾ ڇپائي سال 2006ع ۾ پڌرا ڪيا ويا آهن. (ادارو)

باب ٻارهون

پاڻي ۽ پوکون

سنڌي سڀاجهڙن کي، قدرتي وسيلن مان ٽن طريقن سان پاڻي ملندو رهيو آهي، ۽ انشاءَ الله تاقيامت ملندو رهندو.

1- پاتالي پاڻي:

ڌرتيءَ کي هيٺ کوٽڻ سان هيءُ پاڻي ملي ٿو. مثلاً کوهن وسيلي ۽ هاڻ ٽيوب ويلن رستي. سنڌ جي اترئين حصي ۾ اهي کوهه ٽيهن کان چاليهن پرهين [والن] تائين هيٺ کوٽيل هوندا آهن، ۽ ايرندي طرف يعني ٿر ۽ ياڳي ۾، پنجاهه کان سٺ پرهين تائين کوٽجن ٿا. وچولي ۾ وري ويهن کان ٽيهن پرهين تائين کوهيون توڙي کوهه کوٽيا ويندا آهن. پر لاڙ واري ياڳي ۾ ته ٻن کان پنجن پرهين تائين ويڙون يا [کوهيون] کنئيون ويندڀون آهن.

کوهن جي تري ۾ پاڻيءَ جا نار يا وهڪرا هوندا آهن. کوهه پنهنجي مقرر حد تائين يعني جيستائين مٿس هوا جو داٻ موجود هوندو، انهن وهڪري وارن نارن سان پرجي بيهندو. پوءِ منجهانئس کيترو به پاڻي پيو ڪڍبو ۽ ڪجهه وقت ڇڏي ڏبس، ته وري ساڳي ڪَرَوني بيهندو ۽ جي پاڻي ڪيڻ ماڳهين بند ڪري ڇڏبو ته اندريان نار وهڪرو ڦيرائي ويندا ۽ باقي بيٺل پاڻي ڪنو ٿي نيٺ سڪي ويندو. کوهن جو پاڻي، ماڻهن، وهٽن، پکين جي پيئڻ جي ڪم به اچي ٿو ته ٿنهن کان سواءِ مٿس آبادي به ٿئي ٿي، جنهن کي واڙي يا آرڻ به چون. ڪن کوهن جو پاڻي کارو، ڪن جو ٻاڙو ۽ ڪن جو منو ٿيندو آهي.

ٿر جا کوه تمام اونهان ٿيندا آهن، تنهنڪري بوڪن يا نارن بجاءِ ڪوسن يعني وڏن ساندارن وسيلي جن کي پاڏا، سان يا اُٺ ڇڪيندا آهن، پاڻي ٻاهر ڪڍن. اتر ۾ کوهن مان پاڻي نارن رستي ٻاهر آڻين ۽ وچولي ۾ نار، دٻا، گهڙا ۽ بوڪا استعمال ڪن، جي ورت[1] واري پاڻي ڇڪين.

عمر آيو اوچتو! ڏورانهن ڏنائين،
ويس ورت هٿن مان، روح ۾ رُنائين،
چڙهندي چيائين، چنو سگ سرتئين. (ڀٽائي رح)

---

[1] ورت: رسو: کوهه مان پاڻيءَ جا بوڪ ڇڪڻ وارو رسو. (نظرثاني ڪندڙ)

2- مينهن وسيلي پاڻي:

برسات، بارش يا مينهن اونهاري توڙي سياري سنڌ ۾ وسندو آهي. سانوڻي وارا مهينا: چيٽ، آکاڙ، سانوڻ ۽ بدو ليکيا ويندا آهن. انهن ۾ لڙ پٽي گهڻو چاڙهه ڪائيندو آهي. ڇو ته انهيءَ وسَ واريءَ ڦيريءَ تي چار ئي مهينا درياهه دمجي وهندو آهي، ۽ ڳَنئي پٽي پوندي اٿس. تر ۽ ڪوهستان ته آهن ئي ڪڻ تي انهيءَ مينهن جي پاڻيءَ تي، تر جي ٻاجهر ۽ ڪوهستان جي جوئر گوها ڏيئي گونچ ڪڍنديون آهن. سياري ۾ نـِهان جيتري بارش ڪانه پوندي آهي. مينهن وسڻ جو ڪوبه ڪاٿو ڪونهي. وسي ته ست ست ڏينهن پيو پوي ۽ ٻوڙ ٻوڙان ڪري ڇڏي ۽ جي نه، ته لاڳيتا ٽي - ٽي، چار - چار سال بنهين بس!

3- (الف) دريائن جو پاڻي:

سنڌو ندي مان نڪرندڙ نهرن [چاڙهن] ڦاٽن ۽ واهن جو پاڻي سنڌ جي گهڻي حصي کي سرسبز ۽ شاداب ڪري ٿو. هتي هڪ درياءُ سنڌو ندي وڏي ۾ وڏو درياءَ آهي، هن کي سنڌ ملڪ جي ماءُ ڪونيو ٿو وڃي، جنهن جون ڌارون ديس جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچي ويون آهن. ٻي آهي حب ندي، هيءَ ندي ڪراچيءَ جي الهندي طرف کان اٽڪل 160 ميل هالار جبلن مان نڪري، قلات کي سنڌ کان ڌار ڪري ڪراچيءَ جي ڪياماڙيءَ وٽ عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. متس گهڻي آبادي ڪانه ٿئي، ڇو ته هن جو وهڪرو ڪٿي ڊرو ته ڪٿي تکڙو هوندو آهي ۽ آبادي لائق سندس ڪنارن تي زمين ڪانهي رڳو ٽڪرن جي وچ مان وهندڙ آهي، ۽ ٽي آهي لياري ندي، هيءَ اڳ وهندڙ هئي، پر هاڻي پنجاهه سالن کان وٺي سڪل تي رهي ڪڏهن ڪڏهن مينهن جو پاڻي منجهس تلاءُ ٺاهي بيهندو آهي.

(ب) نئين:

برسات جي ڏينهن ۾ هالار جبلن مان هيٺيون نيون به وهي اچي سنڌو نديءَ جي پرپ ڪن ٿيون. اُهي هيءُ آهن: نئي موهن، نئن مسن، نئن بازڪنجو، نئي گاج، نئي بارڻ ۽ نئي ملير. نئين ۾ پاڻي تمام تيزيءَ سان وهندو آهي، تنهنڪري هنن تي به پوک ڪانه ٿيندي آهي. البت جي نئين کي بند (ڊئم) ٻڌي ريگيوليٽرن وسيلي پاڻي واهين ۾ پڪڙين ته ڪوهستان جو گهڻو ڀاڱو آباد ٿي وڃي. هوند ڏڪار جي راڪاس جو ڪوهستان ۾ نالو ٻڌڻ ۾ نه اچي. پر ڪير اهي ڪشالا ڪري ۽ ڏک پٽي! نئن ملير تي باغ ۽ واڙيون آهن ۽ ڪجهه آبادي به ٿيندڙ آهي.

(ج) واهه ۽ ڦاٽ:

اتر سنڌ ۾، شاهي واهه، لکي واهه، بيگاري واهه، سنڌو واهه، الهندو نارو، اڙل واهه، ميرڻ واهه، خيرواهه، ايرندو نارو وچولي ۾، نصرت واهه، داد واهه، سدا واهه، ساگرو واهه، مارک واهه، شهداد واهه، شاهو واهه، راڄ واهه، نصير واهه، سرفراز واهه، بگهاڙ واهه، خانواهه، پونڦاڙ واهه، گهلو واهه، سون سيري واهه.ڪيسانو واهه، ريڻ واهه، دانگي واهه، صوبدار واهه، ڳاهورو واهه، ناگنا واهه، ساجنا واهه، الله ڪنئي واهه، جمال واهه، غريب واهه، چام واهه مبارڪ واهه هوندا هئا. ڏکڻ ڏي، کپر واهه، دنبالو واهه، چرخيلو واهه، دڏڪو واهه، ڏوڪيا واهه، قاضيا واهه، مولچند واهه، علي بحر واهه، گجو واهه، گاجا واهه، مير واهه، ماڻڪ واهه، امام واهه، کورواهه، باگو واهه آهن. ايرندي ڏي، ڪپرو واهه، بان واهه، ٽر واهه، عمر واهه، شادي واهه، هيرل واهه، چوڙ واهه، ڪيرا واهه، منڙائو واهه، دوسو واهه، جمڙائو واهه اجا به آهن. هنن واهن ۾ هڪڙا سمن جي زماني جا کوٽايل ۽ ڪي ڪلهوڙن جي ڏينهن جا ۽ ڪي ميرن جي صاحبيءَ جا. وري ڪي انگريزن جي زماني جا به آهن. نوان واهه سکر بئراج، ڪوٽڙي براج، گڊو بئراج جي نالن سان سڏجن ٿا، جي پاڪستان جي ايامڪاريءَ ۾ شمار ڪيا ٿا وڃن ۽ اجا هڪ بئراج جي رٿ پڻ آهي، جا اميد ته جلد عمل ۾ ايندي.[1]

* سن 1852ع ۾ سر بارٽل فريئر ايرندي ناري جي ڪاٽي ڪٽائي ۽ ان مان چامڙو واهه کوٽارايو ۽ ڦليلي ۽ گهاڙ ڦاٽن جي پڻ مرمت ڪرائي.

* سن 93 - 1892ع ۾ سرجيمس جمڙائو واهه جي رٿ تيار ڪرائي جنهن ۾ جيمس آباد کان ڊگهڙيءَ تائين وهڻ جي تجويز ڏيڪاريل هئي، ۽ الهندي برانچ جمڙائو جي شهداد پور کان تعلقي ٽنڊي الهيار کي آباد ڪرڻ لاءِ رٿيل هئي. ڪم چالو ٿيو. واهه 1900ع ۾ تيار ٿيو ان جو افتتاح بمبئيءَ جي گورنر سنڌ هرسٽ ڪيو هو.

* سن 1870ع ۾ انگريزن شهداد واهه کي جو لٽجي ويو هو بيهر کوٽارائي پاڻي وهڻ جوڳو بڻايو.

* ٽر پاڳي ۾ عمر واهه، ٽر واهه، منڙائو، چوڙ واهه، چام واهه، بان واهه، سر فريئر بارٽل جا کوٽايل آهن.

---

[1] اتر ۾ بيگاري واهه اڳيئي موجود هو. پر سن 1850ع ۾ انگريزن ان کي ڪشادو ڪرايو هو. (ليکڪ)

* سن 1856ع ۾ چوڌاري ملڪ ۾ وڏو ڏڪار پيو. جنهن کي "ڇپني" جو ڏڪار تا ڪوٺين. ڇپن معنيٰ ڇاونجاهه. ان ڏڪار ۾ ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ ٿر ٿهلجي ڏلهجي سنڌ ڏانهن اٿلي پيا. ڏڪار اهڙا راڳا ڪيا، جو ماڻهو مال ملڪيت، ڍور ڍڳا وڪڻي ويل وارڻ لڳا. مال ته اڪيچار مري ويو هو، باقي وڪيائون. ڪنائون ۽ ڪاڏائون پر حالتون اهڙيون ڳنڀير ٿي ويون هيون جو پنجين روپين پُٽَ ۽ ڏهن ڪان پنجاهه روپين تائين ڌيئون وڪڻي، ماڻهن پيٽ جي دوزخ جي باهه ڍري ٿي ڪئي. انهن آيل ماڻهن جي لاءِ انگريزن نوان رستا ٺهرائڻ ۽ نوان واهه کوٽائڻ جون تجويزون ٺاهيون. جمڙائو به انهن رٿن مان هڪ هو. جڏهن کوٽيو پي ويو، ته ماڻهو خوش ٿيءُ ڳيت ڳائيندا هئا.

جيئي جمڙائو، جنهن جي ڪڇي پٽي ڪاٽي،
جيئي جمڙائو!
ٽيندو ان سهانگو، پئسي لڳندي پاٽي،
جيئي جمڙائو!

اهو جمڙائو سن 1900ع ۾ تيار ٿيو. انگريز سرڪار حڪم ڪيو، ته جنهن کي جيتري زمين گهرجي سو پنهنجو اوستائين نشان ڪري ڇڏي. سرڪار سستي اگهه ۾ 25 روپين ايڪڙ سو به قسطن ۾ پئسا وٺڻ منظور ڪيا. سؤ ورهه ن ۾ پئسا پورا ڪري ڏيڻ جي شرط تي ماڻهن زمينون ڪنيون.

(ج) 2- ڦاٽ:

اڳي ڦاٽن ۾ ڦليلي ڦاٽ جنهن جو منڍ ڳهلن جي ڳوٺ وٽان سو سو انگريزن بند ڪرائي، نئون منهن ڄامشوري ڪان ڪٽايو ۽ متس ريگيوليٽر رکايو. هن ڦليلي جو اصلي نالو "پيل پائيل" ايرانين نالو رکيو ۽ احمد شاهه دُراني جي وقت ۾ منجهانئس لشڪر هاٿين ٽي چڙهي لنگهيو هو. اهو نالو فقط حيدرآباد لڳ استعمال ٿيڻ لڳو. پر حيدرآباد جي خطي ڇڏڻ کان پوءِ هن کي "گوني" ڪوٺيندا هئا. چوندا هئا:

گوني، سدا آهي اونهي!

ٻيو ڦاٽ پڄاري هن کي به سڏاري سندس منهن ڄام شوري وٽان ڪڍايل آهي. ٻيا ڦاٽ آهن: ٻگهاڙ، ڪلري، گهارو، اوچتو، حجامڙو، ڦراڙي، مير ڄاجيو، جي سڀ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿا. ٿاٽ، انهيءَ ڍوري کي ڇڄي جو درياءَ مان پاڻهي

ڦاٽي نڪري ۽ ان جي ڪاٻ ڪوٺائي نہ ڪجي ۽ واهہ جي معنيٰ اصل ۾ شهر آهي، پر هاڻ هن نموني رائج آهي، تہ پاٽيءَ جو وهڪرو جو هتراڏو ڪوٺايو ويو هجي.

انهن واهن ۽ ڦاٽن مان ڪي اڄ تائين موجود آهن، تہ ڪي هميشہ جي لاءِ ختم ٿي ويا!

پوکون:

پوک جي لاءِ، پاٽي، مندون، مهينا، نکٽر/نکٽ/نڇتر، زمين ۽ اوزار وڏي ڳالهہ ڪڙم تمام ضروري آهي.

سڀ ڪان وڏي گهرج هاري يا ڪڙم جي آهي، جنهن ۾ هن جا ڏڳا هلٽ سلٽ سڀ اچي ٿو وڃي.

الف - پاٽي ڏيڻ:

پوک تہ پاٽي، اهو پاٽي مينهن جو هجي، ڪوهہ جو هجي يا ڪنهن نديءَ توڙي نهر جو هجي، پر هجي ضرور. مٿي اسان سنڌ ديس مان ڪن پراڻن ۽ نون وهندڙ واهن توڙي ڦاٽن جو بيان ڪري آيا آهيون. سچ پچ تہ پاٽي زمين تي پهچائڻ جي لاءِ ننڍين ننڍين پاٽيءَ جي شاخن يعني واهن، واهين، ڪڙين، ڪورن، گنن، پارن، نالين، ڪسين، پيچن، ونجهين ۽ اڏن جي گهرج آهي. جي هر هنڌ پهچي آبادي ڪرائين ٿيون ۽ ڪرائينديون هيون.

توهان اڳوٽن واهن ڪي يا انهن جي پڌن ڪي ڏسي خيال ڪندا، تہ اهي واهہ توڙي ڪڙيا ڏنگڙا ونگڙا ڪيڏانهن جا ڪيڏانهن وٺ گهٽ ڪائيندا نظر چڙهندوَ! انهيءَ جو ڪارڻ اهو هو، تہ جڏهن بہ ڪنهن وڏي ماڻهوءَ يا وڏيري ڪي ڪٿي ڪا زمين جاگير يا زمينداريءَ طور حق ۾ ٿي آئي، تہ ان زمين کي آباد ڪرائڻ جي لاءِ انهيءَ ڪنهن وڏي واهہ مان نڪرندڙ شاخ کي انهي پڊ يا زمين ڏي ڪور، ڪڙيي يا واهيءَ جي صورت ۾ ڪوٺائي ٿي آندو، پر جي وچ تي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ يا ننڍي مهاڳيدار جي پڻ ڇيڙ ڇبيڙ، وٺ بيگر ٿي ڏني، تہ پهريائين ان ڏانهن ڪاٽي ڪٽائي ٿي ويئي، اتي پهچي وري وٺ ڪاٽي ڪوٺيندڙ اصلي مرڪز ڏي ٿي ويا. ان ۾ سڏائي هڪجهڙائيءَ جو ڪو ويچار ڪونہ ٿي رهيو. رڳو ڪنهن پر پاٽي پهچڻ جي اون ۽ تانگهہ هئي. اهو پاٽي ڇڙيو، پڌرو ۽ لڙ سڌيو ويندو هو. انهن ڏينهن ۾ وڏا واهہ چار مهينا ۽ ننڍا ڪڙيا ۽ ڪورون اڍائي - ٽي مهينا مس وهنديون هيون ۽ پوءِ پاٽيءَ ۾ ڇنارا يا سنگهارا پئجي ويندا هئا.

(ب)1- مندون ۽ مهينا:

مندون، چار ٿينديون آهن:

1- اونهارو: آرڙهه يا نهان هي مند اٽڪل چار مهينا هلندڙ آهي.

2- سيارو: سيءُ، هيءُ بہ چئن مهينن جي مند ٿيندي آهي.

3- سرءُ يا خزان: هيءَ بہ مهينا ڪن هلندي آهي،

4- بهار: هيءُ پڻ بن مهينن جي مند آهي، پر هت بهار بجاءِ سانوڻي شمار ٿئي، ۽ اونهارو، سيارو ۽ سرءُ مشهور مندون آهن.

سياري ۾ سيءَ تمام گهڻا پوندا آهن. ماڻهو پنهنجا اوڇڻ بدلائي ڪپهہ ۽ اُنَ جا ڪن. اڪثر بند ٿيل جاين ۾ گهارين. نومبر کان وٺي جنوري تائين سيارو هوندو آهي. گرمين يعني اونهاري ۾ لڪون ۽ جهولا گرم لڳندا آهن. ماڻهو هلڪو لباس ڍڪين، پگهر بدن مان ريلا ڪري پيو وهندو آهي، بدن تي آرايون نڪرن، ڪڏهن تہ راتيون بہ سخت گرم هونديون آهن. اهڙيون جو محمد صديق "مسافر، انهن جو هن نموني نقشو چٽيو آهي: [1]

ويساک جو مهينو جنهن ۾ لُڪون ۽ جهولا،
جڻ آسمان اڇلايا تي گرم گرم گولا،
ڪن کي پکو هٿن ۾ ڪن جا ڪڌن تي ڪٽولا،
گذريو تي ڏينهن ڏکن ۾ ۽ رات جا بہ رولا.

هن مند جو مارچ کان جون مهيني تائين اثر رهندو آهي. سانوڻي، برساتون پيون تہ سانوڻيون ٿيون. سڄو ملڪ ڪشمير تي ويندو آهي. دل بهار تي ويندي آهي، هيرون پيون لڳنديون آهن، پر جي برسات نہ پئي، تہ ست مهينا آرڙهه ديوتا جو ڪوپ ڇانيو رهندو آهي. باقي مهينا سرءُ جي موسم رهندي آهي. هن ۾ تپاولي جام ٿيندي آهي. هن ۾ مڇر پيدا ٿيندا آهن. ڪيرا پچندا هئا، چٽائون ٿينديون هيون، پاٽي رڳو ڍبن ۽ تلائن ۾ بچندو هو. جنهن تي مڇر آنا ڦوڙيندا هئا ۽ موسمي تپ جوَ زور هوندو هو. لاڙ ياڳي ۾ تہ جنسي ظلم هوندو آهي.

[1] مولوي محمد صديق مسافر جو والد نائجبار- آفريڪا جو رهواسي هو، جتان هو ننڍپڻ اغوا ٿي عربستان ۾ وڪاڻو، پوءِ ٽالپر دؤر ۾ سنڌ ۾ آندو ويو. هن جي هن لائق پٽ سنڌ جي تعليمي ترقي لاءِ وڏو ۽ بنيادي ڪم ڪيو آهي. (ادارو)

مثال:

لاڙ آهي ساڙ، سڄو ملڪ آزار،
پاٽيءَ ۾ آهن پونئرا، جو پيئي سو بيمار!

*　*　*

لاڙ آهي ساڙ سڄو ملڪ آزارا،
قسمت سانگ هت اچانگ اچيو اڙن ويچارا!

*　*　*

مطلب تہ سياري ۾ سيءُ، آرڙهہ ۾آرايون، ڪنهن ڪي ساراهي ڪنهن ڪي ساراهيون.
سانوڻ جي انڌي ڪي سارو ملڪ سائو پانسجي!

*　*　*

گڏهہ ڪي سانوڻ سريو تہ هينگون ڏيئي هلاياڻين!

*　*　*

سياري جي منڍ ۾ وڄڻو ڪٽي اندر سمهجي،
سياري جي پڇاڙيءَ ۾ سَوڙ ڪٽي ٻاهر نڪرجي.

*　*　*

اونهاري جي تتي ڏينهن، سانوٽيءَ جي وسندي مينهن،
سياري جي آڌي رات، شل پوي هنگڻ تات!

*　*　*

اُتر هاڻ اُتريو، اڌ سياري جو ڪتريو (ڦڳڻ مهيني ۾ چون)

*　*　*

اهي مثيون چوڻيون آهن، جُي منڍن يا موسمن لاءِ ماڻهو بيان ڪندا آهن.

(ب) 2- مهينا:

اسان وٽ هن ملڪ سنڌ ۾ هندي، سنڌي، عربي ۽ انگريزي مهينا استعمال ۾ ايندڙ آهن.

هندي:

چيٽ، ويساک، چيٽ، آکاڙ (آساڙ)، سانوڻ، بدو (بادون)، آسو (ڪُوار)، ڪتي (ڪاتڪ) ناهري (اگهن) پوهہ (پوس)، مانگهہ (مهہ)، ڦڳڻ.

سنڌي:

محرم، صفر، عرس، يارهين، هڪڙو خالي، ٻيو خالي، [ننڍو يار، وڏو يار] لڪانو، براد، رمضان، شوال، ذوالقعد، ذوالحج.

عربي:

محرم‌الحرام، صفر، ربيع الاول، ربيع الاخر يا ربيع الثاني، جمادي الاول، جمادي الثاني، يا جمادي الاخر، رجب المرجب، شعبان، رمضان المبارڪ، شوال، ذوالقعد، ذوالحج.

انگريزي:

جنوري، فيبروري، مارچ، اپريل، مئي، جون، جولائي، آگسٽ، سيپٽمبر، آڪٽوبر، نومبر، ڊسمبر. ڏينهن جا نالا پڻ هن نموني اچن ٿا.

هندي:

شڪر وار، سنيچ وار، آرت وار، سوم وار، منگل وار، ٻڌ وار، وهسپت وار.

سنڌي:

جمعو، ڇنڇر، آچر، سومر، اڱارو، اربع، خميس.

مُندن ۽ مهينن واريون چوڻيون:

چيٽ آهي پيٽ!

* * *

ڪتيءَ هلي ڪڻڪيا ڪيا، هاڻ چلي آيو چيٽ!

* * *

ڇيني مينهن، پوڙهيءَ پُٽ، ڪن ياڳ پرين ڪي ملن!

* * *

ٻڍي جا ڏاما ڪائي ٻانيڻ ڦوس ڏي تہ مڪ مري!

* * *

ٻڍي جي ڇتائن جو ڇتيو، مائٽن جو پٽيو سگھو سائو نہ ٿئي!

* * *

ڪتي آهي ڇتي ڪتي، رڳو وٺ وٺان آهي منجهس!

* * *

ناهري ڏي ٻهاري تہ سچ وڃي پهري!

* * *

پوهه لاٿالوهه، ڪَلڙ ڪوهه!

*   *   *

مانگهه رُهيون، ڏڏن ڏنارن جون ڳُـيون!
مانگهه، لٽي تانگهه!

*   *   *

ڦڳڻ ڦوهه لٿو سارو، راتيان سيارو ڏينهان اونهارو

نکٽ يا نڇتر يا نکشتر:

آبادي ڪنڌڙ يا پوک ڪرڻ وارن لاءِ اهو ضروري هوندو آهي، تہ نکٽن[1] کان واقف هجن ۽ انهن جو لهڻ ايرڻ سڃاڻن، ڇو تہ رات جو آڌيءَ مانجهيءَ پوک جي واهيت ڪرڻ، پاڻي ڏيڻ، جوڳون بدلائڻ جو تعلق تارن سان رکندا هئا، تنهن کان سواءِ ڪن گرهن ۽ تارن جو سڌو سنئون اثر پوکن تي پوندڙ هوندو آهي. سندن سڃاڻپ جا مشهور معروف هيءَ نکٽ هئا:

1. ڪهڪشان يا ڪيرڏارا، جنهن کي سنڌ جا ماڻهو نوح نبيءَ جي ٻيڙي بہ چوندا آهن ڪي وري هن کي تارن جي گَسڙ بہ چوندا هئا.

2. قطب تارو، هيءُ هڪ هنڌ بيٺل تارو آهي ۽ سر اتر طرف بيهندو آهي. تنهنڪري اُتر جي آڌار تي ٻيون ڏسيون (طرف) بہ سهي ڪري وٺندا هئا.

3. ڪتيون: ڪتيون سنجها ۾ ايرڻ لڳيون، تہ لس ٻاجهريون پوکيندا هئا. هن کي ڊاک جو ڇڳو ۽ پروين بہ چوندا آهن.

4. ٽيڙو. ٽي تارا لام ۾ ۽ انهن جي هيٺان ٽي تارا آڏا اُڀا هوندا آهن.
نکٽ سپ نئي ويا، ٽيڙو اُڀا ٽئي

5. ائٽ تارو ايرندو تہ مال کير گهٽائي ڇڏيندو. هي تارو بدي ۽ اسوءَ جي مهينن ۾ ايرڻ شروع ڪندو آهي. خود سمنڊن جو پاڻي بہ لهي ويندو آهي. جيڪي جيت ٻرن کان ٻاهر رهندڙ هوندا آهن، سي مرڻ لڳندا آهن. هن کي ٻيا نالا بہ ڏين ٿا جهڙوڪ: ٻي سرو، اگٽ، سهيل يمني وغيره. هنن جي ايرڻ تي ڪندين ۾ سگر پڇندا آهن ۽ گيدڙيون ڳاڙهيون لال ٿينديون آهن. 6. ڪٽ. چار تارا رامبس شڪل ۾ آهن، اها ڪٽ قطب تاري جي چوڌاري تي ڦري. ڪوهہ ۽

---

[1] نکٽ / نکٽن کی نڇتر يا نکشتر بہ چيو ويندو آهی. (ليکڪ)

پٽون، هڪ تارن جو ميڙ آهي، هن جا اڳيان تارا پٽونءَ جي مڇن وانگر اڏ گولائي تي ۽ پويان تارا ڏنگ وانگر مٿئين پاسي وريل هوندا آهن. چون ٿا:

* پٽــون ڪــڏي نهائين، (ڏنُ)

* تہ پوک وڃــي ڇانهين. (هنداٺو)

ڇانهين جي ولين پوکڻ جي لاءِ پٽونءَ جو اڀرڻ بهتر وقت لڳندو اٿن. پٽونءَ جي ڪاپار واري ياڳي ايرڻ تي درياءَ ۾ پلو وڏڻ شروع ڪندو هو ۽ ڏينهن پڻ وڏا ٿيڻ لڳندا هئا.

7- ايٽ يا ڪُلڪ تارو. هن جي ايرڻ تي واهن جي پاٽين ۾ ڇنارو پوندو هو. پاٽي واهن جا پاڇاتا ٿي ويندا هئا.

8- نينگو تارو، نواڙ يا وهائو تارو. آڏي تارو ۽ لڏا بہ گڏوگڏ هلندڙ تارا پڻ جوڳن جي مٽ سٽ ڪرڻ لاءِ سندن وقت ۽ نشانن جي سڃاڻپ ڪرائيندڙ هئا.

ڏرتيءَ جو اهو ٽڪرو جيڪو پوک لائق هجي، جتي منڊ آهر فصل پوکي سگهجي.

زمين:

زمين جي ورنن جا قسم:

نئين نڪور ڌرتي يا زمين کي "نهوَر" ڪوٺين. اڳي پوکي وري ڇڏي ڏنل زمين کي "ڪرڙ" چون. بنا ريج واري زمين کي اروٽ، ڪرءُ يا آريج، درياءَ جي پرواري ريٽ، پڪي زمين سڏين ۽ ڇيڪيءَ زمين کي ٽاڪ يا رِپَ نالا ڏين. انهن کان سواءِ ٻيا قسم هيءُ آهن: ٻٺ، جنهن ۾ ڪو سلو نہ اُپري، قدرتي ٻيٺل گاهہ واري کي ريل چون ۽ جنهن ۾ ٽورڙو گاهہ هجي، تہ ان کي آڏوري ڪوٺين. دڙ، ٻِسر پُٺ وارياسي، بوب ڪلراٺي، ڪلراٺي اچي ڦليءَ يا اُئي، ڪلر مٿان گجيءَ وانگي ٻيهندي آهي، جنهن ۾ غريب ماڻهو ڪپڙا وڃي ڌئندا آهن. جنهن مان گهڻو پاڻي واهڻ سان هن کي منو ۽ آبادي لائق بنائي سگهجي ٿو ۽ ٻي ٿئي ڳاڙهو يا ڪاروڪلر. هن ۾ لوڻ تمام گهڻو هوندو آهي، ٺنهنڪري ڪَـڪَ وغيره ٿين، ٻي خاص آبادي ڪانہ ٿي سگهندي آهي. لاڙ ياڳي جي ڪا زمين مٺي ڪلراٺي آهي، جنهن ۾ ڪمند ۽ ساريون پليون ٿينديون آهن. پٿريلي يا ٺاڪرو زمين تہ ڪا ڪوهستان جي آهي. ان ۾ جتي ريتائتي زمين آهي، ان ۾ برسات پوڻ تي جوئر جو فصل جام ٿيندو آهي. آباديءَ هيٺ آيل زمين، پاڻي نہ

ملڻ ڪري آبادي سڪي وڃي ته ان کي ورٺو ڪوٺين. پر پرنهه انهيءَ زمين کي چون جنهن کي ريج ڪرائڻ کان پوءِ ٻئي سال پوکڻ جي لاءِ ڇڏجي. مٿانهين زمين کي چاڙهه واري زمين ۽ هيٺانهين کي جهڪاڻ يا جهول واري زمين، دوآبي واري زمين کي بيگهو يا ٻلهار زمين، ٻن ٽڪرين يا پٽن واري هيٺانهين زمين کي ماٽري يا وادي چون. جبلن مٿان سڌي زمين کي مٿانهون پٽ. ڳوٺ جي ڀِرسان زمين کي پڊ ڪري ڪوٺين. بنجر، غيرآباد يا نوبتي زمين کي سڏين، بوير، سنهي مٽيءَ واري زمين جنهن ۾ مُرئي تائين پير اندر دٻجي وڃي. اريجي جُوءِ، جتي گاهه ۽ مال جو ڪو چارو نه هجي، اوتاڙ اُجٽ. مٿانهين زمين، اُڪرڻ، ريج سڪي ويل زمين، ائنٽو، هڪ ڀيرو آباد ڪيل زمين، ياڙت، ٽڪل زمين جنهن کي ياڻ جي ضرورت هجي، اوبٽ، هيٺ مٿانهين زمين، اوساءِ، چيرن ۽ ڦوڙن واري زمين جيڪا سڪڻ کان پوءِ ڦاٽي پوندي آهي.[1] اوڏو وٽو، سنئين سڌي زمين. سرڪاري طرح زمين جا ٽي قسم آهن: هڪڙي قبولي جيڪا مالڪن جي هٿ قبضي ۾ آهي، آباد ڪن ٿا ۽ ڍل ڀرين ٿا، ٻي ناقبولي ائين پيل سرڪاري زمين جا ڪنهن اجا خريد نه ڪئي آهي، ۽ ٽئين "بندشي" جيڪا سرڪار جي شرطن جي پورائي نه ٿيڻ ڪري نه مالڪ جي آهي ۽ نه سرڪار جي، جڏهن مالڪ شرط پورا ڪندو، ته سندس ٿيندي.[2]

زمين جي ماپ:

اڳي هڪڙي ننڍي قسم جي ماپ رائج هوندي هئي، جنهن ۾ پير پير پرسان رکي ماپ ڪئي ويندي هئي ۽ ٻي وري هٿن، ٻاڙين ۽ ڳرانٽن سان ماپ ٿيندي هئي.

مثلاً: ٻه منيون برابر هڪ هٿ، (1) (ٻه منيون فوٽ جي برابر آهن)

ڏيڍ هٿ برابر هڪ نري،

پنج نريون برابر هڪ پرهه.

(پتين ۽ نکن جي ماپ ۾ اها جدول پڻ ڪم ايندي هئي)

چار آڱر برابر هڪ چاڙڪي،

چار چاڙڪيون برابر هڪ هٿ

---

[1] اهڙي زمين کي اوبڙ به چون. (نظرثاني ڪندڙ)

[2] هاڻي بندش جو قانون ختم ڪيو ويو آهي. (ليکڪ)

[ڪپڙن ماپڻ ۾ اها جدول ڪم ايندي هئي]

وڏي قسم واري ماپ جيڪا گهٽي زمين جي لاءِ استعمال ٿيندڙ هئي،

ويهه ويسا برابر هڪ جريب.

ٻه جريب برابر هڪ ايڪڙ. (ايڪڙ برابر 4840 چورس وال)

(خاص زرعي زمين لاءِ اها جدول آهي)

ٻاڙي يا گرانٽ، آگوني جي چوٽيءَ کان ڇيچ جي چوٽيءَ تائين ڇڪيل مفاصلو آهي.

ٻه سڌ برابر هڪ ميل،

ٻه ميل برابر هڪ ڪوهه،

چار ڪوهه برابر هڪ جوجن.

(هيءَ جدول پنڌ جي لاءِ زمين جي ماپ ظاهر ڪندي آهي)

جيڪا زمين آبادي هيٺ اچي ويندي هئي، تنهن کي "بني" ۽ جيڪو ٽڪر آبادي ڪرڻ کان رهجي ويندو هو، ان کي "ائنو" ۽ جنهن ٽڪر ۾ گاهه پوکيل هوندو هو يا قدرتي طرح گاهه پيدا ٿي پوندو هو، ته اُن کي ڪٽڇو يا ڪوچو ڪوٺيندا آهن. پٽن ۾ ڊبن واري زمين ڊبوڙ ۽ دڙين دکين واري زمين کي "دَڙ" سڏيو ويندو آهي.

ٻيون ماپون:

ويسي ۾، ٿي پڪيون وکون يعني جيڪو پير پهرين کڻجي وري انهيءَ تي ٻيون وارو اچي ته اهو مفاصلو ويسي برابر ٿيو. تنهنڪري کي هن نموني زمين جي ماپ ڪندا آهن: اڍائي گرانٽون برابر هڪ نري، پنج نريون گهنڊو يا پُرهه، ويهه گهنڊا ويسو. ٻه ويسا جريب، ٻه جريب يا چاليهه گهنڊا هڪ جي لاءِ ايڪڙ. ستن کان ڏهن جريبن تائين هڪ نمبر يا ڪٽي ويندي هئي. ڏهن کان ويهن جريبن تائين هڪ نمبر ليکيو ويندو هو.

ڪوهن جي لاءِ ماپ:

هڪ ياکر برابر پُرهه.

پُرهن سان ڪوهن ۽ رسن جي ڊيگهه معلوم ڪجي ٿي (اڍائي وال برابر پُرهه).

پٽين جي ماپ لاءِ:

پٽيون اڳين، اوڏ گنب جون وجهندا هئا. نونٽ کان وچين آڱر جي چوٽي تائين "نري" شمار ڪندا هئا، ۽ نونٽ کان هٿ جي وچين آڱر تائين ماپ آٽي، وري پوئتي موٽائي هٿ جي ڪرائيءَ جي پيڏيءَ تائين ماپ کي نري ڪوٺيندا هئا. اها نري هڪ وال جي برابر آهي.

قبرن جي زمين جي ماپ:

پير پير جي پرَ ۾ رکي نوَ پير هڪ قبر جي ماپ ڳڻبي هئي. گهوڙن جون وکون پڻ پير پير جي پر ۾ رکي ماپيندا هئا تہ کهڙي گهوڙي جي وک وڏي آهي.

ڪانٽي يا ڪامن جي ماپ:

ماڻهو هٿ اُپوڪري سڌو تي بيهندو تہ ان جي اها پانچ (ڊيگهہ) ٻن گزن جي برابر ٿيندي ۽ سيني تائين هڪ گز (وال) شمار ڪن. ہہ پُرهہ برابر هڪ گز (اول) آهي.

پوکيءَ جا اڳوڻا اوزار

1- نار يا هرلو:

هنن کي واهي پاٽي هينان واهہ مان ڇڪي، مٿي چاڙهہ واري زمين کي پياربو آهي ۽ ان پوک کي چرخي پوک چئبو آهي.

2- هَرُ:

هن سان زمين کي کيڙي هينيون پاسو اتلائي مٿي ڪبو آهي، جيئن زمين وڌيڪ طاقت واري ٿئي ۽ سلا سولائي سان ايرن.

3- سانئر / سانور / ترُ / سهاڳو:

هن جي زمين مٿان گهمائڻ سان ٻج ڍڪجي ويندو آهي ۽ زمين پڻ سنئين تي بيهندي آهي.

4- وتوهڙ:

اڳ ۾ هن سان وڏا وڏا پتر پچندا هئا ۽ هاڻي ان جي عيوض گـرٽي يا ريڙهو ڪتب آٽين ٿا.

5- ڪهاڙو:

هيءُ نار مٿان اڏاوت وارو ڪاٺ ترڻ (چلڻ) ڪانين ڦوڙڻ ۾ ڪم ايندو آهي.

6- ڪهاڙي:

هن سان جهنگ وڍيندا آهن ۽ ڦرن ڦلن لاءِ چاري جون ٽاريون ڪپيندا آهن. [1]

7- ڪوڏر:

هن سان زمين جي ڪوٽائي، ٻندن، ٻنن وغيره جو ڪم ڪيو ويندو آهي.

[1] آويڙا، لوهہ جا ہہ هڪجهڙا ٽڪرا گهڙي پاڻ ۾ ملائي هي اوزار ٺاهيندا آهن جنهن کي ڪهاڙي چون.

8- پياني يا پيانو:

هن سان ڏينگهرن جا پُور ڪٽي لوڙهو ڏبو آهي، يا کهڙ (ڪوڙيون) ڪٽي ستي ڪري ساڙيون وينديون آهن.

9- رنبو:

هن سان گاهه ڪيڻ ۽ گُڏ ڪرڻ ۾ ڪم ايندي آهي.

10- ڏاندار يا ڏانداري:

هن سان ٻنن تي متي چاڙهي ويندي آهي.

11- ڏانتو / ڏانتي:

هن سان ڪانن مان سنگ لٿي (ڪپي) ڏار ڪبا آهن ۽ ڪانن کي اڙئون لٿبو آهي.

12- هتڙي کهاڙي:

هن سان ڍڳن واسطي گاهه مان ڪتر ڪندا آهن.

13- ڳاگڙو / ڪونبو:

هن ۾ ان پري متي ڪٽي وائربو آهي.

14- تنگڙيءَ:

هن سان اَن جو پڳر اتلائبو آهي ۽ واءَ نہ هئڻ جي حالت ۾ تنگڙيءَ سان ڪاڏر متي اچلي اُچلي بہ اَن وائرين.

15- ڪيڻ:

هن سان متي ميڙي زمين جي جهول يا جهڪاڻ پري ويندي آهي ۽ دڙيون پٽيون وينديون آهن، ڪيڻ هٽڻ جو رواج سن 1933ع کان پوءِ هتي شروع ٿيو، جڏهن سکر بئراج وهيو ڪيڻ جي پاسن وارين نوڙين کي انگهائي، چوندا آهن.

16- کهيڙو:

هن سان گاهه ڪيڻ، چانيو وڍڻ، ٻٽن جون پاڙون ڪڍيون وينديون آهن.

17- پاهوڙي:

هن سان نار جو پِڙ صفا ڪرڻ، وتاڻ صفا ڪرڻ ۽ انُ ريڙهڻ جو ڪم ورتو ويندو آهي.

هنن سيني اوزارن کي گڏي ڪڙميءَ جو هلت سلت چون.

نظم

ٻج نہ پوکي جي کو هاري،
سکون کائڻ لئہ عمر ساري.

پوءِ اکين سان ڏسون نہ اَن،
ڀاڄي ميوو گل نہ پن.

ڪپاهہ جي کو پوک نہ ڪري،
ڪتان جيڪر پنهنجي سري.

ڪپڙا هوند نہ ڪڏهن ملن،
بت ڍڪڻ لئہ ماٺهو سڪن.

ڪاريگر جي پوءِ هوشياري،
ٽئي اجائي پل ۾ ساري!

چاکو سبي چاکو پري،
استادي ڪيئن ظاهر ڪري.

چانيو سرهہ نہ هاري پوکي،
تيل نہ ڪنهن پر ملي توکي.

ڪڙمي ڪم کان ڪري انڪار،
ساري دنيا ٿئي لاچار.

ڪڙمي ڪم وڏا تو ڪري،
چاڻ نہ اهڙي هو تو ڏري.

ڪڙمي جي تعليم وٺن،
چڱو سڌارو جيڪر ڪن.

ڪَڙمت:

ڪڙمت ۾ سيئي وندبدار، ڍور ڍڳا، وهٽ وانا، کيتي ٻاڙيءَ جا اوزار يعني هلت سلت سيئي اچي وڃن ٿا کيتيءَ جو پهرين ڪم حضرت آدم عليہ السلام ڪيو. اهو پهريون ڪڙمي هو. هاري، هرَجي هلائيندڙ کي چئجي، نار

واهيندڙ ڪي ناري سڏين. اڏن جا آوانڌا اٿبنڌا لوڙهي ۽ ٻانڌا ٻڌي، تنهنڪري ڪونينس ٻانڌ يا ٻانڌياريو. زمين ڪيڙي چيري ڦاڙي ٿو، ان ڪري چونس ڪيڙائو يا ڪيڙيارو. اَن جي رانهه سنڀالي، تنهنڪري راهو يا راهڪ به سڏينس. پراڪرت ٻوليءَ ۾ ڪيتيءَ کي چون راڏي ان نالي ڪري راڏو يعني پوک ڪندڙ ڪوئجي. ٻنيءَ جي نگهباني ڪري ۽ وَاهيت به ٿو ڪري، ان سبب ڪري واهي به چوندا اٿس. سچو هلٽ سلٽ سنڀالي ٿو، تنهنڪري سندس نالو ڪڙمي به آهي. ٻيا نالا ختم ٿي چڪا آهن. اوٺيڙو، ٻنير وغيره.

هارين جا اصلاح:

پنهنجي رانهه پوکي وارو آهي؟

کهڙو اڳيون جوڙو وهيو آهي؟

کهڙي ٻناري جي ڪتر هنئي اٿس؟

کهڙا ڏ'ندار جا ٻنا ڪڍيا اٿئي؟

کهڙو ٻناري جو پاٽي ورايواٿئي؟

ٻنيون ۽ ونيون ڪن مَجُن وجن!

زميندار:

زميندار معنيٰ زمين رکندڙ يا زمين جو مالڪ. هيءُ مرضيءَ جو مالڪ هوندو آهي ته پنهنجي زمين پاڻ پوکي يا ٻي ڪنهن کي پوکڻ جي لاءِ لاپي تي، ايريي تي، مقاطعي تي هارپي يا سيريءَ تي به ڏيئي ڇڏي. سريءَ ۾ زميندار هاريءَ کي مهيني سر مهيني پگهار ڏيندو رهندو ۽ پيدائش جو پاڻ مالڪ بنبو آهي. مقاطعي تي، هاٿي زمينون ڏنيون ٿيون وجن، جنهن ۾ هڪ سال کان وٺي، ويندي ويهن سالن تائين زمين في ايڪڙ مقرر روپين تي ڏنو وجي ٿو. مقاطعي جا شرط دستاويز تي لکي رجسٽر ڪيا وجن ٿا. هر سال جي رقم اڳواٽ يا ڪل رقم اڳواٽ ورتي ويندي آهي. مقاطعيدار ڪوشش ڪري ڪڙم پنهنجو رکندو آهي. ٻانڌاٽي/ايريي تي، ڏهن جريبن وارو نمبر چاليهن روپين ۾، ٻارهن جريبن وارو نمبر پنجيتالهين روپين ۾ ويهن جريبن وارو نمبر پنجاهه روپين ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهو سٺ روپين به ڏنو ويندو هو. ويهن جريبن کان مٿي نمبرن جي ماپ ڪانه ٿيندي هئي. ايريي جي رقم وصول ڪرڻ جو مدو ڪري ڪنئي ٿيندو هو. رانهه نهي ته زميندار به اچي پرَ پڪيڙيندو هو. جي روڪڙا پئسا نه مليا، ته چالو اگهه ۾

اوتري پئداٿش مٿا رائي ڪٽي ڏار ڪندو هو. بعضي پانڌاٽي يا ايريي جا روڪڙا پئسا بہ ڏنا ويندا هئا. هاريي تي زمين، هن ۾ جي زميندار هاريءَ کي ڪٽت ڪٽائيندو هو، تہ مجيريءَ جو حصو بہ پاڻ ڪٽندو هو نہ تہ بي ڪنهن موديءَ کي اهو حصو ملندو هو. جيئن هاٽي تقاوي ڏني تي وجي، پر اها زميندار خود پاڻ تو ڏي. جي زمين ٿوري هئڻ سبب زميندار اها پاڻ پوکڻ لڳندو هو، تہ ان کي آبادگار / ڪاشتڪار ڪونيو ويندو آهي. زمين جي ڍل، ”داڻا بندي“ موجب ڏيندو. يعني سرڪاري امين جيترو ڪاٿو ڪندو، اوترا ڪاسا، يا خرار ان جا سرڪار کي جمع ڪرائيندو. پر گهڻو رواج زمين هاريي تي ڏيڻ جو آهي چاڪاڻ تہ رڳو ڀـَڪ فصلي پوک ٿيندي هئي. وڏ ۾ وڏ تہ ڪو هاري برسات تي آڏئون / آرڻ ڪٽي پوکيندو هو. هينئر براڄن جي ڪرامت آهي جو اسان جي ملڪ ۾ تہ فصلي پوک ٿي رهي آهي. هاريي ۾ ڏنل زمين جي لاءِ هيءَ شرط هوندا هئا: ڍل، لاپو (لاپ)، رسائي، بيگر، چيٽ ڏنڊ ۽ سرڪاري رڪب يا ٻنڌياڻ زميندار پاڻ پريندو هو. ڪمدار ۽ اوطاق جو خرچ تور ۾ ايڪتال / ساڍي چال پيداٿش ڪٽندو هو، زمينداري مال لاءِ گاهہ پهچائڻ هاريءَ جي ڪنڌي هو، گهر جي لاءِ ڪانيون آڻڻ، آبت / ونگار تي جوڙي سوڌو حاضر ٿيڻ ۽ ڪاٽي ڪرڙي تہ سدائين هاريءَ جي حصي ۾ ه ٰدي هئي. ان کي زميداري ابواب چوندا هئا. ٻنٽي مهل سڀ ابواب ڪاٽڻ ڪان پوءِ زميندار اڌو اڌ يا بہ حصا پاڻ ڪٽندو هو ۽ هڪڙو حصو پيداٿش جو هاري کي ڏيندو هو. هاريءَ وٽ ڍڳن جو جوڙو ضروري آهي، ڪيڙي هاريءَ جي حصي ۾ ٻج زميندار جي حصي ۾ ايندو آهي. پر لاڙ واري پاڳي ۾ مهانگو ٻج جهڙوڪ ڪمند جو ٻج ”اڌو اڌ“ تي آهي. يعني ٻج جو اڌ زميندار پريندو ۽ اڌ هاري پريندو آهي. جن هارين وٽ جوڙو نہ هوندو آهي، ان کي سرڙيو هاري چوندا آهن. فصل جو چوٿون حصو سندس حصي ۾ ايندو آهي.

هارين تي نظم

منهنجي ديس جا پيارا هاري،
واهہ ٻني تو آهي سينگاري.

هاري ٻنيءَ ۾ دل سان ڪمائن،
جوٽيو جوڙا، هر هلائن،
جبل هجي يا پوري واري،

منهنجـــي ديـــس جـــا پيـــارا هـــاري،
واهــــ بنـــي تـــو آهـــي ســـينگاري.

فصـــل پوكـــڻ جـــو كريـــو ســـعيو،
آڏون نـــــاهيو، پـــــاٽي واهيـــــو،
ڏينهـــن هجـــي يـــا رات انـــڌاري،

منهنجـــي ديـــس جـــا پيـــارا هـــاري،
واهــــ بنـــي تـــو آهـــي ســـينگاري.

مـــُـند ۾ هركـــا پـــوک ڦٽـــي تـــي،
جوئـــر بـــاجهر ســـنگ كـــدي تـــي،
ووئنڻـــن كئـــي آ واهـــ بهـــاري،

منهنجـــي ديـــس جـــا پيـــارا هـــاري،
واهــــ بنـــي تـــو آهـــي ســـينگاري.

ســـنڌو ســـاوڻ مـــوج كـــري تـــو،
پلٽيـــو پلٽيـــو پـــٽ پـــري تـــو،
بيـــــلا بيـــــلا، بـــــاري بـــــاري،

منهنجـــي ديـــس جـــا پيـــارا هـــاري،
واهــــ بنـــي تـــو آهـــي ســـينگاري.

غـــلام رســـول ٿـــي ســـياڻو هـــاري،
رُت ســـارين جـــي آهـــي پيـــاري،
ڏس وجـــي پئـــي كونـــج قطـــاري،

منهنجـــي ديـــس جـــا پيـــارا هـــاري،
واهــــ بنـــي تـــو آهـــي ســـينگاري[1] .

مجيري:

مجيري انهيءَ ماڻهوءَ کي چيو ويندو هو، جيڪو هاريءَ کي ڪڻت ڪٽائيندو هو. يعني ڪيتي ٻاري لاءِ ٻج، هر ڦار وغيره جي نپاٽيءَ جو خرچ شاديءَ غميءَ تي پهچ سارو ڏوڪڙ ۽ ڪاڏي لاءِ ورو (ورهيو) يا توڻ ۽ لٽو ڪپڙو ٻه، گهٽو

[1] هي نظم پورهيت شاعر غلام رسول مستاني جو آهي. (نظرثاني كندڙ)

ڪري مجيري تي ڏيندو آهي، جنهن جو خرچ فصل لهڻ تي هاريءَ جي حصي مان ڪٽيو ويندو آهي. اڳي [1947ع کان اڳ] هٽ واڻيا يا مودي هوندا هئا. جي هاريءَ جي سموري پورت ڪندا هئا ۽ سنڌن ونڌي ٻڌبي هئي جا ٻنئي تيڻ تي انهن کي ملندي هئي، جنهن ۾ نفعو نقصان سڀ سنڌن سر تي هو. جي هاريءَ کي سنڌس زميندار ٽي ڪٽ ڪٽائيندو هو، ته اهو سنڌس نه رڳو زميندار پر مجيري ۾ سڏيو ويندو هو ۽ زميندارِيءَ سان گڏ مجيرپ جو حصو به ڪٽندو هو.

ونڌيون:

چوڻي آهي ته:

"پاڇو آدم قد اچي، تڏهن به هاري پيو هڇي!"

ٻنيءَ تي ٻه - ٽي ماڻهو ضرور ڪم ڪندا هئا. تنهن کان سواءِ اُٺ ڍڳا به ڪم ڪندا هئا. تنهنڪري انهن سيني جون حصا پتيون رکيون ونديون هيون، انهن کي ونڌيون چوندا هئا.

هارين ۾ هڪڙو، خاص هر ڏيڻ جي حوالي هوندو آهي، ٻيو پاٽي ورائڻ ۽ ٻارن ۾ پاٽي پيارڻ تي ٽيون ڪتر ۽ هرلي هڪلڻ ۽ جوڳن کي متائڻ ۽ وهٽن وانن جي نظر داري پيو ڪندو هو.

جي ڪنهن زميندار جا گهڻا هاري هوندا هئا، ته هرهڪ کي پنهنجي پنهنجي جڙَ يعني ٻني ٽڪر ڌار ملندو هو. هرهڪ جڙ ۾ پنج - ڇهه ايڪڙ زمين آبادي هيٺ ايندي هئي.

هر هڪ هُرلي تي ڇهه ونڌيون ويهنديون هيون. جي آباديءَ ڪرڻ کان اڳ نبيري پوءِ اسر (ائٽ) چاڙهيندا هئا. هرهڪ ونڌيءَ ۾ وري چار ڪر يا پايا ڳڻيا ويندا هئا. پايا هن طرح ورهاست ڪندا هئا: پنجن - ڇهن سالن جي عمر واري چوڪر کي هڪ ڪر يا هڪ پايو ملندو هو. اهو مال چاريندو هو يا ڍانداري ڪيائيندو هو، ڍڳن کي گاهه ۽ ڪتر ڏيندو هو، لاهہ ڍوئيندو هو.ان کان وڏو سبرٽ يا سرٽ نينگر انن - ڏهن سالن ڄمار وارو هوندو هو، ته ان کي ٻه ڪر يا پايا ڏنا ويندا هئا. ان جو ڪم ڏهائي ڪرڻ، ماني آڻڻ، ڪير پهچائڻ، وهٽ کولڻ ۽ ٻڌڻ، رنبو، کهاڙي ڦار نپائي اچڻ وغيره جهڙا ڪم ڪندو هو. تنهن کان وڏو ڳرٽ پندرهن - ارڙهن سالن جي ڄمار وارو، ان کي ٽي ڪُر/ٽي پايا ملندا هئا. اهو ڪچو جوان ڪري ليکيندا هئا ۽ اهو هر ڪم ڪار ۾ ٻانهن ٻيلي تي ٻيهندو

هو يعني پاڻي وارئيندو هو، هرَ وهندو هو، جهنگ وڍائيندو ۽ ٻنا ٻڌارائيندو هو. انهيءَ کان پوءِ ويهن - پنجويهن سالن جي عمر واري کي ڦوهه جوان شمار ڪندا هئا ۽ ان کان وني وينديءَ ڪرڙ وَڍ تائين، ونديءَ جا چار پايا يا سڄي وندي مقرر ڪيل هوندي هئي. اهو سيئي ڪم ڪندو ۽ پوک جي پوکائي ۽ ٻج ڇٽڻ ۽ واهيت بہ متس هوندي هئي. اهو انهي اهري تي ڇڏيل يعني متين ماڻهن مان ڪيس کهڙي جي مدد جي ضرورت ٿيندي، تہ ان کي آڻي پاڻ وٽ بيهاريندو هو. ماڻهن کان پوءِ وهڻ جون ونديون هن طرح مقرر ڪيل هيون.

هڪ ڏاند جو هڪ پايو ۽ جوڙي جا ٻہ پايا، پر جي جوڙو پلو هوندو هو تہ ٽي بعض ي چار پايا بہ ڪٽندو هو. اُنَ جا ٻہ پايا هئا، پر ڪنهن ڪنهن اُن جا ٽي يا چار پايا بہ ڏنا ويندا هئا. جهڙو وهٽ تهڙي وندي هوندي هئي. هڪڙي سڄي وندي مجيري ڪٽندو هو. مطلب تہ ڇهن ونڊين مان ٽي ونڊيون ٻنيءَ ٻلي تہ ٽي ونڊيون زميندار واسطي هونديون هيون. ونڊين ۾ ڪو رولو پوندو هو، تہ امين يا ٽيا ڪڙ جيڪو نبيرو ڪندا هئا، سو سيئي قبول ڪري اُٿندا هئا. ونڊين ورڇڻ کان اڳ ڳُڏ، آهت، اولياءَ جو رڪب، خيرات جو مڻ مڻ ڪڍي ڌار ڪندا هئا.

آهت ۾ واڍو، جيڪو نار، هرلو ۽ هر وغيره مرمت ڪندو هو، مينگهواڙ، جيڪو نيٽو، ناڙو، وڏي، ڳلي، ڳنڊ ٽوپو ڪندو هو، ڪنيار، جيڪو لوٽا، ڪنگريون، دلا، مٽ ۽ ٿيا، دڪيون ۽ ڪنيون ڏيندو هو، حجام جيڪو هارين جي سيرپ يا سنوارت اڇي ڪندو هو، سڀ شامل هوندا هئا. آهت جي معنيٰ آهي، آئي ويل مدد ڪرڻ. ڪي ماڻهو پنهنجو پاڻي وڪڻي ٻين کي ڏين. اهو پاڻيءَ جو جيڪو روڪڙو عيوضو ملي، انهيءَ کي حقابو چون يعني "حقِ آب" معنيٰ پاڻيءَ جو حق.

پوکن جا طريقا:

آڳاٽي دور ۾ پوکن جا هي طريقا هئا:

1- چرخي پوک:

زمين مٿي ۽ پاڻي هيٺ هوندو هو، پوءِ واهن، ڍنڍن، ڍورن، تلائن ۽ ڦاٽن جي پاڻين تي نار يا هرلو چاڙهي، پاڻي مٿي ڇڪي آبادي ڪرائي هئي.

2- موڪي پوک:

زمين هيٺ پاڻي مٿي هوندو هو. هن پوک جو رواج گهٽو ڪري سنڌ جي لاڙ واري پاڳي ۾ هوندو هو ۽ اجا بہ ڪٿي ڪٿي آهي. براجن نڪرڻ کان پوءِ،

تہ سنڌ جي گھڻي حصي ۾ هي موڪي پوڪ ٿيندي ٿي رهي. رڳو ڪڙيي يا واٽر ڪورس کي ٽڪي ڏيڻ سان پاڻي زمين ۾ اچي پوي ٿو ۽ پوک ٿئي ٿي.

3- چاهي پوڪ:

ڪوهن تي نار چاڙهي سنڌ جي اترئين حصي ۾پوڪ ڪئي ويندي آهي ۽ ٿر واري ڀاڱي ۾ ڪوهن مان ڪوسن وسيلي پاڻي ڪڍي، آبادي ڪندا آهن. ان کي ولڙيون چون. جن ۾ ڀاڄي بقر وغيره پوکيو ويندو آهي.

4- باراني پوڪ:

هيءَ پوک برسات جي پاڻيءَ تي ٿيندي آهي. سنڌ جي ٿر واري حصي ۽ ڪوهستان ۾ مينهن جي پاڻيءَ تي پوک ٿيندي آهي.

5- سيلابي پوڪ:

سانوڻيءَ ۾ جڏهن سنڌو ندي اُٿلون ڪندي هئي، تہ درياءَ جي ٻنهي ڪنارن لڳ ميل - ٻن ۾ زمين رڄي ويندي هئي ۽ جڏهن پاڻي لهي وڃي ڪرون وٺندو هو، تہ هاري انهيءَ ريج ٿيل زمين تي بوسي پوڪون ڪندا هئا. هينئر درياءَ کي وڏا بند ٻڌل آهن ۽ ڪيترا وڏا وڏا واهہ نڪتل آهن، تنهنڪري اتفاق سان ڪا ٻوڏ يا اُٿل ٿي ٿئي.

آبادي لاءِ آڳومت ڪرڻ:

جنهن وقت جي اسين ڳالهہ ڪريون ٿا، ان وقت سنڌ ۾ گهڻي ڀاڱي چرخي پوک ٿيندڙ هئي. تنهنڪري آڳومت بہ چرخي پوک بابت پيش ٿا ڪريون.

ڪنهن بہ زميندار ڪنهن بہ هاريءَ کي زمين هاريي تي ڏني، تہ هاري پهريائين وڃي زمين "نپيڙدو". يعني ان نمبر جي ڪنهن هنڌان ڪجهہ جهنگ وڍي ڇڏيندو. ان کي ڏسڻ سان پتو پوندو هو، تہ نمبر ڪنهن پوکڻ جي لاءِ ورتي ڇڏيو آهي. چاڙهيڪن جا ڏينهن ويجها ايندا هئا تہ ڪنهن اُيڪيريءَ يا ٽاڪ تي سٽائو سهنجو گهيڙ ڏسي يا ڪنهن پراڻي ياڏ مٿان اسر چاڙهيندو يا تہ ماڳهين نئون سئون پڙواڏو/ڪوهاڏو اتي ڪٽائيندو جتان، سولائي سان سندس زمين ريج وٺي سگهي.

پڙواڏو ڪٽڻ:

هاري مليل زمين جو ٽئنچ وٺي وهندڙ واهہ يا ڪڙيي جي ڪنڌي لڳ ڪڙيي مان ڪسي يا نالي ڪڍي، سهنجيءَ جاءِ تي پهچي پندرهن ڪان ويهن

فوٽن جي ڊيگهه ۾ ويڪر ۾ ڪامو (ڪڏو) ڪٽندو. اهو هيٺ لڳندڙ پاڻيءَ واري نريءَ جي تري برابر ڪوٽي بيهاريندو ڪي تہ وري ان ڪان بہ ڪجهہ هيٺيرو ڪوٽيندا آهن، تہ متان لٽ / ريٽ اچي ترو پيري متي نہ ڪري ڇڏي. پڙواڏي ڪوٽڻ مهل ۾ نريءَ ڪوٽڻ وقت اهو خيال رکندا هئا. جي زمين سخت ۾ پڪي هوندي هئي، تہ نري سرنگهہ وانگر گجهت ۾ ڪٽندا هئا. يعني اها ڪسي اندران ٿي اندران وجي پڙواڏن ۾ پوندي هئي نهندو. اهڙي پڙواڏي کي ڪوهاڏو بہ ڪري ڪوٺيندا هئا. انهيءَ نموني زمين ولڻ سان متان پاهن رکڻ جو گهٽو بچاءُ ٿيندو هو. باهُو / بانهو اهي ڪاٺ آهن، جي پڙواڏي جي ڪنارن سان لڳائي رکندا هئا، تہ يـِـڪون هيٺ ڪري پڙواڏي کي پوري نہ ڇڏين ۾ اسر بيهارڻ ۾ پڻ آساني ٿيندي هئي. پڙواڏي کي هنن حصن ۾ ورهايو اٿن:

پڙواڏي جي وچئين حصي کي "تڙ" چوندا آهن.

جنهن جاءِ تي ڪنگر يا لوٺا پاڻيءَ سان پرجي متي وڃن، ان کي گهڙيالو چوندا آهن. پڪين سرن سان اوساري ڪيل ڪُي ڪوهاڏو چون، پوءِ ان پڙواڏي جي آمهون سامهون ٻن پاسن ڪان هڪجيڏا ڪاٺ گڏي گڏي زمين ۾ پورين ۾ انهن متان گڏون هونديون آهن، جن تي نار جو وهو، ڦرندو آهي ۾ گڏين کي ناهور [ناڪور] چون.

تڙ ڇا آهي:

تڙ هن نموني نهندو آهي. پڙواڏي/ڪوهاڏي متان باهُو سڌا ڪري رکندا جي ڪو هيٺ متي هوندو، تہ ان کي هيٺان ڪاٺ جون دوڳيون، سرون يا چاپائيون ڏيئي سڌو بيهاريندا. اهي اهڙي طرح سمهاريا هئا، جيئن وچ وارو پاڳو ڪليو رهي. باهو ڇوٽو يا ڪمزور هوندو هو تہ ان کي هيٺان اُيون ٽيڪون يعني ڪاٺ جا ڪنڊٽا يا ضامن ڏيئي ڇڏيندا هئا. ان وچ واري ڪلئي حصي کي تڙ چئبو هو ۾ ان تي ٿي نار يا هرلي جو پاندو يا پاندي رکي ويندي هئي. تڙ جي هڪڙي پاسي ٿي باهو ۾ ڪپر سان لڳ هڪڙو باهُو پڙاٽ وهاٽي ڏيئي رکبو هو. پڙواڏي جي سيرانديءَ تڙ جي ڪنڌيءَ لڳ ٽڪرائي رکيل پرواري ڪاٺ کي "پرجهلو" چوندا آهن، ان جي ٻئي پاسي پاروني جي ٽيڪ کي "جهلڻ" چون. پرجهلي متان ڪانگ جو پيچ سوگهو ڪندا هئا. پاهن جي متان لڙها، انهن متان پجر ۾ پجرن متان ڏڪ رکي پوءِ انهن تي ڪپُ، ڪرڙن جو جهڪ،

ٻُوهه ۽ سڻ رکي، مٿي وجهي پاسا بند ڪندا هئا. پڙواڏي جي انهيءَ ڏڪيل پاڱي کي ڳجهڻ چوندا هئا. پڙواڏي واري مٿئين سموري ڪانوڻ کي مڏ چيو ويندو هو. نئين پڙواڏي جي ڪڏي کي تڙ ۽ پراڻي پڙواڏي جي ڪڏي کي پاڏ چوندا هئا. هاري پوءِ اوٺو ملائيندو يعني زمين جون دڙيون دڪيون ڪيندو. اُن ڪان پوءِ جي ٻگهڙ / ٻڪري / وڪري [معنيٰ توري پوڪ] ڪرڻي هوندي هيس تہ گهڻي متاماري نہ ڪندو هو. پر جي ڪتي اولو [ٻنيءَ جي جهڪيل ڪند] هوندي هئي، تہ ڪڙون [وڏا بند] ٻڌندو هو جيئن پاڻي ڏوري نہ ڪري وجي ۽ بيڙ بندي [جوڏاري لوڙهو] بہ ڏيئي ڇڏيندو هو. يا تہ رڳو آڙو [ننڍو بند] جوڏاري ٻڌل ڪافي سمجهيو ويندو هو.

نار يا هرلي جي بناوت:

نار وڏن تن پاڱن ۾ ورڇيل آهي: 1. چٽ، 2. چڪر ۽ 3. پاندبو. اهي ٽيئي پاڱا ملائي انهن کي نار تو چئجي.

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ:

نَوَ نوداٽي نَوَ حقا تہ هرلا سُڪا،

نَوَ نوداٽي ڏهہ حقا تہ هُرلا پڪا[1]

(الف) چٽ: هڪ ٻارهن فوٽ ڊگهو، فوٽ - سوا ويڪري قطر وارو گول ڪاٺ، جنهن جو هيٺيون حصو اٽڪل چار فوٽ کن ڊيگهہ ۾ ۽ تلهائي ۾ ڏوپ چٽي بند ٽيل وانگر ڏسڻ ۾ ايندو. مٿان ويڪراڻ ۽ هيٺ گولائي سوڙهي ٿيندي وڃي ڪند وٽ ڇهنبدار ٿي بيهندي، ان ڪاٺ جو مٿيون حصو فوٽ کن هڪجهڙي گولائيءَ ۾ پر مٿيون حصو البت ٿورڙو گهٽ گولائي وارو ٿي بيهندو آهي. ان کي نار جو مُهرو سڏبو ان ۾ چٽ جڪڙجي بيهندو آهي. ان مُهري جي وچ وارو ڪپو، چٽ کي پاڻ سان ڇهنائي ٿو بيهي. سو هن طرح سان. بہ تختا / پاٽيا / داٻڙا سل چوڙ ٽيل هڪٻئي تي آڏا رکيل تن جو وچ ڪَپي چورس يا گول ڳاڙک گهُڙي مهري جي مٿان اُڪاري ڊڍر وٽ نوڪي ويهاريندا. ان جو لچڪو [ڳنبي يا چپر هٽي مضبوط ڪندا] لهي ويندو. پوءِ انهن جون پچاڙيون اڌ گولائي ۾ چل وني رکندا. ٻن اڀائن فوٽن جي وچوٽي وٺي انهن جي مٿان بہ ٽاڙيون يا چورسا پٽين وانگر گهڙيل، اهي بہ چٽ جي ونگن يعني ونگڙين پٽين

[1] ٺرثاني ڪنڊڙ طرفان واڌارو آهي. (ادارو)

۾ نوڪي ويهاريندا. اهي ونگون ٻن حصن ۾ ورهايل هونديون آهن. هڪڙيون مٿئين داٻڙي جي تاڙين ۽ اڌ گول پچاڙين سان وجيو تيون لڳن ۽ ٻيون وري هيٺئين تختي مان نڪتل تاڙين ۽ پچاڙين کي سوگهو ڪنديون آهن. ٻنهي پاسن [هيٺين توڙي مٿين] ونگن کي ڳنڍي ٻيهارڻ جي لاءِ "آرا" جيڪي ٽوم جي ڳڙين جهڙا ڪاٺ جا ڪٻڙا يا چڪرا چوڙسل تي گهڙيل آهن، سي ڦهڪائي ٻيهاريندا آهن. انهن ڪٻڙن ۽ ونگن کي وري ڪاٺ جون ميخون سوراخن ۾ جن کي سوهڻ[1] يا سوئل چون، هٽي قابو ڪن. پوءِ اهو سڄو گولائي ۾ نهيل پڃرو ٻنجي پوندو آهي، جو آهي ڇٽ. ان ڇٽ سان مهري جي وچ وٽ هڪ ست - اٺ فوٽ ڊگهو ڪاٺ يا پاٽيو جو فوٽ ڏيڍ ويڪرو هوندو آهي، سو پڻ جڙي جٽي ڇڏيندا آهن. جنهن کي ڳاڏيءَ جو نالو ڏين. ان جي پڇاڙي ۾ اوٺو گهڙي سلي هٽن، ان کي ڪماڻ [پٽيلو] ڪوٺين، اهو نوڪي ٻيهارين ان ڳاڏيءَ وسيلي ڇٽ ڦرندو جو سڄي نار کي ڦيرائيندو آهي.

(ب) چڪر جي بناوت:

نار لاءِ ٻيو هڪڙو گول ڪاٺ جنهن کي لٺ چون، ان جي منڍ ۾ چڪر جڪڙيل هوندو آهي. هن لٺ جي چڪر واري پاسي ڊگهائي سنوالي ۽ پوڇڙ واري پاسي گهٽ رکندا آهن. ان گهٽيل پاسي ڏي اٽڪل ٽن - چئن فوٽن وٽ وچ ٿلهيرو ٿيندو اٿس. اُن اٽيل گولائي واري پاڱي کي ڊيڊي /ڊُڊي چون. اتي پاندو ڪپندو آهي. هن لٺ جي پڇاڙي گولائي ۾ ڇهنبدار ٿيندي آهي، انهيءَ ڇهنب کي "وَهو" سڏين. لٺ جي منڍ ۾ چوڙسل ڪري، هڪڙو تختو چپرن سان سوگهو ڪري نهڪائي لڳائين. ان تختي مان اڙيون لنگهائي، ونگن جي وريل اڌ گول پٽين ۾ ڪوڙين. انهن کي سوهڻ هٽي ونگن جي منهن ۾ "مڪڙا يا ڏندا" ونگن سان جوڙي جٽ ڪن، جن جون ڇهنبون هوبهو ماڻهوءَ جي ڏندن وانگي ڏسڻ ۾ ايندڀون آهن. جڏهن ڇٽ کي وهٽ ڳاڏيءَ اڳيان ٻڌي ڇڪيندو آهي، تہ ڇٽ جا چڪر جي ڦرڻ تي، چڪر واري لٺ پنيان ياندي بہ پٺي ڦرندي آهي. چڪر، زمين سان لڳي روڪجي، نہ ٻيهي تنهنڪري چڪر هيٺان ڪڏڙي ڪوٽي ڇڏين جنهن کي "ڇهي" چون.

[1] لطيف سائين لفظ سوهڻ استعمال ڪيو آهي. "هُوجي واڍي واٽيا. سي سوهڻ سڀ سڙيا." (نظرثاني ڪندڙ)

چڪر ۽ ڇٽ ۾ هيءُ فرق آهي، جو ڇٽ کي ٻن اڍائن فوٽن جي وڇوٽيءَ تي ٻه تختا لڳندا آهن ۽ ونگن ۾ قابو ڏيندا آهن. جن کي آرا يا ڪٻڙا پاڻ ۾ ڳنڍي بيهاريندا آهن، پر چڪر ۾ فقط هڪڙو داٻڙو [تختو] منهن ۾ هوندو آهي ۽ اراڪو نہ ٿئي، بجاءِ ان جي ونگن سان مڪڙا يا ڏندا شامل هوندا آهن. ڇٽ ٻاٽڙ [مقدار] ۾ وڏو ٿيندو آهي ۽ چڪر ان کان گهٽو ننڍو هوندو آهي. باقي بناوت جو نمونو ٻنهي جو گهڻو ڪري ساڳيو هوندو آهي.

(ج) پاندي جي بناوت:

چڪر واري لٺ جي ڊيڊيءَ وٽ سلَ سليندا آهن، جي ٻن قطارن ۾ ٽين. انهن ۾ اڍائي - ٽي فوٽ، چورس انچ - سوا جون پٽيون نوڪين جن کي "اوپارا" سڏين. اوپارن جي پڇاڙين ۾ چارفوٽ ڊگهيون ٻہ - اڍائي انچن واريون چورس پٽيون چوڙسل ڪري نوڪي لڳائين. انهن پٽين کي "ڦرهيون" سڏيندا آهن. انهن ڦرهين کي گولائي ۾ قابو ڪرڻ جي لاءِ وري ونگڙيون پٽيون جن کي "وَنگون" چون. سوگهيون ڪري ڪپائين. هنن کي بہ چپرن ۾ گنين سان لٺ ۾ ڦٽ ڪن ۽ سوهڻ هٽي سوگهو ڪن تان جو سڄو پڃرو جڏهن بنجي وڃي، تہ ان کي "پاندو" چون. پر هرلي ۾ ان کي پاندي ڪونين. هرلي جي پانديءَ جو ٻاٽڙ يا مقدار جسم ۾ ننڍو هوندو آهي، پر نار جو پاندو ٻاٽڙ ۾ وڏو هوندو آهي ۽ گهڻو پاڻي چڪي ٻاهر ڪڍندو آهي. پانديءَ ۾ ويهن تائين اوپارا نوڪيندا آهن، پر پاندي ۾ ٽيهن ٻنيهن تائين بہ اوپار لڳندا آهن. پانديءَ ۾ ڦرهيون ٻارهن ڪأن سورهن تائين، پر پانديءَ ۾ سورهن کان ويهن تائين ڪپايون ويندبون آهن. هن کي ڊينگو [ڊينگلو] بہ سڏين.

ويساهون ۽ نهڪٽو:

ويساهون، هڪ پڄر يا لڙهو نار کي بيهارڻ جي لاءِ چڪر جي ڏندن ۾ اٽڪائي ڪٽي پٽ تي رکندا آهن. ڊگهو پاسو زمين تي چوٽو پاسو ڏندن ۾ اٽڪيل هوندو اٿس. هن کي جهل بہ چون. نار بيهارڻ جو ڪم ڏيندو آهي. بگهاڙي يا نهڪٽو، ڪاٺيءَ جي اٽڪل ٽي - چار فوٽ پٽي يا پسر جنهن جي ٻن - اڍائي فوٽن تي وچ کان ٿورو مٿيرو هڪڙو ڪپو ٽيل هوندو، ان ڪپي مٿان اڌ ڪن مايي جو ڪپي ڪڍي وِنن تا ۽ هيٺئين پاسي جي وري چل وني، بند ٽيل مٿ مان جٺن ڏسٽي آگر ڪڍي، ڪنهن ڏانهن اشارو ڪبو آهي. اهڙي شڪل

جي ،ڪاني ٻنجي ٻيهي ٿي، پوءِ ان جو هينيون ڇيڙو ڪپُ ڪري، ڪنهن ٻاهُو يا ڪنهن پڃر سان ٻڌن ۽ باقي حصو پاندي جي ڦرهين تي رکي ڇڏين. جيئن جيئن پاندو پيو ڦرندو آهي، تہ اها پٽي ڦرهين سان ٽڪرجي "ٽڪنڪ" جو آواز پئي ڪندي. آهي انهيءَ ڪري هن کي ٺهڪٽو بہ ڪوئنين ۽ کي جهل بہ چون. هيءُ پاندي کي پوئتي هٽڻ نہ ڏيندو آهي. جي پاندو پوئتي ڦريو تہ سڀ لوٽا، جي پاڻيءَ سان پريل هوندا سي مالهہ کي هيٺ ڇڪي وجي تڙ ۾ خالي ٿيندا. انهن کي روڪڻ خاطر نہ ڪٽي جو نار ۾ هئڻ ضرور ڄاتو ويندو آهي. انهيءَ کي پرچل [برجل] بہ چوندا هئا.

مالهہ:

آتهہ [ڊين] کي سٽي ڪٽي، نرم ڪري انهيءَ مان رسو وٽي ناهيندا هئا. يا پيش جا ڦرها وٽي، انهن کي پُسائي سٽي ڪٽي انهيءَ مان بہ نوڙ وٽيندا يا ڪاٻاڙ جي ٻن - ٻن رسن مان اُهي نوڙ ناهيندا. انهن نوڙن جي ٻاڙي [هڪ فوٽ] جي مفاصلي تي ڪاٺ جون گهڙيل ايرڙيون جيڪي ٻاڙي کن ماپ جيتريون ٻنهي پاسن کان ڪپيل ڇيپاٽڙيون هونديون آهن ۽ پاڄاريءَ جي متينءَ ڪونهاتيءَ وانگر ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن. تن جا ٻئي ڇيڙا ٻنهي نوڙن جي وڪڙن ۾ سڌائي ۾ ونگيندا ويندا ۽ جڏهن سڀ ايرڙيون پوريون ٿيون يا گهربل مقدار ۾ ايرڙيون ڳنڍ جي ويون، تہ ان رسي جا پڇڙ پاڻ ۾ ڳنڍيي، هار وانگر گول ڪندا آهن، جنهن کي "مالهہ" ٿا ڪوئنين.

ان مالهہ ۾ هڪ هڪ ايرڙي ڇڏڻ ٻاريءَ تي سنڌَ [لوٽا يا ڪنگريون] ٻي نمبر ايرڙي تي رکي مڄ [واڻ] جي نوڙي جي ٻاڙ سان سنڌ جي ڳچيءَ ۾ ڳاري ڏيئي وڪڙ ڇاڙهي، هڪڙو سنڌوڙيءَ تي ۽ ٻيو لسو ٻڌندا ويندا. سنڌ ٻڌجي ويندا، تہ مالهہ پاندي تي ڇاڙهيندا پوءِ جيڪو بہ سُنڌَ پَڄندو پيو تہ مالهہ چڙهيي ٿي ٻڌي ڇڏيندا. جي ڪوهاڏو هوندو تہ تنگڻ مالهہ ڇاڙهيندا جي تانگهو پڙواڏو هوندو، تہ لڙڪيل مالهہ جنهن کي نيساري مالهہ پڻ چون. اها ڪم آڻين. پڙواڏي [ڪوهاري] جو پاڻي جي پاندي سان پيو ٽڪربو، تہ مالهہ کي گسڪڻ کان روڪڻ لاءِ ڦرهين سان ڇڪي ٻڌي ڇڏين. ان کي "ٻاٽڙ ٻَڌو" [ٻاڙوُ ڏو] هرلو سڏين، پر جي مالهہ ڦرهين سان مالهيل يا ڇڪيل نہ هوندي آهي، تہ ان هرلي کي "ڇاڙهو هرلو" يا ٽرنگڻ چون. هرلي جو پاڻي نيسر کان هيٺيرو

هوندوَ تہ ان کي نيسارو هرلو چون. ڪوهاڏن ۾ ڪوهن تي چاڙهيل مالهہ ڪنهن پاسي رڙهي نہ وڃي، تہ ان جي لاءِ ڪنهن پجر ۾ رسو ٻڌي، مالهہ جي پير ۾ لڙڪائي ڇڏين. ان کي مالهيارو يا مالهيٽو سڏين. ڪوهہ جي پاڙ جي ۽ مالهہ کي روڪڻ واري ڪاٺيءَ کي بابـهہ چون. ياد رکڻ گهرجي، تہ هرلي ۾ رڳو ڇٽ ۽ پاندي تيندي آهي. ڇٽ ۾ جيڪي ڦرهيون هونديون آهن، تن جا ڇيڙا ڊگهيرا ڇڏيندا آهن، جي وري پانديءَ جي ڦرهين ۾ اٽڪي ان کي ڦيرائيندا آهن.

نار يا هرلي کي هلڪي ڪرڻ ۽ سريلي آواز ڪڍائڻ واسطي تيل جا پها پري وَهي ۾ ناهَور کي ڏيندا آهن. درياءَ جي هيٺ لهڻ تي پاڻي متي چاڙهڻ واسطي ٻچڙه يا ٻيهڙ چاڙهيندا آهن. جنهن ڪوهہ تي آمهون سامهون ٻہ نار وهندڙ هوندا آهن. اُن کي جُنگ ڪوهہ سڏجي ٿو. ڪوهہ واري نار جي ڳاڏيءَ کي ٻانيو ڇيو ويندو هو.

نار [هرلو] چاڙهڻ:

چاڙهيڪن جا ڏينهن آيا تہ هر طرف هُرلا چڙهيا. هُرلي جا ٻہ حصا تين: هڪ ڇٽ ۽ ٻي پاندي. پڙواڏو ڪوٺجي تيار تيندو، تہ ٻہ اُيا ڪاٺ" جن کي ٻُنديون چئبو آهي، انهن کي ميچا، ٻسانگيءَ ڪان تورو متيرو ڏيندا آهن. انهيءَ ٻہ ڦانگيءَ جي ڳنڍ وٺ پوري وچ ۾ ڪپ تيل هوندو آهي، جنهن کي ناهور چون، انهن ٻُندين متان پاندي جي لٺ سڌائي ۾ رکي، ان لٺ جا وَها يعني بدوڙي وانگر گهڙيل ڇهنبدار ڀچاڙيون، هڪڙو هڪڙيءَ ۾ بنديءَ تي ۽ ٻيو وَهو پارونيءَ جي ناهورَ تي رکن. پاروني اها ڪاني هوندي آهي، جيڪا آنڪڙي وانگر يا ڳاڏيءَ جي اونٺي ۏانگر گونپاتي گهڙيل هوندي آهي. ان جي متئين حصي جي ڀچاڙيءَ ۾ ناهور جي ڳڏِ ۾ ونگ واري پاسي متان ڇٽ جي ڪُندَ جي ڳڏ نپيل هوندي آهي، هن کي گوڏو ٻہ چوندا آهن. پارونيءَ کي روڪي يا جهلي بيهڻ واري ڪاٺ کي تراٽ [پرجهلو] چون، جيڪو ٻاهن سان ٽيڪ تي بيٺل هوندو آهي. پڙواڏي جي ڀڳهہ برابر جيڪو ٻاهُو رکندا آهن. ان تي هڪڙو لڙهو جو ٻگهہ پکي جي ڳچي ۾ ڇنهب وانگر پيو لڳندو آهي تنهنجو ڇيڙو جهلڻ يا ٻاهوءَ ۾ ڦاسائي ۾ ڇهنب وانگي جيڪو حصو هوندو، سو پاندي يا پاندي جي وچو وچ اُيو تي بيهندو، جنهن تي پاڙيچي جو بند ٿيل سرو رکندا ۽ ڪليل حصو نيسر متان رکندس. پاڙيچو، نيساري وانگر هڪ ويڪرو گهڙيل ڪاٺ جو دوڳ

آهي. هن جي ڊيگهه ٻه - اڍائي فوٽ ۽ ويڪر فوٽ ڏيڍي هوندي آهي. اڌ فوٽ يا پورو فوٽ ڪَٻيل يا وچان مايو نڪتل هوندو اٿس. نيسر ٻه پاڙڇي وانگر ڪٻيل هوندي آهي. منڍ وارو پاسو ٻند هوندو اٿس ان تي پاڙڇي جي پڇاڙي رکيل هوندي آهي. نيسر جي ڊيگهه اٺ - نوَ فوٽ، ويڪر فوٽ ڏيڍ وچان مايو نڪتل يعني نپيل هوندي آهي، نيسر جو گهڻو ۽ ڏگهو حصو اڌ مٿان رکيل هوندوآهي. ۽ ٿورو ۽ مٿيون حصو پڙواڏي منجهه مٿيرو هڪڙي ڪاني، جنهن کي ڪبرَ [نيسراڻي] چون، ان مٿان رکيو ويندو آهي. ڪا نيسر ڪليل هوندي آهي ۽ ڪنهن جي مٿان ڏڪوريون [ننڍيون ڪانيون] ڏيندا آهن، ڪٿي نار کي ان مٿان جهـَـڪ وجهي پنجو ورائي ڇڏيندا آهن.

ب - ڇٽ چاڙهڻ:

تڙ سان هڪ اڳڙياٺ باهو پـِـڪ سان پٽل هوندو آهي، جيڪو پڙواڏي جي ڪنڌيءَ کي هيٺ ڪرڻ نه ڏيندو. ان تي پاروني يا گـَـوڏو رکيل هوندو. جيڪڏهن گوڏي ۾ گڏ هينيري هوندي، ته ان کي گنهڙو ڏيندا [چاپائي يا ڪاٺ جي ڏڪي] جنهن ۾ نئين گڏ نپيل هوندي، ڇٽ جي لٺ جي ڪُنڊ ان گـِـڏ ۾ وجهي ڇٽ اُيو ڪندا ۽ سندس آرا پانڊيءَ سان اٽڪي بيهندا. پوءِ مٿانئس ڪاچڻ سڌائي ۾ سمهاريل هڪ ڪاٺ رکن، جا پيلپائن تي رکيل هوندي. ان جو هڪڙو پاسو سل چوڙ تيل مـُـن جا ٽوٽي آهي ۽ ٻيو پاسو پـَـخاني رکن [هڪ ٻسانگي ڪاني سامهون ڪتل]. ان جي ٻنهي ڦانگن جـي وچ ۾ هـڪ ڏڪ ٻڌن، جنهـن کـي وري پهـاڄ [واٽـوري] سڏين، تنهن جي مٿان ڪاچڻ جو ٻيو ڇيڙو رکندا آهن. جو چورڻ ڦيرڻ ۾ سٽائو ٿيندو آهي. ان ڪاچڻ جي وچ تي مڪڙو جو ميجي مارڻ جي ڪنڌيءَ وانگر ٿيندو آهي، سلُ ڪري ڪاچڻ ۾ نوڪين.ان مڪڙي جي وڪڙ ۾ ڇٽ جي لٺ جو مٿيون پاسو روڪجي بيهندو آهي. مڪڙيءَ کي ڪاٺ مان گهڙيل ڪاني، [جنهن کي ٻنجو چون] ڪامـڻ جي ڪپ ۾ هٽي سوگهو بيهارين.

ج - پڙ ۽ مَنهه:

ڪاچڻ جي ابتڙ نريءَ واري پاسي ڏانهن مٿان هڪ ٻيوڪاٺ جو ڪاچڻ ڪان جانتا ننڍو هوندو آهي، سو پخاني ۽ ٻيءَ ٽوٽي مٿان سڌو سمهارين. ان کي لانڻ چوڻ. پوءِ انهن ٻنهي مٿان ڪاٺ ڪلا ۽ ڪک ڪانا وجهي ڇڏين، ان کي منهڙو [ٻاڏ] سڏين جو پڙ مٿان ڇانوَ ڪري بيهندوآهي.

پڙ، نار جو پڙ ڪوهاڏي [پڙواڏي] کان پريرو هوندو آهي، پر هرلي جو پڙ، ڪوهاڏي [پڙواڏي] جي ڀنهين متان ناهيندا آهن. پڙواڏي جي نريءَ متان تڙاٽ ٻاهو تہ اڳ ۾ ئي رکيل هوندو آهي، انهن تي وري لڙها، پڄر ۽ ڏڪ [ڪايا] رکي، انهن تي ڪرڙن جو جهڪ [ڪرڙن جا پُرڪٽ] سڻ، ٻُوهہ / اَڪارو رکي پنجو ورائي سَنُو ڪن، جنهن تي ڊِگو يا ڏاند. گاڏي سان ٻَڌل پيو ڦرندو آهي. تنهن تُڪر يا گولائي کي پڙ ڪري ڪونين. پاٽيءَ جي ڇاٽ پڙ تي لڳي پڙ پسائي نہ رکي، تنهنڪري ڇاٽ کي روڪڻ جي لاءِ پتر آڏي ڏين.

پتر هن نموني ٺاهين:

جنهن طرف پتر ڏيٺي هوندي، ان پاسي ٿوٽيون هڪٻئي کان وچوٽيءَ تي ڪوڙي گَڏُيندا، پوءِ ووٽانئيون يا ڪانا، ستي پکيڙي چار انچ ڪن ٻر واري پتر کي پنيان وريو يا لڙهيو ڏيئي، جي ٻہ ڪانن ۽ ووٽانئين مان لڙهن وانگر ور وراتا ڏئي، نوڙين سان وڪوڙي ٻڌي ناهيندا، ۽ پتر کي پنيان رکي ڇڪي انهن سان جڪڙيندا ۽ اهڙا ٻہ ورَ يا هڪ هنيرو ۽ هڪ متيرو ٻڌندسَ، پوءِ ڪٽي ٿوٽين سان نهڪائي ڇڪي ٻڌي ڇڏيندس.

پتر جي پوئتان ڊورن جا آهورا، ڪُتر جي ڪوني ۽ هارين جو سامان سڙو رکيل هوندو آهي. ڪي هاري وري چانولي جي لاءِ وڻ پوکيندا آهن، جن ۾ ڪندو، ٻَٻُر، سريل، پپر، ٻڙ، گدامڙي، ٻير، چار، ڪٻڙ وغيره هوندا آهن.

هُرلن ۽ نارن تي نظم

رک نگاهہ نهور تي، جهلڻ نہ جهلنديا‌س.
ٻاهو عضوا عجيب جا، ڪاڪيون ڪاهيندياس،
ونگ سنگ واتون وندر جون، سهجون سڀ ڪجانس،
اوٻارو اٽڄاڻ کي، گنبي گوڏو ڏجانس،
ڦرهي پنهنجي پرسان، ورَ ويڙهي ورندياس،
ارڙيون، ارڙا، نہ ڪجو، مهل تي ملندياس،
ٻاڳي ساڳيا سنهل جا، تنهن جي شال ٽينديا‌س،
پاڙچ پن پريت جو، اوڇڻ تي ڏرنديا‌س،
نيسر پنهنجي پرسان، ٻاري ٻاجهہ ڪنديا‌س،
ڇٽيءَ کي ڇگو ڪري، وجي ڏاتر ڏات ڏجانس،

پـارونـي بـہ پلـن جي وجـي، گولـي گـس ڪنديـاس،
تريـاٺ سـان تڪـڙي وجـي، مـاروءَ ڪـي ملنديـاس،
مُـــهر ري محبـوب جـي، چڪـر تـي چلنديـاس،
آڏاڳـيءَ لئـہ عجيـب جـي، واڳـي ٽيـو وتنديـاس،
هٽـي مڪـڙو محبـت جـو، ڪـاچڻ ٽـي پونديـاس،
لاهـــ منـارا آب جـا، پـاٽـي چـو پچنديـاس،
تـار بـہ تنـد عشـق جـي، وجـي "لـٺ" تـي لوچينديـاس،
ٿـاهر، ٿـڙ ٿنيريءَ جـو وجي، تـہ ٿوٽـڻ تـي ٿوڙينديـاس،
جـانب جوهـر جـيءَ جـو، وجـي ڏورٽـو ڏوريـنديـاس،
ڪانءَ، بہ ڪـانگيرو ڪيـو، وجـي پڙاٽ تـي پونديـاس،
پيـس ڪـي قـرب جـي، ڳـاڏيءَ سـر ڳهنديـاس،
دعـا ڪريـو مـون يـاٿرو، وجـي نـار اڳيـان نونـد يـاس،
آڪي "الهداد" عشق منجهاران شال مولا سان ملندياس![1]

پيون حقيقتون:

1. **جاڙا نار:** هنن ۾ وهٽن جي وهڻ جا بہ پڙ هوندا آهن: بہ پانـدا، چـار پاڙچـا بـہ پاندن جي وچ ۾ ٽين ۽ پنجين ٽئي نيسر. هنن جي پاڻيءَ کي بناري جو پاڻي ڪونين.

2. **ٻيهڙ نار:** پاڻي تمام هيٺ هوندو آهي، تـہ تـري ۾ هڪڙو نـار يا هرلـو چاڙهي ان جو پاڻي مٿي پڙواڏي ۾ آڻي، وري انهيءَ تي ٻيو نـار يا هرلو چاڙهي پوءِ اهو پاڻي زمين جي سڌائي تـي آڻين. اهڙا ٻيهڙ گونيءَ تـي گهڻا چاڙهيل هوندا آهن. جڏهن پاڻي تاڙ ڏيئي ويندو آهي، تـہ پاڻيءَ جي ڪا ٻٽ انهي طريقي سا پوري ڪندا آهن.

3. **هرلو:** نار ڪان گهٽ پاڻي چڪيندو آهي، هرلي جي پڙواڏي ۾ جي گهٽو پاڻي هونـدو، جنهـن ۾ پانـدي اڏواڏ ٻڌي ٻيهنـدي آهـي ۽ گهٽي پـاڻيءَ ڪـري مالهـہ گسڪڻ لڳندي آهي، تـہ انهيءَ مالهـہ کي پاندي سان ڇڪـي ٻڌي ڇڏيندا آهن. اهڙي هرلي کي ٻائڙ ٻڌو يا ٻاڙوڏو هرلو چون. جي پاڻي هيـٺ هونـدو، تـہ ڇـاڙهو

[1] هي نظم سکهڙ الهداد جو چيل آهي. (ادارو)

هرلو ۽ جي پاڻي نيسر جي برابر هوندو، ته ان کي ”نيسارو هرلو“ ڪونيسن، باٺڙ معنيٰ پاڻي جو مقدار يا قطر جي ماپ.

4. **نار جي نري:** واهيءَ يا ڪسيءَ مان پاڻي اچڻ بند ٿيو يعني پاڻي ڇڇي ويو ۽ سنگهارو پٺجي ويو، ۽ پوک کي هڪڙي پيچ جي ضرورت هوندي، ته هاري اصلي پڙواڏي تان هرلو پٽي، ڪڙيي يا ڪور تي به آمهان سامهان باهُو سڌا رکي، انهن مٿان پڙ ناهي، هرلو واهائيندا هئا. اهڙي هرلي کي ”لانگڙيو“ ڪوٺنيدا هئا.

5. **پيلهڻ:** ڪي هاري وري هڪڙو وڏيڪ هرلو جتي واهه ۾ پاڻي گهٽو هوندو هو يا ڪنهن ڏند، تلاءَ يا ڪڏ مٿان چاڙهي ان جو پاڻي پنهنجي ڪڙيي ۾ آڻي پوءِ اصلي پڙواڏي وارو هرلو هلائيندا هئا. اهڙي ٻئي هرلي چاڙهي پاڻي پهچائڻ کي ”پيلهڻ“ ڪوٺيندا هئا.

6. **جاڙا هُرلا:** ڪٿي ڪٿي جاڙا هُرلا به وهندا هئا، پر انهن جا پاڙ ڇا گڏيل نه هوندا هئا. هرڪو پنهنجي پنهنجي پڙ تي پيو وهندو هو، پر منهه هڪڙوئي هوندو هئن. پراڻي هرلي کي ڏينگو يا ڏينگلو ڪري ڪوٺيندا هئا.

ڪافي:

ٿل: ڇا ڳاڏي ڇا ڳنڪار، ڇا اسان جو ارٽ وهي آذار تي

وهندا روز وجن تا يارو، ٻڏائون ڏاند ٻگو ۽ ڪارو،
پاڻي پاڙڇ پريو نيسارو، آئي آنڌيءَ جي وار:
ڇا اسين ڪاهي پياسين ڪوڏار تي!

نوان ناوڪا ٻنا ٻهاري، ٻِروٽي تي هرهڪ ٻاري،
هارين هَرَ هٿ چونيا واري، سلن جو سينگار:
ڇا اسين ڪوڏيا جوئر جي ڪار تي!

پنهنجي پوک رسايائون رانهي، هر هڪ هاري سينو ساهي،
ڏڍي چوئنڪ ڪٿان پيا ڪاهي، لڳو واءُ وٽڪار:
ڇا اسين موڙهيسن ٻڌڻ جي مار تي!

آخر ڪي سنگ نسري آيا، مٿان مڪڙن مورچا لايا،
هينان هارين هل مچايا، داڻن جا ذذڪار:
ڇا سپ ٽيا سنڌ جي سار تي!

پوڪ پرت جي ثابت هوندي، ڏڪو ڏومون مور نہ ڪيندي،
هر برڪ ڪان بازي نيندي پاڻيءَ جا پلتار:
ڇا رڪَ نيڻن جي نار تي!

"امين محمد" عبرت آهي، نيٺ وڏائون لابار لاهي،
ڳاهہ ٻڌائون ڳوڙا ڳاهي، وائر جي وسڪار:
ڇا اسان داڻا نيا درڪار تي![1]

ڪافي:

ٿلهہ: دم دم جا ديدار، اپر اسان جي نار تي.

بگا ڏاند ٻڌائون بيئي، تن جي ڳالهہ ڪريان آئون ڪيهي،
وهن ڏارون ڏار، ڳاڏيءَ جي ڳِتڪار تي!

يارون هڪڙي چڪريون بيئي، آرا انهن جا آهن اهيئي،
وهن باروبار وو لٺ واري للڪار تي!

ڦرهيون ونگڙيون آهن اوياريون، ارڙيون سُو هن مالهہ موچاريون،
جهلڻ جا جهلڪار، وو لوٽن واريءَ ذذڪار تي!

ڏُڍي ڇوٽڪ جوٺر جا نِسري، ڳنا تنهن جا ماکي مصري،
ڪيرن جا بہ خمار، وو آهن پيهي واري پونجار تي!

[1] هي نظم فقير امين محمد جو چيل آهي. (ادارو)

ڪانگن ڪانگيرو وَهين واهيرو، ڪِهن ڳيرن ڪيو اچي گهيرو،
ڳوڙهن جا وسڪار، وو جهرڪين جي جهونگار تي!

آيو نيسر پاڙيچ ۾ پاٽي، مرشد اچي تيڙم ساٽي،
سا جوئر پچايم جار، وو آهن ڪم "سچل" جا ڪلتار تي!

ڪي جاڙا نار يعني ٻٽا نار انهن کي ڪونين، جن جا پڙ ٻه ۽ پڙواڏا ٻه ٻه هوندا آهن ۽ نيسرون ٻه ٻه هونديون آهن، جي ٻئي هڪڙي اڏ ۾ پاٽي آڻيندا آهن ۽ جن نارن جو پڙواڏو هڪ ۽ پار ٻه، پاڙچا چار ۽ نيسر هڪ هوندي آهي، ان کي ٻنارو چون هرلو چڙهي دنگ تيو ته درياهه شاهه جو روٽ باسي پچائي ورهائي ڪائيندا هئا.

زمين ڪمائڻ:

اصل ته پوکيل زمين کي نئين ورن [نهور] سڏين. هاري انهيءَ زمين جو پهريائين جهنگ وڍيندو يعني ٻيڻلن يا اُبريلن وٽن، ٻوٽن، ٻوهن، جهلن، اڪن، ڪرڙن وغيره کي پاڙئون ڪڍي ڇڏيندو. ان کي ڪونين "جهنگ وڍڻ." پوءِ اهو وڍيل جهنگ ڪُهڙيون [ڪوڙيون] ڪري هڪ هنڌ گڏ ڪن جن کي "ڪُوهڙ" ڪونين. ڪُ + هريه، ساوا ڍينگر، ڪجهه سڪيرڙا تين، ته انهن کي باهه ڏيئي ساڙي ڇڏين. چون تا اها چار يا رک آبادي کي ياڻ جهڙي اوڄ ڏيندي آهي. ڪُوهڙن ساڙڻ کان پوءِ، ديوين، ڪندين ۽ ٻين وٽن جون پاڙون جن کي لاهه سڏين تا، سي ڪوڏارن / کهيڙن سان ڪوٽي ڪڍي ڪٽي ڍڳ ڪن. لاهه ڪڍيل زمين کي هوشياريءَ سان هر ڏبو آهي. لطيف سائين چيو آهي ته:

لاهن کان لاڙو، ڪيو ڪين جنهن،
هرڪلي ۽ ناڙو، تئي تنهن تڪر تيا. (ڀٽائي رح[1])

لطيف سائين فرمايو آهي ته:

ڪيڙيندي ڪَتن ۾َ اڪيون جاءِ ڪجن،
تولُ تني هيڪڙي، تئي تول تڙن،
ڍڳا چيڪ چرن، هاريءَ هر ڪلهي تي.[2]

---

[1] هيءُ نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي.
[2] نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

بعضي ڪي ٻنيون ڳوٺن ڪي ويجهڙيون هونديون آهن ته ڪُوهڙي ساڙين ڪونہ بلڪ انهن جو، چوڌاري لوڙهو ڏيئي گهٽ بند ڪري ڇڏين، جيئن چوپايو مال پيل ڪري نہ سگهي. اهي ڍينگرن جا پورُ ٻياني تي ڪٽي وجي لوڙهي ۾ ستيندا آهن. لاهہ ڪڍي دنگ ڪيائون تہ نيسر جي سڌائي ۾ مٽي يا پنجو ٻڌي، باقي [دڙو ڪن] ان مان آڏ ڪوٽي وجي ٻنيءَ جي وچ تائين ڇڏين. پوءِ ٻني واري زمين کي ٻارن ۾ ورڇين.

اڳي ڪيٽون ڪونہ هونديون هيون، تنهنڪري جيڪي ٻارا جهڪاڻ يا جهول ۾ هوندا هئا تہ انهن کي اتيئي آڙا ٻنا ٻڌي ڪٽي هر ڏيندا هئا.

آڏ مان ونجهيون، پيچون ۽ انهن جا آوانڌا، ڳنڍيا ۽ ٻارن لاءِ ناوُڪا ۽ ڪنڌيون ڪوٽي، پيچ جو رستو جوڙيندا هئا. انهن جا ٻارا، ننڍا وڏا، گول تيڏا، چورس ٽڪندا نمونن جا هوندا هئا. رڳو اها تيت رکي ويندي تہ منجهن پيچ سولي تي سگهي ٿي يا نہ!

ونگارون:

ڪاتي ڪٽڻ، لاهہ ڪڍڻ، هرَ وهڻ جي لاءِ گهڻو ڪري ونگارون [آبتون] ڇيڙون وغيره ٿينديون هيون. زميندار ڪا آبت ڪرائيندو يا ڪو ڪامورو ڇيڙ گهرندو هو، تہ ان کي بيگر ڪوٺيندا هئا ۽ اتي آيل ماڻهن کي ايل سڏيندا هئا.

جيڪو ونگار وهرائيندو هو، اهو سيني لاڳاپي وارن هارين کي ڪوڏرن ۽ جوڙن سميت اچڻ جي ڪوٺ ڏيندو هو ۽ اُن ڏينهن تي تاهري [ڇانورن ۾ ڳڙ وجهي] جون ديڳون لهرائي ڪارائيندو هو. ونگار، هڪ ڏينهن ڪان وٺي، ٽن ڏينهن تائين هلڻ جو رواج هو ۽ ڏاندن کي پڻ گاهہ پنو ڏنو ويندو هو.

سيني آبتن ۾ هَرن وهڻ واري آبت رونشي واري هوندي هئي، ڇو تہ ان ۾ ڏاندن جي جوڙن جي پَلاٽي ۽ ڊِلاٽي جي پرک پوندي هئي. ڪيترا ماڻهو اهو تماشو خاص طرح ڪم سيڙهائي بہ هلي اچي ڏسندا هئا: وچ زمين ۾ اڳهين هڪڙي ڪنگري پوري ڇڏيندا هئا ۽ پلاٽڻ خاطر ٻيون بہ ڪيتريون ڊگڙيون مٽيءَ جون ڏسڻ ۾ پيون اينديون هيون. سيڪو جوڙي وارو ڪا ڊِگڙي تاڙ ۾ رکي اتان مهڙ شروع ڪندو تہ شايد اتي ئي وچ ٿيندو ۽ ڪينگري نڪرندي، پوءِ هلندي وٺ - وٺان ۽ هل هلاڻ هرَ بہ هڪ ساريڪا ڏيندا ويندا وچ ۾ مانجهو نہ ڇڏيندا ڇوتہ هاريءَ جي ڇاٽپ جي خبر هرَ ڏيڻ سان پئي پوندي. اهڙي تاهوت هوندي جو ميل پنڌ تي يارن جو ڪڙڪو پيو ٻڌڻ ۾ ايندو. تان جو

جيڪو پهرين وچ ۾ واري جاءِ تي پهچي ڪنگري ڪيندو هو اُن هاريءَ کي پٽڪو ٻڌائيندا ۽ اُن جي جوڙي جي ٻلي ٻلي پٽي پوندي. انهن آبتن ۾ هاري ڏاندن کي سينگاري سجائي اڇي وهائيندا هئا. هرَ اهڙا گهاتا ۽ اونها ڏيندا هئا، جو ٻنجو ڦري ڏوڙ ۾ دز ٿي ويندو هو.

هرَ جي بناوت:

هرُ چوني / ڦار ڪان سواءِ سڄو ڪاٺ جو ٺهيل هوندو آهي. هن ۾ هڪ پاجاري، ته هن جي ڊيگهه اٽڪل پنج فوٽ ۽ ويڪر اڍائي فوٽ ڪن ٿئي. هيءَ هرَ جو منڍ وارو حصو آهي، باقي حصا هيٺ ٿين.

پاجاريءَ جي مٿين گهڙيل ڪاٺي کي ڪونهاني [ڪونهٽ ڪاني] چون ۽ هيٺينءَ ڪانيءَ کي تراٽ سڏين. ٻنهي کي پاڻ ۾ ملائي مضبوط رکڻ جي لاءِ ٻه ڪانيون وچ ۾ اٽڪل ٻه - اڍائي فوٽ اوڊ پريون سل ڄوڙ تي سوگهي رکڻ لاءِ نوڪيل هونديون آهن، جن کي "ٽنيڙيون" ڪونين.

ڪونهاني ۽ تراٽ جي ڇيڙن وٽ مٿان ڪان هيٺ سڌائي ۾ آرپار ٻه وڏا ڳاڙڪ سليل هوندا آهن، جن ۾ ڏيڍ فوٽ ڪن ڊيگهه جا ٻه ڪلا جن کي ڏورٽا سڏين، ڊگهن جي ڳچين کي قابو رکڻ واسطي گهرگهلا ڪري وجهندا آهن. ڪونهانيءَ جي پوري وچ تي منجهانئس هڪ ڪاٺ جي بونبڙي اٽيل هوندي آهي. ان کي ڪَرَهو ڪونين. جنهن ۾ هرَ جي هرنيه ڪاني، چمڙي يا ڪنهن رسي سان ناڙو وڪوڙي ڇڏيندا آهن.

ٻيو، باقي هيٺيون حصو ان مان هڪ چار - پنج فوٽ مستطيل گهڙيل ڪاني، جنهن جي اڳئين حصي ۾ هڪٻئي ڪان پوري وچوتيءَ تي چار - پنج سليل سوراخ ٿين. ان ڪانيءَ کي هرنيه سڏين. هن جي پڇاڙي هروٽي ۾ ۽ منڍ پاجاريءَ جي ڪَرهي ۾ قابو ڪن. هرنيا جي سوراخن ۾ مخروطي ڪلو گهڙي وجهن، جن کي ڪُڪري ڪونين، جنهن ۾ ناڙو ونگي، پوءِ ڪَرهي ۾ قابو ڪندا آهن. ٽيون آهي هروٽو. هن ڪانيءَ جو مٿيون حصو ٿورو وٿائتو ۽ چورسي وانگر تراشيل گهڙيل هوندو آهي، اهو ٻه فوٽ مٿيرو آهي ۽ هيٺيون ٽڪر وري ڊيڍ دنبڙيءَ وانگر ٿلهيرو گهڙاٽ ٿيل ڪُڙهڇي پاسن ڪان ڇل ورتل هيٺ چنهبڙيدار گولائي ۾ ڇليل هوندو آهي. اٽڪل ڇهه انچ تر ڪان مٿي ان ۾ آڏ پاسيرو ڏرو ڪونپيل آهي، جنهن ڏري کي "ڦوٽ" چون. جنهن ۾ ڦار يا

ڇُوني گھوڙو هٽي سوگھي ڪندا آهن. گھوڙو، ڪاٺ جو ڇپر وانگر هڪڙو گٽڪو آهي، جو لوهه جي ڇونيءَ کي ان ۾ روڪي ٿو رکي. اُنْ قوت واري ڏري مٿان جيڪو سل هوندو آهي، ان ۾ هرنيءَ جي ڇوڙ ڦاسائي رکي ويندي آهي ۽ ان ڇوڙ کي پٺيان هڪ ڪاٺي جي جڙ هٽي، مضبوط ڪيو ويندو آهي. ان ڪاٺيءَ جي جڙ کي وري ڇچڙي چون.

ڦار / ڇونيءَ جي بناوت:

هرِ جي ڇوني نانگ جي ڦڻ وانگر تيندي آهي ۽ لوهه مان ٺهيل آهن ۽ ڇهنبدار هوندا آهن، جو زمين آسانيءَ سان چيري سگھندا آهن. هاڻي ڪَنر هرَ ۾ نڪتا آهن، جن جي بناوت هروٽي ۾ ٿوري ڦريل آهي.

هرَ جي پاڳن جو وچور:

ڪَرهو ڪُونهانيءَ جي وچ واري بونبڙي. اوڳ يا اوڳھه، اها ڇپر آهي، جا هرنيءَ ڪاٺيءَ جي هروٽي ۾ نوڪڻ سان جي گھٽي سل ۾ وڃوٽي بچندي آهي ته هرنيءَ سان گڏ هٽي هن کي سُڪ ڪري بيهاربو آهي.

ڪُڪُري:

اها ڪاٺ جي گھڙيل گولائي واري مخروطي ڪِلي جيڪا جنڊ جي هٿئي وانگر هرنيءَ جي سوارخن ۾ وڌي ويندي آهي. ڇچڙي، اها ڇپر يا جڙ يا ميخ، جيڪا هرنيءَ جي هروٽي واري سل ۾ پچاڙي وجهڻ سان ان جي پٺيان واڌ ۾ لڳائي ويندي آهي. ٽنيڙيون، اهي به پٽيون جيڪي پاجاريءَ جي ڪونهاني ۽ تراٽ کي پاڻ ۾ ڳنڍي بيهارين ٿيون. ڇوني، لوهه واريءَ جو اٽڪل ست - اٺ سير وزن ٿيندو آهي. ناڙو، اهو چم جو رسو، جيڪو هرنيءَ ڪاٺي کي پاجاريءَ ۾ ٻڌڻ جي لاءِ ڪتب ايندو آهي.

ڏانداري جي بناوت:

هن ۾ هڪڙو ڊگھو لسو لڙهو ڳن وانگر پيل هوندو آهي. هڪ گھڙيل چورسي واري ڪاٺيءَ ۾ سلچوڙ تي فوٽ ڏيڍ جا ڏندا (پٽيون) نوڪيل هوندا آهن. ڏانداري به ماٺهو ٻنيءَ جي ٻنن تي پنجوءَ [مٽيءَ] چاڙهڻ جي لاءِ ڪتب آڻين. ڳن ۽ چورسي واري سنڌ وٽ هڪڙو نوڙهي [رسو] ٽڪر ٻڌن، پوءِ هڪڙو ڳن واري پاسي کان زمين ۾ جھوڪيندو ۽ ٻيو نوڙهو ڇڪي مٽي ڪندو.

هرَ ۾ ڏاند جوتڻ:

ڀاڄاريءَ جي ٻنهي پاسن ۾ ڏڱن جون ڳچيون وجهي ڇيڙن وارن ٽونگن ۾ ڏورڙا وجهندا، تہ ڳچيون لوهہ تي ويندئون. پوءِ انهن ٻن ڏڱن مان هڪڙو ٽيندو آندرو، جنهن جي سڱن ۾ رسيءَ تکر پيل هوندو آهي، ان کي چون اوسيرَ ۽ ٻيو ٽئي ٻاهرو ڏڳو. اوسير ڇڪڻ سان آندرو ٻيهي رهندو ۽ ٻاهرو ڦري ايندو آهي. نہ تہ ٻہ هڪل تي آ.... آ.... آ ڇئبو تہ ٻاهُرو ور ڪائيندو ۽ آندروءَ کي وري اُڏو... اُڏو... چون تہ ويجهو تي هلندو.

ڪو ڏڳو سڱن جو ڏاڍو هوندو آهي ۽ رسيءَ جي ڇڪ تي نہ ٻيهندو آهي، تہ اهڙي اهنڊ ڏڳي کي "نٿ" هڻندا آهن: ڇا ڪن جو، نڪَ جي ٻينيءَ ۾ ڪنهن ڇهنبدار تکي گهڙيل ڪانيءَ سان ٻُولــي وانگر ٽونگ ڪري، ان ۾ وارن مان وٽيل ڏورو وجهي ڇڏيندا آهن، اها تي نٿ. ان ڏڳي جو رسو نٿ واري ڏوري يا مُهري واري ڏوري ۾ اٽڪائي رکن. جيئن ٿورڙئي ڇڪ تي اهو ڏڳو هلي يا ٻيهي رهي.

* * *

پوکين تان کي پوک، جيسين پاٹي اٽئي ٻار ۾،
وٹ ٻــ ويندءِ نڪـري، ســُـکي ٽينـدي سـوک.
جتـي لٹنـدو لـوک، تتـي سـکندين سنگ کـي.

هرَ ڏيڻ: هَر ٻن قسمن جا ٽيندا آهن: هڪڙا سُڪيءَ جا تہ ٻيا سائيءَ جا.

سُڪيءَ جا هر:

سڪيءَ جا ڪيترائي هرَ زمين کي ڏبا آهن، تہ جيئن زمين جو هيٺيون حصو اتلي مٿي اچي ۽ ڪيمائي جزا ظاهر تي ٻيهن. پهريون ڀيرو هر ڏيڻ کي ڪيڙ چون، ٻيو هر ڏين تہ ان کي ٻيلهہ ۽ ٽئين کي ٽيلهہ يا اُٿار سڏين. ۽ سائيءَ جا هرَ ٻہ زمين کي گهٹا ڏيئي مٿان سانور گهمائي ڇڏيندا آهن، سائي زمين جڏهن وٹ تي ايندي آهي يا ڳيري پکي جي ڪنين جي رنگ [ورن تي پوري ڏسڻ] ۾ ايندي آهي تڏهن هرُ ڏيئي آئينڻ [ٻج ڇٽيندا] ڪندا آهن. جي زمين ڏِلي يا ٽَڪل هوندي آهي، تہ ڇَـرُ يا ڀاڻ وجهي، پوءِ مٿان وري هرَ ڪڍندا اٿس. آڳاٽي ڏينهن ۾ ڇرَ ڳوٺ جي اروڙين وارو سڪل سڙيل گند ڪچرو

هوندو هو. هينئر تہ اهو ياڻ استعمال ٿئي ٿو في ايڪڙ 25 - 30 گاڏيون ورڇيون وينديون آهن. ايڪڙ ۾ ڍڳڙيون ڪندا ويندا. پوءِ ڪوڏار سان پکيڙي مٿان هرَ ڏين. چون تہ: "ياڱئون وجي پر ياڻئون نہ وجي!"

سائيءَ جا هرَ:

زمين آلي ٿي وتائتي يا آڍوڪي ٿي يا ڳيري ڪنپ جهڙي پوري ڏسڻ ۾ آئي، تہ ان کي ٻج ڇٽڻ جا هر ڏيندا هئا. ۽ جي وٽ چڙهي ويئي زمين سوڪ ڪاڏي تہ هاريءَ جو سمورو پورهيو پاڻيءَ ۾ هليو ويندو هو. تنهنڪري هاري هزارين ڪم ڇڏي بلڪ مئل ماءُ بہ ڇڏي وٽ کي وڃڻ نہ ڏيندو هو.

زمين جو ياڳ آهي هرَ سان.

* * *

ٻولاٽا:

ٻني ڇٽي تہ تون مون کي جهنگ ۾ سنوار،
تہ آئون توکي شهر ۾ ڪرايان سينگار.

زمين جو ياڳ تہ آهي هرُ.

هرَ شروع ڪرڻ مهل ڏنل اُناٽا:

* * *

الله توهار، لڏي ويا لوهار!

هاري جيڪا پهرين هرَ جي رَهڙ يا اوٽ ڪرڙ زمين کي ڏيندو، ان کي اوڙ سڏين. اهي اوڙون ڏيندو ويندو اٽڪل بہ وکون ڪن اڳتي وڏي، اوڙ ڏيئي انهيءَ وارو وڄ زمين جو اوڙن سان پريندو. اهڙي پريل ٻن وکن واري زمين کي "جَاتَ" چون. ٻن اُوڙن جي وچ واري اُتيل ٻني کي "او مهرو، چون. جا تن کي اوڙن يا ڇيرن سان پرڻ مهل بہ اُناٽا ۽ پلهاٽا ڏين.

جاتين جڙيو، ياڳين پريو،

هاري ڏاند جو بخت وريو،

ڪلمو محمد ﷺ تي پڙهيو. (هاري ڏاند، جيڪو هرَ ۾ وهي)

* * *

جات، وٽ الله ۽ ٻنيءَ جي وات!

* * *

جاٽ، اها اٿئي رب جي راضپي جي وات!

* * *

جاٽين جوڙيا، ڪِنهن نہ موَڙيا،
جن ٻڌا، تن ڇوڙيا.

هرهڪ ٻاريءَ جي هڪ طرف ڪان هرَ ڏيڻ شروع ڪري، جڏهن انهيءَ ٻاري جي ڇيڙي يا جاٽ پوريءَ تيڻ تي پهچي، وري پوئتي موٽ ڪائبي آهي. ان سيرانديءَ واري زمين کي، هاري ساڻ، سارڻ ۽ ساٽو نالن سان سڏيندا آهن. اتي پهچي ڍڳي کي ڪبي... ڪبيءَ جي هڪل ڪندا، تہ ڏاند يڪدم ڦري اڳينءَ اوڙ جي پير ۾ اوڙ ڪيندو هلندو. ساڻ وٽ بہ پهچڻ تي اُناٽا ۽ پهلوٽا چون.
ڦـر بابا، ساڻ تي!

* * *

ساڻ، سچو رب سُجاڻ، ڪلمو محمد تي آڻ!
ڪلمي جوڙيا ٿيا ثمرين سجوڙيا!

* * *

ڪبي پٽ ساڻ، پهرين ڏينداسين وات الله جي
پوءِ ڪيئنداسين پاڻ.

* * *

ساڻ، اٿئي سڄاڻ!

انهن جاٽن، جي اوڙن پريندي جي وچ ۾ ڪا وڇوٽي رهجي ويئي، تہ ان کي "مانجهو اُميرو يا ياڳو" سڏين ۽ جنهن زمين کي هرُ اچي ويو، ان کي "ڪَـڙ" ڪوٺين. پوءِ ان ڪَڙ ٿيل يا ڪـيڙ جي ويل زمين يا ڪيڙي ٿيل جا اُيا ٿيل ڪڙا يا پتر وٺوهڙ سان پجي پوري ڇڏيندا هئا. هر جي هرهڪ وراٽي کي اوسير سڏين. مشهور پهاڪو تہ: ائين آهن جيئن ڪيڙيءَ ۾ ڪڙا! هاري اميري، مانجهي يا حصي جي رهجي وڃڻ ۽ وري ان کي پرڻ مهل هيءُ پهلوٽا ڏيندا آهن:
آءُ پتارا! ياڳي ۾ پائيوار ٿيءُ!

هرَ هڪ هاري سهنجائتو هلائيندو آهي، پر بہ - ٽي ڄڻا ٿيا، تہ ڳالهين ۾ ڏينهن ڇٽو. انهيءَ تي، جون: گهڻين هارئين هـرَ نـہ هلي، گهڻين

زالين گهر نہ هلي! ٿر ملڪ جي هرَ ڪي ٽري ماٺهو اَرٺو ٽو ڪري ڪونين جو هلڪو ٿيندو آهي.

* * *

جيترو هر، تيترو ڦر.

* * *

سيڪال ٻڳال، هرَ نال.
هرَ ڏيڻ سياري سونُ، آ ڪاڙ چاندي،
سانوڻ، پورهيو تاوَڻ، بدي جو هرُ بادي.

* * *

آڪاڙ سونُ يا سانوڻ چاندي،
ءِ بدي، ڪو ٿو پٽڪي بادي.

* * *

جهَل ڪُلهو، تہ ٿين ٿلهو!

* * *

ڪلمي سان وَهي، تہ لوڏو نہ لهي!

* * *

ڪلمن جا جوڙيا، جن ٻڌا تن ڇوڙيا!

* * *

پاٽي واهي اچڻ:

جنين ڏاند نہ ٻج، تن ٻہ تنهنجو آسرو،
اول ڏيئين انهن کي، پوءِ اوپارين سچ! (ڀٽائي)

هاريءَ پاٽيءَ جي ليکي وهي اچڻ جي سُڌ سُئي تہ سُک ڦٽي پوندس ڪوڏر ڪلهي تي رکي ميل - اڌ پنڌ ڪري وڃي اڳ ونندس. ڪڙمي يا نَيٽڙَ جي وچ ۾ ڪو ڍينگر، پٽر، زنبوٽو هوندو تہ هٽائيندو ۽ جي پڪ ڪريل هوندي يا آڏ يا ڪا ڇاپ هوندي، تہ سوريندو صاف ڪندو پاٽيءَ جو ڳس گهڙيندو ايندو تان جو واهي آٽي ڪسيءَ يا ناريءَ مان اُڪاري پڙواڏي جي گهڙيالي ۾ ڳڏ ڪندس. گهڙيالو پريو تہ جوٽيندو وهٽ کي هرلي يا نار ۾.

وهٽ واهڻ:

وهٽ جي آڏاري، [اَلڙ يا جڙ] اَٺَهو هوندو، تہ ان کي اول پوئن ڏيندا. پوئن ڏيڻ ۾ وهٽ کي يعني رسو ٻڌي، اکين تي کوپا چاڙهي آنڌاري ٻڌي، پوءِ ابتو سبتو گولُ چکرن ۾ ڦيرائيندس. هڪ ماڻهو وچ ۾ بيهي رسو جهليندو ۽ هڪڙو پويان پيو تڙيندس، جي ڪا ارڏائي ڪيائين، تہ گهڻو وقت پوئن ڏياريندس تہ جيئن هر قسم جي گهُ ڇڏي ڏي. جڏهن ڪڙي پڪو پختو ٿيو، تہ پوءِ هرلي ۾ هلائيندس.

هرلي ۾ جوٽڻ:

ڳاڏي اڳيان وهٽ بيهاري اکين تي ٻٽاکوپا جي ڍين ۽ پيش مان، ناريل جي ڏونگهين وانگي نهيل هوندا آهن ۽ پاڻ ۾ جُٽ هوندا آهن، سي اکين مٿان رکي، انهن جو ڪشو سگن پويان يا ڪياڙي وٽ ڇڪي ٻڌي، مٿانئن وري وال ڪن ڪپڙي جي پٽي جنهن کي آنڌاري يا ٻٽ چون، ڇڪي ٻڌندس، جئن ڪابہ شيءِ ڏسي تاهہ نہ ڪائي ۽ پيو وهي. ڍڳو هوندو تہ ڪونهڻ يا ڪلهي تي ۽ اُٺ هوندو مدوءَ مٿان توهي جي اڳيان پندي رکندا، جا ڍين سان پريل ۽ مٿان ڳوڻ يا چمڙي جي ڪل ڇڙهيل ۽ تنهن جي مٿان ڪاٺ جون چوڪڙيون، ايرڙين وانگر جڪڙيل هونديون، تن جي پاسن ۾ لوهہ جا ڪنڊا يا بارڪش لڳل هوندا آهن. ان پنديَ کي نٽ بہ سڏين، پوءِ ڳاڏيءَ مان نڪرندڙ ٻہ رسا، جن کي ڪڍ ڪوٺين، سي پنديءَ جي بارڪشن ۾ سوگها ۽ مضبوط ڪري ٻڌن [رسن جا پوڇڙ ڳاڏيءَ جي ڪاٺ ۽ پٽيلي ۾ قابو هوندا آهن ۽ ان جو وچون ڏورو ٿيل حصو بارڪش مان اُکرندو آهي] وري انهيءَ ڪڍ جي رسن کي وهٽ جي پيٽ هيٺان وڍيءَ سان ڇڪي بلاٽتو ڪن، جيئن ڪَڍَ گسڪي يا کسڪي نہ سگهي. ڪي وري ڪڍَ جي وڍ وجهڻ کي روڪڻ جي لاءِ وهندڙ وهٽ جي ٻاهرئين پاسي ڪانيءَ جي پسر ٻڌن ۽ ڪي چمڙي جي پٽي يا وڍي ٻڌندا آهن، جنهنڪري وهٽ جو بدن چلچي يا ڏڪوئجي نہ سگهندو هو.

وهٽ جي ڳچيءَ ۾ ڪنڏاٽ [ڪنڌ وارو ڪاٺ] جيڪو چورسي وانگر چمٽي جيئن ڳچيءَ ۾ سولو بيهي. ڪنڏاٽ جي لڙهي جو پيچڙ مهري

سان ڍڳي جي سڱن واري رسي سميت اٽڪيل رهندو. ۽ ٻيانيءَ وارو حصو ڳچيءَ ۾ وجهي ان کي جوٽو يا ڏورڙو وجهي ڇڏين. هيءُ رڳو گولائي ۾ هلڻ لاءِ هوندو آهي. هن جو ڪو زور يا بار وهٽ کي ڪٽڻو ڪونہ ٿو پوي. گهڻو ڪري اُٺ نار ۾ ۽ ڏاندَ هرلي ۾ ٻڌندا هئا. وهٽ جوٽجي تيز ٿيو تہ هاري چوندو:

هاڻي آسرو الله جو.

پاڻي درياهہ شاهہ جو.

يا

پاڻي فلاڻي واهہ جو.

پوءِ ڪندو ڳٽار: شابس پٽ! هل پٽارا. وهٽ وهڻ شروع ڪندو ۽ جي ڇوڙيندو تہ ٻچڪار [ٻـُتڪار] ڪري، پڻي ٽپري پوءِ ڪوليندس.

ٻنيارا وهٽ ۽ جوڳون:

جوڳن ۾ ٽي ڍڳا ۽ هڪڙو اُٺ يا چار ڍڳا رکندا هئا. جي واري واري تي هرلي يا نار ۾ وهندا هئا. هرهڪ وهٽ ٻہ - ٻہ پهر لاڳيتا وهندو هو. رات ڏينهن ۾ اَٺ پهر شمار ڪندا هئا. تنهنڪري ٽن ڪلاڪن جو هڪ پهر ليکبو هو. ڏاند جيڪو هرَ ۾ هلندو هو، تنهن کي ”هاري ڏاند“ ۽ جيڪو جوڳ ۾ وهندو هو تنهن کي ”جوڳي ڏاند“ يا جوڳيڙو ۽ جيڪو ڏاند پاڻيءَ جي ڇڄڻ تائين اُڌارو آڻيندا هئا، ان کي ”پاڻيهارو ڏاند“ ۽ کي ڏاند وري ڪاسڪيءَ تي آڻيندا هئا. جن جو اجورو ڪڙي ڪنئي ڪان پوءِ سورهن ڪاسا ڏيئي پورو ڪبو هو. پاڻيهاري ڏاند جو اجورو ٻہ پايا هوندو هو. انهن ڏينهن ۾ ڪڙيا اڍائي يا ٽي مهينا وڏ ۾ وڏ وهندا هئا. روڪڙ ۾ انهن جو اجورو هن ريت هو، ڍڳو 25 روپيا، اُٺ ٽي پايا يا 30 روپيا جي هرلي ۾ وهندو هو، پر جي نار ۾ وهيو تہ پوءِ 50 روپيا روڪڙا ٻہ ڏٽين کي ملندا هئا.[1]

[1] هيءُ پراڻي دؤر جو اجورو هو. (ادارو)

ريج ڪرڻ:

هرلو وهيو تہ ريج چئو. پاڻي آڏ مان ونجهين ۾ آوانـڏن ۾ ۽ اتـان نـاؤڪن ۾، ۽ اتـان ٻارن ۾ گڙگات ڪندو پيو وهندو. پهرئيـن پـاڻيءَ ڪـي ڀنجـو پرائـڻ ڪونيندا هئا. تان جو سڄي ٻني رچائجي [ريججي] وينـدي هئـي. انهـيءَ وقـت جو نظارو جيڪو نار جو سچل سرمست چئيو آهي، سو مٿي پڙهي آيا آهيـون. زمين پوک ڪان اڳ هڪڙو پيرو ريج تي يا پاڻي پيتائين تہ ان ڪي "روٽـي" ۽ ٻـہ پيرا پيتـائين تـہ ٻہ - روٽي سڏيندا هئا ۽ تيـون وارو هوندو هو. جي تـي تـي. پهرئين پيچ ڪي ڪَچي روٽي بہ ڪونيندا هئا. جيڪا پنجوءَ ڪي آلي ڪرڻ جي لاءِ هوندي هئي.

باب تيرهون

فصل

اتــر کيتـــي، وڏنـــدڙ واپـــار،
نيــچ نوڪــري، پنــڻ بيڪـــار!

هن ديس ۾ گهڻو ڪري پوک ٻه - فصلي ٿيندي هئي ۽ ڪٿي ڪٿي ٽيون فصل به ٿيندو هو، جنهن کي آڏائون سڏجي ٿو.

هڪڙي فصل جو نالو ڪَـتي يعني خريف، جيڪي سنڌي مهيني ڪتي کان اتـر ۽ وچ سنڌ ۾ پوکجڻ شروع ٿيندو آهي، هن ۾ ٻاجهر، ووئنڻ، جوئر، ڪمند، نير تر، تماڪُ، سڻي، مڪـائي، گوار، ريبڙ، چيڙ، ميهـا وغيـره پوکيـا ويندا آهن ۽ لاڙ واري حصي ۾، ناري ۾، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد ضلعـن جي ڪن حصن ۾ وري ساريون پوکين، جن جا لابارا اسوءَ مهيني ۾ پوندا آهن.

ٻيو فصل، چيٽ يا ربيع، هن ۾ ٻيجهڙ ڪڻڪ، چڻا، مٽر، توريو، ڄانيو، سرنهن ۽ ٻيون ٻوسي پوکون ٿينديون هيون. هيءُ آباديون ڪچي ۽ درياءَ جي ريٽ واري زمين يا سيلاب واريءَ زمين تـي ٿينديون هيـون. ٽيـون فصـل، آرڻ يا آڏائـون هـو. آڏائـون، يعني جلدي اوڏ ڏيندڙ يا وڏندڙ. ڪٿي ڪٿي وارياسي زمين تـي برسات جي پوڻ کان پوءِ ريج رهيل هوندو هو، ته هيءُ فصل پوکيندا هئا، ته ڪوهن تي پاڇي بکر پوکيو ويندو هو. هيءُ نهري يا پوهه جي مهيني ۾ پوکيو ويندو هو ۽ ڦڳڻ يا چيٽ ۾ ڪڇندو هو. هن ۾ گدرا، ونگا، ڄانهان وغيره ٿيندا هئا.

پوکون

ڪيتي، سر سيتي!

ٻاجهريءَ جو ٻج ڇٽڻ:

وٺائتي زمين کي هرَ ڏيڻ کان پوءِ ٻاجهر جي ٻج جي جهولي يا ڀاٽي ڀري، هاري هٿ وڏائي ڀري ڀري تائين ٻج ڇٽيندو ويندو. اها سمـڪ رهي تـه کهڙو پاسو يا کهڙو ٻارو ڇٽي ڇڏيو اٿم، ان لاءِ ٻن ڇڻن وکن تائين هرَ سـان اوڙ اصل اوڙن جي ابتڙ ڪيندو، جنهن کي واٽي چون. واٽي ڪڍڻ مهل هيءُ اناٽو ڏين:

هڻ پٽ! واٽي، اٽيئي رب ساٽي!

يا

هڻ پٽ واٽي، پاڻ سان رب ٿيندو ساٿي!

سانئر گهمائڻ:

جنهن جنهن ٻاري ۾ ٻج ڇٽي ڇيهه ڪندو، ته ان جي مٿان سانئر ڏيندو. سانئر، هڪڙو چورسو ڊگهو گهڙيل تريل ڪاٺ ٿيندو آهي. جنهن جي وچ ۾ هڪ ڏڪ يا ڳن پيل هوندو آهي. اهو ٻه فوٽ کن ڊگهو ۽ مٿو ڪپيل هوندو اٿس. سَل چوڙ تني منجهس نوڪيل هوندو آهي، ان جي ڪپيل مٿني ۾ رسو ڇڪي ٻڌي، اهو پاڇاريءَ جي ڪرهي ۾ ناڙي ڇڏيندا. سانئر گهسڻ ڪري جيڪو ٻج اوڙن ۾ پيل هوندو، سو ڍڪجي ويندو ۽ پکي ڇڳي نه سگهندا. چوندا آهن ته:

سوءِ هرَ ته هڪڙو سانئر!

سانئر کي، سهينور، سانوَر، سهاڳو يا ترُ نالن سان ڪوٺين. ڇٽيل ٻج واري مٿي ڏانديءَ سان ٻنن تي چاڙهي ڇڏين ته ٻنا ٻه ڦٽي ساوا ٿي بيهندا آهن. جيڪو ٻج باقي بچيو، سو هرلي تي اچي ڪونهر ڪري ڪني ۾ وجهي رڌي کائين. انهن کي اُهکت جا ڪونهر ڪوٺين. ٻج ڇٽجي راس ٿيو، ته هاري ڍڳن هڪلڻ وارو لڪڻ ٻڙ تي اڇلي چوندو ته "اڄ اسان ٻنو جهليو!"

ڇٽيل ٻج کي پهريون پاڻي پندرهن ڏينهن کان پوءِ ڏيندا هئا. ان کان اڳ واري وقت کي چوندا ته ڪچي روٽيءَ تي يا پنجوءَ تي پوک بيٺل آهي. اهو پاڻي جيڪو ڏين تنهن لاءِ چون ته هڪ روٽي ڪيل آهي يا ڪابنن وارو پاڻي ڏنل اٿس. وري ٻيو پاڻي ڏيڻ تي چوندا، ته ٻڌي چوٺڪ ۾ نساري ۾ آهي. انهيءَ پاڻيءَ کي ٻه روٽي به چون. انهيءَ پاڻيءَ تي ڪاني جي چوٽيءَ ۾ هڪ ٻُوڙهو ٻڌ تي بيهندو ۽ پوءِ شڪل بدلائي چورس ڪعب شڪل وٺندو، جنهن کي چوٺڪ چون. جلد ئي اَن جي داڻ داڻ جا نشان منجهانس ظاهر ٿين ان کي نسارو چون جو نسري ٿيو سمورو سنگ، ڪي ته ٽيون پاڻي به ڏين، جنهن ۾ سنگ ڪيرا ٿيل اڌ پڪا ٿي بيهن. انهن کي آيون ڪوٺين. ڪي ڪيرن سنگن جي نالي چون ته هاڻ جيءُ پيو اٿن. ان کان پوءِ ٽن - چئن هفتن کان پوءِ لوب (لاباري) لائق ٿين. جي پاڻي پيارڻ ۾ ڪمي بيشي ٿي، ته ٻني لوب لاءِ وڌيڪ وقت وٺندي، نه ته اڍائن کان ٽن مهينن تائين پچي راس ٿي پوندي هئي.

ٻاجهر جڏهن ڪيرن سنگن تي ورندي آهي، تہ ٻـور جهليندي آهي ۽ جي ٻـور نہ جهليائين، تہ اَن هرگز نہ ڪندي. ڪسي سنگ رڳو جهلي بيهندي. جي متانئس ماڪ پئي تہ تمام گهڻو اَن ڪندي نہ تہ گهـر ڪار ڪري ويندي، يعني گهڻ اَن جهليندي جي برڪڻ يعني اتر - اولهہ جي هوا لڳي تہ اَن طاقت ڇڏي ڏيندو هو.

ٻاجهر جون جنسون:

هڪڙي "سَروُ" يعني ان ڪندڙ ۽ ٻي "ڪُـرُو" يعني اَن نہ ڪندڙ. جيڪا رڳو گاهہ يا چاري جي لاءِ وهڻن جي ڪاڻ لاءِ پوکبي آهي ۽ جلد اُپرندي رهندي آهي. سَروءَ جو سلو سڌو سنئون اپرندو ويندو، پر جي ڪو مرض لڳس تہ ڪروُ تي پوندو يا ٻـُڳهہ. نسرڻ ڪان پوءِ داڻو ماري ويندڙ. سـَروءَ جون ٻہ ٻہ جنسون آهن: هڪڙي "نر" تہ ٻي "مادي". نر، ٻاجهريءَ جو سنگ سنهون ۽ ڊگهو. پر داڻو سخت ٿيندو آهي، ماديءَ جنس جو سنگ ٿلهو ڦوڦينڊو ۽ داڻو نرم ٿيندو اٿس. ٻاجهريءَ جي ڀـِڪ ۾ مڪائي ۽ ترن جا ڇاتا ٻہ هٽي ڇڏيندا آهن، ۽ اَڏن جي ويجهو سٽيءَ جون ٻاريون ۽ ونجهين تي ميها ۽ ڇانهان. ريڙن ۽ چيڙن جون چونگيون پڻ ڇتي ڇڏيندا آهن، جن کي بريون بہ چون. پکڙندڙ ولين ۾ وري ڪدوءَ جي ول منهہ متان پئي ويجهندي هئي. ٻاجهر آيونءَ ۾ آئي تہ مڪائي بہ ڪلنگي ڪڍندي هئي.

ترن جون ڪتي چونگيون هٽندا هئا، تہ ڪتي للهور پوکيندا هئا. ٻاجهريون سال ۾ ٻہ ڀيرا بہ پوکيون ويندايون هيون، پر سو تڏهن جڏهن چيٽ جي مهيني ۾ مينهن وسندو هو ۽ زمين رجي ويندي هئي، ۽ ٻي پوک نوَن پاڻين جي اچڻ تي سانوڻ ۾ سا وَڪبي هئي. برساتي ٻاجهر جو هڪڙو لاٻارو سانوڻ ۾ تہ سانوڻيءَ پوک جو اسوءَ ۾ پوندو هو. مينهن تي جهنگ ۾ ٻيا ڏث بہ ايري غريبن جي ڪاڌ خوراڪ بنبا هئا، مثلاً سائون، مانڌاٽو، ڪرنگهہ، مڪڻي، پرٽ، سيارڇ، چيٽو وغيره. بني پوکي اُن جي پليءَ پت واهيت ڪندا هئا چوندا هئا، تہ

ڪـُني لٽائجي پر بني نہ لٽائجي!

يا

ٻنيون ۽ ونيون ڪن نرجن ڇڏيون!

ٻاجهرين جا لاٻارا اسوءَ مهيني ۾ پوندا آهن.

نظم

اڇـــو اســوءِ جــو مهينـــو آيـــو،
لاٻـــاري جـــو آهـــي ســـعيو.

اڇـــو ٻنـــيءَ ۾ ڏســـون هلـــي،
واه ٻنـــي تـــي آهـــي پلـــي.

سـنگ سيپئي ڪيئـن نـ لـُـڏن تـا،
پکـي تـن تـي نچـن ڪـُـڏن تـا.

ڏسـو تـ ڪڙمـي ڪيئـن اڇـي تـو،
خوشيءَ منجهـان سو ڪيئـن نچي تـو.

هـــت ســـندس ۾ ڏانتـــو آهـــي،
ســنگ تنهـن ســان پيــو تــو لاهــي.

ڏسـو تـ ڏانتـو ڪيئـن هڻـي تـو،
ســنگ لڻـي ٻـوءِ ڪيئـن ڪٽـي تـو.

هڪـــڙو هڪـــڙو ســـنگ وڍي،
جهـول تـڏهن هـو پنهنجـي پـري تـو.

هــاڻي تـــن مـــان آن ڪـــدي تـــو،
آن ڏســـي خـــوش ڏاڍو ٿئـــي تـــو.

ســـاراهي تـــو ســـندس وڏائـــي،
ڇئـــي ڏڻـــي تـــو ڪئـــي آ پلائـــي!

فصل کي هڪڙو نقصان فصل جا جيت پهچائيندا آهن تـ ٻيـو جـانور پهچائيندا آهن.

ٻاجهر جا مرض:

پوکن کي ھڪڙيون سماوي مصيبتون نقصان پھچائن ٿيون. جھڙوڪ: بارش، واچ، جھڪ، طوفان، ٻوڏ ۽ سوڪ. ماکڙ ٻيا جيت جنتر ۽ ڪيٽ ڪنڌر پڻ. ڪيڙا، بوڪڙو. ٻر جي سانوڻ ۽ بدي ۾ مينھن نہ وٺو تہ اُڏوھي يا موراھي بہ وٺندي آھي. مٿان مينھن پيو تہ مري وينديون ۽ تِڏ بہ زيان ڪندي آھي. بگ، ٻاجهر ۽ جوئر کي لڳي، ھوائن جي ڦيرگھير بہ پوکن کي ڪنھن ڪنھن وقت نقصان پھچائيندي آھي.

موسم ڪري تہ ڪري جھڪ،
زمين ڪري تہ ڪري اڪ،
ماڻھو ڪري تہ ڪري ٻڪ.

پيھو ناھڻ:

ٻہ ٻيلنگھہ. يعني ٻسانگيون ٽوٽيون جن جو ڳنڊ ڪان ھيٺ حصو تي فوٽ ڪن ۽ ڦانگن وارا ٻئي پاڳا 7 - 8 فوٽ ڪن مٿيرا ھوندا آھن. بہ انگھي اھي ٻيئي ٻيلنگھہ ھڪٻئي جي سامھون پوري وڇوٽيءَ تي زمين ۾ اندر گُدي گُدي پوريندا ۽ پاسن کان ڏڪورا ۽ پڇر رکي انھن جي مٿان ڪرڙن جو مور يا جھڪُ، ٻوھہ، سڻ يا ڪپ يا اڪارو وجھي، مٿان ڪانا پکيڙي ڇت وانگي جوڙي ڇڏيندا. اھو پيھو ٻنيءَ جي وچ تي اڏجي ڪپ تي يا مٿانھينءَ دڙيءَ تي ناھي بيھارين. ڪي وري ڪنھن ٻير يا ڪنھن ٻئي وڻ کي ڇانگي [جيڪو ٻنيءَ اندر بيٺل ھوندو آھي] مٿانئن منھہ جوڙين.

ڪانياٽي:

سٽ جي وٽيل رسين مان نھيل ھوندي آھي، ان جي وچ تي ڇلي يعني ڳوڙھي رکڻ جي جاءِ ويڪري مڙھيل ٿئي. رسيءَ جا بہ پاسا ھڪڙو ٽلھو ۽ چوٽيرو ۽ ٻيو سنھو ڊگھيرو ٿيندو آھي. انھيءَ ڊگھي پاسي واري رسيءَ جي پوڇڙي سنھڙي ٿيندي ويندي تان جو ان جي آخر ۾ "سيٽ" ٻڌندا آھن. اھو سيٽ، ريشم، سٽي يا آڪاري مان يعني اڪ جي ڪانين جي ڪل ڇلي لاھي سڪائي ان مان ڦندڻ ناھين. جو نڪاءُ ڪڍڻ جو ڪم ڏيندو آھي. ٻيو ڇيڪي مٽي ڳوھي ان مان ڳوڙھا يا گولا ناھي سڪائين.

هڪڙو هاري اها ڪانياٽي ۽ ٻوڙها ڪٽي مٿي پيهي تي بيهي ٻوڙهو چلڻيءَ ۾ رکي، ڪانياٽيءَ کي مٿان ڦيرائي ڦيرائي جنهن پاسي پکين جا ولر ڏسندو ان پاسي ٻوڙهو ڦٽو ڪندو. ٻوڙهي ڇٽڻ سان ڪانياٽيءَ جي پڇ مان وڏو نڪاءُ نڪرندو آهي. پکي انهي نڪاءُ تي ڇرڪ ڀري پڇڻ لڳندا آهن. ڪٿي وري پيش جو نهيل نوڙ ڪٽي ان جي پوڇڙي ۾ سيٽ لڳائي، ٻنيءَ جي چوگرد ڦرندا ۽ نڪاءُ ڪيندا وتندا آهن. اڳي ڪو وقت هو ته لوهه جي نالي ۾ پوٽاش وجهي مٿان ڏکهي سيخ هڻندا هئا. ته تڏهن به نڪاءُ نڪرندو هو، پر اهو ڪم خطري کان خالي نه هو ڇو ته ڪڏهن ڪڏهن نالي ڦاٽي پوندو هئي ته هڻندڙ کي زخمي ڪري وجهندي هئي ۽ ٻيو پوٽاش جو خرچ به گهڻو ايندو هو. ڪي ته خالي ڊٻن ۾ ٺڪريون ۽ پٿر وجهي ڇوڏاري اهو ڊٻو ڇڻڪائيندا وتندا هئا. ته پکي ڀڄن. جهار گهڻو ڪري صبح جو سويل ۽ شام جو واهيرن وير گهڻي ۾ گهڻو حملو ڪندي آهي. تنهنڪري اهي ٻيئي مهلون هاريءَ کي هوشيار ٿي جهار هڪلڻي پوندي آهي. جهار ۾: جهرڪيون، ڳيرا ۽ ڪانگ وغيره پکي شمار ڪندا آهن. جهرڪين ۾ هڪڙو ننڍو پکي، جنهن کي ”بوڙي“ چون ڊڄڻ جوئي ڪونهي، پلي ڪيترائي نڪاءُ تين پر لوٽو به ڪونه هٽي، جيستائين ڪو مٿان اچي پوي.

بوتو بيهارڻ:

فصل کي بچائڻ لاءِ ڪن پوکن جهڙوڪ: ڪمند يا آرڻ جي لاءِ وري جهار هڪلڻ بجاءِ ”اوڙهيو“، ڏيڪائو، گڏو، اُوٺو، اهوڙو، موٺڙو، ڇرڪارو، اوٺو، ٺشانو، مولهيو، يا بوتو بيهاري ڇڏين. ڇاڪن جو به ڪانيون هڪٻئي مٿان آڏيون صليب وانگر ٻڌي انهن تي چولو يا قميص وجهي ڇڏين يا ٺڪر جي لوٽي جو ترو سيڙهي يا ڇن سان اَڇو ڪري، ڪانيءَ جي چوٽيءَ تي اونڌو ڪري رکن، جيئن جانور يا ڇور سمجهن ته ڪو ماڻهو بيٺو نظرداري ڪري.

جهار جي هڪل:

ٻنيءَ جي وچ تي بيهي اڏي، هاري ڪانياٽي ڪٽي پيو جهار هڪليندو. ٻوڙهو ڪانياٽي ۾ وجهي، ڦيرائي هڻندو. هر فصل تي هڪل جا ٻول الڳ هوندا آهن.

جهار هڪلڻ تي نظم

پنهنجي پوک سنڀار، پراڻي پيهي تي چڙهي،
ڪَميا ڪانياڻيءَ سان ڪڍي ڪلپت جهار،
ڏيئي واڙ ويساهه جي ”سامي“ پرم نوار،
تہ ڪٽين بيحد بار، انيئي اڪٺ اناج جا!

ٻاجهر پڪي تہ جهارُ هڪلڻ جو سانباهو ڪن. پهرين پيهو ناهين.

ٻاجهر تي:

وَهيو ...... وَهيو...... وَهيو، هور وَهيو (نڪاءُ)
ٻوڙي.... ٻوڙي...... ڪلا ٽئي. (نڪاءُ)
ڪبر..... ڪبر... ڪبر ڪورياڻي،
اچئي تو ڳوڙهو، ڪنڌئي سوڙهو (نڪاءُ)

ترڄر: هولو...... هولو...... هولو. (هولو چون ڳيري کي)

ڪٽڪ تي:

ٻلو...... ٻلو...... ٻلو. (نڪاءُ)

سارين تي:

ٻلو ..... ٻلو ...... ٻلو ......
(ٻلو چون چتونءَ کي)

مڪائي تي:

ڪاٽي ..... ڪاٽي ..... ڪاٽي.
لڪو ...... لڪو .... لڪو (نڪاءُ)
(لڪو ۽ ڪاٽي چون ڪانگن کي)

جوئر تي:

هاها...... هاها....... ڪلا ٽئي.

وائي:

ادا، پيهي وارا يار! پنهنجي پوک سنڀار،
متان جهتي نہ وڃنئي جهار!
ڏاند تہ تنهنجا ڏُبرا، ڏيندن سگهہ ستار!
ٻنا ٻڌج ٻاجهہ سين، واهج هرُ هيڪار،

سـلا تنهنجـا سـاوا تـن جـي نرتـئـون ڪـج نهـار!
سـگهو وتـائج سـُـٺ جـو، خـاصي ڪانيـاٽـي ڏار،
پوچـڙ وتـائج پـنـٺ جـو، جـاڳي هڪـل جهـار!
اديـون "عبداللطيــف" چئـي سـتـر رک سـتـار،
لـڏيان دار بقـاءَ ڏي، ڪلمـي سـاڻ قـرار![1]

سنڌ ۾ انيڪ فصـل پوکيـا وجـن تـا، هـر علائقـي ۾ جـدا جـدا ۽ ڪـي هڪجهڙا فصل ٿين تا:

ٻيون پوکون:

سڻي:

اڳي سنڌ ۾ سڻي جام پوکي وينـدي هئي، هـن جا گل ٻورئي رنگ تـي ٿيندا هئا ۽ پوک ۾ اهي گل گلزاري ڪري بيهندا هئا. سونهن جـي لاءِ بـہ هـاري بہ -چار ٻاريون پوکيندا هئا ۽ فصل تيار ٿيڻ ڪان پوءِ ان جي ڪـانيءَ تـان ڪـل ڇلي لاهي پوءِ ڪتب آڻيندا هئا. پهاڪو مشهور هوندو هو تہ،
اهڙو ملوڪ آهي، جهڙا سڻيءَ جا گل!

مڪائي:

هيءَ پوک ٻاجهرين ڪان بہ اڳ پڇي راس تيندي آهي. مڪـائي جا پـن ۽ ڪانا وهڻن کي ڪُتر ڪري ڪارائين. جي ڪي ماڻهو هرلن تـي گهمـڻ وجـن يـا سنگت سات اوچتو اچي نڪرندا، تہ وڏيءَ دل وارا هاري انهن جي چاڪري ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي ٻنيءَ جي سوغات مڪائي پچي آڻي، هرلن تـي ڏيـ ڪـندا. پـوءِ ڏينگر ساڙي سموري مڪائي ڪنين سوڌي انهن ۾ پچڻ واسطي وجهندا. ڏينـگر سڙي ختم ٿيا تہ اها سڙيل مڪائي ڪنهـن لوتـي، ڪـني يـا ذَٻي انـدر اڌ - منـو ڪلاڪ ڍڪي بند ڪندا تہ جئين ٻاڦ ۾ رجهي (پچـي) وجـي ۽ دم ڪـائي، پـوءِ سيني کي اجازت ملندي تہ هاڻي ڪنپ کوهي سنگ صفا ڪري کائو. سائين جي اها مڪائيءَ کائي ڏسو، تہ سڀي ڄمار چپ چٽيندا وتو! مڪائي جي مني مـاني ۽ منو پت بہ رڌي کـائبو آهي. اَن جي اٽـاٽ ۾ مـاڻهو مڪـائي کـي بـہ اَن جي بدران کائيندا آهن ۽ ڦُلا بہ پچندا آهن.

---

[1] هيءَ وائي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جو آهي. (ادارو)

تر:

پاجهر جي ڏينهن ۾ هاري تر بہ پوکيندا آهن. ترن جو فصل جڏهن تيار ٿيندو آهي، تہ تر گهنگهرين جي اندر هوندا آهن. تنهنڪري هنن جون ڪانيون لٽي سٿا ڪري رکن ۽ ترن ڪيڻ مهل ڪپڙو وڇائي ان مٿان ڪانيون ڇنڊڻ سان ترَ ڇڻي هيٺ اچي ڍير ٿين. ترن جون بہ جنسون ٿين: هڪڙا اڇا تر ۽ ٻيا ڪارا. ٻنهي کي گڏي ڪتب آڻين. ترن مان تر ٻوڙيندا، ريوڙيون، ترن جي ڏاٽي، ترن جي چوري، ناهين هنن مان تيل ڪڍي دوائن ۾ ڪم آڻين ترن جو تيل طاقت وارو ٿئي.

وونڻ:

”وونڻن جو اصل وطن سنڌ آهي، سپت سنڌوءَ واري حڪومتي دؤر ۾ سنڌ جي آبادگارن وٽ وونڻن جون انيڪ جنسون هيون. سن 2500- 2000ق.م ڌاري سنڌو سلطنت جي پوکي راهي ڪندڙ لوڪن، سپت سنڌوءَ جي سمورن دريائن جي ڪنڌيءَ ۽ ڪنارن سان ۽ سنڌوءَ جي ڇاڙن سان گڏ، انيڪ آباديون/ڳوٺ قائم ڪري ڪپهہ پوکڻ شروع ڪيو، سن 2000- 1800ق.م ڌاري، انهن سنڌو لوڪن ڪڇ ۽ گجرات جي روهن ۽ ڪوهن جي دامن واري زمين تي ڪاري ۽ ڀوري ڪپهہ جي پوک شروع ڪئي، انهيءَ زمين ۾ هوا مان گهم چوسڻ جي وڏي صلاحيت هئڻ جي ڪري، ڪاري ڪپهہ جي سُڪي پوک شروع ٿي، اِن ريت، سنڌو سلطنت جي انهيءَ ڏاکڻين صوبي جي ڪپڙي جي صعنت جي ترقي ٿي ۽ دنيا سان واپاري ناتا وڌيا.“[1]

وونڻن جي ٻج کي ڪڪڙا چئبو آهي. اهي هن نموني پوکين. رات جو انهن کي پسائڻ جي لاءِ ڪنهن ڳوڻ ۾ وجهي اها ڪنهن ڍوري جي آڏ ۾ ٻوڙي رکندا آهن ۽ صبح جو، ڪيڙيل زمين ۾ ڇٽيندا هئا. انهن وونڻ کي سنڌي وونڻ سڏيندا هئا. وونڻ جا سلا ٿيا تہ گڏ ڪيڻ شروع ٿي يعني وچ مان ٻيا ايرندڙ گاهہ ۽ سلا سوري ڪڍي ونبا هئا. گُڏ ڪيڻ لاءِ ماڻهن کي بروقت روڪڙا ٽڪا ڏيڻا پرندا آهن. اڄڪلهہ سنڌي وونڻ رڳو نوابشاهہ ۽ نوشهري جي آسپاس ٿورا کي گهٽا پوکيا وڃن.[2]

”سنڌ ۾ هن وقت ٽندو ڄام، ڪوٽ ڏجي ۽ سڪرنڊ جي وونڻن جي تحقيقاتي مرڪزن، رحماني، قلندري، ناياب 78، ريشمي، شاهين ۽ ڪرسو نو، سڪرنڊ ۽

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)
[2] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

ديسي نرم تيار ڪيون آهن. جيڪي سنڌ ۾ عام جام پوکيون وڃن ٿيون، اهي جنسون سنڌي وونئڻ ۽ ٻين وونئڻ جي جنس ڪي ملائي پيدا ڪيون ويون آهن.*[1]

وونئڻ جي ڇٽ ڪيڙ به ٿئي، ته ناڙي ڪيڙ به ڪن. هنن جو ڦهريون وارو ڀرپور لهندو آهي، ۽ ڦوءِ ايڪڙ تي چنبڊ مڻ مس مس لهندا آهن. هنن لاءِ ڏهه - ٻارهن هر ڏبا آهن. هنن جو ريشو ڊگهو ۽ نرم آهي ۽ اگهه به وڌو اٿن. سنڌي وونئڻ تي گهٽي محنت ڪانه ڪرڻي پوندي هئي. ٻه - ٽي اُبتا سبتا هرَ ڪڍي ٻج ڇٽي ڇڏبو آهي. ڦوءِ ڀنج - ست ڀيرا منجهانئن چونڊائي ڪئي ويندي هئي. پاڻي ملڻ تي، برسات پوڻ تي پيا نوان گوگڙا ڦٽندا هئا. گوگڙا سڪي سونگڙيون ٿينديون هيون، جن مان زالون ڳاٽيون ۽ ڪانبا ٻڌي ڦٽيون ڪڍي وٽنديون هيون. وونئڻ جي چونڊائيءَ جا به زالن کي بروقت پئسا ڏنا ويندا آهن. وونئڻ پاڇاٽا ٿيا يا پيليا ته هاري انهن جو وونٽانيون وڍي ٻارڻ جي ڪم، منهه ۽ پترن جي ڪم آڻيندا هئا. وڍڻ کان پوءِ جي ڪا بارش اچي نئي ته وونئڻ جون رهيل وونٽانيون پيهر ڦُٽي پونديون هيون ۽ گوگڙا جهلينديون هيون ۽ تمام گهڻو مال اڳئين کان وڌيڪ منجهانئن پڙپئندو هو. مثال.

اَن جي تان ڪنڌي پلي!
وونئڻ جي تان سُنڌي پلي!

وونئڻ جا مرض:

وونئڻ کي لڳندڙ مرض ٻن قسمن جا آهن:

1. جيت، 2. ڪينئان

رس چوسيندڙ جيت: ترڙو اڇو، ترڙو پورو، سائو مهلو، اڇي مک ۽ جونءِ هن ۾ اڇي وجن ٿا.

ڪينئان: چٽڪمرو ڪينئون، سائو ڪينئون، گلابي ڪينئون، پن ڪتريندڙ ڪينئون، جڏهن ته اڄڪلهه آمرڪي ڪينئون سُنڌي وونئڻ جي فصل سان هاڃا ڪيا آهن. جڏهن ته برسات، مينهن جي ڪري پاڻي بيهڻ سان اهو مرض تهان زور وٺندو آهي.[2]

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

[2] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (اداور)

جوئر:

جوئر يا جوار گهڻو ڪري اتر سنڌ ۽ ڪوهستان ۾ پوکي ويندي آهي، پر هتي وچولي سنڌ ۾ به ٿوري گهڻي پوکي وجي ٿي. هن جا ڪيترائي قسم آهن. اُبهري، باڊڻ، اچڙي، اڇو بازيگر هن جو سنگ وڏو ٿيندو آهي ۽ ڪمان وانگر هوندو آهي. اڇو ڪارتُهو (تري)، اڇو گرگلو، اڇي ڪوڏي يا ڪڏري، ٻنڙي، هن جي ڇلڪي ۾ ٻه ٻه داڻا ٿيندا آهن. بغادر يا بغدار يا بگدار، اڇي ڪلڻ، ٻهارو، ڪاري توري، ڪُنڊي يا ڇبڻ توري، مني، ڪاٽي اڇي، سنڙي يا ذات، ڳاڙهي ديسڙي. هن جي سڪن ڪانن کي ڪانگڙ يا ڪڙٻ ۽ ساون ڪانن کي ڳنا ڪوٺين. جوئر جا ٻچڙ ڪن يعني سنگن مان داڻا ڪڍي ڍڳ ڪري رکن. اڳي ته اگهه به اڍائي روپيا مس هوندو هوس، هاڻ ته جيترو اگهه ٻاجهر جو اهوئي اگهه جوئر جو آهي. جوئر جا ڦلا به ٿڙڪائي ناهين.

تماڪ:

تماڪ گهڻو ڪري بدي جي مهيني ۾ پوکيندا هئا. جو ته اهو مهينو تماڪ کي تيز ڪرڻ جي لاءِ چڱو ليکيو ويندو هو. هوڏانهن بدي جي مهيني ۾ وري واهن جو پاڻي تاڙ ڏيڻ شروع ڪندو هو. ڪڙين ۾ ڍهيون سانگهارا پئجي ويندا هئا. پر تڏهن به سرويچ جفاڪش هاري هن کي به نه ڇڏيندا هئا. تماڪ پوکڻ واسطي زمين جا ڪڙيا ناهيندا يعني ننيڙا ٻنا لاڳيتا جن جي وچ ۾ پاڻي بيهڻ جي ناري، ڪرين ۾ پاڻ به ڏيندا هئا. اهو ٻاڪرو پاڻ هوندو هو. جي ڏسندا هئا ته تماڪ بيزور ٿيندو وجي، ته انهن جا ڪڙيا يعني شاخون پيچي ڇڏيندا هئا. فقط يڪي ڏانديءَ تي پن وڌڻ لڳندا هئا. پر پاڻيءَ جي ڪا ٻٽ ڪري به هن پوک کي شڪست ملندي هئي. هاري پاڻيندو هو ته گهٽ ۾ گهٽ به پوسارا ڏيانس. هڪڙو ته آسانيءَ سان ڏيئي ويندو هو. باقي ٻئي پوساڙي لاءِ ڏاڍا سور پٽڻا پوندا هئڻ. اڳي دؤر ۾ مڙس هوندا هئا مهمير. سو هلاڪيءَ ڪان هرگز ڪين ڪيٻائيندا هئا. جهڙو هٽي پاڻيءَ جو پورائو ڪندا هئا. جهڙو هن طرح هنيو ويندو هو. جتي واهه يا ڪڙي ۾ پاڻيءَ جا دٻا ڏسندا هئا ته ان کي لوهه جي پترن پٽڇن يا بالٽين ۾ ڇمبڙن سان ڏوکي ڏکي آڻي نري يا ڪسيءَ ۾ ڪنو ڪندا ۽ پوءِ هرلو وهائي پويون پيار ڪرائي وٺندا هئس. جي پاڻي نه پهتو ته بجر ٿي پوندو. تماڪ پنڊين ۾ بند ڪيو ويندو هو جنهن ۾ رڳو تماڪ جا ڏانا ۽ پن هوندا آهن. تماڪ مان بيڙيون ٺهن ۽ موالي ماڻهو چلم ۽ حقي جي ڦل ۾ وجهي ٽانڊو چاڙهي ڪش ڪين.

ڪمند:

سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ ڪمند (ڪماند) جام ٿيندو هو ۽ ڪائڻ واسطي استعمال ٿيندو هو. هاٺي جتي بہ شڪر ملون آهن، اتي جي آسپاس وارن سيني تعلقن ۾ ڪمند جي پوک ٿئي ٿي. هن جون گريون ڪپي انهن جو اک وارو پاسو مٿي جهلي رنبي سان اڏوگابرو زمين ۾ پورينڊا آهن. جڏهن ماڻهوءَ قد جيڏو ٿيندو آهي، تہ کهاڙين سان پاڙن کان ٿورو مٿيرو وڍيندا اٿس ۽ سنڌين ڪي پاٽي ڏيندا آهن، تہ وري ڦٽي پونديون آهن. انهن کي "اور يا اُول" ڪوئين. پهرين پوک جو ٻج ٽي سال ڪن هلندو آهي. تنهن ۾ پهريون وارو پرپور لهندو اٿس ۽ ٻئي سال "اور" وارو ڪماند گهٽيل هوندو آهي ۽ ٽئين سال هلڪو فصل لبندو اٿس. ڪماند کي پاڻ جي گهرج تام گهڻي هوندي آهي.

ڪٽڪ ڪماند مڪئي، ٻي پڻ ڪيتي ڪُل،
پاڻ ٻاجهئون نہ مچي، تون ڳالهہ اها نہ ڀُل.

ڪماند کي پاڻ ڏيئي پُڙا ڪري ڇڏيندا آهن. سياري جي سيءَ تي وڏيڪ ميناچ منجهس پيدا ٿيندو آهي. ڪمند مان گُڙ بہ ڪڍائي ويندي آهي. مٿي هئڻ ڪري جانور توڙي ماڻهو پڇي زيان ڪندا آهن، تنهنڪري هن کي مضبوط لوڙها ڏنا ويندا آهن، اوڙها ۽ نشان بہ لڳائيندا آهن.

ڪمند جا بہ قسم ٿيندا آهن: هڪڙو بانئي جنهن جي ڪل سخت ٿئي جيڪو ڪنڊ لاءِ ملن ۾ وڃي ۽ ٻيو ڪائڻ جو ڳاڙهو توڙي سائو. ڪمند مان ڳڙ ۽ مُستي [ڳاڙهي ڪنڊ] بہ ٺاهين. مٿيون مانيو منا پت ڪماند جي رس يعني ڳڙ مان بنائين ڳڙڏاٽيون ۽ وڙا بہ ڳڙ جا ٺهن.[1]

"سنڌ ۾ ڪمند ٻن موسمن ۾ پوکيو ويندو آهي.

پهرين: 15- آگسٽ کان سيپٽمبر جي آخر تائين

ٻيو: 15- فيبروري کان مارچ جي آخر تائين

ڪمند جون ڪيتريون جنسون پوکيون وڃن ٿيون، جن ۾ ٽيٽرون، بي.ايل4، پيار ۽ ٺٽا 10، آهي ٺٽا 10 جي مهل سر وادي نہ ڪئي وڃي تہ اها نسريو اچي ۽ فصل طاقت ڇڏيو وڃي.[2]

---

[1] ڪنڊ جو اگهہ سرڪار مقرر ڪندي آهي. (ادارو)

[2] ٺٽا-10 زرعي سائنسدان محترم خان ڪيرئي جي ايجاد آهي. (نظرثاني ڪندڙ)

ساريون:

ساريون ناري، لاڙ توڙي اتر الهندي سنڌ ۾ پوکيون وينديون آهن. سارين مان وري چانور ٺهندا آهن. جن جون ڪيتريون ئي جنسون آهن: ڪنگڻي، سڻڙيا [جي سٺ ڏينهن ۾ پچي راس ٿيندا آهن،] ٽمڙيا، موتيا، گنجا، رتڙيا، باسمپتي، سڳداسي، رنگوني، جوشي [ٿهڪايل]، بيگمي، ڪارائي، پرمل، ڪورواهي، نارائي، ڄڄٽي، ڇڄرائي، سداگلاب ۽ بنگالو، بدڙيون، بازيڪر، بارو، باسپتي، ڄڄئي، اڇڙائي، اڇا پوپائي، اڇا ٻڙانگ، اڇا گلاب، بوئيدار، بگري وغيره.

ساريون پوکڻ:

"سارپال فصل، سنڌ جي اُتر ۽ لاڙ واري پاڳي ۾ هزارين ورهين کان پوکيا وڃن ٿا. سن 2500ق.م ڌاري اُتر سنڌ ۾ سارين جا پلا فصل ٿيندا هئا."[1]

پهريائين ٻج پنج ڇهه سير، زمين جي هڪ ويسي يا اڌ ويسي ۾ باريون ناهي پوکبو ۽ ڳائو پاڻ ڏبس، جيڪو ٽي چار انچ زمين کان مٿيرو بيهندو، پوءِ ڏيندس پاڻي. اهو ٿيو ٻيجارو، اهو پندرهن ڏينهن ۾ سلن جي صورت وٺندو. پوءِ هٿ سان ڇڪي ڪڍي، انهن جا گرڙا يا موڙهيون يا موراڙيون مٺ ۾ جهلي، ڪيڙيل زمين ۾ روت ڪندا يعني رنبي سان ڪڏ ڪوٽيندا ان ۾ سلو ويهاريندا. پر جي پاڻي بيٺل هوندو ۽ زمين گپ واري هوندي تہ هٿ سان ئي رُنبيندا ويندا ۽ سڄي زمين ۾ سلا ويراج ٿيڻ کان پوءِ ڪم لٿو.

"اتر سنڌ ۾ پهرين جون 10- آگسٽ تائين، سارين جون مختلف جنسون جهڙوڪ: اري 8، اري 6، ڊي آر 32، ڊي آر 83، ڊي آر 92، سداحيات ۽ لطيفيءَ جا رونبا ڪيا ويندا آهن. جڏهن تہ ڏکڻ سنڌ [لاڙ] ۾ 20-مئي کان 15- جولاءِ تائين رونبو مڪمل ڪيو وڃي ٿو. لطيفي چانور خوشبودار ٿين، اُتر سنڌ ۾ ڪنگڻي ۽ لاڙ ۾ رتڙيا چانور جام ٿين."[2]

جيڪو ٻج ڪڙيل زمين ۾ هٿ سان ڇٽين تہ ان کي "ڪورڙ" ڪوٺين، پر جي ريڄ ٿيل زمين تي ٻج ڇٽي مٿان هر ڏين، تہ ان کي "داڦ" چون. رُتڙيا، مٿانهين زمين تي نسرن، گنجا، سخت زمين تي. ٻيجاهو يا ٻيجاريون، آکاڙ جي مهيني ۾ ناهين. اسوءَ مهيني ۾ سراسري لاٻارا پئجي ويندا آهن. اٽڪل

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)
[2] نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

سارين ڪي پچڻ ۾ ٽي مهينا لڳندا آهن. لابارو بينڙ پاڻيءَ ۾ ول يا ڀلال لٽي ڪندا آهن. لابارو تڏهن وجهن جڏهن سنگ ڳنڍ هڻندا يا لڙڪي ڏوڙا ڏيندا. ساريون گهٽي پاڻيءَ، ڪلراٺي زمين تي پليون ٿينديون آهن. پر ڪو ڪو ڪلر اهڙو ٿيندو آهي جتي سلي اپرڻ جي اميد نه هوندي آهي، ته اتي "اَرو" ڪن يعني ڪلر ڪي ڳهاتا هرَ ڏيئي پاڻيءَ سان بارا پيري ڇڏين. پوءِ اتي جيڪو گاهه ۽ ڪک ڪانا پيدا ٿين تن ڪي هرَ ڏيئي زمين دوز ڪن. وري پاڻي پرين، تان جو ٻٽي پيرا انهيءَ نموني ڪلر ڪي پاڻي ڏين، گاهه ڪي سائي پاڻ وانگر منجهس ئي دَبي ڇڏين، تان جو اها زمين پڻ پوک لائق بنجيو وڃي.

سارين جي ولين ڪي پرار/ڀلال چون. جيڪي سارين جون سُنڊيون لڻڻ کان پوءِ رهجي وڃن، انهن ڪي ٻُئي چون. سارين جا ٿهه اڇا ته اندران ڇانور ڳاڙها نڪرن ۽ جي ٿهه ڳاڙها ته ڇانور اڇا ڏين. ڇانورن مان پٽ ۽ مانيون تيار ڪري کائيبيون آهن. پلي ۾ پليون ساريون، ايڪڙ ٽي ويهه مڻ ڪن لهنديون آهن. هاڻي هڪڙو نئون ٻج "اِري" ڇانور جو سڄي ملڪ ۾ پوکيو ٿو وڃي اهو ايڪڙ تي سئو مڻ کان به وڌيڪ ٿو لهي. سارين جي پوک ڪي هڪ شاعر "فاضل قائميءَ" هن نموني ساراهيو آهي:

نظم

ڇوڪــــر هـــــوڏي ذرو نهـــــار،
ڏس ســـــارين جــــي پــــوک تيـــار.
* * *

ڪڙمـــيءَ ڪونهـــي سـڪ جـو خيـــال،
پورهيـــــي ۾ رهـــــي هــــر حـــــال.
* * *

محنـــت جـــو هـــي مليـــس ڦـــل،
فصـــل ســــندس تـــان پلـــون پـــل،
* * *

ســاوک ڏاڍي ســونهن ڪــري ٿــي،
ڏنــي ســـين جـــي دل نـــري ٿـــي.
* * *

پسجي پکل ان پريان ئي،
ڏرتي گاهه سان آهي ڇانئي.
* * *

سنگ لڏن ٿا جي چوڏاري،
پيارو تن کي ڇاڻي هاري.
* * *

ساهه سئون ٿو تن کي ڇباڻي،
مور نه ڀانئي سو مٽ ناڻي.
* * *

سنگن مان جو اَن ٿئي ٿو،
تنهن سان پنهنجو گهر ڀري ٿو.
* * *

ڇئي ٿو منهنجي روزي آئي،
سڪي گذر لئه خدا ملائي،
*

نظم

سمو هڪ سهائو صبح جو عجب هو،
هئي واندڪائي گهمڻ لئي سبب هو،
۽ زير نظر هڪ ڪمال ڪسب هو،
زراعت سندو فن توجه طلب هو،
ڪچيون ساريون ڪٿ، ڪٿي هو نسارو،
ڪٿي گهنڊ وريل هئا، ڪٿي هو لاَبارو.

لتي فصل تي ٿيا دوباريءَ جا سعيا،
پاڄاريون ڪٽي هرَ پٺي هارين سنباهيا،
اچي پنهنجا پنهنجا تي جوڙا ڏُڪايا،
ڏٺا ٻيڪريون ڏيئي، وراڻا ورايا:
ڪنهن جات بولي، هنيو ڪنهن تي نعرو،
نظارو هي سارو لڳو تي پيارو.

سارين جا مرض:

رائي، ڪڪي، گدڙ، روڙو، ڪوئو، سيانتو [هيءُ پڻ ڪترينڊڙ جيت آهي، ڪنگي يا ڪنگيري [هيءُ ڪينئن جو قسم آهي.] جهڙ ۾ پيدا ٿئي، اُس نڪري تہ مري وڃي. سندس رنگ ڳاڙهيڙو ٿئي پهرين پنن کي ۽ پوءِ سنگن کي وڻندو آهي].

"اڄڪلهہ ساريال فصل لاءِ نقصان ڪار جيت، اڃي پني وارو مهلو. پن ويڙهو ۽ گدڙ آهن، سنڌ ۾ پيلو گدڙ، گلابي گدڙ، اڇي گدڙ ۽ پٽيرو گدڙ آهن. جڏهن تہ سڄي دنيا ۾ 800 کان مٿي جيت مشاهدي هيٺ آيا آهن. جيڪي ساريال فصلن کي نقصان پهچائن ٿا."[1]

موڪي

نيون پوکون

چيٽ:

هيءَ پوک اڳ درياءَ جي سيلاب تي ٿيندي هئي. جنهن سان گڏ بيون بہ پنجڙ بوسي پوکون ٿينديون هيون، پر هاڻ سکر بئراج، ڪوٽڙي بئراج ۽ گڊو بئراج واهن جي تيار ٿيڻ تي سڄي سنڌ ۾ موڪي پوک ٿيڻ لڳي آهي:

ساوڪ سري جي سهڻي بئريج جون بهاريون،
چانور ۽ ڪڻڪ ساريون، پوکون مڙئي پياريون،
سائينءَ ڪيون سجايون، ڪڙمين سنديون ڪمايون.

هيءَ آبادي اُنهن واهن تي انهيءَ ڪري گهٽي ٿئي تي جو واهن جو پاڻي مٿانهون آهي ۽ زمين هيٺانهين آهي، تنهنڪري، ايڪڙ - بيڪڙ کان سواءِ هر هنڌ پاڻي موڪ تو پهچي. واهن ۾ مين ڪينال مان برانچون، براچن مان سونهيون يا شاخون، ڊسٽري بيوٽريون ۽ مائينرو ۽ انهن مان واٽر ڪورس ۽ ڪڙيا ٿا نڪرن، جي سمورو ملڪ آباد ڪريو ڇڏين.

نظم:

راحتون ۽ رس رچڻ وارا وري، رونقون ۽ رنگڙا ڪئين چيٽ ۾.

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

چهچٽا چوڏار آهن اڄ عجيب، جهار هڪلي هيج مان هاري غريب،
ڪيت ڪٽڪن جا پچڻ وارا وري، واه سونهن سنگڙا ڪئين چيٽ ۾!

ڇاڻ ڪٽڪن ۾ پيا لابارڙا، لائيءَ خاطر لوب تي لايارڙا،
اڄ سيان آهن اچڻ وارا وري، تا وٽن دڳ دنگڙا ڪئين جيٽ ۾!

هر طرف ڪان هير ۽ هبڪار آهه، ڳام گلشن ۽ چمن گلزار آهه.
يوئر ۽ پوپٽ نچڻ وارا وري، خوب ٻهڪن جهنگڙا ڪئين چيٽ ۾!

قرب ڪوڙين ۽ ڪرم قادر ڪيا، مال ۽ "مجذوب" مارو خوش ٿيا،
مُلڪ تي ميڙا مچڻ وارا وري، دل ڇري ڪن چنگڙا ڪئين چيٽ ۾![1]

ڪٽڪ جي چٽ:

هڪڙي ٿئي چٽ ڪيڙ يعني هٽ سان ٻانهن ڏگهاري، ٻاجهريءَ وانگر ٻج چٽبو آهي، ٻي ٿئي ڳُڙٻي، ريج ٿيل زمين تي ٻج ڇٽي، مٿان هرَ ڏيئي ڇڏين. اهو ٻج تڏهن ڇٽيندا آهن، جڏهن سڏندا آهن ته موسم نڪريو تي وڃي ۽ ٿي آهي ناڙي، هرَ جي هروٽي پنيان لوهه جو نڙو لڳل ٿيندو آهي، هرَ پيو هلندو ۽ نڙي مان ٻج هيٺ وهي اوڙن ۾ پيو پوندو ايندو ۽ ٻج پاٽهي ڍَڪبو ويندو. نه ته مٿان سهاڳو گهمائيندس.

چيٽ:

سُرءِ جي منڊ پوري ٿيڻ ڪان پوءِ چيٽ [ربيع] پوکڻ شروع ڪن، ڪي پيجهڙ پوک ڪن يعني تيلي ٻج پوک لاءِ ٻوسي زمين تيار ڪن. چيٽ جي پوک لاءِ زمين کي ڪتيءَ ۾ ئي گهٽو پاڻي ڏيئي رجائي ڇڏين ۽ پوءِ پوک ٻوهيارا ڪري ايرڻ لڳندي آهي. ۽ ٻوسي آڪاڙ جي مهيني ۾ لابارا وجهن. اوڙا يا سٽريون ڪري رکن، ڪٽڪ جون جنسون ٻوجري، ڪهٽو، هن جو داڻو سخت ۽ تلهي ڳيپ وارو ٿئي ٿو. تڏري، سنهڙي جيري جهڙي ٿئي، رڙي، داڻو سخت پر ڊمڪڙو ٿئيس. نوڙهي، هن جي سنگ تي سوئا سوئا ڪونڌ ٿين. هاڻي وري هڪ نئون ٻج جنهن

---

[1] هي نظم شاعر مجذوب جو آهي. (نظرثاني ڪندڙ)

ڪي پاڪ - ميڪسيڪو ٽا سڏين، سو پوکيو ٿو وڃيُ. اها ڪڻڪ ايڪڙ تي ستر- اسي مڻ لهي ٿي. پر داڻو سنهڙو اٿس ۽ رنگ ڳاڙهو ۽ اٽو ميرانجهڙو اٿس. اصلي ڪڻڪ، گهٽي ۾ گهٽ ته ٻٽيهه 32 مڻ ايڪڙ تي لهندي هئي.

"اڄڪلهه سنڌ ۾ ڪڻڪ جي جنسن مان، انڊس 66، پاڪ 70، بليو سلور، لڪورا، نوري، ڊبليو ايل 711، سوناليڪا، پيون، زيڊ.اي 77، ٽنڊي ڄام 83، مهراڻ 89، انمول 91، آبادگار 93 پوکيون وڃن ٿيون.

ڪڻڪ جي پوک اُتر سنڌ ۾ 7- نومبر کان 30- نومبر تائين ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ 1- نومبر کان 20- نومبر کان تائين مڪمل ڪئي ويندي آهي.[1] ڪڻڪ مان ڪاڇرواٽو، ميدو خميرو، ڏارو يا ٻاٽ، نشاستو، ۽ سوجي نهندا آهن، ۽ منجهانئن ئي پت، ماني، لئي، لپٽي، ڏارو. بسڪوٽ، حلوو، سيون، سيرو، مالپڙا، مليدو، پوريون ۽ پڪوان وغيره نهندا آهن."[2]

ڪڻڪ جا مرض:

"ڪڻڪ جون بيماريون، "ين رتي"، پيلي رتي، ڏاندي واري ڪاري رتي آهن، زرعي ماهرن جي مشورن سان صحيح تاريخ تي پوک ڪرڻ سان اهي مرض نٽا ٿين.[3] ڪڻڪ، چٽن ۽ توريي جا مرض ساڳئي قسم جا آهن. رتي، جا ماڪ پوڻ ڪري پيدا ٿيندي آهي ۽ داڻو ڪوڪلو ڪري ڇڏيندي آهي. پارو، مالهو ۽ تڏ، ٻڪ يا ڏٽڪ، هن ۾ سنگ ڪارا ٿي ويندا آهن."

چٽن، السي ۽ ترن جي مورجڻ وقت، جي ڪنوڻ يا وڄ جو چمڪات ٿيو ته انهن پوکن ۾ ڪينئون پيدا ٿي پوندو آهي، پيو جيت آهي، الي يا اليون جو به تيلي ٻجن کي نقصان رسائيندو آهي.

لابارو:

اَن آهي ته ايمان آهي!

کرو:

لاباري شروع ڪرڻ کان اڳ ديرو [خرمن يا کرو] ناهيندا. ڇا ڪندا جو پڪو پٽ ڏسي ان مان جهنگ ودي دڙيون ڪڍي، ڇلي ڪرڙي لسو ميدان

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)
[2] ڪڻڪ جو اگهه هر سال سرڪار مقرر ڪندي آهي. (نظرثاني ڪندڙ)
[3] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

ڪندس. ڪي هاري لاباري وجهڻ کان اڳ هُرلا بہ جهــُـلائيندا آهن يعني انهن جو ڪانوڙ لاهي هڪ هنڌ مڏ ڪري رکي ٻي اونا ٿي، پوءِ لاباري ۾ هٿ وجهن.

لاباريا يا لاهيارا:

سيڪو پنهنجي جَڙَ [پوکيل زمين] لاءِ لاباري وجهڻ جي لاءِ لاهيارن کي ڪوٺ ڏيندو. هنن جي اچڻ تي انهن مان هڪڙو مرد ماڻهو يا خود هاري ڪانا ڪپڻ لڳندو، جنهن کي ڪانڙيو ڪوٺين. اهي ڪانا ڪوڙا يا سڙيون ڪندو ويندو. پوئتان لاهياريون زالون ڏانتي سان، ڪانن مان سنگ وڍينديون ڪاري يا ڪانبي ۾ وجهنديون وينديون، جڏهن ڪارويا ڪانبو پريو تہ وڏي وجي ڪري تي پنهنجي ڍڳڙيءَ تي لاهينديون. شام جو، لئلن [وڍيل] سنگن جون هاري اوٺا ۽ پتيون يا اوڪت ڪندو. ڇٽيءَ وٽيءَ کي ٿي پتي ملندي. زالون اهي سنگ ڪٽي گهر ۾ آٽي انهن کي ڏندن سان ڏانگورا وجهنديون سٿي، ڪُـتي هٽي ڏاجوڙا ڪيي رکندن. پوءِ اهو اَن سوڻ خاطر پاڻ بہ ماني پچائي کائين تہ پنهنجاٿپ توڙي پاڙي پتيءَ کي نئين وٺ ڪرڻ لاءِ پاتي ڏيڊ ڏين. ڪانڙيي کي ڏهين پتي ڏيندا هئا.

دَن:

لُدل ڪانا ياڪر پري گٽندن ۾ يا بنڌڻن ۾ بڌي گڏا ٺاهيندا. هرهڪ گڏي جو پنجويهہ يا ٽيهہ سير وزن ٿيندو آهي. اهي گڏا هڪٻئي مٿان سمهاري سٿيندا ويندا تہ پوءِ ان کي ڦيڙهو يا دَن سڏين. پر ڪانا ايا ۽ سوڙها ڪري رکندا ويندا تہ پوءِ ان کي يا سَتو سڏين. انهن جي چوڌاري لوڙهو ڏيئي ڇڏين ۽ ضورت سارو مال کي چاري لاءِ ڏين. بعضي برسات پـوڻ تي ٻاجهري جا بنهرَ يعني سنداري ورِي بہ پٽي پوندا آهن.

ڪتي ڪانڙيي کي سورهين پتي ملندي هئي ۽ ڪي هاري يڪو لابارو وجهڻ بدران جيڪي سنگ پڪل ڏسن سي لٽي، پٽ تي ڪانا وڇائي تن جي مٿان ڍڳ ڪري رکندا آهن [خاص ڪري تر ۾] ۽ مٿانئن ٻيا ڪانا پڪڙي انهن سنگن کي ڍڪي رکن انهيءَ کي ڪرَهي ڪوٺين. ڪي ٻـُـٽنگ لٽڻ يعني بينڙ ڪانن جي چوٽين مٿان سنگ لٽي ونن.

هاري پهرئين ڏينهن لـُدل سنگن مانُ ڪجهہ چندي ڦوڪي اَن ڪيي، اُن ۾ ڳڙ وجهي لوٽي يا ڪني ۾ وجهي رڌي، سيني ڪري وارن کي کارائيندا آهن. انهن کي گوگي جا ڪوهر ڪري ڪوٺين. چون:

گوگا چوھاڻ، پريا تنھنجا ماڻ،
ڪنڌي ڪرڙي تي تنھنجي آڻ.
يا
گوگا چوھاڻ، پريا تنھنجا پاڻ.

ڀيڙا ٻني لائجان:

لابارن ۾ لُنديون لتاڙٽيون پونديون آھن. بلائون سڀ گوگي جي حڪم ھيٺ آھن، تنھنڪري اُن جي نالي تي خير ڪيندا ھئا. ھونئن بہ ڪک ھينان، لڪ پيو آھي. ڪک آھن بلائون لڪ آھي انسان جي زندگي!

ڪٽڪن جي لابارن ۾ ڪانڙيو ڪونہ ٿئي. زالون سڄ چڙھي نڪرنديون، چوتہ نار ۾ ڪٽڪ لبي نہ سگھندي آھي. بينل ڪٽڪ جون ڪانيون مٿ ۾ جھلي پاڙ ڪان مٿيرو ڪپڻ لڳنديون ۽ ڇھول پرنديون ويندريون. ڪٽڪن جا لابارا زالون ۽ مڙس گڏجي ڪندا آھن. ڪٽڪ جي ڪانيءَ کي ناڙي چون.

نظم

پٻن ڪڙي پيھي تي بيھي، پلپل ڪريان پُوڪار،
ڪانوَ تڙي تو طرف منجان تي، من ڪو پھچئي پار!

رونبا نڪتا اوير نڪتا، نڪتو پئي ڇڻ ساھ،
ساوَن مان پيلا ٿيا تيلا، لاب پيا ٿيو ڳاھ،
تڏھن بہ تون آئين نہ مسافر، ڪھڙي ڏيانءِ ميار!

وائُرُ ۾ ڇڄ ويھہ ويھہ پيرا، ڇڻ تي ھٿ مان ٽڙڪيو،
پيارو پورھيو بار لڳو پئي، توريءَ ھڏ ھڏ ٽڙڪيو،
تن ميرو ٿيو ڌوڙ وسائي، چيڙھہ وچايم وار!

ديرا ميرا لڳن مسافر، تو نہ ڪيو جي ديرو،
اوطاقن ۾ اوندھہ پانيان، پيو نہ جي تنھنجو پيرو،
من منھنجي کي ڪين وڻن ٿا، توريءَ اَن انبار!

اُڪـريءَ ۾ منهـن پـائي ويـٺـي، مهـري تـي ڪڙڪايـان،
آهــٽ پـائي چـرڪ پـري، اڪ ور ور در ۾ پايـان،
مايوسـيءَ ڪـان ان ڪٽـن ڪـي، ڏيـان تـي ڪيـڏي مـار!

آس وجـائڻ واري ناهيـان، چوتـه گهيلـي آهيـان،
تـڏهن تـه دم دم ڏگ واجهـائي پئـي تـي دل پـر پايـان،
نيـٺ تـه هـڪ ڏينهـن اينديـن، ”دڪـايل“ پـاڙيندين اقـرار!

ان ڳاهڻ

هلر هڪلڻ:

هلر لاءِ جدا پٽ گهڙيو ويندو آهي. پٽ ٻوڙا پاڙان ڪـدي، پوءِ ان ميدان جي وچ ۾ هڪڙي مني يا ٽوٽي ڪوڙبي آهي، ان کي ميڙهه چون. ميڙهه جي پير ۾ سنگن جا سُپ پري آٽي لاهين. پوءِ ٻاجهر جا هجن يا ڪٽـڪ جا، ڪٽـڪ تـه ناڙيءَ سوڏي آٽي گڏ ڪـن. ميڙهه واري ڪانيءَ جي تري ۾ هـڪ لوهـه جو ڪڙو يا سينهون ٺاهي وجهن. ان ڪڙي يا سينهي ۾ ٻه رسا ٻڌن مٿئين رسي کي ميلهو يا مالهو ڪوٺين. ٻنهي رسن جي وچ ۾ ڳراها جوڙين، جن ۾ وهٽن جون ڳچيون سوگهيون ڪري ٻڌن. سيني وهٽن تي ٻوتـاڙا چـاڙهين يا ڇڪو ٻوٽ تي ٻڌن. گهٽو ڪـري ڏانـد هلر ۾ هلن، پـر ڪتـي ڪتـي ٻيـا جانور يا ڍينگر ٻـه ڪتب آڻيـن. ميڙهه جي پرواري کـي ميڙهي ڏڳـو ۽ آخر واري کـي پوڇنـڊ وارو وهـٽ ڪوٺين. هڪڙو هالارو ڳاهو يا ڳاهيندڙ ماڻهو پنيان لڪڻ يا بـانـو ڪٽي ڏڳن کي پيو هڪليندو ۽ هلندو. جنهن ۾ اها خبرداري ۽ سجاڳي ڪندو تـه ڪو وهٽ ڇيٽو تـه ڪونـه ٿـو لاهي، جي لاهي تـه هٿ ۾ وٺـي پري اڇليـنـدو ۽ ڪنهـن جو ٻوتاڙو ڍرو ٿيو، تـه ڇڪي ٻڌندو. ڪيپ هڪڙو ڳاهجي ڇڪو تـه نئو پڳر وجهنـدو يا ڳاهيل ڳاهه پڪڙي ويو تـه ان کـي ريڙهي ٿـوپ ڪندو. اهو ڪـم پـاهوڙي يـا ڏانداريءَ سان ڪندو رهندو. هلر اٽڪل ڇهـه ڏينهـن ڪن هلندي آهي. واهو هلر هلڻ مهل هيءَ اُناٽا ڏيندو: اهي ڏاڍي جهيـل، بلنـد ۽ سريلي آواز سان چونـدو. پري ڪان اهو آواز دل کي ڏاڍو پيو سيبائيندو آهي ۽ نار جي رينگٽ وانگر پـري پري تائين پيو ٻـرندوآهي.

اُناٽا يا پهلوٽا:

اَلهي مَلهي هلر هلي!

* * *

هَلي ملهي ڏاندا، وهي تيا واندا!

* * *

الله جوڙيا، ڪنهن نہ موڙيا!

* * *

هَلي مَلهي، هر هلي، ڳاهي ڳوڏي!

* * *

ميـڙهي متو، ان ۾ گتو،
اَن پريندي ڏڙوائي تڪو!

* * *

هـل هلايون، پلن ڏاندن پليون ڳاهيون،
ڪر پلايون، پلن ڏاندن پليون ڳاهيون!

ڪٽڪ جي هلر ڪي ڍينگرن مٿان بار رکي ۽ اڳيان هڪ وهٽ اُن جي گهلڻ لاءِ ميڙهہ ۾ ٻڌي هلائيندا آهن. اُن لتاڙيل ان کي ڳاهہ ڪونين. پوءِ اهو سمورو اَن ٻُلرن، ٻِٽن، ٻُوڇڙن، بوري، ٻُهہ، ڪنڌرن، ڪڏن يا ڪڏرن، پرارو وغيره سوڌو وائرڻ جي لاءِ گڏ ڪن. ڪٽڪ جو ان لاباري ڪرڻ ڪان پوءِ لاهيارا سٽريون ڪٽي ويندا آهن، باقي جيڪي بارن ۾ ڪري پوندو آهي، سو غريب ماڻهو چونڊي پنهنجي ڪم آڻيندا آهن، ان کي ”چونڊو“ چون. ڦٽين جا بہ پڇاڙيءَ ۾ چونڊا ڪرائي، پوءِ وونئڻ پيلائي ڇڏيندا آهن، يعني وهٽن کي چرڻ جي خاص اجازت هوندي آهي.

ان وائرڻ/اوڏڻ:

هوا يا واءُ ڇڙڪبو تہ گاگڙن يا وڏن ڇڇن ۾ جن کي ڪوندا بہ ڪونين، اَن جا پري، مٿي ٻانهون جهلي لار ڪري اَن لاهڻ، اوڏڻ يا وائرڻ شروع ڪن. جنهن پاسي واءُ گهلندو، تنهن جي مٿينءَ واري تي ٿي بيهن. ان سان گڏ ٻٽ، ٻـلر ۽ ڪڏا هيٺ ڪرندا ويندا، باقي ٻُوهي، تُـهہ، ٻـُهہ اَڏامي پري وڃي پوندا. اُن ڪريل اَن کي ٻـَچو، آوت يا آورت چون. ان سان گڏ ٻـُچر يعني جن سنگن ۾ اَن

ناهي يا پکين ڪائي ڇڏيا آهن. سي آڳرتا ريڙهي پري ڪن ۽ بنگ يا پٽنگ يعني ڪچو ان بہ وائرڻ ۾ نڪري ويندو. پوءِ اُن اَن جي ڏِڳ کي "چـُـڙڪ" ڪونين، جيَ هوا نہ لڳندي آهي، تہ اَن جي ڏِڳ کي ٽنگٽين سان متي اچلي اُچلي وائرين، هن ۾ گهٽي ڏکيائي ٿيندي آهي. اهو طريقو بلڪل اٽانگو ۽ ديرائتو آهي. واءُ لڳڻ جي لاءِ هي اناٽو ڏين:

لڳ لڳ حاجي گاگڙا!

چوڙ واءُ جا ڏاڳڙا!

هڪ جڙ جي اناج کي بَچو چون. پر گهٽين جڙن جو اناج گڏيو، تہ پوءِ انهن کي "رانهہ يا راهہ" سڏين. رانهن جي سنيال ڪندڙ ماڻهوءَ کي ڪانگٽڙو ڪونين. ننڍي رانهہ کي "ڏڙ" سڏين. انهن کي چوڌاري ليڪو يا آڻ ڪڍن تہ ڪير چورائي نہ وڃي. ان ليڪي کي "رک" چون ڪي اَن جو ٻنو ٻڌي ڇڏين. سرڪاري ڀل نہ ڏيڻ جي حالت ۾ اُن ان ڪٽڻ تي بندش وجهڻ جي لاءِ "نپو يا اڳٽي" هٽي ڇڏين. اهو نپو هڪ ڪاٺ جي ڦرهيءَ تي اکر لکيل هوندا آهن. جي ڦٽين يا اناج تي مٿان پاسن کان مٽي پکيڙي،ان تي اهي ڪپيل يا نپيل اکر هٽي نشان ڪندا آهن.

ڪنڌي اناج:

هلر هلي بس ڪنڌي ۽ اناج وائرجي دنگ ٿيندو آهي، تہ ڪي غريب ماڻهو ڪنڌيءَ جو اناج هٿ ڪرڻ لاءِ ان ڪري واري جاءِ تي پهچي زمين ڪجهہ هينيري ولي ان مان داڻا چاڻي ڪڍي اچي پيٽ گذر ڪندا آهن. ڪنڌي جو مطلب آهي زمين ۾ آڏ پاسيرا پوريل داڻا.

ان جي تور ۽ بٽئي:

ان مئيندڙ کي مٽتو يا مهتو سڏين يا ڏڙوائي چون. ڏڙ تيو اَن جو ڍِڳ + وائي، معنيٰ آواز ڪندڙ. جيڪو ٽانءُ يا جهول پزي تورين ان کي ڏڙو سڏين ۽ مخالف پاسي کي وَٽَ چون. مشهور آهي تہ،

اگهہ ڪٽيو ڪائجي، پر ماڻ ڪٽيو نہ ڪائجي!

مڻ بہ وَٽَ يا تورا آهن يا ماپڻ جا هٽڻ وغيره. جنهن ڏينهن پيدائش جي بٽئي ٿيندي. ڏڙوائي ڪاٺ جو ٽويو يا ڪاسو نهيل ٽانءُ ڪٽي جيڪو جانورن جي چاري واري نڪر جي ڪونڊي وانگي هوندو آهي. ڏڙوائي جهيلدار سر سان ٽويا ڳڻڻ شروع ڪندو. هڪڙو هاري ان ريڙهي ويجهو ڪري پيو ڏيندس. هن نموني ڳڻپ ڪندو:

ڳٽپ ماپ:

او........ هيءُ......... بابرڪت! (هڪڙو)

او هيءُ ڪل جو پلو!

او....... هيءُ...... جوڙو! (ٻه)

سائين ڪندو سجوڙو!

او..... هيءُ...... ٽي!

پري پري پائرن ڪي ڏي!

او.... هيءُ...... چار!

مولا ٻيڙا ڪندئي پار!

او...... هيءُ...... پنج!

لڳي ويندا گنج!

اهڙي طرح واڪ ڏيندو پيو مئيندو. ڪي وري اتي ٽُڪون ۽ ڪَٽون پيا ڪندا، ته سورهن خرار ٿيندا، نه نه ويهه خرار پيا ڏسجن وغيره. رانهه جا چاٽو ته رڳو رانهه جي چوڌاري ٻير ٻير جي پر ۾ رکي ڦري اچي ٻڌائيندا آهن ته هيترو اناج آهي!

جي ڪنهن هاريءَ ذل لاٿي پورهيو نه ڪيو هوندو. سندس رانهه گهٽ ٻيٺل هوندي مٿس قرض جون چار ڪوڏيون چڙهيل هونديون، ته ڏڙوائي ڳٽپ ۾ پوڳ ڪندو ۽ چوندو:

او....... هيءُ....... بابرڪت! يا بها برڪت

الائجي روٽيءَ ۾ رُلايئه!

او..... هيءُ.... جوڙو!

ڪي الائجي سُمهي سڪايئه!

او..... هيءُ...... ٽي!

ڪي الائجي جهار ڪان جهاتيئه! [جهٽايئه]

او..... هيءُ....... چار!

ڪي الائجي لاٿيءَ ۾ لُٽايئه!

او...... هيءُ....... پنج!

الله ڪري ڏينڊءِ گنج!

اَن مئجي پورو ٿيو ته وڏو واڪ ڏيندا ته فلاڻي جا هيترا خرار ٿيا. ڪي هاري، رانهه مٿان نريون هڻي ڪاتو ڪندا هئا. پنجويهن ٽوين جو خرار بيهندو هو.

ڀهيون ٻانڌڻ:

ماپ تي تہ ڪيندا ڀرين خدا ڪارڻ، ڪنهن پيرواري پير، اولياءَ يا درويش جي ياني، پوءِ آيل فقير فقراءَ کي بہ ڀاتي - بہ ڀاتيون ڏيندا. ان ڪانپوءِ اهت وارن کي ڪاسبين کي حصو ملندو. جنهن ۾ مينگهواڙ، ڪنيار، لوهار ۽ حجام هوندا. پوءِ ورڇبيون ونڊيون، وهڻن جي ڏار، هارين جي ڏار، مجيريءَ جي ڏار ۽ زميندارې حصو ڪڍي ڪندا ڌار. جنهن جي پورت نہ ٿي، تہ مجيريءَ جي حصي مان ڏيئي ڪندا پورائي. هاري بہ ٻچن جي قوت لاءِ مجيري ڪان منٿ ڪري وٺندو داڻا ڪٽا ۽ ٿيندو پڪو قرضي. پوءِ مهيني سر مهيني مجيريءَ ڪان "ورو" (ورهيو) پيو وٺندو نہ تہ مليل اناج آڻي گهر ۾ گنديءَ يا پليءَ ۾ رکندو. گندي مٽيءَ جي نهيل هڪ نادي آهي، جنهن جي تر ۾ هڪ سوراخ جنهن کي آئڻ چون. ان کي اڳڙيءَ جو ليڙو ڏئي رکن ضرورت سارو ان مان ان ڪيندا آهن. قرضي هاري مجيريءَ کي چوندو تہ رهيل حساب آئندي "ڪوڏر" تي ڏيندس. مطلب تہ وتئہ اچي ڪمائي پئسا لاهيندس، پر ايندڙ سال تي! تور ۾ ٻائيتاليهہ سير مڻ جا توري ڪٽندا هئا، پر ايڪتاليهہ وڪٽندا هئا. محنتي هاريءَ کي مجيري پٽڪو ٻڌائيندو هو يا ويهہ روپيا روڪڙا ڏيندو هو. شين جي تورڻ ۽ مئڻ جون هيءُ ڪنڍيون (جدولون) رواج ۾ هيون:

جدولون

1- سون تورڻ جي:

چار مڱ برابر هڪ رتي،
آٺ رتيون برابر هڪ ماسو،
ٻارهن ماسا برابر هڪ تولو يا ڌُڪو.

2- وکر تورڻ جي:

پنج تولا برابر هڪ آنو،
چار آنا برابر هڪ پاءُ،
چار پاءَ برابر هڪ سير -
اڍائي سير برابر هڪ ڌڙي،
ٻہ ڌڙيون برابر هڪ پڏڪي،

چاليهہ سير برابر هڪ مڻ -
اَٺ مڻ برابر هڪ ڪنڌي.

3- اناج مئڻ جي:

چار چوٿايون برابر هڪ پاٽي،
چار پاٽيون برابر هڪ ٽويو،
چار ٽويا برابر هڪ ڪاسو،
سٺ ڪاسا برابر هڪ خرار،
اناويهہ مڻ برابر هڪ خرار.

4- ناڻي جي ڳڻپ جي:

پنج ڪوڏيون برابر هڪ دمڙي،
ٻہ دمڙيون برابر هڪ ڪسيرو،
ٻہ ڪسيرا برابر هڪ آڌيلو،
ٻہ آڌيلا يا ٽي پايون برابر هڪ پئسو،
ٻہ پئسا برابر هڪ ٽڪو،
ٻہ ٽڪا برابر هڪ آنو،
ٻہ آنا برابر هڪ ٻياني،
ٻہ ٻيانيون برابر هڪ پائلي،
ٻہ پائليون برابر هڪ آڌيو،
ٻہ آڌيا برابر هڪ روپيو.
پندرهن روپيا برابر هڪ گيني، [مهر، اشرفي، ۽ ساورن].

آباديءَ جي سڄي ڪاروهنوار تي چيل هڪ نظم

ڏَکينـــدو ڏول اچـــي شـــل هـــي ڏڏ ڏهـــاري،
چريـــي هـــن چنگـــل تـــي ڪنـــدو صـــاحب ســـتاري،
هـــاڻ ٻـــُـد تـــہ ٻڌايـــان تولـــي هـــي حـــال هڪـــواري:
ونـــي ير يـــڙي جـــي وجـــي ڪيـــم ڪـــُـڙمت ڪـــراري،
پٽـــي ڪوهـــي پـــوک ڪيـــم ســـهجئون ســـوياري،
چـــاڙهيم اچـــي چاهـــہ مـــان هـــت نـــار نـــرواري،
ٿـــادَ، ٿـــڪڙ، ٽنيڙيـــون، ٽنيـــا پـــرت پـــري پاجـــاري،

ڊوئي مالهه نماڻي، پاڻيءَ لوڻن لهنواري،
ڳاڏيءَ جي ڳنڪار تي لاٿم للڪاري،
چاهه سان "چنگل" چئي لاٿم ٻر ۾ بازاري،
پٽن تي پوش پيو تي ساوڪ سونهاري،
ڪپڙن ۾ ڪڙڪا ٿيا ڪئي ڪندن ڪوهياري،
بس صاحب سينگاري، هي ڌرتي ڌوڙ پري ڪٽي!

*   *   *

لڳين سڳين سهڻو ڏس ڪڪڙو ڪوهيارا،
هڪڙا ليٽڻ لٽ تي پيا ڪن پڙ تي پسارا،
هن جا قدم قرب ڀريا هئا سدا سويارا،
اڪيارڙيون اکين تي هيس هت ڪوپا موچارا،
"چنگل" چئي چريي جا ڏس چوڏاري چارا،
ماريا تنهن ميل ڪيئي نر هٽي نارا، (نعرا)
اَوَجهڙ عاقل ڳوٺ جا ڪل ڏاند ٿيا ڪارا،
حاصل ٻه همت ڪئي پر ويا وري وسوڙل ويچارا،
جنهن جي سوپ ستار ڪري تنهن سان ڪهڙا تڏ تارا،
ڪَڪڙي پنهنجي قرب سان سپ سور يا سنگهارا،
ڇهُيءَ تي "چنگل" چئي هئا چڪري جا چمڪارا،
مُهرو ڳاڏيءَ وچ ۾ پيو ڪري وَڪڙ ۽ وارا،
لٽ ليٽي ڌوڙ ۾ آيا عشقئون اويارا،
ڦرهيون ڏس فراق جون تنهن سان ونگڙا ويچارا،
لڳيون گنبيون گوندر جون تن سان ڳجهن جا ڳارا،
نهوَر ناز ڦيتا ڪيا لتا ياروٽيءَ ياڙا،
ڪانءَ ٻه رکيو قرب هو ڪيا سوئل سنيارا،
جَهلڻ جيءُ جهوري وڏو سپ ڪنيائين سر بارا،
پڙئن تي پَٽ ٻاتن سان ڪيا ڪڪڙي ڪنارا،
مالهي مالهه محبت جي پوئي ڪٽي سر ڪارا،
اڏوَهي امانُ تي پري ٻاجهه ڀريا ٻارا،

هڻ لپا چاڙهه بنا او ڪوڏر وارا!
هرَ وُڙهاسين حُب مان ڪٽي چونيون ۽ نارا،
وڍي ڪاٺ ڪهاڙيءَ سان ناهيم منهه موچارا،
خوشيءَ مان ڪانياٽيون وتي جهار ڏنم جهارا،
پڇي ڪٽڪون راس تيون پيا لس لابارا،
ڳاهه ٻڌاسون فراق جا وچڙيا ڪٽا ويچارا،
ڏيئي ڇج چوهه سان ڦاهيم ڏڙا ڏڏڪارا،
هاٺي مرشد موچارا، اولا لاهه اکين جا![1]

هارين جا اصطلاح:

پنهنجي رانهه پوکي وارو آهي!
کهڙو اڳيون جوڙو وهيو آهي؟
کهڙي ٻناري جي ڪتر هنئي اٿس؟
کهڙا ڏاندار جا ٻنا ڪڍيا اٿئي؟
کهڙو ٻناري جو پاٺي ورايو اٿئي؟
ٻنيون ۽ ونيون ڪن مَڃُن ڪان وجن!

---

[1] هيءَ نظم چنگل فقير جو آهي. (ادارو)

باب چوڏهون

سگهڙ جويُن جو پور هيو ڪار هيو

(الڪاسب حبيب الله)

[پور هيت الله جو دوست آهي]

لطيف سائين جو آخري بيت آهي تہ:

پورهيو سندو پورهيتن، والي ڪيم وڃاءِ[1]

ڀهراڙين ۾ ڦُـتي ڦوتي، لائي لاباري جي اون پلڻ ڪـان پـوءِ، شـهرن ۾ گهريتيون، گهر جي سانجهڻ ورتڻ ڪان پوءِ، ٻُـهاري سهاريءَ ۽ ڏڏي ولوڙيءَ ڪانپوءِ، ڪونہ ڪو پورهيو ضرور ڪٽي ويهي ڪنديون هيون. انهن ۾ ڪي تہ اهڙيون حاذق حڪيماڻيون يا ماهر ويڄاڻيون هونديون هيون، جو ٻارڙن جو ساٽ ڦوڪارو، ستي ڦڪي، آڌ مک، ڇن ڇڪيءَ جو هٽ هٽڻ، پني ليڙي نـاهي ٻڌڻ جا ڪم پـارٽيون سدائين پيون ڪنديون هيـون، ڇـو تـہ انهـن ڏينهيـن، وسينءَ، واهڻ، ڳوٺن شهرن ۾ هرويرو ايترا دس دفترن جا ڪين هوندا هئا، نڪي ڪي هيون ايتريون اڪيچار اسپتالون. بس، هيءَ ئي هُـذن واريون هاتڪون هيون.

پيون وري هيون پورهيتيون مائيون، جي ٿورڙي ئي اجوري ملڻ تي ڪنهـن بہ ڪار ڪي لڳي وڃڻ عيب ڪيـن سمجهنديون هيون. انهـن ۾ چرخو ڪتڻ، ڇنڊڇڙ، ڏري پيسائي، ڇر پرت، سرمو ستارو، زري مقيش، ڪپڙو سبڻ، ڪيچ ڪورڻ، اوبرا اوبڻ، رليون ڳنڍڻ، اڳٺ اُٽڻ، سيون جوڙڻ، بيڙيون ٻڌڻ ۽ ٻيا عام پورهيي جا ڪم ڪرڻ سندن شيوو هو. لطيف سائين چيو آهي تہ:

ڪاپائتي قرار، منجهان پورهيئي آيو[2]

چرخو چورڻ

آتڻ ۽ چرخو:

هـو آتـڻ، هـو چرخو، هـو اورڻ اولاڪـو،
صبح سياڪو، سرتيون ڪيم وسارجو!

---

[1] ۽ [2] نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

چرخي کي، ارٽ، ائيٽ ۽ پيرم بہ چيو ويندو آهي، ۽ چرخي ڦيرائڻ کي پيرم پيرڻ پڻ سڏين. ڪپاھ ڪتيندڙ جوءِ کي ”ڪاپائتي، ۽ ڪتڻ جي عيوضي يا اُجوري کي ”ڪاپو“ ڪونين. جنهن هنڌ ويهي ڪپهہ ڪتجي، ان کي سڏين آتڻ [آسڻ] بنان منديءَ واري ائٽ کي پرٽ چون. زالون گهرو ڪم ڪار ڪان وانديون ۽ آجيون ٿي آتڻ ۾ اينديون. اتي ڪنهن وٽ چرخو هوندو تہ ڪنهن وٽ ارٽي تہ ڪنهن وٽ اوبرا هوندا. پوءِ چرخي واري ڪپهہ ويٺي ڪتيندي، ڪا لوليها [ڪپهہ جون نوڙ وانگر وٽون] جوڙيندي تہ ڪا ڪپهہ جون پوڻيون يعني تاڪيل پها تہ ڪا پانديون [ڪپهہ جا ٻُڙا] پئہ ناهيندي.

ارٽي: ڪاٺ جي داٻڙيءَ تي ٻہ هڪجيڏيون ٿنڀيون جن کي مُونا بہ چون، جي سل چوڙ وسيلي ڪُتل هوندا آهن. اهي ڏيڍ فوٽ کن ڊگها ٿين، ٻنهي جي چوٽيءَ کان ٿورو هينيرو ٻہ ٻہ ٻٽا سوراخ جي آگرين پائڻ واري ٻيلهڙي وانگر پيا ڏسڻ ۾ ايندا. انهن مان هينئين تنگ ۾ هڪڙي ويلڻ جهڙي ڊگهي ڪاٺي ۽ مٿئين ۾ لوهہ جي گول ڌريءَ جهڙي سيخ پيل هوندي آهي. اهي ٻئي لابتہ نهڪي بيٺل هونديون آهن، پر سخت ڦِنڊيل نہ. البت لچڪيدار رهنديون آهن. انهن ٻنهي جي وچ ۾ زال ڦٽيءَ جو ٻُڙو ڏيندي ۽ مُوني جي ٻاهرين پاسي (جيئن درن کي پيراتي بند ڪرڻ لاءِ رکبي آهي) ساڳي انهيءَ نموني مڪڙي يا هٿي هوندي اٿس. ان کي جهلي اوٽ ڪوري يعني ارٽيءَ کي پيٺي ڦيرائيندي تہ ڪپهہ ڪاٺ واري ويلڻ کي ڦيري ۾ ڇهٽي بيهندي ۽ ڪڪڙو ڪُسي ڪُسي هيٺ ڪري پوندو. پوءِ ڪپهہ روڙي لاهي جدا رکندي ويندي.

چرخي جي بناوت:

آيو ڪونہ چرخو چريءَ کي ڪتڻ ۾،
ويو وقت گذري سڙيءَ جو سمهڻ ۾.

چرخو، هڪ آڏي رکيل داٻڙي تي ٻہ مُونا سل چوڙ وسيلي ڦهڪايل هوندا آهن. انهن مُونن جي چوٽيءَ کان هينيرو هڪڙو هڪڙو ٽونگ نڪتل هوندو اٿن، جنهن ۾ هڪ ويلڻ وانگر اوپارو تلهي ڊِڊر ڪاني، جنهن جي وچ مان لوهہ جي سيخ نڪتل هوندي آهي، انهن ۾ اٽڪائي رکندا آهن. لوهہ جي سيخ بدران جي ڪاني پيل هوندي، تہ ان کي اوراڪ چون. جيئن ڪوُهہ جي پوئڻ اوراڪ تي ڦرندي آهي. انهيءَ کي ڳجهہ ڪونين. ڳجهہ جي ٻنهي پاسن کان چار چار يا

ڇهه ڇهه ڦرها /پريا جي مستطيل لڪ واريون پٽيون آهن ۽ ڪنارا نيپل اٽن ۽ وچ ۾ ٽونگ ٽيل اٽن، سي سيخ ۾ پوندا آهن. پوءِ انهن کي هڪبئي جي آڏو، تاڏو بيهاري نيپل ڪنارن کي هڪڙي پڪي ڏور يا ٻاٽڙ ڦيرائي قابو ڪندا آهن ۽ ٻاهرين پاسي هڪڙي مُوني جي، مڪڙي هٿي ارٽيءَ جي هٿيءَ وانگر يا گولائي واري بيضوي برش جي ڪاٺ جي تري وانگر هوندي آهي، سا سل چوڙ وسيلي ڳنڍيل هوندي آهي. ان ارٽ جي حصي کي ”چڪر“ چون ۽ ٻئي ڏابڙي تي مونا لڳل هوندا آهن. اهو ڏابڙو چڪر واري ڏابڙي سان ٻن يا هڪ ايسوٽي يا ٻانهين وسيلي ڳنڍيل ۽ جڪڙيل هوندو آهي. ٻي ڏابڙي جي ٽن مُونن مان ٻه ٻاهريان هڪجيڏا ۽ ٽيون وچون وڏو، وچ ۾ خال ٽيل هوندو آهي. جنهن خال کي ”ونگ“ سڏين. پاسن وارن مونن ۾ لوهه جي تڪ چموٽين [ڪوڪڙين] ۾ اٽڪي بيهندي آهي ۽ پئي ڦرندي آهي، تڪ. لوهه جي چهنبدار ڊگهڙي سنهڙي سيخ آهي، جنهن جو وچ ٿلهيرو آهي، جنهن تي ريڙون يا ڏاڳا ويڙهيل هوندا اٿس ۽ چڪر مان هڪ ڏور جنهن کي ”مالهه“ ڪوٺين، هار وانگر ڦرندي، ونگ مان نڪري تڪ جي ٿلهير ياڳي تي وراڪو ڪائي پئي ڦيرائيندي اٿس. تڪ جو هڪڙو پاسو ڊگهو جنهن پاسي ڪپهه ڪتجي سڄو ٻانهن جيڏو ڊگهو سٽ جو ٽيندو آهي، تنهن کي ”لاٽ“ چون.

ڪتڻ:

ڇرخو چوري ڪت ڪا تار!

ڪاپائتي هڪڙي هٿ سان چرخو پئي هلائيندي ۽ ٻئي هٿ سان ڪپاهه جو لوليهو يا پاندي ڪٽي تڪ جي منهن ۾ ڏيندي تہ ڪپهه وٽ ڪائي سڄو بنجي ويندي، سڄو گهٽو ٿيو تہ ارٽ جهلي ابتو ڦيرو ڏيندي ۽ تڪ ۾ پيل ناڙي/نڙانديءَ تي [جا ناڙيءَ جي ڪانيءَ مان يُڪا يُڪا ڪيل هوندي يا ناڙي جي ول جا ڪيل ٽڪرا سڪائي ناهبي آهي، هنن جو پيٽ پورو هوندو آهي ۽ تڪ منجهانئن لنگهندي آهي] ويڙهي، وري سُبتو ڦيرو ڏيئي ڪپهه جي پوٽي هلائيندي. ٿورو ذرو ڪپهه جو بچيو تہ ساڻس يڪدم ٻي پوٽي ڳنڍيندي ويندي ۽ ڏاڳو يا لاٽ ٻانهن ڊگهي ڪري اڌ پرهه ڊيگهه ۾ ڪيندي يا ان کي هٿ تي وراڪو ڏيئي ڦورو ڪري پوءِ نڙانديءَ تي چاڙهيندي ۽ ناڙي ڀري، تہ اها لاهي ٻي اٽڪائيندي، ڏاڳي نڪرندي ڪتي لسي تند بجاءِ تمام سنهڙي ٿي ويئي، تہ

ان کي ”لينجهہ“ ڪونينديون ۽ لينجهہ چني ڇڏينديون، پر جي ڪتي تلهيري تند تي تہ ان کي ”پڙو“ سڏينديون. پـڙي کي پيجي وري هلڪو ۽ هڪساريڪو ڪري هلائينديون، پر ڪتي تـند وٽ تي وَٽ ڪـائي وينديون آهي، تہ انهيءَ کـي وري ”رونديو“ چون. رونڊيو روڙي يا ڪولي پوءِ تند هلائينديون ۽ جي مونجهہ تند ۾ تينديون، تہ اها چني اُميٺ ڏيئي ڪتڻ جي ڪـار ڪنديون. جڏهن ڦورا نهندا تہ واپـاريءَ کـي ڏيئـي پنهنجـو محنتـاڻو وٺـي اينـديون. سٺ سڦرو اهـو جيڪـو هڪساريڪو هجي ۽ لڙاٽيل نہ هجي.

چـــو اوڳـــي ڇڏيئـــہ ارٽ الاٽـــي،
جـيءَ جـُسـو ويهـہ تنهـن سـين واٽــي،
توبهـہ توبهـہ ڪيـو تنـد پئـي تـاٽي،
لينجهـــہ پـــڙي ڪـــڍ چنـــي چـــاٽي،
هـــر دم حـــق جـــي تنـــد تنـــوار،
چرخـــو چـــوري ڪـــت ڪـــا تـــار.

چرخي جي مالهہ لاهي ڇڏين تہ چون چرخو اولاٽي ڇڏيو اٿم. جي اُليڙيو تہ محاورو يا پهاڪو ڏين تہ ”مونا ڦرها ڏار ڪري ڇڏيائين تڪ ۾ وَر پيو تہ تند وٽجي، نهي نہ سگهندي آهي، جيستائين ور نڪري.

پيسائي:

اَن ڏرڻ: ڪي پورهيتون وري اناج جي ڏرڻ، ڇڙڻ ڇنڊڻ ۽ پيهڻ جو ڪم چڱو موچارو ڪنديون هيون.[1]

سارين جي ڏرائي خاص طرح تيندي هئي. سارين جي لـُـبي اڄڻ تي اهي ڪرين ۾ گڏ ڪندا هئا. پوءِ پورهيتوڻ ڪرين تي وجي سارين کي ڏري تهہ ۽ توتڙ ڪيڍي ڏار ڪنديون هيون ۽ انهن مان نڪتل چانورن کي ڪورا چانور ڪوٺيو ويندو هو. اهي جنڊيءَ تي ڏربا هئا.

جنڊي:

جنڊي، نڪر جا ٻہ پڙ جنڊ وانگر پر ان کان وڏا هوندا آهن ۽ ڪنيـار آويءَ ۾ وجهي پچائيندو آهي. هـن جي ٻنهي پڙن جي پيٽ تي چـُـگهہ چـُـگهہ تيل هوندا آهن. زالون هڪ مٽيءَ جو ڍير بنائي ان کي ماٽ يا ڍيبو سڏين ۽ ان جي

---

[1] هينئر تہ سڄو ملڪ مشينون ئي مشينون ٿي ويو آهي. (ٻ آڪ)

مٿان جنڊيءَ جو هيٺيون پڙ ڦهڪائي ڄمائي ڇڏين، جو آلي مٽيءَ ۾ ڪپي بيهندو. پوءِ ان جي ”ڪمر“ [وچ واري ٽونگ ۾] گهڙيل ڪاٺي ڪلو يا ڪير نوڪي ويهارين ۽ مٿان ٻيو پڙ جنهن جي وچ وارو خال يا ٻاڙڪ موڪرو يعني ويڪرو هوندو آهي، ان کي ڳاري سڏين. ان ڳاريءَ جي وچ ۾ مٺ جيتري مڪعب گهڙيل ڇليل لڪ تيل ڪاٺي جنهن جي وچ ۾ سوراخ سڪيل هوندو آهي، سا نوڪي ڳاريءَ ۾ ويهاريندا ۽ وچون سوراخ هيٺئين پڙ جي ڪير ۾ وڌو ويندو. مٿئين پڙ جي ڪناري لڳ پڻ هڪ ٽونگ هوندو، جنهن ۾ هڪ گهڙيل ۽ رنديل ڏڪر جنهن کي هٿيو چون، سو ڪپائي، ان کي جهلي پورهيت جنڊي ڦيرائڻ شروع ڪندي ۽ هڪ هٿ سان ڦيرائڻ ۽ ٻئي سان اَن جي لپ ڀري ڳاريءَ ۾ پئي وجهندي ساريون ڏرجي هيٺ پيون ڍهنديون.

ڇڙڻ چنڊ:

ساريون ڏرجي ويون تہ ڪونڊن يا ڇڄن ۾ وجهي [جي سرَ جي تيلين مان نهيل هوندا آهن] انهن کي ڇنڊڪا ڏيئي تاربو، تہ تهہ ۾ توتڙ اڏامي ويندا ۽ چانورن کي هڪ هنڌ ڍير ڪري پيون رکنديون. پوءِ انهن کي ڇينڊيون ۽ ڇڙڻ لاءِ اکري يا ننگهہ ڪم آڻين.

اُکري / ننگهہ:

اُکري نکر جي نهيل هوندي آهي، ڪنيار نهائينءَ ۾ پچائيندا آهن. هن جو منهن ويڪرو خلاصو فوٽي جي بونب وانگر ۽ هيٺيون حصو سوڙهي تر وارو جاڏو هوندو اٿس. ننگهہ، پڻ اکريءَ جي هيٺئين حصي وانگر جمني يا پيالي واري گولائي مڪعب پٿر جي گهڙيل تڪيل هوندي آهي. هن کي زمين ۾ مضبوط ڪري پوري، مٿان لنبي ڇڏين. جڏهن سڪندي آهي، تہ زالون اَن جي ٻڪي يا واڌائي وجهي ويهي اناج ڇڙين. ڇڙڻ ۾ ڪڏهن ٻہ ٻہ ڄڻيون ٿي ويهن. سندن هٿن ۾ ڪاٺ جي گول اڀائي فوٽ کن گهڙيل گهريتڙي جيت وانگي وچ سنهون ڪپيل جنهن ۾ مٺ وجهي سوگهي جهلين ۽ پاسا تلها ۽ گول هوندا اٿس. تنهن ۾ مٺ ڦاسائي مٿان ڪان ڪري پري ننگهہ يا اُکريءَ جي پيالي واري مرڪز يا تڙ تي هٿن ۽ هڪ هٿ سان چانورن کي اٿلائين پٿلائين، تان، چانورن تان چنو لهي ويندو ۽ چانور اڇا جهڙا ٻنگ تي بيهندا. جڏهن سيئي ڇڙجي ويا تہ وري سُپ يا ڇڄ ۾ وجهي تاري ڇنڊڪا ڏيئي چنو ڪڍي وننديون. چانورن ڪان سواءِ ڪٽڪ، ٻاجهر ۽ جوئر کي بہ زالون اُکريءَ ۾ وجهي ٻہ ٽي ڌڪ ڌڪ هڻي، پوءِ ڇنڊينديون آهن تہ انهن مان مٽي پتر ۽ ڪک ڪاڳر

چنڊڻ سان يڪدم نڪري ويندا آهن. ماني پچائڻ خاطر اناجن کي جنڊ ۾ وجهي پيهنديون ۽ اٽو ڪنديون آهن.

جنڊ:

هن جا ٻه پڙ پٿر جا ٺهيل هوندا آهن. هيٺيون پڙ ڏڙَ کي آليءَ مٽيءَ جو ڍيڀو يا ماٽ ناهي، اها مٽي نڪر جي تار يا تانئر جي وچ تي رکي ان جي مٿان پڙ سوگهو ڪري ڄمائبو آهي. هيٺئين پڙ جي وچ ۾ هڪ ننڍڙو سوراخ هوندو آهي. ان سوراخ ۾ ڪاٺيون اڳڙين سان ويڙهي وجهي جن کي چپرون، چون پوءِ لوهه جو ڪير يا ڪلو ٺوڪي لڳائبو آهي، ان کي "ڪمر" ڪونين. مٿئين پڙ جي وچ ۾ هڪڙو وڏو ڳارڪ (سوراخ) ٿئي، جنهن کي ڳاري چون. ان ڳاريءَ ۾ مڪعب مٺ ڪاٺيءَ جي گهڙيل لچڪدار جنهن کي وچ ۾ ٿونگ سليل هوندو آهي، سا وچ ڳاري ۾ جڪڙي ويهارين ۽ ان جو ٿونگ ڪير ۾ وجهن. ان مٺ کي "مڪڙي" ڪونين. ڪير جي مٿان ٻيو هڪڙو گهڙيل ٽڪرو هوندو آهي، [جنهن جي وچ ۾ پيالي وارو ٿونگ ٿئي ۽ پاسا نپيل هوندا اٿس] جنهن کي مڪڙو /مڪڙ جهڙو ڪري ڪونين. آڻ يعني لوهي چلي سان مڪڙيءَ جي ڪڪ مان هار وانگر ڏورا، هڪڙو هڪڙي پاسي ۽ ٻيو ٻي پاسي کان وجهن، جن کي جوٽا ٻه چون. اهي جوٽا، مڪڙي وارن نپيل پاسن کي ڦيرائي، پوءِ ڏورن جي پوري وچ تي ڏاڍيريون اٽڪون باجر چانپيون [جن کي آڪيڙا يا آريڪا ڪونين] ڏيئي وٽ چاڙهين. ان وٽ ڏيڻ جي جنڊ جي مٿي ڪٽڻ ڪونين. هن ڪري جنڊ هلڪو يا ڳرو ٿيندو آهي. مٿئين پڙ جي پاسي جي ڪناري ۾ ٻيو ٻه ننڍڙو ٿونگ ٿيندو آهي، جنهن ۾ هڪڙو ڏيڍ فوٽ ڪن جو گهڙيل ۽ رنديل ڏڪر کي هٿيو سڏين، وجهي زال ماڻهو جنڊکي ڦيرندي آهي ۽ ٻئي هٿ سان ان جي لپ ڳاريءَ ۾ پئي وجهندي آهي.

اَنُ - پيهڻ:

زالون گهڻو ڪري جنڊ آسر ڪان پوءِ اٽي پيهنديون آهن. ان مهل جنڊ جوگرڙاٽ اهڙو سريلو ۽ وڻندڙ هوندو آهي، جو ننڊ جا گهيرٽ چڙهي ويندا آهن. جنڊ هاري، سُپُ اَن جو پري پاسي ۾ رکي هڪڙي جوٽ سڏي ۽ هڪڙي ٽنگ پکيڙي پيهڻ ويهندي. لپ پريندي ڳاريءَ ۾ پئي وجهندي، اَن پيسندو تار ۾ پيو ڳڏ ٿيندو. جڏهن جنڊ اُڏاٽيندي تہ هڪڙو اڳڙيءَ ٽڪر جنهن کي "نائو" سڏين، سو ڳاريءَ ۾ وجهي ٽڪڙا ٽڪڙا ڦيرا ڏيندي تہ سمورو رهيل اَن وجي پڙن ۾

پوندو ۽ پيسجي ويندو. جنڊ جهلي انهيءَ نائي سان پيٺل اٽو ميڙي ڪيڏي طس پري رکندي.

زالن کان جيڪي جنڊ ٿيون ڪين جي ڪنهن دير مدار بابت ڪٿي پڇبو آهي، تہ ڪيترو وقت لڳو تہ امالڪ چونديون بن پاٿين يا ٽويي پيهڻ جيتري دير لڳي هوندي. گويا جنڊ پيهڻ بہ گهڙيال جو ڪم ڏيندو هو.

محاورو: (جنڊ اباٽو تہ بہ وار ورائتي)

سئيءَ جو پور هيو:

”سگهڙ زالون ۽ نياڻيون گهر جي ڪم حاج مان وانديون ٿي ڪري، پرت پرينديون، هٿ سان ڪپڙا سبنديون، ڪي سنڌي ٽوپيون ٺاهينديون، ڪي گج ۽ گهگها پرينديون، پرت بہ نت نوان هر ميچ، دوسوتي، ستارا، مڪيش، سلميٰ ستاري وارا نت نوان نمونا نور نچوئي جوڙينديون. سنڌ ۾ اهڙو هنر بہ آهي جيڪو دنيا جي آڏو هن جا نمونا آڻجن تہ هڪ عالم دنگ رهجي وڃي.“[1]

ڪپڙو سبڻ:

گودڙاڙ سلوارون، جن جا ڏر وهيٺي، پوءِ هٿ جي بخيي تي ويهي سبنديون هيون. ڏگها پهراڻ، جن جي ڳچي ڪابي پاسي تي ڪئون يا ڪَهِني بيڙي تي، پاسن ۾ بالا، ڪڇن ۾ ڪيورايون پانهوڙيون خلاصيون رکنديون هيون. چولا جن تي قيطون ڪارو لڳايو ويندو هو ۽ قميصون جن جي ڳلي پٽي (گلفي) قناويز ريشمي ڪپڙي جي رکنديون هيون يا لسو ڳلو هرڪ جي پٽيءَ سان ڪاچ بيڙا ٽانڪي ڪنديون هيون: قميص يا چولي ڪي هينان ڳچيءَ جي گول ٽڪرو اَستر وانگر بہ رکنديون هيون، جنهن کي ”مَلو“ ڪوٺين. ڪن چولن کي مغزي يا طُوئي رکنديون هيون.

اجرڪن، کيسن ۽ ڪتن جي بن ٽڪن کي ڳنڍڻ جي لاءِ ڪندڙو، ڪيل يا ڪير ريشمي يا سوٽي ڌاڳو هٽي ملائينديون هيون.

پرت پرڻ:

سٿڻ جا پير، چولن جون ڳچيون، گج، لاوٽيون پيٽيون، قصابا [ڪسابا]، ٽوپيون، بوڇٽيون، ڪمربند، آڳا، بانهون، پيس جتين جون مٽيون ڪلون، رومال، سبوٽ چولا وغيره هرميچ جي پورن سان ڇري، ويهي پرينديون هيون.

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

پور:

ڪاٺ جي ننڍين ننڍين دوڳين تي ڪاريگر هنن قسمن جا پور ويهي اُڪيريندا آهن. هرمچي جا: پڳڙو، پيٽ قاتو، قلي، قول، قلڪاري، گل، گلڪاري، ول، ٿـ مڪي، چوءمڪي، پتاشو، ٻُڙي، پنڪڙي، لام، جنجيرو، ڪان پيرو، پوپٽ، مسڪرو، نانگ ڦڻ، مورڪنپ، تڪندي، ڪوٽ، اڏڪوٽ، منوڪوٽ، پرٽو، ڏڳني، تائيت، دلپاڪ وغيره. ان ڪان سواءِ پرت ۾ ڪنگري ۽ وَٽ ٻـ پرينديون هيون، جن جو پور نـ ٿيندو هو. ٻيا هيءَ قسم ٽوپي ۽ پرت جا هئا: آنڪڻ، بادامچو، بادلو، اُرمو، اوتي، ٻـهي، اُرمڙو، اڏچني، اڏڙي، ٻيڙو، هيـج، سينابند، ٻاٿوريا، ڪُڻ، ٻوتا، پوتيون، ٻوٽيڙيون، ٻتو ڪڻ، ٻهرال، ٻلانگڙي، ٻيجوڙو ۽ بغدادي. انهيءَ پرت ڪي اهڙو سهڻو سوڏائي ۾ پريو ويندو هو، جو ڪنهن منهـ مارڪي ۾ اهڙا پرت ڏسيو اڪيون پيون ٺرنديون هيون. زالن جا وات قاتي ويندا هئا. هاسيڪار [حاصل ڪار] هلي وجي انهن ڪاريگرياڻين جو ڏس پنڌ پڇي پاڻ پرت پرائيندين هيون.

"سنڌي پرت ۾ "هرمچ" خاص پرت ليکيو وڃي ٿو. هن پرت سڪڻ مهل سگهڙ زالون سيڪڙان نياڻين ڪي پهرئين پـڳڙو، پوءِ ليڪ [پڳڙي جي لائين] پوءِ پيٽ قاتي ان ڪان پوءِ قُلي. ان ريت هوريان هوريان هرمچ پرڻ ۾ پڙ ٿيڻ تي، ڪبي ۽ ڪبي ول ۽ اهڙا ٻيا انيڪ نمونا سيڪاريا ويندا آهن. "هرمچ" سان گڏ ٽـڪ پرڻ ٻـ سيڪاريو ويندو آهي. ٽـڪُ پهرين ڪچي ڪئي ويندي آهي، انهيءَ ڪچي ڪرڻ ۾ ٽـڪُ مٿان، ڇهـ ڪندون سٽارو سُئي ڏاڳي سان ناهيو ويندو آهي، انهيءَ ستاري ڪي پوءِ ساڳئي ڏاڳي ڪندڙي هڻڻ ۽ اُرمو ورائڻ واري نموني سان پڪو ڪيو ويندو آهي."[1]

رليون سبڻ:

سنڌ ديس جي رلي چئي ڪٽي بس ڪر! اڄ ٻـ هتان جون مايون صحابتون اهو پورهيو ڪنديون اچن. رليءَ سبڻ جي لاءِ ڪنهن وقت اوڙي پاڙي جون جويون هڪ هنڌ اچي ڪٺيون ٿينديون. ڪو تڏو توئري وڇائي رلي پٽارينديون. رليءَ جا ٽي حصا ٿيندا آهن: هڪڙو هينيون پڙ جنهن ڪي ٽُر ٻـ چون، جيڪو لسوئي لسو ڳنڍيل هوندو آهي، يا ڪنهن چادر يا اجرڪ اڌوراٽيءَ ڪي ڏوئي بنائينديون، ٻيو ليهـ. چنل قاتل ريڙون اڳڙيون جن ڪي پـَچ چون، سي هيٺئين پڙ مٿان وڇائي پرتي ڪن. اها پرتي سڄي رليءَ ۾ هڪ ساريڪي هوندي آهي.

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

ٿيون ٿئي مٿيون پُڙ جو رنگارنگي ٽڪرين تي ڳنڍيل يا سبيل ٿئي، ان جي پاسن کان بازار ۾ گڏيون رکيل هونديون آهن. اهو مٿيون پر پڇن مٿان رکي پوء ٿوپو ڏيڻ شروع ڪنديون. هر هڪ ٿوپو سڌائي پور وچوٽ پيو لڳندو. رلين جا نالا: مٿئين پڙ جي بناوت موجب رکيل هوندا آهن، مثلاً فرش گل، چنڊ تارو، چوپڙ ڍارا، اُٺ ڪجائو، نٽ بولو، گدري ڦار، لوڙهي ٽپ، پت ٽپ، ڪجي، لهر، هندورو، اندلٺ، چاندوڪي، رات ڏينهن، ڪانگ پيرو وغيره. انهن سيني کي "ٽڪرين تي ڳنڍيل رليون، چئبو آهي، سنڌ ۾ ننڍن ۽ سنهن رنگين ڪپڙن جي ٽڪرن سان نهيل جوڳين جون رليون مشهور آهن. جوڳياڻيون ڦنڊا ننڍا رنگين چنڊ ناهي، وچان جوڙينديون وينديون، انهن ۾ چوڪور ۽ ٽڪنڊن ٽڪرن جو لهرون سنڌ جو عجيب فن آهي. جو فن جو دنيا ۾ مثال ناهي[1] . بيون ٽين ڪٽاهه تي رليون، جن جون وچون چوڪنڙيون ڪتريل ۽ پرت پريل ٽين ۽ ٽيون اُکر يا ڪتر تي رليون، جن لاءِ وري چورس ڪپڙي جي مٿان قلڪاري ڪتريل يا جاميٽريءَ واريون شڪليون ڪتري، اهو چنبي جو چنبو ٽڪرُ پڙ مٿان رکي ٽڦي ڪناريون ورائي زالون سبي سوگهو ڪنديون آهن، انهن رلين کي ٽُڪ واريون رليون چيو ويندو آهي. رلين ۾ ٽر پاسي جي رلين جو سيبو يا ٿوپو اهڙو تہ پيو وٽندو آهي، جهڙا سيلاني موتي پوئي ڪٽي رکيا اٿن. انهيءَ لاءِ اتان جي رلين جي لاءِ چون تہ اُٺ ناٽي جو ٽيون لهن!

سرمو ستارو /سلما ستارا ۽ ٻيا پرت پرڻ:

ڪپڙن، اونڌرن، وڳن، وسين، جورن تي وڏا وڏا ماڻهو ۽ شاهوڪار، سينيون، وڏيرا ۽ ٽيسنگ گڙنگ شادين مرادين لاءِ زري يا زر دوزيءَ جي ڪم ۾ ڏورن، سُرمي ستاري جو ڪم يا مڪيش، مُڪو، ستارا، دبڪو، هرمچ جو ڪم ڪرائيندا آهن. اهو ڪم ڪاٺ جي قالب [فريم] جنهن کي ڪارچوب چون. ان تي ڪپڙي کي ڇڪي ٽانڪي پوءِ سئيءَ سان ويهي مٿيون زردوزيءَ جو سامان وندي وريچي گلن پکين ۽ ولن ڪنارين جي پرپ ڪبي آهي. اهي ڪپڙا هزارين روپيا ڪائيندا آهن، جو تہ اهي شيون سچيون هونديون آهن. پراڻي ٽيڻ ڪان پوءِ بہ وڪامي وينديون آهن.

پر ڪي غريب قومون اوڏ، سامي وغيره سرمي ستاري بدران ڪچ ڪوڏيون، ٽڪون، ٽوئنر، جهاٻا ۽ جهوڙا رکائين.

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

موتين جي پوچ:

اسان وٽ موتين جو ڪم گهڻو تڻو هار سينگار جي وٿن تي ٿئي ٿو. مثلاً زالن جي چوٽيءَ ۾ ٻڌڻ جون سڳيون. سرون، هار، ڪنڊليون، سرميداڻيون، وڇٽين جا تر ۽ ڳن. اڳنن جون نريون ۽ گر وغيره ۾ هوشيار زالون موتين جي پوچ مڙهه به ڪنديون آهن. پر ننگرپارڪر تعلقي ۾ لونگن، سوپارين، ڦوٽن، بادامين، آرسين، دبلين وغيره تي رنگارنگي موتين جي پوچ ڪئي ويندي آهي. بعضي ڪن پردن تي موتين جي پوچ جا پکي، جيت، پوپٽ، گل، ٻوٽا، ولون به ناهيون وينديون آهن. اهو ڪم انهن گجرن جو ڏسڻ وٽان آهي!

اڳٽ اُٽڻ:

اڳٽن جي گهرج تمام گهڻي قدر آهي. اها ستڻ کهڙي جنهن ۾ اڳٽ نه هجي! ستڻ پائي ته اڳٽ اوس ڏاري! اڳٽ ڪي ڪي وري اناڳ به چون. نه رڳو ستڻ ۾ پر اڳٽ ٻين شين ٻڌڻ جي ڪمن ۾ به اچي ٿو.

پنهڙ / اڳٽ:

هنن اڳٽن جي ڪوري، تاجي ڪڍي، ان ۾ جهڙو گل رکائڻ چاهيندا، اهڙي نموني جي چونڊ ڪري چيڙيون يعني تاس جون چورس ڪٽيل طاقيون يا پٽيون، جن کي ڪندن وٽ لوهي ڪلف جي چاٻيءَ وجهڻ واري خاني جهڙا سوراخ ٿيل هوندا آهن ۽ ان جي پوئتان ڌاڳن کي ڌار ڪرڻ جي لاءِ ڪاٺ جي ڦٽي پيل هوندي آهي ۽ ڪل سؤ اڳنن جو آڏو، ناهڻ يا اُٽڻ جي لاءِ اوڇي وارين کي موڪليندا آهن.

اُٽندڙ عورت، هرهڪ اڳٽ جي ڊيگهه واري پيچاڙي سرڪڻ ڳنڍ سان ڪليءَ ۾ اٽڪائي، هڪڙو ٽڪر جو لوٽو، طس يا دڪي اونڌي ڪري ان جي مٿان آڏو رکي، اڏي جي منڍ وارو اڳٽ پنهنجيءَ سيڻءَ جوٽ تي ڪپڙو، ڦڙڪو يا چمڙي ٽڪر رکي، ان تان ڦيرائي سوگهو جهلي، هڪڙي هٿ ۾ ڪانيءَ جي هٿي جا ڪاتي رانگر ٿيندي آهي، جنهن سان نوڪ ڏيئي اوڇي کي ڳتيندي ۽ ٻئي هٿ ۾ سٽ جي ڳوٽي جهلي تاجيءَ جي پيٽ مان اُڪاريندي ۽ چيڙين کي ڦيرو ڏيئي مٿان هٿيءَ جي ٻنوڪ ڏيندي، ته سڳا هيٺ وارا مٿي ۽ مٿي وارا هيٺ لهي تاجي جو پيٽ پيا ناهيندا. جڏهن سڄو اڳٽ اُٽجي پورو ٿيندو ته سرڪڻ وجهي بند ڏيئي ڪجهه پوڇڙ لاءِ ٽڪر ڇڏي وري ٻيو اٽڻ لڳندي، تان جو ٻن ٽن ڏينهن ۾ آڏو اُٽي ختم ڪندي. گلن وارن اڳنن جو محنتاڻو سنوالو (جهجهو) ملندس ۽

لسن جو ڪجهه گهٽ ملندو. پنهنڙ اڳنن تي گلن رکڻ جو هنر نصرپور ۾ تمام هوشيار ۽ ڪاريگر زالون ڪنديون آهن.

چارياوان اڳٺ:

هنن اڳنن جي لاءِ پهريائين چار ڪليون ڏرتيءَ تي کوڙيون. جن جي شڪل هن ريت ٺڪندي بيهندي. ٻه ڪليون آمهون سامهون، پر پري ڇڏيون ۽ ٻه هڪٻئي جي پير ۾ هونديون. پوءِ تاڃيءَ جو سُٽ ڪِلين تي ويڙهبو وڃبو. جتي ٻه ڪِليون ويجهيون آهن، اتي ڏاڳو لاماٽ ٿيندو يعني هڪٻئي مٿان آڏو ٿي اُڪرندو. انهيءَ جاءِ کي "دم" نالو ڏين ۽ اهو دم ٿي پهريون اوڄي جو خانو ٿي بيهندو. سڄي اڳٺ جي تاڃي هار وانگر نڪتل هوندي آهي. اها تاڃي ڪي زالون وري ڪاٺ جي مٿئينءَ شڪل وانگر نڪتل ڪارچُوب تي ٻڌ ڪنديون آهن. اهي ڪاٺ جي ٻانهين يا ايسن ۾ ڪاٺ جون ڪليون ٻلائيتون ڪتل هونديون آهن. تاڃي سُٽ، ڪشميري توڙي ريشمي پٽ جي ڪڍي ڪم آٿي سگهبي آهي. ڪا صاف سفيد ته ڪا وري رنگ برنگي ٿيندي آهي. ان جا ويڙهيل ڍيرا هوندا آهن. نڪتل تاڃي وري اڳنن واري قالب يا ٻي ڪارچوب تي چاڙهبي آهي. ان جي شڪل هن نموني هوندي آهي. ٻارن جي کوڙن جي منجڻ وانگي جيڪا اسڪولن ۾ ارٽ مٿيڪان نالي سان مشهور آهي. ان منجڻ جون مٿيون پٽيون ڇپٽريون ڇيپاٽون هونديون آهن. جن ۾ هڪڙي چورس دامن يا چورسو گهرگهلو هيٺ مٿي پيو ٿيندو آهي، اڳٺ کي ڍرو ڪرڻ واسطي هيٺ لاهبو اٿس ۽ ڇڪي رکڻ لاءِ مٿي ڪبو اٿس، پوءِ ڇيپاٽن ۾ ٿيل ٽنگن مان ٻن ۾ ڪوڪا وجهي، چورسو ٻلائتو بيهاربو آهي. دامن کان هيٺ رڳو فريم يا قالب آهي. اڳٺ اُڻڻ مهل اها دامن ڍري ڪبي، ته اڳٺ جهول هٽي بيهندو ۽ اٺندڙ عورت تاڃي هڪڙي هٿ تي پڪيڙي جهلي، ٻئي هٿ سان تندن کي لاماٺ ڪرڻ شروع ڪندي يعني هڪڙيون هيٺ ڇڏيندي ته ٻيون مٿي ڪٺندي، پر اها چونڊ نمبروار واري پئي ڪندي. برَجو اوڄو پورو ٿيو ته ڪانهه جي ڪاني اوڄي کي آڏي ڏيئي مٿي ڇڪي بيهاريندي ويندي. سارو قالب ڪانين سان پريو ته اوڄو ڳُتيندي، ڪانيون ڪڍندي ويندي، تان جو سڄو اڳٺ اُٺي وڃي پار پوندي. ڪجهه پوڇڙ ڇڏي، اڳٺ ڪارچوب تان لاهيندي. پوءِ پوڇڙن وٽان وڇوڄ ڪتري پوءِ پلاندن کي ڳنڍيون ٻڌندي، جن کي هريرون ٻه سڏين. انهن کان پوءِ گر ۽ نريون ٻڌي ڪاٺنڊ رکٽي هوندي يا قلا باط جا ڏورا وهائي،

چمڪائيندس يا جهاپا جهوڙا، ڦندڻ ٽوئر رکي جنسار ڪندس. هنن اڳنن جي اٽت اندر، ڏاهيون ۽ پڙ زالون ڦلڪاري بہ رکنديون آهن. ڪي ٻني تاجي يعني ٻہ ڏار ڏار رنگن جون تندون هڪڙي ابتي پاسي ڦيرائين تہ ٻي سبتي پاسي ڦيرائي تاجي ڪڍن، پوءِ انهن اڳنن کي ڪيساوان، ڳُـپين تي اڳٽ ڪونين. اهي اڳٽ مهانگا وڪامندا آهن.

ڪُچ ٽڪون:

پاڪستان جي پاڻيپٽ شهر ۾ ڪچ جون ٺهيون آهن. جن ۾ ڪاريگر سنهي پتلي ڪائي جا پترا ناهي. انهن کي پٺ کان پاري جو ليپو چاڙهيندا آهن تہ اهو شيشو آرسيءَ وانگر ٺهي پوندو آهي ۽ منجهانئس منهن پيو ڏسبو آهي. ان کي ڪونين ڪچ [ڪانچ]. اهو ڪچُ ٿين جي دٻن يا [ڪارن يا چبن] ۾ بند ڪري هن ملڪ ۾ موڪليو ويندو آهي ۽ ان مان ٿي ٽِڪون ٺهنديون آهن، جي زالون جنسار طور ڪپڙن تي مڙهينديون آهن.

ڪچ پيچڻ:

مالڪ ڪچ جو چبو چبو يا دٻو دَٻو ڪري پورهيت زالن کي موڪليندا آهن. اَهي چِنُو جي ڳوڙهيءَ ۾ روهيءَ واري پٿر جي ڪڻ يا ٽُـڪراٽو، جنهن جي چهنب ٻاهر نڪري بيهي، ان ۾ دٻي سڪ ڪنديون، پوءِ ان کي نالو ڏين "ڪُرنڊ". اُن ڪُرنڊ سان شيشي جي پترن تي پوروچوٽ لينگها ڪڍي، چپٽين جي زور سان انهن کي پيچي مستطيل پٽيون ڪنديون، وري ان مستطيل پٽين کي اٽڪل پائي جي ماپ جيترن چورس ٽڪرن ۾ ليڪا ڏيئي پچنديون. انهن مان ڪي وري ٽڪنڊي شڪل جا ٽڪرا بہ ٺهندا ۽ جيڪي تمام ننڍڙا ذرڙا بچندا، تن کي "ڪُتلي" ڪونين. پوءِ اهي ٽيون اڻ ڪوريل ٽڪون، جي مالڪن کي پهچائي پورهيو وٺنديون.

ڪچ ڪورڻ:

اهي چورس تي آيل اڻ ڪوريل ٽڪون، وري ٻين پورهيتن ڏانهن موڪليون وينديون آهن. جن وٽ هڪڙيون خاص قسم جون ڦئنچيون/ ڪترون هونديون آهن. اهي ٽڪ هٿ ۾ ڪٽي ٻئي هٿ جي آڱرين ۾ ڪترُ جهلي، ٽڪن جون ڪنڊون ڪوري لاهي وٺنديون تہ گول ٽڪ تي پوندي. ڪچ جي ڪورڻ جا ٻہ نمونا آهن: هڪڙو چِٽو، جنهن جي ٽڪ سُوڏي ۽ پائي وانگي گول بيهندي آهي ۽ ٻيو "گلو" جنهن جون رڳو ڪنڊون لٽل هونديون آهن ۽ ٽيون "ڪانگلو"

جنهن جون ٽي ڪنڊون گولائي ۾ لاٿيون وينديون آهن. باقي هڪ ڪنڊ رهندي آهي. لٽل ڪور کي "راڻو" سڏين. اهي ٽڪون گجن، اُگيڇٽين، رومالن، ٽوپين وغيره تي لڳل هونديون آهن، جن کي سگهڙون پيرت سان سوگهو ڪنديون آهن، جي وري اونداهيءَ ۾ يا سج جي روشني ۾ يا رات جو بتين جي سوجهري تي ڏاڍي چمڪ ڏمڪ ڪنديون آهن ۽ اکيون کيريون ڪري ڇڏينديون آهن.

اوبڻ:

سُٽ يا پَٽ جا ڦورا اوبرن تي ويڙهڻ کي اوبڻ ٿو چئجي. جو ته اوبرن تي اوبڻ سان ان جون ڏار ڏار ڇڳون ۽ ڇڙيون ناهي سگهجن ٿيون. ارٽن تي نڙا پرڻ کي به اوبڻ سڏيو ويندو آهي.

اوبرو:

ڪاٺ جي هڪ گول لسي ڳني جنهن جو وچ ٿُلهو سرو ۽ پنهي پاسي ڇهنبدار پچاڙيون ٿين. ان ڳنيءَ جي مٿان ڪاٺ جون چپٽڙيون ڊگهيون مستطيل پٽيون، جن جو وچ ويڪرو ۽ سوراخدار هوندو آهي، تن کي "ڪُهيون" ڪونين. انهن جون پچاڙيون ڪَبيل هونديون آهن، سي هينيان توڙي مٿان ٻه - ٻه يا چار - چار ڳني ۾ وُجهي، انهن کي پڪيڙي آڏ پاسيريون بيهاري هڪڙي ڏوري سان نمبروار ڪپيل پچاڙيون وراڪي ڇڏبيون ته ٿيو اوبرو.

اوبڻ واريون اوبري جي ڳني ڇلائين لوهي سيخ پيت ۾ ڪوڙي تنهن ۾ اٽڪائي ڊِڳ چاڙهي اوبڻ شروع ڪنديون. ڪي ننڍڙا اوبرا هوندا ته اوبرن جي منجڻ ۾ ٻه اوبرا وجهي، انهن جو پٽ يا سٽ ٻه - تارو ڪري اُوبينديون.

منجڻ:

منجڻ جي هن نموني شڪل هوندي آهي: ٻه ڌريون ايسون جن ڪي وچ ۾ هڪڙي پسر سل چوڙ وسيلي ڦابو بيهاريندي، مٿينءَ کي ٻه آرپار سوراخ ۽ هيٺينءَ کي، پيالي‌ءَ وارا نيپل ٻه سوراخ هوندا آهن.

ريشم جا ڪيترائي قسم ٿين ٿا. پهريائين ڪچو ريشم چين، خيوا يا بخارا کان ايندو آهي. ڪچي ريشم ۾ هڪڙو ٿئي "سفيدگل" جو چين کان ٿو اچي ۽ ٻيو ٿئي "ڳاڙهوگل" جو بخارا کان گَڏَن جي صورت ۾ جن کي بڌڙيون چون ايندو آهي. ڪنهن بڌڙي ۾ ڏهه ڇڳون ٿين، ته ڪنهن ۾ ٻارهن. اهو اوبي ان مان رنگ برگي ريشم جون "ڇڙيون" بنائين ۽ ٻيو هلڪو قسم ان کي "بانٽ" ڪونين. جنهن مان ريشمي ڏورا وٽون رسون وغيره ناهين. ٽين ٿئي "ڏڪري" هن مان ٽوٽر، جهابا، جهوڙا ۽ پٽ جا ڦُنڊڻ جوڙين. پر سيئي قسم اوبرن تي اوبي پوءِ رڱاوت ڪندا آهن.

سَيـُون ٺاهڻ:

سَيـُن ڪي ڪي ڪي لاڙ ۾ سيويون بہ سڏين. هاڻي تہ گهر گهر سَيـُن جوڙڻ جون مشينون موجود آهن، پر ڪو سمو هو تہ ڪاڻ جا شوقين هٿراڌو سيون جوڙائي رڌائي کائي لطف ۽ چشڪا وٺندا هئا. اهي گهريتيون زالون ٿوري اجوري ونڻ سان ٺاهي ڏينديون هيون. ٺاهڻ جو دستور هن طرح هو. هڪڙو گهڙو يا دلو اونڌو ڪري ان جي تري کي ڌوئي ڌمالي منو سرنهن جو تيل مکي ڪجهہ وقت اُس ۾ سڪڻ رکندس. ڪٽڪ جو اٽو پرڻ مان ڇاڻي، وري ململ جهڙي سنهڙي ڪپڙي مان بيو پيرو ڇاڻي، ميدي جهڙو نرم ۽ ترڪٽو بنائينديون هيون، پوءِ انهيءَ ۾ پاڻيءَ جي ڇـرون ڇـرون وجهي ڳوهي، منيون ڏيئي نرم، پر ڪجهہ ڏاڍيرو بنائي. ان مان ڇاٽا ٺاهي رکنديون ۽ اومـاهيل گهڙو ڪٽي هڪ منجي اونڌي ڪري ان جي پاڳي ۾ دلي جي گردن اٽڪائي، منجيءَ تي ويهي، اٽي جو ڳوڙهو يا ڇاٽو ڪٽي دلي جي پٽ تي رکي، ٻنهي هٿن سان ويلڻ لڳنديون ۽ ٻنهي پاسن کان ڌار وانگر سَيوُيون لڙڪي لڙڪي هيٺ لهي پيون گڏ ٿينديون. جڏهن هٿ جي پرپ جيتريون ٿينديون تہ ڏيڊي هٿ تي اهي سيون ڏوريون ڪري رکي وڇي ٻاهر اس ۾ وڇايل تڏي يا ڪنهن ڪپڙي مٿان سڪڻ رکنديون ۽ ان کي "هٿ" چونديون هيون. اهي هٿ سڪا تہ ڪٽي ڇبي يا ڇليءَ ۾ حفاظت سان ڍڪين کي ڏياري موڪلينديون هيون.

پيڙيون ٻڌڻ:

پن جي بيڙين ٻڌڻ جو هن تٽي گهٽو ڇالامانو آهي، ڇو تہ اڳوڻا پورهيا گهٽو ڪري سب ڇـڪي ويا آهن.

زالون تنبول جا پن جيڪي ڳنن ۾ بند ٿي ايندا آهن ۽ پـڙوپـڙو الڳ ٻڌل هوندو آهي، ان مان گهـرج آهر پـڙا خريد ڪري، رات جو پاڻيءَ ۾ پسٽا رکن، صبوح جو هڪڙي خاص قسم جي قئنچيءَ سان انهن پنن کي ڪترڻ شروع ڪن ۽ بيڙيءَ جي خاڪي واري ماپ جيترو پتو ڪٽين. انهن پتن مان ڏانڊي ۽ پن جو ساڙ ڪڍي ڇڏين. پتي جون کي ڪورون ننديون تہ ڪي وڏيون ٿين. اهي ڪٽيل پتا ڪنهن آليءَ تپڙيءَ (ٻوريءَ) جي تڪر ۾ ويڙهي رکن تہ جيئن سوڪ ڪاڻ کان بچيل رهن. ڇو تہ سوڪ جي حالت ۾ وٽ کائي نہ سگهندا ۽ ٽڙڪي پوندا. پوءِ هرهڪ ڪور جو پتو ڪٽي ڇاپ. جنهن ۾ تماڪ جا نمونا: کهنبو، ڪسونبو ۽ موتيو وغيره پيل هوندا. تن مان چپٽي پري ڪوريل پن تي رکي آڱرين جي زور سان پتي کي موڙ ڏينديون، تہ پن گول پوپي

وانگر ٿي ويندو. ان جو هيٺيون حصو سوڙهو ۽ مٿيون ويڪرو، ابتي مخروطي شڪل وانگر ٿي بيهندو. پوءِ ان کي هيٺان ڪچي سڻ جي تند جو وٽ ڏيئي بلاٽنو ڪنديون ۽ مٿان ٻيو تماڪ خال ۾ وجهي ان کي ٻري، مٿان ڪنارن جي ٻينج ننهن سان داٻ ڏيئي ٻنجينديون ته ٻيڙي تيار ٿي پوندي. اهڙيون ٻيڙيون ڏينهن ۾ پنج سؤ کان وٺي هزار - ٻن تائين ٻڌي سگھنديون آهن.

ٻيا عام پورهيا:

* جن ماڻهن جا پنهنجا گهرو هنر وغيره هوندا آهن، تن کي پنهنجون عورتون ئي اتي هٿوباري ڪرائينديون رهنديون آهن.

* ڪنيارن جون زالون پنهنجن ورن سان مٽي ڪٽڻ، ٿانءَ ٺپڻ، داءُ ڏيڻ، ڪٽي آويءَ تائين آڻڻ ۽ نهائين ۾ سٽڻ ۾ شامل رهنديون آهن.

* رڱاوت ڪندڙن جون عورتون ننگا ميل ڪرڻ، ننگ چرڻ ۽ پيندين ٻڌڻ ۾ مردن جي مدد ڪنديون آهن.

* لوهارن، ڪارين جون جويُون ڌمڻ ڌڻڻ، وڏاڻ هڻڻ ۾ مڙسن سان ٻانهن ٻيلي آهن.

* ڪورين جون گهرواريون نڙا پرڻ، ڌهيون ڪپڻ، پيچي ناهڻ، ڪپڙا تهه ڪرڻ، تاڃي اٽلائڻ ۾ ٻيلهيپ ڪنديون رهن ٿيون.

* ڪن هنڌن تي ڪي پورهيتون ڦيش يا پيش جي ڦرهن مان (سٽي ڪٽي) رسا ٺاهڻ، واڻ وٽڻ، ٻهاريون ناهڻ، تڏا، نڪون ۽ ڇتريون جوڙڻ، ڪتون واڻ جو ڪم ڪنديون آهن. ڪي پيش، تيلين، ڊِين، ناڙي، ڪک ڪاڃرن ۽ ڪٻڙن ۽ لين جي لامن مان ڪارا، ڇبا، ڇابون، ڏلها، پنڊيون، دٻڪيون، ڇڪا، ڇليون، ڇبريون، ڇڪون، پکا ۽ رانديڪا وغيره ۽ مڇ مان واڻ وٽي ڪٽون مڙهڻ، موڙا ناهڻ جا ڪم ڪنديون رهنديون آهن. سنڌ جون سدوريون ڪڏهن به وانجهيون ٿي ڪين ويهن. جنهن به وقت گهر جي ڏوپ ڏڙي، چنڊ ڦوڪ، ليپي پوچي، ڪاٺي ڦانگي آڻڻ، ڇيٽا ٿڦڻ وغيره کان واندي ٿين ۽ ڪارون ڪار ڪو ڪم نه هوندن ته هڪٻئي جي مٿن کي ويهي سيرون ڏينديون آهن.

پالتو جانور

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ گهڻو ڪري انسانن سان گڏ ڪي جانور جن ڪي وهٽ ڍور وغيره نالن سان سڏيو وڃي ٿو سي گڏوگڏ گذارين ٿا: انهن ۾ سواري لاءِ اُٺ، گهوڙا، خچر ۽ گڏهه ڪم ايندا آهن. ۽ ٻيو آهي چوپايو مال، جنهن ۾ وري مينهن گانءِ، ٻَڪُون/ ڍڳي، ٻڪري ۽ رڍ اچي ٿيون وڃن، جن جو کير کاڌو ٿو وڃي. پالتو جانورن لاءِ ٻـُڇڪر، ڳِـٽڪر، ڇيڇڪر، هُشڪر، ڇڇڪر، هونگر، ڪڳي، الغار ۽ سينڊ وغيره.

اُنن جو کير بہ پيئجي ٿو ڇاڪاڻ تہ اُٺ حلال جانور آهي. هن جو کير برهال جي بيماري [جنهن ۾ پيٽ گهڻو ٻاهري نڪري ايندو آهي] جي لاءِ اڪسير هوندو آهي. چوپائي مال جا نرَ جن کي وري ڀاڏا، سانهہ، ڍڳا، ڏاند ۽ ڍڳا، ٻڪر گهيٽا وغيره ڪوٺيو ٿو وڃي، تن جو گوشت ذبح ڪرڻ ڪانپوءِ مسلمان ۽ ٻيون قومون کائين ٿيون ۽ انهن مان ٻيا جيڪي ڪارج سرن ٿا ان تن جو الڳ الڳ احوال ڏجي ٿو. سواري وارن وهٽن جون ماديون بہ سواري جي ڪم اينديون آهن، جهڙوڪ: ڏاچي يا اُٺ، گهوڙي، خچري ۽ گـڏهہ. سواري يا چڙهيءَ جي سيني وهٽن کي گڏي يڪي نالي سان "پاوَنگ" ڪوٺبو آهي.

اُٺ:

سينگاريائون سيد چئي، ڪرها منجهان ڪوڏ.

اُٺ بہ پالتو جانور آهي. هن جي ماديءَ کي اُٺ، ڏاچي، ڏاگهي، اُٺـي، ناق وغيره نالن سان ڪوٺيو ويندو آهي.

هن جو نر ماديءَ کي ڪينسي ڪينسي هـشائي پولهہ تي ويهي پوءِ لڳ ڪندو آهي ۽ ان جي سار ۾ پهريائين ٻوڙ يعني سنهڙي آلت داخل ڪندو ۽ ويهي جهوٻا ڏيندو. ٻوٽ تلهي تي پوندي اٿس. اونار، هن کي اولي اولي اوليهي جو مخرج سان آواز ڪري شهوت يا مستي پيدا ڪرائيندا آهن. اُٺي قرجڻ کان پوءِ ٻارهين مهيني ويامندي آهي. گهڻو ڪري سياري جي موسم ۾ قربي آهي ۽ وري سياري ۾ ئي ويامندي آهي. قرجڻ جي معنيٰ آهي قرجهلڻ.

نر، ڦر ڪي ڳوئرو ۽ مادي کي ڳوئري سڏيندا آهن. اسلامي روايت موجب هڪ اٺڻي، پهريائين حضرت صالح عليہ السلام نبي سڳوري جي ڏينهن ۾ پيدا ٿي جنهن ساڻ ڳوئرو بہ ڳڏ هو.

نِنڍپڻ يا ڄمار بابت: ڪيرڏائڪ ڦر کي ڳوئرو، پوءِ ڪيرو، پوءِ اٺور، جنهن ڪير پيئڻ ڇڏيو هجي، پوءِ سرل، پوءِ ڪنواٽ، پوءِ توڏو، آخر ۾ پُور اُٺ چون. ڄمار موجب بہ ڏندو ڀهاڙو يا ڏوڪ [ٻن - ورهين ڄمار جو] چئو ڏندو يا چوڳو [چئن ورهين جو] پانجاريو [پنجن ورهين جو] ڇٽ، ڇڳو، ڇهہ ڏندور [ڇهن ورهين جو] اٺن ورهين کان پوءِ نڪتل ڏند ڀڃي پوندا اٿس ۽ وري انهن جي جاءِ تي ٻيا ڏند نڪرندا اٿس. انهيءَ ايامڪاري ۾ ڪُنداريل ڪوٺيندا اٿس. نون سالن جو ٿيو تہ ڪانٽيو اُٺن سالن ڄمار جو نيش، نون سالن جو ڪانٽيو نيش سڏينس جنهن کان پوءِ پُـور [جوان] جو نالو ڏينس، جوانيءَ کان پوءِ امروش، يارهن سالن عمر جو ۽ پوءِ اَرموش تيرهن سالن جو پڪڙوٽ آخر ۾ ڪڳو. يقن جنهن جا ڏند توڙي ڏاڻون مڙئي ختم ٿي ويندا آهن. ماديءَ کي ڳوئري ڀهاڻ، پوءِ اُنڙي لڳ کي ويجهي پوراف لڳي ويل اُٺ کي ڏڪي پوءِ ويامو، آخر ڄمار ۾ پوڙهي ڏاڳهي، فرتوت نالا چونس.

اُٺن جا نالا: شاهہ ڀٽائي جي رسالي مان ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام مان اُٺن جا جيڪي نالا مليا آهن سي هيءُ آهن: ڏاڳهو، ڇانگو، توڏو، موڏو، روڏو، ليڙو [ڪول واهہ ديس جي اُٺن جو نالو آهي] ڪرهو، پالهہ [ٻن توهن واري اُٺن جو نالو، جي آڳاٽي زماني ۾ بہ سنڌ ۾ موجود هئا]، بودو، بوتو، ميو ۽ بعير ۽ شُتر، گهٽن اُٺن جي ڳڏ هجڻ يا اوٺي ڌڻ کي وڳ [گلو / ڳائو] چوندا آهن. اُٺن چارڻ واري کي اوٺار نالي سان سڏين. اُٺن جي ليٽڻ جي جاءِ کي آليٽ ۽ ويهڻ جي جاءِ کي جهوڪ ڪوٺين.

اُٺن جا نسبتي نالا:

ڏاٽي اُٺ ڏٽ يا ٿر جي ڏٽ واري حصي جا اُٺن کي سڏين. اُهي ڏڳها سنهڙا، رنگ جا پورا، ڏسڻ ۾ سهڻا ۽ هلڻ ۾ تکا هوندا آهن.

"سجڻ ڏاٽي اٺ جيئن، تُلها نہ ٿيندا"[1]

---

[1] نظرثاني ڪندڙ طرفان اضافو آهي. (ادارو)

تر جوڻ ڊبون يا پٽون، جي سوين فوٽ اتانهيون آهن، تن تان لهي ۽ چڙهي ويندا آهن. اُٺ ڪارائي، ڪارا، وار گهنديدار، هنن جا ڪياڙ وڏا ۽ ويڪرا ٿين. اُٺ سنڌي، ڳرا وڏا، رنگ جا ڳاڙها ڌوڌان، بار ڍوئڻ جو ڪم، نارن ۽ هرلن ۾ وهن، سواريءَ جي لاءِ پڇ ٻڌي مهري ڪُبو اٿن. طاقت ۾ مڙن اٺن کان گهٽا آهن. ٻر مڙو: اهو اٺ جنهن جي ماءُ سينڌڻ ۽ پيءُ ڪاڇي هجي. اُٺ مڪراني، ڇوٽڙا، ٻوٽڙي سنهڙي، بدن جا هلڪا، ڏسڻ ۾ ڪوجها. اُٺ بختي، بغدي لاڏو (بلخي)، اتفاقي ڪو ڪو ڏسڻ ۾ ٿو اچي، نه ته هنن جو ٻڻ (نسل) ذري گهٽ ختم ٿي چڪو آهي، ڪي چون ٿا ته اهو ٻن ٿوهن واري اٺ جو نسل آهي.

اُٺن جا رنگ: پور ڳاڙها، ڪارا، ٻگا، ساوا، ڪٽڪ رنگا ۽ پور، آدم.

ڪم ڪاروارن اُٺن جا قسم:

هڪڙا مهري، جن تي سواري ڪئي ويندي آهي، ٻيا لاڏو جن تي بار ڍويو ويندو آهي، ٿيان وهو، جي نارن، هرلن، چيچڙن، جانداهين، گهاٽن ۽ گاڏين ۾ وهندا آهن.

پنڌ: اُٺن کي ڪچي مان [جڏهن ڪنوات يا سرل هوندا آهن] پنڌ سيکاري مهري يعني سواري ڪرڻ جي لائق بنايو ويندو آهي. اُٺن جي هڪليندڙ ۽ سيکاريندڙ کي جت ڪوٺيو ويندو آهي. اسان جي ديس ۾ هيءُ ماڻهو هوشيار پنڌ ڏيندڙ يا جت آهن ۽ هئا: غلام حيدر جروار ڳوٺ آمري ٺٽدي الهيار وارو، رحيمڏنو شورو ڪتڙ وارو، مريد، عثمان ۽ عرس جروار ۽ قاضي ڪمال ٻڪيرن وارو. اُٺ جي پنڌ کي ٽور به چئبو آهي، جنهن ۾ وک، وچڙال، قدم، لُڙ، پوزر، ۽ ڀاڄ يعني سراڙيَ هلڻ جا قسم اچي وڃن ٿا.

ٻيان: جڙي يا الڙ ڪنوات کي ناسن جي چوٽين ۾ ٽونگ ڪري، ناڪيلي يا لاٺي، جا شطرنج جي مهري، ٽنگيءَ جهڙي ٿيندي آهي ۽ ڪاٺ مان گهڙيل آهي نڪ جي چوٽيءَ ۾ وجهي، ان جي مٿئين حصي ۾ سٽ جو ڏورو، [جنهن کي چمرِ چون] وڪڙ ڏيئي سوگهو ڪن. ڪن اُٺن کي ٻنهي پاسن جي چوٽين ۾ ناڪيليون پائين ۽ ڪن کي هڪڙي پاسي جي هڪڙيءَ چوٽيءَ ۾، پوءِ سٽ يا ڏاس جو وٽيل پنج - ڇهه پرهه رسو جنهن جون پچاڙيون سنهڙيون پگسو ٿين، انهن پچاڙين کي ڊُواليون سڏين، سي انهيءَ چمر ۾ ٻڌي قابو ڪن. هاٺي انهيءَ

رسي کي مهار ڪوٺيو ويندو [ڪي هيدي بہ چونس] انهيءَ مهار جي اشاري تي اُٺ اوڏانهن مڙندو، جيڏانهن آهي مهار پئي ڇڪبي. [ڇڪبي] اُٺ کي اورسو ڪن [مهار اڇلائي، ابا ابا، ڪري مهار ڪنڌ تي اڇلي، ڪنڌ هيٺ ڪرائي مهار وجهن.] بعضي ڪي اُٺ نَڪَ جا نرجا [ڏاڍي نڪ وارا هوندا آهن] يا اَهنڊ ۽ مست هوندا آهن، سي لانئي توڙي مها رکي ذرو بہ نہ ليکيندا آهن، تہ اهڙن اُنن کي "هڏتر / ترهڏ" هڻندا آهن. ڇا ڪندا جو گهوڙي يا ڏڳي جي پيچ جا وار پاڻيءَ ۾ ڪاڙهي ڪوئرا ڪري، انهن مان چمر وٽي، پوءِ نڪ جي چوٽيءَ ڪان ٿورو مٿيرو ڳل وٽ ٽونگ ڪري اها چمر اتي وجهندس ۽ ان سان مهار جون دواليون ڳنڍيندا، بس پوءِ کهڙو بہ اڙٻنگ اُٺ هجي، ترهڏ لڳل هوندس تہ سوار جي حڪم هيٺ هلندو. مجال جو ڪا مستي بہ ڪري سگهي! بـِرو يا ٻرنگو، اهو اُٺ جنهن جي نڪ جا ٻر ڇٽي ويندا آهن، تہ انهن کي وري ڇلڙيون يا پٽ جون وٽون وجهي مهار ٻڌندا آهن ۽ ڪن کي سينگار جي لاءِ چانديءَ جون ڇلڙيون ٽوپي وجهندا آهن.

پنڌ سيڪاريندڙ سوار يا جت، اُٺ جي ڪمر مٿان ٿوهي لڳ رلي وٽي رکي ڪَشَنَ سان پيٽ کان ڇڪي ٻڌي سُڪ ڪري ڇڏيندو آهي ان کي "ٻرهو" سڏين. پوءِ لڪڻ ڪٺي ٻرهي تي چڙهي اُٺ هڪليندو، جڏهن پنڌ سکي تيار ٿيندو تہ مٿانئس رکندا ڳاشو، ٻنان ڳاشي واري اُٺ کي "اولاٺو" وهٽ ڪري ڪوٺين. جي پاکڙي وارو ڳاسو نہ هوندو آهي، تہ اندو يا ٻندو ڪري [اُٺ تي ڳوٺيون يا رليون ٿوهي مٿان ڌڳهيون پکيڙي انهن کي تنگ سان ٻڌي] پوءِ چڙهن. مهري اُٺ جو ڳاسو: اُٺ جي اڳهاڙي پنيءَ تي "ٽيڙ" رکي، ان جي مٿان ٻٽڳ يا جهل، تنهن تي توشڪ يا زيرگاديون، جي بہ ٽينديون آهن، هڪڙي جا ٽڙا اُيا جهلي، تن تي پاکڙو رکندا آهن. پاکڙو، ڪاٺ جي پسرن کي لوهہ جا پٽ لڳل دمدمي يا موريءَ وانگر جڙيل ٿئي ٿو. اڳئين ياڳي کي آڳوا يا پڙٿو، وچ واري ڳول ڪمان کي "اگهوڙي"، ۽ پوئينءَ ڪمان کي چوڻڪ چون ٿا، پاسن وارين پٽين کي "پسرون" سڏين، جي پيڪڙن سان قابو هونديون آهن. اهو پاکڙو رکي، هڪڙي ويڪري پٽاهڙ اڳئين حصي جي پسرن تان اُڪاري اُٺ جي پيٽ وٽان ڇڪي ٻئي پاسي جي پسر وٽ آٽي سوگهي ٻڌن. ان پٽاهڙ کي "تنگ" سڏين. پسرن جي ٻنهي پاسي خاني خاني لڳ بہ بہ چمڙي جون وڌيون، جي ڪل

چار هونديون آهن، ٻڌبيون آهن، جن کي "دوال" ڪونين. انهن جي ڇيڙي ۾ لوهه يا پتل جا اڌ گولائيءَ تي اڌ فوٽ، منديءَ وانگي نهيل "رڪيب يا پاڳوڙا" هوندا آهن. انهن جي ڪانچي مان دوال مٿي لوهه جي زبانن سان ٻچي قابو تين ٿا. پاکڙي سوگهي رکڻ واسطي هڪ ٻيٺو يا هيڪوٽو سوٽي رسو ڳچيءَ وٽان ڦري، پاکڙي کي پويان ڍرڪڻ يا سرڪڻ کان روڪيندو آهي، ان کي اڳوٺ، گوربند [گلو بند] چون. پنيان هڪڙو ٻچڙڪ يا توڙهو، پڇ جي پوڇڙيءَ ۾ ٻڌي، پڇ کي ڪمان ڪري پاکڙي جي پسر ۾ اٽڪائي ڇڏيندا آهن. پاکڙي کي رسو "پچلانگ" چون، پڇ وارو توڙهو، جي لاڏوءَ اُٺ کي ٻڌل هوندو، تہ ماڻهو ان کي سواريءَ جو اُٺ سمجهي مٿس مسافري ڪندا آهن. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ چوڻي آهي تہ: "پڇ ٻڌي مَهَرِي ڪيو اٿن" جنهن جو مطلب مقرر ڪم جي لائق ناهي. پاکڙي مٿان هڪ سوڙ يا ٻٽي رليون ۽ انهن جي مٿان چادر يا ٽوال يا ڪيس يا چمڙي جي نطعہ جا هيڊي رنگ جي چادر وانگر هوندي آهي پکيڙي، ڪشٽن يا ڏورين سان اندو، گاسي جي ڳنڍ کي ڇٻبو آهي. سُڪ ڪري ٻڌي. پوءِ جت اڳئين خاني ۾ لڪڻ ڪٽي چڙهن ۽ پوئين خاني ۾ سواري ڪنڌڙ کي چاڙهڻ جي لاءِ اُٺ کي هشائيندو. جڏهن مٿس چڙهي پير رڪيبن ۾ وجهي ويهندا تہ اُٺ کي ڳنڌر ڪري اُٿاريندو ۽ منزل طرف هڪلڻ لڳندو. اُٺ کي ويهارڻ واسطي "هُش هُش" چون، ڪنهن گهٽ گهيڙ يا لاهہ تان لهڻ مهل "جيت جيت" ڪن. ان جي وڳ کي هڪلڻ مهل هونگر ۾ چون "آپ... هو... آپ" ۽ "بيهارڻ لاءِ اهڪارو يعني اي.... هي... اي... هي چون.

جڏهن تہ لطيف سائين اٺ تي سواريءَ وارو آواز هن ريت ڏنو آهي:

هَاهُر ڪندو هل، تہ ڪجايون ڪرن کي.[1]

مهري اُٺ جي سينگار جو سامان: سنجڻ مهل اُٺ کي ساج [ساز] يعني [سينگار واريون شيون] بہ وجهندا آهن: جهڙوڪ: ٻوٽ تي چانديءَ يا سٽ جو نقطو يا مهرو، ڳچيءَ ۾ جنوئي [جا ٽڪنڊي تائيتن جي قطار، سٽ جي ڏوريءَ ۾ پوتل سڄي گردن کي ڦري ايندي آهي.] جنهن جي وچ ۾ هڪڙو چانديءَ جو جهابو پيو لڙڪندو آهي، هن کي گوهر بہ چوندا آهن، ٻيون چانديءَ جون روپيون گانيون، موتين جون سهيليون، سرون ۽ لڙهيون جڙت جڙيل، پرت پريل هونديون

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

آهن ۽ ڪن تي گهنگهريون ۽ ٽوٽر ٽانڪيل هوندا آهن. اهڙا اُٺ ڪنهن گهوٽ جي سرگس يا ترگس ڪيڻ جي سواري هيٺ يا ميلي ملاکڙي ۾ پچائڻ جي بهاري واسطي شوقين ماڻهو سينگاري چڙهندا آهن.

بار گير لاڏو اُٺ جو پلاڻ: پهريائين اُٺ جي پنيءَ تي ٽپڙ. ان جي مٿان پلاڻ رکندا آهن. پلاڻ، هڪ چوڪنڊياري شڪل جو سنج آنڪو يعني قبر وانگر مٿي اُتيل تو تئي ۽ توهي کي گهيرو ڪري ويهندو آهي. اهو، ڪاريگر ڪانهه سٽي ڪُتي اُن ۾ وجهي ايند يا بوتو پريندا آهن. ان جي مٿان ڪرڙي يا ڳوڻ جو پوش چاڙهين ۽ هيٺان ڳوڻ جو استر ضرور ڏين. هن جو اڳيون حصو پرٽي وانگر ٽورو مٽيرو اُتيل تيندو آهي، جنهن ۾ ٻه ڪانيون منڊيٺڙي وانگي هڪٻئي سان آڏ پاسيريون گهڙيل ۽ سبيل رهنديون آهن. جن کي ڪتبَ ڪونين. اهي ٻيئي ڪانيون ڪشڪن يا چمڙي جي زيهن يا سوٽي پڪين ڏورين سان پاڻ ۾ ٻڌل هونديون آهن. بگهاڙين مٿان پلاڻ جي پاسن کان گول ڳنين واريون ڪانيون پڻ بوتي اندر ڳنڍيل رهنديون آهن. انهن ڪانين کي "ٻـُـج يا بجون سڏين ۽ پلاڻ جي پوئينءَ ڪانيءَ کي ڪونٽي [ڪئونٽ] ڪونين. پلاڻ جي ڪرڙيءَ مٿان تـنـڊ ڪاڻ ڪوڏ ۽ ٽوٽر ٽانڪين. اهو پلاڻ، ٽپڙ مٿان رکي، هيٺان پيٽ سان پٺهڙ يا تنگ سان چڪي قابو ڪن ۽ پوءِ ان مٿان پرڪيون، اناج جون ڳوٽيون رکي لڏين. ڪي پرده نشين عورتون جڏهن ڪيڏانهن وڃن ته پلاڻ تي پوش سان ڪجاوا رکائي مٿان انهن تي چڙهي شادي مرادي تي وڃن، . ڪجاوا بنان پوش ٻه اُنن تي ٻڌبا آهن.

ڪجائو: ڪاٺ مان گهڙيل ڦرهين يا پٽين جو هڪڙو پجرو آهي. جنهن کي چار پاڳا تين تا، جن ۾ اهي ڦرهيون سل چوڙ ڪري نوڪي ويهارين، هن جا ٻه حصا آهن." هـهڪ حصي کي "ڪُتو" چئبو آهي. هڪڙو ڪُـتو اُٺ جي [تُـوهي جي] هڪ طرف ۽ ٻيو ڪتو ٻئي طرف ڪپي ويهندو آهي. اهي ٻئي حصا منڊيٺڙي وانگر، ڪجائي جي ڪتبن سان ڳنڍيل هوندا آهن. پاڳن ۾ لوهه جا ويڪرا ڪُنڊا نوڪيل هوندا آهن جن ۾ اُپا ڏنبا گول گهڙيل وجهي، انهن جي مٿان ڪانين جي گهڙيل پٽي رکندا آهن. تنهن جي مٿان وري ڳاڙهي حلواڻ ڪپڙي جو سرائون پوش جنهن تي ڪتر يا ڪناهه جا ٽڪ ٽڪيل هوندا آهن، جن کي پاسن کان گڏيون ٻه رکيل هونديون آهن، سو لڙڪائبو آهي. انهيءَ ڪجائي ۾

ڇهن ڪان انن تائين زالون ويهي سگهنديون آهن. ڪجاوا ڄڄ جو مَرڪَ ڪري سمجهيا ويندا آهن. جڏهنِ ڪجائي وارو اُٺ اتي هلندو آهي، تہ ٻہ ماڻهو هڪڙي طرف هڪڙو، ٻي طرف ٻيو ڪجائي جو اوهار /آهار [توازن] جهلي هلندا آهِن. ان لاءِ پاسن کان رسن جا ٽوٽا ٻڌي ڇڏيندا اٿس.

لاڏو اُٺ جي ٽنڊ جو سامان: ٻوٽ تي، ڏاس مان نهيل موڙ، جن تي ڪوڏيون ۽ ٽوئر بہ ڏانڪيل هوندا آهن، اهي مڪراٽي وانگي ٻوٽ تي پڪڙي بيهندا آهن. ڳچيءَ ۾ ڪوڏن سان ڳانيون، ڳانديا، ٽليون، ٽلا، پيٽ جي پاسن کان پٿهڙن وارا جهاپا ۽ ٽليارا، جن کي ترپارا بہ چون ۽ ڳوڏن مٿان ڇيرون بہ ٻڌندا آهن، جن جي ڇمڪي تي اُٺ مگن ٿيو پيو هلندو آهي.

اُٺ جوتڻ: اُٺ گهڻو ڪري نارن، هرلن، گهاڻن، ڇيڇڙن، جانداهين ۽ اُٺ گاڏين ۾ جوٽيا ويندا آهن. ٿر واري حصي ۾ اُنن سان هرَ بہ ڪيندا آهن ۽ ٿر جا هندو ياپڙا شادين ۾ سرگس انن تي ڪين ۽ ٻيرون رکي وڃائين.

اُٺ کي نار يا هرلي جي ڳاڏيءَ اڳيان بيهاري، اکين تي کوپا چاڙهي مٿان وال - ڏيڊ ڪپڙي جي پٽي، جنهن کي "اکياڙي" سڏين سا کوپن تي رکي، کياڙيءَ پنيان ڇڪي ٻڌي ڇڏين، جيئن ڪجهہ بہ ڏسي نہ سگهي ۽ پڙ تي پيو وهي. ڪنڌ مٿان مڌهوءَ تي نٿ رکندس، جنهن ۾ پندي يا پيڙهو. جنهن مٿان ڪاٺ جون ڇڪڙيون جڪڙيل هونديون آهن، انهن ۾ ڪَپ ڪَپ ٿيل هوندا آهن، جن کپن جي وچ ۾ ڳاڏيءَ جون ڪنڊون ڦاسائي رکن. پيٽ کان تنگ وانگي هڪ چمڙي جي وڏي ڇڪي ڪُندن کي ٻلاٽتو ڪندا ۽ ڳچيءَ ۾ ڪنڌات وجهي ڪندس آسرو الله جو!

گهاڻي جي بناوت:

سڄو ڪاٺ جو نهيل هوندو آهي. ڪاٺ جي چار فوٽ ڪن ڊگهي، ٻہ فوٽ قطر واري ٽڙي، ان کي مڃيل پاسي کان کپي، چلمچيءَ وانگر ٻن پاگن ۾ وڏا ڪانچا سليندا آهن. هيٺيون پيالي وارو تنگ البت ڪجهہ سوڙهو ۽ مٿيون موڪرو ۽ ٻنهي جي وچ ۾ سوڙهي ڪنگٽي رهندي آهي. اُن ٽڙيءَ جو ترو گُدي گُدي زمين اندر پوريندا آهن ۽ اُن جي مڃيل پاسي جي ڪنارن تي ڪَپ ڪري چار ريلوي سليپرن جهڙا ڪاٺ سل چوڙ وسيلي هڪٻئي تي نهڪائي ٺهڪائي رکندا آهن، جن کي چوٺڪي چون. اهي چارئي ڪاٺ، ٽڙيءَ مٿان جڪڙيل هوندا

آهن. انهيءَ ٽڙيءَ جي سوراخ يا ڳاڙڪ ۾ گهاٽي جي لٺ، جنهن جي چوٽي ڪنڍُ ۽ هيٺان دڪيءَ واري گولائي ڏنل هوندي ۽ پاڻ مهري وانگر سڄي گولائي تي گهڙيل ٺئي تي. ان لٺ جي ڪنڍُ تي، پيالي جي گولائي واري ٺونگ وارو مڪڙو رکي، هڪڙي تاڪي يعني ايسوٽي جهڙي ڪاٺيءَ سان سرائيءَ وسيلي ڳنڍيل رکندا آهن. يعني تاڪي ۽ مڪڙي جون پچاڙيون انجيس وانگر هڪٻئي ۾ ڪُپي بيهنديون آهن ۽ آرپار سوراخ سڌائيءَ ۾ تيل هوندو اٿن. ان ۾ لوهه جو ڪير يا ڪِلو وجهي، هنن ۾ لچڪدار ڳانڍاپو قائم ڪندا آهن. گهاٽي جي وهڻ وارو حصو جنهن ۾ هڪ ٻيلهه کي ٻسانگي ڪاٺي، انبوريءَ جي وات وانگي چوٽڪيءَ هيٺان ٽڙي سان ٽڪرجي گسي پئي ڦرندي، اُن ٻيلهه جو پيو پاسو لسو پاٽيي وانگي هوندو. جنهن کي ڳاڏي ڪوٺين. ڳاڏيءَ جي ٻاهرين پچاڙيءَ تي چار ڳاڙڪ چوڏاري ڪري انهن ۾ چار ڏڪ نوڪي، پوءِ انهن ڏڪن کي واڃهه سان واٽي ڇٻي جي شڪل بنائي، ان جي وچ ۾ آلي مٽي يا سرن يا پٿرن جا ٽڪر رکي، پرپ يا پراءُ ڪن. ڳاڏيءَ جي پوري وچ ۾ هڪڙو سل سلي، ان ۾ هڪڙي چورس دامن ڪپائي نوڪين، ان کي "ٽنيي" سڏين. ٽنييءَ جي چوٽيءَ ڪان تورو هيٺيرو ٻه سوراخ ۽ ان جي مٿان تاڪيءَ جي تري ڪان تورو مٿيرو ٻه سوراخ ٽين. انهن سوراخن ۾ هيٺ توڙي مٿي ٻه ڪاٺ جا گهڙيل ڪلا جن کي ڏورٽيون سڏين. گهرگهلا ڪري پائين ۽ پوءِ هيٺينءَ توڙي مٿئينءَ ڪلي يا ڏورٽيءَ کي ناڙي، واڃهه يا نيٽي سان ناڙي ڇڏين. تہ ڳاڏيءَ جي پراءُ جو زور لٺ جي ڪُنڍ تيٰ وجي پوندو ۽ تارازي يا ساهميءَ جي ڪاني وانگر ڳاڏي وچو وچ تي بيهندي، ۽ پراءُ وٽان هڪ ڪَڏَ ۽ ڳاڏي ۽ ٽنييءَ جي وچ وٽان پي ڪَڏَ نڪري، وهڻ جي پنڊيءَ ڏي ويندي. گهاٽي واري اُٺ کي ڪنڌاٺ ڪونہ وجهن، پر ڳچيءَ جو رسو مڪڙي ۾ وراڪي ڇڏين. اهڙي نموني اُٺ پيو ڦرندو ۽ گهاٽي ۾ پيل ٻج پيو پيڙهبو. هڪ ماٽهو چوٽڪين مٿان ويهي ميڙو ورائيندو يعني جيڪو مليدو ٻاهر ڪنارن تي اُيري ايندو. تہ ان کي ريڙهي هيٺ ڪرائيندو ويندو، تان جو سمورو ٻج پيڙهجي ويو. تہ ان جو تيل، ٻئي هيٺين پيالي واري سوراخ ۾ ڳڏ پيو ٿيندو. پوءِ اُٺ بيهاري، ڳاڏيءَ کي هيٺان سر يا ڪاٺ جي دوڳيءَ جي ٽڏ ڏيئي بيهاري ٻج مان نهيل نار رنبي سان ڪرجي ڪيي ڏار ڪندو ۽ تري ۾ پيل تيل تيلاٽدي يا لوهه جي ڪُپڙي سان پري پري ٻاهر دڪيءَ ۾ وجهندو.

ڪجهہ رهيو تہ اُڳتي جنهن کي نائو ڪونين. سا ٻوڙي ڪڏي نپوڙيندو. گهاٽي ۾ تر، ڄانيو، ڪوپرو، سرنهہ، توريو ۽ ڪکڙن جا ٻج پيڙهيا ويندا آهن.

چيچڙو: هيءُ سچو لوهہ جو ٺهيندو آهي. سنڌس لوهہ جون ٿلهيون موٽيون وزندار گراريون ٿين، جن جي وچ ۾ ڪماند جا ٻل وجهي، انهن جو رس ڪڍيو ويندو آهي. انهيءَ رس مان ڪجهہ، ڳڙ توڙي مستي ۽ ڪنڊ جڙندي آهي. هن ۾ بہ اُٺ جوٽبو آهي.

گاڏي: سنڌ ڏيهہ ۾، اڳي اُٺ گاڏيون ڪونہ هونديون هيون. هاڻي رواج پيو آهي ۽ مڪرانين ئي هتي اُهي گاڏيون سڀ ڪان پهرين هلايون. اُٺ گاڏيءَ ۾ اُٺ کي جوٽڻ ڪان اڳ اڪين تي ڪوپا [اڪياڙي] چاڙهين، مُدهوءَ تي ڪڙائُو. ڪاٺي يا هنو رکن. اهو هنو اوڏن جي مٿيءَ ڪٽڻ واري ڪجائي وانگر ابتو رکيل يا ڏاڪائين رهل وانگر پر ابتو رکيل هوندو آهي، هيٺان پنڊي هوندي اٿس، جنهن ۾ بارڪش لڳل هوندا آهن، جن ۾ گاڏيءَ جا پول جوٽن جي سنگهرن سميت اچي گڏجن ٿا. انهن کي سوگهي رکڻ جي لاءِ پيچ وٺان ۽ پيٽ وٺان وڍيون چِڪِي ٻڌندا اٿس. گاڏي خود هڪ مستطيل تختو جنهن جا تورا پاسا اُتيل ٿين موٽر وارن ربڙ جي ڦيٿن تي سراين مٿان رکيل هوندي آهي.

اُٺ جو بيان:

آٺي ٻـڌم وڻ جـاءِ، مـانَ مڪڙيـون چـري،
ڪُـڏا تـورو ڪرهـو، لکيـو لاٺـي ڪـائي،
ان ميي سنڌي ماءِ!، مـون ڳالهڙين ڳوڙها ڪيو. (ڀٽائي رحہ)

اُٺ جو ڪاڏو جهنگ آهي، جتي اُٺـائو يا آڏاوِٽيو ڇيڪ پيو چرندو آهي. ڪبڙ، ڄار، نم، ٻير، لئي لاڻو جيڪي ايندس سو ويندو رڙڪيندو، جي مالڪ کو گاهہ ڪري ڏنس تہ اهو بہ ڪين ڇڏيندو. جنهن ۾ بصر جا پن، ڄانيو، سرنهہ لڪ ڪڙڪتر بہ کائي ويندو آهي. هيءُ حلال جانور آهي، هن کي ذبح ڪري هن جو گوشت ماڻهو کائيندا آهن، پر اسان جي سنڌ ۾ اُٺ جو گوشت ماڻهو ڪونہ کائين. ڪي ماڻهو اُنين جو کير جمائي ڏوئرو ڪن، جنهن کي "اُست" سڏين ۽ اٺ چاول کير کي آکڪي چون. اُٺ توڙي ان جي ڏاچيءَ ڪان ساڳيو ڪم ورتو ويندو آهي، يعني سواري، بار لڏڻ، سنجڻ ۽ جوٽڻ جو. ڏاچيءَ جي ويامڻ ڪان پوءِ هن جو کير تہ ماڻهو کائيندا آهن، پر اهو نڪو

ڪاڙهبو آهي، نڪي ڄمائي ڏوئرو ڪبو آهي. اهو ڪير ٻرهل ۾ هيانچي واري ماڻهوءَ کي ماتا جي بيماريءَ کي ظاهر ڪرڻ واسطي پياريو ويندو آهي. هن کي اوڻو ڪير ڪوٺين، اُنهيءَ ڪير ۾ جي ڏاچيءَ جو ٻچ گهمائي پوءِ پيئبو تہ ڏاڍا دست ٿي پوندا آ،ن جن کي اُتيسار جا دست سڏين.

اُٺ پنڌ ڪري ٿڪجي ايندو آهي، تہ جت ان کي ڳڙ پاڻيءَ ۾ ڳاري ۽ لوڻ ملائي پيارِيندو آهي، تہ ٿڪ ڀڄي پوندو اٿس.

اُٺ کي پيٽ ۾ بہ ڪليون ٿينديون آهن. جڏهن بہ پاڻي پيئڻ جو وجهہ لڳندو اٿس، تہ ٻيئي ڪليون يا اوجهريون پاڻيءَ سان ڀري ڇڏيندو آهي ۽ مچندو آهي، تہ ٿوهي تي چربي وري ويندي اٿس. ٻئي ڏينهن ڪٿي جي چارو يا پاڻي نہ ملندو اٿس، تہ ٿوهي جي چربي ۽ ٻيءَ ڪليءَ جو پاڻي اندران ئي اندر ڳاري پنهنجي ڪتب آڻي جياپو ڪندو آهي. هن کي ”سُڪيءَ جو ٻيڙو“ بہ ڪري ڪوٺين. ان جو ڪارڻ هيءَ آهي، تہ رڻپٽ يا صحرا ۾ مُسافري ڪندي، جي مسافرن کي ويجهيءَ ڇڪ ۾ پاڻي پيوا نہ هوندي آهي، تہ هڪڙي اُٺ کي کهي انجي ڪليءَ مان پاڻي ڪڍي پي مرڻ کان بچندا آهن. اُٺ قافلن جي صورت ۾ تمام گهڻو سامان کڻي، ٻري ٻري جا مفاصلا ۽ منزلون پٽيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ لاريون، گاڏيون ۽ جهاز وغيره ڪين هئا. اُٺ راڳ جو بہ شوقين آهي. عرب ملڪ ۾ حُدنحواني ۽ سنڌ ۾ ٻيلهڻ جي گيت ڳائڻ تي رات جو تڪو هلندو ۽ گهڻو پنڌ ڪندو آهي. سياري ۾ اُنن کي مستي ٿيندي آهي، وات مان گجوڙ پيا ڪرندا اٿن ۽ ڏند پيا ڪرٽيندا آهن. اهڙن اُنن کي مست اُٺ سڏين. اها مستي گهڻي شهوت کان ٿيندي اٿن. اهڙن انن کي پيرن ۾ نير پيڪڙا يا پيند زيريون يا ڏاوڻ، بغلن ۾ بغليون لوهہ جون ۽ ونگ وجهي سوگهو ڪندا آهن. ٻوٽ تي ٻوڇو يا تنگڙو ٻڌي ڇڏين تہ ڇڪ نہ هٽي:

نوَ نير، ڏهہ ڏاويڻون، پندرهن پيند پياس،
بگهاڙيون بغلن ۾، لکين لوهہ لڳياس،
جڏهن سڄڻ ياد پياس، تہ ڇرڪ ڇنائيين هيڪڙي. (ڀٽائي رحہ)

ڇون ٿا تہ مينڌري سومري جو اُٺ، وڳهہ ڪوٽ کان ڪاڪ لنداڻي تائين رات وچ ۾ تي - چار سئو ميل هٽي موٽندو هو! اڄڪلهہ اُنن جي قيمت ٽن - چئن سون کان هزارن ٻن هزار روپين کان بہ وڌي ويئي آهي. هن وقت پاڪستان

۾ اٽڪل اَٺ لک اُٺ ٿيندا. اُنن جي ويهڻ جي جاءِ کي جهوڪ ۽ مسافريءَ وارن انن جي ويهڻ جي جاءِ کي ڪوڙي ڪونين. اُٺ جي آواز کي گوڙ يا گڙ [گڙڻ مصدر مان] ۽ هن جي چيٺي کيج ليڏوٽا [پولٽا، ڦولٽا] سڏين ۽ تـيڪ کي گسي چون. اُٺ جي عادت آهي تہ جي مٿس بار پيو لڏبو تہ بہ رڙنڪندو، پر جي بار مٿانئس پيو لاهبو تڏهن بہ پيو رِنگندو. انهيءَ ڪري چون تہ اُٺ پڙيو بہ رنگي تہ سکٽو بہ رڙي!

جڏهن سبيا ٿي ٻورا، تڏهن رڙيا ٿي گورا

لطيف سائين چيو آهي:

اڳي اُٺ رڙن، مون پيري ماٺ ٿي

اُٺ جي پيرن کي داقوڙا سڏين. اُنٺي کي ڦر نہ ڏائي وجي ان لاءِ ٽٽن تي جالنگ چاڙهين.

اُٺ جون بيماريون:

چالي، اڪ جي مٿان ڳوڙهو نڪري پوندو اٿس، پوزو، پوچو، يا پوچن، پير مٿان ڳوڙهو نڪرندو اٿس، ان کي چون، پر اهو جڏهن ڦاٽي پوندو آهي، تڏهن ان کي "راقو"، ڪونين. ڏورو يا ماچو، پوئين ٽنگ ۾ سيٽ ٿئي، ٽنگ ورائي هلي نہ سگهندو آهي، رندو، اُٺ جي قبضيءَ کي ڪونين، هن ۾ ڇهنبدار پولٽا پيٽ مان نڪرندا اٿس. گر، پڙيون [زڪام] ڪيچ لڳڻ، بدَ يعني ڪوڙي لڳڻ، گگهي يعني گهٽو، ڪنپ واءُ، ڪمري، هن بيماريءَ ۾ ڏکي ڏکي مس مس اُٺ اٿندو آهي. ڪرڪارو، بندجي پوڻ، تابو وغيره بيماريون ٿين. خفتين وٽ انهن جا علاج بہ موجود هوندا آهن. جي اُنين کي وهرُ ٿيندي آهي ۽ ٻين وهٽن سان ڪؤسنديون ۽ ڪسنديون آهن، ۽ انهن کي هلي وجي ڊيهہ هٽنديون آهن، جنهن مان سمجهيو ويندو آهي، تہ مادي ڦرجڻ جي لاءِ آتي آهي. بد هٽڻ، هن ۾ اُٺ جو ڪيچو ٽنگن سان گسي ڦٽ ڪندو آهي. ايبي، اُٺ جي نڙيءَ ۾ ڳوڙهو نڪري پوندو آهي. ايڏر، اُٺ جي ڪوڙي جو هنڌ گاٺ پوڻ سبب سخت ٿي پوندو آهي. اُوڙو، اها اٺ جي بيماري آهي، جنهن ۾ ٽنگن ۽ ڪوڙي جي وچ وٽ پيٽ ۾ ڳوڙهو نڪرندو اٿس. اُچلو، اها بيماري جنهن ۾ "بڪو" يا دڏو يعني پوئين ڄنگهن جو مٿيون حصو ويندي پنيءَ تائين پيو ڏڪندو آهي. بغلي، اُٺ جي اها بيماري آهي، جنهن ۾ اُٺ جي رانَ پيٽ سان گسي گسي ڦٽ ڪري وجهندي آهي.

گهوڙو:

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيتڻ تورا ڏينهڙا. (پٺائي)

اونڪُرا: گڏھ، خچر ۽ گهوڙي کي گڏي ڇئبو آهي. اسان گهوڙي جو بيان ڪريون ٿا، زميندار ۽ پاڳيا گهوڙا شوق ڪري پالين.

گهوڙن جا نالا: هيءُ بہ پالتو جانور آهي. هن کي فارسي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻن نالن سان سڏبو آهي: مثلاً خُنگ، خـَتلي، خوشخرام، اسپ، حَـيوُن، آبرش، تيزگام، تگاوُر، نريان، بادپا، بارو، آتش بان، آتش پا، آتش عنان، ايراق، بانشو ۽ باد رفتار گهوڙو. نريان، ماديان گهوتڪ. ڪان، ڪيڪاند، ڊڊو ايڊ، ڊاڪڙو، ٽپرو ۽ ٽُٽون نالن سان سڏيو وڃي ٿو. پر سنڌي ٻوليءَ ۾ نيلو، نيرو، تازي، ترڪي ۽ ايراني گهوڙو سڏيو وڃي ٿو. هن جي ماديءَ کي گهوڙي، بامني، بودلي، تري، ناز، نيلي وغيره نالن سان ڪوٺين ٿا. ٻيا وري رنگن ڪري نالا آهن: روجهي، بادامي ۽ ڪبوتري ۽ بانديوڙي، ڪڇي نسل جي گهوڙي سڏجي.

ڪنڌ ڊگهي ڪاسو ڇـَري، رنگ روجهـي رؤدار،
اهڙين پارين "عنات" چوي ڏاتر مـون ڪـا ڏيار.

هن ۾ ڪي ڪي گهوڙا اٽپاٽيارا هوندا آهن.

گهوڙن جا رنگ:

ڪميت هيءُ گهڻن ئي قسمن جا ٿين ٿا: ڪارنيرو ڪُـميت، مڪـڙو ڪُميت، ديناري ڪُميت وغيره. خاص طرح ڳاڙهي پڪي رنگ وارو گهوڙو ڪميت ڪوئبو آهي.

ڪبوتريو: سليٽي رنگ وارو هن جا ٻيا قسم آهن: سپيو ڪبوترو ۽ ديناري ڪبوتريو.

ديناري: جنهن جي بدن تي، روپين ڪان وڏا دٻڪ دٻڪ يا گول نشان ٿيندا آهن جي جدا جدا رنگن جا ٿين ٿا.

چينو:

اڇو ۽ ڪارو رنگ ملي سائيرو پيو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، هن کي ڪيسائون بہ ڪوٺين ۽ سائو چينو بہ چون. بدن تي اڇا اڇا ڪوڏين جهڙا چٽا هوندا اٿس. سڄو بدن چينيءَ جي ٿانءَ وانگر چلڪٽو ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

بُـورَ:

بہ چيني گهوڙي ڪي چون ۽ اشهرا خضر بہ.

سنجاف:

سفيد هلڪو پيلو، ڦورو خاڪي مائل رنگ ميرانجهڙو ڪو تہ نوريئڙي رنگ جهڙو بہ ٿئي، سنجاف جي گهوڙن ڪي جافون يا جابون گهوڙيون نالي سان سڏين.

نقرو يا بگلو:

سفيد تيز اڇو، جيئن ڪنهن ماڻهوءَ ڪي اسين پورو يا جنڙو چوندا آهيون. جيڪو اُس تي ڏسي ڪونہ سگهندو آهي. اهڙي رنگ واري ڪي پولي چون. هن گهوڙي جون اکيون بہ اڇيون ۽ ڪچيون ٿينديون آهن، سُت پيو وهندو اٿس.

انبلڪ / ابلق:

هي نالو، آسمان ۾ ڪارا ۽ اڇا ڪڪر گڏ هلندا ڏسي ڏنل آهي. ساڳي طرح جي سرمي سان لڙڪ گڏ وهندا آهن، تہ انهن ڪي بہ ابلق چوندا آهن، پر گهوڙن ۾ اڇا ڪارا يا اڇا ڳاڙها دبڪ هوندا تہ ان ڪي ابلق ڪونيو ويندو آهي. تنهنڪري ڳاڙهو ابلق ۽ ڪارو ابلق هن جون خاص جنسون سڏبيون آهن.

سرخو / اشهب:

هيءُ لفظ ئي اسان وٽ غلط استعمال ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ تہ سرخ جي معنيٰ آهي ڳاڙهو پر سرخو چون اڇي گهوڙي ڪي جنهن لفظ جو اصلي لفظ "صوفو" يعني اُن جي رنگ جهڙو هو، پوءِ بدلجي سرخو ٿيو آهي. هن رنگ جو گهوڙو اڇو ميرانجهڙو ٿئي ٿو، اکيون ۽ پيچ ڪارا ٿيندا اٿس. ڪن ڪي ڪارن وارن جي لغار پڻ هوندي آهي، جيڪا گهڻن سفيد وارن ۾ جيري يا ڪٽي وانگر گهوڙي جو رنگ بنائي رکندي آهي. هن جا قسم، سرمائي سرخو، چينو سرخو ۽ سائو سرخو ٿين.

مڪڙو:

يعني مڪڙ جي رنگ جهڙو، پيلاڻ تي يا ڪجهہ ساواڻ تي تڪيرڙو يا ميٽائون رنگ ٿيندو . هن جا قسم: موتيو مڪڙو ديناري مڪڙو ۽ پيا بہ ٿين.

ادهم / ڪارو:

هن ڪي مشڪي بہ چون، پر هوندو نـپُـور ڪارو آهي. جي ڪجهہ هڪلو ڪارسرو ۽ ڳاڙهاڻ ڏانهن مائل هوندو آهي يا گهاٽو ناسي رنگ هوندو اٿس تہ ان ڪي بہ مشڪي ڪونين، اشهب ادهم، ميرانجهڙو گهوڙو.

سمنڊ:

هيءُ مڪائي جي داڻن جي رنگ جهڙو ٿيندو آهي، هن ڪي پڪو پليو رنگ بہ چئي سگهجي ٿو. هنجون بشڪون ۽ پيچ ڪارو هوندو آهي، هن ڪي ڪي پيلو يا پيئڙو بہ سڏين. هن ڪي جي منهن تي اڇو بانو يا چٽو هوندو آهي تہ پوءِ ان کي يزيدي سَمنڊ سڏين. پر ڪنوتيون، بشڪون ۽ نريون ڪاريون هجنس ۽ پنيءَ تي ڪارو پٽو هجيس تہ "شينهن سمنڊ" سڏيو ويندو آهي. اهڙي رنگ جي هڪڙي شينهڻ سمنڊ گهوڙي، پير سائين پاڳاري جي خاندان ۾ مشهور هئي.

"تن جا آچارج اهجاڻ، جي مٽي پيئڙن پهريا"

بور / اشقر:

بور نالي چون "بور آهي شهزور". هلڪڙي ڳاڙهي سونهري رنگ کان وني، ويندي گهاٽي ڳاڙهي رنگ تائين سيني گهوڙن کي بور بنائين. هن جا قسم آهن: ناسي بور، اڇن چانين واري کي چينو بور چئبو. ٽامائي رنگ واري کي، روجھ رنگو [رانجهو يا رونجهو] ڪوٺيندا آهن.

نظم

مارئي تنهنجي ملڻ لئي سنجافون پلاڻيون سومري:
سرخين، سمنڊين سنج پيا تو عمر انبلڪون اونڌري،
پل پليون بورون، باداميون بودليون هلن پنڌيري،
ڪُميتن، ڪَبوترين سان اتيو، چيناڻ چٽا چري،
سُمند سراڙيندي وجي "سونهارو" چئي ناز ناچ ڪري،
روجهي ڪي روءُ ذاران نتي ساعت هڪ سري.
مشڪيءَ تي مارئي، تو چڙي سوين سينگار سَندري.
عاشق تيو عمر سومرو سو تو ويڙهہ ڏي وري،
تنهن سان بہ تي پير پري، ڪر ڪا ملڻ جي مارئي!

گهوڙن جون نشانيون: پنج ڪلياڻ، جي ڪنهن گهوڙي يا گهوڙيءَ جون چارئي نريون اڇيون يا چارئي پير ڏوتل ۽ دوناڙ تي اڇو چٽو/بانو هوندو تہ ان کي پنج ڪلياڻ ڪوٺين. اهي نشانيون ڪنهن بہ رنگ جي گهوڙي کي تي سگهن ٿيون.

پدم: پنج ڪلياڻ گهوڙي جي سنبن مٿان ڳاهين تي اڇيون منگليون ۽ ڪارا پٽا هوندا، ته اهو پدم چئبو.

تيرگوش: هلڻ ۽ ڀڄڻ ۾ ٻئي ڪن پوئتي ورائي ڀڄندڙ گهوڙو.

تيرگوش ڳڙهي: اتر سنڌ جو ڇوٽڙو گهوڙو پوئتان ڪن واري ڀڄندڙ.

ڪنڊيل يا ڪنڊڙيو: ڪنهن جون ڪنوتيون ڀڃڻ مهل هڪٻئي سان ٽڪري بيهن ۽ اڳيان جهڪيل هجن.

مينهن ڦريو: هڪڙي رنگ مٿان ٻئي رنگ جون ڦڙيون يا ٻڙيون ٻڙيون ڏسڻ ۾ اچن.

اڙل: ڏگهين بشڪن جي ايال وارو گهوڙو جو ٺهٺو، ٻهاڻ ۽ ڪڏٽو هوندو آهي. بوڏليو، ڪارو پنج ڪلياڻ جنهن جون پويون ٽنگون جهڪيل هونديون.

اَٺ منگل: اهو گهوڙو، جنهن جي پيشاني، پڇ، بشڪون اَيال، ڇاتي ۽ چار پير اڇا هوندا آهن.

بگلو: اڇي رنگ جو گهوڙو جنهن جي بدن تي سنهڙا ڳاڙها ٽبڪا هجن.

داڦڙ: اهو گهوڙو، جنهن جو هڪڙو پير اڇو هجي.

آل: سرخ رنگ وارو گهوڙو.

اسڪول: جنهن جي سڄي ۽ کٻي هڪ هڪ ٽنگ اڇي هجي.

اُبت ڏاٽيو: اڳين ٽنگ جو کاٻو ۽ پوئين ڄنگهه جو ساڄو پير يا اڳين ٽنگ جو ساڄو ۽ پوئينءَ جو کاٻو پير يا ٽنگ اڇا ڏوتل هجن.

سبت ڏاٽيو: اڳيون ٻئي ٽگون يا رڳو پويون ٻئي ٽنگون سفيد هجن.

گهوڙن جا ڪم: گهوڙا توڙي گهوڙيون سواريءَ، بارَ ڪڻڻ ۽ گاڏيون ڇڪڻ جي ڪم اچن، جنگ ۾ ته ڪم ئي گهوڙا ايندا هئا، جن جي لاءِ شاهه چيو آهي:

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ تورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا!

اولاڪ:

هنن گهوڙن تي ٽپال کڻي پهچائي ويندي هئي ۽ جن گهوڙن تي بار لڏيو ويندو آهي، تن کي "بارگي يا بارگير" گهوڙا ڪري سڏين ٿا.

گهوڙن جا عجيب ۽ غريب ڪرتب، سرڪسن ۾ به ڏيکاريا ويندا آهن.

چم:

گھوڙيءَ کي سني بڻ جهلڻ لاءِ اجورو ڏيئي ميڙائيندا آهن. هن جي پولهه تي چڙهي گهوڙو ڦريندو آهي، ڦرجڻ معنيٰ ڦر جهلڻ. هيءَ بارهين مهيني گهوڙي ويامندي آهي. هن جي نر ڦر کي وڇيرو ۽ ماديءَ کي وڇيري سڏين. اها وڇيري جڏهن وڏي ٿي ڦرجڻ جي ايامڪاريءَ ۾ ايندي آهي، تڏهن ان کي بهاڻ ڪونيندا آهن. وڇيرو ٽن سالن جو دوڪ، ٻه ڏندو يا سرل سڏبو آهي. پوءِ چوڳ چوڏندو يا چوسالو چون ان کانپوءِ پنجن سالن جو پانجاريو. انن سالن جو گهوڙو انور، ۽ بودڪي، ڇهن سالن جي گهوڙي سڏبي آهي. تيرهن سالن جو پور جوان هوندو آهي ۽ پوءِ پوئتي هٽڻ لڳندو آهي.

سنجڻ ۽ پنڌ سيڪارڻ:

گهوڙن کي پنڌ سيڪاريندڙ کي سئس سڏبو آهي. سئس پهريائين گهوڙي کي سنجيندو، چا ڪندو جو وات ۾ لوهه جو لغام جنهن جي لوهه جي ڪڙين ۾ سُٽ جون واڳون پيل هونديون، سو وات ۾ ڏيندس، جي شوخ ي اڙٻنگ گهوڙو هوندو، تہ اَنيرڻ ڪندس يعني لوهه جو الياڻ جنهن جون ڇهنبڙيون خاردار (ڪَنڊن جهڙيون) ٿينديون آهن، ٿورڙيءَ ڇڪ اچڻ سان ڪاڪڙو روڙي ڇڏينديون آهن، سو وجهندس. لغام الياڻ ڏيڻ کان پوءِ ڪاڏيءَ هيٺان مچيءَ سان هڪڙي پٽهڙ يا ٻٽو رسو ٻڌي، اڳين ٽنگن جي وچ مان ڇڪي آٽي پيٽ وٽ تنگ سان سوگهو ٻڌن. ان کي "لَوند" چون. بعضي چمڙي جي وڌي پڻ لَوند طور ڪم آڻين. پوءِ چوندا تہ هاڻي گهوڙو قواعد ۾ آهي.

لغام مٿان سرواڳي، جا پڻ سُٽ جي هوندي آهي ۽ ڪنن پويان ڪياڙ وٽ اٽڪي بيهندي. دونار تي مچي هوندي، تنهن جي مٿان مڪراٽو ٻہ ٻڌن يا تہ نہ. ڳچيءَ ۾ ٻگخور جو هن کي سوگهو ڪندو ۽ پوئتان سرڪڻ نہ ڏيندو. پنيءَ تي هڪڙو نيرو ڪپڙو جنهن کي ميل خور چون، سو رکي ان جي مٿان نود جو نهيل تل، تل مٿان ٽڙا يا ٽڙيون [ٽڙا وڏا ٿيندا آهن، ٽڙيون ننڍيون] رکبيون پوءِ انهن تي هنو رکبو آهي هنو گيدوڙي جي ڪاٺ مان نهيل هوندو آهي ۽ ان جي اڳئين حصي کي "پُرٽو" جو ڏبي مينهن جي سڱن وانگر يا انگريزي اکر ٽي وانگر هوندو آهي، پنينءَ ڪانيءَ کي اگهوڙ. پاسن کي پسرون، هني جي وچ ۾ هڪڙو چمڙي جو فوٽ سوا ٽڪر، جنهن جي ميخ پٺ ويڪري هوندي آهي ۽ اها

ڪوڪن ۾ ميخن سان اگھوڙيءَ ۾ لڳل هوندي ۾ اڳ ٿڦٽيءَ وانگر سوڙهو. چم جي ڪشي سان پرٽي ۾ قابو ڪيل هوندو آهي، ان کي چون مرد اچل يا مرد شل. اهو بعضي چانديءَ جي تارن سان يا پرت پريل يا لسو هوندو آهي، هني جي مرد اچل هينان هڪڙو چمڙي جو پٽو ورائي گھوڙي جي پيٽ هينان ڇڪي، هني جي پاسي ۾ لوھ جي زبانن سان قابو ڪندا آهن. ان کي؟ تنگ" چون. جو سيني سنجن کي سوگھو ۾ بلاٽتو ڪري بيهاريندو آهي. پوءِ هني مٿان ڪيس، چادر يا ٽوال چوٽو ڪري رکي ان کي بہ بئي پلاننگ سان ڇڪي پختو ڪندا. هني جي پسرن ۾ چمڙي جون وڏيون لوھ جي زبانن سان لڙڪيل هونديون آهن، جن کي "دوال" چون. انهن دوالن ۾ لوھ يا پتل جا رڪيب يا پاڳوڙا جي منڊيءَ نموني تي البت ٺهيل پيا لڳندا آهن، سي دوالن ۾ پيا لڙڪندا. اهي رڪيب بہ هوندا ۾ بنهي پاسي اٽڪيل رهندا آهن. اجا بہ هنو ڏرڪي يا گھرڪي نہ وڃي، تنهن لاءِ هڪڙو ڪپڙو جو رڱ رتل هوندو آهي يا ڳاڙهو حلواڻ، اٽڪل بہ پرهيہ ڪن هوندو آهي، سو گھوڙي جي پيچ هينان اڙڪ ڏئي آٽي هني جي ڪڙن ۾ قابو ڪندا آهن: وڏا ماڻهو وري لونگيون ڦيري ٻڌندا آهن. بهرحال انهن کي "دُمچي" نالو ڏنو اٿن. دمچي، گھوڙي جي دُنب تي پکڙي نہ بيهي، تنهن لاءِ وري هڪڙو بيلهڙو وانگر چمڙو يا بيٺو ڏورو ان جي وچ ۾ روڪڻ واسطي ڳنڍيندا آهن، جنهن کي "پُشتنگ" ڪونين. انهيءَ نموني جيڪي ٽپڙ گھوڙي مٿان رکن، تن کي "اُڙدڪ يا سنج" ڪونين. هني مٿان ڪپڙو ٻڌي رکڻ کي "گاشو" چون. ڪي وري هني جي سنجن بجاءِ زين رکندا آهن. زين سڄي چمڙي جي ٺهيل هوندي آهي، جنهن ۾ هينان تل جو نمد پاسن ۾ رڪيب دوالن سميت هوندا آهن. فقط ميل خور رکي ان جي مٿان رکبي آهي. گھوڙو سنججي تيار ٿيو، تہ سئس يا سوار لڪڻ هٿ ۾ ڪٺي، پير رڪيب ۾ وجهي، هڪڙو هٿ بشڪن ۾ جو واڳ سوڌو هوندس، ٻيو هٿ هني جي اگھوڙيءَ جي آڌر تي ٽيڪي، لانگ ورائي چڙهي ويهندو آهي ايال يا بشڪون گھوڙي جي ڪنڌ جي وارن کي چئبو آهي. ڪو وري اڙي سان چڙهندڙ واڳ جون بہ ڳليون ٿين، هڪڙي هن پاسي تہ ٻي هُن پاسي واري سڏبي آهي. جيڪڏهن ڪو شوخ شرير گھوڙو هوندو آهي، تہ سوار کي خاص موزا پيرن ۾ پيل هوندا آهن، جن جي پاسن ڪان اُپيون ميخون ظاهر بيٺل هونديون آهن، جن کي مهميزون سڏين، اهي

مهميزون گهوڙي جي بغلن ۾ هڻي هن کي نرا ڪٽڻ يا مٿي اُيرڻ کان روڪيندو آهي. نہ تہ رڳو اڙيون (اريون) پيو هڻندس.

بار واري گهوڙي جا سنج:

ٻر بار ڪٽڻ وارن گهوڙن کي وري هن ريت سنجيندا آهن. پهرين ميل خور، ان جي مٿان ٽپڙي يا تل، ان جي مٿان "ٻنهي" يا مَلهو، هن ۾ ڳوٽيون يا ٻُهہ پريل هوندو آهي، يا اڳڙين پريل وريي وانگي جيڪو لوهہ جي چمٽي وانگر پيو ڏسبو. مٿان رکي ان تي وري ٻيون ٽپڙيون يا ڳوٽيون رکي، ڇڪي تنگي ٻڌي سوگهو ڪندا آهن. پوءِ مٿانئس بار ڪٽڻ جو ڪڙيو، خرزين ٻورو يا ٻوجهو رکندا آهن. ساٿي ماٺهو وري مڃيءَ جو تنگڙ رکن ۽ اڳ کان ٻل ڏيئي چڙهي ويهن.

گهوڙي جو پنڌ:

گهوڙي جي هلڻ کي تور سڏين. جنهن جا ڪيترائي قسم آهن. ڏگام، چرل، وچڙال، رلو، چوتو مُنِ، مُنِ، چوتي، چوٺ، آوار يا رؤ. تنهن کان مٿي ويرَ ڪرڻ ڪونين.

وکون:

مادريو، ڇئوباز، ڇئو بار مٿي لس هلندڙ، وارڙيو، وارڙيو ويريو چوٺ، ٺُور، سرارو، وک ڪاري هلندڙ هوندو تہ لوٺبڪ، اڏ سراري، ڊَڪ، "گهوڙو ڪري تہ ڪري ڊڪ!" جي رلي ۾ پير ڪاري هلي تہ ٻتڙ چون. ڊڪ ۾ پير گهلي ڪٽندو آهي. گاڏي واري گهوڙي جي پنڌ کي ڊُڪ، ترات چون. ڇڏائي ڀڳل گهوڙي جي ياڇ ڪي، گيالف يا ميدان چون ۽ ان جي سنبن جي آواز کي ڪڙبات ڪونين. اسان جي پٽ ۾ گهوڙن جا سٺس سوار هيءَ ٿيا آهن:

سوار:

سنڌ ۾ مشهور گهوڙا سوار رهيا آهن، انهن ۾ پريو پنهور دنبالو، مرزو لغاري ڳوٺ سعيد خان لغاري، وسايو ماڇي وينل بودو ماڇي، شير محمد فقير وينل ڊير لڳ قلهڏيون، ٻچو سهتو تندو باگو، قادن شاهہ ميرواهہ، استو جمعو حجام ۽ استو متارو حجام تندو الهيار، جعفر شيدي محبت ديرو، عيدو مگٺهار ٻير جو ڳوٺ، مرزو ڪالرو وينل ڏتو ڪالرو تعلقو تندوالهيار.

گهوڙن جا پيا ڪم:

اسان متي چئي آيا آهيون تہ گهوڙا، سواريءَ ۽ بار ڪڍڻ جي ڪم اچن ٿا، پر گاڏين ۾ بہ وهندا آهن. جنهن گاڏيءَ ۾ گهوڙو جوٽيل هوندو آهي، تنهن کي گهوڙي گاڏي چئبو آهي، ۽ جن گاڏين تي ماڻهو سواري ڪندا آهن، تن کي ٽانگو، ٽم ٽم، وڪٽوريا يا وڏي گاڏي سڏبو آهي، ۽ جن گاڏين تي بار ڍوئبو آهي، تن کي گهوڙي بار گاڏي ڪوٺين. گهوڙي گاڏين جو رواج انگريز حڪومت جي ڏينهن ۾ هتي پيو هو.

جيڪو گهوڙو گاڏي ۾ هلائڻو هوندو آهي، ان کي اول ڪيڙيندا يا پوئن يا پاڻءِ ڏيندا آهن. يعني اکين تي لغام واري آنڌاري چاڙهي ڳچيءَ ۾ هسلي يا طوق وجهي، انهيءَ جي ڪنڌن ۾ رسا وجهي، سي ڪنهن تختي سان يا پاٽيي سان وڪوڙي، ان تختي تي ڪوچوان چڙهي ويهي گهوڙي جي لغام جون رئنون هٿ ۾ جهلي، ڇهبڪ ڪٽي، گهوڙي کي هلڻ سيکاري گاڏيءَ جي وجهہ جو بنائيندو آهي. گهوڙو تيار ٿيو تہ وڏيڪ پنيءَ تي پنڊي رکي ان جي بارڪشن ۾ گاڏي جا پول ڦاسائي ۽ ڳچيءَ واري طوق سان چمڙي جا جوٽا ڳنڍي، سي پولن جي پڇاڙيءَ وارن ڪنڌن ۾ اٽڪائيندا تہ گهوڙو، گاڏيءَ کي ڇڪڻ شروع ڪندو.

جنگي گهوڙا:

گهوڙا خاص طرح جڏهن جنگ جي ميدان ۾ ڪم ايندا هئا، تڏهن انهن کي "غازي مرد" جو لقب مليل هوندو هو. حضرت عليءَ عليہ السلام جي گهوڙيءَ کي "دلدل"، امام حسين جي گهوڙي کي "ذوالجناح" ۽ رستم پهلوان ايران جي گهوڙي جو نالو "رخش" هو. حضور نبي ڪريم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن، جنهن گهوڙي تي چڙهي معراج ڪيو، تنهن کي "براق" ٿا ڪوٺين. گهوڙا جنگين ۾، دشمن جي لشڪر سان لتن ۽ چڪن سان وڙهندا هئا، پنهنجي سوار جي زخمي ٿيڻ يا مرڻ تي ان جي ڪمربند ۾ چڪ وجهي آڻي پنهنجي ڇاوڻيءَ ۾ ڇڏيندا هئا.

ذوالجناح:

امام حسين عليہ السلام جي گهوڙي جو، بارهين بارهن مهيني يعني هر سال ماه محرم ۾، امام جي شهادت کي دل تي تازي رکڻ جي لاءِ ذوالجناح جو سرگس ڪڍيو ويندو آهي، ۽ ان کي سني نموني سينگاريو ويندو آهي ۽ اهو سينگار هن پر هوندو آهي: هن گهوڙي تي گهٽو ڪري پنج سنجي رکندا آهن.

پنج سنجيءَ ۾، سنجن کان سواءِ گهوڙي جا ڳهه يا ساج به شامل هوندا آهن، جهڙوڪ: تل ۽ ٽڙا زريءَ يا مقيس يا پٽ جا ڀرت ڀريل ٿين. ڀهرين زريفت يا چمڪندوزيءَ تي جهل ان جي مٿان تل ٽڙا، پوءِ هنو تنگي ۽ ڊوال به چانديءَ جي تارڪشيءَ تي ڀريل هوندا. هني جي ڀرٽي ۾ پاڳ يا دَستار ٻڌي ويندي آهي، هني جي ٻنهي پاسن کان ڊالون يا سپرون مع تلوارن سوني يا چانديءَ جي قربانن يعني مٺين سان، مخمل جي مياڻن يا ڪُپن ۾ پيل. مٿان پاسيريون ٻڌل رهنديون آهن. گهوڙي کي ڳچيءَ ۾ ڳانيون، هسليون، سرواڳ، ڳلخور چانديءَ جي جنوئي ۽ ٻيا ٽپڙ يا ڳهه چاندي جا پڻ وجهن. جي چانديءَ جي تائيتن ۽ نُسپدين سان جڙت جڙيل هوندا آهن. ان کان سواءِ موتين جون سرون لڙهيون تائيت ڪنمالون ۽ چندن هار پڻ وجهندا آهن، گهوڙي جي دونار تي سون جون دهريون ۽ رومال ريشمي به ٻڌن، پيرن يعني سنبن کي گلابي يا ڳاڙهو رنگ ڪري، انهن ۾ پازيب، نورا چانديءَ جا پائين. پنيءَ تي دنب مٿان چاندي جا قل دمچيءَ سان گڏ ٻڌن، جي وڏا ويڪرا تائيت هوندا آهن ۽ تي هڪ طرف تہ ٻي طرف دنب تي پڪڙيل رهن ٿا. اهو گهوڙو هرهڪ پڙ تي جهنڊي ۽ مسجد ۽ ڪنهن اولياءَ الله ۽ سيدن پيرن جي حويلين جي چانئٺن تي مٿو ٽيڪيندو رهندو آهي. هن کي امام بارگاهن مان سينگاري ڪڍندا آهن.

سرڪس جا گهوڙا:

گهوڙا سرڪسن ۾ به عجيب ۽ غريب ڪرتب ڏيکارين ٿا. جهڙي رنگ جو رومال گهرجي، اهو رنگ آڻين. ٻيتي پٽي يا ڏرتيءَ مان پوريل شيءِ ڪڍي اچن، پنهنجي ماسٽر جي ڇهبڪ يا اوڳيءَ جي اشاري تي ڪيترائي جانبازيءَ جا ڪم ڏيکارين ٿا.

گهوڙي جو بيان:

گهوڙي جي پيرن کي سنب، گهوڙي جي ڇيڻي کي لڏ، هن جي آواز کي هڻڪار ۽ جڏهن زورائتو آواز ڪندو آهي ۽ نڪ جون ڇوٽيون پيون لڳنديون اٿس، تڏهن انهيءَ آواز کي زيل چون. اڳيان پير مٿي ڪڻي تہ انهن کي دڙها ۽ پويان پير مٿي ڪٽي اُڇلي تہ انهن کي پستيون هڻڻ سڏين. گهوڙي کي پنج واتي يا پنج هٿي بلا ڪري ڪوٺيندا آهن. چاڪاڻ تہ اڳين توڙي پوين ٽنگن سان تہ وڙهي، پر وات سان بہ چڪ هڻندوآهي. گهوڙي جي اڳئين پير ۾ هڪ رسو

وجهي ٻڌجي ته ان رسي کي اڳياڙي ۽ جي ٻنهي اڳين پيرن ۾ به رسا وجهي ٻڌجي، ته انهن کي ”ڏُدستي“ چون. پوئين ڄنگهه جي هڪ پير ۾ پيل هڪ رسيءَ کي ”پڇاڙي“ ۽ ٻنهي ڄنگهن ۾ پيل ٻن رسين کي ”ڏُپري“ سڏين. گهوڙي کي گهٽو ڪري ڇيڪ يا اجلا نه ڇڏين. گهٽو ڪري لغام يا ڳچي ۾ ڳراهو رسو يا ٻوٽ تي ٻوٽاڙو ڏنل رسو هوندس، جي چرندو ته پير ۾ ڏگهو رسو وجهي پاڍي ڇڏيندس. جيئن رسي جي ڊيگهه جيتري ٻائڙ ۾ چوڌاري ڦري پيو چرندو، جي پاڍيندس، نه ته پوءِ پيرن ۾ ڏاوڻ يعني ٺوڙهو وڪوڙي وجهندس يا نير يا شڪيل هڻندس. هڪڙي گهوڙي تي چڙهي ۽ ٻئي گهوڙي کي واڳ کان وٺي هلڻ کي ڪوئتل ڪونين، پر گهوڙي تان لهي واڳ کان جهلي هلڻ کي گهوڙو ڏورڻ چوندا آهن. گهٽن ڊڊن جي آواز کي ”ڊيڪار“ چون. جتي گهوڙو ٻڌجي ان جاءِ کي ڪُڙهه يا طنبيلو ڪوٺيو ويندو آهي. جي اهو اونداهو هوندو ٻونئر يا ڀهرو چونس.

گهوڙن جو کاڌو:

گهوڙو گاهه برسيم، لوسڻ، ڪتر ڪانا ٺونا چرندو آهي. جنهن جاءِ تي اهي سندس کائڻ لاءِ رکن اتي ڪانين جي آڏ ٺاهين ان جاءِ کي ”اورنو“ ڪونين. ڪن گهوڙن کي مالڪ روزانو ”داڻو“ به ڏيندا آهن يعني ٻاجهر يا ڪڻڪ جا داڻا ٽوبري ۾ وجهي، ٽوبرو هڪ ڳوٿريءَ وانگر ڊگهيرڙو ڳوٿرو يا ڪوئٿرو يا پاهوڙو آهي، جنهن جي ترڪي اڌ تائين چمڙو ۽ مٿيان ڪرڙي وانگي ڏاس جو جڙيل ٿئي ۽ اُٻنگ وانگر ڪشو پيو هوندو اٿس. هن کي ان سان پري گهوڙي جو وات اندر وجهي، ٻوٿ مٿان ۽ ڪنن پٺيان ڪشو اٽلائي ڇڏين ته بيٺو چرندو آهي، ۽ جڏهن اهو ٽوبرو خالي ٿئي ته هٽنڪندو آهي، ۽ مالڪ ٻوٿ تان ٽوبرو لاهي وٺندو اٿس.

اسان وٽ چوڻي آهي ته ”ٽٽوءَ کي ٿارو، تازيءَ کي اشارو“ ٽٽو ڇٽبو آهي، ٻندري چوٽي قد واري گهوڙي کي، جيڪو ڍرو هلندو آهي، ان کي ٿارن يعني چڙين چانين، ٺلهڙن، لڪٽن، لنين، ڏکن سان پيا هڪليندا آهن، پر تازي يعني عربي، عراقي يا ترڪي گهوڙي جي نسل وارن کي رڳو آڙي هڻبي ته واءُ ٿي ويندو آهي. اهي گهوڙا پلا ۽ قداور ٿيندا آهن. جن گهوڙن کي ميڙائڻ واسطي سانهه ڪري بيهارين تن کي چون ته اهو گهوڙو ”ڏرند“ آهي، يعني گهوڙين تي پوندڙ يا ڦرندڙ آهي.

گهوڙن جون بيمارين ۽ علاج:

گهوڙن کي ڪيترين ئي بيمارين ۽ مرض تين تا، جي ڄاڻو ماڻهو ڏسي سڃاڻي انهن جو علاج ڪندا آهن، تن مان هيءَ مشهور آهن.

چڪار:

سنبن مٿان ڳوڙهو نڪري پوندو آهي، جنهن کي ڏنپ ڏيندا آهن، ته آهستي آهستي نسوئجي ويندو آهي.

هڏڙي:

نريءَ يا ڳوڏي ۾ نڪرندي آهي، هن کي به ڏنپ ڏيندا آهن.

رس پاڻي: سنبن مٿان مُڇا مُڇا تي بيهندا آهن، انهن کي ڏنپ ڏيئي ڇڏائين، بعضي انهيءَ رس مان هڏ به پيدا ٿي پوندو آهي.

باديو: ڳوڏن ۾ هوا يا پاڻي ڀرجي پوندو آهي، هن لاءِ ڏنپ به ڏين ۽ گهوڙن کي دوائون به ڪارائيندا آهن.

ڪامون / ڏندن جون مهارون پرجڻ:

هنن پرجڻ ڪري چُري نه سگهندو آهي، اندران مهارن جون سيرون ڇوڙيندا آهن.

ماچو: اڳينءَ ٽنگ ۾ ٿئي ٿو، وهٽ سڌي ٽنگ ورائي نه سگهندو آهي، هن ريت ڏنپ ڏين. ڇا ڪن جو، جنهن ٽنگ ۾ ماچو هجي ان جي ابتڙ پاسي واري ڪن جي پاڙ ۾ ڪوڪو تپائي نبض تي رکي ڏنپ ڏين.

سرگهيل:

هيءَ زڪام وانگر آهي، هن جي لاءِ ٻاجهريءَ جي ماني پچائي ڪارائين، آڏيريءَ جي ڏينن جو واس ڏين يا ڪاريون اڱڙيون نير ٻڏليون ساڙي انهن جو دونهون نڪ ۾ ڏين.

سرگهيل هڏ ڦاڙ:

هن ۾ وهٽ اکين مٿان يا نڙيءَ وٽان ڦاٽي پوندو آهي، هن واسطي دوائون ۽ مالا ڏيندا آهن.

سرگهيل سڪو:

گهوڙو ڊوڙائي ڊوڙائي يڪدم پاڻي پيارڻ ڪري ٿيندو آهي.

پونهار: پوئينءَ ڄنگهه ۾ ٿيندو آهي، ڄنگهه ڇڪجي بيهندي يا منڊي ٿي پوندي آهي.

ٻنڊ: هن جي معنيٰ آهي ڇوڪرو، ٽڪجي پوڻ ۽ عضون جو ٻڌجي پوڻ. تنهڪري وهٽ وڌيڪ هلي نہ سگهندو آهي، رڳو پيو ٻڌ ڏيندو آهي. هن جي لاءِ ڪٽي جهڙي ڪپڙي ۾ ماهو ڇيٽو وجهي، نپوڙي، اهو پاڻي ٻاجهريءَ جي داڻن سان ملائي کارائبو آهي.

آبگير:

گهٽي ان ڪائڻ ڪان پيٽ ٻڦجي [آڦرجي] پوندو آهي، جنهن ڪي آڦري بہ چون. گيهہ اوتيندا يا ناٿيندا آهن يا تيل ۽ ڏڏ بہ پيارين.

پيٽ جو سور:

بکيي گهوڙي کي گهٽو ڊوڙائبو ۽ پوءِ گهٽو گاهہ کائيندو يا گهٽو پاڻي پياربو، يا سکل ٻهہ چرندو، تہ سور پوندس. هن لاءِ ڏن ڪان چار آگر اڳيان پيٽ تي ڏنپ ڏيندا آهن.

چيلهہ جهلجڻ/واءُ ٽيڻ:

پگهريل گهوڙو، يڪدم پاڻيءَ ۾ وهنجارڻ سان جهلي پوي ٿو.

چٺو پوڻ:

سنج برابر ۽ ڇڪي رکيل نہ هوندا، تہ پنيءَ ۾ چٺو پئجي وڃي ٿو.

جهڙ لڳڻ:

اڳين پيرن جو سنب ٻئي نسب سان هلندي ٽڪربو آهي.

منيا هڻڻ:

اڳئين پير جو سنب ٻئي پير جي ڳاهيءَ يا مريي تي لڳندو آهي.

چاٽو ٽيڻ:

گهوڙين کي ٽيندو آهي، ڦرحڻ جي لاءِ وَهہ چڙهندي اٿن. هن لاءِ گهوڙو ميڙائين، نہ تہ پاٺهي ڇڏي ويندو.

ٿاپو: وهٽ جي ڪمزوريءَ ڪان اوچتو هلندي پير مڙي يا اٽڪي پوندو آهي.

خاص طرح خفتين ۽ چاٽُن وٽ وهٽن جا ڪيترائي علاج آهن.

ريچ: پڻ هڪڙي بيماري آهي جنهن ۾ وهٽ "ڏڇر" يعني گهٽ کائيندو ۽ چرندو آهي، "سڇر" نہ هوندو آهي يعني جيڪي کائي سو جيوري وجيس.

برساتي/بدڪنار:

هن ۾ رت ۽ چمڙي جي خرابي ٿي ويندي آهي.

بدنام: هن ۾ گهوڙين کي سنبن، گوڏن، ٽڙن ۽ سار ۾ ڦٽ ٿي پوندا آهن.
باد خور: هن مرض ۾ گهوڙن جا وار ڇڻي پوندا آهن.

خچر ۽ گڏه:

هنن ٻنهي جانورن کي هڪڙي دفعي ۾ شمار ڪيو ويندوآهي. خچر تڏهن پيدا ٿيندو آهي. جڏهين گهوڙيءَ مٿان گڏه ٽپي لڳ ڪندو آهي ۽ جڏهن اها گهوڙي ويامندي آهي، ته هڪڙي اڌوگابري گاڏڙ جنس جانور پيدا ٿئي ٿو، جنهن کي خچر ڪوٺين.

خچر:

نر جو نالو خچر، ماديءَ جو خچري آهي. جڏهن خچري خچر مان ڦر جهلندي آهي، ته ويامي ڪين سگهندي آهي. پوري ٻارهين مهيني ان جو پيٽ چيري ڦر ڪيندا آهن ۽ ان کي استر چون. اهو استر بار کڻڻ جو مضبوط جانور ليکيو ويندو آهي. چون ٿا ته ان جي چٽني ڪرن جي هيٺان چار پڪيون سرون رکي پوءِ مٿانئس بار پيو لڏبو آهي ۽ جڏهن چارئي سرون پڇي پور ٿي پونديون ته بار رکڻ بند ڪندا اٿس. ڪن جو ڪاٿو آهي ته سرن جي پڇڻ جي لاءِ به اٽڪل سؤ مڻن جو انداز هئڻ ضروري آهي. هتان جا پير سيد ۽ وڏا ماڻهو پنهنجي سفر لاءِ محافن ۾ سواري ڪندا هئا ۽ انهن کي خچر ڪاهيندا هئا.

انگريزن جي ڏينهن ۾ سرڪاري توبخانو خچرن کان ڇڪايو ويندو هو. اهو توبوخانو اهڙو ڳرو هوندو هو، جو فقط هاٿي ڇڪي سگهندا هئا. ڏس آهي ته خچر جي پيچ جو وار ماڻهوءَ جي ٽيل هسي جي ڳوڙهيءَ جي پاڙ ۾ ڇڪي ٻڌي ڇڏبو آهي، ته پنجن ڇهن ڏينهن کان پوءِ هسو ڇڻي ويندو آهي.

گڏه:

سؤنٽي هجي ساڻ ته گڏه گوهي نه ڪري!

گڏهن تي نبين سواريون ڪيون آهن. اڄ به حضرت عيسيٰ عليہ السلامجي گڏه تي مقبرو نهيل آهي، هن جي پوڄا ڪئي ويندي آهي.

هيءُ تمام سستو، ٺورڪائو پالتو جانور آهي. هن جي نر کي گڏه، خرُ يا ڪرُ ۽ ماديءَ کي گڏهي ڪوٺيو ٿو وڃي. هن جي مادي، ڦرُ جهلڻ مَهل ڇاٻا ڏيڻ لڳندي آهي، ان مان سمجهه ۾ اچي ٿو، ته هن کي ڦرجڻ جي خواهش گهٽي ٿي رهي آهي. گڏهي ٻارهين مهيني ويامندي آهي. نر ڦر کي ڪودو يا ڪودڙو مادي

ڦر ڪي ڪودي يا ڪودڙي سڏين. جڏهن ڪودي لڱڻ جي ايامڪاري ۾ ايندي آهي تہ ان کي ٻيهاڻ ڪونين. وچ عمر ۾ ڪيري بہ ڏندي، دوڪ، ڇٺو سالي وغيره ڏندن موجب شمار ڪن.

ڪر ڪودڙيون ڪر ڪودڙا، تن جا ٻتيءَ ڇوٽ ٻهاڻ،
تني جي رهاڻ، گلو سڀوئي گار ڪيو!

گڏهن جا رنگ:

ٻاجهريو، ڪٽڪ رنگو، ٻالهڙو، نيرو [عام رنگ]، ٽامڙيو، ڳاڙهو، ڪارو نيور، اڇو بگو، ۽ ڪار چوٽيو، جنهن جي ڪنن جون چوٽيون ڪاريون ۽ پاڻ اڇو هوندو آهي ۽ دٻڪن وارو پڻ ٿئي.

نسبتي نالا:

خراساني: ڍگهو، قداور بدن جو مضبوط خراسان ملڪ جي نسل وارن مان آهي. هتي گهٽو ڪري پناڻ خرڪار مٽيءَ جي ڪم ۾ واهيندا آهن.

لاسي:

قد ۾ خراسانيءَ کان لانيرو پنڌ جو تکو، گهٽو ڪري سواري جي لاءِ ڪم اچي.

سنڌي:

هن جا گهڻئي قسم آهن. بدن جو هلڪو ۽ قد جو ننڍو ان کي "تڪرُ"، ڪونين. سنڌي مضبوط ۽ وڏن گڏهن ۾ خاص طرح ٻاگهل، ويسر ذاتيون جي حيدرآباد لڳ تا رهن ۽ ڪنيار ۽ چوهاڻن جون گڏهيون مضبوط تکيون ۽ قداور هونديون آهن. سندن پانچ پنج، ساڍا پنج فوٽ هوندي آهي.

گڏه:

داين، بنارن، جنڊاهوڙن، شاه جي شڪارين ۽ ٻيون جيڪي سنڌ ۾ لاڏاٽو [خانہ بدوش] قبيلا آهن، تن وٽ اوس آهن ئي آهن. اهي اهڙا مشهور ناهن رڳو بار برداريءَ ۽ لڏڻ ڍوئڻ جو ڪم ڏين تا.

گڏهن جا ڪم:

ڪنيار، گڏهن تي ڪڙيو ڪاهي ڇاتي يا بوجهو رکي ان تي ٿانون جوڙڻ جي لاءِ سڪي مٽي آڻين، "آونگ" يعني رڌ پچاءَ جا نڪر جا ٿانوَ ٽنگڙ ۾ وجهي لڏين ۽ ڪٽي وجي وڪڻن، اوڏ، گڏهن تي ڪانٽ جا ٻنڊا، جندرا يا ڪجاوا رکي، انهن تي آلي مٽي ڍوهي ٻٽيون بنائن. دايا ۽ بنارا توڙي خرڪار، گڏهن

تي سرون، واري ۾ پنجو ڊوئيندا آهن. هاٿي گڏهه گاڏيون بہ نڪتيون آهن. جن ۾ گڏهه ٻڌجن. تہ ۾ گڏهن سان هرَ ڏين ۾ جندرا رکي پري پري کان پاڻي ڀري اچن. پورهيت ماڻهو جهنگ مان ڪاتيون وڍي گڏهن تي لڏ رکي اچي شهرن ۾ وڪڻن. عام طرح ڀهراڙين ۾ گاهه پني، ان پيهائڻ وغيره جي لاءِ هر هڪ ماڻهو وٽ گڏهي هوندي آهي.

گڏهه جو ڪاڏو:

خاص ذاريل گڏهن کي ماڻهو هٽ جو ڪيل گاهه ڪارائين، ڪن کي داڻو بہ ڏين نہ تہ گڏهه جهنگ چري گند ڪچرو ڪائي پيٽ ڀري ٿو. گڏهه وري اهڙو نڙ ٽيندو آهي، جو هوڏ ٻڌي بينو تہ هٽي ماري ڳيا ڪري ڇڏينس حرام جو هڪڙي وک بہ وڏيڪ هلي! اتي بينو اِٽ هٽندو. اِٽ ڇون پوين ڄنگهن جي ٻڌيون ٻڌيون لتون هٽڻ چوندا آهن. ان کي پست اچلڻ بہ چون. پلين گڏهين کي پوئينءَ ڄنگهه ۾ پنجوڙي ۾ اڳيان ڳراهو وجهي ٻڌن. هڪلڻ مهل تکن گڏهن کي لغام ۾ ڊرن کي ٻوتاڙو يعني رسيءَ جو وڪڙ ٻوٿ کي ڏيئي چڙهي ويهي هڪلين. بنارا دوا يا اوڏ جن وَٽ گهڻا گڏهه هجن، سي هڪڙي ڊگهي رسي ٻن ڪلن ۾ ٻڌي انهيءَ ۾ ٿوڙهو ٿوڙهي اٽڪائي گڏهن جي پوئين ڄنگهه ۾ ٻڌن. ان رسيءَ کي "تندو" چون.

اسان جي ملڪ سنڌ ۾ وڏا ماڻهو گڏهه تي سواري ڪرڻ عيب سمجهن، پاڻ جي ڪنهن کي شرعي تعذير ڏيڻو هوندو اٿن تہ ڏوهاريءَ جو منهن ڪارو ڪري، موڇڙن جي ڪنڌي ڳچيءَ ۾ وجهي، گڏهه جي پولهه ڏانهن منهن ۾ ٻوٿ ڏانهن پٺ ڪري ان ماڻهوءَ کي چاڙهي سڄو شهر پناٺيندا آهن. هوڏانهن عرب ولايت ۾ گڏهه جي سواري فخر ڄاتي ويندي هئي.

گڏهه پلاڻڻ:

سواريءَ واري گڏهه کي وات ۾ لغام ۾ ان ۾ واڳون مٿان سرواڳ، ڳچيءَ ۾ ڳانيون ۾ ڳانديا يعني ڳنڍين وارا وٽيل ڪارا ڏورا. ڳلخور. ٻوٿ تي مکراٽو ۾ ڳچيءَ ۾ مٽڪن جون سرون. وجهندا آهن. پوءِ پنيءَ تي ٽيڙي رکي ان جي مٿان آٽر، جي پڻ ڳوٽين ۾ ٽپڙن مان نهيل آهن. انهن تي ايندي، بنهي يا ملهو رکي تنهن جي مٿان رلي پکيڙي، ڊاکن تي ڪنر. جي سينهوڙن جهڙا ٽيندا آهن، جن کي ڪشي سان ڇڪي ٻڌبو آهي، آٽرن کي سوگهي رکڻ جي لاءِ پنيان پولهه کان رسو ڪشڻ کي نوارو پڻ ڇڪي ٻڌبو آهي ۾ پيٽ وٽان تنگ.

پنڌ: گڏهه کي گهوڙي وارا سيئي پنڌ ڏيندا آهن، ڪن حالتن ۾ پلن ڪان پلن گهوڙن کي پنڌ ۾ به گڏهيون ميدان ماري ويندڻيون آهن.

گاڏيءَ ۾ جوٽڻ:

”گڏهه گاڏي“ جو نانءُ، بيل گاڏيءَ جي نانءُ ڪان جان تان ننڍو ٿيندو آهي. اڳيان ٽانگي وانگر به پول هوندا اٿس، جن جي وچ ۾ گڏهه کي جوٽيندا آهن. گڏهه کي انڊاريءَ وارو لغام بوٽ تي چاڙهيو ويندو آهي. پٺيءَ تي پنڊي ۽ ان تي ڪڙائو يا ڪاٺي يا هنو رکيو آهي. اهو هنو لوهه جو چوئيپري منجهڻ وانگر ٽئي تي ان جي بارڪشن ۾ پول ۽ چاتي واري طوق سان جوٽيا، جي هڪن ۾ ڦاسندا آهن، لڳل ٿين. بعضي هڪڙو ته بعضي ٻه به گڏهه به ان گاڏيءَ کي ڇڪين. وچ وارو آندرو ان کي ”جوٽو“ ۽ پولن ڪان ٻاهر واري کي ”جُتَ“ سڏين. پٺاڻ ماڻهو وري ان کي ”پُخ“ ڪوٺين.

گڏهه جو بيان:

اسان سان بڪيرا تعلقي ٽنڊي الهيار واري ڪنيار نالي پانڌي جيڪو وڏي چمار جو هو ڳالهه ڪئي ته: قاسم ڪنيار ويٺل قيصر ڳوٺ لڳ ٽنڊوآدم واري وٽ ۽ مون وٽ گڏهيون پليون اٽڪل ساڍا پنج فوٽ پانچ ۾ هيون ۽ پنج پنج مڻ بار خوشي سان ڪٽي رلي ۾ هلنديون هيون. ان وقت جيتوڻيڪ گهٽي سهانگائي هئي، تڏهن به منهنجي گڏهه ساڍن ڇئن سون روپين ۾ چار ملوڪ. چار ڪانيوءَ جي مائٽ ورتي، جا اڄڪلهه جي ملهن موجب چاليهه هزار روپيا لهندي.

گڏهن تي بار ڪٽڻ ڪان سواءِ ٻه ٻه ماڻهو پيلهه چڙهي سواري ڪندا آهن، ميرن جي صاحبيءَ ۾ هندن جا سيٺيون ۽ واڻيا وڪال گڏهن تي سواري به ڪندا هئا، ته وٽج واپار وڪرُ وڙو به آڻيندا نيندا هئا، ۽ ميرن جي ادب ۽ احترام ڪان ڪڏهن به گهوڙي تي نه چڙهندا هئا. انگريزن جي حڪومت جي اڌ صديءَ تائين منجهن اهو رواج هلندو آيو. ٺٺنڪري وچائتن وٽ به پلوڙ گڏهه هوندا هئا. ڪي ماڻهو گڏهن کي رڱو ٻوتاڙو ڏين، پر ٻنارا ته رڱو سوئنٽيءَ سان هڪلين ۽ ورائن. هن جي ڇيٽن کي لڏ، هن جي آواز کي هينگ، هن جي پيرن کي ڪرَ، پوين ڄنگهن کي ٽوٽنيون چوندا آهن.

گڏهه، اهو جانور آهي، جنهن کي پگهر گهٽو ڪونه ٿئي، پلي سچو ڏينهن ڪاڙهي ۾ بيٺو هجي. تڪي گڏهه کي سوءَ ڪوهن جي منزل تي پهچڻو هوندو

آهي، تہ ڊوڙندي هر پنجويهن ڪوهن ڪان پوءِ هڪڙو ڊگهو ڦونگهارو هڻي، وري بہ رئيءَ ۾ پئجي ويندو. گڏهن وارن کي گاڏهي ڪونين.

گڏهن کي گهڻو ڪري چڻي جو مرض ٿيندو آهي، جو آٽرن جي گسڪڻ يا گهٽ هئڻ سببان بار گهڻي هئڻ سبب پنيءَ جي ڪل رڙي ويندي اٿن ۽ پوءِ اها ڇُڪي ڇڪي وڌندي ويندي آهي. تان جو پني جو ڪندو پيو ڏسبو اٿن. اهڙي حالت ۾ بار کڻڻ کان نر رهندو آهي، مالڪ پڻ منجهانئس آسرو پلي هن کي ڇيڪ ڇڏي ڏيندو آهي. بني يا چڻي واري هنڌ تي لڏ يا مٽي ٻرڪي ڪانگ جو ڪنپ ٻڌي ڇڏيندا اٿس تہ ڪانگ نہ پٽينس. چِتِر گڏهہ ڪانگن کي ڏسڻ ۾ آيو تہ پاڻيءَ جون ڇهنبون ٻري ٻري چڻي تي نئيندس تہ پلي ڇڪي ۽ پوءِ منجهانئس ڇهنبون جهوڪي جهوڪي پٽي پيا گوشت ڳڙڪائيندا آهن. جي ڏٺي نہ ٿيس، تہ اهڙيءَ طرح ڪانءَ ماس پٽي پٽي ڪائي ماريندس.

گڏهن بابت ڪيترين ڪهاڻيون ڪتابن ۾ گڏ ڪيون ويون آهن. اڳوڻا بادشاهہ جي ڪنهن امير تي ڏمريا هئا، تہ ان کي جيئرو ئي جيئرو گڏهہ جو پيٽ چيرائي ان ۾ اندر سبائي پوءِ درياهہ ۾ لوڙهائي ڇڏيندا هئا.

سواريءَ جو ٻيو ڪو جانور منزل تي پهتو تہ اولاٽي ٿيڻ يعني سنجن لهڻ کان پوءِ ڪنهن اچي پوني تي ليٽاڙيون پائي ٽڪ ڀجندو پر گڏهہ اتي جو اتي لڏ ۾ ليٽي پوندو. انهيءَ ڪري تہ چوندا آهن: گڏهہ لڏ ۾ ليٽي پنهنجي پسوري پڌري ڪندو آهي. هن وقت پاڪستان ۾ ٻارهن لک گڏهہ موجود آهن.

ڳائو مال:

ڳائي مال ۾ ڍڳيون، ڍڳا ڳابيون ڳابا اچي ٿا وڃن. هن مال جي ڌاريندڙن توڙي چارنيدڙن کي ڳنوار، آهير، ڳانئچو، ڌنار يا ڌراڙ ڪونين ٿا. ڳابن ۽ ڳابين جي چاريندڙ کي ڳابار سڏيو ويندو آهي.

هيءَ مال ٻُهي يا اُجوري تي بہ چاريو ويندو آهي ۽ اَڌياري تي بہ جنهن جو مطلب آهي تہ جيڪي ڦر - لار ٿيندا سي مالڪ ۽ چارنيدڙ پاڻ ۾ اڌواڌ ڪري ورهائي کڻندا، يا چوٿ تي، يعني چئن ڦرن کان پوءِ هڪ ٻُهيءَ ۾ ڏنو ويندو يا ڙڳو ڏوپ تي ڏنو ويندو آهي. ڪٿي تہ چاريندڙن جا پگهار بہ مقرر ٿيل هوندا آهن.

ڏوپ تي ڏنل مال جو ڪير چاريندڙ ڪتب آڻيندا ۽ ڦر - ڦلا ٿين مالڪن يعني ڀاڳين جا، ڪي تہ ڌنارن کي وري (ورهيو) بہ ڏيندا آهن. هڪ سال جي

توڻ ٻڪائي ۽ ماهي مال کي ڳڌي وانديون ڇڏين. ٻنهي مالن جي ڳڏيل ڌڻ کي گوهر ڪونبو آهي.

ڳئون، ڍهين مهيني ويامندي آهي. هن جي نرڦرن کي گابو، وهڙو، ڳوڏو، ٻڙدو، بلد، بيل، ڏاند، ڍڳو نالا ڏين ۽ مادين کي گابي، وهڙي، اوسر، ڳانءِ، ڳئون ۽ ڍڳي سڏين.

چمار بابت:

آلياوڙو، [تازو چاول ڦر] ۽ ڪيرو، [ڪير ڏائڪ ڦر] پوءِ ڇٽ، تنهن ڪان پوءِ اوٺاڪ [جنهن ڪير ڏائڻ ڇڏيو هجي] پوءِ ٿيندو ڪندرايل. يعني نوان ڏند ڪڍڻ لڳندو. ٻن سالن جو ٿيو تہ ٻہ ڏند نڪرندس ۽ هن کي ٻِسڳو، دوڳ، ٻڙندو يا ٻڏندو سڏين. چار ڏند نڪتس تہ چوڳو، ڇھ ڏند نڪتا تہ ڇڳو. انن ڏندن وارو آڏي، ان ڪان پوءِ مڙيل يا موتيل. انن سالن ڪان پوءِ گوندريو ان ڪان پوءِ سڀ ڏند ڇٽي پيس تہ پوءِ پُڏيا پوڏ.

ناري پاسي ڳئون جو ڦر/گابو/گابي) وڏي ڳئون/ٿيڻ تائين هيءَ مرحلا طي ڪندو آهي:

1. ڏاوچ [ڪير پيئندڙ]
2. ڪڙهي [ڪير ۽ ٻن چرندڙ]
3. چرهي [گاھ کائيندڙ]
4. گابي [ڏيڍ- ٻن سالن جي]
5. وهڙي [ٻہ ڏندي]
6. ٿيهاڻ [ڏُڪي ٿيڻ جوڳي]
7. ڦهريات [ڦهريون ڦر ڇٽيندڙ]
8. ڳئون [سوا / آلوڙي]

ساڳيءَ ريت نرڦر، ڏاوچ، ڪڙهو، چرهو، گابو، وهڙو ۽ پوءِ سانُ ٿيندو آهي.[1]

ڪو وهڙو آماهيو يعني شهوت ٿيس، تہ ٿيو آنڪو سانهہ. ان ڪان پوءِ پڪو سانهہ ۽ ڍڳين سان ڇڙواڳ هليو ۽ ڦرڻ لڳو تہ ٿيو بجار سانهہ. گابي شهوت ۾ اچڻ لڳي تہ ان کي وهڙي يا وهريل چون، وهُ، چربيءَ کي چئبو آهي. قدرت ڍورن جي ٻنيءَ اندر سار ڪان سڏو متئين ياڳي ۾ چربيءَ جي ٻُور يا داڻ داڻ پيدا ڪندي آهي، جڏهن اها گهٽائي ۾ ٿيندي آهي، تہ وهڙي ڦرجڻ جي لاءِ آتي ٿيندي آهي، ڇو تہ ان ٻُر ٻُر ۾ گهٽي گرمي هوندي اٿس ۽ بدن پيو

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

پوسرندو اٿس. اهڙي ڳابيءَ کي بوراڪ، ٽاڳڙ يا اوسر سڏيندا آهن. جيستائين نر سانهه اُن ٻور کي جنهن ۾ ڏاڍي تپش هوندي آهي، پنهنجي ٻوٻ جي هڪڙيئي جهوڪ سان ڪرڙي نه لاهيندو آهي، تيستائين اها وهريل ڏاڍي وياڪل ۽ پريشان پئي ڦرندي آهي. جڏهن ٻڙڌ ڪي ائين يعني ميڙائين تڏهن وڃي سُڪون تيندو اٿس.

ميڙائڻ جي لاءِ، ٻجار سانهه ڌڻ يا گوهر سان گڏيو پيو هلندو آهي، جي ڪا هڪڙي ٿڪَ هوندي ته ڏٽي پاڻ ڦيرائي ايندو. پر ڌڻ جي حالت ۾ سانهه، هرهڪ پوريل وهريل ڍڳيءَ جي سار سونگهي ان جي پولهه تي اُڀري چڙهي ڦرندو. جي ڦرڻ ۾ دير ڪندو ته ڌراڙ ڌُڪائيندس ۽ هشڪاريندس ان لاءِ مخرج سان هيءَ آواز ڪندو. ”دوئي.... دوئي.... ٿُر ٿُر... هم دو.... ٿُر ٿُر... همد دو.“.

انهن آوازن ٻڌن شرط ٻلِ ڏيئي سار ۾ ٻونڊ داخل ڪري، هڪڙي يڪي جهوڪ ڏيئي هيٺ لهي پوندو. جنهن ماديءَ تان چڙهي هيٺ لٿو ته اها تي ڦريل يعني ڦر جهليل، ڍڪي يا لڳل ۽ جڏهن ويامڻ جي ايامڪاريءَ کي ويجهي تيندي ويندي ۽ جي اينوهه هوندي يعني نئي سامائي ۽ ڦري هوندي ته اوهه هيٺ لاهڻ لڳندي، جنهن کي چوندا ته اوهيل آهي ۽ ويامڻ ۾ مهينو ڏيڍ مس ڪيندي. باقي ٻن – چئن ڏينهن تي ٻيئي، ته ويامو چوندس. اڃا ٻه جي سارِ مان سوچ تيل حصو جنهن کي آس چون ٻاهر لڙڪندو ڏناڻون، ته پوءِ ته اِجهاڪي اِجها! جي وهر ڪٽي ويئي، ته چون ته هاڻ ولهامي ويئي آهي.

ڀهريات جي ڀهرين پيري ويامڻ تي ان کي ايهو، اينهن، ايهوڙي، اِنوڙي نالن سان سڏين ۽ تازي وياڻل کي آلوڙي، گهٽن ڏينهن جي وياڻل کي سُئا، سئا ڪير ڏهائيندڙ کي سڏبو. ڪير نه ڏهائيندي ته سوڪيل يا وهڪيل سڏيندس. ڏهائي بند ٿيس ته پوءِ ڪونبي ٿندي، ڦرجڻ ڪان پوءِ ڦر ڪيرائي ڇڏي، ته ان کي اُٽلائڻ چون. جي ماڳهين نه لڳي، ته پوءِ ٿنڊر چونس. گهٽي گرمي سبب ڍڳيون ڪير نه ڏينديون آهن يا ٿلهي مواڙ هٽڻ ڪري نه لڳنديون آهن. انهن کي ڪارڪون ۽ ٻوجري هيڊ ڪارائيندا آهن، ته جلد وهرجي پونديون آهن. ٿنڊرون، ڪاساين کي وڪڻن يا ڪنهن شادي غميءَ ۾ کهي هلائي ڇڏين يا ڪنهن پير فقير جي مجتا مجي، ٿندر اتي خيرات ڪن. ڀهرئين پيٽ وياڻل کي ڀهريات، ٻئي پيٽ وياڻل کي ٻهار ۽ ٽئين پيٽ وياڻل کي ٽهار چون. ڍورن ۾ واندين جي

پيرن کي ڪرُ ۽ ڪرن جي ڇيرواري هرهڪ حصي کي ڪراندي. ڳائي مال جي آواز کي رنپ ۽ فضلہ کي ڇيڻو يا بوسو چون.

ڳائي مال جا رنگن جي ڪري نالا:

اڇڙي، ڪاري، ڪڪڙي، چوئنري، ڏوئنري. بولهائي، ڪبري، تيلي، ڪمري، ٻانيٺي، سائي، رائي راڻي (هن جو بدن ميٽائون ۽ اکيون سخت ڪاريون انهن جي هينان اڇا اڇا لينگها هوندا آهن.) ان ريت ڍڳن کي بہ انهن نالن جي رنگن سان سڏين ٻانيٺو، اهو ڍڳو ٿئي جنهن جو رنگ اڇو، اکيون اڇيون، پر پرون بہ اڇا هوندا آهن، چوئنرو اهو ڍڳو جنهن جي ٻيچ جو هينيون مچو هجي. رائي، اها ڍڳي، جنهن جي بدن جو اڳيون حصو ڪارسرو ۽ پويان اڇي ميرانجهڙي هوندي آهي.

سڱن موجب ۽ ٻيا نالا:

سڱري، جنهن جا سڱ سنهڙا ۽ ڊگهڙا تين. نوني، هڪ سڱ پڳل يا پاڙون چٽ، موڏي، صفا سڱ نہ. ڏڏر، ٿوررڙا سڱن جا تڪا نڪتل، ڏبي هڪ، سڱ لڙيل، ڪولهي، ڪن ڪان ڪري، لنڊي، پُڇ پٽيل. ڏبو ڏاند هڪ سڱ وارو.

ڳائي مال جا ڪم:

هن مال جا ڏاند، هرلي، نار، هرَ هلرَ ڪيڻ، سهاڳي، ڇيڇڙي، گهاٽي ۽ ٻيل گاڏيءَ ۾ وهن.

ٻيل گاڏيءَ جي بناوت:

ٻيل گاڏيءَ کي ٻہ چاڪ يا ڦيتا، هڪ نانئو، ڌري، پول ۽ پانجياري تين. سڄي گاڏي هن نموني ٺهيل هوندي آهي.

نانهن:

هڪ ڪاٺ جي گهڙيل [گول فوٽ قطر] ٻائڙ واري دوڳي، سوا فوٽ يا ڊيڍ فوٽ چورس / ڪعب هوندي آهي. ان جي پوري وچ ۾ اڌ انچ نيم قطر وارو سوراخ نپيل ٿئي. ان نپيل دوڳيءَ کي ”نانهن“ ڪونين ۽ ان جي ٻنهي ڪنارن تي لوهہ جا گول پٽا جن کي آمڻ چون، سي چاڙهي سوگهو ڪن تہ ڪٽان ڏري يا ڦاٽي نہ پوي. وچ واري سوراخ ۾ ساڳئي ميڪر جي لوهہ جي سرلي جانڙي وانگر هوندي آهي، نوڪي ويهارين. نانهن جي سرليءَ وارن ٻنهي پاسن ڪان

لوھہ جا پترا جن کي توا چون، سي ڪپائي ويهارين ۽ ناهن جي ٻاهرين پاسي ڏيڊر تي چورس ڪَپ ڪري، انهن ۾ سل چوڙ ڪري ڏيڊ، ٻن فوٽن جون چورس ڪانيون گهڙي ٺوڪين. انهن کي آرا، سڏين: ارن جون مٿيون پوچڙيون پڻ گهڙي انهن جي مٿان ڪمان وانگر تلها چورسا ڪانيون ٺپي سوراخ ڪري سل چوڙ وانگر اهي ڪانيون آرن مٿان ٺوڪي ويهارين. انهن ڪانين کي "نيڪيون" ڪوٺين، اهي نيڪيون ٻہ اڍائي فوٽ ڊگهيون، اڍائي تي انچ موڪر ۽ عمق ۾ ٽين، اٽڪل ڇهہ ڪن ارن سان ٻچي چاڪ ٺائيندڙ آهن. هرهڪ چاڪ ۾ ٻارهن ارا ٽيندا آهن. پوءِ انهن جي مٿان لوهہ جو پانو تپائي نيڪين تي چاڙهي پاٽي نائي ناريندا، تہ نيڪيون ۽ ارا، نانهن ۾ جڪڙجي ٻيهندا. اهو ٽيو چاڪ يا ڦيٿو.

نانئو:

هيءُ پيتيءَ وانگر نهي ٿو، ٿي پاسا بند باقي مٿيون پاسو کليل رکبو آهي. نانئي ناهڻ جي لاءِ پهرين ان جو قالب يا فريم ناهبو. چاڪن جو چوئوتا بہ ايسوتا سمهاري انهن کي سل چوڙ ڪري وري چار ايسوتا انهن جي ڇيڙن ۾ سوگها اُيا ڪري ويهارين، جي اڍائي فوٽ ڪن اُيا هوندا. انهن جي مٿان سل چوڙ ڪري، ٻانڪو يعني سمهاريل پٽيون ٺوڪين، ٻانڪن هيٺان پسرن جون پٽيون ۽ پانيل تختا پاسن ۾ هڻن، اٽڪل بہ فوٽ ڪن چار چار پٽيون اُڀيون بنهي پاسي پانيل جي هڻن، انهن کي سوگهي رکڻ جي لاءِ هرهڪ پاسي لوهي ڊگهيون تي ٿي سيخون لڳائين. هيٺان تري ۾ بہ يا اڍائي پاڙچا تختا ٺوڪين، پاڙچن تختن ۽ پانيلن وارن ايسوتن کي مضبوط رکڻ لاءِ گوڏي وانگر گهڙيل واڏڪن جهڙا ڪٺا چئني ڪُندن تي ٺوڪي ويهارين. اڳيان هڪ تختو ڪندن ڪان چل ورتل ڪندن ڪپيل پول مٿان رکي ان کي بہ دامنون پاسن ڪان ٽڪندي نموني ۾ ٺوڪي هٽي انهن دامنن جون پچاڙيون هڪڙي ننڍڙي فوٽ ڏيڊ جي چورسي ۾ نپي ويهارين. ان کي مڪڙي چون ۽ سموري اڳئين نٿ کي منجڻ نالو ڏين. مڪڙي جي پچاڙين ڪان ٽورو پوئتي بہ وڏا سوراخ ڪدين جن ۾ آڏا يا ڏنڊا اُيا ڪري وجهندا آهن، جو بعضي گاڏي اُٺ تي پرٽي هوندي اٿن. انهيءَ ساري سجنٽ کي نانئو ڪوٺين.

ڏري ۽ پول، نانئي جي هيٺئين پاسي پوري وچ تي هڪ ٻبر جي ڪاٺ جو چورسو جيڪو وچ مان جهڙي نيسر وانگر نپيل ٽيندي آهي، ان کي پيتي سڏين

پوءِ نپيل ياڳي جهڙي ۾ لوهہ جي ڏري يا سرائي جا مڻ - ٻہ ڳوري ۽ پنج فوٽ ڊگهي وچ ۾ چورس ۽ پچاڙين ۾ گول ۽ انهن پچاڙين وٽ سوراخ ٽيل هوندا اٿس سان پيل ياڳي پيتيءَ ۾ ويهاري، ناننءِ جي هيٺان پول، ابتڙ طرف ۾ نوڪي مٿان اها پيتي نانني سان ڪولين يعني لوهہ جي ونگڙن پٽن سان ايسوٽن سان نوڪي ويهاريندا آهن ۽ ان پيتيءَ جو پول سان ڪُپيل حصو وچ تي جڪڙجي بيهندو آهي. ان ڏريءَ جي پچاڙين ۾ چاڪ پوندا ۽ ان جي سوراخن ۾ آٽون يا چابيون پونديون، تہ چاڪ سوگها تي قرندا. ڏُريءَ ڪان ٻاهر نڪري نہ سگهندا، پول، چيل جي ڪاٺ جو نوَ فوٽ ڊگهو 4 باءِ 3 فوٽ عمق تولهہ وارو نانني جي منجهڻ ڪان چار ساڍا چار فوٽ ٻاهر نڪتل ڊگهيرو هوندو آهي. ان واڌ کي اَوَدَ يا اُود پول چون. اُود جي پچاڙيءَ ۾ هڪ ڪاٺ جو گهڙيل گوڏي وانگر ونگڙو ڪُڻ، جنهن کي اوٺو، اُوٺڙو يا اونٺڙو سڏيندا آهن، سو ڪلن سان نوڪي ويهارين. هيءُ گاڏيءَ جي سطح کي سنئون سڌو ڪري بيهاريندو ۽ پول کي پجڻ ڪان بچائڻ جي لاءِ رکندا آهن. اونٺڙي مٿان پول جي اَوَدَ واري پچاڙي تي پانجاريءَ جو پورو وچ، رسن واجهن يا ڪِلن سان سوگهو ڪندا آهن.

پاجاري:

هڪ تلهيري ساڍا چار - پنج فوٽ ڊگهي ڪاٺي هوندي آهي، جيڪا گهڙي چلي ان جي ڪونهٺ وارو پاسو لسو ۽ ڪونهٺ وٽ سلاميءَ وارا اڌ گول اُتاڳَ ۽ وچ ۾ بونبڙي يعني ڪرهو، ٻنهي پاسي سوراخ، اتاڳن ۽ پچاڙين ڪان ٽي انچ پريرا هوندا اٿس. جڏهن ڏاند جوٽجن تہ انهن سوراخن ۾ ڪاٺ جا ڪلا جن کي ڏورٽا چون، وجهي انهن ۾ چمڙي جا اَرنگا يا جوٽا اٽڪائي رکن، جيئن ڍڳي جي ڳچي پانجاريءَ هيٺان ايندي ۽ پانجاري سندس ڪلهي يا ڪونهٺ تي بيهندي، تہ اهي ارنگا يا جوٽا ڳچيءَ هيٺان ڦيرائي ٻاهرئين سوراخ جي ڏورٽي ۾ وڪڙيندا آهن، تہ ڏاند سوگهو تي پيو هلندو آهي.

بيل گاڏين جا ٻيا نمونا:

ايڪا، يڪڙا ۽ تين ۽ هڪ ڍڳي واري بيل گاڏي بہ ٿئي. ان جي نانني جي پاسن ۾ ٻہ ڊگها ايسوٽا لڳائين جي ٽانگي گاڏي جي پولن وانگر ٽي بيهندا آهن ۽ مٿان انگڙياٺ، ڪونهٺ تي ٻهيڻ جيترو اڍائي - ٽي فوٽ ونگڙو ڪاٺ نوڪي ڇڏين، جو ڍڳي جي ڪلهي تي رکي گاڏي هڪلبي آهي.

هرهڪ گاڏيءَ جا چاڪ، ڏري گسي نہ وڃي ان جي لاءِ هڪ لوهہ جو ڊپو بانڪ ۾ ٽنگيل هوندو آهي، جنهن کي آواڻ ڪونيس. منجهس تيل ۾ ٻڏل اڳڙيون پيون هونديون آهن، جتي بہ گاڏي چيچٽ ڪندي، تہ گاڏير اها چڪني يا سٽيي اڳڙي ڪڍي، ساٿن جي سرلي ۾ ڌٻاڙي وجهندو تہ چاڪ ترڪٽو ٿي ڦرندو. گاڏي جي ڪيپ پرڻ مهل گاڏي وارو، چاڪن کي اونگڻ يعني ڪامروڪ ڏيئي بيهاريندو ۽ پوءِ مٿان مال سٿيندو ويندو. جي پول واري پاسي مال گهٽو پرجي پيو، تہ گاڏي داٻائو ٿي پوندي ۽ جي پاڙچي پاسي مال کي ليٽ ٿي تہ اها گاڏي الار چئبي، ۽ جي مٿي چوٽ پري تہ اُن کي اُٿ چون. اُٿ ٿي گاڏير ڏکيو ويهي سگهندو آهي، پرپ مهل مال سٿڻ ۾ پورو خيال رکيو ويندو تہ مال جو وزن گاڏي تي هڪ ساريڪو ورڇيل هجي. ڪيپ پري تہ گاڏير ڇهبڪ (جنهن ۾ ٽي فوٽ بانسوڳن ۽ پويان ٽي - ساڍا ٽي فوٽ چمڙي جي رسي ڳن سان ڇڪي ٻڌل هوندي آهي، سو هٿ ۾ ڪٽي ڍڳا جوٽي ڪندو الانوهار.

گاڏين جي لاءِ، چون تہ ڪڏهن ڪين سڌرندا، هڪ تہ الله جي زمين ٿا چيري هلڻ جي ڏکيائي ڪن، ٻيو ڳوين گگدامن تي ڇهبڪن جو شپڪو ڪندا وتن ۽ انهن تي ڪڏهن قياس ڪونہ اچين، ٽيون انهن جي پوري پرگهور ڪونہ لهندا آهن، جتي آيو اتي ڇڏي هليا ويندا نہ گاهہ جي، نہ پاڻيءَ جي نہ ڇانوَ ۾ آرام ڪرڻ جي پوري خبر وٺندن. پر وٽاڻ بہ پورو صفا ڪونہ رکندا اٿن.

ڍڳن جا قسم:

ڍڳو، جيڪو هرَ هلر ۾ هلي تنهن کي "هاري ڏاند" ۽ جيڪو گاڏيءَ ۾ وهي تنهن کي "بيل" [ڍڳي گاڏيءَ کي بيل گاڏي بہ چئبو آهي] جيڪو نار يا هرلي ۾ هلي تنهن کي "جوڳي ڏاند" ۽ جنهن جي پٺيءَ تي سواري ڪجي يا سامان سڙو ڍوئجي يا پخالون پرجن، تنهن کي "پوني ڏاند" چون. جنهن ڏاند کي ڪنهن نئين ڪم ۾ واهڻ لاءِ ڪيڙين سيکارين ان کي آڏاري يا جڙو ڏاند چون. بنان عيب واري کي سڙهہ ڏاند ۽ پوڙهي کي قريو ڏاند يا ڍانيو سڏين. ڪو ڍڳو چورائجي وڃي تہ چور ۽ پاٽاريدار ان کي ڪنڌاٽو ڍڳو ڪونيس. ڪيترا ماڻهو پرميل آهن، تہ هيءَ ڌرتي ڏٻي ڏاند جي هڪ سڱ تي بيٺل آهي.

ڍورن جي سينگار جو سامان:

هن سامان جا ٻہ قسم آهن: هڪڙو واڄي وارو سامان، جنهن ۾ سانيارا، سنيارون، سانير، ڇڙا ڇڙيون، ٽلا ٽليون، ڪڙڪا ڪڙڪيون، گهنڊڻيون

گهينگهريا، منڙ منڙيون، چنگ چيرون اچي ٿيون وڃن. هنن مان جن جو آواز ڳرو ۽ ٿلهو هوندو آهي [لار جي لڳڻ سان جيڪو آواز نڪرندو آهي،] ته ان کي هڪڙُ، سڏين ۽ جيڪو سنهون ۽ تکيرو جهانءِ تي هوندو آهي، ان کي ”سرئُون“ سڏين. ٻيا آهن ڳچيءَ جي ٻڌڻ جا سامان. هنن ۾ ڳانيون، سهليون جي مٽڪن، ڪوڏين ڪوڏن ۽ پيرت سان پريل هونديون آهن، ماهيند، مڇيون، مکراٽا، انداريون، موڙ، مهرا وغيره.

مال پهر ائڻ:

صبح واري ڏهائي ڪرڻ کان پوءِ ڏنار يا ڏٽار مال جا رسا ۽ نير ڪڍندو جي واڙيل مال هوندو، ته اَرليون لاهيندو ته مال پاڻُو ڇڏي نڪري ٻاهر اچي اُگهل تي بيهندو. اتي ساروٽي ڪري پوءِ هڪلي اچي پاٽي پيارينڊن، جتي نرن جا ساڳا جدا ڪري پياريندو. ڇو ته متان اوڪون هٽي هڪ ٻين کي پاٽيءَ کان تاهين. پاٽي پيارڻ جي لاءِ ڍورن کي ڇيڪاريندو، سنهيون سنهيون سيٽيو هٽندو، پوڪرون ڪندو، توئي توئي چوندو تاهڙ مال ۽ ڏورامن کي پهريان آنهه تي آڻيندو. مال تسجي پوءِ تسيو ته ڪو راڳ ڪاهيندي ڪنهن سر کي جوءِ يا ڪنهن ريل ڏي. پاڻ راماٽا ڪندو، هونگرون ٻُنڪارون ڪندو ڊگهي ڏانگ ڪنڌ تي رکيو ڏٺا ڏيندو هلندو. هونگر ۾ اي.... هي.... امان.... امان ۽ او.... هو.... آ.... هو.... هو... ڪندو وتندو. ڪنهن جي پيل ٽيڻ نه ڏيندو. ڪا هرياري (ڇاڇوڪڙ) تڪ يا وهڙي هوندي، ته ان کي ڪنهن هيراڪ سان سلهڙ هٽي سلهاڙيندو يعني ٻنهي جي سڱن يا ڳچيءَ ۾ هڪڙو ئي رسو واجهي ڇڏيندو. يا جتي گهٽو گاهه هوندو ته اتي پير ۾ ڊگهو رسو وجهي ڪنهن وڻ ٽڙيءَ، ڊپ جي يا سرَ جي ٻوڙي سان ٻڌي پاڍي ڇڏيندو. اهو پاڍيل وهٽ اتي جو اتي پيو ڦرندو ۽ چرندو. ڪن کي ارل يا ڳٽ ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏين، ته ڪن کي ڊبڪ ڏيئي ڇڏين. باقي مال اَجلا ڇيڪ پيو چرندو.

تاڪ منجهند تي، ڏرتتي ته وٽن جي جُهنڊ جي ڇانءَ ۾ آٽي وسرام ونائيندن، ڍور ڇانءَ ۾ اچي ويساهي ونندا. ڪي تيڙا تيڙي پئي ڦوڪون پيا هٽندا ته ڪي وينا اوڳر ورائيندا. ڪي وري اکوٽي پيا ڪندا يعني ڏرتي ڪرُن سان ڪوٽي ٻکي [دز] پيا اُڏائيندا ته ڪي اوساڪون ڪندا يعني پنهنجو ڪنڌ مٿو آسمان ڏي ڪٽي رنيندا ناسون هٽندا.

ڏينهن آجهاٽو، پاچولا وريا ته ڏنار مال کي جهٽ جهوڙ وهٽائيندو، چڪ وات ڪرائيندو، تنواريندو، تائيندو، تڙيندو، تاهوت ڪندو اوهير يعني ڏهائي

مهل تي آٽي وٽاڻ تي ٽانيڪو ڪندو يا ياڻ پيڙو ڪندو. اوسر اوڪاٽيو، سمي پائي سڪ ٽيو سانوڻ سڏايو تہ سنبيڙيا. سانگي ۽ سنگهار سنيت ڪندا سرچيءَ سيم ڏي، ولها ۽ ونهيان ڪو راڳ ڪاهي وسوئنن تي وانديون هٽي پٽن پيڙا تي پاٽا بنائي ويهي رهندا. اتي گاهن جا گدام ساوڪن ۽ سبزن جون مينگهہ ملهاريون لڳيون پيون هونديون آهن.

آيل مال کي وٽاڻ تي ڍورن کي ٽوٽي تنيي، مني منگهي، نيهري نير سان ڪلي ڪيري سان، ڪنهن کي ٽوڙهو ٽنگ ۾ تہ ڪنهن کي ڳراهو ڳچيءَ ۾، ڪنهن کي سرڪڻ سڱن ۾، تہ ڪنهن کي پينگهي (پينڊي)، پنجوڙي پير ۾، ڪو منهيءَ جي منڍ ۾، تہ ڪو سنگهر سان لاٽيو ۾، تہ ڪو وڳر سان وانيو ۾، ونگيو وراڪيو پيو هوندو.

ڦر - ٽڪر، لار لشڪر جيڪي مال جي پهرجڻ ڪان پوءِ چڙيا وتا چيڳون ڪندا، تن کي مال موٽڻ ڪان اڳ ۾ واجهي وڪوڙيندا ۽ جيڪي مال سان گڏ چراگاهہ چرڻ ويا هوندا، تہ انهن کي ڏائڻ جي سوس ڪان ٻوتاڙيون ۽ ڇڪا جي نوڙين سان واٺيل چاريل هوندا آهن. ٻوٽ تي چاڙهي ڇڏين ۽ ڪن کي وري آنگهو يا ٻلڻ ٻوٽ تي ٻڌي ڇڏين. ٻلڻ، ٻن ڪانين کي جن جون ڇهنبيون گهڙيل هونديون وچ ۾ ڪپُ ڪري ڦنڇيءَ وانگر ناهي مٿان سوڙهيون ۽ هيٺ ويڪريون، سي نوڙيءَ سان ڦر جي ٻونار مٿان رکي چاڙيءَ هينان ڦيرائي ٻڌي ڇڏين. اهو ڦر جي ماءُ کي ڏائڻ جي ڇڪ ڪندو ۽ ٻگو هٽندو تہ ماءُ کي اوهہ ۾ ٻسانگيون لڳنديون تہ ٻل ڏيئي، ٿهي، هٽي پري ٿي ويندي.

ڏُهائي ڪرڻ:

مال چارو چري ٿيندو واندو تہ سنڌَ ۾ رچَ آٽيندا، جن ۾ پاٽي لپ پيل هوندي. هرهڪَ سرڳي جيڪا ڦر تي مڙندڙ هوندي، تنهن جو ڦر ڇوڙيندو، پوءِ سنئين مهاڙيون ڏهڻ لڳندو. ڇتل ڦر وچي ماءُ کي ٿڻن ۾ ٻگا هٽندو، ڏڳڙيندو ۽ ڇڳڙيندو تہ مادي مڙي ٻيهندي ۽ پيشاب ڪندي. ڏنار يڪدم ٻاڙڻ ڪندو، يعني ڦر کي ڪن ڪان جهلي ماديءَ جي اڳينءَ ٽنگ سان ڍنگ جي هڪڙي چيڙي سان سلهڙيندو ۽ ڍنگ يعني رسي جو ٻيو ڇيڙو ماديءَ جي پوين ٽنگن ۾ پيچ اٽڪائي ڏاوڻ ڪندو. ڦر جو پولهہ ٿيندو ماءُ ڏي ۽ ٻوٽ ٿڻن ڏي. ماءُ ڦر کي پٺي چٽيندي، ۽ ڪير لاهيندي. ڏُهائي ڪندڙ ڪوبہ رَچ ڪٽي، اُيڪرو يا اوڪُـڙو

ويهي، اهو سَنڌُ گوڏن جي اڙ تي متي جهلي، پاٽي جي ڏِڪ سان ٽڻ ڏوئندو ۽ سوئيندو، پوءِ بسم الله ڪري منيون ڪراين جي زور سان ٽڻن کي نچوئڻ لڳندو ۽ کير جون سيڙهون ۽ گوها بوهاڙا ڪري ٿانءَ ۾ پيو هٽندو. تان جو ڏهي وجي ٿانءُ پريندو. ان وقت کير جا بوهاڙا، سيڙهن جا سرڙات ۽ گوهن جا گهوگهاٽ مادين جي ڦرن کي چٽ چٽان ۽ ڦرن جي چسڪ چسڪان ۽ ٻين جي رنڀ رنيان ڏاڍي نزاڪت واري پٽي لڳندي آهي. هرهڪ ماڻهو ياڳيي ٻنجڻ جو خواهشمند ٿيندو آهي.

ڦرُ جي آلياوڙو [تازو چاول] هوندو، تہ ڏنار ان جي لاءِ اوراسو ڪندو يعني هڪڙو پاسو ٽڻن جو ان جي ڏائڻ واسطي ڇڏيندو، ۽ ڪجهہ گاهہ چروُ هوندو تہ هڪ ٽڻ لاڪائُس ڇڏيندو، پر اوتاڪ هوندو تہ پوءِ رڳو ڇڳڙ ڏياري وجي آهوري تي ٻڌندس.

جيڪي ارڳيون هونديون ڦرن تي آر نہ هوندن سي ڪراڊيون رهنديون [ڏهائڻ ۾ ڏکايون ڪنديون.] انهن کي ڪَتَـر يا ڪيتو ڪنڊڙ چون. ڏهڻ وقت انهن جي لت ڇڙيءَ جو ڦهڪو پيو پوندو ۽ ڪي اوسر هونديون يعني ڦرن تي آرنڀ هوندن. مگر ڦر مري ويو هوندو، تہ ان ڦر جي کل لاهارائي اُن جو ٻهائتو يا ٻهاٽو يا ڪلڙي پرائي، اهو بوتو ماديءَ اڳيان ٻيهاري ڏهائي ڪندا آهن ۽ ڪي وري پاڙڪ يا آريتي ٿيندون آهن. مطلب تہ اهي چاري ڪائڻ سان مڙنديون آهن. انهن کي ڪاهرون، ڪونين.

ڏنار، ڏهائي ڪري کير جو ٿانءُ رکندو ويندو، تہ کير جي ڦيڻ نري، ماهيڙ، جيڪي کير وڪڻندا آهن، سي بروقت اهڙو اکين ڏڏو کير ٿيتين کي اتي جو اتي مٿپ ڪري ڏيندا آهن ۽ جيڪي ڪٽي وجي شهرن ۾ وڪڻن، انهن کي پچا (بيچوا) چيو ويندو آهي. انهن کي کير توڙي پس ڪائڻ جي پَل آهي. رات ڏينهن جهڻ ورتائين ۽ جي ڪو کير ڪٽي ٻيئندو بہ، تہ ان سان ڏڌ ملائي ٻيهڙ يا ڦيڏرو ڪري پوءِ ڪائيندو آهي.

تازي ويائل ٿڪَ جو کير آوانڪو [ڪَچو] هوندو آهي، جنهن کي آلوڙو بہ سڏيندا آهن. ڦر جي ڄمڻ جي پويان ڄر نڪرندي تہ اهو آلوڙو کير ڏهي وننڌا آهن. اهو کير نڪي پاڻ ڪم آٽين نڪي گهٽو ڦر کي پيارين پر ماڻهن کي ورهائي ڏين، جي وري انهيءَ ڪچي کير ۾ ڪنڊ ڦوٽا وجهي هلائي چاڙهي

باهه ٻاري پاٽي ٺهڪائين ۽ ان ديڳڙي مٿان اهو ٿالهه ڍڪي رکن جو پاٽيءَ جي ٻاڦ يا اُٻ تي رڌجي چَٽڪ ٿي پوندو آهي. جنهن کي پٽس ٿا سڏين ۽ اهو چڪيون چَڪيون ڪري ورهائي کائين. ماديءَ جي ويم کَان پوءِ ٻه ٽي ڏينهن کير اَوانڪو هوندو آهي. جو پوءِ ٻه ڪنڊ ڦوٽا وجهي ديڳڙي ۾ رڌيندا ته دڳ دڳ ٿي پوندو آهي، ان کي چون "ٻرهي" سا پڻ سُرڪي کائين.

ماهيڙ: هر ڪنهن مهيني جي يارهين تاريخ رات وارو کير ڪونه وڪڻن اهو کير گراهڪن کي مُبري پوري ڪري ڏيئي، باقي معصومن کي پياري ڇڏين. گراهڪن کان به اُن رات جا پئسا ڪونه وٺن. اُن مفت کير ورهائڻ ۽ پيارڻ کي "رات وارڻ" يا بادشاهه پير، پيران پير، داتا دستگير سيد عبدالقادر جيلانيءَ جي نالي تي خير ڪڍڻ ڪونين.

ڍورن جون ماديون ڪي کير ٿورو ته ڪي کير گهڻو ڏينديون آهن. جيتري ٿيهه کبن [خدمت کبي] اوترو کير وڌائينديون آهن، پر جيڪي گهڻو کير ڏين تن کي پٿاريون سڏين. انهن ۾ ڪي وري کير ٿورو ڏهائينديون آهن، پر مکڻائيون هونديون، هنن جي کير مان مکڻ جام پيدا ٿيندو آهي.

پنجن - ڇهن ڏينهن کان پوءِ آلوڙي ماديءَ کي سُٺا سڏيندا. سٺا وري ڍڪي ٿيڻ تائين پئي ڏهائيندي، ٻچاڙيءَ ۾ کير گهاٽيرو ۽ ڪارسرو هوندو آهي، ته ان کي "ڪانگهاري" ڪونين. جي اوچتو ڏهائي بند ڪيائين، ته ان کي ٻسَوڪي/وهڪيل چون ۽ وري جڏهن اڳتي هلي ڦرجي تيسٽائين ڦنڊي سڏيندس. هڪڙيءَ مادي کي ٿڪَ به چون. جي ڪنهن ٿڪ جي هڪ ٿڻ ۾ خرابي ٿي پئي، ٿڻ ڇڙهي وڃي يعني کير منجهانئس نه اچي ته ان کي ٽِلهه ۽ ٻن ٿڻن ۾ خرابي يا بيماري ٿي پوي، ته ان کي ٻِلهه ڪونين، ۽ چارئي ٿڻ ڇٽ ٿي وڃن ته ان کي ڪوسڙ ڪونين. جا قصاب يا ڪاسائيءَ کي وڪڻي ڇڏين.

ڳائو توڙي ماهو مال حلال آهي. مسلمان ماڻهو انهن ڍورن کي ذبح ڪري انهن جو گوشت کائيندا آهن ۽کلون ۽ هڏا وڪاڻندا آهن، جن مان بيون ڪيتريون شيون ٺهنديون آهن. هنن جي ڦرن جي گوشت کي حلواڻ چوندا آهن.

هن وقت ملڪ ۾ اٽڪل ٽي ڪروڙ نوَ لک ڳائو مال آهي.

کير مان ٺهندڙ شيون:

نبار [نج کير] کير مان پس، مائو، ربڙي، برفي، پيڙا، تر يا ملائي، ڏوئرو يا پنير، ڏڌ، مکڻ ۽ گيهه ٺهندو آهي. گاڏر کير مان کيرکون [کير ۾ ڪارڪون رڌل جن کي کيکون به چون]، کير سيون [کير ۾ سيون رڌل]، کيرٿي (کير ۾ گهوٽيل چانور رڌل) کير جي [کير ۾ سڄا چانور رڌل] اسڪري ملائي، آئيس ڪريم، ڪلفي، فالودو ملائي، [ڪونج ملائي]، پدنگ (کير ۾ بيضا ڪڪڙ جا رڌل)، ملڪ روز [کير ۾ شربت ملايل] ناهيندا آهن.

کير کيرول جي وٿن جي پاڙن ۾ پاڻ طور اوتيندا آهن. باڪري کير ۾ پاڻي ملائي لسي ڪري پيئڻ سان پيشاب جو ساڙو ڇڏي ويندو آهي. کير کي "پيراڪسير" ڪري چوندا آهن. ان جو مطلب آهي ته ڪابه شيءِ کائي (شراب کان سواءِ) ان جي مٿان کير پئبو ته جيوري ويندو يعني اها شيءِ کير کي جاءِ ڏيندي، پر کير کائي مٿان ڪابه شيءِ کائي ڪائي سگهبي، جو ته بد هضمي ٿي پوندي. اجا به جي کير کائڻ مٿان گدرو، مڇي پلو، ڪڪڙ جو ٻوڙ وغيره کائبو ته بدن تي اڇا داغ ڇٽيءَ جا يا ڪوڙهه جو مرض ٿي پوندو.

کير کي ڪنهن خراب جاءِ يا اڻ ڏوتل ٿانءَ ۾ رکبو ته يڪدم ڪري ڏڦ ڏڦ ٿي پوندو ۽ کائڻ جي لائق نه رهندو. ان ڪري عام چوڻي آهي ته "جيڪو پئسو پلي تي ڏجي سو کير تي نه ڏجي". مطلب ته ان پئسي کي ڪڪو هٿ لڳو هوندو ۽ ڪڪي هٿ وارو پئسو کير واري وٽ ويو ته ڪڪيءَ ڇت سڀبان سمورو کير ڪاري رکندو.

کير مان ڏڌ ناهڻ:

ڏڌ مان مکڻ ۽ گيهه ناهڻ: وڪري ڪرڻ ۽ کائڻ کان پوءِ جيڪو کير بچندو سو ياڳياٽيون يا گهر جون سگهڙ زالون انبيڙين يعني تورو ڏک ڏڌ، جنهن کي سنياڻ چون، سو يا ڪو پنير جو ڦوتو رات جو کير چاڏي يا ماٽيءَ ۾ نائي ان ۾ وجهي ڇڏين. اهو ٿيو کير سنباڻ. ماٽي يا چاڏي ٺڪر جي هوندي آهي ۽ ڪنيارن وٽان ملندي آهي. اها آٽي ان کي اموهي پوءِ کير نائيندا آهن. اها سنيائل کير واري ماٽي ڳيجٽيءَ سان ويڙهي يا ڪليو ڪنهن ڪاري هيٺ رکن سياري جي موسم ۾ کير کي باهه جو سيڪو ڏيئي، ڇگيءَ طرح ٽپڙن ۾ ويڙهي بند ڪري ڪنهن مَنجهين جاءِ ۾ رکنديون آهن. صبح جو سويل اٿي مانڊاٽي، جهرٽو، منڊيٽڙوءِ منڊي يا ڪٽي ته اُپيد يا اُپينگ سان ماٽي ۾ چاول کير [ڏوئرو] ولوڙينديون آهن.

مانڊاڻيءَ جي بناوت:

هڪ گول ڊگهي ڪاني ڏنڊي وانگر ان کي ٻُن يا ٻُني چون. ان جي مٿئين پاڱي واريءَ چوٽيءَ ۾ انچ - انچ هينيرو ٻه - ٽي ڪپ ٿيندا اٿس. هينين پڇاڙيءَ ۾ جاڳولائي ۾ مخروطي هوندي آهي، سل چوڙ ڪري، گدري جي ڦاڪن وانگر ٻه کهيون هڪٻئي مٿان آڏيون رکي ٻُنيءَ سان نوڪي ڇڏين. ان کي ڦل سڏين. ٻُنيءَ جي وچ ۾ هڪڙو گهرگهلي سوراخ سان گول چڪرو ماني وانگي ڪاٺ جو نهيل وجهن جنهن کي من چون جوماڻيءَ مٿان ڍَڪ جو ڪم ڏيندو آهي ۽ ٻُنيءَ جي وچ ۾ چمڙي جي وڌي/نيتو/سٽ جي نوڙيءَ جا ٻٽي وراڪا ڏين ۽ انهن جي پڇڙين ۾ ٻه گـِليون يا اِنيون، جن جو وچ ڪپُ ٿيل هوندو آهي، ڇڪي سوگهيون ٻڌي ڇڏين، وري هڪڙي ڪاٺ جي پٽي، اڌ ڦرهي وانگر جنهن جون پڇاڙيون ڇليل ۽ نپيل، وچ ۾ اڌگول سوراخ جنهن کي سـنگرَ سڏين. ان جي پڇڙين ۾ نوڙيون ٻڌي، نيهريءَ کي ڦيرائين. اهو سنگرَ مَن جي مٿان من کي قابو جهلڻ لاءِ ٻڌنديون آهن.

ولوڙو:

ولڙٿهاري، جڏهن صبح جو ڏسندي ته ڏوئرو پختو ڄاول آهي، ته ماٽيءَ کي نيهري يا منگهي جي پِر ۾ رکي ماٽيءَ جو ڍڪ لاهي مانڊاڻيءَ جا ٽي ابتا ٽي سبتا گرڻ مٿان گهمرا ڪڍائي، پوءِ ڦل اندر وجهندي، ۽ پاڻ ڪنهن منجيءَ تي ويهي، پٻن سان ماٽيءَ جي ڪنارن کي روڪي بسم الله ڪري گـِليون ڇڪي ولوڙو شروع ڪندي. انهن گلين کي اڳتي پوئتي ڇڪڻ سان ماٽيءَ مان ولوڙي جو اوزار: گ ..... گهو... گهو..... گ..... گهو... گهو پيو ايندو. "پره جو پٽن تي ڪن ولوڙا وايون" آرڙهه يا اونهارو هوندو ته ڏيري ڏيري ولوڙا ڏيندي. جيئن مکڻ تپي پنڙو نه ٿي پوي. مکڻ جي تپندو ۽ پنڙو ٿيڻ لڳندو تـه نـرڻ جي لاءِ ڇڏيندس يا ٿڌو پاڻي ملائي ناري پوءِ گڏيندس. مکڻ، ولوڙڻ تي سٽيا ڦـُٽ ڦـُٽ تي ڏڏ ڪان ڇڃي ڏار تي بيهندو. تان جو جهڻ جهڳي، اَڇ آڇلائي، هٿ سان مکڻ تاري، ٿاڦي ٿاڦي ڇاڻو بنائي ڪڍي ٻاهر ٿانءَ ۾ رکندي. بدنظر کان بچڻ جي لاءِ، نيهري جي پنيان پٽ تي ڇيٽي جو پونڊو ٿڦي ڇڏيندي يا پادر اونڌو ڪري ماٽيءَ جي پِر ۾ رکندي، متان ڪا رَن مکڻ سيٽي يعني غائبانه چورائي نه وڃي يا ڇوي هڻ منجهاڻي هيترو مکڻ! ته ان واسطي اهو سوڻ اڳواٽ سٽي رکندي آهي.

مکڻ نڪرڻ کان پوءِ، باقي پاڻياٺ کي مهي، ڏهي، جهڻ ۽ ڏڌ چون. ڏهي، کي ڏوئري جي لسين ڦتين کي چون. مهي، اڌ ولوڙيي ڏوئري کي سڏين جيڪا پيئڻ سان پيچن ۽ سوري جي لاءِ هڪ ٽڪ علاج آهي. ٻاڪري ڏڌ ۾ جي پاڻي گهڻو وجهن ته ان کي پاهي يا پاکي ڪوٺين. ياڳيا ماڻهو، ڏڏاويءَ سويءَ کي کائڻ جي لاءِ ورهائي ڏين. غريب ماڻهو ڏڌ ماني کائي خوش ٿين. ڏڌ ڏيندڙ جي ٻچن کي دعائون ڪن. ٻارن کي چون:

"کير ته آهي پر،
ڏوئرو ڏڳ، ٻچي تو لڳ،
مکڻ ڏيانءِ نه ڇکڻ،
ٻچڙا، کنڙا پيءُ، ڏنڙا ٿيءُ"

ٿورو ڏوئرو چاول هوندو آهي، ته مايون جهرٽي سان، جو هڪ ڳني ۽ ڇڪرائون ڦل ڳنڍيل هوندو آهي. ان جي ڳني کي هٿن ۾ ٽي جهلي ڦيرائي ڏوئري کي لسو ڪري ڇڏين ۽ لوڻ پاڻي وجهي کائين، مکڻ ڪونه ڪڍين.

اُيينگ، اها مانڌاٽي آهي، جنهن جي ڳني تلهي ۽ ڊگهي ٿيندي آهي ۽ اڌمڻ کان متي مڻ تائين ولوڙڻ لاءِ اهو ڪم ايندو آهي، ۽ ان کي ماڻهو ويهي ولوڙيندو آهي. ان جي ماٽي اونڻ يعني ڪَنڌ ۾ سوگهي رکي پوءِ ولوڙو ڪن. اُپيد يا اييڻگ وانگر نهيل آهي، پر اهو مڻ کان متي کير ولوڙڻ وارا ڪم آڻيندا آهن. هن کي ٻه ماڻهو ڇڪيندا آهن، هڪڙو هڪڙي ڳلي ٻنهي هٿن ۾ قابو جهليندو ۽ ٻيو ٻي ڳلي هن جي چاڏي پڻ اونڻ ۾ رکي ويندي آهي.

زالون ڇهه ڏينهن مکڻ ڳڏ ڪن ۽ ستين خميس جي ڏينهن تيَ سمورو ڳڏ تيل مکڻ ڪنهن ديڳ يا ديڳڙي ۾ وجهي باهه تي رجائين. مکڻ مان ڪٽ ڪڍڻ جي لاءِ ٻه اناج ٻاجهر، چانور وغيره ڏري انُ ۾ وجهن، مکڻ جي ڪتاڻ اناج کي وجي ڍهنندي، باقي نبار گيهه وجي ٻچندو. ان ڪتاڻ کي وسنان يا وشنان چون ۽ ان ۾ ٿوري کنڊ ملائي کائين. جيڪو ان نموني گيهه تيار ڪن ان کي "اَن سڙيو گيهه" سڏين، پر جي اناج بدران لوڻ جي لپ وجهي گيهه ٽڙڪائي ڪڍن ته اُن کي "پالرُ گيهه" ڪوٺين. اهو گيهه وزن ۾ اَن سڙيي کان گهڻو وزنائتو هوندو آهي. گيهه لاءِ چوڻي آهي ته، "جيڪي ڪري گيهه، سونه ڪري ماءُ نه ڪري پيءُ".

مينهن - ماهو مال

مينهون هن ميهار جون، چاهون ڇهڪ ڇَرن

مينهن ۽ ڏِڳين جي ڌڻ کي گڏي گوهر يا وانديون ڪونين. مينهن ڪير ڏهائيندڙ ٻاڪر يا ٻيکر چوپايو مال آهي. مينهن ڦرجڻ جي ايامڪاريءَ ۾ ايندي آهي، تہ ڏِڪو ڪندي آهي. جتي بہ ڪو سانهہ. ڪونهان ۽ پاڏو سجهندس اوڏانهن سير ڪري هلي ويندي. بعضي تہ ڌڻي خود وني وجي ڦرائي ايندا اٿس. هيءُ ڏهن مهينن کان پوءِ ويامندي آه ي. هن جي نر ڦرن کي پاڏڙا، پاڏا، ڪونهان، سانهہ ڪونين، مادي ڦرن کي پاڏڙيون پاڏيون، وڇون، ٿهاٽيون، انوريون ۽ مينهون سڏين. اهي سيئي ماهو مال سڏجن. پر ننڍي مال کي لار يا وڇرا بہ چون.

رنگن موجب نالا:

گجر. [ڳاڙهي ڪکي رنگ واري]. ڪاري. [نيور ڪارو رنگ] پوري. [سفيد ميٺائون رنگ. پولي ٻت جو رنگ اڇو ۽ ڪارو پر برف جهڙو جيئن ڪوڙهہ واري ماڻهوءَ جنڙي جي اولاد واري ماٺهو جو رنگ ٿيندو آهي[1]. چاوُل /چال. [جنهن جي ٻونار تي پولهہ يا ٻانو هجي]. ٻگي ٻور. [جنهن جا چارئي پير اڇا هجن.] ٻَنبُل. [اَڇي پيچ واري]. ٻور. [جنهن جي پيچ جي چوٽي ۽ چارئي پير اڇا هجن]. پنجڪلياڻ. [جنهن جا چارئي پير اڇا ۽ ٻوٿ تي ٻانُو هجي.]

سڱن موجب نالا:

ڪنڍي. [جنهن جا سڱَ چوڙي وانگر گول وريل هجن]. چوڙ ڪنڍي. [جنهن جا سڱَ چلاوان يا چوڙن وانگر گول چڪر وانگر ڳتجي ٻيهن ۽ وچ مان آڱر مس متي]. گوشي. [سڱَ ڪنڌ ڏانهن ۽ تورا اُپيرا]. تاسري. [سڱَ ڪنن متان پڪڙيل ۽ تورڙا پاسيرا ۽ اُپسرا]. هاليءَ. [جنهن جو هڪ سڱَ متي چڙهيل تہ ٻيو هيٺ لڙيل]. نوننِي. [جنهن جو هڪ سڱَ پڳل هجي يا پاڙون ڇٽ تي وڃي]. ڏٻي. [جنهن جا سڱَ صفا نہ هجن]. ددڙ. [جنهن جا سڱڙا ٽُڪن وانگر ننڍڙا ۽ تورڙا ٻاهر نڪتل هجن]. پل. [جنهن جا ٻيئي سڱَ ڪنن کان هيٺ لڙڪيل ۽ ڳچيءَ ڏانهن وريل هجن].

[1] ڪن پولين جي بدن تي دبڪ دبڪ هوندا آهن. اڪين جون پنجٽيون بہ اڇيون سفيد هونديون اٿن.

اڪين موجب نالا: ماڻڪي، [جنهن جي اکين جي تارن هيٺان اڇاڻ گهٽي هجي ۽ اها اڇاڻ چٽي هجي]. ڪجلي، [جنهن جون اکيون پوئتر ڪاريون هجن].

پيار جا رکيل نالا: ڏولي، پياري، مومل، راڻي، ڏيل، مور، ڪونج، نيوڙي، پنيوري، پاڳاري ۽ مهندار. انهن نالن سان جڏهن ڪوبہ رکيل نالو وٺي ڏنار هڪل يا راماڻو ڪندو آهي، تہ اها نالي واري مينهن ٻچ ٽور ڪري ڏڪندي ايندي.

مينهن جي ڄمار بابت:

هن جي تازي ڄاول ڦر کي آلياوڙو. پوءِ کير ڏائڪ يا کيرو ۽ کير ڇڏڻ تي اوٺاڪ سڏيو ويندو آهي. ٻن سالن کان پوءِ ڪُنداربو آهي، يعني نوان ٻہ ڏند ڪڍندو تہ ڪيس ٻڏندو. وري ٻن سالن کان پوءِ ٻيا ٻہ ڏند ڪڍندو تہ چوڳو. وري ٻن سالن کان پوءِ ٽيان ٻہ ڏند ڪڍندو تہ ڇڳو وغيره سڏيو ويندو. انوريل، اها ٽيهاڻ، جيڪا ڦرجڻ کي بلڪل ويجهي هوندي آهي. ڦري تہ پوءِ ان کي ڦريل / ڏکي ڪونين. هڪ سال واريءَ کي ٻارهائي، ٻهريون پيرو ويامنڊڙ کي آڙائي، ٻهريات، اَهنو، اهنوڙي، انوڙي، ايهوُ، اِينهن وغيره نالا ڏين، ٻي پيٽ واري کي "ٻهار" ۽ ٽئين پيٽ واري کي ٿهار سڏين. جيستائين نہ ويامي تہ آيائي سڏجي ۽ جيڪا ڦرجڻ کان پوءِ ڦر نہ جهلي ڪيرائي ڇڏي، ان کي اُٿلاڻ. اهو چون ٿا تہ گهٽي وهسُ پيدا ٿيڻ يا مڇڻ ڪري مينهن ۾ ڦر ڪيرائڻ جو پوانسرو ٿيندو آهي. ويامڻ جي خبر، سندس اوهہ جي لهڻ مان پوندي آهي. جي "اوهيل" هوندي تہ مهينو - ٻہ ويامڻ ۾ مس ڪڍندي ۽ جي آس، يعني سارِ جي سوڄ ٻاهر نڪري آيس، تہ ويامڻ ۾ ويرم ڪانہ ڪندي.

مال ۾ ڪي آڳاٽيون بہ ٿينديون آهن. يعني جيڪي ڏينهن لڳڻ جا هوندن ان کان اڳيرو ڦرجي پئي، تہ آڳاٽي سڏبي. ڪن ڪن مينهن کي جلد آثار شهوت جي گرمي پيدا ٿيڻ ٿيندي آهي.

اَناٽو، انن سالن واري ڄمار جي مال کي چون، جنهن ڄمار ۾ اَٺ ئي ڏند نڪري نروار ٿيندا آهن. ڪن کي تہ ست بہ ڏند نڪرن تہ ڪي ڇهن ڏندن نڪرڻ کان پوءِ وري ڏند ڪونہ ڪڍن. اهڙي مال کي سترِيو يا ڇڪڙيو ڇيو ويندو آهي. اَناٽو مال ٽن سالن کان پوءِ موٽيل يا مڙيل سڏيو ويندو آهي. اهو مال پوءِ ڪڪ نہ وجهندو آهي، يعني متارو نہ ٿيندو آهي، ان کي آڏوڙي ڇئبو. آڏوڙيءَ کان پوءِ گونڊيو ۽ ان کان پوءِ پُوڏ يا پُڏ يعني ڏند صفا چٽ!

ڪرت يا ڪم: ماهي مال جو ڪُونهون يا پاڏو ڳاڏين ۾ وهي، کوهن مان کوس ڪڍي، ايڪا ۽ ڇڪڙا ڇڪي، پوني هئڻ جي حالت ۾ متانئس پکالون رکي پاڻي پريندا آهن.

مينهن جو بيان: مينهن ۽ ڏڳين کي ڳڏي گوهر چون. گوهر لفظ سنسڪرت جي گوتر مان نڪتل لفظ ٿو ڏسجي، جنهن جو مطلب هڪ نُک يا نسل وارا آهن.

ياڳين جا ياڻ ونهين جا وٿاڻ خالي ڪين رهن!

مال ۾ مارو هڪبئي جو حال آهن. مارن بنان مال سُجو! مال کي ڪي پِنڊ پاڻ چارين يا ٻهي يعني اجوري تي چارائين. ڪي وري چوٿ يا اڌياري تي ڏين، چوٿ ۾ چوٿون حصو ڦرن ٽڪرن جو ۽ اڌياري ۾ اڌو اڌ ڦرن ٽڪرن ۾ تين. ڪي رڳو پڳو ڏهائي ڏيئي مال چارائيندا آهن. مارن کي مالوندُو، وَنهيان، ولهار، سانگي، سنگهار، سانبيڙا ڌرار ۽ ياڳيا پوتار سڏين. ياڳيو معنيٰ ياڳ وارو. هنن ماڻهن جا ياڳ يلارا آهن، جن کي ههڙو برڪتي مال الله سائين عطا ڪيو آهي. چوندا آهن تہ ياڳين جا ياٽا اٿهي پتارين سان پريا پيا آهن.

مال جو وٿاڻ:

جتي جتي مال جا اَنبل آهن، اتي انهن جي وٿاڻن ۾ اُلنا يا آهورا، [متي/نڪر جا ڪوندا] ۽ کونر يا کونار لتل ۽ نهيل هوندا آهن. وٿاڻ متان اولو، ڇنو، منهہ يا ڇاپرو ناهي ۽ ڇڙيون ڇانگي ڇانولو ضرور ڪن. مال کي اَرليون ڏين، يعني پاڻي ۾ آٽي بند ڪن، تنهن لاءِ آهورن جي لڳ ڪلا، ڪيرا، منيون، منگها، ٿوٽيون، ٽنيا، نيهہ، نهيرا، ڪتل هوندا آهن، جن سان مال کي سنگهرون، ٿوڙها، زنجيرون، پنجوڙيون، نوڙيون، رسا، نير، ڳراها، پينگها [پيند، پيندا] ۽ پيڪڙا پائي وجهي ٻڌي قابو ڪن.

مال جي چوڪيداريءَ جي لاءِ وٿاڻ تي ڪُتا بہ ضرور ٻڌل رکندا اهن. خاص طرح انهن جي ڪتن جا ههڙا نالا هوندا آهن: موتي، رَاڳو، لڏو، ڪڪڙ، ٻگهڙ، ٻهڙو ۽ ٻيلائي. اهي ڌَنيرِ ۽ دڪ ڪتا هوندا آهن. انهن کي ڏينهن جو وڍيون وجهي واجهي رکن ۽ رات جو ڇـُڙيا ۽ ڇريا وتن. تَنر مانين جا ڪايو مواڙيا ڳهمن. مجال آهي ڪنهن اوقنوءَ ماڻهوءَ يا چور چـَڪار جي، جو اهڙي مال ڏانهن اک بہ ڪڻي ڏسي، جنهن جي رکوالي ڪتا ڪري رهيا هجن.

اَرليون لاٽائون تہ مال پاڻي کان پڙڪو ڏيئي ٻاهر نڪتو تہ پويان پاڳيو پاهوڙي ڪٽي ڇيٽا ۽ مٺاڳو اوڳاٽ ۽ اولڙ ڳاهہ جو ميڙي سيڙي ٻاهو اروڙيءَ تي اڇليندو. جو گهٽي وقت جي اتي سڙڻ کان پوءِ وري ڇمر يا ياڻ تي پوندو ۽ ٻنيءَ ۾ وجهڻ سان پيدائش وڌائڻ جو ڪم ڏيندو. يا تہ بوسا سڪائي ٻارڻ جي ڪم آڻيندا آهن. چون تہ: سون جي رتيءَ کان رت جي رتي وڌيڪ!

چوپايو مال جيڪو ڏُهي ۽ هيرائي اُن جو اوسڙ يا علاج وغيره ڪري ان کي ڏراڙ يعني ڏڻ ڏاريندڙ چئبو آهي ۽ جيڪو مال کي رڳو چاريندو وتي تنهن کي ڏٽار يا ڏنار يعني ڏڻ چارڻ وارو چيو ويندو آهي. تنهنڪري مينهن جي چاريندڙ کي ميهار ۽ وڇن جي چاريندڙ کيٰ وڇيار ڪوٺيندا آهن.

مال، وٿاڻ کان ٻاهر نڪري اڃي اُگهل تي ويهندو آهي، جنهن کي اَجهور بہ چون ۽ جيستائين ڏنار اچي. ڏنار آيو تہ اوتاڳ ڏيندي يعني مال کي جهنگ ڏانهن ٻهريندو. ڪي راتوڏو يا رات پيٽ ۾ وڃي مال چارين ۽ اڌوهيون ٻنا ڏهائيءَ جي هڪلي وڃن تہ ڪي وري ڏهائي ڪرائي پوءِ ڏِڪيءَ، فجر، پٿسي پرک، ٻاک ڦٽيءَ، پيج پنيءَ، پرڀات، پنيرڪي، پنوريءَ وقت مال نين. ڏنار، آنگر ڏيندو، هونگاريندو، هوڪريندو، اولڻ لڳندوَ يعني سُر سان آواز ڪندو. مال تڙيندو ويندو، جي مال کي اُڃ، اُٺهن، نٿيهَ يا تسيو هوندو تہ سڄو ڪيراڳ ڪاهي ڪنهن تڙ، تلاءَ، ترائي، سرَ، ڍهي، ڪڏ، ڪُوهہ، گهيڙ، حوض، آواڙي، آنهہِ، ٽوٻي، ڍبي، چشمي، نياڻ، ڪوس ڏانهن نيندو، جتي ڪا نڪ يا چلهو يا ”اُها“ پريل ڏسي ساڳا ڪري مال پياريندو ويندو ۽ مال کي ڇيڪاريندو رهندو: ڇي..... ڇي..... امان! توئيو..... توئي! پيو ڪندو. مال بر تي بيٺو تہ پاڻيءَ لوهہُ نہ ڪندو ۽ اتاڙجڻ يا ٿهڻ لڳندو، پوءِ تہ ڏنار ڪيترائي وس حيلا ڪري پر سڄو ”اَهڙُ“ منهن ڪري ڏيندو راهي.

مال چارڻ جي لاءِ نيڻ:

مال پاڻي پي پُر ٿيو تہ ڏنار هڪلون ۽ هوڪرون ڪندو. لنيون واهيندو. مال کي رَند ۽ چارا ونائي ڪنهن ريل يعني ساوڪ واري ڪوٽڇي ۾ آڻي ڪيندو يا ڪنهن جائتي جوءِ ۾ نيندن يا ڪنهن جهنگ ۾ اجلا ڇڏيندن. جتي ٻورن جا ٽولا ڇيڪ پيا چرندا. ماهي مال کي تہ واهن ۽ دريائن جون ڪنڌيون، نهرن ۽ نيڙن جون ڪنارون. ڪورون ڪَسيون، گنون ۽ ڪڙين جا ڪپ ڪنارا

وني پيو چاريندو، پڻ سينديون هڻندو، ڏانگ/لٺ پنن پاڏوڻ ڪنڌ تي ڪنواٽي وانگي رکي، ٻانهن جي ڪنج مٿان ورائي لڙڪائي، پهاڙي سُر ۾ ڏٿا ڏيندو هونگرون ڪندو ويندو.

هونگر: هون....... اون........ هو، اون...... آ... هو...... هو.

ٻيڪي: امان.... اما.... اي...هي.

ڏٿو: آ.. هو.... ئو..... او.... هو..... هو...

منجج ڪو منجيو [نياپو يا سنديسو موڪلج]

آلاپيندو، جهرجهنگ جهونگاريندو، مال کي پيو چاريندو. ڪا مينهن ٿاهڙ هوندي، ته ان جي ڳچيءَ ۾ ڳٽ يا طوق وجهندو يعني ڪاٺ جو ڏُڪو يا ڏنبو جنهن کي ارل به چون. ان جو مٿيون پاسو ڪانچيل هوندو. ان ۾ نوڙ ٻڌل ڳراهو ڪري ڳچيءَ ۾ وجهندس ته پيچي ٿهي نه سگهندي. چاڪاڻ ته اهو ڏُڪو اڳين ٻنهي ٽنگن جي وچ ۾ اڙي ٻيهندو ۽ هلڻ مهل وچڙندو ۽ گهِربَو پيو هلندو. بعضي ڪن مينهن کي دَٻڪ به هڻندا آهن يعني سڱن ۽ هڪ اڳين ٽنگ کي هڪ رسي سان سوڙهو ڪري ٻڌندا ته جيئن مينهن جو ڳاٽو هينيرو جهڪيل رهي.

هن مال جو بعضي ڏٽيءَ ڪان سواءِ ٻي ڪنهن ماڻهوءَ سان هيج يا اوسر ٿيندو آهي. ڏهائي ۾ ته خاص انهيءَ ماڻهوءَ جي هٿ ڪان سواءِ ٻي هٿ تي نه هرندو آهي، نڪي مڙندو آهي. بعضي ڪن ماڻهن وٽ هي مال هرگز جٽاءُ ڪين ڪندو آهي، يا ته چور ڪاهي ويندا آهن، يا ته اُڪٽ مري پوندو آهي. اهڙي حالت ۾ ياڳيا "آل" وجهندا آهن يعني ٻي ڪنهن مارو ماڻهوءَ جي نالي تي ڌارين.

جهنگ ۾ هڪبئي کي مينهون اَڙا يا ٽونا هڻنديون آهن. جي ويڙهه ۾هڪڙي جو سڱ ٻئيءَ جي چوڙي ۾ چڙهي پيو ته هڪڙو سڱ پاڙئون چٽ تي پوندو. جي چٽ نه ٿيو ته ڪارائي سان سڱ ڪپي ڌار ڪندا آهن. ماهو مال عجيب طبيعت رکندڙ آهي، ڪڏهن ته ناٽ سياري ۾ به پاڻي ۾ پيو تڙڳندو آهي ته ڪڏهن ڦهر جي ڪاڙهي ۾ به ڏونهين تي پاڻ پيو تئيندو آهي. مينهن جو ڦر ڄمڻ سان پاڻي ۾ ترڻ ۽ تڙڳڻ لڳندو آهي.

اوسڙ ٿيو ته مال اوساڪون ڪندو يعني آسمان ڏانهن بونار ڪنڌ مٿي کڻي، مينهن جي لاءِ واجهه وجهندو. الله سائين کي ٻاڏائيندو. مينهن پئي بس ٿيو يا اوسر اوڪاٽو ته الله جي رحمت جا شڪرانا ٽاڏيون ڏيئي ٻجا آٽيندو آهي.

اوهير يا ڍهائي جي مهل تي، تہ هيءُ مال موٽ ڪائيندو وٺاڻ ڏي ۽ ڊڪندو ايندو.

پيچنديون پٺاريون وري وٺاڻين آئيون. (ڀٽائي رحہ)

انهيءَ ٺاڻي ٺاپيون ڏيندو، ٿونا ۽ ڦوڪا هٽندو، ٺاهہ ٺپا ڪائيندو، ڍڙها ڍيهون ڪڏڪارا ۽ ڊوڙون ڪندو ايندو. نيريءَ وڇينءَ جو ميهار آٿي اجهور تي ٻٽڪارون ۽ ٻچڪارون ڪري بيهاريندُن.

ڪانڌ مَ وڪڻ ڪنديون، ڏڻ سيوئي ڏار،
اپريون، سيريون سسيون، سيئي پنهنجيون سار،
تہ اڇي اڳٽا ٻَهار، سرلا ڪنديون سڏڙا.[1] (ڀٽائي رحہ)

مال، وٺاڻ تي ٻڌجي چڪو تہ آٽي اڳيان چارو وجهندن، جنهن ۾ گاهہ، ڪڙٻ، ڪانا، نونا، لوسڻ، برسيم، ڪاسني، پلال يا پرار، ٻَلي، ول، ناڙو، ٻهہ جيڪو موسم سارو هوندو، سو ڏيندن. سڪار هوندو تہ ياڪر يَري يا پرين جون پريون اڳيان آٽيندن، پر جي ڏڪار هوندو تہ ٻہ مينهن کي ڦوت ڪرائيندا آهن. مينهن کي جيترو بہ چارو چاريو ويندو، سو سڀ ٿورو. چوندا ڪين آهن تہ "ڊو جَهلي هڪڙي مينهن ٻيو پاپڙو". ڪير وارين کي تہ سائي سڪي ڪُتر، ڪڻ، ڏارو، جنهن ۾ گوار، ٻوسو، چنو يا ڏريل اناج بہ هوندو آهي، کارائيندا آهن.

ڏُهائي/ڏوپ ڪرڻ:

رات ڏينهن ۾ ڏُهائيءَ جون بہ ويلون ٺينديون آهن. هڪڙي وڇينءَ کان سمهاڻي ٺائين ۽ ٻي آڏيءَ لڙهيءَ کان پوءِ پهر سج مٿي چڙهيي ٺائين.

مال چارو پيو چرندو تہ ڏهائي ڪندڙ ڪير جا سنڌ آٽي ڪنا ڪندو، جن ۾ ساڙها، چوئنريون، ٺامي جست جا گهڙا، چوئنريون، ڪيانَ، لوٽا، لوٽيون هونديون آهن. جڏهن ڏسندو تہ ڪائي ڊؤ ڪيو اٿن، تہ ڏوتل ڪو رچ ڪٽي جنهن ۾ پاٽيءَ لپ پيل هوندي هٿ ۾ ڪندو، پوءِ وڇ يا پاڏو چوڙي ڇڏيندو جو ماءُ کي اچي ٿڻن ۾ ٿونا هڻي ڏائڻ لڳندو. ڪير ڏهائڻ جي لاءِ مڙي ٻيني تہ يڪدم ٻاڙڻ ڪندو. يعني لار کي ڪن کان جهلي ماءُ جي اڳين ٽنگ سان ڊنگ واري رسي جي هڪڙي پوڇڙ سان وراڪيندو ٻئي پوڇڙ سان مينهن جون پويون ٽنگون ۾ پيچ ونگيندو. سُنڌ جي پاٽيءَ سان ٿڻ ڌوئي، سنڌ گوڏن جي

[1] نظرثاني ڪندڙ طرفان واڌارو آهي. (ادارو)

وچ ۾ اُيو جهلي، اوڪڙو ويهي. بسم الله ڪري ڏٿن کي منين جون پيڙون ڏيئي گوها ڪڍندو. ساڙهو پريندو ويندو. سرگي هوندي تہ ڪير بوهار ڪري پيو نڪرندو جي ڪرادي يا باندار هوندي تہ ڪيتو ڪندي، چڙيون هٺندي ڏهائي تہ ڪرائيندي ڪين، پر جي ڪرايائين تہ ڏاڍن سورن سان مڙنڌي. بَسوڪي يا وهڪي ويل تہ ماڳهين ڪين مڙندي ۽ ڦر جي آرنپ واري تي ڦر مري وڃڻ ڪان پوءِ ڏهائي واري کي گهڻي محنت ڪرڻي پوندي آهي. بسُهائٹو يا ڪلڙي مڙهائي مثل ڦر جو بوتو نهرائي[1] اڳيان ايو ڪندو جي اهو نہ نهي سگهيو تہ ڪاري گهڻيي جي پڻيءَ تي ڪير جون سيڙهون هٽي اهي چٽارائي ميڙائڻ جي ڪوشش ڪندو. پاڙيتي/پاڙڪ ڪندو [يعني چاري کي ڪائڻ سان من مڙي پوي]، ”اوبڻ“ جي هوندي [ڦر تي آر نہ هوندس]، تہ چاري تي مڙي پوندي. جي ڦر الياوڙو، تازو چاول هوندو تہ ڏهندڙ ان جي ڪاڻ اوريا سوڪندو يعني هڪڙي پاسي وارا بہ ٿڻ ڏهي ونندو ۽ بيا بہ ٿڻ لار جي لاءِ ڇڏيندو نہ تہ نچوئي ڏهندو، جيڪو ڦر ماءُ کي ڏائي نہ سگهندو تہ ان کي اُهائو يا هٿايو ڪندو يعني هٿن سان ڪير پيارڻ تي هيرائيندو. پٺاريون آمڻ يعني گهڻي چاري ملڻ تي ڪير وڌائينديون آهن. مينهن شل نہ آرو ڪري، ڏهندڙ ڪيترائي وس ڪندو، پر لت هٽي بيهي رهندي. ڪڏهن ڪڏهن ڪير لاهڻ جي لاءِ مال کي بل ڏيندا آهن. چا ڪن جو ان جي سار ۾ ڦوڪ ڏين يا هٿ ڏوئي، سار ۾ اندر لنگهائي موئڙو گهمائين! ڪي ڪي ڏهائي ڪرائيندي ٿي آراتيون/سنڌوڙيل ٿين [يعني ٻن مهلن بجاءِ فقط هڪ مهل تي ڏهائي ڪرائين]. هن مال جو گهڻي گرميءَ سببان ڪير گهٽ حاصل ٿيندو آهي. جنهن مان سمجهبو تہ مال کي اُساٽ تي آهي. ڪي وري بيڪر/بياڪر هونديون آهن، ڪڏهن ڪڏهن مڙن تہ ڪڏهن ماڳهين نہ مڙنديون آهن.

تازي وياٿل پٺاريءَ جي ڪير کي آلوڙو چون، جو ولوڙڻ ڇماڻ جي ڏانءَ جو نہ ٿيندو آهي. ان جو پس بنائي کائين. پورا ٽي ڏينهن تازي وياٿل جو ڪير اوانڪو [ڪچو] هوندو آهي، جنهن جي برهي ڪاڙهي پيئندا آهن ۽ جڏهن ڪير پڪو ٿيندو تہ ڇماڻ لڳندس. ان ۾ ٿورو سنياڻ يعني ڏڌ ڏُڪ وجهي انبيڙيندا آهن. صبح جو چاول ڏوئرو ولوڙي ڏڌ ۽ مکڻ ڪڍن. ماهي مال جي ڪير لاءِ

---

[1] اهڙي بوتي کي نوري چوندا آهن. (نظرثاني ڪندڙ)

مانڌاٿيون اُپينگ [اُپنديا] تين. انهيءَ کير جون ماٽيون اونڻ [ڪڏڻ] ۾ رکي اٿي بيهي ولوڙين هنن کي ٻه ٻه ماڻهو ولوڙيندا آهن.

ٻنان ڦرحڻ جي جيڪا مينهن کير ڏئي، ان کي سکر سڏين. ٻي ڏهائي سوا پهر سج تائين تي ويندي آهي. اها ڪُڪڙن جي دسن [دڦن] ٻڌڻ سان اٿي شروع ڪندا آهن. ٻنهي ڏهائين جو کير استعمال ۾ اچڻ کان پوءِ باقي ڪاڙهي يا کچو ڄمائي ڇڏين.

پرهه جو پٽن تي ڪن ولوڙا وايون.

ڍورن جون بيماريون ۽ علاج:

ماهي توڙي ڳائي مال کي گڏي ڍور سڏبو آهي. انهن جي اَوَسڙ يا علاج جو پاڳيا پاڻ بلو پيٽي ڪندا آهن.

سمهڙو:

هن بيماريءَ ۾ ڍور جو وات ۽ کر جهلبا آهن، وات چوري پوري نه سگهندو آهي، پيرن پر بيهي نه سگهندو آهي، وات ۽ پيرن جي ڪراندين ۾ ڪيڙا پئجي ويندا اٿن. جي علاج نه ڪبو اٿن ته چڙي چڙي مري ويندا آهن.

علاج:

وات ۾ سمهڙو ٿئي ته ڪُڪُڙ جو بيضو پيچي وات جي اندران مالش ڪجي. ته ٻن - ٽن ڪلاڪن کان پوءِ جانور اوڳر ورائيندو ۽ اٿي گاهه چرندو. لوڻ جي تري پري ڍور جي تارونءَ کي هٽجي ۽ ان جي پيرن ۾ گاسليٽ نائجي يا فنائل جون گوريون پوري پيرن اندر برڪجن. ڏان [وڪر] پساريءَ کان وٺي، اهو سڱن تي مالش ڪجي.

ڪيڙا پوڻ:

جنهن ڍور کي ڪيڙو پوندو. ان جو رت اوچتو نيندبون ڪري وهڻ لڳندو آهي.

علاج:

ان جاءِ تي ڪانار ڪري سوئي سوئي ڪيڙو ڪڍي ونجي. ڊي - ڊي - ٽي پائوڊر جو ان جاءِ تي ليپ ڪجي.

اپامڻ:

پرجي پوڻ/ آڦرجڻ: ڪو وهٽ گهڻو گاهه کائيندو آهي، ته پرجي پوندو آهي، خاص طرح لوسڻ کائڻ سان ويچارن گگدامن سان جهٽ تي پوندو آهي.

علاج:

ان لاءِ ڪوشش ڪبي آهي، ته اوڳر ورائي ته پيٽ هلڪو ٿئيس. وات ۾ اڪ جي ٿاري وجهي چٻاڙائين. نسوار اکين ۾ وجهن. ڪي نڙيءَ مان ٻانهن اندر لنگهائي گاهه جا مڇن جا مڇا ڇڪي ڪڍي وٺن. يا ڪک ۾ ڏانئو هٽي اوجهري ڦاڙي ان مان گاهه ڪڍي، وري ٽانڪو هڻي، مٿان ڊي - ڊي ٽي پائوڊر ٿڦي ڇڏين، ته ڦٽ ڇٽيو وڃي.

ڪنپ واءُ:

ڍور چاري سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن پڪين ڪکڙن وغيره جا ڪنپ بہ چري ويندو آهي ۽ آپامجي پوندو آهي.

علاج:

پراٺو ڳڙ ۽ پنير ڪاڙهي پيارجي. مٿان ڪپڙو وجهي ڇڏجي. پگهر ورندس يا ٽيڪون هڻندو تہ ڇٽيءَ پوندو.

ڪارو واءُ:

هيءُ مڪڙ وانگر ڊگهو سائو جيت آهي هن کي بيبيءَ جو گهوڙو بہ ڪونين: وهٽ هن کي گاهه ڄاڻي کائي ويندا آهن ۽ اڦرجي پوندا آهن.

علاج:

ڍور جي ڪنن جي چوٽين کي ٽڪو ڏيئي ڪارو رت ڪڍندا آهن. آليون ليون تن جو مڇ ٻاري انهيءَ جي دونهي جو واس ڏجي. وهٽ کي بند جاءِ ۾ رکجي جئن واءُ نہ لڳيس مٿانئس ڳوترا ٽپڙ گِدڙ وغيره وجهي ڇڏجن پگهر اچڻ تي خاصي فرحت ٿيندس.

گهنٽي گوگهي: هن بيماريءَ ۾ ڍور کي نڙي ۾ ڳنڊ [ڳوڙهو] نڪري پوندو آهي. جانور ڳاٽ سڌو جهليو دانهون رنيون ڪندو وتندو آهي.

علاج:

ڪاپار تي ڏنپ ڏجي ڇٽو تہ واهه نہ تہ اهو لاعلاج مرض آهي.

ٽڏي:

هيءُ ڍورن ۾ هڪ ماتا جي قسم جي بيماري آهي.

علاج:

هن جي لاءِ ڇيڪلو ڦيرائين، مصحف مال جي وٿاڻ تي رکن. پر لاعلاج مرضن ۾ هيءُ پڻ شمار ٿئي ٿو.

وپائل ڏور:

وپامڻ ڪانپوءِ ڏور ڪي گهڻي تڪليف هوندي آهي.

علاج: هن ڪي ٻاجهر جا ڪوهر ڳڙ سان رڌي کارائجن. تہ ڄر نڪري ايندي ۽ رت پٽ ڇڏي ويندو.

ڦر جو پيٽ ۾ مرڻ:

بعضي ماديءَ جي پيٽ ۾ وپامڻ کان اڳ ڦر مري ويندو آهي.

علاج: هنجهو، واهو، ڳڙ جاڻ گهوٽي پيارجن، تہ مئل ڦر ٻاهر اچي ڦهڪو ڪندو.

چڻ: مال هڪٻئي کي اوڪلون هٽبدو آهي، وڙهڻ مهل ڊيهہ تونا زورائتا هٽندا آهن، اهڙي حالت ۾ بعضي اندران اندر مال جا آندا وچڙجي پوندا آهن.

علاج:

ڦتڪي ۽ هيڊ تازي ڏڌل کير ۾ ملائي پيارجي.

اوگهر يا انگهارو:

مال جو اوهہ سڄي پوندو آهي، ۽ منجهانئس پاڻي پيو سمندو آهي. چون تہ "ارهڻ" تي پيو اٿس.

ڦرَ جو اَمهاڙو اچڻ:

ڪن مادين جا ڦر منهن ڪان اچڻ بجاءِ پٺ ڪان سارِ مان نڪرندا آهن ۽ پوءِ ڦاسي پون ۽ نڪري نہ سگهندا آهن.

علاج:

جي ڦرُ جيئرو هوندو آهي، تہ ڏاهو معالج هٿ ڌوئي هن کي سٽي مکي هٿ سارِ مان اندر لنگهائي ڦر کي سمهاڙو ڪري ڦيرائي ڪڍي وننـدو آهي، پر جي ڦر مئل آهي ۽ ڦري نٿو سگهي تہ پوءِ ان هٿ ۾ تمام تکو کرو ڪٺي هوشياريءَ سان ڦر کي وڍي ٽڪر ٽڪر ڪري ٻاهر ڪڍي وننڊوآهي. هيءُ تمام نازڪ ۽ هوشياريءَ جو ڪم آهي، جنهن تنهن کان ٿي نہ سگهندو آهي.

اهنڊ ٽيڻ:

نر وهٽ کو مارٽو/اوٽرو جيڪو رگو پيو پنبندو آهي ۽ ويجهو اچڻ ڪين ڏيندو.

علاج: ان جا آنورا کڍائي/چپائي کسي [خصي] ڪرائي ڇڏين، يا تہ کن کي نٿ ٿوپين - ڇا ڪن جو ڪاٺ جو سوءُ گهڙي اهو نڪ جي بينيءَ ۾ هٽندا ۽ پوءِ

نڪ مان ڪدي ڏاس جو ڏورو نڪ ۾ وجهن. نڪ ٽوپڻ مهل وهٽ ڪي وڻ سان ڏاڍو ڪري ٻڌو ويندو آهي.

وروهي: هيءُ جانورن جي لاءِ هڪڙي قسم جو بخار آهي.

علاج:

مال جي پنيءَ تي ڪرڙي پڪيڙي وجهي ڇڏين، تہ پگهر ٽئين. ۽ ڪارن مرچن جو دونهون نڪ ۾ ڏين.

ايرو ڊور ٽيڻ:

ڪي ڊور ڪاڏي جا سچر تين جيڪي ڪائين سو جلد هضم ڪري وئن، پر ڪي ڏچر هوندا آهن يا ريچ جي بيماري هوندي اٿن، تہ هرگز ڪين مچن.

علاج:

ايري ڊور ڪي اوٺي /ڊڪ ڏين يعني تيل ڏڌ گڏي پيارين ريچ جو علاج بہ ڪن.

رڍ - ريڍو مال:

”رڍ چا چاٽي راڳ مان، ٻولي جنهن جي ٻي“

هن دنيا ۾ پهريائين هڪ دنبو بهشت مان آيو ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام جي قربان ٿيڻ بدران ذبح ٿيو.

رڍن کي ريڍو مال ڪونجي ٿو. رڍ ۽ ٻڪري گهٽين عادتن توڙي لڇڻن ۾ هڪجهڙيون آهن. ٻڪرين کي برڪتي مال ڪوٺيو ويو آهي، تہ رڍن ۾ بہ برڪت جي گهٽتائي ڪانهي.

رڍ ڇهين مهيني ويامندي آهي. مادين سان گڏ نر بہ پيا چرندا آهن، هن جي قرجڻ جي ڪابہ موسم ڪانهي. قرن کي دنبا دنبيون، گهيٽا گهيٽيون، گڊا گڊيون نالن سان سڏيو ويندو آهي. سيني قرن کي گڏي سَسُون سڏين.

هتي سنڌ ملڪ ۾ ريڍي مال جا بہ قسم آهن: هڪڙو سڱر پچُر جنهن جي نر کي دنبو ماديءَ کي دنبي ٿو ڪونجي ۽ ٻيو نوڙهو مال، جنهن جي نر کي ڪُڪُو ۽ ماديءَ کي ڪُڪِي ٿو ڪونجي، عام طرح سيني کي رڍون ڇٻو آهي.

سڱر پچڙ:

گهٽو ڪري ڪوهستان جي ياڱي ۾ ٿيندا آهن. هنن مان ڪن ڪن نرن کي ٻن جي بجاءِ چار سڱ بہ ٿيندا آهن، پر مادين کي رڱي بہ سڱ هوندا آهن. رڍن سيني جا گهٽو ڪري ٻوٽ ڪارا ٿين ٿا، پر ڪن جا ٻوٽ ناسي رنگ، تي

يا اَڇا بہ هوندا آهن، پر پهاڪي ۾ چون تہ "رڍون، مڙئي ٻوٽ ڪاريون" جبل ۾ ريڍي مال کي پاهو مال سڏين ۽ رڍ کي پهون بہ چوندا آهن ۽ هن جي چاريندڙ کي پهنوار ۽ رڍ جي چاريندڙ کي ريڍار نالن سان سڏيو ويندو آهي. رڍ کي ايل بہ چوندا آهن، تنهنڪري انهيءَ جي چاريندڙ جو ٻيون نالو آهي ايلپهنوار.

جاتي لاڙ ڀاڱي ۾، جيڪي ڳاڙها ڪُڪا ٿين تن کي ٿري توڙي سنڌي ماڻهو "رڃون" چوندا آهن ۽ ٿر جا ٿري پنهنجي ڀاڱي جي اڇين رڍن کي "ڀاروڙيون" ڪوٺين.

جيسلمير جي ڪاڏار واري ڀاڱي جي رڍن کي "ڪاڏاري" ڪوٺيو ويندو آهي. هنن جا پچ ڳڏهہ جي پچ جيڏا ڊگها ٿيندا آهن.

رڍن توڙي گهيٽن جي وارن کي، جي ڊگها هجن تہ "اريٺ" ۽ ننڍا هجن تہ اُنَ ڪوٺيو ويندو آهي، ۽ جڏهن اهي وار رڍ جي بدن تان ڪتري لاٿا ويندا آهن، تہ ان کي پُٺي چون ۽ ٻر جي بدن تان ڪتريا ويندا آهن، تہ اُن کي پُٺا سڏين. پنيون ۽ پُٺا وڪوڙي ڏار ڏار رکن.

اُن جڏهن ڪتبي آهي، تہ ان جي تند کي "پيٺ" سڏبو آهي ۽ اڻ ڪتيل کي پهو يا پاٿڙو چئبو آهي. اُن کي جڏهن سٽي ڪتي ڌوئين تہ اُن کي "پيبرڪ" سڏين ۽ جڏهن سڪي صفا ٿئي، تہ اروٽي ڪوٺين ۽ رڱجڻ کان پوءِ "پشم" چونس. اُن يا پني ڇهين ڇهين مهيني ڪتري لاهيندا آهن. اَيون، سيني رڍن توڙي ٻڪرين کي ڳڏي سڏيو ويندو آهي. اُري يا اُريون، رڍن جا هڙئي قسم جن ۾ دنبيون ۽ گهيٽيون بہ اچي وڃن ٿيون. ايبري، ڪيري رڍ جو نالو آهي، پر اُرپ يا اورنب جيڪا رڍ قرجڻ کي ويجهي هوندي آهي ان کي چوندا آهن.

رڍن جا قسم هيءَ آهن: اوني رڍ، هن جي بدن جو رنگ ۽ ڪن هوبهو اُٺ جهڙا هوندا آهن.

ٻُسري: ننڍڙن ڪنن واري رڍ، ٻوهڻ بہ رڍ کي چون.

ايڙڪ: ويڙهو گهيٽي /وڏي دنبي کي سڏيو ويندو آهي.

ٻچي ٻوٽ ڪاري: هن رڍ جي ڪاڏي تي ڊگهن وارن جو مڇو هوندو آهي.

بيماريون: رڍن توڙي مينهن جون بيماريون بلڪل ساڳيون آهن.

بيان: ايري دنبي /گهيٽي جي دنب /پچ متاري ڪرڻ جي لاءِ اُن جي پچ جي ڇڏن واري لسي پاسي کي جنڊ جي پهڻ سان ٽورو ڳهي، پوءِ ٽي مهينا هن کي چٽا پسيل ۽ گاهہ کارائبو تہ دنب جي چربي پندرهن - سورهن سير تور ۾ ٿي ويندي.

دنبي جي پچ جي هيٺئين پاسي واري ڪل اهڙي تہ سنهڙي ٿيندي آهي، جو هن کي ڪتي جو نوهنڊڙو لڳي ويو، تہ سڄي ڄمار اهو ڦٽ نہ ڇٽندو ۽ چوڙا ڪائي مري ويندو.

رڍ کي پوين ٽنگن جي پوٺان ٿڻ ڇڪبي ڏهبو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڏهائيندي ڦولهڙيون بہ لاهي وجهندي آهي، جي کير ۾ وجي پونديون آهن. ان تي پهاڪو ڏين تہ:

”رڍ کير ڏي پر ڦولهڙين آڏيار“.

هن جو کير گهاٽو ۽ مکڻياتو ٿيندو آهي، تنهن کان سواءِ ملي بہ هوندو چوندو آهي، يعني هن جي کائڻ سان بدن تي ملو ۽ ڦٽ ڦرڙيون نڪري نروار ٿيندا آهن. حڪيم ريڍي کير ۽ گوشت کائڻ جي بيمارن کي منع ڪندا آهن، چو تہ هن جو کير ۽ گوشت پراڻيون بيماريون بہ اٿلائي رکندو آهي. ماتا يا سيتلا جي بيماري واري کي ريڍو کير گهٽو پياريو ويندو آهي، تہ سندس بدن مان ماتا جون ڦرڙيون پرچي نڪرن.

رڍ جي آواز کي ٻيڪات/ٻي ٻي سڏين. هن جو ڪاڏو هرگاهہ، ٻوٽو، ڦل ڦول آهي. گهيٽو چوندو آهي تہ ”اُٺ چري ٻنيهہ پر آئون چران ڇٽيهہ“ ڪوبہ ٻوڙو سئين لڳين ڌرتيءَ تي نہ ڇڏيندو آهي. رڍ ۽ گهيٽو اهڙا تہ هوشيار جانور آهن، جو ڏڪئي کان ڏکي چاڙهي ۽ ترڇن آڏن پاسيرن لڪن تان بہ ٻي ڊپا پيا هلندا ڊوڙندا آهن. هي مال نرا ڪٽي متي ٻڪرين وانگر ڪين چرندو آهي، پر منهن سدائين هيٺ ڪيو پيو پيٽ پاليندو آهي. هنن جو پاڻ ۾ جهيڙو جنگ ڪانہ ٿئي. هڪڙيءَ وڙهڻ جو خيال ڪيو تہ ٻي اماالڪ پڇي ويندي. چوندا ڪين آهن تہ فلاڻو جهڙي رڍ ڏنوَ.

ڪي ڪي ماڻهو اپڙڪ گهيٽا پالي تاتي ويڙهائيندا آهن ۽ بازيون ڪٽندا آهن.

وچولي:

هي مال حلال آهي، تنهنڪري هن کي ذبح ڪري گوشت کي کائين. خاص طرح سنڌ جا ماڻهو ريڍي گوشت کائڻ کان ڪوءُ ڪندا آهن. لاچار کان سواءِ ڪونہ ڇکن متان ڪنهن بيماريءَ ۾ ڦگڙجي نہ پون. اهو پوءُ دل ۾ سدائين هوندو اٿن. هن وقت پاڪستان ۾ اٽڪل هڪ ڪروڙ ٽيهہ لک رڍون موجود آهن.

ٻاڪرو مال:

”ٻڪر ٻاٻاڻن جا ولر ڪيو تي واري، ڳٽي اباڻن جي مون کي تي ڳاري!“

هيءَ کير ڏيندڙ مال ۾ شمار ڪئي ويندي آهي. ٻڪري برڪت وارو مال آهي، هڪ ڪان وني ڇٺن ڦرن تائين ڄڻيندي آهي، ۽ هر ڇهين مهيني ويامندي آهي. ٻڪريون نبين سڱورن چاريون ۽ ڏاريون آهن.

ٻڪري ڪي جڏهن ٻڪر ٻور (آواز) ڪري ٻوڪيندو آهي، تہ سڄي ڏوڙي تي ويندي آهي. هن جي نر ڦرن ڪي مملو، شملو، ليلو، ڇيلو، ٻاگار، ٻوڪ، لائو [لاڳڙ جو ٻڪرين تي ٻوي]، ٽير ۽ سانهہ ٻڪر سڏيو ويندو آهي، ۽ مادي ڦرن ڪي ميمي جيڪا مهيني ڪن ڇمار جي هجي، ڇيلي جا ٽن مهينن جي هجي، ٻٺ سال ڏيڍ جي ۽ ائٺ يا اوٺ جا لڱڻ يا ڦرجڻ جي ايامڪاري ۾ هوندي آهي تنهن ڪان پوءِ ٻڪري ڪوٺين.

ناري پاسي ٻڪريءَ جي ليلي /ليليءَ ڪي عمر جي حساب سان هنن نالن سان سڏين.

1. ڏاوچ [کير پئيندڙ] 2. ڪڙهي [پن ۽ گاهہ کائيندڙ ۽ کير پيئندڙ] 3. ٻن چري [پن چرندڙ]، 4. ڇيلي [ڏيڍ سال جي]، 5. ٻٺ [ٻن سالن جي]، 6. ايٺ [ٻہ ڏندي]، 7. ٻهريات [ٻهريون ڦر ڄڻيندڙ]، 8. ٻڪري [مڪمل ٻڪري]. ساڳيءَ ريت ليلو، ڏاوچ، ڪڙهو، ٻن چرو، ڇيلو ۽ پوءِ ايٺ [ٻہ ڏندو] تي ٻڪر سڏبو آهي[1].

نالا: ٻڪري ڪي ائي، ايمي، چارڪي نالن سان بہ سڏيندا آهن.

ڇمار:

ٻڪرين جي ڇمار ٻڻ ٻين جانورن وانگر ڏند مان ڏسي ڪٿبي آهي. ٻهرين کير ڏائڪ ڦر، ڪيدو يا ڪيرو، ڪپر ڇڏيندڙ ارڙو، پوءِ ٻڙاندي، ٻڏندو، ڇوڳو ڇوڏندو، ڇڳو ڇهہ ڏندو وغيره. پوءِ مڙيل، جنهن ڪي بہ ڪليون ڦٽي نڪرنديون آهن. ٻڪريءَ ڪي اٺ هوڙون مٿان ۽ هيٺان اٺ ڏند نڪرندا آهن. حلال جانورن سيني ۾ ڇمڻ وارا ڏند ٻچندا ويندا آهن، ۽ انهن جي جاءِ تي ڇهن مهينن کان پوءِ جوڙي نون ڏندن جي پئي نڪرندي آهي، جا انن ڏندن يا ڇٺن جوڙين تي وڃي ختم ٿيندي آهي. جيئن ڏند نڪرندا ويندا تہ چوندا تہ آماهجي پئي. ٻن سالن واري ڪي اٺي چوندا آهن.

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

ٻڪرين جا قسم:

سنڌي، ڪاموري، لاڪي، ٻري، ٿري، ٻٻي، بربري، بوتري، جابلي، ڪاڇڻ، ٽاپري.

سنڌي:

قد جي پوري پني، ڪير ٻن سيرن تائين ڏهائينڌڙ سنڌس رنگن ۾. ڪاري، ڪيٽي، ميٽي/اڇسري، ٻگي، سفيد پولي [پوري رنگ واري]. نيري [ڪجهه ساواڻ تي]، چانهين [سائي ميرانجهڙي]، پٽوري، [جنهن جي ڇاتي ۽ پيٽ اڇو ٿئي]، ڪمري يا چٽڪمري (اڇا ۽ ڪارا يا اڇا ۽ ڳاڙها ٻڪ ٻڪ هوندا اٿس]، ٽڪڙي، [منهن تي اڇو ٽڪو يا ٻانو هوندو اٿس]. ٽپري يا ٽاپري [پيٽ ڪارو پنا اڇا ۽ پير ٻه اڇا هوندا اٿس]. مڪڙي [جنهن ڪي ڳلن ۽ اکين وٽ ڳاڙها لينگها هجن]، بولاهي [منهن جو گهٽو حصو اڇو هوندو اٿس]. ان ڪان سواءِ ڪاري، ناسي ۽ ڳاڙهي رنگ جون ٻه هونديون آهن.

ڪاموري:

هن جو نسل ايران، عراق ۽ عرب ملڪن جي ٻڪرين ۾ ڏنو ويو آهي، هيءُ قداور ٿين. مهل تي چار سير کن ڪير ڏهارائين. هنن جا ڪَنَ ۽ ٿڻ ڪارا پر ڊگها وڏا ۽ هيٺ گهٽو لڙڪيل هوندا آهن. رنگ جون ناسي، ڪاريون، چٽڪمريون ۽ ٻڪن واريون ٻه ٿينديون آهن. هنن جو ڪير منو هوندو آهي. منجهس ٻڪراٽي پٽ نه هوندي آهي. هنن جو ڪير مڪٽياتو ٿئي ۽ ڄمائيندا پڻ آهن. ڪام اها گول ڪاني جيڪا جاءِ جي مهاڙي ۾ وجهبي آهي. هنن جا ٿڻ ٻه گول ڪامن جهڙا آهن تنهنڪري ڪاموري نالو ڏنو اٿنس.

لاڪي:

هيءُ ڪاموريءَ ڪان قد ۾ لانيري ٿيندي آهي. ٻه - اڍائي سير ڪير ڏهائي ڪرائيندي آهي. هن جا ٿڻ ڳئون جي ٿڻن جي رنگ جهڙا ڳاڙها ٻُـتر ٻُـتر وارا هوندا آهن. هن جا ٻيا قسم بيرڪ ۽ بوتري آهن.

ٻري:

ٻري ٻڪري قد جي ننڍڙي ۽ هلڪي، ڏسڻ ۾ وٺندڙ. ڪير وڌ ۾ وڌ اڌ سير ڪن ڏيندڙ. هن جو ڪير نهايت طاقت وارو آهي ۽ دوائن ۾ گهڻو ڪتب ايندو آهي. هن نسل جي ٻڪريءَ ڪي سنڌس نسل جو ٿي ڇيلو ڦريندو ته ويامي

سگهندي، پر جي ڪنهن ٻئي نسل جي ٻڪر ڦري ته ويامي ڪانه سگهندي ۽ اڦٽ مري ويندي، تمام نازڪ ۽ نفيس بنياد جي آهي. سنڌن سجاٽپ لاءِ ڪي قسم هيءَ آهن: ٻگي ٻري [رنگ اڇو، ننگون ننڍڙيون، ڪن ننڍڙا ۽ اڳتي وريل البت ٿڻ وڏا هوندا اٿس]، اڇي ٻري [وار ننڍڪا، ڪن ڪٽڙا، بعضي وارن ۾ ناسي يا ڳاڙهي رنگ جي ٻُر ٻُر به هوندي اٿس]، ڳاڙهي ٻري [هن جا وار به ننڍڙا هوندا آهن]. ڪل ٻرين ٻڪرين جا قسم هت ڏجن ٿا: ڪيٽي ٻري، ڏوڙاڪي ٻري، پوري ٻري، جهري ٻري، ڪاري ٻري، ٻگي ٻري، ڳاڙهي ٻري، وانگٺائي ٻري، هيڊي ٻري، ڪبري ٻري، ٽاپري ٻري، بادامي ٻري ۽ چيني ٻري.

”ٻريون ٻڪريون سڱن واريون ته بنا سڱن جي به هونديون آهن، ٻريون اڇيون، سال ۾ ٻه ڀيرا ويامن، انڪري ڪي ”اجڙوال“ اهي شوق سان ڌارين جو هنن جو نسل گهٽو وڌندڙ آهي.“[1]

جبلي ٻڪري:

هيءَ قد جي ننڍي بدن تي ٻج، گهاٽا وار ڊگها. ڳچيءَ ۾ به لڙڪا جن ڪي جبلي ماٺهو چوڙا چون. اهڙين ٻڪرين کي چوڙيليون ڪري ڪوٺين. هي ميٺوڙي رنگ جون ٿين ٿيون. گهٽو ڪري سپ جاڙا يا جڙوان ڦر ڏينديون آهن[2].

ٿري:

هيءَ به قد جي ننڍي ۽ بوجري، کير گهٽ ڏيندڙ گهٽو ڪري ڪوس جي لاءِ ڏڻن جا ڏڻ وڏن شهرن جي مال جي پڙين تي وڪري لاءِ بيئنل ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

مڱياٽيون / وڱياٽيون:

”ٻڪرين جو هيءُ قسم هالا، سانگهڙ، ٽنڊوآدم ۽ نٿي پاسي جا ڌنار ۽ مالوند شوق سان پالين، هنن ۾ ڪيترائي رنگ آهن، جنهن ۾ ناسي ۽ ڪارو هوندو آهي. هنن جا ڪن اڇا هوندا آهن.

ٻڪرين جي هن قسم کي ڪاڄڻ به چوندا آهن، ڪاريون ڪاڄٽيون، کير ۽ گوشت جي حساب سان سنيو ليکيون ويندون آهن.“[3]

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

[2] هرڻ ڪنهن لاکي ٻڪريءَ کي ٻوڪيندو آهي ته ان مان جيڪو ڳاڏڙ نسل پيدا ٿئي ان کي ٻري چوندا آهن. (ليکڪ)

[3] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

بگي ٽُوري:

"هيءَ نسل سنڌ ۾ ايترو عام ڪونهي، ڪن شوقين پاڳين وٽ اهو نسل ڏٺو ويو آهي، اهي سڄيون اڇيون، سگ اُيا ۽ وڪڙن وارا، قد وڏو ۽ سهڻيون هونديون آهن. ٽنڊي الهيار پاسي جي زميندارن وٽ هنن جو نسل اڄ بہ موجود آهي، چوندا آهن تہ اهو نسل ابن بطوطہ نالي سياح سنڌ ۾ آندو هو.[1]

ڪنن موجب سڃاڻپ جا نالا:

ليڙي [ڪن ڪارا ويڪرا ۽ ڊگها هوندا اٿس]، بوتي يا ٻوتي [ڪن ننڍڙا هوندا اٿس]، لهري [ڪن ڪارا، سوڙها ۽ ڊگهيرا اٿس]، لپي [ڪن ڪارا ويڪرا پر ننڍڙا اٿس]، پتني [ڪن ڪارا سوڙها انچ ڪن ڊگها اٿس]، بندي [ڪن ڪارا سنهڙا بہ انچ ڊگها]، ڪزي، قضي [ڪن ڪارا سوڙها چار انچ ڊگها]، ٻوري لهري [ڪن اڇا سوڙها ۽ ڊگهيرا]، ٻوري لپي [ڪن اڇا ويڪرا ٿورا ننڍيرا] ٻوري ليڙي [ڪن اڇا ويڪرا ۽ ڊگها]، ٻوري [ڪن اڇا ۽ انهن تي ٻـر ٻـر هوندي اٿس]، ٻسري [ڪن اڇن چٽڪنوار بہ انچ ڊگها] اوني ڳلهي [ڪن ڳاڙها چا رانچ ڊگهيرا]، هرٽي [ڪن اڇا، ڪنوٽيون وريل ۽ اُيا وار] ٻوتار يا ڪري [ڪنن ڪٽيل]، اينڊڪي [اڇي رنگ واري]، اچوني [رنگ ڳاڙهو، ڪن اڇا، ڪير جي يلي]، ٻولهائي [رنگ ڪارو بت تي ڊگها وار، ٽڻ ڊگها، سگ پورا پنا ۽ وريل قد پورو پنو] ٻيون آهن، اچي چانهين ۽ ٻوئري ٻڪريون.

سڱن موجب سڃاڻپ جا نالا:

نهري [سگ وڏا ۽ مٿي اُيا]، ڪوسي يا گوشي [سگ تاسارا ۽ ٿورا مٿيرا اُيا] اچوني ريڍي [رنگ ڪجهہ ڳاڙهو، ڪجهہ ڪارو، ڪجهہ اَڇو، سگ سنوان ۽ ڊگها، ٽڻ پورا پنا]، ٻهري [وڏن سڱن واري]، تاساري [سگ پوئتي لڙيل]، ڪندي [سگ ڪندي يا چوڙي وانگر وريل] ڏٻي [هڪڙو سگ هيٺ لڙيل ٻيو سگ مٿي اُيو اُٿيل] دُڏر [انچ ڪن سگ مغز ۾ ڳتل] نوڙهي [ٻنان سڱن جي موڏي]، نونني [هڪ سگ پڳل]. ٻيا ٻڪرين جا نمونا ڪمري، ڪوراڙي، قلقلي رنگن ڪري نالا ڏيندا آهن.

---

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

ٻيون حالتون:

اوهيل [جنهن جو اوهه نڪري آيو هجي] ويامو [ڦر ڏيڻ جي ويجهي هجي]، آلوڙي [تازي ويائل] سئا [گهٽ ڏينهن جي ويائل]، ڀهريات يا اينوڙي (ڀهريون ڀيرو ويائل)، ڪانگهاري [گهٽو وقت کير ڏهائيندڙ ۽ کير پچاڙيءَ ۾ ڪارسرو ڏيندڙ]، ڦندي [کير نه ڏيندڙ نڪي ڏُڪي ڏيل]، ڏُڪي [ڦريل، ٻڪر متس چڙهيو هجي ۽ پيٽ ۾ ڦر قرار وٺي چڪو هجي]، تاندوري، يا تانبوري يا ٿنبيل يا ٿبيل [جنهن ويامڻ جي ايام ڪان اڳ ڦر ڪيرائي ڇڏيو هجي] سنڍ يا مُناوڻ [جيڪا ڦر صفا نه جهلي]، اندي [ٻنان لڳڻ ٻنان ويامڻ جي کير ڏهائي اهو کير مڪروهه سمجهيو ويندو آهي].

ٻڪريءَ جي ويم بابت:

ڪي ٻڪريون سمهاڙيون ويامن يعني سنڌن پيٽ مان ڦر سنئون سڌو ٻاهر نڪرندو آهي، پر ڪي آمهاڙيون ويامنديون آهن يعني ڦر پيٽ ۾ ابتو ٿي ويندو آتن ۽ ڇٽڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي اٿن. ڦر ڀنيرو ٿي ويندو آهي. ڀهريائين ٻولهه ٻاهر ڪڍڻ لڳندو آهي، جو نڪري نه سگهندو آهي، ڪاريگر ۽ چاڻو ماڻهو ٻڪريءَ جي سار ۾هٿ سٽيو ڪري وجهي، ڦر ڪي سبتو ڪري ٻاهر ڪڍن جي مري ويل هجي، ته ڪرو يا چاقو تکو هٿ ۾ جهلي ڦر ڪي وڍي ٽڪي ٻاهر آڻين. ٻڪريءَ جي دير سان ويامڻ جي لاءِ هيءُ علاج ڪن:

1. گهوڙا ول ٻسڪل، جي اها نه هجي، ته سائي هٿ ڪري، ڪتري، رڌي ٻوڙ ناري ٻيارجي ته يڪدم ويامندي.

2. پراڻي ٻاجهري ڏري، ڪاڙهي ٻيارجي.

ويامڻ ڪانپوءِ ڳڙ ۾ ٻاجهر يا ڪڻڪ جا منا ڪوهر رڌي ڪارائجن، ته رت پٽ ڇڏي - ڦر ڪي ٻه تولو ڪن ڳڙ ڪارائجي. تازي ويائل ٻڪري ڪي سنڌس آلوڙو کير ٻيارجي ته کير تمام گهڻو ڏيندي.

ڪاڏو:

ٻڪري جهنگ چري جيڪو وڻ منهن سامهون آيس ته نرا ڪٽي چڙهي وينديس، جيستائين ڳچي ڀهچنديس اوستائين ٻٽي چرنديس، نِمَ ٻير، ٻٻر، اڪ وغيره ڪوبه ڪونه ڇڏي. گهر ۾ ڏاريل /پالتو ٻڪري ڪي ڏارو، گوار، ٻوسو، پاروٽين مانين جا ٽڪر پسائي ڪارائيندا آهن. ڀهاڪو ڏين ته "ٻڪريءَ

جو ڪير هن جي هوڙ هيٺ آهي." مطلب تہ جيترو چرندي، اوترو ڪير ڏيندي. ٻڪرين چارڻ جي لاءِ چالاڪ ۽ هوشيار ڌنار جي ضرورت آهي. چاڪاڻ تہ هيءَ ڪسڪڻ ۽ ڀڄڻ جي چوهي هوندي آهي. انجلي چرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. ڌنار پورو ڌيان نہ ڏنو، تہ ڀيل ڪندي نہ گسندي. ٻڪرين جي مرد چاريندڙ کي، اَير، ٻڪرار، ڀهنوار، نالن سان سڏين، ڪا زال چاري تہ ان کي ائياري چون. ٻڪريون ڌاريندڙ کي ڌراڙ/ڌنار چئبو: ٻڪرين جي ڌڻ کي اَيون پڻ چون. هن جي ڇيڻي کي ڦولهڙيون، پولڙيون، ميگڻيون ۽ ڦوگڻيون سڏين. ٻڪري جي آواز کي بيڪڙاٽ چوندا آهن.

ٻڪريءَ جو بيان:

ڏکي ٻڪري ولھ ۾ بيهڻ ڪري ٿُـبجي پوندي آهي، تنهنڪري ان جي لاءِ اولو يا ٻاڏ رکڻ ضروري آهي. هن جي تازن ڦرن اَليـاوَڙا ۽ ننيڙن کي لار ۽ ڏائيندڙن کي نوراپا، کير ڇڏيندڙن کي اوٺاڪ چئبو آهي. جيڪو ڦر هٿ سان کير پيارڻ تي هيرائجي، ان کي هٿايو يا اُهائو چون. ڦرن کي جنهن جاءِ ۾ بند رکجي، ان کي گوندو يا گندلو يا برتو ڪونين. ۽ ٻڪرين کي جنهن جاءِ ۾ ڍڪجي، تہ ان کي واڙ، ايواڙو، اَجهار/ايواڙو/لوڙهو بہ ڪونين. ٻڪريءَ جي ڍگهن وارن کي ڏاس يا ٻج ڪونين. اهي سال ۾ هڪ ڀيرو ڪتري لاهين ۽ ٻولانڊو يعني منڏل چونس. پوءِ وٽي رکن. ڏاس مان رسا، توبرا، ڪرڙيون، ڪاهيون، اوجا، پلاڻ، بورا ۽ فراسيون ٺهنديون آهن. ننيڙن ڇيلڙن جي کلن مان دُهل ۽ ڏڪڙ مڙهبا آهن ۽ ان جي کل مان زيهون ڪدي ڇج، ڳاگڙا ۽ ڪوندا سبي توبي ڏاڍا ڪندا آهن. ٻڪريءَ جي کل کي رڱي چمڙو بنائين. جنهن مان تمام گهڻو چمڙي جو سامان ٺهندو آهي. بوٽ، سپليپر، سپاٽا، چمپلون، پيٽيون (پيگون) دستانا، مَوزا، ڪڙتا، بدون، پخالون، ڪوترا، پرس يعني ٻٽون، فوٽ بال، والي بال، تنگ، هنن جا ڪور، بالاتنگ، [گهوڙن جا سنج گهوڙي گاڏين جي وهٽن جو سامان جنهن ۾ ٻين جانورن جي چمڙي کي بہ ڪتب آڻين ٿا] وغيره.

ٻڪري حلال جانور آهي، هن جي گوشت کي ٻاڪرو گوشت چوندا آهن. ننڍي ڇيلي جيءَ گوشت کي حلواڻ چون. ٻڪريءَ جون ڦولهڙيون ۽ مٺانگون ياڻ طور ٻنين ۾ استعمال ڪندا آهن. ٻڪريءَ جي اوجهري ويائل زال کي کارائين تہ ٿج گهڻي ٿيندي اٿس. اڳي بخار واري يا بيمار ماڻهوءَ تي ٻڪري کهي ان جي کل بدن تي چاڙهيندا هئا تہ نئوبنو ۽ تندرست ٿي پوندو هو.

ٻاڪري کير جا فائدا:

* هيءُ کير ماٺهو کائين، ڇمائي مکڻ ڪڍن، جي ڪنهن ٻار جي ماءُ کي ٿڃ نہ هوندي آهي، يا ڇورڙو ٻار هوندو آهي، تہ ان کي ٻاڪرو کير پياريو ويندو آهي.

* جيڪو ماڻهو ٻاڪرو کير کائي ۽ نم جي ڇانوَ ۾ رهندڙ هوندو، ان کي سلهہ جو مرض ڪڏهن بہ ڪين لڳندو.

* پيشاب ۾ ساڙو ٿي پوي تہ ٻاڪري کير ۾ پاڻي ملائي، لسي بنائي پيئجي تہ ساڙو ڇڏي ويندو.

* وات اُٿي يا ڦلارجي پوي تہ ٻاڪري کير جا گوها وات ۾ هٽائجن ۽ ڪاڪڙو لهي پئي تہ پڻ سيڙهون هٽائجن.

* اکيون اُتن تہ ٻاڪري کير مان ڪپهہ جا ڦها پسائي اکين تي رکجن، تہ ڇٽي وينديون.

* کوهہ ۾ پونئرا پيدا ٿين تہ پنج - ست سير ٻاڪرو کير کوهہ ۾ وجهڻ سان سڀ مري ويندا آهن.

* مرداني طاقت جي لاءِ، ٻري ٻڪريءَ جي ٻن سيرن کير ۾ سفيد موصلي هڪ آنو، سفيد بهمڻ اڌ پاءُ ۽ مصري هڪ آنو ڪٽي کير ۾ وجهي ڪاڙهجي. جڏهن اڌ جيترو مال بچي تہ لاهي ٺارجي. روزانو نيراني پنج تولا. ٻري ٻڪريءَ جي تازي کير سان ونڻ سان طاقت/مردمي زور وٺندي، پر وچ ۾ جماع ڪرڻ کان پرهيز ڪري، جيستائين خوراڪ ختم ٿئي. دل جي طاقت واسطي، ٻري ٻڪريءَ جي هڪ پاءُ کير ۾ پنج ڇوهارا، ڏهہ گورا بادامين جا، پنج ڪارا مرچ پسائي رکجن. اهي صبح جو ڏنڊي ڪونڊي ۾ گهوٽي اڌ آني ماڪيءَ سان گڏي کائڻ سان دل جي طاقت وڌي ويندي، اهو نسخو ٽيهہ ڏينهن ڪرڻو آهي.

دماغ جي طاقت لاءِ، ٻري ٻڪريءَ جو کير اڌ سير، ان سان هڪ آنو ماکي ملائي رات جو روزانہ ونڻ سان ويهن ڏينهن ۾ دماغي طاقت مڪمل ٿي ويندي.

ٻڪرين جون بيماريون:

1. ڦيٽ/ڦڦڙي هن کي سوڙهيءَ گهٽ بـ ڇون. اوچتو ڏڻ ۾ پيڪاٽ ٿيندو، پيڪاٽ سان گڏ ٻڪري ڦتڪي مري پوندي آهي.

2. اڄڪلهہ آفريڪا جي هڪ بيماري پ پ آر سڄي ملڪ ۾ پکڙيل آهي، جنهن ٻڪري کي زڪام ۽ بخار ٿئي ٿو.

علاج:

هن مرض جي لاءِ ڪِپ جو ٻوڙو ڪڍي، ان کي ڪتر ڪري پاڻيءَ ۾ رڌي اهو پاڻي ڇاڻي ناري سيني ٻڪرين کي پيارجي جيئن سير کن هرهڪ ٻڪري پيئي ۽ ٽي ڏينهن اهو علاج چالو رکجي. ٻيو ٻاجهر جا پراڻا ڪانا ساڙي انهن جي ڇار پاڻيءَ ۾ ملائي سڄي ڌڻ کي پيارجي.

سمهڙو:

1. پيرن جي کرن ۾ جيت يا جيوڙا پيدا ٿين ٿا، جنهن ڪان منڍيون ٿيو پون ۽ اوگر ٻه ڪانه ورائين.

2. هن جو علاج ٽيرامائسن (ائنٽي بائٽڪ) آهي.

علاج:

هن لاءِ واڙ ۾ واري وڇائجي ۽ هنن جي کرن جي چيرن ۾ گاسليٽ اوتجي يا فنائل پوري ڀرڪجي. ٻيو هيڊ ۽ سينڌو لوڻ ڪٽي ٻيل ۾ ساڙي لپڙي ڪري پيرن تي ٻڌجي.

گگهي:

هيءُ مرض نڙيءَ ۾ ٿئي ٿو. نڙي سڄي پوي يا نڙيءَ ۾ ڳوڙهو نڪرندو آهي.

علاج:

هن واسطي اُٺ جو هڏو ٻي ڪنهن جانور جي ڪل سان گڏ. ٻڪرين جي ڦولهڙيون ۾ ساڙي ان جي زرڪ جي آڌ نڙيءَ تي ڪجي، ٻيو ڪنن جون ٽوريون ٽوريون چوٽيون ڪپجن. جيئن رت نڪرڻ ڪري ڳوڙهيءَ جو زور گهٽجي.

ماتا:

هن ۾ ٻڪرين جي بدن تي ڦرڙيون نڪرنديون آهن ۽ وار ڇڏي ويندا آهن.

علاج:

هن جي لاءِ ماڪي، پپريون ۽ ڪارا مرچ، ڪٽڪ جي سڪل ڏاري سان گڏي ڪارائجن، ٻيو شيشن ۾ گرم پاڻي وجهي، سڄي بدن تي ٽاڪور ڪجي.

پيٽ جو سور:

هن سور جي سڃاڻڻ جي نشاني هيءَ آهي، ٻڪري کي اُٺ ويهه گهٽي ٿيندي ۽ ٻيڪون پئي ڪندي.

علاج:

هن جي لاءِ ڪير ٻاڪرو جيترو ٻـ ملي سگهي، ان ۾ لوڻ وجهي ڳاري پيارجي تـ سور ڇڏي ويندو. ٻيو مٺو تيل ۽ ٻاڪرو ڪير گڏي پيارجي تـ پيٽان ڇٽي پوندي ۽ سور ڇڏي ويندو.

آڦري:

گهٽي گاهه ڪائڻ سبب خاص طرح لوسڻ يا اناج گهٽي ڪائڻ ڪان پيٽ ٻمجي يا ٻڦجي پوندو آهي.

علاج:

هن لاءِ اڪ جا پن ڪارائجن ۽ ناس اکين ۾ وجهجي.

گر يا خارش:

بدن ۾ خارش ٿيڻ تي ٻڪريءَ جي ڪنهه ڪنهان پئي پوندي آهي.

علاج:

هن واسطي تومر ڪٽڪ جي اٽي ۾ ڳوهي ڪارائجي. وار ڪتري روزانا ڪار بالڪ صابڻ سان سوڍا ائش سان تڏو پاڻي مٿان نائي وهنجارجي.

پتو وڏڻ:

هن ڪري ٻڪري ڏٻري ٿيڻ لڳندي آهي ۽ ڪاڏو نـ ڪائيندي آهي.

علاج:

ڪـپَ ڪاڙهي پيارڻ گهرجي ۽ پيچ مٿان منڌيئڙي وانگر ڏنپ ڏيڻ گهرجي.

ڦِـرٽو:

هن مرض ڪان ٻڪريءَ ڪي ٻوانٽي يا ڦيري تي پوندي آهي ۽ چڪريون پئي هٽندي آهي.

علاج:

ٻنهي سڱن جي وچ تي ڏنپ ڏجي.

اڪ جو ڇلر:

اڪ جي رس جي اڪ ڪي لڳنديس تـ اڪ ڪڙهي ڪڙهي ڇلر ڪري ويندي آهي ۽ نظر، ان اڪ جي ٻٽ بند تي ويندي آهي.

علاج:

ڪجيءَ جا ساوا پن گهوٽي، انهن جو پاڻي ٻـ - ٽي ڏينهن اڪ ۾ وجهجي ٻيو نيرانو وات ۾ لوڻ وجهي، جيتري پڪ گڏ ٿئي اها اڪ ۾ وجهي اڪ ڪي مهٽجي ٻـ - ٽي ڏينهن روز ائين ڪندو رهجي.

ٻت آڪار جڻ:

اڪ جي ٻوڙن سان ڪنهڻ ڪري ٻڪرين جو ٻت پچي پوندو آهي.

علاج:

ٻڪريءَ کي گهاٽو ميٺ ملي، سڄي بدن تي ڦڦجي.

تيڪ ٿيڻ:

ڪي ٻوڙا ڪاٺڻ جي ڪري ٻڪرين کي تيڪ ٿي پوندي آهي.

علاج:

ٻڪريءَ کي گهوڙاول ۾ ڪِپَ ڪاڙهي، ناري پيارج ي.

وات پچڻ:

واڇن وٽ ڦوڙهيون ڦوڙهيون نڪرنديون آهن.

علاج:

ڪڪر جو مانارو جيڪو پراٽو هجي، سو ساڙي، ان جي چار مکڻ سان ملائي ڦوڙهين تي ليپ ڪجي.

نوريٽڙو ٿيڻ:

ڪنهن بہ ٻاڪري مال کي ڪن ڪان جهلي گهلبو، تہ ڪن سڄي پوندو ان کي نوريٽڙو نڪري پوڻ ڪونين.

علاج:

تنهن واسطي انچ ڪن ڪن جي ماپ چوٽيءَ ڪان بہ ڇڏي، باقي ڪپي ڇڏجي، ان جي ڦٽ ڇٽڻ جي لاءِ ڳائي ڇيٽي جي چار/ٻيوت روزانہ ڪن مٿان ٻرڪڻ ڪپي.

چوا:

جيون ۾ چچڙيون پوڻ: اهي باهہ جي تو تي ويهندڙ مال کي پوندا آهن. اهڙو ڪو ٻيو چچڙ ورتل مال جي انهيءَ هڪڙيئي واڙ ۾ ڏڪبو تہ ان جا جيوڙا چٽل مال ۾ اچي پوندا آهن.

علاج:

مال جا وار ڪتري، ايريو پسائي ان جي پاڻيءَ جو بدن کي مک ڏجي ۽ پنج - ڇهہ پيرا ائين ڪرڻ گهرجي.

ڳڙڪون پوڻ يا ٿڻ ڪٽڻ:

اوھ ۾ ڪتي ڪو ڪندو يا ڪاني لڳندي، تہ اھو ٿڻ خراب ٿي ويندو آھي ۽ منجھانئس کير نہ اچي سگھندو آھي.

علاج:

ان جي لاءِ گھوڙا ول گھوٽي، چاٽي، مصري وجھي پيارجي، ٽي ھفتا ائين ڪجي. ٻيو اوھ توڙي ٿڻن کي روزانہ ترن جي تيل جي مالش ڪجي، ٽيون ميندي پسائي ٿڻن تي ٿقجي.

کير وھڻ:

گرميءَ سبب يا گھٽي کير ھئڻ سبب ٿڻ وھڻ لڳندا آھن.

علاج:

ٻاڪري کير ۾ اڌ جيترو لوڻ ملائي پيارجي، ٻيو گھوڙا ول ڪاڙھجي ۽ پاڻي جڏھن ڪڙھي ڳاڙھو ٿئي، تہ ناريءَ سير ڪن روزانہ پيارڻ گھرجي، اھو علاج ٻہ ھفتا ڪرڻ گھرجي.

اکين ۾ پڇيون [چپيون] پوڻ:

ھيءُ گرميءَ ۾ گھٽي مٽيءَ جي اکين ۾ پوڻ ڪان ٿيندي يون آھن.

علاج:

ٻاڪري کير جي لسي ٻڪرين کي پيارجي.

بوزارد:

ھن ۾ ٻڪرين جا چپ قُتي قاتي پوندا آھن ۽ گاھہ وغيره کائي نہ سگھنديون آھن.

ٻيون بيماريون آھن:

ٻج/ٻرڪو/ٻاڪرڪتو جنھن ۾ ٻڪري رڙ ڪري مري ويندي آھي.

وڏيڪ فائدن واريون حقيقتون:

پاروٽيون مانيون، ڪٽڪ جو ڏارو، گوار ۽ سٽيءَ جي ٻج کائڻ سان ٻڪريون - کير وڌيڪ ڏينديون آھن. جنھن ٻڪريءَ جي بدن جي کل سنھڙي ھوندي، سا کير گھٽو ڏيندي. ٻڪريءَ کي ٿورو چيلھہ تي زور ڏيڻ سان ٻڪري جھڪي وڃي تہ اھا کيرائتي ھوندي.

* ٻڪريءَ جو پتو ڪڙهندڙ آگر جي ڏوڏي يا پور تي چاڙهبو تہ ڦٽ ڦاٽي پوندو ۽ ڇٽي ويندو. پٽي جي رس، مٽي جي سور لاءِ لونڊڙين تي ملبي تہ سور ڇڏي ويندو ۽ ڪن جي سور لاءِ ڪن ۾ وجهبي، ڏاڻ جي سور لاءِ هوڙ تي ملبي تہ فائدو ٿيندو.

* ٻڪريءَ جي جيري ۾ سرمو گهوٽي چاليهہ ڏينهن تائين رکجي ۽ پوءِ اهو استعمال ڪجي، تہ شپڪوري [شب خوري[1]] ڇڏي ويندي.

ڪاسائي ٻڪريءَ جي دستي ران ڪپي، ان جو هينيون پايو وڍي باقي دستي توريندا آهن. ان جي جيتري تور ٿيندي ان جي حساب سان سڄي ٻڪريءَ جي گوشت جو چوٽو ڪاتو ڪندا آهن. جن ٻڪرين کي گهٽو کير ٿڻن ۾ هوندو آهي، تہ کير کي روڪڻ جي لاءِ گهاڻ ڪندا آهن، يعني ٿڻن تي ڳوٿري چاڙهين يا ريڙن سان ٿڻن جون چوٽيون وڪوڙي ٻڌي ڇڏين.

ٻڪريءَ کي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ "اج" چئبو آهي. اجگر جيڪو ٻڪري ڳهي ويندي آهي، تنهن جو نالو بہ ان ڪري اج ٻڪري، گر ڳهندڙ رکيو ويو آهي. ٻڪرين جي ڏنار/ٻِڪرار کي "اجڙوال" پڻ سڏيو ويندو آهي.

ٿوري وقت لاءِ ٻڪرين چاريندڙ کي وري "اڳيار" چون. ويهن - پنجويهن ٻڪرين جي ڌڻ کي "براٽو" چيو ويندو آهي. ٻڪرين جي ڦرحڻ جي خاص مند سانوڻي آهي. جنهن ۾ نر ٻڪرن جو ٻڙڪو/شهوتي آواز پري پري ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.

سگهاري تور پيدا ڪرڻ جي لاءِ [جيئن ننڍڙا لاڳڙ ٻڪرا، ٻڪرين تي ٽپي نہ سگهن] انهن جي ٻوند [آلت] ڏاڳي سان ڇڪي ٻڌي ڇڏيندا آهن. ڪن ٻڪرين جي ٿڻن کي "ٻنڌيندا" آهن، جيڪي پاٺي پنهنجو کير ڏائي ڇڏيندي يون آهن يا ٻوٽ تي ٻوتاڙو چاڙهي ڇڏيندا اٿن.. انهيءَ ٻوتاڙي ڏيڻ کي بہ "ٻنڌو" سڏين. ٻرءِ، اها ٻڪري سڏين جيڪا، ماڻهن کان بہ ٿهندي آهي. "اڪوڙ" اها ٻڪري، جنهن جا وار سال تي نہ ڪتريا ويندا آهن.

---

[1] رات جو نظر ڪم نہ ڪرڻ واري بيماري. (ادارو)

باب سورهون

انساني سڃاڻپ جا اکر

سِرجيو /سِجريو معنيٰ مني /نطفي جو ٻِھڻ /ٻِڃيرڻ ۾ قرار ونڻ سنکا يا سنگھا /اميدواري = ٻار /حمل جو رحم ۾ رھڻ.

طِلف، طفل، ابھم، وھ جو قلو = تازو ڄاول ٻار.

ٽڏو ٻار = مئل ٻار ڄاول.

پُري پيل ٻار /وري آيل = ڄمي پوءِ مري ويل ٻار.

ڪِڪِڙو، ڪڪڙي، ڪِڪو، ڪِڪِي، چوچڪو، ٻارڙو، ٻارڙي = تِج ڏائينڊڙ ٻار کي چيو ويندو آھي.

ھونگرڙيو، تج سان گڏ کير بہ پيئندڙ ٻار کي چيو ويندو آھي.

کيرَ چِٽو = کير پياڪ ٻار مري ويل.

ڪلھو /ٻِچور = جنھن تج ڏائڻ ڇڏي ھجي.

ريڙھڪ /سيرڪ = ٻانبڙا پائيندڙ ٻار. ڇوڪرو، نينگرو، ٻِيرو، تابر = پنجن سالن عمر وارو ٻار.

ڪونڌر، ٻرت، الڙ، ڇوڪرات، لسڙات، لاسڙات، ڏھن سالن جي /جو ڇوڪر.

گوڏو، نوجوان، مڇن جي ريھ وارو = پندرھن سالن جو جوان.

جوان مڙس، ڏڳ = ويھن سالن جو جوان.

مڙس، مرد، ماڻھو = ٽيھن سالن وارو ماڻھو.

ڪرڙوڍ، آڌيڙ، ھٽيل، اڌڙوٽ = چاليھن سالن جو ماڻھو.

ڪراڙو، ٻڍو، پوڙھو، پريو چاليھن سالن کان مٿي اسي سالن اندر عمر جو ماڻھو.

پيرسن، جھونو، مڙھو، يڦ، جُھور، ڪبڙاٽيون نڪتل اسي ورھين کان مٿي عمر جو ماڻھو.

ڇڙھو، ڪنوارو، لُنب، وانڍو = اڻ پرڻيل مرد.

ڇڙھي، ڪنواري لُنب، وانڍي = اڻَ پرڻيل عورت

گھوٽ، بنرو، بنو، لاڏو، لاڏلو = تازو پرڻيل بنري، لاڏي، لاڏلي = تازي پرڻيل عورَت.

سگهرو، وَرُ، ڪانڌ = گهڻن ڏينهن جو پرڻيل مرد.

آسائتو/سيڪڙيات = اولاد ڄمڻ جي اميد رکندڙ = ٻچڙيوال، اولادي، عيالي، اولاد /وياءَ وارو ماڻهو يا زال.

نيٽو، ناگو = جنهن کي پيريءَ تائين اولاد نه ٿئي.

رنڙ/رنوڙ = جنهن مرد جي زال مري وڃي.

ٻه جويو = جنهن مرد جون ٻه زالون هجن.

ٽه جويو = جنهن مرد جون ٽي زالون هجن.

چجويو = جنهن مرد جون چار زالون هجن.

گهڻ جويو = وڌيڪ زالون رکندڙ مرد.

آهر = طلاقيل زال سان شادي ڪيل مرد.

ڪَدڙو/ڪذام = مرداني طاقت نه رکندڙ.

مڄو = زال جي چوڻ تي هلندڙ مرد.

ديوث/بيغيرت = زال جي ڪٽي ڪمائي کائيندڙ.

ڇورو = جنهن ٻار جو ماءُ پيءُ مري ويا هجن.

ڇنيءَ جو ڇورو = جنهن نينگر جو ڄمڻ سان پيءُ ماءُ مري ويو هجي.

پيرڙيو = اهو ٻار جنهن جا ڄمڻ وقت پهرين پير منبر کان ٻاهر نڪتا هجن.

پٽ/موپي پٽ = پهريون ڄاول نينگر.

جاڙا /جڙوان = گڏ ڄاول ٻه نينگرَ.

ٽيڙوان = گڏ ڄاول ٽي نينگرَ.

پيٽ ڇنو/ارڙ ڪرڙ = پويون ۽ آخرين ڄاول ٻار.

اَتوتي = هڪبئي پويان ٻارَ ڄاول.

ٽڪڙ = ٻن ٻارن جي مٿان ڄاول ٻار.

ندورو، نڏٽڪو = جنهن ٻار جو ڪو ٻه مٽ مائٽ جيئرو نه هجي.

وڳروارو، سدورو، ڪرَ وارو، ڪـُڙم وارو، ڪٽنبيو = اهو ٻار جنهن جا سڀ مٽ مائٽ جيئرا هجن.

پٽيلو = پرائو ڄاول ٻار، ٻاڻ وٽ سانديو يا نپايو ويو هجي.

سڳا پائر ۽ پيٽيون = جن جو ماءُ پيءَ ساڳيو هجي.

پيئيتا پائر ۽ پيٽون = جن جو پيءُ ساڳيو، پر ماٽيجا = مايون بيون هجن.

مائيتا پائر پيٽيون = جن جي ماءُ ساڳي ۽ پيءُ جدا جدا هجن.

ويڳا پائر پيٽيون = جن جو پيءُ ساڳيو، تہ مائون جدا جدا ۽ ماءُ ساڳي تہ پي ڌار ڌار هجن [ڪي مڙس گهڻيون زالون پرڻجن ۽ ڪي زالون گهڻا مڙس ڪنديون آهن. انهن جو اولاد پاڻ ۾ "ويڳا" سڏائيندا آهن].

ڪنائتو/سپڙ ڪنو - ڪنرا ڏيندڙ ماڻهو.

عورتن بابت:

ڀاڳهي: وڏن ڪنن واري.

ڪِڪي/ڪِڪڙي = ٻوڙندڙ نينگري.

ڇوڪري/نياڻي = پنجن سالن جي عمر واري ڇوڪري.

ڪنواري، بالغ/بوراڪ = ٻارهن ڪان ارڙهن سالن جي عمر واري ڇوڪري.

ڪنوار/وينگس، ويرنهہ، وني، لاڏي، بنري، ورني = تازي پرڻيل.

سُهاڳڻ، جوءِ، زال، وريتي، لڏڻ، مهري = گهڻي وقت جي پرڻيل.

آسائتي، اميدن پري، سيڪڙيات = اولاد ڪاڻ اُڪندي.

سند، ڇڙي ڇاند، وانڌي = اولاد نہ ڄڻيندڙ زال.

ڳَر ڪرُي، ٻہ جيوي، ڳريٽي، ڳيوراڙي، ڳرڀ ونتي، ڳرهاري، حامل، ڏُکي، پيٽ سان، اميد سان = پيٽ واري زال.

سوريتي = ٻار ڄڻيندڙ زال.

ڇتِل، هٿ پير لڏل، آجي، آلوڙي ڇلوتي، ڇلاتي [ڇلو - ڇاليهو] = ٻار کي جنم ڏيندڙ زال.

اينهوڙي، اهوڙي، پهريات = پهريون ٻار ڄڻيندڙ زال.

پُٽ - ماءُ = پهرئين ويم تي پٽ ڄڻيندڙ زال.

ڌيءُ ماءُ = پهرئين ويم تي ڌيءُ ڄڻيندڙ زال.

پٽن ماءُ = رڳو پٽ ڄڻيندڙ عورت.

ڌَڻ ڌيئي/ڌيئن ماءُ = رڳو ڌيئون ڄڻيندڙ زال.

ڇانگ ڇوڪرن، ڇلي ٻارن/گهيچر واري- جنهن عورت کي تمام گهڻو اولاد هجي.

ساگهر = گهر جا ماڻهو: زال مڙس ۽ انهن جو وياءُ.

ڏهاڳڻ، رن زال، رنڙ، ڏنيل = جنهن جو مڙس مري ويل هجي.

ڦلاونتي = جنهن عورت جو مڙس مري ويو هجي، پر وياءُ نہ پيدا ٿيو هجيس.

ٻہ مڙسي = جنهن عورت جو هڪڙو مڙس اڳ ۾ مري ويو هجي ۽ ٻيو ڪيو هجيس.
ٽہ مڙسي = جنهن عورت جا ٻہ مڙس اڳ مري ويا هجن ۽ ٽيون ڪيو هجيس.
چوُمڙسي = جنهن عورت جا ٽي مڙس مري ويا هجن ۽ چوٿون ڪيو هجيس.
گهڻ مڙسي = جنهن ڇئن کان وڌيڪ مڙس ڪيا هجن.
طلاقي عورت/طلاقيل = جنهن عورت کي مڙس ٽي طلاقون يا ٽي ڪڙيون ڏنيون هجن.

مائٽيون، اهو سَهَو يا مٽ مائٽ:

پيءُ جي مائٽيءَ ۾

پيءُ جو پيءُ = ڏاڏو
ڏاڏي جي زال = ڏاڏي.
ڏاڏي جو پيءُ = پڙ ڏاڏو.
پڙ ڏاڏي جي زال = پڙ ڏاڏي.
پڙ ڏاڏي جو پيءُ = تڙ ڏاڏو.
تڙ ڏاڏي جي زال = تڙ ڏاڏي.
پيءُ جو ڀاءُ = چاچو.
چاچي جي زال = چاچي.
پيءُ جي ڀيڻ = ڦڦي
ڦڦيءَ جو مڙس = ڦڦڙ.

ڌيءُ ۽ پٽ جي مائٽيءَ ۾:

پٽ جي زال = نُهن.
پٽ جو پٽ = پوٽو.
پوٽي جي زال = ننڍي نُهن.
پوٽي جو پٽ = تڙ پوٽو
تڙ پوٽي جي زال = ننڍي نُهن.
پٽ جي ڌيءُ = پوٽي.
پوٽيءَ جو مڙس = ننڍو ناٺي.
ڌيءُ جو مڙس = ناٺي/ڄاٽو.
ڌيءُ جي ڌيءُ = ڏهٽي.

ڏهٽيءَ جو مڙس = نندو ناني.
ڏيءُ توڙي پٽ جا ساهرا = سيڻ، سڄڻ.
گهوٽين جي ڪانڌ تي آيل = ڄاڄي.
ڪنواريتن جي نينڊ تي آيل = ماڄي.

ماءُ جي مائٽيءَ ۾:

ماءُ جو مڙس = پيءُ.
ماءُ جو پيءُ = نانو.
ناني جي زال = ناني.
ناني جو پيءُ = پڙنانو
پڙ ناني جي زال = پڙناني.
پڙناني جو پيءُ = تڙ نانو.
تڙ ناني جي زال = تڙناني.
ماءُ جو ڀاءُ = مامو
مامي جي زال = مامي.
ماءُ جي ڀيڻ = ماسي
ماسيءَ جو مڙس = ماسڙ.
پيءُ جو ٻيو پٽ = ڀاءُ.
ڀاءُ جي زال = ڀاڄائي.
ڀاءُ جو پٽ = ڀائٽيو
ڀائٽيي جي زال = نندي نُهن .
ڀاءُ جي ڌيءُ = ڀائٽيي.
ڀائٽيءَ جو مڙس = ناني.
پيءُ جي ڌيءَ = ڀيڻ
ڀيڻ جو مڙس = ڀيڻيويو.
ڀيڻ جو پٽ = ڀاڻيجو
ڀاڻيجي جي زال = نندي نهن.
ڀيڻ جي ڌيءُ = ڀاڻيجي.
ڀاڻيجيءَ جو مڙس = نندو ناني.

ڇاڇي جو پٽ = سؤٽ

سؤٽ جي زال = ياڄائي.

ڇاڇي جي ڌيءُ = سوٽ

سوٽ جو مڙس = پيٽريو.

مامي جو پٽ = ماروٽ

ماروٽَ جي زال = ياڄائي.

مامي جي ڌيءُ = ماروٽ

ماروٽ جو مڙس = پيٽيويو.

پڦيءَ جو پٽ = پڦاٽُ

پڦاٽ جي زال = ياڄائي.

پڦيءَ جي ڌيءُ = پڦاٽ

پڦاٽ جو مڙس = پيٽيويو.

زال جو پيءُ = سهرو

سهري جي زال = سس.

سهري جو پٽ = سالو

سالي جي زال = سالي وني [سالوي] پينرو.

سهري جي ڌيءُ = سالي

ساليءَ جو مڙس = ياڻو، سنڍوُ.

مڙس جو پيءُ = سهرو، سهري جي زال = سُس.

سهري جو پٽ = ڏير

ڏير جي زال = ڏيرياڻي.

سهري جي ڌيءُ = نـڻانَ

نـڻانَ جو مڙس = نرادِو يا ننڌو.

مڙس جي ٻي زال = پهاڄ.

انساني عضون جا نالا:

سنڌي ٻوليءَ ۾ بدن جي حصن، عضون ۽ انگڙن جا نالا هي آهن: اسان جو پِـنڊو، بدن يا بت مکيه ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. ان جي مٿئين حصي کي سر، سري، سسو يا ڳات ئو ڪونجي ۽ هيٺيـن حصي کي ڌڙ، ڍڍر ۽ ڍڍري سڏيو ويندو آهي. جن ۾ وري جدا جدا ننڍا ننڍا عضوا اڇي تا وڃن.

الف - ٻاٽ جا عضوا (وڏا):

ٻاٽ ۾ ڳچي، مُنهن، وات، نڪ، اکيون، ڪَن ۽ مٿو.

(1) ڳچيءَ جا انگڙا (ننڍڙا عضوا):

ظاهر ٻاهريان	پٺيان ظاهر	مَنجهيان
هڪي يا لڪي، مٽڪو، سسي.	ڪنڌ، ٻه ٻنڌيون، ٻنڌين جي وچ واري ڪڏ يعني ڪياڙي.	نڙي، نرگهوٽ يا ڳگهہ ٻہ ساهہ جون رڳون.

(2) منهن جا انگڙا:

ظاهر ٻاهريان: ٻہ ڄاڙيون، ڪاڏي، [هيٺئين چپ هيٺان ڪڏ يعني تڏي]، ٻہ ڳل يا ڳٽا، ٻہ لوٽا، ٻہ لوُنڊڙيون، نراڙ، نلاٽ/للاٽ/پيشاني.

(3) وات جا انگڙا:

ظاهر ٻاهريان	منجهيان
ٻہ چَپ هيٺيون ۽ مٿيون، ٻہ واڇون	ٻٽيهہ ڏند، جن ۾ چار هوڙون ۽ چار ڏاڻون، موراهيون يا مهارون (ڏندن جي جڙن جو ماس) جڀ يا زبان، ٻہ مٿون، ڪاڪڙو ۽ ڪاڪڙي، تارون، ٻہ ڪَليون يا ڳلڦڙا، ٻہ ڄاڙين واريون هڏيون جن کي هڙٻاٽيون يا ڦبڙاٽيون چون.

(4) نڪ جا انگڙا:

ظاهر ٻاهريان: بيني، ٻہ ناسون [سوراخ] ٻہ چوٽيون [ناسن مٿان پردا]

(5) اکين جا انگڙا:

ظاهر ٻاهريان	منجهيان
ٻہ ڀيوٽيون يا ڇپر، چار اکين جون وٽون ٻہ هيٺيون ۽ ٻہ مٿيون، ٻہ ڀُنرا، ٻہ وٽيون ٻہ پونجهڙيون، ٻہ ڪوپا.	ٻہ ڏوڏا (سفيد حصو) ٻہ تارا (ڪارو حصو) ٻہ ماڻڪيون يا پٽليون (نظر جا وچ)

(6) ڪن جا انگڙا:

ٻاهر ٻاهريان: ٻہ ڪنارا يا مٿيون وٽون، ٻہ ڪوڪڙا، ٻہ پاپڙيون، ٻہ نسبيون، ٻہ جنڊڙا، ٻہ ٻوڳها [سوراخ].

(7) متي جا انگڙا:

ظاهر پاهريان	منجهيان
کوپري، ٻــ ڪپــاٽ، ڪاپــار، ٻــ چوٽيون، تڪڻ، ٽپر يا ٽپڻ	مغز، ميجالو

ب - ڌڙ يا ڍير جا عضوا (وڏا):

ڌڙ ۾: ڇاتي، پيٽ، پٺي، چيلهه، ٻانهون ۽ ٽنگون.

(1) ڇاتيءَ جا انگڙا:

ظاهر پاهريان	منجهيان
هسلي، هنجي يا هنجلي، سينو، ٻه ٻبيون [زالن جي حالت ۾ ٻه ٻبا]. بدن جي کل/چمڙو، ٻه پاسراٽيون/ پاسريون.	ڦاڦڙ، جڱرا (ڦڦڙ ۽ جيرو گڏ) دل يا هينئون، هڏن جون ڪماڻون، شريان (ڳاڙهو رت واهيندڙ نلي) نس (ڪارو رت واهيندڙ نلي).

(2) پيٽ جا انگڙا:

ظاهر پاهريان	منجهيان
کل يا چمڙو، ڌُن، ٻيريا	معده [وڏو آنڊو]، آنڊا، ٻُــڪيون (گرده) تري يا هنيانچو

(3) پٺيءَ جا انگڙا:

ظاهر پاهريان: ڪرنگهو، ٻه چوٽڪ، ٻه ڦٽيون ۽ ٻه پنا.

(4) چيلهه جا انگڙا:

بيٺ، ڪرنگهي جي هڏي (زناني حالت ۾) منجهان خاص زالاڻا، نهائين، ٻه ڇڏا، ڇڏن جو (ڳيهڻ يا ڳيبرڻ، ٻڙودو يا رحم. وچ ڇـڏ، چير يا چيپاٽ، سُوڪ، سُوسڙي، (ٻه نرا. مثانو (مـُـٽ جي ٿيلهي). (پيشابخانو)، ٽپڙ: (مرداني حالت ۾) ٻه نرا، مثانو (مُٽ جي ٿيلهي) لُلُ يا لوڙو، مُـٽڻ نالي، آنورا يا خصيا. ڦوڪي گيـدي، مقعد.

(5) ٻنهي ٻانهن جا انگڙا:

ظاهر پاهريان: ٻه ڪلها، ٻه ڪچون، ٻه ڪنجون. ٻه ڏورا [ڏورن جا پنا]. ٻه نونڻيون.

منجهيان: ٻه اِرڪون (ٺونٺن جي چوٽيءَ جا هڏا) نريـن جـي هـڏين ۾ ٺـئـي "مڪُ". ٻ بُـڪ، ٻ نريون، ٻ ڪَرايون، ٻ پيڏيون، ٻ هٿ.

هر هڪ هٿ ۾: هٿ جي پٺ، تري، پنـج آڱريون: چيچ، ٻاچ، وچين، اشـهد يـا ڏسٽي، ۽ آڱوٺو (هٿ جـون آڱريـون ڇڪـي ڪولجـن، تـه ان کي ڇٽڪي بـُـجو يـا ٻوندو پر جي ڏوڙيون ڪري وکوڙي ڪولجن، تہ ان کي چون چنگل.

هر هڪ آڱر ۾: ٽي گريون، هڪ ٽٽي، ٻه ڏوڏا، هڪ پور، ٽي سنڌ، هڪ نَـهن: ننهن جا ٻه ناتا [ڪنارا]. آڱوٺي ۽ ڏسٽيءَ آڱر جي وچ واري ڪنڊ کي ڪُـرنڊ ڪونين ۽ بين آڱرين جي وچ وارين ڪنڊن کي ٻيانگڙيون سڏبو آهي. آڱوٺي ۽ ڏسٽي آڱر جي ڇڪيل ماپ کي ٻاڪُو. آڱوٺي ۽ وچين آڱر جي ڇڪيـل مـاپ کي ٻليس. آڱوٺي ۽ ٻاچ آڱر جي ڇڪيل ماپ کي ٻاچو. آڱوٺي ۽ چيچ آڱر جـي ڇڪيل ماپ کي ٻاڙي، گرانٺ يا وِهيٺ چئبو آهي.

(6) ٻنهي ٽنگن جا انگڙا:

ظاهر ٻاهريان: ٻه ٻنڊڻ جي ٻاهر نڪتل هوندا تـه [خاص زالاڻي حالت ۾] ٻـه ٽَڙيون. ٻنڊڻن جو هڏو ٻه ڊاڪ. ٻڊڻن جي ٻاڙ وارو سنڌَ ٻه دڏون. ٻنڊڻن کي ڏار ڪنڌڙ سنڌو ڦوڪ يا ٻوڪ ٻه رانون. رانن جو اندريون پاسو ٻه سٽرون. ٻه گوڏا، گوڏن مٿان ٻه ڍڪٽيون. گوڏن هيٺان ٻه ڪُـچون يا ڦنجون، ٻه پنيون، ٻـه ٽنـگ جون نريون، ٻه مُرا.

ٻه پير. هرهڪ پير ۾: پير جي پُـٺ، ڪڙي، پيـر جـي تـري، پـپ. پيـر جـو پنجو. پير جون پنج آڱريون. پير جي آڱرين جا نُـهن. پيـر جـي آڱريـن جـا سـنڌ، پير جي آڱرين جي پور.

ج- وارن جو بيان:

زالن جا وار: چـتڙا يعني چڙيل وار. چَـتـُون يعني نراڙ مٿان سنهڙا وار. مينـڊيا يعني ڪنن مٿان وار جي ڳتيل هوندا آهن. چوٽيون [مٿي جي سگن وٽان نڪتـل ڳُنڌيل ڇڳون]. وانگوڙو [ڪيـاڙيءَ مٿـان ونگيـل وراڪيـل وار]. ڀنيـا [ڪـارا ڊگهـا وار]. ٻيـجـون [سينڌ جي اڳ وارا وار]. سينڌ [مٿـي جـي وچ کـان ٻنهـي پاسي اٿليل وار]. پرون [اکين جي ڪوپن مٿان وار. پنجر يعني اکين جي ڇپر يا ڀپوٽيءَ جي وٽ وارا وار]. پنبڻيون، [اکين جي هيٺينءَ وٽ وارا وار].

مُچون مردن جا وار: مٿئين چپ مٿان وار. شهپر يعني مٿئين چپ مٿان ڏگها وڌيل وار. تڏي يعني هيٺئين چپ هيٺان وار. ڏاڙهي ٻچي، يعني ڪاڏيءَ تي وارن جو مُچو. ڏاڙهي تڪچي [ڪاڏي ۽ ڳلن تي ڏار ڏار بيٺل جدا وار]. ڏاڙهي چاپئين [منهن تي ڳلن ۽ ڪاڏي سان پرٺپ ۾ برابر بيٺل وار]. ڏاڙهـ يعني ڏاڙهيءَ جا هيٺ لڙڪيل ڏگها وار. بغل يعني، ڪڇن جا وار. ڪُڇا [نهائينءَ مٿان اُڀريل وار].

عيبن يا وڏن وارا لفظ:

(الف) اک جا عيب:

ڪاٽو: هڪ اک سان ڏسندڙ.

نپٽ انڌو: ڄائي ڄم کان نہ ڏسندڙ.

انڌو: ٻنهي اکين سان نہ ڏسندڙ.

ڀاڏو: هڪ اک جو تارو مٿيرو ٻيءَ جو هيٺيرو. هرهڪ کي ٻيٽي/ٻٽي اولڙي ۾ ڏسندڙ.

ٽيڏو يا ٽاڏو: اکين جا تارا ويٽين ۾ يا ونين ۾ پيل، ترڇو ڏسندڙ هرهڪ شيءِ جو اولڙو ٽيڏو ڏسندڙ.

رونجهو: اکين جا پرون ۽ پنبڻيون ڪٽل.

جهانپو: ويجهي رکيل شيءِ نہ ڏسندڙ.

چونچو / چنجهو: اکيون سنهڙيون ۽ اندر پيل.

ترڙو / ٽانئرو: ڪکيون اڇيون اکيون ۽ نوچ ڪري ڏسندڙ.

شيرو: اکين جا تارا ناسي رنگ وارا.

شمرو: اکين جا تارا نيري رنگ وارا.

جهانورو / جهرلو: اکين ۾ وار نڪتل گهٽ نظر سان ڏسندڙ.

دوڏر: اکين جا دوڏا ٻاهر تي نڪتل.

اڪروٽ: وڏين ۽ ڦاٽل اکين وارو.

(ب) مٿي جا عيب:

مٽير: وڏي مٿي وارو.

ڏيدو: پاسيري مٿي وارو.

ڏونگهالو: ڪنگري وانگر مٿي وارو.

گنجو: مٿي جا وار صفا ڇڻ.
ٺوڙهو: مٿو ڪوڙايل.
موڏو: مٿي جو وچ وارن کان خالي.
روڏو: مٿي تي سنهڙا ۽ ڇدبيرڙا وار رکندڙ.

(ج) نڪ جا عيب:
نڪرُ: وڏي نڪ وارو.
مِنو: ننڍڙي نڪ وارو.
ٻُرو: بينيءَ وٽان نڪ چٽيل.
ٻِنو: وچ نڪ، هيٺ هني وانگر جهڪيل.
ناسونڊو: نڪ جون چوٽيون پکڙيل.
گهُٽو: نڪ مان ڳالهائيندڙ.

(د) ڪَنَ جا عيب:
ٻوڙو: صفا نه ٻڌندڙ.
ڊِٻر: وڏي سڏ ڳالهه ٻڌندڙ.
ڪرو / ڪولهو: هڪ ڪن ڪپيل، چپيل يا لٽل رکندڙ.
ٻُتو: ٻنهي ڪنن کان آجو.
لڙڪو: ڪنن جي پاپڙين وٽان گوشت جا ذرا وڏيل.
ڪن ڦاڙ: وڏن ڪنن وارو.
ڪن چير: ڪن چيريل.

(هه) وات جا عيب:
گونگو: صفا نه ڳالهائيندڙ.
واڇو: ويڪري وڏي وات وارو.
چپر: هينيون چپ لڙڪندڙ.
ڊولو: مٿيون چپ مٿي وريل.
لِبو: اڳيان ڏند ٻڳل.

ڀڏو: ڏند توڙي ڏاننون ڀڳل.
ڪنبو: اڳيون ڏند اڌ ڀڳل /اڳيون هڪ ڏند ٻئي تي چڙهيل.
چور ڏندو: اڳين ڏندن جي پنيان ٻہ ڏندَ نڪتل.
ڏندرو: اڳيان ڏند ٻاهر تي نڪتل.
ڏاندار: بيڊولا ڏند [سڌي گولائي ۾ نہ رکندڙ].
ڪيرو: ڇاتي ڄمر وارن ڏندن وارو [جي ڀڳل نہ هوندا]
مـٽر: مٽا ڦوڪيل، ڳل ٻاهر تي نڪتل.
هَـڪَـڙُ: ڳِمي ڳِـمي ڳالهائيندڙ. "ري" اکر کي "ڙي" يا ڙي اکر کي "ري" يا هڪڙي اکر بجاءِ ٻيو اکر وٺندڙ.
ٻاتو: آواز ڏڏڙائي ڪيندڙ، هَـٻَـڪي هَـٻَـڪي ٻاتائي ڳالهائيندڙ.
ٻتڙ: هڪڙي اکر کي ٻہ ٻہ دفعا اڌورو چئي ڳالهائيندڙ.

(و) ڌڙ جا عيب:
ڪونڌ: سسيءَ لٽل.
ڳڪو: ڇاتي اندر پيٺل ڪرنگهو ڪمان وانگر ٽيل
ڪبڙو: چيلهہ وٽان ورڪائي نميل /اُپيٽو ٽيل.
چَـڍُر: ٻئي ٽنگو ڪپيل.
ڇڄ، چَـڍوُ، پيٽرَ/پيٽوڙي: پيٽ ٻاهر تي نڪتل ۽ ڦوڪيل.
ٿلهو: سڄو بدن ڦوڪيل.
متارو: بدن ٻل سان ڦوڪيل.
ڌمتال: قداور ۽ ڳري بدن وارو.
ٻانڊو: سڪلڙو، سنهڙو سيپڪ.
ڄامڙو يا ٻندرو: قد ڪانيءَ جو ڇوٽو.
ڊمڪو: ٿلهيرو ۽ ٻندرو.
منڌرو: قد ٻت جا سڀ عضوا تمام ننڍڙا رکندڙ.
لنبو/لانبٽ: سنهڙو ۽ ڊگهو.
ڪُـسرو: بدن تي ڇاتي ۽ منهن ۾ ميڇون ۽ ڏاڙهيءَ جا وار نہ رکندڙ.
ٻـُبر: ٻيون وڏيون ۽ اُٿيل.

ڏُنَر: ڏُن وڏو ۽ ٻاهر تي نڪتل.
ٻيلر: خصيا يا آنورا وڏا رکندڙ.
لُٽر: آلت يا نس ڏکيءَ وارو.
ڪَڪَو: بدن جا وار هيڊا ڀورا ڳاڙهيرا رکندڙ.
جنڙو: بدن جا وار اڇا ڪل ڪوڙهين جهڙي اڇي رکندڙ. هي ماڻهو رات جو اونداهيءَ ۾ چٽو ڏسي ۽ ڏينهن جهانورو تي هلندو آهي.
ڪيرو: بدن ۾ حسن نه رکندڙ ڇهڻ سان ڪا خبر نه پويس.
ليڙو: جنهن جي سنڌن ۾ ماس ۾ هڏ نه هجي.
ڪرڪنو: پنهنجي مرضي موجب ڪم نه نڪري، نه هلي سگهي. ٿاٻڙندو هلي.
ڪدڙو: جنهن کي ڪڙائي انگيز مڙساٽي طاقت نه هجي.
پوش: بدن تي گهٽا ۽ گهاٽا وار رکندڙ.
جاٽولي: اها زال جنهن جا ڇتا ڇڙيل ۽ پڪڙيل هجن.

(ز) ٻانهن ۽ ٽنگن جا عيب:
رونٽڙو: هڪ هٿ کا بيڪار.
رونٽو: ٻنهي هٿن کان بيڪار.
ٺُٺُ: هٿن جون آڱريون نه رکندڙ.
ڇاڳو: هٿ ۾ ڇهه آڱريون رکندڙ.
ٺونٺر: هڪ ٻانهن ٺونٺ تائين نه هجيس.
ڏاٿو، ڏقر، ناڪوٽو: هٿن پيرن جا نُهن وڏا رکندڙ.
ٻانهو ٽڙيو: هڪ ٻانهن ڪُلهي تائين نه هجي.
ٻانهوٽيو: ٻئي ٻانهون ڪلهن تائين نه هجنس.
ڏاقڙ: ڏِکهن پيرن وارو.
ڪُرڏڙو: هڪڙو پير بيڪار.
ڪُرڏو: ٻئي پير بيڪار.
منڊو: ڏُڏ تائين ٽنگ بيڪار.
منڊڙو: گوڏي تائين ٽنگ بيڪار.
لنگڙو: منڊڪائي هلندڙ.

لولو: ٻنهي ٽنگن کان معذور.

ٽنڊڙو: هڪ هٿ ٻي طاقتور/سڪل هجي.

ٽُنڊو: هٿ ٻي طاقتو يا معذور هجي.

پنگلو: ٽنگون ٻانهو چوري نہ سگهي.

ٻڊي، پيري: ٽنگون ۽ ٻانهون ڪپيل.

هنجهڙ: مُري سان ٻئي پير جي جَهڙ هٽندڙ.

مور: جنهن جون آڱريون ڦريل هجن.

ٻاچر: پير جي ٻاچ اگر، چيچ کان ٻہ ننڍڙي رکندڙ.

ليپر: هٿ يا پير جون آڱريون ڳنڍيل.

(ع) ڪنڌ وارا نمونا:

اُڪنو: ڪنڌ هيٺ ڍُرڪيل.

ڏونگهو: مٿو ويهاريل نہ هجي.

لوٽير: مٿو ٻي ٻولو هجي.

مُچر: وڏين مڇن وارو.

ٻُچي: ڪاڏيءَ تي وارن جو مُچو رکندڙ.

تڪچي: ڪاڏي ۽ ڳلن تي جدا وار رکندڙ.

جهپتال / جهپ: ڊگهي ڏاڙهي رکندڙ.

ڏاڙهيال: ڏاڙهي ۽ مٿي جا وار ڳنڍيل هڪجيترا رکندڙ.

(ط) انسانن وارا آواز:

چودگار: ٽورو ٽورو ڪري ڪاٺڻ جو آواز.

ڦوڪو: وات مان زور سان هوا ڪيڻ جو آواز.

سٽڪات: نڪ مان مٿي ڇڪڻ جو آواز.

سَهڪڙو / سؤنڪو: ساھ جي تڪڙي ڪڇڻ جو آواز.

نيساسو، شوڪارو: وڏي ساھ کڻڻ ۽ ڇڏڻ جو آواز.

سُڏڪو، ڏُسڪو: روئڻ کي هڪدم بند ڪرڻ جو آواز.

نوس نوس، ناسڪو: نڪ مان تڪڙو تڪڙو هوا ڪيڻ جو آواز.

ٺَش ٺَش، ٺشڪو: زالن جي کلڻ جو آواز.

ٺُھ ٺَھ، ٺھڪڙو: ٻارن ۽ مردن جي کلڻ جو آواز.

رڙڪو: وات ۾ رائي، سنهي پٽري وغيره جي پيسجڻ جو آواز.

چِتڪو: چُمڻ ۽ چتڻ جو آواز.

پُوڪر: چَپن جو چَپن تي وڄائڻ جو آواز.

پيڪر: هينئون چپ وات ۾ وجهي "پِہ ...... پِہ.... پِہ" جو وهنن کي بيهارڻ جي لاءِ آواز ڪيبو آهي.

ڏيڪر: ڏندن جو ڏندن تي ٺڙڪڻ جو آواز.

هوڪر، هوڪريو: پري کان سڏ جو آواز. [پيڃاڙي "او" جو ڊگهو آواز ڪيبو آهي].

لَش لَش، لشڪو: بيتارو هلڻ جو آواز.

ڪِنجهڪو: بيمار ماڻهوءَ جي چنگهڻ جو آواز.

پُوڪار: پري کان تڙي ڏيڻ يا پڇڻ جو آواز. [متان ويو آهين؟ خبردار!] .

پڻ پڻ، پڻڪو: وات مان نڪتل ٺورڙو آواز.

ڦرراٽ، رَڙهاٽ: ٺٺڻ جو لاڳيتو آواز.

هونگڙيون: ٻالڪن جي خوشيءَ جو آواز.

ڪُٽڪ، ڪُٽڪو: ٻار جو ننڊ مان اٿڻ جو آواز.

ڦنُڪي: نڪ مان ٻاهر هوا ڪڍڻ جو آواز.

اوڪارو، اُبڙڪو: اُلٽي يا قئي ڪڍڻ جو آواز.

اوڳرائي: هاضمي جو آواز.

ڏاڪار: ڊِوَ ڪرڻ جو لاڳيتو آواز.

گهُتڪو، گهوٽو: وڏي ڊُڪ پرڻ جو آواز.

ٺؤنڪار: لاڳيتو کنگهڻ جو آواز.

سُس پُس، ڦِسڪو: ڪنن ۾ ڳالهائڻ جو آواز.

للڪار: جنگي نعري هڻڻ جو آواز.

جهُونگار: هري هري ڳائڻ جو آواز.

سُرڪو، شُرڪو: وڏيءَ سرڪ پرڻ جو آواز.

آهٽَ، سَرڙاٽ: ماڻهوءَ جي هلڻ جو آواز.

(ش) شوشات: اوچتو ڌڪ لڳڻ جي ڪري سو/شو جو آواز وات مان نڪرڻ:
شرڙات: گهٽي پاٽيءَ جي اوچتو وهڻ جو آواز

(ي) جاندارن جا آواز:
پڙڪو: پکيءَ جي اوچتي اڏامڻ جو آواز.
ڦڙڪو: پکين جي پاڻ ۾ وڙهڻ جو آواز.
تنوار: تترن جي ٻولڻ جو آواز.
ڳٽڪار، تيڪڙو تيڪڙو: بلبلين جي ٻولڻ جو آواز.
ٻٽيڪو: ڪَبرين جي وڙهڻ جو آواز.
ميڪڻ، ميڪون: ٻلين جو آواز.
رنيون، رانياٽ: ڍورن جو آواز.
ڍڪون: مينهن جو آواز.
ٻيڪڙاٽ: ٻڪرين جو آواز.
ٻُورَ: ٻڪر جو ٻڪريءَ ڦرڻ مهل ڪيل آواز.
ٻَڙڪو: ٻڪر جو شهوتي آواز.
ٻيڪاٽ: رڍن جو آواز.
ڪڪڙوڪو، ٻانگ ياڏَس (دف): ڪڪڙن جو آواز.
گروڙ يا چينگهار: هاٿيءَ جو آواز.
چيٽون: لڏڙي جو آواز.
راڙيون: شينهن ۽ رڇن جو آواز.
ڪڏڪار، ٽاڏيون: وهٽن جي ٽيڻ ڪڏڻ جو آواز.
چين چين: ڪئن.
ٽران ٽران: ڏيڏرن.جو آواز.
ڪَيڪَڙاٽ: گدڙن جو آواز.
ڪيڪراٽ: ڦيڪراري يا لومڙيءَ جو آواز.
ڳگهوگهو: ڳيرن جو آواز.
ڪٽ ڳٽ ڳون: ڪبوترن جو آواز.
رون رون، رونگاٽ: آر، ٽڏ، ڪُتَ جو آواز.

قٽ قٽ، قٽڪو: پکيءَ جي قاسڻ جو آواز.

چُون چُون: پکين جي ٻچن جو آواز.

ڪڙٻاٽ: گھوڙن جي ڊوڙ جو آواز.

گُنجار: ڀؤنر جي اڏامڻ جو آواز.

ڳٽڪر، ڳٽڪار: وهٽ ڪي هڪلڻ جو-آواز.

ٻُچڪر، ٻَچڪار: وهٽ کي ٻيهارڻ جو آواز.

هُشڪر: اُٺ کي ويهارڻ جو آواز.

هُونگر، هوڪر: ڍورن کي سريلي آواز سان هڪلڻ هلائڻ جو آواز.

ٽاپي يا لُرَ: اُٺن جي ڊوڙ جو آواز.

پيلڪ يا لُرَ: هاٿيءَ جي ڊوڙ جو آواز.

ٽؤنڪار: ٽڪلي پکيءَ جو آواز.

ٻَڙهڪو: اُٺن جي وڳ جي هلڻ جو آواز.

لاٽ: پکين جي مٺي ٻولي ڪرڻ جو آواز.

ڀُوڪر: گھڻن پکين جو گڏيل آواز.

لَڪ لَڪ: ڪتي جي پاڻي پيئڻ جو آواز.

هِڻڪو، هڻڪاري: [ذيل هڻڻ] گھوڙي جو آواز.

گھڻڪو، هِينگ: گڏھ جو آواز.

گَرڻ، گوڙ: اُٺ جو آواز.

گجڪار: شينهن جو آواز.

چَهَڪار: چيهن پکين جو آواز.

هُڏڪار: مرونءَ/سوئر جو آواز.

ٻرڪ، ٻوٻاٽ، ڦونگھ، ذيل: هرڻ جو آواز [جدا جدا موقعن تي].

سِيندَ: نانگ جو آواز.

ڏاڪار: ڏيڏر جو آواز.

ڪان ڪان، ڪانگيرو: ڪانگن جو آواز.

چرڙاٽ: پکي چبرن جو آواز.

گھُوئو گھُو: چٻ جو آواز.

سُرڙاٽ: جيتن جي سرڻ يا رڙهڻ جو آواز.

جهنگڻ، پڙ پڙ، پڙڪو: مکين جو آواز.
اُوناڪ، ڀؤنڪ، ڀؤنڪات: ڪتن جو آواز.
ملهاري: ميٺي پکيءَ يا ملهالي پکيءَ جو آواز.
ڪرڪر، ڪرڪو: بلا جو آواز.
ڀُهسڻ، اونائي، اوناڙ: بگهڙ ۽ گدڙ جو آواز.
ڀَگهاڙو: گهڻن بگهڙن جو آواز.
ڪؤنڪات: پلونگڙن (گلرن) جو آواز.
ٽَاپ ٽَاپ، ٽپڪو: گهوڙيءَ جي سُنبن جو آواز.
ڪَرڪ ڪَرڪ، ڪرڪو: ڪونجن جو آواز.
جهرڙ جهرڙ، جهينگر: جهرڪين جو آواز.
جهينگارو: جهينگن يا گانگٽن جو آواز.
چانگار: چَتون يا طوطي جو آواز.
لپڪو، لامارو: پکيءَ جي جَهٽ هڻڻ جو آواز.
ڀرور: ٻاپيهل پکيءَ جو آواز.
ٽيڪڙو: نوريئڙي جو آواز.

(ڪ) بيجان شين جا آواز:

جيڪي بہ شيون گسرن، گسڪن، ٿَڪرن، ڦاٽن، وڄن، چِپجن، ڪٽجن، پيسجن يا ڪنهن بہ ٻيءَ ريت آواز ڪين ٿيون، هتي تن جو ذڪر ڪجي ٿو:
ڦس ڦس، ڦسڪو ڦوس: هوا جي نڪرڻ جو آواز.
ڪَٽ ڪَٽ، ڪَٽڪو: ڪنهن شيءِ جي ٽوڪڻ جو آواز.
ٽنٽئونٽنٽئون، چينگهار: چَڙن جي ڪڙڪڻ جو آواز.
چرڙ چرڙ، چيڪٽ: چيڪلن، چاڪن ۽ ڦيٿن جو آواز.
ٿَڙ ٿَڙ، ٿڙڪات، ٿڙڪو: ڦلن ڀڳڙن ڀجڻ ۽ لوڻ جو باهہ ۾ پوڻ جو آواز. ۽ تلهيءَ ڪپڙي ٽاٽ وغيره جي ڦاٽڻ جو آواز.
زو زو، زُوڪو، زوڪٽ: هوائي جهاز جو آواز.
ڪرِڪرِ، ڪرُچو: ٿئي يا ڪٽاهيءَ ۾ ڪُرٻي جي گسڻ جو آواز.
ڪڙڪڙ، ڪڙڪو: گاڏيءَ جي ڊوڙڻ جو آواز.

گھـڙ گھـڙ، گھڙڪو: ريل گاڏيءَ جي هلڻ جو آواز.

ڏچـر، ڏمچڪڙ: جنگي طبل وڄڻ جو آواز.

جھـر جھـر، جھرڪو: بتي يا باهه جي وسامڻ جو آواز.

ڪـُڙ ڪـُڙ، ڪـُڙڪو: تائن جو آواز.

سـَٽ سـَٽ، سـَٽـڪو: ڪپڙن کي ڏکن هڻڻ جو آواز.

ٺـڪ ٺـڪ، ڪـُٽڪو: ڪنهن شيءِ ڪـُٽڻ جو آواز.

يـُونيات: ڪانياٽيءَ جو آواز.

ڳـَـئي: درياءَ جي وهڪري جو آواز.

گوڙ: سمنڊ جي پاڻيءَ جو آواز.

شپ شپ، شپڪو / زپڪو: ڇهبڪن ۽ لڪٽن جي لڳڻ جو آواز.

ڌڙم: ڳري شيءِ جي مٿان ڪان هيٺ ڪرڻ جو آواز.

شرشر، شرڙات: هوائي جهاز اڏامڻ يا پيشاب ڪرڻ جو آواز.

چين چين، چيچات: جتي يا بوٽ جو آواز.

گھوگھو: ڏڌ ولوڙڻ جو آواز.

گھوگھات: ڪانياٽي ڦيرائي هڻڻ جو آواز.

سـِرڪ: پير ترڪڻ جو آواز.

چرڪ: گوشت يا ماس ۾ ڪاتي، نيزي پالي چـُبڻ جو آواز.

گھـُپ: ڏقي، چاڪو، ڪاتيءَ جي اُپي لڳڻ جو آواز.

ٽـُبڙڪو، ٽـُبڙڪ: گلاس، لوٽي، وٽي يا ڪنهن ٿانءَ جو اندران پاڻيءَ ۾ پرجي نڪرڻ جو آواز.

چـُلڪ چـُلڪ، چـُلڪو: پاڻيءَ سان اڌوري ڀريل ٿانءَ مان نڪرندڙ آواز.

ڇم ڇم، ڇمڪو: زيورن ۽ گھنگھرين جو آواز.

ڊُڙ ڊُڙ، ڊُڙڪو - گـُڙ گڙ گـُڙڪو: نڙَ سان چلم جي ڦوڪ پرڻ جو آواز.

زَپڪو، زيپٽ: موچڙن لڳڻ جو آواز.

زُو زو، زوزات: پکي اُڏامڻ جو آواز.

يان يان: خالي ٿانون رِڙن ۽ گهڙن ۽ مٿن جو آواز. (خالي مغز واري ماڻهوءَ جي مغز جو آواز).

شون شون: پچندڙ گوشت يا ڪباب جو آواز.

گَــت گَــت، گَــتڪو: گُگهيءَ مان نئندڙ پاڻيءَ جو آواز.

سَــر سَــر، سَــرڪو: نئين ڪپڙي پائڻ جو آواز.

شَــپ شَــپ، شَــپڪو: پٽڻ ڪٽڻ جو آواز.

ٻـپ: چماٽ جو آواز.

ڪڻ ڪڻ، ڪڻڪو: ڪوڏين ۽ پئسن کڙڪائڻ جو آواز.

گسڪو: ڪنهن شيءِ جي گسرڻ جو گسرڻ جو آواز.

شون شان، شوڪو: وڻن جي ٽارين جو آواز.

دپ دپ، دپڪو: ڪُڏ مٿان هلڻ جو آواز.

ٿق ٿق، ٿقڪو: ماني يا چيٽي ٿقڻ جو آواز. پاڻيءَ ۾ ٺاڦوڙا هڻڻ جو آواز.

ٿش ٿش، ٿشڪو: پاڻيءَ جي ڪجڻ جو آواز. کير جي ڪڙهڻ جو آواز.

ٿَــهڪو، ڪجوڙو: پاڻيءَ جي ڪوسي ٿيڻ جو آواز.

چيڪٽ: دروازي، دريءَ جي ڪلڻ جو آواز.

ڏُوَن ڏُوَن، ڏُوَنڪو: ڏمڻ جي هوا پرجڻ جو آواز.

سَــرڦر: ٻهاري ڏيڻ جو آواز.

چر چر، چرڙاٽ: قلم جي ڪلڻ جو آواز ڪٽ تي ويهڻ چرڻ جو آواز.

وَاڪو: کهاڙيءَ سان وڻن کي وڍڻ جو آواز.

ٽڙڪ ٽڙڪ، ٽڙڪو: ڪنهن مشين جي هلڻ جو آواز.

گَــهَــڪو: ڪنهن شيءِ جي گسڻ جو آواز.

ڦَــهڪو: مٿان ڪان هيٺ ڪرڻ جو آواز.

ڪڙ ڪڙ، ڪَــڙاهٽ: سڪل پنن جو آواز.

وَسڪو، وسڪارو: مينهن پوڻ جو آواز.

ڪَــڙڪو: عورت جي جهيڙي ۽ پاڻيءَ جي تکي وهڻ جو آواز.

چُــپ چُــپ، چيڪو: سئو، سئي، ڪنڊو، تير وغيره جي لڳڻ جو آواز.

چرڪ چرڪ، چرڪو: اوچتو ڇهڪ اچڻ جو آواز.

گهَــر گهَــر، گهَــرٽو: ڏنڊي ڪونڊي جي گهوٽڻ جو آواز.

گَــسرات: ڪنهن شيءِ جي ڏرتيءَ تان گهلجڻ جو آواز.

رين رين، رينگات: هرلي يا نار جو آواز.
چـنگهه: بار هينان اچڻ يا ڪوڏر هڻڻ وقت نڪرندڙ آواز.
شُـرشُـرڙ: داغ ڏيڻ، گهٽا مرچ ڪائڻ ۽ ڏوبيءَ جو ڪپڙن سٽڻ جو آواز.
پڙپڙ، پڙڪات: بتي ۽ باهه جي اُٿڻ جو آواز.
بيڙ، پنيٺ: وڏي مچ ٻرڻ جو آواز.
شُـوڪو: ريل گاڏيءَ جو پري کان آواز.
ڪـِڙڪات: درين ذرن جو هوا جي زور تي نڪرندڙ آواز.
چيچڙات: گهاٽي، پينگهي ۽ چيچڙي جو آواز.
زوزات: تکي زوردار هوا جو ڪنهن شيءِ سان ٽڪرڻ جو آواز.
ٺاچا، ٺاهو: دهلن جو آواز.
دڌڪو: اوچتي پاڻي وهڻ ۽ اُلٽي ڪرڻ جو آواز.
ٽـِڪ ٽـِڪ، ڏڪ ڏڪ: واچ هلڻ جو آواز.
سـِرڪ سـِرڪ سـِرڪ: پيرَ گسائي هلڻ جو آواز.
ڦڦ ڦڦ، ڦڦڪو، ٻڦڪو: ٻاڦ جي نڪرڻ جو آواز.
دڦڪو: دهل تي هٿ هڻڻ جو آواز.
دَڪ دَڪ، دَهڪو: دل جي هلڻ جو آواز.
ٺُـڙ ٺُـڙ، ٺُـڙڪو: شين جي هڪٻئي سان ٽڪرڻ جو آواز.
چِـٽڪ چِـٽڪ، چِـٽڪو: جهنجهٽي يا دٻي ۾ نڪريون وجهي وڄائڻ جو آواز.
چـَس چـَس، چسڪو: ڏائڻ يا ڪنهن شيءِ جي چوسڻ جو آواز.
ڪـِڙڪـِڙ، ڪـَڙڪو: نئين ٻني اتلائڻ يا ڪپڙي جي اڪيلڻ جو آواز.
گـِڙگـِڙ، گـِڙڪو، گڙگات: پاڻيءَ جو سوڙهي گهٽ مان وهڻ جو آواز.
گرُ گرُ، گـرُڙات: جنڊ مان اَن پيهڻ جو آواز.
سـُوسـُو، سـُوسات: تڏي واءُ لڳڻ جو آواز.
ڏِٻڪو، ڏٻڙات: پت يا ڪنهن ڳوري شيءِ جي ڪرڻ جو آواز.
ٺاهه: گوليءَ جي ڇٽڻ جو آواز.
ٺڪاءُ: بندوق يا باروت جو آواز.

چـَچـَڪو: مينهن يا پاڻيءَ جو تورو وقت آواز ڪرڻ.

سـُرڪو: پاٽياٽ پيئڻ جو آواز.

چپڪو: ڪاٺڻ جو آواز.

چـَرڪو: گاهه ڪاٺڻ جو آواز.

پڙڪو پڙڪ، پڙڪ: باهه جي اوچتي ٻرڻ جو آواز.

گهوڪو: هوائي جهاز جو آواز.

گجگوڙ: ڪڪرن ۽ مينهن جو آواز.

(ل) گلائي يا گهٽتائي ڪرڻ وارا لفظ:

سنڌي ٻولي ۾ روزمره اهڙا ٻـ لفظ استعمال ٿيندڙ آهن، جن ڪي دڙڪو، دهمان، گار، تـَڙي، جـُٺ، رعب، پِٺ ۽ ڇـَمت ڪرڻ وغيره لاءِ ڪتب آندا ويندا آهن. انهن ۾ ههڙا خاص عورتن لاءِ ۽ ٻيا عورتن توڙي مردن واسطي گڏيل ۽ ٿيان رڳو مردن لاءِ نجا پجا آه ن.

عورتـن جي لاءِ خاص آيـل لفظـن پويـان بريـڪـٽ ۾ [مؤنث] لکي، خاص مردن لاءِ پويان بريڪيٽ ۾[مذڪر] لکيو ويو آهي، باقي گڏوچڙ جيڪي لفظ آهن، تن جي پويان ڪجهه بہ نہ ڏنو ويو آهي.

لفظ ۽ معنيٰ	لفظ ۽ معنيٰ	لفظ ۽ معنيٰ
پند: چنبڙڻ ۽ چهٽڻ وارو	ران ذاتيو: طور طريقن ۾ عورتن وانگر هجي	نامرد: جنهن ۾ مرداڻي طاقت نہ هجي
ٻند: وڏو لُچ	ڪدڙو: نامرد	اُبهرو: تڪڙو
تـِيسر: تيسي وارو	جوءِ جو مهاري: جنهن جو واڳون/مهارون زال جي هٿ ۾ هجن	اٿونترو: اوترو، حرڪتي
هوڏي، هوڏير: هوڏ وارو	ٻي مڙسيو: جنهن ۾ مڙسي نہ هجي	منهن چاڙهه: هر ڳالهه ڳالهه تي ڪاوڙ ڪندڙ
هنيلو: ضديرو	ڪنٽور/ڪنٽار: ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪرڻ وارو	ماڪو: هر ڳالهه تي نہ ڪرڻ وارو

ٻچاپڙو: چور ۽ ساڌ، پنهي سان پورو، سيني سان پورو	اتاولو: بي صبرو، بي قرار	لٻاڙي: اجائي ٻڪ ڪرڻ وارو
ترڪتالو: نخرو ڪندڙ	چلولو: ڪيچلو	بي ٻٽو: پوءِ ڏائو
ترڪتالڻ: نخري واري	هيفي تخم: حيض وقت چاول	ٽانڊيءَ ٽپٽو: چيڙاڪ
دولابي: ٺڳ	حرامي ڦر: لچ چوڪر	جَتُ: اوٺي
فريبي: مڪار، دولابي	ميسٽو: اندر جو چالاڪ	جتڻ: اُٺيون ڪاهيندڙ عورت
دوڪيباز: فريبي	تالڙو / تالر: نخريباز	ڳُجهڙيو: مخفي
پرمتڙيو: بيوقوف، ٻئي جي صلاح تي هلندڙ	دالڙو: ڏهائي لاءِ منهن ويڪرو	اڳڙيءَ ڪنيل:
ڪٽَ: شرارت، ڪينچل	چَڪلائي: فاحش عورت کي هلائڻ وارو	وات ڦاتوڙو: گهڻو ڳالهائيندڙ
ناخلف: نالائق	چَڪلائڻ:	وات ڦاٽي:
نادان: بيوقوف	چوراٺو: عادتي چور	وائڪو: خلاصو
ندورو: ڇندو	جواري: جوا ڪندڙ	وات جو ڇوٽ: بيحيا
ناسوندو: بي حيا	جوارڻ:	ڏڦير: شڪاري
پَت ويو: بي اعتبار	هٽڙيباز: ڪيسي ڪٽڻوارو شودو	اتيت: سُچو، هيٺو
پوڏائو: بي مزاج بي مروت	حرامي: لچ شرارتي	اگلو: ميرو
ڪنهن نه ڪار جو: بيڪار	حرامڙي:	ساڙ سڙيو: ريسارو
بيڪار: نڪمو	ناقص: نيچ	راڄ رُلايو: برادري مان نڪتل

نڪار: بي ڪمو	مـاڻهپي مـان نڪـتـل: حيوان	رتان وڇوڙو:
بي تارو: سرتار ڪان ٻاهر	تالر: نخريباز	ندس:
ڪينچلـو: حرڪتـي (ڪيچلو)	بي پتيو: بيشرم	نٽر: نود، بي چيو
پاچوڪڙ: گوسڙو	ٻوٽ ڪارو	چاڙتو: پيچ لٽڪائو
پاڳوڙو: گوسڙو	من ڪٺو: نااميد	پـنُو: چاڙتو
ڪَپوت: نالائق پٽ	پوئنترو: وايومنڊل	ڪسبياڻي: پڙوي
بيچيو: نافرمان	اوڳر: موڙهل اڻ چاڻ	ريزالو: ذليل
اُڏريلَ: پڇائي آنڌل زال	ڪُند ذهن: موڙهل موڳو	هٺ نوڪيو: سچو
بدنيت: پليت	اٽاسو: بي نڪو	ميچو: وڏين مڇن وارو
ڪوٻلو: وچ ڪٽيو، ڏڪو	اناڙي: جاهل	ابت پيرو: ڪُتا ڪم ڪرڻ
پاڙين چڪاٽو:	ڇهبر: وات ڦاٽل	ميچلو: ناحش
ديوث: بيغيرت	اتامڙو: تڪڙو	ڇُهڙو: ٻالو
بي غيرت: بي لڄو	ڏاڙهيءَ ڪوڙيو: بدنام	چوئنڪ چندو: نياڳر
ٻـُهرَ: گهٽي نـاز سـبب خراب ٿيل ٻار	مٺي اگهاڙو: بي شرم	چڪرڏنبو
هلڪو: ٿرڙو	جهتي باز: جهٽ هٽندڙ	ڪُندو: بدنيت منافق
ڦڏائي: ڦڏو ڪندڙ	ڪٽريل: وائڙو، موڳو	وائڙو: پريشان
ڦيٺهڙ: ڦيٽارو وجهندڙ	سرڪاپائو: مٿو ڪائيندڙ	چنڊال: نياڳو
چربٽ: اڏ چريو	چوتان: بيوقوف	چنڊالڻ: نياڳي
انان مست: چريو	الڪان: بيوقوف	واهيات: بيهودو
الف اگهاڙو: نانگو	جلوان: گهران ٻاهر نڪتل	لانبڙ: گهٽو بيوقوف
لوفر: بدمعاش	ڇڊوُ: پيٽو	ڪُڏو: دغاباز
لاغرض	ڇڊري: پيٽي	ڪُـلڇٽو: خـراب ڪـم ڪندڙ

الغرض	پيٽوڙي: گھٽو ڪائيندڙ	پورڙو: اٻالو
بي ڪرو	حرامخور: حرام ڪائيندڙ	ڏئيت: راڪاس هيڇي
ٺڳ دليءَ جو	ڪھاڙو: تکو	تريناڪ: عيار
ٺڳڻ دليءَ جي	ڦاڙيُ ڦاچڪو:	نود: ضدي
شودو: ٺڳ	ماءُ جو وڏيڪ:	جاتولو: ڇڙواڳ
ٺوڳي: دوکيباز	ليڙ پيو:	پاکنڊي: ڪپيتيو
ٻشني: لليجو ڳنديپچوڙ	ٺيٺ مڪڙو: گھٽو ڳالھائيندڙ	ھُوڙه: موڳو
چارسؤيهہ: ٺڳي دولاب	ليلهرُ: بيڪار	بودلو: موڳو
لليجو: جيب ڪترو	چنبو: نياڳو	ٺُٺ: سُڃيو
مُردار: مئل، ناپاڪ	چسو: نہ وڻندڙ	ٻٺُور: نہ وڻندڙ
بي تميز: بي افعال	ٻوگھلو: پورو، سادو	لغور: ڪيچرو
ناظرف: بي حياءُ	منحوس: نياڳو	ڏوُتو: پڙوو
بيعقل: چريو	اڏنگو: بي لڇڻو، بدفضيلت	ڪانچ: ڦڏائي
بد دماغ: چيڙاڪ، مغرور	سوندُ منهون: ٻوٿ سڃيل	ٻهروپيو: ٻہ روپ رکندڙ
پٺو: پوڪ، بيوقوف	رکو: بدمزاج، خشڪ	اڙڏو: ضدي، ڪرڙو
لاٻڙچٽوَ: بڪ بڪ ڪندڙ	ھاڙھ، چُچُ: ڪاٽڪو	ٺُڪو: بيڪار
شاهينگ: ڦورو	لفنگو: لوفر	گيدي: پڙوو
هوروالو: ڊپ وارو	لانڊارو: گڏلن جي گھل	ٻَدوُ: بدشڪل
ٺوٺ: بي افالو	لانگ چوٽو:	بدوئڻ: بدشڪلي
هڙ تڙيو: رولو	لنگوتاڙو: لاءِ پاءِ بيھندڙ	بيدولو: جسماني بيھڪ سٺي نہ هجي
اڙٻنگ: ضدي، سرڪش	لُچ: لوفر	شيطان: شرارتي
گيڏ: چيڳرو	چُلھ منٺو: بدلڇٽو	ابليس: وڏو شيطان/ لغنتي
چيڳرو: بدافعالو	ڏگري ڪنيل (مونث)	خناس: شيطان
نرجو: نڪ جو ڏاڍو	دکو: ڪُتڻ پڙوو	احمق: بيوقوف

نِرلڄو: جنهن کي لڄ نہ هجي	ڪَـچَـر: پڙوو	گڏھ: بيوقوف
رذيل: ڪميڻو	ڀاڙيو: بزدل	مُهانڇڙو: لڄارو، شرميلو
ڪـڇرو: گدلو	پڙوو: ڪُـٽڻ دلال	نالائق: بدفضيلت
ڪونڇـرو: حرڪتـي، شرارتي	لونيو: چُـتو	خبيث: شيطان
واترادو: بڪ ڪندر	گاندو: بزدل گيدي	خبيثاڻي: شيطان عورت
الهڙ: سيڪڙات	ٽرڙو: هلڪي طبيعت وارو	ڪارو ڪبر: بدافعالو
مهٽيان: مهٽي هاب	ٽپوس: هلڪي طبيعت وارو	ڪَـرُ: گڏھ
پيٽيان: پيٽ تي گار	بيجي تخم: حرامي	ڪريل: قتل بدلڇٽو
ڏيجان: ڏيءَ تي گار	ڪميڻو: رذيل	بي سوُنتو: ڏنگو
لورو: گهٽ ذاتيو	نانگو: اگهاڙو	رنگيلو: ٽرڙو
هفت رنگي: بدچال عورت	رنگو: بدچال مرد	ڏُپستو چٽ: ٽپ چٽ
پليت: ناپاڪ، نجس	موڳو: وائڙو، منجهيل	مٺو: نياڳو
بدمعاش: آواره	مورک: جاهل	ماريو: مڄو
لنگور: بدچالو	بيوقوف: بي عقل	مصيبت پيو: آفت پيو
بي شرم: بي حيا	ٽيڙ: بنيادي حرامي	نپٽو: بي اولاد، منحوس
بي حيا: بي شرم	فصل ٻٽيرو: ٽان ٽان ڪندڙ	مجهول: سست، جاهل
يوڪ: بيوقوف	گونهہ خور: گلا ڪندڙ	نامعقول: نامناسب
مردود: ڌڪاريل	بدلڇٽو: خراب لڇڻن وارو	گنوسڙو: گسائيندڙ
مرون: سوئر	بي محابو: لاپرواھ	سپڙڪنون: ڪو بہ چڱو ڪم نہ ڪندر
نڪمو: خراب	نڪ وڍيو: بيغيرت	اُتا - مار:
ذليل: گهٽ ذات	بي نڪو: بي شرم	مڃڏ: نہ ڇڏيندڙ
ٽـڪو: خسيس مرد	مغرور: ضدي	مٺر: چوپائي جي لٺ
ٽڪي: خسيس عورت	لاپرواھ: غرض نہ ڪرڻ وارو	بي ڏيانو: ڏيان نہ ڏيندڙ

بڇڙو: ڪنو خراب	سرڪش: بي چيو	بڪبڪيو: واترادو
بي تالو: تال سر جي بنا	بي ساکو: جنهن تي اعتماد نہ ڪري سگهجي	بڪواتو: بڪ بڪ ڪندڙ
بدافعال: خراب عمل ڪندڙ	بدشڪل: خراب صورت	انڌو: نابين، بيشرم
ڪُواجو: ڪدڙو	بي برڪتو: نہ وڌڻ وارو	بدفضيلتو: اخلاق نہ هجي
بزدل: ڊڇڻو	ڪين ٿيو: ڪجهہ نہ ٿيو	بي مانُ: بي عزت
گينواريل: ڏڏ	ٽپاڳو: چندو	ڪُپتيو: بي ايمان
پيٽ چٽو: گهٽو ڪائيندڙ	ملعون: لعنتي	ڦاتوڙو دهل: راز نہ رکندڙ
تيرنهن تالو: نخرا ڪندڙ	مشڪرو: مذاق ڪندڙ	مُنو: قاتل
هَنيو: مصيبت ماريل	هچارو: ويچارو	بدڪاريو: خراب ڪم ڪندڙ
بد عادتو: خراب عادت وارو	ڪوجڙو: گندو	لعين: لعنتي
سوئر: مرون	ڪجسو: جنهن مان چڱائي نہ ٿئي	چغل: گلاخور
چغلخور: گلا ڪندڙ	گلا خور: لڳائي ڪندڙ	نمڪ حرام: وفا نہ ڪندڙ
خنزير: سوئر		

(م) ننڍڙن ٻارن واسطي:

تِيڪر	ٽِٽر	قوُسر
مُٽو	هَنگٽو	ڊڇڻو
روئٽو	چِڙٽو	جهيڙاڪ
ڦڏائي	سنگهر	پِچرُ
گِگرُ	چِڪرُ	لترُ
بي ايمان	ڪُپتيو	

ڪي سمجهاڻيون:

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪن لفظن ۽ جملن جون معنائون ۽ مطلب ڦرندا تا رهن. سبب ته هر پنجاهه ورهين ڪان پوءِ ٻولين ۾ ڪن لفظن جو واهپو متروڪ ٿيندو آهي ۽ وري ڪي نوان لفظ يا اسم نئين مخرج سان انهن جي جاءِ والاريندا آهن. اهڙي طرح چوڻيون، محاورا ۽ اصطلاح به ڦرندا گهرندا رهن تا. جيئن ته:

- تپيدار هڪ لفظ استعمال ڪندا آهن جو رشوت جو حقيقي پاءُ آهي. پر انهيءَ کي چون: "لاپو". اصل لفظ "لاپ" ان مان لاپو ۽ پوءِ بدلجي ٿيو آهي لاپو.
- "ٻاٻيس" چيو وڃي ٿو قرب يا پيار ڪي. هن جو اصلي لفظ آهي: ٻار ڪي ماٺ ڪرائڻ جي لاءِ چوڻ: "بابا، بس، بابا، بس" جو ڦري ٻاپيس ٿيو آهي.
- الهڙ جي معنيٰ آهي نئون يا جڙو. جيڪو جانور وهٽ يا ڍور ڪيڙيو نه ويو هجي يا پوئن نه ڏنل هجي، ان کي چئبو آهي. پر اصل لفظ اٿس "اَلهه تو آهر" يعني الله جي مدد ۽ ڀروسي تي. لفظ گهٽجي گهٽجي هاڻي "الهڙ" اچي پهتو آهي.
- چئبو آهي ته هاڻي انبن ٿاخون جهليون آهن. شاخون ته ٽاريون آهن، پوءِ هي شاخون ڪهڙيون؟ هنن جو اصلي لفظ "اُساڪيون" آهن يعني جيڪي انبڙيون اُس تي وڻ منجهه ئي پچي ڳاڙهيون ٿيون آهن.
- فلاڻو ماڻهو "سڪالو" آهي يعني بيمار آهي، هن جو اصلي لفظ اَسگهالو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ته پوري سگهه نه اٿس.
- ٻليءَ "رُهنڊڙا" هنيا اٿس. اصلي لفظ "نُونهنڊڙا" يعني ٻلي جي نَهن جون رهڙون آهي.
- ڪلهي ڪاني، هاڻي چئجي ٿو: "ڪنواٽي" ڪ‍ٽات، ڪنڌ جو ڪاٺ آهي. ساهه ٻاهر ڪڍڻ کي ڦوڪ ۽ ساهه اندر ڇڪڻ کي پساهه تو چئجي. تڪڙي ساهه کڻڻ کي سهڪڻ. ڏگهو ساهه ٻاهر ڪڍڻ کي نيساسو تا چون. پر ڏگهو ساهه اندر کڻڻ کي دم گهٽڻ تا ڪونين.
- بوسي پوک، هيءُ سياري وا بن پوکن جو نالو آهي، پر اصل لفظ آهي ته زمين کي گهڻو پيچ ڪرائڻ، هاري، خريف جو بچت وارو پاڻي زمين کي

ڏيئي رجائي ڇڏيندا هئا. پوءِ سياري ۾ ان ريج تي جيڪا پوک ڪندا هئا، تنهن کي بوسي سڏڻ لڳا. بيو هنديءَ ۾ پـوهہ جي مهينـي کي پـوس چئبـو آهي، ۽ اهي پوکون پوسي بہ سڏيون ويندون هيـون. چاڪـاڻ تہ پـوس جي مهيني ۾ زور وٺنديون. پوسي، ڦري بوسي لفظ تي پيو.

- نـک مـان تـڪڙو سـاهہ ڪڍڻ کي "ناسـون هڻڻ" نـک سـان واس وٺـڻ کـي "سونگهڻ" نڪ سان ٻاڦيات کي متي ڇڪڻ کي "سڙڪڻ" نـک مـان ميـل هيٺ ڪڍڻ کي "سينگهڻ" چئبو آهي.

(الف) چوڻيون:

ماڻهو چڙ ۾ اچي ٻي ڪنهن کي چئي ڏيندو آهي، تہ وڃ "ڦاڙهيءَ ڦاڇڪو" اصلي چوڻي آهي: "ڦاڙهيءَ پوئان ڇڪن" جابلو ماڻهو ڦاڙهي جي مادي ڦاڙهي جي شڪار لاءِ رلندا وتندا آهن ۽ ان جي شڪار تي ڇڪن هوندا آهن.

"ننگ جون پـاڙون دوزخ ۾" پهـاڪو ڏنو وينـدو آهـي. پر اصلـي آهـي تـہ: "جي ننگ پارڻو تہ دوزخ ۾ بہ" يعني ڪيڏي بہ تـڪليف سهي ٻار ٻچا پالبا.

"آسر پوتيون ڳالهيون" هن چوڻـي لاءِ ڪن سمجهيـو آهـي، تـہ آسرمل جا پوٽا اهڙيون ڳالهيون ڪندا هئا، جي نـہ ٿيڻ جهڙيون هونديون هيـون. پر ائيـن ناهي هن جو مطلب آهي: اهڙيون ڳالهيون تو ڪري، جهڙيون ايشـور جي پوٿـيءَ ۾ لکيل آهن. [خدائي صحيفن واريون ڳالهيون] ايشوَر پوٿيون.

"لـيڙ پيئو" هيءَ گار آهي يعني جنهن جو پيءُ ليڙو هجي، منجهس مرداني طاقت نہ هجي، تہ اهو ماڻهو 'ليڙ پيئو' ليکبو.

"ماءُ جو وڏيڪ" هيءَ بہ گار آهي، يعني ماءُ جي پرڻي ڪان بہ اڳ ڄاول يا وڏيڪ ڄاول، جنهن کي ٻين لفظن ۾ حرامي چئجي.

پهاڪا

اصلي	نوان
- جيئن دير تيئن خير!	جيئن دير تيئن انڌير!
- ٻہ ياڻر ٽيون ليکو!	ٻہ ياڻر ٽيون ڪيتو!
- لٺ ڪٽجي ياءُ ياران شـاهدي ڏجـي خدا ڪارڻ!	شاهدي ڏجي سنگت پـاران لٺ ڪٽجي ياءُ خاطر! يا مهل تـي هٽجي موچڙو باڪره ڪجي ڪوڙ تي.

- مڙس ٿجي يا مڙس جي پاڙي ۾ رهجي!	مڙس ٿي مڙس ڪيِ پاڙي مان ڪيجي!
- رنون رب رلايون ڏاڙهين ڪهڙا ڏوهہ؟	رنون راڄ ريجهايون ڏاڙهين ڪهڙا ڏانوَ!
- ڏاڍي جي لٺ ڪي ٻہ مٿا	ڏاڍي جي لٺ بندوق برابر!
- جهڙو حال حبيبان، تهڙو پيش پريان	جهڙو حال حبيبان تهڙو پير پادر ۾
- وار تہ ڦٽي نہ تہ ڪوڙائي ڪٽي	زال تہ ڦٽي نہ تہ ڇڏ ڪٽي
- انڊ وٺ، منڊ وٺ، پر ننڍ وٺ	پراڻي جتي جهوني زال متائجي سال بسال! يا پراڻي جتي، جهوني زال، متائجي هر سال.
- ابي ڇاڙهي، ادي ڇاڙهي مون نہ ڇاڙهي تہ ڪنهن نہ ڇاڙهي!	ابي ڇاڙهي ادي ڇاڙهي پوءِ بہ بک مرڻ، وڏي شرمساري!
- ماني ڊؤ تي موچڙو گهٽ	موچڙا ۽ ڊؤ تي ماني جي ناهي پڪ
- مڙس تہ ضدي نہ تہ ڇڏي ڏيوس	مڙس تہ ڦڏائي نہ تہ ڪهي ڇڏيوس
- اشراف پنهنجي شرم ۾ تو مري	حرامڙو هٽي تہ بہ ٻاڳا ڪٽي
جي پائين صرفو ڪريان تہ پٽ هنداءِ	جي پائين نالوڪڍايان تہ ناهہ نڱي جو ناهہ
- سپ نہ ماري سپ جو سيراف ماري	نڪي سپ ماري نڪي سيراپ ماري ڏينهن پورن جو تو پاپ ماري
- درياءَ پر تي چوڪر ڪُڏي اچ نہ ٻڏي سيان ٻڏي	براڄ پاٽي لئہ هاري رڙي اڄ نہ مري سيان مري!

(ب) وڌيڪ معرب لفظ:

اهي لفظ جي ڦتلن دڙن ۽ کنبرن وانگر پاڻ ۾ فارسي يا عربيءَ جي ليهہ تا رکن. پر معنيٰ ۽ مطلب ۾ ڪو ڦيرو ڪونہ آيو اٿن.

لاچوٽ: بروقت

لاپرواهہ، لاغرض: بي ڏيانو

قتل قيام: هرگز نه

حي حرام: بلڪل حرام

زن طلاق: هرگز نه

الفابيئون: صفا نه (ڪين ڪڇيو)

يا باقي: صفا نه، خير ئي خير

اُم ڪي ويا: هميشه جي لاءِ ويا

خفا خون: بلڪل خون

الچپ من الماٺ: ماٺ ئي ماٺ

جُتي چڪات (زڪوات): جُتي زڪوات ۾ ڏيڻ.

نئون نڪره: نئون نڪور. وغيره

(ج) غلط جملن جو استعمال:

- ”توبي متي ۾ پائي يا وجهي پوءِ نڪر“ چوڻ غلط آهي. توبي متي ۾ اندر پئجي ڪانه سگهندي، پر متو توبيءَ ۾ اندر پيل هوندو آهي. چوڻ کپي: متو توبيءَ سان ڍڪي پوءِ نڪر.
- ”جُتي يا بوٽ پيرن ۾ پائي پوءِ وڃ“ چوڻ غلط آهي. جُتي يا بوٽ پيرن اندر پئجي نه سگهندو. پر پير جتيءَ منجهه پيل هوندا آهن. چئجي ته: پير جتيءَ سان ڍڪي پوءِ وڃ.
- ”بتي يا ڏيئي کي بار“ چوڻ غلط آهي. بتي ۾ جڏهن باهه اندر وجهبي تڏهن ٻرندي. چوڻ گهرجي: بتيءَ يا ڏيئي جي وٽ ٻار.
- ’در ڀور يا در ڏي‘ غلط آهي، پر چئجي: در بند ڪر.
- ’ڪلف ڏي‘ غلط آهي. پر چئجي: ڪلف پاءِ ڪنڌي ۾.

(د) اکرن جي ڪوٽ:

هن ٻوليءَ ۾ املا ۾ گهڻو ڪري ڪن حرفن جي ڪوٽ محسوس ٿيل آهي. جن جي لاءِ وڌيڪ اکرن جي الف - ب تهجي ۾ ضرورت آهي. مثال:

لفظ:

سَنهي: نـهه اکر پنهنجي سر الڳ آهي.

ڳالھ: لھ اکر پنھنجي سر الڳ آھي.
پٺھين: ٺھ اکر پڻ پنھنجي سر الڳ آھي.
سمھ: مھ اکر پنھنجي سر الڳ آھي.
ڳاڙھ: ڙھ اکر پنھنجي سر الڳ آھي.

مٿيان مخلوط اکر آھن ۽ آواز پنھنجو يڪو ڪڍن ٿا.

(2) ياي مجھول، ياي معروف ۾ فرق ڏيکاريل نہ آھي.

سُجاڻي، سُجاڻي، سِئين، سِئين.

هن ۾ ڏسَندا تہ اِيي زير ڏئي اسان ياي مجھول کي ڌار ڪيو آھي، پر اِيي زير دستوري طرح مروج ناھي.

(3) او، اوَ وارا آواز سھنجائيءَ سان نٿا معلوم ڪري سگھجن، اوکو، هن کي اَوکو بہ چئجي ٿو.

پُورو، پورو. وغيره

(4) نُون غنہ:

چين، چوين، سَنڌُ، سَنَدَ.

ڪا نشاني مقرر ڪانھي. اعرابن مان آواز سڃاتو ٿو وڃي.[1]

لکڻ:

سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ ڪيترا لفظ غلط لکيا ٿا وڃن، جن کي درست ڪري لکڻ لاءِ هيٺ پيش ڪجي ٿو:

غلط	صحيح
ياداشت	ياداشت
ڪارروائي	ڪاروائي
مختيار	مختار
سھولت	سھوليت
همٿ	همت
جرئت	جراٴت

[1] هن لاءِ سنڌي عالمن جي ڪاميٽيءَ جي ضرورت آھي، جي پاڻ ۾ گڏجي املا جي لفظن کي انھيءَ نموني مقرر ڪن، جيئن پڙھندڙ کي ڏکيائي محسوس نہ ٿئي. (ليکڪ)

ذات ضمات	ذات جماعت
زائفان	ضائفہ
اضافو	اضعافو
سمڪ	سمعڪ
جُسو	جُثو
سمر	ثمر
سان ستي	سانحہ سطحي
هاج	حاج
ميراثي	ميراسي (هن لاءِ چيو ويندو آهي، تہ راڳ ڪين ورثي ۾ مليل آهن، تنهنڪري ميراثي سڏبا آهن - ورثي ملڪيت ٿيندي آهي نہ ماڻهو! پر جي غلام هوندا تہ ورثي ۾ اچي سگهن ٿا. [1]
وسيت	وصيت (مئي ماڻهو جي ڪيل هدايت)
هاسيڪار	حاصل ڪار
ملاڪڙو	ملهہ آڪاڙو
شڪيلا	ثقيلا (ڳؤرا)

(هہ) گهڻي معنيٰ رکندڙ لفظ:

گهڻا: اڪثر، اَجهاڳ، اڻکٽ، اڪت، ڪثير، بيحد، بيشمار، بي انت، بي حساب، بي عدد، اڻکٽ، انچر، انيڪ، ڪينجهر، گنج، آپار، بي پايان، اڻڳڻت، مُئو، جام، ججها، تمام، اڻميا، ڪِچ، لاتعداد، حشام، هجوم، قدرڪون، انبوهہ، انبار، جوق درجوق، خلقون، ميڙ، ميڙا، پينيا، ڳچ، ڳپل، اُڙد، دلَ، ڪٽڪ، ڪوڙ، ڳٽپ ڪان ٻاهر، ڪاتي ڪان ٻاهر، ولر، وڳر، ڳارا، رانهون، ترڇٽ پٽ نہ پئي، رانجهن، رنگ، نڪوي متو نڪو هو. ڍير، گدام، نُونر.

---

[1] ميراثي جي اصلي صورتخطي 'ميراسي' آهي. هن جو اشتقاق آهي: مير + راس. 'مير' معنيٰ وڏو. 'راس' معنيٰ راڳ. يعني راڳ جو ڄاڻو، ماهر گويو. (ادارو)

خبر: سُڌ، ڪلَ، سماءُ، ٽيٽ، ڪُڙڪ، سڻڪ، سمڪ، پتو، پيٽ، واءُ، وائڙ، ڪرَ، گمر.

قياس: ترس، رحم، ديا، ڪرپا، ٻاجهه، مهر.

احسان: منگهيه، تورو، مهرباني.

ظلم: پاپ، بيداد، بغداد، ناحق، ويل، انڌير، ستم، انرٿ، انياءُ، هـَـچا، ڪِيس، قهر.

دستور: نمونو، ڍنگ، ڍول، طريقو، رواج، ريت.

واسطي: لاءِ، لئه، براي، بابت، ڪاڻ، ڪارڻ، خاطر، بابت

ور: مڙس، مرد، ڪانڌ، ڀتار، پتي، آهر.

جوءِ: زال، عورت، استي، استري، پتني، ضاعفان.

ڪنوار: ونيِ، ٻنري، وينگس، لاڏي، لاڏلي.

گهوٽ: ونو، ٻنرو، ٻنو، لاڏو، لاڏلو.

بوءِ: خوشبوءِ، هُٻڪار، ڇٽ، ڏپ، ڪڪ، هوٻارو، سـڳنڌ، ايناڻ، بانس

ڳر ڪري: ٻـِجيوي، گرڀٽي، ڳيوراڙي، گرڀ ونتي، ڳرهاري، حامله، ڍُڪي، پيٽ سان، اميدَ سان، پيٽ واري.

بيوقوف: مورک، ڇسو، ٻُوڪ، نامعقول، مجهول، ناظرف، بي تميز، گڏهه، اوڳو، موڳو، گيڏ، جاهل، بي سمجهه، نادان، نالائق، احمق.

باب سترهون

بڻ بڻياد

سنڌي ٻولي، اها شاهوڪار ٻولي آهي، جنهن جا ڳالهائيندڙ هر ڪنهن ٻوليءَ جا اُچار، آواز يا مخرج سهنجائي سان ادا ڪري سگهن ٿا. هن ٻوليءَ ۾ کهڙي بہ قسم جا اشارا، رمزون، غمزون، اهڃاڻ، ميڇنون ۽ چاندون ڏئي ۽ سمجهي سگهجن ٿيون. هن ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جي ڏکين ۽ نون، مشکل کان مشکل لفظن ۽ محاورن کي پنهنجي وجود اندر هضم ڪرڻ يا مدغم ڪرڻ جي بہ غضب جي طاقت، ڏانءُ ۽ طريقو آهي.

عوام جي سهوليت جي لاءِ لفظن جا ذاتن يا بنيادن يعني اشتقاقن سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ لاءِ هي حرف لکي واضح ڪيو وڃي ٿو، تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ سڌريل ٻولين واريون سڀ سهوليتون، سوکايون ۽ صلاحيتون موجود آهن، تہ پوءِ ڇونہ هن ٻولي جو درجو وڌائي، هن کي قومي ٻولين جي پَدَ تي پهچايو وڃي.

ڪن صاحبن ٻوليءَ جي صوتيات تي پڻ ڪتاب لکي، قوم تي اهو احسان ڪيو آهي، تہ لفظن جي ادائيگي بلڪل آسان آهي. صوتيات يعني آواز يا ٻول ڪڍڻ ئي ٻوليءَ جو بنياد تسليم ڪيو ويو آهي، ۽ ان کان پوءِ حرف يا اکر بعد ۾ لفظ ۽ جملا اڃن ٿا. جملن جا قسم بہ موجود آهن يعني مفرد، مرڪب ۽ مرتب وغيره، جي گرامر جي سونهن کي دوبالا ڪن ٿا.

الف - عربي جا مدغم ٿيل (سمائجي ويل) لفظ:

اصل عربي	سنڌيءَ ۾ ضم ٿيل	معنيٰ
اُف، اُفيٰ	اُتـِي	ڇنڊ، سنگت ٽوڙڻ
اوبالي، البيلو	اُبالو	پُورالو، پُورن ۾
الا ماشاء	الا ماسي	بنا ويچار جي، ائين ئي
اَب	ابو، ابا، بابو	پيءُ، پتا
اُم	اما، ماءُ	اَمڙ، اَمي
اذن	هُذن، هدو	اجازت
آذقيه	آجڪو	بچت

ازرق	اجرڪ	رڱيل ڪپڙو، نيري رنگ وارو
اتفاقاً	اتفاقي - اپاڪي	اوچتو
آئينہ	آهيري	آرسي، درسني
اجوانْ	جاڻ	هڪ وکر جو نالو
بِغَن	واڱڻ[1]	ڀاڄيءَ جو قسم
بَقال	ٻاڪري	ٻاڪرو گوشت وڪڻندڙ
بصل	بصر	ٻوڪ جو قسم
بلخي (ملڪ)	بُختي، بُغدي	اُٺ جو قسم
بشريٰ (مبارڪ)	بسري	ڳڙهاري، منٺي ماني
ماء	مينهن	وسڪاري جو پاڻي
مهڙ	سهرو	زال يا مڙس جو پيءُ
عاجز	آزرت	ڪڪ، بيزار
ابهر	ايومڙو	ٻالڪ
عدم	اُدمو	اندر جي چڪ
بخاري (ملڪ)	بلغاري	ڌاري ديس جون شيون
بلغر	بيلخر	ڪانگهارو
بني تميم	ٿهيم	هڪڙي ذات يا نسل
بني طيبہ	ٽيبا	هڪڙي ذات يا نسل
بيعنامو (معرب)	ٻيانو	اڳواٽ طئہ ٿيل سودو
تنور	تندور	ڀٽي يا زمين اندر چلهو
تفهص	تپاس	جاچ ڪرڻ، پرکڻ
تعويذ	تائيت	رِکيا، تائيت لکائي ٻڌڻ
تبت	تبيٽ	هڪ ملڪ
مسطرة	مستري	سڌائي جاچيندڙ (رازو)
ثغر	سگر	وٽ، رستو، گس
ثمر	سمر	سامان، توشو

[1] واڱڻ کي ڏکڻ اڪثر ڪري "ڪارڙو تتر" چون. (نظرثاني ڪندڙ)

اَساتذہ	استادَ، اوستو	اوستي، ڪاريگر
جَسد	جسم	بت، بدن
جُعدۃ	جاد، جهنڊ	پار جا پهريان چمڻ وارا وار
جوف	جُوڪو	پيٽ خالي، لالچي
حوض	هود	ڪني پاڻيءَ جو ڏُبو، نڪَ
صبح	سياڻ	ايندڙ ڏينهن
حَبس	اُبس	گُهٽ، گرمي، ٻوسٽ
حِرص	هِز، هِس	زور ڀچڻ، خيال لاهڻ
حسد	حدس	هوڏ، منڊائي
حاذق	هاتڪ	گهٽو چاٽندڙ، حڪيم
خندق	ڪنڏڪ، ڪنڏي	ڪڏ، وهڪ
خضر	ڪِڌر	خواجہ خضر
خطاب	خُتاب، ڪُتاب	مڪتب، ختاب خانو
خديجہ	ڪتيجان، خدَيت، ڪُتو	عورت جو نالو
خاتون	ڪاتون، ڪتان، ڪاتي، ڪَتُل، ڪَتي ڪاتان	عورت جا نالا
دار مياء (معرب)	درياءُ	ندي، نهر
درهم	دمڙي	سڪو، ڪي پيسا
دائرو	ڍارو	ڦرندڙ ڳوٺ، چَڪو
دُثار	ڏوارو	جاءِ جو ڪليو لنگهہ، وايو
دلوُ	دلو	پاڻيءَ جو گهڙو
ارڪان	اَرڪڻ	لچڻ
ورع	وَرهيو (ورو‍ءَ)	هاري لاءِ اناج
لعابہ	لِبَ	ڏندن پڳل ٻبو (ڦڏو)
آتبہ	آتي، آهتي[1]	روزانہ ايندڙ گراهڪ

[1] آهتي – دڪاندار سان گراهڪ وهنوار رکندو آهي. جنهن ۾ ٻوليل هوندو آهي. تہ انهيءَ فصل جو حصو، ورتل سيڌي عيوض ڏيندو آهي. اڳوات ٻوليل انهيءَ وهنوار کي آهت ۽ وهنوار رکندڙ کي آهتي چئجي. (نظرثاني ڪندڙ)

زئبات	جبَات	سينگار جو سامان
زلزلہ	جرجلو، ترڙلو	سخت ڏوڏو، ڌڪاءُ
اسم	آسامي	نئين جاءِ پيدا ڪرڻ
اسڪنه	اسڳنڌ	ڦٽ
اَفيون	آفيم	امل
سکر	سکر	سکر جو شهر
سِطر	سٽ	سڌائيءَ ۾ لکيل اکر
سيدي (سردار)	سردار	جناب، مسٽر، ميان
سانحہ سطح	سنھ ستي (ساھ ستي)	واندڪائي، فرصت
سَحُور	اسِور	اَسر، لَڙيءَ رات
شعاع	سُهائو	سوجهرو
شمع	شم	متو يا ڏيات
شلوالُ	شلوار	ڪانچ
شهود	شودو	جاسوس
صَندل	چندن	خوشبودار ڪاٺي
صدمه	ڏمُون	نوڪر، اندر جي اُڇل
ضوءَ	دئو، ڏيئو	سوجهرو ڪندڙ، بتي
ضعيفه	ضائفان، زائفان	ڪمزور عورت
طشت	تسُ	ڪنو يا نڪر جو تسڙو
طبق	طباق	باسڻ، نڪر جو ٿانءُ، پاٽ
طلاطم	تلاءُ	ڇوليون هٿندڙ، سر
عکس	اُس	تڙڪو
عالي	آري	هڪ بلوچ جو نالو
عاليه	آرياڻي	بيبي، وڏ گهراڻي جي عورت
عذاب	آداب	ڏک، سور، درد
عُروة	وَرت	رسو يا نوڙي
علي	عولي، عَيلي	(هيءُ نالو پڻ وقت چوندا آهن)
عرق	ارڳ	ڇڪايل پاڻي

علحدهَ	آرادو	ڌار، جدا
غوث	گنوسڙو	جاسوس
غُـرفه	ڳُـڙڪ	لوگهو، لياڪو، دري
فضول	قدوليون	اجايون ڳالهيون
فاطمه	قـاپو، قـاپل، قـاپي قاتما	عورت جا نالا
فوم	ٿوم	وکـر (عـام طـور پـاڇيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ)
قـِدريه	قنبر	ڦـر نـه جهلينـدڙ ڳـئـون، مينهـن (ڪوس جو مال)
فرش	پَـٽيچ	تڏو، توئري
صدره	صدري	سيني ڍڪڻ جو سبيل ڪپڙو
صوفه	سُرخو	اڇي رنگ جو گهوڙو
قفل	ڪلف، ڪرف	در کي ڏيڻ جو تالو
قبه	ڪُبو	گندن واري جاءِ (ڪبڙوماٺهو)
قباله	ڪاباڙو	اگهواٺ لکايل
قدح	ڪاڍائو - ڪاڏاهو	پاٽي ڪيڻ جو ماپو، ڳنر
قدريـه (ديگ)	ڪـِندُوري	ديگ مان چانور چکڻ
قميص	خميس	بدن جو سبيل ڪپڙو
قلابازي (معرب)	ڪَـلٽي	اُتلي اونڌو ٿيڻ
قطره	ڳترو	ٽڪرو، ذرو
قطع	ڪاتي	ڇـري، ڪپ
ڪَـنزُ	خزانو	ڌن، دولت، ملڪيت
ڪؤس	ڪاسو	ماپو
ڪفايہ	ڪيوٽ	سنجم، سانگ صرفو
ڪجل	ڪجل	اک لاءِ ڪاراڻ
ڪافور	ڪپور	وکر
طغرل	ٽيگر، ٽيڙي	وڏائي، هٺ

لذت	لست	مزو
مرحوم	مرحيات	مري ويل، رحمت ۾ ٿيل
متعلوي	مٿياري	هڪ شهر جو نالو
مبلغ	مَبلڪ، مَبلڪ	تمام گهڻو
معرڪ	مارڪو	ڪچهري
ماداً	موازي	اوچتو
مرحوم	مرهيات	رحم هيٺ آيل
مات	ماد	مارُ
مقيس	مُڪو	پرت پرڻ جي زري
مطلع	ٿَلهه	ڪافيءَ جو منڍ
مويشي	ماؤسي	مال تي محصول (ميرن جي حڪومت ۾)
مطرقة	مترڪو	هٿوڙو
مواد	متن	پورو احوال
مسجد	مسيت، مهجد	عبادت جي جاءِ
نبض	نوض	ساهه جي ڌڪ هڻندڙ نس
نقد	نفز	روڪڙ
نعره	نارو	هوڪرو، هڪل
وحش	وهٿ	گهرو پالتو جانور
ولوله	ولِلَ	جذبو
ناعور	نار	پاڻي مٿي چاڙهڻ جو چرخو، هُرلو
نقاره	نغارا	پير
افراد	اوپرو	ڌاريو
وحيلً	ويڌن	مصيبت (هڪڙي تي)
غوغاءُ	گوگيا	ڪُوڪرو
غريو	گوڙ	هُل
هاوي	آوي	نهائين، ڪوري
أنا	آءٌ	مان

ابرار	ٻلارا	چڱا ماڻهو
ابراهيمي	برهماڻي	هڪ ذات يا نسل (ابراهيم جو نسل)
باڪره	ٻوراڪ	ڪنواري ڇوڪري
حباب	هباب، اُٻاپ	پاڻيءَ جو ڦوٽو يا ٻوٽيو
عاهر	آهر	يار، ڏاريو ماڻهو
بدن	بت	جسم، لڱَ
علاقه	اولاڪو	لاڳاپو
مجازي	مجيجي	واقفڪار
قرعه	ڪُٽو	پُڪو يا فال
صاب	ساپيان	ڇاٽي واٽي
وطاءِ	وٽو	ڪٽورو
قطره	ڳترو، ڪَترو	ڪتر تيل ڦڙو وغيره
بحث	ٻئنش، ٻيث	ڳالهه ٻولهه
خوق	ڪؤ	پاسو ڪرڻ
بدرة	ٻـدَ	وڏي هڙَ
وداع	ٻدا	لٿو، ويو
بط	بطخ	ٻدڪ
جوزا	جاڙا	جڙوان، ٻٽا
برڪت	برڪت، برڪ	چڱو
بيَـو	ويري	ننڍي ڪوهي
باطية	ٻوتل	باٽلي، بالٽي
بزاز	بجاج	ڪپڙو وڪڻندڙ
اِلهاب	اولانيو، اوپالو	باهه جي ٻريل ڪاني، ڇِـپي
عليل	اُليل، اُيلون	اُليرون، اُلرون
اُلفي	اُفي	اوٽي
نحس	نِـدس	نياڳو

باالمقطة	بالمختو	مفت
عول	ايل	قيدي، باندي
علاج	ايلاڙ	بلو، پيٽي
آمنہ	ايمٺا	عورت جو نالو (حضور ﷺ جن جي امڙ سائڻ جن جو اسم مبارڪ)
محتاج	موتاج	بيوس، گهرجائو
باب	بونب، بُنيو	پاهريون لنگهه
اعمال	اهمال	دوکو ڏيڻ، دغا ڪرڻ
اذا	اِجهو	اشارو ويجهو
اَفق	اِرڪ	ٺونٺ جي هڏي يا ٽيڪ
اصطبل	طنبيلو	ڪُڙهه (گهوڙن جي)
عاق	آنڪو	نافرمان
ادا	عدَهه، اَدَهُ	پورو، ڪرڻ
فوطة	پوتي	عورتاڻو متي ڍڪڻ جو ڪپڙو
رداءُ	روُ	عورتاڻو متي ڍڪڻ جو ڪپڙو
اديم	اڌوڙ	چمڙو آبوهيل
نقطة	نُختي	مناٿي، جنهن مان لڏون نهن
وحوش	بهوش	گدلو
بلاحذر	بلحذير	ڪميٺو
وبال	بنبال	جنجال
وبا	بفا	بيماريءَ جو قسم
باسور	بواسير	موڪن جي بيماري
ابن	بن، بنو، وَنو، بنرو	پٽ يا گهوٽ
درع	زرهه	فوجي لباس جيڪو تلوار جي بچاءَ ۾ فوجي پائيندا هئا
قالب	ڪارب	ڍانچو، سانچو

ب - فارسيءَ جا سنڌيءَ ۾ سمائجي ويل لفظ:

اصل فارسي	سنڌي ۾ ضم ٿيل	معنيٰ
آستان	ٿان، ٿاڻ، وٿاڻ	وهڻن ويهارڻ جي جاءِ، بيٺڪ
آستانو	ٿاڻو	پوليس جي جاءِ
خوانده	آخوند	پڙهائيندڙ، استاد
دريچه	دري	لوگهو، ليڪو
بچه	ٻچو	ڦر
بند	ٻنڌ	روڪ، آواندو
باورچي	ٻورچي	راڌو
خانچه	کانچو، گهانچو، جهانڪو	ننڍڙي ڪڏ
خُوب بُرو	ڪوٻلو	ٻيڄڙو ماڻهو
شادباش	شاباس	جَس، آفرين (عزت افزائي ۽ همت افزائيءَ جو هڪ ڪلمو)
ديباچه	ڏماچ	ڪپڙو
تراشي	تري	گهڙي، پلي
زن	زال	عورت، جوءِ
برغلانه	ڀڙڪائڻ	خيال ڦيرائڻ
گِل - کِهگل	گچ، گارو	پسيل پنجو
پابندن - پيندن	پاڏڻ	وهٽ کي ڏگهو رسو وجهي ٻڌڻ
چيخ	ڪيهه	دانهن
ماهه	ماس	گوشت
پنجه	چنبو	ٻجو، پونڊو
آهسته	آراسته، آهستي	هوريان، ڌيري
ديده دانسته	ڏينا داستي	ڀڌري پٽ
غنچه	گوشو	ڇڳو
چيره	ڪيرو	ڦاٽل، ليڙو، نستو
آزاد	آجو	ڇڙواڳ، جاٽولو، ڇوٽ، واندو
بادشاه	ٻاچا	حاڪم

اڃمود	اڃواڻ، جاڻ	وکر
ابرو	ڀرون	اک جي کوپي متان وارن جو ليڪو
آخور	اهورُ	مال جي چاري جو کونڊ
آهن	آئينہ	آهري، آرسي
اروبلي	الويلو	هٿوباري، همراهي
اروغ	اوڳرائي	ڏاڪار
بدتر	بـَنز	بڇڙو
برآمده	براندو	وراندو
پشت	پٺ	ابتو پاسو
ڪـُنده	ڪـُندو	دغاباز
پيند	پينڊو، پينگهو	لڏڻ جو هندورو
سرمہ	سوئيرو	اکين ۾ وجهڻ واري ڪاراڻ
مرد	مڙس	ڀتار، وَرُ
ڪودڪ	چوچڪ، ڪـِڪـو	ننڍڙو ٻار، ٻالڪ
ڪاروباري	ڪاٻاڙي	پراڻو سامان وڪڻندڙ
ڪجاآر	ڪچاڙو	ڇا، ڪوهہ
حاصل ڪار	هاسيڪار	اميد رکي
هسوار	سوار	وهٽ تي چڙهي هلندڙ
پـَسري	پـَسوري	ٻڻ، ٻٽياد
خـَربوزه	ڪبوسڙو	گدرو، گدري جهڙو
بوزنہ	بوزان	ڀولڙو
گاؤ	گانءِ، ڳئون	ڍڳي
ماهہ	مهينو	سال جو ٻارهون حصو ٽيهہ ڏينهن
ڪاغذ	ڪاڳر	پنو
ڪليدي	ڪنجي	چابي
مداد	مس	سياهي
سرانجام	سرجامي	انسنو

آل جال	اَلـِچـَل	انجير، گهٽا
ما	مان	آءُ
باديہ	باڙدي	ٻالٽي
ڪوزه	ڪوئرو	ڪرو
اسپغول	اسپنگر	پسارڪي وکر جو نالو
بلاق	بولو	نڪ جو ڳهه
بيخ	بيک، پاڙ	بنياد
بالشت	بليس	گرانٽ، ٻاڙي وهيٺ
شيرين	شيرو	سيرو
آفتابہ	استاوو	بدنو يا ڪرو

۶- انگريزيءَ جا سنڌيءَ ۾ سمائجي ويل لف ظ:

اصل انگريزي	سنڌي ۾ ضم ٿيل	معنيٰ
آرڊر	آڊر	حڪم
آرڊرلي	اردلي	خاص سپاهي
اسٽيشن	ٽيشڻ	ريل گاڏي بيهڻ جو هنڌ
انسپيڪٽر	انسپيٽر	عملدار
ايئر رنگ	ايرنگ	ڪن جو ڳهه
انڊيا	انڊيا	ڀارت
اسٽئنڊ	اسٽان	لارين جي بيهڻ جو هنڌ
بارسٽر	باليسٽر	وڏو وڪيل
بٽن	بٽڻ	بيڙو
بـِيوگـِل	بـِغل	توتارو (منُ)
بئاءِ	بوئي	نوڪر، چوڪرو
بئينڊ	بئينُ	واڄو
باڪس	باڪس - بڪس	پيٽي
پلاٽون	پلٽڻ	فوج
پبلڪ	پنبلڪ	ماڻهن جو ميڙ

پئنٽ	پتلون	پجانگي
پريزيڊنٽ	پريزيڊنٽ	راشٽر، صدر
ٽائوٽ	ٽوٽ	لوفر، لفنگو
ٽچ	ٽئينچ	ڇڇڻ
ٽائيم	ٽيم	وقت
ٽڪٽ	ٽڪس	فردي، پتري
ٽائيٽ	ٽاٽ	بلاٽتو، سوگهو، مضبوط، قابو
ٿرڊ	ٿڊ	هيٺيون ڪلاس
جنرل	جرنل	فوجي عملدار
سينٽرل جيل	سينٽرجيل	وڏو قيد خانو، وڏو جيل
سپرنٽينڊنٽ	سپريڊنٽ	پوليس عملدار
ڊاڪٽر	ڏاڪدر، ڊاڪدر، ڊاڪٽر	معالج
راجــرس(جرمنــي ملڪ ۾ ڪارخانو)	راڄسي	معياري اوزار
سٽنڪلي	سنگهر	زنجير
ڊرائيوَر	ڊليوَر	چالڪ
سوپ	صابڻ	صابڻ
ائڊ ڊي ڪئمپ	آڙي ڪاپ	وڏو چالاڪ
رڪروٽ	رنگروٽ	نوَلو، الهڙ
روڊايشيا	روڏوشاهه	آفريقا جو هڪ ملڪ
گن مشين	گهنڊ مشن	گوليون وسائيندڙ بندوق
شاپ	ڇانپ	وڏو دڪان
فلئگي (جهنـڊي وارا)	فرنگي	يوربي، گورا ماڻهو
فرسٽ ڪلاس	فسڪلاس	اول يا پهريون درجو
فالين	فالم	تيار ٿي بيهڻ
فوُٽ	فوُٽ	ماپ
لارڊ	لاٽ	وڏو ماڻهو

ليگ	ليگ	جماعت
آئيس ڪريم	اشڪريم	ملائي برف واري
بٽلر	بٽريل	ماني ڪارائڻ وارو
لائين	لئين	قطار
ماجسٽريٽ	ماجريٽ	عدالتي عملدار
ڊزن	درجن	ٻارنهن شيون
ماسٽر	ماسٽر	استاد
مل	ميل	ڪارخانو
ڪوچ مئن	ڪوچوان	گاڏير
ڪٽ پاڪيٽ	ڪاٽڪو	کِيسڙي چوڙ
ڪليڪٽر	ڪليٽر	روينيو عملدار
ڪورٽ	ڪورٽ	عدالت
ڪُلي	ڪولهي	مزدور
واچ	وانچ	گهڙي
ويسٽ ڪوٽ	واسڪوٽ	صدري
وارنٽ	وارند	ڪيس جو پتر
اسٽئمپ	اسٽامپ	ٽڪيلون
اسپنج	اسفنج	مئل ڪڪڙ
هارن	هارون	توتاڙو
هارمونيم	هارمون	باجو
بئلنس	ٻالانس	بچت رقم
بيوٽيفل	بوفلو	سهڻو
بلڊاگ	بلتاڪ	ڪتي جو قسم
باٽل	بوتل	ٻاٽلي، ٻالٽي
ڪيٽل	ڪٽلي	چانهه داني
رپورٽ	رپوٽ	پوڪار
ڊيوز	دئونس	نالائق
سينٽر	سنتر	قطار يا وچ

گارڊ	گهاٽ	پوليس چوڪي
لئمپ	لاپ	بتي
اٿارٽي	هٿارٽي	اختياري
ٽائيٽ	ٽاٽ	سوڙهو، مضبوط

مقلوب سنڌي لفظ:

مقلوب، انهن لفظن کي چئبو آهي، جي ساڳيءَ مخرج وارا لفظ يا اُبتا سبتا لفظن جا اکر، هڪٻئي جي اڳيان پٺيان ٿي بيهن، پر معنيٰ ۾ ڦير نه هجين. اها ٻوليءَ جي وڏيڪ خوبي آهي، ته لکڻ ۾ اکر بدل سدل ٿي وڃن، پر معنيٰ ۾ ڪوبه فرق نه اچي. ٻوليءَ ۾ اهڙن لفظن جي به کوٽ ڪانهي.

اصل	بدل	معنيٰ
ازرق	اجرڪ	نيرو رڱيل ڪپڙو
اُتپن	اُپت	پيدائش
ڀُوڄرو	ڄَنبورو	ڏکهن وارن وارو
ڇَپڪو	ڀُڇڪو	ڇباڙڻ جو آواز
حسد	حدس	چڙهت جو خار
ٻُت	تُٻ	ٻوڙو
جاڙوڪرَ	جاڪوڙ	محنت، پورهيو، تڪليف
جنهن لاءِ	جيلانهه	جنهن ڪاڻ
تنهن لاءِ	تيلانهه	تنهن ڪاڻ
پلٿي	پاٿولي - پاٿاري	ويهڪ
ترهڏ	هڏتر	اٺ کي چڪي چمر ٽوٻڻ
درهمي	دمڙي	سڪو
سرٿ	سٿر	همت ڀريو
پنجو	چنبو چنگل	ٻُجو، پوندو
ڳيور	ڳيرو	چوکر، نينگر
پوئر	نيور	گهاٽو ڪارو رنگ
زيره	ريزو	داڻا داڻا ٿيڻ وکر

خوانده	آخوند	استاد
ساهڙ	ساهڙ	ميهار، ڏهنڊڙ
ساهنگو	سهانگو	سستو
شُبهه	شائبو	شڪ
نڪَ چڙهو	نچڪٽو	وارن چوندٽو
سُڏڪا	ڏسڪا	روئڻ کي روڪڻ جو آواز
سِرجڻ	سجرڻ	بنياد وجهڻ، قرار وجهڻ
سِرڪڻ	رسڪڻ	رڙهڻ
فليتو	فتيلو، پليتو	وٽيل ڏورو يا وٽيل ڪاغذ
ٽٽ	ٽٽ	مقرر تاريخ (شاديءَ جي)
ٽيٽي	ٽيٽي	روزانو ايندڙ گراهڪ، ٻڌل گراهڪ
قفل	ڪلف	ڪرف، تالو
ڪاريا	ڪاريا	ڪم ڪرائڻ مصدر مان
ڪودڪو	چوچڪو، ڪڪو	ٻارڙو
چڪڙ	ڪچر	گپ
ٻگري	گبري	جهولي
ذليل	رذيل	ڏڪاريل، ڪريل، وس ۾ آيل
ڪانچو	جهانڪو	ڪڏ - ڪوٻو
مٿيچرو	اچاترو مٿاچرو	سطحي ڪم ڪرڻ
طفل	طلف	ٻارڙو
وزارت	وزرات	وزير ٿاهڻ
وچن	چوڻ	ٻولڻ، انجام
آگم	آڙنگ	مينهن پوڻ جي گهٽ
حلوائي	حولائي	مٺائيءَ وارو
لمحو	لحمو	ڪن، ساعت، پل، گهڙي
ارڏنگ	اڏرنگ	بيماريءَ جو قسم
اناڳ	اڳٺ	(اڳٺ) سٿڻ ٻڌڻ جو ناڙو
آتار	تنوار	ٻولي، لات، هڪل

اُتامڙو	اَئونٽرو، ايٽرو	حرڪتي، اُڀهرو
پرت	پٽس، پَٽُ	پنو
آماج	آجام - آچام	نشانو
آڍانگو	آڳانڊو	آسرو
ليڪت	لڪيت	ياد رکڻ
سهڪڻ	هسڪڻ	ٽڪڙو ساهه ڪٽڻ
مهريون، موراهيون	مهارون	ڏندن جو ماس
اصلي	اصيل	ڪچيءَ جو قسم
ارٽي	ائٽڙي	ڪپهه ڪاٽڻ جي چرخي
اباڪٽو	اپاٽڪو	اُداس
بوگو	گوبو	بوڊو
بادگير	بازيگر	منگهه (هوا جو)
پچي	چپي	نڪ يا اک جو لعاب
نڪمو	ڪمينو	بيڪار
باگڙ	بـَگڙو	قتل رنگ
نوش دارو	نوشادر	اچڙو (وڪر)
امروش	اَرموش	وڏي چمار وارو اُٺ
بادلي	بالدي	باڙدي
هيڪلو	اڪيلو	پنهنجي سر
چڪري	چيڪلي	قيراٽي
اهو سهو	اوي سوي	جيڪو تيڪو
تـِريچ	چِتر	ڪورَ
برٿ	بـَٿر	سوٽ، مضبوط
ورسيو	وسريو	پليو
باڏ	ڏاپ	شلوار مٿان ٻڌل گوڏ
چندي	تنجي	پيشانيءَ جو گهه
پيباهو	پابيهو	چاهو
ٻگهارو	پرگهل	وڏو ٻڙڪ يا سوراخ

ٻڏو	ڏٻو	پاڻي ۽ تيل وغيره جو ٿين
ٻيپي	پيٻي	ڇٽ، دلبو
چرٻ	ڇهبر	وڏو ڦٽ
گبري	ٻـگري	فقيرن جي جهولي
بغادر	بغدار	جوئراَ
بست و بند	بندوبست	پاڻيءَ جو ورهاڱو ڪرڻ
باڪره	بوراڪ	ڪنواري
چپاٽ	چماٽ، لپاٽ	ٿڦڙ، ٿڦ
پرهيو	پهرايو	ڪپڙن ڍڪيو پاتو
ڪچُ ڪچُ	چـُڪ چـُڪ	چيڙ ڪرڻ
ورڄي	وڄڙي	ڪنوڻ
بغچو	بڄڪو	ڪپڙي جو ڳوٽرو
ڪنبَ	ينگ	تاوان
تڪ	ڳت	ساهوارو
جناور	جانور	ڍور

جمع جا جمع لفظ:

جيتُ	جيتَ	جنتر
گهوڙو	گهوڙ	گهل
راڄ	راڄُ	مهاڄڻ
پکي	پکي	پکڻ، پکراڙو
نـِڪرُ	نـِڪرَ	نـِڪراتو
وڻُ	وڻ	وٽڪار
ڪندي	ڪـَنديون	ڪـَند
مينهن	مينهون	ميهاڳ
ڪاٺ	ڪاٺَ	ڪاٺوڙ
ڪوڪ	ڪوڪون	ڪوڪرات
ڳاتو	ڳاتا	ڳاٽَ

ڳيچُ	ڳيچَ	ڳاچ
مک	مکيون	مکراڙ
ڏِٻَ	ڏٻون	ڏٻوڙ
ڪِرڙُ	ڪِرڙَ	ڪرڙاٽ
ڪپڙو	ڪپڙا	ڪاپڙَ
وِڳو	وڳا	وسترَ
ويسُ	ويسَ	وڳاٽ
ڳنڌو	ڳنڌا	ٻار - ڏَن
ماپَ	ماپون	ماڻَ
گند ڪچرو	گند ڪچرا	ارُوڙَ
ڪوڙي	ڪوڙيون	ڪرو
جشنُ	جشنَ	جُڄَ
ڪيڙو	ڪيڙا	ڪيٽ
مياٽي	مياٽيون	ماجر
سپاهي	سپاهي	سپاهه
ڪنگھہ	ڪنگھون	ڪرٿو
ڏُهلُ	ڏُهلَ	دمامَ
ڳنڌهہ	ڳنڌهيون	ڳنڌهوڙ
ڇيٽو	ڇيٽا	ڇيڻ
ميڇي	ميڇيون	ميڇاڻ
ڪنُ	ڪُنَ	ڪينَ
جهرڪي	جهرڪيون	جهرڙ ۽ جهار
مليرُ	مليرَ	ملهارَ
ڀترُ	ڀترَ	ڀنجو
ڍينگھرُ	ڍينگھر	لوڙهو
ڀَنِ	ڀَنَ	ڀَنِ
ڪانُو	ڪانا	ڳنڌو
مڪڙي (ٻيڙي)	مڪڙيون	مَڏ

ٻنڊ (ڪڇ)	ٻنڊُون	ٻانڊو
ٻنڊاري	ٻنڊاري	ٻانڊاري
جنگي جهازُ	جنگي جهاز	آرماڙ
مڪڙُ	مڪڙَ	ماڪڙ
چينيو	چينيا	چانگَ
ملڪيت	ملڪيتون	املاڪ
اَنُ	اَنَ	اَناج
ڦُرِ	ڦُرون	ڦراڙ
ڦڙي	ڦڙيون	اوڙڪ
ڏاڙهي	ڏاڙهيون	ڏاڙهه
مٿلُ	مٿلَ	مڙهَ
ڏاتو	ڏاتو	ڏات
ڪدڙو	ڪدڙا	ڪدوُن
چورُ	چورَ	چور ڊڍي
ڪڪُ	ڪڪَ	ڪاڳر
ذاتُ	ذاتيون	راڄ
پالتو جانورُ	پالتو جانورَ	وهٽ
چوپايو مالُ	چوپايا مالَ	ڍور
اَڪُ	اڪَ	آڪارو
موڇڙو	موڇڙا	ڪَلا
گُندي ڪپڙو	گُندي ڪپڙا	لَٽا
هڏو	هڏا	هڏ گُڏ
جهنگ جو جانورُ	جهنگ جا جانورَ	مرون، راڱا
عام جانورُ	عام جانورَ	پسون
پاڙ	پاڙون	لاهه
ڪنڌو	ڪنڌا	اَرِ
ماڙي	ماڙيون	مَاڙ
ڏوهي	ڏوهي	ڏاهه

نارُ هرلو	نارَ هرلا	هَلَٽَ
ڪوڏي	ڪوڏيون	ڪَچُ
دڙي	دڙيون	دَڙ
ڪانگ	ڪانگ	ڪانگيرو
ٻارُ	ٻارَ	تيٻر
چيلو	چيلا	چانگ
ٻيلهپَ	ٻيلهپون	ماڙُ
ميرڪت	ميرڪُتون	چارو
ٿاهوُ	ٿاهو	ٿاڇا

ڏاتن جو ٻٽياد سنڌيءَ ۾

لفظ	ڏاتو	مطلب
ٻيانگڙي	ٻہ + آگري	ٻن آگرين جي وچ وارو خال
ڪرنڍ	ڪنڊ + رَنڊ	ٻن آگرين جي وچ ۾ خال واري ڪنڊ
ڪانڌيرو	ڪنڌن + ڊيرو	هڪڙو ننڍڙو ٻوٽو
پاٽيهاري	پاٽيءَ + هاري	پاٽي پريندڙ زال
وچويو	وچ + آيو	وچ وارو ماڻهو
مانائتو	مان + اَرتو	مانُ لهندڙ
مڪٽياتي	مڪڻ + ارتي	اهڙي ڳئون يا مينهن جنهن جي کير مان گهڻو مکڻ نڪري
اناڙي	اڻ + آريہ	اڻ سڌريل
اڳَٽ	آڳو + پٽ	سٿڻ، شلوار لاءِ ناڙو
اَرڏو	اڻ +ريڊو	نہ سرچندڙ
جوءِ	جاءِ +ويُ (فارسي)	چراگاهہ يا ملير، ملهار
گهنگهر	گهاءَ +گهر، گهانگو +گهر	ڏکي جاءِ
ڏقير	ڏون +قير	ٻن ۾ قيرو ايندڙ
واهوندو	واءُ +الهندو	برسات واريون هوائون

ميجاترو	مت +اَڇـهت وارو	يا متيڇرو
اڇا ترو	اڻ ڇـُهت وارو	بي ڇتيو
آگهارڻ، اوگهارڻ	اُگهي +آٽڻ	پاڻيءَ مان ڌوئي ڪيڻ
ڇاڇولڻ	ڇڇ +اولڻ	گهڻي پاڻيءَ مٿان تارڻ
آنرائڻ يا آڇارڻ	اَڇ + آٽڻ	پاڻي آنرائبو آهي
جوگير	جَـوَ +گير (فارسي)	گهوڙو گهڻا جَـوَ کائي مٿان پاڻي پيئندو، تہ ان کي جَـوَ گيـر جـو مـرض ٿينـدو. وڏي پيـٽ واري ماڻهوءَ کي بہ چون
سانتيڪو	سانت +هتيڪو	ماٺ ۾ رهندڙ، آرام ڪندڙ
ٽانئيڪو	ٽاڻ +هتيڪو	ڪنهن سولي هنڌ رهندڙ
ٽاڻ	اصل فارسي آستان	ٽاڻ، وٽاڻ، ٽان
ياڻ	يون +آڻ	پيٽين جو جمع ياڻ يا ياٽو
پيٽي	يون +آٽي	ٿوري جاءِ، جتي ماڻهو ٿورو وقت بيٺو يا ويٺو هجي
ڪٽنو	ڪنٺ +وٽو	ڳچيءَ ۾ وٽيل ڌورو پيل
وڏوڙو، واتوڙو	وات +وڙو	وات جو وڙ وڄائيندڙ، ڪاوڙيل
بيلڙو	بيلهہ + اڙو	ڳڏوڳڏ اُڙيل يا ٻئي + لَـهہ اڙيل
مهاڄڻ	مها + راڄن	وڏو راڄ هئڻ
پهاڄ	پوئين + هاڄ	هڃڻ ماڻ، مڙس جي ٻي زال
لنگهياري	لينگهن +واري	ڪيڙن ڦاتل
لوئياري	لوئي + واري	ڪتيءَ ڍڪيل
ڪـُنير	ڪني + ڪار	ڪنـي، ڳنـب معنـيٰ آلـي مٽـي. مٽيءَ جو ڪَم ڪندڙ
لوهر	لوهہ + آر	لوهہ جو ڪم ڪندڙ
ناگناهہ	ناگن + واهہ	هڪ واهہ جو نالو
ساجناهہ	ساجن + واهہ	ساجن جي نالي تي هڪ واهہ
ڌونگهي	ڌون + اَنگهي	بہ ٽڪر ٽيل

اوگهڙ، اُگهاڙ	اوگهہ + گهڙ	هرَ جي اوڳ وانگر پڌرو ڏسڻ ۾ اچڻ.
سُڪالو، سگهالو	سگهہ + اُولو	بيمار
اڳائو	اڳهين + ڄائو	زال يا مڙس جو اڳين اولاد. اڳ ڄائو
سڳائو	سب يا شپ + ڄائو	سنئين طريقي ڄاول
ٽڪڙ	ٽيو + اوڪڙ	ٽن پٽن مٿان ڏيءَ يا ٽن ڌيئن مٿان پٽ ڄمي ان کي بہ ٽڪڙ چئبو.
ٽياڪڙ	ٽيون + سڪر	امين، نبيرو ڪندڙ
نبيرو	نڌ + پيرو	آخرين فيصلو
سهاءِ ساهہ	سُون + ونهاڻ	شاديءَ ۾ ڏنل سين عضون جو سون
نٿڙت	نمڻ + ارٿ	جهڪڻ
اُڌڪو	اُڌ + اُلڪو	دپ، ڀوءُ
ڏوڳگري	ڏون + ڳرَ	ٻن حصن واري
ڪنگهر	ڪنگهہَ + ڪڙُ	گهاٽو مواد
ڪانگهارو	ڪنگهہَ + اوڪارو	گهاٽو لعاب اُڇلڻ
پئيند، پينديو، پينگهو	پا + بند (فارسي)	پير ٻڌڻ
پيڪڙو	پا + ڪڙو	پير جو ڪڙو
ڪرانڊي	ڪر + ننڊي	هڪڙو ڪرُ
زيرانڊي	زير + آنٽي	آنڊي جي هيٺان
ٻاٽيجو	پيڻ + جو	پيڻ جو پٽ
پيٽيويو	پيڻ + ونهايو	پيڻ جو مڙس
ماسات	ماسي + پٽ	ماسي جو پُٽ
ماروٽ	مامي + پٽ	مامي جو پُٽ
ڦقڙ	ڦقي + ور	ڦقي جو مڙس
ڪبو سڙو	خربوز + ڙو (فارسي)	گدرو
ڪنوسڙو	ڪن + نوشرو	ڪن ڏيندڙ، چغلي خور
ميسٽو	ماٺ + سياٽو	ماٺ ڪري ڳالهہ سمجهندڙ
مهراڻ	مهہ + آب روان (فارسي)	وڏو پاڻيءَ جو وهڪرو
مهراڻ	مها + آرڙڻ (پراڪرت)	گهڻو ريج ڪرائيندڙ

مهراڻ	مهاڙ + رڻ	منڍ غيرت بازيءَ جو
ڪانياٺي	ڪنب +آياٺي	پکين هڪلڻ لاءِ ڳوڙهن وارو نوڙ
چولو	چوُ +لهو	چٺن دامن وارو
گندي، ڪنڌي	ڪنڌ +اندي	پوتي، چُني، اوڍڻي وغيره
لخنالت	لڪ + لعنت	ڦٽڪار
پٽي	پيز + اٽي	پيرن جي مٽي سڪي
بيوت	پوُ + پوت	پوت جهڙو
ڪرڪسو	خرخسو (فارسي)	ڪڙيو جنهن مان ڪيسو نڪتل فارسيءَ ۾ ڪيسہ معنيٰ ڳوٿري
اڙٻنگ	اڙَ + اُبنگَ	اُبنگ جي آڌر تي بيپرواهہ
گڙنگ	ڪروڙ + انگ	ڪروڙ پتي
اڪيچار	اَ +ڳڻ +ويچار	ڳڻڻ ۽ ويچار ڪرڻ کان ٻاهر
ٻڙهڙا	بوڙيا + بوڙيا	گهڻو مينهن
ڪتارو	ڪٽ ڦٽ + وارو	ڪٽ ڦٽ وارو
ڪلتي	گري + اُلٽي	اردو گاڏي اونڌي ٿي ڪري
آواندو	آنهہ + بنڌو	بنڌو، بند، بنڌي ۽ بند فارسي مان نڪتل
ٻانهوڙي	ٻانهن + اوڙهي	آستين، ٻانهن ڍڪڻ وارو ڪپڙو
پاهوڙي	پا + آهوڙي	پيرن هينان مواد ڪيندڙ
چبي بج	چاپرو + بج	چپر يا جبل جو بنياد پيل
ننگ جون پاڙون	ننگ + پاڙٺو	ننگ پاڙٺو تہ دوزخ ۾ بہ
مُڪو	موڪليو	مخفف
پائٺيو	پاءَ + پيٺو	پاءَ جو پُٺُ
ڪوئنچرو	ڪوئنس + وارو	حرڪتي
ڪيڪرو	ڪوڪي + وارو	ڪوڪي وانگي آواز ڪندڙ. بيو ڪيڪڙو پاڻيءَ جو جانور، جو ڪوريئڙي جهڙو ٿيندو آهي.
ڪيسانو	ڪيسن + واهڻ	ڪيسن ناهڻ وارو ڳونڙو

جاڙوڪار	جاڙ + ڪوڙ	گهٽي تڪليف
اوڪڙ، اوڪڙو	اوڪو ويهڪو	پٻن تي ويٺل
تاجي	تند + اُٽي	ڏاڱن جون تندون ڏيگهه ۾ اٽيل
پيٽو	پيٺ + برو	ڏاڱن جون تندون ويڪر ۾ اٽيل
بيٺارو	بيٺ + آرو	بيٺ وارو
پيٺارو	پيٺ + آرو	پيٺ وارو
ڦوسيارو	ڦوهه + سيارو	سياري جو وچ يا اوج
نڌٽڪو	نه + ڌٽيءَ ڪو	جنهن جو ڌٽي نه هجي
غيباٽو	غيب + هاٽو	غيبن هنيل
ڌنار	ڌڻ + وآر	ڌڻ چاريندڙ
ڌراڙ	ڌڻ + ڌار	ڌڻ ڌاريندڙ، مالڪ
ڪنڌار	ڪنڌ + آر	ڪنڌ نه ڦيري سگهندڙ، ٽلهي ڪنڌ وارو
ڳاٽ	ڳچاٽ	ڳچي
نرچو	نر + لڄو	بي لڄو، بي غيرت
اوپٽو	اوپرو + پٽ	ڌاريو
پُٺُو	پٺ + نيو	ها ۾ ها ملائيندڙ
ڪُهائي	ڪچي + ويائي	ڪچو ويم، سقاط حمل
آرياٽي، علياٽي	عليءَ + وياءُ	سسئي جو لقب
منهيند، مهاندو	مُنهن + آندو	شڪل، خاڪو، ڳنڍيل ڏنل ڏورو
چرٽي	چڙهٽي	غلط استعمال - ڏاڪڻ
چرٽو	چوڙو + پاٽٺون	ويڪرو
ٻياني، ٻيانگهي	ٻه + انگهي	ٻن شاخن واري ٻياني
تيڪيو	تختو	غلط استعمال: تيڪيي جي پٽ، صحيح: تختي جي پٽ
اُبداٽو	ابت + دَهانو	اونڌو سوراخ، ڪانچ جو
چيٽوني	چوٺڪ + اڳني	ابداٽي جا ٻه چوٺڪ جتان اڳٺ وجهڻ جو گس آهي

ڪاني	ڪان مان + ڪاني	يعني ڪاني ڪرامت
ڀانيڙا	ڀيٻ + ريڙها	ٻار گوڏن ڀر هلندو آهي
ڳوترو، ڪوترو	ڪؤن + تيلهو	ٻيڙي ڪؤن وارو تيلهو
تيلهو	ٿهن، تهن + وارو	جنهن ۾ ڪي وٿون تهہ ڪري رکجن
وڳيچٽي، اڳيچٽي	وڳي + اوچٽي	وڳا وڙهيل
ڀرمار	ڀري هڻ + ۽ مار	جامڪي بندوق جي ڏڪ لاءِ اهو لفظ نهيو، پر سچ پچ تہ ڪارتوس واري بندوق لاءِ هٿڻ ڪپندو هو.
رولاڪ	رولو + آڪ	بيگانو - ڏاريو - اڻ سونهون
ڏوڪڙ	ڏي وٺ + وکر	وکر لاءِ ڪم ايندڙ ذريعو
ڳانپ، ٻانپ	ڳٺون + رنپ	هن ڪي مر بہ چون - خوفائتي عورت
ڀيبانڪ	ڀوءُ + آٽڪ	دٻ ڏيندڙ
ڀوڳ	ڀوڄن مان ورتل	جهر ٻهر
نـڳيو	نڱَ	نڪتو، نڪريو
چسو	چيهہ + سوڌو	ڪنهن بيوقوف لاءِ چون
اُٽڙڻ	اُٽ + ٽڙڻ	ڪتل شيءِ ڪي لوڏي ٻاهر ڪڍڻ
ٽيٽ	ٽيڏي + ڏيٺ	ٽيڏي اِک سان ڏسڻ
سَمڪ	سمعڪ	عربي لکڻ ۾ غلط رائج آهي
ٽُڄ	ٽڻ + مڄ	ٻالڪ لاءِ ماءُ جو ڪير
چرڄو	آچريہ + اشچرجيہ	عجيب چاڻ
اوسـاڪيون،	اوس + پڪيون	ڪجين ۽ انبڙين لاءِ چون
شـ'خون وڻ جـون	اُس + سڪيون	
ننڌيون - ننـڌيون		
ٽاريون		
آڌوڪو	اڌ + آلو سڪو	ڪپڙو اڌوگابرو سُڪل يا الا
آنڪو	آلو + سڪو	ڪچو مٿيءَ جو نانءُ
اونگهي	اڻ + گيهي	بنا سٽيپ جي

ڪنڏاٽ	ڪنڏ + ڪاٽ	نار يا هرلي ۾ وهڻ جي ڪنڏ تي رکن
ڪنواڻي	ڪلهي + ڪاڻي	هن ۾ دٻا يا دلي ٻڌي پاڻي ڀرين
انگڙو، آنڪڙو	انگ + اڙو	بارداني تي نشان ڪن
مينهوڳي	مينهن + مارڳي	گهڻو وقت مينهن جو پاڻي هلي
اُياڪرو	اُيي + ڪوڙيو	ڪا شيءِ اُيي ڪري ڪوڙڻ
ٻوپر	پونءِ + پر	سنهي داڻ
نندڪرو	نند + اکين وارو	ننڊيا اچڻ واري حالت ۾
ڪانڌيپو	ڪانڌي + ايلپو	ڪانڌين جي خدمت چاڪري
سيڻپو	سيڻ + ايلپو	ڪنوار جي مائٽن جي خدمت
الاٿهار	الله + تو + آهر	الله تنهنجي مدد
ڪونڌر	ڪنول + نڌر	نهٽو - ڦوهه جوان
ڪونڌ	ڪنڌ + نوڌ	سر تلوار سان ڪٽيل
ٻاٻيس	ٻابا + بس	ٻار ڪي چئبو آهي بابا بس، پٽ (پيار) بس، ماٺ ڪر
آڏڙي، اڙي	آڏ + اڙ	ڦڙتي
ڏارو	ڪيڏارو	معنيٰ مقابلو: وانجهيءَ راند ۾ هاري پاڻ ۾ ڏارو يعني هٿ هٿ تي هڻي راند شروع ڪندا آهن، جنهن جو اصل ڪيڏارو آهي - مخفف
وينگس	ورن + گل + ويس	سهڻن ڪپڙن واري سهڻي زال
ونهي، ورني	ورَ + وَنهائي	ڪنوار
وانگوڙو	وارن + وَنگ + اڙو	زالون وار ويڙهي ڪياڙيءَ مٿان وڪڙ ڏئي ٻڌن
ملاڪڙو	ملهه + آکاڙو	ملهه جو ميدان
جيجل	جيئي + جال	سدا جيئري هجي!
آڳيني	آڳ + ٻني	مٽيءَ جو چلهو ٻاهه لاءِ تيار ڪيل
ٻنارو	ٻٺ + آرو	سرن جي ٻني وارو
ٻوڇٽي	پرت + ڇني	پرت پريل گنڍي

لاوڻي	لاهه + اوڏڻي	ڏڪيندڙ
آڪر	آلو + ڪير	تازو ڪير هفتو ڪن وياڻل مال جو
اُپبيڻو	اُپ + بيڻو	نميل يا رڪوع وانگر
اُٿو	اُپَ + پنو	بـَول متي ڪنيل يا پٺا نميل
لانگوٽو	لانگ + اوٽ	ننڍي گوڏ
ڪڇوٽي، ڪڇو	ڪانچ + اوٽ	ڪڇو
سٿڻ	سوڏ + آسڻ	ويهڻ ۾ سولي
بــــــچانگي، بسانگي، بڦانگي	ٻه + شاخي	ٻن شاخن واري
مانيٽو	ماٺ + ويهٽو	چپ ڪري ويهندڙ
ويڳاٽي	ويراڳ + هاٽي	اڪيلي يا پريشان
ڳٽتي	ڳڻ + ارتي	ڪتڪو
ڏولاٿو	ڏوهه + لاهو	آواز ڏوهه جو – اوڪو پنڌ
ڪرلاٿو	ڪرهَه + لاهو	گوڙ شور جنگ جو
ڏرت	ڏوهه + رهت	ڏڪار
ڏينارو	ڏيک + وَت + وارو	ڏيٺ ويٺ وارو
هرتـُڙيو	هري + اُتڙيو	پنهنجي مرضي وارو
اُبهرو	اُڦت + باهرو	جلو باز
اُتاولو	اُتاهه + اَولو	ڪاوڙيل، اُبهرو
آترويلا	آتر +ويل	وهٽ، آترن رکڻ مهل بدڪندو آهي
اَبالو	اڻ + بل	بي وس، بي سگهو
تترانا	تتريءَ + آنا	پکي آنا آکيرن ۾ لاهين. پر تتر پکيءَ جي مادي آنا زمين جي ڏر ۾ لاهي
ڳنپير، ڪنـپ، گنب، ڳنپ	ڳنپ + پير	مٽي جو مادو رکندڙ. وڏي گردي وارو
پاڍڻ	پا + بـَڌڻ	وهٽ جو هڪ پير ڍگهي رسي سان ٻڌڻ ڪري گهمندو ۽ چرندو پيو آهي

ڦڪڙي	ڦيڪاري	لومڙي
سگيٽو	سگ + وهيٽو	سگ ڏيندڙ
ڏاوڻ	ڏانءِ + اُٽڻ	جانورن جا پير ٻڌڻ
پاڊيٺو. پاڏهون	پٺ + ڏانهن	پٺيرو. پٺيءَ پر
ڪرڙوڊ	ڪُراڙو + اڏ	پڪي عمر جو. هٺيل
جُهونجهار	سونجهه + جهار	عقل جا سلامي
ممڻ مچڻ	معاملو مچڻ	مخفف
پنيٺ	پونءِ + اُپ + تڪ	باھ جا وڏا شعلا
ٻُري	ٻوٻ + اُيري	پري جو آواز
اُسڙڪ	اُس + ساڙڪ	انتظار
نڪٽ	نڪشٽر	مخفف
لوساٺ	لوءَ + اُساٺ	سخت گرمي جو اثر
ڪُڏائي	ڪُڏ + انڏائي	خراب عمل
هٻڪ. هٽڪ	هاٻو + اٽڪ	آواز جي روڪ
نِيٺو	نہ + هٺو	وڏائي کان سواءِ
نپٺو	نہ + پٺو	اولاد کان سواءِ
پنچاتي	پنج + پاتي	راڄ وارو. راڄوٽي
آسرپوٽيون	ايشور + پوتيون	اشلوڪ. مقدس ستون
اوسيڙهو	اوچتي + سيڙهپ	انتظار
مَڪَڻُ	متن (لفظ بدليل)	لائڻ. لڳائڻ
ٻوٽاڙو	ٻوٽ + اڙو	جانورن کي کائڻ کان روڪڻ منهن جو ٻڌڻ
اُهنڊ	اڻ + مهينڊ	ڇڙواڳ
ورلاپ	ور + آلاءِ + آپ	مڙس لاءِ جذبات
ڪاڄر	ڪانهہ + جر	پاڻيءَ تي ڪانهن جا ٻوڙا
ڇُوڇڙي	شوشو + سڙي	باروت جي هوائي
ڪَڙيو	ڪرَ + وُڙهو	واٽر ڪورس
پاڻياٺ	پاڻي + آٺ يا آڇ	پاڻيءَ جي روءِ تي

ڏڙڪي	ڏوڙ + دڪي	واهه جو بند
ڏَڙڪي	ڏَرن + ڏڪي	ڏڪٽي
رَقٽي	رعبَ + بدني	ڏڪٽي
نُهن	نئين + وَهو	ڪنوار
ڪُڇائو	ڪڇو + ڇائو	ڪڇو قُر
نهوڙيو	نهر + هڙيو	ٻوڙيو
نسنگ	نئي + سانگ	نيزي جي چوٽيءَ تي
ڪنجوس	ڪانا + چوس	بخيل
مرچوٺ	مر + چونڊ	ڪنجوس
آچر	آڏت + وار	سج جو ڏينهن
ٻگهني	ٻهه + گني	گهٽن گٽن واري
ڪنگڙ	ڪولابو	چوڙو
انوچر	ان + اوچر	گهٽا
ٻانهوٽا	ٻانهه + پٽا	زيور
ٻاپڙي	ٻابڙي	نينگري ڪي پيار جو سڏ
ڪيڪڙاٽ	ڪوڪرات	اوتاڙون
سانگهيڙا	سانگ + ووڙيا	مسافري ڪندڙ
سنگهار	سانگ + گهار	مسافريءَ ۾ رهندڙ
ڏِنگ	ديهه + دنگ	ديهن جو مالڪ وڏو زميندار
ٻگيور	ٻَگيَ + پور	معصوم
ڪچو	ڪچ + لچ	بي پرهيز
ڪرتوت	ڪاريه + اتيت	ڪم
گهپي	گهاءُ + پيهه	ڪروڏ. ڪُرڪُر
ڪانٽر	ڪانءَ + اُور	ڪانءَ وانگر پچندڙ
ڪارائو	ڪاريه + واهو	سنياليندڙ
پنيوري	”پون پون“ (آواز) + پري	جيت (پاڻيءَ جي موسم وارو)
ڪانجاٽو	خانچه + خانو	فارسي
ڪچهرا. ڪچهري	ڪي + چهرا	چار صورتون

ڏنير، ڏنير	ڏچر + چرير	وڏو گوڙ، ونير، ڪارو
پيچ يني	پون + پوچ + يني	ماڪ مهل
مهانچڙو	منهن + ڪچڙو	شرميلو يا لڄاڙو
نويسرا	نوا + فيصلا	تڪرار نبيرڻ
نئين سڪي	نين + سوڪيم	نفيس ڏوتل
بار ڪي	بانهن + رڪيا	بانهن جو تائيٺ - زيور
ارڪٽي	هرڪ + وٽي	جنهن جو هر ناز وٺندڙ هجي
ڏاڪو	ڏاچو + پڪو	حڪومت، جهنبو بلند ڏاچ معنيٰ جهنبو
اڪيچار	اٽڳڻ + آچار	گهٽا
جاننو	جنگهه + گانو	مضبوط - طاقتور
پينگهه، پينگهو	پون + اينگهه	لوڏڻ لاءِ
ڦـندو	پا + بند	بدليل لفظ
چاپئن، چاپـُهين	چاپ + مينهن	منهن تي چاپيل ڏاڙهي
ٻـُچو، ٻچي	بوٽ + لچو	مهاڙي
تيڪڻ، ڊيڪڻ	ڊوڙڻ	پـِچ ڊُڪ ڪرڻ
ڪنوٽي	ڪن + وٽ	ڪن جي وٽ
ڪـنار	ڪنڌي + مانار	هموارڪنارو
نٿ	نڪَ + وٽ	نڪ وارو زيور
بولو	بينيءَ + وارو	نڪ وارو زيور
والو	ورن + وارو	ڪن وارو زيور
پينتل	پاٽيءَ + پيتل	سيلاب واري زمين
ڪينڪار	ڪينءَ + سهڪار	خوش خير عافيت
ڪنمال	ڪنٺ + مالهه	ڳچيءَ جو زيور
پوئنچي	پوتل + لچي	ڪرائي جو زيور
قيڏرو	قتل + ڏوئرو	ڏڌ ۾ ڪير ملايل
ڪٽريو، ڪٽنيو	ڪنٺ + بوليو	گهٽ وڌ ڳالهايو
مڪياري	مڪ + نياري	ٻئي جي پروسي
ماپيرو	ماهه + پهريون	مهيني ۾ پهريون ڏينهن جيڪو سهائي ۾ اچي

ڪسارو	ڪس + وارو	ڪوڙو، اڻ وڻندڙ
بنئسر	بينيءَ + سر	نڪ جو زيور
ڪنوار	ڪونئر	سهڻي عورت
سائين	سامي	وڏو، مربي
گهوٽ	گهوٽڪ	گهوڙيسواري
منگهٽ	مک + گهاٽ	منهن جو سينگار
ڏيساور	ديس + اور	پرديس
ڪتر	ڪيتي + وار	ڪيتي وارو
پريات	پرپ + رات	رات جو پويون پهر
ڪتراڳ	ڪيتو + روڳ	جهڳڙالو
نيت	نيٽن + پريت	هيناهين
نستونگ	نئي + ستت + دنگ	سربستي
سُوڪ	سوگ	معنيٰ ڏک
سنگتي	سنگ + پاتي	همراهه
نـگهوسار	ننگهه + انوسار	چلبجي وجڻ
سگهرو	ساڻ + گهر	زال سميت
سانگهارا	سنوان + گهارا	پاڻي جي لاٽ ڪائجي
ڪچونبر	ڪچو + بصر	بصر وغيره جي ڪترجيڪا ڪچي
سوگ	سُونگهه	ڏک، ماتم، غم
نماڻي	نہ + ماني	بي ماني
شاباس (فارسي)	شاد + باش	خوش رهڻ
بيرينگ	پنيور + پينگ	ويراني يا تباهي
اڳنڊ	اڳيون + هنڊ	اڱڻ ميدان
اُڏما	اوڏ + ڏما	ڏما - صدما
ڏهڪاءُ	ڏڪڻي + نڪاءُ	خوف - حراس دهشت
ڏابو	داڻو + آبو	ڇپو ڇورو ڪرڻ لاءِ ترسڻ
هنبوڇي ڇي	هم + بادشاهہ + ڇہ ڇہ	بلوچي لفظ خوشي لاءِ مطلب ڇا، اسين بادشاهہ آهيون.

بوُسٽ	بـهـَ سٽَ	بهہ سٽي رڪجي
آسودو	آس + وندو	سڪيو - خوشحال
ورتاءُ	واردات + واءُ	رويو يا هلت
ڍنگ، ڍونگ	دوڪي + رنگ	دغا بازي
اُباٽڪو	اُيو + روئڻ هارڪو	اُداس پريشان
اهمائي	اهم + وائي	ضروري ڳالهہ
چانئٺ	چوُنڪ + هيٺ	در جي چوُ جانئي جو هيٺيون پاسو
ڏول	ڏڪ + هول	ڏڪيائي
ٿنبي	ٿانءِ + ٿوپ	ٿل
آهٽ	آواز + رهنديا رهٽ	هلڪو آواز يا ڪڙڪو پير جو
آتت	آواز + اُستت	همتائڻ
واڇوڙو	واڇ + واسوڙو	ڦيرٽي
ٺانئو	ٺوڪيل + ڪانو	ڪاٺ ڳڙهہ
ڇامڙو	ڇم + بندرو	قد جو ننڍڙو عمر جو وڏو
جاڙا	جوڙو	بدليل لفظ، ٻـٽو
ٻيبليو، ٻنيليو	ياڻ + يليو	پنهنجي جاءِ تان هٽيل
اَپسرا، اپڇرا	اُپ + ڪسرا	ٻنان عيب
اُڇراند	اُوچي + پد	وڏي شان واري
ٻاگهي	ٻانڪي	بدليل لفظ معنيٰ بهادر
سُـوڪي	سونگي	بدليل لفظ معنيٰ دَٻلي
مورڇا	مورڪ + اڇا	بي بوشي
ڏنڏا گير	دانہ دانہ + گير	فارسي ۾ - حاصل ڪندڙ
ينيئي	يون + يانئي	اٺهي زميـن ۾ ڪتـل فقيـرن جـي ڪـُنڌري
اوباسي	اوبگر + باٽ + واتي	تڪاوٽ
هرڪي	هرڪي	هرڪي پوڻ
پـرُ	پاڪ + ڪـپـرَ	اولياءَ تي چادر چاڙهڻ
هـُڏي، هوڏي	هٺَ + اوڏي	شين جا مٺا ستا

پڙلاءِ	پهاڙ + الاءِ	آواز جي جبل مان موٽ
پڙاڏو	پڙ + اڏيو	نار يا هرلي جي کوٽيل کڏ
اوٻر	اُپ + ٻرو	جوش گرمي
واتوٽي	وات + واٽي	زباني چوڻ
ڇٽ، ڇٽي	ڇهه + راتي	ٻار جي ڄمڻ جي ڇهين رات ۽ ان سنوڻ
اويلو	اڻ + ويل	کهلو
اڏوڏائي، اهڏ	(رعبي) اهل وداعي! آڏ	وڏائي جو ڏنگ
وڏائي	وڏائي	تڪبر غرور
ويڄ	واڇڪ + ويد	حڪيم
گيگ	گگ + وهڪ	گهٽو يا اجايو ڳالهائڻ
ڊيڪ، ڊينگ	ڊاؤ + ڇـُڪَ	ٻي جا ڳالهائڻ
البيلو	ال معنيٰ بي + بال معنيٰ حال	بيپرواهه
موڪيا	مُنهن + پرڪيا	قبوليل
مُڪي	منهن + پرڪي	مُک منهن رکندڙ
ڪاراٽجي	ڪارو + اپاٽجي	نراس ٿيڻ
ڏچو	ڏوهه + ڏاميڄ	تڪليف ۾ اچڻ
پينگ	پونءِ + اينگهه	تباهي
ڦڪرو	ڦڪَ + آڪرو	ڦڪڻ هٽڻ جهڙو
تاڪ	تڪيءَ - اڪ	چالاڪ - حرفتي
ترائي	تر + واهي	هيناهين
ترڪ تال	تيرڪ + تال	تالن تي ترندڙ
ترناڪ	تـُوَر + آنا + آٽاڪ	وڏو چوزو
تلهڙ	ٽاري + هريه	سائي ٽاري سوئيل
توڏڄڻ	تون + وڏو، تون وڏو	هڪٻئي کي چوڻ، اُلرون ڪرڻ
اُلر، اولار	اُلارڻ + اول + لهر (لهرائڻ)	هوا ۾ آٽڻ

تک، تگ	ترت + ڳيھڻ	هضم ڪرڻ
تاڏارڻ، تترائڻ	تڏ + ڏارڻ	تڏو ڪرڻ
تاڏارڻ	تڏو + اُڏارڻ	بنياد ڪيڻ
ٿمُ	ٿانءِ + منجھ	ڳجهي جاءِ يا محفوظ جاءِ
ٿاپرو	ٿاپ ٿاپ + وارو	روز يا پيڙون ڏيندڙ
ٿارو	ٿرڻ + وارو	ٿرڻ جو وارو
ٿاڪوڙا	ٿا ٿا + ڪوڙا	ڇھبڪن جو وارو وار
ٽسينگ	ٽيڙي + نسنگ	مِغروري، وڏاءُ
ٽيگر	ٽيڙي + ءِ مگر	اجائي آڪڙ، ڦونڊ، سيٺ
ٽنبي	ٽڏو + ڏنبي	تمام ٽڏو، يخ
ڀاڇاٽو	ڀاڇي + ڇاٽو	پويون - ڀڇاڙي وارو
لبو	لعابو (عربي)	ڳِگِر
ڀبو، ڪبو	ڪاڏي + لِبو	جنھن جا ڏند نہ هجن
پٽاڙ	پٽو + ناڙ	اڳٽ
پَچند	پوئين + چنڊ	هلڪي چيٽ، ڏُهل جي هڪ وڄت
ڀاڇانـدي، پچندي	ڀاڇا + آندي	ڇانوَ يا ڀاڇي واري آندي
پسوري	پسرَ + پري	پڌري ڪرڻ، اصليت ظاهر ڪرڻ
پئون ست	پھرين شرط	بدليل لفظ ڊارو اُجلڻ وقت چون
پوڇاڙي	پوءِ + ڏيھاڙي	پويون پھر
پوٽيني	پھرين + پٽيني	پھرين ٻار واري عورت
ڪانباري	ڪانپ + آري	ڪانپي واري، ڪانپ ٻڌل
هُـرڻ	هردو + اولڻ	دل ۾ ڳولڻ
هيٺ	هيءُ + وٺ	ڪنهن کي پوندو ڏيڻ مهل چون
ڦاڙي ڦاڇڪو	ڦاڙهيءَ + پٺان + چڪن	شڪن (شڪاري پٽ)
ڦسو	ڦاسڻ + وسو	بي زور - هيٺو - ڦيڦو
ڦَڪَڙ	ڦوهه + آڪڙ	فضول خرچ - ڪٽل - هٿ ڦار

قيت، قوت	قت + وت	لعنت ڪرڻ
جُهنڊ	جُبي + گُهنڊ	نئين چاول ٻار جاپھريان وار
جهنڊولو	جِهنڊ + وارو	اهو ٻار جنهن جا پھريان وار ڪٽيل نہ هجن
ڇانپ ڪُڏو	ڇان + اُس + ڪڏڻ	راند ٻارن جي
چُٽر	چيڙ + وستر	ٽوڪ ڪرڻ
چُوٽا، چُوٽڙ، چٽڙ	چل + اُتڙ	ٽڪرو، ٻرگهل
چوپا	چوپيل + واتا	رس نڪتل ڪانا
چسي	چاهہ + هنسي	هٿ ملائڻ
چِندا، چنتا	چِت + وارتا	ڳُٽي الڪو - اُجڪو
چونڊڙي، چوڪ، چونگ	چوڪ، چونگ	چُگهہ انگڙي، چونگ چهڪ
چِلهر	چلهيل + اهوڙيل	اڌوري ڪٽيل
چِمرڪو	چمڙي + پٽڪو	چمڙي پٽڻ
اوڳرائي	اوڪ + ورائي	واتان ڳٺس خارج ٿيڻ
ڇيڙپ، ڇاڙپ	ڇڙَ + دپ	ڪاوڙ مان تنبيهہ - دڙڪو - تڙي
چانگرا	چاهہَ + انگلا	ماٺا - انگل - نخرا
چيڪ، چيڳ	چوڙيل + وڳ	آزاد چڙواڳ (جانور)
چيگرو	چيڙ + اڳرو	گدلو - ميرو چولو
داٻڙو	داٻ + اڙو	تختو، ڦرهو (ڪپڙن ڌوئڻ وارو)
مهاڏو	منهن + آڏو	مهاڏو اٽڪائي ٻيهي رهڻ
شرنائي	شور + شرن + وائي	وڄائڻ جو سازينو
داڙوُ	داد + وڙُ	شفاعت ڪندڙ
دٻڙاٽڻ	دٻي + اوراٽڻ	تڙي ڏيڻ
دَتِ	ديهہَ + موت	چپ، مکس، مات ڪري پئجي رهڻ

دوڳ	(فارسي) دوغ	گوشت جو وڏو ٽڪرو، ڪاٺ جو ٽڪرو، اٽ جو چميل ڪيس ڏِونئري جو ڍڳ
ڏانڌل	ڏنڌي + رڌل	اجايو بحث ڪرڻ، تڪرار ڪرڻ
ڏتارڻ	ڏت + آٽڻ	نشي ۾ آڻڻ
ڏڳڻ	ڏوٽي + آڳ ڏيڻ	باهه ٻارڻ، باهه ڏيڻ
ڏڳّ	ڏوڻ + لڳ	سڊول بدن
ڏُوڙيو	ڏوڙ + وايو	مٽي جو وسڪارو، جهڪ، وسڪارو موچڙن جو، ڏيڏيءَ جو بند
ڏاپ	ڏيڏي + داپ	
ڏڪو	ڏند + اڪ	ڏيڪارڻ
ڊُوڪڻ، ڏوڪڻ، ڏوگهڻ	ڊوءَ + اگهڻ	پيئڻ جو پاٽي
ڊُوسڻ	دسڻ + قُسڻ	زور سان اندر وجهڻ، قُسڻ
ڏوراڇو	ڏور + آسو	پري کان آسري وند
ڏينارو	ڏيک + اُنارو	ڏٺل، سڃاتل، سڃاڻپ وارو
ڏؤُت	ڊوءَ + قوت	ڍائو
ڏوهاسو	ڏوهه + ٻاس	الزام
ڊاڊ	ڊڊ + واڌ	عاشورن ۾ وڇت
ڊوهي	دهائي	مڪار
ڊينب	دم + دنبہ (فارسي)	گهيٽي جي پڇ جي ماچ
ڊبي	ڊرَ + دابي	پڪين ڦاسائڻ واري ڄاري
ڊينگلو	ڊيگهه + ونگڙو	نار جو پڇرو
رونگ	رهت + چنگ، چونگي	سوائي
رونٽڙو	رخ + اونڌڙو	غلط رُخ
زنبر، جنبر، گنبر	گپ + جندر	مٽيءَ جو پنوڙو ماڳ جو نالو، جنبوٽو

گهوڙا ٻاڙي	گهوڙا + ٻهراڙي	گهوڙن واري جوءِ/هڪ علائقو
ڏڙڪو	ڏڙ + ڪڙڪو	ڏهمان
انسنو	آشتيه + سرشتو	ويچار، انديشو، انومان
سَماڙو	سنئون + موڙو	مرض، مال جو
سُنوالو	سوائي + وارو	وڏڪ وارو
ڪَت	ڪتن + چڪ وات	ڪتن جي لڱ جي مُند
ڪَٿ	ڪنٿ	ميڙاڪو
ڪـــــنجهه، ڳانجهه	ڳار + منجهه	ڳاراٽو
ڪَڏر	ڪانا + ڏڏر	ڪچر، ڪچرو
ڪَٽس	ڪاڻ + سَهه	بخار، تپش
ڪوئرو	ڪومل ڪوئنر + او	سهڻ جهڙو بخار، عضون لاءِ استعمال ٿيندڙ نرم ۽ نازڪ
ڪات	ڪوٽيل + قاٽ	پيچي رستو ناهڻ
ڪاٽائو	ڪٽي + ڪائو	ڪمائيندڙ، لٽيندڙ
ڪامو	ڪوٽيل + لامون	ڪوٽيل زمين جو ٽڪرو
ڪٽڪ	ڪڙڪ + اٽڪ	انديشو
ڪُڪڻ، ڪُڪڻ	ڪڪ + آسڻ	دل سان لڳڻ
ڪڳي	ڪاڏي + وڳي	هڪ قسم جو ناچ
ڪڙاهه	ڪڙي + راهه	لنگهه کي بند ڪرڻ وارو ڍنگهر
ڪوبلو	کوءِ + برو	وچ ڪٽو، ڳاٽو
ڳيت	ڳپت + ميٺ	ڳادي، ڳاديلو
ڳدي	ڳيان + ورڏي	
ڳوئنچاني	ڪانئچ	شلوار
ڳانٽي، ڳاٽي	ڳاٽ + اوٽي	مٽي ڪنڌ
ڳٽ	ڳچي + گهٽ	طوق
ڳهيلو	ڳهڻ + وارو	بيوقوف
ڏاقڻ	ٽاقڻ	اجائي بڪ

ڳُنڍڻ	ڳنڍ + اوڍڻ	تورو تورو ڪري وڍائڻ
ڳوڏو	ڳئون + اوڏ	ڳابو يا وهڙو
اڳانڌو	اڳ + مهندو	اڳ وارو
اڳانجهو	اڳ + اَجهو	اڳاتو
نِڌوري	نندا + واري	نياڳي
ڪيبائڻ	ڪؤ + يانئڻ	نٽائڻ
تيسو	تؤنس + اُتسو	جوش جو ڏيڪاءُ
پٽڪو	پٽو + وَٽڪو	ڦينٽو
ٻاٽ	ٻهون + آٽ	اونداهي
گهاڙو	گهڙيل + وَهو	رستو
گهبير	گهٽي + ٻل + ٻير	ڪٺ مست مرد
گهوٻاٽو	گهٻيل + ٻاٽو	اهڙي ڪاٺي جنهن ڪي مٽو هجي
ڪانچو، گهانچو	گهاءُ + خانچو	رستي ۾ ڪڏو
لاٻڙ چٽو	لاپ + ٻڙ + چٽو	رڳو فائدو ڳوليندڙ
	ولاسو، ٻلاسو، ٻُونگلاسو ٻونگر + ڏيسو	دودن سومرن وارو ملڪ
ميراسي	مير + رَس	رس رهاڻ جو ملوڪ سريلو
لالنگهرو	لوءِ + لنگهه + گهر	گهر گهر لنگهندڙ
لنگوتاڙو	لنگ + اتارو	اُگهاڙو
لنڊي	رنڊي	بدڪار عورت
ماترائڻ	ماٺ + ڪرائڻ	چپ ڪرائڻ
ماجي	ماءُ مائٽ + اُهجاٽي	ماءُ جا عزيز
ماهيڙ	ماهو + ميڙ	مينهن وارو
مٽير	مٽو + ڦير	مٽي ڦريل، دلير
مچو	منهن + چُليو	وڏين مُڇن وارو
مسڪٽو	ماٺ + سڪٽو	مُرڪٽو
مَناڙڻ	منٺين + ناڙڻ	ناڙڻ + ونڻ، ٻڌڻ

مدو اٽڪائڻ	منهن + آڏو	اٽڪائڻ
مُنڍو	منڍ، + مڏ + پنڊو	منجهيو
مواڙ	متو + واڙ	بيٺل وهٽ چرنڊڙ
مؤاسجڻ	مئو + واسجڻ	
موٿو	مئل + لوٿو	
مولهاٿو	مالهہ + پٺڪو	متي کي ڪپڙا پڌڻ
مُهاڳ	منهن + اڳ	اڳ وارو
نوس نوس	نڪ + سونس	ڪتي جو سگهندو هلڻ
	نڪ + سونجهہ	
نياتي	نروار + ياتي	برادري وارو
نيساســـــو، نيساڪو	نئڻ + ساهہ + سوگهو	دم جدا يا ساهہ نڪرڻ
واترارو	وات + ارڏ	وات جي زور تي هلندڙ
وائڪائي	واءُ + سوڪائي	وائڪو، ڪليول، هوادار
وڏاندرو	وڏ + اندرو	وڏيءَ دل وارو
ورندي	ول + آونديءَ	جواب
وستو	ويرم + سستو	ڪاهل
وقل	وات + وقل	بڪ بڪيو
هَڏڪ	هانءَ + هڏڪ	ڳمي ڳمي آواز اچڻ
هَلَٽ	هرياهل + هرٽ	مال متاع وارو
هوانو	هو + آٽو	افواهہ، ڳالهہ جو پکڙجڻ
جنبوٽو	جنب + موٽو	ڪڙو
چينب	چندا + لنبَ	دب
ميسارڻ	ميٺي + آچارڻ	متائڻ
ميهاڳ	مينهن + وڳ	مينهن جو ولر
ڏاج	ڌرتي + راج	علائقي جو مالڪ
ڏهيسر	ڏهہ + سرَ	ڏهن متن وارو
آهت، آهت	آئي ويل + اوکت	ڏکيي وقت ڪم اچڻ

اُباهي	اُپ + ساهي	اُباسي
اُبڏي	اُبتي + رڏي	هيءَ کپي وري چئي هيءُ نہ کپي هو کپي
اَتور	اڻ + تور	جنهن جو وزن معلوم ڪري نہ سگهجي
مهمير	مهم + امير	اجان پرهہ جي چٽاڻ نہ هجي
اَنور	اُٽڪ + تور	جنهن کي توري نہ سگهجي
اپراسو	اُپت + پراپتو	فائدو
اُڌو	اُڌَ + ڌاءُ	دل ۾ خوف پيدا ٿيڻ
آڍڻ	آنت + سانڍڻ	مالش ڪرڻ
آسا بند	آس + اُميد	اميد وارو
اُڊڪو	اُلڪو	ڳڻتي
ڏوٺ	ڏوهہ + هٺ	سنگدل، بي رحم
آلوڙي	آلو (ڪير) + ولوڙي	ويائل مال جو کير ڏيندڙ هجي
اُميري	اُمٺ + ڍري	هٿ جي چپٽيءَ واري ڏنل ڳنڍ
اُهمون	اُود + منهون	جنهن جو منهن ڪارو ٿي وڃي
اُلار	اوهار + لهر	لهرائڻ مان هوا ۾
ڊاباٿو	ڊاپ + اڳانهون	گاڏي جي اڳئين حصي تي بار هئڻ.
اول پتڻ	اول + پن	پهريان نڪتل گونچ ۽ درياءَ تي پتڻ جي ڳولا.
اولڙو	اولو + موڙو	موٽندڙ عڪس
اولڙ	اول + هلر	مال گاهہ ڪائي بچائي
اوچڻ	اوڙهہ + وچاڻ	ڍڪ، پائڻ
هوئنٽرو، ائونٽرو	هانءُ + اوٽ + وارو	حرڪتي
اَئونري	هانءَ + اُوري	
اهال	اهم + رمل	حال اورڻ
ڳراڙي	ڳراهہ + اوڙي	ياڪر پائڻ

پائُو	بابا! + هو	بار جو ڊپ ۾ چوڻ
هلڪو تپ، تونس، بانٺ	بوءِ + بانس	خقت. گهٽي ڪائڻ جي هوس
ٻُگو	ٻبي + اُگهو	ٽڻ مان ڪير ڏائڻ
بوڻ	ٻاهَر + لوڻ	ٻاڙ
بلاٽتو	بل + آٽتو	هٽيڪو
بوئي	ٻون + واهي	لوءِ جو
ٻُهرو، بوئرو	ٻون + ويڙهو	(فارسي ۾ بهرو) زمين اندر جاءِ
باتاڙ	بات + تاڙ	اُڪير
ٻاڙ	باٽ + تاڙ	تانجي، سِڪ
ٻانڌاٽي	ٻڌو + ڏيهاٽي	ٻول ۾ ٻڌل، عادتي
برگهل، ڏرگهل	ڏار + گهر	ڳڙڪ، لوگهو
ٻُڪل	بوٽ + ڍڪيل	چادر ڍڪڻ جو نمونو
بوڪاني	ٻڪل + اوڍڻي	ڪپڙي ويڙهڻ جو نمونو
بلر	بل + وڪر	لُري، ڳنڍ
ٻونجهر	ٻاهون + ويجهر	
ٻنيو	ٻني + اُيو	لنگهه، دروازو
ٻڌ	ٻٽَ + واڌ	جهل، ٻڌل حالت
مسٽاٽو	سخت + ٽاٽو	ڏکيو وقت
ٻيجارو	ٻجن + بارو	نسريل ٻج
پرانگهه، پيلانگهه	ٻيءَ + لانگ	وڪ
ياڳيو	ياڳ + پرايو	مال وارو
ينبدي	يان، ينب + ونبدي	گهبي ڪلڪل
يونگلو، يونگلاڙ	يونگي + ڳولائو	يونگز جو ڳوٺ/علائقو
جانٺو	جان + ينو	مضبوط
گهوررڙيو	گهمي + رڙيو	در در سامان کپائڻ وارو

ڪڏو	ڪسو + اونڌو	خراب، گهٽ
پيت	پير + پانت	روش، چال
ڳراهٽي	ڳلي + اوراهٽ	گلي لائڻ
ڪاٽڪو	ڪـــات + ڪـٽـڪـــو، ڪاٽ + ڪٽو	نامي گرامي، چور، پاٽاريدار
پينڊي	پنڊ + اوڊٽي	پنڊ معنيٰ ڪپاهه يا ڪچو سُٽ ان سان اوڏٽي تي ٻڙيون ٻڌبديون آهن.
اَيومي	اڻ + يوم (فارسي ربوم)	اڻ يونءُ/اڻ واقف
وڄا	وائي + اُڄا	عقل
پريان	پريان + اهڃاڻ	پري ڪان سڃاپڃڻ
راوت	راءِ + رهت	سورهيه، بهادر
مهندان	مُنهن + هنڌان	اڳيان

محترم ولي محمد طاهرزادو، سنڌي ٻولي ۽ لوڪ ادب جي مخلص خدمتگارن منجهان هڪ وڏو نالو آهي. هن جا وڏا ڪڇ کان لڏي اچي ٽنڊي الهيار ۾ رهيا.

ولي محمد طاهرزادو اصل ۾ هڪ مهان داستان گو هو. جنهن وٽ سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي لهجي جي لفظن جا اڻکٽ انبار هئا. ڪچهريءَ جي ڪوڏئي هن سڄاڻ سگهڙ وٽ ”رات ڪٽجي وڃي پر بات نہ ڪٽي“ واري ڏات ۽ ڏانءُ هئڻ سان گڏ ڪيس سنڌي لوڪ ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بقا ۽ ترقيءَ جو وڏو اونو رهندو هو. انڪري هن جي لکڻين ۾ ٻولي ۽ محاوري سان گڏ تاريخ ۽ ثقافت جو گهرو سٻنڌ نظر ايندو. ”سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو“ جي منڍ ۾ هن اهڙو تاريخي وچور ڏئي ثابت ڪيو آهي تہ هن جي سگهڙائپ واري فڪر جو تاڃي پيٽو سنڌ جي قديم تاريخ مان اسريل آهي. ان ريت هو پنهنجي سماج جي بقا جو سوال تاريخ ۽ ثقافت سان ڳنڍيندي نظر اچي ٿو.

هن سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لوڪ ادب اسڪيم جي ڪارڪن جي حيثيت ۾ پير پاتو، پوءِ بورڊ ۾ پروف ريڊر جي حيثيت ۾ ڪتابن جي سوڌ سنوار ڪندي رٽائر ڪيائين. زندگيءَ جي آخري پل تائين لکڻ وارو ڪم نہ ڇڏيندڙ سنڌي لوڪ ادب جي هن ڳُڻن واري خدمتگار جو جنم 1923ع ۾ ٿيو ۽ هو 31- مئي 2006ع تي پنهنجي اباڻي شهر ٽنڊي الهيار ۾ گذاري ويو.

- عبدالحفيظ قريشي

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.